بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

أَحسَنُ البَيان فِي تَفسِيرِ القُرآن

حضرت العلامہ مولانا محمد ادریس کاندھلوی

ناشر

ادارۂ خدمۃ القرآن والسنۃ







بسم الله الرحمٰن الرحيم

إِنَّ هَٰذَا الْقُرْآنَ يَهْدِي لِلَّتِي هِيَ أَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِينَ (الاسراء)

تحقيق ۾ قرآن هدايت ڪري ٿو ان (واٽ) لاءِ جيڪا صفا سڌي آهي ۽ ايمان وارن

کي خوشخبري ڏي ٿو

أَحْسَنُ الْبَيَانِ فِي تَفْسِيرِ الْقُرْآنِ

حضرت الحاج مولانا محمّد ادريسؒ ڏاهري

ناشر:

ادارهٔ خِدمةُ القرآنِ والسُنّة

شاهپور جهانيان ضلع نوابشاه

نالو :

اَحسَنُ البیان فـــی تفسِیرِ القُرآن

مفسّر : شیخ التفسیر والحدیث
حضرت الحاج مولانا محمّد ادریس ڈاهري

مهتمم جامعه مُحمّدیه مدیر ادارهٔ خدمة القران والسُنّة - شاهپور جهانیاں

0244-314244 - 0300-3028840
0301-3814120 - 03342822660

تاریخ اشاعت : 2006

چپائیندڙ : ادارهٔ خدمة القرآن والسنة
شاهپور جهانیان ضلع نواب شاه سنڌ

پریس : ضیاء القرآن پبلیکیشنز لاهور

زیر نگرانی : صاحبزاده عاشق حسین ڈاهري
صاحبزاده حافظ احسانُ الله ڈاهري
صاحبزاده قاري محمّد اسد الله ڈاهري

ملڻ جو هنڌ

جامعه محمدیه

شاهپور جهانیان ضلع نواب شاه سنڌ

إِنَّ هٰذَا الْقُرْاٰنَ يَهْدِيْ لِلَّتِيْ هِيَ اَقْوَمُ وَيُبَشِّرُ الْمُؤْمِنِيْنَ (الاسراء)

تحقيق هيءُ قرآن هدايت كري ٿو ان (واٽ) لاءِ جيڪا صفا سڌي آهي ۽

ايمان وارن کي خوشخبري ڏي ٿو

احسن البيان
في
تفسير القرآن

مفسر:

حضرت الحاج مولانا محمد ادريس ڏاهري نقشبندي

ناشر ادارہ خدمة القرآن والسنة شاهپور جهانيان - ضلع نوابشاهه

كتاب جو نالو: ——— احسن البيان في تفسير القرآن
مفسر: ——— شيخ التفسير والحديث حضرت علامه الحاج مولانا محمد ادريس
ڏاهري نقشبندي **فون نمبر: 0244-314244 موبائل: 0300-3028840**
مهتمم: جامعه محمديه و مدير اداره خدمة القرآن والسنة شاهپور جهانيان
كمپوزر: ——— عبدالمقيت پتو (منصوري)

ڇپائيندڙ: ——— اداره خدمة القرآن والسنة شاهپور جهانيان ضلع نوابشاه. سنڌ
سن اشاعت: جمادي الاول **١٤٢٦هـ** مطابق جون **2005ع**
ڇاپيندڙ: سيد واجد علي حسني نيو گرين پرنٽرس صدر حيدرآباد. فون: 784848
هديو: ——— ٧٠٠ روپيا

ملڻ جو هنڌ

جامعه محمديه شاهپور جهانيان ضلع نوابشاه. سنڌ

مضمونن جي فهرست

سورة القصص جو تعارف

هن پلاري سورة جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ گهرجن.

نالومبارڪ

هن سورة جو نالو "القصص" آهي جيڪو هن جي آيت ٢٥ جي جملي "وَقَصَّ عَلَيۡهِ الۡقَصَصَ" مان ورتل آهي لغوي اعتبار سان (قصص) جي معنيٰ آهي واقعن ڪي ترتيب وار بيان ڪرڻ. ان لحاظ سان هي لفظ معنيٰ جي اعتبار سان به هن سورة جو عنوان ٿي سگهي ٿو. ڇو ته هن ۾ حضرت موسيٰ علىٰ نبينا و عليه الصلوة والسلام جو قصو بيان ڪيل آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد

هن پلاري سورة ۾ نو (٩) رڪوع اٺاسي (٨٨) آيتون چار سوءِ ايڪيتاليهه (٤٤١) ڪلما ۽ پنج هزار اٺ سوءِ (٥٨٠٠) حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟

هيءَ سورة مڪيه آهي نحاس، ابن الضريس ابن مردويه ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ۽ ابن مردويه عبدالله بن زبير کان روايت آندي آهي ته "سورة القصص" (مڪه مڪرمه) ۾ نازل ٿي آهي. (٢)

نزول جو زمانو

هيءَ سورة نبي مڪرم صلي الله عليه وسلم جن جي مڪي زندگيءَ جي وچ واري دور ۾ نازل ٿي هئي. حضرت ابن عباس ۽ جابر بن زيد جو قول آهي ته "سورة الشعراءَ"، سورة "النمل" ۽ "سورة القصص" هڪ ٻئي کان پوءِ نازل ٿيون هيون. (٣)

اڳيئن سورة سان مناسبت ۽ تعلق

جيڪي ڳالهيون اڳئين سورة ۾ مجمل هيون اهي هن ۾ مفصل بيان ڪيون ويون آهن. (٤) جيئن غور سان پڙهندڙن جي اڳيان واضح ٿيندو.

(١) خازن صـ٣٩٥ـ جلد ٣ (٢) الدرالمنثور صـ٣٨٩ـ جلد٦ (٣) تفهيم القرآن صـ٦١٠ـ جلد٣ ضياء القرآن صـ ٤٧٣ـ جلد ٣ (٤) روح المعاني صـ٤١ـ جزء٢٠ جلد ٧

مضمون

هيءَ سورة سڄي روشنيءَ جو مينار آهي جيئن ٻيون سورتون پر هتي ٽي ڳالهيون خصوصي توجه جو مرڪز آهن ١: استعماري طاقتن، ايمان جي نور کان محروم جابر حڪمرانن جو هميشه هي دستور رهيو آهي تہ اهي پنهنجي اقتدار کي برقرار رکڻ جي لاءِ پنهنجي رعيت جي مختلف طبقن ۾ منافرت پيدا ڪندا رهندا آهن ۽ انهن جي سموري ڊپلوميسي ماڻهن کي هڪ ٻئي سان ويڙهائڻ ۽ انهن ۾ عداوت پيدا ڪرڻ ۾ مصروف هوندي آهي انهن کي ان سان ڪو غرض نہ آهي تہ منافرت ۽ عداوت جي جيڪا باهہ انهن ڀڙڪائي آهي ان ۾ ڪيتريون جانيون سڙي ڇار بنجي وڃن ٿيون ڪيترا گهر اجڙي وڃن تا ملڪ جي ترقي رڪجي وڃي ٿي پر انهن جي سامهون صرف پنهنجي اقتدار کي مستحڪم ڪرڻ هوندو آهي جيڪڏهن سندن رعيتن ۾ ٻڌي ۽ اتفاق پيدا ٿي وڃي تہ اهي هڪ ڏينهن جي لاءِ بہ سندن ظالمانہ حڪومت کي برداشت نہ ڪندا اهي ماڻهو ان خطري کان بخوبي واقف آهن قرآن ڪريم هن سورة ۾ فرعوني سياست جي هر پهلوءَ کي چڱيءَ طرح بي نقاب ڪيو آهي تانت ڪو بہ شخص اهڙن حڪمرانن جي مڪر ۽ بلند دعوائن کان ڌوڪو نہ کائي ۽ "ماڻهو منهن ۾ مٺڙا ۽ اندر ۾ ڪارا نانگ" حڪمرانن کان هوشيار رهن ٢: ٻي شيءِ جيڪا هن سورة ۾ تفصيل سان بيان ڪيل آهي اهو هڪ سرمايہ درا جي ذهن جو تجزيو آهي قارون وٽ دولت جا ڍير هئا سندس گڏ ڪيل خزانن ۽ دولت جو اندازو لڳائڻ آسان نہ هو ان مان اندازو لڳايو تہ ان جي چاٻين جو وزن ايترو ڳرو هو جنهن کي کڻڻ جي لاءِ وڏي طاقتور جماعت هوندي هئي دولت جي ايتري ڪثرت جي باوجود ان جي دل ايتري سخت ۽ سينو تنگ هو جو ان کي ڪليم الله (علىٰ نبينا وعليـــــه الصلوة والسلام) جهڙي اولوالعزم پيغمبر نصيحت ڪئي تہ "جيئن الله توتي احسان ڪيو آهي تيئن تون بہ (ٻين تي) احسان ڪر" تہ اهو ان کي دل سان ٻڌڻ جي لاءِ تيار نہ هو بلڪ وڏي بيحائيءَ سان پنهنجي ڪريم رازق جي ڪرم جو انڪار ڪرڻ لڳو ۽ ڪليل چوڻ لڳو تہ مون کي سون ۽ چانديءَ جا هي ڍير الله جل شانہ ڪو نہ ڏنا آهن پر اهي منهنجي ذهانت، معاملـہ فهمي ۽ ڪاروباري مهارت جو نتيجو آهن ۽ جنهن جي بہ ذهن ۾ اها ڳالهہ ويهي وئي اهو پنهنجي دولت خلق خدا جي امداد ۽ خدمت ۾ خرچ نہ ڪندو بلڪ اهڙن ماڻهن وٽ مسڪين ماڻهو نوڪرون ڪائيندي زندگي گذاريندا آهن ۽ اهي هر فساد جو اصل ۽ بنياد هوندا آهن حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـہ الصلوٰة والسلام

ٻہ قارون کي هدايت کندي فرمايو هو "زمين ۾ فساد طلب نہ کر" ٣: آيت ع ـ٥٧ـ ۾ غور کرڻ سان انهن ماڻهن جون غلط فهميون بالکل ختم ٿي وڃن ٿيون جيڪي اسلامي نظام معاشيات، اسلامي قانون ۽ اسلام جي اخلاقي نظام کي پنهنجي ملڪ ۾ رائج کرڻ کان نٽائيندا آهن ۽ اهي ائين سمجهندا آهن تہ جيڪڏهن هلندڙ دور ۾ اسان اسلامي نظام نافذ کيو تہ دنيا جون ترقي يافتہ قومون اسان کان اکيون ڦيرائي ويندیون ۽ اسين اکيلا، مفلس ۽ بي يارو مددگار رهجي وينداسون هن آيت ۾ غور کرڻ سان اهي سيئي غلط فهميون دور ٿي وڃن ٿيون.

پڙهڻ جا فائدا ۽ برڪتون

علماءِ عاملين قرآن کريم جي هن سورة کي وظيفي طور پڙهڻ جا تمام گهڻا فائدا لکيا آهن جن مان ڪجهہ هي آهن.

ع ـ١ـ جيڪڏهن کو بيمار آهي تہ شفاءَ حاصل کرڻ جي نيت سان هن سورة پاڪ کي ٣ ڏينهن پڙهي پنهنجي مٿان ڦيٹو وجهي تہ انشاءَالله العزيز جلد شفاياب ٿيندو.

ع ـ٢ـ جيڪڏهن کو شخص غائب ٿي ويو آهي ان جي سلامتيءَ سان گهر واپس اچڻ جي ارادي سان هيءَ سورة پڙهي ويندي تہ انشاءَالله تعاليٰ جلد واپس پهچندو.

ع ـ٣ـ هيءَ سورة پاڪ لکي پاڪائيءَ ۽ ادب سان گڏ رکڻ واري کي انشاءَالله تعاليٰ بي حساب برڪتون ۽ فتوحات حاصل ٿيندي.



وَهِيَ ثَمَانٍ وَّثَمَانُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْقَصَصِ مَكِّيَّةٌ	وَتِسْعُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها ٨٨ اٺاسي آيتون	سورة القصص مڪيه آهي	۽ نوَ (٩) رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

طٰسٓمّٓ (١) تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ (٢) نَتْلُوْا عَلَيْكَ مِنْ نَّبَاِ

طا. س. م هي آيتون ڪتاب روشن جون آهن پڙهون ٿا اوهان تي خبر سچي

مُوْسٰى وَفِرْعَوْنَ بِالْحَقِّ لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ (٣) اِنَّ فِرْعَوْنَ عَلَا فِى الْاَرْضِ

موسىٰ ۽ فرعون جي ايمان واري قوم لاءِ بلاشڪ فرعون غلبو حاصل ڪيو زمين ۾

وَجَعَلَ اَهْلَهَا شِيَعًا يَّسْتَضْعِفُ طَآئِفَةً مِّنْهُمْ يُذَبِّحُ

۽ بنايائين رهاڪن ان جي کي ٽولا ٽولا هيڻو پيو ڪري هڪ جماعت کي انهن مان ڪهي پيو

اَبْنَآءَهُمْ وَيَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ۭ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ (۴) وَنُرِيْدُ

سندن پٽن کي ۽ جيئريون ڇڏي پيو سندن عورتون بيشڪ اهو هو فسادن ڪندڙن مان ۽ ارادو ڪيون پيا

اَنْ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا فِى الْاَرْضِ وَنَجْعَلَهُمْ اَئِمَّةً

تہ احسان ڪيون انهن تي جيڪي ضعيف بنايا ويا زمين ۾ ۽ بنايون انهن کي اڳواڻ

وَّنَجْعَلَهُمُ الْوٰرِثِيْنَ (۵) وَنُمَكِّنَ لَهُمْ فِى الْاَرْضِ وَنُرِيَ فِرْعَوْنَ

۽ بنايون انهن کي وارث ۽ طاقت ڏيون اسين انهن کي زمين ۾ ۽ ڏيکاريون فرعون

وَهَامٰنَ وَجُنُوْدَهُمَا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَحْذَرُوْنَ (٦)

۽ هامان ۽ انهن جي لشڪرن کي انهن مان اها (سزا) جنهن کان ڊڄندا هئا.

تفسير

اڳيئن سورت جي آيتن ۾ حضرت موسىٰ ۽ حضرت هرون علىٰ نبينا و عليهما الصلوٰة والسلام جو مختصر بيان هو ۽ هن سورت جي هنن آيتن ۾ ننهي پلارن جو

تفصيل سان ذڪر آڻيندي ارشاد ٿي رهيو آهي "طٰسٓمٓ" هي مقطعات حرف آهن اڪثر مفسر لکن ٿا تہ انهن جي معنىٰ الله جل شانــہ ڄاڻي ٿو ۽ علامہ حقي عليــہ الرحمــة لکيو آهي تہ: "طا" ۾ نبي ڪريم عليــہ الصلوٰة والسلام جي قلب مبارڪ جو غير جي محبت کان طهارت (پاڪ هجڻ) ۽ الله جي ذات کي هڪ مڃيندڙن جي اسرار کي غير جي شهود کان پاڪ هجڻ ڏانهن اشارو آهي ۽ "سين" سان الله جل شانــہ جي محبت وارن جي سر (راز) ڏانهن اشارو آهي ۽ "ميم" سان سندس ساري مخلوقات تي منــة (مهرباني) ڏانهن اشارو آهي (١)

"تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ" هي روشن ڪتاب جون آيتون آهن. يعني پاڻ بہ روشن آهي ۽ جيڪي احڪام ۽ قصا وغيره هن ۾ بيان ڪيل آهن انهن کي بہ نهايت واضح ڪري بيان ڪيو اٿس: "نَتْلُوْا عَلَيْكَ مِنْ نَّبَاِ مُوْسٰى وَفِرْعَوْنَ بِالْحَقِّ لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ" اسين توتي موسىٰ ۽ فرعون جي حق سان خبر پڙهون ٿا ان قوم جي لاءِ جيڪي ايمان آڻين ٿا. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليــہ الصلوٰة والسلام جو ذڪر اڳ ۾ بہ متعدد مقامات تي ڪيو ويو آهي پر هتي ان جي قصي جا اهي حصا بيان ڪيا وڃن ٿا جيڪي ڪنهن ٻيءِ جاءِ تي ذڪر ڪيل ناهن ۽ هن جو مقصد صرف داستان بيان ڪرڻ ناهي پر انهن اهل ايمان جي دلين کي تازگي ڏيڻ آهي جيڪي گهڻي عرصي کان مشرڪن جي ظلمن جو نشان بڻيل هئا تانت انهن کي يقين ٿي وڃي تہ: جنهن الله جل شانــہ فرعون جهڙي متشدد، ڇڙواڳ بادشاهہ ان جي گهڻي لشڪر ۽ سندس تنگ دل قبطي قوم کي غرق ڪري بني اسرائيل جهڙي ڪمزور قوم کي انهن تي ڪامياب ڪيو اهو ئي الله انهن جي مدد ڪري کين ڪامياب ڪندو.

"اِنَّ فِرْعَوْنَ عَلَا فِي الْاَرْضِ وَجَعَلَ اَهْلَهَا شِيَعًا يَّسْتَضْعِفُ طَآئِفَةً مِّنْهُمْ يُذَبِّحُ اَبْنَآءَهُمْ وَيَسْتَحْيٖ نِسَآءَهُمْ ۭ اِنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُفْسِدِيْنَ" بيشڪ فرعون زمين ۾ غلبو حاصل ڪيو ۽ ان جي رهاڪن کي ٽولا ٽولا بنايائين انهن مان هڪ جماعت کي ڪمزور بنائي ڇڏيو انهن جي پٽن کي ڪهي ڇڏيو ۽ انهن جي عورتن کي زنده ڇڏي ڇڏيو بلاشڪ اهو فساد ڪندڙن مان هو. هتان کان فرعوني سياست جا سڀ حال احوال مختصر لفظن ۾ جنهن عمدگيءَ سان بيان ڪيا وڃن ٿا اهو ان امرجو واضح دليل آهي تہ هي قرآن حڪيم الله، عليم ۽ خبير جو ڪلام آهي جنهن کان ڪنهن جابر بادشاهہ جابہ اسرار لڪل ناهن پهريان اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ فرعون مصر جو اهڙو حڪمران هو جنهن جي دل ۾ پنهنجي رعيت جي لاءِ ڪابہ همدردي، شفقت ۽ خيرخواهي نہ هئي اهو هڪ

(١) روح البيان صـ ٣٨٠ـ جلد ٦

مغرور ۽ متڪبر بادشاھ ھو جنھن جي پيش نظر فقط پنھنجا ذاتي مفاد، پنھنجي حڪومت جو استحڪام ۽ پنھنجي رعب ۽ دٻدٻي جو بقاءُ ھو. ۽ انھن ڳالھين کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اھو غير انساني حرڪتن ڪرڻ کان بہ نہ مڙندو ھو پنھنجي قوم وارن کي پاڻ ۾ ويڙھائي ڪمزور ڪندو ھو ۽ بني اسرائيل جي پٽن کي قتل ڪرائي انھن جي عورتن کي جيئرو ڇڏڻ جي لاءِ حڪم ڪندو ھو اھو فساد ڪندڙ ماڻھو ھو "وَنُرِيْدُ اَنْ نَّمُنَّ عَلَى الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا فِى الْاَرْضِ وَنَجْعَلَهُمْ اَئِمَّـــةً وَّنَجْعَلَهُمُ الْوَارِثِيْنَ" ۽ ارادو ڪيون پيا تہ انھن تي تورو ڪيون جيڪي زمين ۾ ڪمزور سمجھيا ويا ھئا ۽ انھن کي اڳواڻ بنايون ۽ انھن کي وارث بڻايون مطلب تہ اسان جي مشيت ۾ ھو تہ اسين انھن ڪمزورن تي احسان ڪري کين اڳواڻ ۽ وارث بنايون. الله جل شانــه جي طرفان ان مشيت ۽ ارادي جو اظھار ھيئن ٿيو جو حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام تي وحي الاھي ۽ توراة جو نزول ٿيو ان قوم کي الاھي شريعت عطا ڪئي وئي ۽ انھن مان ڪيترا انبياءَ عليھم الصلوٰة والسلام ظھور پذير ٿيا ۽ کين فرعون جي غلاميءَ کان آزادي ڏئي شام ۽ فلسطين جي حڪومت بہ عطا ڪئي وئي عارفن بزرگن ھتي اھو نڪتو بہ ورتو آھي تہ ڪمزور ۽ مظلوم ھجڻ الاھي نصرت ۽ مدد حاصل ڪرڻ جو ذريعو آھي (١)

"وَنُمَكِّنَ لَهُمْ فِى الْاَرْضِ وَنُرِىَ فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ وَجُنُوْدَهُمَا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَحْذَرُوْنَ" ۽ انھن کي زمين ۾ طاقت ڏيون ۽ فرعون ۽ ھامان ۽ سندن لشڪرن کي اھو ڏيکاريون جنھن کان ڊڄندا ھئا. مطلب تہ سندن ھر تدبير کي ناقص بنائي پنھنجي تقدير ۽ قضا کي مٿن غالب بنايون. ھامان جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ ھتي ڀھريان ڀھريان آيو آھي. اھو ڪير ھو؟ يھودي ۽ نصارىٰ چون ٿا تہ ان نالي سان مصر ۾ ڪير بہ ڪو نہ ھو البت ايران ۾ ان نالي سان ھڪ شخص گذريو آھي. پر اھو سندن عقيدو بالڪل ڪفر ۽ قرآن پاڪ جي نص جي خلاف آھي. مفسرن لکيو آھي تہ: ھامان فرعون جو وزير ھو جيڪو ظلم ۽ ستم جي ڪمن ۾ سندس شريڪ ۽ پائيوار رھندو ھو. اھي سيئي جنھن خطري کي محسوس ڪري بني اسرائيل جي ھزارين ٻچن کي ڪھندا ھئا اھو ئي حال کين ڏيکاري سندس سامھون آندو ويو ابن ابي حاتم سدي کان روايت آندي آھي تہ فرعون خواب ۾ڏٺو ھو تہ ھڪ باھ بيت المقدس کان آئي ۽ جڏھن مصر ۾ پھتي تہ صرف فرعون جي قوم وارن قبطين جي گھرن کي ساڙي ڇڏيائين ۽ بني اسرائيلن کي ڪجھ بہ نہ ڪيائين. ھڪدم جادوگر، پوپا ۽ فال وجھندڙ گھرائي

(١) حاشيه دريابادي ص ٧٨٠ـ

انهن کان ان خواب جو تعبير پڇيائين انهن چيس ته بيت المقدس کان هڪ مڙس نڪرندو جنهن جي هٿ تي مصر وارا هلاڪ ٿيندا. پوءِ آرڊر ڏنائين ته بني اسرائيل ۾ ڪو به پٽ ڄمي ته ان کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن ڪا ڇوڪري ڄمي ته ان کي قتل نه ڪيو ۽ بني اسرائيل کان گندگي ڪڍائڻ جو ڪم وٺو. هلندي هلندي الله جل شانــه جي قدرت سان بني اسرائيل جي وڏي عمر وارن ۾ اهڙي ڪا بيماري پئي جو جلد جلد مرڻ لڳا ۽ فرعون جي قوم وارن کي ڊپ ٿيو ته جيڪڏهن پوڙها مري ويا ۽ ننڍا ڪسي ويا ته پوءِ اسان جي خدمت ڪير ڪندو. اها ڳالهه ذهن ۾ رکي سيئي قبطي فرعون وٽ آيا ۽ کيس چيائون ته هن حال ۾ بهتر آهي ته هڪ سال ۾ بني اسرائيل جا پٽ کهي ڇڏيو ۽ هڪ سال جيئرا ڇڏيو تانت اهي اسان جا غلام رهن ۽ خدمت ڪن فرعون اهو مشورو قبول ڪري اهڙو آرڊر جاري ڪيو. پوءِ جنهن سال ۾ ٻار ڪٺائون ٿي ان سال حضرت موسىٰ علىٰ نبينا و عليــه الصلوٰة والسلام پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ تشريف فرما ٿيو ۽ جنهن سال ۾ نه ٿي ڪٺائون ان سال ۾ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا عليــه الصلوٰة والسلام ڄائو سندس والده غمگين رهي پر الهام جي ذريعي کيس سمجهايو ويو ته ڪاٺ جي هڪ صندوق ٺهرائي ان پٽ کي انهيءَ ۾ وجهي درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏ. (١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع١ـ "لِقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ" (ان قوم جي لاءِ جيڪي ايمان آڻين ٿا) مان واضح ٿيو ته قرآن پاڪ ۾ مذڪوره واقعا مومنن کي فائدو ڏيندا اهي ئي انهن مان نصيحت حاصل ڪري الله جل شانــه کي راضي بنائيندا.

ع٢ـ "يُذَبِّحُ اَبۡنَآءَ هُمۡ" (انهن جي پٽن کي کهي پيو) مان واضح ٿيو ته فرعون نهايت ظالم هو جنهن پنهنجي دور ۾ ننڍڙا ٻچڙا قتل ٿي ڪرايا ۽ پنهنجي اقتدار کي طول ڏيڻ لاءِ قتل ڪرائيندڙ فرعون جا ساٿي ۽ ان جي طرز تي عمل ڪندڙ آهن.

ع٣ـ "وَنَجۡعَلَهُمۡ اَئِمَّــةً وَّنَجۡعَلَهُمُ الۡوٰرِثِيۡنَ" (مان واضح ٿيو آهي ته الله جل شانــه جيڪڏهن گهري ته ضعيفن ۽ ڪمزورن مان دنيا جا اڳواڻ ۽ ظالمن جي ملڪيتن جا وارث بنائي ڇڏي.

(١) الدرالمنثور صـ٣٩٠ـ جلد ٦

وَاَوْحَيْنَاۤ اِلٰۤى اُمِّ مُوْسٰۤى اَنْ اَرْضِعِيْهِ ۚ فَاِذَا خِفْتِ عَلَيْهِ فَاَلْقِيْهِ

۽ الهام ڪيو اسان موسىٰ جي ماءُ کي هي تہ کير پيارا ن کي پوءِ جڏهن ڊپ ڪرين ان تي پوءِ

فِى الْيَمِّ وَلَا تَخَافِىْ وَلَا تَحْزَنِىْ ۚ اِنَّا رَآدُّوْهُ اِلَيْكِ

لوڙهي ڇڏ ان کي درياءَ ۾ ۽ نہ خوف ڪر ۽ نہ غم ڪر بيشڪ اسين موٽائيندڙ آهيون ان کي توڏانهن

وَجَاعِلُوْهُ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ (٧) فَالْتَقَطَهٗۤ اٰلُ فِرْعَوْنَ لِيَكُوْنَ لَهُمْ عَدُوًّا

۽ ڪندڙ آهيون ان کي پيغمبرن مان پوءِ لڌو ان کي فرعون جي گهراڻي وارن تانتہ هجي انهن لاءِ دشمن

وَّحَزَنًا ۗ اِنَّ فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ وَجُنُوْدَهُمَا كَانُوْا خٰطِئِيْنَ (٨) وَقَالَتِ امْرَاَتُ فِرْعَوْنَ

۽ ڏک (جو سبب) بيشڪ فرعون ۽ هامان ۽ سندن لشڪر هئا خطا ڪندڙ ۽ چيو زال فرعون جي

قُرَّتُ عَيْنٍ لِّىْ وَلَكَ ۗ لَا تَقْتُلُوْهُ ۖ عَسٰۤى اَنْ يَّنْفَعَنَاۤ اَوْ نَتَّخِذَهٗ وَلَدًا

ٺار اکين جو آهي مون لاءِ ۽ تولاءِ نہ قتل ڪيو ان کي ويجهو آهي جو نفعو ڏي اسان کي يا بنايون ان کي پٽ

وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ (٩) وَاَصْبَحَ فُؤَادُ اُمِّ مُوْسٰى فٰرِغًا ۗ اِنْ كَادَتْ لَتُبْدِىْ بِهٖ

۽ اهي نہ تاسمجهن ۽ صبح ڪئي موسىٰ جي ماءُ جي دل بي قرار تي ويجهي هئي جو البت ظاهر ڪري انکي

لَوْلَاۤ اَنْ رَّبَطْنَا عَلٰى قَلْبِهَا لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ (١٠)

جيڪڏهن نہ هجي ها هيءَ (ڳالهہ) جو ڳنڍ ڏني اسان دل ان جي تي تانتہ هجي مومنن مان

وَقَالَتْ لِاُخْتِهٖ قُصِّيْهِ ۫ فَبَصُرَتْ بِهٖ عَنْ جُنُبٍ وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ۙ (١١)

۽ چيائين ڀيڻ ان جي کي تہ پير کڻ ان جو پوءِ ڏٺائين تي ان کي پري کان ۽ اهي نہ پيا سمجهن

وَحَرَّمْنَا عَلَيْهِ الْمَرَاضِعَ مِنْ قَبْلُ فَقَالَتْ هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰۤى اَهْلِ بَيْتٍ

۽ حرام ڪيو اسان انتي داين (جي کير) کي اڳ ۾ پوءِ چيائين تہ ڇا ڏس ڏيان اوهان کي اهڙي گهراڻي جو

يَّكْفُلُوْنَهٗ لَكُمْ وَهُمْ لَهٗ نٰصِحُوْنَ (١٢) فَرَدَدْنٰهُ اِلٰۤى

جيڪي سنڀالين ان کي اوهان جي لاءِ ۽ اهي ان جي لاءِ خير خواهہ آهن پوءِ موٽايوسون ان کي سندس

اُمِّهٖ كَىْ تَقَرَّ عَيْنُهَا وَلَا تَحْزَنَ وَلِتَعْلَمَ اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلٰكِنَّ

ماءُ ڏانهن تانتہ ٺري اک ان جي ۽ نہ غمگين ٿئي ۽ تانتہ ڄاڻي تہ بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي ۽ پر گهڻا

أَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُونَ ع (١٣)

انهن مان نہ تا ڄاڻن

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل شانــــه ٻڌايو تہ اسين انهن تي احسان ڪنداسون جن ڪي زمين ۾ ضعيف بنايو ويو ۽ هتي ان احسان جو ڪجهہ حصو ٻڌائيندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاَوْحَيْنَآ اِلٰى اُمِّ مُوْسٰى اَنْ اَرْضِعِيْهِ فَاِذَا خِفْتِ عَلَيْهِ فَاَلْقِيْهِ فِى الْيَمِّ وَلَا تَخَافِىْ وَلَا تَحْزَنِىْ اِنَّا رَآدُّوْهُ اِلَيْكِ وَجَاعِلُوْهُ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ" ۽ اسان موسىٰ جي ماءُ کي الهام ڪيو تہ ان کي کير پيار پوءِ جڏهن ان تي ڊپ ڪرين پوءِ ان کي درياءَ ۾ اڇلاءِ ۽ نہ ڪو خوف ڪر ۽ نہ غم ڪر اسين ان کي تو ڏانهن موٽائيندڙ آهيون ۽ ان کي پيغمبرن مان بنائيندڙ آهيون. هتي "اَوْحَيْنَآ" مان مراد الهام ڪرڻ آهي جيئن سورت نحل ۾ آهي "وَاَوْحٰى رَبُّكَ اِلَى النَّحْلِ" (١) (۽ تنهنجي رب ماکيءَ جي مک کي الهام ڪيو) ۽ "اَلْيَمّ" سمنڊ کي چئبو آهي پر هتي ان مان مراد نيل درياءُ آهي ۽ "اِلتقط" التقاط کان ورتل آهي معنيٰ اوچتو ڪا شيءِ ليڻ (٢) مطلب تہ اسان (حضرت) موسيٰ (علىٰ نبينا وعليــــه الصلواة والسلام) جي ماءُ کي الهام ذريعي حڪم ڏنو تہ تون پنهنجي پٽ کي پنهنجو کير پياريندي رهہ جڏهن دشمنن جو ڊپ محسوس ڪرين تہ پوءِ ان کي ڪاٺ جي صندوق ۾ وجهي درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏ (جيئن سورت طٰـهٰ جي تفسير ۾ عرض ڪري آيا آهيون) ۽ ڪنهن بہ قسم جو خوف ۽ غم نہ ڪر تنهنجو اهو پٽ ضايع نہ ٿيندو ان جي جدائيءَ ۾ پريشان نہ رهہ اسين جلد ان کي تنهنجي رحمت واريءَ جهوليءَ ۾ موٽائي آڻينداسون نہ صرف اهو ٿيندو پر اسين ان کي رسالت سان نوازي مرسلن مان بنائينداسون. الله جل شانــــه جي ان فيصلي ۾ ڪا بہ طاقت رڪاوٽ نہ ٿي بنجي سگهي. هن آيت ۾ بہ امر آهن ١: "اَرْضِعِيْهِ" ٢: "وَاَلْقِيْهِ" بہ نهي آهن. ١: "لَا تَخَافِىْ" ٢: "وَلَا تَحْزَنِىْ" بہ خبرون آهن ١: "اِنَّا رَآدُّوْهُ اِلَيْكِ" ٢: "وَجَاعِلُوْهُ" انهن ٻنهي ۾ بہ بشارتون آهن موٽائڻ ۽ مرسل بنائڻ ۾ قرآن پاڪ جي فصاحت جي جلوه نمائي آهي. (٣) "فَالْتَقَطَهٗٓ اٰلُ فِرْعَوْنَ لِيَكُوْنَ لَهُمْ عَدُوًّا وَّحَزَنًا" پوءِ ان کي فرعون جي اهل ڪٽي ورتو تانت انهن جي لاءِ دشمن ۽ غم جو سبب بنجي. مفسرن لکيو آهي تہ "لِيَكُوْنَ" ۾ لام عاقبتہ بيان ڪرڻ جو آهي. فرعون جي گهراڻي وارن جو خيال هو تہ هي سندن جي لاءِ فائدي مند ٿيندو پر پڇاڙي ائين ٿيو جو اهو سندن لاءِ دشمن ۽ سندن مخالفت جي ڪري سندن ڏک جو باعث بڻيو (۴) "اِنَّ فِرْعَوْنَ وَهَامَانَ وَجُنُوْدَهُمَا كَانُوْا خٰطِئِيْنَ"

(١) النحل آيت ع٦٨ـ (٢) المراغي ص٣٦ـ جزء ٢ جلد ٧ (٣) المراغي ص٣٧،٣٨ـ جزء٢٠ جلد ٧ (۴) القرطبي ص٢٥٢ـ جلد ١٣

بلاشڪ فرعون ۽ هامان ۽ انهن جا لشڪر خطا ڪندڙ هئا. مطلب ته اهي سيئي گناهه ڪندڙ هئا پوءِ الله جل شانـــه انهن جي هٿان ان عظيم پيغمبر سڳوري علیٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام جي پرورش ڪرائي جنهن جي هٿان ڪين سزا ملي ۽ بڏي تباهه تي ويا "وَقَالَتِ امْرَاَةُ فِرْعَوْنَ قُرَّةُ عَيْنٍ لِّيْ وَلَكَ لَاتَقْتُلُوْهُ عَسٰٓى اَنْ يَّنْفَعَنَآ اَوْنَتَّخِذَهٗ وَلَدًا" ۽ فرعون جي زال چيو ته منهنجي لاءِ ۽ تنهنجي لاءِ اک جو ٺار آهي ويجهو آهي ته اسان کي نفعو ڏي يا اسين ان کي پٽ بنايون "وَهُمْ لَايَشْعُرُوْنَ" ۽ اهي سمجهن نه پيا وهب بن منبه فرمايو ته: جڏهن اها صندوق جنهن ۾ حضرت موسیٰ (علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) کي والده ماجده وجهي درياءَ ۾ لوڙهي آئي هئي ۽ سندس پيڻ پري کان ڏسندي تي آئي. جڏهن اها صندوق فرعون جي محلات جي اڳيان وهندڙ نهر ۾ آئي ۽ فرعون جي گهروارن اها ڏسي ٻاهر ڪڍي کولي ته ان ۾ حضرت موسیٰ (علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) کي ڏٺائون فرعون جي گهرواري آسيه بنت مزاحم جيڪا فرعون جي گهرواري ۽ بني اسرائيل مان هئي نهايت رحم دل، ڀلي نسل مان، مسڪينن جي مددگار هوندي هئي ان ڀلاريءَ حضرت موسیٰ (علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) کي ڏسي فرعون کي چيو ته هي ٻچو سال کان وڏي عمر جو ٿو لڳي توکي جنهن ٻار مان خطرو آهي اهو هن سال ۾ پيدا ٿيندو ان جي ڪري هن کي قتل نه ڪراءِ اهو منهنجي ۽ تنهنجي اکين جو ٺار آهي اهو عنقريب اسان کي نفعو ڏيندو يا ان کي پٽ بنائينداسون ۽ اهو ان جي ڪري چيو هيائين جو ڪيس حضرت موسیٰ (علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جي ٻن اکين مبارڪن جي وچ ۾ نور نظر آيو هو ۽ ڏٺائين ته سندس آڱر مبارڪ مان کير نڪري رهيو هو ۽ سندس وات مبارڪ جي لعاب لڳڻ سان هڪ ڪوڙهه وارو صحتياب ٿي ويو هو. (١)

الله جل شانه جي نبي لاءِ اکين جو ٺار چوڻ سان ايمان نصيب ٿيو

مفسرن لکيو آهي ته: آسية بنت مزاحم رضي الله عنها الله جل شانــه جي نبي لاءِ چيو ته: منهنجي اکين جو ٺار آهي ته ان کي ايمان نصيب ٿيو ۽ فرعون انڪار ڪندي ان وقت چيو هو ته: منهنجي اکين جو ٺار ناهي ته ان کي ايمان نصيب نه ٿيو (٢) حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته جيڪڏهن فرعون به اهي الفاظ چوي ها ته ان کي به ايمان نصيب ٿئي ها. (٣)

(١) المظهري ص١٤٦ـ جلد ٧ (٢) ساڳيو حوالو (٣) صفوة التفاسير ص٤٢٦ـ جلد ٢

"وَاَصْبَحَ فُؤَادُ اُمِّ مُوْسٰى فٰرِغًا اِنْ كَادَتْ لَتُبْدِيْ بِهٖ لَوْلَآ اَنْ رَّبَطْنَا عَلٰى قَلْبِهَا لِتَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ" ۽ موسىٰ جي ماءُ جي دل صبح جو بي قرار ٿي پئي ويجهي هئي ته اها ڳالهه ظاهر ڪري وجهي جيڪڏهن اسين ان جي دل تي مضبوط ڳنڍ نه هڻون ها تانت مومنن مان ٿئي. يعني حضرت موسٰى (علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام) جي والده پنهنجي پٽ کي درياءَ ۾ ڇڏي ته آئي پر ڪيس بي قراريءَ پريشان ڪيو ويٺي ويٺي کين پيارو پٽ ياد اچي رهيو هو ۽ ڪيس ڀي ڪا به ڳالهه ياد نه ٿي رهي قريب هو جو صبر جي دامن سندس هٿ مان نڪري وڃي پر الاهي الهام (ته اسين ان کي توڏانهن موٽائيندڙ آهيون) ڪيس تسلي ڏئي رهيو هو. اهو الله جل شانـــه جوئي قدرتي ڪرم هو جنهن ڪيس مضبوط رکيو ۽ ڳالهه ظاهر نه ڪيائين ته اهو منهنجو پٽ آهي ان ۾ اهو به فائدو هو ته سائڻ کي عين اليقين جي منزل ملي ۽ ايمان جو ڪمال حاصل ڪري. "وَقَالَتْ لِاُخْتِهٖ قُصِّيْهِ فَبَصُرَتْ بِهٖ عَنْ جُنُبٍ وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ" ۽ ان جي ڀيڻ کي چيائين ته پيرو کنيو وڃينس پوءِ اها ان کي پري کان ڏسندي رهي ۽ اهي نه پيا سمجهن. مطلب ته ان کي سمجهه ۾ نه آيو ته هيءَ ڪا ان جي ڀيڻ آهي جيڪا ڪيس ڏسڻ آئي آهي "وَحَرَّمْنَا عَلَيْهِ الْمَرَاضِعَ مِنْ قَبْلُ" ۽ اسان ان تي (سيئي) دايون پهريان ئي حرام ڪري ڇڏيون هيون. مطلب ته جڏهن ٻيبي آسيه بنت مزاحم رضي الله عنها فرعون کي حضرت موسىٰ (علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام) کي قتل نه ڪرڻ تي راضي ڪيو ته هاڻي ان کي کير پيارڻ جي لاءِ کنهن کي چنجي ان کي اهو فڪر پيدا ٿيو ۽ ڪيتريون دايون طلب ڪيون ويون پر الله جل شانـــه انهن سيني جو کير پيئڻ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام تي بند ڪري ڇڏيو ان جي لاءِ حرام ڪيو ويو ۽ پاڻ ڪنهن جو به کير نه پيتائين "فَقَالَتْ هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰٓى اَهْلِ بَيْتٍ يَّكْفُلُوْنَـــهٗ لَكُمْ وَهُمْ لَهٗ نٰصِحُوْنَ" پوءِ چيائين ته: ڇا مان اوهان کي اهڙي گهراڻي جو ڏس ڏيان جيڪي ان کي اوهان جي لاءِ پاليندا ۽ اهي سندس خيرخواه هوندا. يعني جڏهن حضرت موسىٰ (علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام) صفا انڪار ڪري بيٺو ۽ ڪنهن به دائيءَ جو کير نه پيتائين ۽ فرعوني ڪم ڪار وارا پريشان ٿيا تڏهن حضرت موسىٰ (علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام) جي ڀيڻ کين فرمايو ته: مان اوهان کي اهڙو گهراڻو ٻڌايان جو اهي هن کي سهڻي نموني پاليندا ۽ سندس خير خواهه هوندا اهو نهايت شريف گهراڻو آهي. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته جڏهن حضرت موسىٰ جي ڀيڻ ائين چيو ته پوءِ ان کي وٺي حضرت موسىٰ (علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام) کي ڪٽي سندس والده جي گهر آيا جڏهن سائڻ پنهنجي پٽ کي کير پياريو ته ان هڪدم پيئڻ شروع

ڪيو پوءِ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ هڪ ماڻهو فرعون جي حويليءَ ڏانهن بشارت ڏيندڙ موڪليائون. انهن حضرت موسىٰ (علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام) جي ماءُ کي گهرائي انعام ڏنو ۽ کو نہ سڃاتائون تہ ڪا هيءَ سندس امان سائڻ آهي حضرت بيبي آسيہ بنت مزاحم کيس چيو تہ ”اسان وٽ رهي هن ٻچي جي پرورش ڪر“ ان عرض ڪيو تہ ”اهو نہ ٿي سگهندو ڇو تہ مون کي مڙس ۽ اولاد آهي انهن کي ڇڏي مان اوهان وٽ رهي نہ سگهنديس. پر جيڪڏهن اوهان هن پٽ کي مون وٽ رهڻ پسند ڪندؤ تہ مان کيس پاڻ وٽ رهائي پاليندس ۽ سنڀاليندس“ آسيہ سائڻ اها ڳالهہ قبول ڪري بيبي صاحبہ جو خرچ وغيره مقرر ڪرايو ۽ کيس ڪپڙا، لٽا ۽ پيا گهڻا انعام ڏئي روانو ڪيو پوءِ حضرت موسىٰ (علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام) جي امان کيس ڪٺي نهايت خوش ٿي موٽي ۽ الله جل شانـــــه ساڻس ڪيل وعدو پورو ڪري، خوف ۽ خطرو دور ڪري کيس امن نصيب ڪرڻ فرمايو. ۽ انتظار ۽ پريشانيءَ جو وقت بہ تمام گهڻو نہ هو ڏينهن اڌ ۾ سڀ ڪم ٺهي ويا (١)

”فَرَدَدْنٰـهُ اِلٰٓى اُمِّـهٖ كَيْ تَقَرَّ عَيْنُهَا وَلَا تَحْزَنَ وَلِتَعْلَمَ اَنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ“ پوءِ اسان ان کي سندس ماءُ ڏانهن موٽايو تانت سندس اک ٺري ۽ غم نہ ڪري ۽ تانت ڄاڻي تہ بلاشڪ الله جو وعدو سچو آهي ۽ پر انهن مان گهڻا ڪو نہ ٿا ڄاڻن. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ حضرت موسىٰ جي ڀيڻ جو نالو مريم ۽ والده جو نالو يوحانذ هو الله تعالىٰ حضرت موسىٰ جي ڀيڻ مريم جي مشوري تي حضرت موسىٰ کي سندس والده ڏانهن واپس ورايو ۽ حضرت موسىٰ پنهنجي والده جي جهوليءَ ۾ ننڊ ڪئي ان کان اڳي فرعون کيس هنج ۾ ڪٺي ننڊ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر ننڊ نہ ڪيائين. فرعون حضرت موسىٰ جي والده کان پڇيو تہ هن ڇوڪري تنهنجو کير ڇو پيتو؟ تون هن جي ڇا ٿئين؟ بيبي صاحبہ فرمايو تہ ”هي نهايت نفيس مزاج آهي ۽ مان پاڻ کي گهڻو صاف رکندي آهيان تڏهن منهنجو کير پي آرام ڪيو اٿس.“ پوءِ فرعون بيبي صاحبہ جي تنخواه مقرر ڪئي، کائڻ، پيئڻ جو انتظام ڪيو ۽ بيبي صاحبہ کي ان پٽ کي ڪٺي وڃڻ جي اجازت ڏني. بيبي صاحبہ کي قرار آيو ۽ کيس يقين ٿيو تہ الله جو وعدو حق آهي پر گهڻن ماڻهن کي اهو علم ئي نہ آهي تہ الله جي وعدي جي ڪيتري اهميت آهي (٢)

(١) تفسير ابن ڪثير ص٣٨٢ـ جلد ٣ (٢) نورالعرفان ص٦١٦ـ

فائدا

مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا

ع١ـ "وَاَصۡبَحَ فُؤَادُ اُمِّ مُوۡسٰی فٰرِغًا" (۽ موسیٰ جي ماءُ جي دل صبح جو بي قرار ٿي پئي) مان واضح ٿيو تہ والدين جي محبت اولاد سان فطري ۽ بي اختيار هوندي آهي سائڻ سگهوريءَ کي الهام سان علم اليقين هو تہ سندس پٽ سلامتيءَ سان موٽي سندس جهوليءَ ۾ ايندو پر ان هوندي بہ بيقرار ٿي پئي هئي.

ع٢ـ "وَحَرَّمۡنَا عَلَيۡهِ الۡمَرَاضِعَ" (۽ اسان ان تي کير پيارينديون (عورتن جي کير کي حرام ڪري ڇڏيو) مان ثابت ٿيو تہ الله جل شانہ جي نبي کي اهو علم عطا ٿيل هو تہ هي منهنجي ماءُ کان سواءِ ٻيون دايون آهن مون کي صرف پنهنجي ماءُ جو کير پيئڻ جي اجازت آهي ۽ انهن داين جو کير نہ پيئڻ منهنجي ماءُ ڏانهن موٽڻ جو ذريعو بنجندو.

ع٣ـ "وَلِتَعۡلَمَ اَنَّ وَعۡدَ اللّٰهِ حَقٌّ" (۽ ته ڄاڻي تہ الله جو وعدو حق آهي) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانہ جو وعدو ضرور پورو ٿيندو ۽ ان ڏانهن امڪان ڪذب جي نسبت ڪرڻ قرآن پاڪ جي خلاف ۽ انتهائي بي ادبي آهي.

ع٤ـ حضرت موسیٰ علی نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام جي والده جي طرفان فرعون کان ملندڙ خرچ وٺڻ جائز هو. جيڪڏهن ناجائز هجي ها تہ الله جل شانہ اهڙو انتظام نہ ڪري ها بلڪ ان طريقي سان پنهنجي نبي علیٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام کي ان مان غذا حاصل ڪرڻ کان روڪي ها جيئن ٻين داين جي کير کان کيس محفوظ رکيائين ۽ والده وٽ واپس ڪيائين. (١)

وَلَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَاسۡتَوٰۤی اٰتَيۡنٰهُ حُكۡمًا وَّعِلۡمًا ؕ وَكَذٰلِكَ نَجۡزِی

۽ جڏهن پهتو پنهنجي جوانيءَ کي ۽ پختو ٿيو تہ ڏني سون ان کي حڪمت ۽ علم ۽ اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون

الۡمُحۡسِنِيۡنَ (١٤) وَدَخَلَ الۡمَدِيۡنَةَ عَلٰی حِيۡنِ غَفۡلَةٍ مِّنۡ اَهۡلِهَا فَوَجَدَ فِيۡهَا

ڀلارن کي ۽ داخل ٿيو شهر ۾ ان جي رهاڪن جي غافل هجڻ وقت پوءِ لڌائين ان ۾

(١) ساڳيو حوالو

رَجُلَيۡنِ يَقۡتَتِلَانِ ۖ هَٰذَا مِن شِيعَتِهِۦ وَهَٰذَا مِنۡ عَدُوِّهِۦ ۖ

ٻن مڙسن کي (جيکي) وڙهن پيا هي تولي ان جي مان هوء هي ان جي دشمن (جي قوم) مان هو

فَاسۡتَغَاثَهُ الَّذِي مِن شِيعَتِهِۦ عَلَى الَّذِي مِنۡ عَدُوِّهِۦ

پوءِ مدد گهري ان کان انهيءَ جيڪو سندس ٽولي مان هو انهيءَ تي جيڪو سندس دشمن (جي قوم) مان

فَوَكَزَهُۥ مُوسَىٰ فَقَضَىٰ عَلَيۡهِ ۖ قَالَ هَٰذَا مِنۡ عَمَلِ الشَّيۡطَٰنِ ۖ إِنَّهُۥ

هو پوءِ مڪ هنئي ان کي موسىٰ پوءِ پورو ڪيائين ان کي چيائين تہ هي شيطان جي ڪم مان آهي بيشڪ اهو

عَدُوّٞ مُّضِلّٞ مُّبِينٞ (١٥) قَالَ رَبِّ إِنِّي ظَلَمۡتُ نَفۡسِي فَاغۡفِرۡ لِي

دشمن گمراه ڪندڙ چٽو آهي چيائين تہ اي منهنجا پالڻهار! بلاشڪ مون ظلم ڪيو پنهنجي پاڻ تي پوءِ بخش ڪر

فَغَفَرَ لَهُۥٓ ۚ إِنَّهُۥ هُوَ الۡغَفُورُ الرَّحِيمُ (١٦) قَالَ رَبِّ بِمَآ أَنۡعَمۡتَ

مون کي پوءِبخش ڪيائين ان کي بيشڪ اهوئي بخشڻهار،مهربان آهي. چيائين تہ اي منهنجا پالڻهار!

عَلَيَّ فَلَنۡ أَكُونَ ظَهِيرٗا لِّلۡمُجۡرِمِينَ (١٧)

ان سببان جو نعمت ڪئي تو مون تي پوءِ هرگز نہ ٿيندس مان ڏوهارين جي مددگارن مان

فَأَصۡبَحَ فِي الۡمَدِينَةِ خَآئِفٗا يَتَرَقَّبُ فَإِذَا الَّذِي اسۡتَنصَرَهُۥ

پوءِ صبح ڪيائين شهر ۾ ڊڄندڙ انتظار پيو ڪري پوءِ اوچتو اهو شخص جنهن مدد ورتي هئي

بِالۡأَمۡسِ يَسۡتَصۡرِخُهُۥ ۚ قَالَ لَهُۥ مُوسَىٰٓ إِنَّكَ لَغَوِيّٞ مُّبِينٞ (١٨)

ان کان ڪالهہ مدد پيو گهري ان کان (پيو پيرو) چيو ان کي موسىٰ بيشڪ تون البت گمراه ڪليل آهين

فَلَمَّآ أَنۡ أَرَادَ أَن يَبۡطِشَ بِالَّذِي هُوَ عَدُوّٞ لَّهُمَا قَالَ

پوءِ جڏهن ارادو ڪيائين هي تہ وٺي ان کي جيڪو انهن ٻنهي جو دشمن آهي تہ چيائين

يَٰمُوسَىٰٓ أَتُرِيدُ أَن تَقۡتُلَنِي كَمَا قَتَلۡتَ نَفۡسَۢا بِالۡأَمۡسِ ۖ

اي موسىٰ ڇا ارادو ٿو ڪرين تہ قتل ڪرين مون کي جيئن قتل ڪيئي هڪ شخص کي ڪالهہ

إِن تُرِيدُ إِلَّآ أَن تَكُونَ جَبَّارٗا فِي الۡأَرۡضِ وَمَا تُرِيدُ أَن تَكُونَ مِنَ

نہ ٿو ارادو ڪرين مگر هي تہ هجين زبردستي ڪندڙ زمين ۾ ۽ نہ ٿو ارادو ڪرين تہ هجين

اَلْمُصْلِحِيْنَ (١٩)
سڌاريندڙن مان

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل شانــه اهي نعمتون بيان فرمايون جيڪي پاڻ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام تي سندس ننڍپڻ ۾ ڪيون هيائين مثلاً ڪين پيٽيءَ ۾ رکڻ ۽ نيل ۾ لوڙهڻ جي ذريعي دشمنن ڪان ڇڏائڻ ۽ هتي ڪيس وڏي ٿيڻ ڪان پوءِ علم ۽ حڪمت عطا ڪري رسالت سان نوازڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي:

"وَلَمَّا بَلَغَ اَشُدَّهٗ وَاسْتَوٰٓى اٰتَيْنٰــــهُ حُكْمًا وَّعِلْمًا ۭ وَكَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ" ۽ جڏهن پنهنجيءَ جوانيءَ کي پهتو ۽ پختو ٿيو تہ اسان ان کي حڪمت ۽ علم ڏنو ۽ اهڙي طرح نيڪوڪارن کي بدلوڏينداسون. يعني جڏهن سندس جسم قوي ٿيو ۽ عقل ڪامل جي نعمت سان مالا مال ٿيو تہ اسان ان کي دين ۾ سمجهہ ۽ شريعت جو علم عطا ڪيو ۽ جيئن اسان حضرت موسىٰ (علىٰ نبينا عليـه الصلوٰة والسلام) کي اطاعت ۽ اسان جي امر تي صبر ڪرڻ سان سهڻو بدلو ڏنو تيئن انهن پانهن کي بہ سهڻو بدلوڏينداسون جن اسان جي اطاعت ڪئي ۽ نيڪو ڪار بڻيا.

"وَدَخَلَ الْمَدِيْنَـةَ عَلٰى حِيْنِ غَفْلَـةٍ مِّنْ اَهْلِهَا" ۽ شهر ۾ اتي جي رهاڪن جي غافل هجڻ وقت داخل ٿيو يعني شهر ۾ اهڙي وقت داخل ٿيو جو ان وقت داخل نہ ٿبو آهي ۽ اتي جا رهاڪو رات واري يا منجهند واري ننڊ ۾ ستل هئا "اَلْمَدِيْنَــةَ" شهر مان مراد مصر جو پراڻو شهر منف آهي مقاتل جو قول آهي تہ اهو مصر ڪان بہ فرسخ (٦ ميل) پري آهي (١) ڪي مفسران ڪي ممفس لکن ٿا تورات ۾ ان جو نالو موف آيل آهي جيڪو مصر جي موجود شهر قاهره ڪان ١٢ ميل اتر پاسي واقع آهي ۽ پنهنجي دور ۾ نهايت وڏو شهر هو ۽ هاڻي مطرانيـه شهر ان جاءِ تي واقع آهي (٢)

"فَوَجَدَ فِيْهَا رَجُلَيْنِ يَقْتَتِلٰنِ ۡهٰذَامِنْ شِيْعَتِهٖ وَهٰذَا مِنْ عَدُوِّهٖ ۚ" پوءِ ان شهر ۾ بہ مڙس لڙائين جيڪي وڙهن پيا هي (هڪڙو) سندس قوم مان هو ۽ هي (ٻيو) سندس دشمنن مان هو. يعني هڪ اسرائيلي (سبطي) ۽ ٻيو مصري (قبطي) هو ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام جڏهن جوان ٿيو تہ فرعون ۽ سندس قوم ڪان سندن ظلم ۽ ڪفر جي ڪري دلي طرح بيزار رهندو هو ۽ بني اسرائيل ساڻس تعلقات ۾ رهندا هئا پاڻ سندس والده جي گهرءِ شهر ڪان ٻاهر هوندو

(١) القرطبي صـ٢٥٩ـ جلد ١٣ (٢) حاشيـه دريابادي صـ٧٨٢ـ

هو پاڻ ڪڏهن اتي ويندو هو تہ ڪڏهن فرعون جي گهر ايندو هو فرعون جي قوم وارا دلي طرح سندس دشمن هوندا هئا تہ ٻي قوم جو ماڻهو آهي ائين نہ تئي جو طاقت وربنجي وجي پاڻ جڏهن فرعون جي قوم کان لڪ ۾ سندن ننڊ جي وقت شهر ۾ دَاخل تيو تہ ٻن شخصن کي پاڻ ۾ وڙهندي ڏٺائين. هڪ فرعوني ٻيو اسرائيلي. سندس قوم واري کيس ڏسنديئي دانهن ڪري کيس عرض ڪيو تہ مون کي هن جي ظلم کان ڇڏاءِ مفسر قرطبي لکيو آهي تہ: حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليــــه الصلوٰة والسلام سندس مدد ان جي ڪري ڪئي هئي جو سيني دينن ۾ مظلوم جي مدد ڪرڻ ضروري ۽ سيني شريعتن ۾ فرض آهي قتاده فرمايو آهي تہ: فرعونيءَ جو ارادو هو تہ اسرائيليءَ کي مار ڏئي کيس فرعون جي گهر ۾ ٻرڻ واريون ڪاٺيون ڪٺائي ۽ اهو فرعون جو بورچي هو ان انڪار ڪري حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليــــه الصلوة والسلام کان مدد گهري (١) جيئن ارشاد تي رهيو آهي "فَاسْتَغَاثَهُ الَّذِىْ مِنْ شِيْعَتِهٖ عَلَى الَّذِىْ مِنْ عَدُوِّهٖ" پوءِ جيڪو سندس قوم مان هو ان ڪانئس سندس دشمن تي غالب تيڻ جي لاءِ مدد گهري. "فَوَكَزَهٗ مُوْسٰى" پوءِ ان کي موسیٰ مڪ هنئي. جيڪا سندس دل جي مٿان لڳي. پر ان مان سندس ارادو کيس قتل ڪرڻ جو نہ هو پر اسرائيلي کي ڇڏائڻ جو هو "فَقَضٰى عَلَيْهِ" پوءِ ان کي پورو ڪري ڇڏيائين يعني حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليــــه الصلوٰة والسلام نهايت طاقتور نوجوان جي مڪ فرعوني برداشت ڪري نہ سگهيو ۽ مري پيو.

"قَالَ هٰذَا مِنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ اِنَّهٗ عَدُوٌّ مُّضِلٌّ مُّبِيْنٌ" چيائين تہ هي شيطان جي عمل مان آهي بلاشڪ اهو دشمن، ڪليل گمراهہ ڪندڙ آهي يعني قبطي جو اسرائيليءَ کي مار ڏيڻ، ان تي ظلم ڪرڻ شيطاني ڪم هو ان مان اها مراد ناهي تہ ان کي قتل ڪرڻ شيطاني ڪم هو ڇو تہ ڪافر ظالم کي سزا ڏيڻ سهڻو ڪم آهي ۽ نبي سڀئي عليهم الصلوٰة والسلام معصوم ۽ هر طرح جي هر قسم جي گناهہ کان پاڪ آهن نبوت جي اظهار کان اڳي بہ ۽ نبوت جي اظهار کان پوءِ بہ ۽ شيطان ڪليل، چٽو دشمن آهي جيڪو قبطين کي گمراهہ ۽ تباهہ ڪري رهيو آهي (٢) "قَالَ رَبِّ اِنِّىْ ظَلَمْتُ نَفْسِىْ فَاغْفِرْلِىْ فَغَفَرَ لَهٗ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ" چيائين تہ: اي منهنجا پالڻهار! مون پنهنجي پاڻ تي زيادتي ڪئي آهي پوءِ مون کي بخش ڪر پوءِ ان کي بخش ڪيائين بلاشڪ اهوئي بخشڻهار، مهربان آهي. هن دعا مان مقصد انڪساري ۽ تواضع جو اظهار آهي

(١) القرطبي صـ٢٦٠ـ جلد ١٣ (٢) نورالعرفان صـ٦١٧ـ

اسان جا پيارا حبيب پاڪ! عليه الصلوٰة والسلام جن بہ فرمائيندا هئا "رَبِّ اِنِّيۡ ظَلَمۡتُ نَفۡسِيۡ" ان مان مقصد ٻين کي تعليم ڏيڻي هئي اهو مقصد نہ هو تہ نبي سڳورو علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام ظالم هو اهي قبطي ڪافر انتهائي ظالم هئا جن هزارين اسرائيلي پٽ قتل ڪيا هئا اهڙن ظالمن حربي ڪافرن جو قتل ڪرڻ تہ عبادت آهي پلا جيڪڏهن ان جو قتل ڪرڻ ناجائز هو تہ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام تي قصاص ياديت يا ان مقتول جي وارثن کان معافي وٺڻ لازم ٿئي ها بلڪ پاڻ پنهنجي پاڻ کي فرعون وٽ قصاص جي لاءِ پيش ڪري ها صرف توبہ جي لفظن کي منهن مان ڪڍڻ سان معافي نہ ملي ها ڇو تہ پوءِ اهو حق العبد هجي ها (١) "قَالَ رَبِّ بِمَآ اَنۡعَمۡتَ عَلَيَّ فَلَنۡ اَكُوۡنَ ظَهِيۡرًا لِّلۡمُجۡرِمِيۡنَ" چيائين تہ: اي منهنجا پالڻهار! ان سببان جو تو مون تي نعمت ڪئي پوءِ مان ڪنهن بہ صورت ۾ مجرمن جي پٺ ڀرائي ڪندڙ نہ ٿيندس. مطلب تہ ياالله! تو مون کي معرفت، حڪمت ۽ توحيد جو علم ڏئي صاحب هدايت بنايو آهي ان جي ڪري مان مجرمن جو ڪڏهن بہ مددگار نہ رهندس ۽ نہ انهنجي پٺڀرائي ڪندس ۽ اسرائيلي مومن هو قبطي ڪافر تڏهن پاڻ ان قبطي جي مدد نہ ڪندي اسرائيليءَ کي ڇڏائڻ لاءِ ميدان ۾ آيا پر اهو نہ ٿي مڙيو ڏڪ لڳڻ سان مري پيو. ۽ بعض مفسرن فرمايو تہ هي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام جي طرفان دعا هئي تہ يا الله! مون کي بچاءِ تہ مان مجرمن جي مدد ڪرڻ کان بچندو رهان (٢) "فَاَصۡبَحَ فِى الۡمَدِيۡنَـةِ خَآئِفًا يَّتَرَقَّبُ فَاِذَا الَّذِى اسۡتَنۡصَرَهٗ بِالۡاَمۡسِ يَسۡتَصۡرِخُهٗ" پوءِ صبح ڪيائين (ان) شهر ۾ انتظار ڪندي تہ پوءِ اوچتو جنهن ڪالهہ ڪانئس مدد گهري هئي ڪيس دانهن ڪري سڏي رهيو آهي مطلب تہ اهو اسرائيلي جنهن جي ڪالهہ مدد ڪئي هيائين ٻئي قبطيءَ سان وڙهندي ڪيس مدد لاءِ دانهن ڪري سڏي رهيو هو "قَالَ لَهٗ مُوۡسٰٓى اِنَّكَ لَغَوِيٌّ مُّبِيۡنٌ" ان کي موسىٰ فرمايو تہ بلاشڪ تون البت کليل گمراهہ آهين مطلب تہ تون روز روز ڪنهن نہ ڪنهن سان وڙهي رهيو آهين وري مون کي بہ وڙهڻ جي لاءِ سڏين پيو تون تہ صفا گمراهہ آهين "فَلَمَّآ اَنۡ اَرَادَ اَنۡ يَّبۡطِشَ بِالَّذِىۡ هُوَ عَدُوٌّ لَّهُمَا" پوءِ جڏهن ارادو ڪيائين تہ ان کي قابو ڪري جيڪو انهن ٻنهي جو دشمن هو. يعني پاڻ ارادو ڪيائين تہ قبطي کي قابو ڪري اسرائيليءَ کان بچائي. اهو قبطي فرعوني هجڻ جي لحاظ سان تہ ٻنهي جو دشمن هو. "قَالَ يٰمُوۡسٰٓى اَتُرِيۡدُ اَنۡ تَقۡتُلَنِىۡ كَمَا قَتَلۡتَ نَفۡسًۢا بِالۡاَمۡسِ اِنۡ تُرِيۡدُ اِلَّآ اَنۡ تَكُوۡنَ جَبَّارًا فِى الۡاَرۡضِ وَمَا تُرِيۡدُ اَنۡ تَكُوۡنَ مِنَ الۡمُصۡلِحِيۡنَ" چيائين تہ: اي موسىٰ! ڇا تون ارادو ڪرين ٿو تہ

(١) ساڳيو حوالو (٢) القرطبي ص ٢٦٢ ـ جلد ١٣

مون کي ائين قتل کرين جيئن ڪالهہ هڪ شخص کي قتل ڪيو هيئي تون تہ صرف اهو ارادو ڪرين ٿو تہ زمين ۾ سرڪش هجين ۽ اهو ارادو نہ ٿو ڪرين تہ اصلاح ڪندڙن مان هجين. يعني اسرائيليءَ جڏهن حضرت موسىٰ (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) کي ڪاوڙ جي ڪفيت ۾ ڏٺو ۽ ڪيس فرمايو هيائين تہ تون روز روز ماڻهن سان وڙهين ٿو تون تہ ڪليل گمراه آهين ۽ وري حضرت موسىٰ (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) قبطيءَ کي ڇڏايو تہ ان اسرائيلي ڊپ مان چيو تہ ڇا تون مون کي ائين مارڻ گهرين ٿو جيئن ڪالهہ قبطي کي ماريو هيئي تون زمين ۾ اصلاح ڪرڻ جي بجاءِ سرڪش ٿي رهڻ گهرين ٿو اسرائيليءَ جي زبان مان اهو بيان ٻڌي جنهن قبطيءَ کي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ڇڏايو ان وڃي فرعون جي محل تائين اها ڳالهہ پهچائي تہ ڪالهہ جيڪو قبطي ماريو ويو ان کي (حضرت) موسىٰ علىٰ نبينا عليه الصلوٰة والسلام قتل ڪيو هو. اهو فرعون جي محل ۾ ڪم ڪندو هو. اها ڳالهہ ٻڌي فرعون جي محل ۾ فرعون جي صدارت ۾ هڪ اجلاس سڏايو ويو ۽ ان موضوع تي سوچ ۽ ويچار ڪيو ويو. ان مجلس ۾ حضرت موسىٰ (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) سان محبت رکندڙ، دل ۾ ايمان آڻيندڙ، (حزقيل) بہ موجود هو ان اها سڀ خبر ٻڌي حضرت موسىٰ (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) تائين پهچائي ۽ ڪيس اتاهين نڪري وڃڻ جو مشورو ڏنائين. (١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع١ـ "اٰتَيْنٰهُ حُكْمًا وَّعِلْمًا" (اسان ان کي حڪم ۽ علم ڏنو) مان واضح ٿيو تہ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي عطا ڪيل علم "علم لدني" هو. ڪنهن استاد جي واسطي يا ذريعي نہ هو ۽ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي ان علم ۾ واڌارو ۽ ترقي بہ ٿيندي رهي ڇو تہ پاڻ نهايت صاحب تقوىٰ ۽ صاحب ڪمال هو.

ع٢ـ "فَقَضٰى عَلَيْهِ" (پوءِ ان کي پورو ڪري ڇڏيائين) هن مان واضح ٿيو تہ الله جل شانہ جا نبي عليهم الصلوٰة والسلام باطن ۽ روحاني طاقت سان گڏ جسماني قوت بہ رکندا آهن جو قبطي سندس هڪ مُڪ بہ برداشت ڪري نہ سگهيو. بلڪ انهن جي قوت ملائڪن کان بہ زياده هوندي آهي جيئن حضرت موسىٰ (علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جي لپاٽ سان حضرت عزرائيل جي اک مبارڪ نڪري پئي هئي. (٢)

(١) ايسر التفاسير ص۳۸۷ـ جلد ۳ (٢) نورالعرفان ص٦١٧ـ

ع٣ـ "فَلَنْ اَكُوْنَ ظَهِيْرًا لِّلْمُجْرِمِيْنَ" (پوءِ مان مجرمن جو مددگار هرگز نہ هوندس) مان واضح ٿيو تہ مجرم جي مدد ڪرڻ وارن سان گڏ رهڻ کان پاسو ڪجي چو تہ هڪ صالح عالم جو مجرم سان ساٿ ڏيڻ اخلاقي طرح بہ برو آهي تہ الله جل شانہ وٽ بہ عذاب ياعتاب جو باعث آهي.

وَجَآءَ رَجُلٌ مِّنْ اَقْصَا الْمَدِيْنَةِ يَسْعٰى ۡ قَالَ يٰمُوْسٰٓى اِنَّ الْمَلَاَ

۽ آيو هڪ مڙس پرئين پاسي شهر جي کان ڊوڙي پيو چيائين تہ اي موسٰى بيشڪ سردار

يَاْتَمِرُوْنَ بِكَ لِيَقْتُلُوْكَ فَاخْرُجْ اِنِّىْ لَكَ مِنَ النّٰصِحِيْنَ (٢٠)

رٿ ڪن پيا تنهنجي لاءِ تانت قتل ڪن توکي پوءِ نڪري وڃ بلاشڪ مان تولاءِ خير خواهن مان آهيان

فَخَرَجَ مِنْهَا خَآئِفًا يَّتَرَقَّبُ ز قَالَ رَبِّ نَجِّنِيْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ع (٢١) ٢ع٥

پوءِ نڪتو ان مان ڊڄندڙ انتظار ڪندي چيائين تہ اي منهنجا پالڻهار! ڇڏاءِ مون کي قوم ظالم کان

وَلَمَّا تَوَجَّهَ تِلْقَآءَ مَدْيَنَ قَالَ عَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ يَّهْدِيَنِيْ سَوَآءَ السَّبِيْلِ (٢٢)

۽ جڏهن منهن ڪيائين مدين ڏانهن تہ چيائين ويجهو آهي جو منهنجو رب هدايت ڪري مون کي سڌي واٽ ڏانهن

وَلَمَّا وَرَدَ مَآءَ مَدْيَنَ وَجَدَ عَلَيْهِ اُمَّةً مِّنَ النَّاسِ يَسْقُوْنَ ۫ وَوَجَدَ مِنْ دُوْنِهِمُ

۽ جڏهن پهتو مدين جي پاڻيءَ تي تہ لڌائين ان تي ٽولي ماڻهن جي پاڻي پيارين پيا ۽ لڌائين انهن کانسوءِ

امْرَاَتَيْنِ تَذُوْدٰنِ ج قَالَ مَا خَطْبُكُمَا ط قَالَتَا

ٻہ عورتون ڌڻ کي روڪين پيون چيائين تہ ڪهڙو آهي ڪم اوهان جو؟ چيائون تہ نہ

لَا نَسْقِيْ حَتّٰى يُصْدِرَ الرِّعَآءُ سكتة وَاَبُوْنَا شَيْخٌ كَبِيْرٌ (٢٣)

پاڻي پيارينديون آهيون اسين تان جو موٽن ڌنار ۽ پيءُ اسان جو ٻڍڙو وڏي عمر وارو آهي

فَسَقٰى لَهُمَا ثُمَّ تَوَلّٰٓى اِلَى الظِّلِّ فَقَالَ

پوءِ پاڻي پياريائين انهن ٻنهي (جي ڌڻ) کي تنهن کان پوءِ ڦري آيو پاڇي ڏانهن پوءِ عرض ڪيائين تہ

رَبِّ اِنِّىْ لِمَآ اَنْزَلْتَ اِلَيَّ مِنْ خَيْرٍ فَقِيْرٌ (٢٤)

اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ مان ان لاءِ جيڪا لاٿي تو مون ڏانهن ڀلائي محتاج آهيان

فَجَآءَتْهُ اِحْدٰىهُمَا تَمْشِيْ عَلَى اسْتِحْيَآءٍ ز قَالَتْ اِنَّ اَبِيْ يَدْعُوْكَ

پوءِ آئي ان وٽ هڪڙي انهن مان هلي پئي حياءَ سان چيائين تہ بلاشڪ منهنجو پيءُ سڏي پيو توکي تانتہ

لِيَجْزِيَكَ اَجْرَ مَاسَقَيْتَ لَنَا ط فَلَمَّا جَآءَهٗ وَقَصَّ

ڏي توکي اجورو ان جو جيڪو پاڻي پياريو تو اسان (جي ڌڻ) کي پوءِ جڏهن آيو ان وٽ ۽ بيان ڪيائين

عَلَيْهِ الْقَصَصَ لا قَالَ لَاتَخَفْ وقف نَجَوْتَ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ (٢٥) قَالَتْ

ان سان سڀ ڳالهيون تہ فرمايائين نہ ڊپ ڪر ڇٽين تون قوم ظالم کان چيو هڪڙي انهن

اِحْدٰىهُمَا يٰاَبَتِ اسْتَاْجِرْهُ ز اِنَّ خَيْرَ مَنِ اسْتَاْجَرْتَ الْقَوِيُّ

مان اي منهنجا پيءُ! اجوري تي رک ان کي بيشڪ ڀلو اهو جو اجوري تي رکين تون ان کي قوت وارو،

الْاَمِيْنُ (٢٦) قَالَ اِنِّيْٓ اُرِيْدُ اَنْ اُنْكِحَكَ اِحْدَى ابْنَتَيَّ

امانتدار آهي فرمايائين تہ بيشڪ مون ارادو ڪيو آهي تہ نڪاح ۾ ڪري ڏيان توکي هڪڙي نياڻي پنهنجين

هٰتَيْنِ عَلٰٓى اَنْ تَاْجُرَنِيْ ثَمٰنِيَ حِجَجٍ ج فَاِنْ اَتْمَمْتَ عَشْرًا فَمِنْ عِنْدِكَ ج

هنن مان هن شرط تي تہ اجوري تي رهين مون وٽ اٺ سال پوءِ جيڪڏهن پورا ڪيئي ڏهہ سال پوءِ پاڻ وٽان

وَمَآ اُرِيْدُ اَنْ اَشُقَّ عَلَيْكَ ط سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ (٢٧)

۽ نہ تو ارادو ڪيان مان تہ سختي ڪيان توتي جلد لهندين مون کي جيڪڏهن گهريو الله صالحن مان

قَالَ ذٰلِكَ بَيْنِيْ وَبَيْنَكَ ط اَيَّمَا الْاَجَلَيْنِ قَضَيْتُ

فرمايائين تہ اهو منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ (انجام) آهي جهڙو بہ ٻنهي مدن مان پورو ڪيم

فَلَا عُدْوَانَ عَلَيَّ ط وَاللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ع (٢٨) ع٣ ٦

پوءِ ناهي ڪا زيادتي مون تي ۽ الله ان تي جيڪو چئون ٿا ڪارساز آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي هٿان قبطيءَ جي

مرڻ ۽ ان ڳالهہ کلي پوڻ جو ذکر هو ۽ هنن آيتن ۾ سندس سچي مخلص مومن امتيءَ جي طرفان کيس ان ڳالهہ جي اطلاع ڏيڻ جو ذکر آهي جيکو سندس خلاف فيصلو کيو ويو هو. ارشاد عالي آهي "وَجَآءَ رَجُلٌ مِّنْ اَقْصَى الْمَدِيْنَةِ يَسْعٰى قَالَ يٰمُوْسٰٓى اِنَّ الْمَلَاَ يَاْتَمِرُوْنَ بِكَ لِيَقْتُلُوْكَ فَاخْرُجْ اِنِّيْ لَكَ مِنَ النّٰصِحِيْنَ" ۽ هڪ مڙس شهر جي پرئين پاسي کان ڊوڙندو آيو عرض کيائين تہ: اي موسىٰ بيشڪ (هتي جا) سردار تنهنجي لاءِ مشورو ڪن پيا تہ توکي قتل ڪن پوءِ (هتان) نڪري وڃ يقيناً مان تنهنجي خيرخواهن مان آهيان. يعني جڏهن اسرائيليءَ جي بيان مان اها ڳالهہ کلي پئي تہ قبطي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام جي مڪ سان مري پيو هو تہ اهو اطلاع فرعون ۽ سندس ساٿين تائين پهتو. انهن اهو فيصلو کيو تہ: حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام کي گرفتار ڪري ان قبطيءَ جي بدلي ۾ قتل ڪري ڇڏجي. اتي رهندڙن ۾ هڪ مومن انسان بہ هو جنهن کي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام سان همدردي هئي ان ڊوڙي اچي کيس عرض کيو تہ: فرعون ۽ سندس وزير، مشير جيکي اتي جا سردار هئا اوهان جي قتل ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪري رهيا آهن اوهان هتان تڪڙا نڪري وڃو مان اوهان جي خيرخواهن مان آهيان. "فَخَرَجَ مِنْهَا خَآئِفًا يَّتَرَقَّبُ قَالَ رَبِّ نَجِّنِيْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ" پوءِ اتاهين ڊڄندي، انتظار ڪندي نڪتو. عرض ڪيائين تہ: اي منهنجا پالڻهار! مون کي ظالم قوم کان ڇڏاءِ. مطلب تہ پاڻ اتاهين ڊڄندي ان انتظار ۾ نڪتو تہ ڪٿي گرفتار نہ ٿي پوي ۽ اها دعا گهريائين تہ: اي منهنجا پالڻهار! مون کي ظالم قوم کان ڇڏاءِ يعني فرعون جي لشڪرين کان ڊڄندي. هيڏي هوڏي نهاريندي اتاهين نڪري روانو ٿيو ۽ کيس دل ۾ اهو خيال بار بار ايندو رهيو تہ: ڪو پويان اچي گرفتار نہ ڪري ۽ پوءِ الله جل شانـہ کان دعا گهرڻ لڳو تہ ياالله! مون کي ظالم قوم کان نجات ڏيار "وَلَمَّا تَوَجَّهَ تِلْقَآءَ مَدْيَنَ قَالَ عَسٰى رَبِّيْٓ اَنْ يَّهْدِيَنِيْ سَوَآءَ السَّبِيْلِ" ۽ جڏهن مدين ڏانهن متوجہ ٿيو تہ فرمايائين منهنجو رب ويجهو آهي جو مونکي سڌي واٽ ڏانهن رهنمائي ڪري. يعني جڏهن کيس مصر ۾ رهڻ خطري وارو محسوس ٿيو تہ پاڻ مدين ڏانهن رخ رکيائين ڇو تہ اهوئي هڪ اهڙو علائقو هو جيکو فرعون جي بادشاهي کان ٻاهر ۽ ان کان علاوه آباد بہ هو تہ مصر کي ويجهو بہ هو کيس اها خبر بہ هوندي تہ اتي جا رهاڪو سيدنا حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام جو اولاد هئا ۽ انهن سان سندس رت جو رشتو هو ان جي ڪري پاڻ مدين جو رستو ورتائين پر ساڻس گڏ نہ سواري هئي ۽ نہ سفر جو خرچ کيس اهو رستو بہ ڏٺل نہ هو مگر کيس يقين هو تہ

سندس پالٹھار کيس سڌو رستو ڏيکاريندو (١) ﴿وَلَمَّا وَرَدَ مَآءَ مَدۡيَنَ وَجَدَ عَلَيۡهِ أُمَّةٗ مِّنَ ٱلنَّاسِ يَسۡقُونَ﴾ ۽ جڏهن مدين جي پاڻيءَ وٽ پهتو تہ ان تي گهڻا ماڻهو لڌائين جيڪي (پنهنجن جانورن کي) پاڻي پياري رهيا هئا. يعني پاڻ سفر ۾ تڪل مدين جي ٻاهران جڏهن پاڻيءَ جي کوهہ تي پهتو تہ اتي کيس ماڻهن جو گهڻو تعداد نظر آيو جيڪي پنهنجي چوپايي مال کي پاڻي پياري رهيا هئا. عربي روايتن موجب اهو مقام خليج عقبہ جي اولهہ واري پاسي مقنا کان ڪجهہ ميل ڪٻي پاسي واقع هو جنهن کي اڄ ڪالهہ "البدع" چون ٿا ۽ اتي هڪ ننڍو ڳوٺ آباد آهي يوسيفوس کان وٺي برٽن تائين قديم ۽ جديد سياحن ۽ جغرافيہ نويسن بہ بالعموم مدين جي اها جاءِ ٻڌائي آهي ان جي ويجهو ٿوري فاصلي تي اها جاءِ بہ واقع آهي جنهن کي هاڻي حضرت شعيب (علیٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام) جا غار سڏيو ويندو آهي ۽ اتي ثمودي طرز جون ٿهيل ڪجهہ جايون اڃان موجود آهن اهائي ڳالهہ ابوالفداءِ (متوفي ٧٣٢هـ) تقويم البلدان ۾ ۽ ياقوت معجم البلدان ۾، ابوزيد انصاري (متوفي ٢١٦هـ) جي حوالي سان لکي آهي. (٢)

﴿وَوَجَدَ مِن دُونِهِمُ ٱمۡرَأَتَيۡنِ تَذُودَانِۖ قَالَ مَا خَطۡبُكُمَاۖ قَالَتَا لَا نَسۡقِي حَتَّىٰ يُصۡدِرَ ٱلرِّعَآءُۖ وَأَبُونَا شَيۡخٞ كَبِيرٞ﴾ ۽ انهن ماڻهن کان سواءِ بہ عورتون ڏٺائين جيڪي پنهنجي ڌڻ کي روڪيو بيٺيون هيون فرمايائين تہ اوهان جو ارادو ڇا آهي؟ چيائون تہ اسين (تيستائين پنهنجي ڌڻ کي) پاڻي نہ ٿيون پياريون جيستائين ڌنار موٽي وڃن ۽ اسان جو پيءُ ٻڍڙو، وڏي عمر وارو آهي. يعني حضرت موسیٰ (علیٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام) ان کوه تي بيٺل ماڻهن کان سواءِ ڏٺو تہ ٻہ عورتون سيني ماڻهن کان پري هڪ پاسي تي پنهنجي ٻڪرين جو ڌڻ بيهاريو بيٺيون آهن حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام انهن کان پڇيو تہ اوهان جي اتي بيهڻ جو غرض ڇا آهي؟ انهن جواب ڏيندي فرمايو تہ: اسين عورتون آهيون انهن ڌنارن سان ڪشمڪش ڪري اسين پنهنجي مال کي پاڻي پياريون اهو اسان جو شان نہ آهي اهي سڀ جڏهن فارغ ٿي واپس ويندا آهن تہ پوءِ اسين کوه تان پنهنجي ڌڻ کي پاڻي پيارينديون آهيون ۽ اسين هت مجبورًا ايندي يون آهيون جو اسان جو پيءُ نهايت ٻڍڙو، وڏي عمر وارو آهي. اهو سڀ مقصد انهن ٻن ڀينرن نهايت مختصر جملي ۾ بيان ڪيو تانت سندن حياءَ جو مقام بہ برقرار رهي ۽ ڌارئين ماڻهوءَ سان زياده ڳالهائڻ کان محفوظ رهجي. ۽ اهو بہ واضح ڪيائون تہ متان حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام کي اهو خيال ٿئي

(١) ضياء القرآن صـ٤٨٤ـ جلد ٣ (٢) تفهيم القرآن صـ٦٢٧ـ جلد ٣

تہ هي کهڙي قسم جا ماڻهو آهن جن جا مرد گهر ويٺا آهن ۽ عورتون ٻاهر ڪم ڪار ۾ مصروف آهن.

مدين جي رهاڪن جو مذهب ڪهڙو هو؟

علماء لکيو آهي تہ: جڏهن تہ اهي حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليہ الصلوٰة جي پٽ مدين جي اولاد مان هئا اِن جي ڪري ظاهر آهي تہ اهي ابراهيمي دين تي هوندا (١)
"فَسَقَىٰ لَهُمَا ثُمَّ تَوَلَّىٰ إِلَى الظِّلِّ فَقَالَ رَبِّ إِنِّي لِمَا أَنزَلْتَ إِلَيَّ مِنْ خَيْرٍ فَقِيرٌ" پوءِ انهن ٻنهي (جي ڌڻ) کي پاڻي پياري ڇانهن کان پوءِ ڇانو ڏانهن اچي دعا گهريائين تہ: اي منهنجا پالڻهار! يقيناً مان ان جو محتاج آهيان جيڪو تو مون ڏانهن نازل فرمايو آهي.
يعني حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام کوه وارن کان پاڻي ڪڍڻ وارو ٻوڪو وٺي انهن ٻنهي عورتن جي ڌڻ کي پاڻي پياري پوءِ هڪ وڻ جي ڇانو ۾ اچي ويٺو ۽ الله جل شانہ جي بارگاه بي ڪس پناه ۾ دعا گهرڻ لڳو جنهن جا ٻہ مطلب آهن ١: تہ "أَنزَلْتَ" ماضيءَ جي صيغي مان مراد مستقبل جي معنیٰ آهي. يعني اي منهنجا پالڻهار! جيڪا مهرباني تون مون تي مستقبل ۾ ڪرڻ وارو آهين مان هاڻي ان جو سخت محتاج آهيان ٢: تہ "أَنزَلْتَ" جي معنیٰ آهي "قدرت انزالہ الي" جنهن جي مون ڏانهن نازل ڪرڻ جو تو فيصلو فرمايو آهي ان جو مان هينئر سخت محتاج آهيان. (٢)
"فَجَاءَتْهُ إِحْدَاهُمَا تَمْشِي عَلَى اسْتِحْيَاءٍ قَالَتْ إِنَّ أَبِي يَدْعُوكَ لِيَجْزِيَكَ أَجْرَ مَا سَقَيْتَ لَنَا" پوءِ ان وٽ انهن ٻنهي مان هڪڙي حياءَ سان ٻنڌ ڪندي چيو تہ منهنجو پيءُ توکي سڏي ٿو تانت جيڪا محنت ڪري تو اسان جي (ڌڻ کي) پاڻي پياريو آهي ان جو توکي اجورو ڏي. هن آيت ۾ حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليہ الصلوة والسلام جي خدمت ۾ انهن ٻنهي عورتن مان هڪڙي جي اچڻ کي بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ اها پيءَ جي حڪم سان آئي پر نهايت حياءَ سان آئي عام رواجي عورتن وانگر نہ آئي.
جنهن ۾ هر مسلمان عورت لاءِ سبق آهي تہ حياءَ کي پنهنجي زندگيءَ جي اهم ضرورت سمجهي انهن عورتن جي پيءُ جي متعلق اختلاف آهي تہ ڪير هو. اڪثر مفسرن لکيو آهي تہ اهي حضرت شعيب عليہ الصلوٰة والسلام جون نياڻيون هيون بائيبل ۾ بہ تقريبًا اهوئي مذڪور آهي (٣) "فَلَمَّا جَاءَهُ وَقَصَّ عَلَيْهِ الْقَصَصَ قَالَ لَا تَخَفْ نَجَوْتَ مِنَ الْقَوْمِ الظَّالِمِينَ" پوءِ جڏهن ان وٽ آيو ۽ ان کي سڀ ڳالهيون بيان ڪري ٻڌايائين تہ ان فرمايو: ڊپ نہ ڪر تون ظالم قوم کان ڇٽي آيو آهين. يعني جڏهن

(١) تفهيم القرآن ص٦٢٨ـ جلد ٣ (٢) ضياء القرآن جلد ٣ (٢) ساڳيو حوالو

حضرت موسىٰ حضرت شعيب علىٰ نبينا وعليہ الصلوة والسلام وٽ تشريف فرما ٿيو ۽ ان سان پنهنجو سمورو احوال تفصيل سان بيان ڪيائين تہ ان ڪيس تسلي ڏيندي فرمايو: هاڻي ڪنهن بہ قسم جو ڊپ نہ ڪيو اوهان ظالمن جي چنبي ڪان نڪري آيا آهيو هتي اوهان کي ڪنهن بہ قسم جو خوف، خطرو ناهي. علامہ آلوسي عليہ الرحمۃ لکيو آهي تہ: حضرت موسىٰ حضرت شعيب ڪان اجورو وٺڻ نہ آيو هو پر سندس زيارت ڪرڻ لاءِ آيو هو جيئن ابن عساڪر لکيو آهي تہ: جڏهن حضرت موسىٰ جي اڳيان حضرت شعيب علىٰ نبينا وعليہ الصلوة والسلام کاڌو رکيو تہ پاڻ کائڻ کان انڪار ڪندي فرمايائين تہ: منهنجو ان خاندان سان تعلق آهي جيڪو پنهنجي نيڪ عمل کي ڪنهن قيمت تي وڪڻڻ جي لاءِ تيار ناهي حضرت شعيب فرمايو تہ: اسين مهمان جي خدمت کي فرض سمجهندا آهيون اهو ادا ڪندي اوهان جي اڳيان کاڌو رکيو اٿئون. هن کي اجورو نہ سمجهو. هي مهمان نوازي آهي جيڪا اسان جي آباءِڪرام جي سنت آهي (1) قَالَتْ إِحْدٰهُمَا يٰٓأَبَتِ اسْتَأْجِرْهُ إِنَّ خَيْرَ مَنِ اسْتَأْجَرْتَ الْقَوِيُّ الْأَمِيْنُ۝ انهن مان هڪڙيءَ چيو تہ اي منهنجا پيءُ! اجوري تي رک ان کي يقينًا ڀلو اهو جنهن کي تون اجوري تي رکين قوت وارو امين آهي. مطلب تہ سيدنا شعيب علىٰ نبينا وعليہ الصلوة والسلام جي نياڻين کي ٻڪريون چارڻ، انهن جي حفاظت ڪرڻ، ۽ کوه تي ڌنارن جي رش ختم ٿيڻ تائين انتظار ڪرڻ ۾ وڏيون تڪليفون سامهون ٿي آيون ۽ انهن حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلوة والسلام جي طرفان سندن ڌڻ کي پاڻي پيارڻ دوران سندس جسماني قوت ۽ اکين کي هيٺ رکڻ واري حياءَ ۽ اخلاق کي ڏٺو هو ان جي ڪري پنهنجي پيءَ کي اهو عرض ڪيائون تہ: جيڪڏهن اوهان ڪو ماڻهو ڪم ڪار لاءِ رهائڻ گهرو ٿا تہ ان کي رهايو جيڪو قوي هجڻ سان گڏ امين ۽ شريف آهي. ڇو تہ اوهان پيرسن آهيو ۽ اسان جو ڪو ڀاءُ نہ آهي مجبورًا اسان کي ٻاهر نڪرڻو پوي ٿو. ان تڪليف کان بچاءَ ٿي پوندو. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ ضروري ناهي تہ حضرت شعيب علىٰ نبينا وعليہ الصلوة والسلام جي نياڻيءَ فورًا اهو مشورو ڏنو هجي ياحضرت شعيب فورًا چيو هجي ڪجهہ وقت رهڻ کان پوءِ اهي مشورا ٿيا هجن قَالَ إِنِّيْٓ أُرِيْدُ أَنْ أُنْكِحَكَ إِحْدَى ابْنَتَيَّ هٰتَيْنِ عَلٰٓى أَنْ تَأْجُرَنِيْ ثَمٰنِيَ حِجَجٍ فَإِنْ أَتْمَمْتَ عَشْرًا فَمِنْ عِنْدِكَ وَمَآ أُرِيْدُ أَنْ أَشُقَّ عَلَيْكَ سَتَجِدُنِيْٓ إِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ۝ فرمايائين تہ يقينًا مان ارادو ڪيان ٿو تہ توسان منهنجي ٻن

(١) روح المعاني صـ٦٥ـــ جزءَ ٢٠ جلد ٣

نياڻين مان
هڪڙيءَ جو ان وعدي تي نڪاح ڪرايان تہ تون مون وٽ اٺ سال ملازمت ڪندين پوءِ جيڪڏهن تو ڏهہ (سال) پورا ڪيا تہ پوءِ اهي تو وٽان هوندا ۽ مان ارادو نہ ٿو ڪيان تہ توکي تڪليف ڏيان تون جلد مون کي ان شاءَالله صالحن مان لهندين. مطلب تہ جڏهن حضرت شعيب علىٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام محسوس ڪيو تہ ان کي هڪ نوجوان، قوت واري، امين انسان کي پاڻ وٽ رهائڻ جي ضرورت آهي ۽ ان جي ڪري سندس نياڻين جي تڪليف دور ٿي ويندي ۽ اهڙي نوجوان کي ائين رهائڻ بہ مناسب نہ هو ان جي ڪري پاڻ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلوة والسلام کي ملازم رکڻ سان گڏ رشتي ڪرڻ واري ڳالهہ بہ ٻڌايائين ۽ رشتي ڪرڻ کان پوءِ متان حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلوة والسلام سمجهي تہ ڪيس سختيءَ سان پيش ايندا ان جي بہ نفي ڪندي ڪيس ٻڌايائين تہ مان اهو ارادو نہ ٿو ڪريان تہ توتي سختي ڪيان. مون وٽ رهڻ ۽ رشتي ڪرڻ کان پوءِ تون مون کي ان شاءَالله صالحن مان لهندين. توسان نهايت سهٺي سلوڪ سان پيش ايندس. قَالَ ذٰلِكَ بَيْنِيْ وَبَيْنَكَ ؕ اَيَّمَا الْاَجَلَيْنِ قَضَيْتُ فَلَا عُدْوَانَ عَلَيَّ ؕ وَاللّٰهُ عَلٰى مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ۟ فرمايائين تہ اهو (پروگرام) منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ (طئي ٿي ويو) جهڙو مدو بہ مون پورو ڪيو تہ پوءِ مون تي زيادتي نہ هوندي ۽ اسين جيڪو چئون ٿا ان تي الله نگهبان آهي يعني حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلوة والسلام اهي ڳالهيون منظور ڪندي فرمايو تہ: منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ اهو پروگرام پڪو آهي پر اٺن يا ڏهن سالن واري مدت مان مون جيڪا بہ پنهنجي مرضيءَ سان پوري ڪئي تہ پوءِ مون تي زيادتي نہ ڪئي ويندي ۽ نہ اوهان کي ان تي ڪو اعتراض هوندو. ۽ اسين هڪ ٻئي سان جيڪو وعدو ڪري رهيا آهيون ان تي الله نگهبان آهي.



فائدا

مذكوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

ع١ـ "فَخَرَجَ مِنۡهَا خَآئِفًا يَتَرَقَّبُ" (پوءِ ان (مصر) مان ڊڄندي، انتظار ڪندي نڪتو) مان واضح ٿيو ته طبعي خوف ۽ ڊپ ڪندي دشمن جي علائقي مان نڪرڻ نه نبوت ۽ معرفت جي منافي آهي ۽ نه الله جل شانــــه تي توڪل رکڻ جي خلاف بلڪ خطري واري علائقي مان نڪري پر امن علائقي ۾ رهي الله جل شانــــه جي دين جي دعوت ڏيڻ ۽ آزاديءَ سان عبادت ڪرڻ سنت انبياء آهي. پوءِ سفر ۾ جيڪا به تڪليف آئي اها عبادت آهي. مفسرن لکيو آهي ته حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليــــه الصلوٰة والسلام جو هن سفر ۾ کاڌو صرف وڻن جا پن هئا. (١)

ع٢ـ "فَسَقٰى لَهُمَا" (پوءِ انهن ٻنهي جي (ڌڻ کي) پاڻي پياريائين) مان واضح ٿيو ته ڪمزورن ۽ ضعيفن جي مدد ڪرڻ انبياءَ عليهم الصلوٰة والسلام جي سنت آهي ۽ اهو به واضح ٿيو ته ضرورت وقت ڌارين عورتن سان ڳالهائڻ منع ناهي جيڪڏهن ڪنهن فتني جو انديشو ناهي.

ع٣ـ انهن ٻنهي عورتن جي مردن کان پري بيهڻ مان واضح ٿيو ته عورتن ۾ حياءُ ۽ شرافت فطري امر آهي. ڇو ته ان وقت پردي جو حڪم نازل نه هو پردي جو حڪم حضور پر نور عليــــه الصلوٰة والسلام جي مدينــــه منوره ڏانهن هجرت ڪري اچڻ کان پوءِ نازل ٿيو هو. پر ان هوندي به انهن جو پاڻ تڪليف ڪري ڌڻ کي پاڻي پيارڻ ڌارين مردن کان پري رهڻ فطرتي حياءَ جو اظهار هو.

ع٤ـ "يٰٓاَبَتِ اسۡتَاۡجِرۡهُ" (اي منهنجا پيءَ هن کي ملازم ڪري رک) مان واضح ٿيو ته عورتن کي ٻاهر ڪم ڪار جي لاءِ نڪرڻ ان وقت به پسند ڪيل نه هو تڏهن نياڻيءَ پنهنجي پيءُ کي ملازم رکڻ جو مشورو ڏنو مرد ماڻهو ٻاهر ڪم ڪار لاءِ هجي عورتون ٻاهر نه نڪرن.

ع٥ـ "اَلۡقَوِيُّ الۡاَمِيۡنُ" (قوت وارو، امانت وارو) مان واضح ٿيو ته حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليــــه الصلوٰة والسلام نهايت قوت وارو هجڻ سان گڏ امانت وارو به هو. مفسرن لکيو آهي ته: جنهن کوه تي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليــــه الصلوٰة والسلام تشريف فرما ٿيو هو. اتي جا ڌنار پنهجهن ڌڻن کي پاڻي پيارڻ کان پوءِ ان جي منهن

(١) معارف القرآن ص ٢٦٨ ـ جلد ٦

تي وڏو وزني پٿر رکي ويندا هئا جنهن جي ڪري ان جو منهن بند ٿي ويندو هو ۽ حضرت شعيب علیٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام جون نياڻيون سندن ڏٽن جو بچايل پاڻي پنهنجي ڌڻ کي پياري ويندیون هيون. ان پٿر کي ڏهه مڙس مس اٿلائيندا ۽ پري کندا هئا پر حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام اڪيلي سر ان کي کڻي پري ڪري رکيو. (١)

ع٥ـ "فَجَآءَتْهُ اِحْدٰىهُمَا تَمْشِيْ عَلَى اسْتِحْيَآءٍ" (پوءِ انهن مان هڪڙي ان وٽ حياءَ سان پنڌ ڪندي آئي) مان واضح ٿيو ته اها بيبي صاحبه نهايت پردي ۽ حياءَ سان آئي هئي مفسرن لکيو آهي ته جڏهن حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام سان ڳالهائڻ لڳي ته منهن مبارڪ تي پردو رکيل هوس ۽ جڏهن حضرت موسیٰ حضرت شعيب علیٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام جي گهر ڏانهن هلڻ لڳو ته بيبي صاحبه ان جي پويان هلندي ڪيس زبان سان واٽ ٻڌائيندي ٿي هلي. (٢)

ع٦ـ "اِنِّيْٓ اُرِيْدُ اَنْ اُنْكِحَكَ" الايـــة (بلاشڪ مان ارادو ڪيان ٿو ته توکي پنهنجين ٻن نياڻين مان هڪڙي نڪاح ۾ ڪري ڏيان) حضرت شعيب جي طرفان حضرت موسیٰ (علیٰ نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام) کي نياڻيءَ جي رشتي جي پيش ڪش ڪرڻ مان ثابت ٿيو ته: ڪنهن به بالغ نياڻي جي وارث کي جيڪڏهن ڪو نيڪ صالح مرد ملي وڃي ته ان جي طرفان چونڊ جي بجاءِ وارث پاڻ چوي ته اها به نبي سڳوري علیٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام جي سنت آهي جيئن حضرت عمر رضي الله عنـــه حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عثمان غني رضي الله عنهما کي پنهنجي نياڻي سيده حفصـــه جي رشتي جي پيش ڪش ڪئي هئي (٣) پر پوءِ حضرت حبيب پاڪ عليـــه الصلوٰة والسلام جن اهو رشتو پنهنجي لاءِ پسند فرمايو ته سيده ام المومنين جي لقب سان نوازجي وئي.

ع٧ـ "عَلٰٓى اَنْ تَاْجُرَنِيْ ثَمٰنِيَ حِجَجٍ" (هن شرط تي ته تون مون وٽ اٺ سال ملازم رهين) ۾ مذڪور ٿيو ته حضرت شعيب اها اٺ سال ملازمت شرط رکي هئي ۽ مفسرن سڳورن لکيو آهي ته اهو سندس نياڻيءَ جو مهر هو پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا مهر ۾ مڙس ملازم ٿي سگهي ٿو؟ علماءَ ڪرام لکيو آهي ته اهي سال مهر نه هئا پر ان مدت ۾ ملازمت جي بدلي ۾ ملڻ وارو معاوضو تنخواه وغيره مهر ۾ شامل ڪيل هو ۽ اهو جائز آهي (٤)

(١) القرطبي ص٢٦٩ـ جلد١٣ (٢) ساڳيو حوالو (٣) القرطبي ص٢٧١ـ جلد١٣
(٤) معارف القرآن ص٢٣١ـ جلد ٢

فَلَمَّا قَضٰى مُوْسَى الْاَجَلَ وَسَارَ بِاَهْلِهٖٓ اٰنَسَ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ

پوءِ جڏهن پورو ڪيو موسيٰ (مقرر ڪيل) مدو ۽ وٺي هليو اهل پنهنجي کي تہ ڏٺائين طور جي پاسي ڏانهن

نَارًاۚ قَالَ لِاَهْلِهِ امْكُثُوْٓا اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّيْٓ اٰتِيْكُمْ مِّنْهَا

باه تہ فرمايائين پنهنجي اهل کي تہ ترسو بيشڪ مون ڏٺي آهي باهہ شايدمان آڻيان اوهان وٽ اتاهين

بِخَبَرٍ اَوْ جَذْوَةٍ مِّنَ النَّارِ لَعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ (٢٩) فَلَمَّآ اَتٰىهَا نُوْدِيَ مِنْ

ڪا خبر يا ٽانڊو باهہ مان تانت اوهان پاڻ سيڪيو پوءِ جڏهن ان وٽ آيو تہ سڏيو ويو واديءَ جي

شَاطِیءِ الْوَادِ الْاَيْمَنِ فِي الْبُقْعَةِ الْمُبٰرَكَةِ مِنَ الشَّجَرَةِ اَنْ يّٰمُوْسٰٓى

سڄي پاسي کان برڪت واري جاءِ کان وڻ مان تہ اي موسيٰ بيشڪ مان

اِنِّيْٓ اَنَا اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ (٣٠) وَاَنْ اَلْقِ عَصَاكَ فَلَمَّا رَاٰهَا تَهْتَزُّ كَاَنَّهَا

سچو معبود آهيان رب جهانن جو اجلاءَ تون لٺ پوءِ جڏهن ڏٺائين ان کي تہ چري ٿي چڻ تہ اها

جَآنٌّ وَّلّٰى مُدْبِرًا وَّلَمْ يُعَقِّبْ يٰمُوْسٰٓى اَقْبِلْ وَلَا تَخَفْ اِنَّكَ

نانگ آهي تہ منهن موڙيائين پٺي ڏيندڙ ۽ نہ پوئتي موٽيو اي موسيٰ! سامهون اچ نہ ڊپ ڪر بيشڪ تون

مِنَ الْاٰمِنِيْنَ (٣١) اُسْلُكْ يَدَكَ فِيْ جَيْبِكَ تَخْرُجْ بَيْضَآءَ مِنْ غَيْرِ سُوْٓءٍ

امن وارن مان آهين داخل ڪر هٿ پنهنجو گريبان پنهنجي ۾ تہ نڪرندو چمڪندڙ بي عيب ٿي

وَّاضْمُمْ اِلَيْكَ جَنَاحَكَ مِنَ الرَّهْبِ فَذٰنِكَ بُرْهَانٰنِ مِنْ رَّبِّكَ اِلٰى فِرْعَوْنَ

۽ ڳنڍ پاڻ ڏانهن ٻانهن پنهنجي ڊپ کان پوءِ اهي ٻئي حجتون آهن تنهنجي رب جي طرفان ڏانهن جي

وَمَلَا۟ئِهٖ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا فٰسِقِيْنَ (٣٢) قَالَ رَبِّ اِنِّيْ

لشڪر جي ڏانهن بيشڪ اهي هئا قوم فاسق عرض ڪيائين تہ اي منهنجا پالڻهار! بلاشڪ مون

قَتَلْتُ مِنْهُمْ نَفْسًا فَاَخَافُ اَنْ يَّقْتُلُوْنِ (٣٣) وَاَخِيْ هٰرُوْنُ

قتل ڪيو انهن مان هڪ شخص کي پوءِ ڊڄان ٿو تہ متان مون کي قتل ڪن ۽ منهنجو ڀاءُ هارون

هُوَ اَفْصَحُ مِنِّيْ لِسَانًا فَاَرْسِلْهُ مَعِيَ

اهو وڌيڪ چٽو آهي مون کان زبان جي لحاظ سان پوءِ پيغمبر بنائي موڪل ان کي مون سان گڏ

رِدْاً يُّصَدِّقُنِيٓ ز اِنِّيٓ اَخَافُ اَنْ يُّكَذِّبُوْنِ(٣٤) قَالَ

مدد كندڙ تصديق كري منهنجي بيشڪ مان ڊڄان ٿو تہ ڪوڙو چون مونکي فرمايائين تہ جلد

سَنَشُدُّ عَضُدَكَ بِاَخِيْكَ وَنَجْعَلُ لَكُمَا سُلْطٰنًا فَلَا يَصِلُوْنَ

مضبوط ڪنداسون ٻانهن تنهنجي تنهنجي ڀاءُ سان ۽ ڪنداسون اوهان جي لاءِ غلبو پوءِ نہ پهچي

اِلَيْكُمَا ۚ بِاٰيٰتِنَآ ۚ اَنْتُمَا وَمَنِ اتَّبَعَكُمَا الْغٰلِبُوْنَ (٣٥)

سگهندا اوهان ڏانهن اوهان ٻئي ۽ جيڪي تابع ٿيا اوهان جا غالب آهيو.

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت موسیٰ ڪان مقرر مدت تائين رهڻ جي وعدي ونڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ان مدت کي پورو ڪري حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام جي وطن واپس ورڻ رستي ۾ نبوت جي دولت سان مالا مال ٿيڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "فَلَمَّا قَضٰى مُوْسَى الْاَجَلَ وَ سَارَ بِاَهْلِهٖٓ اٰنَسَ مِنْ جَانِبِ الطُّوْرِ نَارًا ۚ قَالَ لِاَهْلِهِ امْكُثُوْٓا اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ نَارًا لَّعَلِّيْٓ اٰتِيْكُمْ مِّنْهَا بِخَبَرٍ اَوْ جَذْوَةٍ مِّنَ النَّارِ لَعَلَّكُمْ تَصْطَلُوْنَ" پوءِ جڏهن موسیٰ مدو پورو ڪيو ۽ پنهنجي اهل کي وٺي هليو تہ طور واري پاسي کان باهہ ڏٺائين پنهنجي اهل کي فرمايائين تہ ترسو مون باهہ ڏٺي آهي شايد مان اوهان وٽ اتاهين ڪا خبر يا باهہ جو ٽانڊو آڻيان ٽانت اوهان پاڻ سيڪيو حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ: حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام اتي ڏه سال پورا ڪيا (١) ان کان پوءِ حضرت شعيب علیٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام کان مصر واپس ورڻ لاءِ موڪل گهريائين ۽ موڪل ٿي پنهنجي گهر واريءَ سميت روانو ٿيو ۽ واٽ تي طور جبل واري پاسي کان باهہ ڏٺائين. ڇو تہ سفر ڪندي ڪيس رستي ۾ رات پئجي وئي هئي ۽ رات نهايت انڌيري هئي (٢) "اَهْلِهٖ" (پنهنجي اهل کي فرمايائين) مان مراد سندس گهر واري صفورا ۽ سندس اولاد هو. جيڪو ڪيس ان سفر کان اڳ ۾ ڄائو هو. ابن عطا فرمايو تہ: جڏهن محبت جو مدو پورو ٿيو خداوندي قرب ۽ نبوت جي اظهار جا ڏينهن ويجها ٿيا تہ پنهنجي اهل جي اجازت وٺي سفر لاءِ روانو ٿيو. پاڻ ٻپهريءَ نماز جي وقت روانو ٿيو هو ۽ رستي ۾ رات پئجي وئي جڏهن تہ رات نهايت انڌيري ۽ سخت سرديءَ واري هئي ۽ واٽ بہ منجهي پيا هئا تڏهن پنهنجي اهل کي فرمايو هيائين تہ: مون

(١) ضياء القرآن ص٤٨٨ـ جلد ٣ (٢) خازن ص٤٠٣ـ جلد ٣

باهہ ڏني آهي مان اتاهين يا ڪاواٽ جي معلومات واري خبر آڻيندس يا ڪو ٽانڊو ڪٺي ايندس تہ هتي باهہ ٻاري سيءَ ڪان بچاءَ حاصل ڪيو ۽ پاڻ سيڪيو. (١)

"فَلَمَّآ اَتٰهَا نُوۡدِيَ مِنۡ شَاطِئِ الۡوَادِ الۡاَيۡمَنِ فِى الۡبُقۡعَةِ الۡمُبٰرَكَةِ مِنَ الشَّجَرَةِ اَنۡ يّٰمُوۡسٰٓى اِنِّيۡۤ اَنَا اللّٰهُ رَبُّ الۡعٰلَمِيۡنَ" پوءِ جڏهن اتي آيو تہ واديءَ جي سڄي پاسي ڪان برڪت واريءَ جاءِ ۾ وڻ مان سڏيو ويو تہ: اي موسىٰ! مان جهانن جو پالڻهار الله آهيان يعني جڏهن ان پري ڪان نظر ايندڙ باهہ وٽ پهتو تہ اتي بابرڪت مقام ۾ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام پنهنجي سڄي پاسي ڪانَ اتي بيٺل وڻ مان سڏ ٻڌو تہ: اي موسىٰ! مان معبود بالحق، سڀني جهانن جو پالڻهار آهيان ۽ ان ۾ الله جل شانـه يقيني علم پيدا ڪيو تہ ڳالهائڻ وارو الله جل شانـه آهي ۽ اهو ڪلام ان جو ڪلام آهي ۽ اتي بيٺل وڻ ڪي ان جي ڪري برڪت وارو سڏيو ويو جو الله جل شانـه حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام ڪي همڪلاميءَ جو شرف اتاهين بخشي نبوت جي اظهار جو ارشاد فرمايو هو (٢)

"وَاَنۡ اَلۡقِ عَصَاكَ" ۽ پنهنجي لٺ اڇلاءِ الله جل شانـه ڪيس حڪم فرمايو تہ توکي جيڪا هٿ ۾ لٺ آهي اها زمين تي اڇلاءِ "فَلَمَّا رَاٰهَا تَهۡتَزُّ كَاَنَّهَا جَآنٌّ وَّلّٰى مُدۡبِرًا وَّلَمۡ يُعَقِّبۡ" پوءِ جڏهن ان ڪي ڏٺائين تہ لهريون پئي هڻي چڻ تہ اهو وڏو نانگ آهي تہ پٺي ڦيرائي پوئتي هليو ۽ پوئتي نهاريائين بہ نہ مفسرن لکيو آهي تہ اها لٺ هڪ وڏو نانگ بنجي وئي جنهن جو وات بہ ايترو وڏو هو هلندي جيڪي وڏا وڏا پٿر سندس سامهون تي آيا انهن ڪي بہ ڳهندي تي وئي ۽ اهي سندس پيٽ ۾ ائين ٺڙڪندي تي ڪريا چڻ تہ ڪنهن مٿاهين جبل تان هيٺاهين واديءَ ۾ ڪري رهيا هئا (٣) "يٰمُوۡسٰٓى اَقۡبِلۡ وَلَا تَخَفۡ اِنَّكَ مِنَ الۡاٰمِنِيۡنَ" اي موسىٰ سامهون اچ ۽ ڊپ نہ ڪر يقينًا تون امن وارن مان آهين مطلب تہ ڊپ نہ ڪر توکي ڪا تڪليف نہ پهچندي هي تہ تنهنجو معجزو آهي جيڪو توکي عطا ڪيو ويو آهي. ان مان اهو بہ واضح ٿيو تہ نبين سڳورن علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام جي هٿان ظاهر ٿيندڙ معجزن ۾ بہ الله جل شانـه جي قدرتي ڪمال جو اظهار هوندو آهي نبي سڳورا صرف واسطو هوندا آهن ڪين ان معجزي جي تڪوين ۾ ڪو دخل نہ هوندو آهي (٤) "اُسۡلُكۡ يَدَكَ فِىۡ جَيۡبِكَ تَخۡرُجۡ بَيۡضَآءَ مِنۡ غَيۡرِ سُوۡٓءٍ" پنهنجي هٿ ڪي پنهنجي گريبان ۾ داخل ڪر تہ بي عيب چمڪندڙ ٿي نڪرندو. هي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام ڪي عطا ڪيل ٻيو

(١) روح البيان صـ٤٠١ـ جلد ٦ (٢) المراغي صـ٥٤ـ جزء ٢٠ جلد ٧ (٣) صفوة التفاسير صـ٤٣٢ـ جلد ٢ (٤) حاشيہ دريا بادي صـ٧٨٦.

معجزو هو. مطلب تہ اي موسيٰ! تون پنهنجو هٿ پنهنجي گريبان ۾ وجهي ٻاهر ڪيُ تہ اهو عيب کان سواءِ چمڪندڙ ٿي نڪرندو. نہ ان ۾ ڪوڙهہ جي بيماري جو اثر هوندو نہ ڪو ٻيو عيب محسوس ڪجو اهو تنهنجو هڪ عظيم الشان معجزو هوندو. خيال ۾ رهي تہ سندس هٿ مبارڪ صرف سفيد نہ پر سج وانگر چمڪندڙ هوندو هو ان جي ڪري ابيض نہ بيضاءَ آندو ويو آهي ۽ اهو معجزو صرف سڄي هٿ ۾ هو ٻنهي هٿن ۾ نہ هو ان جي ڪري "يدٌ" مفرد آندو ويو آهي. (١)

"وَّاضۡمُمۡ اِلَيۡكَ جَنَاحَكَ مِنَ الرَّهۡبِ" ۽ پنهنجي ٻانهن پاڻ ڏانهن ڊپ کان ڳنڍي ڇڏ. مطلب تہ جڏهن توکي ڪو ڊپ محسوس ٿئي تہ پنهنجو هٿ پنهنجي سيني تي رکجان تہ اهو ڊپ لهي ويندو جيڪو توکي نانگ کان محسوس ٿيندو هوندو سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما جو اهو فرمان آهي (٢) "فَذٰنِكَ بُرۡهَانٰنِ مِنۡ رَّبِّكَ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ وَمَلَا۟ئِهٖ اِنَّهُمۡ كَانُوۡا قَوۡمًا فٰسِقِيۡنَ" پوءِ اهي ٻئي تنهنجي رب جي طرفان حجتون آهن فرعون ۽ ان جي لشڪر ڏانهن بلاشڪ اهي فاسق قوم هئا. يعني لٺ ۽ چمڪندڙ هٿ ٻہ معجزا ٻہ حجتون آهن جيڪي تنهنجي سچي هجڻ جا دليل آهن جن کي فرعون ۽ سندس لشڪر جي اڳيان ظاهر ڪر. اهي فاسق قوم هئا جيڪي اسان جي امر جا مخالف ۽ اسان جي اطاعت کان ٻاهر رهيا "قَالَ رَبِّ اِنِّيۡ قَتَلۡتُ مِنۡهُمۡ نَفۡسًا فَاَخَافُ اَنۡ يَّقۡتُلُوۡنِ" عرض ڪيائين تہ: اي منهنجا پالڻهار! يقينًا مون انهن مان هڪ شخص کي قتل ڪيو هو پوءِ مان ڊڄان ٿو تہ مون کي قتل ڪندا. يعني مون هڪ قبطيءَ کي مڪ هڻي جنهن سان اهو مري پيو هو مون کي ڊپ ٿو ٿئي ان جي بدلي ۾ مون کي قتل ڪندا مان انهن ڏانهن ڪيئن وڃان؟ علامہ حقي لکيو آهي تہ: ان قبطيءَ جو نالو فاتون هو. فرعون جي ماني پچائيندو هو (٣) "وَاَخِيۡ هٰرُوۡنُ هُوَ اَفۡصَحُ مِنِّيۡ لِسَانًا فَاَرۡسِلۡهُ مَعِيَ رِدۡاً يُّصَدِّقُنِيۡۤ اِنِّيۡۤ اَخَافُ اَنۡ يُّكَذِّبُوۡنِ" ۽ منهنجو ڀاءُ هارون مون کان ڳالهائڻ ۾ وڌيڪ فصيح آهي پوءِ ان کي مون سان گڏ پيغمبريءَ سان نوازي مددگار بنائي موڪل تہ منهنجي تصديق ڪري بيشڪ مان هن کان ڊڄان ٿو تہ مون کي ڪوڙو چوندا. يعني ڳالهائڻ جي لحاظ سان منهنجو ڀاءُ هارون مون کان وڌيڪ فصيح ۽ چٽو آهي ان کي مون سان مددگار بنائي رسالت سان نوازي موڪل تہ اهو مون واريون حجتون انهن کي سهڻي نموني ذهن ۾ وهاري. مون اڪيلي کي ڊپ ٿو ٿئي تہ مون کي ڪوڙو چوندا نہ مڃيندا ۽ جيئن ٻہ معجزا آهن تيئن نبي بہ ٻہ هونداسون تہ وڌيڪ اثر ٿيندو. (۴) "قَالَ سَنَشُدُّ عَضُدَكَ بِاَخِيۡكَ وَنَجۡعَلُ لَكُمَا سُلۡطٰنًا فَلَا يَصِلُوۡنَ اِلَيۡكُمَا ۚۛ بِاٰيٰتِنَاۤ ۚۛ اَنۡتُمَا وَمَنِ اتَّبَعَكُمَا الۡغٰلِبُوۡنَ"

(١) نورالعرفان صـ٦٢١ـ (٢) صفوة التفاسير صـ٤٣٣ـ جلد ٢ (٣) روح البيان صـ٤٠۴ـ جلد ٦ (۴) التفسير الكبير صـ٢۴٩ـ جزءِ ٢۴

فرمايائين تہ جلد تنهنجي ڀاڻهن تنهنجي ڀاءَ سان مضبوط ڪنداسون ۽ اوهان ٻنهي کي تسلط ڏينداسون پوءِ اهي اوهان کي نہ پهچندا اسان جي نشانين سان اوهان ۽ جيڪي اوهان جا تابع ٿيا غالب آهيو. الله جل شانــه فرمايس تہ تنهنجي دعا منظور ٿي اسين تنهنجي ڀاءَ هارون علىٰ نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام کي پيغمبريءَ سان نوازي تنهنجي ٻانهن کي قوت ڏينداسون ڪو فڪر نہ ڪيو فرعون ۽ سندس ساٿي اوهان کي ڪجهہ ڪري نہ سگهندا اوهان وٽ اسان جون نشانيون (معجزا) آهن اوهان ۽ جيڪي اوهان جا تابع ٿيندا غالب آهيو.

فائدا

مذڪوره آيتن ۾ غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع۱ـ "فَلَمَّا قَضٰى مُوْسَى الْاَجَلَ" (پوءِ جڏهن موسىٰ مدت پوري ڪئي) مان واضح ٿيو تہ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام پنهنجو وعدو پورو ڪيو ۽ مقرر ٿيل مدت تائين اتي رهيو هو اها ڪيتري مدت هئي؟ صحيح بخاريءَ ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ: اها مدت ڏهہ سال هئي ڇو تہ انبياءَ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جو اهو ئي شان آهي تہ جيڪو چوندا آهن اهو ڪري ڏيکاريندا آهن حضرت حبيب پاڪ عليــه الصلوٰة والسلام جن جي بہ اها عادت مبارڪ هئي تہ حقدار کي ان جي حق کان وڌيڪ عطا ڪندا هئا ۽ امت کي بہ اهائي هدايت فرمائي اٿن تہ ملازمت، اجرت، خريد فروخت وغيره ۾ ايثار کان ڪم ورتو وڃي. (۱)

ع۲ـ "اِنِّيْٓ اٰنَسْتُ نَارًا" (مون باهہ ڏٺي آهي) مان واضح ٿيو تہ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام کي پري کان جيڪا روشني نظر آئي ان کي پاڻ ٻرندڙ باهہ سمجهيو هيائين. پر حقيقت ۾ اها باهہ جي شڪل ۾ مثالي تجلي هئي ڇو تہ هن دنيا ۾ ذاتي تجلي جو مشاهدو (حضور پرنور عليــه الصلوٰة والسلام جن کان سواءِ) ڪنهن لاءِ بہ ممڪن ناهي ۽ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي بہ ان جي لاءِ ارشاد ٿيو هو تہ "لَنْ تَرٰىنِيْ" يعني تون مون کي هرگز ڏسي نہ سگهندين. ۽ ان مان مراد ذات حق جو مشاهدو هو. (۲)

ع۳ـ "وَسَارَ بِاَهْلِهٖٓ" (۽ پنهنجي اهل سان گڏ سفر ڪيائين) مان واضح ٿيو تہ سفر ۾ گهرواريءَ کي وٺي هلڻ شرعًا جائز آهي.

ع۴ـ "فِى الْبُقْعَةِ الْمُبٰرَكَةِ" (برڪت واري ميدان ۾) مان واضح ٿيو تہ جنهن جاءِ تي الله جل شانــه پنهنجي پياري نبي علىٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام سان ڳالهايو اها جاءِ عزت، شرف ۽ شان واري آهي. (۳)

(۱) معارف القرآن ص۶۳۴ـ جلد ۶ (۲) ساڳيو حوالو (۳) ايسر التفاسير ص۳۹۶ـ جلد ۳

فَلَمَّا جَآءَ هُمْ مُّوسٰى بِاٰيٰتِنَا بَيِّنٰتٍ قَالُوا مَا هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّفْتَرًى

پوءِ جڏهن آيو انهن وٽ موسىٰ اسان جي روشن نشانين سان تہ چيائون ناهي هي مگر جادو ٺاهيل

وَّمَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِيٓ اٰبَآئِنَا الْاَوَّلِيْنَ (٣٦) وَقَالَ مُوسٰى رَبِّيٓ اَعْلَمُ

۽ نہ ٻڌو اسان هي پنهنجن ابن ڏاڏن پهرين ۾ ۽ چيو موسىٰ رب منهنجو وڌيڪ ڄاڻيندڙ آهي

بِمَنْ جَآءَ بِالْهُدٰى مِنْ عِنْدِهٖ وَمَنْ تَكُوْنُ لَهٗ عَاقِبَةُ الدَّارِ ۭ اِنَّهٗ

ان کي جنهن آندي هدايت ان وٽان ۽ ان کي جو هوندو ان لاءِ چڱي پڇاڙيءَ جو گهر بيشڪ

لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ (٣٧) وَقَالَ فِرْعَوْنُ يٰٓاَيُّهَا الْمَلَاُ مَا عَلِمْتُ لَكُمْ مِّنْ

نہ ڪامياب ٿيندا ظالم ۽ چيو فرعون اي سردارؤ! نہ ڄاتو مون اوهان جي لاءِ ڪو معبود

اِلٰهٍ غَيْرِيْ ج فَاَوْقِدْ لِيْ يٰهَامٰنُ عَلَى الطِّيْنِ فَاجْعَلْ لِّيْ صَرْحًا لَّعَلِّيْٓ

پاڻ کان سواءِ پوءِ ٻار مون لاءِ اي هامان! مٽيءَ جي مٿان پوءِ ٺاهہ مون لاءِ ماڙي تانت چڙهي

اَطَّلِعُ اِلٰٓى اِلٰهِ مُوسٰى لا وَاِنِّيْ لَاَظُنُّهٗ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ (٣٨) وَاسْتَكْبَرَ هُوَ

وڃان مان موسىٰ جي معبود ڏانهن ۽ بيشڪ مان البت ڀانيان ٿو ان کي ڪوڙن مان ۽ تڪبر ڪيو ان

وَجُنُوْدُهٗ فِى الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ اِلَيْنَا لَا يُرْجَعُوْنَ (٣٩)

۽ ان جي لشڪر زمين ۾ هرو ڀرو ۽ گمان ڪيائون تہ بيشڪ اهي اسان ڏانهن نہ موٽايا ويندا

فَاَخَذْنٰهُ وَجُنُوْدَهٗ فَنَبَذْنٰهُمْ فِى الْيَمِّ ج فَانْظُرْ

پوءِ پڪڙيوسون ان کي ۽ ان جي لشڪر کي پوءِ اڇلايوسون انهن کي سمنڊ ۾ پوءِ ڏس

كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظّٰلِمِيْنَ (٤٠) وَجَعَلْنٰهُمْ اَئِمَّةً يَّدْعُوْنَ اِلَى النَّارِ ج

تہ ڪهڙي طرح هئي پڇاڙي ظالمن جي ۽ بنايوسين انهن کي اڳواڻ سڏين پيا باهہ ڏانهن

وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ لَا يُنْصَرُوْنَ (٤١) وَاَتْبَعْنٰهُمْ فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً ج

۽ قيامت جي ڏينهن نہ مدد ڪيا ويندا ۽ پويان لڳائي سون! انهن جي هن دنيا ۾ لعنت

وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ هُمْ مِّنَ الْمَقْبُوْحِيْنَ ع (٤٢)

۽ قيامت جي ڏينهن اهي بڇڙن مان هوندا

ع ٧ ع ٤

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي اظهار نبوت لاءِ ارشاد جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ان جو فرعونين وٽ پيغام حق جي پهچائڻ لاءِ تشريف فرما ٿيڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ارشاد الاهي آهي ”فَلَمَّا جَآءَ هُمۡ مُّوۡسٰی بِاٰیٰتِنَا بَیِّنٰتٍ قَالُوۡا مَا هٰذَاۤ اِلَّا سِحۡرٌ مُّفۡتَرًی وَّ مَا سَمِعۡنَا بِهٰذَا فِیۡۤ اٰبَآئِنَا الۡاَوَّلِیۡنَ“ پوءِ جڏهن انهن وٽ موسىٰ اسان جي روشن نشانين سان آيو ته چيائين هي ته صرف ٺاهيل جادو آهي ۽ اسان اهو پنهنجن پهرين ابن، ڏاڏن ۾ نه ٻڌو هو مصر وارا ماڻهو پراڻي دور کان شرڪ ۾ مبتلا رهندا آيا هئا توحيد ۽ نبوت جي عقيدي کان بالکل اڻ ڄاڻ هئا حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو پيغام ٻڌي، دلائل کان واقف ٿي ۽ معجزن کي مشاهدو ڪرڻ کان پوءِ چوڻ لڳا ته هي ته هڪ ساحرانه ڪاروائي آهي جنهن کي هٺ سان ٺاهي الله جل شانه ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي ”وَقَالَ مُوۡسٰی رَبِّیۡۤ اَعۡلَمُ بِمَنۡ جَآءَ بِالۡهُدٰی مِنۡ عِنۡدِهٖ وَ مَنۡ تَكُوۡنُ لَهٗ عَاقِبَةُ الدَّارِ ؕ اِنَّهٗ لَا یُفۡلِحُ الظّٰلِمُوۡنَ“ ۽ موسىٰ چيو ته منهنجو رب ان کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪو ان وٽان هدايت سان آيو ۽ ان کي (به وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي) جنهن جي لاءِ (چڱيءَ) پڇاڙي وارو گهر هوندو. يقينًا ظالم ڪامياب نه ٿيندا. يعني حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام انهن کي فرمايو ته: هينئر اوهان منهنجي ڳالهه نه ٿا ٻڌو پر هي قول ذهن نشين ڪيو ته الله جل شانه کي ته چڱيءَ طرح معلوم آهي ته هدايت جي واٽ تي ڪير هلي پيو ۽ ظالم ڪير آهي؟ ۽ ڪنهن جي عاقبت خير واري هوندي ۽ ڪير عاقبت جي لحاظ سان تباهه ٿي ويندو؟ ”عَاقِبَةُ الدَّارِ“ مان مراد آخرت ۾ چڱيءَ پڇاڙي وارو گهر آهي(١) ”وَقَالَ فِرۡعَوۡنُ یٰۤاَیُّهَا الۡمَلَاُ مَا عَلِمۡتُ لَكُمۡ مِّنۡ اِلٰهٍ غَیۡرِیۡ ۚ“ ۽ فرعون چيو ته اي سردارو! پاڻ کان سواءِ اوهان جي لاءِ ڪو به معبود نه ٿو ڄاڻان مان ئي اوهان جو اصلي ۽ قديمي ديوتا (معبود) آهيان ۽ اوهان جا ابا، ڏاڏا هميشه منهنجي پوڄا ڪندا آيا هئا ته هاڻي اهو نئون معبود ڪهڙو پيو ٻڌجي؟ سمجهڻ گهرجي ته مصر جا فرعون نسل درنسل مصري ماڻهن جي عقيدي ۾ خدائي اوتار هوندا هئا ۽ بادشاهه کي سيني کان وڏي ديوتا سج جو زنده نمائندو تصور ڪندا هئا ”فَاَوۡقِدۡ لِیۡ یٰهَامٰنُ عَلَی الطِّیۡنِ فَاجۡعَلۡ لِّیۡ صَرۡحًا لَّعَلِّیۡۤ اَطَّلِعُ اِلٰۤی اِلٰهِ مُوۡسٰی ۙ وَ اِنِّیۡ لَاَظُنُّهٗ مِنَ الۡكٰذِبِیۡنَ“ پوءِ اي هامان! مون لاءِ مٽيءَ

(١) حاشيه دريابادي ص٧٨٨ـ

تي باهہ ٻار پوءِ مون لاءِ ماڙي ٺاهہ تانت مان موسيٰ جي معبود ڏانهن چڙهي وڃان ۽ مان ان کي ڪوڙن مان ٿو ڀانيان. يعني مون لاءِ مٽيءَ تي باهہ ٻارائي ڪورو تيار ڪرائي پڪيون سرون ٺهراءِ ۽ انهن مان مون لاءِ پڪي ماڙي تيار ڪرائي ڏاءِ تہ مان ان تي چڙهي ڏسان تہ موسيٰ جو معبود ڪهڙو آهي جنهن جي توحيد ۽ عبادت لاءِ سڏي رهيو آهي ۽ دعويٰ ڪري ٿو تہ اهو ان جي تائيد ۽ مدد ڪري ٿو ۽ ان ڪيس اسان ڏانهن رسول بنائي موڪليو آهي. ائين چوڻ ڪان پوءِ پنهنجي قوم کي شڪ ۾ آڻڻ لاءِ چيائين تہ: مان يقين سان چوان ٿو تہ اهو ڪوڙو آهي (١) (معاذالله ثم معاذالله) "وَاسْتَكْبَرَ هُوَ وَجُنُودُهُ فِي الْأَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَظَنُّوا أَنَّهُمْ إِلَيْنَا لَا يُرْجَعُونَ" ۽ ان (فرعون) ۽ سندس لشڪر زمين ۾ هرويرو تڪبر ڪيو ۽ ڀانيائون تہ يقيناً اهي اسان ڏانهن نہ موٽاياويندا يعني فرعون ۽ سندس لشڪر کي تڪبر نہ ڪرڻ گهرجي ها ۽ ڪو اهو سندن حق هو هرويرو تڪبر ڪرڻ لڳا ۽ ائين سمجهيو هيائون تہ اهي اسان ڏانهن مرڻ ڪان پوءِ موٽايا نہ ويندا قيامت جي ڏينهن جا منڪر هئا "فَأَخَذْنَاهُ وَجُنُودَهُ فَنَبَذْنَاهُمْ فِي الْيَمِّ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الظَّالِمِينَ" پوءِ اسان ان کي ۽ سندس لشڪرن کي پڪڙيو پوءِ اسان انهن کي سمنڊ ۾ اڇلايو پوءِ ڏس تہ ظالمن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ يعني اسان فرعون ۽ سندس لشڪر کي پڪڙي درياءَ ۾ اڇلائي ٻوڙي ڇڏيو تانت دنيا ڏسي تہ متڪبرن ۽ ظالمن جي پڇاڙي هيئن ٿيندي آهي "وَجَعَلْنَاهُمْ أَئِمَّةً يَدْعُونَ إِلَى النَّارِ وَيَوْمَ الْقِيَامَةِ لَا يُنْصَرُونَ" ۽ اسان انهن کي اڳواڻ بنايو جيڪي باهہ ڏانهن سڏين پيا ۽ قيامت جي ڏينهن مدد نہ ڪياويندا يعني فرعوني جهنم جي باهہ ڏانهن سڏيندڙ اڳواڻ هئا ماڻهو انهن جا پوئلڳ هوندا هئا پر قيامت جي ڏينهن هتان وارا لشڪر ڪم نہ ڏيندا ۽ نہ انهن جيٰ ذريعي ڪا مدد ڪياويندا اڳواڻ ۽ پوئلڳ سڀ جهنم جو ٻارڻ بنجندا. "وَأَتْبَعْنَاهُمْ فِي هَٰذِهِ الدُّنْيَا لَعْنَةً وَيَوْمَ الْقِيَامَةِ هُمْ مِنَ الْمَقْبُوحِينَ" ۽ اسان هن دنيا ۾ انهن جي پويان لعنت لڳائي ڇڏي ۽ قيامت جي ڏينهن بڇڙن مان هوندا. يعني قيامت جي ڏينهن واري برائي ۽ بدانجامي تہ رهي پر دنيا ۾ ئي ماڻهو انهن تي هميشہ لعنت ڪندا رهندا.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع١ـ "مَا هَٰذَا إِلَّا سِحْرٌ مُفْتَرًى" (هي تہ صرف ٺاهيل جادو آهي) هن مان واضح ٿيو تہ

(١) المراغي ص١٦١ـ جزء ٢٠ جلد ٧

كافرن هميشه الله جل شانـــه جي نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي هٿان ظاهر ٿيندڙ معجزن کي جادو سڏيو آهي. ۽ معجزن جو انڪار ڪيو آهي.

ع٢ـ "مَا عَلِمْتُ لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرِيْ" (مان اوهان جي لاءِ پاڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به معبود نه ٿو ڄاڻان) مان واضح ٿيو ته فرعون جو خيال هو ته مون کي ئي معبود سمجهي منهنجي هر امر جي اطاعت ڪئي وڃي باقي اهو خيال ته بديهي البطلان آهي جو اهو پاڻ کي خالق يا صانع سمجهندو هجي. ڪيس دنيا تي ڄمندي، وڏو ٿيندي ڏسڻ وارا به اتي موجود هوندا انهن ڪيئن مڃيو هوندو ته هي خالق يا صانع آهي؟ (١)

ع٣ـ "فَاجْعَلْ لِّيْ صَرْحًا" (پوءِ مون لاءِ ماڙي ٺاهه) مان واضح ٿيو ته ان پنهنجي وزير هامان کي نهايت بلند محل ٺاهڻ جو آرڊر ڏنو پر اهو محل تيار ٿيو يا نه ان ۾ مختلف قول آهن ا: ته ان محل ٺاهڻ جي لاءِ هامان پنجاه هزار مستري گڏ ڪيا هئا مزدور ۽ ڪاٺ ۽ لوهه گڏ ڪرڻ وارا انهن کان جدا هئا ۽ اهو محل ايترو بلند ٺاهيو ويو جو ان دور ۾ ايترو بلند محل ٻيو نه هو پر اهو جڏهن مڪمل طرح تيار ٿي ويو ته الله جل شانـه جبريل عليـه السلام کي حڪم فرمايو جنهن هڪ ڌڪ سان ان کي ٽي ٽڪرا ڪري ڪيرائي ڇڏيو جنهن ۾ فرعوني لشڪر جا هزارين ماڻهو دٻجي مري ويا. (٢)

ع٢ـ ته اهو محل تيار نه ڪيو ويو. ائين چوڻ سان فرعون صرف مصر جي رهاڪو ماڻهن جا ذهن ان طرف متوجـه ڪيا اهي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام جي دين واري دعوت ڏانهن توجـه نه ڪن انتظار ۾ رهن علامه رازي ان کي ترجيح ڏني آهي (٣) پير محمد ڪرم شاه الازهري عليـه الرحمـة لکيو آهي ته: اهو قول ته فرعون محل تي چڙهي آسمان ڏانهن تير هلايو هو جيڪو رت سان ڀرجي آيو هو باطل ۽ ڪوڙ آهي جنهن کي عقل سليم به تسليم ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهي (۴)

ع۴ـ "وَيَوْمَ الْقِيٰمَـــةِ هُمْ مِّنَ الْمَقْبُوْحِيْنَ" (۽ قيامت جي ڏينهن اهي بڇڙن مان هوندا) مان واضح ٿيو ته قيامت جي ڏينهن ڪافرن جا حال انتها برا هوندا حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته: انهن جا منهن ڦريل، رنگ ڪارا، ۽ اکيون شيريون هونديون. (۵)

(١) التفسيرالڪبير صـ٢٥٢ـ جزء ٢۴ (٢) القرطبي صـ٢٨٨ـ جلد ١٣ (٣) التفسيرالڪبير صـ٢٥٣ـ جزء ٢۴ (۴) ضياء القرآن صـ۴٩٢ـ جلد ٣ (۵) المظهري صـ١٦٧ـ جلد٧

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِ مَآ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ الْاُوْلٰى بَصَآئِرَ

۽ البت تحقيق ڏنوسون موسٰى کي ڪتاب ان کان پوءِ جو هلاڪ ڪيون سون قومون پهريون چٽا دليل

لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ (۴۳) وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الْغَرْبِيِّ

ماڻهن جي لاءِ ۽ هدايت ۽ رحمت تانت اهي نصيحت وٺن ۽ نہ هئين تون الهندين پاسي کان

اِذْ قَضَيْنَآ اِلٰى مُوْسَى الْاَمْرَ وَمَا كُنْتَ مِنَ الشّٰهِدِيْنَ (۴۴) وَلٰكِنَّآ اَنْشَاْنَا

جڏهن موڪليوسون موسىٰ ڏانهن امر ۽ نہ هئين تون شاهدن مان ۽ پر اسان پيدا ڪيون

قُرُوْنًا فَتَطَاوَلَ عَلَيْهِمُ الْعُمُرُ وَمَا كُنْتَ ثَاوِيًا فِيْٓ اَهْلِ مَدْيَنَ تَتْلُوْا عَلَيْهِمْ

قومون پوءِ ڊگهو ٿيو انهن تي عرصو نہ هئين تون ٽڪندڙ مدين ۾ پڙهين پيو انهن تي اسان

اٰيٰتِنَا وَلٰكِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ (۴۵) وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الطُّوْرِ اِذْ نَادَيْنَا

جون آيتون ۽ پر اسين هئاسون موڪليندڙ ۽ نہ هئين تون طور جي پاسي ۾ جڏهن سڏيو اسان

وَلٰكِنْ رَّحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اَتٰهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ

۽ پر رحمت تنهنجي رب جي طرفان تانت ڊيڄارين ان قوم کي جو نہ آيو انهن وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ

مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ (۴۶)

توکان اڳي تانت اهي نصيحت قبول ڪن

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام جي دشمنن کي درياءَ ۾ ٻوڙڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ڪيس ڪتاب (توراة) جي ڏيڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ مِنْۢ بَعْدِ مَآ اَهْلَكْنَا الْقُرُوْنَ الْاُوْلٰى بَصَآئِرَ لِلنَّاسِ وَهُدًى وَّرَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ" ۽ البت تحقيق اسان موسىٰ کي ان کان پوءِ جو پهرين قومن کي هلاڪ ڪيوسين ڪتاب ڏنوسين جيڪو ماڻهن جي لاءِ روشن دليل ۽ هدايت ۽ رحمت هو تانت اهي نصيحت وٺن يعني اسان موسىٰ کي ڪتاب (توراة) عطا ڪيو جنهن ۾ انسان جي دنيا ۽ آخرت ۾ نيڪ بختيءَ جون ڳالهيون تفصيل سان بيان ڪيل هيون ۽ اهو قرون اولىٰ جي هلاڪ ڪرڻ کان پوءِ هو اهي حضرت نوح، حضرت هود ۽ حضرت صالح علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام جون

قومون آهن جن اسلامي شريعتن کي ڍاهي انهن جا آثار مٽائي جهان جو نظام غلط ڪري ڇڏيو هو ڪٿي به ڪا چڱائي نظر نه ٿي آئي ۽ ضروري هو ته ماڻهن کي اهڙو ديني اصلاحي پروگرام ڏنو وڃي جيڪو کين سڌي واٽ تي هلائي ۽ ان سان حقيقتون روشن ٿين ۽ قلب منور رهن ۽ حق باطل کان جدا رهي الله جل شانه جي رضا حاصل ڪن ان جي مغفرت، رحمت ۽ محبت جا مزا ماڻين (١) "وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الْغَرْبِيِّ اِذْ قَضَيْنَآ اِلٰى مُوْسَى الْاَمْرَ وَمَا كُنْتَ مِنَ الشّٰهِدِيْنَ" ۽ تون اولهه واري پاسي نه هئين جڏهن اسان موسيٰ ڏانهن امر موڪليو ۽ تون حاضرن مان نه هئين هن بيان سان انهن ماڻهن تي حجت قائم ڪئي وئي آهي جيڪي حضور عليه الصلوٰة والسلام کي ڪوڙو چوندا هئا انهن کي سمجهايو ويو آهي ته جيڪا شخصيت (بظاهر جسم اقدس سان) طور جي اولهه پاسي موجود نه هئي اها هستي اهي سڀ حقيقتون بيان ڪري جيڪي حضرت موسيٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام سان واسطو رکن ته اهو سندن سچي نبي ۽ برحق رسول هجڻ جو دليل آهي "وَلٰكِنَّآ اَنْشَاْنَا قُرُوْنًا فَتَطَاوَلَ عَلَيْهِمُ الْعُمُرُ وَمَا كُنْتَ ثَاوِيًا فِيْٓ اَهْلِ مَدْيَنَ تَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَا وَلٰكِنَّا كُنَّا مُرْسِلِيْنَ" ۽ پر اسان قومون پيدا ڪيون پوءِ انهن تي عرصو ڊگهو ٿيو ۽ تون مدين وارن ۾ ٽڪندڙ نه هئين جو انهن تي اسان جون آيتون تلاوت ڪرين ۽ پر اسين موڪليندڙ هئاسون. مطلب ته جيئن مدين وارن ۾ حضرت موسيٰ ۽ حضرت شعيب علىٰ نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام رهندڙ هئا اي حبيب ڪريم! عليه الصلوٰة والسلام اوهان انهن ۾ ائين رهندڙ نه هئا جو انهن جي اڳيان اسان جوُن آيتون پڙهو ها ۽ انهن سان جنت جو وعدو ڪريو ها ۽ کين جهنم جي باهه واري سزا کان ڊيڄاريو ها ۽ پر اسان اوهان کي رسالت سان نوازي مڪه مڪه وارن ۾ ڀين سيني ماڻهن ڏانهن معجزن ۽ غيبي خبرون ٻڌائڻ واري صفت سان موصوف بنائي موڪليو آهي ۽ جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته اوهان انهن کي اهي سمورا واقعا نه ٻڌايو ها (٢) "وَمَا كُنْتَ بِجَانِبِ الطُّوْرِ اِذْ نَادَيْنَا" ۽ جڏهن اسان (موسيٰ کي) سڏيو ته اوهان طور واري پاسي نه هئا مطلب ته جڏهن حضرت موسيٰ کي الله جل شانه سڏي فرمايو "اِنِّيْٓ اَنَا اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ" (بلاشڪ مان ئي جهانن جو پالڻهار سچو معبود آهيان) ته ان وقت اوهان اتي طور واري پاسي ۾ موجود نه هئا "وَلٰكِنْ رَّحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ" ۽ پر اهو (سڀ ڪجهه ڄاڻائڻ) تنهنجي رب جي طرفان رحمت آهي. جو اهي حقائق اوهان جي علم ۾ آندائين جڻ ته غار حراءَ واري جبل النور ۽ مڪه مڪرمه ۽ مدينه منوره ۾طور جبل ۽ مدين جي تاريخ ورائي آندي وئي آهي "لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اَتٰهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ

(١) المراغي ص٦٣ ـ جزء جلد ٧ (٢) المظهري ص١٦٩ ـ جلد ٧

قَبۡلِكَ لَعَلَّهُمۡ يَتَذَكَّرُوۡنَ" تانت ان قوم کي ڊيڄارين جن وٽ توکان اڳي کو ڊيڄاريندڙ نہ آيو شايد اهي نصيحت وٺن. يعني پنهنجي اڻ پڙهيل عرب قوم کي جن وٽ اوهان کان اڳي کو ڊيڄاريندڙ نہ آيو اهي واقعات ٻڌائي ڊيڄارين شايد اهي کا نصيحت حاصل کن ۽ هدايت جا صاحب بنجي نجات ماڻي سعادتمند بنجن. (١)

فائدا

مذکوره آيتن تي غور کرڻ سان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١۔ حضرت موسیٰ جي واقعات کي نبي پاڪ عليهما الصلوٰة والسلام جن کان بيان ڪرائڻ سان سندن نبوت کي نهايت عقلي قوي دلائل سان ثابت ڪيو ويو آهي. ڇو تہ جنهن جاءِ تي پاڻ بجسد ظاهر موجود ٿي نہ هئا الاهي عطا کان سواءِ اهي واقعا ڪيئن بيان ڪري رهيا هئا؟

ع٢۔ مذکوره آيتن ۾ نبي پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام جن جو اتي موجود هجڻ جي نفي مان. مراد جي وضاحت ڪندي علامہ صاوي لکيو آهي وهذابالنظرللعالم الجسماني لاقامته الحجة على الخصم وامابالنظر للعالم الروحاني فهو حاضر رسالة كل رسول وماوقع لـه من لدن آدم الى ان ظهر بجسمـه الشريف ولكن لايخاطب بـه اهل العناد (٢) ۽ هي دشمن تي حجت قائم ڪرڻ لاءِ جسماني جهان جي لحاظ سان آهي ۽ روحاني جي لحاظ سان پاڻ حضرت آدم عليـه الصلوٰة والسلام جي دور کان وٺي پنهنجي پاڪ جسم جي ظاهر ٿيڻ تائين هر رسول جي رسالت وقت حاضر هئا ۽ پر اهل عناد (منکر) سان اها ڳالهہ نہ ڪئي ويندي.

ع٣۔ "بَصَآئِرَ لِلنَّاسِ" (ماڻهن جي لاءِ بصيرت واريون ڳالهيون) هتي ماڻهن مان مراد ۾ جيڪڏهن صرف حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام داخل آهي تہ پوءِ مطلب ٿيندو تہ توراة ۾ جيڪي ڳالهيون تحريف ڪيل ناهن ۽ اهي ماهر علماءَ سمجهندا انهن جي ذريعي مسلمان بہ انهن مان بصيرت حاصل ڪري سگهندا جيئن نبي پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام جن جي تعريف ۽ ثناءَ اڄ بہ توراة مان ماهر علماءَ ثابت ڪندا آهن پر هر ماڻهو اهي نہ پڙهي مٿان تحريف ٿيل ڳالهيون پڙهي گمراهہ ٿي وڃي.

ع٤۔ "لِتُنۡذِرَ قَوۡمًا مَّآ اَتٰهُمۡ مِّنۡ نَّذِيۡرٍ مِّنۡ قَبۡلِكَ" (تانت تون ان قوم کي ڊيڄارين جن وٽ توکان اڳي کو بہ ڊيڄاريندڙ نہ آيو) هتي قوم مان مراد عرب آهن جيڪي حضرت اسمٰعيل جي اولاد مان آهن ۽ ان کان پوءِ خاتم الانبيا عليهم الصلوٰة والسلام تائين انهن

(١) ايسرالتفاسير ص٤٠٣۔ جلد ٣ (٢) معارف القرآن ص٦٥٢۔ جلد ٣

۾ ڪو بہ نبي مبعوث نہ ٿيو هو. اهوئي مضمون اڳتي اچڻ وارو آهي ۽ ان مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ قرآن ڪريم ۾ ٻي جاءِ تي جيڪو ارشاد آيو آهي " اِنْ مِّنْ اُمَّةٍ اِلَّا خَلَا فِيْهَا نَذِيْرٌ " (ڪا بہ امت ناهي مگر ان ۾ نبي گذريو آهي) اها مٿين آيت جي منافي ناهي ڇو تہ هن آيت جو مطلب آهي تہ گهڻو وقت حضرت اسماعيل ڪان پوءِ انهن ۾ ڪو نبي نہ آيو هو پر نبوت جي فيض ۽ حق جي پيغام ڪان اها امت خالي نہ هئي.

وَلَوْلَآ اَنْ تُصِيْبَهُمْ مُّصِيْبَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ

۽ جيڪڏهن نہ هجي ها ۽ جو پهچي ها انهن کي مصيبت ان سببان جو اڳي ڪري

اَيْدِيْهِمْ فَيَقُوْلُوْا رَبَّنَا لَوْلَآ اَرْسَلْتَ اِلَيْنَا رَسُوْلًا

موڪليو هٿن انهن جي پوءِ چون تہ اي اسان جا پالڻهار! ڇو نہ موڪليو تو اسان ڏانهن ڪو پيغمبر

فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ وَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ (٤٧) فَلَمَّا جَآءَ هُمُ الْحَقُّ

پوءِ تابعداری ڪيون ها تنهنجين آيتن جي ۽ هجون ها مومنن مان پوءِ جڏهن آيو انهن وٽ حق

مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْا لَوْلَآ اُوْتِيَ مِثْلَ مَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى ؕ اَوَلَمْ يَكْفُرُوْا

اسان وٽان تہ چيائون ڇو نہ ڏنو ويو مثال ان جي جيڪو ڏنو ويو موسیٰ ڇا نہ ڪفر ڪيائون

بِمَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ ۚ قَالُوْا سِحْرَانِ تَظٰهَرَا ۖقف

ان جو جيڪو ڏنو ويو موسیٰ اڳ ۾ چيائون تہ بہ جادو آهن جيڪي هڪ ٻئي جي مدد ڪن ٿا

وَقَالُوْٓا اِنَّا بِكُلٍّ كٰفِرُوْنَ (٤٨) قُلْ فَاْتُوْا بِكِتٰبٍ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ هُوَ

۽ چيائون تہ اسين سڀني جا انڪار ڪندڙ آهيون فرماءِ تہ پوءِ آڻيو ڪتاب الله وٽان جيڪو وڌيڪ

اَهْدٰى مِنْهُمَآ اَتَّبِعْهُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ (٤٩) فَاِنْ لَّمْ

هدايت وارو آهي انهن ٻنهي کان تہ ان جي اتباع ڪيان جيڪڏهن آهيو سچا پوءِ جيڪڏهن

يَسْتَجِيْبُوْا لَكَ فَاعْلَمْ اَنَّمَا يَتَّبِعُوْنَ اَهْوَآءَهُمْ ؕ وَمَنْ

قبول ڪن توکي پوءِ يقين ڄاڻ تہ بلاشڪ تابعداري ڪن ٿا پنهنجين سڌن جي ۽ ڪير

اَضَلُّ مِمَّنِ اتَّبَعَ هَوٰىهُ بِغَيْرِ هُدًى مِّنَ اللّٰهِ ؕ

وڌيڪ گمراهہ آهي ان کان جيڪو تابع ٿيو پنهنجي خواهش جو سواءِ هدايت (حاصل ڪرڻ) جي

وَصَّلْنَا	وَلَقَدْ	الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ (۵۰)		لَايَهْدِى	اِنَّ اللّٰهَ

الله کان بیشک الله نہ تو هدایت کري قوم ظالم کي ۽ البت تحقیق لاڳیتو موکلیو

يَتَذَكَّرُوْنَ (۵۱)	لَعَلَّهُمْ	الْقَوْلَ	لَهُمُ

اسان انهن لاءِ قول تانت اهي نصيحت حاصل ڪن

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت موسیٰ کي ڪتاب ڏيڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ سندس قوم جي طرفان ڪيس جادوگر سڏڻ ۽ نہ مڃڻ جو ذڪر آهي. ارشاد الاهي آهي"وَلَوْلَآ اَنْ تُصِيْبَهُمْ مُّصِيْبَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ فَيَقُوْلُوْا رَبَّنَا لَوْلَآ اَرْسَلْتَ اِلَيْنَا رَسُوْلًا فَنَتَّبِعَ اٰيٰتِكَ وَنَكُوْنَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ" ۽ جيڪڏهن ائين نہ هجي ها جو جيڪي سندن هٿن اڳي ڪري موڪليو آهي ان جي ڪري ڪين مصيبت پهچي ها پوءِ چون ها تہ اسان ڏانهن رسول ڇو نہ موڪليئي تہ اسين تنهنجي آيتن جي تابعداري ڪيون ها ۽ مومنن مان هجون ها. يعني انهن ۾ پيغمبرن عليهم الصلوٰة والسلام جو موڪلڻ سندن خوش قسمتي آهي جيڪڏهن الله تعالیٰ پيغمبر عليہ الصلوٰة والسلام جي موڪلڻ کان سواءِ سندن ڪليل بي عقلين ۽ بي ايمانين تي ڪين سزا ڏيڻ لڳي ها تڏهن بہ ظلم نہ هجي ها پر ان احسان فرمايو ۽ ڪنهن قسم جو معقول عذر جو موقعو نہ ڇڏيو ۽ ممڪن هو تہ سزا ڏيڻ وقت چوڻ لڳن ها تہ: الله جل شانہ اسان ڏانهن پيغمبر تہ موڪليو ئي ڪو نہ جيڪو اسان کي اسان جي غلطين تي متنبہ ڪري ها ۽ پيغمبر اچڻ کان پوءِ سڀ ڏسن ها تہ اسين ڪهڙا مومن ۽ دينداري ثابت ٿيون ها پر اسان کي هڪدم پڪڙي عذاب ۾ وڌو ويو آهي. اهي اهڙي نموني عرض ڪن ها."فَلَمَّا جَآءَهُمُ الْحَقُّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوْا لَوْلَآ اُوْتِيَ مِثْلَ مَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى" پوءِ جڏهن انهن وٽ اسان وٽان حق آيو چيائون تہ هن کي ان جهڙو ڇو نہ عطا ڪيو ويو جهڙو موسیٰ کي ڏنو ويو. يعني جيڪڏهن انهن ڏانهن پيغمبر نہ موڪليون ها تہ چون ها ڇو نہ موڪليو ويو ۽ جڏهن انهن وٽ اسان وٽان حق (پيغمبر) پهتو آهي تہ چون پيا تہ ان کي حضرت موسیٰ علیٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام وانگر لٺ وغيره جهڙا معجزا ڇو نہ ڏنا ويا؟ ۽ ان کي بہ توراة وانگر سڄو ڪتاب هڪ هنڌ ملي ها هي ڇا آهي جو قرآن پاڪ بہ بہ. چار چار آيتون ٿيو پيو لهي "اَوَلَمْ يَكْفُرُوْا بِمَآ اُوْتِيَ مُوْسٰى مِنْ قَبْلُ" ڇا ان جو انڪار نہ ڪيو هيائون جيڪو موسیٰ

کي اڳ ۾ ڏنو ويو هو يعني جيڪي معجزا حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام کي اڳ ۾ ڏنا هئاسون هنن انهن جو ڪفر ۽ انڪار نہ ڪيو هو ڇا؟ هي تہ انهن جا بہ منڪر هئا ۽ انهن کي بہ نہ مڃيو هيائون. انهن جي باوجود بہ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام ڪين مسلمان نہ بنائي سگهيو هو (١)

"قَالُوْا سِحْرٰنِ تَظٰهَرَا وَقَالُوْٓا اِنَّا بِكُلٍّ كٰفِرُوْنَ" چيائون تہ ٻہ جادو آهن جيڪي هڪ ٻئي جي مدد ڪن ٿا ۽ اسان سڀني جا انڪار ڪندڙ آهيون. "سِحْرٰنِ" (ٻہ جادو آهن) مان مراد ڇا آهي؟ ان ۾ ٻہ ٽي قول آهن ١: تہ انهن مان مراد توراة ۽ قرآن ڪريم آهن جيڪي هڪ ٻئي جي الاهي پيغام هجڻ جي تائيد ڪن ٿا. ٢: تہ ان مان مراد حضرت موسىٰ ۽ حضرت محمد عليهما الصلوٰة والسلام آهن حضرت موسىٰ حضرت محمد جي اچڻ جو اڳ ۾ ئي اعلان ڪندو رهيو ۽ حضرت محمد عليهما الصلوٰة والسلام حضرت موسىٰ جي تصديق ڪئي. انهن ٻنهي کي جادوگر سڏيندا رهيا (٢) ۽ ٻنهي جو انڪار ڪيائون "قُلْ فَاْتُوْا بِكِتٰبٍ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ هُوَ اَهْدٰى مِنْهُمَآ اَتَّبِعْهُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" فرماءِ تہ پوءِ الله وٽان اهڙو ڪتاب آڻيو جيڪو انهن ٻنهي کان وڌيڪ هدايت وارو آهي تہ مان ان جي تابعداري ڪيان. جيڪڏهن سچا آهيو. مطلب تہ: اي اسان جا محبوب! (عليـه الصلوٰة والسلام) اوهان انهن مشرڪن کي فرمايو تہ جيڪڏهن تـوراة ۽ قرآن ڪريم جادو آهن ۽ اوهان انهن کي نہ ٿا مڃيو تہ پوءِ ڀلا اوهان الله وٽان اهڙو ڪتاب آڻيو جيڪو هنن ٻنهي کان وڌيڪ هدايت وارو هجي تہ مان تو ان جي تابعداري ڪيان. جيڪڏهن پنهنجي دعوىٰ ۾ سچا آهيو (٣) "فَاِنْ لَّمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَكَ فَاعْلَمْ اَنَّمَا يَتَّبِعُوْنَ اَهْوَآءَهُمْ ۭ وَمَنْ اَضَلُّ مِمَّنِ اتَّبَعَ هَوٰىهُ بِغَيْرِ هُدًى مِّنَ اللّٰهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ" پوءِ جيڪڏهن نہ چوڻ مڃين تنهنجو پوءِ يقين ڄاڻ تہ اهي صرف پنهنجين خواهشن جي اتباع ڪن ٿا ۽ ان کان وڌيڪ ڪير گمراه آهي؟ جنهن پنهنجي خواهش جي الله جي طرفان هدايت کان سواءِ اتباع ڪئي بلاشڪ الله ظالم قوم کي هدايت نہ ٿو ڪري مطلب تہ جيڪڏهن اهڙو ڪتاب نہ ٿا آڻين (۽ آڻي بہ نہ سگهندا ڇو تہ اهو محال آهي) تہ پوءِ يقين ڪر تہ اهي حق جي بجاءِ پنهنجين خواهشن جا تابع آهن. ۽ جيڪو الله جي طرفان هدايت کان سواءِ پنهنجين خواهشن جو تابع آهي ان کان وڌيڪ ڪير گمراه آهي؟ ان کي نہ عقل آهي نہ فهم نہ دين نہ ايمان اهو گمراهيءَ ۾ مبتلا آهي ۽ الله جل شانـه جو دستور آهي تہ اهڙن ظالمن گمراهن کي هدايت نہ ڪندو آهي

(١) تفسير ابن ڪثير صـ٣٩٢ـ جلد ٣ (٢) خازن صـ٤٠٦ـ جلد ٣ (٣) ايسرالتفاسير صـ٤٠٥ـ جلد ٣

جيڪي ڪفر ۽ شرڪ ۾ غرق هوندا آهن سندن عمل سراسر گناهه هوندو آهي. اهي محروم ۽ بدنصيب آهن "وَلَقَدْ وَصَّلْنَا لَهُمُ الْقَوْلَ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ" ۽ البت تحقيق اسان انهن جي لاءِ قول لاڳيتو موڪليو تانت اهي نصيحت حاصل ڪن يعني جيڪي حالتون اڳين امتن کي انبياءَ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جي نہ مڃڻ جي ڪري پيش آيون اسان اهي لاڳيتو ٻڌائيندا رهيا آهيون ۽ واضح ڪري ڪين بيان ڪندا رهيا آهيون ان اميد تي تہ شايد اهي ايمان آڻي الله وحده لاشريڪ لـہ کي هڪ ڪري مڃين ۽ ان تي ايمان آڻي شرڪ ۽ ڪفر کان پري رهي دنيا جي خواري، آخرت جي عذاب کان محفوظ ٿي جنت ۾ داخل ٿين.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "فَيَقُوْلُوْا رَبَّنَا لَوْلَآ اَرْسَلْتَ اِلَيْنَا رَسُوْلًا" (پوءِ چون ها تہ اي اسان جيا پالڻهار! اسان ڏانهن رسول ڇو نہ موڪليئي؟) مان واضح ٿيو تہ رسولن عليهم الصلوٰة والسلام جي موڪلڻ ۾ هڪ اها بہ حڪمت هئي تہ ٻانهن کي عذر پيش ڪرڻ جو موقعو نہ ملي تہ اسان کي سمجهائڻ لاءِ ڪو رسول نہ آيو هو.

ع٢ـ "وَلٰكِنْ رَّحْمَـةً مِّنْ رَّبِّكَ" (۽ پر تنهنجي رب جي طرفان رحمت ٿي) مان واضح ٿيو تہ نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي بعثت الله جل شانـہ جي رحمت آهي جڏهن دنيا ۾ انهن جي ضرورت محسوس ٿيندي هئي تہ الله جل شانـہ ڪين موڪليندو هو ۽ سندن ذريعي دنيا تان جهالت، ڪفر ۽ شرڪ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي.

ع٣ـ "وَلَقَدْ وَصَّلْنَا لَهُمُ الْقَوْلَ" (۽ البت انهن جي لاءِ لاڳيتو قول موڪليوسون) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانـہ ماڻهن جي هدايت لاءِ لاڳيتو سلسلو جاري رکيو ۽ ان مان اهو ثابت ٿيو تہ انبياءَ ڪرام عليهم السلام جي دعوت دين ۾ اهو بہ اهم پهلو هو تہ تنگ نہ ٿيندا هئا منڪرن کي بار بار متنبہ ڪندا رهندا هئا تہ اهي سڌرن.

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِهٖ هُمْ بِهٖ يُؤْمِنُوْنَ (٥٢) وَاِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ

اهي جو ڏنوسون انهن کي ڪتاب ان کان اڳي ان تي ايمان آڻين ٿا ۽ جڏهن تلاوت ڪيو ٿو وڃي انهن تي تہ

قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِهٖٓ اِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّنَآ اِنَّا كُنَّا

چيائون ايمان آندو اسان ان تي بلاشڪ اهو حق آهي اسان جي رب وٽان بلاشڪ اسين هئاسين

النصف

مِنْ قَبْلِهٖ مُسْلِمِيْنَ (٥٣) اُولٰٓئِكَ يُؤْتَوْنَ اَجْرَهُمْ مَّرَّتَيْنِ بِمَا صَبَرُوْا

ان کان اڳي مسلمان اهي ڏنا ويندا اجورو پنهنجو ٻه ڀيرا ان جي ڪري جو صبر ڪيائون

وَيَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ (٥٤)

۽ دفع ڪن ٿا چڱائي سان برائي ۽ ان مان جيڪو رزق ڏنوسون انهن کي خرچ ڪن ٿا

وَاِذَا سَمِعُوا اللَّغْوَ اَعْرَضُوْا عَنْهُ وَقَالُوْا لَنَآ اَعْمَالُنَا

۽ جڏهن ٻڌن ٿا بيهودي ڳالهه ته منهن موڙين ٿا ان کان ۽ چيائون ته اسان لاءِ عمل اسان جا آهن

وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ ز سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ ز لَا نَبْتَغِي الْجٰهِلِيْنَ (٥٥)

۽ اوهان لاءِ عمل اوهان جا آهن سلام آهي اوهان تي نه ٿا گهرون اسين جاهلن کي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ثابت ڪيو ويو ته قرآن ڪريم الله جي طرفان وحي آهي ۽ باطل ان جي مقابلي ۾ بيهي نه سگهندو ۽ هتي ان جو تاڪيد ڪندي بيان ڪيو ويو آهي ته: اهل ڪتاب مان سمجهه رکندڙن به ان تي ايمان آندو آهي جيڪو ان جي وحي من الله هجڻ جو دليل آهي. پوءِ جيڪي اهل ڪتاب ناهن انهن کي وڌيڪ مناسب آهي ته هن تي جلد ايمان آڻي مومن بنجن. ارشاد عالي آهي "اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ مِنْ قَبْلِهٖ هُمْ بِهٖ يُؤْمِنُوْنَ" جن کي ان کان اڳي ڪتاب ڏنوسون اهي ان تي ايمان آڻين ٿا. يعني اهل ڪتاب مان جن توراة ۽ انجيل تي ايمان آندو ان کان پوءِ نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جي زماني کي پهتا ته انهن ان تي ۽ قرآن ڪريم پاڪ تي به ايمان آندو ڇو ته سندن ڪتابن ۾ ان جي بشارت ڏنل هئي ۽ ان جون ذڪرڪيل سهڻيون صفتون به ان ۾ بلڪل پوريون موجود هيون.

شان نزول

حضرت سعيد بن جبير رضي الله عنه فرمايو ته: هي آيت اهل ڪتاب جي انهن ستر (٧٠) عالمن جي متعلق نازل ٿي جن کي حبش جي نجاشي بادشاهه نبي ڪريم عليه التحية والتسليم جي خدمت ۾ موڪليو هو جڏهن دربار حبيب عليه الصلوٰة والسلام ۾ پهتا ۽ پاڻ انهن کي سورة "يٰسٓ" پڙهي ٻڌايائون ته روئندا رهيا ۽ اسلام

قبول ڪري مسلمان ٿيا (١) "وَاِذَا يُتْلٰى عَلَيْهِمْ قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِهٖٓ اِنَّهُ الْحَقُّ مِنْ رَّبِّنَآ اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلِهٖ مُسْلِمِيْنَ" ۽ جڏهن انهن تي تلاوت ڪيو ٿو وڃي ته چون ٿا اسان ان تي ايمان آندو آهي بلاشڪ اهو اسان جي رب جي طرفان حق آهي بلاشڪ اسين ان کان اڳي مسلمان هئاسون. مطلب ته جڏهن انهن جي اڳيان هي قرآن پاڪ تلاوت ڪيو وڃي ٿو ته ان جي تصديق ڪندي چون ٿا ته اسان يقين سان چئون ٿا ته اهو حق آهي جيڪو اسان جي رب جي طرفان نازل ڪيل آهي ۽ جڏهن ته ان جي نزول جو ذڪر اسان جي ڪتابن ۾ اڳئي آيل آهي ته اسين به اڳئي ان تي ايمان آڻيو ويٺا هئاسون.

"اُولٰٓئِكَ يُؤْتَوْنَ اَجْرَهُمْ مَّرَّتَيْنِ بِمَا صَبَرُوْا" اهي پنهنجو اجر ٻه ڀيرا ڏنا ويندا ان جي ڪري جو صبر ڪيو هيائون. هن ۾ انهن جي ايمان آڻڻ جي ڪري ڪين ملڻ واري ثواب ۽ بدلي جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ويو آهي ته انهن کي پنهنجي ڪتاب ۽ قرآن پاڪ تي ايمان آڻڻ جي ڪري ٻيڻو ثواب ڏنو ويندو ڇو ته قرآن پاڪ تي ايمان آڻڻ جي ڪري ڪين پنهنجي قوم کان جيڪي تڪليفون ۽ سختيون پهتيون ان تي صبر ڪيائون. صحيح حديث ۾ حضرت ابو موسیٰ اشعري رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي پاڪ عليه الصلوٰة السلام جن فرمايو "ثَلَاثَةٌ يُؤْتَوْنَ اَجْرَهُمْ مَرَّتَيْنِ: رَجُلٌ مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ اٰمَنَ بِنَبِيِّهٖ ثُمَّ اٰمَنَ بِيْ وَعَبْدٌ مَمْلُوْكٌ اَدّٰى حَقَّ اللّٰهِ وَحَقَّ مَوَالِيْهِ وَرَجُلٌ كَانَتْ لَهٗ اَمَةٌ فَاَدَّبَهَا فَاَحْسَنَ تَاْدِيْبَهَا ثُمَّ اَعْتَقَهَا فَتَزَوَّجَهَا" يعني ٽي شخص پنهنجو اجر ٻيڻو ڏناويندا. هڪ اهل ڪتاب مان اهو شخص جنهن پنهنجي نبي تي ايمان آڻي ان کان پوءِ مون تي ايمان آندو ۽ (ٻيو) ملڪيت ڪيل ٻانهو جنهن الله جو ۽ پنهنجي سردارن جو حق ادا ڪيو (ٽيون) اهو شخص جنهن وٽ ٻانهي هئي پوءِ ان کي تربيت ڏنائين ۽ ان جي تربيت سهڻي ڪيائين ان کان پوءِ ان کي آزاد ڪري ان سان شادي ڪيائين. حضرت ابوامامة کان روايت آهي ته (مڪه مڪرمه کي) فتح ڪرڻ وقت مان رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي سواريءَ جي هيٺان (پير ۾) هوس پوءِ پاڻ نهايت حسين، جميل قول ارشاد فرمايائون ته: جنهن (توراة ۽ انجيل) ٻن ڪتابن جي اهل مان اسلام قبول ڪيو ته ان لاءِ ان جو ثواب ٻيڻو آهي ۽ جيڪي (حقوق) اسان جا آهن اهي ان جا (به) آهن ۽ جيڪي (ذميداريون) اسان تي آهن اهي انهن تي به آهن (٢) "وَيَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ" ۽ چڱائيءَ سان برائيءَ کي دفع ڪن ٿا. يعني جيڪڏهن ڪنهن کان گار يا ايذائيندڙ الفاظ ٻڌن ٿا ته ان کي معاف ۽ درگذر ڪري دفع ڪن ٿا.

(١) المراغي صه٧٠ـ جزء ٢٠ جلد ٧ (٢) المراغي صه٧٢ـ جزء ٢٠ جلد ٧

"وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ" ۽ ان مان جيڪو اسان انهن کي رزق ڏنو آهي خرچ ڪن ٿا. يعني پنهنجي مال ملڪيت مان خير جي ڪم ۾ خرچ ڪن ٿا ۽ ان ۾ اهو به اشارو آهي ته پنهنجي مجازي وجود کي حقيقي وجود (الله جل شانــه) جي طلب ۾ خرچ ڪن ٿا "وَاِذَا سَمِعُوا اللَّغْوَ اَعْرَضُوْا عَنْهُ" ۽ جڏهن بيهودي ڳالهه ٻڌن ٿا ته ان کان منهن موڙين ٿا. ۽ اهو هيئن هوجو مشرڪ اهل ڪتاب مان ايمان آڻيندڙن کي گاريون ڏيندا ۽ گهٽ وڌ چوندا هئا ته شال تباهه ٿيو پنهنجي قديم دين کي ڇڏي مسلمان ٿيا آهيو پر اهي سندن ڳالهه کان منهن موڙي هليا ويندا هئا "وَقَالُوْا لَنَآ اَعْمَالُنَا وَلَكُمْ اَعْمَالُكُمْ" ۽ چون ٿا ته اسان لاءِ اسان جا اعمال آهن ۽ اوهان لاءِ اوهان جا اعمال مطلب ته اوهان جي لاءِ گاريون ۽ گند وارا اعمال آهن اسان لاءِ معاف ۽ درگذر ڪرڻ وارا اعمال ڪافي آهن ۽ هر هڪ کي سندس اعمال مطابق فيصلو ڏيڻو پوندو "سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ" اوهان تي سلام آهي ۽ هي سلام ڇڏي وڃڻ ۽ انهن کان بيزار ٿيڻ جو هوندو محبت ۽ مرحبا وارو سلام نه هوندو ۽ اهو غير مسلمانن تي جائز ناهي "لَا نَبْتَغِى الْجٰهِلِيْنَ" اسين جاهلن کي نه ٿا گهرون مطلب ته اسين جاهلن جي محبت طلب نه ٿا ڪيون ۽ نه انهن سان گڏ رهڻ يا ڳالهائڻ پسند ٿا ڪيون علامه حقي عليــه الرحمـــة لکيو آهي ته: هي آيت جيتوڻيڪ جهاد جي آيت سان منسوخ آهي پر ان ۾سهڻن اخلاقن جي طرف متوجه ڪيو ويو آهي حديث پاڪ ۾ آهي ته: جنهن ۾ ٽي خصلتون نه هونديون ان جي علم تي اعتبار نه ڪيو ويندو ١: بردباري جنهن سان جاهل جي جهل کي رد ڪري ٢: پرهيزگاري جنهن سان الله جي بي فرمانيءَ کان بچي ٣: سهڻا اخلاق جنهن سان ماڻهن ۾ اٿي ويهي. (١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا

ع١۔ اهلِ ڪتاب مان قرآن ڪريم تي ايمان آڻيندڙ فضل ۽ شان جا صاحب آهن جو ڪين ٻيڻو ثواب ۽ درجو ملندو.

ع٢۔ "وَيَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ" (۽ چڱائيءَ سان برائيءَ کي دفع ڪن ٿا) هن مان ثابت ٿيو ته بري سان ڀلائي ڪرڻ الله جل شانــه جي پيارن ٻانهن جو ڪم آهي جئين سيد عبداللطيف ڀٽائي عليـه الرحمـة فرمايو آهي.

(١) روح البيان صـ۴١۴ـ جلد ٧

هـو چونءِ تـون م چوءُ وائئون ورائي
اڳ اڳرائي جـو كـري خطا سو كائي
پاند م پائي ويو كيني وارو كينكي

ع٣۔ "وَاِذَاسَمِعُوا اللَّغْوَاَعْرَضُوْاعَنْهُ" (۽ جڏهن بيهودي ڳالهہ ٻڌن ٿا تہ ان کان منهن موڙين ٿا) مان لغو ۽ جهالتن جي اهل کان منهن موڙڻ جي فضيلت ثابت ٿي.

اِنَّكَ لَاتَهْدِىْ مَنْ اَحْبَبْتَ وَلٰكِنَّ اللهَ يَهْدِىْ مَنْ يَّشَآءُ
بلاشڪ تون نہ تو هدايت ڪرين جنهن کي گهرين ۽ پر الله هدايت ٿو ڪري جنهن کي گهري
وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ (٥٦) وَقَالُوْآ اِنْ نَّتَّبِعِ الْهُدٰى
۽ اهوئي وڌيڪ ڄاڻيندڙ آهي هدايت وارن کي ۽ چيائون تہ جيڪڏهن تابعداري ڪنداسون
مَعَكَ نُتَخَطَّفْ مِنْ اَرْضِنَا اَوَلَمْ نُمَكِّنْ لَّهُمْ
هدايت جي توسان گڏ تہ جهڙپيا ويندا سون زمين پنهنجيءَ مان ڇا نہ طاقت سان رهايو اسان انهن کي
حَرَمًا اٰمِنًا يُّجْبٰى اِلَيْهِ ثَمَرٰتُ كُلِّ شَيْءٍ رِّزْقًا مِّنْ لَّدُنَّا وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ
حرم امن واري ۾ پهچايا وڃن ٿا ان ڏانهن ميوا هر شيءِ جا رزق ٿي اسان وٽان ۽ پر گهڻا انهن
لَا يَعْلَمُوْنَ (٥٧)
مان نہ ٿا ڄاڻن

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ اهل ڪتاب مان ڪيترن ايمان آندو آهي ۽ هتي بيان ٿي رهيو آهي تہ هجڻ تہ ائين گهرجي جو جن سان اوهان محبت رکو ٿا اهي ايمان آڻي مسلمان ٿين پر هدايت الله جي هٿ ۾ آهي جنهن کي گهري ٿو هدايت ڏي ٿو فرمان مبارڪ آهي "اِنَّكَ لَاتَهْدِىْ مَنْ اَحْبَبْتَ وَلٰكِنَّ اللهَ يَهْدِىْ مَنْ يَّشَآءُ" بلاشڪ تون جنهن سان محبت رکين ٿو ان کي هدايت نہ ٿو ڪرين ۽ پر الله جنهن کي گهري ٿو هدايت ڪري ٿو مفسرن لکيو آهي تہ هيءَ آيت حضرت ابوطالب جي حق ۾ نازل ٿي هئي جنهن بظاهر ڪلمو پاڪ نہ پڙهيو هو پر عند الله مومن هو ۽ حجة الوداع جي

موقعي تي پاڻ دعا گهري جيئن والدين ڪريمين کي ڪلمو پڙهايو هيائون تيئن حضرت ابوطالب کي به ڪلمو پڙهايو هيائون. (١)

علامه حقي عليه الرحمة به اها ڳالهه لکي آهي (٢) علامه قرطبي لکيو آهي ته "وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ" (۽ پر الله جنهن کي گهري ٿو ان کي هدايت ڪري ٿو) ۾ حضرت عباس رضي الله عنه جي مسلمان ٿيڻ ڏانهن اشارو آهي (٣) "وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ" ۽ اهو هدايت وارن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي مطلب ته ڪير هدايت تي هلندو ۽ ڪير هدايت نه قبوليندو اهو سڀ ان کي علم آهي "وَقَالُوْٓا اِنْ نَّتَّبِعِ الْهُدٰى مَعَكَ نُتَخَطَّفْ مِنْ اَرْضِنَا" ۽ چيائون ته جيڪڏهن توسان گڏ هدايت جي تابعداري ڪنداسون ته پنهنجي زمين مان جهڙپياوينداسون.

شان نزول

ابن جرير حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته قريشين مان ڪجهه ماڻهن نبي پاڪ عليه الصلٰوة والسلام جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته: جيڪڏهن اسين اوهان جي اتباع ڪنداسون ته ماڻهو اسان کي جهڙپي ڪٽي ويندا تڏهن الله جل شانه هيءَ آيت نازل فرمائي (١) جنهن ۾ بيان ڪيو ويو ته: چون ٿا ته جيڪڏهن اسان ايمان آڻي اوهان جي اتباع ڪنداسون ته عرب اسان کي اسان جي سرزمين مڪه مڪرمه مان ڪڍي ڇڏيندا. الله جل شانه سندن ان قول کي رد ڪندي فرمايو "اَوَلَمْ نُمَكِّنْ لَّهُمْ حَرَمًا اٰمِنًا يُّجْبٰٓى اِلَيْهِ ثَمَرٰتُ كُلِّ شَيْءٍ رِّزْقًا مِّنْ لَّدُنَّا وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ" ڇا اسان انهن کي امن واري حرم ۾ نه رهايو آهي جنهن ڏانهن هر شيءِ جا ميوا اسان جي طرفان رزق ڪري پهچايا وڃن ٿا ۽ پر انهن مان گهڻا نه ٿا ڄاڻن مطلب ته سندن ڪفر ۽ شرڪ ڪرڻ جي باوجود ڪين اهي نعمتون ڏنيون اٿئون ڇا جيڪڏهن الله جل شانه کي هڪ ڪري مڃيندا ته اهي نعمتون وڌيڪ نه ٿينديون. يقيناً وڌنديون پر انهن مان گهڻا ماڻهو اها ڳالهه ڄاڻن ئي نه ٿا ۽ نه فڪر ڪري سوچين ٿا.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

١ـ "اِنَّكَ لَا تَهْدِيْ مَنْ اَحْبَبْتَ" (جنهن جي هدايت تي اچڻ کي تون گهرين ان کي

(١) نورالعرفان ص٦٢٥ـ (٢) روح البيان ص٤١٦ـ جلد ٦ (٣) القرطبي ص٢٩٩ـ جلد ١٣

هدايت نہ ڏيو ڪرين) هدايت جي لفظ جون مرادون مختلف هونديون آهن انهن مان هڪ آهي صرف رستو ڏيکارڻ ان ۾ ضروري ناهي تہ جنهن کي رستو ڏيکاريو وڃي اهو منزل مقصود تائين پهچي ٻي مراد آهي تہ: منزل مقصود کي پهچي. پهرين معنىٰ جي لحاظ سان تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم ۽ ٻيا انبياء عظام عليهم الصلوٰة والسلام بالکل هدايت ڪندڙ آهن ۽ ڪين انهيءَ هدايت جو اختيار هو ڇو تہ اها هدايت ئي سندن نبوت جي فرض جو منصب هو جيڪڏهن ان جي بہ ڪين قدرت نہ هجي ها تہ رسالت ۽ نبوت جو فرض ڪيئن ادا ڪن ها ۽ هن آيت مان مقصد ٻي مراد آهي يعني منزل مقصود تي پهچائڻ مطلب هي آهي تہ اوهان جو ڪم آهي دين جي دعوت ڏيڻ ۽ انهن جي ڪنن ۽ دلين تائين قرآن ڪريم جو پيغام پهچائڻ باقي انهن کي ايمان جي توفيق ڏيڻ اهو الله جل شانہ جو ڪم آهي مفسرن لکيو آهي تہ هيءَ آيت حضرت ابو طالب جي متعلق نازل ٿي هئي. علامہ آلوسي بغدادي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ: حضرت ابوطالب جي اسلام آڻڻ جو مسئلو اختلافي آهي ان ۾ هرو ڀرو فضول ڪلامي ڪرڻ نامناسب آهي ممڪن آهي تہ ان سان نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن کي ايذاءَ پهچي (١) احتياط اهو آهي تہ ان کي الله جل شانہ جي حوالي ڪري ڇڏجي. علامہ صاوي لکيو آهي تہ صوفياءَ ڪرام جو قول آهي تہ: وفات کان پوءِ جيئرو ڪيو ويو هو ۽ ايمان آندو هيائين (٢) وَالله اعلم "اَوَلَمْ نُمَكِّنْ لَّهُمْ حَرَمًا اٰمِنًا" (ڇا اسان انهن کي امن واري حرم ۾ نہ رهايو) مان واضح ٿيو تہ الله جي قدرت، رحمت ۽ حڪمت سان مڪہ مڪرمہ جي جاهلن، مشرڪن عربن جي دلين ۾ بيت الله شريف جي حرم جي عزت ۽ احترام هو.

وَكَمْ اَهْلَكْنَا	مِنْ قَرْيَةٍۭ	بَطِرَتْ	مَعِيْشَتَهَاۚ
۽ ڪيترا هلاڪ ڪياسون	ڳوٺ جيڪي	حد کان لنگهيا	گذران پنهنجي ۾
فَتِلْكَ مَسٰكِنُهُمْ	لَمْ تُسْكَنْ مِّنْۢ		بَعْدِهِمْ اِلَّا قَلِيْلًاؕ
پوءِ اهي جايون انهن جون آهن	جو نہ رهائش ڪيون ويون	انهن کان پوءِ	مگر ٿورو وقت
وَكُنَّا نَحْنُ الْوٰرِثِيْنَ (٥٨)	وَمَا كَانَ رَبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى		حَتّٰى يَبْعَثَ
۽ هئاسين اسين وارث	۽ ناهي تنهنجو رب هلاڪ ڪندڙ ڳوٺن کي		تان جو موڪلي

(١) روح المعاني صـ٩٧ـ جزء ٢٠ جلد ٧ معارف القرآن صـ٦٤٩ـ جلد ٦ (١) الصاوي صـ٢٠٧ـ جزء ٣

فِيْٓ اُمِّهَا رَسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَاجْ وَمَا كُنَّا مُهْلِكِي
مرڪزي شهر انهن ۾ پيغمبر جو پڙهي انهن تي آيتون اسان جون ۽ ناهيون اسين هلاڪ ڪندڙ
الْقُرٰٓى اِلَّا وَاَهْلُهَا ظٰلِمُوْنَ (٥٩)
ڳوٺن جا مگر ان حال ۾ جو انهن جا رهاڪو ظلم ڪندڙ آهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ مڪه مڪرمه وارن تي ڪيل نعمتن جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ اڳين امتن تي ڪيل نعمتن جو ذڪر ڪندي ان ڪان پوءِ سندن بي قدريءَ جي ڪري ڪين مليل سزا جو بيان ٿي رهيو آهي. فرمان الٰهي آهي "وَكَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَرْيَةٍۭ بَطِرَتْ مَعِيْشَتَهَاجْ فَتِلْكَ مَسٰكِنُهُمْ لَمْ تُسْكَنْ مِّنْۢ بَعْدِهِمْ اِلَّا قَلِيْلًا" ۽ ڪيترا ڳوٺ جيڪي پنهنجي گذران ۾ حد ڪان لنگهي ويا اسان هلاڪ ڪري ڇڏيا پوءِ اهي سندن جايون انهن ڪان پوءِ ٿوري وقت ڪان سواءِ رهائشگاهه نه بڻيون. يعني پاڻ ته هلاڪ ٿي ويا پر سندن رهڻ جون جايون به ويران ۽ برباد رهيون جو واٽ ويندڙن مسافرن ڪان سواءِ ٿي ڪير ۾ گهڙيون وهي به ڪو نه ٿو. ڪنڊر بڻجي ويون "وَكُنَّا نَحْنُ الْوٰرِثِيْنَ" ۽ اسين ٿي وارث هئاسون يعني سندن ملڪيتون ۽ جايون سنڀالڻ وارو ڪير به نه رهيو صرف اسان ٿي انهن جا مالڪ رهياسون. هن آيت ۾ مڪه مڪرمه جي رهاڪن ڪي پڇاڙي خراب ٿيڻ جو ڊپ ڏياريو ويو آهي الٰهي نعمتن ۽ امن واري حرم ملڻ جو قدر ڪن بي قدريءَ جي سزا سخت آهي (١) "وَمَا كَانَ رَبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى حَتّٰى يَبْعَثَ فِيْٓ اُمِّهَا رَسُوْلًا يَّتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِنَاجْ" ۽ تنهنجو رب ڳوٺن ڪي هلاڪ ڪندڙ ناهي تان جو انهن جي مرڪزي شهر ۾ اهڙو پيغمبر موڪلي جيڪو انهن تي اسان جون آيتون پڙهي. يعني سندن عذر ۽ بهانا ختم ڪرڻ لاءِ سندن مرڪزي شهر ۾ پيغمبر عليه الصلوٰة والسلام ڪي موڪلڻ ڪان سواءِ الله جل شانه ڳوٺن ڪي هلاڪ نه ڪندو آهي "وَمَا كُنَّا مُهْلِكِي الْقُرٰٓى اِلَّا وَاَهْلُهَا ظٰلِمُوْنَ" ۽ اسين ڳوٺن ڪي هلاڪ ڪندڙ ناهيون مگر ان حال ۾ جو انهن جا رهاڪو ظلم ڪندڙ آهن. مطلب ته جيستائين ماڻهو ظلم ڪري پاڻ ڪي عذاب جو حقدار نه بنائيندا آهن تيستائين الله جل شانه انهن ڪي هلاڪ نه ڪندو آهي ۽ هن ۾ سندس پاڪ ذات جي عدل ۽ تقدس جو بيان آهي جو سندن ظالم هجڻ

(١) صفوة التفاسير ص ٤٤٠ ـ جلد ٢

جي باوجود مٿن حجت پوري ڪرڻ ۽ سندن عذر بهانا ختم ڪرڻ ڪان سواءِ ڪين سزا نہ ڏيندو آهي. (١)

فائدو

مذڪوره آيتن مان هي فائدو ذهن نشين ٿيڻ ٿو.

دنيا جي ٻين قومن تي نظر وجهي ڏسو تہ اهي شرڪ ۽ ڪفر جي وبال جي ڪري ڪيئن تباهہ ٿي ويا سندن مضبوط ۽ مستحڪم قلعا ۽ حفاظتي سامان سڀ ڪجهہ مٽيءَ ۾ ملي ويو. اصل خراب شيءِ شرڪ، ڪفر ۽ نبين عليهم الصلوٰة والسلام ڪي نہ مڃڻ آهي.

وَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَزِيْنَتُهَاج

۽ جيڪي ڏنا ويا آهيو اوهان هر شيءِ مان پوءِ دنيا جي حياتيءَ جو سامان ۽ ان جو سينگار آهي

وَمَا عِنْدَاللهِ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ط اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ع (٦٠) اَفَمَنْ وَّعَدْنٰهُ

۽ جيڪي الله وٽ آهي ڀلو ۽ بقادار آهي ڇا پوءِ نہ ٿا عقل رکو ڇا پوءِ جنهن کي وعدو ڏنو اسان

وَعْدًا حَسَنًا فَهُوَ لَاقِيْهِ كَمَنْ مَّتَّعْنٰهُ مَتَاعَ

وعدو سهڻو پوءِ اهو ملندڙ ان جو آهي ان وانگر آهي جو نفعو ڏنوسون ان کي دنيا جي

الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ثُمَّ هُوَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مِنَ الْمُحْضَرِيْنَ (٦١) وَيَوْمَ

حياتيءَ جي سامان جو تنهن کان پوءِ اهو قيامت جي ڏينهن حاضر ڪيلن مان هجي ۽ جنهن ڏينهن

يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ (٦٢)

سڏيندو انهن کي پوءِ فرمائيندو تہ ڪٿي آهن شريڪ منهنجا جيڪي اوهان گمان ڪندا هيئو

قَالَ الَّذِيْنَ حَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَغْوَيْنَاج

چوندا اهي جو لازم ٿيو انهن تي فرمان اي اسان جاپالڻهار! هي اهي آهن جن کي گمراه ڪيوسون

اَغْوَيْنٰهُمْ كَمَا غَوَيْنَاج تَبَرَّاْنَآ اِلَيْكَ ز مَا كَانُوْٓا اِيَّانَا يَعْبُدُوْنَ (٦٣)

گمراه ڪيوسون انهن کي جيئن گمراه ٿياسون بيزارٿياسون تو وٽ اسان جي عبادت نہ ڪندا هئا

(٢) القرطبي صـ٢ ـ٣٠ ـ جلد ١٣

ع ٩/٦

وَقِيْلَ ادْعُوْا شُرَكَآءَ كُمْ فَدَعَوْهُمْ فَلَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهُمْ وَ

۽ چيو ويندو سڏيو شريڪن پنهنجن کي پوءِ سڏيندا انهن کي پوءِ نہ جواب ڏيندا انهن کي ۽

رَاَوُا الْعَذَابَ ۚ لَوْ اَنَّهُمْ كَانُوْا يَهْتَدُوْنَ (٦٤) وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ

ڏسندا عذاب جيڪڏهن تحقيق اهي هدايت وارا هجن ها ۽ جنهن ڏينهن سڏيندو انهن کي

فَيَقُوْلُ مَاذَا اَجَبْتُمُ الْمُرْسَلِيْنَ (٦٥) فَعَمِيَتْ عَلَيْهِمُ الْاَنْبَآءُ يَوْمَئِذٍ

پوءِ چوندو تہ ڪهڙو جواب ڏنو اوهان مرسلن کي؟ پوءِ پلجي پيون انهن تي خبرون ان ڏينهن پوءِ

فَهُمْ لَا يَتَسَآءَلُوْنَ (٦٦) فَاَمَّا مَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا

پاڻ ۾ (بہ) نہ پڇندا پوءِ پر جنهن توبہ ڪئي ۽ ايمان آندائين ۽ ڪيائين سهڻا عمل

فَعَسٰٓى اَنْ يَّكُوْنَ مِنَ الْمُفْلِحِيْنَ (٦٧)

پوءِ اميد آهي تہ هوندو ڪامياب ٿيندڙن مان

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو تہ هي ڪافر دنيا جي نفعن کي ذهن ۾ رکندي دين قبول نہ ٿا ڪن. ۽ هتي ٻڌايو ويوآهي تہ دنيا جو سامان ۽ نفعا تہ عارضي آهن هميشہ رهڻ واري تہ آخرت جي زندگي آهي جيڪا ديندار هجڻ جي ڪري پلي ۽ بهتر ٿيندي آهي. ارشاد مبارڪ آهي "وَمَآ اُوْتِيْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَمَتَاعُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَزِيْنَتُهَا ۚ وَمَا عِنْدَ اللّٰهِ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى" ۽ جيڪو ڪجهہ اوهان ڏنا ويا آهيو اهو دنيا جي حياتيءَ جو سامان ۽ ان جو سينگار آهي ۽ جيڪو ڪجهہ الله وٽ آهي گهڻو پلو ۽ زياده بقا وارو آهي يعني هن دنيا جي لذتن ۽ آخرت جي راحتن جو ڪهڙو مقابلو ڪري سگهبو هن دنيا جي وڏي کان وڏي شيءِ بہ عارضي ۽ ٿورن ڏينهن جي آهي پر آخرت جا عيش ۽ آرام نوعيت ۽ ڪيفيت جي لحاظ سان بہ اعلىٰ ۽ ارفع هوندا تہ بقا جي لحاظ سان بہ قائم ۽ دائم هوندا. "اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ" ڇا پوءِ نہ ٿا عقل رکو. يعني اوهان وٽ ايتري سمجهہ ۽ عقل بہ ناهي جو پلي ۽ بري ۾ فرق ڪيو ۽ پنهنجي لاءِ پلائيءَ کي اختيار ڪيو فانيءَ کي ڇڏي باقيءَ سان محبت رکو.

حضرت امام شافعي عليه الرحمة جو فرمان

حضرت موصوف جو ارشاد آهي تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو وصيت ڪري وڃي تہ منهنجي وفات ڪان پوءِ منهنجي مال جو ٽيون حصو ان کي ڏجو جيڪو ماڻهن مان وڏيڪ عقلمند آهي تہ انهن کي ڏنو ويندو جيڪي الله جل شانـہ جي عبادت ۾ مشغول هوندا (١) "اَفَمَنْ وَّعَدْنٰـهُ وَعْدًا حَسَنًا فَهُوَلَاقِيْهِ كَمَنْ مَّتَّعْنٰـهُ مَتَاعَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ثُمَّ هُوَ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ مِنَ الْمُحْضَرِيْنَ" ڇا پوءِ جنهن کي اسان تمام سهڻو وعدو ڏنو پوءِ اهو ان کي پهچندڙ آهي سو ان وانگر آهي جنهن کي اسان دنيا جي حياتيءَ جو سامان ڏنو تنهن ڪان پوءِ اهو قيامت جي ڏينهن (الله جل شانـہ) وٽ حاضر ڪيلن مان آهي مطلب تہ جنهن سان اسان وعدو ڪيو آهي تہ جيڪڏهن اهو اسان جي فرمانبرداري ڪندو تہ ان کي جنت ۾ نهايت اهڙيون اعلىٰ ۽ عمده نعمتون ڏينداسون جو نہ ڪنهن ڏٺيون ٻڌيون هونديون ۽ نہ ڪنهن جي خيال ۾ آيون هونديون ۽ اسين ان سان اهو وعدو ضرور پورو ڪنداسون ان ڪيل انجام کي ضرور پهچندو اهو ان وانگر ناهي جنهن کي اسان دنياوي حياتيءَ جو سامان ڏنو ان اهي سڀ عمل وساري ڇڏيا جن جو ڪيس ڪرڻ ضروري هو ۽ دنياوي عارضي لذت کي اختيار ڪري اخروي نعمتون وساري ويٺو ان ڪان پوءِ اهو الله جي بارگاه ۾ حاضريءَ لاءِ پيش ڪري پنهنجن بڇڙن عملن جي ڪري عذاب ۾ وڌو ويندو. غور ڪبو تہ اهي ٻئي راجح عقل جي نظر ۾ برابر ناهن. "وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ فَيَقُوْلُ اَيْنَ شُرَكَآءِيَ الَّذِيْنَ كُنْتُمْ تَزْعُمُوْنَ" ۽ جنهن ڏينهن انهن کي سڏيندو پوءِ فرمائيندو تہ جن کي اوهان منهنجو شريڪ سمجهندا هئا اهي ڪٿي آهن؟ يعني اي منهنجا پيارا رسول! (عليـه الصلوٰة والسلام) پنهنجيءَ قوم کي بيان ڪري ٻڌاءِ تہ اهو ڏينهن اچي رهيو آهي جو تنهنجو پاڪ پروردگار انهن کي سڏي فرمائيندو تہ جن ملائڪن، جنن، بتن ۽ تارن کي اوهان دنيا ۾ منهنجو شريڪ سمجهندا هيئو اهي ڪٿي آهن؟ تہ اوهان کي هن عذاب ڪان ڇڏائين جنهن ۾ اوهان ڦاتل آهيو "قَالَ الَّذِيْنَ حَقَّ عَلَيْهِمُ الْقَوْلُ رَبَّنَا هٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ اَغْوَيْنَا اَغْوَيْنٰهُمْ كَمَا غَوَيْنَا" تہ اهي چوندا جن جي مٿان فرمان ثابت ٿيو هوندو تہ اي اسان جا پالڻهار! هي اهي آهن جن کي اسان اهڙي نموني گمراهہ ڪيو سون جيئن پاڻ گمراهہ ٿيا هئاسون يعني گمراهن جا اڳواڻ ۽ ڪين ڪفر ڏانهن سڏيندڙ جن جي مٿان الٰهي غضب ثابت ٿي چڪو هوندو ڪين سزا ڏيڻ جو فرمان صادر ٿي چڪو هوندو پوءِ جهنم ۾ داخل ٿيا هوندا اهي پنهجن

(١) المراغي صـ٧٩ـ جزء ٢٠ جلد ٧

پوئلگهن کي ڏسي چوندا ته اي اسان جا پالڻهار! جيئن اسين گمراهه ٿيا هئاسون تيئن اسان هنن کي به سندن ئي اختيار سان گمراهه ڪيو هو. اسان صرف ڪين وسوسو وڌو ۽ مشورو ڏنو پوءِ هي ان تي هلندي گمراهه ٿيا. اسان ڪين گهڻو مجبور ۽ مقهور نه ڪيو هو. ان ڪفر ۽ برن عملن جي سزا جا هي پاڻ مستحق آهن اسان جو چوڻ نه وڻن ها ته ڇا ٿئي ها؟ ڀلا جيڪڏهن اسان جي طرفان گمراهيءَ ۽ ڪفر جو مشورو هو ته ٻئي طرف ڪين تنهنجن پيارن پانهن جي طرفان حق جا پيغام به پهتا هئا انهن تي عمل ڪن ها ايمان آڻين ها جنهن لاءِ عقلي دلائل به سندن اڳيان موجود هئا ته تنهنجي طرفان نازل ڪيل ڪتاب به سندن اڳيان پڙهيا ويندا هئا ۽ انهن ۾ ذڪر تيل وعدو، وعيد، وعظ ۽ نصيحت ٻڌندا هئا "تَبَرَّأْنَا إِلَيْكَ مَا كَانُوا إِيَّانَا يَعْبُدُونَ" اسين تو ڏانهن (انهن کان) بيزار ٿي آيا آهيون اسان جي عبادت نه ڪندا هئا. يعني اهي پنهنجي نفس ۽ خواهشات جا پوڄاري هئا ۽ ان جي ڪري ئي بتن جي پوڄا ڪندا هئا "وَقِيلَ ادْعُوا شُرَكَاءَكُمْ فَدَعَوْهُمْ فَلَمْ يَسْتَجِيبُوا لَهُمْ" ۽ چيو ويندن ته پنهنجن شريڪن (ڪوڙن معبودن) کي سڏيو پوءِ انهن کي سڏيندا پوءِ انهن کي جواب نه ڏيندا. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته هتي "شُرَكَاءَ" مان مراد انهن ڪافرن جا باطل معبود آهن جن جي اهي پوڄا ڪندا هئا جيئن سج، چنڊ، تارا، وڻ، پٿر وغيره مشرڪن کي شرمسار ڪرڻ لاءِ ڪين چيو ويندو ته: انهن پنهنجن باطل معبودن کي هن مشڪل حال ۾ سڏڪيو ته اچي اوهان جي سنڀال لهن ۽ اوهان کي هن عذاب کان ڇڏائي ٻاهر ڪن. پوءِ اهي حيرت ۽ دهشت جي حال ۾ انهن کي سڏيندا پر اهي ڪين جواب ئي ڏئي نه سگهندا ڇو ته انهن ۾ جواب جي قوت ئي نه هوندي ۽ انهن کي ائين چوڻ مان مقصد ڪين خوار خراب ڪرڻ هوندو "وَرَأَوُا الْعَذَابَ لَوْ أَنَّهُمْ كَانُوا يَهْتَدُونَ" ۽ ڏسندا عذاب جيڪڏهن تحقيق اهي هدايت وارا ٿين ها (ته ڏاڍو ڀلو ٿئي ها) يعني باطل معبود ۽ سندن پوڄاري اهي ڪيفيتون ڏسي يقين ڪندا ته ڪين عذاب ملڻو ئي ملڻو آهي ۽ خواهش رکندا ته: جيڪڏهن اهي ايمان آڻي دين قبول ڪري هدايت وارا بنجن ها ته تمام ڀلو ٿئي ها "وَيَوْمَ يُنَادِيهِمْ فَيَقُولُ مَاذَا أَجَبْتُمُ الْمُرْسَلِينَ" ۽ جنهن ڏينهن انهن کي سڏي فرمائيندو ته اوهان پيغمبرن کي ڪهڙو جواب ڏنو هو؟ يعني جنهن ڏينهن ماڻهو محشر جي ميدان ۾ گڏ ٿيندا ۽ فرمانبردار ۽ بي فرمان هڪ جاءِ ۾ هوندا ته الله جل شانه مشرڪن کي سڏي فرمائيندو ته: مون اوهان ڏانهن پنهنجا پيغمبر عليهم الصلوٰة والسلام موڪليا هئا اوهان انهن کي ڪهڙو جواب ڏنو هو؟ هن سوال ۾ اها ڳالهه اچي وئي ته: اوهان وٽ دين جي دعوت ته پهتي هئي، اوهان وٽ منهنجا

پيغمبر عليهم الصلوٰة والسلام به آيا هئا. اوهان بي خبر هجڻ جو عذر ته پيش ڪري نه ٿا سگهو؟ صرف اهو ٻڌايو ته اوهان انهن ڪي جواب ڪهڙو ڏنو ۽ اوهان انهن کان ڪيترو متاثر ٿيا هئا؟ "فَعَمِيَتۡ عَلَيۡهِمُ الۡاَنۡۢبَآءُ يَوۡمَئِذٍ فَهُمۡ لَا يَتَسَآءَلُوۡنَ" پوءِ انهن کان ان ڏينهن اهي سڀ خبرون ذهن مان نڪري وينديون پوءِ اهي هڪ ٻئي کان پڇا ڳاڇا به نه ڪندا. يعني پنهنجي بري حالت ڏسي انهن جا عقل ئي ڪم نه ڪندا دماغ بيڪار ٿي ويندا سڀ رستا بند ٿي ويندا ۽ انهن تي دهشت ۽ دٻدٻو ايترو غالب هوندو جو هڪ ٻئي کان ڪجهه پڇي به نه سگهندا ۽ جواب ڏيڻ کان بالڪل عاجز هوندا "فَاَمَّا مَنۡ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَعَسٰۤى اَنۡ يَّكُوۡنَ مِنَ الۡمُفۡلِحِيۡنَ" پوءِ پر جنهن توبه ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا پوءِ اميد آهي ته ڪامياب ٿيندڙن مان هوندو. مفسرن لکيو آهي ته: قرآن ڪريم جي گهڻين جاين ۾ "عَسٰۤى" مان مراد اميد ۽ توقع ورتل آهي (١) مطلب ته: ڪافرن ۽ مشرڪن جو حال اهو هوندو جيڪو بيان ٿي آيو پر جنهن ڪفر، شرڪ ۽ برن عملن کان توبه ڪري ايمان آڻي صالح عمل ڪيا هوندا اميد آهي ته اهي قيامت جي ڏينهن ڪامياب ٿيندڙن مان هوندا ڇو ته اتي ڪاميابي صرف ايمان ۽ صالح عمل سان آهي. انهن سان ئي الله جل شانـــه جو هي وعدو آهي. پر اميد جي معنىٰ آڻڻ سان اهو واضح ڪرڻو آهي ته اسان تي ڪنهن جو دٻاءُ نه ٿو هلي سگهي ها پانهو اميد رکي ۽ اسان جو وعدو غلط نه ٿيندو آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع١ـ "اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ" (ڇا پوءِ عقل نه ٿا رکو) مان واضح ٿيو ته جنهن ماڻهوءَ کي حقيقي منعم ۽ ان جا انعام ذهن ۾ نه رهن ۽ صرف نعمتن تي مست هجي اهو عقلمند ناهي صرف پيٽ ۽ دنيوي سک ته جهنگ جا جانور به پسند ڪن ٿا.

ع٢ـ "وَمَا عِنۡدَ اللّٰهِ خَيۡرٌ وَّاَبۡقٰى" (۽ جيڪو الله وٽ آهي اهو تمام ڀلو ۽ گهڻو بقا وارو آهي) مان واضح ٿيو ته دنيوي سکن، عيش ۽ آرام کان آخرت جي سک ۽ آرام واري حياتي تمام گهڻي ڀلي آهي جتي ڪنهن به قسم جو غم نه هوندو بهشت ۾ ته بهاريون ئي بهاريون هونديون. الله جل شانـــه شال ڪرم ڪري نصيب فرمائي. آمين ياالله العالمين بحرمـــة سيدالمرسلين عليـــه وعلىٰ آلـــه واصحابـــه الصلوٰة والسلام الىٰ يوم الدين.

(١) المراغي ص٨٤ـ جزء ٢٠ جلد ٧

وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَايَشَآءُ وَيَخْتَارُ مَا كَانَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ

۽ تنهنجو رب پيدا ڪري ٿو جيڪي گهرندو آهي ۽ برگزيدو بنائيندو آهي ناهي انهن کي اختيار

سُبْحٰنَ اللهِ وَتَعَالٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ (٦٨) وَرَبُّكَ يَعْلَمُ

پاڪائي آهي الله جي ۽ مٿانهون ٿيو ان کان جنهن کي شريڪ ڪن ٿا ۽ تنهنجو رب ڄاڻي ٿو

مَا تُكِنُّ صُدُوْرُهُمْ وَمَا يُعْلِنُوْنَ (٦٩) وَهُوَ اللهُ

جيڪي لڪائين ٿا سينا انهن جا ۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا ۽ اهو ئي سچو معبود آهي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ لَهُ الْحَمْدُ فِى الْاُوْلٰى وَالْاٰخِرَةِ وَلَهُ الْحُكْمُ

ناهي ڪو عبادت جو لائق انڪان سواءِ ان جي لاءِ حمد آهي دنياءِ آخرت ۾ ۽ ان جو ئي حڪم آهي

وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ (٧٠) قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ جَعَلَ اللهُ عَلَيْكُمُ الَّيْلَ سَرْمَدًا

۽ ان ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ فرماءِ تہ خبر ڏيو جيڪڏهن ڪري ڇڏي الله اوهان تي رات هميشه

اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللهِ يَاْتِيْكُمْ

قيامت جي ڏينهن تائين تہ ڪير معبود آهي (هڪ سچي) الله کان سواءِ جيڪو آڻيندو اوهان

بِضِيَآءٍ اَفَلَا تَسْمَعُوْنَ (٧١) قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ جَعَلَ اللهُ عَلَيْكُمُ النَّهَارَ سَرْمَدًا

وٽ روشني ڇاپوءِ نہ ٿا ٻڌو؟ فرماءِ تہ خبر ڏيو جيڪڏهن ڪري ڇڏي الله اوهان تي ڏينهن هميشه

اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ اِلٰهٌ غَيْرُ اللهِ يَاْتِيْكُمْ

قيامت جي ڏينهن تائين تہ ڪير آهي معبود (هڪ سچي) الله کان سواءِ جيڪو آڻيندو اوهان وٽ

بِلَيْلٍ تَسْكُنُوْنَ فِيْهِ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ (٧٢) وَمِنْ رَّحْمَتِهٖ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ

رات جو سڪون وٺندؤ ان ۾ ڇا پوءِ نہ ٿا ڏسو؟ ۽ پنهنجيءَ رحمت مان ڪيائين اوهان لاءِ رات

وَالنَّهَارَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ (٧٣)

۽ ڏينهن تانت سڪون وٺو ان ۾ ۽ تانت طلب ڪيو ان جي فضل مان ۽ تانت اوهان شڪر ڪيو

تفسير

اڳين آيتن ۾ مشرڪن کي مذمت ڪيل هئي جن الله جل شانـه سان ٻين ڪجهه به اختيار نه رکندڙن کي شريڪ بنايو هو ۽ هنن آيتن ۾ الله جل شانـه پنهنجي اختيار کي بيان ڪندي ارشاد فرمايو "وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَا يَشَاءُ وَيَخْتَارُ" (۽ تنهنجو رب جيڪو گهري ٿو پيدا ڪري ٿو ۽ برگزيدو بنائي ٿو هيءُ بيان ان اڳين بيانن سان متصل آهي جنهن ۾ ڪافرن جي ان عقيدي جو رد ڪيو ويو هو ته سندن باطل معبود سندن شفاعت ڪندا. هتي بيان ڪيو ويو آهي ته شفاعت ڏيڻ جو اختيار الله جل شانـه کي آهي اهو مرضيءَ وارو آهي جنهن کي گهري پيدا ڪري برگزيدو بنائي شفاعت جو اذن ڏئي ڇڏي ۽ جنهن کي گهري ڪنهن مرتبي ۽ بلنديءَ تي پهچائي ڇڏي. محدث بزار حضرت جابر کان مرفوع صحيح حديث آندي آهي ته: رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن فرمايو: ان الله اختار اصحابي علي العالمين سوي النبين والمرسلين واختارلي من اصحابي اربعـة يعني ابابكر وعمر وعثمان وعليا. فجعلهم اصحابي وفي اصحابي كلهم خير واختارامتي علي سائرالامم واختارلي من امتي اربعـة قرون. (۱) يعني الله نبين ۽ مرسلن (عليهم الصلٰوة والسلام) کان سواءِ ٻين سڀني جهانن کان منهنجي اصحابن کي برگزيدو بنـايو ۽ منهنجـن اصحابن مـان چئن کي برگزيـدو بنـايو. (ابوبڪر، عمر، عثمان ۽ علي) پوءِ انهن کي منهنجو (خاص) اصحابي بنايائين ۽ منهنجن سڀني اصحابن ۾ ڀلائي آهي ۽ الله منهنجي امت کي سڀني امتن کان برگزيـدو بنـايو ۽ منهنجي لاءِ منهنجي امت مان چئن دورن کي ڀلو بنايو "مَا كَانَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ" انهن کي ڪو به اختيار ناهي جو جنهن کي اهي گهرن ان کي رسول يانبي بنائي موڪلن.

استخاره ڪرڻ

هن آيت جي تفسير ۾ علامہ سيوطي عليـه الرحمـة استخاره ڪرڻ جو طريقو بيان فرمايو آهي ان جي اتباع ڪندي مون گنهگار به هتي لکيو آهي بخاري، ابوداؤد، ترمذي، نسائي، ابن ماجـه، ابن مردويـه ۽ بيهقيءَ حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنـه کان روايت آندي آهي ته: رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن اسان کي استخاره

(۱) القرطبي صـ۳۰۵ـ جلد ۱۳

ڪرڻ ائين سيڪاريندا هئا جيئن قرآن ڪريم جي سورت سيڪاريندا هئا. پاڻ فرمائيندا هئا ته: جڏهن اوهان مان ڪو هڪ ڪنهن ڪم جو ارادو ڪري ته فرض کان سواءِ ٻه رڪعتون نماز پڙهي ان ڪان پوءِ هيئن چوي "اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْتَخِيْرُكَ بِعِلْمِكَ وَاَسْتَقْدِرُكَ بِقُدْرَتِكَ وَاَسْأَلُكَ مِنْ فَضْلِكَ الْعَظِيْمِ فَاِنَّكَ تَقْدِرُ وَلَا اَقْدِرُ وَ تَعْلَمُ وَلَا اَعْلَمُ وَاَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ اَللّٰهُمَّ اِنْ كُنْتَ تَعْلَمُ اَنَّ هٰذَا الْاَمْرَ خَيْرٌ لِّيْ فِيْ دِيْنِيْ وَ مَعَاشِيْ وَعَاقِبَةِ اَمْرِيْ وَعَاجِلِ اَمْرِيْ وَاٰجِلِهٖ فَاقْدِرْهُ لِيْ وَيَسِّرْهُ لِيْ وَاِنْ كُنْتَ تَعْلَمُ اَنَّ هٰذَا الْاَمْرَ شَرٌّ لِّيْ فِيْ دِيْنِيْ وَمَعَاشِيْ وَعَاقِبَةِ اَمْرِيْ وَعَاجِلِ اَمْرِيْ وَاٰجِلِهٖ فَاصْرِفْهُ عَنِّيْ وَاصْرِفْنِيْ عَنْهُ وَاقْدِرْلِيَ الْخَيْرَ حَيْثُ كَانَ وَاَرْضِنِيْ بِهٖ" ۽ "هٰذَا الْاَمْرُ" چوڻ وقت پنهنجي حاجت جو نالو وٺندو (١) "سُبْحٰنَ اللّٰهِ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ" الله جي پاڪائي آهي ۽ اهو ان ڪان مٿاهون آهي جنهن ڪي شريڪ بنائين ٿا. مطلب ته اهو هر شرڪ ۽ شريڪ کان پاڪ ۽ بلند آهي ڪو به ان جو شريڪ ناهي ۽ ڪنهن ڪي ڪا به ڪنهن قسم جي طاقت ناهي جو ان جي ڪنهن اختيار ۾ دخل ڏي يا ان ڪا ڪو اختيار ڪسي وٺي آيت جو خلاصو هي آهي ته: جڏهن الله ڪائنات جي تخليق ۾ منفرد آهي ڪو به ان جو شريڪ ناهي ته حڪمن جي جاري ڪرڻ ۾ به اهو ئي منفرد آهي جيئن تڪويني اختيار ۾ ڪو سندس شريڪ ناهي تيئن تشريعي اختيار به ان جو آهي ۽ پنهنجي مخلوق مان به جنهن ڪي گهري جنهن مرتبي سان نوازي ان جي مرضي آهي مڪه وارن جي مرضي نه هلندي ته الله جل شانه مڪه يا طائف جي رهاڪن مان ڪنهن ظاهري طرح وڏي ماڻهو سرمايه دار ڪي نبي ڇو نه بنايو؟

هڪ ماڻهوءَ ڪي ٻئي تي يا هڪ شيءِ ڪي ٻئي تي فضيلت ڏيڻ الله جل شانه جو اختيار آهي!

هن آيت ڪريمه مان هڪ عظيم الشان ضابطه ملي ٿو ته دنيا ۾ جيڪا هڪ ماڻهوءَ ڪي ٻئي تي يا هڪ شيءِ ڪي ٻيءِ تي فضيلت ملندي آهي اها ان جي ڪمائيءَ يا عمل جو نتيجو ناهي بلڪ اها ڪائنات جي خالق جي انتخاب ۽ اختيار جو نتيجو هوندي آهي ان ست آسمان پيدا ڪيا پر انهن مان فضيلت ستين مٿئين ڪي ڏني حالانڪ مادو ستنئي جو هڪ آهي ان ٻين سيني جنتن کان جنت الفردوس ڪي ۽ سيني ملائڪن کان جبريل، ميڪائيل، اسرافيل ۽ خاص ملائڪن ڪي ۽ سيني نبين کان

(١) الدرالمنثور ص ـ٤٣٤ـ جلد ٦

حضرت محمد مصطفىٰ عليـه الصلوٰة والسلام کي ۽ حضور عليـه الصلوٰة والسلام جي امت مان اصحابن کي اصحابن مان حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنـه کي فضيلت عطا ڪرڻ فرمائي اهڙي طرح زمين جي هڪڙن حصن کي ٻين تي، راتين ۽ ڏينهن مان هڪڙن کي ٻين تي پلائي ٻه ان بخشي آهي اهو سڀ ان جي اختيار ۽ انتخاب جو نتيجو آهي. افضليت ۽ مفضوليت جو اصل معيار پوري ڪائنات ۾ اهو آهي ها افضليت جو ٻيو سبب انساني اعمال ۽ افعال ٻه آهن ۽ جن جاين ۾ نيڪ اعمال ڪيا وڃن تا اهي جايون ٻه انهن صالحن عملن ۽ صالحن ٻانهن جي صدقي متبرڪ ٿينديون آهن. خلاصو ڳالهه جو هي آهي تہ دنيا ۾ فضيلت جومدار ٻہ شيون آهيون ١: غيراختياري جيڪو صرف الله جل شانـه جو اختيار آهي ٢: اختياري جيڪو صالحن عملن ۽ سهڻن اخلاقن سان حاصل ٿيندو آهي. مفسرن ۽ محدثن انهن ٻنهي معيارن تي تفصيلي گفتگو ڪئي آهي ۽ آخر ۾ اصحابن سڳورن مان خلفاءِ راشدين کي ۽ خلفاءِ راشدين مان حضرت ابوبکر ان کان پوءِ حضرت عمر ان کان پوءِ حضرت عثمان ان کان پوءِ حضرت علي رضي الله عنهم جي ترتيب کي ٻہ انهن ٻنهي معيارن سان ثابت ڪيو آهي (١) "وَرَبُّكَ يَعۡلَمُ مَا تُكِنُّ صُدُوۡرُهُمۡ وَمَا يُعۡلِنُوۡنَ" ۽ تنهنجو رب اهو (سڀ ڪجهہ) ڄاڻي ٿو جيڪو سندن سينا لڪائين ٿا ۽ جيڪو ظاهر ڪن ٿا يعني جيڪي براعقيدا يافاسد خيال دل ۾ رکن ٿا اهي ٻہ ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي برااعمال ظاهر ڪن ٿا اهي ٻہ ڄاڻي ٿو تنهنجي رب کان ڪا ٻہ ڳالهہ لڪل ناهي اهو ئي هر هڪ شخص جي پوشيده احوال ڪيفيت ۽ قابليت کان پوري طرح آگاهہ آهي هر هڪ سان ان جي موافق معاملو ڪندو "وَهُوَ اللّٰهُ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ لَهُ الۡحَمۡدُ فِى الۡاُوۡلٰى وَالۡاٰخِرَةِ وَلَهُ الۡحُكۡمُ وَاِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ" ۽ اهو ئي معبود بالحق آهي ان کان سواءِ ڪو ٻہ معبود بالحق ناهي ان جي لاءِ ئي دنيا ۽ آخرت ۾ حمد آهي ۽ ان جو ئي حڪم آهي ۽ ان ڏانهن ئي موٽاويندؤ يعني جهڙي طرح ڪائنات جي تخليق، اختيار ۽ علم محيط ۾ اهو منفرد آهي تہ الوهيت ۾ ٻہ اهو ئي منفرد آهي ان کان سواءِ ڪنهن جي ٻہ عبادت نہ ٿي سگهندي ڇو تہ ان جي ئي ذات منبع الڪمالات ۾ سڀ خوبيون موجود آهن دنيا ۽ آخرت ۾ جيڪا ٻہ تعريف آهي ڀلي‌اها ڪنهن جي ٻہ نالي سان ڪئي وڃي حقيقت ۾ ان جي ئي تعريف آهي ان جو ئي حڪم هلي ٿو. ان جو ئي فيصلو جاري آهي ان جي پاور ۾ ڪلي اختيار آهي ۽ نيٺ سڀني کي ان ڏانهن موٽڻو آهي "قُلۡ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيۡكُمُ الَّيۡلَ سَرۡمَدًا اِلٰى يَوۡمِ الۡقِيٰمَةِ مَنۡ اِلٰهٌ غَيۡرُ اللّٰهِ يَاۡتِيۡكُمۡ بِضِيَآءٍ ؕ اَفَلَا تَسۡمَعُوۡنَ" فرماءِ تہ: خبر ڏيو جيڪڏهن الله اوهان تي رات کي هميشـه قيامت

(١) معارف القرآن ص ٦٥٩ ـ جلد ٦

تائين ڪري ڇڏي تہ هڪ الله ڪان سواءِ ڪهڙو (باطل) معبود آهي جيڪو اوهان وٽ روشني آڻيندو ڇا پوءِ اوهان نہ ٿا ٻڌو؟ مطلب تہ جيڪڏهن الله جل شانـــہ اوهان کي روشني ڏيندڙ سج کي اڀرڻ کان روڪي قيامت تائين رات قائم ڪري ڇڏي تہ هڪ ان جي پاڪ ذات کان سواءِ ٻيو اوهان جو باطل معبود ڪهڙو آهي؟ جيڪو اوهان وٽ روشني آڻيندو جنهن ۾ اوهان پنهنجو ڪاروبار جاري رکي معاشي تڪليفون دور ڪندؤ. ڇا هيءَ ايتري روشن ۽ صاف ڳالهہ اوهان نہ ٿا ٻڌو؟ "قُلْ اَرَئَيْتُمْ اِنْ جَعَلَ اللّٰهُ عَلَيْكُمُ النَّهَارَ سَرْمَدًا اِلٰى يَوْمِ الْقِيٰمَةِ مَنْ اِلٰـهٌ غَيْرُاللّٰهِ يَاْتِيْكُمْ بِلَيْلٍ تَسْكُنُوْنَ فِيْـهِ اَفَلَا تُبْصِرُوْنَ" فرماءِ تہ خبر ڏيو جيڪڏهن الله اوهان تي هميشـــہ قيامت تائين ڏينهن (قائم) ڪري ڇڏي تہ (هڪ سچي) معبود بالحق کان سواءِ ڪير آهي جيڪو اوهان وٽ رات آڻيندو جنهن ۾ اوهان سڪون وٺو. ڇا پوءِ نہ ٿا ڏسو؟ يعني جيڪڏهن سج کي لهڻ نہ ڏي هميشـــہ اوهان جي مٿان بيهاري ڇڏي تہ جيڪا راحت، سڪون ۽ ٻيا فائدا رات جي اچڻ سان حاصل ٿيندا آهن ان جو انتظام ان جي پاڪ ذات عالي صفات کان سواءِ ڪهڙي طاقت ڪري سگهي ٿي؟ ڇا اهڙي روشن حقيقت بہ اوهان کي نظر نہ ٿي اچي؟ هتي "اَفَلَاتُبْصِرُوْنَ" آڻڻ ۽ اڳيئن آيت ۾ "اَفَلَاتَسْمَعُوْنَ" آڻڻ نهايت مناسب آهي ڇو تہ عادةً اک سان ڏسڻ روشنيءَ تي موقوف هوندو آهي رات جي انڌيري ۾ جڏهن تہ ڏسڻ جي صورت تمام مشڪل هوندي آهي اتي ٻڌڻ جو ذڪر مناسب رهيو.

"وَمِنْ رَّحْمَتِـهٖ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ لِتَسْكُنُوْا فِيْـهِ وَلِتَبْتَغُوْامِنْ فَضْلِـهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ" ۽ پنهنجي رحمت مان اوهان جي لاءِ رات ۽ ڏينهن ڪيائين تانتہ اوهان ان ۾ سڪون وٺو ۽ تانتہ اوهان ان جي فضل مان طلب ڪيو ۽ تانتہ اوهان شڪر ڪيو. مطلب تہ رات ڏينهن جي ڦيرڦار ۾ ان جي اوهان تي خاص رحمت آهي رات ۾ اوهان کي سڪون ملي ٿو ۽ ڏينهن جو رزق ۽ روزي حاصل ڪيو ٿا ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڏسي سمجهي ان جو شڪر ڪندا رهو جنهن اوهان کي مختلف قسمن جي انعامات سان نوازيو آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع١ـ "وَرَبُّكَ يَخْلُقُ مَايَشَآءُ وَيَخْتَارُ" (۽ تنهنجو رب جيڪي گهري ٿو پيدا ڪري ٿو ۽ برگزيدو بنائي ٿو) مان واضح ٿيو تہ سڀ تڪويني ۽ تشريعي بالذات ۽ مستقل

اختيار ان کي آهن انسان پنهنجي ارادي ۽ اختيار کي عملاً ۽ علمًا غير مستقل سمجهي جنهن کي جبريت محمود ڀ چئي سگهجي ٿو.

ع٢۔ "وَهُوَاللهُ" کان "وَاِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ" تائين آيت ۾ ان جي ذاتي ۽ صفاتي توحيد جو تاڪيد ڪيل آهي ۽ ٻين باطل معبودن جي نفي ڪيل آهي ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ ٻين معبودن مان هڪ هي ٻہ آهي اڄ ٻہ ان جي حقيقي حڪومت آهي پر آخرت ۾ جڏهن تہ ٻيا نالي طور ٻہ حاڪم نہ هوندا تہ اتي صرف ئي صرف ان جو حمد هوندو ۽ اها حقيقت سڀني جي اکيان عيان، ظاهر، منڪشف ۽ روشن ٿيندي.

ع٣۔ "وَمِنۡ رَّحۡمَتِهٖ" (۽ پنهنجي رحمت سان اوهان لاءِ رات ۽ ڏينهن رکيائين) کان پوءِ "وَلِتَبۡتَغُوۡا مِنۡ فَضۡلِهٖ" آٿن مان واضح ٿيو تہ روزي، رزق طلب ڪرڻ نهايت سهٹو عمل آهي جيئن روايت آهي تہ "الکاسب حبيب الله" ڪمائيندڙ الله جو پيارو ٿئي ٿو. "مِنۡ رَّحۡمَتِهٖ" ۾ من سببيہ آهي يعني انهن نعمتن ملڻ جو سبب ان جي رحمت آهي. ٻيو ڪو سبب ناهي.

وَيَوۡمَ يُنَادِيۡهِمۡ فَيَقُوۡلُ اَيۡنَ شُرَكَآءِيَ الَّذِيۡنَ كُنۡتُمۡ تَزۡعُمُوۡنَ (٧٤)

۽ جنهن ڏينهن سڏيندو انهن کي پوءِ فرمائيندو تہ ڪٿي آهن؟ منهنجا شريڪ جن جو گمان ڪندا هيئو

وَنَزَعۡنَا مِنۡ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيۡدًا فَقُلۡنَا هَاتُوۡا بُرۡهَانَكُمۡ فَعَلِمُوۡۤا

۽ ڪڍنداسون هر امت مان شاهد پوءِ چونداسون آڻيو دليل پنهنجو پوءِ يقين ڄاڻيندا

اَنَّ الۡحَقَّ لِلّٰهِ وَ ضَلَّ عَنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا يَفۡتَرُوۡنَ ع (٧٥) ع٧/١٠

تہ بيشڪ حق الله جي لاءِ آهي ۽ گم ٿينديون انهن کان اهي ڳالهيون جيڪي هٿ سان ٺاهيندا هئا

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل شانہ جي نعمتن جو بيان هو ۽ هتي ڪافرن کي تنبيہ ڪندي سمجهايو ويو آهي تہ اهي جن بتن جي پوڄا ڪن ٿا انهن وٽ ان جو ڪو بہ دليل ناهي سڀٽا سڏن جا پوڄاري آهن فرمان مبارڪ آهي "وَيَوۡمَ يُنَادِيۡهِمۡ فَيَقُوۡلُ اَيۡنَ شُرَكَآءِيَ الَّذِيۡنَ كُنۡتُمۡ تَزۡعُمُوۡنَ" ۽ ان ڏينهن انهن کي سڏيندو پوءِ فرمائيندو تہ ڪٿي آهن اهي جن کي اوهان منهنجا شريڪ سمجهندا هيئو؟ جيڪڏهن اهي واقعي منهنجا شريڪ آهن تہ اوهان کي عذاب کان ڇو نہ ٿا ڇڏائين؟ ۽ اهو ساري مخلوقات جي

موجود گيءِ ۾ سڏڻ ۽ چئلنج ڪرڻ انهن مشرڪن کي خوارخراب ڪرڻ لاءِ هوندو "وَنَزَعْنَا مِنْ كُلِّ اُمَّةٍ شَهِيْدًا" ۽ هرامت مان شاهد ڪيندا سون هتي شهيد مان مراد ان امت ڏانهن موڪليل نبي آهي. يعني هر امت مان انهن جي نبي عليه الصلوٰة والسلام کي ميدان ۾ آڻي ان کان شاهدي ورتي ويندي تہ ٻيءَ جاءِ تي ملائڪن کان شاهدي ورتي ويندي جيئن ارشاد عالي آهي "بِالنَّبِيّنَ وَالشُّهَدَآءِ" ۽ نبي ۽ شاهد آندا ويندا هتي شاهدن مان مراد ملائڪ آهن. (١)

"فَقُلْنَا هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ" پوءِ چونداسون تہ پنهنجو دليل آڻيو يعني اوهان الله جل شانہ جي لاءِ شريڪن مڃڻ واري دعوىٰ تي دليل آڻيو منهنجن نبين عليهم الصلوة والسلام اوهان کي منهنجي توحيد تي دليل، برهان ۽ حجتون پيش ڪيون پر اوهان نہ مڃيون اڄ اوهان پنهنجا دليل پيش ڪيو. پوءِ ڪو بہ جواب نہ ڏيندا حيران ۽ پريشان هوندا ڪين پنهنجا عقيدا بالڪل غلط نظر ايندا. فَعَلِمُوْا اَنَّ الْحَقَّ لِلّٰهِ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ پوءِ يقين ڄاڻندا تہ حق الله جي لاءِ آهي (۽ ان جو ئي فرمان سچو ۽ صحيح آهي) ۽ جيڪي هٿ جون ڳالهيون ٺاهيندا هئا اهي انهن کان گم ٿي وينديون. يعني اتي باطل معبودن جو وجود ئي نہ ليندو ۽ نہ سندن ساٿ ڏئي سگهندا.

فائدا

"وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ" (۽ جيڪي هٿ جو ٺاهيندا هئا اهو انهن کان گم ٿي ويندو) مان واضح ٿيو تہ باطل جيڪو هميشہ باطل آهي ان جو باطل هجڻ قيامت جي ڏينهن کلي سامهون ايندو هتي اڪيون ٻوتي ان جي پوڄا ڪرڻ وارا بہ اتي انهن جي باطل هجڻ جو کليو اقرار ڪندا.

اِنَّ قَارُوْنَ كَانَ مِنْ قَوْمِ مُوْسٰى فَبَغٰى عَلَيْهِمْ ص وَاٰتَيْنٰهُ

بيشڪ قارون هو موسىٰ جي قوم مان پوءِ سرڪشي ڪيائين انهن تي ۽ ڏنو سون ان کي

مِنَ الْكُنُوْزِ مَآ اِنَّ مَفَاتِحَهٗ لَتَنُوْٓاُ بِالْعُصْبَةِ اُولِى الْقُوَّةِ

خزانن مان اوترو جو بلاشڪ ان(خزانن)جون ڪنجيون البت ٿڪائين ٿيون ٽوليءَ طاقت واريءَ کي

اِذْقَالَ لَهٗ قَوْمُهٗ لَاتَفْرَحْ اِنَّ اللّٰهَ لَايُحِبُّ الْفَرِحِيْنَ (٧٦)

جڏهن چيو ان کي ان جي قوم نہ خوش ٿيءُ بيشڪ الله نہ ٿو محبت رکي خوش ٿيندڙن کي

(١) المراغي ص ٩٠ ـ جزء ٢٠ جلد ٧

وَابْتَغِ فِيْمَا اٰتٰكَ اللّٰهُ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ وَلَا تَنْسَ نَصِيْبَكَ مِنَ الدُّنْيَا

۽ طلب ڪر ان مان جيڪي ڏنو توکي الله دار آخرت کي ۽ نہ وسار ڀاڱو پنهنجو دنيا مان

وَاَحْسِنْ كَمَآ اَحْسَنَ اللّٰهُ اِلَيْكَ وَلَا تَبْغِ الْفَسَادَ فِی الْاَرْضِ اِنَّ اللّٰهَ

۽ احسان ڪر جيئن احسان ڪيو الله توتي ۽ نہ طلب ڪر فساد زمين ۾ بيشڪ الله

لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ (٧٧) . قَالَ اِنَّمَآ اُوْتِيْتُهٗ

نہ تو محبت رکي فساد ڪندڙن سان چيائين تہ بلاشڪ ڏنو ويس مان اهو

عَلٰى عِلْمٍ عِنْدِیْ اَوَلَمْ يَعْلَمْ اَنَّ اللّٰهَ قَدْ اَهْلَكَ مِنْ قَبْلِهٖ

علم جي ڪري جيڪو مون وٽ آهي ڇا نہ ڄاڻ رکيائين تہ بيشڪ الله تحقيق هلاڪ ڪيائين ان کان اڳي

مِنَ الْقُرُوْنِ مَنْ هُوَ اَشَدُّ مِنْهُ قُوَّةً وَّاَكْثَرُ جَمْعًا

ڪيتريون جماعتون جيڪي اهو سخت هيون ان کان قوت جي لحاظ سان ۽ گهڻا(دولت)گڏ ڪرڻ ۾

وَلَا يُسْـَٔلُ عَنْ ذُنُوْبِهِمُ الْمُجْرِمُوْنَ (٧٨) فَخَرَجَ عَلٰى قَوْمِهٖ فِیْ زِيْنَتِهٖ

۽ نہ پڇيا ويندا گناهن پنهنجن کان گنهگار پوءِ نڪتو پنهنجيءَ قوم جي سامهون پنهنجي سينگار سان

قَالَ الَّذِيْنَ يُرِيْدُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا يٰلَيْتَ لَنَا مِثْلَ

چيو انهن جيڪي ارادو ڪن پيا دنيوي حياتيءَ جو تہ اي ڪاش! اسان لاءِ بہ هجي ها مثال

مَآ اُوْتِیَ قَارُوْنُ اِنَّهٗ لَذُوْ حَظٍّ عَظِيْمٍ (٧٩) وَقَالَ الَّذِيْنَ

ان جي جيڪو ڏنو ويو قارون بيشڪ اهو البت وڏي قسمت جو صاحب آهي ۽ چيو انهن جيڪي

اُوْتُوا الْعِلْمَ وَيْلَكُمْ ثَوَابُ اللّٰهِ خَيْرٌ لِّمَنْ اٰمَنَ

ڏنا ويا علم تہ هلاڪت آهي اوهان جي لاءِ الله جو ثواب ڀلو آهي ان لاءِ جنهن ايمان آندو

وَعَمِلَ صَالِحًا وَلَا يُلَقّٰهَآ اِلَّا الصّٰبِرُوْنَ (٨٠) فَخَسَفْنَا بِهٖ

۽ ڪيائين سهڻا عمل ۽ نہ دل ۾ وڌا ويندا اها ڳالهہ مگر صبر ڪندڙ پوءِ گهايوسين ان کي

وَبِدَارِهِ الْاَرْضَ فَمَا كَانَ لَهٗ مِنْ فِئَةٍ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَمَا كَانَ

۽ ان جي محل کي زمين ۾ پوءِ نہ هئي ان لاءِ ڪائولي جيڪي مدد ڪن ان جي الله کان سواءِ ۽ نہ هو

مِنَ الْمُنْتَصِرِيْنَ (٨١) وَاَصْبَحَ الَّذِيْنَ تَمَنَّوْا مَكَانَهٗ بِالْاَمْسِ يَقُوْلُوْنَ

بدلو وٺندڙن مان ۽ صبح ڪئي انهن جن تمنا ڪئي ان جي مرتبي جي ڪالهہ چوڻ لڳا اي عجب!

وَيْكَاَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ ۚ

گويا ڪہ الله ڪشادو ڪري ٿو رزق جنهن لاءِ گهري پنهنجن ٻانهن مان ۽ تنگ ٿو ڪري جيڪڏهن

لَوْلَآ اَنْ مَّنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا لَخَسَفَ بِنَا ۭ وَيْكَاَنَّهٗ

نہ هجي ها هي جو ٿورو ڪيو الله اسان تي تہ البت ڳهرائي ڇڏي ها اسان کي اي وڏو عجب آهي؟

لَا يُفْلِحُ الْكٰفِرُوْنَ ع (٨٢) ع٨ ١١

تہ نہ ڪامياب ٿيندا ڪافر

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن ۽ گمراهن کي ملڻ واري سزا ۽ خواريءَ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ڪافرن ۾ وڏي سرڪش ۽ باغيءَ جو ذڪر آٽي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّ قَارُوْنَ كَانَ مِنْ قَوْمِ مُوْسٰى" بيشڪ قارون موسىٰ جي قوم مان هو. هي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام جو سوٽ بہ تہ ماسات بہ هو سندس نسب حضرت موسىٰ عليه الصلوٰة والسلام سان قاهث ۾ مليو ٿي. قارون بن يصهر بن قاهث بن لاوي بن يعقوب بن اسحاق بن ابراهيم عليــه السلام صورت سهڻي هجڻ جي ڪري منور سڏيو ويندو هو توراة جو حافظ ۽ بهترين قاري هو پر سامري وانگر منافق ٿي ويو هو(١) جيئن ظالم حڪومت جو دستور آهي تہ ڪنهن قوم جي رت چوسڻ جي لاءِ انهن مان ئي ڪنهن فرد کي ڪٽندا آهن فرعون بہ بني اسرائيل مان ـهن کي پاڻ وٽ رکيو هو ۽ قارون ان وقت ئي موقعو ڏسي گهڻي دولت جمع ڪرڻ شروع ڪئي هئي ۽ دنيوي طاقت حاصل ڪري چڪو هو ۽ جڏهن فرعون ۽ سندس لشڪر غرق ٿيا ۽ قارون جا مالي ذريعا محدود ٿي ويا تہ ان وقت کان وٺي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام سان حسد شروع ڪيائين پر پوءِ بہ بظاهر مومن سڏائيندو هو دل صاف نہ هيس (٢) ۽ بعض مفسرن لکيو آهي تہ: ان کي اهو حسد هو تہ حضرت موسىٰ نبي ۽ حضرت هارون بہ نبي (علىٰ نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام) مون کي ان ۾ ڀائيوار ڇو نہ بنايو ويو؟ حضرت موسىٰ سان اها شڪايت بہ ڪئي هيائين پاڻ فرمايائون تہ: اهو

(١) ايسرالتفاسير ص٤١٨ـ جلد ٣ المراغي ص٩٣ـ جزء ٢٠ جلد ٧ (٢) حاشيہ عثمانيہ ص٥٢٤ـ

سڀ اختيار الله جل شانـــه کي آهي منهنجو ان ۾ ڪو بہ دخل ناهي پر اهو پوءِ بہ مطمئن نہ ٿيو ۽ حسد ۾ رهيو. (١)

"فَبَغٰى عَلَيۡهِمۡ" پوءِ انهن تي سرڪشي ڪيائين مطلب تہ مال ۽ دولت جي نشي ۾ ٻين تي ظلم ڪرڻ شروع ڪيائين يحيٰ بن سلام ۽ سعيد بن مسيب فرمايو تہ: قارون سرمايہ دار شخص هو فرعون کيس بني اسرائيل جي نگرانيءَ تي مقرر ڪيو هو ان عهدي تي رهڻ دوران ان بني اسرائيل کي تڪليفون ڏنيون هيون (٢) مقصد تہ هڪ ضمير ۽ قوم فروش انسان ۽ فرعوني ايجنٽ هو ۽ ان جو اهو ڪم هو تہ بني اسرائيل کي ان غلامانہ زندگيءَ تي مطمئن رکي (جيئن هن هلندڙ دور جا مسلمان صدر ۽ وزيراعظم مسلمانن کي ڪافرن جي غلاميءَ ۾ رهڻ لاءِ مطمئن ڪن ٿا تہ انهن ڪان سواءِ مري ويندؤ. حالانڪ جيڪڏهن ٿوري عرصي لاءِ بہ مسلمان ملڪ متحد ٿي بيهن تہ ڪافر ملڪ سندن سلامي ڀنجي پون) ان قوم فروشيءَ جي ڪري فرعون پنهنجي خزانن جا منهن ان جي لاءِ کولي ڇڏيا هئا. ۽ ان جي ڪري قرآن ڪريم تصريح ڪئي آهي تہ: فرعون ۽ هامان وانگر قارون ڏانهن بہ حضرت موسیٰ کي موڪليو ويو هو "وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا مُوۡسٰى بِاٰيٰتِنَا وَسُلۡطٰنٍ مُّبِيۡنٍ اِلٰى فِرۡعَوۡنَ وَهٰمٰنَ وَقَارُوۡنَ فَقَالُوۡا سٰحِرٌ كَذَّابٌ" (٣) ۽ البت تحقيق اسان موسیٰ کي پنهنجين آيتن ۽ چٽي دليل سان فرعون ۽ هامان ۽ قارون ڏانهن موڪليو پوءِ چيائون تہ جادوگر گهڻو ڪوڙ هڻندڙ آهي مطلب تہ حضرت موسیٰ کي ڪذاب ۽ ساحر چوندڙن ۾ بني اسرائيل جو هي قوم وڪڻندڙ قارون بہ شريڪ هو ان کي معلوم هو تہ سندس اهي سڀ ڳالهيون ٽيستائين آهن جيستائين فرعون جي بادشاهي آهي پوءِ سندس ڪا بہ حيثيت نہ رهندي. (٤)

"وَاٰتَيۡنٰهُ مِنَ الۡكُنُوۡزِ مَاۤ اِنَّ مَفَاتِحَهٗ لَتَنُوۡٓاُ بِالۡعُصۡبَةِ اُولِى الۡقُوَّةِ" ۽ اسان ان کي ايترا خزانا ڏنا هئا جو يقينًا ان (خزانن) جون ڪنجيون طاقت واريءَ جماعت کي ٿڪائي ڇڏيون وجهن. مطلب تہ ان کي تمام گهڻا خزانا هئا ان جي خزانن جون ڪنجيون ايتريون ڳريون هيون جو هڪ مضبوط ۽ طاقت وارو ٽولو بہ انهن کي کڻندو هو تہ ٿڪجي پوندو هو. ابن ابي حاتم عطاءَ کان روايت آندي آهي تہ: قارون کي حضرت يوسف علیٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام جي خزانن مان خزانو هٿ آيو هو (٥) ۽ وليد بن زوران رضي الله عنـــه کان روايت آهي تہ قارون ڪيميا جو علم ڄاڻندو هو ابن مردويہ حضرت سلمان رضي الله عنــه کان روايت آندي آهي تہ قارون جي گهر جو بنياد سون

(١) معارف القرآن صـ٦٦٤ـ جلد ٦ (٢) القرطبي صـــ جلد ١٣ (٣) المومنون آيت ع٤٥، ٤٦ـ (٤) ضياء القرآن صـ٥٠٧ـ جلد ٣ (٥) الدرالمنثور صـ٤٣٨ـ جلد ٦

جو ۽ اگھڻ چانديءَ جي سرن مان ٺهيل هو. سعيد بن منصور ۽ ابن المنذر خيثمة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: مون انجيل ۾ لکيل ڏٺو آهي ته قارون جي خزانن جي چاٻين جو ايترو بار هو جنهن کي سٺ خچر طاقتور ڪٺي سگهندا هئا هر هڪ چاٻي آگر جيتري تلهي ۽ ڏگهي هوندي هئي ۽ هر هڪ چاٻي هڪ خزاني لاءِ هوندي هئي فريابي، ابن ابي شيبة، عبد بن حميد، ابن المنذر، ابن ابي حاتم حضرت خيثمه رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته ستر (٧٠) خچر اهي چاٻيون کڻندا هئا ۽ ابن جرير حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته: "العصبة" چاليهه مڙس هئا (١) والله اعلم "إِذْقَالَ لَهٗ قَوْمُهٗ لَاتَفْرَحْ اِنَّ اللّٰهَ لَايُحِبُّ الْفَرِحِيْنَ" جڏهن ان کي سندس قوم چيو ته خوش نه ٿيءُ بلاشڪ الله خوش ٿيندڙن سان محبت نه ٿو رکي قوم مان مراد بني اسرائيل آهن هڪ روايت موجب حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام پاڻ ان کي ائين فرمايو هو. ته دنيوي ڪثرت تي غرور ۽ خوشي نه ڪر ڇو ته اهڙن ماڻهن سان الله جل شانه محبت نه رکندو آهي مفسرن لکيو آهي ته: منع ڪيل خوشي صرف دنيا جي محبت ۾ خوش ٿيڻ آهي ديني نعمتن تي خوش ٿيڻ خود الله جل شانه جو فرمان آهي. "قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَبِرَحْمَتِهٖ فَبِذَالِكَ فَلْيَفْرَحُوْا" (٢) فرماءِ ته الله جي فضل ۽ رحمت تي مناسب آهي ته خوشي ڪن ۽ ٻيءَ آيت مبارڪه ۾ آهي "وَيَوْمَئِذٍ يَّفْرَحُ الْمُؤْمِنُوْنَ بِنَصْرِاللّٰهِ" (٣) ۽ ان ڏينهن مومن الله جي مدد تي خوش ٿيندا ۽ دنيا جي محبت ۾ خوش ٿيڻ کان ان جي ڪري روڪيو ويو آهي جو اها الله جي محبت کان روڪيندڙ آهي (۴) "وَابْتَغِ فِيْمَآ اٰتٰكَ اللّٰهُ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ" ۽ جيڪو توکي الله ڏنو آهي ان مان آخرت واري جاءِ طلب ڪر مطلب ته هيءَ دولت فنا ٿيڻ واري آهي ان سان آخرت جي ڀلائي طلب ڪر ۽ ان کي اهڙي نموني خرچ ڪر جو توکي قيامت ۾ ڪم اچي "وَلَاتَنْسَ نَصِيْبَكَ مِنَ الدُّنْيَا" ۽ دنيا مان پنهنجو ڀاڱو نه وسار يعني ان جو مطلب اهو ناهي ته دنيا ۾ ان مان ڪو به فائدو نه وٺ يا مومن ڪا به دنيوي لذت حاصل نه ڪري. پر صحت، قوت، جواني ۽ شاهوڪاريءَ هوندي آخرت جي لاءِ به تياري ڪندو رهي.

نبوي ارشاد

حضرت عمر بن ميمون اودي کان روايت آهي ته نبي پاڪ عليه الصلوٰة

(١) الدرالمنثور ص ـ٤٣٨ـ جلد ٦ (٢) سورة يونس آيت ع ـ٥٨ـ (٣) سورة روم آيت ع ـ۴ـ (۴) روح البيان ص ـ٤٣٠ـ جلد ٦

والتسليمات جن هڪ شخص کي نصيحت ڪندي فرمايو "اغتنم خمساقبل خمس شبابك قبل هرمك وصحتك قبل سقمك وغناك قبل فقرك وفراغك قبل شغلك وحياتك قبل موتك" (١) يعني پنجن کي پنجن کان اڳي غنيمت ڄاڻ ١: پنهنجي پوڙهي ٿيڻ کان اڳي پنهنجي جوانيءَ کي :٢ پنهنجي بيماري ٿيڻ کان اڳ پنهنجي چڱيلائيءَ کي ٣: پنهنجي محتاج ٿيڻ کان اڳي پنهنجي شاهوڪاريءَ کي ۴: پنهنجي مشغول ٿيڻ کان اڳي پنهنجي واندي هجڻ کي ۵: پنهنجي مرڻ کان اڳي پنهنجي حياتيءَ کي.

"وَاَحۡسِنۡ كَمَاۤ اَحۡسَنَ اللّٰهُ اِلَيۡكَ" ۽ ائين احسان ڪر جيئن الله توتي احسان ڪيو آهي يعني انهن خزانن کي الله جو احسان سمجهي ان جي مخلوق تي احسان ڪر ۽ انهن جي هر طرح مالي مدد ڪر "وَلَا تَبۡغِ الۡفَسَادَ فِى الۡاَرۡضِ" ۽ زمين ۾ فساد طلب نہ ڪر. يعني مال ۽ ملڪيت جي نشي ۾ اچي زمين ۾ نہ فساد ڪر۽ نہ الله جل شانہ جي مخلوق کي ايذاء "اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الۡمُفۡسِدِيۡنَ" بلاشڪ الله فساد ڪندڙن سان محبت نہ ٿو رکي. ۽ جيڪا شيءِ الله کي پسند ناهي ان کان پري رهہ "قَالَ اِنَّمَاۤ اُوۡتِيۡتُهٗ عَلٰى عِلۡمٍ عِنۡدِىۡ" چيائين تہ مان اهو (سڀ ڪجهہ) ان علم جي ڪري ڏنو ويو آهيان جيڪو مون وٽ آهي. الله جل شانـہ بيان فرمايو تہ: قارون پنهجن خيرخواهن ۽ سچ چوندڙن کي اهو جواب ڏنو هو تہ: مان اوهان جي نصيحت جو محتاج ناهيان الله جل شانـہ کي علم آهي تہ: مان ان مال جو مستحق ۽ لائق آهيان تڏهن مون کي اهو عطا ڪيو اٿس ۽ هڪ قول آهي تہ: اهي خزانا مون کي الله جل شانـہ نہ ڏنا آهن پر مون وٽ ڪيميا جو علم هو ان ذريعي مون اهو گڏ ڪيو آهي پر اهو قول ضعيف آهي ڇو تہ ڪيميا جو علم آهي ئي ڪو نہ هڪ شيءِ کي ٻيو بنائڻ تي الله کان سواءِ ڪير بہ قادر ناهي (٢) "اَوَلَمۡ يَعۡلَمۡ اَنَّ اللّٰهَ قَدۡ اَهۡلَكَ مِنۡ قَبۡلِهٖ مِنَ الۡقُرُوۡنِ مَنۡ هُوَ اَشَدُّ مِنۡهُ قُوَّةً وَّاَكۡثَرُ جَمۡعًا" ڇا نہ ڄاڻائين تہ بلاشڪ الله ان کان اڳي ڪيتريون قومون هلاڪ ڪيون جيڪي ان کان طاقت ۾ مضبوط ۽ (دولت) گڏ ڪرڻ ۾ گهڻيون هيون يعني ان کي اهو علم نہ هو ڇا؟ الله تعالیٰ ان کان اڳي شرارت ۽ سرڪشيءَ جي ڪري ڪيتريون قومون هلاڪ ۽ تباهہ ڪري ڇڏيون هيون حالانڪ اهي دولت گڏ ڪرڻ ۽ قوت ۾ هن کان وڌيڪ طاقت وارا هئا "وَلَا يُسۡـَٔلُ عَنۡ ذُنُوۡبِهِمُ الۡمُجۡرِمُوۡنَ" ۽ گنهگار پنهنجن گناهن جي باري ۾ سوال نہ ڪيا ويندا مطلب تہ الله جل شانـہ جڏهن گنهگارن کي عذاب ڪندو تہ انهن کان سندن گناهن جي ڪيفيت ۽ ڪميت نہ پڇندو ۽ نہ ان جي ان کي ڪا ضرورت آهي ڇو

(١) خازن صـ٤١٢ـ جلد ٣ (٢) تفسير ابن ڪثير صـ٣٩٩ـ جلد ٣

تہ پاڻ کلي معلومات رکي تو (١) "فَخَرَجَ عَلٰى قَوْمِهٖ فِيْ زِيْنَتِهٖ" پوءِ پنهنجي قوم جي اڳيان پنهنجي سينگار ۾ نڪتو يعني سندن عيد جو يا ڪو ٻيو مناسب ڏينهن هو ان ۾ خاص ڪپڙن ۽ خاص سوارين سان نڪتو "قَالَ الَّذِيْنَ يُرِيْدُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا يٰلَيْتَ لَنَا مِثْلَ مَآ اُوْتِيَ قَارُوْنُ اِنَّهٗ لَذُوْ حَظٍّ عَظِيْمٍ" انهن چيو جيڪي دنيا جي حياتيءَ جو ارادو ڪن پيا تہ ڪاش! اسان جي لاءِ بہ ان جيترو هجي ها جيڪو قارون کي ڏنو ويو آهي بلاشڪ اهو وڏي نصيب جو صاحب آهي مطلب تہ ان جو اميرن وارو حال ڏسي ظاهر ۾ ٻين ماڻهن جا وات پاڻي تي ويا ۽ چون پيا تہ جيڪڏهن اسان کي بہ اهو سڀ ڪجهہ ملي ها جيڪو قارون کي ڏنو ويو آهي تہ ڏاڍو ڀلو ٿئي ها قارون جا نصيب وڏا آهن "وَقَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ وَيْلَكُمْ ثَوَابُ اللّٰهِ خَيْرٌ لِّمَنْ اٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا وَلَا يُلَقّٰىهَآ اِلَّا الصّٰبِرُوْنَ" ۽ جيڪي علم ڏنا ويا هئا انهن چيو تہ: اوهان جي هلاڪت آهي الله جو ثواب ان لاءِ ڀلو آهي جنهن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا ۽ اهي ڳالهيون صبر وارن کان سواءِ (ٻين ڪي) دل ۾ نہ آنديون وينديون آهن. يعني جيڪي دنيا جي بي بقا هجڻ کي ڄاڻن پيا ۽ ان جي حقيقت کان باخبر هئا انهن جي دل ۾ اهڙي قسم جي ڪا بہ خواهش پيدا نہ ٿي اهي ٻين کي بہ سمجهائين پيا تہ: جيڪو ثواب نيڪ عمل ۽ ايمان آڻڻ جي ڪري الله جل شانہ جي پيارن ٻانهن کي ملندو اهو ان قاروني خزانن کان گهڻو ڀلو آهي ۽ انهن ڀلارن ٻانهن جي نظر ۾ ان قارون جي رعب ۽ دٻدٻي جي ڪا حيثيت ۽ قيمت نہ هئي اهي چون پيا تہ: اوهان قارون بڻجڻ جي خواهش نہ ڪيو اوهان الله جا ٻانها بڻجڻ جي ڪوشش ۽ خواهش ڪيو ۽ جڏهن انسان ان مقام کي ماڻي ٿو تہ پوءِ ان جون سڀ حسرتون پوريون ٿي وينديون آهن "فَخَسَفْنَا بِهٖ وَبِدَارِهِ الْاَرْضَ فَمَا كَانَ لَهٗ مِنْ فِئَةٍ يَّنْصُرُوْنَهٗ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَمَا كَانَ مِنَ الْمُنْتَصِرِيْنَ" پوءِ اسان ان کي ۽ سندس محل کي زمين ۾ گهرائي ڇڏيو پوءِ نہ ان لاءِ ڪا جماعت هئي جو ان جي الله جي مقابلي ۾ مدد ڪن ۽ نہ پاڻ ڀلاند وٺندڙن مان هو ابن ابي شيبہ مصنف ۾، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، حاڪم تصحيح ڪندي ۽ ابن مردويہ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: قارون گهڻي سرڪشي ڪئي هئي ۽ خصوصًا حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام سان حسد ڪندو هو ان جي باوجود بہ حضرت موسىٰ کيس الله جل شانہ جو حڪم پهچائيندي فرمايو تہ: الله جل شانہ مون کي حڪم ڪيو آهي تہ مان (مالدارن کان) زڪوات وٺان (۽ غريبن کي ڏيان) قارون انڪار ڪيو تہ مان نہ ڏيندس ۽ (ماڻهن کي) چوڻ لڳو تہ: موسىٰ (علىٰ نبينا

(١) التفسير الڪبير ص١٦ جزء ٢٥

وعليــه الصلوٰة والسلام) اوهان جي مال ملڪيت ڳائڻ جو ارادو ڪيو آهي اوهان وٽ نماز ۽ ٻيا احڪام آندائين اوهان برداشت ڪيا ڇا اوهان اها ڳالهہ بہ برداشت ڪندؤ تہ مال ملڪيت بہ ان جي حوالي ڪيو؟ انهن چيو تہ نہ تون ڪهڙي راءِ ٿو ڏين؟ چيائين تہ منهنجي راءِ آهي تہ هڪ بدڪردار عورت گهرايان ان کي ان ڏانهن موڪلي زنا جو الزام هٽايانس ۽ ان طرح ڪرڻ سان سندس عزت ۽ اهميت ختم ٿي ويندي پوءِ ان کي ماڻهو موڪلي چيائون تہ جيڪو حڪم ڪندينءَ اهو توکي ڏينداسون ان شرط سان جو (حضرتؑ) موسىٰ (علىٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام) جي مٿان شاهدي ڏيندينءَ تہ ان توسان (معاذالله) گناه ڪيو آهي ان بدڪردار عورت ها ڪئي پوءِ قارون حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام وٽ آيو ۽ کيس چيائين تہ بني اسرائيل کي گڏ ڪري انهن کي اهو امر ٻڌاءِ جيڪو توکي الله جي طرفان ٿيو آهي حضرت موسىٰ فرمايو تہ هائو پوءِ ماڻهو گڏ ڪرڻ جو ارشاد فرمايائين جڏهن ماڻهو گڏ ٿيا تہ انهن پڇيو تہ: الله اوهان کي ڪهڙو امر ڪيو آهي؟ حضرت موسىٰ فرمايو تہ: الله مون کي امر ڪيو آهي تہ ان سان ڪنهن کي شريڪ نہ بنايو، مائٽي، مٽي ڳنديو ۽ اهڙا ٻيا امر بہ بيان ڪندي فرمايائين تہ: ان اهو بہ امر ڪيو آهي تہ جيڪو شادي شده ماڻهو زنا ڪري ان کي سنگسار ڪيو چيائين تہ ڪٿي تون ڪرين تہ بہ اهو حڪم آهي؟ (معاذالله) فرمايائين تہ "ها" چيائون تہ (معاذالله) تو زنا ڪئي آهي فرمايائين تہ: مون؟ پوءِ ان عورت کي ماڻهو موڪلي گهرايائون جڏهن آئي تہ حضرت موسىٰ فرمايس تہ "الله جو قسم وجهي ٿو پڇانءِ سچي ڳالهہ ڪر" ان عرض ڪيو تہ: جڏهن قسم وجهي ٿو پڇين تہ ڳالهہ هيئن آهي تہ: انهن مون کي لالچ ڏئي گهرايو آهي تہ مان تو تي بهتان هڻان پر مان شاهدي ڏيان ٿي تہ: تون پاڪ آهين ۽ مان شاهدي ڏيان ٿي تہ: بلاشڪ تون الله جو رسول آهين پوءِ حضرت موسىٰ روئندي سجدي ۾ ڪري پيو الله وحي ڪري پڇيس تہ "توکي ڪهڙي شيءِ روئاري ٿي؟ اسان توکي زمين تي سلطنت عطا ڪئي آهي تون حڪم ڪر تہ اها تنهنجي اطاعت ڪري" پوءِ مٿو (مبارڪ) مٿي ڪٽي فرمايائين تہ: انهن سازش ٺاهيندڙن کي پڪڙ تہ پير اندر زمين ۾ لهي وين پوءِ سڏڻ لڳا ياموسىٰ، ياموسىٰ پاڻ فرمايائين تہ: پڪڙين"پوءِ زمين کين ڳهندي وئي تانجو ڳچين تائين لهي ويا ۽ سڏ ڪندا رهيا يا موسىٰ، ياموسىٰ فرمايائين تہ"اي زمين اجان بہ ڳهي ڇڏين"پوءِ ڳهي غائب ڪري ڇڏيائين ۽ الله جل شانــه وحي ڪري موڪليس تہ: توکي زاري ڪندي سڏيندا رهيا تو انهن جا سڏ قُبول نہ فرمايا. مون کي منهنجي عزت جو قسم آهي تہ جيڪڏهن مون کي سڏ ڪن ها تہ مان قبول

ڪيان ها. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ: اهو آهي ان ڪي زمين جي ڳھڻ جو واقعو (١) اهو واقعو ڏسي بني اسرائيل مان ڪي بيوقوف چوڻ لڳا تہ: حضرت موسىٰ قارون ڪي ان جي ڪري زمين ۾ ڳھرائي ڇڏيو تہ سندس محل، خزانا ۽ سامان پاڻ ڪٽي اهو ٻڌي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـــہ الصلوٰة والسلام وري زمين کي حڪم ڪيو تہ اهي سڀ بہ ان ڳھي ڇڏيا حافظ شيرازي جو شعر آهي تہ:

گنج قارون کہ فرومي رود   خوانده باشي کہ هم ازغيرتدرويشان است

يعني قارون جو خزانو جيڪو اڄان هيٺ پيو وڃي پڙهيو هوندئي تہ درويش جي غيرت جي ڪري ائين ٿيو آهي. اهڙي طرح انهن ماڻهن جو بہ حال آهي جيڪي باطل دعوىٰ ڪندي وڏائي ۽ سرداريءَ جي ڪري الله جي ولين کان باغي ٿيندا آهن انهن جي مخالفت ڪندا آهن. اهي جڏهن اولياءَ ڪرام جي نظرن کان ڪرندا آهن تہ انهن جي دلين ۾ هوندڙ ايمان جو نور ختم ٿي ويندو آهي پوءِ ان جو نشان بہ انهن ۾ نظر نہ ايندو آهي (٢)

"وَاَصْبَحَ الَّذِيْنَ تَمَنَّوْا مَكَانَهٗ بِالْاَمْسِ يَقُوْلُوْنَ وَيْكَاَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ" ۽ صبح ڪئي انهن شخصن جن ڪالهہ سندس مرتبي جي سڌ ٿي ڪئي چون پيا تہ عجيب ڳالهہ آهي الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ گهري ٿو رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ (جنهن لاءِ گهري ٿو تنگ ڪري ٿو) يعني جڏهن قارون جي قوم قارون تي لهندڙ عذاب ڏٺو تہ دنيا جي محبت کان هٽندي ۽ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـــہ الصلوٰة والسلام جي بي فرمانيءَ کان ڊڄندي الله جل شانـــہ جي تقسيم تي جو ڪنهن کي گهٽو ڏي ٿو ڪنهن کي ٿورو راضي ٿيندي، انبياءَ ۽ مرسلين عليهم الصلوٰة والسلام جي لاءِ اطاعت ۽ انقياد ظاهر ڪندي چوڻ لڳا ۽ سندن قول جو مطلب آهي تہ: رزق جي تنگي يا ڪشادگي الله جل شانـــہ جي گهر ۽ مشيت تي ٻڌل آهي ۽ ان ۾ ان جون ڪئين حڪمتون ڪارفرما آهن ڪنهن کي گهٽي رزق ڏيڻ جو مطلب اهو ناهي تہ الله ان سان راضي آهي ان کي نوازي رهيو آهي پر گهٽو ڪري هڪ شخص تي الله جو غضب گهٽو هوندو آهي ۽ اهو ان کي دولت گهٽي ڏيندو رهندو آهي تانجو اها دولت ئي ان جي مٿان عذاب ٿي تتندي آهي ۽ ان جي برعڪس جيڪڏهن ڪنهن جي روزي تنگ آهي تہ ان جي معنىٰ لازمًا اها ناهي تہ الله جل شانـــہ ان کان ناراض آهي ۽ ان کي سزا ڏئي رهيو آهي گهڻن نيڪن ماڻهن تي ان جي باوجود تنگي رهندي آهي جو اهي الله جل شانـہ جا محبوب رهندا آهن بلڪ ڪيترا پيرا اهائي تنگي انهن لاءِ رحمت بڻجندي آهي

(١) الدرالمنثور صـ٤٣٦-٤٣٧ـ جلد ٦ (٢) روح البيان صـ٤٣٦ـ جلد ٦

۽ ان حقيقت کي نہ سمجهڻ جوئي نتيجو اهو نڪرندو آهي تہ هڪ ماڻهو انهن ٻين ماڻهن جي خوشحاليءَ کي ريس ۽ رشڪ جي نگاهہ سان ڏسندو آهي جيڪي حقيقت ۾ الله جل شانہ جي غضب جا مستحق هوندا آهن.

"لَوْلَآ اَنْ مَّنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا لَخَسَفَ بِنَا ۭوَيْكَاَنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الْكٰفِرُوْنَ" جيڪڏهن الله اسان تي احسان نہ ڪري ها تہ اسان کي زمين ۾ ڦهرائي ڇڏي ها عجب آهي تہ ڪافر ڪامياب نہ ٿيندا مطلب تہ الله جل شانہ پنهنجي رحمت معاف ڪرڻ ۽ ايمان ڏيڻ سان اسان تي احسان ڪيو نہ تہ اسان کي بہ زمين ۾ ڦهرائي ڇڏي ها ڇو تہ قارون جي گهڻي مال واري طلب اسان بہ ڪئي هئي پر هاڻي خبرپئي تہ ڪافر ڪڏهن بہ ڪامياب نہ ٿيندا.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع ١ـ "فَبَغٰى عَلَيْهِمْ" (پوءِ انهن تي سرڪشي ڪيائين) مان واضح ٿيو تہ ملڪيت ۽ بلند مرتبو الله جل شانہ جي رحم ڪرڻ ڪان سواءِ ڪئين فساد ۽ برايون پيدا ڪري سگهي ٿو جيئن قارون جي واقعي مان معلوم ٿي رهيو آهي.

ع ٢ـ "لَا تَفْرَحْ" (خوش نہ ٿي) مان واضح ٿيو تہ مال ۽ اميريءَ تي فخر، وڏائي، تڪبر ۽ هٺ سان خوش ٿيڻ حرام آهي پر الله جل شانہ جي شڪراني طور خوشي ڪرڻ الٰهي امر جي اطاعت ۽ عبادت آهي فرمان ايزدي آهي "قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَبِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا" (١) فرماءِ تہ الله جي فضل ۽ ان جي رحمت تي پوءِ مناسب آهي تہ خوش ٿين.

ع ٣ـ "وَابْتَغِ فِيْمَآ اٰتٰىكَ اللّٰهُ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ" (۽ جيڪي الله توکي ڏنو آهي ان سان آخرت جو گهر طلب ڪر) مان واضح ٿيو تہ انسان الله جل شانہ جي طرفان عطا ڪيل مال ملڪيت کي صرف دنيوي عزت ۽ مرتبي حاصل ڪرڻ ۾ نہ پر آخرت جي گهر بهشت حاصل ڪرڻ جي لاءِ بہ الله جل شانہ جي واٽ ۾ صرف ڪري.

ع ٤ـ "وَلَا تَنْسَ نَصِيْبَكَ مِنَ الدُّنْيَا" (۽ دنيا مان پنهنجو حصو نہ وسار) مان بعض مفسرن اها مراد ورتي آهي تہ: الله جل شانہ جي واٽ ۾ ڏيڻ سان گڏ پنهنجي ۽ پنهنجي اهل عيال جي دنيوي يا ديني ضرورتن کي بہ نہ وسار انهن خرچن لاءِ بہ رکندو ڪر سڀ ڪجهہ خيرات ڪري ڪنگال نہ ٿيءُ (٢) ۽ اهو بہ قول آهي تہ سٺو ڪائڻ، سٺو پائڻ، سٺي سواري رکڻ اسراف کان سواءِ سٺي جاءِ رکڻ حلال آهي بشرطيڪ تڪبر ۽ غرور نہ ڪجي. (٣)

(١) سورة يونس آيت ع ٥٨ ـ (٢) معارف القرآن ص ٦٦٦ ـ جلد ٦ (٣) ايسر التفاسير ص ١٤٢١ ـ جلد ٣

تِلْكَ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِيْنَ لَا يُرِيْدُوْنَ عُلُوًّا فِى الْاَرْضِ

اهو آخرت جو گهر مخصوص ڪيون ٿا ان ڪي انهن جي لاءِ جيڪي نہ ٿاارادو ڪن بلند ٿيڻ جو زمين ۾

وَلَافَسَادًا ؕ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ (٨٣) مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ

۽ نہ فساد جو ۽ چڱي پڇاڙي پرهيز گارن جي لاءِ آهي جنهن آندي چڱائي پوءِ ان جي لاءِ

خَيْرٌ مِّنْهَا ۚ وَمَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزَى الَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ اِلَّا مَا

ڀلو (بدلو) آهي ان کان ۽ جنهن آندي برائي پوءِ نہ بدلو ڏنا ويندا اهي جن ڪيا براڪم مگر اهو

كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ (٨٤)

جيڪي ڪندا هئا

تفسير

اڳين آيتن ۾ اهل علم جو اهو قول بيان ڪيو ويو تہ (الله جو ثواب ڀلو آهي) ۽ هتي ان ثواب ملڻ جو هنڌ بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "تِلْكَ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِيْنَ لَا يُرِيْدُوْنَ عُلُوًّا فِى الْاَرْضِ وَلَافَسَادًا ؕ" اهو آخرت جو گهر انهن لاءِ مخصوص ڪيائون جيڪي زمين ۾ نہ بلند ٿيڻ جو ارادو ڪن ٿا ۽ نہ فساد برپا ڪرڻ جو "تلك" هي لفظ تعظيم ۽ تفخيم جو اشارو آهي مطلب تہ جنهن آخرت جي خبر ۽ وصف اوهان ٻڌي آهي اها دائمي، سرمدي اهڙين نعمتن جي جاءِ آهي جيڪي نہ ڪنهن ڏٺيون آهن نہ ڪنهن ٻڌيون آهن ۽ نہ ڪنهن انسان جي دل تي چيڪيون آهن اهي خاص انهن ٻانهن جي لاءِ آهن جيڪي متقي، صالح هجڻ سان گڏ زمين ۾ تڪبر ۽ پاڻ کي ٻين کان مٿاهون سجهڻ ۽ بنجڻ جو ارادو نہ ٿا ڪن "وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ" ۽ چڱي پڇاڙي پرهيز گارن جي لاءِ آهي يعني اهڙي پڇاڙي جنهن جي هرڪو تعريف ڪري ۽ سٺو سمجهي سا انهن ٻانهن جي لاءِ آهي جيڪي الله کان ڊڄڻ وارا، ان جي رضا طلب ڪرڻ وارا ان جي عذاب جو خوف رکڻ وارا هوندا "مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ خَيْرٌ مِّنْهَا ۚ وَمَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزَى الَّذِيْنَ عَمِلُوا السَّيِّاٰتِ اِلَّا مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" جنهن نيڪي آندي پوءِ ان لاءِ ان کان ڀلو (بدلو) آهي ۽ جنهن برائي آندي پوءِ برن ڪمن ڪرڻ وارا نہ بدلو ڏنا ويندا مگر جيڪو ڪندا هئا مطلب تہ نيڪي ڪرڻ واري جي نيڪيءَ کي الله جل شانہ وڌائي ٿو پر جيڪو براڪم ڪندو ان کي انهن جيتري سزا تہ ملندي جيترا براڪم ڪيا هوندائون. پربرايون ٻيڻيون نہ ڪيون وينديون.

فائدو

مذکوره آيت ۾ تکبر جي مذمت بيان ڪئي وئي آهي ۽ ان مان مراد اهو ڪم آهي جيڪو فخر ڪندي ٻين کي حقير سمجهندي ڪيو وڃي پر پنهنجي لاءِ ڀلو لباس وغيره فخرطور نہ پر الله جي نعمتن کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ پسند ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ منع ناهي. (١)

اِنَّ الَّذِیۡ فَرَضَ عَلَیۡکَ الۡقُرۡاٰنَ لَرَآدُّکَ اِلٰی مَعَادٍ ؕ

بيشڪ اهو(الله) جنهن فرض ڪيو توتي قرآن البت موٽائي آڻيندڙآهي توکي موٽڻ واري جاءِ ڏانهن

قُلۡ رَّبِّیۡۤ اَعۡلَمُ مَنۡ جَآءَ بِالۡہُدٰی وَمَنۡ ہُوَ فِیۡ ضَلٰلٍ مُّبِیۡنٍ (٨٥)

فرماءِ تہ: منهنجو رب وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جنهن آندي هدايت ۽ انهيءَ کي بہ جيڪو گمراهيءَ کليل ۾ آهي

وَمَا کُنۡتَ تَرۡجُوۡۤا اَنۡ یُّلۡقٰۤی اِلَیۡکَ الۡکِتٰبُ اِلَّا رَحۡمَۃً مِّنۡ رَّبِّکَ

۽ نہ تي اميد رکي توتہ لاٿو ويندو تو ڏانهن ڪتاب مگر ٻاجهہ تي تنهنجي رب جي طرفان

فَلَا تَکُوۡنَنَّ ظَہِیۡرًا لِّلۡکٰفِرِیۡنَ ۫ (٨٦) وَلَا یَصُدُّنَّکَ عَنۡ اٰیٰتِ اللّٰہِ

پوءِ هرگز نہ هج پٺڀرائي ڪندڙ ڪافرن جي لاءِ ۽ هرگز نہ روڪي توکي الله جي آيتن کان

بَعۡدَ اِذۡ اُنۡزِلَتۡ اِلَیۡکَ وَادۡعُ اِلٰی رَبِّکَ وَلَا تَکُوۡنَنَّ مِنَ الۡمُشۡرِکِیۡنَ ۚ (٨٧)

ان کان پوءِ جڏهن نازل ڪيون ويون تو ڏانهن ۽سڏ پنهنجي رب ڏانهن ۽هرگزنہ هج مشرڪن مان

وقف لازم

وَلَا تَدۡعُ مَعَ اللّٰہِ اِلٰـہًا اٰخَرَ ۘ لَاۤ اِلٰہَ اِلَّا ہُوَ ۟ کُلُّ شَیۡءٍ

۽ نہ عبادت ڪر الله سان ڳڏ ٻئي معبود جي ناهي ڪو عبادت جو لائق ان کان سواءِ هر شيءِ

ع ٢٢ ٩ الثلثة

ہَالِکٌ اِلَّا وَجۡہَہٗ ؕ لَہُ الۡحُکۡمُ وَاِلَیۡہِ تُرۡجَعُوۡنَ ع (٨٨)

هلاڪ ٿيندڙ آهي ان جي ذات کان سواءِ ان جوئي حڪم آهي ۽ ان ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ

(١) معارف القرآن ص ٦٦٨ـ جلد ٦

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ۽ سندس قوم مان بغاوت ڪندڙ قارون ۽ ان کي ملندڙ سزا ۽ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي ڪاميابيءَ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ حضرت حبيب ڪريم عليه التحية والتسليم کي تسلي ڏيندي ٻڌايو ويو آهي تہ ڪاميابي اوهان جا قدم پاڪ چمندي اوهان پنهنجي رسالت ۽ نبوت جي فرض ادا ڪرڻ ۾ مضبوطيءَ سان ڪم ڪندا رهو.

شان نزول

ابن ابي حاتم ضحاڪ کان روايت آندي آهي تہ: جڏهن نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن مڪه مڪرمه مان هجرت ڪري مدينه منوره ڏانهن روانا ٿيا ۽ جحفة نالي مقام وٽ پهتا تہ ڪين مڪه مڪرمه جو اشتياق ٿيو پوءِ الله جل شانه ڪين تسلي ڏيندي فرمايو تہ "اِنَّ الَّذِىْ فَرَضَ عَلَيْكَ الْقُرْاٰنَ لَرَآدُّكَ اِلٰى مَعَادٍ" بلاشڪ جنهن الله اوهان تي قرآن فرض ڪيو آهي يقينًا اوهان کي "معاد" (مڪه مڪرمه) ڏانهن موٽائي واپس ڪندڙ آهي. ۽ ابن مردويه علي بن حسين بن واقد رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ هيءَ آيت "الجحفة" مقام وٽ نازل ٿي هئي جڏهن پاڻ ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن هجرت ڪري مدينه منوره ڏانهن وڃي رهيا هئا. (١)

"معاد" مان ڇا مراد آهي؟

ان ۾ مختلف اقوال آهن ١: تہ ان مان مراد مڪه مڪرمه آهي جيئن شان نزول مان واضح آهي پوءِ مطلب هي ٿيندو تہ مڪه مڪرمه جي ڪافرن اوهان کي پريشان بنايو. اوهان کي شهيد ڪرڻ جا منصوبا ٺاهيا اوهان جي مڃڻ وارن مومنن جي زندگي سورن ۾ وجهي ڇڏي ۽ ڪجهه وقت جي لاءِ اوهان کي پنهنجو پيارو وطن خصوصًا حرم شريف ڇڏڻو پيو آهي پر جنهن الله اوهان تي قرآن ڪريم نازل ڪري، ان جو پڙهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ فرض بنايو اوهان کي وري مڪه مڪرمه ۾ موٽائي آڻيندو (٢) ۽ مقاتل جي روايت آهي تہ: جڏهن نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن هجرت واري رات غار مان ٻاهر نڪتا تہ مڪه مڪرمه وارو رستو ڏسي اتي پنهنجي ۽ پنهنجي والدين

(١) الدرالمنثور ص ٤٤٥ ـ جلد ٦ (٢) معارف القرآن ص ٦٨ ـ جلد ٦

ولادت ياد ڪري سندن دل مبارڪ مڪه مڪرمه جي لاءِ مشتاق ٿي تڏهن هيءَ آيت نازل ٿي (١) "قُلْ رَّبِّيْٓ اَعْلَمُ مَنْ جَآءَ بِالْهُدٰى وَمَنْ هُوَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ" فرماءِ ته: منهنجو رب ان ڪي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جنهن هدايت آندي ۽ ان ڪي به وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪو کليل گمراهيءَ ۾ آهي "هدايت آڻيندڙ" مان مراد نبي پاڪ عليه الصلوة والسلام آهي ۽ "کليل گمراهيءَ ۾ هوندڙن" مان مراد مشرڪ آهن (٢) مطلب ته الله هر هڪ ڪي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ۽ اهوئي پنهنجي حبيب عليه الصلٰوة والسلام ڪي سندن محبوب شهر فتح ڪري ڏيڻ جو وعدو ڪري رهيو آهي. مڪه مڪرمه ڪي فتح ڪرڻ سان اهو وعدو پورو ٿيو ۽ حضور پرنور عليه الصلٰوة والسلام جن جو معجزو ظاهر ٿيو. (٣) "وَمَا كُنْتَ تَرْجُوْٓا اَنْ يُّلْقٰٓى اِلَيْكَ الْكِتٰبُ اِلَّا رَحْمَةً مِّنْ رَّبِّكَ فَلَاتَكُوْنَنَّ ظَهِيْرًا لِّلْكٰفِرِيْنَ" ۽ اوهان اميد نه ٿي رکي ته اوهان ڏانهن ڪتاب لاٿو ويندو مگر تنهنجي رب جي طرفان رحمت ٿي پوءِ ڪافرن جو هرگز پٺڀرائي ڪندڙ نه ٿيءُ. مطلب ته ظاهري اسباب جي لحاظ سان اوهان ڪي قرآن ڪريم جي نزول جي اميد نه هئي صرف الله جل شانه جي رحمت سان نه صرف اميد پريقين هو ڇو ته اوهان ڪي نبوت نه حضرت هارون علىٰ نبينا وعليه الصلٰوة والسلام وانگر ڪنهن جي دعا سان ملي نه حضرت يحيىٰ ۽ سليمان علىٰ نبينا وعليهما الصلٰوة والسلام وانگر ورثي طور ملي ان جي ڪري هن آيت مان اها مراد نه آهي ته پاڻ پنهنجي نبوت کان بي خبر هئا ڪين نندي هوندي ئي وڻ ۽ پٿر يارسول الله سان سلام ڪندا هئا بحيره راهب نندي هوندي ڪين ڏسي سندن نبوت جي شاهدي ڏني هئي سندن ارشاد آهي ته: مان تڏهن نبي هوس جڏهن آدم مٽيءَ ۾ ڳوهيل هو (٤) عبدالماجد دريابادي صاحب لکيو آهي ته: آيت ۾ انهن ماڻهن جي ترديد آهي جيڪي چوندا هئا ته پاڻ محنت ۽ ڪوشش کان پوءِ نبوت جي درجي تي فائز ٿيڻ جي دعوىٰ ڪئي اٿن (٥) "وَلَايَصُدُّنَّكَ عَنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ بَعْدَ اِذْ اُنْزِلَتْ اِلَيْكَ وَادْعُ اِلٰى رَبِّكَ وَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ" ۽ توکي ان کان پوءِ جو تو ڏانهن الله جون آيتون نازل ڪيون ويون آهن انهن کان هرگز نه روڪين ۽ پنهنجي رب ڏانهن سڏيندو رهه ۽ مشرڪين مان هرگز نه ٿيءُ يعني دين جي ڪم ۾ قوم وغيره جي ڪري رڪاوٽ نه وجهو ۽ انهن ڪي به پنهنجي پالڻهار جي دين ڏانهن سڏيندا رهو ۽ مشرڪن مان هرگز نه ٿيو. هن ۾ خطاب نبي پاڪ عليه الصلٰوة

(١) المراغي ص٥٦ ١ـ جزء ٢٠ جلد ٧ (٢) المظهري ص١٩٢ـ جلد ٧ (٣) حقاني ص١٧ـ جلد ٦ (٤) نورالعرفان ص٦٣١ـ (٥) حاشيه دريابادي ص٧٩٩ـ

والسلام سان آهي پر ان مان مراد ٻين کي سمجھائڻ آهي. (١) ڪاشفيءَ فرمايو تہ: هنن آيتن ۾ خطاب نبي پاڪ عليہ الصلوة والسلام جن سان آهي پر انهن مان مراد سندن امت آهي ۽ نبي پاڪ عليہ الصلوة والسلام کي مخاطب ڪرڻ مان اهو فائدو هو تہ ڪافر سندن ذات ۾ ڪا بہ اهڙي اميد ۽ آسرو نہ رکن (٢) "وَلَا تَدْعُ مَعَ اللّٰهِ اِلٰهًا اٰخَرَ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ" ۽ سچي معبود سان گڏ ٻئي (باطل) معبود جي عبادت نہ ڪر ان ڪان سواءِ ڪو بہ عبادت جو لائق ناهي مطلب هڪ الله ئي سچو معبود آهي ان ڪان سواءِ ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪر ۽ سيد تاج محمود امروٽي ترجمہ ۾ لکيو آهي "۽ الله سان گڏ ٻئي ڪنهن کي معبود (سمجهي) نہ سڏ. (٣) هن معنیٰ سان بہ سڀ شڪ شبها ختم ٿي ويا. مطلب اهو ٿيو الله جل شانہ جي پيارن کي سڏڻ جائز آهي چو تہ انهن کي ڪو بہ مسلمان معبود سمجهي نہ ٿو سڏي بلڪ وسيلو حصول رحمت جو ذريعو ۽ الله جل شانہ جو مقبول ٻانهو سمجهي سڏي ٿو ۽ اهو نہ شرڪ آهي نہ ڪفر "كُلُّ شَيْءٍ هَالِكٌ اِلَّا وَجْهَهٗ لَهُ الْحُكْمُ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ" ۽ ان جي ذات ڪان سواءِ هر شيءِ فنا ٿيندڙ آهي ان جو ئي حڪم آهي ۽ ان ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ. مطلب تہ هر شيءِ کي ان جي هڪ پاڪ ذات ڪان سواءِ فنا ٿيڻو آهي ۽ ان جوئي حڪم اصل آهي تڪويني هجي يا تشريعي ٻيا جيڪي بہ حاڪم آهن سي بہ ان ئي بڻايا آهن ۽ بعض سلف جو قول آهي تہ ان مان مراد آهي تہ: سڀ ڪم مٽجڻ وارا آهن مگر جيڪو ڪم خالص الله جل شانہ جي لاءِ ڪيو ويجي ٿو اهو فنا نہ ٿو ٿئي والله اعلم. (۴)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع١ـ "لَرَآدُّكَ اِلٰى مَعَادٍ" (البت اوهان کي اوهان جي موٽڻ واري جاءِ ڏانهن موٽائيندو) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانہ حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن کي اهو غيب جو علم ڏنو هو تہ: اوهان وري واپس مڪہ مڪرمہ ۾ ايندا. اهڙي مراد ابوبڪر بن جابر جزائري جي تفسير مان بہ واضح ٿئي ٿي. (۵)

ع٢ـ "فَلَا تَكُوْنَنَّ ظَهِيْرًا لِّلْكٰفِرِيْنَ" (پوءِ ڪافرن جو هرگز مددگار نہ ٿجان) مان واضح ٿيو تہ مومنن ياڏين جي مقابلي ۾ ڪافرن جي مدد ڪرڻ بالڪل حرام آهي پر

(١) حاشيہ عثمانيہ ص٥٢٧ـ (٢) روح البيان ص٤٤٣ـ جلد ٦ (٣) ترجمہ امروٽي ص٤٧٧ـ (۴) حاشيہ عثمانيہ ص٥٢٧ـ (۵) ايسرالتفاسير ص٤٢٨ـ جلد ٣

جيڪڏهن ڪنهن ۾ نموني سان ڪافرن جي تائيد يا تقويت ٿئي ٿي ته ان ڪان ٻه ڪنارو ڪجي ڇو ته ڪافر وري به ڪافر آهي اهو مسلمانن جو خيرخواه نه ٿيندو.

ع٣ـ مفسرن لکيو آهي ته: جيڪو "اِنَّ الَّذِیْ" کان "اِلٰی مَعَادٍ" تائين آيت مبارڪ جا الفاظ پڙهي سفر ۾ نڪرندو اهو انشاءالله تعالیٰ سلامتيءَ سان موٽي گهر ايندو. ان ڪي هر مسافر پنهنجو معمول بنائي ته ڀلو آهي. (١) الحمدلله جو اڄ پنهنجي گهر ۾ صبح جو پوٹين يارهين بجي اگاري جي ڏينهن بمورخه ٢٧ الربيع الثاني ١٤٢٣هه الموافق ٢٠٠٢.٧.٩ع تي سورة القصص جو تفسير لکي پورو ڪيم. دعا آهي ته رب العزة جل شانـــه باقي رهيل تفسير به پنهنجي خاص فضل وڪرم ۽ پنهنجي محبوب ڪريم عليـه الصلوة والسلام جي نظر ڪرم سان جلد از جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين يا الـله العالمين.

دعا جو طالب

الفقير محمد ادريس الداهري

النقشبندي عفي عنه



(١) نورالعرفان صـ٦٣١ـ

سورة العنكبوت جو تعارف

هن پياري سورت جي تعارف ۾ هي ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ نهايت اهم آهن.

نالو مبارڪ

هن سورة مباركـه جو نالو "سورة العنكبوت" آهي جيڪو هن جي آيت ع-٤١ـ ۾ ذڪر ڪيل آهي "كَمَثَلِ الْعَنْكَبُوتِ" ان نالي سان سڏڻ جو مطلب آهي تہ هن ۾ اهو لفظ مذڪور آهي.

رڪوعن، ڪلمن، آيتن ۽ حرفن جو تعداد

هن ۾ ست رڪوع، اوڻهتر (٦٩) آيتون، نوسوءُ اسي (٩٨٠) ڪلما ۽ چار هزار هڪ سوءُ پنجهٺ (٤١٦٥) حرف آهن. (١)

مڪيہ آهي يا مدنيہ؟

ابن الضريس، نحاس، ابن مردويہ ۽ الدلائل ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان ۽ ابن مردويہ حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: هيءَ سورت مڪہ (مڪرمہ) ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

نزول جو زمانو

هن سورت جي آيت ع-٥٦ـ کان آيت ع-٦٠ـ تائين آيتن مان واضح ٿئي ٿو تہ هيءَ سورت حبش ڏانهن هجرة ڪرڻ کان ڪجهہ وقت پهريان نازل ٿي هئي ۽ باقي مضمونن جي تقاضا بہ اها شاهدي ڏئي رهي آهي جو تہ پس منظر ۾ ان زماني جا حالات جهلڪيون ڏيندي نظر اچن ٿا.

مضمون

هن سورة کي مطالعہ ڪرڻ سان هي مضمون معلوم ٿين ٿا. ١: نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن جي توحيد واري دعوت ٻڌي مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو مشرڪ باهہ ٻنجي ويا هئا ۽ انهن اسلام جي شمع کي وسائڻ جو پڪو پهہ ڪيو هو ۽ جيڪي سليم طبع انسان ڪفر ۽ شرڪ جي خرابين کان دل برداشتہ حق جي حسن کان مخمور ٿي حبيب پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جي دامن ۾ پناهہ وٺي چڪا هئا. ڪافرن

(١) تفسير خازن ص-٤١٥ـ جلد ٣ (٢) الدرالمنثور ص-٤٤٩ـ جلد ٦

انهن تي ظلم ۽ ستم جي انتها ڪري ڇڏي هئي بعضي ماڻهو اسلام جي صداقت جا تہ معترف هئا پر انهن ظالمن جي ظلم ڪي برداشت ڪرڻ جي انهن ۾ همت نہ هئي ان جي ڪري ان حالات ۾ پنهنجي قسمت ڪي اسلام سان وابستـــه ڪرڻ ڪي عقلمندي تصور نہ ڪندا هئا ۽ ڪي اهڙا ماڻهو بہ هئا جن اسلام قبول ڪيو هو پر مصيبتن ۽ ايذائن جي ڏپ ڪان ظاهر نہ ٿيندا هئا هن سورت ۾ انهن سيني ماڻهن ڪي ٻڌايو ويو آهي تہ الله جي بارگاهہ ۾ صرف اهي ماڻهو سرفراز هوندا آهن جيڪي آزمائش جي ڏکي گهڙيءَ ۾ ثابت قدم رهندي امتحان ۾ ڪامياب ٿيندا آهن اهڙا ماڻهو جيڪي زبان سان اسلام جي دعوىٰ ڪندا آهن ۽ ايمان جو دم هڻندا آهن پر آزمائش جي ميدان ۾ صبر ۽ استقامت جو مظاهرو نہ ٿا ڪري سگهن اهي قطعًا توجه جي قابل ناهن الله جل شانـه جي اها ئي سنت ۽ طريقو آهي جنهن تي ان اهل اسلام ڪي پهريان بہ آزمايو آهي ۽ قيامت تائين آزمائيندو رهندو ٢: مڪـه مڪرمـه ۾ رهندڙ ڪافرن ڪي پنهنجن باطل معبودن تي وڏو غرور هو اهو سمجهندا هئا تہ جڏهن ايترا باطل معبود اسان جي مدد لاءِ موجود آهن تہ اسان ڪي (حضرت) محمد (صلى الله عليـه وسلم) جي هڪ الله ڪان ڏڄڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ان ڪان سواءِ انهن وٽ مادي وسيلن جي بہ ڪا ڪمي نہ هئي اهي ڪعبـــه جا متولي ۽ خدمتگار هئا ٻيا سڀ قبيلا انهن جي دل سان عزت ڪندا هئا ۽ ڪنهن بہ هنگامي موقع تي انهن جي صرف اشاري تي اهي تلوارون ڪڻي ميدان ۾ اچڻ جي لاءِ تيار هئا شجاعت، مڙسي ۽ جنگي مهارت ۾ بہ اهي پنهنجو مٽ پاڻ هئا انهن حالتن جي پيش نظر انهن ڪي پنهنجي مستقبل جي باري ۾ ڪا بہ تشويش نہ هئي اهي اهو چوندا هئا تہ سندن قلعو ايترو مستحڪم ۽ مضبوط آهي جو ان تي ڪا بہ ڪاهہ ۽ حملو ڪارگر ثابت نہ ٿيندو. الله جل شانـــه پنهنجي حبيب عليـه الصلوٰة والسلام ڪي فرمايو آهي تہ: اي حبيب! (عليـه الصلوٰة والسلام) انهن جا اهي سڀ سهارا ڪوريئڙي جي ڄار وانگر آهن جيڪو نهايت ڪمزور آهي ۽ جيڪو اهڙي ڪمزور گهر ۾ رهي الهٰى قهر ۽ غضب ڪي دعوت ڏي ان ڪان وڌيڪ نادان ۽ احمق ڪير آهي؟

ع٣ـ ان ڪان پوءِ توحيد جا دلائل بيان ڪيا ويا آهن جيڪي آسان ۽ جلد سمجهہ ۾ اچڻ سان گڏ ايترا اثرائتا آهن جو هڪدم دل تي نقش ٿي وڃن ٿا پر انهن مان فائدو اهو وٺي ٿو جنهن جي دل ۾ حق جي طلب هجي ۽ جنهنجي اکين تي تعصب جي پٽي ٻڌل نہ هجي.

ع۴ـ آخر ۾ "وَالَّذِيْنَ جَا هَدُوْافِيْنَا" (جن اسان جي واٽ ۾ جهاد ڪيو) فرمائي هن مشڪل واٽ جي مسافرن جي تسڪين ۽ حوصلــه افزائي جي انتها ڪئي وئي آهي جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ: الله جل شانــــه واقعي بنده پرور ۽ ذره نواز آهي اهو پنهنجن چاهيندڙن کي ڪڏهن اڪيلو نہ ٿو ڇڏي.

اڳيئن سورت سان تعلق ۽ مناسبت

اڳيئن سورت ۾ فرعون جي طرفان بني اسرائيل کي قتل ڪرڻ ۽ غلاميءَ ۾ رکڻ جو ذڪر هو ۽ هن ۾ مڪــه مڪرمــه جي رهاڪو ڪافرن جي طرفان مومنن کي قتل ڪرڻ ۽ عذابن ڏيڻ تي صبر ڪرڻ ۽ ڪين نيٺ ڪامياب ٿيڻ جي تسلي ڏيڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ اڳيئن سورة جي آخري رڪوع ۾ حضور پرنور عليــه الصلوٰة والسلام جي هجرت جو اشارةً "لَرَآدُّكَ اِلٰى مَعَادٍ" ذڪر هو ۽ هن جي آخر ۾ مومنن جي هجرت "اِنَّ اَرْضِيْ وَاسِعَةٌ" (بلاشڪ منهنجي زمين ڪشادي آهي) جو بيان آهي. (١)

فضيلت

هن سورة مبارڪ ڪي عامل بزرگ وظيفي طور پڙهي مرادون ماڻيندا آهن جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن غم ۾ مبتلا آهي تہ هن سورة کي ٧ ڀيرا پڙهڻ سان غم لهي ويندو ۽ جيڪڏهن مشڪ ۽ زعفران سان لکي پاڪائي صفائي ۽ سٺائيءَ سان پاڻ سان گڏ رکندو تہ ڪئين ڀلايون حاصل ڪندو.



(١) روح المعاني صـ١٢٢ـ جزء ٢٠ جلد ٧

وَهِيَ تِسْعٌ وَسِتُّوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْعَنْكَبُوْتِ مَكِّيَّةٌ	وَسَبْعُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها اوڻهتر آيتون	سورة عنكبوت مكيه آهي	۽ ست رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

الٓمّٓ (١) اَحَسِبَ النَّاسُ اَنْ يُّتْرَكُوْٓا اَنْ يَّقُوْلُوْٓا اٰمَنَّا وَهُمْ لَا يُفْتَنُوْنَ (٢)

الف، لام، ميم. ڇا ڀانيو آهي ماڻهن هيئن ته ڇڏيا ويندا جو چون ته ايمان آندوسين ۽ اهي نه آزمايا ويندا

وَلَقَدْ فَتَنَّا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَلَيَعْلَمَنَّ اللّٰهُ

۽ البت تحقيق پرکيوسون انهن کي جيڪي گذريا اڳي انهن کان پوءِ البت ضرور ڏسندو الله

الَّذِيْنَ صَدَقُوْا وَلَيَعْلَمَنَّ الْكٰذِبِيْنَ (٣) اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ

انهن کي جيڪي سچا ٿيا ۽ البت ضرور ڏسندو ڪوڙن کي ڇا خيال ڪن ٿا اهي جيڪي ڪن ٿا

السَّيِّاٰتِ اَنْ يَّسْبِقُوْنَا ؕ سَآءَ مَا يَحْكُمُوْنَ (٤) مَنْ كَانَ

بڇڙا ڪم هي ته اڳتي نڪري ويندا اسان کان برو آهي اهو جيڪو فيصلو ڪن ٿا جيڪو اميدرکي

يَرْجُوْا لِقَآءَ اللّٰهِ فَاِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ لَاٰتٍ ؕ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ (٥)

توالله سان ملڻ جي پوءِ بيشڪ الله جي (ملاقات جو) وقت البت اچڻ وارو آهي ۽ اهوئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي

وَمَنْ جَاهَدَ فَاِنَّمَا يُجَاهِدُ لِنَفْسِهٖ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَغَنِيٌّ

۽ جيڪو ڪوشش ڪري ٿو پوءِ رڳو جهاد ڪري ٿو پنهنجي سر لاءِ بيشڪ الله البت

عَنِ الْعٰلَمِيْنَ (٦) وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُكَفِّرَنَّ

بي پرواهه آهي جهانن کان ۽ اهي ڀانهاجن ايمان آندو ۽ ڪيائون صالح عمل البت ضرور ميٽينداسون

عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَلَنَجْزِيَنَّهُمْ اَحْسَنَ الَّذِيْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ (٧)

انهن کان بڇڙايون انهن جون ۽ البت ضرور بدلو ڏينداسون انهن کي تمام سهڻو ان جو جيڪي ڪندا هئا

تفسير

اڳيئن سورت ۾ "وَادۡعُ اِلٰی رَبِّكَ" (۽ پنهنجي رب ڏانهن سڏ) جو حڪم هو ۽ ظاهر آهي تہ ان سڏڻ تي تڪليفون ۽ ايذاء ملندا تہ هن سورت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهي ايذاء امتحان ۽ پرک آهن ۽ اوهان ائين نہ سمجهو تہ اوهان تي پرک نہ ايندي اها اڳين تي بہ آئي هئي (١) فرمان الٰهي آهي "الٓمٓ" الف، لام، ميم، جمهور مفسرن لکيو آهي تہ اهي مقطعات حروف آهن ڪنهن حڪمت خاطر ذڪر ڪيل آهن ۽ حضرت مخدوم نوح هالائي عليہ الرحمة ان جو ترجمو لکيو آهي مان الله آهيان جيڪو هر شيء ڄاڻان ٿو (٢) (والله اعلم) "اَحَسِبَ النَّاسُ اَنۡ يُّتۡرَكُوۡۤا اَنۡ يَّقُوۡلُوۡۤا اٰمَنَّا وَهُمۡ لَا يُفۡتَنُوۡنَ" ڇا ماڻهو خيال ڪن ٿا تہ اهي (صرف) اسان ايمان آندو آهي چوڻ سان ڇٽي ويندا ۽ اهي نہ آزمايا ويندا.

شان نزول

هن آيت جي شان نزول ۾ ٽي قول آهن ١: تہ جڏهن هجرت جو حڪم نازل ٿيو تہ جيڪي مسلمان هجرت ڪري مدينہ منوره ۾ پهتا هئا انهن مڪہ مڪرمہ ۾ رهندڙن مسلمانن ڀائرن کي لکيو تہ: جيستائين هجرت ڪري نہ ايندؤ تيستائين اوهان جو اسلام قبول ناهي پوءِ اهي مدينہ منوره ڏانهن نڪتا پر مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو مشرڪ انهن کي واٽ ۾ اچي پهتا ۽ کين مجبور ڪري موٽائي وٺي ويا. الله جل شانہ انهن جي باري ۾ هن سورت جون پهريون ڏهہ آيتون نازل ڪيون

مدينہ منوره وارن انهن کي لکي ٻڌايو تہ اوهان جي متعلق هي آيتون نازل ٿيون آهن مڪہ مڪرمہ وارن کين چورائي موڪليو تہ اسين هجرت ڪري نڪرون ٿا جيڪڏهن ڪنهن اسان کي روڪيو تہ ان سان ويڙهہ ڪنداسون پوءِ نڪتا تہ ڪافر سندن پويان پيا ۽ هنن بہ انهن سان ويڙهہ ڪئي ڪي شهيد ٿي ويا تہ ڪي بچي ويا الله عزوجل انهن جي باري ۾ هي آيتون نازل ڪيون.

ع٢ـ تہ اهي آيتون حضرت عمار بن ياسر جي متعلق نازل ٿيون جنهن کي مختلف نمونن عذاب ڪيو ويندو هو.

ع٣ـ اهي آيتون حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنہ جي آزاد ڪيل غلام مهجع جي حق ۾ نازل ٿيون جيڪو بدر جي جنگ ۾ شهيد ٿيو هو ۽ سندس والدين ۽

(١) المراغي صـ١١٠ـ جزء ٢٠ جلد ٧ (٢) ترجمہ فارسي از حضرت مخدوم نوح صـ٣٩٧ـ

گهرواريءَ اها خبر ٻڌي بي صبري ڪئي هئي (١) مطلب هي آهي ته صرف ائين چوڻ ته اسان ايمان آندو ڇوٽڪاري لاءِ ڪافي ناهي جيڪو ائين چوندو اهو امتحانن لاءِ به تيار رهي بغير امتحان، آزمائش ۽ پرک جي دعوىٰ ثابت نه ٿيندي "وَلَقَدْ فَتَنَّا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ" ۽ البت تحقيق اسان انهن کي آزمايو هو جيڪي انهن کان اڳي هئا مطلب ته اهو پرک ۽ آزمائش جو سلسلو شروع کان هلندو پيو اچي نئون ناهي جو ڪير پريشان ٿئي "فَلَيَعْلَمَنَّ اللهُ الَّذِيْنَ صَدَقُوْا وَلَيَعْلَمَنَّ الْكٰذِبِيْنَ" پوءِ البت ضرور الله انهن کي ڏسندو جيڪي سچا (ثابت) ٿيا ۽ البت ضرور الله ڪوڙن کي به ڏسندو. هتي "يَعْلَمَنَّ" علم مان ورتل آهي پر ان مان مراد آهي ظاهر ڪري دنيا جي اڳيان پيش ڪرڻ ۽ ڏسڻ ڇو ته الله جل شانـه جو علم قديم آهي اهو بي علم نه آهي جو پوءِ ڄاڻندو. علامـه پاني پتي لکيو آهي ته: الله ازل کان عالم آهي ۽ آيت جي معنىٰ آهي ته امتحان سان سچن ۽ ڪوڙن جي خبر پوندي ۽ ان وقت جيڪو سندس ازلي علم آهي ان جو ان سان تعلق ظاهر ٿيندو پاڻ به ڏسي پيو ڏسندو ۽ دنيا به ڏسندي ۽ هڪ قول آهي ته الله سچن ۽ ڪوڙن کي ظاهر ڪندو ٿان جو جيڪوسندس علم ۾ هو اهو وجود ۾ ايندو ۽ مقاتل جو قول آهي ته (دنيا کي) ڏيکاريندو. ۽ هڪ قول آهي ته پليدن کي پاڪن کان جدا ڪندو (٢) "اَمْ حَسِبَ الَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ اَنْ يَّسْبِقُوْنَا سَآءَ مَايَحْكُمُوْنَ" ڇا اهي شخص جيڪي برايون ڪن ٿا هيئن خيال ڪن ٿا ته اسان کان اڳتي نڪري ويندا؟ اهو جيڪو فيصلو ڪن ٿا نهايت برو آهي. پهريون به آيتون مسلمانن جي متعلق هيون جيڪي ڪافرن جي ايذائن ۾ گرفتار هئا ۽ هي آيت انهن ڪافرن جي متعلق آهي جيڪي مسلمانن کي ايذائيندا رهندا هئا (٣) مطلب ته مومنن جي امتحانن کي ڏسي ڪافر ائين نه سمجهن ته اسين مزي سان ظلم ڪندا رهنداسين ۽ اسان کي ڪجهه به نه ٿيندو اهي اسان کان بچي ڪيڏانهن ويندا جيڪا سخت سزا انهن کي ملڻ واري آهي ان جي اڳيان مسلمانن کي امتحان طور ملڻ واري سختي ڪجهه به ناهي، جيڪڏهن هن وقت جي عارضي مهلت سان انهن هي راءِ قائم ڪئي آهي ته اسين هميشـه ائين هونداسون ۽ سزا ملڻ جي لاءِ اسين الله جل شانـه کان ڪيڏانهن نڪري ويندا سون ته اهو سندن فيصلو بالڪل غلط ۽ برو آهي. "مَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ اللهِ فَاِنَّ اَجَلَ اللهِ لَاٰتٍ وَهُوَالسَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ" جيڪو الله جي ملڻ جي اميد رکي ٿو پوءِ يقيناً الله جو مقرر ڪيل وقت ضرور ايندڙ آهي ۽ اهو ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي يعني جيڪو شخص ان جي ڪري سختيون سهي ٿو ته الله راضي ٿئي ۽ ان جي ديدار جو اميدوار آهي ان کي يقين رکڻ گهرجي ته اهو مقرر ڪيل وقت اچي رهيو آهي ضرور ايندو ۽ ڪيس اهي ديدار واريون

(١) زاد المسير صـ٢٥٤ـ جلد ٦ (٢) المظهري صـ١٩٦ـ جلد ٧ (٣) موضح القرآن صـ٦٥٨ـ

دولتون بہ ضرور نصيب ٿينديون. ڇو تہ الله جي وعدي کي ڪير بہ ڦيرائي نہ سگهندو. اهو هر ڳالهہ ٻڌندڙ ۽ هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي ڪنهن جي بہ محنت ضايع نہ ڪندو "وَمَنْ جَاهَدَ فَإِنَّمَا يُجَاهِدُ لِنَفْسِهِ ۚ إِنَّ اللَّهَ لَغَنِيٌّ عَنِ الْعَالَمِينَ" ۽ جنهن ڪوشش ڪئي پوءِ اهو پنهنجي لاءِ ئي ڪوشش ڪري بلاشڪ الله سڀني جهانن کان بي پرواهہ آهي مطلب تہ الله جل شانــــہ کي ڪنهن جي عبادت ڪرڻ جي ڪري نفعو ناهي بي فرمانيءَ ڪرڻ جي ڪري نقصان ناهي اهو هر طرح بي پرواهہ آهي جيڪڏهن ڪو ان جي عبادت ۽ اطاعت ۾ ڪوشش ڪندو تہ ان جو فائدو ان کي ملندو اهو سڀ ڪجهہ پنهنجي لاءِ ڪري رهيو آهي الله جل شانــــہ سڀني جهانن کان غني بي پرواهہ آهي عبادت ڪري ڪو بہ ان تي احسان نہ ٿو ڪري "وَالَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ لَنُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَيِّئَاتِهِمْ وَلَنَجْزِيَنَّهُمْ أَحْسَنَ الَّذِي كَانُوا يَعْمَلُونَ" ۽ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا اسين انهن کان انهن جا ڪيل بڇڙا عمل ضرور مُٽائينداسون ۽ اهي جيڪي صالح عمل ڪندا هئا انهن جو تمام سهڻو بدلو ڏينداسون. مطلب تہ سڀني جهانن کان بي پرواهہ ۽ بي نياز هجڻ جي باوجود پنهنجيءَ رحمت ۽ شفقت سان اوهان کي اوهان جي ڪيل محنت جو سهڻو بدلو ڏينداسون.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع١ـ "وَهُمْ لَا يُفْتَنُونَ" (۽ اهي نہ آزمايا ويندا) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانــــہ پنهنجن ٻانهن کي آزمائيندو آهي جيئن اڪثر انبياءَ ۽ نبي پاڪ عليهم الصلوٰة والسلام ۽ اصحاب ڪرام کي آزمايو ويو.

ع٢ـ "فَلَيَعْلَمَنَّ اللَّهُ الَّذِينَ صَدَقُوا" (پوءِ البت الله انهن کي ڏسندو جيڪي سچا (ثابت) ٿيا) مان مراد اها ناهي تہ ڪو معاذالله الله اول انهن کان بي خبر آهي پر ان مان مراد آهي تہ الله جل شانــہ جن ماڻهن جي سچ ۽ ڪوڙ کي پنهنجي ازلي، قديم علم سان ڄاڻي ٿو ان کي عالمِ واقع ۾ ظاهر ٿيندي ڏسي (١) ۽ بعض مفسرن ان جي مراد لکي آهي تہ: انهن امتحانن سان مخلص ۽ غير مخلص ۾ ضرور امتياز پيدا ٿيندو ڇو تہ مخلصن سان گڏ غير مخلصن جو ميل جول ڪڏهن وڏو نقصان ڏيندو آهي.

ع٣ـ "لَنُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَيِّئَاتِهِمْ" (البت ضرور انهن کان انهن جا ڪيل بڇڙا عمل مٽائينداسون) سان واضح ٿيو تہ نيڪ عملن جي ڪري بڇڙا عمل مٽجي ويندا آهن ۽ اهڙي طرح بعض گناهن جي ڪري نيڪيون ختم ٿي وينديون آهن، جيئن حضور پاڪ

(١) القرطبي صـ٣٢٥ـ جلد ١٣

عليه الصلوة والسلام جي اڳيان بلند آواز ڪرڻ وارن جي لاءِ حڪم آيو "اَنْ تَحْبَطَ اَعْمَالُكُمْ وَاَنْتُمْ لَاتَشْعُرُوْنَ" (١) اوهان جا عمل ڪري ڇٽ تي ويندا ۽ اوهان کي سمجهه ۾ ئي نه ايندو.

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ حُسْنًا ؕ وَاِنْ جَاهَدَاكَ

۽ حڪم ڪيوسون انسان کي پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ سان چڱائي جوءِ جيڪڏهن ڪوشش ڪن توکي

لِتُشْرِكَ بِيْ مَالَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ فَلَا تُطِعْهُمَا ؕ

تانت شريڪ ڪرين مون سان اهو جو ناهي توکي ان جي ڄاڻ پوءِ نه چيو مڃ انهن ٻنهي جو

اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ (٨) وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

مون ڏانهن آهي موٽڻ اوهان جو پوءِ خبرڏيندس اوهان کي ان جي جيڪو ڪندا هيئو ۽ جن ايمان آندو

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُدْخِلَنَّهُمْ فِي الصّٰلِحِيْنَ (٩)

۽ ڪيائون صالح عمل البت ضرور داخل ڪنداسون انهن کي صالحن ۾

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو ته صالح عمل سان برايون بدلجي نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ هنن آيتن ۾ هڪ خاص صالح عمل والدين سان ڀلائي ڪرڻ جو ذڪر ٿي رهيو آهي جو ته اهي انسان جي وجود جو ذريعو آهن. فرمان مبارڪ آهي "وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ حُسْنًا" ۽ اسان انسان کي پيءُ ۽ ماءُ سان چڱائي جو امر ڪيو آهي "وَصَّيْنَا" وصيت مان ورتل آهي. وصيت جي معنىٰ ڪنهن شخص کي ڪنهن ڪم ڏانهن سڏڻ آهي جڏهن اهو نصيحت ۽ خيرخواهيءَ تي مبني هجي (٢) هتي مراد واضح آهي ته الله جل شانه انسان کي هي حڪم فرمايو آهي ته والدين جي عزت، احترام ڪرڻ سان گڏ انهن سان سهٹو سلوڪ رکي. "وَاِنْ جَاهَدَاكَ لِتُشْرِكَ بِيْ مَالَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ فَلَا تُطِعْهُمَا" ۽ جيڪڏهن توکي ڪوشش ڪن ته تون مون سان ان کي شريڪ بناءِ جنهن جو توکي ڪو به علم ناهي ته پوءِ انهن جو چيو نه مڃ.

(١) سورت الحجرات آيت ع ـ٢ـ (٢) المظهري ص ـ١٩٧ـ جلد ٧

شان نزول

مفسرن سڳورن لکيو آهي تہ جڏهن حضرت سعد بن وقاص زهري رضي الله عنه مسلمان ٿيو ۽ سابقين، اولين مان ۽ ماءُ سان ڀلائي ڪندڙ هو تہ سندس ماءُ حمنة بنت ابي سفيان کيس چيو تہ: هي ڪهڙو نئون دين آهي جيڪو تو قبول ڪيو آهي. مان قسم ٿي کڻان تہ جيڪڏهن تون ان کان نہ موٽندين تہ مان مرڻ تائين نہ ڪائينديس ۽ نہ پيئنديس پوءِ ساري دنيا وارا جيستائين دنيا آهي تنهنجي مذمت ۽ عجب بيان ڪندا رهندا تہ ماءَ ڪي مرندي ڏسي بہ نہ مڙيو پوءِ ان ٻہ ڏينهن ۽ ٻہ راتيون نہ کاڌو نہ پيتو تہ نهايت ڪمزور ٿي وئي. حضرت سعد رضي الله عنه مٿان بيهي چيس تہ: امان! جيڪڏهن تو وٽ سوءُ ساهہ هجن ۽ هڪ هڪ ڪندي ڏيندي وڃين تہ بہ مان پنهنجو دين نہ ڇڏيندس، هاڻي تنهنجي مرضي آهي کائين يا نہ کائين جڏهن نااميد ٿي تہ کاڌو کاڌائين. ۽ الله هيءَ آيت لاهي. والدين سان ڀلائي ۽ احسان ڪرڻ جو حڪم فرمايو (١) مطلب تہ والدين جي عزت ۽ احترام ڪرڻ ضروري آهي پر جيڪڏهن اهي شرڪ يا ڪو بہ ناجائز ڪم چون تہ انهن جو چوڻ نہ مڃبو "وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُدْخِلَنَّهُمْ فِى الصّٰلِحِيْنَ" ۽ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا اسين انهن کي صالحن ۾ ضرور داخل ڪنداسون. مطلب تہ جيڪي صلاحيت جي نهايت ۽ اعلىٰ مقام تي فائز ٿيندا انهن کي صالحن سان گڏ جنت ۾ داخل ڪنداسون. (٢)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا.

ع١ـ "فَلَا تُطِعْهُمَا" (پوءِ انهن جو چيو نہ مڃ) مان واضح ٿيو تہ: والدين جيڪڏهن ڪو شريعت جي خلاف ڪم چون تہ انهن جو چوڻ نہ وٺبو ۽ جڏهن انهن جو چوڻ نہ وٺبو تہ باقي ڪير آهي؟ جنهن جي ڪري شريعت جي خلاف ورزي ڪجي.

ع٢ـ "لَنُدْخِلَنَّهُمْ فِى الصّٰلِحِيْنَ" (اسين ضرور انهن کي صالحن ۾ داخل ڪنداسون) الصالحين مان مراد انبياءَ عليهم السلام ۽ اولياءَ عظام آهن. مذڪوره صفات وارا انسان انهن سان گڏ جنت ۾ هوندا.

(١) المراغي صـ١٤٩ـ جزء ١٣ جلد (٢) القرطبي صـ٣٢٩ـ جلد ١٣

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ فَاِذَآ اُوْذِيَ

۽ ماڻهن مان ڪو اهو آهي جيڪو چوي ٿو ايمان آندوسون الله تي پوءِ جڏهن ايذاءِ ڏنو ويو

فِي اللّٰهِ جَعَلَ فِتْنَةَ النَّاسِ كَعَذَابِ اللّٰهِ ؕ وَلَئِنْ

الله جي (واٽ) ۾ تہ ڪيائين ماڻهن جي ايذاءِ کي الله جي عذاب وانگر ۽ البت جيڪڏهن

جَآءَ نَصْرٌ مِّنْ رَّبِّكَ لَيَقُوْلُنَّ اِنَّا كُنَّا مَعَكُمْ ؕ اَوَلَيْسَ اللّٰهُ

ايندي مددتنهنجي رب وٽان تہ البت ضرورچوندا آهن بلاشڪ اسين هئاسون اوهان سان گڏ ڇانه آهي

بِاَعْلَمَ بِمَا فِيْ صُدُوْرِ الْعٰلَمِيْنَ (۱۰) وَلَيَعْلَمَنَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ

الله وڌيڪ ڄاڻندڙ ان کي جيڪو جهانن جي سينن ۾ آهي ۽ البت ضرور ظاهر ڪندو انهن کي جن

اٰمَنُوْا وَلَيَعْلَمَنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ (۱۱) وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوا

ايمان آندو۽ البت ضرور ظاهر ڪندو منافقن کي ۽چيوانهن جن ڪفرڪيوانهن لاءِ جن ايمان آندو

اتَّبِعُوْا سَبِيْلَنَا وَلْنَحْمِلْ خَطٰيٰكُمْ ؕ وَمَا هُمْ بِحٰمِلِيْنَ

تہ تابعداري ڪيو اسان جي واٽ جي ۽ ٺانت کڻون اسين گناه اوهان جا حالانڪ ناهن اهي کڻندڙ

مِنْ خَطٰيٰهُمْ مِّنْ شَيْءٍ ؕ اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ (۱۲) وَلَيَحْمِلُنَّ اَثْقَالَهُمْ

گناهن انهن جي مان ڪا شيءِ بلاشڪ اهي البت ڪوڙا آهن ۽ البت ضرورکڻندا ڳرا(گناه) پنهنجا

وَاَثْقَالًا مَّعَ اَثْقَالِهِمْ ز وَلَيُسْئَلُنَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ

۽ ڳرا بار گڏ ڳرن بارن پنهنجي ۽ البت ضرور پڇا ڪيا ويندا قيامت جي ڏينهن

عَمَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ (۱۳)ع

ان جو جيڪي هٺ سان ٺاهيندا هئا

ع ۱ ۱۳/۱۳

تفسير

اڳيئن آيت ۾ ايمان وارن کي صالحن سان گڏ جنت ۾ داخل ڪرڻ جو بيان هو ۽ هتي انهن ايمان وارن جو بيان آهي جن کي ايمان آڻڻ جي ڪري ايذاءِ ڏنا ويا ارشاد مبارڪ آهي "وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ فَاِذَآ اُوْذِيَ فِي اللّٰهِ جَعَلَ فِتْنَةَ النَّاسِ كَعَذَابِ اللّٰهِ" ۽ ماڻهن مان ڪو اهو آهي جيڪو چوي ٿو تہ اسان الله تي ايمان آندو پوءِ جڏهن الله جي واٽ ۾ ايذايو ويو تہ ماڻهن جي ايذائڻ کي الله جي عذاب وانگر ڪيائين.

شان نزول

مفسرن پلارن لکيو آهي تہ هيءَ آيت عياش بن ابي ربيعـة جي باري ۾ نازل ٿي هئي جنهن اسلام آڻي هجرت بہ ڪئي هئي. پوءِ جڏهن ڪيس ايذاءِ مليا تہ ظاهر ۾ هٽي ويو ۽ پوءِ وري ڪلي اسلام جو اعلان ڪري سهڻي نموني ايمان تي رهيو (١) آيت جو مطلب هي آهي تہ: جيڪي ماڻهو اسلام جي پاڪيزه تعليمات کان متاثر ٿي اسلام قبول ڪندا آهن ۽ سمجهندا آهن تہ هي رستو سولو آهي هن ۾ ڪا بہ تڪليف ناهي پر سندن توقع جي خلاف جڏهن مٿن تڪليفون ۽ مصيبتون اچن ٿيون تہ ان وقت اهي پنهنجي بچاءَ لاءِ اسلام کان پنهنجا تعلقات ٽوڙي ٿا وهن انهن کي متنبہ ڪيو ويو آهي تہ: اهي دنياوي تڪليفن کي الله جي عذاب وانگر نہ سمجهن الله جل شانہ جو عذاب تمام سخت آهي. انهن کي گهرجي تہ اهي حضرت بلال، سلمان ۽ صهيب وانگر عشق جي ميدان کي ملهائي ڏيکارين "وَلَئِنْ جَآءَ نَصْرٌ مِّنْ رَّبِّكَ لَيَقُوْلُنَّ اِنَّا كُنَّا مَعَكُمْ" ۽ البت جيڪڏهن تنهنجي رب جي طرفان مدد ايندي تہ البت ضرور چوندا تہ يقيناً اسين اوهان سان گڏ هئاسون. مطلب تہ جيڪڏهن مسلمانن جي ڪا ڪاميابي وغيره ڏسندا تہ پوءِ چوندا تہ يقيناً اسين بہ اوهان سان گڏ هئاسون ۽ هاڻي بہ اوهان جا مسلمان ڀائر آهيون "اَوَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَعْلَمَ بِمَا فِيْ صُدُوْرِ الْعٰلَمِيْنَ" ڇا الله اهي ڳالهيون جيڪي جهانن جي سينن ۾ آهن وڌيڪ ڄاڻندڙ ناهي؟ مطلب تہ جيڪو ڪجهہ هي چون ٿا الله اهو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي "وَلَيَعْلَمَنَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَلَيَعْلَمَنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ" ۽ البت ضرور الله انهن کي ظاهر ڪندو جن ايمان آندو ۽ البت ضرور منافقن کي بہ ظاهر ڪندو يعني ان کي پهريان ئي معلوم تہ آهي پر هاڻي اوهان جي اعمال ۽ افعال ذريعي سڀ ڳالهہ کلي ظاهر ٿيندي تہ ڪير پاڻ کي سچو مومن ثابت ڪري ٿو ۽ ڪير ڪوڙو؟

تنبيه

اهڙي قسم جي جاين ۾ "لَيَعْلَمَنَّ اللّٰهُ" جي معنيٰ "ليرين الله" ڪرڻ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان منقول آهي (٢) "وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّبِعُوْا سَبِيْلَنَا وَلْنَحْمِلْ خَطٰيٰكُمْ" ۽ جن ڪفر ڪيو انهن ايمان وارن کي چيو تہ اسان جي واٽ جي

(١) المراغي صـ١١٨ـ جزء ٢٠ جلد ٧ (٢) حاشيہ عثمانيہ صـ٥٦٩ـ

اتباع ڪيو ۽ اسين اوهان جا گناهہ کڻنداسون مطلب تہ ڪافر مسلمانن کي چوندا هئا تہ اوهان اسلام ڇڏي اسان واري ڪفر تي اچو ۽ اسان جي واٽ تي هلو تہ دنيا ۾ سيني تڪليفن کان بچي ويندؤ ۽ جيڪڏهن ائين ڪرڻ ۾ گناهہ ٿا سمجهو تہ اهو گناهہ اسين کڻنداسون اوهان کي ڪا بہ ڳڻتي ڪرڻ نہ گهرجي "وَمَا هُمْ بِحٰمِلِيْنَ مِنْ خَطٰيٰهُمْ مِّنْ شَيْءٍ" ۽ اهي سندس گناهن مان ڪا بہ شيءِ کڻندڙ ناهن مطلب تہ ڪافر مسلمانن کي هرويرو ڏوڪو ڏئي چون پيا تہ اسين اوهان جا گناهہ کڻنداسون حالانڪ اهي پنهنجن سورن ۾ هوندا پنهنجو بار ئي نہ کڻي سگهندا تہ ٻين جا بار کڻا کڻندا "اِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ" بلاشڪ اهي البت ڪوڙا آهن ڪنهن جو بہ بار نہ کڻندا نہ کڻي سگهندا "وَلَيَحْمِلُنَّ اَثْقَالَهُمْ وَاَثْقَالًا مَّعَ اَثْقَالِهِمْ" ۽ البت ضرور پنهنجا ڳرا (گناهہ) ۽ پنهنجن ڳرن (گناهن) سان گڏ (ٻيا بہ) ڳرا بار کڻندا مطلب تہ اهي پنهنجن گناهن جا بار بہ کڻندا جيڪي نهايت ڳرا هوندا ۽ انهن سان گڏ ٻين جا بار بہ کڻندا جن کي گمراهہ ڪيو هوندائون "وَلَيُسْـَٔلُنَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عَمَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ" ۽ البت قيامت جي ڏينهن انهن ڳالهين جي باري ۾ ضرور پڇا ڪيا ويندا جيڪي هٿ سان ٺاهيندا هئا يعني جيڪي هٿ جون ڳالهيون ٺاهي چون ٿا تہ اسين اوهان جا گناهہ کڻنداسون. اهو چوڻ خود گناهہ آهي جنهن جي باري ۾ بہ پڇا ڪيا ويندا ۽ ڪين ان بهتان جي سزا بہ ملندي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿيا.

ع١ـ "وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا الآيـة" مان واضح ٿيو تہ ڪافرن جي طرفان اسلام جي رستي روڪڻ ۽ مسلمانن کي گمراهہ ڪرڻ جون مختلف تدبيرون هيون ڪڏهن زور ۽ زر سان تہ ڪڏهن شڪ ۽ شبها پيدا ڪرڻ سان هن آيت ۾ بہ انهن جي هڪ تدبير ذڪر ڪيل آهي تہ ڪافر مسلمانن کي چوندا هئا تہ اوهان آخرت جي عذاب کان هرويرو ٿا ڊڄو ۽ اسان جي رستي تي نہ ٿا هلو. ڀلا اسين اوهان جو اهو عذاب ۽ گناهن جو بار پاڻ تي ٿا وسايون پوءِ تہ اسان جي رستي تي هلو.

ع٢ـ "وَلَيُسْـَٔلُنَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عَمَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ" (۽ جيڪي ڳالهيون ٺاهيندا هئا انهن جي باري ۾ قيامت جي ڏينهن ضرور پڇا ڪيا ويندا) مان واضح ٿيو تہ گناهن جي دعوت ڏيڻ وارو بہ گنهگار آهي جيڪو عذاب گناهہ ڪندڙ کي ٿيندو اهو ان کي بہ ٿيندو.

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَلَبِثَ فِيْهِمْ اَلْفَ سَنَةٍ اِلَّا خَمْسِيْنَ عَامًاؕ

۽ البت تحقيق موڪليواسان نوح کي ان جي قوم ڏانهن پوءِ رهيو انهن ۾ هزارسال مگرپنجاه سال

فَاَخَذَهُمُ الطُّوْفَانُ وَهُمْ ظٰلِمُوْنَ (١٤) فَاَنْجَيْنٰهُ وَاَصْحٰبَ السَّفِيْنَةِ

پوءِ پڪڙيو انهن کي طوفان حالانڪ اهي ظلم ڪندڙ آهن پوءِ ڇڏايو اسان ان کي ۽ ٻيڙيءِ وارن کي

وَجَعَلْنٰهَآ اٰيَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ (١٥)

۽ بنايو اسان ان کي نشاني جهانن جي لاءِ

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي طرفان مومنن کي ملندڙن ايذائن جو ذڪر هو ۽ هتان کان سندن طرفان انبياءَ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام کي ملندڙ ايذائن جو بيان ٿي رهيو آهي. ارشاد الٰهي آهي "وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ فَلَبِثَ فِيْهِمْ اَلْفَ سَنَةٍ اِلَّا خَمْسِيْنَ عَامًاؕ" ۽ البت تحقيق اسان نوح کي سندس قوم ڏانهن موڪليو پوءِ انهن ۾ هڪ هزار سال رهيو مگر پنجاه سال (گهٽ) هتي نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي بابت حضرت نوح علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي ذڪر سان شروعات ڪندي ٻڌايو ويو آهي ته ان پنهنجي قوم ۾ ساڍا نو سؤ سال رهي الله جل شانه جي دين جي دعوت ڏني هئي رات ۽ ڏينهن ڪليل ۽ لڪل نموني کين سمجهائيندو رهيو پر اهي ڪيس مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيا رهندو سرڪشي ۽ عناد ۾ وڌي ويا تمام ٿورن ماڻهن کان سواءِ ڪنهن به ايمان نه آندو (١) "فَاَخَذَهُمُ الطُّوْفَانُ وَهُمْ ظٰلِمُوْنَ" پوءِ انهن کي طوفان ان حال ۾ پڪڙيو جو اهي ظالم هئا. يعني سندن بي فرماني، عناد (۽ سرڪشيءَ جي ڪري مذڪوره مدت کان پوءِ مٿن اهڙو طوفان آيو جو جيڪو ڪافر جتي هو اهو اتي تباه ٿيو ۽ اهو طوفان هڪ ڏينهن ۾ روءِ زمين تي گهمي آيو ۽ اهو سڀ ڪجهه ان جي ڪري هو جو وڏا ظالم ۽ ظلم تي هميشگي ڪندڙ هئا. "وَجَعَلْنٰهَآ اٰيَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ" ۽ اسان ان کي جهانن جي لاءِ نشاني بنايو هو. يعني اها الله جي قدرت جي نشاني هئي. جنهن کي ڏسي سيني عبرت ورتي هئي ۽ اهو هڪ دليل هو جنهن سان الله جل شانه جي قدرت ڪامله ثابت ٿي (٢) فقيه ابوالليث سمر قندي عليه الرحمة لکيو آهي ته

(١) المراغي صـ١٢٣ـ جزء ٢٠ جلد ٧ (٢) تنوير الاذهان صـ١٦٣ـ جلد ٣

اها ٻيڙي نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي ظهور جي قريبي دور تائين جو دي جبل تي موجود هئي ۽ حضرت نوح جي طرفان ۽ نبي پاڪ عليهما الصلوٰة والسلام جي هجرت شريفـــه جي وچ ۾ ٽي هزار نو سوءِ چوهتر (٣٩٧٤) سال هئا تفسير فتح الرحمان ۾ ائين لکيو آهي ۽ روايت ۾ آيو آهي ته حضرت نوح جي بعثت چاليهن سالن جي عمر ۾ ٿي ۽ ساڍا نو سوءِ (٩٥٠) سال پنهنجي قوم کي دين جي دعوت ڏنائين ۽ طوفان کان پوءِ سٺ (٦٠) سال دنيا تي رهيو تان جو ماڻهو گهڻا ٿيا. سندس سڀ عمر هڪ هزار ۽ پنجاهه سال هئي ۽ اهو عمر ۾ سڀني نبين عليهم الصلوٰة والسلام کان وڏو هو. حضرت حسن بصري فرمايو آهي ته قيامت جي ڏينهن ثواب ۾ ماڻهن کان پلو وڏي عمر وارو مومن هوندو ۽ عبيد بن خالد رضي الله عنـــه کان روايت آهي ته: رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جن ٻن اصحابن ۾ ڀائپي ڪرائي پوءِانهن مان هڪ الله جل شانـه جي واٽ ۾ شهيد ڪيو ويو ۽ ٻيو ان کان هڪ جمعـــه يا ڪجهه قدر پوءِ وفات ڪري ويو پوءِ ان تي جنازه جي نماز پڙهيائون حضور عليـــه الصلوٰة والسلام جن پڇڻ فرمايو ته اوهان هن لاءِ ڇا چيو؟ عرض ڪيائون ته: اسان الله کان دعا گهري ته هن کي بخشي ۽ ان تي رحم ڪري ۽ کيس سندس ساٿيءَ (ڀاءُ بنايل) سان شامل فرمائي پاڻ فرمايائون ته "ان شهيد کان پوءِ هن جون ان کان پوءِ ادا ڪيل نمازون عمل يا فرمايائون ته هن جا ان کان پوءِ رکيل روزا ڪيڏانهن ويا؟ هنن جي (مقام) جي وچ ۾ ايترو فرق آهي جيترو آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ ان لاءِ بشارت آهي جنهن جي عمر وڏي ٿي ۽ عمل سهڻا ٿيا. (١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

عـ١ـ ته حضرت نوح علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام جي طرفان ايتري وڏي حياتي دين جي دعوت ڏيڻ مان ثابت ٿيو ته ديني خدمت ۾ ٿڪاوٽ ظاهر نه ڪجي ۽ تاحيات ان سلسلي کي جاري رکڻ الله جل شانـه جي نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي سنت آهي.

عـ٢ـ هتي حضرت نوح عليٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام جي ذڪر کي اول آڻڻ مان واضح ٿيو ته اهو پهريون نبي علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام هو جنهن کي ڪفر ۽ شرڪ سان مقابلو ڪرڻو پيو ۽ سڀني کان وڏيڪ ان کي ايذاءَ ڏنا ويا جيڪي ان الله جل شانـه کي راضي ڪرڻ لاءِ برداشت ڪيا هئا.

(١) تنوير الاذهان صـ١٦٤ـ جلد ٣

وَاِبْرَاهِيْمَ اِذْقَالَ لِقَوْمِهِ اعْبُدُوااللّٰهَ وَاتَّقُوْهُ ط
۽ ابراهيم (کي ياد ڪر) جڏهن چيائين پنهنجي قوم کي تہ عبادت ڪيو الله جي ۽ ڊڄو ان کان
ذَالِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ (١٦) اِنَّمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ
اهو ڀلو آهي اوهان جي لاءِ جيڪڏهن اوهان ڄاڻ رکوٿا تحقيق اوهان عبادت ڪيو ٿا الله کان سواءِ
اَوْثَانًا وَّتَخْلُقُوْنَ اِفْكًا ط اِنَّ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَايَمْلِكُوْنَ لَكُمْ
بتن جي ۽ٺاهيو ٿاڪوڙ بيشڪ جن جي عبادت ڪيو ٿاالله کان سواءِ نہ ٿامالڪ ٿين اوهان جي لاءِ
رِزْقًا فَابْتَغُوْا عِنْدَاللّٰهِ الرِّزْقَ وَاعْبُدُوْهُ وَاشْكُرُوْا لَهٗ ط اِلَيْهِ
رزق جا پوءِطلب ڪيو الله وٽان رزق ۽ ان جي عبادت ڪيو ۽ شڪرڪيو ان جي لاءِ اوهان ان ڏانهن
تُرْجَعُوْنَ (١٧) وَاِنْ تُكَذِّبُوْا فَقَدْ كَذَّبَ اُمَمٌ مِّنْ قَبْلِكُمْ وَمَا عَلَى الرَّسُوْلِ
موٽاياويندؤ ۽ جيڪڏهن ڪوڙو چوندؤ پوءِ تحقيق ڪوڙو چيو امتن اوهان کان اڳي ۽ ناهي رسول
اِلَّاالْبَلَاغُ الْمُبِيْنُ (١٨)
تي مگر پيغام پهچائڻ پڌرو

تفسير

اڳين آيتن ۾ سيدنا نوح جي طرفان دعوت دين جو بيان هو ۽ هتي حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام جي طرفان ديني دعوت ڏيڻ جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاِبْرَاهِيْمَ اِذْقَالَ لِقَوْمِهِ اعْبُدُوااللّٰهَ وَاتَّقُوْهُ ط ذَالِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ" ۽ ابراهيم (کي ياد ڪر) جڏهن پنهنجي قوم کي فرمايائين تہ الله جي عبادت ڪيو ۽ ان کان ڊڄو اهو اوهان جي لاءِ ڀلو آهي جيڪڏهن اوهان ڄاڻ رکو ٿا يعني پنهنجي امت کي حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام جا واقعا بيان ڪري ٻڌاءِ. جڏهن پاڻ ڪمال مرتبي تي ترقيءَ جا مدارج طئي ڪري خلق جي ارشاد واري مرتبي تي فائز ٿيو ۽ حق جي رستي ڏانهن سڏڻ جي شروعات ڪندي پنهنجي قوم کي الله وحدهٗ لاشريڪ لہ جي عبادت ڏانهن سڏي فرمايائين تہ "ان جي عبادت ڪيو ۽ ان کان ئي ڊڄو عبادت ۾ ظاهر توڙي لڪل اخلاص رکو ان جا فرائض ٺاهي ٺاهي ادا ڪيو ۽ ان جي ٻي فرمانين کان بچو جيڪڏهن اوهان وٽ علم ۽ ادراڪ آهي

جنهن سان اوهان برائيءَ ۽ ڀلائي ۾ تميز پيدا ڪري سگهو ٿا تہ اهو اوهان جي لاءِ ڀلو آهي ان سان اوهان جي دنيوي ۽ اخروي حياتي بهتر بنجندي" (١) "اِنَّمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللهِ اَوْثَانًا وَّتَخْلُقُوْنَ اِفْكًا" اوهان الله کان سواءِ بتن جي عبادت ڪيو ٿا ۽ ڪوڙ ٺاهي هڻو ٿا. يعني اوهان الله کان سواءِ هٿ سان ٺاهيل بتن جي عبادت ڪيو ٿا ۽ اهو ڪوڙ هڻو ٿا تہ اهي اوهان جا معبود آهن حالانڪ اهي بالڪل بيڪار آهن. "اِنَّ الَّذِيْنَ تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللهِ لَايَمْلِكُوْنَ لَكُمْ رِزْقًا" بلاشڪ اوهان جن جي الله (جل شانــه) کان سواءِ عبادت ڪيو ٿا اهي اوهان جي لاءِ رزق جا مالڪ ناهن يعني جنهن رزق کان سواءِ اوهان جي زندگي قائم رهي نہ سگهندي اهي بت جن جي اوهان عبادت ڪيو ٿا اوهان جي ان رزق جا بہ مالڪ ناهن تہ پوءِ انهن جي عبادت ڇو ٿا ڪريو؟ "فَابْتَغُوْا عِنْدَاللهِ الرِّزْقَ وَاعْبُدُوْهُ وَاشْكُرُوْا لَــهٗ اِلَيْــهِ تُرْجَعُوْنَ" پوءِ الله وٽ رزق طلب ڪيو ۽ ان جي عبادت ڪيو ۽ ان جو شڪر ڪيو ان ڏانهن ئي اوهان موٽاياويندؤ مطلب تہ رزق الله کان گهرو ڇو تہ اهو ئي رزاق آهي اوهان جا بت اوهان کي ڪجهہ نہ ڏئي سگهندا ۽ الله جي عبادت ڪيو ۽ ان جو شڪر ڪيو تہ اوهان تي وڏيڪ فضل ڪرڻ فرمائيندو ۽ اهو صرف روزي ڏيندڙ ناهي پر اوهان سڀئي ان ڏانهن موٽاياويندؤ جتي اوهان کان پڇا ڪئي ويندي تہ ڪنهن جي عبادت ڪندا هيئو جڏهن تہ اوهان جو حقيقي مالڪ، منعم ۽ مهربان صرف هڪ الله آهي ان جي ئي رضا طلب ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي تقرب لاءِ جدوجهد جاري رکجي "وَاِنْ تُكَذِّبُوْا فَقَدْ كَذَّبَ اُمَمٌ مِّنْ قَبْلِكُمْ وَمَاعَلَى الرَّسُوْلِ اِلَّاالْبَلَاغُ الْمُبِيْنُ" ۽ جيڪڏهن اوهان ڪوڙو چوندؤ تہ پوءِ تحقيق اوهان کان اڳين امتن بہ (پنهنجن نبين عليهم الصلوٰة والسلام کي) ڪوڙو چيو هو ۽ رسول تي تہ صرف کليل پيغام پهچائڻ (جي ذميداري) آهي. يعني اوهان جي ڪاميابي فوز ۽ فلاح ان ۾ آهي تہ نبي پاڪ عليــه الصلوٰة والسلام کي مڃيو ان جي تصديق ڪيو پر جيڪڏهن اوهان نٿا مڃيو نبي پاڪ عليــه الصلوة والسلام کي (معاذالله) ڪوڙو چئو ٿا تہ پوءِ اوهان کان اڳي آيل امتن بہ پنهنجن نبين عليهم الصلوٰة والسلام کي ڪوڙو چيو هو ۽ ان سان انهن نبين عليهم الصلوٰة والسلام جو ڪو بہ نقصان نہ ٿيو پاڻ تباهہ ۽ برباد ٿي ويا اهڙي طرح مون کي سچو نہ مڃڻ وارا پنهنجو نقصان ڪن ٿا مون کي ڪو نقصان نہ ٿا ڏين. رسول پاڪ (عليــه الصلوٰة والسلام) تي صرف کلي طرح حق جو پيغام پهچائڻ فرض آهي مڃرائڻ جي ذميداري ناهي مون بہ حق جو پيغام پهچائي پنهنجي ذميداري پوري ڪئي آهي مڃرائڻ منهنجي ذمي ناهي.

(١) المراغي صد ١٢٤ جزء ٢٠ جلد ٧

فائدا

مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١۔ "اُعْبُدُوا اللّٰهَ وَاتَّقُوْهُ" (الله جي عبادت ڪيو ۽ ان ڪان ڊڄو) مان ثابت ٿيو ته الله جل جلاله جي عبادت ڪرڻ ۽ هميشه ان جو خوف رکڻ مومن مسلمان تي فرض آهي ان جي ذريعي ئي نقصان ۽ خساري ڪان بچي سگهندو.

ع٢۔ "لَا يَمْلِكُوْنَ لَكُمْ رِزْقًا فَابْتَغُوْا عِنْدَاللّٰهِ الرِّزْقَ" (اوهان جي رزق جا مالڪ ناهن پوءِ الله وٽان رزق طلب ڪيو) هتي عقلي دليلن سان الله جي عبادت جو وجوب ۽ غير جي عبادت جو باطل هجڻ ثابت ڪيو ويو آهي. ۽ ٻڌايو ويو آهي ته عبادت جو حقدار صرف اهو الله آهي جنهن وٽ رزق جا خزانا آهن هر شيءِ جي ربوبيت ۽ ان ڪي رزق رسائڻ ان جو شان آهي.

ع٣۔ "وَاعْبُدُوْهُ وَاشْكُرُوْا لَهٗ" (۽ ان جي عبادت ڪيو ۽ ان جو شڪر ڪيو) مان ثابت ٿيو ته الله جل جلاله جي عبادت وانگر ان جو شڪر ڪرڻ به واجب آهي ان جي ثنا ڪجي ان جو حمد ڪجي ۽ ان جون عطا ڪيل نعمتون انهن ڪمن ۾ صرف ڪجن جن ۾ پاڻ راضي آهي.

اَوَلَمْ يَرَوْا كَيْفَ يُبْدِئُ اللّٰهُ الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ

ڇا نه ڏٺائون ته ڪهڙي طرح ٿوئين سر بنائي الله مخلوق ڪي تنهن ڪان پوءِ ٻيهروري ٿاهيندو ان ڪي

اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ (١٩) قُلْ سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ

بيشڪ اهو الله تي آسان آهي فرماءِ ته گهمو زمين ۾ پوءِ ڏسو ته ڪهڙي

فَانْظُرُوْا كَيْفَ بَدَاَ الْخَلْقَ ثُمَّ اللّٰهُ

طرح نئين سر پيدا ڪيائين مخلوق ڪي تنهن ڪان پوءِ الله

يُنْشِئُ النَّشْاَةَ الْاٰخِرَةَ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ (٢٠) يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ

پيدا ڪندو پيدا ڪرڻ ٻيو پيرو بيشڪ الله هرشيءِ تي قادر آهي عذاب ڪري ٿو جنهن ڪي گهري

وَيَرْحَمُ مَنْ يَّشَآءُ وَاِلَيْهِ تُقْلَبُوْنَ (٢١) وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ فِي الْاَرْضِ

۽ رحم ڪري ٿو جنهن تي گهري ۽ ان ڏانهن موٽايا ويندؤ ۽ ناهيو اوهان عاجز ڪندڙ زمين ۾

وَلَا فِى السَّمَآءِ وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ (٢٢)

۽ نہ آسمان ۾ ۽ ناهي اوهان لاءِ الله کان سواءِ ڪو خيرخواه ۽ نہ ڪو مددگار

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَلِقَآئِهٖ اُولٰٓئِكَ يَئِسُوْا مِنْ رَّحْمَتِيْ وَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ

۽ جن ڪفر ڪيو الله جي آيتن جو ۽ انجي ملڻ جو اهي نا اميد ٿيا منهنجي رحمت کان ۽ اهي انهن لاءِ

عَذَابٌ اَلِيْمٌ (٢٣)

عذاب دردناڪ آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ وحدانيت جا دليل ۽ رسالت جو بيان هو ۽ هتي قيامت جي لاءِ اتڻ ۽ بارگاه خداونديءَ ۾ پيش ٿيڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اَوَلَمْ يَرَوْا كَيْفَ يُبْدِئُ اللّٰهُ الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ" ڇا نہ ڏٺائون تہ الله ڪهڙي طرح خلق کي نئين سر بنائي ٿو تنهن کان پوءِ ان کي وري ٺاهيندو. بلاشڪ اهو الله لاءِ آسان آهي. حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام پنهنجي امت کي مرڻ کان پوءِ موٽي اٿڻ جا دليل ڏئي رهيو هو جنهن جو اهي انڪار ڪري رهيا هئا تہ ڇا اهي پنهنجي وجود ۾ غور ڪري نہ ٿا ڏسن تہ اهي ڪا شيءِ نہ هئا تہ الله جل شانہ کين وجود ڏنو ۽ اکيون، ڪن، دليون عطا فرمايائون جن سان اهي دنيوي حياتيءَ ۾ فائدو وٺندا رهيا ۽ بعد ۾ کين وفات ڪرائي مٽيءَ جي حوالي ڪيائين ۽ جيڪو ان سڀ تي قادر آهي اهو کين وري جيئرو ڪري اٿارڻ تي بہ قادر آهي بلڪ اهو تہ ان لاءِ اجان وڌيڪ آسان آهي جيئن ٻيءَ آيت ۾ ارشاد آهي "وَهُوَ الَّذِيْ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ وَهُوَ اَهْوَنُ عَلَيْهِ" (١) ۽ اهو (الله) اهو آهي جيڪو خلق کي نئين سر ٺاهي ٿو تنهن کان پوءِ انهن کي ورائي ٺاهيندو ۽ اهو ان لاءِ آسان آهي. خلاصو ڳالهہ جو هي آهي تہ: جڏهن اوهان اهو ڄاڻو ٿا تہ پوءِ ان جو انڪار ڇو ٿا ڪيو؟ (٢) "قُلْ سِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ بَدَاَ الْخَلْقَ ثُمَّ اللّٰهُ يُنْشِئُ النَّشْاَةَ الْاٰخِرَةَ اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" فرماءِ تہ زمين ۾ گهمو ڦرو پوءِ ڏسو تہ (الله) خلق کي ڪيئن نئين سر ٺاهيو آهي تنهن کان پوءِ الله پيو پيرو پيدا ڪرڻ فرمائيندو. بلاشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي "قُلْ" ۾ خطاب يا حضرت ابراهيم سان آهي يا حضور پرنور (عليهما الصلوٰة والسلام) سان

(١) سورت الروم آيت عـ٢٧ـ (٢) المراغي صـ١٢٧ـ جزء ٢٠ جلد ٧

مقصد هي آهي تہ اي قيامت جا منكرو! اوهان دنيا ۾ گهمو ڦرو اتي اوهان کي رنگارنگ مخلوق نظر ايندي جيڪا پنهنجي شڪل ۽ صورت، پنهنجي خصوصيات، پنهنجي اثرات وغيره ۾ هڪ ٻئي کان مختلف آهي اهي ڏسي پوءِ غور ڪيو تہ جنهن قادر مطلق انهن کي اهي خوبيون ۽ مخصوص صلاحيتون ڏنيون آهن ان جي لاءِ ڪهڙو مشڪل آهي جو اهو انهن کي وري زنده ڪري (١) "يُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ وَيَرْحَمُ مَنْ يَّشَآءُۚ وَاِلَيْهِ تُقْلَبُوْنَ" جنهن کي گهري تو عذاب ڪري تو ۽ جنهن کي گهري تو ان تي رحم ڪري تو ۽ ان ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ مطلب تہ اهو مرضيءَ جو مالڪ ۽ مختار آهي جنهن کي گهري تو عذاب ڪري تو ۽ جنهن کي گهري تو تہ ان کي رحمت سان نوازي تو علامہ پاني پتي عليه الرحمـة لکيو آهي تہ: الٰهي عذاب جون مختلف صورتون آهن ١: قيامت جي ڏينهن دوزخ ۾ اڇلائڻ ٢: دنيا ۾ ذليل ۽ خوار ڪرڻ ٣: دل ۾ حرص ۽ طمع پيدا ڪرڻ ۴: بد اخلاق بنائڻ ۵: پنهنجي ذڪر کان غافل ڪرڻ ٦: سنت جي اتباع جي بجاءِ براين جو شيدائي بنائڻ اهي سڀ ان جي عذاب جون قسمين قسمين شڪليون آهن ۽ اهڙي طرح ان جي رحمت جون بہ مختلف صورتون آهن ١: قيامت جي ڏينهن جنت ۾ داخل ڪرڻ ٢: پنهنجي ديدار جي دولت عطا ڪرڻ ٣: دنيا ۾ پنهنجي مدد سان نوازڻ ۴: قناعت ۽ سهڻي اخلاق جي زيور سان سينگارڻ ۵: پنهنجي محبت ۽ پنهنجي ياد ڏانهن دل کي مائل ڪرڻ ٦: پنهنجي حبيب عليـــه الصلوٰة والسلام جي سنت تي عمل ڪرڻ جي توفيق ڏيڻ (٢) "وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ فِی الْاَرْضِ وَلَا فِی السَّمَآءِ ز وَمَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ مِنْ وَّلِیٍّ وَّلَا نَصِيْرٍ" ۽ اوهان زمين ۽ آسمان ۾ عاجز ڪندڙ ناهيو ۽ ۽ نہ اوهان جو الله کان سواءِ ڪو خيرخواه آهي ۽ نہ ڪو مددگار مطلب تہ جيڪڏهن اوهان ان جي قضاءَ کان زمين ۾ لڪڻ ۽ ان جي ڪڏن ۾ لهي وڃڻ يا آسمان ۾ پناهہ وٺڻ لاءِ پڇندؤ يا وڏن قلعن ۾ ويهي رهندؤ اهو ناممڪن آهي ان طريقي سان اوهان الله جل شانـــه کي عاجز ڪري نہ سگهندؤ ۽ نہ اوهان جو ڪو اهڙو يارو مددگار آهي جيڪو اوهان کي ان جي پڪڙ کان بچائيندو (٣) "وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَلِقَآئِهٖۤ اُولٰٓئِكَ يَئِسُوْا مِنْ رَّحْمَتِیْ وَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ" ۽ جن الله جي آيتن جو ۽ ان جي ملڻ جو انڪار ڪيو اهي منهنجي رحمت کان نااميد آهن ۽ اهي انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي. يعني جن الله جي وحدانيت جي دلائل ۽ ان جي نازل ڪيل آيتن جو انڪار ڪيو اهي قيامت جي ڏينهن منهنجي رحمت کان نااميد هوندا يا رحمت مان مراد جنت آهي ان کان محروم هوندا ۽ انهن لاءِ درد ناڪ عذاب آهي ان ۾ هميشـہ رهيل هوندا.

(١) ضياء القرآن صـ٥٢٥ـ جلد ٣ (٢) المظهري صـ٢٠٢ـ (٣) ساڳيو حوالو

فائدا

مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١۔ "اَوَلَمْ يَرَوْا كَيْفَ يُبْدِئُ اللّٰهُ الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ" (ڇا نہ ڏٺائون تہ الله ڪيئن ٿو مخلوق پيدا ڪري تنهن ڪان پوءِ ان کي ورائي ٿاهيندو) مان ثابت ٿيو تہ حاضر سان غائب تي، موجود سان معدوم تي اسندلال جي لاءِ عقل جو استعمال ڪرڻ واجب آهي.

ع٢۔ "فَانْظُرُوْا كَيْفَ بَدَاَ الْخَلْقَ" (پوءِ ڏسو تہ ڪيئن خلق کي نئون پيدا ڪيائين) مان واضح ٿيو تہ قبرن مان اٿڻ ۽ عملن جي سزا جو ملڻ حق آهي ڇو تہ جيڪو الله خلق کي شروعات ۾ نئين طرح پيدا ڪرڻ تي قادر آهي اهو قبرن مان اٿارڻ ۽ عملن جي جزا يا سزا ڏيڻ تي بہ قادر آهي.

ع٣۔ "وَمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ" (۽ اوهان عاجز ڪندڙ ناهيو) مان واضح ٿيو تہ انسان نهايت ڪمزور آهي الله جل شانــہ جي رحمت ڪان سواءِ ان کي ڪا ڇڇڻ جي جاءِ بہ نہ ٿي ملي سگهي. (١)

فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوا اقْتُلُوْهُ اَوْ حَرِّقُوْهُ

پوءِ نہ هو جواب ان جي قوم جو مگر هي جو چيائون تہ ان کي قتل ڪيو يا ان کي ساڙيو

فَاَنْجٰىهُ اللّٰهُ مِنَ النَّارِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ (٢٤)

پوءِ ڇڏايو ان کي الله باهہ ڪان بلاشڪ ان ۾البت نشانيون آهن ان قوم جي لاءِ جيڪي ايمان آڻين ٿا

وَقَالَ اِنَّمَا اتَّخَذْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْثَانًا ۙ مَّوَدَّةَ بَيْنِكُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ

۽ فرمايائين تہ تحقيق ورتو اوهان الله ڪانسواءِ بتن کي دوستيءِ (جو ذريعو) پاڻ ۾دنيا جي حياتيءَ ۾

ثُمَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكْفُرُ بَعْضُكُمْ بِبَعْضٍ وَّيَلْعَنُ بَعْضُكُمْ

تنهن ڪانپوءِ قيامت جي ڏينهن انڪار ڪندا هڪڙا اوهان مان ٻين جو ۽ لعنت ڪندا هڪڙا اوهان

بَعْضًا ۫ وَّمَاْوٰىكُمُ النَّارُ وَمَا لَكُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ ۖ ق (٢٥)

مان ٻين کي ۽ جاءِ اوهان جي دوزخ آهي ۽ ناهن اوهان جاڪي مددگار

(١) ايسرالتفاسير صـ٤٤٠ـ جلد ٣

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل شانـــه جي وحدانيت رسولن سڳورن عليهم الصلوٰة والسلام جي موڪلڻ، حشر ۽ جزاءَ جون حجتون ۽ برهان قائم ڪيا ويا ۽ هتي ڪافرن جي طرفان انهن جي مقابلي ۾ ضد، هٺ ڌرمي ۽ حق کي باطل سان دفع ڪرڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوا اقْتُلُوْهُ اَوْ حَرِّقُوْهُ" پوءِ ان جي قوم جو جواب نه هو مگر هي ته (هڪ ٻئي کي) چيائون ان کي قتل ڪيو يا ان کي ساڙي ڇڏيو. يعني جڏهن سيدنا ابراهيم علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام جي دلائل معقول جو جواب ڏئي نه سگهيا ته هڪ ٻئي کي چوڻ لڳا ان کي شهيد ڪري ڇڏيو يا ساڙي ڇڏيو. اهو چوڻ وارا ٿورا هئا پر جڏهن ته ٻيا به ان تي راضي هئا ان جي ڪري اها ڳالهه سيني ڏانهن منسوب ڪئي وئي آهي ۽ روايت آهي ته الٰهي امر سان باهه جي ٿڌي ٿيڻ جي ڪري ڪافر ان ڏينهن باهه مان ڪو به رڌڻ، پچائڻ جو فائدو وٺي نه سگهيا (١) "فَاَنْجٰىهُ اللّٰهُ مِنَ النَّارِ" پوءِ الله ان کي باهه کان ڇڏايو. يعني ڪافرن ته ڪيس باهه ۾ اڇلايو هو پر الله جل شانـــه جي امر سان اها "بَرْدًا وَّ سَلٰمًا" ٿي ۽ پاڻ محفوظ رهيو ۽ پوري دنيا ۾ ڪنهن به ان ڏينهن باهه مان ڪو فائدو حاصل نه ڪيو هي قصو سورة الانبياءَ ۽ ٻين مختلف مقامن تي بيان ٿي چڪو آهي (٢) "اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ" بلاشڪ ان ۾ ان قوم جي لاءِ نشانيون آهن جيڪي ايمان آڻين ٿا. يعني باهه جي وڏي هجڻ جي باوجود حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام کي ان جي هر قسم جي تڪليف کان محفوظ رکي بچائڻ ۽ اتي باغ بنائڻ ۾ الله جل شانـــه جي قدرت جون ان قوم جي لاءِ جيڪي ايمان آڻين ٿا ڪئين نشانيون آهن "وَقَالَ اِنَّمَا اتَّخَذْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْثَانًا مَّوَدَّةَ بَيْنِكُمْ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا" ۽ فرمايائين ته اوهان الله کان سواءِ بتن کي معبود بنايو آهي دنيا جي حياتيءَ ۾ پاڻ ۾ دوستيءَ جو سبب بنائي يعني اوهان جو انهن بتن کي الله کان سواءِ معبود بنائڻ هڪ ٻئي جي محبت ۽ مودت جي ڪري آهي "ثُمَّ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكْفُرُ بَعْضُكُمْ بِبَعْضٍ وَّيَلْعَنُ بَعْضُكُمْ بَعْضًا" ان کان پوءِ قيامت جي ڏينهن اوهان مان هڪڙا ٻين جو انڪار ڪندا ۽ هڪ ٻئي کي لعنت ڪندا يعني ڪافر جيڪي گڏ جي بتن جي عبادت ڪندا هئا اهي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو ۽ بتن جو انڪار ڪندي هڪ ٻئي تي لعنتون وجهندا "وَّمَاْوٰىكُمُ النَّارُ وَمَا لَكُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ" اوهان جي جاءِ دوزخ آهي ۽ اوهان جا ڪي به مددگار ناهن يعني

(١) الڪشاف صـ٢٠٣ـ جلد ٣ (٢) تفسير ابي السعود صـ٣٦ـ جزء ٧ جلد ٣

اوهان ڪافرن ۽ اوهان جي معبودن سڀني جي جاءِ جهنم آهي ۽ اتي اوهان ڪي ڇڏائڻ جي لاءِ ڪير بہ مددگار نہ هوندا.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿيا.

ع١ـ "اُقْتُلُوْهُ اَوْحَرِّقُوْهُ" (ان کي قتل ڪيو يا ان کي ساڙيو) ان مان واضح ٿيو تہ ظالمن جي هميشہ عادت رهي آهي تہ جڏهن حجت ۽ دليل جي اڳيان عاجز ٿيندا آهن تہ طاقت استعمال ڪندا آهن.

ع٢ـ "فَاَنْجٰـهُ اللّٰهُ مِنَ النَّارِ" (پوءِ الله ان کي باهہ کان ڇڏايو) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانہ جي قدرت سندس قانون کان مٿي آهي قانون جي تقاضا هئي تہ باهہ حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام کي ساڙي پر قدرت ان کي بچايو ۽ ان قدرت جي ذريعي انبياءَ عليهم الصلوٰة والسلام جا معجزا ۽ اولياءَ ڪرام جون ڪرامتون ظاهر ٿينديون آهن جيئن نجدي عالم ابوبڪر بن جابر جزائري (جيڪو نبوي مسجد ۾ درس ڏيندو آهي) لکيو آهي تہ: في عدم احراق النار دليل علي ان الله تعالیٰ قادر علی ابطال السنن اذاشاءَ ذالك ومن هنا تكون الكرامات والمعجزات اذهي خوارق للعادات. (١)

ع٣ـ "مَوَدَّةَ بَيْنِكُمْ" (دوستي پاڻ ۾) مان واضح ٿيو تہ ڪافر انهن بتن وٽ هڪ ٻئي سان دوستي، محبت ملاقات جي لاءِ گڏ ٿيندا هئا ۽ هڪ ٻئي جي واسطي جي ڪري انهن جي عبادت ڪندا هئا ٻيو هنن وٽ ڪو دليل يا حجت نہ هئي. (٢)

فَاٰمَنَ لَهٗ لُوْطٌ م وَقَالَ اِنِّيْ مُهَاجِرٌ اِلٰى رَبِّيْ ط

پوءِ ايمان آندو ان تي لوط ۽ فرمايائين تہ بلاشڪ مان هجرت ڪندڙ آهيان پنهنجي رب ڏانهن

اِنَّهٗ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ (٢٦) وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ

بيشڪ اهو ئي غالب، حڪمت وارو آهي ۽ عطا ڪيو اسان ان کي اسحاق ۽ يعقوب

وَجَعَلْنَا فِيْ ذُرِّيَّتِهِ النُّبُوَّةَ وَالْكِتٰبَ وَاٰتَيْنٰهُ اَجْرَهٗ فِى الدُّنْيَا ج وَاِنَّهٗ

۽ ڪئي اسان ان جي اولاد ۾ نبوت ۽ ڪتاب ۽ ڏنوسون ان کي ان جو اجر دنيا ۾ ۽ بيشڪ اهو

(١) ايسرالتفاسير صـ٤٤٢ـ جلد ٣ (٢) ساڳيو حوالو

وقف لازم

فِى الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ (٢٧)

آخرت ۾ البت صالحن مان آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام جو ذڪر هو ۽ هتي حضرت لوط عليـهالصلوٰة والسلام جي طرفان ان تي ايمان آڻڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "فَاٰمَنَ لَهٗ لُوْطٌ" پوءِ ان تي لوط ايمان آندو جڏهن حضرت ابراهيم عليــه الصلوٰة والسلام نمرود واري باهہ ڪان صحيح سلامت ٻاهر نڪري آيو تہ پاڻ وري دين جي دعوت جو ڪم شروع ڪيائين ۽ انهن ماڻهن ڪي الله جي توحيد تي ايمان آڻڻ جي لاءِ سڏيائين ايڏي عظيم الشان معجزي ڪي ڏسڻ جي باوجود بہ انهن ڪي حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام جي مٿان ايمان آڻڻ جي توفيق نصيب نہ ٿي ۽ ڦريان وانگر پنهنجي ڪفر ۽ شرڪ تي مضبوط رهيا انهن جي ساري قوم ۾ هڪ حضرت لوط علىٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام جي اهڙي شخصيت هئي جنهن ايمان آڻي سندس صداقت ڪي تسليم ڪيو. پر ان مان اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ حضرت لوط (نعوذ بالله) ڦريان مشرڪ هو ۽ هاڻي ان ڪان توبہ ڪري مومن بڻيو جو تہ پاڻ ٿوري وقت ڪان پوءِ نبوت جو اظهار ڪرڻ وارو هو ۽ هر نبي نبوت جي اظهار ڪان ڦريان بہ ڪفر، شرڪ، قبيح ڪمن ۽ رزيل ڳالهين ڪان پاڪ، صاف هوندو آهي ان جي ڪري علامہ آلوسي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ: اي صدقــه عليــه السلام في جميع مقالاتــه او بنبوتــه حين ادعا ها لا انــه صدقــه فيما دعا اليــه من التوحيد ولم يكن كذالك قبل الخ (١) يعني حضرت لوط عليــه الصلوٰة والسلام جي ايمان آڻڻ جو مطلب آهي تہ جيڪي حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام جا فرمان هئا انهن جي تصديق ڪندو رهيو سندس نبوت جي دعوىٰ ڪي تسليم ڪندو رهيو ان جو مطلب اهو ناهي تہ جنهن توحيد ڏانهن حضرت ابراهيم عليــه الصلوٰة

(١) روح المعاني صـ١٥٢ـ جزء ٢٠ جلد ٧

والسلام سڌيو هو ان ۾ ڪيس تصديق ڪيائين اگ ۾ (معاذالله) توحيد جي عقيدي تي نہ هو "وَقَالَ اِنِّیۡ مُهَاجِرٌ اِلٰی رَبِّیۡ ؕ اِنَّهٗ هُوَالۡعَزِیۡزُ الۡحَکِیۡمُ" ۽ چيائين تہ: مان پنهنجي رب ڏانهن هجرت ڪندڙ آهيان بلاشڪ اهوئي غالب، حڪمت وارو آهي جڏهن پاڻ پنهنجي قوم کان مايوس ٿيو ۽ ڪيس انهن جي ايمان آڻڻ جي اميد نہ رهي تہ پاڻ پنهنجي وطن کان هجرت ڪرڻ جو ارادو ڪيائين ڇو تہ انهن جي دلين واري زمين ايتري سخت پٿريلي هئي جو اتي ايمان جو وڻ ڄمي نہ پيو سگهي ان جي ڪري اتي وڌيڪ وقت وڃائڻ مناسب نہ سمجهيائين ۽ پاڻ ڪوٺئ نالي پنهنجي شهر مان هجرت ڪري حران ۾ آيو ۽ اتاهين بہ سفر ڪري شام ۾ رهڻ اختيار فرمايائين ۽ ان سفر ۾ ان سان سندس اهليہ حضرت بيبي ساره ۽ سندس ڀائٽيو حضرت لوط عليہ السلام گڏ هئا ۽ اهو ڪوثیٰ عراق جي پسگردائين ۾ هڪ ڳوٺ بابل جي سر زمين تي هو ۽ ان وقت حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليہ الصلٰوة والسلام جي عمر پنجهتر (٧٥) سال هئي ۽ اهو پهريون الله جو پيارو هو جنهن الله جي رضا لاءِ هجرت ڪئي هئي. ۽ مهاجر جي معنیٰ الفارغ عن الشيءَ (هر شيءِ کان آزاد) ۽ شرعي عرف ۾ مهاجر اهو آهي جيڪو الله جل شانہ جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ وطن ڇڏي ۽ ان نالي سان رسول الله صلی الله عليہ وسلم جن جا اهي اصحابي سڏيا ويا جن مڪہ مڪرمہ جي فتح کان اڳي هجرت ڪئي هئي "اِلٰی رَبِّیۡ" (پنهنجي رب ڏانهن) جو مطلب تہ مان ان طرف هجرت ڪري ٿو وڃان جيڏانهن مون کي الله جل شانہ امر ڪيو آهي يا اتي ٿو وڃان جتي مون کي ڪير منهنجي رب جي عبادت کان نہ روڪي، يا جيڪي منهنجي مخالفت ڪن ٿا انهن کي ڇڏي الله جل شانہ جو قرب ٿو حاصل ڪيان (١) "وَوَهَبۡنَا لَهٗۤ اِسۡحٰقَ وَ يَعۡقُوۡبَ وَجَعَلۡنَا فِیۡ ذُرِّيَّتِهِ النُّبُوَّةَ وَالۡكِتٰبَ" ۽ اسان ان کي اسحاق ۽ يعقوب عطا فرمايا ۽ اسان ان جي اولاد ۾ نبوت ۽ ڪتاب ڏنا. اگ ۾ حضرت ابراهيم جي شانِ بندگيءَ جو بيان هو تہ پاڻ الله جل شانہ جي پاڪ نالي ۽ پيغام کي بلند ڪرڻ جي لاءِ ڪيترين مشڪلاتن کي مرڪندي منهن ڏنائين حڪومت ۽ پنهنجي ساري قوم جي دشمني قبول ڪيائين باهہ ۾ وڌو ويو ۽ نيٺ پنهنجي وطن کي بہ الوداع ڪيائين ۽ هتي ان تي الٰهي انعامن جي بارش جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ اسان ان کي حضرت اسحاق

(١) البحرالمحيط صـ١٤٩ـ جلد ٧

پٽ ۽ حضرت يعقوب علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام پوٽو ڏنا ۽ ان جي اولاد ۾ نبوت جو سلسلو جاري رکيو ۽ انهن مان وڏا وڏا جليل القدر نبي تشريف فرما ٿيا حضرت يوسف، حضرت موسىٰ، حضرت داؤد، حضرت سليمان علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام جي عظمت جو ڪنهن کي علم ناهي اهي سڀ حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام جي هار جا موتي آهن ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ حضرت نبي مڪرم، محبوب معظم صلى الله عليه وسلم جن کي بہ حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام جي پاڪ اولاد سان آندو ويو ۽ انهن کي اهڙا عظيم الشان ڪتاب ۽ صحيفا ڏنا ويا جيڪي رحمت جا موجون هڻندڙ بحر هئا "وَاٰتَيْنٰـــهُ اَجْرَهٗ فِي الدُّنْيَا ۚ وَاِنَّـــهٗ فِي الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ" ۽ اسان ان کي ان جو اجر دنيا ۾ ڏنو ۽ بلاشڪ اهو آخرت ۾ بہ صالحن مان آهي اجر مان مراد ۾ چار قول آهن ١: سهڻو ذڪر ٢: سندس سهڻي ثناءَ سان گڏ صالح اولاد ٣: عافيت، سهڻو عمل ۴: دنيا ۾ ئي کيس سندس بهشتي محل ڏيکاريو ويو هو (١) ۽ اهو مقام بہ کيس ئي عطا ٿيو جو هن زمين جي سطح تي جيتريون بہ قومون آباد آهن اهي پاڻ ۾ ڪٽي ڪيترا بہ اختلاف رکن پر اهي سڀ حضرت ابراهيم جو دل سان احترام ڪن ٿيون بلڪ ان ڏانهن پنهنجي نسبت کي فخر محسوس ڪن ٿيون ۽ پوءِ وري جڏهن ڪونين جي بزم جي صدارت تي حضور پرنور صلى الله عليه وسلم جن تشريف فرما ٿيا تہ حضرت ابراهيم جي عظمت کي وڌيڪ اجاگر ڪيو ويو حضور عليـــه الصلوٰة والسلام جي ذريعي ملت ابراهيمي زنده ٿي سندس ٺاهيل ڪعبـــه وري آباد ٿيو حرم جي اجايل فضا الله جي توحيد جي ذڪر سان گونجي وئي. جتي بہ ڪو مسلمان موجود آهي تہ ان جي زبان حضرت ابراهيم ۽ سندس اولاد تي نماز ۾ بہ درود موڪلي ٿي مطلب تہ جيڪا عزت احترام حضرت ابراهيم کي حاصل ٿي اها دنيا جي ڪنهن بادشاهہ ۽ شاهہ اعظم کي بہ نہ حاصل ٿي "۽ اهو آخرت ۾ صالحن مان هوندو" جو مطلب تہ اهو ٻين نبين عليهم الصلوٰة والسلام سان گڏ بهشت ۾ هوندو (٢) يا مطلب تہ ان جو دنيا ۾ تہ چار هزار ورهن کان نالو روشن آهي چاليهن صدين ۾ جنهن کي بہ ڪا هدايت جي روشني ملي اها ان يا ان جي پاڪ اولاد مان موڪليل نبين علهيم الصلوٰة والسلام جي وسيلي سان ملي پر آخرت ۾ ان کي وڏا درجا ملندا.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

(١) زادالمسير صـ٢٦٨ـ جلد٦ (٢) بحرالعلوم صـ٥٣٦ـ جلد ٢

ع١۔ "فَاٰمَنَ لَهٗ لُوْطٌ" (پوءِ ان تي لوط ايمان آندو) ۾ حضرت ابراهيم تي هڪ حضرت لوط جي طرفان سچي چوڻ جي بيان مان واضح ٿيو ته دين جي دعوت ڏيڻ واري کي جيڪڏهن گهٽا نه مڃين صرف هڪ مڃي ته به مايوس نه ٿئي ۽ ان سان نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کي به تسلي ڏني وئي آهي ته في الحال ٿورن جي ايمان آڻڻ جي ڪري پاڻ به مايوس نه ٿين نيٺ فضل خداوندي سان هزارين ماڻهو مٿن ايمان آڻيندا.

ع٢۔ "وَوَهَبْنَا لَهٗ اِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ الآية" (۽ اسان ان کي اسحاق ۽ يعقوب (عليهما الصلوة والسلام) عطا فرمايا) مان واضح ٿيو ته جيڪو شخص الله جي لاءِ هجرت ڪندو الله جل شانــه ان کي عزت سان گڏ دنيوي نعمتون پٽ، پوٽا وغيره به عطا ڪندو.

ع٣۔ "وَاِنَّهٗ فِى الْاٰخِرَةِ لَمِنَ الصّٰلِحِيْنَ" (۽ بلاشڪ اهو آخرت ۾ صالحن مان هوندو) مان واضح ٿيو ته جيڪو مالڪ مٿي کي راضي ڪندو اهو دنيوي مهربانين سان گڏ اخروي مهربانيون به ماڻيندو.

وَلُوْطًا اِذْقَالَ لِقَوْمِهٖٓ اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ ز

۽ لوط کي(ياد ڪر) جڏهن فرمايائين پنهنجيءَ قوم کي ته بلاشڪ اوهان البت آڻيوتا اهڙي بيحيائي جو

مَا سَبَقَكُمْ بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ (٢٨) اَئِنَّكُمْ

نه اڳي ڪئي اوهان کان ڪنهن هڪڙي جهانن مان ڇا بلاشڪ اوهان البت اچوتا مردن

لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ وَتَقْطَعُوْنَ السَّبِيْلَ ۙ وَتَاْتُوْنَ فِىْ نَادِيْكُمُ الْمُنْكَرَ ۭ فَمَا كَانَ

وٽ (شهوت پوري ڪرڻ لاءِ) ۽ ڦريون ڪيوتاواٽ ۾ ۽ ڪيو تا پنهنجي مجلس ۾ برائي پوءِ نه هو

جَوَابَ قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوا ائْتِنَا بِعَذَابِ اللّٰهِ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ (٢٩)

ان جي قوم جو جواب مگرهي جوچيائون ته آڻ اسان وٽ الله جو عذاب جيڪڏهن آهين سچن مان

قَالَ رَبِّ انْصُرْنِىْ عَلَى الْقَوْمِ الْمُفْسِدِيْنَ ع (٣٠) ٣ ع٨ ١٥

عرض ڪيائين ته اي منهنجا پالڻهار! مدد ڪر منهنجي فساد ڪندڙ قوم جي مٿان

(١) تفهيم القرآن صـ٦٩٥ـ جلد ٣

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام جي قصي کي آندو ويو ۽ هتي سندس پائٽي ۽ سندس ئي وقت جي نبي حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو قصو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَلُوطًا إِذْقَالَ لِقَوْمِهِ إِنَّكُمْ لَتَأْتُونَ الْفَاحِشَةَ مَاسَبَقَكُمْ بِهَامِنْ أَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ" ۽ لوط کي(ياد ڪر) جڏهن پنهنجي قوم کي فرمايائين ته بلاشڪ اوهان (اها) بيحيائي ڪيو ٿا جيڪا اوهان کان اڳي جهانن مان ڪنهن هڪ نه ڪئي هئي حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي جنهن قوم سان واسطو پيو هو اهي نه صرف بدڪار، فاسق ۽ فاجر هئا بلڪ فسق ۽ فجور جا اهڙا گندا ڪم انهن پاڻ شروع ڪيا هئا جيڪي انهن کان اڳين ماڻهن سوچيا به نه هئا اهي فطرت جي خلاف ڪم ڪندا هئا اهو به لڪ ۾ نه برسرعام ڏينهن ڏٺي ڪندا هئا مفسرن سڳورن لکيو آهي ته حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي دور کان اڳي ڪڏهن به ڪو مرد نه مرد جي مٿان چڙهيو ۽ نه ان سان بدفعلي ڪيائين (١) "أَئِنَّكُمْ لَتَأْتُونَ الرِّجَالَ وَتَقْطَعُوْنَ السَّبِيْلَ وَتَأْتُوْنَ فِىْ نَادِيْكُمُ الْمُنْكَرَ" ڇا يقينًا اوهان مردن سان برائي ڪرڻ اچو ٿا ۽ رستن تي ڦرڪيو ٿا ۽ پنهنجي مجلس ۾ (کلي طرح) برائي ڪيو ٿا "نادي" جي معنىٰ مجلس (٢) مطلب ته جنهن جو نالو حياءُ ۽ شرم آهي اهو هنن وٽ ڪنهن عرصي کان گم هو بلڪ بري گفتگو، جوا رستن تي ڦريون ڪرڻ واٽ ويندڙن کي پٿريون هڻي کلي کلي ڪري پوڻ الغرض ته هر برائيءَ ۽ بيحيائيءَ جو مرڪز هئا "فَمَا كَانَ جَوَابَ قَوْمِهِ إِلَّا أَنْ قَالُوا ائْتِنَا بِعَذَابِ اللهِ إِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ" پوءِ ان جي قوم جو (هيو ڪو) جواب نه هو مگر هي جو چيائون ته جيڪڏهن سچن مان آهين ته اسان وٽ الله جو عذاب آڻ. حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جڏهن ڪين سمجهائڻ سان گڏ الله جل شانه جي عذاب کان ڊيڄاريو ته ڊڄڻ جي بجاءِ کيس چوڻ لڳا ته: جيڪڏهن تون واقعي سچو آهين ته اسان وٽ الله جو عذاب آڻ ته ڏسون. "قَالَ رَبِّ انْصُرْنِىْ عَلَى الْقَوْمِ الْمُفْسِدِيْنَ" عرض ڪيائين ته اي منهنجا الله! منهن جي فساد ڪندڙ قوم تي مدد ڪرڻ فرماءِ جن برائي شروع ڪري سڄي ملڪ ۾ فساد پيدا ڪيو آهي.

(١) تنوير الاذهان صـ١٦٧ـ جلد ٣ (٢) الوجيز صـ٨٣٢ـ جلد ٢

فائدا

مذكوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين تين ٿا.

ع١ـ "مَاسَبَقَكُمْ بِهَامِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ" (اوهان کان اڳي سيني جهانن مان ڪنهن بہ اها برائي نہ ڪئي هئي) مان واضح ٿيو تہ مرد جي مرد سان يا ننڍي ڇوڪري سان شهوت پوري ڪرڻ اهڙو گناهہ آهي جيڪو اڳ ۾ ڪنهن بہ امت ۾ نہ هو اهو گناهہ اول حضرت لوط علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي قوم ڪيو هو.

ع٢ـ مذڪوره واقعات کي بيان ڪرڻ مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي نبوت حق آهي ڇو تہ اهي خبرون وحي جي ذريعي کان سواءِ ڪنهن کي معلوم ٿي نہ ٿيون سگهن.

ع٣ـ "لَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ" (البت بيحيائي ٿا ڪيو) ۾ "اَلْفَاحِشَةَ" مان واضح ٿيو تہ لونڍي بازي ڪندڙ ڪرائيندڙ ٻئي سزا جا حقدار ۽ حد هڻڻ جا لائق آهن ۽ جيئن ان بري ڪم کي "اَلْفَاحِشَةَ" سڏيو ويو آهي تيئن زنا کي بہ "اَلْفَاحِشَةَ" سڏيو ويو آهي.

وَلَمَّا جَآءَتْ رُسُلُنَآ اِبْرٰهِيْمَ بِالْبُشْرٰى ۙ قَالُوْٓا اِنَّا مُهْلِكُوْٓا اَهْلِ

۽ جڏهن آيا اسان جا قاصد ابراهيم وٽ بشارت سان تہ چيائون بيشڪ اسين هلاڪ ڪندڙ آهيون

هٰذِهِ الْقَرْيَةِ ج اِنَّ اَهْلَهَا كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ ﴿٣١﴾ قَالَ اِنَّ فِيْهَا لُوْطًا

هن ڳوٺ جي رهندڙن کي بيشڪ ان جا رهاڪو هئا ظلم ڪندڙ فرمايائين تہ بيشڪ ان ۾ لوط آهي

قَالُوْا نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَنْ فِيْهَا وقفة لَنُنَجِّيَنَّهٗ وَاَهْلَهٗٓ

چيائون تہ اسين وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيون جيڪو ان ۾ آهي البت ضرور ڇڏائينداسون ان کي ۽ ان جي اهل کي

اِلَّا امْرَاَتَهٗ ز كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٣٢﴾ وَلَمَّآ اَنْ جَآءَتْ رُسُلُنَا لُوْطًا سِيْٓءَ بِهِمْ

مگر ان جي زال هوندي پوئتي رهندڙن مان ۽ جڏهن جو آيا قاصد اسان جا لوط وٽ تہ ڏکوئيو انهن جي ڪري

وَضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا وَّقَالُوْا لَا تَخَفْ وَلَا تَحْزَنْ

۽ تنگ دل ٿيو انهن جي سببان ۽ چيائون تہ نہ ڊپ ڪر ۽ نہ غمگين ٿي

اِنَّا مُنَجُّوْكَ وَاَهْلَكَ اِلَّا امْرَاَتَكَ كَانَتْ

يقيناً اسين بچائيندڙ آهيون تنهنجا ۽ تنهنجي اهل جا تنهنجي گهرواريءَ کانسواءِ هوندي

مِنَ الْغٰبِرِيْنَ (٣٣) اِنَّا مُنْزِلُوْنَ عَلٰٓى اَهْلِ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ

پوئتي رهندڙن ۾ بيشڪ اسين لاهيندڙ آهيون هن ڳوٺ جي رهندڙن تي عذاب آسمان کان

بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ (٣٤) وَلَقَدْ تَّرَكْنَا مِنْهَآ اٰيَةًۢ بَيِّنَةً

ان سببان جو بي فرماني ڪندا هئا ۽ البت تحقيق ڇڏي اسان ان مان روشن نشاني

لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ (٣٥)

ان قوم جي لاءِ جيڪي عقل رکن ٿا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي دعا جو ذڪر هو ته (اي منهنجا پالڻهار! منهنجي فساد ڪندڙ قوم تي مدد ڪرڻ فرماءِ) ۽ هتي ان مدد جو سندس قوم جي بدڪردارن تي عذاب اچڻ جي صورت ۾ بيان ڪيو ويو آهي پر جڏهن ته اهي فرشتا پهريان حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي پٽ ۽ پوٽي جي بشارت ڏيڻ آيا هئا ان جي ڪري ان جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَلَمَّا جَآءَتْ رُسُلُنَآ اِبْرٰهِيْمَ بِالْبُشْرٰى" ۽ جڏهن ابراهيم وٽ اسان جا قاصد بشارت سان آيا. اهي قاصد حضرت جبريل ۽ ڪجهه ٻيا ملائڪ هئا جيڪي سندس خدمت ۾ حضرت اسحاق پٽ ۽ حضرت يعقوب پوٽي علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام پوٽي جي ڄمڻ جي بشارت کڻي آيا هئا (١) "قَالُوْٓا اِنَّا مُهْلِكُوْٓا اَهْلِ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ ۚ اِنَّ اَهْلَهَا كَانُوْا ظٰلِمِيْنَ" چيائون ته يقينًا اسين هن ڳوٺ جي رهندڙن کي هلاڪ ڪندڙ آهيون بيشڪ ان جا رهاڪو هئا ظالم يعني جڏهن ملائڪ حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي مذڪوره بشارت ڏيڻ کان فارغ ٿيا ته ڪيس ٻڌايائون ته اسين حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي قوم کي به هلاڪ ڪرڻ آيا آهيون ان ڳوٺ جا رهاڪو ظالم آهن. مفسرن لکيو آهي ته ان ڳوٺ جو نالو سدوم هو (٢) حضرت ابراهيم علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ان وقت حبرون (موجوده الخليل) نالي شهر ۾ رهندو هو ان شهر جي جنوب مشرق ۾ ٿورن ميلن جي فاصلي تي بحيرهٔ مردار جو اهو حصو واقع آهي جتي حضرت لوط علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي قوم پهريان آباد هئي ۽ هاڻي اتي بحيره جو پاڻي پکڙيل آهي اهو علائقو هيٺاهين ۾ آهي ۽ حبرون جي بلند پهاڙن تان نظر ايندو آهي (٣) هي قصو سورة هود ۽ سورة الحجر ۾ به

(١) نور العرفان صـ٦٣٨ـ (٢) خازن صـ٤٢٠ـ جلد ٣ (٣) تفهيم القرآن صـ٦٩٦ـ جلد ٣

بيان تي چڪو آهي اتي ڏسڻ گهرجي. "قَالَ اِنَّ فِيْهَا لُوْطًا قَالُوْا نَحْنُ اَعْلَمُ بِمَنْ فِيْهَا لَنُنَجِّيَنَّهٗ وَاَهْلَهٗٓ اِلَّا امْرَاَتَهٗ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ" فرمايائين ته ان (ڳوٺ) ۾ ته لوط آهي چيائون ته اسين ان ۾ رهندڙن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهيون ان جي گهرواريءَ کان سواءِ کيس ۽ سندس اهل کي ضرور ڇڏائينداسون (باقي سندس گهرواري) پٺ ۾ رهايلن مان هوندي يعني حضرت ابرهيم علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ملائڪن کي فرمايو ته: جنهن ڳوٺ کي اوهان هلاڪ ڪرڻ آيا آهيو ان ۾ ته (منهنجو ڀائٽيو ۽ الله جو نبي حضرت لوط علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام به آهي پوءِ اتي رهندڙن کي ڪيئن تا هلاڪ ڪيو؟ انهن عرض ڪيو ته اسان کي اها سڀ خبر آهي ته ان شهر ۾ ڪير تو رهي اسين حضرت لوط (علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) ۽ ان جي اهل کي عذاب ۽ هلاڪ ٿيڻ کان ڇڏائينداسون مگر سندس زال نه بچي سگهندي اها ڪافرن جي طرفان جاسوسي ڪندي هئي ان جي ڪري انهن سان رهندي. "وَلَمَّآ اَنْ جَآءَتْ رُسُلُنَا لُوْطًا سِيْٓءَ بِهِمْ وَضَاقَ بِهِمْ ذَرْعًا" ۽ جڏهن اسان جا قاصد لوط وٽ آيا ته انهن جي (اچڻ جي) ڪري ڏکوئيو ۽ تنگ دل ٿيو يعني اهي ملائڪ جڏهن لوط جي دربار ۾ پهتا ۽ اهي نهايت سهڻن نوجوانن ڇوڪرن جي شڪل ۾ هئا جن کي نه ڏاڙهي هئي نه مڇون ۽ حضرت لوط اهي پهريان نه سڃاتا هئا ان جي ڪري نهايت تنگ دل ٿي پيو ته هاڻي ڇا ڪيان؟ جيڪڏهن انهن کي پاڻ وٽ نه ٿو رهايان ته اخلاق، مروت ۽ مهمان نوازيءَ جي خلاف آهي ۽ جيڪڏهن رهايان ٿو ته پنهنجي بيحيا قوم کان هنن جي عزت ۽ آبرو ڪيئن بچي؟ "وَقَالُوْا لَا تَخَفْ وَلَا تَحْزَنْ" ۽ چيائون ته نه ڊڄ ۽ نه غمگين ٿي يعني اسان جي متعلق پنهنجي قوم جي شرارت کان نه ڊڄ نه اسان جي بچاءَ لاءِ غمگين ٿي. اهي اسان کي ڪجهه به ڪري نه سگهندا. "اِنَّا مُنَجُّوْكَ وَاَهْلَكَ اِلَّا امْرَاَتَكَ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ" بلاشڪ اسين توکي ۽ تنهنجي اهل کي تنهنجي گهرواري کان سواءِ بچائيندڙ آهيون (اها) پوئتي رهندڙن مان هوندي، مطلب ته اسين الله جا ملائڪ آهيون تنهنجي گهرواريءَ کان سواءِ توکي ۽ تنهنجي اهل کي بچائينداسون باقي تنهنجي گهرواري جيڪا جاسوسي ڪندي، ڪافرن کي سمورو احوال پهچائيندي هئي اها بچي نه سگهندي اها ڪافرن سان هوندي "اِنَّا مُنْزِلُوْنَ عَلٰٓى اَهْلِ هٰذِهِ الْقَرْيَةِ رِجْزًا مِّنَ السَّمَآءِ بِمَا كَانُوْا يَفْسُقُوْنَ" اسين هن ڳوٺ وارن تي ان سببان جو بي فرمان بڻيا هئا آسمان کان عذاب لاهيندڙ آهيون. ان عذاب کان نه بچي سگهندا ۽ نه ڀڄي سگهندا "وَلَقَدْ تَّرَكْنَا مِنْهَآ اٰيَةًۢ بَيِّنَةً لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ" ۽ البت تحقيق اسان ان مان ان قوم جي لاءِ جيڪي عقلمند آهن روشن نشاني ڇڏي آهي. ان روشن نشاني مان مراد ڇا آهي؟ حضرت ابن

عباس رضي الله عنهما جو فرمان آهي تہ اها نشاني انهن کي اونڌو ڪري مٿان هيٺ ڪيرايلن ڳوٺن جا نشان آهن (١) ۽ مڪه مڪرمـه کان شام ملڪ ڏانهن وڃڻ وارا اهي نشان ڏسندا هئا. يا ان مان مراد آهي تہ انهن کي هلاڪ ڪرڻ الله جل شانـه جي قدرت جي ظاهر ۽ روشن نشاني آهي. (٢)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع١ـ ("اسان جا قاصد ابراهيم وٽ بشارت سان آيا") مان واضح ٿيو تہ الله جل شانـه جي نبي جي ڄمڻ جي بشارت ڏيڻ ملائڪن جي سنت آهي ڇو تہ اهي حضرت ابراهيم کي حضرت اسحاق ۽ حضرت يعقوب (علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام) جي بشارت ڏيڻ آيا هئا جڏهن انهن هنن نبين جي ڄمڻ جو ذڪرڪيو ثابت ٿيو تہ اسان جيڪڏهن پنهنجي محبوب عليـه الصلوة والسلام جي ڄمڻ جو بيان ڪيون ۽ ان جي ٻڌڻ لاءِ ڪا تاريخ مقرر ڪري ماڻهن کي گڏ ڪيون تہ اهو بہ سهڻو عمل آهي برو ناهي.

ع٢ـ "اِنَّا مُهۡلِكُوۡۤا اَهۡلِ هٰذِهِ الۡقَرۡيَـةِ" (اسين هن ڳوٺ وارن کي هلاڪ ڪندڙ آهيون) مان واضح ٿيو تہ انسانن جي گناهن جي ڪري اتي رهندڙ جانور بہ هلاڪ ٿي ويندا آهن جيئن سنڌيءَ ۾ چوٽي آهي تہ سڪن سان گڏ ساوا بہ ٻري ويندا آهن.

ع٣ـ "اِنَّا مُنَجُّوۡكَ وَاَهۡلَكَ" (بلاشڪ اسين توکي ۽ تنهنجي اهل کي بچائيندڙ آهيون) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانـه جي حڪم، امر ۽ عنايت سان ڪو ڪم ڪندڙ ٻانها جيڪڏهن ان ڪم کي پاڻ ڏانهن ظاهري نسبت ڏئي چون تہ اسين ڪيون ٿا يا اسان ڪيو تہ ناجائز يا شرڪ ناهي حضرت لوط ۽ سندس اهل کي بچائڻ وارو تہ الله هو مگر ملائڪن فرمايو تہ اسين توکي ۽ تنهنجي اهل کي بچائيندڙ آهيون اهل السنـة والجماعـة جي طرفان نبي پاڪ عليـه الصلوة والسلام يا اولياءَ ڪرام ڏانهن ڪنهن ڪم جي نسبت ڪرڻ جو بہ اهو ئي حڪم آهي تہ اهو بہ نہ شرڪ آهي نہ ناجائز ۽ منع آهي حڪم جو مدار نيت تي آهي.

(١) زادالمسير صـ٢٧١ـ جلد ٦ (٢) بحرالعلوم صـ٥٣٧ـ جلد ٢

وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا لا فَقَالَ يٰقَوْمِ

۽ مدين ڏانهن انهن جي ڀاءُ شعيب کي (موڪليوسون) پوءِ فرمايائين تہ اي منهنجي قوم!

اعْبُدُو اللّٰهَ وَارْجُوا الْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَلَا تَعْثَوْا فِى الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ (٣٦)

عبادت ڪيو الله جي ۽ اميد رکو قيامت جي ڏينهن جي ۽ نہ ڦرو زمين ۾ فساد ڪندڙ

فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْا فِىْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ (٣٧)

پوءِ ان کي ڪوڙو چيائون پوءِ ورتو انهن کي زلزلي پوءِ صبح ڪيائون گهرن پنهنجن ۾ گوڏن ڀر ڪرندڙ

وَعَادًا وَّثَمُوْدَا۟ وَقَدْ تَّبَيَّنَ لَكُمْ مِّنْ مَّسٰكِنِهِمْ قف

۽ عاد ۽ ثمود کي (هلاڪ ڪيائين) ۽ تحقيق ظاهر ٿيو اوهان لاءِ سندن جاين مان

وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ وَكَانُوْا مُسْتَبْصِرِيْنَ (٣٨)

۽ سينگاريا انهن لاءِ شيطان عمل انهن جا پوءِ روڪيائين انهن کي واٽ کان ۽ هئا سمجهہ رکندڙ

وَقَارُوْنَ وَفِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ قف وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مُّوْسٰى

۽ قارون ۽ فرعون ۽ هامان کي (بہ هلاڪ ڪيوسون) ۽ البت تحقيق آيو انهن وٽ موسٰى

بِالْبَيِّنٰتِ فَاسْتَكْبَرُوْا فِى الْاَرْضِ وَمَا كَانُوْا سٰبِقِيْنَ (٣٩) فَكُلًّا اَخَذْنَا

چٽن دليلن سان پوءِ تڪبر ڪيائون زمين ۾ ۽ نہ هئا اڳتي وڌندڙ پوءِ سڀني کي پڪڙيوسون

بِذَنْۢبِهٖ ج فَمِنْهُمْ مَّنْ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِ حَاصِبًا ج وَمِنْهُمْ مَّنْ

سندن گناهہ جي ڪري پوءِ انهن مان اهو آهي جو موڪلياسون ان تي پٿر ۽ انهن مان اهي آهن

اَخَذَتْهُ الصَّيْحَةُ ج وَمِنْهُمْ مَّنْ خَسَفْنَا بِهِ الْاَرْضَ ج وَمِنْهُمْ

جو پڪڙيو انهن کي ڪڙڪي ۽ انهن مان اهي آهن جو ڳهايوسين انهن کي زمين ۾ ۽ انهن مان اهي بہ هئا

مَّنْ اَغْرَقْنَا ج وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ (٤٠)

جن کي غرق ڪيوسين ۽ نہ ممڪن هو جو الله ظلم ڪري انهن تي ۽ پر نفسن پنهنجن تي ظلم ٿي ڪيائون

مَثَلُ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِيَآءَ كَمَثَلِ الْعَنْكَبُوْتِ صلے اِتَّخَذَتْ بَيْتًا ط وَاِنَّ

مثال انهن جو جن ورتا الله کان سواءِ دوست ڪوريئڙي وانگر آهي جنهن گهر ٺاهيو ۽ بلاشڪ

اَوْهَنَ الْبُيُوْتِ لَبَيْتُ الْعَنْكَبُوْتِ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ (۴۱) اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ

گهٽو ڪمزور گهرن ۾ البت ڪوريئڙي جو گهر آهي جيڪڏهن ڄاڻن ها بلاشڪ الله ڄاڻي ٿو

مَايَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ وَهُوَالْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ (۴۲)

انهن کي جن کي پوڄيندا آهن ان کان سواءِ هر شيءِ کي ۽ اهو ئي غالب، حڪمت وارو آهي

وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ وَمَايَعْقِلُهَآ اِلَّا الْعَالِمُوْنَ (۴۳) خَلَقَ اللّٰهُ

۽ اهي مثال بيان ڪيون ٿا اهي ماڻهن جي لاءِ ۽ نه ٿا سمجهن انهن کي مگر علم وارا پيداڪيا الله

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ (۴۴)

آسمان ۽ زمين حق سان بلاشڪ ان ۾ البت نشاني آهي مومنن جي لاءِ

وقف لازم

تفسير

جيئن اڳين آيتن ۾ الله جل شانـه جي اڳين نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي آمد جو ذڪر هو تيئن هنن آيتن ۾ به اڳين نبين عليهم الصلوٰة والسلام جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا" ۽ مدين ڏانهن انهن جي ڀاءُ شعيب کي موڪليوسون. مدين ان قبيلي جو نالو آهي جنهن ڏانهن حضرت شعيب علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام کي موڪليو ويو هو. اصل مدين انهن جي وڏي بابي جو نالو هو پوءِ ان نالي سان قبيلي وارن کي سڏيو ويو. ۽ حضرت شعيب کي انهن جو ڀاءُ سڏڻ مان مراد آهي سندن نسب ۾ ڀاءُ (١) "فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ وَارْجُوا الْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَلَا تَعْثَوْافِى الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ" پوءِ فرمايائين ته: اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪيو ۽ آخرت جي ڏينهن جي اميد رکو ۽ زمين ۾ فساد ڪندڙ ٿي نـه ڦرو يعني حضرت شعيب پنهنجي قوم کي فرمايو ته: اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪيو ۽ آخرت جي ڏينهن ۽ ان ۾ پيش اچڻ وارين حالتن تي ايمان آڻي يقين رکو ۽ تور، ماپ ۾ گهٽ وڌ ڪري زمين ۾ فساد ڪندڙ ٿي نـه ڦرو "فَكَذَّبُوْهُ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَاَصْبَحُوْافِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ" پوءِ ان کي ڪوڙو ڄاتائون پوءِ انهن کي زلزلي ورتو پوءِ صبح جو پنهنجن گهرن ۾ گوڏن ڀر ڪريا پيا هئا يعني جيڪو پيغام انهن وٽ سندن الله وٽان حضرت

(١) ايسرالتفاسير صـ۴۴۸ـ جلد ٣

ع ۴ ١٦

شعيب آندو هو ان کي نہ مڃيائون الله جل شانہ جي نبي کي ڪوڙو ڄاڻائون ۽ ان جي ڪري انهن کي قدرتي زلزلي اهڙو ورتو جو صبح جو سڀ هلاڪ ۽ تباهہ ٿيل گوڏن ڀر ڪريا پيا هئا (١) هي قصو اڳين سورتن، الاعراف، هود ۽ الشعراءِ ۾ بہ بيان ٿي چڪو آهي "وَعَادًا وَّثَمُوْدَاْ وَقَدْ تَّبَيَّنَ لَكُمْ مِّنْ مَّسٰكِنِهِمْ ۟ وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطٰنُ اَعْمَالَهُمْ فَصَدَّهُمْ عَنِ السَّبِيْلِ وَكَانُوْا مُسْتَبْصِرِيْنَ ۙ" ۽ عاد ۽ ثمود کي (بہ هلاڪ ڪيوسون) ۽ سندن رهڻ وارين جاين مان اوهان جي لاءِ (اها ڳالهہ) ظاهر ٿي چڪي آهي ۽ انهن جي لاءِ شيطان سندن عمل سينگاريا پوءِ انهن کي واٽ کان روڪيائين (حالانڪ اهي) سمجهہ رکندڙ هئا. يعني مذڪوره قومن کي بہ سندن ئي عقيدي اعمال جي ڪري هلاڪ ڪيو ويو. سندن ويران ٿيل جاين مان اوهان جي لاءِ اهي ڳالهيون روشن آهن اهي دنيا جي ڪم ۾ سمجهہ رکندڙ هئا، پاڻ کي عقل وارو سمجهندا هئا پر شيطان جي پلائڻ جي ڪري پلجي ويا ۽ ان کين سڌيءَ واٽ کان روڪي ڇڏيو "وَقَارُوْنَ وَفِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ ۟ وَلَقَدْ جَآءَهُمْ مُّوْسٰى بِالْبَيِّنٰتِ فَاسْتَكْبَرُوْا فِى الْاَرْضِ وَمَا كَانُوْا سٰبِقِيْنَ ۚۖ" قارون ۽ فرعون (کي هلاڪ ڪيوسون) ۽ البت تحقيق انهن وٽ موسىٰ روشن دليلن سان آيو پوءِ زمين ۾ تڪبر ڪيائون ۽ اڳتي وڌندڙ نہ هئا يعني ڪليل نشانيون ڏسي بہ حق جي اڳيان نہ جهڪيا حالانڪ انهن وٽ حضرت موسىٰ روشن دليل آندا هئا. انهن زمين ۾ پاڻ کي وڏو سمجهي غرور ڪيو پر ان جي ڪري اڳتي وڌندڙ نہ ٿيا بلڪ الٰهي عذاب اچڻ جي ڪري هلاڪ ٿي ويا "فَكُلًّا اَخَذْنَا بِذَنْۢبِهٖ ۚ" پوءِ سيني کي سندن گناهن جي ڪري پڪڙيوسون يعني انهن مان هر هڪ کي سندن گناهہ جي موافق سزا ڏني سون "فَمِنْهُمْ مَّنْ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِ حَاصِبًا ۚ" پوءِ انهن مان اهي بہ هئا جن تي اسان پٿر وسايا انهن مان مراد حضرت لوط علىٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام جي قوم آهي. "وَمِنْهُمْ مَّنْ اَخَذَتْهُ الصَّيْحَةُ ۚ" ۽ انهن مان اهي بہ هئا جن کي ڪڙڪي پڪڙيو اهي ثمود ۽ اهل مدين هئا جبريل عليہ السلام انهن وٽ اهڙو ڪڙڪي وارو آواز ڪيو جو ٻڌي سندن دليون ڦاٽي پيون ۽ روح پرواز ٿي ويا (٢) "وَمِنْهُمْ مَّنْ خَسَفْنَا بِهِ الْاَرْضَ ۚ" ۽ انهن مان اهي هئا جن کي اسان زمين ۾ گهرائي ڇڏيو. جيئن قارون کي سندس خزانن سميت زمين ڳهي ڇڏيو "وَمِنْهُمْ مَّنْ اَغْرَقْنَا ۚ" ۽ انهن مان اهي هئا جن کي اسان ٻوڙي ڇڏيو. جيئن حضرت نوح علىٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام جي قوم ۽ فرعون ۽ سندس ساٿي غرق ڪيا ويا "وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ" ۽ الله جو شان ناهي تہ انهن تي ظلم ڪري ڪين هرو ڀرو

(١) المراغي صـ١٣٩ـ جزء ٢٠ جلد ٧ (٢) حاشيہ عثمانيہ صـ٥٣٤ـ تنوير الاذهان صـ١٢٨ـ جلد ٣

ڏوهہ کان سواءِ هلاڪ ۽ برباد ڪري "وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ" ۽ پر پاڻ پنهنجن سرن تي ظلم ڪيو هيائون جو اهڙن ڪمن تي هميشگي ڪندا رهيا جيڪي عذاب جو باعث هئا هنن آيتن سان الله جل شانہ مڪہ مڪرمہ جي رهندڙن ۽ انهن کان پوءِ قيامت تائين اچڻ وارن کي نصيحت ڪئي آهي تہ اِنهن واقعن مان عبرت وٺي ظلم، خلق خدا کي ايذائڻ، تڪبر، فساد، ڪفر ۽ شرڪ کان پري رهن "فَكُلًّا اَخَذْنَا بِذَنْۢبِهٖ ج" پوءِ اسان سيني کي سندن گناهن جي ڪري پڪڙيو يعني اسان انهن سيني کي سندن ئي گناهن جي ڪري پڪڙيو ٻئي ڪنهن جي گناهہ جي ڪري هلاڪ نہ ڪيا هئا "فَمِنْهُمْ مَّنْ اَرْسَلْنَا عَلَيْهِ حَاصِبًا ج" پوءِ انهن مان ڪي اهي هئا جن تي اسان وسندڙ پٿر موڪليا. اهي حضرت لوط علىٰ نبينا وعليہ الصلواة والسلام جي قوم وارا هئا "وَمِنْهُمْ مَّنْ خَسَفْنَا بِهِ الْاَرْضَ" ۽ انهن مان اهي بہ هئا جن کي اسان زمين ۾ ڳهرائي ڇڏيو اهو قارون هو "وَمِنْهُمْ مَّنْ اَغْرَقْنَا" ۽ انهن مان اهي بہ هئا جن کي اسان غرق ڪرائي ڇڏيو اهي فرعون ۽ سندس قوم وارا هئا "وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ" ۽ الله جو شان نہ هو تہ انهن تي ظلم ڪري ۽ پر پنهنجن نفسن تي پاڻ ظلم تي ڪيائون يعني انهن سيني کي جرم کان سواءِ سزا نہ ملي هئي انهن اهڙا ڪم ڪيا هئا جن جي ڪري سزا جا مستحق بڻيا هئا (١) "مَثَلُ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَوْلِيَاۗءَ كَمَثَلِ الْعَنْكَبُوْتِ ۚ اِتَّخَذَتْ بَيْتًا ۭ" جن الله کان سواءِ ٻيا دوست ورتا آهن انهن جو مثال ڪوريئڙي جي مثال وانگر آهي جنهن گهر ٺاهيو "وَاِنَّ اَوْهَنَ الْبُيُوْتِ لَبَيْتُ الْعَنْكَبُوْتِ" ۽ بلاشڪ سيني گهرن ۾ نهايت ڪمزور گهر ڪوريئڙي جو آهي يعني جيئن ڪوريئڙي جو گهر ڪمزوريءَ جي بنا تي نہ هجڻ جي برابر آهي ڪافرن جا اهي باطل معبود بہ جن جي ڪارسازيءَ تي انهن کي پروسو آهي انهن لاءِ ڪجهہ بہ ثابت نہ ٿيندا "لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ" جيڪڏهن (اها ڳالهہ) ڄاڻن ها (تہ ائين نہ ڪن ها) مطلب تہ جيڪڏهن شرڪ جو باطل هجڻ ڄاڻن ها تہ ڪنهن کي بہ الله جل شانہ سان شريڪ نہ بنائين ها "اِنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ مِنْ شَيْءٍ ۭ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" بلاشڪ الله ان کي ڄاڻي ٿو جنهن بہ شيءِ کي ان کان سواءِ پوڄيندا آهن ۽ اهو غالب حڪمت وراو آهي يعني الله جل شانہ کان سواءِ جنهن بہ شيءِ جي عبادت ڪن ٿا الله کان اها لڪل نہ آهي ڪين اِن غيرالله جي عبادت جي سزا ڏيندو (٢) "وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ ۚ وَمَا يَعْقِلُهَآ اِلَّا الْعٰلِمُوْنَ" ۽ اهي مثال آهن جن کي ماڻهن جي لاءِ بيان ڪندا آهيون ۽ انهن کي علم وارن کان سواءِ ڪو بہ نہ سمجهندو آهي مشرڪ چوندا هئا تہ الله جل شانہ

(١) بحرالعلوم صـ٥٣٨ـ جلد ٢ (٢) زادالمسير صـ٢٧٣ـ جلد ٦

ڪوريئڙي ۽ مڪ جا مثال ڇو ٿو ڏي اهو سندس شان جي مناسب نہ آهي ڇو تہ اهي ڪي اهم شيون ناهن انهن جي جواب ۾ هي ارشاد ٿي رهيو آهي تہ اهي مثال موقع جي لحاظ سان مناسب آهن پر انهن ڪي علم وارا سمجهندا بي علم جاهل ڇا ڄاڻي؟ "خَلَقَ اللهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ" الله آسمانن ۽ زمين ڪي حق سان پيدا فرمايو آهي يعني انهن جي پيدا ڪرڻ ۾ ڪئين حڪمتون آهن اهي اجايا پيدا ڪيل ناهن "اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّلْمُؤْمِنِيْنَ" بلاشڪ ان ۾ مومنن جي لاءِ البت نشاني آهي. يعني انهن ڪي ڏسي ايمان وارا يقين تا رکن تہ جيڪو الله ايڏا وڏا آسمان ۽ زمين پيدا ڪرڻ ۾ ڪنهن جي تعاون جو محتاج ناهي اڪيلو پاڻ انهن سڀني جو خالق آهي اهو ٻيون هلڪيون شيون پيدا ڪرڻ ۾ ٻين ڪي شريڪ ڪيئن بنائيندو. ان جو ڪو بہ شريڪ ناهي اهو وحدهٗ لاشريڪ لہ آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا

ع١ـ "وَكَانُوْا مُسْتَبْصِرِيْنَ" (۽ سمجهہ رکندڙ هئا) مان واضح ٿيو تہ سمجهدار ماڻهو بہ گمراهہ ۽ بي دين ٿيندا آهن دنيا جي ڪمن ۾ عقل ۽ سمجهہ رکڻ جي باوجود سخت ڪافر ۽ پڪا مشرڪ هوندا آهن.

ع٢ـ "وَارْجُوا الْيَوْمَ الْاٰخِرَ" (۽ آخرت واري ڏينهن جي اميد رکو) مان واضح ٿيو تہ قيامت جو ڏينهن مومن جي اميد جو ڏينهن آهي جو ان ۾ ڪيس الله جل شانـــہ جي ذات پاڪ جو ديدار نصيب ٿيندو ۽ الله جل شانـــہ جي حبيب عليـــه الصلوٰة والسلام ۽ ٻين پيارن جي زيارت جو شرف حاصل ڪندو ان جي برخلاف ڪافر الٰهي عذاب ۽ پريشانيءَ ۾ هوندو.

ع٣ـ "وَزَيَّنَ لَهُمُ الشَّيْطَانُ اَعْمَالَهُمْ" (۽ انهن لاءِ شيطان سندن اعمال سينگاري پيش ڪيا) مان واضح ٿيو تہ برن ڪمن ڪي سٺو ۽ سهڻو سمجهڻ ڪفر ۽ شيطان جو ڪم آهي جيڪو پاڻ مشرڪ نہ هو پر ٻين ڪي مشرڪ بنائي ڇڏيائين.

ع٤ـ "وَقَارُوْنَ" (۽ قارون (جو بيان ڪر) ۾ قارون ڪي ڪافرن مان ڳڻڻ مان واضح ٿيو تہ الله جل شانـــہ جي هڪ فرض جو منڪر بہ ڪافر آهي قارون صرف زڪواة جي فرضيت جو انڪار ڪيو هو. ان جي ڪري ئي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ زڪواة جي منڪرن سان جهاد جو اعلان ڪيو هو.

اُتْلُ مَآ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنَ الْكِتَابِ وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ ط اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى

پڙهه اهو جيڪو وحي ڪيو ويو تو ڏانهن ڪتاب مان ۽ قائم ڪر نماز بيشڪ نماز روڪي

عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ ط وَلَذِكْرُ اللّٰهِ اَكْبَرُ ط وَاللّٰهُ يَعْلَمُ مَاتَصْنَعُوْنَ (۴۵)

ٿي بيحيائيءَ ۽ برائيءَ کان ۽ البت الله جو ذڪر وڏو آهي ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪو اوهان ڪيو ٿا

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل شانـــه جي ڪجهه نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام جو ذڪر آڻي حضور عليه الصلوٰة والسلام جن کي تسلي ڏني وئي ۽ هن آيت ۾ دعوت الى الله جو هڪ مختصر مگر جامع نسخو ٻڌايو ويو آهي جنهن تي عمل ڪرڻ سان پوري دين تي عمل ڪرڻ آسان ٿي وڃي ٿو ۽ ان جي واٽ ۾ اچڻ واريون رڪاوٽون دور ٿي وڃن ٿيون ارشاد الٰهي آهي "اُتْلُ مَآ اُوْحِيَ اِلَيْكَ مِنَ الْكِتَابِ" جيڪو اوهان ڏانهن ڪتاب مان وحي ڪيو ٿو وڃي اهو تلاوت ڪر هي نسخي جو هڪ جزءُ آهي يعني قرآن ڪريم جي تلاوت جيڪو سيني ڪمن جو روح آهي الله جي تقرب لاءِ ۽ ان جي الفاظ جي تحفظ لاءِ تامل سان پڙهه ڇو تہ گهڻي پڙهڻ سان گهڻا راز کلي پوندا آهن ۽ ان مان سهڻا اخلاق ۽ آداب حاصل ٿيندا آهن (١) "وَاَقِمِ الصَّلٰوةَ" ۽ نماز قائم ڪر هي ان نسخي جو ٻيو جزءُ آهي جيڪو ٻين سيني فرضن ۽ اعمال کان ممتاز آهي "اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَالْمُنْكَرِ" بيشڪ نماز بيحيائيءَ ۽ برائيءَ کان روڪي ٿي هيءَ نماز ادا ڪرڻ ۾ هڪ حڪمت آهي مطلب تہ نماز پاڻ بہ نهايت اهم عبادت آهي دين جو ٿنڀ آهي پر ان سان گڏ ان مان اهو بہ فائدو آهي تہ اها نماز پڙهندڙ کي بيحيائيءَ ۽ برائيءَ کان روڪيندڙ آهي "اَلْفَحْشَآءِ" هران بري فعل ياقول کي چوندا آهن جنهن جو برو هجڻ پڌرو آهي ۽ هر عقل وارو مومن هجي يا ڪافر ان کي بڇڙو سمجهندو آهي جيئن زنا، ناحق قتل، ڌاڙو، چوري وغيره منڪر اهو قول ۽ فعل آهي جنهن جي حرام ۽ ناجائز هجڻ تي شريعت جا صاحب متفق آهن ان جي ڪري فقـــه جي امامن جي اجتهادي اختلافات ۾ ڪنهن بہ پاسي کي منڪر نہ ٿو چئي سگهجي فحشاءَ ۽ منڪر جي ٻن لفظن ۾ سڀ جرم ۽ ظاهري ۽ باطني گناهہ اچي ويا جيڪي پاڻ بہ فساد ئي فساد آهن ۽ اهي ئي صالحن عملن ۾ وڏي رڪاوٽ آهن.

(١) القاسمي ص ـ ١٥٢ ـ جلد ٨

نماز سيني برائين کان روڪي ٿي ان جو مطلب

ان جو مطلب مستند حديثن جي لحاظ سان هي آهي ته نماز قائم ڪرڻ ۾ خاص تاثير آهي ته جيڪو اها ادا ڪري ٿو ان کان گناهن جون عادتون ڇڏايون وينديون آهن ان شرط سان جو نماز صرف پڙهي نه پر اها قائم ڪري ڏيکاري. مطلب ته نماز کي سيني ظاهري، باطني آداب سان اهڙي طرح ادا ڪري جيئن نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن عملي طور ادا ڪري ٻڌائي ۽ پنهنجي سموري ظاهري زندگيءَ دوران ان جي تلقين به ڪندا رهيا ته بدن، ڪپڙا ۽ نماز ادا ڪرڻ واري جاءِ به مڪمل پاڪ هجي ۽ نماز باجماعت جي اهتمام سان گڏ ان ۾ ادا ٿيڻ وارا احڪام سنت جي مطابق هجن. اهي ته ظاهري آداب ٿيا باطني هي آهن جو مڪمل خشوع، نياز ۽ نوڙت سان اهڙي نموني الله جل شانه جي اڳيان بيهي جو ڄڻ ته الله جل شانه کي ڏسي عرض ڪري رهيو آهي اهڙي طرح نماز قائم ڪرڻ واري کي الله جل شانه جي طرفان خودبخود صالحن عملن جي توفيق ملڻ سان گڏ برن ۽ بڇڙن عملن کان بچاءِ نصيب ٿيندو ۽ جيڪو شخص نماز پڙهڻ جي باوجود گناهن کان نه بچيو ته اهو سمجهي ته سندس نماز ۾ ئي ڪو تاهي آهي جيئن حضرت عمران بن حُصين رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کان عرض ڪري پڇيو ويو ته "نماز بيحيائيءَ برائيءَ کان روڪي ٿي" جو مطلب ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون ته "جنهن کي سندس نماز بيحيائيءَ ۽ برائيءَ کان نه روڪيو ان جي نماز ئي نه آهي" ۽ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن نماز جي اطاعت نه ڪئي ان جي نماز ئي ناهي" ۽ نماز جي اطاعت اها آهي ته نماز پڙهندڙ بيحيائيءَ ۽ برائيءَ کان بچي (١) ۽ خطيب حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن اهڙي نماز پڙهي جنهن کيس نيڪيءَ جو امر نه ڪيو ۽ برائي کان نه روڪيو ته اها نماز ان کي الله کان پري ڪرڻ کان سواءِ ڪجهه به نه وڌائيندي"(٢) يعني ان نماز سان کيس الله جل شانه جو قرب نصيب نه ٿيندو. حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آهي ته: هڪ شخص نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي خدمت ۾

(١) معارف القرآن ص٦٩٦، ٦٩٧ـ جلد ٦ (٢) الدرالمنثور ص٤٦٥ـ جلد ٦

حاضر ٿي عرض ڪيو تہ ”فلاڻو ماڻهو رات جو تهجد پڙهي ٿو پر جڏهن صبح ٿيندي آهي تہ چوري ڪندو آهي“پاڻ فرمايائون تہ ”اها نماز ان کي ان کان روڪيندي جيڪي تون چوين ٿو“ (١) بعضي روايتن ۾ اهو بہ آيو آهي تہ ان نبوي ارشاد کان پوءِ اهو ان گناهن کان توبہ ڪري ويو (٢) ”وَلَذِكْرُ اللهِ اَكْبَرُ وَاللهُ يَعْلَمُ مَا تَصْنَعُوْنَ“ ۽ البت الله جو ذڪر وڏو آهي ۽ الله ڄاڻي ٿو جيڪي اوهان ڪيو ٿا ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: ان مان مراد آهي تہ ٻانهن جي طرفان الله جل شانہ جي ذڪر ڪرڻ کان پوءِ جيڪو الله ٻانهن جو ذڪر ڪندو آهي اهو سندن ذڪر کان وڏو آهي اهڙي طرح فريابيءَ، سعيد بن منصور، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، حاڪم ۽ شعب الايمان ۾ بيهقيءَ عبدالله بن ربيعة رضي الله عنہ کان بہ روايت آندي آهي (٣) مطلب الله پنهنجي ذاڪر ٻانهي جو ذڪر ڪري ٿو اهو تمام وڏو آهي ۽ هتي ان بيان ڪرڻ مان اهو اشارو بہ ملي ٿو تہ نماز پڙهڻ جي ڪري گناهن کان نجات جو سبب اهو آهي جو الله جل شانہ پاڻ پنهنجي ٻانهي ڏانهن خصوصي توجہ فرمائي ٿو ۽ ان جو پنهنجن ملائڪن ۾ ذڪر ڪري ٿو ۽ ان جي برڪت سان ان کي گناهن کان نجات ملندي آهي.

فائدا

مذڪوره آيت جي جملہ ”وَلَذِكْرُ اللهِ اَكْبَرُ“ (۽ البت الله جو ذڪر وڏو آهي) مان ثابت ٿيو تہ الله جو ذڪر ڪرڻ نهايت اعليٰ عبادت آهي پوءِ اهو نماز ۾ هجي يا نماز کان ٻاهر نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن فرمايو: الله (جل شانہ) جو فرمان آهي ”مان پنهنجي ٻانهي جي گمان وٽ آهيان جهڙو مون سان رکندو جيڪڏهن مون کي پنهنجي دل ۾ ياد ڪندو تہ مان بہ ان کي صرف پاڻ ياد ڪندس ۽ جيڪڏهن مون کي جماعت ۾ ياد ڪندو تہ مان ان کي ان جي جماعت کان ڀلي جماعت ۾ ياد ڪندس.“ (۴)

(١) تفسير ابن ڪثير ص٤١٥ـ جلد ٣ (٢) معارف القرآن ص٦٩٧ـ جلد ٣
(٣) الدرالمنثور ص٤٦٦ـ جلد ٦ (۴) تنوير الاذهان صـ١٧٠ـ جلد ٣

الله جل شانه

جي ذڪر جا فضائل نبوي احاديث مان

ع١ـ امام احمد، ترمذي ۽ ابن ماجه حضرت ابودرداءَ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو "ڇا مان اوهان کي اوهان جي عملن ۾ ڀلو عمل، ۽ اوهان جي مالڪ وٽ انهن ۾ وڌيڪ صاف ۽ اوهان جي درجن ۾ وڌيڪ مٿاهون ۽ اوهان جي لاءِ سون ۽ چانديءَ جي (خيرات في سبيل الله ۾) خرچ ڪرڻ کان ڀلو ۽ اوهان پنهنجي (ڪافر) دشمن سان جنگ ۾ مقابلو ڪيو پوءِ اوهان انهن جي ڪنڌن تي (تلوارون) هڻو ۽ اهي اوهان جي ڪنڌن تي هڻن ان کان بہ ڀلو؟"عرض ڪيائون تہ هائو (اي الله جا رسول! ٻڌايو) فرمايائون تہ "الله جو ذڪر"

ع٢ـ امام احمد ۽ ترمذيءَ حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلی الله عليه وسلم جن کان عرض ڪري پڇيو ويو تہ: الله وٽ درجي جي لحاظ سان ڪهڙو ٻانهو ڀلو ۽ بلند آهي؟ فرمايائون "الله جو ذڪر ڪندڙ مرد ۽ ذڪر ڪندڙ عورتون" عرض ڪيو ويو تہ: في سبيل الله جهاد ڪندڙ کان بہ؟ پوءِ پاڻ فرمايائون تہ "جيڪڏهن ڪافرن ۾ تلوار ايتري هلائي جو تٽي پوي ۽ رت سان ڀرجي وڃي تہ بہ الله جو گهڻو ذڪر ڪندڙ ان کان درجي جي لحاظ سان ڀلا آهن"

ع٣ـ احمد ۽ ترمذي حضرت عبدالله بن بسر رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: هڪ اعرابي حضور عليه الصلوٰة والسلام جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو تہ "ماڻهن ۾ ڀلو ڪير آهي؟" پاڻ فرمايائون تہ "ان لاءِ خوشخبري آهي جنهن جي عمر ڊگهي ۽ عمل سهڻا هوندا" عرض ڪيائين تہ يارسول الله! عملن مان ڪهڙو عمل افضل آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ "دنيا کان ان حال ۾ جدا ٿين جو تنهنجي زبان الله جي ذڪر سان آلي هجي" (١)

وَلَا تُجَادِلُوْٓا	اَهْلَ الْكِتٰبِ	اِلَّا بِالَّتِيْ	هِيَ اَحْسَنُ ۖ	اِلَّا الَّذِيْنَ

۽ نہ جهيڙو ڪيو اهل ڪتاب سان مگر ان طريقي سان جو اهو تمام سهڻو آهي مگراهي

ظَلَمُوْا مِنْهُمْ	وَقُوْلُوْٓا	اٰمَنَّا	بِالَّذِيْٓ	اُنْزِلَ اِلَيْنَا

جن ظلم ڪيو انهن مان ۽ چئو تہ ايمان آندوسون ان تي جيڪو نازل ڪيو ويو اسان ڏانهن

(١) المظهري ص٢١٢ـ جلد ٧

وَاُنْزِلَ اِلَيْكُمْ وَاِلٰهُنَا وَاِلٰهُكُمْ وَاحِدٌ وَّنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ (۴٦)

۽ نازل ڪيو ويو اوهان ڏانهن ۽ معبود اسان جو معبوداوهان جو هڪ آهي ۽ اسين ان جا فرمانبردارآهيون

وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ ط فَالَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ

۽ اهڙي طرح نازل ڪيو اسان توڏانهن ڪتاب پوءِ اهي جو ڏنوسون انهن کي ڪتاب

يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ج وَمِنْ هٰٓؤُلَآءِ مَنْ يُّؤْمِنُ بِهٖ ط وَمَا يَجْحَدُ بِاٰيٰتِنَآ

ايمان آڻين ٿا ان تي ۽ هنن مان اهو آهي جيڪو ايمان آڻي ٿو ان تي ۽ نہ ٿا انڪار ڪن اسان جي آيتن جو

اِلَّا الْكٰفِرُوْنَ (۴۷) وَمَا كُنْتَ تَتْلُوْا مِنْ قَبْلِهٖ مِنْ كِتٰبٍ وَّلَا تَخُطُّهٗ

مگرڪافر ۽ نہ تي تلاوت ڪيو تو اڳي ان ڪان ڪو ڪتاب ۽ نہ تي لکيو تو

بِيَمِيْنِكَ اِذًا لَّارْتَابَ الْمُبْطِلُوْنَ (۴۸) بَلْ هُوَ اٰيٰتٌ م بَيِّنٰتٌ

ان کي پنهنجي سڄي هٿ سان ان وقت البت شڪ ڪن ها باطل چوندڙ بلڪ اهي آيتون پڌريون آهن

فِيْ صُدُوْرِ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ ط وَمَا يَجْحَدُ بِاٰيٰتِنَآ اِلَّا الظّٰلِمُوْنَ (۴۹)

انهن جي سينن ۾ جيڪي ڏنا ويا علم ۽ نہ ٿا انڪارڪن اسان جي آيتن جو مگر ظالم

تفسير

اڳيُن آيتن ۾ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ جو حڪم هو ۽ هتي مومنن کي ان قرآن ڪريم سان ئي سهڻي نموني بحث ڪرڻ جو ارشاد ٿي رهيو آهي فرمان عاليشان آهي "وَلَا تُجَادِلُوْٓا اَهْلَ الْكِتٰبِ اِلَّا بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ" ۽ نہ جهيڙو ڪر اهل ڪتاب سان مگر ان طريقي سان جيڪو تمام سهڻو آهي مطلب تہ يهودين ۽ نصارن مان جيڪو دين سمجهڻ لاءِ بحث ۽ تڪرار ڪندي ڪا ڳالهہ ڪري تہ بہ اوهان ڪاوڙ ڪائي ان کي نهايت نرميءَ سان سمجهايو "اِلَّا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ" مگر جن انهن مان ظلم ڪيو مطلب تہ جن ظلم ڪندي حق کان منهن موڙيو ۽ روشن حجت کان انڌا ٿيا سرڪشي ۽ تڪبر ڪيائون ۽ انهن ۾ نرميءَ ڪو بہ اثر نہ ڪيو تہ پوءِ جيستائين اهي اسلام قبول نہ ڪن انهن سان تلوار سان جهيڙو ڪيو (١) "وَقُوْلُوْٓا اٰمَنَّا

(١) المراغي ص۵ جزء جلد ۷

بِالَّذِيٓ اُنْزِلَ اِلَيْنَا وَاُنْزِلَ اِلَيْكُمْ وَاِلٰهُنَا وَاِلٰهُكُمْ وَاحِدٌ وَّنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ" ۽ چئو تہ اسان ان تي ايمان آندو آهي جيڪو اسان ڏانهن نازل ڪيو ويو ۽ (ان تي بہ) جيڪو اوهان ڏانهن نازل ڪيو ويو آهي ۽ اسان جو ۽ اوهان جو معبود هڪ آهي ۽ اسين ان جا فرمانبردار آهيون يعني اهل ڪتاب ڪي سمجهايو تہ: جڏهن اسان ۽ اوهان ۾ ايترو اشتراڪ آهي جو اسان وانگر اوهان بہ الله جل شانہ جا قائل آهيو ۽ اسان وانگر نبوت جي سلسلي ڪي مڃيو ٿا ۽ اسين اوهان جي الهامي ڪتاب ڪي بہ مڃيون ٿا تہ باقي ڪهڙي ڳالهہ رهي جو اوهان اسان جي نبي عليہ الصلوٰة والسلام تي نازل ڪيل ڪتاب کان منهن موڙيو ٿا؟ اسين تہ پنهنجي الله جل شانہ جا فرمانبردار آهيون ان ئي اسان جي نبي عليہ الصلوٰة والسلام تي وحي نازل ڪري کين خاتم الانبياء بنايو آهي. "وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ فَالَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَمِنْ هٰٓؤُلَاۗءِ مَنْ يُّؤْمِنُ بِهٖ وَمَا يَجْحَدُ بِاٰيٰتِنَآ اِلَّا الْكٰفِرُوْنَ" ۽ اهڙي طرح اسان توڏانهن ڪتاب نازل ڪيو پوءِ جن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي (اهي) ان تي ايمان آڻين ٿا ۽ هنن مان اهو بہ آهي جيڪو ان تي ايمان آڻي ٿو ۽ اسان جي آيتن جو انڪار صرف ڪافر ڪن ٿا. يعني جهڙي طرح اوهان کان اڳين نبين عليهم الصلوٰة والسلام تي ڪتاب لاٿا هئاسون اوهان تي بہ ڪتاب لاٿو اٿئون جيڪو اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ آهي (پوءِ جن کي اسان ڪتاب ڏنو اهي ان تي ايمان آڻين ٿا) هن مان مراد اهل ڪتاب مان ايمان آڻڻ وارا حضرت عبدالله بن سلام رضي الله عنہ وغيره آهن يامراد آهي تہ اهل ڪتاب حضور پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جي بعثت کان اڳي مٿن ايمان آڻيندا هئا ۽ هنن مان بہ ڪي آهن جيڪي ان تي ايمان آڻين ٿا يعني مڪہ مڪرمہ جي رهاڪن مان بہ ايمان آڻڻ وارا آهن مگر الله جي آيتن جو انڪار صرف ڪافر ڪن ٿا قتادة فرمايو آهي تہ حضور پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن ۽ قرآن پاڪ ڪي سچائي حق سمجهي پوءِ بہ انڪار ڪري ويهي رهيا (١) "وَمَا كُنْتَ تَتْلُوْا مِنْ قَبْلِهٖ مِنْ كِتٰبٍ وَّلَا تَخُطُّهٗ بِيَمِيْنِكَ اِذًا لَّارْتَابَ الْمُبْطِلُوْنَ" ۽ ان کان اڳي نہ تون ڪو ڪتاب پڙهندو هئين ۽ نہ پنهنجي سڄي هٿ سان لکندو هئين. ان وقت باطل چوندڙ شڪ ڪن ها ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ "من قَبْلِهٖ" ۾ "هٖ" ضمير ڪتاب يعني قرآن ڪريم ڏانهن ٿو وري جيڪو نبي ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام جن تي نازل ڪيل آهي مطلب هي ٿيندو تہ اي حبيب! (عليہ الصلوٰة والسلام) اوهان ان قرآن ڪريم کان اڳ ۾ نہ ڪو ڪتاب پڙهندا هيئو ۽ نہ

(١) المظهري صـ٢١٥ـ

اهل ڪتاب سان اچ وچ رکندا هيئو پر اسان اهو ڪتاب نهايت معجز ۽ غيوب جو متضمن اوهان ڏانهن نازل فرمايو جيڪڏهن اوهان اڳ ۾ ڪجهہ لکو پڙهو ها تہ اوهان جي پيغام ڪي باطل چوندڙن ڪي شڪ ڪرڻ جو موقعو ملي ها ۽ چون ها تہ اسان جي ڪتابن (توراة، انجيل، زبور) ۾ لکيل آهي تہ آخري پيغمبر عليہ الصلوٰة والسلام امي هوندو الله جل شانہ هيء آيت نازل ڪري انهن تي دليل قائم ڪيو تہ هي اهوئي آخري نبي آهيٰ جيڪو نہ لکي ٿو نہ پڙهيل آهي. (١)

سوال

جيڪڏهن نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن لکندا نہ هئا تہ پوء صلح حديبيہ ۾ جڏهن حضرت علي رضي الله عنہ صلح نامي ۾ "محمد رسول الله" ۾ رسول الله جي لفظن ڪي ڊاهي محمد بن عبدالله نہ لکيو تہ پاڻ ان ڪان قلم وٺي رسول الله جي جاء تي ابن عبدالله ڪيئن لکيو هيائون. (كما هو مذكور في كتب السيرة)

جواب

اها ڳالهہ بلڪل سچي آهي پر اهو سندن لکڻ معجزي طور هو جنهن مان سندن سچو ۽ صحيح رسول هجڻ ثابت ٿي رهيو هو ڇو تہ پاڻ لکڻ جي تعليم ڪان خالي هجڻ جي باوجود لکي رهيا هئا ۽ اهو هيئن هو جو الله جل شانہ سندن هٿ مبارڪ ۽ قلم ۾ اهڙي تحريڪ پيدا ڪئي جنهن سان ڪجهہ ليڪا نڪتا ۽ ڏسندڙن ان ڪي ابن عبدالله سمجهيو ۽ اهو سندن ائين معجزو هو جيئن ڪين بغير ڪنهن وٽ پڙهڻ جي "عِلمُ الاَوَّلِيْنَ وَالاٰخِرِيْنَ" عطا ڪيو ويو هو. قاضي عياض حضرت معاويہ رضي الله عنہ ڪان روايت آندي آهي تہ اهو نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن جي اڳيان لکندو هو تہ پاڻ ڪيس ڏسيندا هئا تہ مس چنڊ، قلم ڦيراء، سين ڪي جدا ڪر ۽ ميم ڪي ابتو نہ ڪر ۽ الله جو لفظ سهڻو ڪري لک رحمٰن ڪي مد ڏي ۽ رحيم ڪي سنئو ڪري لک ۽ قاضي صاحب فرمايو تہ هيء روايت جيتوڻيڪ صحيح درجي ڪي نہ پهتل آهي پر اها ڳالهہ پري ناهي تہ ڪين اهو علم ڏنو ويو هو ۽ پڙهڻ ۽ لکڻ ڪان منع ڪيل هئي مفسر قرطبي لکيو تہ: هذا هوالصحيح في الباب" اهو ئي هن باري ۾ صحيح فيصلو آهي. "بَلْ هُوَ اٰيٰتٌۢ بَيِّنٰتٌ فِىْ صُدُوْرِ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ ؕ وَمَا يَجْحَدُ بِاٰيٰتِنَاۤ اِلَّا الظّٰلِمُوْنَ" بلڪ اهي روشن آيتون آهن انهن جي سينن ۾ جيڪي علم ڏنا ويا آهن ۽ اسان جي آيتن جو انڪار صرف ظالم ڪن ٿا. يعني قرآن ڪريم روشن آيتون آهي جيڪو علم وارن جي

(١) القرطبي صــ٣٥١ــ جلد ١٣

سينن ۾ هوندو آهي ۽ هتي علم وارن مان مراد نبي پاڪ عليـــه الصلوٰة والسلام جا اصحاب ۽ مومن آهن جيڪي ان کي ياد ڪن تا پڙهن تا ۽ علم جي ذريعي الله جي ڪلام ۽ انسانن جي ڪلام ۾ فرق محسوس ڪن تا ۽ قتادة ۽ ابن عباس فرمايو آهي تہ "هو" جو ضمير حضور عليـه الصلوٰة والسلام ڏانهن وري ٿو ۽ پاڻ روشن آيتون آهن جن جو ذڪر توراة ۽ انجيل ۾ آهي ۽ علم وارن اهل ڪتاب کي اها ڳالهہ سينن ۾ موجود آهي پاڻهڪئي روشن گهٽيون آيتون آهن ڇو تہ ديني امر جي گهٽين شين تي دلالت ڪندڙ آهن ۽ انهن آيتن جو ڪافر انڪار ڪن ٿا جو سندن نبوت ۽ آندل پيغام جا منڪر آهن. (١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "اِلَّا بِالَّتِىۡ اَحۡسَنُ" (مگر ان سان جيڪو تمام سهٽو آهي) مان واضح ٿيو تہ اهل ڪتاب سان بحث مباحثـــه جو موقعو ملي تہ اهو بهتر طريقي سان ڪيو مثلاً سخت ڳالهہ جو جواب نرم الفاظ سان، غصہ جو جواب بردباريءَ سان جاهلانـه شور ۽ گوڙ جو جواب باوقار گفتگو سان ڏيو.

ع٢ـ "اٰمَنَّا بِالَّذِىۡۤ اُنۡزِلَ اِلَيۡنَا وَاُنۡزِلَ اِلَيۡكُمۡ" (اسان ان تي ايمان آندو جيڪو اسان ڏانهن نازل ڪيو ويو ۽ (ان تي بہ ايمان آندو آهي) جيڪو اوهان تي نازل ڪيو ويو آهي) مان واضح ٿيو تہ اسان کي اڳين ڪتابن تي اجمالي ايمان رکڻو آهي ۽ هيئن چوڻو آهي تہ جيڪي الله نازل ڪيو ان تي اسان جو ايمان آهي ان چوڻ سان تحريف ڪري آندل مضمون نڪري ويندا ۽ صحيح بخاريءَ ۾ حضرت ابوهريرة رضي الله عنـه کان روايت آهي تہ اهل ڪتاب توراة ۽ انجيل کي ان جي اصلي زبان عبرانيءَ ۾ پڙهندا هئا ۽ مسلمانن کي ان جو ترجمو عربي زبان ۾ ٻڌائيندا هئا رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن ان جي متعلق مسلمانن کي هيءَ هدايت ڏني تہ: اوهان اهل ڪتاب جي نہ تصديق ڪيو نہ تڪذيب بلڪ انهن کي چئو تہ جيڪو الله نازل ڪيو آهي اسان جو ان تي ايمان آهي وڌيڪ تفصيل ۾ نہ وڃو.

ع٣ـ "مَا كُنۡتَ تَتۡلُوۡا مِنۡ قَبۡلِهٖ مِنۡ كِتٰبٍ وَّلَا تَخُطُّهٗ بِيَمِيۡنِكَ" (ان کان اڳي نہ تون ڪو ڪتاب پڙهندو هئين ۽ نہ ان کي سڄي هٿ سان لکندو هئين) مان واضح ٿيو تہ نبي

---

(١) القرطبي صـ٣٥٤ـ جلد ١٣

پاڪ عليـــه الصلوٰة والسلام جو امي هجڻ عيب يا نقص نہ پر سندن فضيلت ۽ وڏو معجزو آهي (١) جو امي هجڻ جي باوجود ايترو اولين ۽ آخرين جو علم رکندا هئا شعر

لقب امی مگر کون و مکان کے غیب سے واقف
خداوند تعالیٰ کے پڑھائے ایسے ہوتے ہیں!

وَقَالُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيٰتٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قُلْ اِنَّمَا الْاٰيٰتُ

۽ چيائون تہ ڇو نہ نازل ڪيون ويون ان تي نشانيون ان جي رب جي طرفان فرماءِ تہ نشانيون تہ

عِنْدَاللّٰهِ ؕ وَاِنَّمَآ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ (٥٠) اَوَلَمْ يَكْفِهِمْ اَنَّآ

الله وٽ آهن ۽ آءٌ تہ صرف ڊيڄاريندڙ پڌرو آهيان ڇا نہ ڪافي ٿيو انهن جي لاءِ تہ بلاشڪ اسان

اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ يُتْلٰى عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ

نازل ڪيو اسان توتي ڪتاب جيڪو پڙهيو ٿو وڃي انهن تي بلاشڪ ان ۾ البت

لَرَحْمَةً وَّذِكْرٰى لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ع (٥١) قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ بَيْنِىْ

رحمت ۽ نصيحت آهي ان قوم جي لاءِ جيڪي ايمان آڻين ٿا فرماءِ تہ ڪافي آهي الله منهنجي

وَبَيْنَكُمْ شَهِيْدًا ۚ يَعْلَمُ مَافِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِالْبَاطِلِ

۽ اوهان جي وچ ۾ شاهد ڄاڻي ٿو جيڪو ڪجهہ آسمانن ۽زمين ۾ آهي ۽ جن ايمان آندو باطل تي

وَكَفَرُوْا بِاللّٰهِ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ (٥٢)

۽ انڪار ڪيائون الله جو اهي ئي نقصان وارا آهن

ع ٥

تفسير

اڳين آيتن ۾ دليل ڏنو ويو تہ قرآن ڪريم الله جو ڪلام آهي ۽ رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جو پنهنجو ٺاهيل ڪلام ناهي ۽ هتي انهن جي پئي شبهي جو ذڪر ڪيو ويو تہ اوهان تي اوهان جي طلب موافق محسوس معجزو ڇو نہ لاٿو ويو؟ ان جو جواب بيان ڪيو ويو آهي ارشاد باري آهي "وَقَالُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيٰتٌ مِّنْ رَّبِّهٖ" ۽ (ڪافرن) چيو تہ ان تي سندس رب جي طرفان نشانيون ڇو نہ لاٿيون ويون؟ يعني

(١) معارف القرآن صـ ٧٠٤ ـ جلد ٦

مکه مکرمه ۾ رهندڙن قريشي ڪافرن چيو ته (حضرت) محمد (عليه الصلوٰة والسلام) کي اهڙا ڏسڻ ۾ اچڻ وارا معجزا ڇو نه ڏنا ويا جيئن اڳين نبين عليهم الصلوٰة والسلام کي ڏنا ويا هئا. مثلاً حضرت صالح جي ڏاچي يا حضرت موسىٰ (علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام) کي مليل لٺ. پوءِ اهي دلين ۾ وڏيڪ اثر ڪندڙ ۽ عقل تي ايترو اثر انداز ٿين ها جو اهي اسلام کي مڃڻ جي لاءِ مجبور ڪن ها. الله جل شانه انهن کي جواب ڏيندي ارشاد فرمايو "قُلْ اِنَّمَا الْاٰيٰتُ عِنْدَ اللّٰهِ" فرماءِ ته نشانيون (معجزا) ته صرف الله وٽ آهن يعني اوهان انهن ڪافرن کي جواب ڏيندي فرمايو ته: معجزا اظهار ڪرڻ ته الله جل شانه جو شان آهي اهو جيڪڏهن معجزن ڏسڻ جي ڪري اوهان ۾ هدايت تي اچڻ چاٽي ها ته اهڙا معجزا ظاهر ڪري ها ڇو ته اها ڳالهه ان جي لاءِ آسان آهي پر ان کي خبر آهي ته اوهان جا اهي سوال صرف اوهان جي سرڪشيءَ ۽ عناد جي ڪري آهن اوهان جو ايمان آڻڻ جو ڪو ارادو ناهي تڏهن اهڙا معجزا ظاهر نه ٿو ڪري "وَاِنَّمَآ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ" ۽ مان ته صرف پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان يعني منهنجو ڪم صرف اوهان کي الله جل شانه کان ڊيڄارڻ آهي اوهان جا مطالبا پورا ڪرڻ ناهي منهنجي ذمي رسالت جو پيغام پهچائڻ آهي اوهان کي هدايت تي آڻڻ ناهي هدايت ڪرڻ الله جل شانه جو ڪم آهي.

هڪ وضاحت

علامه مفتي احمديار نعيمي عليه الرحمة هن آيت جي تفسير ۾ لکيو ته: حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جا معجزا ٽي قسم آهن ١: اهي جيڪي هميشه ڪائنن صادر ٿيندا رهندا هئا جيئن جسم پاڪ جو پاڇو نه هجڻ ۽ پگهر مبارڪ مان مشڪ ۽ عنبر جي خوشبوءِ ٢: اهي جن جي ظاهر ڪرڻ جو ڪين رب جي اجازت کان سواءِ اختيار نه هو جيئن قرآن ڪريم جون آيتون ٣: بعضي اهي جن کي صادر ڪرڻ سندن اختيار ۾ هو. جيئن پٿرين کان ڪلمو پڙهائڻ چنڊ چيرڻ، لٺل سج واپس ڪرڻ وغيره. (١) "اَوَلَمْ يَكْفِهِمْ اَنَّآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ يُتْلٰى عَلَيْهِمْ" ڇا انهن لاءِ اهو ڪافي نه ٿيو ته بلاشڪ اسان اوهان تي (اهو) ڪتاب نازل فرمايو جيڪو انهن تي پڙهيو وڃي ٿو.

شان نزول

دارمي، مراسيل ۾ ابو داؤد، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم، يحيي بن جعده رضي الله عنه کان روايت آندي ته: ڪجهه مسلمان يهودين کان ٻڌل ڪجهه ڳالهيون

(١) نورالعرفان ص ـ٦٤٢ـ

لکي حضور پرنور عليـــه الصلوٰة والسلام جي دربار ۾ آيا (۽ اچي اهي عرض ڪري ٻڌايائون) تہ نبي ڪريم عليـــه الصلوٰة والسلام جن فرمايو "اها قوم ٻي وقوفي يا گمراهيءَ ۾ ڪافي آهي جو جيڪو ڪجهہ الله سندن نبي تي نازل فرمايو ان ڪان منهن موڙي ان ڏانهن رغبت رکن جيڪو سندن نبي ڪان سواءِ ٻين نبين عليهم الصلوٰة والسلام تي نازل ڪيو ويو آهي تڏهن الله جل شانـــه اها آيت نازل فرمائي (١) مطلب تہ ڇا انهن جي لاءِ اهو ڪتاب (معجزي طور) ڪافي ناهي جيڪو ڪين رات ڏينهن تلاوت ڪري ٻڌايو وڃي ٿو؟ ان ڪان وڌيڪ ڪهڙو معجزو هوندو؟ "اِنَّ فِيۡ ذَالِكَ لَرَحۡمَـــةً وَّذِكۡرٰى لِقَوۡمٍ يُّؤۡمِنُوۡنَ" بلاشڪ ان ۾ ان قوم جي لاءِ جيڪي ايمان آڻين ٿا البت رحمت ۽ نصيحت آهي. يعني اهو ٻڌي ٿا ڏسن تہ ان تي ايمان آڻڻ وارا نصيحت ۽ رحمت سان مالا مال ٿي رهيا آهن ۽ ان مان نفعو حاصل ڪري رهيا آهن (٢) "قُلۡ كَفٰى بِاللّٰهِ بَيۡنِيۡ وَبَيۡنَكُمۡ شَهِيۡدًا" فرماءِ تہ منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ الله ڪافي شاهد آهي يعني جيڪو پيغام ۽ اوهان کي الله جو خوف ڏيارڻ مون ڪان ۽ ان جو انڪار ۽ تڪذيب سان مقابلو ڪرڻ اوهان ڪان ظاهر ٿي رهيو آهي ان جو الله شاهد آهي ۽ اهو ئي هر هڪ کي بدلو ڏيندو جيڪڏهن مان ڪوڙو هجان ها تہ مون کي ان جي سزا ڏي ها پر مان جڏهن تہ يقينًا سچو آهيان ان جي ڪري منهنجي مدد ڪري ٿو ۽ منهنجي هٿان عظيم معجزا ظاهر ڪري ٿو "يَعۡلَمُ مَافِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ" جيڪو ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ڄاڻي ٿو. مطلب تہ ان ڪان ڪجهہ بہ لڪل ناهي "وَالَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا بِالۡبَاطِلِ وَكَفَرُوۡا بِاللّٰهِ اُولٰٓئِكَ هُمُ الۡخٰسِرُوۡنَ" ۽ جن باطل تي ايمان آڻي ۽ الله جو انڪار ڪيو اهيئي نقصان وارا آهن يعني آفاقي ۽ انفسي دليلن جي هوندي جيڪي الله جا منڪر ٿي بتن جي عبادت ڪن ٿا اهي ئي خساري ۽ نقصان وارا آهن ڪين ڪو فائدو نہ رسندو. (٣)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "اَوَلَمۡ يَكۡفِهِمۡ" الآيـــة. (ڇا انهن لاءِ ڪافي نہ ٿيو؟) مان واضح ٿيو تہ قرآن ڪريم حضرت نبي ڪريم عليـــه الصلوٰة والسلام جي نبوت جو قطعي دليل ۽ سندن کي عطا ڪيل دائم رهڻ وارو معجزو آهي.

(١) الدرالمنثور صـ٤٧١ـ جلد ٦ (٢) فتح القدير صـ٢٠٩ـ جلد ۴ (٣) المراغي صـ١١ـ جزء ٢١ جلد ٧

ع٢- "اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَرَحْمَةً وَّذِكْرٰی" (بلاشڪ ان ۾ رحمت ۽ نصيحت آهي) مان واضح ٿيو تہ قرآن ڪريم الله جل شانہ جي رحمت ۽ مڃڻ وارن جي لاءِ نصيحت ۽ خيرخواهي آهي.

ع٣- "اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ" (اهي ئي خساري وارا آهن) مان واضح ٿيو تہ جن ماڻهن الله جي قرآن پاڪ کي نہ مڃيو ان تي ايمان نہ آندو اهي ظاهر ۾ ڪٿي ڪيترا بہ خوشحال هجن پر آخرت ۾ وڏي خساري ۽ نقصان ۾ هوندا.

وَيَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ ۭ وَلَوْلَآ اَجَلٌ مُّسَمًّى لَّجَاۗءَهُمُ الْعَذَابُ ۭ

۽ تڪڙو گهرن ٿا توڪان عذاب ۽ جيڪڏهن نہ هجي ها مدو مقرر تہ البت اچي ها انهن وٽ عذاب

وَلَيَاْتِيَنَّهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ (٥٣) يَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ ۭ

۽ البت ضرور ايندو انهن وٽ اوچتو ۽ اهي نہ ٿا سمجهن تڪڙو گهرن ٿا توڪان عذاب

وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ۙ (٥٤) يَوْمَ يَغْشٰهُمُ الْعَذَابُ

۽ بيشڪ جهنم البت گهيرو ڪندڙ آهي ڪافرن کي جنهن ڏينهن ڍڪي ويندو انهن کي عذاب

مِنْ فَوْقِهِمْ وَمِنْ تَحْتِ اَرْجُلِهِمْ وَيَقُوْلُ ذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ (٥٥)

مٿان انهن جي ۽ هيٺان پيرن انهن جي ۽ فرمائيندو تہ چکو اهو جيڪي ڪندا هيئو

تفسير

اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ ڪافر نقصان وارا آهن ۽ هنن آيتن ۾ انهن ئي ڪافرن جي طرفان تڪڙي عذاب اچڻ جي مطالبي جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَيَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ وَلَوْلَآ اَجَلٌ مُّسَمًّى لَّجَاۗءَهُمُ الْعَذَابُ" ۽ اوهان کان عذاب تڪڙو گهرن ٿا ۽ جيڪڏهن مقرر ڪيل مدو نہ هجي ها تہ انهن وٽ عذاب اچي ها يعني ڪافرن جو چوڻ هو تہ "جيڪڏهن اسين باطل تي آهيون تہ پوءِ اسان تي الٰهي عذاب جو نہ ٿو اچي؟ الله جل شانہ فرمايو تہ" ڪين سزا ڏيڻ جو مدو مقرر ڪيل نہ هجي ها تہ فورًا ڪين عذاب ٿئي ها "وَلَيَاْتِيَنَّهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ" ۽ البت انهن وٽ اوچتو (اهو عذاب) ضرور ايندو ۽ اهي نہ ٿا سمجهن مطلب تہ اهي غفلت ۾ پنهنجي مشغولين ۾ محو هوندا ۽ ڪين ڪا خبر ئي نہ پوندي تہ الٰهي عذاب اچي ڪڙڪو ڪندن "يَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ" توڪان تڪڙو عذاب گهرن ٿا يعني اوهان کان جلد اچڻ وارو

عذاب گهرن ٿا ۽ ان تي زور ٿا ڏين پر جيڪڏهن اهو علم هجين ها ته اهو ڪيترو سخت هوندو ته تمنا رکن ها ته ڪاش اسين پيدا ئي نه ٿيون ها عذاب گهرڻ ته پري ٿيو. "وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ" ۽ بلاشڪ جهنم البت ڪافرن کي گهيراء ڪندڙ آهي يعني جيڪي ڪافر تڪڙو عذاب طلب ڪن ٿا اهي جهنم جي گهيري ۾ آهن. ان کان پوءِ بيان فرمايائين ته اهو ڪين ڪهڙي نموني گهيري ۾ آڻيندو "يَوْمَ يَغْشٰهُمُ الْعَذَابُ مِنْ فَوْقِهِمْ وَمِنْ تَحْتِ اَرْجُلِهِمْ وَيَقُوْلُ ذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ" جنهن ڏينهن انهن کي عذاب سندن مٿان ۽ سندن پيرن جي هيٺيان ڍڪي ڇڏيندو ۽ فرمائيندو ته جيڪي عمل ڪيا هُيوَ اهي چکو يعني انهن کي هيٺان مٿان عذاب جو گهيرو هوندو ۽ ڪين الله جل شانـه يا سندس ملائڪ فرمائيندا ته هاڻي پنهنجن ڪيلن عملن جي سزا چکو ۽ ان طلب ڪيل عذاب جو لطف حاصل ڪيو.

فائدا

مذڪوره آيتن مان واضح ٿيو ته الله جل شانـه جي طرفان مليل مهلت تي خوش نه ٿجي ۽ نه مغرور ٿي الٰهي عذاب جي طلب ڪجي اهو ڪافرن جو ڪم آهي.

يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ اَرْضِيْ وَاسِعَةٌ فَاِيَّايَ

اي منهنجا اهي ٻانها! جن ايمان آندو بلاشڪ منهنجي زمين ڪشادي آهي پوءِ خاص منهنجي

فَاعْبُدُوْنِ (٥٦) كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ثُمَّ اِلَيْنَا تُرْجَعُوْنَ (٥٧)

عبادت ڪيو هر نفس موت چکندڙ آهي تنهن کان پوءِ اسان ڏانهن موٽايا ويندؤ

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُبَوِّئَنَّهُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ

۽ اهي شخص جن ايمان آندو ۽ ڪيائون صالح عمل البت ضرور رهائينداسون انهن کي بهشت مان

غُرَفًا تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا نِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ (٥٨)

ماڙين ۾ جو وهن پيون هيٺان انهن جي نهرون هميشه رهندڙ انهن ۾ چڱو آهي اجر عمل ڪندڙن جو

الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ (٥٩) وَكَاَيِّنْ مِّنْ دَآبَّةٍ لَا تَحْمِلُ

جن صبر ڪيو ۽ پنهنجي رب تي توڪل ڪن ٿا ۽ ڪيترا چوپايا جانور نه ٿا کڻن پاڻ سان

رِزْقَهَا ۖ اللّٰهُ يَرْزُقُهَا وَاِيَّاكُمْ ۖ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ (٦٠)

رزق پنهنجو الله رزق ڏي ٿو انهن کي ۽ اوهان کي ۽ اهو ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي ڪيفيت بيان ڪئي وئي ۽ هنن آيتن ۾ مومنن کي آزاديءَ سان عبادت ڪرڻ جي لاءِ هجرت جو حڪم ڏنو ويو آهي ارشاد باري آهي "يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِنَّ اَرْضِيْ وَاسِعَةٌ فَاِيَّايَ فَاعْبُدُوْنِ" اي منهنجا اهي ٻانها! جن ايمان آندو آهي بلاشڪ منهنجي زمين ڪشادي آهي پوءِ خاص منهنجي ئي عبادت ڪيو. يعني جيڪڏهن مڪه مڪرمه جا رهاڪو ڪافر اوهان کي تنگ ڪن ٿا ته مايوس نه ٿيو الله جي زمين تنگ ناهي ڪشادي آهي ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي وڃي منهنجي عبادت ڪيو وطن ڇڏي ڏيو ڇو ته هيءَ دنيوي زندگي جلد ختم ٿيڻ واري آهي اصلي وطن ته اڳتي آهي. اوهان کي جتي به آسانيءَ سان منهنجي عبادت جو موقعو ملي اتي وڃي رهو ۽ خاص منهنجي عبادت ڪيو "كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ ثُمَّ اِلَيْنَا تُرْجَعُوْنَ" هر نفس موت چکندڙ آهي تنهن کان پوءِ اسان ڏانهن موٽايا ويندؤ يعني جن شين کي ڇڏڻ مثلاً گهر ٻار، ڪاڏو آرام وغيره هاڻي ڏکيو ٿو لڳي نيٺ ته اهي ڇڏي مرڻو آهي ان کان پوءِ اوهان کي اسان ڏانهن موٽي اچڻو به آهي ان جي ڪري بهتر آهي ته انهن کان پنهنجي اراديءَ ۽ اختيار سان دوري قبول ڪري هڪ الله کي راضي بنايو هجرت ۾ اهي شيون حائل نه بنجن (١) "وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُبَوِّئَنَّهُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ غُرَفًا تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ نِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ" ۽ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا البت ضرور اسين انهن کي بهشت مان بلند ماڙين ۾ رهائينداسون جن جي هيٺان نهرون پيون وهن انهن ۾ هميشه رهندڙ هوندا عمل ڪندڙن جو اجورو ڀلو آهي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته "غرفا" غرفة جو جمع آهي ان جي معنىٰ آهي منازل رفيعة، عالية (٢) مٿاهان، بلند گهر سيدنا علي المرتضىٰ رضي الله عنه کان روايت آهي ته نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن فرمايو "ان في الجنة لغرفا يرى ظهورها من بطونها وبطونها من ظهورها" بلاشڪ بهشت ۾ اهڙيون مٿاهيون ماڙيون آهن جن جو ٻاهريون حصو اندران پيو ڏسڻ ۾ ايندو ۽ اندريون حصو ٻاهران پيو ڏسڻ ۾ ايندو. هڪ اعرابيءَ

(١) ڪمالين شرح اردو جلالين ص١٨ـ جلد٥ (٢) تفسير وبيان ڪلمات القرآن الڪريم ص٤٠٣ـ

جڏهن سندن اهو ارشاد پڌو ته اتي بيهي عرض ڪرڻ لڳو ته يارسول الله! اهي ماڙيون ڪنهن ڪي ملنديون؟ ته پاڻ فرمايائون "هي لمن اطاب الكلام، واطعم الطعام، وادام الصيام وصلى لله بالليل والناس نيام" يعني اهي انهن ماڻهن کي ملنديون جيڪي گفتگو پاڪيزه ڪندا، (ماڻهن کي) کاڌو کارائيندا، هميشــه روزا رکندا ۽ آڌي رات جو اتي جڏهن ماڻهو ستل هوندا نماز (تهجد جا نفل) پڙهندا (١) "اَلَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ" اهي جن صبر ڪيو ۽ پنهنجي رب تي توڪل ڪن تا مطلب ته جيڪي وطن کان جدا ٿيڻ، الله جي دين لاءِ هجرت ڪرڻ ۽ مشرڪن جي طرفان ملندڙ ايذا، محنتن ۽ تڪليفن تي صبر ڪندي الله جل شانــه جا متوڪل ٻانهن بڻجندا آهن ته هجرت جي دوران ٻه اهو ئي سندن سنڀاليندڙ آهي "وَكَاَيِّنْ مِّنْ دَآبَّـــةٍ لَّا تَحْمِلُ رِزْقَهَا ۖ اَللّٰهُ يَرْزُقُهَا وَاِيَّاكُمْ ۖ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ" ۽ ڪيترا چوپايا جانور پاڻ سان رزق نه کڻندا آهن الله انهن کي ۽ اوهان کي رزق ڏيندو آهي ۽ اهوئي ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي يعني اوهان ٻنهي ٻه اهوئي رزاق آهي ان جو رزق هڪ حصي سان خاص ناهي بلڪ ان جو خير عام ۽ فضل تام آهي جيڪو سندس ساري مخلوق کي شامل آهي ڪٿي ٻه هجن جتي ٻه لين ۽ الله جل شانــه جي ان ڪرمنوازيءَ جو اظهار مهاجرن اصحابن لاءِ ٻه ٿيو جو ڪين سڪون ۽ عزت سان معاشي آسانيون عطا ٿيون. (٢)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

عـ١ـ آيت عـ٥٦ـ مان واضح ٿيو ته ڪنهن ٻه ماڻهوءَ کي الله جل شانـه جي عبادت ڇڏڻ لاءِ ڪو عذر ناهي جيڪڏهن ان کي هڪ شهر ۾ رڪاوٽ آهي ته ٻئي ڏانهن هليو وڃي.

عـ٢ـ "كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَـــةُ الْمَوْتِ" (هر نفس موت چکندڙ آهي) مان واضح ٿيو ته جڏهن هجرت ۽ جهاد واجب ٿيا ته هاڻي موت کان ڊڄڻ جا معنيٰ نه ٿو رکي ڇو ته اهو ته ڪٿي ٻه ايندو نه ڇڏيندو.

عـ٣ـ "لَنُبَوِّئَنَّهُمْ مِّنَ الْجَنَّـــةِ غُرَفًا" (البت اسين انهن کي ضرور بهشت جي بلند ماڙين ۾ رهائينداسون) مان واضح ٿيو صابرن، متوڪلن، هجرت ڪندڙن مومنن جو بدلو نهايت ڀلو آهي جيئن آيت جي تفسير ۾ لکي آيا آهيون.

(١) ضياء القرآن صـ٤٤٣ـ جلد ٣ (٢) محاسن التاويل صـ١٦١ـ جزء ١٣ جلد ٨

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَ سَخَّرَ الشَّمْسَ

۽ البت جيڪڏهن پڇندين انهن کان تہ ڪنهن پيدا ڪيا آسمان ۽ زمين ۽ مطيع ڪيائين سج

وَالْقَمَرَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ج فَاَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ (٦١) اَللّٰهُ يَبْسُطُ الرِّزْقَ

۽ چنڊ تہ البت ضرور چوندا الله پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا وڃن ٿا الله ڪشادو ٿو ڪري رزق

لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ لَهٗ ط اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ (٦٢)

ان جي لاءِ جنهن کي گهري پنهنجن ٻانهن مان ۽ تنگ ڪري ٿو ان جي لاءِ بلاشڪ الله هرشيءِ ڄاڻندڙ آهي

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ نَّزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحْيَا بِهِ

۽ البت جيڪڏهن پڇندين انهن کان تہ ڪنهن لاٿو آسمان کان پاڻي پوءِ آباد ڪيائين

الْاَرْضَ مِنْ بَعْدِ مَوْتِهَا لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ط قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ ط

ان سان زمين ان جي برباد رهڻ کانپوءِ تہ البت ضرورچوندالله فرماءِ تہ سڀ ساراه الله جي لاءِ ثابت آهي

بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ع (٦٣) وَمَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَهْوٌ وَّلَعِبٌ ط

بلڪ گهڻا انهن مان عقل نہ ٿا رکن ۽ ناهي هيءَ دنيا جي حياتي مگر تماشو ۽ راند

وَاِنَّ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ لَهِيَ الْحَيَوَانُ م لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ (٦٤)

۽ بلاشڪ آخرت وارو گهر البت اهوئي (حقيقي) حياتيءَ وارو آهي جيڪڏهن ڄاڻن ها

وقف لازم ٢ ع ٢

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن کي سندن ڪفر وارن عقيدن ۽ برن عملن تي ملڻ واريءَ سزا جو بيان هو ۽ هنن آيتن ۾ انهن کان عقلي سوال ڪري کين اسلام جي واٽ تي اچڻ لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي فرمان عاليشان آهي "وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ فَاَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ" ۽ البت جيڪڏهن انهن کان تون پڇيندين تہ آسمان ۽ زمين ڪنهن پيدا فرمايا ۽ سج ۽ چنڊ مطيع بنايا تہ ضرور چوندا الله پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا وڃن ٿا. يعني مشرڪ بہ مڃيندا تہ انهن سڀني جو خالق ۽ مطيع بنائيندڙ(هڪ) الله آهي ۽ جڏهن اهو تسليم بہ ڪن ٿا تہ پوءِ ان جي توحيد کان ڪيڏانهن ڦيرايا وڃن ٿا ۽ ان هڪ جي اخلاص سان عبادت

چو نہ تا کن (١) حالانڪ ان جي خالق هجڻ جو اقرار بہ ڪن ٿا. "اَللّٰهُ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ لَهٗ ۭ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ" الله پنهنجن ٻانهن مان جنهن لاءِ گهري ٿو رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ جنهن لاءِ (گهري ٿو رزق) تنگ ڪري ٿو. بلاشڪ الله هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي. هي مشرڪن جي اعتراض جو جواب آهي جن مسلمانن کي چيو هو تہ "جيڪڏهن اوهان حق تي آهيو تہ پوءِ غريب ۽ ڪمزور ڇو آهيو؟" الله جل شانه فرمايو تہ "رزق جي ڪشادگي ۽ تنگي الله جل شانـــه جي قدرتي هٿ ۾ آهي اهو پنهنجي حڪمت ۽ مشيّت جي مطابق جنهن کي گهري ٿو تہ رزق وڌائي ٿو ڏي ۽ جنهن کي گهري ٿو تنگ روزي ڏي ٿو. ان جو تعلق سندس رضا مندي يا غضب سان ناهي (٢) "وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ نَّزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ مِنْ بَعْدِ مَوْتِهَا لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ۭ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ ۭ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ" ۽ البت جيڪڏهن تون انهن کان پڇندين تہ آسمان کان پاڻي ڪنهن لاٿو آهي پوءِ ان سان زمين جي برباد رهڻ کان پوءِ ان کي آباد ڪيو اٿس تہ البت ضرور چوندا (تہ سڀ ڪجهہ ڪرڻ وارو) الله (آهي) فرماءِ تہ سڀ ساراهہ الله جي لاءِ ثابت آهي بلڪ انهن مان گهڻا عقل نہ ٿا رکن. مطلب تہ جيڪو الله جل شانـــه آسمان کان مينهن وسائي ويران ۽ غيرآباد زمين کي آباد ڪرڻ تي قادر آهي ۽ اي مشرڪو! ڏسو ۽ مجيو تہ اهو مسڪينن مومنن کي شاهوڪار بنائڻ تي بہ قادر آهي اي محبوب ڪريم! (عليـــه الصلٰوة والسلام) اوهان الحمدلله چئو جو الله پنهنجي قدرت ثابت ڪرڻ تي روشن دليل ۽ حجتون بيان ڪيون آهن (٣) "وَمَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَهْوٌ وَّلَعِبٌ ۭ وَاِنَّ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ لَهِيَ الْحَيَوَانُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ" ۽ هيءَ دنيا جي حياتي (ٻيو ڪجهہ ناهي) مگر تماشو ۽ راند آهي ۽ بلاشڪ آخرت وارو گهر البت اهو (حقيقي) حياتيءَ وارو آهي جيڪڏهن ڄاڻن ها يعني جيڪو مال، ملڪيت الله تعالیٰ شاهوڪارن کي ڏنو آهي اهو وڃڻ واري ۽ فاني شيءِ آهي جيئن تماشو ۽ راند هوندي آهي جنهن کي ڪو ثبات ۽ حقيقت نہ هوندي آهي جيئن ڪنهن ٻلاري جو قول آهي تہ "دنيا ڪٽي تو لاءِ باقي رهي پر تون تہ ڪو نہ رهندين" ۽ آخرت واري دار (حويلي يا گهر) بقا واري حياتيءَ جي جاءِ آهي جيڪا نہ فنا ٿيندي نہ اتي موت ايندو. مذڪوره آيت جي تفسير جي وضاحت ڪندي علامہ قرطبي لکيو آهي تہ "دنيا جي لهو، لعب هجڻ مان مرادٌ اها دنيا، مال، مرتبو ۽ زياده لباس آهي جنهن جي

(١) المراغي ص-١٧ــ جزء ٢١ جلد ٨ (٢) حاشيہ محمد جونا ڳڙهي ص-١١٢٠ـ (٣) القرطبي ص-٣٦١ـ جلد ١٣

ضرورت ناهي ۽ نہ اهو عبادت ڪرڻ ۾ قوت ڏيڻ وارو آهي پر جيڪو مال ۽ ملڪيت الله جل شانـــه جي رضا حاصل ڪرڻ ۾ ڪم اچي ٿو اهو آخرت جي حياتيءَ ۾ شمار آهي. (١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ آيت عـ٦١ـ ۽ عـ٦٢ـ مان ڪافرن جي حالت تي عجب جو اظهار ڪيو ويو آهي تہ اهي الله جل شانـــه جي خالقيت ۽ ربوبيت جو اقرار ڪندي سندس الوهيت جا منڪر ڇو آهن؟ ۽ اهو بہ فيصلو ڏنو ويو تہ اهي بي عقل آهن.

ع٢ـ آيت عـ٦٢ـ مان واضح ٿيو تہ شاهوڪار هجڻ الله جل شانـــه جي رضامندي جو نشان ناهي ۽ غريب هجڻ ان جي غضب جي علامت ناهي پر اهي ٻئي سندس حڪمت تي دلالت ڪندڙ آهن تہ اهو هر شيءَ جي حڪمت کي ڄاڻي ٿو ٻئي ڪي ڪا خبر ناهي.

ع٣ـ آيت عـ٦٤ـ مان واضح ٿيو تہ دنيوي حياتي مستقل ناهي عارضي آهي ۽ اصل ۽ حقيقي حياتي آخرت جي آهي ۽ عقلمند ۽ داناءَ هميشـه اصل ۽ حقيقت ڏانهن متوجـه رهندو عقل جو ڪو تاهہ ۽ احمق صرف دنيوي حياتيءَ لاءِ مست هوندو.

ع٤ـ آيت عـ٦٣ـ ۾ نبي پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام جن کان الحمدلله چورائڻ جون ٻہ مرادون آهن ١: تہ جڏهن مذڪور ڪم سمورا الله جل شانـه جا آهن تہ پوءِ حمد جو مستحق بہ صرف اهوئي آهي ٻيا ڪير بہ حمد جا مستحق ناهن ٢: تہ الله جل شانـــه جو شڪر آهي جو اهي ڪافر بہ الله جل شانـه جي خالقيت ۽ ربوبيت جامعترف آهن. (٢)

ع٥ـ آيت عـ٦١ـ ۾ آسمانن ۽ زمين جي خلقت ۽ سج ۽ چنڊ جي مطيع ڪرڻ جي ذڪر ڪرڻ ۾ هڪ حڪمت جي وضاحت ڪئي وئي آهي تہ سج ۽ چنڊ صرف پيدا ڪري نہ ڇڏيائين پر انهن ۾ تحرڪ، چرپر جو سلسلو بہ رکيائين تہ مخلوق کي ڏينهن ۽ رات مان حاصل ٿيندڙ فائدا ملن. (٣)

(١) ساڳيو حوالو (٢) تفهيم القرآن صـ٧١٩ـ جلد ٣ (٣) الفتوحات الا لٰهيـــة صـ٣٨٢ـ جلد ٣

فَإِذَا رَكِبُوا فِى الْفُلْكِ دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ ۚ

پوءِ جڏهن سوار ٿين ٿا ٻيڙين ۾ ته دعا گهرن ٿا الله کان خالص ڪندڙ ان جي لاءِ دين

فَلَمَّا نَجّٰهُمْ إِلَى الْبَرِّ إِذَا هُمْ يُشْرِكُونَ (٦٥) لِيَكْفُرُوا

پوءِ جڏهن انهن کي ڇڏائيندو آهي پٽ ڏانهن ته ان وقت اهي شرڪ ڪندا آهن ڀلي بي شڪري

بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ ۚ وَلِيَتَمَتَّعُوا فَسَوْفَ يَعْلَمُونَ (٦٦) أَوَلَمْ يَرَوْا

ڪن ان جي جيڪو اسان انهن کي ڏنو آهي ۽ ڀلي خوش رهن پوءِ سگهوئي ڄاڻندا ڇا نه ڏٺائون

أَنَّا جَعَلْنَا حَرَمًا اٰمِنًا وَّيُتَخَطَّفُ النَّاسُ مِنْ حَوْلِهِمْ ۗ

ته بيشڪ اسان بنايو حرم امن وارو حالانڪ جهڙپيا وڃن ٿا ماڻهو چوڌاري انهن جي

أَفَبِالْبَاطِلِ يُؤْمِنُونَ وَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ يَكْفُرُونَ (٦٧) وَمَنْ أَظْلَمُ مِمَّنِ

ڇا پوءِ باطل تي ايمان آڻين ٿا ۽ الله جي نعمت جو انڪارڪن ٿا ۽ ڪير وڌيڪ ظالم آهي ان کان جنهن

افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا أَوْ كَذَّبَ بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهٗ ۗ أَلَيْسَ فِى جَهَنَّمَ

ناهيو الله تي ڪوڙ يا ڪوڙو ڄاڻائين حق کي جڏهن آيو اُن وٽ ڇا ناهي جهنم ۾

مَثْوًى لِّلْكٰفِرِينَ (٦٨) وَالَّذِينَ جٰهَدُوا فِينَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ

جاءِ ڪافرن جي لاءِ ۽ جن ڪوشش ڪئي اسان جي واٽ ۾ البت ضرور ڏيکاريندا سون انهن کي

سُبُلَنَا ۚ وَإِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِينَ (٦٩)

واٽون پنهنجون ۽ بيشڪ الله البت گڏ آهي نيڪن سان

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو ته ڪافر به الله جل شانه جي خالق هجڻ جو اعتراف ڪن ٿا ۽ هتي به اهوئي بيان آندو ويو آهي ته ٻيڙين ۾ سوار ٿيڻ وقت به الله جل شانه کي ياد ڪن ٿا فرمان مبارڪ آهي "فَإِذَا رَكِبُوا فِى الْفُلْكِ دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ" ۽ جڏهن ٻيڙين ۾ سوار ٿين ٿا ته الله کي ان جي لاءِ دين کي خالص بنائيندڙ ٿي سڏين ٿا يعني ٻيڙين ۾ ٻڏڻ کان بچڻ جي لاءِ هڪ الله وحده لاشريڪ له کي سڏي ان کان دعائون گهرندا آهن ۽ ان وقت انهن کان سندن باطل معبود وسري ويندا آهن "فَلَمَّا

نَجّٰهُمْ اِلَى الْبَرِّ اِذَا هُمْ يُشْرِكُوْنَ" پوءِ جڏهن انهن کي ڇڏائي پٽ (ميدان) ڏي آڻيندو آهي تہ ان وقت اهي (وري) شرڪ ڪندا آهن يعني تڪليف ۽ ٻڏڻ جي ڏپ کان آزاد ٿي وري بہ انهن ئي باطل معبودن کي الله جل شانہ سان شريڪ بنائيندا آهن "لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ ۚ وَلِيَتَمَتَّعُوْا ۫ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ" جيڪو اسان انهن کي ڏنو آهي ان جي بي شڪري ڪن مزا وٺن پوءِ جلد ڄاڻندا "لِيَكْفُرُوْا" امرغائب جو صيغو آهي ۽ ان مان مقصد انهن کي ڊيڄارڻ ۽ ڌمڪي ڏيڻ آهي تہ ڀلي ڪفر ڪيو مزا وٺو هن فاني زندگيءَ جون لذتون ماڻيو جلد اوهان کي انهن جي ڀڇاڙي معلوم ٿيندي (١) "اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا جَعَلْنَا حَرَمًا اٰمِنًا وَّيُتَخَطَّفُ النَّاسُ مِنْ حَوْلِهِمْ ۚ" ڇا نہ ڏٺائون تہ يقينًا اسان امن وارو حرم بنايو حالانڪ انهن جي چوڌاري ماڻهو جهڙپيا وڃن ٿا. هتي مڪہ مڪرمہ جي رهاڪن کي هڪ عظيم احسان ياد ڏياريو وڃي ٿو تہ پوري ملڪ ۾ ڪٿي بہ امن ڪونهي هر طرف لٽ مار آهي ڪنهن جي جان ۽ مال محفوظ ناهي پر اسان انهن مڪہ مڪرمہ جي رهاڪن کي اهڙو امن وارو حرم ڏنو آهي جتي هر طرح امن امان آهي ڪير بہ ڪنهن تي هٿ ڊگهو نہ ٿو ڪري سگهي "اَفَبِالْبَاطِلِ يُؤْمِنُوْنَ وَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ يَكْفُرُوْنَ" ڇا پوءِ باطل تي ايمان آڻين ٿا ۽ الله جي نعمت جي بي شڪري ڪن ٿا مطلب تہ ان احسان هوندي بہ اهي الله جل شانہ جي عبادت ڪرڻ ۽ ان کي هڪ مڃڻ جي بجاءِ باطل بتن تي ايمان آڻين ٿا ۽ الله جي نعمت جي بي شڪري ۽ بي قدري ڪن ٿا "وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهٗ ۚ" ۽ ان کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي جنهن الله تي ڪوڙ ٺاهيو يا جڏهن ان وٽ حق آيو تہ ان کي ڪوڙو چيائين. الله جل شانہ تي ڪوڙ ٺاهڻ جو مطلب آهي تہ: ڪنهن کي ان جو شريڪ بنايو وڃي يا ڪنهن کي ان جو اولاد تسليم ڪيو وڃي حالانڪ اهو وحده لاشريڪ لہ آهي ڪائنات جي هر شيءِ ان جي وحدانيت جي شاهدي ڏئي رهي آهي اهو هر قسم جي ضرورت ۽ محتاجيءَ کان پاڪ آهي ان کي اولاد جي ضرورت ڪهڙي آهي. ۽ حق مان مراد قرآن ڪريم بہ ٿي سگهي ٿو تہ حبيب ڪريم عليہ التحية والتسليم بہ مطلب تہ جڏهن انهن جي اڳيان قرآن ڪريم جي تلاوت ڪئي ويندي آهي تہ غور ۽ فڪر ڪرڻ کان سواءِ فورًا ان جو انڪار ڪري وهن ٿا يا جڏهن الله جل شانہ جو محبوب عليہ الصلٰوة واسلام انهن کي پنهنجي رسالت جي دعوت ڏي ٿو تہ ان کي بہ هڪدم ڪوڙو چون ٿا. "اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْكٰفِرِيْنَ" ڇا جهنم ۾ ڪافرن جي لاءِ جاءِ ناهي. مطلب تہ جيڪي ماڻهو الله جل شانہ تي ڪوڙ هڻن قرآن پاڪ ۽ نبي ڪريم

عليـه الصلوٰة واسلام کي کوڙو چون ۽ کو شرم نہ اٿن تہ انهن جي لاءِ جهنم کان سـواءِ ٻـي کهـڙي جـاءِ آهـي؟ "وَالَّذِيْـنَ جَـاهَدُوْا فِيْنَـا لَنَهْدِيَنَّهُـمْ سُـبُلَنَا وَاِنَّ اللّٰهَ لَمَـعَ الْمُحْسِنِيْنَ" ۽ جن اسان جي راضي ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي اسين ضرور انهن کي پنهنجون واٽون ڏيکاريندا سون ۽ يقيناً الله نيڪو ڪارن سان گڏ آهي. هيءَ آيت الله جل شانــه جي وصال جي واٽ ونڻ وارن لاءِ بشارت ڏيندڙ آهي. "فينا" اسان جي لاءِ هي لفظ بہ تمام غور طلب آهي ان جو مقصد آهي تہ جيڪي اسان جي رضا لاءِ ڪوشان آهن اسان جي وصال جا طالب آهن اسين انهن لاءِ رستا کولي ڪين ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪنداسون ۽ الله تعالیٰ پنهنجي نيڪوڪار ٻانهن سان گڏ آهي انهن کي پريشان ٿيڻ جي ڪا ضرورت ناهي (١) الحمدلله ثم الحمدلله جو مون عاجز عاصي اڄ پنهنجيءَ لائبريريءَ ۾ ٢٤ رمضان المبارڪ ١٤٢٣هـ الموافق ٢٠٠٢،١١،٣٠ع ڇنڇر جي ڏينهن صبح جو ٨ لڳي ٻاويهن منٽن تي سورة العنكبوت جو تفسير لکي پورو ڪيو دعا آهي تہ رب العزة جل شانــه پنهنجي ڪرم ۽ احسان ۽ پنهنجي حبيب پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام جي صدقي ۽ وسيلي سان باقي رهيل تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين يا الـٰه العلمين بحرمـة حبيبك سيدالمرسلين عليـه وعلي آلـه واصحابـه وازواجـه الصلوات والتسليمات الیٰ يوم الدين.

دعا جو طالب

الفقير محمد ادريس الداهري

النقشبندي عفي عنه

(١) ضياء القرآن صـ٥٤٨ـ جلد ٣

سورة الروم جو تعارف

هن ۽ِلاري سورة جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ گهرجن.

نالو مبارڪ

هن سورة جو نالو مبارڪ الروم آهي جيڪو هن جي آيـة ع٢ـ مان ورتل آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد

هن ۾ ڇهہ رڪوع، سٺ (٦٠) آيتون، اٺ سؤ اوڻيهہ (٨١٩) ڪلما، پنج هزار پنج سؤ چوٽيهہ (٥٥٣٤) حرف آهن. (١)

مڪيـه آهي يا مدنيـه؟

هيءَ سورة بالاجماع مڪيـه آهي (٢) سورة الانشقاق کان پوءِ نازل ٿي هئي. (٣)

اڳيئن سورة سان ربط ۽ مناسبت

هن سورة جو سورة العنڪبوت سان ربط ۽ مناسبت ٻن وجهن جي ڪري آهي ١: اڳين سورة جهاد جي ذڪر سان شروع ڪري ان ئي ذڪر سان پوري ڪئي وئي تہ هن سورة ۾ بہ جهاد ۾ مومنن کي مدد ۽ دشمن تي غالب ڪرڻ جو بيان ڪيو ويو آهي ٢: اڳيئن سورة ۾ توحيد جا دليل ۽ حجتون مجمل طريقي هئا ۽ هن ۾ انهن جو ذڪر تفصيل سان ڪيو ويو آهي. (۴)

شان نزول

احمد، ترمذي، نسائي، ابن منذر، ابن ابي حاتم، طبراني ڪبير ۾، حاڪم، ابن مردويـه، دلائل ۾ بيهقيءَ ۽ الضياءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان "الٓمّٓ غُلِبَتِ الرُّوْمُ" جي متعلق روايت آندي آهي تہ (مڪـه مڪرمـه جا رهاڪو) مشرڪ ان ڳالهہ

(١) تفسير خازن ص٤٢٧ـ (٢) زادالمسير ص٢٨٦ـ جلد ٢ (٣) المراغي ص٢٦ـ جزء ٢١ جلد ٧ (۴) ساڳيو حوالو

سان محبت رکندا هئا تہ فارس وارا روم وارن تي جنگ ۾ غالب ٿين چو تہ اهي بت پرست هئا ۽ مسلمان چاهين پيا تہ روم وارا فارس وارن تي غالب ٿين چو تہ اهي اهل ڪتاب هئا پوءِ مسلمانن اها ڳالهہ (حضرت) ابوبڪر سان ڪئي ان وري رسول الله صلی الله عليہ وسلم جن سان ڪئي. حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن ڪيس فرمايو تہ "روم وارا جلد غالب ٿيندا" جڏهن اها ڳالهہ (حضرت) ابوبڪر مشرڪن کي ٻڌائي تڏهن انهن چيو تہ: مدت مقرر ڪري ٻڌاءِ جيڪڏهن اسان وارا بت پرست غالب ٿيا تہ اسان کي هيترو هيترو انعام ڏجان ۽ جيڪڏهن اوهان جا اهل ڪتاب غالب ٿيا تہ اسين اوهان کي هيترو هيترو انعام ڏينداسون پوءِ ان جو پنج سال مدو رکيائون پر روم وارا اجان غالب نہ ٿيا تہ حضرت ابوبڪر رضي الله عنـــہ وري نبي پاڪ عليـــہ الصلوٰةوالسلام جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو پاڻ فرمايائونس تہ تو مدو وڌيڪ ڇو نہ رکيو. راويءَ جو قول آهي تہ منهنجي خيال ۾ ڪيس ڏهن سالن جي اندر مدو رکڻ لاءِ فرمايائون. پوءِ نيٺ رومي غالب ٿيا. (۽ اهو بہ اهو ڏينهن هو جنهن ڏينهن بدر جي جنگ ۾ مسلمان ڪافرن تي غالب ٿيا هئا تڏهن هيءَ سورة نازل ٿي. (١)

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ فارس ۽ روم وارا ٻئي ڌريون ڪافر هئا انهن مان ڪنهن جي فتح يا شڪست سان مسلمانن کي ڪو ٻيو فائدو نہ هو پر اهل ڪتاب مشرڪن جي بہ نسبت مسلمانن کي ڪيترين ڳالهين ۾ قريب آهن ڇو تہ گهڻا دين جا اصول آخرت تي ايمان، رسالت ۽ وحي تي ايمان انهن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ مشترڪ آهي ۽ ان ئي قدر مشترڪ کي ذهن مبارڪ ۾ رکندي نبي پاڪ عليـــہ الصلوٰة والسلام جن رومي بادشاهہ کي اسلام ۾ داخل ٿيڻ جي دعوت لاءِ جيڪو خط لکيو هو ان جا الفاظ هئا تہ "تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَـــةٍ سَوَآءٍ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ" اچو ان ڪلمـــہ ڏانهن جيڪو اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ برابر آهي. اهل ڪتاب سان مسلمانن جو هڪ قسم جو قرب ئي ان جو سبب بڻيو جو حضور پاڪ عليـــہ الصلوٰة والسلام جن جي مڪـــہ مڪرمـــہ ۾ رهڻ دوران فارس وارن رومين تي حملوڪيو. حافظ الحديث ابن حجر ۽ ٻين جي قول مطابق انهن جي اها جنگ شام ملڪ جي آذرعات نالي مقام ۽ بصریٰ جي وچ واري علائقي ۾ لڳي هئي ۽ ان وقت فارس وارا رومين تي غالب ٿي ويا ايتري قدر جو قسطنطنيـــہ بہ فتح ٿي ويو ۽ انهن اتي پنهنجي عبادت لاءِ هڪ آتشڪده نهرايو ۽ اها فتح ڪسریٰ پرويز جي آخري فتح هئي ان ڪان پوءِ ان جو زوال شروع ٿيو ۽ پوءِ مسلمانن جي هٿان انهن جو خاتمو ٿيو. (٢)

(١) معارف القرآن صہ٧١٩ـ جلد ٦ (٢) الدرالمنثور صہ٤٧٩ـ جلد ٦

مضمون

هن سورة ۾ مختلف مقامن تي الله جل شانـه جي قدرت ۽ حڪمت جا روشن دليل ذڪر ڪري ثابت ڪيو ويو آهي ته اهو ئي الله آهي جيڪو هنن ڪمال جي صفتن سان موصوف آهي ان ڪان سواءِ سڀ سندس ٻانها آهن ڪنهن کي به اهو نه ٿو جڳائي جو ان جي همسريءَ جي دعوىٰ ڪري ۽ نه ڪنهن کي ڪو حق آهي جو ڪنهن کي ان سان شريڪ بنائي.

فضيلت

هيءَ سورة نهايت عظمت ۽ شان واري آهي. عبدالرزاق ۽ احمد سهڻي سند سان هڪ اصحابي سڳوري رضي الله عنـه ڪان روايت آندي آهي ته: نبي پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام جن ڪين صبح جي نماز پڙهائي ۽ ان ۾ سورة الروم پڙهيائون اهڙي طرح بزار ۽ ابن ابي شيبـه به روايتون آنديون آهن (١) عاملن بزرگن وٽ هن سورة جو دشمنن کي دفع ڪرڻ لاءِ ٢١ پيرا پڙهڻ نهايت مفيد آهي سندس دشمن سدائين مغلوب رهندا.



(١) الدرالمنثور صـ٤٧٨ـ جلد ٦

وَهِيَ سِتُّونَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الرُّوْمِ مَكِّيَّةٌ	وَّسِتُّ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها سٺ آيتون	سورة روم مڪيه آهي	۽ ڇهه رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جو وڏو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

الٓمّٓ (١) غُلِبَتِ الرُّوْمُ (٢) فِيْٓ اَدْنَى الْاَرْضِ وَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ غَلَبِهِمْ

الف. لام ميم مغلوب ڪيا ويا رومي ويجهي زمين ۾ ۽ اهي پنهنجي مغلوب هجڻ ڪان پوءِ

سَيَغْلِبُوْنَ (٣) فِيْ بِضْعِ سِنِيْنَ ۬ لِلّٰهِ الْاَمْرُ مِنْ قَبْلُ وَمِنْۢ بَعْدُ ۭ وَيَوْمَئِذٍ يَّفْرَحُ

جلد غالب ٿيندا ٿورن سالن ۾ الله جوئي امر آهي اڳي ۽ پوءِ ۽ ان ڏينهن خوش ٿيندا

الْمُؤْمِنُوْنَ (٤) بِنَصْرِ اللّٰهِ ۭ يَنْصُرُ مَنْ يَّشَاۗءُ ۭ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ (٥) وَعْدَ اللّٰهِ ۭ

مومن الله جي مدد سان مدد ڪري ٿو جنهن جي گهري ۽ اهو ئي غالب، مهربان آهي الله جو وعدو آهي

لَا يُخْلِفُ اللّٰهُ وَعْدَهٗ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ (٦) يَعْلَمُوْنَ ظَاهِرًا

نہ ٿو خلاف ورزي ڪري الله پنهنجي وعدي جي ۽ پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن ڄاڻن ٿا ظاهري

مِّنَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ښ وَهُمْ عَنِ الْاٰخِرَةِ هُمْ غٰفِلُوْنَ (٧)

حياتي دنيا واري ۽ اهي آخرت کان غافل آهن

تفسير

سورة عنڪبوت ان آيت تي ختم ٿي جنهن ۾ الله جل شانه پنهنجي رستي ۾ جهاد ۽ مجاهدا ڪرڻ وارن جي لاءِ پنهنجا رستا کولي ڏيڻ ۽ انهن کي سندن مقصدن ۾ ڪاميابيءَ جي بشارت ڏني هئي ۽ هن سورة جي ابتدا جنهن قصي سان ڪئي وئي آهي اهو ان ئي الٰهي مدد جو هڪ مظهر آهي ۽ ان جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "الٓمّٓ" هي مقطعات حروف آهن جن جي متعلق بحث اڳئي متعدد مقامن تي گذريو آهي هتي قرآن ڪريم جي مفسر، متصوف بزرگ علامه اسماعيل حقي عليه الرحمة جو هڪ تاويل پيش خدمت آهي. فرمايو اٿس تہ عالَمَ ٽي آهن ١: عالم امر ٢: عالم

ارواح ٣: عالم ملڪ ١:عالم امران عالم کي چوندا آهن جتي هر شيءِ کي ان جو تعيُن ۽ تشخص ڏنو ويندو آهي هوالمبدءَ يعني هر شيءِ کي ان جي موجوده صورت ۽ خصوصيتون مرحمت ڪيون ويندءيون آهن هوالمبدءَ لجميع التعينات الف سان ان ڏانهن اشارو آهي. عالم ارواح هڪ وچ واري ڪڙي آهي الذي هوالوسط بين الوجوديات. لامَ سان ان ڏانهن اشارو آهي ۽ عالم ملڪ تنزلات ۽ ارسالات جو آخري درجو آهي ميم سان ان ڏانهن اشارو آهي ان ڪان پوءِ فرمايو اٿس تہ: جڏهن ٻانها الله جي قرب ۽ معرفت جي اعليٰ ترين منزل تي فائز ٿيندا آهن تہ مقطعات حروف جا اسرار ۽ معارف انهن تي کلي پوندا آهن. (١)

"غُلِبَتِ الرُّوْمُ فِيْٓ اَدْنَى الْاَرْضِ" ويجهي زمين ۾ رومي مغلوب ڪيا ويا ادنيٰ دنو کان ورتل آهي معنيٰ گهٽو ويجهو "الْاَرْضِ" مان مراد آهي علائقو ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ حجاز علائقي جي اوير طرف ايرانين جي تمام وڏي مملڪت هئي ۽ اهي مشرڪ ۽ باهہ جا پوڄاري هئا ٻئي طرف مغرب ۾ رومي سلطنت هئي جيڪي اهل ڪتاب عيسائي هئا انهن جو جهنڊو يورپ، آفريقا، ايشيا جي مغربي ملڪن شام، اردن، فلسطين جي فضائن ۾ ڦڙڪي رهيو هو. جڏهن مڪہ مڪرمہ ۾ حضور سرورِ ڪائنات عليہ الصلوٰة والسلام جن توحيد جي تبليغ شروع ڪئي تہ مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو ٻن حصن ۾ ورهائجي ويا هڪ ٽولو مشرڪن جو هو جيڪي بت پرست هئا ۽ ٻيو ٽولو رسول الله صلى الله عليہ وسلم جي سچن غلامن، مومنن جو هو جيڪي الله جل شانہ جي وحدانيت کي دل ۽ جان سان تسليم ڪري چڪا هئا هر قسم جي شرڪ جلي ۽ خفي کان سندن دليون پاڪ ٿي چڪيون هيون. ڪفر ۽ اسلام جي اها ڪشمڪش روز بروز شدت اختيار ڪندي ٿي وئي ۽ مڪہ مڪرمہ ۾ جڏهن هي اطلاع پهتو تہ ايران ۽ روم هڪ ٻئي سان جنگ ڪري رهيا آهن تہ طبعي طور مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو مشرڪن جون دليون ايراني باهہ جي پوڄارين سان همدرد ٿي ويون ۽ مسلمانن جون همدرديون رومين سان ٿي ويون جو اهي اهل ڪتاب هئا انهن ئي ڏينهن ۾ ايران جي بادشاهہ خسرو ڪسريٰ جي لشڪرن جي رومي بادشاهہ قيصر جي لشڪرن سان شام جي پاسي وارن علائقن ۾ جنگ ٿي جنهن ۾ ايراني غالب رهيا ۽ ٻنهنجي هم خيالن مشرڪن جي ڪاميابي ٻڌي مڪہ مڪرمہ ۾ رهندڙ مشرڪن جي خوشيءَ جي انتها نہ رهي ۽ ڊاڙون هڻڻ لڳا تہ جيئن باهہ جي پوڄارين مشرڪن شام جي علائقي ۾ اهل ڪتاب کي شڪست ڏني آهي اهڙي طرح هتي بہ جلد لات ۽ هبل جا پوڄاري الله جي توحيد جي علمبردارن کي نيست ۽ نابُود

(١) روح البيان صـ٣ـ جلد ٧

ڪري ڇڏ يندا مسلمانن جي دل بہ رومين جي شڪستن ڪائڻ جي ڪري گھٽي ڏڪويل رهي. ان وقت الله جل شانـــه هي آيتون نازل ڪري ايرانين جي ڪلي شڪست ڪائڻ ۽ رومين ڪي فتح ملڻ جي پيشينگوئي ڪرڻ فرمائي ۽ پنهنجن ٻانهن ڪي تسلي ڏني تہ ڪفر جي هيءَ ڪاميابي عارضي آهي ٽِن سالن ۾ حالات جو رخ بدلجي ويندو ۽ رومي فتح ماڻيندا ۽ ائين ئي ٿيو (١) اڳتي ارشاد آهي "وَهُمۡ مِّنۢ بَعۡدِ غَلَبِهِمۡ سَيَغۡلِبُونَ" ۽ اهي پنهنجي مغلوب هجڻ ڪان پوءِ جلد غالب ٿيندا. هتي س تاڪيد جي لاءِ آهي يعني روم وارا ضرور غالب ٿيندا "فِيۡ بِضۡعِ سِنِيۡنَ" ٽِن سالن ۾ "بِضۡعِ" ٽن ڪان وٺي نون (٩) تائين عدد تي ڳالهايو ويندو آهي. جڏهن هي آيتون نازل ٿيون تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنـــه ڪافرن وٽ ويو ۽ کين چيائين تہ پنهنجي مشرڪن ڀائرن جي عارضي فتح تي خوش نہ ٿيو ڇو تہ اسان ڪي اسان جي نبي صلی الله عليـــه وسلم ٻڌايو آهي تہ جلد روم وارا ايرانين ڪي شڪست ڏيندا. اهو ٻڌي ابي بن خلف حضرت ابوبڪر رضي الله عنـــه ڪي چيو تہ اي ابوبڪر! تون ڪوڙ ٿو هڻين حضرت ابوبڪر جواب ۾ چيس اي الله جا دشمن تون وڏو ڪوڙو آهين مان ان تي شرط رکڻ لاءِ تيار آهيان جيڪڏهن ٽن سالن تائين ايراني غالب اچي ويا تہ مان توکي ڏهہ اٺ ڏيندس ۽ جيڪڏهن رومي غالب ٿيا تہ تون مون ڪي ڏهہ اٺ ڏجان. اُبَي اهو شرط منظور ڪيو ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله عنـــه اتاهين موٽي بارگاهہ رسالت ۾ آيو ۽ سڄي حقيقت عرض ڪيائين پاڻ ڪيس فرمايائون تہ بضع ٽن ڪان نون سالن تائين ڳالهايو ويندو آهي تون واپس وڃ ۽ ابي بن خلف ڪان مدت ۾ توسيع ۽ شرط ۾ واڌاري جو مطالبو ڪر پوءِ مدت ٩ سال ۽ شرط ڏهن جي بجاءِ سوَ اٺ ڪيا ويا وقت گذرندو ويو ۽ جنهن ڏينهن الله جل شانـــه رسول الله صلی الله عليـــه وسلم ۽ سندس سچن غلامن، اصحابن سڳورن رضي الله عنهم ڪي ميدان بدر ۾ فتح مبين عطا ڪري خوشي نصيب ڪئي ان ئي ڏينهن اها خبر بہ پهتي تہ روم وارن ايرانين ڪي شڪست ڏني آهي ۽ مسلمانن ڪي هڪ ئي وقت ۾ ٻہ خوشيون نصيب ٿيون ابي بن خلف ان واقعي ڪان اڳي مري چڪو هو ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنـــه شرط وارا سوَ اٺ سندس وارثن ڪان وصول ڪري رسول الله صلی الله عليـــه وسلم جن جي خدمت ۾ حاضر ڪيا حضرت نبي پاڪ عليـــه الصلوٰة والسلام جن ڪيس فرمايو تہ "اهي صدقو ڪري ڇڏ" ۽ سندن اهو ارشاد ٻڌڻ شرط حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنـــه سڀ اٺ في سبيل الله صدقو ڪري محبت جي دعوىٰ ڪندڙن جي اڳيان حڪم تي عمل ڪرڻ جو هڪ مثال قائم ڪري ڏيکاريو. (٢)

(١) ضياء القرآن صـ٥٦٠ـ جلد ٣ (٢) المظهري صـ٢٢٨ـ

مسئلو

شريعت اسلاميــه ۾ شرط ٻڌڻ حرام آهي جنهن وقت حضرت ابوبڪر اها شرط رکي هئي ان وقت تائين اجان حرام نہ ٿي هئي تڏهن تہ حضور پاڪ عليــه الصلوٰة والسلام جن ڪيس پهريان اجازت ڏني هئي ۽ جڏهن حرام ٿي تہ پاڻ ان ۾ مليل مال کي رکڻ جي بجاءِ صدقو ڪرڻ جو حڪم ڏنائون جنهن تي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنــه فورًا عمل ڪيو (١) "لِلّٰهِ الْاَمْرُ مِنْ قَبْلُ وَمِنْۢ بَعْدُ" الله جو ئي امر اڳي ۽ پوءِ آهي يعني رومين جي غالب ٿيڻ کان اڳي ۽ پوءِ حڪم الله جو غالب آهي سڀ ان جي تقدير ۽ قضا جا فيصلا آهن "وَيَوْمَئِذٍ يَّفْرَحُ الْمُؤْمِنُوْنَ بِنَصْرِ اللّٰهِ" ۽ ان ڏينهن مومن الله جي مدد سان خوش ٿيندا. جو اهل ڪتاب غالب ٿيندا. مشرڪ مغلوب ٿيندا ۽ مومنن جيڪا ڳالهہ ڪئي ان ۾ ڪامياب ٿيڻ تي زياده يقين رکي ثابت قدم رهندا "يَنْصُرُ مَنْ يَّشَآءُ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ" جنهن جي گهري تو مدد ڪري ٿو ۽ اهوئي غالب، مهربان آهي ڪڏهن ڪنهن کي تو غالب ڪري تہ ڪڏهن ڪنهن کي "وَعْدَ اللّٰهِ لَا يُخْلِفُ اللّٰهُ وَعْدَهٗ" الله جو وعدو آهي الله پنهنجي وعدي جي برخلافي نہ ڪندو آهي. ڇو تہ وعدو پورو نہ ڪرڻ ڪوڙ آهي ۽ ڪوڙ الله جي لاءِ ممتنع بالذات آهي ممڪن ئي ناهي (٢) "وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ" ۽ پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن يعني مڪــه مڪرمــه جا رهاڪو ڪافر جاهل هجڻ ۽ فڪر نہ ڪرڻ جي ڪري الله جي وعدي ۽ ان جي پڪي هجڻ کي ڪو نہ ٿا ڄاڻن (٣) "يَعْلَمُوْنَ ظَاهِرًا مِّنَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَهُمْ عَنِ الْاٰخِرَةِ هُمْ غٰفِلُوْنَ" دنيا جي ظاهري حياتي ڄاڻن ٿا ۽ اهي ئي آخرت کان غافل آهن مطلب تہ معاشي تدبيرون، جايون پليون بنائڻ، واپار وڌائڻ، پوکون ۽ باغ لڳائڻ ڄاڻن ٿا ۽ آخرت کان صفا غافل آهن اهو نہ ٿا سوچين تہ مرڻ کان پوءِ وري جيئرو ٿي اٿڻو آهي ۽ جيڪي ڀلا ۽ براڪم ڪيون ٿا انهن جي جزاءِ سزا ملڻي آهي (۴) ۽ هن آيت جي تفسير ۾ بعضي مفسرن لکيو آهي تہ ظاهري حالات اهڙا هئا جو رومين جي ڪاميابيءَ جو قطعًا ڪو امڪان ئي نہ هو ۽ صرف ظاهري احوال ۽ اطوار تي نظر رکڻ وارا ڪڏهن بہ هي اعتبار نہ ٿي ڪري سگهيا تہ هار کاڌل رومي قهر ۽ جبروت جي پيڪر خسرو پرويز کي ذليل ۽ رسوا ڪري شڪست ڏيندا ۽ خسرو جو سر سندس پٽ جي هٿان ڌڙ کان ڌار ٿيندو ان جي ڪري اهي قرآن ڪريم جي هن پيشينگوئي کي تسليم

(١) ضياء القرآن صـ٥٦١ـ جلد ٣ (٢) المظهري صـ٢٣٠ـ جلد ٧ (٣) ساڳيو حوالو (۴) المراغي صـ٢٩ـ جزء ٢١ جلد ٧

ڪرڻ جي لاءِ قطعًا تيار نہ هئا پر الله جل شانـــہ جنهن سبب ۽ مسبب، علت ۽ معلول ۾ مستحڪم رابطو قائم ڪيو آهي اهو ان رابطي کي بہ سبب بہ بنائي سگهي ٿو ۽ اسباب علتن جي اثر انگيزيءَ کي موقوف بہ ڪري سگهي ٿو ۽ ان کي مٿائڻ جو بہ ان کي اختيار آهي ان جي ڪري جنهن ڳالهہ کي مڪـــہ مڪرمـــہ جا داناءَ ۽ معاملو سمجهڻ وارا قريشي سردار سمجهي نہ سگهيا ان کي سيدنا حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنـــہ جي فراست واري نور ڏسي ورتو ۽ ان جي دل ان کي تسليم بہ ڪري ورتو. (١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "وَهُمْ مِّنْ بَعْدِ غَلَبِهِمْ سَيَغْلِبُوْنَ" (۽ اهي پنهنجي مغلوب هجڻ کان پوءِ جلد غالب ٿيندا.) مان واضح ٿيو تہ الله تعالىٰ مستقبل ۾ ٿيڻ واري واقعي جو علم پنهنجي حبيب کي ڏنو هو ۽ اهو ئي عطائي علم غيب آهي. ۽ جيئن پاڻ ٻڌايائون پورن ستن سالن جي گذرڻ کان پوءِ اهو سچو ثابت ٿيو.

ع٢ـ "وَلٰكِنَّ اَكْثَرَالنَّاسِ لَايَعْلَمُوْنَ" (۽ پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن) هن آيت جي تفسير ۾ بعضي مفسرن لکيو آهي تہ شيعي عالم ڪلينيءَ پنهنجي مشهور ڪتاب الڪافي ۾ حضرت امام باقر عليـــہ وعلىٰ آبائـــہ الڪرام الصلوٰة والسلام کان روايت آندي آهي تہ هڪ شخص ابو عبيده حضرت امام جعفر صادق جي بابي حضرت امام باقر رضي الله عنهم کان هنن آيتن جو مطلب پڇيو پاڻ فرمايائين تہ هنن آيتن جو هڪ اهڙو تاويل آهي جنهن کي صرف الله تعالىٰ ڄاڻي ٿو ۽ آل محمد صلى الله عليـــہ وسلم مان جيڪي ماڻهو راسخون في العلم جي صفت سان موصوف آهن اهي ڄاڻن ٿا پوءِ فرمايائين تہ جڏهن رسول الله صلى الله عليـــہ وسلم جن هجرت ڪري مدينـــہ طيبـــہ ۾ تشريف فرما ٿيا تہ پاڻ هڪ خط مبارڪ روم جي بادشاهہ قيصر کي لکي ان کي اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏنائون جڏهن ان وٽ قاصد هي پيغام ڪٽي پهتو تہ انهيءَ خط مبارڪ جي وڏي تعظيم ڪئي ۽ قاصد کي بہ وڏيءَ عزت ۽ احترام سان پيش آيو ۽ جڏهن اهڙو خط مبارڪ ايران جي بادشاهہ وٽ پهتو تہ انهيءَ ان خط مبارڪ جي بي ادبي ڪري ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ۽ خط مبارڪ پهچائڻ واري قاصد جي بہ توهين ڪئي انهن ڏينهن ۾ ايران ۽ روم جي جنگ شروع هئي مسلمانن جي

(١) ضياء القرآن ص٥٦٢ـ جلد ٣

خواهش هئي تہ رومي ڪامياب ٿين پر جنگ جو نتيجو سندن خواهش جي خلاف نڪتو ايراني ڪامياب ٿي ويا ۽ رومين کي شڪست ملي اها ڳالهہ ٻڌي مسلمانن کي سخت صدمو پهتو ان وقت الله جل شانـــه هي آيتون نازل فرمايون انهن جو مطلب هي آهي تہ رومي قريبي علائقي شام ۽ اردن ۾ شڪست کائي ويا ۽ اهي ايراني پاڻ شڪست کائيندا يعني انهن تي مسلمان غالب ٿيندا...... جڏهن مسلمانن ايران تي حملو ڪري ان کي فتح ڪيو تہ اهي الله جي مدد تي خوش ٿيا. ابوعبيده جو بيان آهي تہ مون عرض ڪيو تہ اي امام عالي مقام! قرآن ڪريم بضع سنين ٽي سال مدت ٻڌائي آهي ۽ مسلمانن انهن آيتن جو نزول کان ڪافي سال پوءِ نبي ڪريم عليـــه الصلوٰة والسلام سان گڏ گذاريا ان کان پوءِ حضرت ابوبڪر رضي الله عنـــه جي خلافت جو دور گذريو ان کان پوءِ حضرت عمر رضي الله عنـه جي خلافت جي دور ۾ ايران فتح ٿيو. پاڻ فرمايائون تہ "مون توکي پهريان ئي نہ ٻڌايو هو تہ انهن آيتن جو اهڙو تفسير ۽ تاويل آهي جنهن کي الله تعالىٰ ۽ اهلبيت مان امام ئي ڄاڻن ٿا. ڪتاب الروضة جلد٢ ص١٢٩، ١٣٠ـ مطبوعـــه مڪتبـة اسلاميـه تهران ايران. حضرت امام باقر رضي الله عنـــه جي هن تفسير مان معلوم ٿيو تہ هنن آيتن ۾ ايران جي فتح ٿيڻ جي خوشخبري ٻڌائي وئي هئي ۽ اها فتح خالص الله جل شانـــه جي تائيد، نصرت ۽ مدد سان حاصل ٿي هئي ۽ ان فتح سان مسلمانن کي نهايت خوشي پهتي. قارئين ڪرام جي خدمت ۾ عرض آهي تہ اوهان پاڻ ئي اندازو لڳايو تہ جنهن خليفي (حضرت عمر) جي فوجن سان الله تعالىٰ جي امداد شامل هجي جنهن خليفي جي فتوحات جون بشارتون الله تعالىٰ پنهنجي مقدس ڪتاب ۾ ڏنيون، جنهن خليفي جي فتوحات سان ايمان وارن جي دل ۾ خوشيءَ ۽ فرحت جي بهار آئي هجي اسلام جي عزت ۽ اقبال جو سج نورافشان هجي ڇا ان خليفي جي برحق هجڻ ۾ ڪنهن قسم جي شڪ ۽ شبهي جي گنجائش آهي؟ جيڪي ماڻهو هن عظيم المرتبـــة خليفي جي روشن ڪارنامن جي باوجود ان تي طعني جي زبان کولين ٿا يا ان جي ايمان تي اعتراض ڪن ٿا انهن جي پڇاڙي ڇا ٿيندي؟ رباني آيتن جي هن شفاف آئيني ۾ ۽ حضرت امام باقر جي هن تفسير جي روشنيءَ ۾ ماڻهو حضرت فاروق اعظم جي سيرت کي ڇو نہ ٿا پڙهن؟ الله تعالىٰ اسان سيني کي حق جي واٽ تي هلڻ جي توفيق نصيب ڪري ۽ هٺ ڌرميءَ ۽ تعصب کان بچائي. آمين يا الـٰـه العالمين بحرمـــة طٰـهٰ ويٰس صلى الله عليـــه وسلم. (١)

(١) ساڳيو حوالو

اَوَلَمۡ يَتَفَكَّرُوۡا فِيۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ قف مَاخَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ

ڇا نہ غور ڪيائون پنهنجي وجودن ۾ تہ نہ پيدا ڪيو الله آسمانن ۽ زمين ڪي

وَمَا بَيۡنَهُمَاۤ اِلَّا بِالۡحَقِّ وَاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ وَاِنَّ كَثِيۡرًا مِّنَ النَّاسِ بِلِقَآءِ

۽ جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي مگر حق ۽ مدي مقرر سان ۽ تحقيق گهڻا ماڻهو پنهنجي

رَبِّهِمۡ لَكٰفِرُوۡنَ (٨) اَوَلَمۡ يَسِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ فَيَنۡظُرُوۡا كَيۡفَ كَانَ

رب جي ملاقات جا البت انڪار ڪندڙ آهن ڇا نہ گهميا زمين ۾ پوءِ ڏسن تہ ڪهڙي طرح هئي

عَاقِبَةُ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ؕ كَانُوۡۤا اَشَدَّ مِنۡهُمۡ قُوَّةً وَّاَثَارُوا الۡاَرۡضَ

پڇاڙي انهن جي جيڪي انهن کان اڳي هئا هئا وڌيڪ انهن کان طاقت ۾ ۽ کيڙيائون زمين

وَعَمَرُوۡهَاۤ اَكۡثَرَ مِمَّا عَمَرُوۡهَا وَجَآءَتۡهُمۡ رُسُلُهُمۡ

۽ آباد ڪيائون ان کي وڌيڪ ان کان جو هنن ان کي آباد ڪيو آهي ۽ آيا انهن وٽ انهن جا رسول

بِالۡبَيِّنٰتِ ؕ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظۡلِمَهُمۡ وَلٰكِنۡ كَانُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ

روشن دليلن سان پوءِ نہ آهي الله جو شان تانت ظلم ڪري انهن تي ۽ پر نفسن پنهنجن تي تي

يَظۡلِمُوۡنَ ؕ (٩) ثُمَّ كَانَ عَاقِبَةَ الَّذِيۡنَ اَسَآءُوا السُّوۡۤاٰى

ظلم ڪيائون ان کان پوءِ هئي پڇاڙي انهن جي جن برائي ڪئي بڇڙي هن سببان

اَنۡ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَكَانُوۡا بِهَا يَسۡتَهۡزِءُوۡنَ (١٠) ع ١

جو ڪوڙو ڄيائون الله جي آيتن کي ۽ انهن سان ٺٽون ڪندا هئا

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي طرفان الله جي وعدي کي سچو نہ ڄاڻڻ ۽ قيامت جي لاءِ اٿڻ جو انڪار هو ۽ هتي انفسي ۽ آفاقي دليل ڏئي ثابت ڪيو ويو آهي تہ اهو هر شيءِ جو خالق ۽ هرشيءِ تي قادر آهي فرمان مبارڪ آهي "اَوَلَمۡ يَتَفَكَّرُوۡا فِيۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ قف" ڇا پنهنجي وجودن ۾ غور نہ ڪيائون يعني اوهان جي امت مان قيامت جي لاءِ اٿڻ جو انڪار ڪندڙن اهو نہ سوچيو تہ جڏهن پاڻ ڪا شيءِ نہ هئا تہ الله جل شانه کين

ڪيئن پيدا ڪيو ۽ ڪين مختلف حالتن مان آڻي خلقت ۾ ڪامل ۽ عقل ۾ بہ ڪامل ڪيائين. جيڪو انهن جي ان خلقت تي قادر آهي اهو ڪين سندن فنا ٿيڻ کان پوءِ وري جيئرو ڪري اٿارڻ تي بہ قادر آهي (١) "مَا خَلَقَ اللّٰهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَاَجَلٍ مُّسَمًّى" الله آسمان ۽ زمين ۽ جيڪو ڪجهہ انهن جي وچ ۾ آهي حق ۽ مدي مقرر کان سواءِ پيدا نہ ڪيا آهن. يعني الله جل شانــــہ آسمان ۽ زمين ۽ جيڪي ڪجهہ انهن جي وچ ۾ آهي حڪمت کان سواءِ پيدا نہ ڪيا آهن ۽ اهي هميشــہ رهڻ جي لاءِ بہ پيدا ڪيل ناهن انهن جي فنا ٿيڻ جو بہ وقت مقرر آهي تہ انسان جيڪو اشرف الخلق آهي اهو اجايو ڪيئن پيدا ٿيو هوندو؟ ان جي پيدائش ڪنهن مقصد لاءِ آهي ۽ ان کان پوءِ اهو بہ فنا ٿيندو ۽ وري جيئرو ڪري اٿاريو ويندو. "وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ بِلِقَآئِ رَبِّهِمْ لَكٰفِرُوْنَ" ۽ بيشڪ ماڻهن مان گهڻا پنهنجي رب جي ملاقات جا انڪار ڪندڙ آهن. يعني انهن دليلن ٻڌڻ جي باوجود بہ گهڻا ماڻهو قيامت جي لاءِ اٿڻ جا منڪر آهن (٢) جيڪي ڪفر ۽ گمراهيءَ جي انڌيريءَ رات ۾ فڪر ۽ تدبر جو ڏيو روشن نہ ٿا ڪن. "اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ" ڇا زمين ۾ نہ گهميا آهن پوءِ ڏسن ها تہ جيڪي انهن کان اڳي گذريا انهن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي هئي؟ هيءَ انهن ڪافرن ڪي مذمت ڪئي وئي آهي تہ اهي اڳين جي حالتن ڪي ڏسي، نصيحت ڇو نہ ٿا وٺن ڇا انهن جا قتل ماڳ ۽ ويران مڏيون اينديءَ ويندي ڪاروباري قافلن ۾ اٿاهين لنگهندي ڪو نہ ڏٺائون؟ (٣) "كَانُوْا اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً وَّاَثَارُوا الْاَرْضَ وَعَمَرُوْهَآ اَكْثَرَ مِمَّا عَمَرُوْهَا" هنن کان اهي قوت ۾ وڌيڪ هئا ۽ (انهن) زمين کي کيڙي ۽ ان کي هنن جي آباد ڪيل کان گهڻو آباد ڪيو هو. مطلب تہ اهي اڳين امتن مان هلاڪ ڪيل هنن مڪــہ مڪرمــہ جي رهاڪن کان وڌيڪ قوت وارا هئا ۽ انهن جيڪا زمين کيڙي آباد ڪئي هئي اها بہ هنن جي آباد ڪيل کان گهڻي آهي ڇو تہ مڪــہ مڪرمــہ ۾ آباد زمين تہ ڪا نہ آهي "بِوَادٍ غَيْرِ ذِيْ زَرْعٍ" (غير آباد وادي) نہ انهن ڪا زمين کيڙي پوک پوکي آهي (٤) "وَجَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ" ۽ انهن وٽ سندن (طرف موڪليل) رسول روشن دليلن سان آيا هئا. پوءِ بہ ايمان نہ آندائون تہ الله تعالیٰ انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو (٥) "فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْآ اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ" پوءِ الله جو (شان) نہ هو تہ انهن تي ظلم ڪري ۽ پر پنهنجن نفسن تي (پاڻ) ظلم ڪيو هيائون. يعني الله جل شانــــہ جو شان ناهي تہ انهن کي جرم ۽ قصور

(١) نورالعرفان صـ٦٤٦ـ (٢) الفتوحات الالٰهيـــــة صـ٣٨٦ـ جلد ٣ (٣) الڪشاف صـ٢١٦ـ جلد ٣ (٤) خازن صـ٤٢٩ـ جلد ٣

کان سواءِ هلاڪ ڪري پر انهن پنهنجي اختيار سان گناهہ ڪيا جن جي ڪري هلاڪ تيا. علامہ آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي تہ الله هرو ڀرو ڪنهن کي هلاڪ نہ ڪندو آهي پر جيڪڏهن ڪري تہ بہ اهو ظلم نہ چئبو ڇو تہ اهو مالڪ آهي ۽ مالڪ پنهنجي ملڪيت ۾ جيئن گهري تيئن تصرف ڪري سگهي ٿو. اهو اهل السنة جو قول آهي (١) "ثُمَّ كَانَ عَاقِبَةَ الَّذِيْنَ اَسَآءُوا السُّوْٓاٰى اَنْ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَكَانُوْا بِهَا يَسْتَهْزِءُوْنَ" تنهن کان پوءِ انهن جي ڀڄاڙي جن برائي ڪئي بڇڙي هئي ان جي ڪري جو الله جي آيتن کي ڪوڙو ڇيائون ۽ انهن سان چٽرون ڪندا هئا. سمجهڻ گهرجي تہ "سوائٰ حُسْنٰى" جي وزن تي اسوا جي تانيث آهي ۽ "عَاقِبَةَ" جو لفظ "كَانَ" جي خبر مقدم ۽ "السُّوْٓاٰى" ان جو اسم موٴخر آهي (٢) مطلب تہ جن برائي ڪئي انهن جي سزا بہ نهايت بري ۽ بڇڙي يعني جهنم جي پڙڪندڙ باهہ هوندي (٣) ڇو تہ انهن الله جي آيتن کي ڪوڙو بہ چيو ۽ انهن سان چٽرون بہ ڪندا هئا.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع١ـ "اَوَلَمْ يَتَفَكَّرُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ" (ڇا پنهنجن وجودن ۾ غور نہ ڪيائون) مان واضح ٿيو تہ دنيا ۾ ڪنهن شيءِ تي غور نہ ڪرڻ بي توجهہ رهڻ ڪافرن جو ڪم آهي مومن پنهنجي وجودن تي غور ڪري الله جل شانہ جي خالق ۽ مالڪ هجڻ جو يقين حاصل ڪندا آهن ۽ آسمانن ۽ زمين کي ڏسي بہ سوچيندا آهن تہ اهي اجايا پيدا ڪيل ناهن جيڪو انهن کي وجود ڏئي سهڻي نموني بيهاري ٿو اهو مئلن کي بہ جيئرو ڪري اٿاري سگهي ٿو آيت ۾ عقلي استدلال پيش ڪيو ويو آهي.

ع٢ـ "اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ الاٰية" (ڇا زمين ۾ گهمي نہ ڏٺائون) مان معلوم ٿيو تہ انسان زمين ۾ گهمي ڦري تہ مردودن جي ويران بستين کي ڏسي پاڻ ۾ الله جل شانہ جو خوف پيدا ڪري ۽ الله جي پيارن جي مرڪزن کي ڏسي پاڻ بہ الله جل شانہ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ا هي رستا وٺي جن سان الله جل شانہ راضي ٿئي.

ع٣ـ "ثُمَّ كَانَ عَاقِبَةَ الَّذِيْنَ اَسَآءُوا السُّوْٓاٰى" (تنهن کان پوءِ انهن جي ڀڄاڙي جن برائي ڪئي بڇڙي هئي) مان واضح ٿيو تہ بري عمل جو نتيجو برو آهي تہ چڱي عمل

(١) روح المعاني ص٢٤ـ جزء ٢١ جلد ٧ (٢) ضياء القرآن ص٥٦٥ـ جلد ٣ (٣) محاسن التاويل ص١٦٨ـ جلد ٨

جو نتيجو چڱو هوندو. برائي ڪندڙ جو بدلو جهنم آهي ۽ ڀلاڪم ڪندڙ جو بدلو بهشت آهي.

اَللّٰهُ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ (١١)

الله نئين نموني ٺاهي ٿو مخلوق ان کان پوءِ وري پيدا ڪندو ان کي ان کان پوءِ ان ڏانهن موٽاياويندؤ

وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يُبْلِسُ الْمُجْرِمُوْنَ (١٢) وَلَمْ يَكُنْ لَّهُمْ مِّنْ شُرَكَآئِهِمْ

۽جنهن ڏينهن قائم ٿيندي قيامت نا اميد ٿيندامجرم۽ نہ هوندو انهن جي لاءِ شريڪ بنايلن انهن جي

شُفَعٰٓؤُا وَكَانُوْا بِشُرَكَآئِهِمْ كٰفِرِيْنَ (١٣) وَيَوْمَ

مان سفارش ڪندڙ ۽ هوندا پنهنجن شريڪ بنايلن جا انڪار ڪندڙ ۽ جنهن ڏينهن

تَقُوْمُ السَّاعَةُ يَوْمَئِذٍ يَّتَفَرَّقُوْنَ (١٤) فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

قائم ٿيندي قيامت ان ڏينهن جدا ٿيندا پوءِ پر جن ايمان آندو ۽ ڪيائون ڀلا ڪم

فَهُمْ فِيْ رَوْضَةٍ يُّحْبَرُوْنَ (١٥) وَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا

پوءِ اهي باغ (بهشت) ۾ خوش ڪيا ويندا ۽ پر جن ڪفر ڪيو ۽ ڪوڙو ڇيائون اسان جي آيتن

وَلِقَآئِ الْاٰخِرَةِ فَاُولٰٓئِكَ فِى الْعَذَابِ مُحْضَرُوْنَ (١٦) فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ

۽ آخرت جي ملڻ کي پوءِ اهي عذاب ۾ حاضر ڪيل هوندا پوءِ الله جي پاڪائي بيان ڪيو

حِيْنَ تُمْسُوْنَ وَحِيْنَ تُصْبِحُوْنَ (١٧) وَلَهُ الْحَمْدُ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

جنهن وقت سانجهي ڪيوٿا۽ جنهن وقت صبح ڪيو ٿا ۽ ان جو ئي حمد آسمانن ۽ زمين ۾ آهي

وَعَشِيًّا وَّحِيْنَ تُظْهِرُوْنَ (١٨) يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَيُخْرِجُ الْمَيِّتَ

۽ پوئين پهر ۽ جنهن وقت منجهند ڪيو ٿا ڪڍي ٿو جيئري کي مئل مان ۽ ڪڍي ٿو مئل کي

مِنَ الْحَيِّ وَيُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ وَكَذٰلِكَ تُخْرَجُوْنَ (١٩) ع

جيئري مان ۽آباد ڪري ٿو زمين کي ان جي غيرآبادهجڻ ڪانپوءِ ۽اهڙي طرح اوهان بہ ڪڍياويندؤ

رکوع ٥

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو تہ مجرمن جي عاقبت جهنم جي باهہ آهي ۽ اهو تڏهن ٿيندو جڏهن انهن کي وري جيئرو ڪري اٿاريو ويندو تہ ان جي لاءِ دليل ڏيندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اَللّٰهُ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ" (الله مخلوق کي نئين نموني ٺاهي ٿو ان کان پوءِ ان کي ورائي پيدا ڪندو ان کان پوءِ اوهان ان ڏانهن اٿارياويندؤ) هن آيت ۾ ذڪرِ ڪيل ڳالهہ جيتوڻيڪ دعوىٰ جي انداز ۾ بيان ٿيل آهي پر ان ۾ دعوىٰ جو دليل بہ موجود آهي ۽ اهو هي آهي تہ صريح عقل ان ڳالهہ جي شاهدي ڏئي ٿو تہ جنهن جي لاءِ مخلوق کي پيدا ڪرڻ جي ابتداءِ ممڪن آهي تہ ان جي لاءِ ان کي وري وجود ڏئي ميدان ۾ آڻڻ بدرجہ اولىٰ ممڪن آهي خلق جو ابتدائي وجود تہ واقع ٿيل امر، سيني جي اڳيان موجود آهي جو ڪافر ۽ مشرڪ بہ مڃين ٿا اهو سڀ الله جو ڪم آهي. ان هوندي انهن جو خيال تہ مئل جيئرا نہ ٿيندا نهايت نامعقول آهي. ان جي ڪري اي قرآن ڪريم جا ٻڌندڙؤ! يقين ڪيو تہ اوهان کي مرڻ کان پوءِ زنده ٿي الله جل شانہ جي بارگاهہ ۾ پيش ٿيڻو آهي جتي عدل ۽ انصاف سان هر ڳالهہ هلندي. "وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يُبْلِسُ الْمُجْرِمُوْنَ" ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي تہ مجرم نا اميد ٿيندا يعني انهن وٽ ڪو جواب نہ هوندو نہ پنهنجي دعوىٰ کي ثابت ڪري سگهندا بلڪ حيرت جي حالت ۾ رهندي نااميد هوندا. "وَلَمْ يَكُنْ لَّهُمْ مِّنْ شُرَكَآئِهِمْ شُفَعٰٓؤُا وَكَانُوْا بِشُرَكَآئِهِمْ كٰفِرِيْنَ" ۽ انهن جي لاءِ سندن (الله سان ٺاهيلن) شريڪن مان ڪي سفارش ڪندڙ نہ هوندا ۽ پاڻ پنهنجن (ٺاهيلن) شريڪن جا انڪاري هوندا. مقصد تہ دنيا ۾ جن بتن جي پوڄا ڪري انهن کي الله جل شانہ جو شريڪ بنايو هيائون اهي قيامت جي ڏينهن پنهنجن پوڄارين جي ڪا سفارش نہ ڪندا نہ ڪري سگهندا ۽ جڏهن قبرن مان اٿارياويندا تہ اهي اتي جي حالات ڏسي انهن باطل مغبودن جا صفا منڪر ٿي بيهندا پر پوءِ ڪهڙو فائدو؟ "وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يَوْمَئِذٍ يَّتَفَرَّقُوْنَ" ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي تہ ان ڏينهن (هڪ ٻئي کان) جدا جدا ٿي ويندا. مطلب تہ محشر جي ميدان ۾ مومن ڪافرن کان جدا ڪيا ويندا مومن جنت ڏانهن ويندا ۽ ڪافر جهنم ڏانهن (١) "فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَهُمْ فِيْ رَوْضَةٍ يُّحْبَرُوْنَ" پوءِ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا اهي (جنت جي) باغ ۾ خوش ڪيا ويندا. مفسر

(١) فتح القدير ص٦١٨ـ جلد ۴

زمخشري لکيو آهي تہ ڇا سان خوش ڪيا ويندا؟ ان ۾ مختلف اقوال آهن ابن ڪيسان جو قول آهي تہ زيور پارايا ويندا ابوبڪربن عياش جو قول آهي تہ انهن جي مٿي تي تاج ڍڪيا ويندا وڪيع جوقول آهي تہ انهن کي بهشت ۾ اهڙا مٺا آواز ٻڌايا ويندا جن سان ڪين سرور نصيب ٿيندو (١) "وَاَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَلِقَاۗءِ الْاٰخِرَةِ فَاُولٰۗىِٕكَ فِي الْعَذَابِ مُحْضَرُوْنَ" ۽ پر جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن ۽ آخرت جي ملڻ کي ڪوڙو ڄيو اهي عذاب ۾ حاضر ڪيل هوندا. مطلب تہ ڪافر، اسان جي آيتن کي ڪوڙو چوندڙ، آخرت جيِ ملڻ کي نہ مڃيندڙ هميشہ واري جهنم جي عذاب ۾ حاضر ڪيل هوندا نہ ڇٽندا نہ سندن عذاب ڪٽندو. "فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ حِيْنَ تُمْسُوْنَ وَحِيْنَ تُصْبِحُوْنَ" پوءِ الله جي ان وقت پاڪائي آهي جنهن وقت شام ٿا ڪيو ۽ جنهن وقت صبح ٿا ڪيو. سبحان مصدر جو لفظ آهي فعل محذوف جو مفعول مطلق آهي اصل ۾ هيئن آهي "فَسَبِّحُوا اللهَ سُبْحَانَہٗ" يعني الله جل شانہ جي پاڪائي بيان ڪيو. "وَلَهُ الْحَمْدُ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَعَشِيًّا وَّحِيْنَ تُظْهِرُوْنَ" ۽ ان جي لاءِ ئي آسمانن ۽ زمين ۾ حمد آهي ۽ پوئين پهر ۾ ۽ جنهن وقت منجهند ڪيو ٿا. هي نعمت جي نئين ٿيڻ ۽ قدرتي آثار جي زياده ظاهر ٿيڻ جا وقت آهن ان جي ڪري انهن ۾ تسبيح ۽ حمد جو حڪم ڪيو ويو آهي خاص ڪري نماز جا اهي وقت مقرر آهن "تُمْسُوْنَ" ۾ مغرب ۽ عشا "تُصْبِحُوْنَ" ۾ فجر "عَشِيًّا" ۾ عصر (وچين) ۽ "تُظْهِرُوْنَ" ۾ ظهر (ٻپهري) نمازون اچي ويون (٢) اهو حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ۽ ٻين مفسرن جو قول آهي (٣) "يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَيُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَيُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ۭ وَكَذٰلِكَ تُخْرَجُوْنَ" جيئري کي مئل مان ڪڍي ٿو ۽ مئل کي جيئري مان ڪڍي ٿو ۽ زمين کي ويران هجڻ ڪان پوءِ آباد ڪري ٿو ۽ (قبرن مان) اوهان بہ اهڙي طرح ڪڍيا ويندؤ مطلب تہ الله جل شانہ جي هن عظيم قدرت جو اوهان روز مشاهدو ڪيو ٿا تہ انسان کي منيءَ جي ڦڙي مان ۽ منيءَ جي ڦڙي کي انسان مان پکيءَ کي آني مان آني کي پکيءَ مان، مومن کي ڪافر مان ڪافر کي مومن مان پيدا ڪري رهيو آهي ۽ زمين جڏهن خشڪ ۽ ويران ٿيندي آهي تہ ان کي پنهنجي رحمت جي پاڻي سان آباد ڪندو آهي الغرض تہ موت ۽ حياتي حقيقي هجن يا مجازي حسي هجن يا معنوي سڀ جي واڳ ان جي هٿ ۾ آهي. پوءِ اوهان کي زنده ڪري پنهنجي دربار ۾ پيش ڪرڻ ان جي اڳيان ڪهڙو مشڪل آهي؟ يقين ڪيو تہ اهو هرشيءِ تي قادر آهي.

(١٢) الڪشاف صـ٦١٨ـ جلد ٣ (٢) حاشيہ دريابادي صـ٨١٧ـ (٣) ضياء القرآن صـ٥٦٧ـ جلد ٣

فائدا

مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "اَللّٰهُ يَبۡدَؤُا الۡخَلۡقَ ثُمَّ يُعِيۡدُهٗ" الآيـة (الله نئين طرح خلق کي پيدا فرمائي ٿو ان کان پوءِ ان کي وري ٺاهيندو) مان واضح ٿيو ته عقلمند انسان قيامت جو انڪار نه ڪندو ڇو ته اهو سوچيندو ته جيڪو الله جل شانــه مخلوق کي بالڪل نئين نموني ٺاهڻ تي قادر آهي اهو ان نهيل کي وري تازو ٺاهي ميدان ۾ آڻڻ تي به يقينًا قادر آهي.

ع٢ـ "يُبۡلِسُ الۡمُجۡرِمُوۡنَ" (مجرم نااميد ٿيندا) مان واضح ٿيو ته قيامت جي ڏينهن مخلص مومن نااميد نه هوندا. انهن کي الله جل شانــه جي رحمت ۽ نبي ڪريم عليــه الصلوٰة والسلام جي شفاعت ۾ اميد هوندي ڪافرن جا باطل معبود ڪنهن جي ڪم نه ايندا پر حضور عليـه الصلوٰة والسلام جن ساري جهان تي رحمت ڪندا. (١)

ع٣ـ "وَلَمۡ يَكُنۡ لَّهُمۡ مِّنۡ شُرَكَآئِهِمۡ شُفَعٰٓؤُا" (۽ انهن جي لاءِ سندن هٿ سان الله جي لاءِ بنايل) شريڪن مان سفارش ڪندڙ نه هوندا) مان واضح ٿيو ته قيامت ۾ ڪافر ۽ مشرڪ جي لاءِ شفاعت نه هوندي (٢) پر مومنن جي لاءِ انبياءَ عظام عليهم الصلوٰة والسلام، اولياءَ ڪرام ۽ علماءَ ربانيين وغيرهم شفاعت ڪندڙ هوندا. (٣)

ع٤ـ "فَهُمۡ فِيۡ رَوۡضَةٍ يُّحۡبَرُوۡنَ" (اهي (بهشت جي) باغ ۾ خوش ڪياويندا) "يُحۡبَرُوۡنَ" حبور کان ورتل آهي ان جي معنیٰ آهي سرور ۽ خوشي هن مان واضح ٿيو ته جنتين کي هر قسم جي انهن نعمتن سان نوازيو ويندو جيڪي کين خوش رکنديون بعض مفسرن جيڪي خاص خاص شيون هن آيت ۾ بيان ڪيون آهن سي سڀ هن جي عموم ۾ داخل آهن. (٤)

ع٥ـ "فَسُبۡحٰنَ اللّٰهِ --- کان --- وَكَذٰلِكَ تُخۡرَجُوۡنَ" تائين به آيتون نهايت اعلیٰ وظيفو آهن حضرت معاذ بن انس کان صحيح سند سان روايت آهي ته حضرت ابراهيم علیٰ نبينا وعليــه الصلوٰة والسلام کي قرآن پاڪ ۾ "وَاِبۡرٰهِيۡمَ الَّذِيۡ وَفّٰٓى" (٥) وعدي وفا ڪرڻ وارو سڏيو ويو آهي ابوداؤد طبراني ۽ ابن سني حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته "جنهن شخص صبح جو هي به آيتون پڙهيون ته ان سڄي ڏينهن ۾ ان کان جيڪا به ڪوتاهي ٿيندي اها هنن جي برڪت سان پوري ڪئي ويندي ۽ جنهن هي ٻئي آيتون رات جو تلاوت ڪيون ته انهن جي برڪت سان ان کان رات جو ٿيل ڪوتاهي پوري ڪئي ويندي." (٦)

(١) نورالعرفان ص٦٤٧ـ (٢) ايسرالتفاسير ص٤٧٧ـ جلد ٣ (٣) نورالعرفان ص٦٤٦ـ (٤) معارف القرآن ص٧٦٨ـ جلد ٦ (٥) سورة النجم آيت ع٣٧ـ (٦) معارف القرآن ص٧٣٠ـ جلد ٦

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ اِذَآ اَنْتُمْ

۽ ان جي نشانين مان هي آهي تہ پيدا ڪيائين اوهان کي مٽيءَ مان ان کان پوءِ انهيءَ مهل اوهان

بَشَرٌ تَنْتَشِرُوْنَ (٢٠) وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ خَلَقَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ

ماڻهو ٿي گهمو ڦرو ٿا۽ان جي نشانين مان هي بہ آهي تہ پيدا ڪيائين اوهان لاءِ اوهان (جي جنس)مان

اَزْوَاجًا لِّتَسْكُنُوْٓا اِلَيْهَا وَجَعَلَ بَيْنَكُمْ مَّوَدَّةً وَّرَحْمَةً ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ

زالون تانت سڪون وٺو انهن سان ۽ ڪيائين اوهان ۾ پيار ۽ ٻاجهہ بلا شڪ ان ۾ البت

لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ (٢١) وَمِنْ اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ

نشانيون آهن ان قوم جي لاءِ جيڪي سوچين ٿا۽ان جي نشانين مان آسمانن۽ زمين جو پيدا ڪرڻ

وَاخْتِلَافُ اَلْسِنَتِكُمْ وَاَلْوَانِكُمْ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلْعٰلِمِيْنَ (٢٢)

۽ اوهان جي زبانن ۽ رنگن جو مختلف هجڻ آهي بيشڪ ان ۾ البت نشانيون آهن ڄاڻندڙن جي لاءِ

وَمِنْ اٰيٰتِهٖ مَنَامُكُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَابْتِغَآؤُكُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ

۽ ان جي نشانين مان اوهان جي ننڊ آهي رات جو ۽ ڏينهن جوءِ اوهان جي طلب ڪرڻ آهي ان جي فضل مان

اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ (٢٣) وَمِنْ اٰيٰتِهٖ

بلاشڪ ان ۾ البت نشانيون آهن ان قوم جي لاءِ جيڪي ٻڌن ٿا ۽ ان جي نشانين مان آهي جو

يُرِيْكُمُ الْبَرْقَ خَوْفًا وَّطَمَعًا وَّيُنَزِّلُ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَيُحْيٖ

ڏيکاري ٿو اوهان کي وڄ ڊيڄارڻ ۽ اميد رکڻ لاءِ ۽لاهي ٿو آسمان مان پاڻي پوءِ آبادڪري ٿو ان سان

بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ (٢٤)

زمين ان جي ويران هجڻ ڪانپوءِ بلاشڪ ان ۾البت نشانيون آهن ان قوم جي لاءِ جيڪي عقل رکن ٿا

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ تَقُوْمَ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ بِاَمْرِهٖ ؕ ثُمَّ اِذَا دَعَاكُمْ

۽ان جي نشانين مان آهن هي جو بيٺو آسمان ۽ زمين ان جي امرسان ان کان پوءِ جڏهن سڏيندو اوهان کي

دَعْوَةً ۖ مِّنَ الْاَرْضِ اِذَآ اَنْتُمْ تَخْرُجُوْنَ (٢٥) وَلَهٗ مَنْ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ

هڪ ڀيرو سڏڻ زمين مان تہ ان مهل اوهان نڪرندؤ۽ ان جو آهي جيڪو آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ آهي

كُلٌّ لَّهٗ قَانِتُوْنَ (٢٦) وَهُوَالَّذِیْ يَبْدَؤُ الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ

سڀئي ان جا فرمانبردار آهن ۽ اهوئي آهي جيڪو نئين نموني ٺاهي ٿو مخلوق ان ڪان پوءِ ان کي موٽائيندو

وَهُوَاَهْوَنُ عَلَيْهِ ؕ وَلَهُ الْمَثَلُ الْاَعْلٰى فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ

۽ اهو گهڻو آسان آهي ان لاءِ ۽ ان جو ئي شان مٿاهون آهي آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ ۽ اهو ئي

الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ؏ (٢٧)

غالب، حڪمت وارو آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل شانــــه پنهنجي خالقيت جي شان ۽ پاڪائي بيان ڪرڻ جي حڪم کي بيان ڪيو ۽ هنن آيتن ۾ بہ پنهنجي خالقيت جي شان کي بيان ڪندي ارشاد فرمايو اٿس "وَمِنْ اٰيٰتِهٖۤ اَنْ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ اِذَاۤ اَنْتُمْ بَشَرٌ تَنْتَشِرُوْنَ" ۽ ان جي نشانين مان هي بہ آهي جو اوهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيائين ان ڪان پوءِ اوهان انسان ٿي گهمو ڦرو پيا. هيءَ بہ الله جي خالقيت جي عجيب ڳالهہ آهي جو مٽيءَ جماد (بي ساهي شيءِ) مان انسان هلندڙ ڦرندڙ وجود ۾ آيو ۽ اهو الله جل شانــــه جي وحدانيت، ڪبريائي، قدرت ۽ حڪمت جو دليل آهي انسان جيڪڏهن غور ڪري تہ الله جل شانــه جي شان الوهيت جو قطعي طور انڪار نہ ڪري. "وَمِنْ اٰيٰتِهٖۤ اَنْ خَلَقَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا لِّتَسْكُنُوْۤا اِلَيْهَا وَجَعَلَ بَيْنَكُمْ مَّوَدَّةً وَّرَحْمَةً" ۽ ان جي نشانين مان هي بہ آهن جو اوهان جي لاءِ اوهان جي وجودن (جي جنس) مان زالون پيدا ڪيائين تانت انهن سان سڪون حاصل ڪيو ۽ اوهان جي وچ ۾ پيار ۽ ٻاجهہ ڪيائين. يعني زندگيءَ جي ڏکين مرحلن کي طي ڪرڻ لاءِ اوهان جي جنس مان اوهان لاءِ زالون پيدا ڪيائين جيڪي اوهان جون رفيق حيات بنجي اوهان جي لاءِ سڪون جو سبب ٿين ٿيون ۽ اوهان ۾ هڪ ٻئي سان مڙس ۽ زال جي لحاظ سان محبت، مودت ۽ پيار بہ پيدا ڪيو اٿس "اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ" بلاشڪ ان ۾ فڪر ڪرڻ واري قوم جي لاءِ نشانيون آهن يعني مڙس ۽ زال کي پيدا ڪري انهن ۾ هڪ ٻئي سان محبت ۽ پيار جو سرشتو قائم ڪرڻ ۾ سمجهہ وارن جي لاءِ هڪ نہ ڪيترا دليل نشانيون آهن جن مان الله جل شانـه جي خالقيت، الوهيت ۽ ربوبيت جي اقرار ڪرڻ ۽ ميڃڻ جا رستا ملن ٿا. جيڪو جيترو سوچيندو ان کي اوتري معرفت حاصل ٿيندي.

"وَمِنْ اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاخْتِلَافُ اَلْسِنَتِكُمْ وَاَلْوَانِكُمْ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلْعٰلِمِيْنَ" ۽ ان جي نشانين مان آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ ۽ اوهان جي ٻولين ۽ اوهان جي رنگن جو مختلف هجڻ آهي بلاشڪ ان ۾ علم وارن جي لاءِ نشانيون آهن. يعني آسمانن ۽ زمين جي پيدا ٿيڻ تي جيڪو غور ڪندو ان کي ٻه الله جل شانه جي قدرت جا ڪمال نظر ايندا ۽ هڪ حضرت آدمؑ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي اولاد جا مختلف رنگ ۽ مختلف ٻوليون ڏسي علم وارا نتيجو اهو ونندا ته اهو سڀ ڪجهه ان ڪريم جي ڪارسازي جو نظارو آهي جيڪو وحده لاشريڪ لـه آهي نه ان جو ڪو شريڪ آهي نه برابر. "وَمِنْ اٰيٰتِهٖ مَنَامُكُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَابْتِغَآؤُكُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ" ۽ ان جي نشانين مان آهي اوهان جي رات جو ۽ ڏينهن جو ننڊ ڪرڻ ۽ اوهان جي ان جي فضل مان طلب ڪرڻ، بلاشڪ ان ۾ ان قوم جي لاءِ جيڪي ٻڌن ٿا البت نشانيون آهن مطلب ته نصيحت ٻڌڻ وارا. ان کي سوچڻ وارا اهي الٰهي نعمتون ڏسي جو ڪين رات ته رات آهي پر ڏينهن جو ٻه آرام ۽ ننڊ نصيب ڪري ٿو ۽ اوهان جي طرفان انهن وقتن ۾ الله جو فضل، رزق روزي طلب ڪرڻ ۽ سک جو ساهه کڻڻ ۾ ٻه قدرتي نشانيون آهن. "وَمِنْ اٰيٰتِهٖ يُرِيْكُمُ الْبَرْقَ خَوْفًا وَّطَمَعًا وَّيُنَزِّلُ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَيُحْيٖ بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ" ۽ ان جي نشانين مان هي ٻه آهي جو اوهان کي وڄ ڊپ ڏيارڻ ۽ اميد رکڻ جي لاءِ ڏيکاري ٿو ۽ آسمان کان (مينهن جو) پاڻي لاهي ان سان زمين کي ويران ٿيڻ کان بعد آباد ٿو ڪري يقيناً ان ۾ عقلمند قوم جي لاءِ نشانيون آهن. جيڪڏهن الله جا علم وارا پانها ڪوشش ڪن ته انهن اشارن مان فائدا وٺندي بارش، زمين ۽ فضائي ڪائنات جي متعلق ڪيترا علوم مرتب ڪري سگهن ٿا "خَوْفًا وَّطَمَعًا" جو مطلب آهي ته هڪ طرف گهٽي بارش وسڻ سان وڏيون اميدون قائم ڪجن ٿيون ۽ ٻئي طرف طوفاني بارش مان خوف ٻه ٿيندو آهي. آيت جي مفهوم ۾ جيڪڏهن وسعت کان ڪم ورتو وڃي ته سموري برقي ترقي ان ۾ اچي ٿي وڃي برقي آلات سان انسان زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ترقيون ڪري سگهي ٿو ۽ ڪڏهن وري اهيئي مشينون ان جي هلاڪت ۽ تباهيءَ جو سبب ٻه بنجنديون آهن "خَوْفًا وَّطَمَعًا" ۾ ٻنهي شانن جو ظهور آهي "وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ تَقُوْمَ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ بِاَمْرِهٖ" ۽ ان جي نشانين مان هي ٻه آهي ته آسمان ۽ زمين ان جي امر سان بيٺا آهن. يعني اهي پاڻهي پاڻ نه پر الاهي ارادي سان ان حال تي آهن. هن کان اڳي ڪائنات جي پيدائش جو ذڪر هو ۽ هتي جهان جي نظام جو. هي سڀ الله جي ارادي ۽ مشيت سان بيٺا آهن نه ڪنهن اوزار جا ۽ نه ڪنهن سهاري جا

محتاج آهن "ثُمَّ إِذَا دَعَاكُمْ دَعْوَةً مِّنَ الْأَرْضِ إِذَا أَنتُمْ تَخْرُجُونَ" ان کان پوءِ جڏهن اوهان کي هڪ سڏ سان زمين مان سڏيندو تہ ان مهل اوهان نڪري ايندؤ مٿي آيل لفظ "بِأَمْرِهِ" جي وضاحت ڪندي مفسر بيضاوي لکيو آهي تہ "أَمْرٌ" جو لفظ قدرتي ڪمال ۾ مبالغي لاءِ آيل آهي ۽ ٻڌايو ويو تہ الله جل شانــــہ ڪنهن اوزار جو محتاج ناهي (١) "وَلَهُ مَن فِي السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ كُلٌّ لَّهُ قَانِتُونَ" ۽ جيڪو ڪجهہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي ان جي ملڪيت آهي سڀئي ان جا فرمانبردار آهن يعني ملائڪ، جن، انسان جيڪا بہ حياتيءَ ۽ ارادي واري مخلوق آهي سڀ ان جي ملڪيت ۽ اضطراري طور الٰهي قانون جا پائبند آهن ڪنهن کي بہ مجال ناهي جو ان جي حڪم کان روگرداني ڪري سگهي ۽ ڪنهن ۾ بہ طاقت ناهي جو ان جي تڪويني قانون کي ٽوڙي ٻاهر نڪري. "وَهُوَ الَّذِي يَبْدَأُ الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيدُهُ وَهُوَ أَهْوَنُ عَلَيْهِ" ۽ اهو (الله) اهو آهي جيڪو خلق کي نئين نموني ٺاهي ٿو ان کان پوءِ ان کي موٽائيندو ۽ اهو موٽائڻ ان لاءِ گهڻو آسان آهي قيامت جي لاءِ قبرن مان اٿڻ محشر جي ميدان ۾ پيش ٿيڻ ٿي جيڪو شبهو پيدا ٿيو ٿي ان جو ازالو ڪرڻ جي لاءِ بار بار هي حقيقتون ذهن ۾ آنديون وڃن ٿيون تہ جنهن الله کي پهريون پيدا ڪندڙ ۽ ڪائنات جو خالق اوهان پاڻ بہ مڃيو ٿا ان جو ئي اهو شان بيان ڪيو وڃي ٿو تہ مئلن کي زنده ڪندو تہ پوءِ اوهان ان کي ناممڪن ۽ مستبعد ڪيئن ٿا سمجهو؟ اهو تہ ان جي لاءِ وڌيڪ آسان آهي.

تنبيه

"وڌيڪ آسان" اسان جي نسبت سان اسان کي سمجهائڻ لاءِ بيان ٿيو آهي نہ تہ الله جل شانہ جي اڳيان گهٽ آسان يا وڌ آسان جو سوال ئي نہ ٿو پيدا ٿئي ان لاءِ هر ڪم آسان آهي. "وَلَهُ الْمَثَلُ الْأَعْلَىٰ فِي السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضِ" ۽ ان جو آسمانن ۽ زمين ۾ (سڀني کان مٿي) اعلىٰ شان آهي جو نہ اهڙو وڏو آسمانن ۾ آهي نہ زمين ۾. الله جل شانہ جو عُلُوُ اضافي نہ آهي مطلق آهي ان جو اعلىٰ هجڻ ان وقت کان آهي جڏهن ادنىٰ جو تصور بہ نہ هو "وَهُوَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ" ۽ اهوئي غالب حڪمت وارو آهي. جڏهن بہ گهري پنهنجي قدرت سان "الْعَزِيزُ" اسم جي تقاضا مطابق قيامت قائم ڪري سگهي ٿو پر "الْحَكِيمُ" بہ آهي ان جي ڪري قيامت تڏهن قائم ڪندو جڏهن سندس حڪمت جي تقاضا هوندي ۽ اها ئي عين مصلحت آهي.

(١) البيضاوي ڪامل صـ٥٣٧ـ

فائدا

مذكوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين تين ٿا.

ع١ـ آيت ع٢٠ـ مان واضح ٿيو ته الله جل شانـه جي قدرت ڪيتري نرالي آهي جو انسان کي چئن عنصرن (١. باهه ٢. پاڻي ٣. هوا ٤. مٽي) مان گهٽ ۾ گهٽ عنصر مان پيدا ڪيائين ڇو ته ٻين ٽن عنصرن ۾ ڪجهه نه ڪجهه چرپر آهي پر هن ۾ ته ڪا به ناهي.

ع٢ـ آيت ع٢١ـ مان واضح ٿيو ته الله جل شانـه جي قدرت جو هي به ڪمال آهي جو انسان جي ئي جنس مان عورتون پيدا ڪيائين جيڪي مڙسن جون زالون بڻيون هڪ ئي مادي مان، هڪ ئي جاءِ مان هڪ ئي غذا مان پيدا ٿيڻ وارن ٻارن ۾ هڪ ٻي مختلف قسم پيدا ڪيائين جن جي اعضاءَ وجوارح، صورت ۽ سيرت، عادات ۽ اخلاق ۾ نمايان تفاوت ۽ امتياز آهي الله جل شانـــه جي ڪمالِ قدرت ۽ حڪمت جي لاءِ اها تخليق ئي ڪافي نشاني آهي.

ع٣ـ "لِتَسْكُنُوٓا اِلَيْهَا" (تانت انهن سان سڪون حاصل ڪيو) مان واضح ٿيو ته زالون مڙسن جي انهن سڀني ضرورتن لاءِ جن جي ڪيس ضرورت آهي سڪون جو سبب آهن ۽ ان مان اهو به واضح ٿيو ته ازدواجي زندگي جي سموري ڪاروبار جو خلاصو سڪون ۽ قلب جي راحت آهي جنهن گهر ۾ اهو آهي اهو پنهنجي تخليق جي مقصد ۾ ڪامياب آهي ۽ اهو تڏهن ٿيندو جڏهن ٻئي ڌريون هڪ ٻئي جا حق سڃاڻن ۽ ادا ڪن.

ع٤ـ "وَجَعَلَ بَيْنَكُمْ مَّوَدَّةً وَّرَحْمَـــــةً" (۽ اوهان جي وچ ۾محبت ۽ رحمت پيدا فرمايائين) هتي ٻه لفظ ١. مودة ۽ ٢. رحمة اختيار ڪرڻ سان ممڪن آهي ته ان طرف اشارو هجي ته مودت (محبت) جو تعلق جوانيءَ سان هجي جنهن ۾ طرفين جي خواهشات کين هڪ ٻئي سان محبت ۽ الفت تي مجبور ڪندي هجي ۽ وڏيءَ عمر ۾ جڏهن هي جذبات ختم ٿي ويندا آهن ته هڪ ٻئي سان طبعي رحمت ۽ احساس پيدا ٿيندا آهن.

ضَرَبَ لَكُمْ مَّثَلًا مِّنْ اَنْفُسِكُمْ ؕ هَلْ لَّكُمْ مِّنْ مَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ

هنيائين اوهان جي لاءِ مثال اوهان مان ڇا اوهان جي لاءِ آهن انهن مان جو مالڪ ٿيا سڄا هٿ اوهان جا

مِّنْ شُرَكَآءَ فِيْمَا رَزَقْنٰكُمْ فَاَنْتُمْ فِيْهِ سَوَآءٌ تَخَافُوْنَهُمْ

شريڪ ان ۾ جو رزق ڏنوسون اوهان کي پوءِ اوهان ان ۾ برابر آهيو ڊڄندا آهيو انهن کان

كَخِيفَتِكُمْ اَنْفُسَكُمْ ط كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ

مثل ڊڄڻ اوهان جي پاڻ کان اهڙي طرح سان تفصيل سان بيان ڪيون ٿا نشانيون

لِقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ (٢٨) بَلِ اتَّبَعَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَهْوَآءَ هُمْ

ان قوم جي لاءِ جيڪي علقمند آهن بلڪ تابع ٿيا آهي شخص جو ظلمُ ڪيائون پنهنجين سڌن جا

بِغَيْرِ عِلْمٍ ج فَمَنْ يَّهْدِىْ مَنْ اَضَلَّ اللّٰهُ ط وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ (٢٩)

علم کانسواءِ پوءِ ڪير هدايت ڪندو ان کي جنهن کي گمراه ڪيو الله ۽ ناهن انهن جاڪي مددگار

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل شانــه مخلوق کي مرڻ کان پوءِ جيئري ڪرڻ تي دليل بيان ڪيا ۽ هتي پنهنجي وحدانيت تي دليل بيان ڪندي فرمايواتس "ضَرَبَ لَكُمْ مَّثَلًا مِّنْ اَنْفُسِكُمْ ط" اوهان جي لاءِ اوهان مان هڪ مثال بيان ڪيو اٿس جنهن مان توحيد جي مسئلي تي وڏيڪ روشني پوي ٿي. "هَلْ لَّكُمْ مِّنْ مَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ مِّنْ شُرَكَآءَ فِيْمَا رَزَقْنٰكُمْ فَاَنْتُمْ فِيْهِ سَوَآءٌ تَخَافُوْنَهُمْ كَخِيْفَتِكُمْ اَنْفُسَكُمْ ط" ڇا اوهان لاءِ (اوهان جي خريد ڪيل ٻانهن مان) جن جا اوهان (مجازًا) مالڪ آهيو اسان جيَ طرفان اوهان کي ڏنل رزق ۾ اوهان جا شريڪ آهن؟ جو اوهان ان ۾ برابر هجو اوهان انهن کان ائين ڊڄو پيا جيئن پنهنجن جو ڊپ رکو پيا؟ مقصد ته اي الله جل شانـــه سان مختلف شين کي شريڪ بنائڻ وارو! اوهان ٻڌايو ته جيڪو رزق اسان اوهان کي ڏنو آهي ڇا اوهان جا خريد ڪيل غلام اوهان سان ان ۾ اهڙي طرح شريڪ ٿي سگهن ٿا جو ملڪيت جا سيئي حقوق تصرف ڪرڻ جا سيئي اختيارات انهن کي پنهنجيءَ مرضيءَ سان استعمال ڪرڻ جي مڪمل آزاديءَ ۾ اوهان ۽ اهي برابر هجو ۽ جيڪڏهن اوهان پنهنجيءَ مرضيءَ سان انهن جي مرضيءَ کان سواءِ ڪجهه خرچ ڪرڻ لڳو ته اوهان کي انهن جي طرفان مزاحمت ڪرڻ اعتراض ڪرڻ بلڪ فساد ڪرڻ جو خطرو هجي جيڪڏهن ائين ناهي ۽ يقينًا ناهي ته اوهان پاڻ انصاف ڪيو ته جيڪڏهن اوهان پنهنجن خريد ڪيلن غلامن کي اهڙي طرح شريڪ هجڻ پسند نه ٿا ڪيو ته الله جل شانـــه جيڪو ڪائنات جي هر شيءَ جو خالق، مالڪ آهي اوهان ان سان بي ساه شين يا فنا ٿيندڙ انسانن کي شريڪ بنايو ٿا اها ڪيڏي نه بي انصافي آهي جيڪا اوهان کي ڪڏهن به زيب نه ٿي ڏئي "كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ" اهڙي طرح ان قوم جي لاءِ جيڪي

عقلمند آهن نشانيون کولي کولي بيان کيون ٿا. صلاحيت ۽ عقل وارا انسان نہ سوچيندا تہ بشري فطرت سان، اهڙي طرح جي استدلالات سان علم کلام پورو پورو ترتيب ڏئي سگهندا.

ذهن نشين فرمايو

هن آيت جي لفظن کي سمجهڻ ۽ ان مان مراد ذهن نشين کرڻ لاءِ ڄاڻڻ گهرجي تہ "مِنْ اَنْفُسِكُمْ" مان مراد آهي من احوال "اَنْفُسِكُمْ" يعني هي مثال اوهان جي حالات مان ورتل آهي جنهن جو تجربو اوهان رات ڏينهن کيو پيا "هَلْ لَّكُمْ" هي استفهام انکاري آهي يعني ائين نہ ٿيندو آهي "لَّكُمْ" خبرمقدم آهي ۽ "من شركاءَ" مبتدا مؤخر آهي من زائده آهي ۽ استفهام انکاريءَ مان نفي جي جيکا مفهوم سمجهي وڃي ٿي ان ۾ وڌيڪ تاکيد پيدا کرڻ جي لاءِ استعمال ٿي آهي ۽ "مِنْ مَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ" حال آهي ۽ "مِنْ شُرَكَآءَ" ذوالحال جڏهن تہ ذوالحال نکره آهي ان جي کري ان جو حال اڳ ۾ بيان ٿيو آهي ۽ "فَاَنْتُمْ" سان يا "وَهُمْ" مقدر آهي يعني اوهان ۽ اهي يا "اَنْتُمْ" تغليب طور مخاطبين ۽ انهن جي غلامن کي شامل آهي. "سَوَآءٌ" يعني اوهان ۽ اهي ان رزق ۾ برابر آهيو اوهان ۽ انهن ۾ تصرف کرڻ جي لحاظ سان کو فرق ناهي. "بَلِ اتَّبَعَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَهْوَآءَ هُمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ" بلک ظالم علم کان سواءِ پنهنجين خواهشن جا تابع بڻيا آهن. مطلب تہ اهي ظالم نہ عقل ٿا رکن نہ علم نہ کنهن خيرخواه جي نصيحت قبول کن ٿا جهالت جي انڌيري ۾ ڌکا کائي رهيا آهن "فَمَنْ يَّهْدِيْ مَنْ اَضَلَّ اللّٰهُ" پوءِ جنهن کي الله گمراه کري ان کي ڪير هدايت کندو؟ مقصد تہ اهي شخص قطعًا ان جا مستحق ناهن جو انهن جي لاءِ هدايت جا دروازا کوليا وڃن مسلسل بي فرمانين جي کري انهن هدايت قبول کرڻ جي صلاحيت ئي ختم کري ڇڏي آهي اهي الٰهي توفيق کان محروم کيل آهن هاڻي سڌي واٽ نہ وٺندا. "وَمَا لَهُمْ مِّنْ نّٰصِرِيْنَ" ۽ انهن جا کي بہ مددگار ناهن جو انهن کي الٰهي عذاب کان ڇڏائي آزاد کن.

فائدا

مذکوه آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا:

١ـ "ضَرَبَ لَكُمْ مَّثَلًا مِّنْ اَنْفُسِكُمْ" (اوهان لاءِ (اوهان جي احوال) مان ئي مثال بيان کيائين) مان واضح ٿيو تہ کا ڳالهہ يا عقيدو سمجهائڻ جي لاءِ مثال ڏيڻ منع ناهي بلک اهو قرآن کريم جو طريقو آهي.

ع٢ـ "بَلِ اتَّبَعَ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَهْوَآءَ هُمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ" (بلڪ ظالم علم کان سواءِ پنهنجين خواهشن جا تابع ٿيا) مان واضح ٿيو تہ علم کان سواءِ نفساني خيالن جي پويان هلڻ تحقيق کان سواءِ ڪو فيصلو ڏيڻ ظالمن جو ڪم آهي نہ انهن کي هدايت نصيب ٿيندي ۽ نہ انهن جي شفاعت ڪرڻ وارا ڪي مددگار هوندا.

فَاَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًاؕ فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِيْ

پوءِ سامهون رک منهن (مبارڪ) پنهنجو دين لاءِ پورو هڪ طرف هوندڙ الله جي دين تي جو

فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَاؕ لَاتَبْدِيْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِؕ ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُۙ وَلٰكِنَّ

پيدا ڪيائين ماڻهن کي ان تي ناهي تبديلي الله جي خلقڻ کي اهو ئي دين سڌو آهي ۽ پر گهڻا

اَكْثَرَ النَّاسِ لَايَعْلَمُوْنَ (٣٠) مُنِيْبِيْنَ اِلَيْهِ وَاتَّقُوْهُ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَلَاتَكُوْنُوْا

ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن موٽندڙ ٿي ان ڏانهن ۽ ڊڄو ان کان ۽ نماز قائم ڪيو ۽ نہ ٿيو

مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ (٣١) مِنَ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًاؕ

مشرڪن مان انهن مان جن ٽڪرا ٽڪرا ڪيو پنهنجي دين کي ۽ ٿيا ٽولا ٽولا

كُلُّ حِزْبٍۭ بِمَالَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ (٣٢)

هرڪا ٽولي ان تي جيڪو انهن وٽ آهي خوش ٿيندڙ آهي.

تفسير

الله تعالیٰ اڳين آيتن ۾ پنهنجي وحدانيت تي دليل بيان فرمايا ۽ حشر جي ڏينهن کي ثابت ڪري ان جي لاءِ مثال بہ ٻڌايا ۽ پنهنجي رسول عليہ الصلوٰة والسلام کي تسلي ڏنائين ۽ هتي وري سندن ذات پاڪ سان خطاب ڪندي کين مڪمل طور پنهنجي دين ڏانهن متوجہ رهڻ جو حڪم ڪيائين. ارشاد مبارڪ آهي. "فَاَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا" پنهنجي منهن (مبارڪ) کي دين لاءِ سڌو رک پورو حق تي هلندڙ باطل کان منهن موڙيندڙ ٿيءُ. هن آيت جي شروعات ۾ آيل "ف" لفظ تاڪيد جي لاءِ آهي يعني الله جل شانہ جي وحدانيت ۽ ان جي ڪامل قدرت دلائل ۽ شواهد سان ثابت آهي قيامت قائم ٿيڻ جي متعلق جيڪي شڪوڪ ۽ شبهات هئا انهن جو ازالو ٿي ويو هاڻي هر طرف

كان منهن موڙي، توجه هٽائي ان سچي دين تي مضبوط ٿي رهہ منهن کي سڌو رکڻ مان مراد آهي مکمل طرح ان ڏانهن متوجہ رهڻ ۽ دين جو پورو پائبند هجڻ. "فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِيْ فَطَرَالنَّاسَ عَلَيْهَا" الله جو دين جنهن تي ماڻهن کي پيدا فرمايائين. مطلب تہ هي دين سليم عقل سان ڪلي طرح مطابق آهي ان جي ڪري فطري طور بہ انسان نہ ان کان منهن موڙي سگهي ٿو ۽ نہ ان جو انڪار ڪري سگهي ٿو انساني فطرت جون جيڪي بہ تقاضائون جنسي، معاشي، اخلاقي،عقلي يا روحاني آهن هي دين انهن هر قسم جي تقاضائن کي پورو ڪري ٿو جنهن جي ڪري زندگي نهايت مسرت سان گذري ٿي ۽ عمل ڪندڙ جي مٿي تي ابدي سعادت جو تاج رکيو وڃي ٿو. حضرت انس رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله صلی الله عليہ سلم جن فرمايو "فِطْرَتَ اللّٰهِ الَّتِيْ فَطَرَالنَّاسَ عَلَيْهَا" دين الله تعالیٰ" يعني هتي فطرت مان مراد الله جو دين آهي ۽ِ روايت آهي تہ "رسول الله صلی الله عليہ وسلم" جن فرمايو "مامن مولو ديولد الاعلى الفطرة فابواه يهودانہ اوينصرانہ اويمجسانہ" (الحديث) يعني هر ٻار دين فطرت تي پيدا ٿيندو آهي پوءِ ان کي ان جا پيءُ ماءُ يهودي يا نصارو يا مجوسي بنائين ٿا. (١)
"لَاتَبْدِيْلَ لِخَلْقِ اللّٰهِ" الله جي خلقڻ ۾ ڪا بہ تبديلي ناهي. مطلب تہ هي دين قديم ۽ ازلي آهي ان کي قبول ڪرڻ جي صلاحيت بہ بشر ۾ رکيل آهي اهو تبديل نہ ٿيندو. "ذٰلِكَ الدِّيْنُ الْقَيِّمُ" اهوئي سڌو دين آهي. جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڏنگائي ناهي. "وَلٰكِنَّ اَكْثَرَالنَّاسِ لَايَعْلَمُوْنَ" ۽ پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن يعني پنهنجي بي توجهيءَ ۽ منهن موڙڻ جي ڪري اها حقيقت نہ ٿا سمجهن. "مُنِيْبِيْنَ اِلَيْهِ وَاتَّقُوْهُ وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَلَاتَكُوْنُوْا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ" ان ڏانهن موٽندڙ ٿي ۽ ان کان ڊڄو ۽ نماز قائم ڪيو ۽ مشرڪن مان نہ ٿيو يعني اصلي دين کي ان ڏانهن رجوع ڪندي مضبوطيءَ سان وٺو جيڪڏهن صرف دنيوي مصلحت جي لاءِ اهو ڪم ڪندؤ تہ دين درست نہ رهندو اڳيان فطر تي دين جا ڪجهہ اهم اصول بيان ٿيا تہ الله کان ڊڄندا رهو نماز قائم ڪيو، جلي ۽ خفي شرڪ کان بيزار ٿيندي مشرڪن سان گڏ نہ هجو انهن کان پري رهو. "مِنَ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَكَانُوْا شِيَعًا" انهن مان (نہ ٿيو) جن پنهنجي دين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ۽ ٽولا ٽولا ٿي ويا. يعني جن مشرڪن پنهنجو دين بدلايو ۽ مختلف ٽولن ۾ ورهائجي ويا جيئن يهودي، نصارىٰ، مجوسي، بتن جا پوڄاري هندو وغيرهم. "كُلُّ حِزْبٍ بِمَالَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ" هر ٽولي وارا ان تي خوش آهن جيڪو انهن

(١) روح المعاني ص٤٠ـ جزء ٢١ جلد ٧

وٺ آهي. مطلب تہ جنهن غلط رستي تي آهن ان تي خوش رهندي ان کي مضبوطيءَ سان جهليو بيٺا آهن. (١)

فائدا

مذکوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "فَأَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ حَنِيْفًا" (پنهنجي منهن (مبارڪ) کي دين لاءِ باطل کان منهن موڙيندڙ ۽ حق ڏانهن پورو متوجـــه ٿيندڙ ٿي سامهون رک) مان واضح ٿيو تہ جڏهن حق جا دليل ملن ۽ سچ صاف ٿي سامهون اچي تہ باطل کان ڪلي طرح منهن موڙي حق تي مضبوط ۽ مستحڪم ٿي رهجي.

ع٢ـ "فِطْرَتَ اللهِ الَّتِىْ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيْهَا" (الله جو دين جنهن تي ماڻهن کي پيدا فرمايو اٿس) هتي فطرت مان مراد ڇا آهي ان ۾ مفسرن جا مختلف اقوال آهن پر انهن مان وڌيڪ مشهور ٻہ قول آهن ١. جيڪو بيان ڪري آياسين تہ ان مان مراد الله جو دين آهي٢. تہ ان مان مراد استعداد آهي. يعني انسان جي تخليق ۾ الله جل شانـه هيءَ خاصيت رکي آهي تہ اهو پنهنجي خالق ۽ مالڪ کي سڃاڻي جنهن جو نتيجو اسلام قبول ڪرڻ آهي پر شرط آهي تہ انسان ان مان فائدو وٺي.(٢)

ع٣ـ "لَاتَبْدِيْلَ لِخَلْقِ اللهِ" (الله جي خلقڻ ۾ ڪا بہ تبديلي ناهي) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانـــه جي طرفان ڏنل فطرت يعني حق کي سڃاڻڻ جي اهليت، صلاحيت ۽ استعداد ۾ ڪا تبديلي نہ ٿيندي. ان کي غلط ماحول ڪافر تہ بنائي سگهي ٿو پر ان جي حق کي قبول ڪرڻ واري استعداد کي بالڪل فنا نہ ٿو ڪري سگهي.

ع٤ـ مٿيون جملو جنوٽيڪ خبر جي صورت ۾ آهي پر ان ۾ هڪ معنىٰ امر جي بہ آهي جنهن مان واضح ٿئي ٿو تہ انسان کي اهڙن اسبابن کان گهٽي پرهيز ڪرڻ گهرجي جيڪي ان حق جي قبول ڪرڻ واري استعداد کي بيڪار يا ڪمزور ڪن. اهي اسباب غلط ماحول، بري صحبت، ۽ ان ماڻهوءَ لاءِ باطل مذهب جا ڪتاب پڙهڻ آهن جيڪو پاڻ پورو عالم، مبصر ۽ انهن کي جواب ڏيڻ جو لائق ناهي.

(١) المراغي ص٤٦ـ جزء ٢١ جلد ٧ (٢) معارف القرآن ص٧٤٦ـ جلد ٦

سوال

"جن پنهنجي دين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ۽ ٽولا ٽولا ٿي ويا" ڇا ان مان مراد مسلمانن جا موجود فرقا ٿي سگهن ٿا؟

جواب

مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ هن آيت ۾ بيان ڪيل فرقن مان مراد اهي فرقا آهن جيڪي ڪفر جي حد تي پهتا آهن باقي فروعي اختلاف جيئن انبياءَ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جا اصول هڪ هئا پر سندن آندل شريعتن ۾ ڪن فروعي مسئلن جو معاملو جدا هو يا فقيهن جي تحقيقات جو اختلاف اهو هن ۾ داخل ناهي ڇو تہ اصول سڀني جا هڪ آهن. (١)

وَاِذَا مَسَّ النَّاسَ ضُرٌّ دَعَوْا رَبَّهُمْ مُّنِيْبِيْنَ اِلَيْهِ

۽ جڏهن پهچي ٿي ماڻهن کي ڪا تڪليف تہ سڏين ٿا پنهنجي رب کي رجوع ڪندڙ ٿي ان ڏانهن

ثُمَّ اِذَآ اَذَاقَهُمْ مِّنْهُ رَحْمَةً اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ

ان کان پوءِ جڏهن چکائيندو آهي انهن کي پاڻ وٽان مهرباني تہ ان وقت هڪ ٽولي انهن مان

بِرَبِّهِمْ يُشْرِكُوْنَ (٣٣) لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ

پنهنجي رب سان شرڪ ڪن ٿا تانت بي شڪري ڪن ان جي جيڪو اسان انهن کي ڏنو آهي

فَتَمَتَّعُوْا فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ (٣٤) اَمْ اَنْزَلْنَا عَلَيْهِمْ سُلْطٰنًا فَهُوَ

پوءِ (اي بي شڪري ڪرڻ وارؤ!) مزا وٺو پوءِ جلد ڄاڻندؤ ڇا لاٿو اسان انهن تي ڪو دليل پوءِ اهو

يَتَكَلَّمُ بِمَا كَانُوْا بِهٖ يُشْرِكُوْنَ (٣٥) وَاِذَآ اَذَقْنَا النَّاسَ

بيان ڪري ٿو ان جي باري ۾ جنهن کي شريڪ ڪندا هئا ۽ جڏهن چکايون ٿا ماڻهن کي

رَحْمَةً فَرِحُوْا بِهَا ؕ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌ

مهرباني تہ خوش ٿين ٿا ان تي ۽ جيڪڏهن پهچي ٿي انهن کي ڪا تڪليف

(١) نورالعرفان ص٦٥٠ـ

بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ اِذَا هُمْ يَقْنَطُوْنَ (٣٦) اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ

ان جي ڪري جوا ڳتي موڪليو سندن هٿن تہ ان وقت اهي مايوس ٿين ٿا ڇا نہ ڏٺو اٿن؟ تہ بلاشڪ الله

يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ

ڪشادو ڪري ٿو رزق جنهن جي لاءِ گهري ۽ تنگ ڪري ٿو بلاشڪ ان ۾ البت نشانيون آهن

لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ (٣٧)

ان قوم جي لاءِ جيڪي ايمان آڻين ٿا

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله سبحانہ توحيدجو بيان ڪندي ان تي دليل ارشاد فرمايا ۽ هنن آيتن ۾ مشرڪن جو حال بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاِذَا مَسَّ النَّاسَ ضُرٌّ دَعَوْا رَبَّهُمْ مُّنِيْبِيْنَ اِلَيْهِ" ۽ جڏهن ماڻهن کي ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ پنهنجي رب ڏي رجوع ڪندڙ ٿي ان کي سڏين ٿا يعني هي مشرڪ جن الله سان گڏ ٻيا معبود بنايا آهن انهنکي بہ جڏهن ڪا تڪليف اچي ٿي تہ اهي باطل معبود انهن کان وسري وڃن ٿا ۽ هڪ الله کي سچي دل سان سڏين ٿا "ثُمَّ اِذَآ اَذَاقَهُمْ مِّنْهُ رَحْمَةً اِذَا فَرِيْقٌ مِّنْهُمْ بِرَبِّهِمْ يُشْرِكُوْنَ" ان کان بعد جڏهن انهن کي پاڻ وٽان رحمت چکائي ٿو تہ ان وقت انهن مان هڪ ٽولي وارا پنهنجي رب سان ٻين کي شريڪ بنائين ٿا. يعني تڪليف لهڻ کان پوءِ وري ساڳي بت پرستي ڪرڻ ۾ شروع ٿي وڃن ٿا "لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ" يلي جيڪي اسان انهن کي ڏنو آهي ان جي بي شڪري ڪن، مطلب تہ جيئن گهرن تيئن بي شڪري ڪندا رهن اهڙو ڏينهن اچي رهيو آهي جو ڪين پيشانيءَ کان وٺي گهلي جهنم ۾ پهچايو ويندو. "فَتَمَتَّعُوْا فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ" پوءِ (اي شڪر نہ ڪرڻ وارؤ!) فائدا وٺي وٺو جلد ڄاڻندؤ (تہ ان جي سزا ڇا آهي؟) "لِيَكْفُرُوْا" ۾ لام امر جو آهي جنهن مان مقصد تهديد ۽ ڌمڪي ڏيڻ آهي مطلب اهو آهي تہ يلي ڪفر ڪري دنيوي عيش ۽ آرام مان مزا وٺو الله جل شانہ کي ڪا پرواه ناهي جلد ان ڪردار جي سزا ماڻيندؤ. (١) "اَمْ اَنْزَلْنَا عَلَيْهِمْ سُلْطٰنًا فَهُوَ يَتَكَلَّمُ بِمَا كَانُوْا بِهٖ يُشْرِكُوْنَ" ڇا اسان انهن تي ڪو دليل لاٿو آهي جيڪو ڳالهائي انهن جي شرڪ جي شاهدي ڏي ٿو. اڳيئن آيت ۾ خطاب جو صيغو هو ۽ هتي وري غائب جي صيغن کي آڻي اهو اشارو ڪيو ويو

(١) ضياءُ القرآن ص ٥٧٤ـ جلد ٣

آهي تہ اهي ڪافر مخاطب تي ڳالهائڻ جا اهل ئي ناهن، مطلب هي آهي تہ اهي ڪفر ۽ شرڪ تي اهڙا ڄمي بيٺل آهن جو ڄڻ تہ ڪنهن نبي سڳوري يا ملائڪ ڪين اچي چيو آهي تہ ڪفر جي واٽ سڌي واٽ آهي يا ڪو ٻيو محڪم دليل اٿن جنهن تي مضبوط ٿيو بيٺا آهن ڪا بہ اهڙي ڳالهہ ناهي صرف سندن ناداني ۽ بيوقوفي آهي جو ان ڪفر ۽ شرڪ کي چنبڙي پيا آهن "وَإِذَآ أَذَقۡنَا ٱلنَّاسَ رَحۡمَةٗ فَرِحُواْ بِهَاۖ" ۽ جڏهن ماڻهن کي مهرباني تا چکايون تہ ان تي خوش ٿين ٿا. يعني الله تعاليٰ ڪافرن تي جيڪڏهن ڪا مهرباني ڪري ٿو تہ خوشيءَ ۾ نہ ٿا ماپن، "وَإِن تُصِبۡهُمۡ سَيِّئَةُۢ بِمَا قَدَّمَتۡ أَيۡدِيهِمۡ إِذَا هُمۡ يَقۡنَطُونَ" ۽ جيڪڏهن انهن کي سندن ئي هٿن جي ڪمائيءَ اڳتي موڪليل ڪمن جي ڪري ڪا تڪليف پهچي ٿي تہ ان وقت اهي نااميد ٿين ٿا. يعني مايوس ٿي وڃن ٿا ۽ انهن ۾ ڪو حوصلو نہ ٿو رهي. "أَوَلَمۡ يَرَوۡاْ أَنَّ ٱللَّهَ يَبۡسُطُ ٱلرِّزۡقَ لِمَن يَشَآءُ وَيَقۡدِرُۚ" ڇا نہ ڏٺائون تہ الله جنهن کي گهري ٿو ان لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ تنگ ڪري ٿو مطلب تہ ڇا هي ڪو نہ ٿا ڏسن تہ رزق ڪشادو ڪرڻ يا تنگ ڪرڻ سڀ ڪجهہ الله جل شانہ جي قدرتي هٿ ۾ آهي؟ جڏهن ڏسن ٿا تہ پوءِ خوشحاليءَ ۾ شڪر ۽ تنگدستيءَ ۾ صبر ڇو نہ ٿا ڪن؟ جيئن پڪا مومن ڪن ٿا جنهن الله جل شانہ هي جهان پيدا ڪيو آهي ۽ وڏو مهربان آهي ان جي هر ڪم ۾ حڪمت هوندي آهي جيڪو ان کي راضي ڪندو اهو ڪامياب رهندو "إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَأٓيَٰتٖ لِّقَوۡمٖ يُؤۡمِنُونَ" بلاشڪ ان ۾ ان قوم جي لاءِ نشانيون آهن جيڪي ايمان آڻين ٿا. يعني ڪنهن لاءِ رزق ڪشادو ڪرڻ ۽ ڪنهن لاءِ تنگ ڪرڻ ۾ بہ ان جي قادر هجڻ جون نشانيون ۽ دليل آهن.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "وَإِذَا مَسَّ ٱلنَّاسَ ضُرّٞ دَعَوۡاْ رَبَّهُم مُّنِيبِينَ إِلَيۡهِ" (۽ جڏهن ماڻهن کي تڪليف پهچندي آهي تہ پنهنجي رب کي ان ڏانهن رجوع ڪندڙ ٿي سڏيندا آهن) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانہ جي ذات جو وجود ۽ قوت هر انسان جي فطرت ۾ اهڙي طرح ويٺل آ جو غير مسلمان بہ ڏکن ۽ تڪليف ۾ ان کي ئي ياد ڪندا ۽ ان کي ئي سڏيندا آهن جيئن مڪہ مڪرمہ جا رهاڪو ڪافر مصيبتن ۾ نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام کان دعا گهرائيندا هئا (ڪماهو مذڪور في ڪتب السيرة) يافرعون ۽ ان جي پوئلڳن حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام کان دعائون گهرايون هيون.

اجا تائين بہ وڏا وڏا مشرڪ بہ مسلمانن بزرگن کان دعائون گھرائيندا آهن اهو سڀ ڪجھہ الله جل شانہ ڏانهن رجوع ڪرڻ آهي.

ع٢ـ "ثُمَّ إِذَآ أَذَاقَهُمْ مِّنْهُ رَحْمَةً" (ان کان پوءِ جڏهن انهن کي پاڻ وٽان رحمت چکايائين) مان واضح ٿيو تہ دنيا ۾ ڪڏهن ڪافرن تي ڪريم جي ڪرمنوازي ٿيندي آهي خواه انهن جي سڌي سنئين دعا قبول ڪئي وڃي يا بنا دعا جي بہ انهن تي مهرباني ٿئي يا ڪنهن ڪامل کان دعا گھرائڻ جي صدقي ٿئي. (١)

ع٣ـ "فَتَمَتَّعُوْا فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ" (پوءِ نفعو وٺو جلد ڄاڻندؤ) مان واضح ٿيو تہ ڪافرن کي ڍر ملندي آهي ۽ دنيوي نعمتن ۾ الله جل شانہ کي وسارڻ ۽ تڪليفن ۾ ياد ڪرڻ ڪافرن جو ڪم آهي مومن اهو آهي جيڪو هر حال ۾ الله جل شانہ کي ياد ڪري.

ع٤ـ "أَمْ أَنْزَلْنَا عَلَيْهِمْ سُلْطَانًا" (ڇا اسان انهن تي ڪو دليل لاٿو آهي؟) مان معلوم ٿي رهيو آهي تہ ڪوڙي ماڻهو ۽ ڪافرن ۽ بدمذهب ماڻهن کان انهن کي رسوا ڪرڻ جي لاءِ دليل گھرڻ ۽ ان جو رد ڪرڻ پلو ڪم بلڪ ثواب آهي ها اهو ذهن رکي سوال ڪرڻ تہ شايد هي حق تي هجي ڪفر آهي ان جي ڪري فقيهن جي فتوىٰ هن آيت جي خلاف ناهي.

ع٥ـ "فَرِحُوْا بِهَا" (ان تي خوش ٿيا) مان ثابت ٿيو تہ فخر ۽ تڪبر طور دنيوي نعمتن تي خوش ٿيڻ ڪافرن جو طريقو آهي پر الله جل شانہ جي نعمتن جو اظهار ڪندي شڪر طور خوش ٿيڻ عبادت ۽ ثواب آهي الله جل شانہ نعمتن تي خوش ٿيڻ جو پاڻ حڪم ڏنو آهي "قُلْ بِفَضْلِ اللهِ وَبِرَحْمَتِهِ فَبِذَالِكَ فَلْيَفْرَحُوْا" (٢) فرماءِ تہ الله جي فضل ۽ ان جي رحمت تي جڳائي تہ خوش ٿين. ۽ ٻيءَ جاءِ تي ارشاد آهي "وَأَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ" (٣) ۽ پنهنجي رب جي نعمت کي بيان ڪندو رهہ.

ع٦ـ "فَإِذَا هُمْ يَقْنَطُوْنَ" (ان وقت اهي نا اميد ٿين ٿا) مان واضح ٿيو تہ ڪافر الله جل شانہ جي رحمت کان مايوس ھوندو آهي ۽ مومن مايوس نہ ٿيندو آهي. مومنن لاءِ حڪم آهي "لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللهِ" (۴) الله جي رحمت کان نااميد نہ ٿيو.

ع٧ـ "يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ" (جنهن جو گھري ٿو رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ تنگ ڪري ٿو) مان واضح ٿيو تہ رزق الله جل شانہ جي قدرتي هٿ ۾ آهي گھڻا ماڻھو علم ۽ هنر جي باوجود غريب هوندا آهن ۽ ڪيترا بي علم، بي هنر نهايت دولتمند ۽ مالدار هوندا آهن ۽ انهن ڳالهين تي مومن غور ڪري الله جل شانہ کان ئي هر شيءِ رزق وغيره گھرندا آهن.

(١) نورالعرفان صـ٦٥٠ـ (٢) سورة يونس آيت ع٥٨ـ (٣) سورة الضحىٰ آيت ع١١ـ (۴) سورة الزمر آيت ع٥٣ـ

فَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ ذٰلِكَ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ

پوءِ ڏي قرابت داركي ان جو حق ۽ مسكين كي ۽ مسافر كي اهو ڀلو آهي انهن جي لاءِ

يُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ (٣٨) وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ رِّبًا

جيكي الله جي رضا جو ارادو ركن ٿا ۽ اهي ئي كامياب آهن ۽ جيكو اوهان ڏنو زياده حاصل كرڻ

لِّيَرْبُوَاْ فِيْٓ اَمْوَالِ النَّاسِ فَلَا يَرْبُوْا عِنْدَ اللّٰهِ وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ زَكٰوةٍ تُرِيْدُوْنَ

لاءِ تانت وڌي ماڻهن جي مالن ۾ پوءِ نه ٿو وڌي الله وٽ ۽ جيكي ڏنو اوهان زكواة مان الله جي رضا جو

وَجْهَ اللّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُضْعِفُوْنَ (٣٩) اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ ثُمَّ

ارادو ركو ٿا پوءِ اهيئي ٻيڻو كندڙ آهن الله اهو آهي جنهن پيدا كيو اوهان كي ان كان پوءِ اوهان كي

رَزَقَكُمْ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ط هَلْ مِنْ

رزق ڏنائين ان كان بعد اوهان كي مارﻳندو ان كان بعد اوهان كي جيئرو كندو ڇا اوهان جي

شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّفْعَلُ مِنْ ذٰلِكُمْ مِّنْ شَيْءٍ ط سُبْحٰنَهٗ

شريك (ناهيلن) مان كو آهي جوكري انهن (كمن) مان كجهه پاكائي آهي ان جي

وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ (٤٠) ع ظَهَرَ الْفَسَادُ فِى الْبَرِّ ۷ع

۽ تمام مٿاهون آهي ان كان جيكي شريك بنائين ٿا ظاهر ٿيو فساد پٽ ۾

وَالْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ اَيْدِى النَّاسِ لِيُذِيْقَهُمْ بَعْضَ

۽ سمنڊ ۾ ان سببان جيكي (برا كم) كيا ماڻهن جي هٿن تانت چكائي انهن كي كجهه

الَّذِيْ عَمِلُوْا لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ (٤١) قُلْ سِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا

ان (جي سزا) مان جيكي كيائون ته مانَ اهي موٽن فرماءِ ته گهمو زمين ۾ پوءِ ڏسو ته

كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلُ ط كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّشْرِكِيْنَ (٤٢)

كيئن هئي پڇاڙي انهن جي جيكي اڳي (گذريا) هئا گهڻا انهن مان مشرك .

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل شانـــه بيان فرمايو تہ رزق ان جي قدرتي هٿ ۾ آهي جنهن کي بہ گهري تہ ان لاءِ رزق ڪشادو بنائي ٿو ۽ هتي اهو ارشاد ٿي رهيو آهي تہ الله جي عطا ڪيل ڪشادي رزق مان ان جي ڀانهن کي بہ ڏينداڪيو فرمان عاليشان آهي "فَاٰتِ ذَاالْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ" پوءِ قرابت دار کي ان جو حق ڏي ۽ مسڪين ۽ مسافر کي بہ ڏي. يعني مسڪين مائٽن کي صلـــه رحمي ۽ احسان ڪندي پنهنجي مال مان ڪجهہ ڏيندو ڪر ان جي ڪري امام اعظم ابو حنيفه عليـه الرحمـــة فرمايو آهي تہ جيڪڏهن ڪو اهڙو مائٽ جنهن سان نڪاح ممڪن ناهي جيئن پيڻ، ڀاءُ، ماسي، مامون، ڀڦي، چاچو وغيرهم ڪمائي ڪان عاجز مسڪين نادار آهن تہ مالدار کي انهن جو خرچ ڏيڻ واجب آهي، اهڙي طرح مسڪين بہ مجبور ۽ محتاج آهي يا مسافر جنهن وٽ مال تہ آهي پر سفر ۾ هجڻ جي ڪري ڪجهہ ڪري نہ ٿو سگهي ان جي بہ مدد ڪرڻ مسلمانن جي اخلاقي ذميداري آهي (١) "ذٰلِكَ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يُرِيْدُوْنَ وَجْـــهَ اللّٰهِ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ" اهو انهن جي لاءِ ڀلو اهي جيڪي الله جي ذات (کي راضي ڪرڻ) جو اردو ڪن ٿا ۽ اهيئي ڪامياب آهن يعني قرابتدار کي حق ڏيڻ ۽ مسڪين ۽ مسافر کي ڏيڻ ان ارادي سان تہ الله راضي ٿئي ڏيندڙن جي لاءِ ڀلو آهي الله اهو قبول ڪري راضي ٿئي ٿو. ۽ انهن کي وڏو ثواب ٿو عطا ڪري يقيناً اهي معاشيات جي نظام کي الٰهي ضوابط جي ماتحت هلائڻ جي ڪري انفرادي توڙي اجتماعي طور دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب آهن "يُرِيْدُوْنَ وَجْـــهَ اللّٰهِ" واري قيد حقيقت کولي ڇڏي تہ قبوليت جي خلعت سان سرفراز ٿيڻ لاءِ لازمي شرط هي آهي تہ جيڪو بہ خرچ ڪن ٿا الله جل شانـــه جي راضي ڪرڻ لاءِ ڪن ٿا محض مجبوريءَ يا نمائش لاءِ ڪيل خرچ ان ۾ داخل ناهن. "وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ رِّبًا لِّيَرْبُوَا فِيْٓ اَمْوَالِ النَّاسِ فَلَا يَرْبُوْا عِنْدَ اللّٰهِ" ۽ جيڪي اوهان وڌيڪ حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڏنو ٿانت اهو ماڻهن جي مالن ۾ وڌي پوءِ (اهو) الله وٽ نہ ٿو وڌي. مفسر بغوي فرمايو تہ هن آيت مان مراد ڇا آهي؟ ان ۾ مفسرن جو اختلاف آهي سعيد بن جبير، مجاهد، طاووس، قتادة ۽ اڪثر مفسرن جو قول آهي تہ ان مان مراد اهو شخص آهي جو ڪنهن کي ڪا شيءِ هديي طور ڏي ٿو ٿانت اهو ڪيس ان ڪان وڌيڪ ڏي اهو حلال ۽ جائز آهي پر ان کي ان تي قيامت جي ڏينهن ڪو ثواب

(١) المراغي صـ٥٢ـ جزء ٢١ جلد ٧

نہ ملندو ۽ اها ئي "فَلَا يَرْبُوْا عِنْدَاللّٰهِ"(پوءِ الله وٽ نہ ٿو وڌي) مان مراد آهي ۽ ضحاڪ جو قول آهي تہ ان مان مراد اهو شخص آهي جيڪو الله جل شانــــہ جي رضا حاصل ڪرڻ جي نيت کان سواءِ ڪنهن دوست يا مٽ مائٽ کي ان ارادي سان مال ٿو ڏي تہ هو مالي ترقي ڪري ۽ شعبيءَ جو قول آهي تہ ان مان مراد اهو شخص آهي جيڪو ماڻهن کي چنبڙي پوي ٿو، سفر يا حضر ۾ سندس خدمت ڪري ٿو ۽ هي بہ ان تي راضي ٿي پنهنجي مال جي بچت مان ڪيس ان لحاظ سان ڪجهہ ڏئي ٿو ڇڏي رب العزة جل شانــــہ کي راضي ڪرڻ جي نيت نہ ٿو ڪري (١) "وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ زَكٰوةٍ تُرِيْدُوْنَ وَجْـهَ اللّٰهِ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُضْعِفُوْنَ" ۽ اوهان جيڪي زڪواة ڏيو ٿا ان سان الله جي ذات کي (راضي ڪرڻ جو) ارادو ڪيو ٿا پوءِ اهيئي (پنهنجو ثواب) ٻيڻو ڪندڙ آهن. هتي زڪواة مان مراد يا عام خير خيرات آهي يا فرضي زڪواة مطلب تہ جيڪو نفلي يا فرضي خير، خيرات الله جي ذات کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪيو ٿا ان کان ئي ان جي ثواب ملڻ جي اميد رکو ٿا تہ اهڙا ماڻهو پنهنجو ثواب ٻيڻو بنائيندڙ آهن هڪ نيڪيءَ جي بدلي ڏهن کان وٺي ستن سَوَن (٧٠٠) تائين بلڪ ان کان مٿي نهايت کان سواءِ ثواب حاصل ڪندڙ آهن ۽ زڪواة ڏيڻ جي برڪت سان انهن کي رزق ۾ بہ ايتري برڪت پوندي (٢) نبي ڪريم عليــہ الصلوٰة والسلام جن فرمايو آهي "ان الصدقــة تقع في يدالرحمن فتربوا حتى تصير مثل الجبل"(في سبيل الله) خير ڪرڻ الله جي (قدرتي) هٿ ۾ پوندو آهي پوءِ وڌي جبل جيڏو ٿيندو آهي ان جي ڪري ٻانهي کي مناسب آهي تہ ان طرف متوجــہ رهي (٣) ۽ شروعات ۾ "اٰتَيْتُمْ" ۾ خطاب جو صيغو آڻي پوءِ وري "هُمُ الْمُضْعِفُوْنَ" غائب آڻي اهو اشارو ڏنو ويو آهي تہ اهو حڪم صرف مخاطبن سان ناهي پر اهو قيامت تائين اچڻ وارن سڀني لاءِ آهي ۽ تاويلات نجميــہ واري فرمايو آهي تہ في سبيل الله مال خرچ ڪرڻ ۾ نفس کي دنيا جي محبت کان خالي ڪرڻ ۽ صاف ڪرڻ آهي جيئن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنــہ پنهنجو سمورو مال في سبيل الله خيرات ۾ آڻي دربارِ حبيب عليــہ الصلوٰة والسلام ۾ پيش ڪيو هو (٤) "اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ ثُمَّ رَزَقَكُمْ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ" الله اهو آهي جنهن اوهان کي پيدا ڪيو ان کان پوءِ اوهان کي رزق ڏي ٿو ان کان پوءِ اوهان کي ماريندو ان کان پوءِ اوهان کي جيئرو ڪندو. هتي الله جل شانــہ پنهنجي شان ۾ اهي ڳالهيون بيان ڪيون آهن جيڪي سچي معبود هجڻ جي لاءِ لازم آهن يعني پيدا ڪرڻ، رزق ڏيڻ، مارڻ ۽ جيارڻ وغيره ۽انهن ڳالهين جي غير ۾ ڪو

(١) المظهري ص٢٤٦ـ جلد ٧ (٢) ساڳيو حوالو (٣) التفسير الڪبير ص١٢٧ـ جزء ٢٥
(٤) روح البيان ص٤٢ـ جلد ٧

نشان ئي ناهي. تہ اهي معبود بہ ناهن "هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّفْعَلُ مِنْ ذَالِكُمْ مِّنْ شَيْءٍ" ڇا اوهان جي شريڪ بنايلن مان بہ (ڪو اهڙو آهي جو) انهن ڪمن مان ڪجهہ ڪري ٿو؟ ۽ يقينًا ڪير بہ ان ڪان سواءِ اهي ڪم نہ ٿو ڪري تہ اهو ئي الوهيت جو حقدار آهي "سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ" ان جي پاڪائي آهي ۽ اهوئي مٿاهون آهي ان ڪان جيڪي شريڪ بنائين ٿا يعني الله جل شانــہ هر قسم جي شرڪ ڪان پاڪ آهي ان جو ڪو بہ شريڪ ناهي. "ظَهَرَالْفَسَادُ فِى الْبَرِّوَالْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ اَيْدِى النَّاسِ" ان سببان جيڪي ماڻهن جي هٿن ڪيو آهي پٽ ۽ سمنڊ ۾ فساد ظاهر ٿيو آهي. فساد مان مراد ڏڪار، وبائي بيماريون، باهہ لڳڻ ۽ دريائن ۾ ٻيڙين جي ٻڏڻ جا واقعا هرشيءِ مان برڪت ڪڇي وڃڻ، نفعي ڏيندڙ شين مان نقصان پوڻ ۽ ٻيون آفتون آهن مطلب تہ انهن دنيوي آفتن جو سبب انسان جا گناهہ ۽ برا اعمال آهن جن ۾ شرڪ ۽ ڪفر سيني ڪان سخت آهن ۽ اهو ئي مضمون ٻيءِ آيت ۾ بہ آهي "وَمَا اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ وَيَعْفُوْعَنْ كَثِيْرٍ" (١) ۽ اوهان کي جيڪا بہ مصيبت پهتي آهي اها اوهان جي هٿن جي ڪمائيءَ جي ڪري آهي ۽ گهڻا (گناهہ) تہ الله تعالىٰ معاف ڪري ٿو پر ڪجهہ گناهن جي ڪري اوهان کي ڪجهہ سزا ڏيندو آهي. "لِيُذِيْقَهُمْ بَعْضَ الَّذِيْ عَمِلُوْا لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ" تانت انهن کي سندن ڪيلن ڪجهہ عملن جي ڪجهہ سزا چکائي. مطلب تہ جيڪا ڪين بعضي ڪيلن عملن جي سزا ڏيندو آهي ان ۾ بہ اها حڪمت آهي تہ اهي گناهن ڪان مڙن ۽ الله جل شانــــہ ڏانهن رجوع ڪن "قُلْ سِيْرُوْافِى الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلُ كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّشْرِكِيْنَ" فرماءِ تہ: زمين ۾ گهمو پوءِ ڏسو تہ جيڪي اڳي هئا انهن جي پڇاڙي ڪيئن هئي انهن مان گهڻا مشرڪ هئا. مطلب اڳين تباهہ ڪيل قومن جا ويران ماڳ ۽ مڪان ڏسو ۽ عبرت حاصل ڪيو تہ انهن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي انهن مان گهڻا مشرڪ هئا پر انهن جي برائيءَ ۽ ڪين ان شرڪ ڪان نہ روڪڻ جي ڪري ٻيا گنهگار جيڪي مشرڪ نہ هئا سيئي تباهہ ٿي ويا. (٢)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع١ـ "فَاٰتِ ذَاالْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ" (پوءِ قرابت داري کي ان جو حق ڏي ۽ مسڪين ۽ مسافر کي) مان واضح ٿيو تہ جنهن بہ انسان کي الله جل شانــہ مال ۽ ملڪيت ڏنو آهي اهوان ۾ بخيلي نہ ڪري بلڪ ان کي الله جل شانــہ جي ڏنل هدايت

(١) سورة الشورىٰ آيت ع٣ـ (٢) المظهري ص٢٤٨ـ جلد ٧

موافق استعمال ڪري. هتي تي ڏريون بيان ٿيون آهن ١: قرابت دار ٢: مسڪين ٣: مسافر انهن کي مال ملڪيت مان ڏيڻ جو حڪم ٿيو آهي پر "حَقَّـهٗ" جي لفظ سان متنبه ڪيو ويو آهي ته اهو انهن جو حق آهي ان ۾ انهن تي ڪو احسان نه سمجهيو وڃي. قرابت دارن مان مراد به عام آهن پوءِ اهي تمام ويجها هجن جيئن والدين، ڀيڻ ڀاءُ، ماما، ماسيون، چاچا، پڦيون وغيرهم يا گهٽا ويجها نه هجن ۽ حق مان مراد به يا واجب آهي جيئن والدين وغيره يا احسان ۽ مهرباني طور ڇو ته مائٽ تي احسان ڪرڻ ڀين تي احسان ڪرڻ کان وڌيڪ ڀلو ۽ وڌيڪ ثواب آهي. (١)

ع٢ـ "وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ رِّبًا" کان "هُمُ الْمُضْعِفُوْنَ" تائين هتي "رِبًا" مان مراد جمهور مفسرن جي قول مطابق شرعي (ربوا وياج) ناهي بلڪ لغوي معنىٰ مراد آهي هن مان معلوم ٿيو ته دنياوي دوستيءَ يا واسطي جي بناءَ تي ڪنهن کي مال ملڪيت ڏيڻ گناهه ناهي پر ان جو ثواب به نه ملندو ثواب ان ۾ آهي جيڪو الله جل شانـــه جي راضي ڪرڻ لاءِ ڏنو ويندو آهي ۽ زڪوات (خيرات) ڏيڻ ۾ جڏهن ته مقصود الله جل شانـــه جي رضا حاصل ڪرڻ آهي ان جي ڪري اهو ثواب آهي ۽ ان ۾ برڪت پوڻ به يقيني آهي.

ع٣ـ "اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ ثُمَّ رَزَقَكُمْ" (الله اهو آهي جنهن اوهان کي پيدا ڪيو ان کان پوءِ اوهان کي رزق ڏنو) مان واضح ٿيو ته الله جل شانـــه انسان جي بقا لاءِ رزق جو انتظام به فرمايو جسماني بقا جي لاءِ ظاهري رزق ۽ روحاني بقا جي لاءِ ايمان ۽ تقوىٰ جو باطني رزق عطا فرمايائين جسماني رزق پوکن ۽ باغن جي ذريعي ۽ ايماني روزي مدينه منوره جي سائين عليه الصلوٰة والسلام جي ذريعي عطا ڪيائين.

ع٤ـ "ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ" (ان کان بعد اوهان کي ماريندو وري اوهان کي جيئرو ڪندو) مان واضح ٿيو ته مرڻ کان پوءِ وري زندگي ملڻ حق آهي هيءَ زندگي عمل جي آهي اها جزا يا سزا لاءِ آهي هيءَ زندگي فاني آهي اها جا وداني آهي ان جي ڪري ان کان پوءِ موت جو ذڪر نه ڪيو ويو.

ع٥ـ "هَلْ مِنْ شُرَكَآءِكُمْ" الآيـــة (ڇا اوهان جي ٺاهيلن شريڪن مان به ڪو ائين ڪري سگهي ٿو؟) مان واضح ٿيو ته ڪافر به اها ڳالهه سمجهندا ۽ مڃيندا هئا ته سندن بت انهن ڪمن مان ڪجهه به ڪري نه ٿا سگهن رزق، حياتي، موت سڀ الله جل شانـــه جي قدرتي هٿ ۾ آهن. پر ازلي بدبخت ايمان آڻڻ جي لاءِ تيار نه ٿيندا هئا.

ع٦ـ "ظَهَرَالْفَسَادُ" کان "يَرْجِعُوْنَ" تائين مان واضح ٿيو ته انسانن جي گناهن جو

(١) معارف القرآن صـ٧٤٩ـ جلد ٦

نتيجو نهايت خطرناڪ نڪرندو آهي ميدانن ۾ بيابانن ۾ تہ خشڪي ۽ بي برڪتي پيدا ٿيندي آهي پر بارش بند ٿيڻ جي ڪري دريائن ۾ رهندڙ جانور بہ انڌا ٿي پوندا آهن سپ ۾ موتي پيدا نہ ٿيندا آهن ساري مخلوق پريشان رهندي آهي. (١)

فَاَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ الْقَيِّمِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا مَرَدَّلَهٗ

پوءِ سڌو رک منهن پنهنجو مضبوط دين جي لاءِ اڳي هن کان جو اچي اهو ڏينهن جو ناهي رد ٿيڻ

مِنَ اللّٰهِ يَوْمَئِذٍ يَّصَّدَّعُوْنَ (٤٣) مَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهٗ ۚ وَمَنْ عَمِلَ

ان جو الله وٽان ان ڏينهن جدا جدا ٿيندا جنهن ڪفرڪيو پوءِ ان تي ان جي ڪفر جو بار آهي ۽ جنهن ڪيا

صَالِحًا فَلِاَنْفُسِهِمْ يَمْهَدُوْنَ ۙ (٤٤) لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

صالح عمل پوءِ پنهنجي لاءِ تا تياري ڪن تانت بدلو ڏي انهن کي جن ايمان آندو ۽ ڪيائون

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنْ فَضْلِهٖ ۭ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْكٰفِرِيْنَ (٤٥) وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ

صالح عمل پنهنجي فضل سان بلاشڪ اهو نہ تو محبت رکي ڪافرن سان ۽ انجي نشانين مان آهي

اَنْ يُّرْسِلَ الرِّيَاحَ مُبَشِّرٰتٍ وَّلِيُذِيْقَكُمْ مِّنْ رَّحْمَتِهٖ

هي جو موڪلي ٿو هوائون بشارت ڏيندڙ ڪري ۽ تانت چکائي اوهان کي پنهنجي رحمت مان

وَلِتَجْرِيَ الْفُلْكُ بِاَمْرِهٖ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ (٤٦)

۽ تانت هلن ٻيڙيون ان جي امر سان ۽ تانت طلب ڪيو ان جي فضل مان ۽ مَنَ اوهان شڪر ڪيو

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ رُسُلًا اِلٰى قَوْمِهِمْ فَجَآءُوْهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ

۽ البت تحقيق موڪلياسون توکان اڳي پيغمبرسندن قوم ڏانهن پوءِ آياانهن وٽ روشن دليلن سان

فَانْتَقَمْنَا مِنَ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا ۭ وَكَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُ الْمُؤْمِنِيْنَ (٤٧)

پوءِ بدلو ورتوسون انهن کان جيڪي بي فرمان ٿيا ۽ آهي حق اسان تي مومنن جي مدد ڪرڻ

اَللّٰهُ الَّذِيْ يُرْسِلُ الرِّيٰحَ فَتُثِيْرُ سَحَابًا فَيَبْسُطُهٗ فِي السَّمَآءِ

الله اهو آهي جيڪو موڪلي ٿو هوائون پوءِ ڪڻن ٿيون ڪڪر کي پوءِ پکيڙي ٿو ان (ڪڪر) کي آسمان ۾

(١) نورالعرفان صہ٦٥٢۔

كَيْفَ يَشَآءُ وَيَجْعَلُهٗ كِسَفًا فَتَرَى الْوَدْقَ يَخْرُجُ مِنْ خِلٰلِهٖ ۚ

جيئن گهري ۽ کري ٿو ان کي تــه تــه پوءِ ڏسندين ڦڙين کي نڪرن ٿيون وچ ان جي مان

فَاِذَآ اَصَابَ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖٓ اِذَا هُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ (۴۸)

پوءِ جڏهن پهچائي ٿو اهو جنهن کي گهري پنهنجن ٻانهن مان تہ ان وقت اهي خوش ٿيندا آهن

وَاِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلِ اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْهِمْ مِّنْ قَبْلِهٖ لَمُبْلِسِيْنَ (۴۹) فَانْظُرْ اِلٰٓى

جيتوڻيڪ هئا ان کان اڳي جو وسايو وڃي انهن تي ان کان اڳي البت نا اميد ٿيندڙ پوءِ ڏس

اٰثٰرِ رَحْمَتِ اللّٰهِ كَيْفَ يُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ

الله جي رحمت جي نشانين ڏانهن تہ ڪيئن آباد ڪري ٿو زمين کي ان جي ويران ٿيڻ کان پوءِ

اِنَّ ذٰلِكَ لَمُحْيِ الْمَوْتٰى ۚ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ (۵۰) . وَلَئِنْ

بلاشڪ اهو البت جيئرو ڪندڙ آهي مئلن کي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي ۽ البت جيڪڏهن

اَرْسَلْنَا رِيْحًا فَرَاَوْهُ مُصْفَرًّا لَّظَلُّوْا مِنْۢ بَعْدِهٖ يَكْفُرُوْنَ (۵۱)

موڪليون اسين واءُ پوءِ ڏسن ان(پوک)کي ڦڪو ٿيندڙتہ البت لڳارهن ان کان پوءِ ڪفرڪندا رهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن کي ڪفرڪان روڪيو ويو ۽ هتي نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام ۽ سندن پوئلڳن کي دين ڏانهن مڪمل طور متوجه رهڻ جي لاءِ حڪم ڏيندي ارشاد تي رهيو آهي "فَاَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ الْقَيِّمِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا مَرَدَّ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ يَوْمَئِذٍ يَّصَّدَّعُوْنَ" پوءِ پنهنجي منهن کي مضبوط دين لاءِ ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳي متوجه ڪر جنهن جي لاءِ الله وٽان موٽڻ جو (فيصلو) ناهي ان ڏينهن جدا جدا ٿيندا. "اَلدِّيْنُ الْقَيِّمُ" مان مراد اسلام آهي مطلب هي آهي تہ دين جي اتباع ۾ پنهنجو قصد قائم دائم رک ان ڏينهن جي اچڻ کان اڳي جنهن جي لاءِ الله وٽان موٽڻ جو حڪم ناهي ان مان مراد قيامت جو ڏينهن آهي. ان ڏينهن هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويندا مومن بهشت ڏانهن ويندا تہ ڪافر جهنم ڏانهن (١) "مَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهٗ ۚ وَمَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِاَنْفُسِهِمْ يَمْهَدُوْنَ" جنهن ڪفر ڪيو تہ ان تي ان جو ڪفر هوندو ۽ جنهن صالح عمل

(١) القرطبي صـ٤٢ ـ جلد ١٤

ڪيا اهي پنهنجي لاءِ تياري ڪن ٿا. مطلب ته ڪفر جي سزا-ڪافر ڪي ئي ملندي ان ڪفر جي ڪري پيو عذاب ۾ مبتلا نه ٿيندو ۽ جيڪي صالح عمل ڪن ٿا اهي پنهنجي عمل سان پنهنجي لاءِ پلائي ڪري رهيا آهن ڪين ئي ان جو سهڻو بدلو ملندو. جيڪڏهن اهي نيڪ عمل جو ثواب ڪنهن کي ايصال ثواب طور ڏيندا ته به ڪين اجر ملندو (١) "لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنْ فَضْلِهٖ" تانت جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا انهن کي پنهنجي فضل سان انهن جو (پلو) بدلو عطا فرمائي يعني اهو بدلو ملڻ عدل نه پر الله جل شانه جو فضل هوندو ان جي ڪري ان ۾ وڏي اميد رکجي. "اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْكٰفِرِيْنَ" بلاشڪ اهو ڪافرن سان محبت نه ٿو رکي. هي به هڪ قسم جي عذاب جو بيان آهي. الله جل شانه جي طرفان پانهي سان محبت نه رکڻ به وڏو عذاب آهي (٢) "وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ يُّرْسِلَ الرِّيٰحَ مُبَشِّرٰتٍ وَّلِيُذِيْقَكُمْ مِّنْ رَّحْمَتِهٖ" ۽ ان جي نشانين مان هي به آهي جو هوائن کي بشارت ڏيندڙ ڪري موڪلي ٿو ۽ تانت اوهان کي پنهنجي مهربانيءَ مان چکائي. مطلب ته الله جي قدرت جي نشانين مان هي به آهي جو مينهن جي خوشخبري آڻيندڙ هوائون موڪلي ٿو ۽ مينهن وسائي اوهان کي ان پنهنجي رحمت مان چکائي ٿو. "وَلِتَجْرِيَ الْفُلْكُ بِاَمْرِهٖ" ۽ تانت ان جي امر سان ٻيڙيون به هلن. مطلب ته ان هوائن سان سمنڊ ۽ درياءَ ۾ الاهي امر جي تحت ٻيڙيون به هلنديون آهن "وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ" ۽ تانت ان جي فضل مان طلب ڪيو ۽ مَن اوهان شڪر ڪيو. يعني ٻيڙين، لانچن ۽ بحري جهازن جي ذريعي تجارتي مال هڪ هنڌان کڻائي ٻئي هنڌ پهچايو الله جل شانه جي فضل سان نفعو ڪمايو ۽ انهن نعمتن تي الله جو شڪر ادا ڪندا رهو.

تنبيه

پهريان پٽ ۽ سمنڊ ۾ فساد ظاهر ٿيڻ جو بيان هو ۽ هتي ان جي مقابلي ۾ بشارت ۽ الاهي نعمت جو ذڪر ٿيو ان ۾ شايد هي اشارو آهي ته آنڌيءَ ۽ غبار پکڙجڻ کان بعد اميد رکو ته رحمت جو مينهن اچي رهيو آهي ٿڌيون هوائون لڳي رهيون آهن اهي رحمت ۽ فضل جي خوشخبري ڏين ٿيون. ڪافرن کي گهرجي ته شرارت ۽ بي شڪريءَ کان باز اچن ۽ الله جون مهربانيون ڏسي ان جا شڪر گذار پانها بنجن. "وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ رُسُلًا اِلٰى قَوْمِهِمْ فَجَآءُوْهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ" ۽ البت تحقيق اسان توکان اڳي رسول سندن قوم ڏانهن موڪليا پوءِ اهي انهن وٽ روشن دليلن سان آيا. مطلب

(١) نورالعرفان صـ٦٥٢ـ (٣) التفسير الكبير صـ١٣٠ـ جزء ٢٥ .

تہ جيئن اوهان پنهنجيءَ قوم وٽ چمڪندڙن دليلن سان آيا آهيو تيئن اسان اوهان
کان اڳين ڏانهن بہ روشن دليلن سان پيغمبر علیٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام
موڪليا هئا "فَانْتَقَمْنَا مِنَ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا" پوءِ اسان مجرمن کان بدلو ورتو. يعني انهن
قومن مان بہ جن نبين عليهم الصلواة والسلام کي نہ مڃڻ جو جرم ڪيو هو اسان
انهن کي عذاب سان هلاڪ ڪري انهن کان اهو بدلو ورتو"وَكَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُالْمُؤْمِنِيْنَ"
۽ مومنن جي مدد ڪرڻ اسان تي حق آهي يعني جيڪي اسان جو تقرب حاصل ڪرڻ
جي ڪوشش ڪن تا اسان تي حق آهي تہ انهن کي پنهنجو مقرب بنايون (١) پهريان
بيان ٿيو تہ مقبول ۽ مردود جدا ٿيندا ۽ هتي ٻڌايو ويو تہ ان جو اظهار دنيا ۾ ئي
ٿيندو مجرمن کان انتقام ورتو ويندو مومنن جي مدد ڪئي ويندي. "اَللّٰهُ الَّذِيْ يُرْسِلُ
الرِّيٰحَ فَتُثِيْرُ سَحَابًا فَيَبْسُطُهٗ فِي السَّمَآءِ كَيْفَ يَشَآءُ وَيَجْعَلُهٗ كِسَفًا فَتَرَى الْوَدْقَ يَخْرُجُ
مِنْ خِلٰلِهٖ" الله اهو آهي جيڪو هوائون موڪلي ٿو پوءِ اهي ڪڪر کي کڻن ٿيون پوءِ
جيئن گهري ان کي آسمان ۾ پکيڙي ٿو ان جي وچ مان ڦڙيون نڪرندي ڏسين ٿو هي
بہ الله جي قدرت جي مظهرن جو ذڪر آهي مطلب تہ الله جل شانہ جي قدرت جو ئي
ڪم آهي جو ڪڪر پيدا ڪري ٿو ۽ ان کي کڻڻ جي لاءِ هوائون موڪلي ٿو جيئن
گهري ٿو تيئن ان ڪڪر کي آسمان ۾ پکيڙي ٿو ان کي تہ تہ بنائي ٿو تون ان مان
مينهن جا ڦڙا وسندي ڏسندين. اهو سڀ ڪجهہ ان جو قائم ڪيل نظام آهي "فَاِذَآ
اَصَابَ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖٓ اِذَاهُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ" پوءِ جڏهن اهو (مينهن) پنهنجن
ٻانهن مان جنهن کي گهري ٿو ان کي پهچائي ٿو تہ ان وقت اهي خوش ٿين ٿا. يعني ان
مينهن سان سندن زمين آباد ٿيندي آهي اهي ان جي ڪري گهڻو خوش ٿيندا آهن. "وَاِنْ
كَانُوْا مِنْ قَبْلِ اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْهِمْ مِّنْ قَبْلِهٖ لَمُبْلِسِيْنَ" جيتوڻيڪ ان کان اڳي جو انهن تي
لاٿو وڃي اڳ ۾ نااميد هئا. مطلب تہ اهي اڳ ۾ نااميد هئا تان جو مينهن وسڻ کان
ٿورو اڳ ۾ بہ انهن کي اها اميد نہ هئي تہ اهڙا مينهن وسندا ۽ اهڙي پيدائش ٿيندي
"فَانْظُرْاِلٰٓى اٰثٰرِ رَحْمَتِ اللّٰهِ كَيْفَ يُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَمَوْتِهَا" پوءِ الله جي رحمت جي نشانين
ڏانهن نهار تہ زمين جي برباد هجڻ کان پوءِ ان کي ڪيئن ٿو آباد ڪري؟ يعني ڪجهہ
ڪلاڪ اڳ ۾ هر طرف مٽي اڏامي رهي رهئي زمين خشڪ، بي رونق ۽ برباد پئي هئي
اوچتو الله جل شانہ جي مهربانيءَ سان آباد ٿي رونق دار بنجي وئي. اهو ئي حال
روحاني بارش جو سمجهو تہ ان سان بہ مئل دليون زنده ٿينديون ۽ قلبن

(١) روح البيان ص ٥٠، ٥١ جلد ٧

جي ڪڻ لهي ويندي. "اِنَّ ذَالِكَ لَمُحْيِ الْمَوْتىٰ وَهُوَ عَلىٰ كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" بلاشڪ اهو مئلن کي جيئرو ڪندڙ آهي ۽ اهوئي هر شيءِ تي قادر آهي مطلب تہ ويران زمين کي مينهن وسائي آباد ڪندڙ الله ئي مئلن کي جيئرو ڪندو اهو هر شيءِ تي قادر آهي جيئن گهري تيئن ڪري سگهي ٿو. "وَلَئِنْ اَرْسَلْنَا رِيحًا فَرَاَوْهُ مُصْفَرًّا لَّظَلُّوْا مِنْ بَعْدِهٖ يَكْفُرُوْنَ" ۽ البت جيڪڏهن اسين هوا موڪليون پوءِ ان کي ڦڪو ٿيندڙ ڏسن تہ ان کان پوءِ هميشہ بي شڪري ڪندا رهن. يعني پهريان نااميد هئا مينهن وسيو زمينون سرسبز ٿيون تہ خوش ٿيا هاڻي جيڪڏهن ان کان پوءِ اسين هڪ تيز جهولو هلايون جنهن سان پوڪون سُڪي ڦڪيون ٿي وڃن تہ اهي ماٺهو فورًا مٽجي ويندا ۽ الله جل شانہ جا سڀ احسان وساري بي شڪر بنجندا.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "فَاَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ الْقَيِّمِ" (پوءِ پنهنجو منهن سڌي دين ڏانهن متوجہ رک) ۾ خطاب يا مومنن سان آهي پوءِ مطلب هي ٿيندو تہ اي ايمان وارؤ! ايمان آڻڻ کان پوءِ الله جل شانہ جي ڪامل دين ڏانهن مڪمل طرح متوجہ رهندي ان جي عبادت گهٽي ڪيو ڪو بہ مسلمان عبادت جي فرض کان خالي ناهي نہ ڪو بي نياز آهي يا ان ۾ خطاب حضور پرنور عليہ الصلوٰة والسلام جن سان آهي مطلب تہ اي محبوب! (عليہ الصلوٰة والسلام) اوهان پنهنجو منهن مبارڪ دين جي طرف قائم رکو تانت اوهان جي اتباع ڪندي سيني جا منهن اوڏانهن متوجہ ٿي ويندا ڇوتہ جنهن ڏانهن اوهان نگاهہ ڪرم ڪيو تا الله جل شانہ جي فضل واحسان جي نظر بہ اوڏانهن ٿيندي آهي ۽ ساري خدائي ان طرف متوجہ رهندي آهي. (١)

ع٢ـ "يَوْمَئِذٍ يَّصَّدَّعُوْنَ" (ان ڏينهن جدا جدا ٿيندا) مان واضح ٿيو تہ قيامت جي ڏينهن عربي، عجمي، رومي، حبشي، امير، فقير، بادشاهہ ۽ گدا جي لحاظ سان تقسيم ۽ تفريق نہ هوندي پر مومن ۽ ڪافر، نيڪوڪار ۽ بدڪار جي لحاظ سان هڪ ٻئي کان جدا ڪيا ويندا.

ع٣ـ "مَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهٗ" (جنهن ڪفر ڪيو پوءِ ان تي ئي ان جو ڪفر آهي) مان واضح ٿيو تہ ڪافر الله جل شانہ کي ڪو نقصان ڏئي نہ سگهندا ڪفر جو وبال انهن تي پوند و پنهنجي ستيا پاڻ ناس ڪري رهيا آهن آيت جي اڳئين حصي مان اهو بہ

(١) نورالعرفان صـ٦٥٢ـ

واضح ٿيو تہ نيڪ عمل ڪرڻ وارا بہ ڪو الله جل شانــہ تي احسان نہ ٿا ڪن بلڪ پنهنجا ئي جهان سينگاري رهيا آهن.

ع۴ـ "وَمِنْ اٰيٰتِـهٖ" کان "وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ" تائين آيت مان واضح ٿيو تہ انصاف واري اک رکندڙن جي لاءِ الله جل شانــہ جي قدرت جا قاهر ۽ باهر دليل موجود آهن ککرن کيءَ هوائون ڪٽي هلن، تـہ تـہ ٿيل ڪکرن مان مينهن جون ڦڙيون نڪري وسن، انهن سان برباد ۽ ويران زمين آباد ۽ گل وگلزار بنجي هي سڀ الله جل شانــہ جي قدرت جا نظارا آهن.

ع۵ـ "وَكَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُالْمُؤْمِنِيْنَ" (۽ اسان تي مومنن جي مدد ڪرڻ حق آهي) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانــہ پنهنجي رحم ۽ ڪرم سان مومنن جي ظاهري توڙي باطني مدد ڪرڻ جو احسان فرمايو آهي وعدو ڪيو آهي ۽ ان جي وعدي برخلافي ناممڪن آهي بلڪ جيڪو مومن پنهنجي ڀائي مومن ڀاءُ جي مددڪري ٿو الله ان جي بہ مدد ڪري ٿو حضرت ابودرداءِ رضي الله عنــہ کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن فرمايو:

"مَامِنْ مُسْلِمٍ يَذُبُّ عَنْ عَرْضِ اَخِيْــهِ اِلَّا كَانَ حَقًّا عَلَى اللهِ تَعَالٰى اَنْ يَّرُدَّ عَنْــهُ نَارَجَهَنَّمَ يَوْمَ الْقِيٰمَــةِ "ثُمَّ تَلَا" وَكَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُالْمُؤْمِنِيْنَ. (١)

ڪو بہ مسلمان پنهنجي (مومن) ڀاءَ جي عزت جو دفاع ڪري ٿو تہ الله جل شانــہ تي حق آهي تہ ان کان قيامت جي ڏينهن جهنم جي باهہ دفع ڪري.

ع۶ـ "فَانْظُرْاِلٰىٓ اٰثٰرِ رَحْمَــةِ اللهِ" کان "وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" تائين هن آيت مان معلوم ٿيو تہ انسان الله جل شانــہ جي مخلوق ڏي نهاري خالق جي وجود، وحدانيت ۽ مردن کي زنده ڪرڻ واري قدرت تي دليل وٺي يقين ڪري تہ جيڪو الله جل شانــہ ويران زمين کي آباد ڪري ٿو اهو ئي مئلن کي جيئرو ڪندو. يقينًا ڪندو.

فَاِنَّكَ لَاتُسْمِعُ الْمَوْتٰى وَلَا تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ اِذَاوَلَّوْا مُدْبِرِيْنَ (۵٢)

پوءِ بلاشڪ تون نہ ٿو ٻڌائين مئلن کي ۽ نہ ٿو ٻڌائين ٻوڙن کي سڏ جڏهن ڦريا پٺي ڏيندڙ

وَمَآ اَنْتَ بِهٰدِ الْعُمْيِ عَنْ ضَلٰلَتِهِمْ ؕ اِنْ تُسْمِعُ اِلَّا

۽ ناهين تون هدايت ڪندڙ انڌن کي انهن جي گمراهيءَ کان نہ ٿو ٻڌائين تون مگر ان کي

(١) ضياء القرآن صـ۵٨١ـ جلد ٣

مَنْ يُّؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمْ مُّسْلِمُوْنَ ع (٥٣)

جيڪو ايمان آڻي ٿو اسان جي آيتن تي پوءِ اهي مڃڻ وارا آهن.

تفسير

اڳين آيتن ۾ مئلن کي زنده ڪرڻ تي دليل ڏنا ويا پر ان هوندي به جڏهن ڪافرن اها ڳالهه نه مڃي ته الله جل شانــه هتي ارشاد فرمايو ته: اهي مئلن وانگر آهن اوهان انهن کي ڪيئن ٻڌائيندؤ؟ ۽ اهي ٻوڙا آهن ٻڌن ئي نه ٿا ته اوهان انهن کي ڇا ٻڌائيندؤ؟ ارشاد الاهي آهي "فَاِنَّكَ لَاتُسْمِعُ الْمَوْتٰى" پوءِ بلاشڪ تون مئلن کي نه ٿو ٻڌائين. يعني اوهان هنن مشرڪن کي جن جي ڪنن تي الله جل شانــه مُهر هنئين آهي ۽ انهن کان اوهان جي هدايتن ٻڌڻ جي توفيق ڪسي ڇڏي آهي نه ٿا ٻڌائي سگهو. هتي "الْمَوْتٰى" مان مراد دلين جا مئل آهن (١) علامہ نسفي لکيو آهي ته مئلن مان مراد جيئرا، حواس رکندڙ ڪافر آهن مئلن سان انهن کي تشبيــه ڏني وئي آهي (٢) علامہ پاني پتي عليــه الرحمــة سورة النمل ۾ "الْمَوْتٰى" جي مراد متعلق لکيو آهي اي الكفار (٣) يعني موتىٰ مان مراد ڪافر آهن مطلب ته ڪافر دلين جا مئل آهن اوهان جي هدايت واري پيغام کي ٻڌن ئي ڪو نه ٿا.

سوال

ڇا مئل ٻڌن ٿا؟

هن آيت مبارڪ مان ڪي ماڻهو دليل وٺن ٿا ته وفات ڪري ويل مومن، مسلمان بلڪ انبياءِ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام، شهداءَ عظام، اولياءِ ۽ رباني علماءِ پيارا به دنيا تان رحلت ڪرڻ کان پوءِ ڪو نه ٿا ٻڌن ڇا هو عقيدو ۽ نظريو صحيح آهي؟

جواب

اسان اهل السنــة والجماعــــة جو قرآن ڪريم ۽ نبوي حديثن علىٰ قائلها الصلوٰة والسلام جي روشن دليلن سان عقيدو آهي ته الله جل شانــــه جا نبي (عليهم الصلوة والسلام) شهيد، ولي، رباني علماءَ ته رحلت ڪرڻ کان پوءِ ٻڌن ٿا پر هر مومن، مسلمان به وفات ڪرڻ ۽ دفن ٿيڻ کان پوءِ ٻڌي ٿو زيارت ڪندڙ کي ڏسي سڃاڻي ٿو ان متعلق سورة النمل جي آيت مبارڪ ع٨٠ جي تفسير ۾ ڪافي دليل لکي آيا آهيون ۽

(١) تفسير خازن سورة النمل ص٣٩٢ـ جلد ٣ (٢) مدارڪ التنزيل بهامش الخازن ص٣٩٢ـ جلد ٣ (٣) المظهري ص١٣٠ـ جلد ٧

هتيٌ ڪجهہ لکون تا تانت پڙهندڙ پنهنجو عقيدو پڪو رکن سڀ کان اول هي سمجهڻ گهرجي تہ موت ڪهڙي شيءِ آهي؟ ان جو مفهوم ڇا آهي؟ علامہ ابن القيم لکيو آهي تہ موت خالص عدم ۽ مطلق فنا جو نالو ناهي جو انسان مري تہ بلڪل نيست ۽ نابود ٿي رهجي وڃي بلڪ هڪ حالت کان ٻي حالت ۾ منتقل ٿيڻ جو نالو موت آهي. "ان الموت ليس بعدم محض وانماهو انتقال من حال الي حال (١) الله جل شانــه شهيدن جي متعلق فرمايو آهي "اَحْيَآءٌ عِنْدَرَبِّهِمْ يُرْزَقُوْنَ" (٢) پنهنجي رب وٽ جيئرا آهن رزق ڏنا ويندا آهن جڏهن ظاهري طور مٿن موت جي حالت طاري ٿي وئي ان کان پوءِ بہ اهي زنده آهن تڏهن انهن کان مٿي مرتبي وارا انبياءَ عليهم الصلوٰة والسلام ۽ صديقين بدرجہ اولىٰ زندهہ آهن علامہ ابن القيم انبياءَ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جي زنده هجڻ تي ڪيترا دليل ڏنا آهن جن مان ڪجهہ هي آهن ١: معراج واري رات نبي اڪرم جي ٻين نبين عليهم الصلوٰة والسلام سان ملاقات ٿي ٢: انهي معراج واري سير دوران سندن مختلف آسمانن تي مختلف نبين عليهم الصلوٰة والسلام سان ملاقات ٿي ٣: حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليــه الصلوة والسلام سان تہ بار بار ملاقات ٿي ۽ ان جي مشوري سان نمازن جو تعداد پنجاه مان گهٽجي پنج ٿيو اهو واقعو تہ هر خاص ۽ عام ڪي ذهن ۾ آهي اهڙا ڪافي دلائل بيان ڪرڻ کان پوءِ علامہ مذڪوره لکيو آهي تہ يحصل من جملتــهالقطع بان موت الانبياءَ انما هو راجع الى ان غيبواعنا بحيث لاندرکهم وان کانوا موجودين احياءَ (٣) مذڪوره ۽ ٻين دليلن سان اها ڳالهہ قطعي طرح ثابت ٿي رهي آهي تہ انبياءَ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جي لاءِ وارد ٿيل موت جي لفظ مان فقط هي مطلب آهي تہ اهي اسان جي نظرن کان غائب ڪيل آهن جيتوڻيڪ جيئرا، موجود آهن. موت جي مفهوم ذهن نشين ڪرڻ کان پوءِ اوهان هيءَ ڳالهہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪيو تہ موت کان بعد روح ۽ جسم جو هڪ ٻئي سان تعلق ڪهڙو ٿو رهي؟ علامہ مذڪوران جي متعلق لکيو آهي تہ انهن ٻنهي جي هڪ ٻئي سان تعلق جون پنج حالتون آهن ۽ هر حالت جا احڪام مختلف آهن ١: ماءَ جي پيٽ ۾ جسم جي اندر روح ڦوڪڻ جي حالت ٢: ڄمڻ کان پوءِ هن جهان ۾ قدم رکڻ جي حالت ٣: خواب جي حالت ۴: برزخ جي جهان ۾ پهچڻ جي حالت. ان وقت جيتوڻيڪ روح جسم کان جدا ٿئي ٿو پر مڪمل طرح ڪلي جدائي ناهي پر ان حالت ۾ بہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح روح جو جسم سان تعلق رهي ٿو "تعلقها بــه في البرزخ

(١) ڪتاب الروح صـ۴٣ـ (٢) سورة آلعمران آيت عـ١٦٩ـ (٣) ڪتاب الروح صـ۴٣ـ

فانها وان فارقتـه وتجردت عنـه فانها لم تفارقـه فراقا كليا بحيث لايبقىٰ لها التفات اليـه البتـة (١) ۽ ان ئي تعلق جي ڪري اهو پنهنجي زيارت ڪندڙ جو سلام ٻڌي ان جو جواب ڏي ٿو ۽ ان جو ان کي علم بہ ٿئي ٿو (جيئن اڳتي تفصيل اچي رهيو آهي) ٥: قبرن مان اٿڻ کان پوءِ روح جو جسم سان تعلق ۽ اهو نهايت ڪامل اڪمل تعلق آهي جو ان کان پوءِ اهو موت، ننڊ ۽ خراب ٿيڻ ڪي قبول نہ ٿو ڪري. مرڻ کان پوءِ حشر تائين روح جو مقام ڪٿي آهي؟ ان ۾ مختلف قول آهن. پر راجح قول هي آهي تہ مومنن جا ارواح جيڪڏهن انهن ڪبيره گناهہ نہ ڪيا آهن يا انهن تي ڪنهن جو قرض ناهي جيڪو سندن جي لاءِ جنت ۾ وڃڻ کان رڪاوٽ بڻجي تہ اهي بهشت ۾ هوندا آهن پر پنهنجي خاڪي جسم تي انهن جو اهڙي طرح توجـه هوندو آهي جو جيڪڏهن ڪو شخص انهن جي مزارن تي حاضر ٿيندو آهي تہ اهي انهن کي ڏسن ٿا ۽ جيڪڏهن ڪو انهن تي سلام چوي تہ اهو ٻڌي ان کي جواب ڏين ٿا پر ان شبهي جي ازالي ڪرڻ لاءِ تہ ارواح جيڪڏهن جنت يا اعليٰ عِليين ۾ آهن تہ ايترو پري رهندي اهي قبرن تي اچڻ واري کي ڪهڙي طرح سڃاڻن ٿا ۽ ان جو سلام ڪيئن ٻڌن ٿا ڪيئن جواب ڏين ٿا؟ علامہ ابن القيم لکيو آهي تہ لايضيق عن كون الروح في الملا الاعلىٰ تسرح في الجنـة حيث شاءت وتسمع سلام المسلم عليها عند قبرها وتدنوا حتى ترد عليـه السلام وللروح شان آخر غيرشان الابدان (٢) يعني هن ڳالهہ کان تنگ نہ ٿجي تہ ملا اعلىٰ ۾ رهندي جنت ۾ جتي بہ گهري سير ڪندي روح ان تي سلام ڪندڙ جو سلام ٻڌي ٿو ۽ ويجهو ٿي ان کي سلام جو جواب ڏي ٿو. ڇو تہ روح جو معاملو ٻيو آهي تہ بدن جو ٻيو علامـه صاحب وڌي شرح ۽ بسط سان هي شيءِ ثابت ڪئي آهي تہ مڪان جو بعيد هجڻ ۽ پنڌ جو پري هجڻ ارواح جي لاءِ ڪا معنىٰ نہ ٿا رکن ۽ هڪ لمحي ۾ ملا اعلىٰ کان زمين تي ۽ زمين کان ملا اعلىٰ تي اچي وڃي سگهن ٿا اهي ماڻهو نهايت ڏوڪي ۾ آهن جيڪي روح کي جسم وانگر انهن مفاصلن کي طي ڪرڻ ۾ قاصر سمجهندا آهن. علامـه صاحب لکيو آهي تہ ڇا اوهان نہ ٿا ڄاڻو تہ: معراج واري رات نبي ڪريم عليـه الصلوٰة والسلام جن (حضرت) موسىٰ (علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام) جي مزار کان لنگهيا تہ ان کي سندس قبر (مبارڪ) ۾ نماز پڙهندي ڏٺائون ۽ جڏهن ڇهين آسمان تي تشريف فرما ٿيا تہ ان کي اتي ڏٺائون. جبريل امين هڪ لمحي ۾ آسمان جي بلندين جي مٿان پر کولي پيو تہ ٻئي لمحي ۾ بارگاهہ رسالت مآب صلى الله عليـه وسلم ۾ دست بستـه موجود هوندو آهي. پر انهن

(١) ساڳيو حوالو (٢) ڪتاب الروح ص١٢٦ـ

ڳالهين کي هر ماڻهو تسليم نہ ٿو ڪري صرف ۽ صرف انهن سعيد روحن کي هيءَ استعداد ملندي آهي جيڪي انهن حقيقتن کي سمجهندا تسليم ڪندا ۽ انهن تي يقين بہ رکندا آهن. علامہ صاحب ان کان بعد هڪ مستقل فصل لکيو آهي جنهن ۾ ان هن حقيقت کان پردو کنيو آهي تہ سڀني روحن جي حقيقت برابر ناهي بلڪ قوت ۽ ڪمزوريءَ، وڏي ۽ ننڍي هجڻ جي اعتبار سان هر هڪ جو رتبو جدا جدا هوندو آهي عظيم ۽ وڏن روحن جو مقام ايترو بلند هوندو آهي جنهن کي گهٽ درجي وارا ارواح حاصل ڪري نہ ٿا سگهن ۽ روحن جي وچ ۾ اهو تفاوت هن مادي دنيا ۾ بہ محسوس ٿئي ٿو ۽ جڏهن روح جسماني تعلق ۽ مادي پابندين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو آهي تہ ان کي تصرف، قوت، همت ۽ الله جل شانـــه سان تعلق ۾ جيڪو مقام نصيب ٿيندو آهي اهو انهن روحن کي حاصل نہ ٿو ٿئي جيڪي هن جسم جي پڃري ۾ بند آهن ۽ انهن کي مادي دنيا جي زنجيرن جڪڙي رکيو آهي عظيم ارواح جنهن جسماني پنجري کان آزاد ٿيندا آهن تہ انهن جي شان ۽ همت جي بلنديءَ جو اندازو ئي لڳائي نہ ٿو سگهجي ۽ انهن کان اهڙا عظيم ڪارناما سرانجام ٿيندا آهن جن جو تصور ڪرڻ بہ اسان جي وس جي ڳالهہ ناهي وري علامہ موصوف لکيو آهي تہ "وکم روئی النبي صلی الله تعالیٰ عليـــه وآلـــه وسلم ومعـــه ابوبکر وعمرفي النوم وقدهزمت ارواحهم عساکرالکفروالظلم فاذا بجيوشهم مغلوبـــة مکسورة مع کثرة عددهم وعدوهم وضعف المسلمين وقلتهم (١) يعني ڪئين ڀيرا رسول الله صلی الله عليـه وسلم جن جي خواب ۾ زيارت ڪئي وئي ۽ ساڻن گڏ حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما بہ هئا تہ سندن پاڪ روحن ڪفر ۽ ظلم جي لشڪرن کي ڪلي شڪست ڏني ۽ انهن کي مغلوب ۽ مقهور بنايو حالانڪ مسلمان ٿورا ۽ ڪمزور هئا. ملخصًا. اڳتي علامہ موصوف لکيو آهي تہ هر روح جو پنهنجو پنهنجو مقام ۽ مرتبو آهي ۽ مختلف حديثن ۾ ارواح جي مختلف مقام جو جيڪو ذڪر آيو آهي اهو بہ ان لحاظ سان آهي انهن ۾ ڪو تضاد ناهي بلڪ مختلف ارواح جا مختلف مقام بيان ڪيل آهن روح ۽ بدن جا احڪام ۽ حالات بہ مختلف آهن روح جنت ۾ هجڻ جي باوجود قبر ۾ پنهنجي دفن ٿيل جسم سان تعلق رکي ٿو. روح جو مٿي وڃڻ، هيٺ اچڻ، هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تي پهچڻ ۾ ان جي جلد رفتار جو اندازو نہ ٿو ڪري سگهجي. ارواح جا چار قسم آهن. ١: آزاد ارواح ٢: مقيد ارواح ٣: علوي ارواح ۴: سفلي ارواح علامـه صاحب جي

(١) ڪتاب الروح ص١٨٧ـ

لکيل عبارت ملاحظو فرمايو. ”وانهامع کونها فی الجنــة فهي في السماءِ وتتصل بفناء القبر وبالبدن فيــه وهي اسرع شيءِ حركـة وانتقا لاوصعودا وهبوطا وانها تنقسم الي مرسلـة ومحبوسـة وعلويـة وسفليـة (١) ڪيترين صحيح حديثن مان بہ مري ويلن جو قبرن ۾ رهندي ٻڌڻ ثابت آهي انهن مان ڪجهہ حديثون هتي لکجن ٿيون.

ع١ـ بخاري، مسلم ۽ ٻين محدثن حضرت انس رضي الله عنــه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عليــه وسلم جن فرمايو ”ان العبد اذا وضع في قبره وتولی عنه اصحابـه انـه يسمع قرع نعالهم (٢) بلاشڪ جڏهن ٻانهو پنهنجيءَ قبر ۾ رکيو وڃي ٿو ۽ (ان کي دفن ڪنديڙ) سندس ساٿي واپس ٿين ٿا تہ اهو انهن جي جُتين جي آواز کي ٻڌي ٿو.

ع٢ـ ابن ابي شيبه، الاوسط ۾ طبرانيءَ، ابن حبان، حاڪم ۽ بيهقيءَ حضرت ابو هريرة رضي الله عنــه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلی الله عليــه وسلم جن فرمايو ”والذي نفسي بيده ان الميت اذاوضع في قبره انـــه يسمع خفق نعالهم حين يولون عنـــه“ (٣) ان پاڪ ذات جو قسم آهي جنهن جي قدرتي هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ بلاشڪ ميت جڏهن پنهنجيءَ قبر ۾ رکيو وڃي ٿو تہ جڏهن رکڻ وارا واپس ورن ٿا تہ اهو سندن جتين جا آواز ٻڌي ٿو.

ع٣ـ ابن ابي الدنيا ڪتاب المفتون ۾ ام المومنين سيده عائشــه رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عليــه وسلم جن فرمايو ”مامن رجل يزور اخاه ويجلس عنده الا استانس بـه ورد عليـه حتی يقوم“ ڪو بہ مرد پنهنجي (مسلمان) ڀاءُ جي (قبر جي) زيارت ڪري ٿو ۽ ان وٽ ويهي ٿو تہ اهو ان سان دل وندرائي ٿو ۽ ان کي (سلام جو) جواب ڏي ٿو. جيستائين اٿي وڃي.

ع٤ـ بيهقيءَ شعب الايمان ۾ حضرت ابوهريرة رضي الله عنــه کان روايت آندي آهي تہ: جڏهن ڪو مرد اهڙي ماڻهوءَ جي قبر کان لنگهي ٿو جنهن کي (دنيا) ۾ سڃاڻندو هو ان تي سلام ورائي ٿو تہ اهو ان کي سلام جي موٽ ڏي ٿو اهڙي طرح الاستذ کاروالتمهيد ۾ ابن عبدالبرہ آندو آهي. (٤)

مذڪوره حديثن کان سواءِ بہ علامہ ابن القيم ٻيون حديثون آڻي وفات ڪري ويلن جي ٻڌڻ جي متعلق پنهنجي تحقيق جو خلاصو هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي ”والسلف مجمعون علی هذاوقدتواترت الآثارعنهم بان الميت يعرف زيارة الحي لـــه

(٢) ڪتاب الروح صـ١٤٤ـ (٢) (٣) بشریٰ الڪئيب مع شرح الصدور صـ٣٢٧ـ (٤) ساڳيو حوالو

ويستبشربـه" يعني وفات ڪري ويلن جي متعلق سلف صالحن جو اجماع آهي ۽ انهن
کي متواتر آثار آهن تہ ميت ان تي جيئري جي اچڻ کي سڃاڻي ٿو ۽ ان سان خوش ٿئي
ٿو شبير احمد عثماني ديوبندي صاحب بہ مسلم شريف جي شرح فتح الملهم ۾ هن
مسئلي جي تحقيق ڪندي لکيو آهي تہ والذي يحصل لنا من مجموع النصوص والله اعلم
ان سماع الموتيٰ ثابت في الجملہ بالاحاديث الكثيرة الصحيحة" يعني گڏ ڪيل نصن ۽
گهڻين صحيح حديثن مان اسان کي جيڪو حاصل ٿيو آهي (والله اعلم) اهو هي آهي تہ
وفات ڪري ويلن جو ٻڌڻ ثابت آهي اهو ثابت ڪرڻ کان پوءِ علامہ مذڪور انهن
آيتن جي مفهوم واضح ڪئي آهي جن مان نہ ٻڌڻ جا دليل ورتا وڃن ٿا ان علامہ
محمد قاسم صاحب جي حوالي سان لکيو آهي تہ افعال جا ٻہ قسم آهن ١: عادي. جن
جو وقوع عادت جي مطابق اسباب ۽ علتن سان ٿيندو آهي مثلاً ڪنهن ماڻهو ڪنهن
تي بندوق سان فائر ڪيو ۽ اهو مري پيو تہ ان ڪم جي نسبت ان بندوق هڻڻ واري
ڏانهن ڪئي ويندي آهي ٢: غير عادي. جيڪي ظاهري علتن ۽ اسباب جي حاصل ٿيڻ
کان سواءِ وقوع پذير ٿيندا آهن جيئن ڪنهن پٿرين جي ڀريل مُٺ اڇلائي ۽ هڪ وڏي
لشڪر کي شڪست ڏني انهن ڪمن جي نسبت براه راست اللهجل شانہ ڏانهن ڪئي
ويندي آهي جيئن قرآن ڪريم ۾ الله جل شانـه جو پنهنجي محبوب عليـہ الصلوٰة
والسلام سان خطاب آهي "وَمَارَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللهَ رَمٰى" (١) ۽ اوهان پٿريون نہ
اڇلايون جڏهن اوهان اڇلايون ۽ پر الله اڇلايون. وفات ڪري ويل بہ زمين جي اندر
دفن ڪيل آهي ان تي مٽيءَ جا ڪئين مڻ ورايل آهن ٧،٦ فٽ زمين جي اندر آهي نہ
اتي هوا جو گذر آهي نہ روشنيءَ جو نہ اتي آواز پهچائڻ جو ڪو ظاهري سبب آهي ان
جي ڪري ميت تائين آواز پهچائڻ ٻئي ڪنهن جو وس ناهي جيئن ارشاد آهي "مَآ اَنْتَ
بِمُسْمِعٍ مَّنْ فِى الْقُبُوْرِ" (اوهان انهن کي ٻڌائيندڙ ناهيو جيڪي قبرن ۾ آهن) پر ان جو
اهو مطلب ناهي تہ انهن کي الله جل شانـه بہ ٻڌائي نہ ٿو سگهي (٢) ديوبندي علماء
مان مشهورعالم سيد انور شاهہ ڪشميري لکيو آهي تہ ان المنفي فى الآيـة هوا لاسماع
دون السماع (٣) آيت ۾ ٻڌائڻ جي نفي آهي ٻڌڻ جي نفي ناهي علامـہ موصوف انهيءَ
ئي ڪتاب جي ان ئي جلد جي صـ٤٦٧ـ تي لکيو آهي "الاقوال والاحاديث في سمع
الاموات قدبلغت مبلغ التواتر" مان (سيد انور شاهہ ڪشمير) چوان ٿو تہ وفات ڪري
ويلن جي ٻڌڻ جي متعلق روايت ڪيل حديثون تواتر جي درجي کي پهتل آهن ۽

(١) سورة الانفال آيت ١٧ (٢) فتح الملهم صـ٤٤٨،٤٤٩ـ جلد ٢ (٣) فيض الباري
شرح صحيح بخاري صـ٤٧ـ جلد ٢

ديوبندي علماء جي اڪابر جو ته اهو عقيدو رهيو آهي خبر نه ٿي پوي ته هاڻي انهن جا شاگرد ۽ پوئلڳ سڏائڻ وارا ان جو انڪار ڇو ٿا ڪن ۽ اولياء ڪرام جي مزارن تي حاضري ڏيندڙ تي ڪفر ۽ شرڪ جي فتوي ڇو ٿا لڳائن؟؟ بدر جي جنگ ۾ جڏهن وڏا وڏا مشرڪ ابوجهل، عتبــه وغيرهما قتل ڪيا ويا ۽ سندن لاش هڪ کڏي ۾ اڇلايا ويا ته حضور پرنور عليــه الصلوة والسلام جن انهيءَ کڏي جي مٿان اچي هڪ هڪ ڪافر جو نالو وٺي فرمايو "اي فلاڻي جا پٽ فلاڻا" "اي فلاڻي جا پٽ فلاڻا" ڇا جيڪو الله اوهان جي متعلق وعدو فرمايو هو ان کي حق لڌو اٿو؟ يقينًا جيڪو وعدو مون سان منهنجي رب ڪيو مون ان کي حقٌ لڌو آهي اهو ٻڌي حضرت عمر رضي الله عنــه عرض ڪيو ته: يارسول الله! اوهان انهن بي ساهه لاشن سان ڇيا ڳالهايو؟ پاڻ فرمايائون ته: "مون کي ان الله جو قسم آهي جنهن مون کي حق سان موڪليو آهي ته جيڪي مان فرمايان پيو اهو انهن کان وڌيڪ اوهان (مون سان گڏ ويٺل) نه ٿا ٻڌو پر اهي جواب ڏئي نه ٿا سگهن" (١) هن حديث مان صاف ثابت ۽ واضح آهي ته مسلمان ته مسلمان آهن پر ڪافر به مٿان بيهي ڳالهائڻ وارن جو ڳالهائڻ ٻڌن ٿا. مذڪور خطاب کي بيان ڪرڻ کان پوءِ حضرت علامه شيخ عبدالحق محدث دهلوي عليــه الرحمــة لکيو آهي ته: هيءَ حديث صحيح ۽ متفق عليــه آهي وفات ڪري ويلن جي ٻڌڻ ۽ انهن جي علم ۽ شعور جو صريح ثبوت آهي ڇو ته جوُ ڪجهه حضور عليــه الصلوة والسلام جن فرمايو ان جو انهن کي علم حاصل ٿيو ان کان پوءِ محدث مذڪور منڪرن جا اعتراض آڻي انهن جا جواب ڏيندي فرمايو ته وفات ڪري ويلن جي ٻڌڻ شعور ۽ ادراڪ جي متعلق حديثون ۽ آثار گهڻا آهن ۽ انهن جي خلاف ڪو به قطعي دليل ثبوت جي مرتبي کي نه پهتو آهي.

سوال

ام المومنين سيده عائشــــه صديقــــه رضي الله عنها کان ان حديث جو تاويل روايت ڪيل آهي ان اها ڳالهه تسليم نه ڪئي آهي ان جي ڪري اهو دليل قوي ناهي؟

جواب

ام المومنين سيده عائشــــه رضي الله عنها وعن ابيها فهم وذڪاءَ واري گهڻين حديثن جي روايت ڪندڙ ۽ علوم دين ۾ تمام گهڻي ڄاڻ رکندڙهئي پر ڪنهن مستند صحيح روايت کي رد ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن صريح نص کان سواءِ ڪو رستو ناهي ۽

(١) فيض الباري شرح صحيح بخاري ص٤٧ـ جلد ٢

امان سائڻ جو آيت مبارڪ "اِنَّكَ لَا تُسْمِعُ الْمَوْتٰى" سان دليل وٺڻ بہ قطعي دليل ناهي
جو تہ ان مان مراد وفات ڪري ويلن جو نہ ٻڌڻ ناهي پر انهن کي ٻڌائڻ جي نفي آهي.
پر الله جل شانہ تہ انهن کي ٻڌائي سگهي ٿو ۽ آيت ۾ نہ ٻڌائي سگهڻ جو مطلب آهي
تہ ڪافر دلين جا مثل آهن انهن کي اوهان اهڙو پيغام نہ ٿا ٻڌائي سگهو جنهن کي
اهي قبول ڪري ايمان آڻي مومن بنجن علماءِ اعلام فرمايو آهي تہ: هتي موتىٰ مان
مراد دليون ۽ قبرن مان مراد انهن جا جسم آهن. مواهب لدنيہ ۾ آهي تہ محمد بن اسحاق
جي مغازي ۾ جيداسناد سان ۽ مسند امام احمد بن حنبل ۾ حسن اسناد سان ام
المومنين سيده عائشہ رضي الله عنها کان خود حضرت عمر رضي الله عنہ جي
مذڪور روايت جهڙي روايت آيل آهي. لهذا ام المومنين سيده عائشہ رضي الله عنها
کان چڻ تہ پنهنجي ان قول کان رجوع ثابت ٿي چڪو آهي ۽ ان جو وجہ اهو آهي تہ
اها پاڻ ان واقعي ۾ موجود نہ هئي جڏهن ٻين وڏن اصحابن رضي الله عنهم کان اها
ڳالهہ ثابت ٿي تہ ام المومنين بہ ان ڳالهہ کي تسليم ڪيو (١) علامہ شبير احمد
عثماني ديوبندي لکيو آهي تہ: قال العلامة الالوسي البغدادي والحق ان الموتىٰ
يسمعون في الجملة" (٢) علامہ ابن ڪثير بہ لکيو آهي تہ "والصحيح عندالعلماءِ
رواية عبدالله بن عمرلما لها من الشواهد علىٰ صحتها من وجوه كثيرة (٣) يعني آيت
مذڪوره جي تفسير ۾ وفات ڪري ويلن جي نہ ٻڌڻ مراد ناهي ڇو تہ ٻڌڻ واري
جيڪا حضرت ابن عمر رضي الله عنهما جي روايت آهي ان جي صحيح هجڻ لاءِ گهڻن
وجهن سان ٻيون روايتون شاهد آهن علماءَ وٽ اها صحيح آهي ام المومنين سيده
عائشہ رضي الله عنها جو معمول هو تہ اها حضرت عمر رضي الله عنہ جي دفن ٿيڻ
کان اڳي حجره مقدسہ ۾ نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام ۽ حضرت ابوبڪر صديق
رضي الله عنہ جي زيارت لاءِ جڏهن ايندي هئي تہ اندر ڪپڙي سان منهن مبارڪ نہ
ڍڪيندي هئي فرمائيندي هئي تہ هتي هڪڙو منهنجو گهوٽ ۽ ٻيو منهنجو والد ڪريم
آهي مون کي پردي جي ضرورت ناهي ۽ پر حضرت عمر رضي الله عنہ جي دفن ڪرڻ
کان پوءِ نهايت اهتمام سان پردو ڪري پوءِ ايندي هئي مشڪواه شريف جي حاشيہ
واري لکيو آهي تہ: هي روايت ميت جي زنده هجڻ تي واضح ترين دليل آهي ۽ ان مان
اهو بہ ثابت ٿيو تہ ميت جو احترام ڪرڻ ضروري آهي خاص ڪري صالحن ٻانهن جو
نهايت ادب ڪرڻ، انهن جو حياءُ رکڻ ظاهرًاوباطنا اهم آهي يقينا صالح بزرگ

(١) مدارج النبوة ص١٦٤، ١٦٥ـ جلد ٦ (٢) فتح الملهم شرح صحيح مسلم ص٨، ٤٧٩ـ جلد ٦
(٣) تفسير ابن كثير ص٤٣٨ـ جلد ٣

پنهنجن زيارت ڪندڙن جي مدد ڪن ٿا جيڪو جيترو ادب، احترام ڪندو اوترو مقبول ٿيندو. علامہ شيخ عبدالحق محدث دهلوي عليه الرحمة لمعات ۾ اهڙي طرح ذڪر فرمايو آهي (١) علامہ علي قاري هن حديث جي شرح ۾ حضرت عقبة بن عامرصحابي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ان فرمايو تہ "مان جيڪڏهن باهہ جي ٽانڊي تي پير رکان يا تلوار جي ڌار تي ٽانجو منهنجو پير ٽڪجي ٽڪرا ٿي وڃي اهو مون کي ان کان وڌيڪ پيارو آهي جو ڪنهن جي قبر تي پير رکان قبرن ۾ پيشاب يا پائخانو ڪرڻ ۽ کليءَ طرح بازار ۾ ماڻهن جي اڳيان ڪرڻ ۾ ڪو فرق محسوس نہ ٿو ڪيان" يعني جيئن بازار وارا ڏسن ٿا ائين قبرن وارا بہ ڏسن ٿا. اهڙي طرح سليم بن غفرانه کان بہ روايت آهي (٢) علامه ابن ڪثير لکيو آهي تہ: مطرف تابعي هڪ پيري ميتن مدفونن کي پنهنجين قبرن جي مٿان ويٺل ڏٺو ۽ حضرت سفيان بن عيينة فرمايو تہ: جڏهن منهنجي پيءُ وفات ڪئي تہ مون کي سخت صدمو پهتو ۽ هر روز سندس قبر جي زيارت ڪرڻ ويندو هوس پوءِ آهستي آهستي سستي ڪيم ۽ ڪجهہ وقت نہ ويس ۽ هڪ ڏينهن ويس اتي زيارت ڪري وڃي ويٺس تہ مون تي ننڊ غلبو ڪيو ننڊ ۾ ڏٺم تہ منهنجي والد جي قبر کلي پئي ۽ پاڻ ان ۾ ڪفن جي ڪپڙن سان ويڙهيو ويٺو هو مون کيس ڏسي روئي ڏنو تہ پاڻ فرمايائين اي منهنجا پٽ ڪهڙي ڪم دير ڪرائيئي؟ مون پڇيو مانس تہ: ٿون منهنجو اچڻ ڄاڻندو آهين؟ چيائين تنهنجو هر ڀيري اچڻ مان ڄاڻان ٿو ۽ تو واري دعا سان مان تہ خوش ٿيان ٿو پر منهنجي پروارا بہ خوش ٿين ٿا. حضرت سفيان بن عيينة فرمايو تہ: پوءِ مون سندس مزار تي گهڻو وڃڻ شروع ڪيو علامہ مذڪور پيا بہ ڪجهہ واقعا ذڪر ڪري لکيو آهي تہ "وهذاباب فيه آثار كثيرة عن الصحابة" ۽ هي اهڙو باب آهي جنهن ۾ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم کان گهڻا آثار آيل آهن ٿورو اڳتي لکيو اٿس تہ: وقد شرع السلام على الموتىٰ والسلام علىٰ من لم يشعرولايعلم بالمسلم محال. يعني وفات ڪري ويلن تي شريعت سلام ڪرڻ جو رستو لکيو آهي ۽ جيڪو نہ سمجهي نہ ڄاڻي تہ سلام ڪنهن ورايو آهي ان تي سلام ڪرڻ اهو محال آهي ۽ نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن امت کي وفات ڪري ويلن تي سلام چوڻ سيکاريو آهي. آخر ۾ لکيو اٿس فهٰذاالسلام والخطاب والنداء لموجود يسمع ويخاطب ويعقل ويردوان لم يسمع المسلم الرداالله اعلم (٣) يعني قبر وارن تي خطاب ۽ نداءِ (السلام عليكم يا اهل

(١) مشكواة المصابيح ص ١٥٤ ـ وحاشيته ع ٧ ـ (٢) مرقاة ص ٤٠٩ ـ جلد ٦ (٣) تفسير ابن كثير ص ٤٣٩ ـ جلد ٣

القبور) سان سلام موجود مخاطب چاڻڻ واري ۽ جواب ڏيڻ واري تي آهي جيتوڻيڪ سلام ڪندڙ ان جو جواب نہ ٿو ٻڌي. هڪ جاءِ تي لکيو اٿس "والسلف مجمعون على هذا وقدتوا ترت الآثار عنهم بان الميت يعرف بزيارة الحي لـــه ويستبشر (١) سلف صالحن جو ان ڳالهہ تي اجماع آهي ۽ انهن کان متواتر طريقي سان آثار آيل آهن تہ ميت زيارت ڪندڙ جيئري جي اچڻ کي ڄاڻي ٿو. ان کي سڃاڻي ٿو ۽ خوش ٿئي ٿو. "وَلَاتُسۡمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ اِذَا وَلَّوۡ مُدۡبِرِيۡنَ" ۽ نہ ٻوڙن کي ٻڌائي سگهين ٿو جڏهن اهي پٺي ڏيندڙ ٿي منهن ڦيرائين ٿا. يعني ٻوڙا جيڪي اڳئي ٻڌن نہ ٿا منهن ڦيرائي پٺي ڏئي هليا تہ انهن کي نہ ٻڌائي سگهندين اهي ڪافر مردن ۽ ٻوڙن وانگر آهن انهن جي ايمان آڻڻ جي توقع نہ رکو ۽ نہ انهن جي انڪار ۽ تڪذيب جي ڪري غمگين ٿيو (٢) "وَمَآاَنۡتَ بِهٰدِ الۡعُمۡيِ عَنۡ ضَلٰلَتِهِمۡ اِنۡ تُسۡمِعُ اِلَّامَنۡ يُّؤۡمِنُ بِاٰيٰتِنَا فَهُمۡ مُّسۡلِمُوۡنَ" ۽ تون انڌن کي انهن جي گمراهيءَ کان هدايت ڪندڙ ناهين تون تہ صرف انهن کي ٿو ٻڌائين جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان آڻين ٿا پوءِ اهي مسلمان آهن. مطلب تہ دل جي انڌن ڪافرن کي روشني ڏئي اونداهين مان الله جل شانـہ ٻاهر ڪيندو اوهان انهن کي گمراهيءَ جي انڌيرن مان ڪڏي هدايت ڪرڻ وارا ناهيو. اوهان حق ۽ سچ وارو پيغام صرف انهن کي ٻڌايو ٿا جيڪي اسان جي آيتن تي ايمان آڻي مسلمان بنجن ٿا ٻيا اوهان جو پيغام نہ مڃڻ جي ڪري ڄڻ تہ ٻڌن ئي ڪو نہ ٿا.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ٽين ٿا.

ع١ـ "لَاتُسۡمِعُ الۡمَوۡتٰى" (مئلن کي نہ ٿو ٻڌائين) مان واضح ٿيو تہ مئل ٻڌن ٿا پر اوهان انهن کي ٻڌائي نہ ٿا سگهو. هتي ٻڌائڻ جي نفي آهي ٻڌڻ جي نفي ناهي علامہ شبير احمد عثماني ديوبنديءَ لکيو آهي تہ "بهرحال آيت مين اسماع (ٻڌائڻ) کی نفي سے مطلقًا سماع کی نفی نہیں ہوتی (٣)

ع٢ـ "فَهُمۡ مُّسۡلِمُوۡنَ" (پوءِ اهي مسلمان آهن) آيت جي هن آخري حصـہ مان معلوم ٿيو تہ هنن آيتن ۾ ذڪر ڪيلن مئلن ۽ انڌن مان مراد ڪافرآهن جو انهن جي مقابلي ۾ مسلمان بيان ڪيا ويا آهن جيڪڏهن "الموتيٰ" مان مراد مئل هجن ها تہ انهن جي مقابلي ۾ جيئرن جو ذڪر ٿئي ها جو تہ مومن ڪافر جو مقابل آهي مري ويل جو ناهي وفات ڪري ويلن جو ٻڌڻ تہ قرآن ڪريم سان ثابت آهي جيئن فرمان الهي آهي "وَاسۡئَلۡ مَنۡ

(١) ساڳيو حوالو صـ٤٣٨ـ (٢) حاشيہ دريابادي صـ٨٢٥ـ (٣)حاشيہ عثمانيہ صـ٥٤٥ـ

اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنْ رُسُلِنَا" (١) انهن کان پڇو جيڪي اوهان کان اڳي پنهنجن رسولن (عليهم الصلوٰة والسلام) مان موڪليا هئاسون. حالانڪ اهي پيغمبر عليهم الصلوٰة والسلام ڪئين سال اڳي دنيا تان رحلت ڪري ويا آهن ۽ حضرت شعيب ۽ حضرت صالح علىٰ نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام پنهنجن مري ويلن امتين سان خطاب فرمايو ۽ "اَلْعُمْىٰ" مان بہ ظاهري اکين جا معذور مراد ناهن ڇو تہ نبي ڪريم عليـــه الصلوٰة والسلام جو اصحابي حضرت عبدالله بن ام مڪتوم رضي الله عنــه ظاهري طرح نابينا هو مگر ايمان ۾ نهايت ڪامل بلڪ اڪمل هو ۽يا بہ هزارين ظاهري اکين کان معذور سندن سچا، ڪامل ۽ پڪا مومن امتي هيا، آهن ۽ رهندا هر مسلمان کي چڱيءَ طرح ڄاڻڻ ۽ يقين ڪرڻ گهرجي تہ هنن آيتن ۾ "اَلْمَوْتىٰ" ۽ "اَلْعُمْىٰ" مان مراد ڪافر آهن جيڪي دلين جا مئل ۽ انڌا آهن (٢) سعودي حڪومت جي وزارة الشئون الاسلاميـــة والاوقاف والدعوة والارشاد وارن بادشاه فهد جي خرچ تي مولوي محمد جونا ڳڙهيءَ جو لکيل ترجمــه صلاح الدين يوسف جي حاشيــه سان ڇپايو آهي ان ۾ هنن آيتن جي مراد بيان ڪندي لکيل آهي.

1: جس طرح مردے فہم وشعور سے عاری ہوتے ہیں اسی طرح یہ آپ ﷺ کی دعوت کو سمجھنے اور اسے قبول کرنے سے قاصر ہیں 2: یعنی آپ ﷺ کا وعظ ونصیحت ان کیلئے بے اثر ہے جس طرح بہرا ہوا سے تم اپنی بات نہیں سمجھا سکتے 3: اِذَا وَلَّوْا مُدْبِرِیْنَ یہ ان کے اعراض وانحراف کی مزید وضاحت ہے کہ مردہ اور بہرہ ہونے کے ساتھ وہ پیٹھ پھیر کر جانے والے ہیں حق کی بات ان کے کانوں میں کس طرح پڑسکتی اور کیوں کر ان کے دل ودماغ میں سما سکتی ہے (3)

هنن حوالن لکڻ مان مقصد انهن ماڻهن جا ذهن مطمئن ڪرڻا آهن جيڪي غير مقلد نجدي سعودي علماءَ کي اهميت ڏيندي انهن جي حوالي سان پراڻن سچن سنين جي اولاد کي وفات ڪري ويلن جي پڌڻ جو منڪر بنائيندا آهن. انهن کي بہ سمجهڻ گهرجي تہ ڪين مرڻ کان پوءِ الله کي جواب ڏيڻو آهي قرآن پاڪ جي صحيح مراد ۽ مفهوم بيان ڪن قرآن ڪريم کي پنهنجي نظريـــه ۽ ذهن جو تابع ڪرڻ جي بجاءِ قرآن ڪريم جي سلف صالحن جي طرفان بيان ڪيل مفهوم جا پاڻ بہ قائل رهن ۽ين کي بہ ذهن ۾ وهارين.

(١) نورالعرفان ص٦٥۴ـ (٢) نورالعرفان ص٦٥۴ـ (٣) اردو ترجمـــه محمد جونا ڳرهي وحاشيــه صلاح الدين يوسف ص١١٣٩ـ

اَللّٰهُ الَّذِیْ خَلَقَكُمْ مِّنْ ضُعْفٍ ثُمَّ جَعَلَ

الله اهو آهي جنهن پيدا ڪيو اوهان کي ڪمزوريءَ (واري حالت) ۾ ان کان پوءِ ڪيائين

مِنْۢ بَعْدِ ضُعْفٍ قُوَّةً ثُمَّ جَعَلَ مِنْۢ بَعْدِ قُوَّةٍ ضُعْفًا وَّشَيْبَةً ؕ يَخْلُقُ

ڪمزوريءَ کان پوءِ طاقت ان کان پوءِ ڪيائين قوت کان پوءِ ڪمزوري ۽ پيڙائپ پيدا ڪري ٿو

مَا يَشَآءُ ج وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْقَدِيْرُ (٥٤) وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ

جيڪي گهري ۽ اهوئي گهڻو ڄاڻندڙ قدرت رکندڙ آهي ۽ جنهن ڏينهن قائم ٿيندي قيامت تہ

يُقْسِمُ الْمُجْرِمُوْنَ ۙ مَا لَبِثُوْا غَيْرَ سَاعَةٍ ؕ كَذٰلِكَ كَانُوْا يُؤْفَكُوْنَ (٥٥)

قسم کڻي چوندا مجرم تہ نہ رهيا(دنيا ۾) هڪ گهڙيءَ کان سواءِ اهڙي طرح اونڌا ڦيرايا ويا هئا

وَقَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ وَالْاِيْمَانَ لَقَدْ لَبِثْتُمْ فِىْ كِتٰبِ اللّٰهِ

۽ چيو انهن جيڪي ڏنا ويا علم ۽ايمان تہ البت تحقيق رهيؤ اوهان الله جي ڪتاب ۾(لکيل موافق)

اِلٰى يَوْمِ الْبَعْثِ ز فَهٰذَا يَوْمُ الْبَعْثِ وَلٰكِنَّكُمْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ (٥٦)

اٿڻ جي ڏينهن تائين پوءِ هيءُ آهي اٿڻ جو ڏينهن ۽ پراوهان نہ ڄاڻندا هيئو

فَيَوْمَئِذٍ لَّا يَنْفَعُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَعْذِرَتُهُمْ

پوءِ ان ڏينهن نہ نفعو ڏيندو انهن کي جن ظلم ڪيو عذر پيش ڪرڻ انهن جو

وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ (٥٧)

۽ نہ اهي توبہ ڪرڻ جي طلب ڪيا ويندا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل شانـــہ جي وحدانيت تي آفاقي دليل پيش ڪيا ويا ۽ هتي انفسي دليل پيش ڪندي ارشاد تي رهيو آهي "اَللّٰهُ الَّذِیْ خَلَقَكُمْ مِّنْ ضُعْفٍ ثُمَّ جَعَلَ مِنْۢ بَعْدِ ضُعْفٍ قُوَّةً ثُمَّ جَعَلَ مِنْۢ بَعْدِ قُوَّةٍ ضُعْفًا وَّشَيْبَةً" سچو معبود اهو آهي جنهن اوهان کي ڪمزور حالت ۾ پيدا ڪري ان کان پوءِ اوهان ۾ قوة پيدا ڪيائين وري قوة کان بعد (اوهان ۾) ڪمزوري ۽ پيڙائپ پيدا فرمايائين. هتي انسان جي زندگيءَ جا ٽي

دور بيان ڪيا ويا آهن ١: ننڍڙائپ (خَلَقَكُمْ مِّنْ ضُعْفٍ) ٢: جواني (ثُمَّ جَعَلَ مِنْۢ بَعْدِ ضُعْفٍ قُوَّةً) ۽ ٣: ٻڍڙائپ "ضُعْفًا وَّشَيْبَةً" مطلب ته سچو معبود. برحق الله اهو آهي جنهن انسان کي انهن ٽنهي حالتن ۾ آندو آهي ان جي مشيت تي ئي موقوف آهي جنهن کي جهڙي حال ۾ گهري رکي ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي انهن حالتن مان ڪنهن هڪ حالت ۾ وفات ڪرائي ته به ڪري سگهي ٿو ٽنهي حالتن ۾ آڻڻ ضروري ناهي جنهن کي گهري وڏي عمر عطا ڪرڻ جي باوجود تندرست رکي ۽ جنهن کي گهري ته شاندار جواني ڏيڻ ڪان پوءِ ٻڍڙائپ ۾ اهڙو ڪمزور ۽ جڏو ڪري جو ريڙهيون ڏئي هلي ۽ ماڻهو انکي ڏسي عبرت حاصل ڪن انسان دنيوي نشي ۾ غرور ۽ تڪبر سان ڪٿي پريل رهي پر اهو هر حال ۾ الله جل شانـه جي قدرتي قبضي ڪان قطعًا ٻاهر ناهي "يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْقَدِيْرُ" جيڪي گهري پيدا ڪري ٿو ۽ اهو ئي گهٽو ڄاڻندڙ، قدرت رکندڙ آهي مطلب ته مذڪوره ٽئي حالتون يا ٻيو ڪجهه جيڪي به گهري ٿو پيدا ڪري ٿو اهو پنهنجي مخلوق جي تدبير کي گهٽو ڄاڻندڙ ۽ جيڪي گهري ان کي پيدا ڪرڻ تي قدرت رکندڙ آهي (١) "وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يُقْسِمُ الْمُجْرِمُوْنَ" ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي مجرم قسم ڪٽي چوندا ته "مَالَبِثُوْا غَيْرَ سَاعَةٍ" ته هڪ گهڙيءَ ڪان سواءِ (دنيا ۾) نه رهيا هئا "السَّاعَة" مان مراد قيامت آهي ان کي الساعة سڏڻ جا مختلف سبب آهن ١: ته اها دنيا جي آخري گهڙيءَ ۾ واقع ٿيندي ٢: اها اوچتو ايندي جيئن چئبو آهي هڪ گهڙيءَ ۾ ڪيئن پهتين يا هڪ گهڙيءَ ۾ ٿو اچان ان رهڻ مان مراد يا دنيا ۾ رهڻ آهي يا قبرن ۾ يا دنيا جي فنا ٿيڻ ڪان وٺي قبرن مان اٿڻ وارو عرصو جيئن حديث پاڪ ۾ آيو آهي ته "دنيا جي فنا ۽ (قبرن مان) اٿڻ وارو وقت چاليهه آهي" خبر ناهي ته انهن چاليهن مان مراد چاليهه (٤٠) سال آهي يا چاليهه هزار (٤٠٠٠٠) سال؟ سندن مذڪور قول ٻڌي چيو ويندو ته "كَذٰلِكَ كَانُوْا يُؤْفَكُوْنَ" اهڙي طرح اونڌا ڦيرايا ويندا هئا. يعني اتي ڪي چوندڙ چوندا ته اهي ڪافر جيئن هتي عقل وڃائي ويٺا آهن جو چون پيا ته هڪ گهڙي ڪان وڌيڪ نه رهيا آهيون. دنيا ۾ به ائين ڦيريون ڪائيندا هئا ڪنهن وقت چا ته ڪڏهن چا پيا سوچيندا هئا. انهن کي اهو چوندڙ انبياءِ، ملائڪ عليهم السلام ۽ مومن هوندا (٢) "وَقَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ وَالْاِيْمَانَ لَقَدْ لَبِثْتُمْ فِيْ كِتَابِ اللّٰهِ اِلٰى يَوْمِ الْبَعْثِ" ۽ جيڪي علم ۽ ايمان ڏنا ويا انهن چيو ته البت تحقيق اوهان الله جي لکت مطابق (قبرن مان) اٿڻ جي ڏينهن تائين رهيو. اڳ ۾ بيان ٿيو ته مجرم قسم ڪٽي چوندا ته هڪ گهڙي ڪان مٿي نه رهيا هئا ۽ هتي

(١) زادالمسير صـ٣٤١٠ـ جلد ٦ (٢) الڪشاف صـ٢٢٧ـ جلد ٣

ٻڌايو ٿو وڃي آخرت ۾ انهن کي علم وارا مومن جواب ڏيندا جيئن دنيا ۾ انهن تي حجت قائم ڪندا هئا ته اوهان الله جي لکت مطابق پيدا ٿيڻ کان وٺي قبرن مان اٿڻ تائين رهيل هيئو (١) "وَلٰكِنَّكُمْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ" ۽ پر اوهان نه ڄاڻندا هيئو ته ڪو هيئن به ٿيندو (٢) "فَيَوْمَئِذٍ لَّا يَنْفَعُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَعْذِرَتُهُمْ وَلَا هُمْ يُسْتَعْتَبُوْنَ" پوءِ ان ڏينهن جن ظلم ڪيو انهن کي سندن عذر پيش ڪرڻ نفعو نه ڏيندو ۽ نه انهن کان توبــه ڪرڻ طلب ڪئي ويندي مطلب ته جنهن ڏينهن ڪافر ڪوڙا قسم کڻندا ۽ سندن ڳالهه کي ملائڪ ۽ مومن (علماءَ) ڪوڙو ثابت ڪندا اتي انهن ظالمن کي سندن عذر پيش ڪرڻ به نفعو نه ڏيندو ۽ نه کين توبــه ۽ نيڪ صالحن اعمالن جي لاءِ چيو ويندو جنهن جي ذريعي الله جل شانـه کي راضي ڪن. (٣)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْقَدِيْرُ" (۽ اهو ئي ڄاڻندڙ قدرت وارو آهي) مان واضح ٿيو ته ٻانهي جو هر عمل الله جل شانـه جي علم ۾ آهي اهو ڪنهن به ڳالهه کان بي خبر ناهي جيڪو نيڪي ڪندو ان کي ثواب ڏيڻ تي قادر آهي ۽ جيڪو گناهه ڪندو انکي سزا ڏيڻ تي به قادر آهي. (۴)

ع٢ـ "وَقَالَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ وَالْاِيْمَانَ" (۽ جيڪي علم ۽ ايمان ڏنا ويا چوندا) مان معلوم ٿيو ته علم ۽ ايمان جي فضيلت تمام گهڻي آهي. جو قيامت جي ڏينهن به علم وارا مومن ڪافرن کي جواب ڏئي خاموش ڪرائيندا ان جي ڪري علم سان محبت رکي علم گهڻو پڙهجي ۽ علم جي ذريعي غير مسلمانن کي دليل ڏئي ميرائجي يلا جيڪڏهن ميڃي نه ته خاموش ته رهن.

وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ؕ وَلَئِنْ

۽ البت تحقيق بيان ڪيوسون ماڻهن جي لاءِ هن قرآن ۾ هر مثال ۽ البت جيڪڏهن

جِئْتَهُمْ بِاٰيَةٍ لَّيَقُوْلَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا

آڻيندين تون انهن وٽ ڪا نشاني ته البت ضرور چوندا اهي جن ڪفر ڪيو ته ناهيو اوهان مگر

(٣) تفسيرابن ڪثير ص٤٤٠ـ جلد ٣ (۴) زادالمسير ص٣١٢ـ جلد ٦ (٥) الفتوحات الالٰهية ص٣٩٩ـ جلد ٣ (١) التفسير الڪبير ص١٣٦ـ جزء ٢٥

مُبْطِلُوْنَ (٥٨) كَذَالِكَ يَطْبَعُ اللهُ عَلىٰ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ لَايَعْلَمُوْنَ (٥٩)

باطل جا پوڄاري اهڙي طرح مهر هڻي ٿو الله انهن جي دلين تي جيڪي نہ ٿاڄاڻن

فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَاللهِ حَقٌّ وَّلَايَسْتَخِفَّنَّكَ الَّذِيْنَ

پوءِ صبر ڪر بيشڪ الله جو وعدو سچو آهي ۽ نہ هلڪڙو بنائين توکي اهي شخص جيڪي

لَايُوْقِنُوْنَ (٦٠)

نہ ٿا يقين رکن

تفسير

اڳين آيتن ۾ آفاقي ۽ انفسي دليل ڏئي الله جل شانہ جي قدرت ۽ هيڪڙائي بيان ڪئي وئي ۽ هنن آيتن ۾ ٻڌايو ٿو وڃي تہ اسان هر مثال ڏئي سمجهايو آهي پر نہ ٿا مڃين فرمان الٰهي آهي "وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَاالْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ" ۽ البت تحقيق اسان هن قرآن ۾ هر مثال بيان ڪري ٻڌايو آهي. يعني اسان انهن جي لاءِ حق واضح ڪري بيان ڪيو آهي جنهن ڪان پوءِ انهن جي لاءِ ڪو بہ عذر يا بهانو نہ رهيو آهي "وَلَئِنْ جِئْتَهُمْ بِاٰيَةٍ لَّيَقُوْلَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا اِنْ اَنْتُمْ اِلَّامُبْطِلُوْنَ" ۽ البت جيڪڏهن انهن وٽ ڪا آيت آڻيندين تہ جن ڪفر ڪيو آهي اهي ضرور چوندا تہ اوهان تہ صرف باطل جا پوڄاري آهيو مطلب تہ عناد ۽ سرڪشيءَ جي ڪري چوندا تہ اوهان باطل جا پوڄاري جادوگرن جي پويان هلڻ وارا آهيو اوهان ڪهڙا حق تي آهيو؟

سوال

"وَلَئِنْ جِئْتَهُمْ" ۾ واحد مذڪر مخاطب جو صيغو آيو "اِنْ اَنْتُمْ" ۾ جمع ڇو آندو ويو؟

جواب

ان جي متعلق ٻہ قول آهن. ١: تہ "بِاٰيَةٍ" مان مراد آهي "جَاءَتْ بِهِ الرُّسُلُ" يعني هر اها نشاني جيڪا رسولن عليهم الصلوة والسلام آندي هئي. پوءِ ان لحاظ سان "اَنْتُمْ" جمع جو ضمير آندو ويو آهي يا معنيٰ آهي انكم كلكم ايهاالرسل مبطلون (١) اوهان اي پيغمبروُا سڀئي باطل وارا آهيو "كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللهُ عَلىٰ قُلُوْبِ الَّذِيْنَ لَايَعْلَمُوْنَ" الله اهڙي طرح انهن جي دلين تي مهر هڻي ٿو جيڪي نہ ٿا ڄاڻن يعني جيئن الله جل شانہ انهن جي دلين تي مُهر هڻي هئي جن الله جل شانہ جون نشانيون نہ سمجهيون الله توحيد جي دليلن کي نہ ڄاڻندڙن ۽ نہ مڃيندڙن جي دلين تي بہ ائين مهر هڻي ڇڏي آهي. "فَاصْبِرْاِنَّ وَعْدَاللهِ حَقٌّ" پوءِ صبر ڪر يقيناً الله جو وعدو حق آهي يعني ڪافرن

(١) تفسير خازن ص٤٣٦ـ جلد ٣ (٢) القرطبي ص٤٩ـ جلد ٤

جي ايذائن تي صبر ڪيو الله جو وعدو سچو آهي اهو اوهان جي ضرور مدد ڪندو. "وَّلَايَسْتَخِفَّنَّكَ الَّذِيْنَ لَايُوْقِنُوْنَ" ۽ جيڪي يقين نہ ٿا رکن اهي اوهان کي هلڪڙو نہ بنائين. هتي خطاب نبي ڪريم عليــه الصلوة والسلام سان آهي ۽ مراد سندن امت آهي (٢) مطلب تہ اهي الله جل شانــه جي وعدي تي يقين نہ رکڻ وارا اوهان کي هلڪڙو سمجهي گمراهيءَ ۾ پنهنجو پوئلڳ نہ بنائي وجهن. (١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ" (۽ البت تحقيق اسان هن قرآن ۾ هر مثال بيان ڪيو آهي) مان واضح ٿيو تہ ماڻهن کي گمراهيءَ مان ڪڍڻ جي لاءِ قرآن ڪريم ۾ طرحين طرحين جا دلنشين دلائل پيش ڪيل آهن جن سان توحيد جي عقيدہ جي حقانيت ۽ رسولن سڳورن عليهم الصلوٰة والسلام جي صداقت روشن ڏينهن وانگر واضح آهي جيڪڏهن اهي ذره برابر بہ تدبر کان ڪم وٺن ها تہ ائين گمراهيءَ جي کُنَ ۾ نہ ڪرن ها پر انهن عقل جي انڌن جو هميشــه اهو طريقو رهيو آهي تہ جڏهن بہ نبين عليهم السلام انهن جي اڳيان توحيد جي عقيدي لاءِ ڪو دليل ڏنو يا معجزو ڏيکاريو تہ انهن مڃڻ تہ ڇا سوچڻ کان بہ انڪار ڪري ڇڏيو رهندو انهن کي ۽ انهن جي پوئلڳن کي باطل پرست سڏڻ لڳا.

ع٢ـ "فَاصْبِرْ" (صبر ڪر) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانــه جي پيارن کي الله جي طرفان مدد ملڻ واري وعدي تي اعتماد ۽ يقين ڪري تڪليفن تي صبر ڪرڻ گهرجي. نيٺ حق ۽ سچ وارن جي فتح ٿيندي. الحمدلله جو اڄ سومر جي رات ساڍي ڏهين بجي بموٗرخہ ٨ ذوالحج سن ١٤٢٣ هجري الموافق ٢٠٠٣،٢،٩ ع تي پنهنجي ڳوٺ واري لائبريريءَ ۾ ويٺي سورة الروم جو تفسير لکي پورو ڪيم مالڪ جل شانــه جي دربار ۾ دلي دعا آهي تہ پنهنجي خصوصي ڪرم ۽ رحم سان مون نا اهل نالائق کي باقي رهيل تفسير بہ جلدي لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪري. آمين ياارحم الراحمين بجاه النبي الامين سيدنا محمد عليــه وعلي آلــه واصحابــه الصلوٰة والسلام الى يوم الدين.

دعا جو طالب

الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنــه

(١) المظهري ص٢٥٦ـ جلد ٧

سورة لقمان جو تعارف

هن سورة مباركه جي تعارف ۾ هي اٺ (٨) ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ

هن سورة پاڪ جو نالو لقمان آهي جيڪو هن جي آيت ع١٣ـ مان ورتل آهي.

نالي رکڻ جو وجه

هن ۾ اهي نصيحتون بيان ڪيل آهن جيڪي حضرت لقمان سائين پنهنجي فرزند کي ڪيون هيون ان جي ڪري ان نالي سان سڏي وئي.

مکيه آهي يا مدنيه؟

ابن الضريس، ابن مردويه ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته سورة لقمان مڪه (مڪرمه) ۾ نازل ٿي هئي ۽ ان جي ڪري قرآن ڪريم ۾ هن سورة جي شروعات ۾ لکيل آهي ته "سورة لقمان مکية" ۽ نحاس پنهنجي لکيل تاريخ ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي ته هن سورة جون ٽي آيتون "وَلَوْاَنَّ مَافِى الْاَرْضِ مِنْ شَجَرَةٍ اَقْلَامٌ" کان پڇاڙيءَ تائين مدنيه آهن باقي سڄي سورة مکيه آهي. (١)

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد

هن سورة مبارڪه ۾ چار رڪوع، چوٽيهه آيتون، پنج سوء اٺيتاليهه ڪلما ۽ هزار هڪ سوء ڏهه حرف (٢١١٠) آهن. (٢)

اڳيئن سورة سان ربط ۽ مناسبت

اڳيئن سورة ۾ ٻڌايو ويو ته قرآن ڪريم ۾ هر مثال ڏئي ماڻهن کي سمجهايو ويو آهي ۽ هن سورة مبارڪه جي شروعات ۾ به قرآن ڪريم جي عظمت، هدايت ۽ رحمت هجڻ جو ذڪر آهي. اڳيئن سورة ۾ بيان ٿيو ته "الله اهو آهي جنهن مخلوق کي پيدا ڪيو آهي ۽ اهوئي انهن کي (قيامت جي ڏينهن) وري پيدا ڪندو ۽ اهو ان لاءِ گهڻو آسان آهي" ۽ هن سورة پاڪ ۾ به اهڙي ڳالهه بيان ڪندي ارشاد ٿيو آهي ته "اوهان جو پيدا ڪرڻ ۽ قبرن مان اٿڻ هڪ پساهه کڻڻ وانگر آهي ڪو مشڪل ڪم ناهي؟" (٣)

(١) الدرالمنثور صـ٥٠٣ـ جلد ٦ (٢) تفسير خازن صـ٤٣٧ـ جلد ٣ (٣) روح المعاني صـ٦٥ـ جزء ٢١ جلد ٧

شان نزول

مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ: مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو قريشين حضور پرنور عليہ الصلوٰة والسلام جن کان سوال ڪيو هو تہ اسان کي (حضرت) لقمان ۽ ان جي پٽ جو قصو ٻڌايو تڏهن هيءَ سورة نازل ٿي هئي. (١)

مضمون

هن سورة مبارڪہ جي شروعات ۾ قرآن ڪريم جي حڪمت سان ڀريل ان تعليمات جو ذڪر آهي جيڪي انساني زندگيءَ کي بي پايان برڪتن سان مالا مال ڪن ٿيون ۽ پنهنجي مڃڻ وارن جي عقيدي، عمل ۽ سيرت ۾ روح پرور انقلاب برپا ڪن ٿيون. ان کان بعد ٻڌايو ويو آهي تہ جيڪي ماڻهن قرآن ڪريم جي حق ۽ سچ واري تعليم کي قبول نہ ٿا ڪن انهن جو زندگيون هر قسم جي معنويت ۽ مقصديت کان محروم هونديون آهن انهن جي سامهون سفلي جذبات جي تسڪين ۽ دولت گڏ ڪرڻ کان سواءِ ڪا منزل ئي نہ هوندي آهي ان جي ڪري اهي هر قسم جي لغو لهو شين کي خريد ڪرڻ کان پاسو نہ ڪندا آهن انهن کي ان ڳالهہ جو ذره برابر بہ احساس ناهي تہ سندن طريقي ڪار سان سندن قوم اخلاقي طور تباهہ ٿي ويندي ۽ اڳتي هلي انهن جي زندگي بربادي ۽ ويرانيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ماڻيندي انهن بدبختن جي دلين ۾ حق قبول ڪرڻ جي لياقت ختم ٿي ويندي. اهي انڌيرن جا اهڙا عادي آهن جو روشنيءَ جي هڪ چمڪ بہ انهن جي لاءِ ناقابل برداشت آهي جنهن طرف کان بہ حق جو آواز اچي ٿو تہ هي ان طرف پٺي ڏئي ٻيهن ٿا هن سورة جي هڪ خصوصيت اها بہ آهي تہ ان ۾ اسلامي تعليمات جو اعلان هڪ داناءَ مرد حضرت لقمان کان ڪرايل آهي جيڪو "نُوبَہ" نالي هڪ گمنام ۽ پسمانده علائقي جو رهاڪو هو جنهن جو رنگ حبشين جهڙو ڪارو هو ۽ سورة مبارڪ تي نالو ئي ان جو رکيو ويو آهي ان نهايت پياري انداز ۾ پنهنجي فرزند ارجمند کي نصيحتون ڪيون هيون ۽ ان جي بيان ڪرڻ ۾ اها حڪمت آهي تہ جيڪو شخص بہ پاڻ کي انهن بيان ڪيل خوبين سان مُزَيَّنُ فرمائيندو اهو انسانيت جي پياري نظر ۾ محترم هوندو. سڀ قومون نهايت عزت سان ان جو ذڪر ڪن ٿيون ۽ ان جي حڪمت آموز ڳالهين کي پنهنجي دل ۾ جاءِ ڏين ٿيون صحيح عقيدت جو نور، صالحن عملن جي سونهن ۽ دلڪش سيرت هڪ ڪاري رنگ واري مرد کي بہ سيني جو محبوب بنائي ٿي ڇڏي

(١) ساڳيو حوالو

جسماني حسن کان بہ سيرت جي سونهن ۽ جمال گهڻو دلکش رهي ٿو. ان جي برڪت سان ڪاري رنگ تي بہ اهڙو روپ اچي ٿو وڃي جو دنيا جا وڏا حسين بہ بي اختيار تي حيرت ۾ پئجي وڃن ٿا انسان کي ڪامل انسان بنائڻ جي لاءِ جنهن تعليمات جي ضرورت هئي حضرت لقمان کان اهي نهايت دلنشين اسلوب ۾ انداز ۾ بيان ڪرايون ويون آهن ۽ "مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ" چئي انهن جي اهميت جو اظهار ڪيو ويو آهي ان کان علاوه انهن ظاهري ۽ باطني نعمتن جو بہ ذڪر ڪيل آهي جيڪي انسان کي وڏي فياضيءَ سان عطا ڪيل آهن پر ان هوندي بہ ڪي ماڻهو جهيڙي، وڏائيءَ ۽ ناشڪري جي روش کان باز نہ ٿا اچن ڪي وري ضد ۽ جهالت جي ڪري حق وارن سان جهيڙو ڪندا رهندا آهن ڇڻ تہ اهي ساک ۽ قسم ڪنيو ويٺا آهن تہ ڪنهن بہ قيمت ۾ شيطان جي دامن نہ ڇڏيندا پلي اهو ڪين جهنم جي ٻڙڪندڙ باهہ ۾ ڇو نہ اڇلائي پرسڀ انسان هڪ جهڙا ناهن انهن مان ڪي اهڙا سليم الطبع فرد بہ نڪرن ٿا جيڪي دل جي سچائيءَ سان الله تعالیٰ جي رسول عليـــه الصلوٰة والسلام جي دعوت دين کي قبول ڪن ٿا ۽ پنهنجي پاڻ کي پنهنجن سيني معاملن ۾ ڪلي طور پنهنجي پروردگار جي حوالي ڪن ٿا انهن جي لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ اهيئي ماڻهو آهن جن اهڙي مضبوط ڪڙي کي ورتو آهي جيڪو ٽٽڻ وارو ناهي. هن سورة پاڪ ۾ متعدد تڪويني دلائل ذڪر ڪري الله تعالیٰ جي وحدانيت، قدرت ڪاملــه، حڪمت، بالغــه ۽ علم محيط ثابت ڪيو ويو آهي پڇاڙيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ظاهري علوم ڇا ان جي همــه دانيءَ جو هي حال آهي جو لڪل کان لڪل شيءِ بہ ان کان مخفي ناهي اهي امور جن جي ڄاڻڻ کان انسان جون ظاهري باطني قوتون ۽ ان جا سائنسي آلات عاجز آهن جن اسرارن ۽ رازن تي آگاهي حاصل ڪرڻ انسان جي ممڪن احاطي کان ٻاهر آهي، اهي واقعات جيڪي اڃان ظهور پذير ٿي نہ ٿيا آهن غيبي پردي ۾ مستور آهن الله جل شانــه اهي سڀ ڄاڻي ٿو ان جو علم ايترو ڪامل، اڪمل محيط آهي جو هرشيءِ هر طرح ان جي لاءِ لڪيل آهي.

پلايون

هيءَ سورة بہ نهايت شاندار آهي اوراد وظائف جي پڙهندڙن بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن بيمار جي شفا حاصل ڪرڻ جي نيتن سان هيءَ سورة ٽي ڀيرا پڙهي وجي تہ انشاءَ الله تعالیٰ شفاياب ٿيندو جيڪڏهن ڪو شخص هيءَ سورة پڙهي ٻيڙيءَ ۾ چڙهندو تہ الله جي فضل سان اها ٻيڙي غرق نہ ٿيندي. والله اعلم وعلمــه اتم واحکم.

وَهِيَ اَرْبَعٌ وَّثَلَاثُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ لُقْمَانَ مَكِّيَّةٌ	وَاَرْبَعُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها چوٽيهه آيتون .	سورة لقمان مڪيه آهي	۽ چار رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جو وڏو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

الٓمّٓ (١) تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْحَكِيْمِ (٢) هُدًى وَّرَحْمَةً لِّلْمُحْسِنِيْنَ (٣)

الف، لام، ميم هي آيتون ڪتاب حڪمت واري جون آهن هدايت ۽ رحمت آهن نيڪوڪارن جي لاءِ

الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ (٤)

جيڪي قائم ڪن ٿا نماز ۽ ڏين ٿا زڪواة ۽ اهي ئي آخرت تي يقين رکن ٿا

اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنْ رَّبِّهِمْ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ (٥)

اهي هدايت تي آهن پنهنجي رب وٽان ۽ اهي ئي ڪامياب آهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ قرآن ڪريم جي عظمت ۽ شان بيان ٿيو ته هن سورة جي هنن شروعات وارين آيتن ۾ به قرآن پاڪ جي حڪمت ۽ هدايت جوذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "الٓمّٓ" هي مقطعات حروف آهن انهن سان قرآن ڪريم جو معجزو هجڻ ثابت ڪيو ويو آهي ۽ ان طرف اشارو ڏنو ويو آهي ته هي معجز ڪتاب جنهن وڏن عربن عالمن، اديبن، فصيحن ۽ بليغن جا منهن بند ڪري ڇڏيا آهن انهن ئي حرفن الف، لام، ميم مان ٺهيل آهي جيڪي اهي عرب روز ڳالهائيندا آهن ۽ اهي هن ڪتاب ۾ آيل مقابلي جي چئلنج ملڻ ڪان پوءِ به عاجز آهن. ۽ اهو هن ڳالهه جي لاءِ اظهر دليل ۽ روشن برهان آهي ته هي ڪتاب الله جل شانه حڪيم، عليم جو ڪلام ۽ ان جي طرفان نازل ڪيل آهي ۽ جنهن تي نازل ٿيو آهي اهو سچو رسول ۽ برحق نبي آهي (عليه الصلوٰة والسلام) (١) سنڌ سونهاريءَ جي ناميارِي ولي حضرت مخدوم نوح هالائي عليه الرحمة لکيو آهي "منم خدائي ڪه ميدانم" (٢) مان ئي الله آهيان

(١) صفوة التفاسير ص٤٨٧ـ جلد ٢ (٢) فارسي ترجمه حضرت مخدوم نوح وارو ص٤١٢ـ

جيڪو (هرشيءِ) ڇاڻان ٿو "تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْحَكِيْمِ" هي حڪمت واري ڪتاب جون آيتون آهن يعني هي ان عجيب ڪتاب جون آيتون آهن جيڪو پنهنجي بيان، تشريح ۽ احڪام ۾ هر ڪتاب کان بلند آهي، حڪمت فائقه، عجائب رائقه ۽ حڪمت ۽ راز وارو سڀ ڪجهه بيان ڪندڙ آهي ۽ "تِلْكَ" جو لفظ جنهن سان پري هوندڙ شيءِ ڏانهن اشارو ڪيو ويندو آهي هتي قرآن ڪريم ۾ ويجهي ڏانهن اشارو ڪرڻ جي لاءِ ان جي ڪري آندو ويو آهي ته ان جو فضل، شرف ۽ شان ظاهر ٿئي (١) هتي "الْكِتٰبِ" جي "الْحَكِيْمِ" صفت ڪري آندو ويو آهي علامه ابن منظور ان جي وضاحت ڪندي لکيو آهي ته: جڏهن هي لفظ قرآن ڪريم جي صفت تي اچي ته ان جي معنىٰ "الحاڪم لڪم وعليڪم" هوندي آهي يعني قرآن ڪريم هڪ حاڪم قوت آهي جنهن جو فيصلو اوهان جي حق ۾ هوندو ۽ جيڪڏهن اوهان حق جي رستي کان منهن ڦيرائڻ لڳندؤ ته اهو اوهان کي اوهان جي غلطيءِ کان آگاه ڪندي ان جي برن نتيجن کان اوهان کي متنبه ڪندو (٢) "هُدًى وَّرَحْمَةً لِّلْمُحْسِنِيْنَ" نيڪوڪارن جي لاءِ هدايت ڪندڙ ۽ رحمت آهي "هُدًى" ۽ "رَحْمَةً" ٻئي لفظ "اٰيٰتُ" کان حال آهن ۽ انهن ۾ عمل ڪندڙ "تِلْكَ" اشاري جي معنيٰ بيان آهن (٣) مطلب ته هي ڪتاب سچو هدايت ۽ رحمت آهي هتي هدايت ۽ رحمت جو گڏ بيان تمام نهايت خوبصورت آهي يعني اسلامي شريعت، ان جا امر ۽ نهي، ان جا مالي ۽ بدني نظام، عبادات، ان جا منفرد ڪيل حقوق ۽ فرائض سراپا رشد ۽ هدايت آهن ۽ ان سان گڏو گڏ هي خداوندي رحمت جا مظهر به آهن ۽ اهڙي نظام کان غفلت ۽ لاپرواهي ڪرڻ دانشمندي ناهي. ۽ اهو جيتوڻيڪ مذڪوره خوبين سان مُزَيَّنَ آهي پر ان مان فائدو صرف نيڪو ڪار وٺندا "الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ يُوْقِنُوْنَ" جيڪي نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪواة ڏين ٿا اهي ئي آخرت تي يقين رکن ٿا. هتان کان "محسنين" جون صفتون بيان ڪيون وڃن ٿيون. مطلب ته اهي نماز کي ان جا ارڪان آداب ادا ڪندي نهايت نياز ۽ نوڙت سان ٺاهي پڙهن ٿا ۽ الله جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ مستحقين کي زڪواة ڏين ٿا ۽ آخرت جي اچڻ تي پڪو يقين رکن ٿا ان ۾ ڪين ڪو ۽ ڪنهن به قسم جو شڪ ناهي ۽ "هم" ضمير ٻيو ڀيرو تاڪيد لاءِ آندو ويو آهي "اُولٰٓئِكَ عَلٰى هُدًى مِّنْ رَّبِّهِمْ وَ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ" اهي پنهنجي رب جي طرفان هدايت تي آهن ۽ اهي ئي ڪامياب آهن. يعني مذڪوره صفات جا صاحب پنهنجي الله جي طرفان ڪيل نور، بصيرت، روشن ۽ سڌي واٽ تي آهن ۽ اهي ئي نيڪ بخت دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب آهن (٤) ۽ "اُولٰٓئِكَ" جي لفظ کي وري آڻڻ مان مقصد انهن جي فضيلت ۽ قدر جي عظمت بيان ڪرڻ آهي.

(١) صفوة التفاسير صـ٤٨٧ـ جلد ٢ (٢) ضياء القرآن صـ٥٩٧ـ جلد ٣ (٣) بيضاوي ڪامل صـ٥٤٢ـ (٤) صفوة التفاسير صـ٤٨٧ـ جلد ٢

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "الٓمّٓ" مقطعات حروف آڻڻ مان واضح ٿيو ته قرآن ڪريم سهڻي حبيب عليه الصلوٰة والسلام جو شاندار ۽ قيامت تائين قائم رهڻ وارو معجزو آهي جو عام استعمال ٿيڻ وارن حرفن مان هجڻ جي باوجود ڪو به فصيح، بليغ عرب ان جي هڪ ننڍيءَ کان ننڍي سورة جهڙيءَ سورة به ٺاهي پيش ڪري نه سگهيو ۽ نه ڪري سگهندو.

ع٢ـ "هُدًى وَّرَحْمَةً لِّلْمُحْسِنِيْنَ" (نيڪو ڪارن جي لاءِ هدايت ۽ رحمت آهي) مان به قرآن ڪريم جي عظمت واضح ٿي رهي آهي ته قرآن ڪريم ئي هڪ اهڙي پياري شيءِ آهي جنهن تي عمل ڪرڻ وارا، اخلاق جي مرتبي ۾ اعلىٰ مقام تي فائز ٿي مُحسنين جي صفتن سان موصوف ٿيندا آهن.

ع٣ـ "وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ" (۽ زڪواة ڏين ٿا) هن حڪم جو مڪيه سورة ۾ بيان ڪرڻ (حالانڪ زڪواة جي نظام جو نفاذ ته مدينه منوره ۾ ٿيو هو) مان واضح ٿيو ته زڪواة جو اصلي حڪم مڪه معظمه ۾ هجرت کان پهريان اچي چڪو هو ۽ هيءَ ڳالهه جيڪا مشهور آهي ته زڪواة جو حڪم هجرت جي ٻئي سال ۾ نافذ ٿيو ان مان مراد نصابن جو تقرر ۽ واجب مقدار جوتفصيل ۽ اسلامي حڪومت جي طرفان وصول يا ٻي ۽ مصرفن تي خرچ ڪرڻ جو انتظام آهي اهو هجرت جي ٻئي سال ۾ هو. ۽ قرآن ڪريم ۾ اڪثر جاين تي نماز ۽ زڪواة جي گڏ ذڪر ڪرڻ مان به واضح ٿئي ٿو ته انهن ٻنهي حڪمن جي فرضيت به گڏ ٿي آهي. (١)

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِيْ لَهْوَالْحَدِيْثِ لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِ اللهِ

۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جيڪو خريد ڪري ٿوبيهودي ڳالهه تانت گمراهه ڪري اللهجي واٽ کان

بِغَيْرِ عِلْمٍ ۖ وَّيَتَّخِذَهَا هُزُوًا ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ (٦)

علم کان سواءِ ۽ وٺي ان کي ٺٺول ڪري اهي انهن جي لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي

وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا وَلّٰى مُسْتَكْبِرًا

۽ جڏهن پڙهيون وڃن ٿيون ان تي اسان جون آيتون ته ٻئي ڦيرائي هليو تڪبر ڪندڙ ٿي

(١) معارف القرآن ص١٨ـ جلد ٧

كَاَنْ لَّمْ يَسْمَعْهَا كَاَنَّ فِيْٓ اُذُنَيْهِ وَقْرًا ج

جڻ تہ نہ ٻڌائين انهن کي جڻ تہ ان جي ڪنن ۾ گهرائي آهي

فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ (٧) اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ

پوءِ ان کي دردناڪ عذاب جي بشارت ڏي بلاشڪ اهي شخص جن ايمان آندو ۽ ڪيائون صالح عمل

لَهُمْ جَنّٰتُ النَّعِيْمِ ۙ (٨) خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۭ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ۭ وَهُوَ الْعَزِيْزُ

انهن جي لاءِ نعمتن وارا بهشت آهن هميشہ رهندڙ انهن ۾ الله جو وعدو حق آهي ۽ اهوئي غالب

الْحَكِيْمُ (٩) خَلَقَ السَّمٰوٰتِ بِغَيْرِ عَمَدٍ تَرَوْنَهَا وَاَلْقٰى فِي الْاَرْضِ

حڪمت وارو آهي پيدا ڪيائين آسمانن کي ٿنڀ کان سواءِ ڏسو پيا انهن کي ۽ رکيائين زمين ۾

رَوَاسِيَ اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ وَبَثَّ فِيْهَا مِنْ كُلِّ دَاۗبَّةٍ ۭ وَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَاۗءِ مَاۗءً

جبل متان ڏيي اوهان سان ۽ پکيڙيائين ان ۾ هر(قسم جا) جانور ۽ نازل ڪيوسون آسمان کان پاڻي

فَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍ كَرِيْمٍ (١٠) هٰذَا خَلْقُ اللّٰهِ فَاَرُوْنِيْ

پوءِ ڄمايوسون ان ۾ هر قسم جو سٺو جوڙو هيءَ الله جي مخلوق آهي پوءِ ڏيکاريو مون کي تہ

مَاذَا خَلَقَ الَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖ ۭ بَلِ الظّٰلِمُوْنَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ع (١١)

ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا پيدا ڪئي انهن جيڪي ان کان سواءِ آهن بلڪ ظالم ڪليل گمراهيءَ ۾ آهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ انهن نيڪن، صالحن، سعادتمندن جو ذڪر هو جيڪي قرآن ڪريم سان هدايت حاصل ڪري رهيا آهن ۽ هنن آيتن ۾ انهن بدبختن جو ذڪر ٿي رهيو آهي جن الله جل شانہ جي ڪلام مان فائدو وٺڻ جي بجاءِ شرنائين، راڳ روپ ۽ اجاين قصن ڏانهن توجہ ڪيو. فرمان الٰهي آهي "وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِيْ لَهْوَ الْحَدِيْثِ لِيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ ڰ وَّيَتَّخِذَهَا هُزُوًا ۭ اُولٰۗىِٕكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ" ۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جيڪو ان لاءِ بيهودي ڳالهہ خريد ڪري ٿو تہ ماڻهن کي علم کان سواءِ گمراهہ ڪري ۽ ان کي ٺٺول بنائي انهن جي لاءِ ئي خوار ڪندڙ عذاب آهي.

شان نزول

نضربن حارث ڪافر ايران ڏانهن تجارت جي سلسلي ۾ ويندو هو ۽ اتاهين عجمي بادشاهن وغيرهم جي قصن وارو مواد آڻي قريشين کي ٻڌائيندو هو ته (حضرت) محمد (عليه الصلوٰة والسلام) اوهان کي عاد ۽ ثمود جون خبرون ٿو ٻڌائي ۽ مان اوهان کي رستم، اسفند يار ۽ ايراني بادشاهن جون ڳالهيون ٻڌايان ٿو. پوءِ اهي قريشي قرآن ڪريم کي ڇڏي ان جو ڳالهيون ٻڌي محظوظ ٿيندا هئا انهن جي متعلق هيءَ آيت نازل ٿي (١) بيهقيءَ شعب الايمان ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان به اهڙي روايت آندي آهي ۽ مجاهد جو قول آهي ته انهيءَ نضربن حارث ڪافر ڳائيندڙ فنڪار حسين عورتون به خريد ڪري وهاريون هيون جيڪي پنهنجي نچڻ ۽ ڳائڻ جي فن سان ماڻهن کي موهي وجهنديون هيون (٢) جڏهن ان کي خبر پوندي هئي ته فلاڻي ماڻهوءَ اسلام ڏانهن لاڙو ڪيو آهي ته اهو انهن کي ان اسلام ڏانهن لاڙو ڪندڙ لاءِ ٻيڇيندو هو ته ڪنهن به طريقي سان ان کي اسلام کان هٽايو ۽ اهي هر ممڪن حرڪت ڪري ان کي اسلام کان روڪينديون هيون ۽ اهڙن جي متعلق هيءَ آيت نازل ٿي جنهن ۾ انهن جي لاءِ عذاب جو ذڪر آيو. آيت ۾ آيل لفظ "لَهْوَالْحَدِيْثِ" مان مراد جي وضاحت ڪندي حضرت امام حسن بصري عليه الرحمـة فرمايو ته "ڪل ماشغلك عن عبادة الله وذكره من السمر والاضاحيك والخرافات والغناءَ ونحوها (٣) يعني هر اها ڳالهه لهوالحديث آهي جيڪا توکي الله تعالىٰ جي عبادت ۽ ان جي ذڪر کان غافل ڪري رات جو ويهي ڳالهيون ڪرڻ، ڪلائڻ لاءِ چرچي بازي ڪرڻ، هر طرح جي خرافات، راڳ ۽ اهڙيون ٻيون شيون علامـه ڊاڪٽر محمد عبدالرحيم حضرت امام حسن بصري عليه الرحمـة جي روايتن کي گڏ ڪري سندس نسبت سان لکيل تفسير ۾ آندو آهي ته: پاڻ فرمايائين ٻه آواز لعنت ڪيل آهن ١: نعمت جي وقت شرنائي وڄائڻ ٢: مصيبت جي وقت دانهون ڪرڻ (۴) حضرت ابن عباس "عڪرمـه" ۽ سعيد بن جبير رضي الله عنهم ان مان مراد راڳ ورتو آهي (۵) آيت جو مطلب هي آهي ته ڪي ماڻهو اهڙا آهن جيڪي علم کان سواءِ غافل بنائيندڙ ڳالهيون ۽ شيون خريد ڪري الله جي واٽ کان گمراهه ڪن ٿا ۽ ان کي ٺٺول بنائين ٿا انهن جي لاءِ آخرت ۾ خوار ڪندڙ عذاب آهي "وَإِذَا تُتْلَىٰ عَلَيْهِ آيَاتُنَا وَلَّىٰ مُسْتَكْبِرًا كَأَن لَّمْ يَسْمَعْهَا كَأَنَّ فِي أُذُنَيْهِ وَقْرًا" ۽

(١) اسباب النزول للواحدي ص٢٥٩ـ (٢) المظهري ص٢٥٩ـ جلد ٧ (٣) روح المعاني ص٦٧ـ جزء ٢١ جلد ٧ (۴) تفسير الحسن البصري ص١٩٩ـ جلد ٢ (۵) المظهري ص٢٥٩. جلد ٧

جڏهن ان جي اڳيان اسان جون آيتون پڙهيون وڃن ٿيون تہ تکبر ڪندي پٺي ڦيرائي هليو وڃي ٿو ڄڻ تہ ٻڌائين ڪو نہ ڄڻ تہ سندس ڪنن ۾ ڳرائي آهي يعني الله جل شانہ جي آيتن جو بي قدر ۽ ايتري لاپرواهي ڏيکاريندڙ آهي جو جڏهن ان جي اڳيان الٰهي ڪلام پڙهيو ٿو وڃي تہ ڄڻ تہ ٻڌائين ڪو نہ گويا ڪہ سندس ڪنن ۾ ڳرائي پريل آهي "فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ" پوءِ ان کي درد ناڪ عذاب جي خوشخبري ڏي. يعني اي حبيب ڪريم! (عليہ الصلٰوة والسلام) اهڙي گمراهہ ڪندڙ بي دين کي اهڙي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ڏي جنهن ۾ ايذاءَ جي شدت هوندي ۽ اهو ان کي توکڻ جي لاءِ حکم آهي (١) "اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ جَنّٰتُ النَّعِيْمِۙ" بلاشڪ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون انهن جي لاءِ نعمتن وارا بهشت آهن. ڪافرن جي عذاب کي بيان ڪرڻ کان پوءِ صالحن مومنن جي لاءِ بهشتي. بهارين جو ذڪر ڪيو ويو آهي (٢) "خٰلِدِيْنَ فِيْهَاؕ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّاؕ" ان ۾ هميشہ رهندڙ هوندا (اهو) الله جو سچو وعدو آهي جيڪو ڪڏهن بہ غلط نہ ٿيندو "وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" ۽ اهوئي غالب، حڪمت وارو آهي يعني ان کي پنهنجي وعدي پوري ڪرڻ ۾ ڪنهن بہ قسم جي تڪليف ياعاجزي ناهي ڇو تہ اهو زبردست، غالب ۽ حڪمت وارو آهي (٣) "خَلَقَ السَّمٰوٰتِ بِغَيْرِ عَمَدٍ تَرَوْنَهَا" آسمانن کي ٿنڀ کان سواءِ پيدا فرمايائين اوهان انهن کي ڏسو پيا. يعني ست آسمان، نهايت عظيم، وسيع، ڪثيف ۽ گهڻا بلند ڪنهن ٿنڀ کان سواءِ پيدا فرمايائين جو پاڻ ڏسو پيا تہ انهن کي ڪا بہ ٽيڪ ناهي صرف الله جل شانہ جي ڪامل قدرت سان قائم آهن "وَاَلْقٰى فِى الْاَرْضِ رَوَاسِىَ" ۽ زمين ۾ جبل رکيائين. جيڪي نهايت وڏا بہ آهن تہ ننڍا بہ آهن ۽ زمين جي پاسن ۽ ڪنڊن ۾ کڙاڪيل آهن "اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ" متان اوهان سان ڏبي يعني اهي جبل ان جي ڪري رکيل آهن تہ متان زمين ڏبي ۽ ڇُري تہ ان تي قائم ڪيل نظام درهم برهم نہ ٿي وڃي "وَبَثَّ فِيْهَا مِنْ كُلِّ دَآبَّةٍؕ" ۽ ان ۾ هر جانور پکيڙيائين. يعني جانورن جا ڪيترا قسم زمين جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکيڙيائين جيڪي انسان جا مطيع، مسخر ۽ سندس سواريءَ يا غذا ۾ ڪم اچن ٿا "وَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍ كَرِيْمٍ" ۽ اسان آسمان کان پاڻي لاٿو پوءِ (ان سان) ان زمين ۾ هرقسم جا سهڻا جوڙا ڄماياسون يعني الله جل شانہ جانورن جي گذر ۽ غذا لاءِ آسمان کان مينهن لاهي ان سان هر قسم جا سهڻا سلا سهڻن جوڙن جي صورت ۾ ڄمايا جيڪي سندن کاڌو خوراڪ بڻجن

(١) صفوة التفاسير صـ٤٨٨ـ جلد ٢ (٢) القرطبي صـ٥٦ـ جلد ١٤ (٣) تنوير الايمان صـ٤٣ـ پ٢١

تا. "هٰذَا خَلْقُ اللهِ" هيءَ الله جي مخلوق آهي يعني عالم علوي ۽ عالم سفلي، جمادات، حيوانات، نباتات سڀ الله جي مخلوق آهي "فَأَرُوْنِيْ مَاذَا خَلَقَ الَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖ" پوءِ مون کي ڏيکاريو تہ اها مخلوق ڪهڙي آهي جيڪا ان کان سواءِ ٻين پيدا ڪئي آهي؟ مطلب تہ انهن شين جي لاءِ الله جو خالق هجڻ تہ اي مشرڪو! اوهان بہ مڃيو ٿا پر اوهان وارن باطل معبودن ڇا پيدا ڪيو آهي اهو تہ ڏيکاريو؟ جڏهن انهن ڪجهہ پيدا ڪيوئي ناهي تہ انهن جي عبادت ڇو ٿا ڪيو؟ "بَلِ الظّٰلِمُوْنَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ" بلڪ ظالم ڪليل گمراهيءَ ۾ آهن يعني اهي باطل معبود عبادت جا لائق ناهن پر انهن جا پوڄاري ظالم ڪليل گمراهيءَ ۾ آهن جو بيڪارن بتن جي عبادت ڪري جهنم جا حقدار بنجي رهيا آهن. (١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّشْتَرِيْ لَهْوَالْحَدِيْثِ" (۽ ماڻهن مان ڪو اهو آهي جيڪو بيهودي ڳالهہ خريد ڪري ٿو) مان واضح ٿيو تہ هر اها شيءِ يا لٽريچر خريد ڪرڻ جيڪو الله جل شانہ کان ۽ ان جي دين کان غافل ڪري خريد ڪرڻ ان جو ڪاروبار ڪرڻ ڪافرن جو طريقو آهي. مسلمان اهڙين شين کان پاسو ڪري.

ع٢ـ "اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ" (انهن جي لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي) مان واضح ٿيو تہ جيڪو شخص ٻين کي گمراه ڪري ٿو ان لاءِ گمراهہ ٿيندڙ کان بہ عذاب گهڻو آهي سيني گمراهہ ٿيندڙن جي سزا ان کي بہ ايندي.

ع٣ـ "كَاَنَّ فِيْٓ اُذُنَيْهِ وَقْرًا" (ڄڻ تہ سندس ڪنن ۾ ڳرائي آهي) مان واضح ٿيو تہ قرآن ڪريم ذوق ۽ شوق سان نہ ٻڌڻ ڪافرن جو ڪم آهي مسلمانن کي قرآن پاڪ انتهائي محبت ۽ شوق سان ٻڌڻ گهرجي.

مسئلو

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ قرآن ڪريم ٻڌڻ فرض ڪفايہ آهي جيڪڏهن ڪجهہ ماڻهن ٻڌو تہ ٻين تان ذمو لهي ويو ۽ جتي ماڻهو مجبور يا ڪاروبار ۾ مشغول آهن اتي وڏي آواز سان نہ پڙهجي. خيال ۾ رکڻ گهرجي قرآن پاڪ جي تلاوت جا احڪام جدا آهن تہ پڙهائڻ جا جدا. (٢)

(١) تيسير الكريم الرحمٰن صـ١٠٢ـ جلد ۴ (٢) نورالعرفان صـ٦٥٦ـ

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ اَنِ اشْكُرْ لِلّٰهِ ۭ وَمَنْ يَّشْكُرْ

۽ البت تحقيق ڏني اسان لقمان کي حڪمت تہ شڪر ڪر الله جو ۽ جيڪو بہ شڪري ڪري تہ

فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ

پوءِ رڳو پنهنجي جيءَ لاءِ شڪر تہ ڪري ۽ جيڪو بي شڪري تہ ڪري پوءِ بيشڪ الله

غَنِيٌّ حَمِيْدٌ (١٢) وَاِذْ قَالَ لُقْمٰنُ لِابْنِهٖ وَهُوَ يَعِظُهٗ

شاهوڪار، ساراهيل آهي ۽(يادڪر) جڏهن چيو لقمان پنهنجي پٽ کي ۽ اهو نصيحت پيو ڪري ان کي

يٰبُنَيَّ لَا تُشْرِكْ بِاللّٰهِ ۭ اِنَّ الشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ (١٣)

تہ اي پٽڙا منهنجا! نہ شريڪ ڪر الله سان (ڪا شيءِ) بلاشڪ شرڪ البت وڏو ظلم آهي

وقف النبي صلى الله عليه وسلم

تفسير

اڳين آيتن ۾ ظالمن جي گمراهيءَ ۾ هجڻ جو بيان ٿيو ۽ هتي هڪ حڪمت واري ڳالهہ جي شان ۽ ان کي حڪمت ملڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَلَقَدْ اٰتَيْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ اَنِ اشْكُرْ لِلّٰهِ" ۽ البت تحقيق اسان لقمان کي حمڪت ڏني تہ الله جو شڪر ڪر.

لقمان ڪير هو؟

علامـه مراغي لکيو آهي تہ (حضرت) لقمان (عليـه الرحمـة) واڍو هو مصر جي ڪاري رنگ وارن مان هڪ ڪارو انسان هو (١) وهب بن منبـه جي روايت مطابق حضرت ايوب علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام جي زماني کي پهتو ۽ اها ڳالهہ ٻين روايتن سان بہ ثابت آهي. جمهور مفسرن جي قول مطابق نبيُ نہ هو وليُ ۽ حڪيم هو ابن ڪثير فرمايو آهي تہ جمهور سلف جو ان تي اتفاق آهي امام بغوي بہ ائين فرمايو آهي. ۽ نبي نہ هجڻ جي صورت ۾ ڪيس اهو حڪم تہ "اَنِ اشْكُرْ لِلّٰهِ" (الله جو شڪر ڪر) الهام جي ذريعي ٿي سگهي ٿو. حضرت لقمان عليـه الرحمـة حضرت داؤد عليـه السلام کان اول ماڻهن کي شرعي مسئلن ۾ فتوىٰ ڏيندو هو جڏهن داؤد عليـه السلام نبوت جو اظهار فرمايو تہ پوءِ فتوىٰ ڏيڻ ڇڏي ڏنائين. سندس حڪمت وارا الفاظ تمام گهڻا آهن وهب بن منبـه فرمايو آهي تہ مون (حضرت) لقمان (عليـه الرحمـة) جي حڪمت جا ڏهن هزارن کان زياده باب پڙهيا آهن.

(١) المراغي صـ٧٨ـ جزء ٢١ جلد ٧

حڪمت مان ڇا مراد آهي؟

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ قرآن ڪريم ۾ حڪمت جو لفظ مختلف معنائن ۾ استعمال ٿيل آهي علم، عقل، حلم، بردباري، نبوت ۽ راءِ جو درست هجڻ. ابوحيان فرمايو تہ حڪمت مان مراد اهو ڪلام آهي جيڪو دلين ۾ اثر پيدا ڪري ۽ ماڻهو ان مان نصيحت حاصل ڪندي پاڻ تہ يادڪن پر ٻين تائين بہ پهچائين. سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ حڪمت مان مراد عقل، فهم ۽ ذهانت آهي ۽ بعض بزرگن فرمايو تہ علم جي مطابق عمل ڪرڻ حڪمت آهي ۽ درحقيقت انهن ۾ ڪو بہ اختلاف ناهي هي سيئي شيون حڪمت ۾ داخل آهن (١) حضرت لقمان عليہ الرحمة جي شخصيت عرب ۾ هڪ داناءَ ۽ حڪيم جي حيثيت سان گهڻو مشهور هئي جاهليت جي دور جي شاعرن مثلاً امروءُ القيس، لبيد، اعشيٰ، طرفہ وغيره جي شعرن ۾ ان جو ذڪر آيل آهي اهل عرب جي لکيل ۽ پڙهيل ماڻهن وٽ صحيفہ لقمان جي نالي سان ان جي حڪمت وارن قولن جو هڪ مجموعو بہ موجود هو روايتن ۾ آهي تہ هجرت کان ٽي سال پهريان مدينہ منوره جو پهريون شخص جيڪو نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام کان متاثر ٿيو هو اهو سويد بن صامت هو اهو حج ڪرڻ جي لاءِ مڪہ مڪرمہ پهتو تہ ڪيس حضور عليہ الصلوٰة والسلام جي ديني دعوت ڏيڻ لاءِ تقرير ٻڌڻ جو موقعو مليو ٻڌي ڪين عرض ڪيائين تہ: اوهان جيڪي ڳالهيون ڪيو تا اهڙي هڪ شيءِ مون وٽ بہ آهي پاڻ فرمايائون تہ "اهو ڇا آهي؟ عرض ڪيائين تہ "لقمان جي نصيحت جو مجموعو" پوءِ سندن فرمائش تي سُويد بن صامت ان جو ڪجهہ حصو ڪين ٻڌايو تہ پاڻ فرمايائونس تہ "هي سٺو ڪلام آهي مگر مون وٽ ان کان بہ بهتر ڪلام آهي"ان کان بعد پاڻ ان کي قرآن ڪريم پڙهي ٻڌايائون تہ ان اعتراف ڪيو تہ بلاشبہ هي ڪلام لقمان جي مجموعہ کان ڀلو آهي (٢) تاريخدانن جو بيان آهي تہ اهو سُويد بن صامت مدينہ منوره ۾ پنهنجي لياقت، بهادري، شعر، سخن ۽ شرف جي ڪري "ڪامل" جي لقب سان سڏيو ويندو هو پر نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام سان ملاقات کان پوءِ اهو جڏهن مدينہ منوره ۾ پهتو تہ ڪجهہ وقت کان پوءِ "بُعَاث" نالي جنگ ۾ اهو مخالفن جي تلوار سان عالم آخرت ڏانهن راهي ٿيو ان جي قبيلي جي عام ماڻهن جو خيال هو تہ حضور صلى الله عليہ وسلم سان ملاقات کان پوءِ اهو مسلمان ٿيو هو. تاريخي روايتون جيڪي جاهليت جي دور ۾ لکڻ جي بجاءِ زباني هلنديون آيون انهن

(١) معارف القرآن ص٣٥،٣٦ـ جلد ٧ (٢) سيرت ابن هشام ص٦٧،٦٩ـ جلد٢ اسدالغابہ ص٣٧٨ـ ٢

جي مطابق بعضي ماڻهو حضرت لقمان کي عاد جي قوم جو هڪ فرد ۽ يمن جو بادشاهه سڏين ٿا ۽ عاد قوم تي عذاب اچڻ کان پوءِ ان قوم مان جيڪي ايمان وارا حضرت هود علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام سان بچي ويا هئا حضرت لقمان انهن جي اولاد مان هو پر بعضي اڪابر اصحابن ۽ تابعي رضي الله عنهم کان آيل روايتون ان جي خلاف آهن جيئن اڳ ۾ لکي آيا آهيون حضرت جابر بن عبدالله انصاري جو قول آهي ته اهو "نوبه" علائقي جو رهاڪو هو ۽ هي مصر جي جنوب ۾ سوڊان جي شمال ۾ واقع سرزمين جو نالو آهي ۽ عرب وارا ڪاري رنگ جي ماڻهن کي عموماً حبشي سڏيندا هئا ان جي ڪري ڪن جو اهو چوڻ ته مصري هوڪن جو چوڻ ته نُوبي هو، ڪن جو چوڻ ته حبشي هو محض لفظي اختلاف آهي معنىٰ ۾ ڪو فرق ناهي "الروض الانف" ۾ سهيليءَ ۽ "مروج الذهب" ۾ مسعوديءَ جي بيانات سان ان سوال تي به روشني پوي ٿي ته ان سوڊاني شخص جون ڳالهيون عرب ۾ ڪيئن پکڙيون ان پنهي جو بيان آهي ته لقمان اصل ته "نُوبه" جو هو پر "مدين" ۽ "ايله" موجوده عقبه علائقي ۾ رهندڙ هو ان جي ڪري ان جي زبان عربي هئي ۽ ان جي حڪمت عرب ۾ مشهور ٿي. سهيليءَ اها به وڌيڪ وضاحت ڪئي آهي ته لقمان حڪيم ۽ لقمان بن عاد ٻه الڳ الڳ شخص هئا انهن کي هڪ شخصيت قرار ڏيڻ صحيح ناهي. (١)

هڪ ضروري وضاحت

مستشرق دير بنورگ (Deer Banorigh) پيرس جي ڪتب خانه کان هڪ عربي مخطوط "امثال لقمان الحڪيم" جي نالي سان شايع ڪيو آهي اهو حقيقت ۾ موضوع (غير صحيح) شيءِ آهي ان جو حضرت لقمان حڪيم سان ڪنهن به قسم جو واسطو ناهي اهو مخطوط تيرهينءَ صدي عيسوي ۾ ڪنهن شخص ترتيب ڏنو هو ان جي عربي گهٽي ناقص آهي ۽ ان کي پڙهڻ سان صاف محسوس ٿيندو آهي ته اهو اصل ۾ ڪنهن ٻئي ڪتاب جو ترجمو آهي جنهن کي مصنف يا مترجم پنهنجي طرفان حضرت لقمان حڪيم عليه الرحمة ڏانهن منسوب ڪيو آهي مستشرق ان قسم جون جعلي شيون ڪڍي ان مقصد لاءِ ميدان ۾ آڻيندا آهن ته ڪنهن به طرح قرآن ڪريم جي بيان ڪيل قصن کي غير تاريخي افسانا ثابت ڪري نه اعتبار ڪرڻ جوڳو قرار ڏين جيڪو به شخص انسائيڪلو پيڊيا آف اسلام ۾ "لقمان" جي تي هيلر (G.T Hellah) جو مضمون پڙهندو ته ان کان انهن جي بدنيتي جو حال مخفي نه رهندو (٢)

(١) الروض الانف ص٢٦٦ـ جلد ١ مروج الذهب ص٥٧ـ جلد ١ (٢) تفهيم القرآن ص١٤ـ جلد ٤

نبوي ارشاد

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون (سيدنا) رسول الله صلی الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ "لم يکن لقمان نبيا ولکن کان عبدا کثير التفکرا حسن اليقين احب الله تعالیٰ واحبه ومن عليه بالحکمة وخيره في ان يجعله خليفة يحکم بالحق وقال رب ان خيرتني قبلت العافية وترکت البلاء وان عزمت علي فسمعا وطاعة فانك ستعصمني" (١) يعني (حضرت) لقمان (عليه الرحمة) نبي نہ هو بلڪ اهو گھڻو فڪر ڪندڙ، سھڻو يقين رکندڙ پانھو هو ان الله سان محبت رکي ۽ (الله ان سان محبت رکي ۽ ان تي حڪمت (ڏيڻ) سان احسان ڪيائين ۽ ان کي ان جو اختيار ڏنائين تہ ڪيس حق وارو خليفو (حاڪم) بنائي ان عرض ڪيو تہ يا الله! جيڪڏهن مون کي اختيار تو ڏين تہ عافيت تو قبول ڪيان ۽ آزمائش کي ڇڏيان تو ۽ جيڪڏهن خلافت جو حڪم قطعي تو فرمائين تہ ٻڌي اطاعت تو ڪيان يقينًا تون مون کي (غلطي کان) بچائيندين "وَمَنْ يَّشْكُرْ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ" ۽ جيڪو شڪر ڪري تو اهو صرف پنھنجي جيءَ لاءِ تو شڪر ڪري، شڪر ڪرڻ جو حڪم کان پوءِ ان غلط فھميءَ جو ازالو ڪيو ويو آهي تہ ٻانهي جي شڪر ڪرڻ سان نہ الله جل شانه جي شان ڪبريائي ۾ اضافو ٿيندو ۽ نہ ناشڪريءَ جي ڪري ان جي شان عظمت ۾ ڪا گھٽتائي ٿيندي جيڪڏهن ڪو شڪر ڪري ٿو تہ ان جي پنھنجي ڀلائي ۽ فائدو آهي "وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ حَمِيْدٌ" ۽ جنهن بي شڪري ڪئي پوءِ يقينًا الله شاهوڪار، ساراهيل آهي يعني اهو ڪنهن جيءَ شڪر جو محتاج ناهي اهو هميشه ساراه ڪيل آهي هر شيءِ ان جو حمد ڪري رهي آهي (٢) "وَاِذْ قَالَ لُقْمٰنُ لِابْنِهٖ وَهُوَ يَعِظُهٗ يٰبُنَيَّ لَا تُشْرِكْ بِاللّٰهِ ۭاِنَّ الشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ" ۽ (ياد فرماءِ) جڏهن لقمٰن پنھنجي پٽ کي نصيحت ڪندي فرمايو تہ: الله سان شرڪ نہ ڪر بلاشڪ شرڪ نهايت وڏو ظلم آهي. هتان کان حضرت لقمن عليه الرحمة جي حڪمت واري ڪجھ نقطن جو بيان ٿي رهيو آهي جن مان سڀ کان اول عقائد جي درستي آهي ۽ انهن مان بہ سڀ کان اول هيءَ آهي تہ الله جل شانه‌سان ڪنهن کي شريڪ نہ بناءِ. هي نصيحت حضرت لقمٰن عليه الرحمة پنھنجي پٽ کي ڪرڻ فرمائي بلاشڪ سيني ظلمن کان وڏو ظلم شرڪ ڪرڻ آهي جنهن جي ڪا معافي ناهي. حضرت لقمان جو پٽ مشرڪ هو ان کي هدايت ڪري نيٺ مسلمان بنايائين ۽ هڪ قول آهي تہ سندس پٽ مسلمان هو پر ان هوندي بہ ان کي شرڪ کان متنبه ڪيائين. (٣)

(١) القرطبي ص٥٩، ٦٠ـ جلد ١٤ (٢) تاج التفاسير ص٨٢ـ جزء ٢ (٣) روح المعاني ص٨٥ـ جزء ٢١ جلد ٧

فائدا

مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "وَلَقَدْ اٰتَيْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ" (۽ البت تحقيق اسان لقمان کي حکمت عطا ڪئي) مان واضح ٿيو ته حکمت جو عطا ٿيڻ وڏو الٰهي انعام آهي جنهن جو خصوصي طور بيان ڪيو ويو ۽ اهو به معلوم ٿيو ته حضرت لقمان تي اهو وهبي انعام ۽ لدني مهرباني هئي.

ع٢ـ "اَنِ اشْكُرْ لِلّٰهِ" (الله جو شڪر ڪر) مان ثابت ٿيو ته الله جل شانه جو شڪر ڪرڻ نهايت پسنديده عمل آهي جنهن جو پاڻ پنهنجن پيارن کي ارشاد فرمايو اٿس.

ع٣ـ "وَمَنْ يَّشْكُرْ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ" (۽ جيڪو شڪر ٿو ڪري پوءِ بلاشڪ اهو پنهنجي جيءَ لاءِ ٿو ڪري) مان واضح ٿيو ته شڪر ڪرڻ سان نعمتون وڌن ٿيون ان ۾ هر انسان جو پنهنجو فائدو آهي.

ع٤ـ "اِنَّ الشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ" (بلاشڪ شرڪ تمام وڏو ظلم آهي) مان واضح ٿئي ٿو ته مشرڪ وڏا ظالم آهن جيڪي الله جل شانه سان بين مورتن کي شريڪ بنايو ويٺا آهن. پيءُ ماءُ به جيڪڏهن شرڪ لاءِ چون ته انهن جو چوڻ نه مڃبو الله جل شانه جي توحيد جو عقيدو مضبوط ۽ مستحڪم رکبو.

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ ج حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ

۽ حڪم ڪيوسون انسان کي ان جي پيءُ ۽ ماءُ جي متعلق پيٽ ۾ کنيو ان کي ان جي ماءُ

وَهْنًا عَلٰى وَهْنٍ وَّفِصٰلُهٗ فِيْ عَامَيْنِ اَنِ اشْكُرْ لِيْ

ڪمزوري تي ڪمزوريءَ جي باوجود ۽ کير ڇڏائڻ ان جو ٻن سالن ۾ آهي شڪر ڪر مون لاءِ

وَلِوَالِدَيْكَ ط اِلَيَّ الْمَصِيْرُ (١٤) وَاِنْ جَاهَدٰكَ

۽ پنهنجي والدين جي لاءِ مون ڏانهن ئي موٽڻ آهي ۽ جيڪڏهن ڪوشش ڪن توکي

عَلٰٓى اَنْ تُشْرِكَ بِيْ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ لا فَلَا تُطِعْهُمَا

هن تي جو شريڪ ڪرين مون سان اها شيءِ جو ناهي توکي ان جو علم پوءِ نه فرمان مڃ انهن ٻنهي جو

وَصَاحِبْهُمَا فِى الدُّنْيَا مَعْرُوفًاز وَّاتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَيَّ ج

۽ صحبت ۾ رهہ انهن سان دنيا ۾ چڱائي سان ۽ تابعداري ڪر ان جي واٽ جي جيڪو موٽيو مون ڏانهن

ثُمَّ اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ (١٥)

ان ڪان پوءِ مون ڏانهن موٽڻ اوهان جو آهي پوءِ خبر ڏيندس اوهان کي ان جي جيڪي ڪندا هيئو

يٰبُنَيَّ اِنَّهَا اِنْ تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ فَتَكُنْ فِيْ صَخْرَةٍ

اي پٽڙا منهنجا! بيشڪ اها جيڪڏهن هوندي وزن داڻي سرنهہ جو پوءِ هوندي ڪنهن پٿر ۾

اَوْفِى السَّمٰوٰتِ اَوْفِى الْاَرْضِ يَاْتِ بِهَا اللّٰهُ ط اِنَّ اللّٰهَ لَطِيْفٌ خَبِيْرٌ (١٦)

يا آسمانن ۾ يا زمين ۾ تہ آڻيندو ان کي الله بيشڪ الله باريڪ بين خبر رکندڙ آهي

يٰبُنَيَّ اَقِمِ الصَّلٰوةَ وَاْمُرْ بِالْمَعْرُوْفِ وَانْهَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَاصْبِرْ

اي پٽڙا منهنجا! قائم رک نماز ۽ امر ڪر چڱي ڪم جو ۽ روڪ بري ڪم کان ۽ صبر ڪر

عَلٰى مَآ اَصَابَكَ ط اِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ج (١٧) وَلَا تُصَعِّرْ خَدَّكَ

ان تي جيڪا پهتي توکي بيشڪ اها ڳالهہ همت وارن ڪمن مان آهي ۽ نہ ٽيڙو ڪر تون پنهنجو ڳل

لِلنَّاسِ وَلَا تَمْشِ فِى الْاَرْضِ مَرَحًا ط اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرٍ ج (١٨)

ماڻهن لاءِ ۽ نہ هل زمين ۾ وڏائي ڪندڙ بيشڪ الله نہ ٿو محبت رکي هر هٺيلي فخر ڪندڙ سان

وَاقْصِدْ فِيْ مَشْيِكَ وَاغْضُضْ مِنْ صَوْتِكَ ط اِنَّ اَنْكَرَ الْاَصْوَاتِ

۽ وچولو ٿي پنهنجي هلڻ ۾ ۽ هيٺاهون ٿي پنهنجي آواز ۾ بيشڪ آوازن مان گهٽو برو

لَصَوْتُ الْحَمِيْرِ ع (١٩)

البت گڏهہ جو آواز آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت لقمان عليہ الرحمة کي حڪمت عطا ٿيڻ جو ذڪر هو ۽ هتي ان جي طرفان پٽ کي نصيحتن ڪرڻ جي ذڪر کان اڳ ۾ اولاد کي والدين جي خدمت ڏانهن متوجہ ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ ج حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ وَهْنًا عَلٰى وَهْنٍ" ۽ اسان انسان کي ان جي والدين جي متعلق حڪم فرمايو ان کي

سندس ماءُ ڪمزوريءَ تي ڪمزوريءَ جي باوجود (پنهنجي پيٽ ۾) ڪنيو. يعني اسان انسان کي سندس پيءُ ۽ ماءُ سان نيڪي ڪرڻ، انهن جي اطاعت ڪرڻ، انهن جي حقوق کي قائم رکڻ جو امر ڪيو آهي. ان جي ماءُ ڪمزور ۽ جڏي هجڻ جي باوجود ان کي پنهنجي پيٽ ۾ ڪيترا مهينا ڪنيو. هيءَ خاص ۽ وڏي تڪليف صرف ماءُ ڪندي آهي ان جي ڪري الله تعالىٰ ان کي جدا ذڪر ڪيو (١) ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي جا اولاد تي حق آهن پر ماءُ جو حق پيءُ کان به زياده آهي اها ڪئين مهينا ٻچي کي پيٽ ۾ ڪنيو هلي پئي مرد کان ته هونئن به اها ڪمزور هوندي آهي ۽ وري پيٽ ۾ ٻار جو بار کڻڻ ان کي وڌيڪ ڪمزور ۽ ضعيف بنائي ٿو ان عرصي ۾ جيئن پوءِ تيئن ان کي طرحين طرحين جون تڪليفون سامهون ايندڀون رهنديون آهن وري ٻار کي ڄڻڻ جو مرحلو ته نهايت ڏکيو ۽ صبرآزما هوندو آهي جڏهن ماءُ ان مرحلي کان لنگهي ويندي آهي ته وري ڪيترو عرصو اها ان کي کير پياريندي رهندي آهي ان کان علاوه به ماءُ رات ڏينهن پنهنجي ان ٻچي جي خدمت ۾گذاريندي آهي ۽ اهي سڀ محنتون نه ڪنهن لالچ جي ڪري ۽ نه ڪنهن تي احسان ۽ مهرباني ڪرڻ جي لاءِ بلڪ خاص محبت ۽ پيار جي جذبي سان سرشار ٿي ڪري سرانجام ڪندي آهي ان جي ڪري رحمت عالم صلي الله عليه وسلم جن بار بار ماءُ جي خدمت ڪرڻ جي لاءِ تاڪيد فرمايو آهي.

ماءُ جي خدمت لاءِ خصوصي نبوي ارشاد

صحيح حديث پاڪ ۾ آهي ته ڪنهن اصحابي سڳوري حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جي خدمت ۾عرض ڪيو ته: مَنْ اَحَقُّ النَّاسِ بِحُسْنِ صَحَابَتِيْ؟ قَالَ "اُمُّكَ" قَالَ ثُمَّ مَنْ؟ قَالَ "اُمُّكَ" قَالَ ثُمَّ مَنْ؟ قَالَ "اُمُّكَ" قَالَ ثُمَّ مَنْ" قَالَ "اَبُوْكَ" (٢) يعني منهنجي طرفان سهڻي صحبت (خدمت) جو ماڻهن مان وڌيڪ حقدار ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون "تنهنجي ماءُ" ٻيو ڀيرو عرض ڪيائين ته ان کان پوءِ؟ پاڻ فرمايائون ته "تنهنجي ماءُ" وري ٽيون ڀيرو عرض ڪيائين ته "ان کان پوءِ؟ پاڻ فرمايائون ته "تنهنجي ماءُ" چوٿون ڀيرو عرض ڪيائين ته" ان کان پوءِ؟ فرمايائون ته "تنهنجو پيءُ" شال الله جل شانه اسان ملسمانن کي والدين جي محبت ۽ ادب سان خدمت نصيب ڪرڻ فرمائي "وَفِصَالُـهٗ فِيْ عَامَيْنِ" ۽ ان جو کير ڇڏائڻ ٻن سالن ۾ آهي يعني ماءُ پنهنجي اولاد کي ٻن سالن تائين کير پياري وڌيڪ وقت نه پياري جتي "ثَلَاثُوْنَ شَهْرًا" ٽيهه مهينا (اڍائي

(١) المراغي ص٨٢ـ جزء ٢١ جلد ٧ (٢) ايسرا التفاسير ص٥١٠ـ جلد ٣

سال) آيو آهي اتي ماءُ جي پيٽ ۾ رهڻ وارا گهٽ ۾ گهٽ ٦ مهينا ٻه شمار ڪيل آهن (١) "اَنِ اشْكُرْلِىْ وَلِوَالِدَيْكَ اِلَيَّ الْمَصِيْرُ" منهنجو ۽ پنهنجي والدين جو شڪر ڪر مون ڏانهن ئي موٽڻ آهي هي "وَصَّيْنَا" جو تفسير يا "وَالِدَيْهِ" کان بدل اشتمال آهي. يعني والدين جي باري ۾ هي حڪم ڪيو هو سين ته منهنجي شڪر سان گڏ انهن جو به شڪر ڪر حضرت سفيان بن عيينه هن آيت جو تفسير ڪندي فرمايو ته "جنهن پنج نمازون پڙهيون ان الله جو شڪر ڪيو ۽ جنهن پنجن نمازن کان پوءِ والدين جي لاءِ دعا گهري ان انهن جو شڪر ادا ڪيو. ۽ مون ڏانهن ئي موٽڻ آهي جملـــه ۾ اهو ارشاد آهي ته جيڪڏهن شڪر ڪندين ته جزا ڏيندو سانءِ ۽ جيڪڏهن بي شڪري ڪندي ته سزا ڏيندو سانءِ (٢) "وَاِنْ جَاهَدَاكَ عَلٰىٓ اَنْ تُشْرِكَ بِىْ مَالَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ فَلَاتُطِعْهُمَا" ۽ جيڪڏهن توکي هن ڳالهه تي ڪوشش ڪن جو مون سان ان کي شريڪ ڪرين جنهن جو توکي ڪو علم ناهي ته پوءِ انهن جي فرمانبرداري نه ڪر. يعني قرآن ڪريم ۾ والدين جي اطاعت جو جيڪو ڪيترا ڀيرا حڪم ٿيو آهي ان جو مطلب اهو ناهي ته جيڪڏهن اهي توکي مشرڪ رهڻ لاءِ ڪوشش ڪن ته تون شرڪ ڪر ڪڏهن به ان ڳالهه ۾ انهن جو چوڻ ڪرڻو ناهي **الله جي حق کان پوءِ والدين جا حق آهن.**

شان نزول

ابوبعلى، طبراني، ابن مردويه ۽ ابن عساڪر ابي عثمان نهديءَ کان روايت آندي آهي ته حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله عنـــه فرمايو ته: هيءَ (مذڪوره) آيت منهنجي متعلق نازل ٿي. مان پنهنجي امان سان گهڻي ڀلائي ڪندڙ (خدمت گذار) هوس جڏهن مان مسلمان ٿيس ته مون کي امان چيو "اي سعد! هي نئين واٽ ڪهڙي ورتي اٿئي جيڪا مان ڏسان پئي" پنهنجو دين ڇڏي ڏي نه ته مان ڪاڌو پيتو بند ڪري ڇڏينديس ۽ ان حال ۾ مري وينديس ته ماڻهو توکي سٺو نه چوندا. مون عرض ڪيومانس ته: امان ائين نه ڪر مان پنهنجو هي دين ڪڏهن به نه ڇڏيندس پوءِ ۾ ڏينهن ۽ ٻه راتيون نه ڪاڌائين ۽ تمام گهڻي تڪليف ۾ اچي وئي مون ڪيس ان حال ۾ ڏسي چيو ته: جيڪڏهن توکي سوُ (١٠٠) ساه هجن ۽ هڪ هڪ ٿي نڪرندو وڃي ته به مان پنهنجو دين ڪڏهن به نه ڇڏيندس تنهنجي مرضي آهي کائين ته کاءُ نه کائين

(١) نورالعرفان ص٦٥٧ـ (٢) المظهري ص٢٦٩ـ جلد ٧

تہ نہ ڪاءِ جڏهن اها حالت ڏٺائين تہ پوءِ ڪائڻ شروع ڪيائين ۽ مذڪوره آيت نازل ٿي. (١) "وَصَاحِبْهُمَا فِی الدُّنْيَا مَعْرُوفًا" ۽ انهن سان دنيا ۾ چڱائيءَ سان وقت گذار هجڻ تہ ائين ڪپي ها تہ مشرڪن والدين ڪي بالڪل ڇڏي ڏجي ها پر اسلام جي تعليمات تان قربان وڃجي جو انهن جي مشرڪ بنجڻ واري قول ڪي نہ مڃيندي انهن سان باقي هر طرح سهڻو سلوڪ رکڻ جو ارشاد ٿي رهيو آهي بيمار هجن تہ انهن جو علاج ڪرايو، مسڪين محتاج هجن تہ انهن ڪي مالي مدد سان ساٿ ڏيو هر حالت ۾ انهن جو ادب ۽ احترام ملحوظ رکو انهن جي طرفان زيادتين جي باوجود اوهان جي طرفان ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي نہ هجڻ گهرجي. "وَاتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَیَّ" ۽ ان جي واٽ جي اتباع ڪر جيڪو مون ڏانهن موٽيو. سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ "مَنْ اَنَابَ اِلَیَّ" (جيڪو مون ڏانهن موٽيو) مان مراد حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنہ آهي جڏهن اهو مسلمان ٿيو تہ ان وٽ حضرت عثمان، حضرت طلحہ، حضرت زبير، حضرت سعد بن ابي وقاص ۽ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضي الله عنهم آيا ۽ پڇيائونس تہ "ڇا تو هن مرد (حضور عليہ الصلوٰة والسلام) تي ايمان آڻي ان جي تصديق ڪئي آهي؟" فرمايائين تہ "هائو اوهان بہ ان تي ايمان آڻيو" ان ڪان پوءِ انهن ڪي نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جي خدمت ۾ وٺي آيو ۽ انهن بہ حضرت ابوبڪر جي ارشاد سان ايمان آندو الله تعالىٰ فرمايو "ان جي رستي جي اتباع ڪر جنهن مون ڏانهن رجوع فرمايو." يعني ابوبڪر صديق رضي الله عنہ جي. (٢)

مسئلو

جيڪڏهن ماءُ پيءُ الله جل شانہ جي فرض ڇڏڻ يا مڪروه تحريمي ڪم ڪرڻ جو حڪم ڪن تہ انهن جو چوڻ نہ مڃبو ڇو تہ غير جو چوڻ ڪري الله جل شانہ جو فرمان ڇڏڻ بہ معنوي شرڪ آهي. نبي ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام جو فرمان آهي تہ "لَاطَاعَةَ لِمَخْلُوْقٍ فِيْ مَعْصِيَةِ الْخَالِقِ" الله جي بي فرماني ڪري مخلوق جي اطاعت ڪرڻي ناهي اهڙي طرح جيڪڏهن اهي گهٽي ذڪر ڪرڻ، نوافل، ضرورت ڪان وڌيڪ روزي ڪمائڻ وغيره ڪان جهلين تہ بہ انهن جي اطاعت واجب ناهي ڇو تہ الله تعالىٰ ان جي اتباع جو حڪم ڪيو آهي جنهن الله ڏانهن رجوع ڪيو آهي ۽ مٿيون مذڪور ڳالهيون الله ڏانهن رجوع ڪندڙن جون آهن ۽ ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ اصحاب ڪرام

(١) الدرالمنثور ص٥٢١ـ جلد٦ (٢) المظهري ص٢٦٩ـ جلد ٧

رضوان الله تعالىٰ عليهم اجمعين والدين جي مرضيءَ جي خلاف وطن ڇڏي هجرت ڪئي ۽ پنهنجا سر ۽ مال الله جل شانــه جي واٽ ۾ خرچ ڪيا پوءِ والدين جي راضي ڪرڻ لاءِ نفس ۽ شيطان سان جهاد ڪيئن بند ڪبو؟ حاڪم عامر بن عبدالله بن زبير رضي الله عنه کان روايت آندي ته حضرت ابوبڪر جي پيءَ حضرت ابو قحافه حضرت ابوبڪر رضي الله عنهما کي چيو ته "مان ڏسان ٿو ته تون ضعيف ۽ ڪمزور غلامن کي آزاد ڪرين ٿو جيڪڏهن همت ڀرين غلامن کي آزاد ڪرين ته تنهنجو بچاءُ به ڪن ۽ توکي ڪم ۾ به اچن" حضرت ابوبڪر عرض ڪيس ته اي منهنجا پيءُ! مان ان ثواب جو ارادو ڪيان ٿو جيڪو مون کي الله تعالىٰ وٽان ملندو (پيو ڪو ارادو ناهي) پوءِ الله جل شانــه سندس شان ۾ "وَسَيُجَنَّبُهَا" الآيــة نازل فرمائي ۽ حضرت ابوبڪر پنهنجي پيءُ جي مرضيءَ جي خلاف پنهنجي اهل وعيال لاءِ ڪجهه به نه رکندڙ چار هزار درهم کڻي سيدنا رسول الله صلي الله عليــه وسلم جن سان گڏ هجرت ڪئي هئي. (١) "ثُمَّ إِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَأُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُونَ" ان کان بعد مون ڏانهن اوهان جو موٽڻ آهي پوءِ مان اوهان کي ان جي خبر ڏيندس جيڪي اوهان ڪندا هيئو. يعني اوهان کي قبرن مان اٿي منهنجي دربار ۾ پيش ٿيڻو آهي اوهان جي هر عمل جي مان اوهان کي خبر ڏيندس ڇو ته مون کان ڪجهه به لڪل ناهي ان جي ڪري منهنجي ڪنهن به فرمان جي خلاف ورزي نه ڪيو(٢) "يَا بُنَيَّ إِنَّهَا إِنْ تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِنْ خَرْدَلٍ فَتَكُنْ فِي صَخْرَةٍ أَوْ فِي السَّمَاوَاتِ أَوْ فِي الْأَرْضِ يَأْتِ بِهَا اللَّهُ" اي منهنجا پٽڙا! اها جيڪڏهن هن سرنهن جي داڻي جيتري به هوندي پوءِ پٿر ۾ يا آسمانن يا زمين ۾ هوندي ته به ان کي الله آڻيندو "إِنَّهَا" (بيشڪ اها) مان مراد يا نيڪي آهي يا رزق روزي (٢) هتان کان وري حضرت لقمان عليــه الرحمـــة جي نصيحت جو سلسلو شروع ٿئي ٿو. سڀ کان پهريان پاڻ پنهنجي پٽ کي شرڪ کان باز رهڻ جو حڪم ڏنائين ۽ هتي اهو ان کي الله جل شانــه جي محيط علم ۽ ڪامل قدرت جو درس ڏئي رهيو آهي سرنهن يا واريءَ جي ذري جي ڪهڙي وڏي حقيقت آهي؟ اهي ته ويجهي پنڌ تي مس نظر ايندا آهن پر ايتري سنهي شيءِ ڪنهن پٿر جي هيٺان هجي يا ڪو ذرو زمين جي وسعتن ۽ آسمان جي اونهاين ۾ گم ٿئي ڪهڙو انسان آهي جو ان کي هٿ ڪري مخلوق جي لاءِ اهو بالڪل مشڪل ڪم آهي اها يا ان کان به سنهي ڪا به شيءِ ڪٿي به هجي ته الله جل شانــه ان کي پنهنجي دربار ۾ حاضر ڪري سگهي ٿو "إِنَّ اللَّهَ لَطِيفٌ خَبِيرٌ" بلاشڪ الله نهايت باريڪ بين،

(١) المظهري ص-٢٧٠ـ جلد ٧ (٢) تنوير المقياس ص-٣٤٥ـ

خبر رکندڙ آهي ان کي ٻاهر ڪڍي ٻہ سگهي تو ان جي هجڻ واري جاءِ جي خبر رکندڙ ٻہ آهي (١) "يٰبُنَيَّ اَقِمِ الصَّلٰوةَ وَاْمُرْ بِالْمَعْرُوْفِ وَانْهَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَاصْبِرْ عَلٰى مَآ اَصَابَكَ اِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ" اي منهنجا پٽڙا! نماز قائم ڪر ۽ نيڪيءَ جو امر ڪر ۽ برائيءَ کان روڪ ۽ جيڪا تڪليف توکي پهچي ان تي صبر ڪر بلاشڪ اهو پڪن امرن مان آهي. هتي مومن جي مٿان عائد ٿيندڙ ذميوارين مان ٽي ذميواريون بيان ڪيون ويون آهن.١: نماز قائم ڪرڻ ان سان انسان پنهنجي ذات جي اوصاف حسنہ کي ڪامل بنائي ٿو. ٢: ٻين جي تربيت ۽ تڪميل لها نيڪيءَ جي لاءِ امر ڪرڻ، برائين کان روڪڻ آهي.٣: پيش ايندڙ تڪليفن جي مٿان صبر ڪرڻ هي ٻہ انسان لاءِ اهم ڳالهہ آهي پنهنجي نفس تي قابو رکي ان جي اصلاح ڪرڻ ڪو آسان ڪم ڪونهي صبح ۽ شام پنهنجين خواهشن تي ڪنٽرول ڪرڻ ڪو آسان ڪم ناهي نفس جي سرڪشيءَ ۽ غفلت تي ان کي هر وقت تنبيہ ڪرڻ وڏي ڳالهہ آهي. اهو پڪن امرن مان آهي "عَزْمِ" جي تشريح ڪندي علامہ راغب اصفهانيءَ لکيو آهي تہ العزم والعزيمة عقدالقلب على امضاء الامر (٢) يعني ڪنهن ڪم ڪرڻ جي لاءِ دل کي پڪو رکڻ، کي عزم ۽ عزيمة چئبو آهي آيت ۾ ان جملي جو مطلب هي آهي تہ مذڪوره احڪام انهن اهم امرن مان آهن جن کي سر انجام ڏيڻ جي لاءِ انسان کي همت ۽ مردانگيءَ جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي يا مراد آهي تہ هي اهي احڪام آهن جن کي بجا آڻڻ جي لاءِ الله جل شانہ قطعي حڪم ڏنو آهي. "وَلَا تُصَعِّرْ خَدَّكَ لِلنَّاسِ وَلَا تَمْشِ فِى الْاَرْضِ مَرَحًا" ۽ پنهنجو ڳل ماڻهن جي لاءِ ٽيڙو نہ رک ۽ نہ زمين ۾ آڪڙ ڪري هل. "مَرَحًا" جي معنى خوشيءَ مان وڏائي ڪندي هٿ ڪندڙ (٣) يعني تڪبر ڪندي ماڻهن کان منهن نہ موڙ تہ وٽ غني ۽ فقير ٻئي عزت وارا هجن (۴) ۽ نہ زمين ۾ آڪڙ ڪري هل "اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرٍ" بلاشڪ الله هر هٺ ڪندڙ، فخر ڪندڙ کي پسند نہ ٿو ڪري. آيت جو مقصد تڪبر ۽ غرور کان پاسو ڪرڻ آهي پر غرور جي هڪ شڪل ناهي ان جا متعدد روپ آهن ڪئين لڪل آهن قرآن ڪريم هڪ جملي ۾ سڀني جي نشاندهي ڪري ڇڏي آهي ۽ انهن کان پري رهڻ جو حڪم ٻہ ڏنو آهي قرآن پاڪ جي ان جا معيت ۽ اعجاز کي ڏسي وڏا فصيح ۽ بليغ عرب جيڪي ٻوليءَ جي لطافتن کي ڄاڻندا هئا دنگ رهجي ويا ۽ اسلام جا ڪيترا دشمن قرآن ڪريم کي ٻڌي مسلمان ٿيا هئا "وَاقْصِدْ فِيْ مَشْيِكَ وَاغْضُضْ مِنْ صَوْتِكَ" ۽ پنهنجي هلڻ ۾ وچٿرو رهہ ۽ پنهنجو آواز هيٺاهون رک. رفتار ۽

(١) تنويرالمقياس ص٣٤٥ـ (٢) روح المعاني ص٨٩ـ جزء ٢١ جلد ٧ (٣) المفردات ص٣٣٧ـ (۴) تفسيروبيان ڪلمات القرآن الڪريم ص٤١٢ـ (٥) زادالمسير ص٣٢٢ـ جلد٣

گفتار جا آداب بيان ٿي رهيا آهن هلڻ ۾ مناسبت رفتار رکو ۽ ڳالهائڻ ۾ ضرورت کان سواءِ آواز بلند نہ ڪيو جو سليم طبع رکندڙن تي ڳرو رهي "اِنَّ اَنْكَرَ الْاَصْوَاتِ لَصَوْتُ الْحَمِيْرِ" بلاشڪ گهڻو ناپسند ڪيل آواز گڏهہ جي (هينگ جو) آواز آهي. ۽ جهنم وارن جو آواز بہ اهو ئي هوندو جيڪو گڏهہ جو آهي. وهب بن منبہ فرمايو آهي تہ حضرت لقمان عليہ الرحمة حڪمت جا ٻارهن هزار (١٢٠٠٠) باب ڳالهايا هئا جيڪي ماڻهن پنهنجين ڳالهين ۽ فيصلن ۾ داخل ڪري ڇڏيا.

حڪمت جو هڪ واقعو

حضرت لقمان عليہ الرحمة ڪي هڪ ڀيري سندس سردار هڪ ٻڪري ذبح ڪري ڏني تہ اها کهي ان مان جيڪي ڀلا ٽڪرا آهن اهي مون کي آڻي ڏي حضرت لقمان اها کهي ان جي زبان ۽ دل ڪڍي اچي سردار کي ڏنا وري ٻي ٻڪري ڏئي چيائينس تہ هيءَ کهي هن جا جيڪي بہ بڇڙا ٽڪرا آهن اهي ڪڍي آ. ان اها بہ کهي ان جي بہ دل ۽ زبان ڪڍي آيو سردار ان جو سبب پڇيس تہ فرمايائين "جيڪڏهن اهي ڀليون آهن تہ اهڙي ٻي ڪا شيءِ ڀلي ناهي ۽ جيڪڏهن اهي بڇڙيون آهن تہ اهڙي ڪا بہ شيءِ بڇڙي ناهي سندس فرمان آهي تہ صحت جهڙو مال ناهي ۽ خوشيءَ جهڙي ڪا نعمت ناهي ڀڇيائونس تہ "برو شخص ڪير آهي؟ فرمايائين تہ جنهن کي پرواهہ ناهي تہ ماڻهو ان کي برو تا سمجهن. (١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين تين ٿا.

ع١ـ "وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ" (۽ اسان انسان کي سندس والدين جي متعلق حڪم فرمايو آهي) مان واضح ٿيو تہ والدين جي خدمت ڪرڻ الٰهی حڪم جي اطاعت آهي انهن سان نيڪي ڪرڻ انهن جا حق سنڀالي ادا ڪرڻ واجب آهن.

ع٢ـ "فَلَاتُطِعْهُمَا" (پوءِ انهن جي فرمانبرداري نہ ڪر. الآية) مان معلوم ٿيو تہ والدين جي شڪر گذاري ۽ اطاعت جي فرض هجڻ جي باوجود الٰهي حڪم جي خلاف انهن جي ڪا بہ اطاعت ڪرڻي ناهي.

ع٣ـ "وَصَاحِبْهُمَا فِی الدُّنْيَا مَعْرُوْفًا" (۽ انهن پنهي سان دنيا ۾ سٺو وقت گذار)

(١) الخازن صـ ٤٤١ـ جلد ٣

مان واضح ٿيو ته دين جي خلاف انهن جو چوڻ نه مڃڻ جي باوجود دنياوي ڪمن ۾ مثلاً انهن جي جسماني خدمت يا مالي اخراجات وغيره ۾ ڪوتاهي ٿيڻ نه ڏيو بلڪ دنيوي معاملات ۾ انهن سان عام دستور جي مطابق پيش اچو. انهن جي بي ادبي نه ڪيو انهن جي ڳالهه جو اهڙو جواب نه ڏيو جو انهن جي دل آزاري ٿئي.

ع۴ـ "وَاتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَيَّ" (۽ان جي واٽ جي اتباع ڪر جيڪو مون ڏانهن موٽيو) مان واضح ٿيو ته الله جل شانه جي صالحن ٻانهن جي رستي جي اتباع جو الله جل شانه پاڻ حڪم فرمايو آهي. ان ۾ حضور عليه الصلوٰة والسلام ۽ سندن اصحاب خصوصًا حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنهم سڀ داخل آهن. (١)

ع۵ـ "يٰبُنَيَّ اَقِمِ الصَّلٰوةَ" (اي منهنجا پٽڙا! نماز قائم ڪر) مان واضح ٿيو ته نماز صرف پڙهڻ جو حڪم ناهي پر قائم ڪرڻ جو حڪم آهي ۽ اهو تڏهن ٿيندو جڏهن ان جا سيئي احڪام ۽ آداب پوري طرح ادا ڪيا ويندا وقت جي اندر نماز پائبندي سان پڙهڻ سڀ ڪجهه ان ۾ داخل آهي.

ع٦ـ "وَاقْصِدْ فِيْ مَشْيِكَ" (۽ پنهنجي هلڻ ۾ وچٿرائي رک) مان واضح ٿيو ته گهڻو تڪڙو هلڻ به صحيح ناهي. حديث پاڪ ۾ آهي ته "هلڻ ۾ گهڻي جلدي ڪرڻ مومن جي رونق کي ضايع ڪندڙ آهي." (جامع صغير عن ابي هريره) (٢)

اَلَمْ تَرَوْا اَنَّ اللهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّافِى السَّمٰوٰتِ

ڇا اوهان نه ڏٺو ته بيشڪ الله مطيع ڪيائين اوهان جي لاءِ اهي جو آسمانن ۾ آهن

وَمَافِى الْاَرْضِ وَاَسْبَغَ عَلَيْكُمْ نِعَمَهٗ ظَاهِرَةً وَّبَاطِنَةً

۽ جيڪي زمين ۾ آهن ۽ ڀرپور ڪيائين اوهان تي پنهنجون نعمتون ظاهري ۽ باطني

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّجَادِلُ فِى اللهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّلَاهُدًى

۽ ماڻهن مان اهڙا به آهن جيڪي جهڳڙو ٿا ڪن الله (جي باري) ۾ علم کان ۽ هدايت

وَّلَاكِتٰبٍ مُّنِيْرٍ (٢٠) وَاِذَاقِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا

۽ روشن ڪتاب کان سواءِ ۽ جڏهن چيو وڃي ٿو انهن کي ته تابعداري ڪيو

مَآ اَنْزَلَ اللهُ قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ مَاوَجَدْنَا عَلَيْهِ

ان جي جيڪو نازل ڪيو الله ته چيائون بلڪ تابعداري ڪنداسون ان جي جو لڌوسون ان تي

(١) خازن ص۴۴٠ـ جلد ٣ (٢) معارف القرآن ص٣٩ـ جلد ٧

اٰبَآءَنَا اَوَلَوْ كَانَ الشَّيْطٰنُ يَدْعُوْهُمْ اِلٰى عَذَابِ السَّعِيْرِ (٢١)

پنهنجن پيئرن کي جيتوڻيڪ هجي شيطان جو سڏي انهن کي دوزخ جي عذاب ڏانهن

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضرت لقمان عليه الرحمة جي حڪمت ڀرين ڳالهين کي بيان ڪندي شروع ۾ ئي ٻڌايو ويو تہ ان شرڪ کان منع ڪئي هئي ۽ هتي وري بہ توحيدجا دلائل ڏئي مشرڪن کي تنبيه ڪئي وئي آهي. الٰهي فرمان آهي "اَلَمْ تَرَوْا اَنَّ اللهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِى السَّمٰوٰتِ وَمَا فِى الْاَرْضِ" ڇا اوهان نہ ڏٺو آهي تہ بيشڪ الله اوهان جي لاءِ جيڪي شيون آسمانن ۽ جيڪي شيون زمين ۾ آهن مسخر بنايون آهن؟ يعني الله تعالىٰ آسمان ۾ نظر ايندڙ سج، چنڊ ۽ تارا اوهان جي فائدي لاءِ مسخر ۽ مطيع ڪري ڇڏيا انهن جي روشنيءَ مان رات ڏينهن فائدو ورتو ٿيا انهن سان ئي سمنڊ ۽ پٽ جي انڌيرن مان رستن جي رهنمائي حاصل ڪيو ٿا ۽ آسمان کان ڪڪر اچي اوهان تي مينهن وسائين ٿا جنهن مان اوهان انسان ۽ ٻيا حيوان، اوهان جي غذا بنجڻ واريون ٻوڪون ۽ زمين ۾ رهندڙ جيت وڻ پاڻي پيئن ٿا ان پاڻيءَ مان ئي حوض ۽ تلاءُ ڀرجن ٿا بلڪ زمين ۾ اندر هوندڙ پاڻي بہ ان جي ڪري گڏ ٿئي ٿو ۽ زمين ۾ جيڪي شيون آهن غور ۽ فڪر ڪرڻ سان اهي بہ انسانن جي فائدي لاءِ پيدا ڪيل آهن. "وَاَسْبَغَ عَلَيْكُمْ نِعَمَهٗ ظَاهِرَةً وَّبَاطِنَةً" ۽ اوهان تي ظاهري ۽ باطني نعمتون ڀرپور انداز ۾ ڪرڻ فرمايائين. مطلب تہ ظاهري مذڪور نعمتون تہ ڪيائين پر باطني نعمتون بہ ڪيائين جو انبياءَ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام موڪليائين، ڪتاب نازل فرمايائين ۽ انهن جي ذريعي شڪوڪ ۽ شبهات دور ڪيائين روايت آهي تہ سيدنا عبدالله بن عباس رضي الله عنهما نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کان هن آيت جي وضاحت طلب ڪئي تہ پاڻ فرمايائون "ظاهري نعمتون اسلام ۽ سهڻا اخلاق آهن ۽ باطني نعمتون هي آهن جو برا عمل ڍڪي ڇڏيائين" ۽ بعض بزرگن فرمايو تہ "ظاهري نعمتون صحت ۽ ڪامل اخلاق آهن ۽ باطني نعمتون معرفت ۽ عقل آهن" (١) مطلب تہ ڪائنات جي هر شيءِ بلاواسطي يا بالواسطه انسان جي خدمت ۾ لڳل آهي جيڪو سندس اشرف الخلق هجڻ جو دليل آهي (٢) "وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّجَادِلُ فِى اللهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّلَا هُدًى وَّلَا كِتٰبٍ مُّنِيْرٍ" ۽ ماڻهن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي علم، هدايت ۽ روشن ڪتاب کان سواءِ الله جي باري ۾ جهيڙو ڪن ٿا.

(١) المراغي صـ٨٨ـ جزء ٢١ جلد ٧ (٢) ڪمالين شرح اردو جلالين صـ٨١ـ جلد ٥

شان نزول

مفسرن ڀلارن عليهم الرحمة لکيو آهي تہ: هيءَ آيت نضربن حارث ۽ امية بن خلف جي متعلق نازل ٿي جيڪي نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام سان الله جل شانه جي ذات ۽ صفات جي متعلق هرويرو بحث ڪندا ۽ دليل ڏيڻ جي باوجود نہ مڃڻ تي ضد ڪري بيهندا هئا (١) مطلب تہ انهن ڪافرن وٽ نہ ڪو روشن ڪتاب آهي نہ ڪو عقلي يا نقلي دليل آهي هرويرو الله جل شانه جي ذات ۽ صفات جي متعلق بحث ڪن ٿا. "وَاِذَاقِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْابَلْ نَتَّبِعُ مَاوَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا" ۽ جڏهن انهن کي چيو ٿو وڃي تہ ان جي اتباع ڪيو جيڪو الله نازل ڪيو آهي تہ چون ٿا اسين تہ ان جي اتباع ڪنداسون جنهن تي اسان پنهنجن پيئرن کي لڌو آهي. مطلب تہ انهن بحث ۽ اجايو جهيڙو ڪندڙن کي چئجي ٿو تہ جيڪو قرآن واضح ۽ نور مبين الله جل شانه پنهنجي نبي عليه الصلوٰة والسلام تي نازل فرمايو آهي ان جي اتباع ڪيو تہ انڪار ڪندي چون ٿا اسين تہ ان واٽ تي هلنداسون جنهن تي اسان پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڏٺو آهي اهي بتن جي عبادت ڪندا هئا اسين بہ انهن جي عبادت ڪيون پيا ۽ ڪندار هنداسون. "اَوَلَوْ كَانَ الشَّيْطٰنُ يَدْعُوْهُمْ اِلٰى عَذَابِ السَّعِيْرِ" جيتوڻيڪ شيطان انهن کي جهنم جي باهہ ڏانهن سڏي رهيو هجي. هي استفهام انڪار ۽ تعجب جو آهي مطلب تہ ڇا جيڪو ڪم عقل کان نهايت پري هجي ان کي نہ ڇڏيندا ڀلي شيطان ڪين جهنم جي عذاب ڏانهن ڇڪيندو هجي تہ بہ اوڏانهن ويندا؟ (٢)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "سَخَّرَلَكُمْ مَّافِى السَّمٰوٰتِ وَمَافِى الْاَرْضِ" (جيڪي آسمانن ۾ ۽ جيڪي زمين ۾ آهن اوهان جي لاءِ مطيع ڪيائين) مان واضح ٿئي ٿو تہ سڀ شيون انسان جي فائدي لاءِ رکيل آهن.

سوال

"سخر" تسخير کان ورتل آهي ان جي مشهور معنىٰ آهي ڪنهن شيءِ کي ڪنهن جي فرمان جو تابع ڪرڻ. زمين ۽ آسمان جون سڀ شيون انسان جون تابع ڪٿي آهن جو اهو ارشاد ٿيو آهي؟

(١) نورالعرفان صـ٦٥٩ـ (٢) تنويرالاذهان صـ٦٠٧ـ جلد ٣

جواب

تسخير جي اصل معنىٰ ڪنهن شيءِ کي زبردستي ڪنهن خاص ڪم ۾ لڳائڻ ۽ ان تي مجبور ڪرڻ آهي. آسمان ۽ زمين جي سڀني شين کي انسان لاءِ مسخر ڪرڻ جو مطلب هي آهي تہ انهن سڀني شين کي انسان جي خدمت ۽ ان کي نفعي پهچائڻ جي ڊيوٽيءَ ۾ لڳايو ويو آهي انهن مان ڪيتريون شيون تہ اهڙيون آهن جيڪي انسان جي زير حڪم هلن ٿيون ۽ ڪي اهڙيون شيون آهن جيڪي انسان جي خدمت ۾ مشغول هجڻ جي باوجود ان جي زير حڪم ناهن پر ان ۾ بہ رباني حڪمت رکيل آهي جيئن آسماني مخلوق، سيارات، برق ۽ برسات وغيره ڇو تہ جيڪڏهن انهن کي انسان جي حڪم هيٺان رکيو وڃي ها تہ انسانن جي مختلف طبيعتن ۽ حالات جي ڪري انهن تي اثر پوي ها هڪ انسان چوي ها تہ سج جلد اڀري ٿئي جي ضرورت ان جي دير سان اڀرڻ جي ڪري پوري ٿئي ها هڪڙو برسات گهري ها تہ ٻيو کليل ميدان ۾ هجڻ جي ڪري چوي ها تہ برسات نہ وسي اهي متضاد تقاضائون آسماني ڪائنات جي عمل ۾ تضاد ۽ خلل پيدا ڪن ها ان جي ڪري الله جل شانــه انهن سڀني شين کي انسان جي خدمت ۾ تہ رکيو پر انهن سڀني تي ڪيس آرڊر هلائڻ جو پاور نہ ڏنائين.

ع٢ـ ”وَاَسْبَغَ عَلَيْكُمْ نِعَمَهٗ ظَاهِرَةً وَّبَاطِنَةً“ (۽ اوهان تي پنهنجون ظاهري ۽ باطني نعمتون ڀرپور ڪيائين) مان واضح ٿيو تہ انسان جيڪي پنهنجي حواس خمســـه سان ظاهري نعمتون محسوس ڪري ٿو مثلاً صورت جو حُسن، عضون جو اعتدال ۽ تناسب جيڪو ان جي عضون لاءِ زياده ڪان زياده مددگار هجڻ سان گڏ ان جي شڪل ۽ صورت کي خراب ٿيڻ کان بچائي، رزق، دولت، معاشي اسباب تندرستي، دين اسلام کي آسان ڪرڻ، الله جل شانــه ۽ ان جي حبيب عليــه الصلوٰة والسلام جي اطاعت جي توفيق ملڻ، اسلام جو ٻين دينن تي غالب ٿيڻ، دشمنن جي مقابلي ۾ مسلمانن جي مدد ڪرڻ وغيره ۽ باطني نعمتون جن جو تعلق قلب سان آهي مثلاً ايمان، الله جي معرفت، علم، عقل سهڻا اخلاق، گناهن جي پرده پوشي ۽ انهن تي فورًا سزا نہ ڏيڻ وغيره.

ع٣ـ ”وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا“ الآيـــة (۽ جڏهن انهن کي الله جي نازل ڪيل ڪتاب جي اتباع لاءِ چئجي ٿو تہ انڪار ڪندي چون ٿا تہ اسين پنهنجن ابن ڏاڏن جي واٽ جي اتباع ڪيون پيا ۽ ڪنداسين) مان واضح ٿيو تہ ڪافرن والدين جي ڪفر جي اتباع ڪرڻ بہ ڪفر آهي ان مان مسلمانن والدين جي يا مجتهدن امامن جي قرآن ۽ حديث مان تحقيق ڪيل مسئلن جي اتباع مراد ناهي.

وَمَنْ يُّسْلِمْ وَجْهَهٗٓ اِلَى اللّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ

۽ جيڪو جهڪائي تـو پنهنجو منهـن الله ڏانهـن ۽ اهـو نيڪـو ڪـار آهي پوءِ تحقيق چنبڙيـو

بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ؕ وَاِلَى اللّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ (٢٢) وَمَنْ كَفَرَ

مضبـوط ڪـڙي سـان ۽ الله ڏانهـن ئي سيني ڪمـن جي انتها آهي ۽ جنهـن ڪفـر ڪيـو

فَلَا يَحْزُنْكَ كُفْرُهٗ ؕ اِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ فَنُنَبِّئُهُمْ

پوءِ نہ ڏکوئي توکي ان جو ڪفر اسان ڏانهن انهن جو موٽڻ آهي پوءِ خبر ڏينداسون انهن کي

بِمَا عَمِلُوْا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ ۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ (٢٣) نُمَتِّعُهُمْ

انهن ڪمن جي جيڪي ڪيائون بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي سيني واريون ڳالهيون نفعو ڏيون ٿا

قَلِيْلًا ثُمَّ نَضْطَرُّهُمْ اِلٰى عَذَابٍ غَلِيْظٍ (٢٤) وَلَئِنْ

انهن کي ٿورو ان کان پوءِ مجبور ڪري آڻينداسون انهن کي سخت عذاب ڏانهن ۽ البت جيڪڏهن

سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ؕ قُلِ

پڇندين انهن کان تہ ڪنهن پيدا ڪيا آسمان ۽ زمين تہ البت ضرور چوندا الله فرماءِ تہ سڀ

الْحَمْدُ لِلّٰهِ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ (٢٥) لِلّٰهِ مَا فِى السَّمٰوٰتِ

ساراهہ الله جي لاءِ ثابت آهي بلڪ گهڻا انهن مان نہ ٿا ڄاڻن الله جو ئي آهي جيڪو آسمان ۾

وَالْاَرْضِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِىُّ الْحَمِيْدُ (٢٦)

۽ زمين ۾ آهي بيشڪ الله ئي شاهوڪار، ساراهہ ڪيل آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل شانـہ جي شان ۾ جهيڙي ڪندڙ ڪافر جو حال بيان ٿيو ۽ هتي الله جي فرمانبردار ٻانهي جي حال کي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَمَنْ يُّسْلِمْ وَجْهَهٗٓ اِلَى اللّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ؕ" ۽ جيڪو پنهنجو منهن الله ڏانهن جهڪائي تو ۽ اهو نيڪو ڪار آهي تہ پوءِ نهايت مضبوط ڪڙي سان چنبڙيو، يعني جنهن اخلاص سان نيڪيءَ جو رستو اختيار ڪيو ۽ پنهنجي پاڻ کي الله جل شانـہ جي حوالي ڪري ڇڏيو تہ يقيناً ان هڪ مضبوط ڪڙي کي هٿ ۾ ورتو

جيستائين ان کي مظبوطيءَ سان وٺيو ويٺو هوندو ته ان کي ڪرڻ جو ڪو انديشو نه هوندو. "اَلْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى" مضبوط ڪڙي مان ڇا مراد آهي؟ مفسر ابن جرير لکيو آهي ته ان مان مراد "لااله الا الله" آهي (١) ۽ صوفياءَ ڪرام فرمايو آهي ته حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جن مضبوط ڪڙو آهن جنهن سندن دامن کي مضبوطيءَ سان ورتو اهو بلنديءَ تي پهچندو. (٢) "وَاِلَى اللّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ" ۽ الله ڏانهن ئي سيني ڪمن جي نهايت آهي. يعني سيني ڪمن جي انتها ان جي قدرتي هٿ ۾ آهي ان کان منهن ڦيرائي ٻين کي ان جو شريڪ بنائڻ ڪهڙي عقلمندي آهي؟ "وَمَنْ كَفَرَ فَلَا يَحْزُنْكَ كُفْرُهٗ" ۽ جنهن ڪفر ڪيو پوءِ اوهان کي ان جو ڪفر غمگين نه بنائي. هن جملي ۾ الله جل شانه پنهنجي پياري حبيب عليه الصلوٰة والسلام کي تسلي ڏيندي فرمايو ته: ڪافرن جي ڪفر کي ڏسي اوهان غمگين نه ٿيو. "اِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ فَنُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا" اسان ڏانهن ئي انهن جو موٽڻ آهي اسين انهن کي سندن ڪيلن عملن جي خبر ڏينداسون. يعني قيامت جي ڏينهن اهي اسان وٽ پيش ٿيندا اسين سندن برن عملن جي ڪين اهڙي خبر ڏينداسون جو انڪار ڪرڻ جي گنجائش نه رهندين. "اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ" بلاشڪ الله سيني واريون ڳالهيون ڄاڻندڙ آهي. انهن کي سندن برن عملن جي سزا ڏيندو ڇو ته ان کان ڪا به ڳالهه لڪل ناهي. (٣) "نُمَتِّعُهُمْ قَلِيْلًا ثُمَّ نَضْطَرُّهُمْ اِلٰى عَذَابٍ غَلِيْظٍ" انهن کي ٿورو نفعو وٺڻ ڏينداسون ان کان بعد انهن کي مجبور ڪري سخت عذاب ڏانهن آڻينداسون. يعني انهن کي دنيا ۾ ٿوري مهلت ڏينداسون ان جي سينگار سان نفعو وٺندا ان کان بعد ڪين مجبور ڪري سخت ۽ دردناڪ عذاب جي اندر هٽي ڇڏينداسون. "وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ" ۽ البت جيڪڏهن اوهان انهن کان پڇندوءَ ته آسمان ۽ زمين ڪنهن پيدا ڪيا آهن ته البت ضرور چوندا الله (پيدا ڪيا آهن) يعني اي پيارا حبيب (عليك الصلوٰة والسلام) جيڪڏهن اوهان انهن ڪافرن کان پڇندوءَ ته آسمانَ ۽ زمين ڪنهن پيدا ڪيا آهن ته چوندا الله پيدا ڪيا آهن. ڇو ته الله جل شانــه جو خالق هجڻ اهڙو واضح امر آهي جنهن جو اهي مشرڪ به انڪار ڪري نه ٿا سگهن. "قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ" فرماءِ ته سڀ ساراهه الله جي لاءِ ثابت آهي جنهن جي ڪرم سان ڪافرن جو ڪوڙو هجڻ ۽ اوهان جو سچو هجڻ واضح ۽ روشن آهي. "بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ" بلڪ انهن مان گهڻا نه ٿا ڄاڻن يعني انهن مان گهڻن کي خبر ئي ناهي ته حمد جو لائق ڪير آهي ۽ ڪنهن جو

(١) جامع البيان ص٥٠ـ جزء ٢١ جلد ١٠ (٢) نورالعرفان ص٦٥٩ـ (٣) المراغي ص٩١ـ جزء ٢١ جلد ٧

شڪر ڪجي؟ "لِلّٰهِ مَافِی السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ" الله جو ئي آهي جيڪو بہ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي بلاشڪ الله ئي شاهوڪار، ساراهيل آهي يعني جيڪا بہ شيءِ آسمانن ۽ زمين ۾ آهي اها خلقت، ملڪيت ۽ تصرف جي لحاظ سان الله جي آهي ان ڪان سواءِ ڪير بہ ان جو حقيقي مالڪ، خالق ۽ ان ۾ تصرف ڪندڙ ناهي ۽ جڏهن سڀ ڪجهہ ان جو آهي تہ عبادت جو حقدار بہ اهو ئي آهي ۽ اهو غني آهي ان کي ڪنهن جي عبادت جي پرواه ناهي ۽ اهو پنهنجن پانهن تي نعمتن ڪرڻ جي ڪري حمد ڪيل ۽ ساراهيل آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع۱ـ "وَمَنْ يُّسْلِمْ وَجْهَهٗۤ اِلَى اللّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ" (۽ جيڪو پنهنجي جيءَ کي الله ڏانهن ان حال ۾ جهڪائي ٿو جو اهو محسن آهي) مان واضح ٿيو تہ مومن مسلمان کي پنهنجو جسم ۽ روح، قلب ۽ قالب الله جل شانہ جي حوالي ڪرڻ ضروري آهي علامہ آلوسي عليہ الرحمۃ لکيو آهي تہ جيئن تسليم مان مراد تفويض آهي تيئن اسلام مان بہ هتي مراد تفويض (حوالي ڪري ڇڏڻ) آهي پر ان جي لاءِ صرف زبان سان چوڻ ڪافي ناهي تہ سچي ۽ ڪوڙي جي خبر نہ پوندي ان جي ڪري هتي "وَهُوَ مُحْسِنٌ" بہ ارشاد ٿيو آهي مطلب تہ زبان سان چوڻ تہ منهن جا سڀ اعمال الله جل شانہ جي لاءِ آهن سان گڏ سهڻن عملن سان ان قول جي صداقت بہ ثابت ڪري جنهن ۾ ٻئي ڳالهيون موجود هونديون تہ انهيءَ اهڙي ڪڙي کي مضبوطيءَ سان ورتو جيڪو ٽٽڻ وارو ناهي. (۱)

ع۲ـ "نُمَتِّعُهُمْ قَلِيْلًا" (اسين انهن کي ٿورو نفعو ڏيون ٿا) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانہ دشمن کي بہ ٿوري دير، مهلت ۽ دنيوي نفعا وٺڻ جي فرصت ڏيندو آهي ان ۾ هڪ حڪمت هيءَ بہ هوندي آهي تہ: ممڪن آهي اهو سمجهي ۽ الله جل شانہ ڏانهن رجوع ڪري. ۽ ان مان اهو بہ ظاهر ٿيو تہ دنيوي زندگي ڪيتري بہ وڏي هجي ٿوري آهي جيئن هڪ جاءِ تي فرمان مبارڪ آهي "قُلْ مَتَاعُ الدُّنْيَا قَلِيْلٌ" (فرماءِ تہ دنيا جو سامان ٿورڙو آهي).

ع۳ـ "قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ" (فرماءِ تہ سڀ ساراهہ الله جي لاءِ ثابت آهي) مان واضح ٿيو تہ مخالف کي دليل ۽ حجت ذريعي خاموش ڪرائڻ بہ الله جل شانہ جي نعمت ۽

(۱) ضياء القرآن صـ۲۱۳ـ جلد ۳

مهرباني آهي ان تي ائين الله جو حمد ڪرڻ ۽ شڪر ڪرڻ گهرجي جيئن ٻين نعمتن تي ڪبو آهي.

وَلَوْ اَنَّ مَا فِى الْاَرْضِ مِنْ شَجَرَةٍ اَقْلَامٌ وَّالْبَحْرُ يَمُدُّهٗ مِنْ بَعْدِهٖ سَبْعَةُ

۽ جيڪڏهن تحقيق جيڪي زمين ۾ وڻ آهن قلم هجن ۽ سمنڊ ان جي مس هجن ها ان کان بعد ست

اَبْحُرٍ مَّا نَفِدَتْ كَلِمٰتُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ (٢٧) مَا خَلْقُكُمْ

سمنڊ ته نه کٽن ها الله جا فرمان بلاشڪ الله غالب، حڪمت وارو آهي ناهي اوهان جو پيدا ڪرڻ

وَلَا بَعْثُكُمْ اِلَّا كَنَفْسٍ وَّاحِدَةٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌ بَصِيْرٌ (٢٨) اَلَمْ تَرَ

۽ اوهان جو اٿڻ مگر هڪ نفس وانگر بلاشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي ڇا اوهان نه ڏٺو ته

اَنَّ اللّٰهَ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِى النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِى الَّيْلِ

بلاشڪ الله داخل ڪري ٿو رات کي ڏينهن ۾ ۽ داخل ڪري ٿو ڏينهن کي رات ۾

وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ؗ كُلٌّ يَّجْرِىْۤ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّاَنَّ اللّٰهَ

۽ مطيع ڪيائين سج ۽ چنڊ کي سڀ هلن ٿا مقرر ڪيل مدت تائين ۽ بلاشڪ الله جيڪي ڪيو ٿا

بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ (٢٩) ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَاَنَّ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهِ

ان جي خبر رکندڙ آهي اهو ان جي ڪري جو يقيناً الله ئي حق آهي ۽ بلاشڪ جن کي ان کان سواءِ

الْبَاطِلُ ۙ وَاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ (٣٠)

پوڄين ٿا باطل آهي ۽ بلاشڪ الله ئي مٿاهون، وڏو آهي

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ بيان ڪيو ويو ته جيڪو ڪجهه آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سڀ الله جل شانه جي ملڪيت آهي ۽ اهو هر شيءِ کان غني ۽ ساراهه ڪيل آهي ۽ هتي ان جي ڪلمات ۽ فرمانن جو اڻ کٽ هجڻ بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَلَوْ اَنَّ مَا فِى الْاَرْضِ مِنْ شَجَرَةٍ اَقْلَامٌ وَّالْبَحْرُ يَمُدُّهٗ مِنْ بَعْدِهٖ سَبْعَةُ اَبْحُرٍ مَّا نَفِدَتْ كَلِمٰتُ اللّٰهِ" ۽ جيڪڏهن زمين ۾ موجود سيئي وڻ قلم هجن ۽ سمنڊ ان جي مس هجي ان سان ستن ٻين سمنڊن کي مس بنائي ملايو وڃي ۽ انهن سان الله جا ڪلمات لکيا وڃن ته به اهي نه کٽندا.

شان نزول

ابن اسحاق عطاءَ بن يسار کان ۽ ابن اسحاق، ابن جرير ۽ ابن ابي حاتم حضرت ابن عباس رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن تي مکہ (مکرمہ) ۾ آيت "وَمَا اُوْتِيْتُمْ مِّنَ الْعِلْمِ اِلَّاقَلِيْلًا" (۽ اوهان علم مان ٿورو عطا ڪيا ويا آهيو.) نازل ٿي ۽ جڏهن پاڻ هجرت ڪري مدينہ منوره ۾ تشريف فرما ٿيا تہ سندن خدمت ۾ يهودين جا مذهبي اڳواڻ حاضر ٿيا ۽ پڇيائون تہ اسان وٽ اوهان جي طرفان هي آيت "مَااُوْتِيْتُمْ مِّنَ الْعِلْمِ اِلَّاقَلِيْلًا" پهتي آهي. ان مان مراد ڪير آهي؟ ڇا اها اسان لاءِ آهي يا اوهان جي قوم لاءِ بہ؟ پاڻ فرمايائون تہ سڀ ان ۾ داخل آهن. انهن پڇيو تہ ڇا اوهان تي نازل ڪيل قرآن ڪريم ۾ اهو ناهي تہ توراة ۾ هر شيءِ جو بيان آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ اهو بہ الله جي علم ۾ ٿورو آهي انهيءَ موضوع تي هيءَ آيت نازل ٿي. (١) مطلب هي آهي تہ الله جل شانہ جا ڪلمات ايترا آهن جو جيڪڏهن زمين ۾ موجود وڻن کي قلم بنائي سمنڊ کي مس بنائي ان سان گڏ ست سمنڊ ٻيا بہ مس بنائي لکيا وڃن تہ اهي مس جا سمنڊ ڪٽي ويندا الله جا ڪلمات نہ ڪٽندا.

ڪلمات الله مان مراد ڇا آهي؟

علامہ مظهري لکيو آهي تہ ان مان مراد الله جل شانہ جي معلومات آهي جيڪا غير متناهي هجڻ جي ڪري ڪٽڻ واري ناهي ان جي ڪري جمع قلت جو صيغو آندو ويو آهي ڪثرت جو جمع نہ آندو ويو. ڇو تہ جڏهن اهي مس جا سمنڊ قليل کي نہ ٿا پورا پون تہ ڪثير کي ڪٿان پورا پوندا (٢) ۽ ان ۾ قدرتي شان ۽ الٰهي نعمتون بہ داخل آهن ۽ ستن سمنڊن جو مطلب اهو ناهي تہ ست سمنڊ ڪٿي موجود آهن بلڪ مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن بالفرض ست سمنڊ ملي وڃن تہ بہ انهن سيني سان ڪلمات الله لکي پورا نہ ڪيا ويندا. ۽ ستن جو تعداد بہ حصر لاءِ ناهي (٣) "اِنَّ اللهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ" بلاشڪ الله غالب، حڪمت وارو آهي حڪيم علم جي ڪمال وارو آهي جنهن جي معلومات جي نهايت ناهي (۴) "مَاخَلْقُكُمْ وَلَابَعْثُكُمْ اِلَّاكَنَفْسٍ وَّاحِدَةٍ" اوهان جو پيدا ڪرڻ ۽ اوهان جو (قبرن مان) اٿڻ صرف هڪ نفس وانگر آهي ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ قيامت جي انڪار ڪندڙن کي هيءَ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آئي تہ تعداد

(١) الدرالمنثور ص٥٢٦ـ جلد ٦ المظهري ص٢٧٥ـ جلد ٧ (٢) ساڳيو حوالو (٣) معارف القرآن ص٤٨ـ جلد ٧ (۴) البحرالمحيط ص١٩٢ـ جلد ٧

ڪان مٿي انسان هزارين لکين سالن گذرڻ ڪان پوءِ هڪدم جيئرا ٿي قبرن مان ڪيئن اٿندا؟ انهن جي ان غلط فهميءَ جو هتي ازالو ڪيو ويو آهي تہ انهن وفات ڪري ويلن کي اٿارڻ وارو اسان ۽ اوهان جهڙو انسان ناهي جنهن جو علم بہ ناقص ۽ قدرت بہ اڻ پوري هجي بلڪ وفات ڪري ويلن کي زنده ڪرڻ وارو الله جل شانـــه آهي جنهن جو علم هر ننڍي ۽ وڏي شيءِ کي محيط آهي ۽ جنهن جي قدرت جي اڳيان ڪا بہ شيءِ محال ناهي ان جي لاءِ سيني کي پيدا ڪرڻ ۽ قبرن مان اٿارڻ ائين آسان آهي جيئن هڪ وجود کي پيدا ڪرڻ ۽ قبرن مان اٿارڻ "اِنَّ اللهَ سَمِيْعٌ بَصِيْرٌ" بلاشڪ الله ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي پوءِ جيئن سيني سائلن جا آواز ۽ مختلف ٻوليون ٻڌي ٿو ۽ اهي ان کي منجهائي نہ ٿا سگهن ۽ ساري ڪائنات کي ڏسندڙ آهي ڪا بہ شيءِ ان ڪان مخفي ناهي تيئن قبرن مان اٿارڻ بہ ان لاءِ نہ تيڻ جهڙي ڳالهہ ناهي "اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللهَ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِى النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِى الَّيْلِ" ڇا تو نہ ڏٺو تہ بلاشڪ الله رات کي ڏينهن ۾ ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ٿو ڪري يعني اي ڏسندڙ! ڇا تو پنهنجين اکين سان نہ ڏٺو آهي الله جل شانـــه موسمن جي نظام کي برقرار رکڻ جي لاءِ رات جون گهڙيون گهٽائي ڏينهن وڌائي ٿو ۽ ڪڏهن ڏينهن جون گهڙيون گهٽائي رات وڌائي ٿو جيئن هر ڪو سياري ۽ اونهاري ۾ ڏسي رهيو آهي "وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ كُلٌّ يَّجْرِىْۤ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى" ۽ سج ۽ چنڊ مطيع ڪيائين سڀئي مقرر مدت تائين هلن ٿا. يعني ماڻهن جي نفعي ۽ مصلحت جي لاءِ سج ۽ چنڊ کي مقرر مدت تي هلايو اٿس جڏهن قيامت ايندي تہ اهي بي نور ڪيا ويندا "وَّاَنَّ اللهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ" ۽ بلاشڪ الله ان جي خبر رکندڙ آهي جيڪي ڪيو ٿا. يعني اوهان جا ڀلا توڙي برا اعمال سڀ ڄاڻي ٿو سيني جي ان کي خبر آهي "ذٰلِكَ بِاَنَّ اللهَ هُوَ الْحَقُّ وَاَنَّ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِـهِ الْبَاطِلُ" اهو ان جي ڪري جو بلاشڪ الله ئي حق آهي ۽ بلاشڪ جن جي ان ڪان سواءِ پوڄا ڪن ٿا اهو باطل آهي. يعني ان جي علم جي ڪشادگي ۽ هر شيءِ کي ان جي قدرت جو شامل هجڻ سندس صنعت جا عجائب ان جي ڪري آهن جو اهو ئي حق، واجب الوجود آهي ان جي لاءِ سڀئي ڪمالات ۽ الوهيت ثابت آهي ۽ ان ڪان سواءِ جن بتن ۽ ٻين شين جي عبادت ڪن ٿا اهي باطل معدوم آهن انهن جي الوهيت جي دعوىٰ باطل آهي "وَاَنَّ اللهَ هُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ" ۽ بلاشڪ الله ئي مٿاهون، وڏو آهي شان ۾ مٿاهون، هر شيءِ تي تسلط رکندڙ آهي ان جي لاءِ ئي وڏائي ۽ ڪبريائي آهي ۽ جنهن جو اهو شان آهي ان جو علم ۽ قدرت سيني شين کي شامل آهي. (١)

(١) المظهري ص٢٧٦ـ جلد ٧

فائدا

مذكوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع-١- "وَلَوْاَنَّ مَافِى الْاَرْضِ" کان "عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ" تائين آيت مان واضح ٿيو تہ الله جل شانہ جا ڪلمات اڻ ڪٿ آهن دنيا جي وڻن کي قلم بنائي سمنڊ سان ٻيا سمنڊ گڏي مس بنائي لکڻ سان بہ نہ ڪٽندا ڇو تہ اهي سڀ شيون متناهي آهن الله جا ڪلمات غير متناهي آهن.

ع-٢- "اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللهَ" کان "خَبِيْرٌ" تائين آيت ۾ غور ڪرڻ سان واضح ٿيو تہ الله جي قدرت جا مظاهر، ان جو علم، رحمت ۽ حڪمت سندس توحيد جا ثابت ڪندڙ ۽ شرڪ کي رد ڪندڙ آهن.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ الْفُلْكَ تَجْرِىْ فِى الْبَحْرِ بِنِعْمَةِ اللهِ لِيُرِيَكُمْ

ڇا تو نہ ڏٺو تہ بيشڪ ٻيڙيون هلن ٿيون سمنڊ ۾ الله جي فضل سان تانتہ اوهان کي ڏيکاري

مِّنْ اٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ (٣١)

پنهنجين نشانين مان بيشڪ ان ۾ البت نشانيون آهن هر صبر ڪندڙ، شڪر ڪندڙ لاءِ

وَاِذَا غَشِيَهُمْ مَّوْجٌ كَالظُّلَلِ دَعَوُا اللهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۚ

۽ جڏهن ڍڪيو انهن کي ڇوليءَ جبلن وانگر تہ سڏين ٿا الله کي سچو ڪندڙ ان لاءِ دين کي

فَلَمَّا نَجّٰهُمْ اِلَى الْبَرِّ فَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ ؕ

پوءِ جڏهن ڇڏائي آندائين انهن کي سُڪيءَ ڏانهن پوءِ انهن مان ڪو وچٿرو آهي

وَمَا يَجْحَدُ بِاٰيٰتِنَآ اِلَّا كُلُّ خَتَّارٍ كَفُوْرٍ (٣٢)

۽ نہ تو انڪار ڪري اسان جي آيتن جو مگر هر ڪوڙ هڻندڙ بي شڪر

تفسير

جيئن اڳين آيتن ۾ الله جل شانہ جي قدرت جا دليل ڏنا ويا تيئن هتي بہ دليل پيش ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اَلَمْ تَرَ اَنَّ الْفُلْكَ تَجْرِىْ فِى الْبَحْرِ بِنِعْمَةِ اللهِ لِيُرِيَكُمْ مِّنْ اٰيٰتِهٖ" ڇا تو نہ ڏٺو تہ بيشڪ ٻيڙيون الله جي فضل سان هلن ٿيون تانتہ اوهان کي

پنهنجين آيتن مان ڏيکاري، مطلب تہ اوهان ڏسو نہ ٿا تہ سمنڊ ۾ الله جل شانـہ جي فضل سان ٻيڙيون ڪيئن هلي رهيون آهن ۽ بحري جهاز ڪيڏو سامان کڻي هڪ بندرگاهہ کان ٻئي بندرگاهہ تي پهچائين پيا اهو سڀ ڪجهہ ان جو ڪرم آهي ۽ اهي ان جي ڪامل قدرت جون نشانيون آهن "اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوۡرٍ" بلاشڪ ان ۾ هر صبر ڪندڙ، شڪر ڪندڙ جي لاءِ (قدرتي) نشانيون آهن يعني اهي سمنڊ جون وسعتون، ان جون اونهايون، ان ۾ جبلن وانگر اٿندڙ ڇوليون، وڪ وڪ تي ويرون ۽ ان ۾ هڪ ٻيڙي پنهنجي مٿان ڪيئن سوار انسان کنيو پئي هلي، بحري جهاز ۽ ٻيڙا هزارين ٽن سامان جا کنيو هلن پيا ڇا اهو سڀ ڪجهہ الله جل شانـہ جي قدرت جوڪمال ناهي؟ سمنڊ ۾ قدرت خداوندي جي نشانين جي بازار لڳل آهي ۽ ان جي هڪ هڪ ڦڙي ۾ الاءِ ڇا راز رکيل آهن ٻرا نهن قدرتي جلون ڪي صرف انهن همت وارن ماڻهن جون اکيون ملاحظو ڪن ٿيون جيڪي صبر جي صفت سان متصف غور وفڪر جا عادي آهن انهن جي مزاج ۾ انهن الٰهي نعمتن ملڻ تي شڪرجو جذبو بہ گهڻو آهي. "وَاِذَا غَشِيَهُمۡ مَّوۡجٌ كَالظُّلَلِ دَعَوُا اللّٰهَ مُخۡلِصِيۡنَ لَـهُ الدِّيۡنَ" ۽ جڏهن انهن کي جبلن وانگر ڇوليون ڍڪين ٿيون تہ الله کي ان جي لاءِ دين خالص ڪندڙ ٿي سڏين ٿا. اڳ ۾ بيان ٿيو تہ دلائل ۽ شواهد جي روشنيءَ ۾ هڪ الله جل شانـہ ئي سچو معبود آهي هتي ٻڌايو ٿو وڃي تہ جڏهن سمنڊ جون ڇوليون ماڻهن کي گهيري ۾ رکن ٿيون تہ ڪٽر ڪافر ۽ مشرڪ بہ الله کي نهايت عقيدت ۽ عاجزيءَ سان سڏيندا آهن جنهن مان ثابت ٿيو تہ اهوئي انسان جي ضمير فطرت جو آواز آهي باقي سڀ افتراءَ ۽ ڪوڙ آهي "فَلَمَّا نَجّٰهُمۡ اِلَى الۡبَرِّ فَمِنۡهُمۡ مُّقۡتَصِدٌ" پوءِ جڏهن انهن کي ڇڏائي سڪيءَ تي آڻي ٿو تہ انهن مان ڪو وچٿرو آهي. مقتصد جي معنىٰ مومن، موحد بعضي مفسرن لکيو آهي تہ: سيدنا رسوالله صلى الله عليـه وسلم جن مڪـہ مڪرمـہ کي فتح ڪرڻ واري ڏينهن چئن ڄڻن کان سواءِ باقي سڀني جي لاءِ امن ڏيڻ جو اعلان ڪرايو ۽ ١:عڪرمـة بن ابي جهل ٢: عبدالله بن خطل ٣: مقيس بن سبابـه ۴: عبدالله بن سعد بن ابي سرح چئن ڄڻن لاءِ فرمايائون تہ انهن کي ڪٽي بيت الله شريف جي غلاف مبارڪ ۾ چنبڙيل ڏسو تہ بہ قتل ڪيو عڪرمـة بن ابي جهل اهو اعلان ٻڌي ڀڄي سمنڊ جي هڪ ٻيڙيءَ ۾ اچي چڙهيو ۽ ٻيڙي هلي تہ هڪ سخت طوفان سندن ٻيڙيءَ کي گهيري ۾ڪري ورتو ٻيڙي وارن کين چيو تہ هڪ الله جل شانـہ کي اخلاصُ سان سڏيو نہ تہ ٻڏي ويندؤ باطل معبود هينئر ڪم نہ ايندا. عڪرمـة چيو تہ جيڪڏهن مون کي هن ساموندي طوفان مان الله بچايو تہ سڪيءَ تي بہ ان کان

سواءِ مون کي کو بچائي نہ سگھندو ۽ دعا گھريائين تہ "اَللّٰهُمَّ اِنَّ لَكَ عَلَيَّ عَهْدًا اِنْ اَنْتَ عَافَيْتَنِيْ مِمَّا اَنَافِيْهِ اَنَا آتِيْ مُحَمَّدًا. (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ) حَتّٰى اَضَعَ يَدِيْ فِيْ يَدِهٖ فَلَاَجِدَنَّهٗ عَفُوًّا كَرِيْمًا" (اي منهنجا الله! توسان منهنجو هي پڪو عهد آهي تہ جيڪڏهن مون کي مصيبت کان جنهن ۾ مان آهيان ڇڏايئي تہ مان (حضرت) محمد (صلى الله عليہ وسلم) جي خدمت ۾ وڃي سندن هٿ (مبارڪ) ۾ هٿ ڏئي بيعت ڪندس مان يقين سان ٿو چوان تہ ان کي معاف ڪندڙ، ڪريم لهندس) ان الفاظ چوڻ کان پوءِ طوفان ٿري ويو موٽي مڪہ مڪرمہ ۾ اچي اسلام قبول ڪري پڪو مسلمان بڻيو. (١) (رضي الله عنہ) قرآن ڪريم جي مذڪوره الفاظ جو مطلب هي آهي تہ الله جل شانہ جڏهن ٻانهن کي طوفانن جي لهرين مان ڪڍي سُڪيءَ تي آڻيندو آهي تہ ٿورڙا ماڻهو آهن جيڪي اعتدال ۽ وچٿريءَ واٽ تي قائم آهن نہ تہ گهڻا شخص درياءَ مان نڪرندي ئي شرارتون شروع ڪري ڏيندا آهن "وَمَا يَجْحَدُ بِاٰيٰتِنَآ اِلَّا كُلُّ خَتَّارٍ كَفُوْرٍ" ۾ اسان جي آيتن جو انڪار نہ ٿو ڪري مگر هر ڪوڙو، بي شڪر يعني ڪوڙو ۽ بي شڪر ٿوري دير پهريان طوفان ۾ ڦاسڻ وقت ڪيل ڳالهين جو ۽ اسان جي قدرتي نشانين کان انڪار ڪري وهندو باقي جنهن وٽ ذرو بہ احسان شناسي هوندي اهو ائين نہ ڪندو.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع-١- آيت ع-٣١- مان معلوم ٿيو تہ سمنڊ ۾ هزارين آفتن جي هوندي ٻيڙين ۽ انهن ۾ سوارن کي هڪ جاءِ يا بندر کان ٻئي جاءِ يا بندر تائين پهچائڻ الله جل شانہ جي نعمت ۽ فضل آهي.

ع-٢- آيت ع-٣٢- مان واضح ٿيو تہ اسلام فطرتي دين آهي جنهن جو اصل الله جل شانہ کي اخلاص سان سڏڻ ڪافرن، مشرڪن جي دلين ۾ بہ موجود آهي جو مشڪل ۾ ڦاسڻ وقت اهي بہ هڪ الله جل شانہ کي سڏيندا آهن.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ وَاخْشَوْا يَوْمًا لَّا يَجْزِيْ وَالِدٌ عَنْ وَّلَدِهٖ

اي انسانو! پنهنجي رب کان ڊڄو ۽ ڊڄو ان ڏينهن کان جو نہ بدلو ڏيندو ڪو پيءُ پنهنجي اولاد جي پاران

(١) تنوير الاذهان ص-٢١١- جلد ٣

وَلَا مَوْلُوْدٌ هُوَ جَازٍ عَنْ وَّالِدِهٖ شَيْـًٔا ؕ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ

۽ نه ڪو اولاد اهو بدلو ڏيندڙ آهي پنهنجي پيءُ جي طرفان ڪجهه به بلاشڪ الله جو وعدو سچو آهي

فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وقفة وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ (٣٣)

پوءِ هرگز نه ٺڳي اوهان کي حياتي دنيا واري ۽ هرگز نه ڌوڪو ڏئي اوهان کي الله سان ڌوڪو ڏيندڙ

اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ ج وَيُنَزِّلُ الْغَيْثَ ج وَيَعْلَمُ مَا فِى الْاَرْحَامِ ؕ

بيشڪ الله ان وٽ ئي آهي قيامت جو علم ۽ وسائي ٿو مينهن ۽ ڄاڻي ٿو جيڪو ڳڀيرڻ ۾ آهي

وَمَا تَدْرِيْ نَفْسٌ مَّاذَا تَكْسِبُ غَدًا ؕ وَمَا تَدْرِيْ نَفْسٌۢ بِاَيِّ اَرْضٍ تَمُوْتُ ؕ

۽ نه ٿو ڄاڻي ڪو نفس ته ڇا ڪندو صبحاڻي ۽ نه ٿو ڄاڻي ڪو نفس ته ڪهڙي زمين تي وفات ڪندو

اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ع (٣٤) ع٤ ١٤

بيشڪ الله ڄاڻندڙ، خبر رکندڙ آهي

تفسير

مذڪوره آيتن ۾ توحيد جا مختلف قسمن جا دليل بيان ڪرڻ کان پوءِ هڪ الله کان ڊڄڻ جو امر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "يَآ اَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ وَاخْشَوْا يَوْمًا لَّا يَجْزِيْ وَالِدٌ عَنْ وَّلَدِهٖ ۡ وَلَا مَوْلُوْدٌ هُوَ جَازٍ عَنْ وَّالِدِهٖ شَيْـًٔا" اي انسانو! پنهنجي رب کان ڊڄو ۽ ان ڏينهن جو خوف رکو جنهن ۾ نه پيءُ اولاد جي طرفان ڪو بدلو ڏيندو ۽ نه اولاد پيءُ جي طرفان ڪجهه بدلو ڏيندو. يعني دنيا ۾ پيءُ پنهنجي اولاد تي ڪيڏو شفيق ۽ مهربان هوندو آهي ۽ ادب وارو اولاد ڪيترو پيءُ جو ادب ڪندو آهي پر قيامت جو ڏينهن اهڙو پريشان ڪندڙ هوندو جو ڪير ڪنهن کي بدلو ڏئي ڇڏائي نه سگهندو هر ڪو پنهنجن سورن ۾ حيران هوندو ۽ جڏهن پيءُ پٽ جو هي حال رهندو ته ٻيا مٽ مائٽ ڪٿي هوندا. "اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ" بلاشڪ الله جو وعدو حق آهي. يعني الله جي طرفان جزا ۽ سزا وارو ڪيل وعدو سچو آهي ضرور پورو ٿيندو. "فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وقفة وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ" پوءِ اوهان کي دنيا جي حياتي هرگز ڌوڪو نه ڏي ۽ اوهان کي الله سان ڌوڪو ڏيندڙ هرگز ڌوڪو نه ڏي يعني دنيا جون لذتون، سينگار ۽ وڏي حياتيءَ تي ڪڏهن به مغرور نه ٿيو ۽ نه اوهان کي جنن يا انسانن مان ڪو شيطان يا شيطاني مزاج وارو ڌوڪي ۾ رکي ته في الحال ته مزا وٺو پوءِ اڳتي ڏٺو ويندو.

اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَيُنَزِّلُ الْغَيْثَ ۚ وَيَعْلَمُ مَا فِي الْاَرْحَامِ ۗ وَمَا تَدْرِيْ نَفْسٌ مَّاذَا تَكْسِبُ غَدًا ۗ وَمَا تَدْرِيْ نَفْسٌۢ بِاَيِّ اَرْضٍ تَمُوْتُ ۗ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ۚ بلاشڪ الله وٽ ئي قيامت جو علم آهي ۽ مينهن وسائي ٿو ۽ جيڪي ڳپيرڻين ۾ آهي اهو ڄاڻي ٿو ۽ ڪنهن نفس کي خبر ناهي ته صبحاڻي ڇا ڪندو ۽ ڪو نفس نه ٿو ڄاڻي ته ڪهڙي سرزمين تي وفات ڪندو بيشڪ الله ڄاڻندڙ، خبر رکندڙ آهي.

يعني هن آيت ۾ بيان ڪيل پنج ڳالهيون الله تعالىٰ ئي بالذات ۽ مستقل طرح ڄاڻي ٿو ١: قيامت ڪهڙي سال، ڪهڙي مهيني، ڪهڙي تاريخ ڪهڙي رات يا ڪهڙي ڏينهن ۾ ٿيندي. ٢: مينهن ڪڏهن، ڪهڙي ڏينهن يا ڪهڙي رات وسندو ٣: حامله عورت جي پيٽ ۾ ڇا آهي؟ پٽ يا ڌيءُ ڳاڙهو يا ڪارو ڪدڙو يا مڙس؟ ۴: ڪنهن کي به اها خبر ناهي ته مان صبحاڻي ڇا ڪندس؟ ۵: ڪنهن کي خبر ناهي ته ڪٿي مرندو؟ جهنگ ۾ يا جبل ۾، سڪيءَ تي يا پاڻيءَ تي؟

مختصر مگر ضروري وضاحت

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته انهن پنجن ڳالهين جو بالذات ۽ مستقل طرح ڪنهن جي عطا کان سواءِ علم صرف الله جل شانه وٽ آهي ان ۾ ڪو به اختلاف ناهي پر الله جل شانه جي طرفان عطا ڪرڻ، ٻڌائڻ ۽ ڄاڻائڻ سان الله جل شانه جي پيارن کي به اهو علم مليل آهي. مولوي محمد عثمان نورنگ زداه صاحب لکيو آهي ته "باقي ايترو آهي ته جيڪڏهن الله جل شانه ڪنهن پنهنجي ڀانهي نبي مرسل (عليه الصلوٰة والسلام) يا اولياءَ ڪامل کي انهن ڳالهين مان ڪنهن به ڳالهه جي ڪنهن وقت ڪٿي خبر ڏي ته بيشڪ ٿي سگهي ٿو" (١) علامه احمد جيون عليه الرحمة لکيو آهي ته "ولك ان تقول ان علم هٰذه الخمسة وان كان لايملكه الا الله لكن يجوز ان يعلمها من يشاء من محبيه واوليائه .الخ. (٢) يعني تون چئي سگهين ٿو ته هنن پنجن ڳالهين جي علم جو مالڪ ته صرف الله جل شانه آهي پر اهو جائز آهي ته اهو جنهن کي به پنهنجن محبت وارن ۽ اوليائن مان گهري ان کي ڄاڻائي ٿو. علامه صابوني لکيو آهي. نسلم ان الغيب مختص بالله تعالىٰ وماروي عن الانبياء والاولياء من الاخبار عن الغيوب فبتعليم الله تعالىٰ اما بطريق الوحي وبطريق الالهام والكشف فلاينافي ذالك اختصاص علم الغيب .الخ. (٣) يعني غيب جو علم الله جل شانه سان خاص آهي ۽ جيڪو ڪجهه نبين عليهم الصلوٰة والسلام ۽ اوليائن کان غيبي خبرون ڏيڻ جون روايتون

(١) تنوير الايمان صـ٥٧ـ پ ٢١ (٢) التفسيرات الاحمدية صـ٦٠٨ـ (١) تنوير الاذهان صـ٢١٣ـ جلد ٣

آيون آهن اهي الله جي تعليم سان آهن پوءِ وحي جي ذريعي يا الهام ۽ ڪشف جي طريقي سان اهي الله جل شانــــه جي لاءِ علم غيب جي خاص هجڻ جي خلاف ناهن. اهڙي طرح علامـه اسماعيل حقي عليـه الرحمـة بـہ لکيو آهي (١) علامـه مفتي احمد يار خان نعيمي عليـه الرحمـــة هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ "آيت ۾ آيل لفظ تدري درايت کان ورتل آهي درايت عقل ۽ اندازي سان ڄاڻڻ کي چئبو آهي مطلب هي آهي تہ اهي ڳالهيون عقل ۽ اندازي سان معلوم نہ ٿينديون آهن صرف الله جل شانــه جي طرفان وحي سان معلوم ٿينديون آهن. ٿورو اڳتي لکيو اٿس تہ حضرت "ابراهيم، بيبي ساره ۽ بيبي مريم کي جبريل پٽ ملڻ جي بشارت ڏني انهن کي ما فی الارحام جو علم مليو حضرت زکريا کي بشارت ملي تہ انَ جي گهرواريءَ کي پيٽ ۾ پٽ آهي اهي ڳالهيون قرآن ڪريم ۾ بيان ٿيل آهن انهن مان واضح ٿيو تہ الله جي عطا سان انهن ڳالهين جو بہ علم انبياءَ ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام ۽ اولياءَ عظام کي ملندو آهي بدر واري جنگ ۾ هڪ ڏينهن پهريان نبي پاڪ عليــه الصلوٰة والسلام ٻڌايو تہ فلاڻو ڪافر هتي، فلاڻو هتي ڪٽل هوندو. هي "بِاَيِّ اَرۡضٍ تَمُوۡتُ" جو علم عطا ٿيل هو تقدير لکڻ وارو ملائڪ انسان جي پيٽ ۾ پيدا ٿيڻ وقت ئي ان جا سڀ مستقبل جا احوال لکي ٿو اهو ان فرشتي کي الله جل شانـه ئي علم عطا ڪري ٿو (٢) علامـه شبير احمد عثماني ۽ مفتي شفيع ديوبندي صاحب بـہ هن آيت جي تفسير ۾ اها ئي ڳالهہ واضح ڪئي آهي (٣) علامـه آلوسي ۽ علامـه صاوي عليهما الرحمـــة جي تحقيق جو خلاصو بہ اهو آهي (۴) مصر جي يونيورسٽي جا معــه جي فاضل ۽ مشهور بزرگ پير ڪرم شاهہ ازهري لکيو آهي تہ:

مذڪوره تصريحات سان هيءَ حقيقت روشن ڏينهن وانگر واضح آهي تہ غيبيــه امور جي متعلق هي خيال تہ ڪير ڪيترو بہ مرتبي ۾ بلند هجي خودبخود غيب ڄاڻي ٿو نجوڪوڙ، خالص بهتان آهي بلڪ قرآن ڪريم جي ڪيترين آيتن جو انڪار آهي (۽ ان جي ڪري صريح ڪفر آهي) اهڙي طرح هي گمان ڪرڻ تہ انهن امرن کي الله تعالیٰ جي ڄاڻائڻ سان بہ ڪير نہ ٿو ڄاڻي يا سرورڪون ومڪان فخر زمين وزمان صلی الله تعالیٰ عليــه وسلم جي علوم جو انڪار ڪرڻ صريح جهالت، بدنصيبي، قرآن ڪريم جي آيتن جو ۽ نبوي احاديث جو صاف انڪار (۽ ان جي ڪري ڪفر) آهي (۵) علامـه

(١) روح البيان صـ١٠۵ـ جلد ٧ (٢) نورالعرفان صـ٦٦١ـ (٣) حاشيــه عثمانيــه صـ۵۵٢ـ (۴) روح المعاني صـ١١٢ـ جزء ٢١ جلد ٧ صاوي صـ٢١۴۴ـ جزء ٣ جلد ٢ معارف القرآن صـ۵۴ـ جلد ٧ (۵) ضياء القرآن صـ٦١١ـ جلد ٣

نعيم الدين مراد آبادي عليه الرحمة مذكوره تشريح كندي آخر ۾ لکيو آهي تہ:
آيت جي قطعي معنىٰ هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ جي ڄاڻائڻ کان سواءِ ڪير نہ ٿو ڄاڻي ۽ ان جي اها معنىٰ وٺڻ تہ الله تعاليٰ جي ڄاڻائڻ سان بہ ڪير نہ ٿو ڄاڻي محض باطل ۽ سوين آيتن ۽ احاديث جي خلاف آهي. (١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿيا.

ع١ـ آيت ع٣٣ـ مان واضح ٿيو تہ پيءُ يا پٽ جي آسري تي لڳي گناهہ نہ ڪجن ڇو تہ قيامت جي ڏينهن اهي پنهنجين پريشانين ۾ هوندا ۽ "رَبَّكُمْ" (پنهنجي رب کان ڊڄو) ۾ رب لفظ آڻڻ مان واضح ٿيو تہ الله جل شانـه اوهان جو پالڻهار آهي ان جي هيبت ۽ عظمت دل ۾ رکي ان کان ڊپ بہ ڪيو. اهو ڊپ نہ جيڪو ڪنهن درندي جانور کان ڪبو آهي ۽ پيءُ ۽ پٽ مان مراد اُهي آهن جو پٽ مومن هجي تہ پيءُ ڪافر يا پيءُ مومن هجي تہ پٽ ڪافر. ۽ اها تخصيص ان جي ڪري ڪئي وئي آهي جو ٻين آيتن ۽ ڪيترين حديثن مان مومن پيءُ ۽ پٽ جي هڪ ٻئي لاءِ شفاعت ثابت آهي اهڙي طرح مومن مڙس ۽ زال بہ هڪ ٻئي کي نفعو ڏيندا. (٢)

ع٢ـ ان ئي آيت ۾ والد کي اڳي ۽ مولود کي پوءِ بيان ڪرڻ مان واضح ٿيو تہ پيءُ گهڻو مهربان هجڻ جي باوجود جيڪڏهن پاڻ مومن ناهي يا پٽ مومن ناهي تہ هڪ ٻئي جي لاءِ قيامت جي ڏينهن ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندا.

الحمدلله جو مون گنهگار مالڪ مٺي جي فضل ۽ سهڻي حبيب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جي نگاهہ ڪرم سان اڄ اڱاري جي ڏينهن بوقت ڏهہ لڳي اٺيتاليهن منٽن تي مؤرخہ ٢٢ ذوالحج ١٤٢٣هـ الموافق ٢٥ فيبروري ٢٠٠٣ع پنهنجي گهر پنهنجي لائبريريءَ ۾ ويٺي سورة لقمان سڳوري جو تفسير لکي پورو ڪيو. ان ئي مهربان الله جل مجده جي دربار ۾ دلي دعا آهي تہ باقي رهيل تفسير لکي پورو ڪرڻ جي سعادت بہ جلد نصيب ڪري. آمين يا رب العالمين بحرمة نبيك الكريم عليه وعلىٰ آله واصحابه وازواجه الصلوات والتسليمات الى يوم الدين.

دعا جو طالب

الفقير محمد ادريس الداهري

النقشبندي عفي عنه

(١) خزائن العرفان مترجم سنڌي ص٤٩٩ (٢) معارف القرآن ص٥٠، ٥١ـ جلد ٧

سورة السجدة جو تعارف

هن سورة مبارڪ جي تعارف ۾ هي ڇهہ (٦) ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ

هن پياري سورة پاڪ جو نالو مبارڪ "السجده" آهي جيڪو هن جي آيت ع۱۵ـ کان ورتل آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد

هن ۾ ٽي رڪوع، ٽيهہ آيتون، ٽي سؤ اسي (٣٨٠) ڪلما ۽ هڪ هزار پنج سؤ ارڙهن (١٥١٨) حرف آهن. (١)

مڪيہ آهي يا مدنيہ؟

ابن الضريس، ابن مردويہ ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عباس کان ۽ ابن مردويہ حضرت عبدالله بن زبير رضي الله عنهم کان روايت آندي آهي تہ سورة "السجده" مڪہ مڪرمہ ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

اڳيئن سورة سان ربط

هن سورة مبارڪ جو سورة لقمان سان ربط هي آهي تہ جيئن ان ۾ الله جل شانہ جي الوهيت ۾ هڪ هجڻ جا دلائل بيان ٿيا تيئن هن ۾ بہ بيان ڪيل آهن ۽ جيئن انهيءَ ۾ معاد (قيامت) جي اچڻ جا دلائل بيان ٿيا تيئن هن ۾ بہ اهي بيان ڪيل آهن. (٣)

بيان ڪيل مضمون

هن سورة جو موضوع الله جل شانہ جي توحيد، نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي رسالت ۽ آخرت جي متعلق ماڻهن جا شڪ ۽ شبها دور ڪري ٿنهي حقيقتن تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏيڻ آهي مڪہ مڪرمہ ۾ رهندڙ ڪافر حضور پرنور عليہ الصلوٰة والسلام جي متعلق پاڻ ۾ ويهي ڳالهيون ڪندا هئا تہ هي شخص عجيب ڳالهيون ٿاهي

(١) خازن ص۴۴۴ـ جلد ٣ (٢) الدرالمنثور ص۵۳۴ـ جلد ٦ (٣) روح المعاني ص۱۱۵ـ جزء ٢١ جلد ٧

ٻڌائي ٿو ڪڏهن مرڻ کان بعد اٿڻ جون ڳالهيون ٿو ڪري ته ڪڏهن حساب، ڪتاب، دوزخ ۽ بهشت جون خبرون ٿو ٻڌائي، اسان جي ٻتن کي ڪوڙو ڇئي هڪ الله جل شانـــه جي الوهيت ۽ عبادت ڏانهن سڏي ٿو ۽ پاڻ کي ان جو رسول سڏائي فرمائي ٿو ته مون تي آسمان کان وحي ايندو آهي ۽ جيڪو ڪلام مان اوهان کي ٻڌايان ٿو اهو منهنجو ڪلام ناهي الله جل شانـه جو ارشاد آهي هي عجيب افسانا آهن جيڪي ٻڌائي ٿو. هن سورة مبارڪـه ۾ انهن ڳالهين جوجواب ڏنو ويو آهي ۽ ڪافرن کي چيو ويو آهي ته هي شڪ ۽ شبهي کان سواءِ الٰهي ڪلام آهي ۽ ان جي لاءِ نازل ڪيو ويو آهي ته غفلت ۾ پيل ۽ نبوت جي فيوضات کان محروم قوم کي سجاڳ ڪيو وڃي ته اوهان هن کي ڪيئن ٿا ڪوڙو چئو حالانڪ ان جو الله جي طرفان نازل هجڻ ظاهر ۽ واضح آهي وري انهن کي چيو ويو آهي ته جن حقيقتن کي اوهان جي اڳيان قرآن ڪريم بيان ڪري ٿو عقل کان ڪم وٺي سوچي ٻڌايو ته انهن مان خراب شيءِ ڪهڙي آهي آسمان ۽ زمين جي پيدائش کي ڏسو، پنهنجي سرن جي پيدا ٿيڻ تي غور ڪيو اهو سڀ ڪجهه ان تعليم تي شاهد ناهي جيڪا نبي ڪريم عليـــه الصلوٰة والسلام جي پاڪ زبان ذريعي هن قرآن ڪريم ۾ ڏنل آهي؟ هي ساري ڪائنات جو نظام الله جل مجده جي توحيد تي دلالت ڪري ٿو يا شرڪ تي؟ جيڪو انهن سيني شين جي پيدا ڪرڻ تي قادر آهي ڇا اهو وري اوهان کي پيدا ڪري نه ٿو سگهي؟ ان کان بعد قيامت جو ذڪر ڪندي ايمان جي فائدن ۽ ڪفر جي برن نتيجن کي بيان ڪري ايمان ڏانهن ترغيب ۽ ڪفر کان پري رهڻ جي تعليم ڏني وئي آهي ۽ اها ڳالهه قبول ڪندڙ جي بهتري لاءِ ٻڌائي وئي آهي وري اهو ٻڌايو ويو آهي ته هيءَ الله جل مجده جي رحمت آهي جو اهو انسان کي سندس غلطين ۽ گناهن جي ڪري هڪدم فيصلي ڪندڙ عذاب سان نه ٿو پڪڙي بلڪ ان کان پهريان ان کي ٿوريون ٿوريون تڪليفون ٿو ڏي ته ان جون اکيون کلن ۽ انهن گناهن کان مڙي ته ان جي لاءِ ڀلو آهي. اهو به بيان ٿيو آهي ته دنيا ۾ هي ڪو پهريون موقعو ناهي جو هڪ شخصيت تي الله جل شانـه جي طرفان ڪتاب نازل ٿيو آهي هن کان اڳي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام تي به ڪتاب نازل ٿيو هو جنهن کي اوهان سڀ ڄاڻو ٿا پوءِ اهو ڪهڙو انصاف آهي جو ان کي مڃيو ۽ هن جو انڪار ڪيو؟ ۽ وري مڪـه مڪرمـه جي رهاڪو ڪافرن کي چيو ويو آهي ته تجارتي سفر دوران اوهان جن اڳين تباهه ٿيل قومن جي ڳوٺن کان لنگهو ٿا انهن جي عاقبت ۽ انجام ڏسو ڇا اوهان پنهنجي لاءِ اهڙي عاقبت ۽ انجام پسند ڪيو ٿا؟ ڀلجي نه پئو. اڄ اوهان ڏسو پيا ته (حضرت)

محمد (صلی الله عليـه وسلم) جي ڳالهہ چند نوجوانن. غلامن ۽ مسڪينن ڪان سواءِ ڪير بہ ٻڌڻ جي لاءِ تيار ناهي ۽ چوڌطرف ڪان ان تي طعنن ۽ ملامتن جي برسات وسي رهي آهي اوهان ان مان اهو سمجهيو ويٺا آهيو تہ هيءَ ڳالهہ هلي نہ سگهندي ڪجهہ ڏينهن هلي ختم ٿي ويندي پر اهو اوهان جي نظر جو ڌوڪو آهي ڇا اوهان رات ۽ ڏينهن ڪو نہ ٿا ڏسو تہ اڄ هڪ زمين اهڙي صفا ويران پئي آهي جو ان کي ڏسي گمان بہ ڪو نہ ٿو ڪري سگهجي تہ ان ۾ اندر سلن ڇمائڻ جا خزانا پُريا پيا آهن پر ٻئي ڏينهن هڪ سٺي بارش پوڻ جي ڪري ان مان عجيب قسم جا ساوا سلا. گل ۽ ٻوٽا اپري نڪرن ٿا جيڪو الله ان زمين مان اهي سلا وغيره ڪڍي سگهي ٿو اهو وفات ڪري ويلن کي بہ قبرن مان جيئرو ڪري ڪڍي سگهي ٿو. آخر ۾ نبي ڪريم عليـه الصلوٰة والسلام جن کي خطاب ڪندي ارشاد ٿيو آهي تہ هي ماڻهو اوهان جون ڳالهيون ٻڌي مذاق ڪن ٿا ۽ پڇن ٿا تہ اوهان کي هي فيصلو ڪندڙ فتح ڪڏهن نصيب ٿيندي؟ تاريخ تہ ٻڌايو؟ انهن کي فرمايو تہ جڏهن اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ فيصلي ڪرڻ جو وقت ايندو ان وقت اوهان جو مڃڻ اوهان کي فائدو نہ ڏيندو مڃڻو اٿو تہ هاڻي مڃيو ۽ جيڪڏهن صرف فيصلي جو انتظار ڪرڻو آهي تہ انتظار ڪيو اسين بہ انتظار ڪيون ٿا.

فضائل

هيءَ سورة نهايت عظمت ۽ فضيلت واري آهي ابوعبيد ۽ ابن الضريس مسيب بن رافع ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عليـه وسلم جن فرمايو "قيامت جي ڏينهن "الٓمٓ تَنزِيلُ" ۽ هڪ روايت موجب "الٓمٓ السَّجدة" سورة ان حال ۾ ايندي جو ان کي ٻہ پر هوندا پنهنجي پڙهندڙ تي ڇانو ڪري چوندي تہ "لَاسَبِيْلَ عَلَيْـهِ. لَاسَبِيْلَ عَلَيْهِ" (هن تي (عذاب لاءِ) ڪو بہ رستو ناهي، ڪو بہ رستو ناهي.

دارمي، ترمذي ۽ ابن مردويـــه طاؤس ڪان روايت آندي آهي تہ سورة "الٓمٓ السَّجَدة" ۽ "تَبَارَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ" قرآن ڪريم جي ٻين سورتن ڪان سٺ درجا ڀليون آهن.

ابوعبيد، احمد، عبد بن حميد، دارمي، ترمذي، نسائي، حاڪم ۽ ابن مردويـه حضرت جابر رضي الله عنـه ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عليـه وسلم جن "الٓمٓ تَنزِيلُ السَّجَدَة" ۽ "تَبَارَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ" سورة تلاوت ڪرڻ ڪان سواءِ ننڊ نہ ڪندا هئا.

ابن مردويه حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو" جنهن سانجهيءَ ۽ سومهاڻيءَ جي وچ ۾ سورة "تَبَارَكَ الَّذِيْ بِيَدِهِ الْمُلْكُ" ۽ "سورة الٓمٓ تَنْزِيْلُ السَّجَدَة" پڙهيون جڻ تہ ليلة القدر ۾ بيهي عبادت ڪيائين" (١) والله اعلم.

ابن ابي شيبه، بخاري، مسلم، نسائي، ابن ماجه حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جمعه جي ڏينهن فجر جي نماز ۾ "الٓمٓ تَنْزِيْلُ، السَّجَدَة" ۽ "هَلْ اَتٰى عَلَى الْاِنْسَانِ" سورتون پڙهندا هئا.

بيهقيءَ سنن ۾ حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان بہ اهڙي روايت آندي آهي. (٢)



(١) روح المعاني صـ١١٦،١١٥ـ جزء ٢١ جلد ٧ (٢) الدرالمنثور صـ٥٣٤ـ جلد ٦

وَهِيَ ثَلاثُونَ آيَةً	سُورَةُ السَّجْدَةِ مَكِّيَّةٌ	وَثَلاثُ رُكُوعَاتٍ
۽ اها ٽيهہ آيتون	سورة السجدة مڪيہ آهي	۽ ٽي رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جو وڏو مهربان هميشہ رحم ڪندڙ آهي.

الٓمّٓ (١) تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ لَارَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ (٢)

الف، لام، ميم (هن) ڪتاب جو نازل ڪرڻ جنهن ۾ ڪو بہ شڪ ناهي جهانن جي پالڻهاروتان آهي

اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ ۚ بَلْ هُوَالْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ لِتُنْذِرَقَوْمًا

ڇاچون ٿا تہ پاڻ ٺاهيو اٿس ان ڪي بلڪ اهو حق آهي تنهنجي رب وٽان تانت ڊيڄارين ان قوم ڪي

مَّآاَتٰىهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَهْتَدُوْنَ (٣)

جو نہ آيو انهن وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ اوهان ڪان اڳي مَنَ اهي هدايت وارا ٿين

تفسير

اڳيئن سورة ۾ اسلامي عقائد جي بنيادي پهرئين عقيدي توحيد ۽ ٻئي عقيدي قيامت جا دلائل بيان ڪيا ويا ۽ هتي ٽئين بنيادي عقيدي نبوة جو حق هجڻ بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "الٓمّٓ" هي الفاظ اڳي آيا آهن ۽ انهن جي وضاحت اتي ڪري آيا آهيون "تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ لَارَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ" هن ڪتاب جو لاهڻ جنهن ۾ ڪو بہ شڪ ناهي رب العالمين وٽان آهي. يعني هي ڪتاب نہ شعر آهي نہ جادو آهي نہ ڪنهن يوپي جو ٺُڪ بندي ٿيل آهي نہ نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن پنهنجي طرفان ٺاهيو آهي هي الله رب العالمين جي طرفان نازل ڪيل آهي ان ۾ ڪو ۽ ڪنهن بہ قسم جو شڪ ناهي "اَمْ يَقُوْلُوْنَ افْتَرٰىهُ" ڇا چون ٿا پاڻ ٺاهيو اٿس؟ يعني ڪافر چون ٿا قرآن ڪريم الله جل شانہ جو ڪلام ناهي نبي ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام پاڻ ٺاهي ٻڌائي ٿو ۽ چوي ٿو تہ هي الله جل شانہ جو فرمان آهي. "بَلْ هُوَالْحَقُّ مِنْ رَّبِّكَ" بلڪ اهو حق آهي تنهنجي رب وٽان آيو آهي. ان پنهنجي نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام ڏانهن وحي ذريعي موڪليو آهي "لِتُنْذِرَقَوْمًا مَّآاَتٰىهُمْ مِّنْ نَّذِيْرٍ مِّنْ قَبْلِكَ" تانت ان قوم

کي ڊيڄارين جن وٽ توکان اڳي ڪو بہ ڊيڄاريندڙ نہ آيو آهي. يعني عرب جا مشرڪ جن وٽ ڪو بہ اڳي نبي نہ آيو آهي اوهان انهن کي الله جل شانــــہ جي عذاب کان ڊيڄاريو. تہ ڪفر ۽ شرڪ نہ ڪن جيڪڏهن ڪندا تہ عذاب ۾ وڏا ويندا. "لَعَلَّهُمْ يَهْتَدُوْنَ" مَنَ اهي هدايت وارا ٿين يعني اوهان کي انهن جي فائدي لاءِ قرآن پاڪ ڏئي ان اميد تي موڪليو ويو آهي تہ اهي هدايت حاصل ڪري گمراهيءَ مان نڪري هدايت وارا بنجن.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ــ "الٓمّٓ" مان واضح ٿيو تہ قرآن ڪريم حضور عليــــہ الصلوٰة والسلام جو تاقيامت قائم رهڻ وارو معجزو آهي ڇو تہ الف، لام، ميم حرفن مان اهو اشارو ڏنو ويو آهي تہ قرآن ڪريم ۾ بہ اهي الفاظ آهن جيڪي عام طور ڳالهايا وڃن ٿا ان هوندي بہ ٻئي ڪنهن جو اهڙي ڪلام پيش ڪرڻ تي قادر نہ هجڻ هن جي اعجاز جو دليل آهي ۽ جڏهن اهو نبي پاڪ عليــہ الصلوٰة والسلام جن تي نازل ٿيو آهي تہ يقيناً پاڻ الله جل شانــہ جا سچا نبي آهن.

ع٢ــ "لِتُنْذِرَ" (تانت تون ڊيڄارين) مان واضح ٿيو تہ قرآن ڪريم جي نازل ڪرڻ جي هڪ حڪمت اها بہ آهي تہ ماڻهن کي الله جل شانــہ کان ڊيڄاريو وڃي.

اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّــةِ اَيَّامٍ

الله ئي آهي جنهن پيدا ڪيا آسمان ۽ زمين ۽ جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي ڇهن ڏينهن ۾

ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ ط مَالَكُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ

ان کان پوءِ استوا فرمايائين عرش تي ناهي اوهان جي لاءِ ان کان سواءِ ڪو حمايتي

وَّلَا شَفِيْعٍ ط اَفَلَاتَتَذَكَّرُوْنَ (۴) يُدَبِّرُ الْاَمْرَ مِنَ السَّمَآءِ اِلَى الْاَرْضِ

۽ نہ ڪو سفارشي ڇا پوءِ نصيحت نہ ٿا وٺو؟ تدبير فرمائي ٿو امر آسمان کان زمين ڏانهن

ثُمَّ يَعْرُجُ اِلَيْهِ فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗٓ اَلْفَ سَنَــةٍ مِّمَّاتَعُدُّوْنَ (۵)

ان کان بعد ان ڏانهن ئي چڙهندو ان ڏينهن جو هوندو ان جو مقدار هزار سال ان مان جيڪي ڳڻيو ٿا

ذَٰلِكَ عَٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْعَزِيزُ الرَّحِيمُ (٦) الَّذِيٓ اَحْسَنَ كُلَّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ

اهوئي ڳجهہ ۽ ظاهر ڄاڻندڙ غالب مهربان آهي اهو جنهن سهڻي بنائي هر شيءِ پيداڪيائين ان کي

وَبَدَاَ خَلْقَ الْاِنْسَانِ مِنْ طِيْنٍ (٧) ثُمَّ جَعَلَ نَسْلَهٗ

۽ شروع فرمايائين انسان جي پيدائش مٽيءَ مان ان کان بعد جاري رکيائين ان جي نسل کي

مِنْ سُلٰلَةٍ مِّنْ مَّآءٍ مَّهِيْنٍ (٨) ثُمَّ سَوّٰىهُ وَنَفَخَ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِهٖ

هڪ بي قدر پاڻيءَ جي نچوڙ مان ان کان پوءِ ان کي ٺيڪ ڪيائين۽ڦوڪيائين ان ۾ پنهنجو روح

وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْئِدَةَ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ (٩)

۽ ڏاهيائين اوهان ۾ ڪن ۽ اکيون ۽ دليون ٿورو ٿا شڪر ڪيو

تفسير

اڳين آيتن ۾ رسالت کي ثابت ڪري هتي نبي ڪريم عيلہ الصلوٰة والسلام جن کي سندن نبوت جون ذميداريون ٻڌائيندي الله جل شانہ جي توحيد ۽ ان تي دلائل پيش ڪرڻ جي لاءِ ارشاد ٿي رهيو آهي "اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِيْ سِتَّةِ اَيَّامٍ" الله ئي آهي جنهن آسمان ۽ زمين ۽ جيڪو ڪجهہ انهن جي وچ ۾ آهي ڇهن ڏينهن ۾ پيدا فرمايا يعني الله تعالىٰ آسمان، زمين ۽ انهن ۾ رهڻ ۽ موجود هجڻ وارين شين کي ڇهن دورن ۾ پيدا فرمايو. هتي "ايام" مان مراد عام ڏينهن ناهن ڇو تہ آسمانن ۽ زمين کان اڳي نہ ڏينهن هو نہ رات هئي. (١) "ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ" ان کان بعد عرش تي استواءِ فرمايائين. هتي استواءِ جي لغوي معنىٰ برابر ٿيڻ يا سڌو ٿي ويهڻ مراد ناهي ڇو تہ اهو الله جل شانہ جي شان جي شايان ناهي هتي ان مان مراد آهي تجلي فرمايائين. (٢) ۽ هن لفظ جو بيان سورة الاعراف، سورة يونس وغيره جي تفسير ۾ لکجي ويو آهي وڌيڪ اتي ڏسي سگهجي ٿو. "مَا لَكُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا شَفِيْعٍ" اوهان جي لاءِ ان کان سواءِ نہ ڪو حمايتي آهي نہ ڪو سفارشي مطلب تہ ان جي اذن کان سواءِ ڪو بہ اوهان جي حمايت ۽ شفاعت نہ ڪندو. (٣) پر شفاعت جو اذن جنهن کي مليو آهي اهو شفاعت ڪندو يقينًا ڪندو. "اَفَلَا تَتَذَكَّرُوْنَ"

(١) المراغي ص۱۰۴ـ جزء ٢١ جلد ٧ (٢) نورالعرفان ص٦٦٢ـ (٣) صفوة التفاسير ص٥٠٢ـ جلد ٢

ڇا پوءِ نصيحت نہ تا وٺو؟ يعني انهن ڳالهين تي غور ڪري نصيحت حاصل نہ تا ڪيو جو ايمان آڻيو ؟ "يُدَبِّرُ الْاَمْرَ مِنَ السَّمَآءِ اِلَى الْاَرْضِ" امرجي آسمان ڪان زمين ڏانهن تدبير فرمائي ٿو. هن جو مطلب بيان ڪندي حضرت ابن عباس، مجاهد، قتادة، عڪرمة ۽ ضحاڪ فرمايو تہ انهن ۾ پنهنجي قضا جاري ٿو فرمائي جيئن گهري ٿو تيئن ڪري ٿو (١) سڀ حسي ۽ معنوي ظاهري ۽ باطني اسباب زمين ۽ آسمان ۾ گڏ ٿي ان جي ڪم ۾ لڳي وڃن ٿا ان جي ئي مشيت ۽ حڪمت سان ڪيترين مدتون هلن ٿا ساري مخلوق جا ڪم علوي توڙي سفلي جهانن ۾ اهو ٿو تدبير فرمائي ڪنهن جي ڪم ڪان بي خبر ناهي. "ثُمَّ يَعْرُجُ اِلَيْهِ فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗٓ اَلْفَ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّوْنَ" ان ڪان بعد ان ڏانهن ان ڏينهن ۾ مٿي چڙهي ٿو جنهن جو مقدار اوهان جي ڳڻپ مان هزار سال آهي. جڏهن هي جهان فنا ٿيندو ۽ پيو قيامت جو نئون جهان پيدا ٿيندو تہ اتي هڪڙو ڏينهن دنياوي هزار ورهن جهڙو محسوس ٿيندو ۽ اتي سڄي جهان جي انتظام ۽ ڪمن وغيره جو نتيجو الله جل شانہ جي حضور ۾ پيش ٿيندو سڀ ڪجهہ ان جي قدرتي هٿ ۾ رهندو.

سوال

هتي الله جل شانہ قيامت جي ڏينهن لاءِ فرمايو تہ هزار سال جيڏو هوندو ۽ سورة المعارج ۾ آيو تہ "پنجاهہ هزار سال جو" اهو ڇاجي ڪري؟

جواب

قيامت جي ڏينهن هر ڪنهن کي ان جي اعمال آهر تڪليف ملڻ جي ڪري ڪافر هڪ ڏينهن کي پنجاهہ هزار سال جي برابر ۽ گنهگار هڪ ڏينهن کي هزار سال جي برابر ۽ مومن متقي پاڻها نماز جي چئن رڪعتن ۾ لڳڻ واري وقت جي برابر سمجهندا. هر ڪنهن جي حال آهر ڏينهن جو بيان ٿيو آهي (٢) "ذٰلِكَ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ" اهو ئي غيب ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ، غالب، مهربان آهي هتي الغيب مان مراد آخرت ۽ الشهادة مان مراد دنيا آهي يا غيب مان مراد مخلوق ڪان غائب شيون ۽ شهادة مان مراد ڏسڻ ۾ اچڻ واريون شيون آهن. (٣)

مطلب تہ امر کي تدبير فرمائيندڙ الله لڪل ۽ ظاهر شيون ڄاڻندڙ، هر شيءِ ڪان غالب ۽ نهايت مهربان آهي "الَّذِيْٓ اَحْسَنَ كُلَّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ" جنهن جيڪا بہ شيءِ پيدا فرمائي سهڻي ڪري پيدا فرمائي آهي. يعني پنهنجي حڪمت سان هر شيءِ کي ان جي

(١) البحرالمحيط صـ١٩٨ـ جلد ٧ (٢) تنويرالايمان صـ٦٠ـ پ ٢١ (٣) البحرالمحيط صـ١٩٩ـ جلد ٧

استعداد ۽ لياقت آهر سونهن ڏنائين. "وَبَدَأَ خَلْقَ الْإِنسَانِ مِن طِينٍ ۽ انسان جي خلقت جي شروعات مٽيءَ مان ڪيائين. هتي "الانسان" مان مراد حضرت آدم علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام آهي (١) "ثُمَّ جَعَلَ نَسْلَهُ مِن سُلَالَةٍ مِّن مَّاءٍ مَّهِينٍ" ان کان بعد ان جو نسل هڪ بي قدري پاڻيءَ جي نچوڙ مان جاري رکيائين "سُلَالَةٍ" ڪنهن شيءِ جي نچوڙ ۽ خلاصہ کي چئبو آهي. انسان مان نڪرندڙ مني بہ سڄي جسم جو نچوڙ ۽ خلاصو هوندي آهي ان جي ڪري ان کي "سُلَالَةٍ" سڏيو ويو آهي. مطلب تہ الله جل شانہ حضرت آدم علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي مٽيءَ مان پيدا ڪري ان جي نسل کي وڌائڻ جو سلسلو منيءَ مان جاري رکيو جيڪا هڪ بي قدري بدبودار پاڻيءَ جو نچوڙ آهي ۽ اهو سلسلو بہ اهڙي نموني رکيائين جو ان لاءِ انسان صحت، دولت ۽ وقت جهڙيون ڳري قيمت واريون شيون بہ قربان ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي بلڪ ان نچوڙ کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ وڏي محنت ۽ جفا قبول ڪندڙ آهي.

"ثُمَّ سَوَّاهُ وَنَفَخَ فِيهِ مِن رُّوحِهِ" ان کان پوءِ ان کي برابر ڪيائين ۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيائين. يعني ان نسل کي ماءُ جي ڳڀيرڻ ۾ رهندي ڪامل عضوا ڏئي مناسب صورت سان نوازي برابر بنائي ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيائين. هتي روح جي اضافت پاڻ ڏي ڪرڻ مان مقصد ان کي شرف ڏيڻ ۽ اهو ظاهر ڪرڻ هو تہ روح هڪ عجيب ۽ شريف شيءِ آهي ۽ اهو شاندار هجڻ سان ربوبيت جي حضور ۾ مناسبت وارو آهي ان جي ڪري ئي چيو ويو آهي تہ "من عرف نفسه فقد عرف ربه" جنهن پنهنجي پاڻ کي سڃاتو ان يقينًا پنهنجي رب کي سڃاتو. "وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ" ۽ اوهان جي (فائدي) لاءِ اوهان ۾ ڪن پيدا ڪيائين. تانت الله جل شانہ جي طرفان نازل ڪيل آيتون ٻڌو جيڪي توحيد ۽ قيامت جي لاءِ اتڻ کي بيان ڪري رهيون آهن "وَالْأَبْصَارَ وَالْأَفْئِدَةَ" ۽ اکيون ۽ دليون (بہ پيدا ڪيائين) تانت اکين سان آيات تکوينيہ مشاهدو ڪيو ۽ دلين سان عقل کي استعمال ڪري حقيقت حاصل ڪيو افئدة فؤاد جو جمع آهي. معنىٰ دل. "قَلِيلًا مَّا تَشْكُرُونَ" ٿورو شڪر ڪيو ٿا. يعني جنهن الله جل شانہ اوهان کي انهن نعمتن سان نوازيو آهي ان جو شڪر ٿورو ٿا ڪيو. پر هتي قلت مان مراد نفي آهي معنىٰ شڪر نہ ٿا ڪيو. (٢)

(١) المظهري صـ٢٧٦ـ جلد ٧ (٢) تنوير الاذهان صـ٢١٦ـ جلد ٣

فائدا

مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "مَالَكُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَاشَفِيْعٍ" (اوهان جي لاءِ (ان جي اذن) کان سواءِ نہ ڪو حمايتي آهي نہ ڪو سفارشي) مان واضح ٿيو تہ ڪافرن جو ڪو حمايتي ۽ سفارش ڪرڻ وارو نہ هوندو ڇو تہ مومنن جي لاءِ شفاعت حق آهي جنهن جو ثبوت قرآن ڪريم جي ڪيترين آيتن ۽ نبوي احاديث علىٰ قائلها الصلوٰة والسلام مان متواتر طرح ثابت آهي ڪي ماڻهو مذڪوره آيت جهڙين آيتن مان شفاعت جو انڪار ثابت ڪري غلط تفسير ڪندا آهن شفاعت جو انڪار صريح ڪفر آهي ۽ منڪر ڪافر آهي.

ع٢ـ "اَلَّذِيْٓ اَحْسَنَ كُلَّ شَيْءٍ خَلَقَهٗ" (جنهن جيڪا شيءِ پيدا ڪئي آهي ان کي سهڻو بنايو آهي) مان واضح ٿيو تہ هر شيءِ پنهنجي اصل جي لحاظ سان سهڻي آهي ڇو تہ ان کي الله جل شانـــه حڪمت ۽ عالمي مصلحت لاءِ پيدا فرمايو آهي ۽ انهن سڀني مان انسان نهايت حَسين ۽ بهتر آهي باقي ٻي مخلوق مان جيڪڏهن بظاهر ڪا شيءِ ڪيتري بہ قبيح ۽ برائي سمجهي وڃي ٿي پر اها اصل ۾ بري ناهي ان جي برائي صحيح استعمال نہ ڪرڻ جي ڪري هوندي آهي ۽ "كُلَّ شَيْءٍ" ۾ جواهر ۽ اعراض سڀ داخل آهن هرشيءِ جا ٻہ پاسا آهن ١: تخليق ۽ تڪوين. هي خير ئي خير ۽ پلو ئي پلو آهي ٢: انسان جو ڪسب ۽ اڪتساب يعني ڪنهن ڪم ڪرڻ ۾ پنهنجو ذنل اختيار هلائڻ. ان حيثيت سان ڪنهن ڪنهن شيءِ جو حُسن برقرار نہ ٿو رهي. بلڪ ان ۾ تفصيل آهي تہ جن جي استعمال ڪرڻ جي الله تعالىٰ اجازت نہ ڏني آهي انهن کي استعمال ڪرڻ قبيح آهي.

ع٣ـ "وَبَدَاَ خَلْقَ الْاِنْسَانِ مِنْ طِيْنٍ" (۽ انسان جي خلقت جي شروعات مٽيءَ مان ڪيائين) مان واضح ٿيو تہ انسان جو اشرف الخلق هجڻ ان جي تخليق واري ماده جي لحاظ سان ناهي ڇو تہ اهو اصل مٽيءَ مان، ان کان بعد ان جي نسل جو سلسلو منيءَ مان هليو جيڪا بدبودار ۽ پليد آهي ان جي نڪرڻ کان پوءِ انسان وهنجڻ کان سواءِ نہ مسجد ۾ اچي سگهي نہ قرآن ڪريم کي هٿ لڳائي سگهي. پر ان جو شاندار هجڻ خالص الٰهي انعام آهي ۽ ان جي ڪرم سان ان مقام تي پهتو آهي.

ع٤ـ "وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ" (۽ اوهان جي لاءِ ڪن، اکيون ۽ دليون ٺاهيائين) مان واضح ٿيو تہ الله تعالىٰ سندس امر سان ڪيل پانهن جا ڪم پاڻ

ڏانهن نسبت ڪري ٿو انسان جي ماءُ جي پيٽ ۾ رهڻ دوران سندس ڪن، اکيون وغيره ملائڪ ٺاهيندا آهن پر انهن اهي الله جل شانه جي امر سان ٺاهيا ته ڄڻ الله جل شانه پاڻ ٺاهيا آهن.

وَقَالُوْٓا ءَاِذَا ضَلَلْنَا فِی الْاَرْضِ ءَاِنَّا لَفِيْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ۬

۽ چيائون ته ڇا جڏهن زمين ۾ گم ٿي ويندا سون(تڏهن به)ڇا اسين البت نئين خلقت ۾ اٿنداسون

بَلْ هُمْ بِلِقَآئِ رَبِّهِمْ كٰفِرُوْنَ (١٠) قُلْ يَتَوَفّٰىكُمْ

بلڪ اهي پنهنجي رب سان ملڻ جا انڪار ڪندڙ آهن فرماءِ ته روح ڪيندو اوهان جو

مَّلَكُ الْمَوْتِ الَّذِيْ وُكِّلَ بِكُمْ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ تُرْجَعُوْنَ (١١)

ع-١٤ ١

موت وارو ملائڪ جيڪو مقرر ڪيو ويو اوهان لاءِ ان ڪان بعد پنهنجي رب ڏانهن موٽايا ويندؤ

وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الْمُجْرِمُوْنَ نَاكِسُوْا رُءُوْسِهِمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ ؕ

۽ جيڪڏهن ڏسندين جنهن مهل مجرم اونڌا ڪندڙ هوندا ڪنڌ پنهنجا پنهنجي رب وٽ

رَبَّنَآ اَبْصَرْنَا وَسَمِعْنَا فَارْجِعْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا

اي اسان جا رب ڏٺوسون ۽ ٻڌوسون پوءِ اسان کي موٽاءِ ته ڪنداسون ڀلا ڪم

اِنَّا مُوْقِنُوْنَ (١٢) وَلَوْ شِئْنَا لَاٰتَيْنَا كُلَّ نَفْسٍ هُدٰىهَا

بيشڪ اسين يقين ڪندڙ آهيون ۽ جيڪڏهن گهرون ها ته البت ڏيون ها هر نفس کي سندس هدايت

وَلٰكِنْ حَقَّ الْقَوْلُ مِنِّيْ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الْجِنَّةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ (١٣)

۽ پر پڪي ٿي چڪي آهي ڳالهه منهنجي طرفان ته البت ضرور ڀريندس جهنم جنن ۽ ماڻهن سمورن مان

فَذُوْقُوْا بِمَا نَسِيْتُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا ۚ اِنَّا نَسِيْنٰكُمْ

پوءِ چکو ان سببان جو وساري اوهان هن ڏينهن جي حاضري بلاشڪ اسان به اوهان کي وساريو

وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ (١٤)

۽ چکو هميشه وارو عذاب ان سببان جيڪي ڪندا هيئو

تفسير

جيئن مذڪوره آيتن ۾ بنيادي عقيدن، توحيد، رسالت کان پوءِ قيامت جو بيان هليو تيئن هتي بہ قيامت جي منڪرن لاءِ هدايتون ڏيندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَقَالُوٓا ءَاِذَا ضَلَلۡنَا فِی الۡاَرۡضِ ءَاِنَّا لَفِیۡ خَلۡقٍ جَدِیۡدٍ ؕ" ۽ چيائون تہ ڇا جڏهن اسين (مرڻ کان پوءِ) زمين ۾ گم ٿي ويندا سون تہ ڇا پڪي طرح وري نئين طرح خلقت ۾ ايندا سون؟

هن حصي ۾ انهن جي باطل عقيدي جو بيان آهي تہ اهي نئين طرح پيدا ٿي قبرن مان اٿڻ جا منڪر آهن. (١) "بَلۡ هُمۡ بِلِقَآءِ رَبِّهِمۡ كٰفِرُوۡنَ" بلڪ اهي پنهنجي رب جي دربار ۾ حاضريءَ جا انڪار ڪندڙ آهن. مطلب تہ اهي الله جل شانـــه جي دربار ۾ پيش ٿيڻ ۽ حساب ڪتاب ڪي بہ ڪو نہ ٿا مڃين. "قُلۡ يَتَوَفّٰٮكُمۡ مَّلَكُ الۡمَوۡتِ الَّذِیۡ وُكِّلَ بِكُمۡ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمۡ تُرۡجَعُوۡنَ ؑ" فرماءِ تہ اوهان ڪي اهو موت وارو ملائڪ وفات ڪرائيندو جيڪو اوهان لاءِ مقرر ڪيل آهي ان کان پوءِ اوهان پنهنجي رب ڏانهن موٽايا ويندؤ. مطلب تہ اوهان پاڻ ڪي صرف جسم سمجهو ٿا جيڪو مٽيءَ ۾ ملڻ کان پوءِ ختم ٿي ويندو ائين ناهي اوهان حقيقت ۾ هڪ جان آهيو جنهن ڪي ملائڪ ڪڍي ٿو وڃي بلڪل فنا نہ ٿيندا آهيو. وقت مقرر تي اوهان مان نڪتل جان اوهان ۾ وجهي اوهان ڪي الله جل شانـــــه ڏانهن حساب ڪتاب جي لاءِ موٽايو ويندو. "وَلَوۡ تَرٰٓى اِذِ الۡمُجۡرِمُوۡنَ نَاكِسُوۡا رُءُوۡسِهِمۡ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ؕ" ۽ جيڪڏهن ڏسندؤ جڏهن مجرم پنهنجا مٿا پنهنجي رب جي اڳيان اونڌا ڪيو بيٺا هوندا. يعني ذلت ۽ پشيمانيءَ کان ڪنڌ مٿي ڪٿي نہ سگهندا. "رَبَّنَاۤ اَبۡصَرۡنَا وَسَمِعۡنَا فَارۡجِعۡنَا نَعۡمَلۡ صَالِحًا اِنَّا مُوۡقِنُوۡنَ" اي اسان جا رب! اسان (اکين سان) ڏٺو ۽ (ڪنن سان) ٻڌو پوءِ اسان ڪي موٽاءِ تہ صالح عمل ڪيون بيشڪ اسان يقين ڪندڙ آهيون. يعني اسان جا ڪن ۽ اکيون کلي ويون جيڪي ڪجهہ تنهنجي نبي عليـــه الصلوٰة والسلام فرمايو هاٽي ان تي اسان ڪي ڪامل يقين آهي تہ ايمان ۽ صالح اعمال ئي ڪارائتي شيءِ آهن هاڻي هڪ ڀيرو اسان ڪي دنيا تي وري موڪلي ڏس تہ ڪيئن ٿا سهڻا عمل ڪيون. "وَلَوۡ شِئۡنَا لَاٰتَيۡنَا كُلَّ نَفۡسٍ هُدٰٮهَا وَلٰـكِنۡ حَقَّ الۡقَوۡلُ مِنِّیۡ لَاَمۡلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الۡجِنَّـةِ وَالنَّاسِ اَجۡمَعِيۡنَ" ۽ جيڪڏهن اسين گهرون ها تہ هر نفس ڪي ان جي هدايت ڏيون ها ۽ پر منهنجي طرفان ڳالهہ پڪي ٿي چڪي آهي تہ جنن ۽ ماڻهن سمورن مان ضرور جهنم ڪي ڀريندس، يعني اسين

(١) الفتوحات الالٰهية صـ٤١٤ـ جلد ٣

جيڪڏهن زوري زبردستي هر نفس کي هدايت ڏيون ها ته ڏئي سگهون ٿا پر اسان ان کي اختيار ڏنو ٻئي رستا ڏيکاريا ته پاڻ پلائي تو ڪري يا برائي؟ ۽ منهنجي طرفان اهو فيصلو ٿي چڪو هو ته ڪافرن ۽ مجرمن سمورن سان جهنم کي ڀريندس ۽ اها ڳالهه پوري ڪندس جيڪا شيطان کي جواب ۾ فرمائي هيم ته ”توکي ۽ تنهنجي تابعن کي جهنم ۾ وجهندس“ ان جي ڪري زوري مومن بنائڻ جو سلسلو نه رکيو اٿم. ماڻهو پاڻ سوچي سمجهي حق قبول ڪري مسلمان ٿي دارين جي سعادت حاصل ڪن.

”فَذُوْقُوْا بِمَا نَسِيْتُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا“ پوءِ اوهان ان جي ڪري جو هن ڏينهن جي حاضري وساري ڇڏيو (عذاب) چکو. يعني الله جل شانـــه مشرڪن کي جهنم ۾ داخل ڪري فرمائيندو ته اوهان کي هي ڏينهن ياد نه هيو نه اوهان کي هن ڏينهن جي حاضري ذهن ۾ هئي ان جي ڪري عذاب چکو. ”اِنَّا نَسِيْنٰكُمْ“ بيشڪ اسان اوهان کي وساري ڇڏيو آهي سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته: هتي وسارڻ مان مراد ڇڏي ڏيڻ آهي. (١) ڇو ته الله جل شانـه وسارڻ کان پاڪ آهي. ”وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ“ ۽ پنهنجن ڪيلن عملن جي ڪري هميشـــه وارو عذاب چکو. يعني جيڪو شرڪ ۽ ان سان گڏ براڪم ڪندا هيئو انهن جي سزا هميشـه چکندا رهو اهو به انهن کي ڇنڀ ۽ توبيخ لاءِ جهنم ۾ داخل ڪرڻ کان پوءِ چيو ويندو. (٢)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا سمجهه ۾ اچن ٿا.

ع١ـ آيت ع١٢ـ مان مجرمن جو اخروي بروحال واضح ٿي رهيو آهي ته اهي قيامت جي ڏينهن ڪنڌ ڪٽڻ جهڙا نه هوندا ۽ اتي وري دنيا تي اچي صالحن عملن ڪرڻ جي خواهش ڏيکاريندا پر اها پوري نه ڪئي ويندي.

ع٢ـ ”وَلَوْ شِئْنَا لَاٰتَيْنَا كُلَّ نَفْسٍ هُدٰىهَا“ (۽ جيڪڏهن اسين گهرون ها ته هر نفس کي ان جي هدايت عطا ڪيون ها) مان واضح ٿيو ته انسان مجبور مقهور ناهي ان کي سمجهه شعور ڏئي سندس اڳيان ڀلا ۽ برا اعمال واضح ڪيا ويا آهن هاڻي پنهنجي اختيار سان جهنم جو رستو وٺي يا جنت جو. جنت واري رستي سان الله راضي آهي جهنم واري سان ناراض آهي.

ع٣ـ ”وَذُوْقُوْا عَذَابَ الْخُلْدِ“ (۽ هميشـــه وارو عذاب چکو) مان واضح ٿيو ته مشرڪن ۽ ڪافرن جو جهنم مان نڪرڻ ممڪن ئي ناهي ڇو ته ان سان الله جل شانـه جي وعدي خلافي ٿيندي ۽ اها بلڪل ناممڪن آهي.

(١) جامع البيان صـ٦٢ـ جزء ٢١ جلد ١٠ (٢) ايسر التفاسير صـ٥٢٩ـ جلد ٣

اِنَّمَا يُؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِّرُوْا بِهَا

ايمان آڻين تا اسان جي آيتن تي رڳو اهي شخص جو جڏهن نصيحت ڪيا وڃن تا انهن سان

خَرُّوْا سُجَّدًا وَّسَبَّحُوْا بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَهُمْ لَايَسْتَكْبِرُوْنَ (١٥) السجدة

تہ ڪرن تا سجدو ڪندڙ تي ۽ تسبيح پڙهن تا پنهنجي رب جو حمد ڪندي ۽ اهي نہ تا وڏائي ڪن

تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّطَمَعًا

پري رهن تا پاسا انهن جا سمهڻ جي هنڌن کان پڪارين؟ تا پنهنجي رب کي خوف ۽ اميد سان

وَّمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ (١٦) فَلَاتَعْلَمُ نَفْسٌ

۽ ان مان جيڪو رزق ڏنو سون انهن کي خرچ ڪن تا پوءِ نٿو ڄاڻي ڪو نفس

مَّآ اُخْفِيَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ اَعْيُنٍ ج جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ (١٧)

جيڪو لڪائي رکيو ويو آهي انهن جي لاءِ اکين جو ٺار بدلو هوندو ان جو جيڪو ڪيو هيائين

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي ڪفر ۽ انهن کي ملندڙ سزا جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ مومنن جي ڪردار ۽ کين ملندڙ جزا جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "اِنَّمَا يُؤْمِنُ بِاٰيٰتِنَا الَّذِيْنَ اِذَاذُكِّرُوْا بِهَا خَرُّوْا سُجَّدًا وَّسَبَّحُوْا بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَهُمْ لَايَسْتَكْبِرُوْنَ" اسان جي آيتن تي ايمان صرف اهي شخص آڻين تا جو جڏهن انهن سان کين نصيحت ڪجي ٿي تہ سجدي ۾ ڪري پنهنجي رب جو حمد ڪندي ان جي تسبيح پڙهن تا ۽ اهي وڏائي نہ تا ڪن.

شان نزول

بيهقيءَ شعب الايمان ۾ سيدنا حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ هيءَ آيت پنجن فرضي نمازن جي باري ۾ نازل ٿي آهي (١) مطلب تہ اسان جي نازل ڪيل آيتن کي صرف اهي سچو چون تا جو جڏهن انهن کي انهن آيتن سان نصيحت ڪجي ٿي تہ عاجزي ظاهر ڪندي، الله جل شانہ جي لاءِ عبوديت جو اقرار ۽ ان جي عظمت کي تسليم ڪندي سجدن ۾ ڪرن تا ۽ ڪافرن جي طرفان

(١) الدرالمنثور صـ٥٤٤ـ جلد ٦

ان جي لاءِ بنايل شريڪن ۽ ان ڏانهن پٽن ۽ ڌيئرن جي نسبت ڪرڻ ڪان ان جو حمد ڪندي پاڪائي بيان ڪن ٿا تہ ان جو نہ ڪو شريڪ آهي نہ اولاد ۽ ان جي عبادت ڪرڻ ۾ نہ عيب سمجهن ٿا نہ ان جي اڳيان وڏائي يا غرور ڪن ٿا. (١)

مسئلو

آيت ع١٥ـ پوري پڙهڻ کان پوءِ تلاوت جو سجدو ڪرڻ واجب آهي "تَتَجَافٰى جُنُوْبُهُمْ عَنِ الْمَضَاجِعِ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّطَمَعًا" انهن جا پاسا سمهڻ جي هنڌن ڪان پري رهن ٿا پنهنجي رب کي خوف ۽ اميد سان سڏين ٿا. مطلب تہ جيڪي هنڌ سندن آرام ۽ ننڊ ڪرڻ جي لاءِ تيار هوندا آهن انهن تي پاسوئي نہ ٿا رکن ۽ نہ ننڊ ٿا ڪن پنهنجي رب کان دعائون گهرندي ڏڄن بہ ٿا تہ ان جي رحمت ۾ اميد وار بہ آهن حضرت عبدالله بن رواحة اصحابي سڳوري رضي الله عنه سيد المرسلين حضور رحمة للعالمين صلى الله عليه وسلم جي عبادت ۽ تلاوت واري شان کي بيان ڪندي فرمايو آهي.

وَفِيْنَا رَسُوْلُ اللهِ يَتْلُوْا كِتَابَهٗ
اِذَا انْشَقَّ مَعْرُوْفٌ مِّنَ الصُّبْحِ سَاطِعُ

اسان ۾ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن موجود آهن جيڪي جڏهن صبح جا انوار ظاهر ٿيندا آهن تہ ان جي ڪتاب (قرآن ڪريم) جي تلاوت ڪندا آهن.

يَبِيْتُ يُجَافِيْ جَنْبَهٗ عَنْ فِرَاشِهٖ
اِذَا اسْتَثْقَلَتْ بِالْمُشْرِكِيْنَ الْمَضَاجِعُ (٢)

مشرڪن کي سندن سمهڻ جا هنڌ سست ۽ ڳرو ڪري (سمهاريندا) آهن ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن) پنهنجي پاسي (مبارڪ) کي پنهنجي سمهڻ جي هنڌ (پاڪ) کان پري رکندي جاڳندي الله جي عبادت ۾) رات گذاريندا آهن.

شان نزول

حضرت امام حسن بصري، مجاهد، عطاءَ، ابوالعاليہ، قتادة ۽ ابن زيد رضي الله عنهم فرمايو تہ هي آيت رات جو سجاڳ ٿي عبادت ڪرڻ جي باري ۾ نازل ٿي آهي ۽ عوفيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ "انهن پانهن جا

(١) جامع البيان ص٢٣ـ جزء ٢١ جلد ١٠ (٢) المراغي ص١١٠ـ جزء ٢١ جلد ٧

پاسا سندن سمهڻ جي هنڌن کان الله جل شانه جي ذڪر لاءِ پري رهن ٿا. اهي هرحال ۾ الله جل شانه جي ذڪر ۾ مصروف آهن. حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه فرمايو ته هيءَ آيت رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي انهن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم جي شان ۾ لٿي آهي جيڪي مغرب کان عشاءَ تائين نفل پڙهندا رهندا هئا (١) ۽ محمد بن نصر ۽ ابن جريرضحاڪ رضي الله عنه کان هن آيت جي تفسير ۾ آندو آهي ته: ان مان مراد اهي شخص آهن جيڪي نماز دوران، ويٺي، ويٺي جاڳندي ۽ ننڊ مان اٿندي الله جل شانه جو ذڪر ڪندا آهن ۽ اهڙي مراد حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان ابن جرير به روايت ڪئي آهي (٢) "وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ" ۽ ان مان جيڪو اسان انهن کي رزق ڏنو آهي خرچ ڪن ٿا. يعني اسان جي ڏنل رزق مان نيڪن ۽ سهڻن عملن ۾ خرچ ڪن ٿا "فَلَا تَعْلَمُ نَفْسٌ مَّآ اُخْفِيَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ اَعْيُنٍ" پوءِ ڪو به نفس اهي نعمتون نه ٿو ڄاڻي جيڪي اکين جون ٺار انهن لاءِ لڪايون ويون آهن يعني ڪو به شخص انهن نوازشن ۽ انعامن جو تصور ڪري نه ٿو سگهي جيڪي اسان پنهنجن ٻانهن لاءِ تيار ڪري رکيون آهن. بخاري، مسلم ۽ ٻين ڪيترن محدثن حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اَعْدَدْتُ لِعِبَادِيَ الصَّالِحِيْنَ مَالَاعَيْنٌ رَاَتْ وَلَا اُذُنٌ سَمِعَتْ وَلَاخَطَرَ عَلٰى قَلْبِ بَشَرٍ" (٣) مون پنهنجي صالحن ٻانهن جي لاءِ اهو ڪجهه تيار ڪيو آهي جيڪو نه ڪنهن اک ڏٺو آهي ۽ نه ڪنهن ڪَن ٻڌو آهي ۽ نه ڪنهن انسان جي دل تي ڇُهيو آهي. "جَزَآءً بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" بدلو ان جو جيڪي ڪندا هئا. يعني سندن اڳتي موڪليل نيڪ عملن جو ثواب هوندو.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ آيت ع١٥ـ مان واضح ٿيو ته سجدي ڪندي تسبيح پڙهڻ رب العالمين جي پاڪ ذات وٽ نهايت پسند ڪيل عمل آهي ۽ اهو به ثابت ٿيو ته تڪبر کان بچڻ، تواضع ۽ انڪساري ڪرڻ نهايت پيارو ۽ اهل الله جو ڪم آهي.

ع٢ـ آيت ع١٦ـ مان واضح ٿيو ته رات جي عبادت، تهجد، تلاوت ۽ ذڪرڪرڻ نهايت ڀلو شغل آهي ۽ مومن جو مقام آهي ته الله جل شانه جي رحمت ۾ اميد رکڻ سان گڏ ان کان خوف به رکي.

(١) زادالمسير ص٣٣٨، ٣٣٩ـ جلد ٦ (٢) الدرالمنثور ص٥٤٨ـ جلد ٦ (٣) ساڳيو حوالو ص٥٤٩ـ

ع٣ـ آيت ع١٧ـ مان واضح ٿيو ته مذڪوره سهڻين صفتن جي صاحبن مومنن جي لاءِ اهڙيون نعمتون تيار ٿيل آهن جيڪي عقل علم کان مٿي آهن.

اَفَمَنْ كَانَ مُؤْمِنًا كَمَنْ كَانَ فَاسِقًا لَا يَسْتَوٗنَ (١٨) اَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

ڇا پوءِ جيڪو مومن آهي ان جهڙو آهي جيڪو فاسق آهي نه تا برابر ٿين پر جن ايمان آندو

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ جَنّٰتُ الْمَاْوٰى نُزُلًا بِمَا

۽ ڪيائون صالح عمل پوءِ انهن جي لاءِ رهڻ جا بهشت آهن مهماني ٿي ان سببان جيڪي

كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ (١٩) وَاَمَّا الَّذِيْنَ فَسَقُوْا فَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ كُلَّمَآ اَرَادُوْٓا

چڱا ڪم ڪندا هئاءِ پر جيڪي فاسق بڻيا پوءِ انهن جي جاءِ جهنم آهي جڏهن به ارادو ڪندا اهي

اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَآ اُعِيْدُوْا فِيْهَا وَقِيْلَ لَهُمْ ذُوْقُوْا عَذَابَ النَّارِ

ته نڪرن ان مان ته ورايا ويندا ان ۾ ۽ چيو ويندو انهن کي ته چکو اهو باهه جو عذاب

الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ (٢٠) وَلَنُذِيْقَنَّهُمْ مِّنَ الْعَذَابِ الْاَدْنٰى

جنهن کي ڪوڙو چوندا هيئو ۽ البت ضرور چکائينداسون انهن کي عذاب ويجهڙائيءَ وارو

دُوْنَ الْعَذَابِ الْاَكْبَرِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ (٢١) وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ

وڏي عذاب کان سواءِ مَنَ اهي موٽن ۽ ڪير آهي وڌيڪ ظالم ان کان جو

ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ ثُمَّ اَعْرَضَ عَنْهَا

نصيحت ڪيو ويو پنهنجي رب جي آيتن سان ان کان پوءِ منهن موڙيائين

اِنَّا مِنَ الْمُجْرِمِيْنَ مُنْتَقِمُوْنَ (٢٢)

بيشڪ اسين ڏوهارين کان بدلو وٺندڙ آهيون

تفسير

اڳين آيتن ۾ مجرمن ۽ مومنن جو حال بيان ٿيو ته عقلمندن جي ذهن ۾ سوال اٿيو ته ڇا اهي ٻئي برابر آهن؟ انهن جي سوال ۽ جواب کي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اَفَمَنْ كَانَ مُؤْمِنًا كَمَنْ كَانَ فَاسِقًا لَا يَسْتَوٗنَ" ڇا جيڪو مومن آهي اهو فاسق سان برابر آهي؟ برابر ناهن.

شان نزول

سعيد بن جبير حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ وليد بن عقبہ بن ابي معيط ڪافر حضرت علي رضي الله عنہ کي چيو تہ "مان توکان تير هڻڻ ۾ تيز، زبان سان ڳالهائڻ ۾ ڪشادو ۽ جسم ۾ وڏيڪ پريل آهيان" حضرت علي رضي الله عنہ کيس جواب ۾ فرمايو تہ "چپ ڪر تون فاسق آهين. تڏهن حضرت علي رضي الله عنہ جي شان ۾ هيءَ آيت نازل ٿي (١) اهڙي طرح ابوالفرج اصبهاني، ابن عدي، ابن مردويہ، خطيب، ابن عساڪر ۽ ابن الجوزي بہ آندو آهي. (٢) ۽ ابن الجوزي شريڪ کان روايت آندي آهي تہ هيءَ آيت حضرت عمر ۽ ابوجهل جي متعلق نازل ٿي (٣) مطلب تہ مومن ۽ ڪافر جي زندگي، عمل ۽ انجام ۾ واضح تضاد آهي ان جي ڪري اهي برابر ڪيئن ٿيندا؟ نہ حضرت علي ۽ وليد برابر آهن ۽ نہ حضرت عمر ۽ ابوجهل برابر آهن حضرت علي ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما مومن ۽ بلند مرتبي ۽ مثاهين مقام وارا آهن. "اَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ جَنّٰتُ الْمَاْوٰى نُزُلًا بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" پر جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا انهن جي لاءِ رهڻ جا بهشت آهن جيڪي ڪين سندن ڪيلن نيڪن عملن جي ڪري مهماني طور ملندا. يعني الله جل شانہ ۽ ان جي پياري رسول عليہ الصلوٰة والسلام جي هر فرمان جي تصديق ڪرڻ سان گڏ صالح عمل ڪندڙن کي رهڻ جي لاءِ اهڙا بهشت عطا ڪيا ويندا جيڪي عقل جي ادراڪ کان نرالا آهن. "وَاَمَّا الَّذِيْنَ فَسَقُوْا فَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ" ۽ جيڪي بي فرمان ٿيا انهن جي جاءِ جهنم جي باھ آهي يعني جن ايمان ۽ اطاعت کان نڪري ڪفر ۽ گناھ اختيار ڪيا اهي جهنم جي پڙڪندڙ باھ ۾ سڙندا اها ئي سندن رهڻ جي جاءِ هوندي. (٤) "كُلَّمَآ اَرَادُوْٓا اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَآ اُعِيْدُوْا فِيْهَا وَقِيْلَ لَهُمْ ذُوْقُوْا عَذَابَ النَّارِ الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ" جڏهن بہ ان مان نڪرڻ جو ارادو ڪندا تہ ورائي ان ۾ وڌا ويندا ۽ انهن کي چيو ويندو تہ ان باھ جو عذاب چکو جنهن کي اوهان ڪوڙو چوندا هيئو. مطلب تہ اوهان چوندا هيئو تہ اسان کي صرف ڏڪا ڏنا وڃن ٿا. نہ عذاب آهي نہ ثواب. "وَلَنُذِيْقَنَّهُمْ مِّنَ الْعَذَابِ الْاَدْنٰى دُوْنَ الْعَذَابِ الْاَكْبَرِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ" ۽ البت ضرور انهن کي وڏي عذاب کان سواءِ ويجهڙو عذاب چکائينداسون مَنَ انهن مان رهيل ۽ بچيل ڪفر ۽ گناهن کان توبہ ڪري رجوع ڪن. مفسرن سڳورن لکيو آهي تہ اهو عذاب

(١) لباب النقول صـ٢٦٣ـ (٢) الدرالمنثور صـ٥٥٣ـ جلد ٦ (٣) زادالمسير صـ٤٤١ـ جلد ٦ (٤) تنويرالاذهان صـ٢٢٠ـ جلد ٣

هيئن ٿيو جو جڏهن نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام کي گهڻو ايذايائون ته پاڻ انهن جي مٿان خداوندي بارگاهہ ۾ دانهن ڏنائون ۽ انهن تي اهڙو ڏڪار آيو جو ڍونڍ، کلون، سڙيل هڏا کاڌائون ۽ مٿي نهاريندا هئا ته آسمان جي بجاءِ ڪين صرف دونهون نظر ايندو هو اهڙي طرح ٻين بلائن ۽ مصيبتن ۾ به مبتلا رهيا. (١) ابن مردويه پنهنجي سند سان حضرت عبادة بن صامت رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته مون ان آيت ۾ بيان ٿيل عذاب جي باري ۾ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کان پڇيو پاڻ فرمايائون ته "دنيوي زندگيءَ ۾ اجايا ڪم ۽ خرچ ڪندڙ جي لاءِ مصيبتون، بيماريون ۽ تڪليفون آخرت جي عذاب کان اڳي عذاب آهن" مون عرض ڪيو ته يارسول الله! اهي اسان جي لاءِ ڇا آهن؟ فرمايائون ته (گناهن کان) صاف ۽ پاڪ ڪندڙ آهن. (٢) "وَمَنۡ اَظۡلَمُ مِمَّنۡ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ ثُمَّ اَعۡرَضَ عَنۡهَا" ۽ ان کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي جيڪو پنهنجي رب جي آيتن سان نصيحت ڪيو ويو ان کان پوءِ انهن کان منهن موڙيائين. يعني جنهن کي رحمان جي قرآن پاڪ جي آيتن سان نصيحت ۽ وعظ ڪيو وڃي ۽ اهي ٻڌي ڪري به انهن ٻتن کان منهن موڙي ايمان نه آڻي ته اهڙو ٻيو ڪير به ظالم ناهي. "اِنَّا مِنَ الۡمُجۡرِمِيۡنَ مُنۡتَقِمُوۡنَ" ۽ بلاشڪ اسين مجرمن کان بدلو وٺندڙ آهيون يعني جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڇيو انهن کان سخت حساب وٺنداسون (٣) ابن منيع، ابن جرير، ابن ابي حاتم، طبراني ۽ ابن مردويه حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون ته "ثَلَاثٌ مَنۡ فَعَلَهُنَّ فَقَدۡ اَجۡرَمَ مَنۡ عَقَدَ لِوَاءً فِيۡ غَيۡرِ حَقٍّ، اَوۡعَقَّ وَالِدَيۡهِ اَوۡمَشٰى مَعَ ظَالِمٍ لِيَنۡصُرَهٗ فَقَدۡ اَجۡرَمَ يَقُوۡلُ اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ "اِنَّا مِنَ الۡمُجۡرِمِيۡنَ مُنۡتَقِمُوۡنَ" (۴) ٽي ڪم اهڙا آهن جنهن به اهي ڪيا اهو پڪي طرح مجرم ٿيو جنهن حق کان سواءِ (بغاوت ڪندي) جهنڊو ٻڌو، يا والدين جو بي فرمان ٿيو يا ظالم سان مدد ڪرڻ جي لاءِ گڏ جي هليو. الله عزوجل فرمايو آهي ته "پڪ اسين مجرمن کان بدلو وٺندڙ آهيون."

فائدا

مذڪوره آيتن مان .هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ آيت ع١٨ـ مان واضح ٿيو ته مومن ۽ ڪافر، نيڪوڪار ۽ بدڪار فرمانبردار ۽

(١) تنويرالاذهان صـ٢٢٠ـ جلد ٣ (٢) الدرالمنثور صـ٥٥٤ـ جلد ٦ (٣) صفوة التفاسير صـ٥٠٦ـ جلد ٢ (۴) الدرالمنثور صـ٥٥٥ـ جلد ٦

بي فرمان برابر ناهن ۽ انهن کي برابر سمجهندڙ خطا ڪار آهي. (١) پر جيڪو الله جل شانہ جي پياري نبي عليه الصلوٰة والسلام کي پاڻ جهڙو ۽ پاڻ کي ان سان برابر يا پين جهڙو سمجهي اهو ڪافر آهي. (٢)

ع٢ـ آيت ع٢١ـ جي مفهوم تي غور ڪرڻ مان واضح ٿيو تہ گنهگارن جي لاءِ دنيا ۾ مصيبتون، آفتون، مرض ۽ تڪليفون هڪ قسم جي رحمت آهن جو ڪيس غفلت مان ڪڏي بيدار ڪري آخرت جي عذاب کان بچائين ٿيون پر جيڪي انهن هوندي بہ الله جل شانہ ڏانهن رجوع نہ تا ڪن انهن جي لاءِ پيٽو دنيا ۾ ۽ آخرت ۾ ان کان بہ وڏو عذاب آهي انبياءَ عليهم الصلوٰة والسلام ۽ اولياءَ ڪرام تي جيڪي تڪليفون اچن ٿيون انهن جو معاملو جدا آهي اهي انهن کي آزمائي درجن بلند ڪرڻ جي لاءِ ايندیون آهن ۽ ان جي سڃاڻپ اها آهي تہ انهن کي ان وقت بہ قلبي سڪون ۽ اطمينان حاصل ٿيندو آهي ۽ الله جل شانہ تي سندس اعتماد وڌندو آهي. (٣)

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَلَاتَكُنْ فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْ لِّقَآئِهٖ وَجَعَلْنٰهُ

۽ البت تحقيق ڏنو اسان موسيٰ کي ڪتاب پوءِ نہ هج شڪ ۾ ان جي ملڻ ۾ ۽ ڪيوسون ان کي

هُدًى لِّبَنِيْٓ اِسْرَآئِيْلَ (٢٣) وَجَعَلْنَا مِنْهُمْ اَئِمَّةً يَّهْدُوْنَ بِاَمْرِنَا

هدايت بني اسرائيل جي لاءِ ۽ ڪياسون انهن مان اڳواڻ جيڪي اسان جي امر سان هدايت ڪن ٿا

لَمَّا صَبَرُوْا ؕقف وَكَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يُوْقِنُوْنَ (٢٤) اِنَّ رَبَّكَ

جڏهن صبر ڪيائون ۽ اسان جي آيتن تي يقين ڪندا هئا بلاشڪ تنهنجو رب

هُوَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ (٢٥)

اهو فيصلو ڪندو انهن ۾ قيامت جي ڏينهن ان متعلق جو ان ۾ اختلاف ڪندا هئا

تفسير

الله جل شانہ جيئن سورة جي شروعات ۾ اسلام جا اصولي عقائد، توحيد، رسالت ۽ قيامت بيان فرمايا هئا تيئن هتي وري انهن جو ذڪر ڪندي ارشاد تي رهيو آهي "وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَي الْكِتَابَ فَلَاتَكُنْ فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْ لِّقَآئِهٖ وَجَعَلْنَاهُ هُدًى لِّبَنِيْٓ اِسْرَآئِيْلَ"

(١) ايسرالتفاسير ص٥٣٣ـ جلد ٣ (٢) نورالعرفان ص٦٦٤ـ (٣) معارف القرآن ص٧٠ـ جلد ٧

۽ يقينًا اسان موسىٰ کي ڪتاب ڏنو پوءِ تون ان (قرآن پاڪ) جي ملڻ ۾ شڪ ۾ نہ هج ۽ اسان ان (توراة) کي بني اسرائيل جي لاءِ هدايت بنايو. مطلب تہ اسان ئي موسىٰ کي ڪتاب ڏنو هو جيئن اوهان کي قرآن ڪريم ڏنو اٿئون (علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام) ۽ اسان جيئن ان ڏانهن وحي موڪليو هو تيئن اوهان ڏانهن بہ موڪليو اٿئون ان جي ڪري اوهان عطا ڪيل ڪتاب جي متعلق ڪنهن بہ شڪ ۽ شبهي ۾ (نہ آهيو ۽) نہ رهجو. اوهان نوان رسول نہ آهيو رسالت جو سلسلو اوهان کان اڳئي شروع آهي.

سوال

هتي صرف حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام جو ذڪر ڇو ڪيو ويو آهي حالانڪ ٻيا بہ ڪيترا نبي سڳورا عليهم الصلوٰة والسلام دنيا ۾ جلوه افروز ٿيا هئا؟

جواب

حضرت موسىٰ جو دور حضور عليهما الصلوٰة والسلام جن جي دور کي ويجهو هو ۽ ان کي مڃڻ جي دعوىٰ ڪرڻ وارا بہ مديـنـــه منوره ۾ گهڻا رهندا هئا ۽ مڪـــه مڪرمه ۾ ايندا ويندا هئا حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليـه الصلوٰة والسلام جو دور تہ اڃان بہ ويجهو هو پر ان کي يهودي نہ مڃيندا هئا ۽ عيسائي حضرت موسىٰ کي بہ مڃيندا هئا ان جي ڪري حضرت موسىٰ جوذڪر ڪيو ويو ۽ ان جي ذڪر سان نبي اڪرم عليـــه الصلوٰة والسلام جن کي تسلي ڏني وئي تہ ڪافرن جي منهن موڙڻ ۽ ايذائن ڏيڻ جي ڪري غمگين نہ ٿيو اوهان حضرت موسىٰ جي حال کي ياد ڪيو تہ ان کي ڪيترو ايذايو ويو هو؟ پر نيٺ اهو ڪامياب رهيو ۽ اوهان بہ نيٺ ڪامياب ٿيندؤ. (١)

"وَجَعَلْنَا مِنْهُمْ اَئِمَّـــةً يَّهْدُوْنَ بِاَمْرِنَا لَمَّا صَبَرُوْا ۣ وَكَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يُوْقِنُوْنَ" ۽ اسان انهن مان اهڙا اڳواڻ بنايا جيڪي اسان جي امر سان هدايت ڪن ٿا جڏهن صبر ڪيائون ۽ اسان جي آيتن تي يقين ڪندا هئا. يعني اسان بني اسرائيل مان ڪي اهڙا اڳواڻ بنايا جيڪي اسان جي امر سان هدايت ڪن ٿا جڏهن صبر ڪيائون ۽ اسان جي آيتن تي يقين ڪندا هئا. يعني اسان بني اسرائيل مان ڪي اهڙا اڳواڻ ۽ پيشوا بنايا جو اهي اسان جي فرمان مطابق ماڻهن جي اڳواڻي ۽ رهنمائي ڪندا رهيا. حق واري دين جي لاءِ انهن تي مصيبتن جا جبل ٽوڙيا ويا پر اهي گهبرائڻ جي بجاءِ صبر ڪندا رهيا

(١) المراغي ص١١٧ـ جزء ٢١ جلد ٧

جيڪي ماڻهو عبادت ۽ اطاعت ڪان تڪجي پون تا مصيبتون ۽ درد ڏسي گهبرائين تا انهن کي اهڙو منصب ۽ مرتبو نہ ملندو آهي. "اَئِمَّـــةً" مان مراد بني اسرائيل مان اچڻ وارا انبياءَ عليهم الصلوٰة والسلام آهن يا انهن جا سچا تابعدار علماءَ جيڪي سندس نائب جي حيثيت سان سندن پيغام جي مشين کي تڪميل تي پهچائڻ جي لاءِ ڪوششون ڪندي عمر گذاري ويا. (١) "اِنَّ رَبَّكَ هُوَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَـــةِ فِيْمَا كَانُوْا فِيْـــهِ يَخْتَلِفُوْنَ" بيشڪ تنهنجو رب ئي انهن جي اختلافن ۾ قيامت جي ڏينهن فيصلو ڪرڻ فرمائيندو. يعني ديني، دنيوي اختلافن ۽ ثواب ۽ گناهہ جا سڀ فيصلا قيامت جي ڏينهن الله جل شانـــہ ئي ڪندو حق وارن کي بهشت ۾ باطل جي پوڄارين کي جهنم ۾ داخل ڪرڻ فرمائيندو.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع-١ـ "فَلَا تَكُنْ فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْ لِّقَائِهٖ" (پوءِ ان جي لقاءَ جي متعلق شڪ ۾ نہ هج) ۾ مفسرن جا ٻہ قول آهن هڪ جو تفسير ۾ ذڪر ڪيو ويو ٻيو قتادة حضرت ابن عباس، ڪان ان جي تفسير ۾ هن طرح نقل ڪيو آهي تہ "لِقَائِـــهٖ" ۾ ضمير حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام ڏانهن ٿو وري ۽ هن آيت ۾ حضور عليـــه الصلوٰة والسلام جن کي خطاب ڪيو ويو آهي تہ "اوهان حضرت موسىٰ سان ملڻ ۾ شڪ نہ ڪيو اوهان جي ان سان ملاقات ٿيندي جيئن سندن هڪ ملاقات معراج واري رات تي جيڪا صحيح حديثن سان ثابت آهي ۽ وري قيامت ۾ بہ ٿيندي. (٢)

ع-٢ـ آيت ع-٢٤ـ مان ثابت ٿيو تہ ڪنهن قوم جي مقتدا ۽ اڳواڻ ٿيڻ لاءِ ٻہ ڳالهيون ضروري آهن ١: صبر ٢: الهي آيتن تي يقين ڪرڻ ـ هتي صبر مان مراد الٰهي احڪام جي پابنديءَ تي ثابت قدم رهڻ ۽ جن شين کي الله جل شانـــــہ حرام يا مڪروه فرمايو آهي انهن کان پنهنجي نفس کي روڪڻ آهي جنهن ۾ سيني شرعي حڪمن جي پابندي اچي ٿي وڃي ۽ هي وڏو عملي ڪمال آهي ۽ الٰهي آيتن تي يقين رکڻ ۾ انهن جو سمجهڻ بہ داخل آهي ڇو تہ سمجهڻ کان سواءِ يقين نہ ٿي سگهندو ۽ اهو هڪ وڏو علمي ڪمال آهي.

(١) المظهري ص-٢٩٥ـ جلد ٧ (٢) معارف القرآن ص-٧٤ـ جلد ٧

اَوَلَمْ يَهْدِ لَهُمْ كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ

ڇا نہ روشن ٿي انهن لاءِ هيءَ ڳالهہ تہ ڪيتريون هلاڪ ڪيون اسان انهن کان اڳي جماعتون

يَمْشُوْنَ فِيْ مَسٰكِنِهِمْ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ ؕ اَفَلَا يَسْمَعُوْنَ (٢٦) اَوَلَمْ يَرَوْا

جو هلن پيا انهن جي گهرن ۾ بلاشڪ ان ۾ البت نشانيون آهن ڇا پوءِ نہ ٿا ٻڌن ڇا نہ ڏٺائون

اَنَّا نَسُوْقُ الْمَآءَ اِلَى الْاَرْضِ الْجُرُزِ فَنُخْرِجُ بِهٖ زَرْعًا

تہ بيشڪ اسين هلايون ٿا پاڻي سڪل زمين ڏانهن پوءِ ڪڍون ٿا ان سان پوک کائين ٿا

تَاْكُلُ مِنْهُ اَنْعَامُهُمْ وَاَنْفُسُهُمْ ؕ اَفَلَا يُبْصِرُوْنَ (٢٧)

ان مان انهن جا چوپايا ۽ پاڻ ڇا پوءِ نہ ٿا ڏسن؟

تفسير

اڳين آيتن حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي ڪتاب ڏيڻ جي ذڪر سان رسالت جو بيان ٿيو ۽ هتي وري توحيد جو ذڪر ڪري ان تي مشاهداتي دلائل بيان ڪيا ويا آهن. فرمان الٰهي آهي "اَوَلَمْ يَهْدِ لَهُمْ كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ يَمْشُوْنَ فِيْ مَسٰكِنِهِمْ ؕ" ڇا انهن جي لاءِ اها ڳالهہ روشن نہ ٿي آهي تہ اسان انهن کان اڳي ڪيتريون جماعتون هلاڪ ڪري ڇڏيون جن جي گهرن ۾ هي هلن پيا. مڪہ مڪرمہ ۾ رهڻ وارا تجارت لاءِ مشرق ۽ مغرب جو سفر ڪندي اتي ڪيترن ويران ڳوٺن کان لنگهندا هئا جن جون ٿتل ۽ ڀڳل ديوارون پنهنجي رهندڙن جي برن عملن جا داستان ورائي ورائي ٻڌائي رهيون هيون. هتي انهن کان پڇيو ٿو وڃي تہ ڇا اوهان لاءِ اجان هدايت جو رستو روشن نہ ٿيو آهي؟ "اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ ؕ" بلاشڪ ان ۾ ڪيتريون نشانيون آهن. مطلب تہ اهي سڀ الله جل شانہ جي وحدانيت ۽ قدرت جا روشن دليل آهن "اَفَلَا يَسْمَعُوْنَ" ڇا پوءِ ٻڌن نہ ٿا؟ يعني انهن ڪڏهن عبرت آموز داستانن جي ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي؟ جيڪڏهن ٻڌن ها تہ ضرور پنهنجي هٺ تان هٽي مسلمان ٿين ها.

"اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا نَسُوْقُ الْمَآءَ اِلَى الْاَرْضِ الْجُرُزِ فَنُخْرِجُ بِهٖ زَرْعًا تَاْكُلُ مِنْهُ اَنْعَامُهُمْ وَاَنْفُسُهُمْ ؕ اَفَلَا يُبْصِرُوْنَ" ڇا اهو نہ ڏٺائون تہ اسين سڪل زمين ڏانهن پاڻي هلائي ان سان پوک پيدا ڪيون ٿا جنهن مان سندن چوپايا ۽ پاڻ کائين ٿا ڇا پوءِ نہ ٿا ڏسن؟

هن آيت ۾ الاهي قدرت جو هڪ ٻيو ثبوت پيش ڪيو ويو آهي. "الجرز" ان زمين کي چوندا آهن جيڪا هوئڻ ته زرخيز آهي پر پاڻي نه هجڻ جي ڪري بنجر هوندي آهي ان ۾ ڪو سائو ٻوٽو به نظر نه ايندو آهي. اهڙي زمين تي الله جل شانه رحمت جو مينهن وسائي ان کي سرسبز شاداب بنائي ان مان اهڙي پوک ڪڍي ٿو جيڪا ماڻهن ۽ مال جي لاءِ ڪار آمد غذا بنجي ٿي ڇا پوءِ اهي ڪو نه ٿا ڏسن جو ڏسي ان سان الله جل شانـه جي قدرت جي ڪمال تي دليل وٺن ۽ ڄاڻن ته جنهن ويران ۽ برباد زمين کي آباد ڪيو آهي اهو مئلن کي به زنده ڪري سگهي ٿو.

فائدو

آيت ع-١ـ ۾ زمين جي آبپاشيءَ جو هڪ خاص حڪمت ڀريو نظام بيان ڪيو ويو آهي يعني بارش جي بجاءِ پاڻيءَ کي زمين تي هلائي خشڪ زمين ڏانهن پهچائي ان سان وڻ ۽ پوکون ڇمائڻ جو ذڪر فرمايو آهي بارش ڪنهن ٻئي زمين تي پوندي آهي ۽ اتاهين ندين ۽ نالين جي واسطي سان خشڪ زمين ڏانهن پاڻي پهچايو ويندو آهي ان ۾ اهو به اشارو آهي ته ڪي ڪي زمينون گهڻو نرم هونديون آهن جيڪي بارش کي برداشت ڪري نه سگهنديون آهن جو جيڪڏهن انهن تي پوري برسات وسائي وڃي ته عمارتون منهدم ٿي وينديون وڻ پاڙوُن پٽجي ويندا ان جي ڪري الله جل شانـه اهڙين زمينن لاءِ اهو انتظام فرمايو. (١)

وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰي هٰذَا الْفَتْحُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ (٢٨) قُلْ يَوْمَ الْفَتْحِ

۽ چون ٿا ته ڪڏهن آهي هيءُ فيصلو جيڪڏهن آهيو سچا؟ فرماءِ ته فيصلي جي ڏينهن

لَا يَنْفَعُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِيْمَانُهُمْ وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ (٢٩)

نه نفعو ڏيندو انهن کي جن ڪفر ڪيو سندن ايمان آڻڻ ۽ نه اهي مهلت ڏنا ويندا

فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَانْتَظِرْ اِنَّهُمْ مُّنْتَظِرُوْنَ ع (٣٠)

پوءِ انهن کان منهن موڙ ۽ انتظار ڪر بيشڪ اهي انتظار ڪندڙ آهن

(١) معارف القرآن صـ٧٥ـ جلد ٧

تفسير

توحيد ۽ رسالت جي ثابت ڪرڻ کان پوءِ وري قيامت جو ذڪر آندو ويو آهي
جنهن سان سورة جو آخر ان جي اول سان مناسب رهيو. فرمان مبارڪ آهي "وَيَقُوْلُوْنَ
مَتٰى هٰذَا الْفَتْحُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" ۽ چون ٿا تہ جيڪڏهن سچا آهيو تہ ٻڌايو هي فيصلو
ڪڏهن آهي؟ مومن ڪافرن کي چوندا هئا تہ اسان جو هڪ ڏينهن اچي ٿو ان ڏينهن
اوهان سان فيصلو ٿيندو تہ ڪافر انهن کي ٽوڪيندي پڇا ڪندا هئا تہ اهو فيصلي وارو
ڏينهن ڪڏهن ايندو؟ "قُلْ يَوْمَ الْفَتْحِ لَا يَنْفَعُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا اِيْمَانُهُمْ وَلَا هُمْ يُنْظَرُوْنَ" فرماءِ
تہ فيصلي واري ڏينهن ڪافرن کي سندن ايمان نفعو نہ ڏيندو ۽ نہ اهي مهلت ڏناويندا.
يعني قيامت جي ڏينهن ڪافر ايمان آڻيندا تہ بہ نفعو نہ ملندن ۽ نہ عذاب کان بچڻ جي
لاءِ مهلت ملندين "فَاَعْرِضْ عَنْهُمْ وَانْتَظِرْ اِنَّهُمْ مُّنْتَظِرُوْنَ" پوءِ انهن کان منهن موڙ ۽
انتظار ڪر بلاشڪ اهي بہ انتظار ڪندڙ آهن. يعني اوهان انهن جي مٿان غالب ٿيڻ ۽
مدد ملڻ جو انتظار فرمايو انهن کان پنهنجو منهن مبارڪ موڙيو اهي بہ اوهان جي
مٿان غالب ٿيڻ ۽ اوهان جي شهادت يا دنيا تان رحلت جا منتظر آهن پوءِ الله جل شانہ
پنهنجو وعدو پورو فرمائيندي پنهنجي حبيب عليہ الصلوٰة والسلام جي مدد ڪئي.

فائدو

آيت ع۲۹ـ مان معلوم ٿيو تہ جڏهن قيامت جي ڏينهن ڪافر الٰهي عذاب ڏسندا
تہ اتي ڪين ايمان آڻڻ ڪم نہ ڏيندو ڇو تہ وقت گذري چڪو هوندو.
الحمدلله جو اڄ بموٴرخہ ۷ محرم الحرام ص۱۴۲۴ـ هہ الموافق ۲۰۰۳،۳،۲،۱۰ ع
عيسوي اڳاري جي رات پوڻين ڏهين بجہ پنهنجي گهر واري لائبريري ۾ ويٺي سورة
السجده جو تفسير لکي پورو ڪيم. دلي دعا آهي تہ الله جل شانہ باقي رهيل تفسير
بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين ثم آمين برحمتك وبحرمة حبيبك
سيدنامحمد عليہ وعلیٰ آلہ واصحابہ الصلوات والتسليمات الى يوم الدين.

دعا جو طالب

الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنہ

سورة الاحزاب جو تعارف

هن سورة مبارڪ جي تعارف ۾ هي ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ

هن بابرڪت سورة جو نالو "الاحزاب" آهي جيڪو آيت ع۲۰ـ جي جملـــه "يَحۡسَبُونَ ٱلۡأَحۡزَابَ لَمۡ يَذۡهَبُوا" مان ورتل آهي ۽ هن ۾ غزوه احزاب جو تفصيلي بيان آهي هيءَ جنگ نتائج جي اعتبار سان هڪ فيصله ڪن جنگ هئي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد

هن ۾ نَوَ رڪوع، ٽيهتر آيتون، هڪ هزار ۽ سوءِ اسي ڪلما ۽ پنج هزار ستُ سوءِ نوي (۵۷۹۰) حرف آهن. (۱)

مڪيه آهي يا مدنيه؟

ابن الضريس، نحاس، ابن مردويــه ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ "سورة الاحزاب" مدينــه منوره ۾ نازل ٿي (ان جي ڪري مدنيــه آهي) ابن مردويــه حضرت ابن الزبير رضي الله عنــه کان بہ اها روايت آندي آهي. (۲)

اڳيئن سورة سان تعلق ۽ ربط

هن سورة جي آخر ۾ ڪافرن کان منهن موڙڻ جو امر هو ۽ هن جي شروعات ۾ ڪافرن جي اطاعت نہ ڪرڻ جو بيان آهي.

نزول جو زمانو ۽ مضمون

هن سورة ۾ جن واقعن جو ذڪر آهي يعني غزوه احزاب، غزوه بني قريظـــه ۽ حضرت زينب رضي الله عنها جو نڪاح اهي شاهدي ڏئي رهيا آهن تہ ان جو نزول سن ۵ هجريءَ ۾ ٿيو هو (۳) هن سورة مبارڪــه ۾ اسلامي تاريخ جا اهم واقعا بيان ڪيل آهن عرب جي جاهلانــه رسم و رواج جي دوررس ۽ انقلابي نوعيت جي اصلاح ڪئي وئي آهي سرورِ ڪونين حضور پر نور عليــه الصلوٰة والسلام جن جي خانگي زندگيءَ جا ڪئين شعبا واضح ڪيا ويا آهن ازواج مطهرات ۽ خاندانِ رسالت کي خصوصي

(۱) خازن صـ۴۴۹ـ جلد ۳ (۲) الدرالمنثور صـ۵۵۸ـ جلد ٦ (۳) ضياء القرآن صـ۵ـ جلد۴

هدايتون ۽ ارشادات فرمايل آهن مسلم معاشره ۾ مرد ۽ عورت جي آزادانـــه اختلاط ميل جول کان روڪيو ويو آهي پردي جي انتظام ڪي ڪارائتو بنائڻ لاءِ ابتدائي هدايتون ڏنيون ويون آهن سرورِ ڪائنات سيد المرسلين صلى الله عليه وسلم جن جي خاتم النبيين هجڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي انهن سڀني امرن هن سورة کي وڏي اهميت بخشي آهي هر شيءِ جو تفصيلي بيان تہ پنهنجي مقام تي ايندو هتي صرف اجمالي اشارا ڏنا ويا آهن مقصد هي آهي تہ پڙهڻ وارا سورة جو مطالعـــه ڪرڻ کان پهريان انهن ڳالهين کي پنهنجي ذهن ۾ محفوظ رکن ۽ جڏهن ان جي تفصيلي ذڪر جي مقام کي پڙهن تہ بي خبريءَ سان نہ پڑهن پر اتي توقف ڪن، غور ۽ تدبر ڪن ۽ قرآن ڪريم جي روشنيءَ مان تجليات ۽ انوار حاصل ڪن. هن سورة جي آغاز ۾ جاهليت جي رسمن ۽ عادتن تي ضرب لڳائي وئي آهي ان کان پوءِ هي فرمان ٿيو تہ مومن مسلمان ٻانهي تي لازم آهي تہ پنهنجي الله جل جلالـــه جي هر حڪم کي چون وچرا کان سواءِ تسليم ڪري ۽ جيڪڏهن ائين ڪندي ماڻهو مٿس ملامتون ڪن يا انهن جي ڪاوڙ ۽ مخالفت جو مقابلو ڪرڻو پوي تہ بالڪل نہ گهبرائي بلڪ پنهنجي رب ڪريم تي توڪل ڪري ۽ پنهنجا سمورا ڪم ان جي حوالي ڪري ان کان وڌيڪ ڪارساز ڪير آهي؟ ان سان گڏ هي نڪتو بہ بيان ٿيو تہ دل هڪ هوندي آهي ان ۾ يا دنيا ۽ دنيا وارن جي محبت هوندي ياالله جل شانـــه جي محبت جو انتخاب ڪرڻو پوندو جيڪڏهن انسان جي اندر ٻہ دليون هجن ها تہ هڪ دل ۾ الله جل شانـــه جي محبت ۽ ٻيءَ ۾ دنيا جي محبت کي جاءِ ڏجي ها پر جڏهن تہ دل هڪ آهي هاڻي اوهان جي مرضي آهي ان کي الله جل شانـــه جي محبت جو مرڪز بنايو يا دنيا جي حوالي ڪري ڇڏيو ان اثرائتي ۽ دل ۾ وهندڙ تمهيد کان پوءِ جاهليت جي دور وارين ٻن رسمن جو بہ خاتمو ڪيو ويو آهي ان وقت جو رواج هو تہ جيڪڏهن ڪنهن جي زبان مان پنهنجي زال جي باري ۾ هي لفظ نڪري ويندا هئا تہ "تون منهنجي لاءِ ماءُ وانگر آهين" تہ اها ان لاءِ هميشـــه حرام تي ويندي هئي اها هڪ اجائي ۽ بلڪل بيهوده ڳالهہ هئي صرف زبان سان ائين چوڻ جي ڪري زال ماءُ ڪيئن بنجندي ان جي ڪري ان رسم کي بہ باطل قرار ڏنو ويو پر زال کي ماءُ قرار ڏيڻ بہ هڪ ڪريل درجي جي حرڪت هئي ان ڪري ائين چوڻ کان بہ روڪيو ويو ۽ اهڙي غير ذميدارانـــه گفتگو ڪرڻ واري تي ڪفاره ادا ڪرڻ لازم ڪئي وئي جنهن جو تفصيل پنهنجي مقام تي ايندو. ٻيو رواج اهو هو تہ جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن جي پٽ کي پنهنجو پٽ سڏيندو هو تہ اهو هر لحاظ سان ان جو حقيقي پٽ تصور ڪيو ويندو هو

ان کي حقيقي پٽ وارا سڀئي حقوق ۽ رعايتون حاصل هونديون هيون اهو ورثي ۾ حصيدار ٿيندو هو ان جي زال پٽ سڏڻ واري تي حرام سمجهندا هئا گهر ۾ رهندڙ عورتن سان ان جو ميل جول حقيقي پٽ، وانگر هوندو هو ۽ اها رسم طرح طرح جي حق تلفين ۽ اخلاقي قباحتن جو سبب بنجندي هئي. وفات ڪندڙ جا حقيقي وارث ورثي کان محروم هوندا هئا هڪ پرائو نسبي پٽ سڀ ڪجهه هڙپ ڪري ويندو هو ۽ هڪ ڌاريون نوجوان صرف زباني پٽ سڏڻ جي ڪري بي حجاب تي اچڻ جي ڪري ڪيترين قباحتن جو سبب بنجندو هو لهذا هن قبيح ڪم جي پاڙ پٽي ان کي هميشه ختم ڪرڻ جي لاءِ ضروري هو تہ سرورِ ڪونين صلى الله تعالىٰ عليه وسلم جن پاڻ عملي طور ان ظالمانه رسم کي پاڙ کان پٽي اڇلائي ڇڏين ان جي ڪري حضرت زيد رضي الله عنه جيڪو حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جو پٽيلو هو ان جي طرفان پنهنجيءَ گهرواري زينب کي طلاق ڏيڻ کان پوءِ ان سان حضور عليه الصلوٰة والسلام جن پاڻ نڪاح فرمائي ان قبيح رسم جو خاتمه ڪري ڇڏيو ان وقت جيتوڻيڪ بدفطرت ماڻهن بدتميزيءَ جو طوفان برپا ڪيو پر محبوب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي سج کان وڌيڪ چمڪندڙ زندگي ۽ سيرت جي اڳيان اهي فتنا خودبخود ختم ٿي ويا. اُحد جي جنگ ۾ گهٽ تي بيٺل جوانن کان بي توجهيءَ جي ڪري مسلمانن کي سخت جاني نقصان برداشت ڪرڻو پيو ۽ جڏهن مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن جي دلين ۾ پنهنجي بالادستيءَ جو خيال ڄمي ويو تڏهن انهن مسلمانن جي خلاف پنهنجون سرگرميون تيز ڪري ڇڏيون ڀرواڙين ۾ رهندڙن بدوي قبيلن بہ شرارتون شروع ڪيون مدينه طيبه ۾ رهندڙن يهودين جا قبيلا بني نضير ۽ بني قريظه دوستيءَ جي معاهدن جي باوجود مسلمانن سان ٿيڏا. ڏيڍا هلڻ لڳا مسلمانن جي هڪ فوجي دستي کان بي خبري ۾ بني عامر قبيلي جا ٻہ ماڻهو مري پيا ان جي ديت (جان بها) ۾ معاهدي جي موافق يهودين جي قبيلي بني نضير کي بہ حصو ادا ڪرڻو هو حضور پر نور عليه الصلوٰة والسلام جن انهن جي محله ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ انهن کي سندن حصي ادا ڪرڻ جي لاءِ فرمايو تہ اهي بظاهر تہ وڏي احترام سان پيش آيا پر انهن ڪين هڪ جاءِ جي ڇت جي پر ۾ ويهاري ڪنهن طرح سان اها ڇت سندن وجود مسعود تي ڪيرائڻ جو پروگرام بڻايو ۽ ان طريقي سان ڪين شهيد ڪرڻ تي گهريو الله جل شانه جي فرمان سان جبريل سگهوري ڪين اهو عرض ڪري ٻڌايو پاڻ اتاهين اٿي آيا ۽ ان غداريءَ جي ڪري انهن کي ڏهن ڏينهن جي اندر مدينه منوره کي ڇڏڻ جو حڪم صادر فرمايائون. عبدالله بن ابي جي ڀڙڪائڻ تي ڀريان تہ

اهي آکڙ جي ويا ۽ مدينـــه منوره کي ڇڏڻ کان صفا انڪار ڪيائون پر جڏهن نبي پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام جن سندن محلـه جو محاصرو ڪيو ۽ منافقن مان ڪير بـه سندن مدد لاءِ نـه آيو تڏهن انهن جان جي بچائڻ جي لاءِ درخواست ڏني جيڪا قبول ڪئي وئي ۽ ڪين اجازت ملي تـه هڪ هڪ اٺ تي جيڪو گهر جو سامان ڪٽي سگهن هر هڪ گهرجو مالڪ ڪٽي نڪري وڃي. اهي اتاهين نڪري خيبر ۽ وادي القريٰ ۾ وڃي رهيا ۽ عرب جي مشرڪن کي مدينـه منوره تي حملي ڪرڻ جي لاءِ ڀڙڪائڻ لڳا ۽ وفدن جي صورت ۾ بدوي ڪافرن جي قبيلن سان بـه وڃي مليا ۽ انهن کي پاڻ سان ملايائون ۽ ڏهن ٻارهن هزارن جي لشڪر هڪ ڀوڳ تي حملو ڪيو پر الله جل شانـــه ڪين ذليل ڪري واپس ڪيو ۽ پنهنجي محبوب عليـه الصلوٰة والسلام جي محبت وارن کي فتح مبين عطا فرمائي تفصيلي حالات آيتن جي تفسير دوران بيان ٿيندا ان مان هڪ تـه هي فائدو ٿيو جو ڪافرن جو تڪبر ۽ غرور ٽٽي پيو ۽ اهي صرف پنهنجي دفاع تي سو بـه ٻي دليءَ سان منحصر رهيا ۽ مسلمان انهن تي وڏي حملي ڪرڻ جي پوزيشن ۾ اچي ويا نبي ڪريم عليـه الصلوٰة والسلام جن ان ڏينهن اعلان فرمايو تـه "اڄ کان پوءِ قريشي ڪافر اوهان تي حملو نـه ڪندا اوهان ئي انهن تي حملا ڪري سگهو ٿا"

ٻيو فائدو هي ٿيو تـه منافق بي نقاب ٿي کلي سامهون آيا ان نازڪ مرحلي ۾ انهن جنهن بزدليءَ ۽ لاتعلقيءَ جو ثبوت ڏنو ان انهن کي بي نقاب ڪري ڇڏيو ۽ مسلمان انهن کي چڱي طرح سڃاڻڻ لڳا ۽ انهن جي سازشن کان بچاءَ جون تدبيرون اختيار ڪيائون.

ٽيون هي فائدو ٿيو تـه مشرڪن ۽ يهودين جون ڪوششون ناڪام ٿيون اهڙي طرح الله تعاليٰ حق جي دشمنن جي دلين تي اسلام جو رعب وهاريو ۽ عرب جا سڀ قبيلا خاموش ٿي ويا ۽ انهن جي دلين ۾ جيڪي مدينـــه منوره تي حملي ڪرڻ لاءِ سوچيندا هئا سندن اهي خيال هميشـــه لاءِ ختم ٿي ويا دنيا جي عام سياستدانن ۽ ليڊرن جي برعڪس هن سورة ۾ انسانيت جي رهبر صلى الله عليـــه وسلم جن جي اهلبيت کي دنيوي آسائش ۽ آرام کان دور رهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ساري نبوي خاندان جي لاءِ اخلاق، عبادات، باطن جي تزڪيـه ۽ نفس جي پاڪائيءَ جو مخصوص منشور پيش ڪيو ويو آهي ۽ ڪين سندن بلند مقام جو احساس ڏياريندي عظيم ذميداريون نباهڻ جي تاڪيد سان تلقين ڪيل آهي قرآن ڪريم ساري مسلم معاشري ۾ جيڪو پردي جو حڪمت ڀريو نظام جاري ڪرڻ گهري ٿو ان جا ابتدائي احڪام بـه هتي ذڪر ڪيل آهن پر ڪردار جي بلنديءَ اخلاق جي پاڪيزگيءَ عبادات الهي ۾

ذوق ۽ شوق صرف نبوت جي خاندان تائين ئي محدود ناهي بلڪ مسلمان امت جي هر مرد ۽ عورت کي جن خوبين سان موصوف هجڻ گهرجي آيت عـ٣٥ـ ۾ ان کي وڏي تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي انهن سيني امرن کان علاوه الله تعالیٰ پنهنجي محبوب عليـه الصلوٰة والسلام کي جن خصوصي انعامات، عظيم احسانات ۽ بي نهايات ڪمالات سان سر افراز فرمايو آهي انهن کي هن سورت ۾ وڏي عجيب انداز سان بيان ڪيو ويو آهي تانت جنن ۽ انسانن بلڪ ساري ڪائنات کي خبر پوي تہ جيڪو نبي قرآن ڪريم کي ڪٺي تشريف فرما ٿيو آهي جيڪو اسلام جهڙي دين جو داعي آهي جنهن انساني نوع کي قيامت اچڻ تائين شريعت مطهره جي صورت ۾ هڪ جامع ضابطـه حيات عنايت فرمايو ان جي الله جل شانـــه جي دربار ۾ عزت ڇا آهي تانت ڪو ذهن جو ردي ڪنهن تاويل سان الله جل شانـــه جي محبوب مڪرم جي شان جو انڪار نہ ڪري سگهي ارشاد ٿيو تہ: محبوب عليـــه الصلوٰة والسلام جن الله جا موڪليل ۽ خاتم النبين آهن هن سراج منير جي وجود واري افق تي اڀرڻ کان بعد چنڊ، تارن ۽ ٻين شين جي روشنيءَ جي ضرورت ناهي. هاڻي ڪو بہ نئون نبي نہ موڪيلو ويندو پڻ اهو بہ فرمايائين تہ پاڻ سيني صداقتن جي سچائيءَ جا شاهد آهن سندن وجود، سندن صفات، سندن اقوال، سندن اعمال سندن سمورا احوال الله تعالیٰ ڏانهن سڏيندڙ آهن پاڻ سراج منير بنجي تشريف فرما ٿيا آهن الله جل شانـــه اهو بہ ارشاد فرمايو آهي تہ "مان ۽ منهنجا ملائڪ سڀ ان جي تعريف ڪيون ٿا اي مومنو! اوهان بہ منهنجي محبوب رسول عليـــه الصلوٰة والسلام تي درود موڪليو. ان کان سواءِ بہ ڪيترين حقيقتون آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي نهايت اعلیٰ نموني روشن آهن الله جل شانـــه کان دعا آهي تہ اهو اسان کي هنن مان استفادو نصيب فرمائي. آمين يارب العالمين بجاه طٰهٰ ويٰس صلى الله تعالیٰ عليـه وآلـه وسلم.



وَهِيَ ثَلاَثٌ وَّسَبْعُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْاَحْزَابِ مَدَنِيَّةٌ	وَتِسْعُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها (٧٢) ٽيهتر آيتون	سورة الاحزاب مدنيه آهي	۽ نوَ (٩) رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي ﷻالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي.

يٰاَيُّهَا النَّبِيُّ اتَّقِ اللّٰهَ وَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ ؕ

اي (غيب جون) خبرون ڏيندڙ! الله ڪان ڊڄ ۽ نه چوڻ مڃ ڪافرن جو ۽ منافقن جو

اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا (١) ۙ وَّاتَّبِعْ مَا يُوْحٰۤى اِلَيْكَ

بيشڪ الله آهي ڄاڻندڙ، حڪمت وارو ۽ تابعداري ڪر ان جي جيڪو وحي ڪيو وڃي ٿو توڏانهن

مِنْ رَّبِّكَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا (٢) ۙ وَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ

تنهنجي رب ڪان بيشڪ الله جيڪي اوهان ڪيو ٿا ان جي خبر رکندڙ آهي ۽ توڪل ڪر الله تي

وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا (٣)

۽ ڪافي آهي الله ڪارساز

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن ڪان منهن موڙڻ جو بيان هو ۽ هتي به انهن جي چوڻ ڪي نه مڃڻ جو فرمان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "يٰاَيُّهَا النَّبِيُّ اتَّقِ اللّٰهَ وَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ ؕ" اي (غيب جون) خبرون ڏيندڙ! الله ڪان ڊڄ ۽ ڪافرن ۽ منافقن جو چوڻ نه مڃ.

شان نزول

ابن جرير حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي ته مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن وليد بن مغيره، شيبه بن ربيعة وغيرهما نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته اسين پنهنجي هر مال، ملڪيت مان سراسر اڌ اوهان کي ڏيون ٿا اوهان اسلام جي دعوت ڏيڻ ڪان دست بردار ٿيو ۽ مدينه منوره ۾ رهندڙن منافقن ۽ يهودين وري ڪين ڌمڪيون ۽ دڙڪا ڏنا ته اوهان اسلام تان دستبردار نه ٿيندؤ ته (معاذالله) قتل ڪيا ويندؤ انهن جي رد ۾ هي آيتون

نازل ٿيون (١) مطلب تہ: اي منهنجا محبوب! تقوىٰ اوهان جو شعار آهي اوهان جي تقدس جي دامن تي ڪنهن ناپسنديده ڪم جو غبار نہ پهتو آهي جنهن ڪان بچڻ لاءِ هي حڪم ڪيو ٿو وڃي پر هن ارشاد جو مقصد آهي تہ اوهان جيئن اڄ تائين تقوىٰ جي اعلىٰ مقام تي فائز آهيو اهڙي طرح هميشہ ان تي استقامت سان رهو. علامہ آلوسي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ المقصود الدوام والثبات عليها. (٢) هتي مقصود تقوىٰ تي دائمي طور ثابت رهڻ آهي. "اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا" بلاشڪ الله ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. يعني ڪافر ۽ منافق؟ جيڪو دل ۾ رکيو ويٺا آهن الله جل شانہ انهن سيني سوچن کي ڄاڻندڙ آهي ۽ اوهان ۽ اوهان جي اصحابن ۽ ساري مخلوق جي معاملن جي تدبير کي پنهنجي حڪمت سان هلائيندڙ آهي "وَّاتَّبِعْ مَا يُوْحٰٓى اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ" ۽ جيڪو اوهان ڏانهن اوهان جي رب جي طرفان وحي ڪيو ويو آهي ان جي اتباع ڪريو. يعني اوهان الله جل شانہ جا نبي آهيو ان جي ئي وحي (نازل ڪيل) فرمان تي هلو "اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا" بلاشڪ اوهان جيڪي ڪم ڪيو ٿا الله جل شانہ ان جي خبر رکندڙ آهي. يعني الله کي اوهان ۽ اوهان جي اصحابن جي سهڻن عملن جي پوري پوري خبر آهي اهو اوهان کي انهن جو سهڻو بدلو ڏيندو. "وَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا" ۽ الله تي توڪل ڪر ۽ الله ڪارساز هجڻ ۾ ڪافي آهي. يعني اوهان پنهنجا سمورا ڪم ان جي حوالي ڪيو اهو اوهان جي لاءِ هر ڪم ۾ ڪافي آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع ١ـ "يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ" (اي (غيب جون) خبرون ڏيندڙ!) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانہ جي بارگاه ۾ حضور پرنور عليہ الصلوٰة والسلام جن جو مرتبو ۽ شان نهايت بلند ۽ بالا آهي ان جي ڪري ڪين القاب سان سڏ ڪيو ويو آهي علامہ ثناءُ الله پاني پتي عليہ الرحمة لکيو آهي. ناداه بالنبي ولم يقل يا محمد وامره بالتقوىٰ تعظيما وتفخيما لشان التقوٰى (٣) الله جل شانہ هتي حضرت حبيب ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام کي نبي سان سڏيو ۽ اسم مبارڪ سان نہ سڏيو ۽ ڪين تقوىٰ جو امر ڪيو ان مان مقصود سندن عزت ۽ تقوىٰ جو مقام بيان ڪرڻ آهي. نبي جي معنىٰ آهي غيب جون خبرون ڏيندڙ اها معنىٰ ديوبندي محقق علامہ بدرعالم بہ بيان ڪئي آهي. (۴)

(١) المراغي ص١٢۴ـ جزء ٢١ جلد ٧ (٢) روح المعاني ص١۴٣ـ جزءُ ٢١ جلد ٧
(٣) المظهري ص٣٠٢ـ جلد ٧ (۴) ترجمان السنة ص۴۴١ـ جلد ٣

ع-٢ـ "اتَّقِ اللّٰهَ وَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ" (الله کان ڊڄ ۽ ڪافرن ۽ منافقن جو چوڻ نہ مڃ) ۾ خطاب نبي ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام جن سان آهي پر ان مان مراد سندن امت آهي پاڻ معصوم هئا الٰهي احڪام جي بي فرماني سندن ذات کان ممڪن نہ هئي ڪين خطاب ڪري سندن امت کي متنبہ ڪيو ويو آهي.

ع-٣ـ مذڪوره آيتن مان واضح ٿيو تہ ديني ڪمن ۾ ڪافرن سان مشورو ڪرڻ بہ جائز ناهي ها دنيوي ڪمن ۾ ڪنهن تجربيڪار غير مسلمان کان صلاح مشورو وٺڻ منع ناهي والله اعلم (١)

مَاجَعَلَ اللّٰهُ لِرَجُلٍ مِّنْ قَلْبَيْنِ فِيْ جَوْفِهٖ ج وَمَاجَعَلَ اَزْوَاجَكُمُ

نہ پيدا ڪيون الله ڪنهن مڙس جي لاءِ بہ دليون ان جي اندر ۾ ۽ نہ ڪيائين زالن اوهان جن کي

الّٰٓـِٔيْ تُظٰهِرُوْنَ مِنْهُنَّ اُمَّهٰتِكُمْ ج وَمَا جَعَلَ اَدْعِيَآءَكُمْ

جن کان ظهار ڪيو تا اوهان جو مائرون ۽ نہ بنايائين پٽيلن اوهان جي کي

اَبْنَآءَكُمْ ط ذٰلِكُمْ قَوْلُكُمْ بِاَفْوَاهِكُمْ ط وَاللّٰهُ يَقُوْلُ الْحَقَّ

اوهان جا (حقيقي) پٽ اهو اوهان جو چوڻ آهي اوهان جي واتن سان ۽ الله فرمائي ٿو حق

وَهُوَ يَهْدِی السَّبِيْلَ (۴) اُدْعُوْهُمْ لِاٰبَآئِهِمْ هُوَ اَقْسَطُ عِنْدَ اللّٰهِ ج فَاِنْ لَّمْ

۽ اهو ڏيکاري ٿو رستو سڏيو انهن کي سندن پيئرن جي لاءِ اهو عدل وارو آهي الله وٽ پوءِ جيڪڏهن

تَعْلَمُوْٓا اٰبَآءَهُمْ فَاِخْوَانُكُمْ فِی الدِّيْنِ وَمَوَالِيْكُمْ

نہ ٿا ڄاڻو انهن جا پيئر پوءِ اوهان جا ڀائر آهن دين ۾ ۽ اوهان جا دوست آهن

وَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ فِيْمَآ اَخْطَاْتُمْ بِهٖ لا وَلٰكِنْ

۽ ناهي اوهان تي ڪو گناهہ ان ۾ جيڪا خطا ڪئي اوهان ان سان ۽ پر

مَّا تَعَمَّدَتْ قُلُوْبُكُمْ ط وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا (۵)

جيڪي ڄاڻي واڻي ڪيو دلين اوهان جي ۽ الله بخشڻهار، مهربان آهي

(١) معارف القرآن صـ٨٠، ٨١ـ جلد ٧

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي اطاعت نہ ڪرڻ جو بيان هو ۽ هتان ڪان سمجهايو ويو آهي تہ الله جل شانـــه جو خوف ۽ ٻين جو خوف هڪ جاءِ ۾ نہ رهندا ڇو تہ ڪنهن جي اندر ۾ ٻہ ٻہ دليون ناهن جو هڪ سان الله جل شانـه ڪان ڊڃي ۽ ٻيءِ سان ڪنهن ٻئي ڪان ڊڃي ارشاد الٰهي آهي "مَا جَعَلَ اللّٰهُ لِرَجُلٍ مِّنْ قَلْبَيْنِ فِيْ جَوْفِـهٖ ۚ" الله ڪنهن بہ مرد جي اندر ۾ ٻہ دليون نہ ڪيون آهن.

شان نزول

فريابي، ابن ابي شيبـه ، ابن جرير، ابن المنذر ۽ ابن ابي حاتم مجاهد ڪان روايت آندي آهي تہ بني فهر قبيلي مان هڪ شخص چوندو هو تہ "مون ۾ ٻہ دليون آهن مان انهن مان هر هڪ سان (حضرت) محمد (صلى الله عليـه وسلم) ڪان وڌيڪ عقلمندي رکان ٿو. ان جي باري ۾ هي ارشاد نازل ٿيو. (١) ان شخص جو نالو جميل بن معمر هوعقلمند هجڻ سان گڏ ان جو حافظـه بہ قوي هو (٢) مطلب تہ هڪ ماڻهو هڪ وقت مومن ۽ منافق، سچو ۽ ڪوڙو بد ڪار ۽ نيڪوڪار نہ ٿو ٿي سگهي ان جي سيني ۾ ٻہ دليون ناهن جو هڪ دل ۾ اخلاص ۽ ٻيءِ دل ۾ الله جل شانـه ڪان بي خوفي هجي ان جي ڪري هڪ ئي وقت ۾ انسان جي هڪ ئي حيثيت ٿي سگهي ٿي يا ا هو مومن هوندو يا منافق يا ڪافر هوندو يا مسلمان. "وَمَاجَعَلَ اَزْوَاجَكُمُ الّٰٓـِٔيْ تُظٰهِرُوْنَ مِنْهُنَّ اُمَّهٰتِكُمْ ۚ" ۽ نہ ان اوهان جي انهن زالن کي جن ڪان ظهار ڪيو ٿا اوهان جون مائرون بنايائين. ظهار عرب جو هڪ خاص اصطلاح آهي قديم زماني ۾ عرب پنهنجي زال سان لڙندي ڪڏهن ائين چئي وهندا هئا تہ "تنهنجي پٺي منهنجي لاءِ ماءُ جي پٺيءِ جهڙي آهي" ۽ اها ڳالهہ جڏهن ڪنهن جي منهن مان نڪري ويندي هئي تہ ائين سمجهيو ويندو هو تہ هاڻي هيءَ عورت ان مرد تي حرام ٿي وئي ڇو تہ اهو ان کي ماءُ سان تشبيـه ڏئي ويٺو آهي ان جي متعلق الله جل شانـه فرمايو تہ" زال کي ماءُ چوڻ يا ماءُ سان تشبيـه ڏيڻ جي ڪري اها ماءُ نہ بنجندي ماءُ تہ اها آهي جنهن ڪيس ڄڻيو هتي ظهار جي متعلق قانون بيان ڪرڻ مقصود ناهي اهو قانون سورة مجادلـه جي آيتن ع٢ـ ڪان ع٤ـ ۾ بيان ڪيل آهي. "وَمَاجَعَلَ اَدْعِيَآءَ كُمْ اَبْنَآءَكُمْ ۚ" ۽ نہ اوهان جي پٽيلن کي

(١) الدرالمنثور صـ٥٦١ـ جلد ٦ (٢) اسباب النزول صـ٢٦٥ـ

اوهان جو حقيقي پٽ بنايائين. "اَدۡعِيَآءَ" دعي جو جمع مفعول جي معنىٰ ۾ آيل آهي پٽيلي کي سڏيندا آهن ۽ دعي ادعياءَ جو غير قياسي جمع آهي (١) مطلب ته جن پراون پٽن کي اوهان پنهنجو پٽ سڏيو تا الله جل شانـه انهن کي اوهان جو حقيقي پٽ نہ فرمايو آهي اهو جاهليت ۽ اسلام جي شروعات وارو ذهن هاڻي ختم ڪرڻ گهرجي. "ذَالِكُمۡ قَوۡلُكُمۡ بِاَفۡوَاهِكُمۡ" اهو اوهان جو منهن مان نڪرڻ وارو قول آهي. ان جي ٻاهر ڪا بہ حقيقت ڪا نہ آهي. "وَاللّٰهُ يَقُوۡلُ الۡحَقَّ وَهُوَ يَهۡدِى السَّبِيۡلَ" ۽ الله حق ٿو چوي ۽ اهو ئي رستو ڏيکاري ٿو. ان جي ڪري پرائو پٽ پنهنجو پٽ نہ ٿيندو ۽ نہ زال کي ماءُ وانگر سڏڻ سان اها ماءُ ٿيندي. "اُدۡعُوۡهُمۡ لِاٰبَآءِهِمۡ هُوَ اَقۡسَطُ عِنۡدَ اللّٰهِ" انهن کي سندن پيئرن جو سڏيو اهو الله وٽ وڏيڪ عدل وارو آهي مطلب تہ جيڪو جنهن جو اولاد آهي ان جو ئي سڏيو وڃي. "فَاِنۡ لَّمۡ تَعۡلَمُوۡۤا اٰبَآءَهُمۡ فَاِخۡوَانُكُمۡ فِى الدِّيۡنِ وَمَوَالِيۡكُمۡ" پوءِ جيڪڏهن انهن جا پيئر نہ ٿا ڄاڻو تہ پوءِ (اهي) اوهان جا دين ۾ ڀائر ۽ ساٿي آهن يعني جيڪڏهن اوهان کي خبر نہ آهي تہ انهن جا پيئر ڪير آهن؟ تہ انهن کي پنهنجو مسلمان ڀاءُ سڏيو ۽ سمجهو ۽ جيڪڏهن اوهان جا آزاد ڪيل غلام آهن تہ انهن کي پنهنجو آزاد ڪيل غلام ۽ ساٿي سمجهو. "وَلَيۡسَ عَلَيۡكُمۡ جُنَاحٌ فِيۡمَاۤ اَخۡطَاۡتُمۡ بِهٖ وَلٰكِنۡ مَّا تَعَمَّدَتۡ قُلُوۡبُكُمۡ" ۽ اوهان تي ان ۾ جيڪي اوهان خطا سان ڪيو ڪو گناهہ ناهي ۽ پر جيڪي اوهان جي دلين عمدًا ڪيو آهي يعني شرعي حڪم ٻڌڻ کان پوءِ جيڪڏهن اوهان جي زبان تي ڪنهن کي پٽ سڏڻ جو لفظ اچي ويو اوهان دل سان ان کي پٽ سمجهي نہ سڏيو نہ ان کي حقيقي پٽ تصور ڪيو تہ ان ۾ ڪو گناهہ ناهي "وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوۡرًا رَّحِيۡمًا" ۽ الله بخشڻهار، مهربان آهي. جيڪو ٻانهن کي سندن گناهن تي جلد سزا نہ ڏيندو آهي ڪين توبـه ڪرڻ جو موقعـه عطا فرمائيندو آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ آيت ع٤ـ مان واضح ٿيو تہ ماڻهن جو اهو چوڻ تہ فلاڻي کي ٻہ دليون يا ٻہ هنياءَ آهن اهو غلط آهي قرآن ڪريم ان قول جو رد ڪيو آهي. اهو بہ واضح ٿيو تہ زال هر حال ۾ زال آهي ماءُ چوڻ يا ماءُ وانگر سڏڻ سان اها ماءُ نہ ٿيندي ۽ نہ ڪنهن کي پٽيلو بنائڻ سان اهو پٽ ٿيندو ۽ ملڪيت جو وارث بنجندو.

(١) ڪمالين شرح اردو جلالين ص١٠٩ـ جلد ٥

ع٢ـ آيت ع٥ـ مان واضح ٿيو ته جيڪو جنهن جو پٽ آهي ان جو ئي سڏيو وڃي. ڪيترا ماڻهو ذات مٿائي آل رسول عليـه السلام سڏائيندا آهن حالانڪ هوندا ڪنهن ٻئي جو اولاد آهن اهو به نجو ڪوڙ آهي ۽ ان ڪوڙ هڻندڙ تي الله جل شانـه جي لعنت آهي. پر شفقت ۽ محبت مان ڪنهن ڪي پنهنجو پٽ سڏڻ حقيقي پٽ يا وارث نه بنائڻ شرعًا جائز آهي. (١)

اَلنَّبِيُّ	اَوْلٰى	بِالْمُؤْمِنِيْنَ	مِنْ اَنْفُسِهِمْ	وَاَزْوَاجُـهٗ
نبي	اولٰى آهي	مومنن	ڪي سندن جندن ڪان	۽ ان جون گهر واريون
اُمَّهٰتُهُمْ ط	وَاُولُوا الْاَرْحَامِ	بَعْضُهُمْ	اَوْلٰى بِبَعْضٍ	فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ
سندن مائرون آهن	۽ مائٽيءَ وارا	هڪ ٻئي جا	پاڻ وڌيڪ ويجها آهن	الله جي ڪتاب ۾
مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ	وَالْمُهٰجِرِيْنَ اِلَّآ	اَنْ تَفْعَلُوْٓا	اِلٰٓى اَوْلِيٰٓـئِكُمْ	مَّعْرُوْفًا ط
مومنن	۽ مهاجرن مان مگر هي ته	ڪيو	پنهنجن دوستن سان	احسان
كَانَ ذٰلِكَ	فِي الْكِتٰبِ	مَسْطُوْرًا (٦)		
اهو	ڪتاب ۾	لکيل آهي		

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي طرفان رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن کي ايذائيندڙ ڳالهين جي حرام هجڻ ۽ ڪافرن جي طرفان ڪيل اعتراضن جو رد هو ۽ هتي سندن تعظيم جو ۽ سيني ڪان وڌيڪ اطاعت ميڇڻ جي فرضيت جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "اَلنَّبِيُّ اَوْلٰى بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ" نبي مومنن ڪي سندن سرن ڪان وڌيڪ (ويجهو) آهي مطلب ته نبي ڪريم عليـه الصلوٰة والسلام جو حڪم مومنن لاءِ سندن پيءُ، ماءُ ۽ سندن سرن جي خواهشات ڪان وڌيڪ اهم آهي ڇو ته پاڻ سندن مصلحتن، ڀلاين ۽ فائدن کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ڪين جيڪو به حڪم ڪندو سو مفيد هوندو. حضرت ابوهريرة رضي الله عنـه ڪان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن فرمايو. "مَامِنْ مُؤْمِنٍ اِلَّآوَاَنَا اَوْلٰى بِـهٖ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ اِقْرَءُوْاِنْ شِئْتُمْ

(١) معارف القرآن ص٨٥ـ جلد ٧

"اَلنَّبِيُّ اَوْلٰى بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ" فايما مومن مات وترك مالافليرثه عصبته من كانوا ومن ترك دينا اوضيا عا فلياتني فانا مولاه" رواه البخاري (١) يعني کو بہ مومن اهڙو ناهي جنهن جو مان دنيا ۽ آخرت ۾ والي نہ هجان جيڪڏهن اوهان گهرو تہ هيءَ آيت پڙهو. "اَلنَّبِيُّ" الآيـــة ۽ جيڪو مومن وفات ڪري ۽ پويان مال ڇڏي وڃي تہ سندس قريبي مائٽ سندس وارث ٿين ۽ جيڪو قرض وغيره ڇڏي وڃي تہ ان جو وارث مون وٽ اچي مان ان جو والي (قرض ادا ڪندڙ) آهيان انسان حضور پرنور عليـــه الصلوٰة والسلام جي شان ڪريميءَ تان قربان وڃي پاڻ پنهنجي امت تي ڪيڏا مهربان آهن سندن ايتري شفقت هوندي بہ جيڪڏهن اسين سندن حڪم تي نہ هلون سندن شريعت کي ڇڏي پنهنجن نفسن جي خواهشات جي پيروي ڪيون دوستن ۽ اعليٰ حاڪمن کي خوش ڪرڻ جي لاءِ سندن اطاعت نہ ڪيون تہ اسان کي حيف هجي. ان جي ڪري حضرت سهل بن عبدالله تستري عليـه الرحمـــة فرمايو آهي تہ "من لم ير نفسه في ملك الرسول ولم يرو لايتـــه عليـه في جميع احوالـه لم يذق حلاوة سنتـه" (٢) جنهن پاڻ کي رسول الله صلى الله عليــه وسلم جي ملڪيت نہ سمجهيو ۽ جميع احوال ۾ پنهنجي مٿان سندن والي هجڻ تسليم نہ ڪيو تہ سندن سنت جو مٺاڻ نہ چکندو. "وَاَزْوَاجُـــهٗ اُمَّهٰتُهُمْ" ۽ سندن گهروايون انهن (مومنن) جون مائرون آهن. حضور پرنور عليـه الصلوٰة والسلام جي گهروارين کي مومنن جون مائرون سڏڻ مان مراد تعظيم ۽ تڪريم جي لحاظ سان آهي ٻيا احڪام مراد ناهن مثلاً وارث هجڻ وغيره باقي مومنن جو انهن سان نڪاح ڪرڻ جو حرام هجڻ اهو ٻيءَ آيت ۾ صاف بيان ٿيل آهي. "وَاُولُوا الْاَرْحَامِ بَعْضُهُمْ اَوْلٰى بِبَعْضٍ فِيْ كِتَابِ اللّٰهِ" ۽ الله جي ڪتاب ۾ مائٽيءَ وارا هڪ ٻئي جا پاڻ ۾ وڌيڪ ويجها آهن. "اُولُوا الْاَرْحَامِ" ۾ سڀ مائٽ شامل آهن پوءِ اهي هجن جن کي فقهاءَ ڪرام "عصبات" جي لفظ سان بيان ڪيو آهي يا اهي جن کي خاص اصطلاح جي اعتبار سان عصبات جي مقابلي ۾ "اُولُواالْاَرْحَامِ" چوندا آهن. قرآن ڪريم ۾ هي بعد ۾ اختيار ڪيل اصطلاح مراد ناهي مطلب هي آهي تہ رسول الله صلى الله عليـــه وسلم ۽ سندن گهروارين جو مومنن سان تعلق جيتوڻيڪ نسبي ٻيءَ ۽ ماءُ ڪان وڌيڪ مقدم آهي پر ان جو ميراث سان ڪو بہ تعلق ناهي. "مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُهٰجِرِيْنَ" مؤمنن ۽ مهاجرن مان. هتي مومنن ۽ مهاجرن کي جدا ذڪر ڪرڻ مان مهاجرن جو خصوصي امتياز ٻڌائڻ مقصود آهي. ۽ بعض مفسرن لکيو آهي تہ مؤمنين مان مراد مدينه منوره جا انصار آهن ۽ مهاجرين مان مراد مڪه مڪرمه مان هجرت

(١) تفسير مظهري ص٣٠٨ـ جلد ٧ (٢) ضياءُ القرآن ص١٥ـ جلد ۴

ڪري اڇڻ وارا آهن ان صورت ۾ هجرت جي ڪري وارث هجڻ منسوخ ڪيو ويو ڇو ته هجرت جي شروعات ۾ رسول الله صلى الله عليــه وسلم جن مهاجرن ۽ انصارن ڪي هڪ ٻئي جو ڀاءُ بنائي انهن ۾ ورثي جاري هجڻ جو حڪم ڏنو هو هن آيت ان ورثي کي منسوخ ڪري ڇڏيو. (١) "اِلَّآ اَنۡ تَفۡعَلُوۡۤا اِلٰٓى اَوۡلِيٰٓـئِكُمۡ مَّعۡرُوۡفًا" مگر هي جو پنهنجن دوستن سان احسان ڪيو. مطلب ته ورثو ته صرف رشتيداريءَ جي بنا تي هلندو مگر ايماني اخوت جي بناءَ تي جن ماڻهن سان تعلق اٿو جيڪڏهن انهن کي ڪجهه ڏيڻ گهرو ته ڏئي سگهو ٿا دنيوي زندگيءَ ۾ هديــه ۽ تحفي طور ۽ وفات وقت وصيت ذريعي ڏئي سگهو ٿا. "كَانَ ذٰلِكَ فِى الۡكِتٰبِ مَسۡطُوۡرًا" اهو ڪتاب ۾ لکيل آهي. ڪتاب مان مراد لوح محفوظ آهي. (٢) ۽ ٻيو قول آهي ته ان مان مراد قرآن ڪريم يا توراة شريف آهي (٣) مطلب ته ورثي جا احڪام انهن ۾ لکيل آهن.

فائدا

مذڪوره آيت مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "اَلنَّبِىُّ اَوۡلٰى بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ مِنۡ اَنۡفُسِهِمۡ" (نبي مومنن کي سندن جندن (سرن) کان وڌيڪ آهي) مان واضح ٿيو ته مومن پنهنجي نفس جي خواهش کي نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي اطاعت تان قربان ڪندو.

ع٢ـ "وَاَزۡوَاجُهٗۤ اُمَّهٰتُهُمۡ" (۽ سندس گهر واريون انهن جون مائرون آهن) مان واضح ٿيو ته نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي گهروارين جي عزت ۽ احترام ڪرڻ مومنن تي فرض آهي جيڪو انهن جي توهين ڪندو اهو قرآن ڪريم جي هن فرمان جو منڪر هجڻ جي ڪري گمراه بي دين ڪافر آهي ۽ جڏهن نبي پاڪ عليــه الصلوة والسلام جون گهرواريون مؤمنن جون مائرون آهن ته پاڻ امت جي لاءِ پيءُ وانگر آهن. (٤)

ع٣ـ "وَاُولُوا الۡاَرۡحَامِ الخ" ۽ قرابت وارا هڪ ٻئي جا وڌيڪ ويجها آهن) مان واضح ٿيو ته ڪنهن کي صرف پٽ سڏڻ سان اهو پٽ سڏيندڙ جو وارث نه ٿي سگهندو. ورثي جو معاملو جدا آهي.

(١) القرطبي صـ١٢٤ـ جلد ١٤ (٢) حاشيه ماجديه صـ٧٤١ـ (٣) المظهري صـ٣١٠ـ جلد ٧ (٤) ايسر التفاسير صـ٥٤٣ـ جلد ٣

هڪا اهم نڪتــه

هن آيت ۾ آيل لفظ "اَوۡلٰی" جي معنيٰ علامـــه قاسم نانو توي صاحب اقرب لکي آهي سندس عبارت پڙهو "اَلنَّبِيُّ اَوۡلٰی بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ مِنۡ اَنۡفُسِهِمۡ"

کودیکھیے تو یہ بات ثابت ہوتی ہے کہ رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم کو اپنی امت کے ساتھ وہ قرب حاصل ہے کہ ان کی جانوں کو بھی ان کے ساتھ حاصل نہیں کیونکہ اولیٰ بمعنیٰ اقرب ہوا اور اگر بمعنے احب یا اولیٰ بالتصرف ہو جب بھی یہی بات لازم آئیگی اور اولویت بالتصرف کیلئے اقرب تو وجہ ہوسکتی ہے پر بالعکس نہیں ہوسکتا۔

(١) هن مان واضح ٿيو ته حضور پرنور صلی الله عليـــه وسلم جن اسان کي اسان جي ساهه کان وڌيڪ قريب آهن ۽ ان کي ئي حاضر ۽ ناظر سڏيو ويندو آهي. انشاءَ الله العزيز هن جو وڌيڪ تفصيل اڳتي "يٰاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَرۡسَلۡنٰكَ شَاهِدًا" جي تفسير ۾ ايندو.

وَاِذۡ اَخَذۡنَا مِنَ النَّبِيّٖنَ مِيۡثَاقَهُمۡ وَمِنۡكَ وَمِنۡ نُّوۡحٍ وَّاِبۡرٰهِيۡمَ وَمُوۡسٰى

۽ جڏهن ورتوسون نبين کان سندن وعدو ۽ اوهان کان ۽ نوح ۽ ابراهيم ۽ موسىٰ

وَعِيۡسَى ابۡنِ مَرۡيَمَ ۖ وَاَخَذۡنَا مِنۡهُمۡ مِّيۡثَاقًا غَلِيۡظًا ۙ(٧) لِّيَسۡـَٔلَ الصّٰدِقِيۡنَ عَنۡ

۽ عيسىٰ مريم جي پٽ کان ۽ ورتوسون انهن کان وعدو پڪو تانت پڇي سچن کان سندن

صِدۡقِهِمۡ ۚ وَاَعَدَّ لِلۡكٰفِرِيۡنَ عَذَابًا اَلِيۡمًا ع (٨)

سچ جو ۽ تيار ڪيائين ڪافرن جي لاءِ عذاب درد ناڪ

ع ١٧

تفسير

اڳين آيتن ۾ اهي ڳالهيون بيان ٿيون جن مان ڪجهه جاهليت جي دور ۾ هيون ۽ ڪجهه اسلام جي شروعات ۾ پوءِ اهي منسوخ ۽ ختم ڪيون ويون ۽ هتي دين جي تبليغ تي حرص ڏيارڻ جي لاءِ اڳين نبين عليهم الصلوٰة والسلام کان تبليغ دين جي لاءِ عهد وٺڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد تي رهيو آهي "وَاِذۡ اَخَذۡنَا مِنَ النَّبِيّٖنَ مِيۡثَاقَهُمۡ" ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان نبين (عليهم الصلوٰة والسلام کان سندن پڪو وعدو ورتو. يعني اسان انهن کان پڪو عهد ورتو هو ته الله جل شانـــه جي دين کي قائم رکندي رسالت

(١) تحذيرالناس صـ١٠ـ

جي تبليغ ۾ مدد ڪندا. (١) هڪ ٻئي جي تائيد ۽ تصديق ڪندا ۽ جڏهن ته سڀني نبين عليهم الصلوٰة والسلام جو مقصد ۽ مشين هڪ هئي ان جي ڪري هڪ ڪي سچو چوڻ سڀني کي سچو چوڻ آهي ۽ هڪ کي ڪوڙو چوڻ سڀني کي ڪوڙو چوڻ آهي ۽ جڏهن اهي ساه ڪان وڏيڪ آهن ان جي ڪري انهن جي ذميداري به وڏيڪ آهي "وَمِنْكَ وَمِنْ نُوْحٍ وَّاِبْرَاهِيْمَ وَمُوْسٰى وَعِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ" ۽ اوهان ڪان ۽ نوح ۽ ابراهيم ۽ موسىٰ ۽ مريم جي پٽ عيسىٰ ڪان (علىٰ نبينا و عليهم الصلوٰة والسلام) هي پنج ئي پيغمبر عليهم الصلوة والسلام اولوا العزم آهن جن جا اثر هزارين سالن تائين دنيا ۾ پکڙيل رهيا ۽ دنيا جي رهڻ تائين رهندا خصوصًا حضور پرنور عليـه الصلوٰة والسلام جن جو ظهور جيتوڻيڪ آخر ۾ ٿيو مگر عالم بالا ۾ نبوت جي عطا سان ۽ عالم دنيا ۾ شرف ۽ مجد جي اعتبار سان پاڻ سڀ ڪان مقدم آهن. (٢) هن آيت ۾ چئن نبين عليهم الصلوٰة والسلام جو سندن پاڪ نالن سان ذڪر ڪرڻ جي وضاحت ڪندي علامہ رازي لکيو آهي ته حضرت موسىٰ ۽ حضرت عيسىٰ (علىٰ نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام) جو ذڪر ان جي ڪري ٿيو جو انهن جا امتي سڏائڻ وارا نبي پاڪ عليـــه الصلوٰة والسلام جي دور ۾ موجود هئا ۽ حضرت ابراهيم عليـــه الصلوٰة والسلام وري سڀني عربن جو ابو هو ۽ اهي ڪيترين ڳالهين ۾ سندس اتباع ڪندا هئا. ۽ حضرت نوح عليـــه الصلوٰة والسلام جو ذڪر ان جي ڪري ٿيو جو اهو طوفان ڪان بعد سڀني انسانن جو ابو آهي (٣) "وَمِنْكَ" (۽ اوهان ڪان) ۾ خطاب حضور عليـه الصلوٰة والسلام جن سان آهي ۽ سندن ذڪر اڳ ۾ سندن شرف ۽ تعظيم جي ڪري آندو ويو آهي (۴) ۽ ابن ابي حاتم حضرت ابو هريرة رضي الله عنـه ڪان روايت آندي آهي ته هن آيت جي متعلق حضور عليـه الصلوة والسلام جن فرمايو "كُنْتُ اَوَّلَ النَّبِيِّيْنَ فِى الْخَلْقِ وَاٰخِرَهُمْ فِى الْبَعْثِ فَبَدَاَ بِيْ قَبْلَهُمْ" (۵) مان نبين ڪان پيدا ٿيڻ ۾ اول آهيان ۽ بعثت ۾ آخر آهيان. ان جي ڪري هن آيت ۾ انهن ڪان اڳي منهنجي ذڪر سان شروعات ڪئي وئي آهي طبراني معجم ڪبير ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي ته سيدنا رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن فرمايو "كُنْتُ نَبِيًّا وَآدَمُ بَيْنَ الرُّوْحِ وَالْجَسَدِ" آدم روح ۽ جسم جي وچ واري حالت ۾ هو ته مان نبي هوس" هيءَ روايت ابن سعد

(١) المراغي صـ١٣٢ـ جزء ٢جلد ٧ (٢) ڪمالين شرح اردو جلالين صـ١١٨ـ جلد ۵ (٣) التفسير الكبير صـ١٩٧ـ جزء ٢۵ (۴) الصاوي صـ٢۵٢ـ جزء ٣ (۵) تفسير ابن كثير صـ۴٦٩ـ جلد ٣ جامع البيان صـ٧٩ـ جزء ٢١ جلد ١٠

۾ حلية الاوليا ۾ ابو نعيم ۾ بہ آندي آهي (١) شبير احمد عثماني صاحب لکيو آهي.

ان ميں پہلے نام ليا ہمارے نبی کا حالانکه عالم شهادت ميں آپ کا ظهور سب کے بعد ہوا ہے مگر درجه ميں آپ سب سے پہلے هين اور وجود بهی آپ کا عالم غيب ميں سب سے مقدم ہے کماثبت فی الحديث (٢) "وَاَخَذْ نَامِنْهُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا" ۾ اسان انهن کان پکو وعدو ورتو. يعني اسان نبين عليهم الصلوٰة والسلام کان تمام پکو وعدو ورتو تہ رسالت جي تبليغ اهڙي کندا جيئن ان جو حق آهي (٣) "لِيَسْئَلَ الصّٰدِقِيْنَ عَنْ صِدْقِهِمْ" تانت سچن کان سندن سچ جي باري ۾ پڇي. مطلب تہ الله تعالیٰ نبين عليهم الصلوٰة والسلام ۾ سندن تابعن کان ان عهد جي باري ۾ پڇا کندو تہ پورو کري ڏيکاريائون يا نہ؟ ۾ يقينًا انبياءَ کرام عليهم الصلوٰة والسلام تہ اهو پورو کيو هوندو ان جي کري اهي جنت جا مالک بنجي ويا (٤) "وَاَعَدَّ لِلْکٰفِرِيْنَ عَذَابًا اَلِيْمًا" ۾ کافرن جي لاءِ درد ناک عذاب تيار کيائين. يعني نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي پيغام جو جيکي انکار کندا الله جل شانــه انهن جي لاءِ درد ناک عذاب تيار کيو آهي.

فائدا

مذکوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع١ـ آيت ع٧ـ ۾ ذڪرکيل انبياءَ عليهم الصلوٰة والسلام الو العزم پيغمبر آهن ۾ بين کان شان ۾ فضيلت ۾ بلند آهن اهي ئي مشهور شريعتن جا صاحب آهن. (٦)

ع٢ـ انهيءَ آيت ۾ "وَمِنْكَ" (۾ اوهان کان) ۾ حضور پرنور عليــه الصلوٰة والسلام کي اڳ ۾ خطاب کرڻ مان واضح ٿيو تہ پاڻ الله جل شانـــه جي سيني نبين عليهم الصلوٰة والسلام کان پيدا ٿيڻ ۾ اول آهن ۾ نبوت بہ سيني کان پهريان کين عطا ٿي هئي. جيئن کجھ تفسيرن جا حوالا لکي آيا آهيون ۾ ابن مردويــه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ حضور پرنور عليــه الصلوٰة والسلام جن کان عرض کري پڇيو ويو تہ يارسول الله! اوهان کان ڪڏهن وعدو ورتو ويو؟ تہ پاڻ

(١) المظهري صـ٣١٠ـ جلدٌ ٧ (٢) حاشيــه عثمانيــه صـ٥٥٧ـ (٣) صفوة التفاسير صـ٥١٣ـ جلد ٢ (٤) تيسير الكريم الرحمٰن صـ١٣٣ـ جلد ٤ (٥) موضح القرآن صـ٦٩٣ـ (٦) محسان التاويل صـ٢٣٠ـ جلد ٥

فرمايائون "جڏهن مون کان عهد ورتو ويو هو تہ آدم روح ۽ جسم جي وچ واري حالت ۾ هو." اهڙي طرح بزار، الاوسط ۾ طبراني، امام احمد، تاريخ ۾ امام بخاري، حاڪم، الدلائل ۾ بيهقيءَ، ابن ابي شيبہ، ابن جرير بہ روايتون آنديون آهن. (١) مفسر قرطبي، علامہ اسماعيل حقي ۽ الامام حسن بصري بہ اها ئي مراد بيان ڪئي آهي.

ع٣ـ "لِيَسْـَٔلَ الصّٰدِقِيْنَ عَنْ صِدْقِهِمْ" (تانت سچن کان سندن سچ جي باري ۾ پڇي) مان واضح ٿيو تہ هر انسان الله جل شانہ جي پڇا کان ڊڄندو رهي ڪو بہ بي فڪر نہ رهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ جَآءَتْكُمْ جُنُوْدٌ فَاَرْسَلْنَا

اي ايمان وارو! ياد ڪيو الله جو احسان اوهان تي جڏهن آيا اوهان وٽ لشڪر پوءِ موڪليو اسان

عَلَيْهِمْ رِيْحًا وَّجُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا ۭ وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرًا ۚ (٩)

انهن تي واءُ ۽ لشڪر جو نہ ڏٺو اوهان انهن کي ۽ الله ان کي جو اوهان ڪيو تا ڏسندڙ آهي

اِذْ جَآءُوْكُمْ مِّنْ فَوْقِكُمْ وَمِنْ اَسْفَلَ مِنْكُمْ وَاِذْ زَاغَتِ الْاَبْصَارُ وَبَلَغَتِ الْقُلُوْبُ

جڏهن آيا اوهان وٽ اوهان جي مٿان ۽ اوهان جي هيٺان ۽ جڏهن ٽڙيون اکيون ۽ پهتيون دليون

الْحَنَاجِرَ وَتَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ الظُّنُوْنَا (١٠) هُنَالِكَ ابْتُلِيَ الْمُؤْمِنُوْنَ وَزُلْزِلُوْا

نرگهٽن کي ۽ ڪيو پيا الله جي باري ۾ ڪئين گمان اتي آزمايا ويا مومن ۽ لوڏيا ويا

زِلْزَالًا شَدِيْدًا (١١) وَاِذْ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ

سخت زلزلي سان ۽ جڏهن چون پيا منافق ۽ اهي شخص جن جي دلين ۾ بيماري آهي تہ

مَّا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اِلَّا غُرُوْرًا (١٢) وَاِذْ قَالَتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْهُمْ

نہ وعدو ڏنو اسان کي الله ۽ ان جي رسول مگر ڌوڪو ۽ جڏهن چيو جماعت هڪڙيءَ انهن مان

يٰٓاَهْلَ يَثْرِبَ لَا مُقَامَ لَكُمْ فَارْجِعُوْا ۚ وَيَسْتَاْذِنُ فَرِيْقٌ مِّنْهُمُ

اي يثرب وارو! ناهي ڪا ٽڪڻ جي جاءِ اوهان لاءِ پوءِ موٽو ۽ موڪلائي پيو هڪ ٽولو انهن مان

(١) الدرالمنثور ص٥٦٩ـ جلد ٦

مع ١٠

النَّبِيَّ يَقُوْلُوْنَ اِنَّ بُيُوْتَنَا عَوْرَةٌ ؕۛ وَمَا هِیَ بِعَوْرَةٍ ۚۛ

نبي کان چون پيا تہ يقينًا اسان جا گهر کليل (اڪيلا) آهن ۽ ناهن اهي کليل (اڪيلا)

اِنْ يُّرِيْدُوْنَ اِلَّافِرَارًا (١٣) وَلَوْدُخِلَتْ عَلَيْهِمْ مِّنْ اَقْطَارِهَا

نہ ٿا ارادو ڪن مگر ڀڄڻ جو ۽ جيڪڏهن داخل ڪئي وڃي ها انهن تي ان جي پاسن کان

ثُمَّ سُئِلُوا الْفِتْنَةَ لَاٰتَوْهَا وَمَا تَلَبَّثُوْا بِهَا اِلَّا يَسِيْرًا (١٤)

ان کان پوءِ طلب ڪيا وڃن ها جنگ تہ البت اچن ها ان لاءِ ۽ نہ ترسن ها اتي مگر ٿوري دير

وَلَقَدْ كَانُوْا عَاهَدُوا اللّٰهَ مِنْ قَبْلُ لَا يُوَلُّوْنَ الْاَدْبَارَ ؕ وَكَانَ عَهْدُاللّٰهِ مَسْئُوْلًا (١٥)

۽ البت تحقيق عهد ڪيو هيائون الله سان اڳ ۾ تہ نہ ڦيرائيندا پٺيون ۽آهي الله جو عهد پڇا ڪيل

قُلْ لَّنْ يَّنْفَعَكُمُ الْفِرَارُ اِنْ فَرَرْتُمْ مِّنَ الْمَوْتِ اَوِالْقَتْلِ وَاِذًا لَّا

فرماءِ تہ هرگز نفعو نہ ڏيندو اوهان کي ڀڄڻ جيڪڏهن ڀڄندؤ موت کان يا قتل کان ۽ ان وقت نہ

تُمَتَّعُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا (١٦) قُلْ مَنْ ذَا الَّذِیْ يَعْصِمُكُمْ مِّنَ اللّٰهِ

نفعو ڏنا ويندؤ اوهان مگر ٿورو فرماءِ تہ ڪير آهي جيڪو بچائيندو اوهان کي الله کان

اِنْ اَرَادَ بِكُمْ سُوْٓءًا اَوْ اَرَادَ بِكُمْ رَحْمَةً ؕ وَلَا يَجِدُوْنَ

جيڪڏهن ارادوڪري اوهان کي تڪليف ڏيڻ جو ياارادو ڪري اوهان سان مهرباني۽ جوءِ نہ لهندا

لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّلَانَصِيْرًا (١٧) قَدْ يَعْلَمُ اللّٰهُ الْمُعَوِّقِيْنَ مِنْكُمْ

پنهنجي لاءِ الله کان سواءِ ڪو درست ۽ نہ ڪو مددگار تحقيق ڄاڻي ٿوالله روڪيندڙن کي اوهان مان

وَالْقَآئِلِيْنَ لِاِخْوَانِهِمْ هَلُمَّ اِلَيْنَا ۚ وَلَا يَاْتُوْنَ الْبَاْسَ اِلَّا قَلِيْلًا ۙ (١٨)

۽ چوندڙن کي پنهنجن ڀائرن لاءِ تہ اچو اسان ڏانهن ۽ نہ ٿا اچن جنگ ۾ مگر ٿورا

اَشِحَّةً عَلَيْكُمْ ۖۚ فَاِذَا جَآءَ الْخَوْفُ رَاَيْتَهُمْ يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ تَدُوْرُ

بخيلي ڪندڙ اوهان تي پوءِ جڏهن ايندو خوف تہ ڏسندؤاوهان انهن کي نهاريندا پيا اوهان ڏانهن ڦرنديون

اَعْيُنُهُمْ كَالَّذِیْ يُغْشٰی عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ ۚ فَاِذَا ذَهَبَ الْخَوْفُ

اکين انهن جون ان وانگر جو بيهوشي ڪئي وئي ان تي موت جي ڪري پوءِ جڏهن ويندو خوف تہ

سَلَقُوْكُمْ بِاَلْسِنَةٍ حِدَادٍ اَشِحَّةً عَلَى الْخَيْرِ ؕ اُولٰٓئِكَ لَمْ يُؤْمِنُوْا فَاَحْبَطَ

جلد ملندا اوهان سان تکين زبانن سان لالچ کندڙ پلائي جي انهن ايمان نہ آندو پوءِ چٽ ڪيا

اللهُ اَعْمَالَهُمْ ؕ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللهِ يَسِيْرًا (١٩) يَحْسَبُوْنَ الْاَحْزَابَ لَمْ يَذْهَبُوْا ج

الله عمل انهن جا ۽ آهي اهو الله لاءِ آسان سمجهن ٿا لشڪرن کي تہ نہ ويا

وَاِنْ يَّاْتِ الْاَحْزَابُ يَوَدُّوْا لَوْ اَنَّهُمْ بَادُوْنَ فِى الْاَعْرَابِ

۽ جيڪڏهن اچن ها لشڪر تہ پسند ڪن ها تہ جيڪڏهن اهي ويٺل هجن ها ٻهراڙين ۾

يَسْاَلُوْنَ عَنْ اَنْۢبَآئِكُمْ ؕ وَلَوْ كَانُوْا فِيْكُمْ مَّا قٰتَلُوْٓا اِلَّا قَلِيْلًا ع (٢٠)

پڇندا رهن ها اوهان جون خبرون ۽ جيڪڏهن هجن ها اوهان ۾ تہ نہ جنگ ڪن ها مگر ٿورو

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِىْ رَسُوْلِ اللهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ

البت تحقيق آهي اوهان جي لاءِ رسول الله (جي طريقي) ۾ نمونو سهڻو ان جي لاءِ جيڪو

يَرْجُوا اللهَ وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَذَكَرَ اللهَ كَثِيْرًا ط (٢١) وَلَمَّا رَاَ الْمُؤْمِنُوْنَ

اميد رکي ٿو الله ۾ ۽ قيامت جي ڏينهن ۾ ۽ ياد ڪري ٿو الله کي گهڻو ۽ جڏهن ڏٺو مومنن

الْاَحْزَابَ ۙ قَالُوْا هٰذَا مَا وَعَدَنَا اللهُ وَرَسُوْلُهٗ وَصَدَقَ اللهُ

لشڪرن کي تہ چيائون هي اهوآهي جيڪو وعدوڏنو اسان کي الله ۽ ان جي رسول ۽ سچ فرمايو الله

وَرَسُوْلُهٗ ز وَمَا زَادَهُمْ اِلَّآ اِيْمَانًا وَّتَسْلِيْمًا ط (٢٢) مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ رِجَالٌ

۽ان جي رسول ۽ نہ وڌايائين انهن کي مگر ايمان ۽ فرمانبرداري مومنن مان کي اهڙا مرد آهن جو

صَدَقُوْا مَا عَاهَدُوا اللهَ عَلَيْهِ ج فَمِنْهُمْ مَّنْ قَضٰى

سچوڪري ڏيکاريائون اهوجو وعدوڪيائون اللهسان ان تي پوءِانهن مان ڪو اهوآهي جنهن پورو ڪيو

نَحْبَهٗ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْتَظِرُ ز صلے وَمَا بَدَّلُوْا تَبْدِيْلًا ۙ (٢٣)

ذمو پنهنجو ۽ انهن مان اهو آهي جيڪو انتظار ڪري ٿو ۽ نہ مٽايائون (ڳالهہ کي ڪنهن طرح) مٽائڻ

لِّيَجْزِيَ اللهُ الصّٰدِقِيْنَ بِصِدْقِهِمْ وَيُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ اِنْ شَآءَ

تانتہ بدلوڏي الله سچن کي سندن سچي هجڻ جي سبب ۽عذاب ڪري منافقن کي جيڪڏهن گهري

اَوْ يَتُوْبَ عَلَيْهِمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۚ (٢٤) وَرَدَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

يا (توبه قبول ڪرڻ سان) موٽي انهن تي بيشڪ الله بخشڻھار، مھربان آھي ۽ موٽايو الله ڪافرن کي

بِغَيْظِهِمْ لَمْ يَنَالُوْا خَيْرًا ۭ وَكَفَى اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ الْقِتَالَ ۭ وَكَانَ اللّٰهُ قَوِيًّا

سندن ڪاوڙ سان گڏ نہ پھتا ڀلائيءَ کي ۽ ڪافي ٿيو الله مومنن لاءِ جنگ ۾ ۽ الله قوت وارو،

عَزِيْزًا ۚ (٢٥) وَاَنْزَلَ الَّذِيْنَ ظَاهَرُوْهُمْ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ صَيَاصِيْهِمْ

غالب آھي ۽ لاٿائين انھن کي جن سندن مدد ڪئي اھل ڪتاب مان سندن ڪوٽن مان

وَقَذَفَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ فَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ وَتَاْسِرُوْنَ فَرِيْقًا ۚ (٢٦)

۽ وڌائين انھن جي دلين ۾ ڏڪ ھڪ ٽولي کي ڪُٺُوَ ٿي ۽ قيد بنايو پيا ٻئي ٽولي کي

وَاَوْرَثَكُمْ اَرْضَهُمْ وَدِيَارَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ

۽ وارث بنايائين اوھان کي سندن زمين جو ۽ سندن گھرن جو ۽ سندن مالن جو

وَاَرْضًا لَّمْ تَطَئُوْهَا ۭ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرًا ۧ (٢٧)

۽ زمين جو جنھن تي اوھان پير بہ نہ گھمايا ھئا ۽ الله ھر شيءِ تي قادر آھي

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله سبحانہ پنھنجن ٻانھن کي پنھنجي خوف ۽ ٻئي ڪان نہ ڏڄڻ جو امر فرمايو ۽ ھتي پنھجن مومنن، غير ڪان نہ ڏڄندڙن تي انعام ۽ مھرباني ڪري ڪين دشمنن ڪان بچائڻ ۽ حضور پرنور عليہ الصلوٰة والسلام جي ٻين معجزن جو بيان ڪيو آھي ۽ ان جي ضمن ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان متعلق گھڻيون ھدايتون ۽ احڪام بہ آندا ويا آھن انھن ئي بي بھا ھدايتن جي سببان وڏن مفسرن احزاب جي واقعي جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آھي ۽ ھتي بہ ڪجھ لکجي ٿو.

غزوه احزاب جو واقعو

احزاب حزب جو جمع آھي جنھن جي معنىٰ آھي ٽولو يا جماعت ھن جنگ ۾ ڪافرن جي مختلف جماعتن متحد ٿي مسلمانن کي ختم ڪرڻ جو معاھدو ڪري المدينة المنورة تي چڙھائي ڪئي ھئي ان جي ڪري ھن جو اھو نالو رکيو ويو آھي ۽ جڏھن تہ ھن جنگ ۾ دشمن جي اچڻ واري رستي تي نبي ڪريم عليہ الصلوٰة

والسلام جن جي امر سان خندق کوٽي وئي هئي ان جي ڪري هن کي خندق واري جنگ بہ چوندا آهن. غزوه بنو قريظہ جيڪا غزوه احزاب کان فورًا بعد ۾ ٿي هئي ۽ مذڪوره آيتن ۾ ان جو ذڪر بہ آهي حقيقت ۾ اها بہ غزوه احزاب جو هڪ جزء آهي جيئن واقعي جي تفصيل مان معلوم ٿيندو جنهن سال رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن مڪہ مڪرمہ کان هجرت ڪري مدينہ منوره ۾ تشريف فرما ٿيا ان جي ٻئي سال ۾ غزوه بدر جو واقعو پيش آيو ٽئين سال ۾ غزوه اُحد تہ چوٿين سال ۾ هي غزوه احزاب ٿي ۽ بعضي روايتن ۾ ان کي پڇين سال جو واقعو قرار ڏنو ويو آهي بهر صورت هجرت جي ابتداء کان وٺي هن وقت تائين مسلمانن تي ڪافرن جا مسلسل حملا ٿيندا رهيا ۽ غزوه احزاب جو حملو وڏي ڀرپور طاقت، قوت، پڪي عزم، عهد ۽ ميثاق سان ڪيو ويو هو ان ڪري حضور عليہ الصلوٰة والسلام ۽ اصحاب ڪرام رضي الله عنهم تي هيءَ جنگ ٻين سڀني جنگين کان زياده شديد هئي ڇو تہ ان ۾ حملو ڪندڙن ڪافرن جي لشڪر جو تعداد ٻارهن هزارن (١٢٠٠٠) کان پندرهن هزارن (١٥٠٠٠) تائين بيان ڪيو ويو آهي ۽ مسلمانن جو تعداد ٽي هزار (٣٠٠٠) هو سو بہ هٿيارن ۽ سامان سان ڀريل نہ هو سخت سرديءَ جو زمانو هو. قرآن ڪريم هن واقعي جي صورت هيئن بيان فرمائي آهي. "زَاغَتِ الْاَبْصَارُ" (اکيون ٽڙي بيٺيون) "بَلَغَتِ الْقُلُوْبُ الْحَنَاجِرَ" (دليون نرگهٽن کي پهتيون) ۽ "زُلْزِلُوْا زِلْزَالًا شَدِيْدًا" (سخت زلزلي ۾ وڌا ويا) پر جيئن جو هي وقت مسلمانن تي سڀ کان زياده سخت هو تيئن الله جل شانہ جي خصوصي عنايت ۽ امداد سان ان جو انجام مسلمانن جي حق ۾ اهڙي عظيم فتح ۽ ڪاميابيءَ جي صورت ۾ سامهون آيو جو ان سڀني مخالفن ٽولن مشرڪن، يهودين ۽ منافقن جون چيلهيون ٽوڙي وڌيون ۽ اڳتي لاءِ انهن کي ان جي لائق نہ ڇڏيو جو اهي مسلمانن تي ڪنهن حملي جو ارادو ڪري سگهن ان لحاظ سان هيءَ جنگ ڪفر ۽ اسلام جو آخري معرڪہ هو جيڪو مدينہ منوره جي سرزمين تي هجرت جي چوٿين يا پنجين سال وڙهيو ويو. هن واقعي جي ابتداءَ هتان ٿي تہ يهودين جي قبيلي بني نضير ۽ قبيلي ابو وائل جا تقريبًا ويهہ (٢٠) ماڻهو جيڪي رسول الله صلى الله عليہ وسلم ۽ مسلمانن سان سخت عداوت رکندا هئا مڪہ مڪرمہ ۾ پهتا ۽ قريشي سردارن سان ملاقات ڪري انهن کي مسلمانن سان جنگ جي لاءِ تيار ڪيائون. قريشي سردار سمجهندا هئا تہ جيئن مسلمان اسان جي بت پرستيءَ کي ڪفر سمجهن ٿا تيئن يهودين جو بہ اهو خيال هوندو انهن ان اتحاد ۽ اتفاق مان ڪهڙي اميد رکي وڃي ان جي ڪري انهن يهودين کان سوال ڪيو تہ اوهان ڇاڻو ٿا

ته اسان ۾ ۽ (حضرت) محمد (صلی الله عليه وسلم) ۾ دين ۽ مذهب جو اختلاف آهي ۽ اوهان اهل ڪتاب ۽ اهل علم آهيو اول ته اسان کي اهو ٻڌايو ته اوهان وٽ اسان جو دين بهتر آهي يا ان جو؟ انهن يهودين پنهنجي علم ۽ ضمير جي بالڪل خلاف انهن کي هي جواب ڏنو ته اوهان جو دين ان جي دين کان ڀلو آهي. اهو ٻڌي قريشي سردار ڪجهه مطمئن ٿيا مگر ان هوندي به معاملو هيئن طي ٿيو ته ويهه ماڻهو يهودين مان ۽ پنجاهه ماڻهو قريشي سردارن جا مسجد حرام ۾ وڃي بيت الله جي پٽين سان سينو لڳائي الله جل شانه جي بيت ۾ هي عهد ڪن ته اسان مان جيستائين هڪ ماڻهو به جيئرو رهندو ته (حضرت) محمد (صلی الله عليه وسلم) جي خلاف جنگ ڪندو رهندو. مڪه مڪرمه جي قريشي سردارن سان اهو عهد ڪرڻ کان پوءِ اهي يهودي عرب جي هڪ وڏي ۽ جنگجو قبيلي غطفان وٽ آيا ۽ انهن کي ٻڌايائون ته اسين ۽ مڪه مڪرمه جا رهاڪو قريشي سردار ان تي متفق ٿي ويا آهيون ته سيئي هڪ ٻيرو ملي هن نئين دين جي پکڙجڻ کي ختم ڪنداسون اوهان به ان تي اسان سان معاهدو ڪيو ۽ انهن کي خيبر ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ سال جي پوري کجور ۽ هڪ روايت موجب ان جو اڌ انعام ۾ ڏيندا قبيلي غطفان جي سردار عُيينه بن حصن ان شرط سان ساڻن شريڪ ٿيڻ قبول ڪيو پروگرام جي مطابق مڪه مڪرمه مان چئن هزارن جوانن جو لشڪر سوءِ گهوڙن ۽ هڪ هزار اٺن جي سامان سان ابوسفيان جي قيادت ۾ نڪتو ۽ مَرُالظهران نالي جاءِ تي منزل انداز ٿيو ۽ اتي انهن سان اسلم، اشجع، نيومره، بنو ڪنانه، فزاره ۽ غطفان قبيلن جا ماڻهو به شامل ٿي ويا جن جو مجموعي تعداد بعضي روايتن ۾ ڏهه ۽ بعض ۾ ٻارهن ۽ بعض ۾ پندرهن هزار بيان ڪيو ويو آهي.

مدينه منوره تي سڀ کان وڏو حملو

غزوه بدر ۾ مسلمانن جي مقابلي ۾ اچڻ وارو لشڪر هڪ هزار هو ۽ غزوه احد ۾ حملي ڪرڻ وارو لشڪر ٽن هزارن جو هو ۽ غزوه احزاب ۾ آيل لشڪر جو تعداد ۽ سندن سامان به وڌيڪ هو ۽ سمورن عرب قبيلن ۽ يهودين جو اتحاد طاقت به هئي. سيدنا رسول الله صلی الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ جڏهن اهي سڀ ڳالهيون عرض ڪيون ويون ته سندن زبان مبارڪ تي سڀ کان پهريون جيڪو جملو آيو سو هو "حَسْبُنَا اللهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ" يعني اسان جي لاءِ الله ڪافي آهي ۽ (اهو ئي) ڀلو ڪارساز آهي، ان کان پوءِ پاڻ مهاجرن ۽ انصارن اصحابن کي گڏ ڪري انهن سان

مشورو ڪيائون جيتوڻيڪ وحي جي صاحب عليــه الصلوٰة والسلام ڪي مشوري جي ضرورت ناهي جو پاڻ سڌو الله تعاليٰ جي اذن ۽ اجازت سان ڪم ڪندا آهن پر مشوره ڪرڻ ۾ ٻه فائدا هوندا آهن ١: امت جي لاءِ مشوري ڪرڻ جي سنت جاري ڪرڻ. ٢: مومنن جي دلين ۾ هڪ ٻئي سان ربط ۽ اتحاد جي تجديد. تعاون ۽ مدد ڪرڻ جو جذبو پيدا ڪرڻ ان ڪان بعد دفاع ۽ جنگ جي مادي وسائل تي غور ڪيو ويو ان مشوره جي مجلس ۾ حضرت سلمان فارسي رضي الله عنـــه بہ شامل هو جيڪو ان ويجهي وقت ۾ هڪ يهوديءَ جي مصنوعي غلاميءَ ڪان نجات حاصل ڪري اسلامي خدمتن جي لاءِ تيار ٿيو هو. ان اتي اهو مشوره عرض ڪيو تہ اسان جي فارس ملڪ جا بادشاه اهڙين حالتن ۾ دشمن جي حملي ڪي روڪڻ جي لاءِ خندق کوٽي انهن جو رستو روڪيندا آهن سيدنا رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن ان جو اهو مشورو قبول ڪري خندق کوٽڻ جو حڪم ڏنو ۽ پاڻ بنفس نفيس بہ ان ڪم ۾ شريڪ رهيا.

خندق جي کوٽائي

هيءَ خندق سلع جبل جي پويان سڄي رستي جي ڊيگهہ تي کوٽڻ جو پروگرام طي ڪيو ويو هو جتان مدينـــه منوره جي شمال واري پاسي ڪان دشمن اچي سگهيا ٿي ان خندق جي ڊيگهہ ۽ ويڪر وارو ليڪو رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جن پاڻ ڪڍيو هو هيءَ خندق شيخين ڪان شروع ٿي سلع جبل جي اولهہ واري ڪنڊ تائين آئي ۽ بعد ۾ ان ڪي وڌائي بطحان ۽ راتونا وادين جي اتصال تائين پهچايو ويو ان خندق جي سموري ڊيگهہ تقريبًا ساڍا ٽي ميل هئي ويڪر ۽ اونهائي جو صحيح مقدار ڪنهن روايت سان معلوم نہ ٿيو آهي پر اهو ظاهر آهي تہ ويڪر ۽ اونهائي بہ چڱي خاصي هوندي جنهن ڪي عبور ڪرڻ دشمن جي لاءِ آسان نہ هوندو حضرت سلمان فارسي رضي الله عنـه جي باري ۾ آيو آهي تہ پاڻ هر روز پنج گز ڊيگهہ ۾ ۽ پنج گز ويڪر ۾ خندق کوٽيندو هو جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ خندق پنج گز اونهي هئي.

مسلمانن جي لشڪر جو تعداد

ان وقت مسلمانن جي لشڪر جو تعداد ڪل ٣ هزار هو ۽ انهن وٽ صرف ڇٽيهہ گهوڙا هئا.

بلوغت جي عمر پندرهن سال قرار ڏني وئي

اسلامي لشڪر ۾ ڪجهہ نابالغ ڇوڪرا بہ پنهنجي ايماني جوش سان نڪري آيا هئا پر رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جن انهن ڇوڪرن ڪي واپس ڪري ڇڏيو جن

جي عمر پندرهن سالن کان گهٽ هئي پر پندرهن سالن جي عمر وارا نوجوان شامل ڪيائون جن ۾ حضرت عبدالله بن عمر، حضرت زيد بن ثابت، حضرت ابوسعيد خدري، حضرت براءَ بن عازب رضي الله عنهم شامل آهن جنهن وقت هي اسلامي لشڪر مقابلي ڪرڻ جي لاءِ روانو ٿيڻ لڳو ته جيڪي منافق مسلمانن سان مليل جُليل هئا اهي سرڪڻ لڳا ڪي لڪي هليا ويا ته ڪي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن سان ڪوڙا عذر پيش ڪرڻ لڳا ۽ ڪانئن اجازت گهريائون ۽ اها مسلمانن جي لاءِ هڪ نئين آفت ظاهر ٿي مذڪور الصدر آيتن ۾ انهن ئي منافقن جي متعلق ڀتي آيتون نازل ٿيون.

قبائلي ۽ نسبي قوميتن جو انتظامي معاشرتي امتياز، اسلامي وحدت ۽ قوميت جي منافي ناهي

رسول الله صلى الله عليه وسلم جن ان جهاد جي لاءِ مهاجرن جو جهنڊو حضرت زيد بن حارثه رضي الله عنه جي سپرد فرمايو ۽ انصارن جو جهنڊو حضرت سعد بن عباده رضي الله عنه جي حوالي ڪيوان وقت مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ مواخات (هڪ ٻئي جو ڀاءُ هجڻ) وارو تعلق نهايت مضبوط ۽ مستحڪم بنيادن تي قائم ٿي چڪو هو ۽ سيئي ڀائر هئا مگر انتظامي سهوليت جي لاءِ مهاجرن جي قيادت جدا ۽ انصارن جي جدا ڪئي وئي. ان مان معلوم ٿيو ته اسلامي قوميت ۽ اسلامي وحدت انتظامي ۽ معاشرتي تقسيم جي منافي ناهي بلڪ هر جماعت تي ذميداريءَ جو بار وجهڻ سان هڪ ٻئي جي اعتماد، تعاون ۽ مدد ڪرڻ کي تقويت پهچي ٿي ۽ هن جنگ جي سڀ کان پهرئين ڪم يعني خندق کوٽڻ ۾ ان مدد ۽ تعاون جو هن طرح اظهار ڪيو ويو ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن وري لشڪر جي مهاجرن ۽ انصارن کي ڏهن ڏهن جي ٽولين ۾ تقسيم ڪري هر ڏهن ماڻهن کي چاليهه گز خندق کوٽڻ جو ذميدار بنايو حضرت سلمان فارسي جڏهن ته خندق کوٽڻ جو مشوره ڏيندڙ ۽ ڪم کان واقف ۽ مضبوط ماڻهو هو ۽ نه انصارن مان هو ۽ نه مهاجرن مان ته ان جي متعلق انصارن ۽ مهاجرن ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي فضا پيدا ٿي وئي انصارن ان کي پاڻ سان شامل ڪرڻ ٿي گهريو ته مهاجرن پاڻ سان تان جو رسول الله صلى الله عليه وسلم جن مداخلت ڪندي فرمايو "سَلْمَانُ مِنَّا اَهْلِ الْبَيْتِ" سلمان اسان اهل بيت مان آهي.

ڪم جي صلاحيت ۾ ملڪي ۽ غير ملڪي مقامي ۽ بيروني ۽ جو امتياز

هلندڙ دور ۾ دنيا جا ماڻهو غير ملڪي ۽ غير مقامي ماڻهوءَ کي پنهنجي برابر جو درجو ڏيڻ پسند نہ ٿا ڪن پر غزوه احزاب جي دوران هر فريق مهاجر توڙي انصار صلاحيت واري غير ملڪيءَ کي بہ پاڻ سان شامل ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪري رهيا هئا ان جي ڪري رسول الله صلی الله عليـه وسلم جن حضرت سلمان فارسيءَ رضي الله عنـه کي پنهنجي اهل بيت ۾ داخل ڪري ڇڪتاڻ کي ختم ڪرايو ۽ عملي طور تي ڪجھ انصار ۽ ڪجھ مهاجر شامل ڪري ڏهن ڏهن جي ٽولي ٺاهي جنهن ۾ حضرت عمروبن عوف ۽ حذيفـه وغيره مهاجرن مان هئا.

هڪ عظيم معجزو

اتفاق سان جيڪو خندق جو حصو حضرت سلمان فارسي وغيره رضي الله عنہ جي حوالي هو ان ۾ هڪ سخت قسم جو وڏو پٿر اچي ويو حضرت سلمان فارسيءَ جو ساٿي حضرت عمروبن عوف رضي الله عنـــه جو فرمان آهي تہ ان وڏي پٿر اسان جا اوزار ڀڃي وڌا ۽ اسين ان کي ڀڃڻ کان عاجز ٿي پياسين ۽ مون حضرت سلمان فارسيءَ کي چيو تہ ”جيتوڻيڪ هيئن بہ ٿي سگهي ٿو جو اسين ان وڏي ۽ سخت پٿر کان هٽي خندق کوٽي ۽ ٿورو وڪڙ ڏياري ان کي اصل خندق سان ملائي ڇڏيون مگر رسول الله صلی الله عليـــه وسلم جن جي ڪڍيل ليڪي کان پنهنجي راءِ سان انحراف ڪرڻ نہ گهرجي تون حضور عليـه الصلوٰة والسلام جن سان رابطو ڪري هن جي متعلق سندن حڪم حاصل ڪري وٺ تہ هاڻي ڇا ڪيون؟

حضرت سلمان فارسي رضي الله عنـہ حضور صلی الله عليـــه وسلم جي خدمت ۾ حاضر ٿي سمورو واقعو عرض ڪيو ان وقت حضور عليـــه الصلوٰة والسلام جن بذات خود پنهنجي حصي ۾ ڪم ڪري رهيا هئا ۽ خندق جي مٽيءَ کي پري ڪرڻ ۾ مصروف هئا حضرت براءَ بن عازب رضي الله عنـــه جو فرمان آهي تہ مون ڪين ڏٺو تہ سندن پاڪ جسم مڪمل مٽيءَ سان ڍڪيل هو ۽ سندن جسم اقدس مان پٺيءَ يا پيٽ مبارڪ جي ڪل بہ نظر نہ ٿي آئي حضرت سلمان فارسي رضي الله عنـــه جو عرض ٻڌي ڪنهن مشوره ڏيڻ يا حڪم ڪرڻ جي بجاءِ پاڻ ان سان گڏجي ان وڏي سخت پٿر وٽ تشريف فرما ٿيا ۽ انهن ڏهن اصحابن کان ڪوڏر وٺي پنهنجي هٿ مبارڪ سان ان پٿر کي ڏڪ هڻي هيءَ آيت مبارڪـه ”وَتَمَّتْ كَلِمَةُ رَبِّكَ صِدْقًا“ (۽ تنهنجي

رب جي نعمت سچائيءَ سان پوري ٿي) پڙهيائون تہ ان جو هڪ حصو ٽٽي پيو ۽ ان مان ان وقت هڪ نور جي تجلي نڪتي ان کان پوءِ پاڻ ٻيو ڌڪ هنيائون ۽ آيت مذڪوره سان آخري لفظ "وَعَدۡلًا" بہ ملائي پڙهيائون تہ ٻيو حصو بہ ٽٽي ڪري پيو ۽ اهڙي طرح وري بہ روشني نڪتي ٽيون ڀيرو بہ ساڳي آيت پڙهي ڌڪ هنيائونس تہ رهيل پٿر بہ ذرا ذرا ٿي ويو ۽ پاڻ خندق کان ٻاهر تشريف فرما ٿيا ۽ پنهنجي چادر مبارڪ جيڪا خندق جي ڪناري تي رکي اندر گهڙيا هئا اها کڻي پاسي تي ٿي ويٺا ان وقت حضرت سلمان فارسي رضي الله عنـه کين عرض ڪيو تہ اوهان جي هرهڪ ڌڪ سان مون روشني نڪرندي ڏٺي پاڻ تاڪيد طور پڇيائونس تہ تو واقعي ڏٺي؟ ان عرض ڪيو تہ: يارسول الله صلى الله عليـــه وسلم مون اکين سان ڏٺي هئي. پاڻ فرمايائون تہ "مون پهرين روشنيءَ سان يمن ۽ ڪسرىٰ جي شهرن جا محلات ڏٺا ۽ جبريل امين مون کي عرض ڪيو تہ "اوهان جي امت انهن شهرن کي فتح ڪندي ۽ ٻئي ڌڪ سان نڪرندڙ روشنيءَ ۾ مون رومين جا ڳاڙها محل ڏٺا ۽ جبريل امين اها خوشخبري ڏني تہ اوهان جي امت انهن شهرن کي بہ فتح ڪندي" اهو سندن مبارڪ ارشاد ٻڌي سڀ مسلمان مطمئن ٿيا ۽ کين آينده جي لاءِ عظيم الشان فتوحات حاصل ٿيڻ جو يقين ٿيو.

منافقن جي طعنہ زني ۽

مسلمانن جو بي مثال يقين ۽ ايمان

ان وقت جيڪي منافق بادل نخواستـــه خندق جي کوٽڻ ۾ شامل هئا اهي سچن ۽ پڪن مسلمانن کي چوڻ لڳا تہ "اوهان کي (حضرت) محمد (صلى الله عليـــه وسلم) جي ڳالهين تي حيرت ۽ عجب نہ ٿو لڳي اهو اوهان کي ڪيئن باطل ۽ بي بنياد ڳالهيون ٻڌائي رهيو آهي تہ مدينـــه منوره ۾ اونهي خندق جي گهرائيءَ اندر ان کي حيرة نالي شهر ۽ مدائن ڪسرىٰ جا محلات نظر اچي رهيا آهن ۽ اهو بہ بيان ڪري رهيو آهي تہ اوهان انهن کي فتح ڪندؤ ذرا پنهنجي حال کي تہ ڏسو تہ اوهان کي پنهنجي جسم جو حال بہ معلوم ناهي پيشاب ۽ پائخاني ڪرڻ جيتري بہ مهلت ناهي ان حال ۾ اوهان ڪسرىٰ وغيره جي ملڪ کي فتح ڪندؤ. منافقن جو اهو احوال بہ مذڪوره آيتن ۾ آيل آهي پر اصحاب ڪرام رضي الله عنهم پنهنجي همت ڪامل يقين سان محنت ڪري ساڍا ٣١ ميل ڊگهي خندق ڇهن ڏينهن ۾ تيار ڪري ويا.

حضرت جابر رضي الله عنه جي دعوت وارو معجزو

انهيءَ خندق جي کوٽڻ دوران هي مشهور معجزو ظاهر ٿيو جو هڪ ڏينهن حضرت جابر رضي الله عنه حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جن تي بک جا آثار ڏسي پنهنجيءَ گهرواريءَ کي وڃي چيائين ته جيڪڏهن تو وٽ ڪجهه آهي ته رڌي تيار ڪر مان نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کي بک ۾ ڏسي سهي نه ٿو سگهان. سندس اهليه عرض ڪيو ته گهر ۾ ڪجهه جَوَ پيل آهن اهي پيهين ٿي وٺان. اها جَوَ پيهڻ لڳي ۽ حضرت جابر رضي الله عنه گهر ۾ بيٺل هڪ ڇيلو ڪهي ان جو گوشت تيار ڪري حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جن کي وٺي اچڻ لاءِ گهر مان نڪرڻ لڳو ته گهرواريءَ سڌي چيس خيال ڪجان حضور عليه الصلوٰة والسلام جن سان اصحاب سڀورا گهڻا گڏ هوندا ڪو طريقو اختيار ڪري صرف حضور عليه الصلوٰة والسلام اڪيلي کي وٺي اچجان نه ته خواري ٿيندي. حضرت جابر رضي الله عنه سموري حقيقت حضور عليه الصلوٰة والسلام جن کي ٻڌائي ته ڪاڌو صرف ايترو آهي پر پاڻ پوري لشڪر ۾ اعلان ڪرايائون ته سڀ هلو اڄ جابر جي گهر دعوت آهي حضرت جابر خاموش مگر حيران رهيو گهر پهتو ته سندس اهليه سخت پريشانيءَ جو اظهار ڪيو ۽ حضرت جابر کان پڇيائين ته تو حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام کي سموري حقيقت ٻڌائي هئي؟ حضرت جابر فرمايو ته: "هائو بلڪل مون کين سڀ ڪجهه عرض ڪيو آهي" اهو ٻڌي بيبي صاحبه مطمئن ٿي ته هاڻي اسان کي ڪو فڪر ناهي حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن مرضيءَ جا مالڪ آهن جيئن گهرن تيئن ڪن پوءِ حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن آيا ۽ ڀاڄي پنهنجي پاڪن هٿن سان سيني کي ڏئي ڪارائڻ جو انتظام ڪيائون ۽ سڀني ڍؤ ڪري ڪاڌو ۽ حضرت جابر رضي الله عنه فرمايو ته سيني جي کائڻ کان پوءِ به نه اسان جي هنديءَ مان گوشت گهٽيو ۽ نه ڳوهيل اٽي ۾ ڪا کوٽ محسوس ٿي اسان سيني گهروارن به پيٽ ڀري ڪاڌو ۽ باقي بچيل ڪاڌو پاڙي وارن ۾ ورهايو. علامه يوسف نبهاني عليه الرحمة حضرت ڪعب بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن ان دعوت ۾ شريڪ ٿيندڙن کي فرمايو هو ته: گوشت کائي هڏا هڪ جاءِ تي رکندا وڃو جڏهن دعوت کائي سڀ فارغ ٿيا ته پاڻ ان هڏن تي هٿ رکي ڪجهه الفاظ چيائون جيڪي ٻڌڻ ۾ نه آيا ۽ اهو ڇيلو جيئرو ٿي پيو پاڻ حضرت جابر کي فرمايائون ته "هي ڪاهي وڃ" حضرت جابر ڪاهي آيو ته سندس گهرواريءَ ڏسي پڇيو

هي ڇا آهي؟ حضرت جابر ٻڌايس تہ: اسان وارو ڪٺل ڇيلو حضور عليه الصلوٰة والسلام جي دعا سان زنده ٿيو آهي ان هڪدم چيو تہ "اَشْهَدُ اَنَّـــهٗ رَسُوْلُ اللهِ" مان شاهدي ٿي ڏيان تہ بلاشڪ اهو الله جو رسول آهي (١) جڏهن ڇهن ڏينهن ۾ خندق جي کوٽائي ختم ٿي تہ ڪافرن جو لشڪر اچي پهتو ۽ حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن ۽ اصحاب ڪرام سلع جبل ڏانهن پٺي ڪري پنهنجي لشڪر جي صف بندي ڪرائي.

بنو قريظہ جي يهودين عهد ٽوڙي ڪافرن جي آيل لشڪر سان ساٿ ڏنو

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ انهيءَ وقت ڏهن ٻارهن هزارن جي باسامان لشڪر سان ٽن هزارن جي بي سروسامان لشڪر جو مقابلو ڪرڻ بہ عقل ۽ قياس ۾ اچڻ کان مٿي هو پر ان ۾ نئون اضافو اهو ٿيو جو ان ڪافر لشڪر ۾ شامل بنونضير قبيلي جي سردار حيي بن اخطب جنهن سيني کي رسول الله صلى الله عليہ وسلم ۽ مسلمانن جي دشمنيءَ ۾ جمع ڪيو هو ان مدينہ منوره ۾ پهچي يهودين جي قبيلي بني قريظــہ کي بہ پاڻ سان ملائڻ جو منصوبو ٺاهيو. حالانڪ بني قريظــہ ۽ حضور پرنور عليــہ الصلوٰة والسلام جي وچ ۾ هڪ صلحنامــہ تي دستخط ٿي چڪا هئا ۽ معاهدي مڪمل هجڻ جي ڪري هڪ ٻئي کان بي فڪر هئا حُيي بن اخطب بني قريظـــہ جي سردار ڪعب بن اسد وٽ پهتو جڏهن ڪعب کي ان جي اچڻ جي خبر پئي تہ پنهنجي قلعي جو دوازو بند ڪرائي ڇڏيائين تانت حيي بن اخطب ان تائين نہ پهچي پر حُيي بن اخطب ٻاهران سڏيندو رهيو ۽ دراوزي کولڻ جي لاءِ چوندو رهيو ڪعب بن اسد چيس تہ اسين (حضرت) محمد (صلى الله عليـــہ وسلم) سان صلح ڪري چڪا آهيون ۽ اڄ تائين اسان ان جي طرفان معاهدي جي پابندي، صدق ۽ سچائيءَ کان سواءِ ڪجهہ نہ ڏٺو آهي ان جي ڪري اسين ان معاهدي جا پابند آهيون اوهان سان نہ ٿا هلي سگهون اهو دير تائين دروازي کولڻ ۽ ڳالهيون ڪرڻ جي لاءِ چوندو رهيو ۽ هو جواب ڏيندو رهيو مگر نيٺ ان کي مجبور ڪري دروازو کولايائين ۽ حيي بن اخطب ان کي ملي کيس اهڙا سرسبز باغ ڏيکاريا جو نيٺ اهو سندس ڳالهين ۾ اچي ويو ۽ ڪافرن جي لشڪر سان گڏ ٿيڻ جو وعدو ڪيائين ۽ جڏهن ڪعب بن اسد اها ڳالهہ پنهنجي قبيلي جي ٻين سردارن کي ٻڌائي تہ سيني چيس تہ تو تہ غضب ڪري ڇڏيو جو هرويرو مسلمانن سان عهد شڪني ڪيئي ۽ پاڻ کي خطري ۾ وجهي ڇڏيئي ڪعب بہ

(١) حجة الله على العالمين ص٤٢٢ـ

انهن جي ڳالهين کان متاثر ٿيو ۽ پنهنجيءَ غلطيءَ تي پشيمان رهيو پر هاڻي ڳالهہ ان جي قبضي کان نڪري چڪي هئي ۽ نيٺ اهو ئي وعدو ٽوڙڻ سندس قبيلي جي هلاڪت ۽ بربادي‌ءَ جو سبب بڻيو جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو ۽ اها خبر جڏهن حضور عليہ الصلوٰة والسلام ۽ اصحابن سڳورن ٻڌي تہ کين ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ان فڪر ۾ پئجي ويا تہ ٻاهرين کي روڪڻ جي لاءِ تہ خندق کوٽي وئي آهي پر هي تہ اندر شهر ۾آهن انهن جو مقابلو ڪيئن ڪجي. ان حقيقت کي معلوم ڪرڻ لاءِ حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن اوس قبيلي جي سردار حضرت سعدبن معاذ ۽ خزرج قبيلي جي سردار حضرت سعد بن عباده کي وفد جي صورت ۾ ڪعب ڏانهن ڳالهين ڪرڻ جي لاءِ موڪليو ۽ کين هي‌ءَ هدايت ڪئي تہ جيڪڏهن عهد ٽوڙڻ جي ڳالهہ ڪوڙي هجي تہ سيني اصحابن جي اڳيان کولي بيان ڪجو ۽ جيڪڏهن سچي هجي تہ اهڙي نموني ڳالهائجو جوصرف اسين سمجهون عام مسلمانن ۾ پريشاني پيدا نہ ٿئي هي ٻئي سعد نالي بزرگ اتي پهتا ڳالهہ صحيح نڪتي ڪعب سان سخت ڪلامي بہ ٿي موٽي اچي سمورو احوال حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن کي لڪل نموني ٻڌايائون بنو قريظہ قبيلي وارن مخالفت ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ ڪي وري بهانا بنائي ڀڄڻ لڳا. ۽ جنگ جي اها حالت هئي جو خندق جي ڪري ڪافرن جو گڏيل لشڪر اندر اچي نہ پيو سگهي ۽ ان جي ٻئي پاسي مسلمانن جو لشڪر هو ۽ ٻنهي ۾ هڪ ئي وقت تيرن هڻڻ جو سلسلو شروع هو ۽ ان حال ۾ تقريبًا هڪ مهينو گذري ويو نہ ڪا ڪلي فيصلو ڪندڙ جنگ ٿي ۽ نہ ڪنهن وقت بي فڪر رهيا رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن ۽ اصحاب سڳورا رات ڏينهن ان جي حفاظت ۾ رهيا جيتوڻيڪ پاڻ بہ تڪليف ۾ هئا پر اصحابن سڳورن جو تڪليف ۾ هجڻ کين سيني کان ڏکيو ٿي لڳو.

رسول الله صلى الله عليه وسلم جن

جي هڪ جنگي تدبير

حضرت نبي ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام جن کي اها خبر هئي تہ غطفان قبيلي جي رئيس يهودين سان اتحاد خيبر جي ڪجور ۽ ميون ملڻ جي دلاسي تي ڪيو آهي ان جي ڪري پاڻ غطفان قبيلي جي ٻين ٻن سردارن عيينہ بن حصن ۽ ابوالحارث بن عمرو ڏانهن قاصد موڪليائون تہ اسين اوهان کي مدينہ منوره جي ميون جو ٽيون حصو ڏينداسون جيڪڏهن اوهان پنهنجن ساٿين کي وٺي ميدان مان نڪري هليا وڃو گفتگو هلائيندي اهي ٻئي سردار راضي ٿي چڪا هئا ۽ عنقريب ان صلح جي معاهدي

تي دستخط ٿيڻ وارا هئا ته پاڻ ڪريمن عليـــه الصلوٰة والسلام جن پنهنجي دستور مطابق ارادو فرمايو ته اصحابن سڳورن سان ان معاملي ۾ صلاح مشورو ڪن ۽ آوس ۽ خزرج قبيلن جي ٻن بزرگن سعدين يعني سعد بن عباده ۽ سعد بن معاذ کي سڏي انهن سان به مشورو ڪرڻ فرمايائون ٻنهي سندن خدمت ۾ عرض ڪيو ته يارسول الله! جيڪڏهن اوهان کي ان ڪم جي لاءِ الله جل شانـــه جي طرفان حڪم ٿيو آهي ته اسان جي ڪچڻ جي جاءِ ناهي اسين قبول ڪنداسون يا اوهان اسان جي تڪليف ۽ مشقت کا بچاءِ لاءِ هيءَ تدبير اختيار فرمائي آهي پاڻ فرمايائون ته "اوهان چئني طرفن کان انهن جي گهيري ۾ آهيو ان جي ڪري مون ارادو ڪيو ته ان طريقي سان انهن جي طاقت کي ٽوڙيو وڃي" حضرت سعد بن معاذ رضي الله عنـه عرض ڪيو ته يارسول الله! اسين جنهن وقت بت پرست هئاسون نه الله جل شانـــه کي سڃاڻندا هئاسون ۽ نه ان جي عبادت ڪندا هئاسون ان وقت به انهن يهودين کي اسان جي شهر جي ميون ۾ هڪ داڻي جي طمع رکڻ جي همت نه هئي ان کان سواءِ جو اهي اسان جا مهمان تي اچن ۽ ان لحاظ سان اسين انهن کي ڪجهه کارايون يا اهي اسان کان خريد ڪري وڃن هاڻي جڏهن الله تعالىٰ اسان کي پنهنجي معرفت عطا ڪئي آهي ۽ اسلام جي اعزاز سان نوازيو آهي ڇا اسين پنهنجا مال ۽ ميوا انهن کي ڏئي ڇڏينداسون؟ اسان کي انهن سان صلح جي ڪا ضرورت ناهي اسين انهن کي تلوار کان سواءِ ڪجهه نه ڏينداسون تان جو الله جل شانـــه اسان ۽ انهن ۾ فيصلو فرمائي. نبي پاڪ عليـــه الصلوٰة والسلام جن حضرت سعد رضي الله عنـــه جي مضبوطي ۽ ايماني غيرت کي ڏسي اهو پروگرام ملتوي ڪري ڇڏيو ۽ فرمايائون ته "اوهان کي اختيار آهي جيئن وڻيو تيئن ڪيو" حضرت سعد اهو صلحنامي وارو ڪاغذ انهن کان وٺي لڪت ميٽي ڇڏي جو ته اڃان ان تي دستخط نه ٿيا هئا غطفان قبيلي جي سردارن عيينـــه ۽ حارث جيڪي صلح جي لاءِ تيار ٿي آيا هئا ۽ ان مجلس ۾ موجود هئا اصحاب ڪرام جي هيءَ قوت ۽ شدت ڏسي پنهنجي دلين ۾ پاڻ ئي پريشان ٿي ويا.

حضرت سعد بن معاذ جو اُنَ جنگ ۾ زخمي ٿيڻ ۽ ان جي دعا

هوڏانهن خندق جي ٻنهي طرفن کان تير اندازي ۽ پٿراءَ جو سلسلو جاري هو حضرت سعد بن معاذ رضي الله عنـه بني حارثـــه جي قلعي ۾ جتي عورتن کي محفوظ ڪيو ويو هو پنهنجي ماءَ ڏانهن ويو هو ته سندس والده کيس جلد واپس وڃي حضور

پرنور عليه الصلوٰة والسلام جي لشڪر ۾ شريڪ ٿيڻ جو تاڪيد ڪيو سيده عائشه رضي الله عنها ڪان روايت آهي ته ان وقت ان قلعي ۾ مان ٻـه هيس ۽ اجان پردي جو حڪم نازل نـه ٿيو هو مون ڏٺو ته حضرت سعد ڪي هڪ ننڍي زرهه پاتل هئي جنهن مان ان جا هٿ ٻاهر نڪتل هئا. مون سندس والده کي چيو ته سعد کي وڏي زرهه هجي ها ته بهتر هو مون کي ان جي هٿن ۽ پيرن تي ڌڪن لڳڻ جو خطرو محسوس ٿي رهيو آهي ته سندس والده فرمايو خطري جي ڪا ڳالهه ناهي جيڪو ڪجهه الله تعالىٰ کي منظور هوندو اهو ٿي ٿيندو حضرت سعد جڏهن اتاهين نڪري پنهنجي لشڪر وٽ پهتو ته ان کي اهڙو تير لڳو جنهن سندس رڳون ڪٽي وڌيون ۽ پاڻ ان وقت هيءَ دعا گهريائين ته ياالله! جيڪڏهن آينده به قريشين جي طرفان رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي مثان ڪو حملو مقدر آهي ته مون کي ان لاءِ زنده رک ڇو ته ان ڪان وڌيڪ منهنجي ڪا تمنا ناهي ته مان ان قوم سان جنگ ڪيان جن رسول الله صلى الله عليه وسلم کي ايذاءُ پهچائي ڪين وطن ڪان ڪڍيو، ڪين ڪوڙو چيو ۽ جيڪڏهن تنهنجي علم ۾ اهو جنگ جو سلسلو آينده جي لاءِ ختم آهي ته پوءِ مون کي شهادت جو موت نصيب ڪر مگر اهو به تيستائين نـه اچي جيستائين بني قريظه جي يهودين کان سندن غداريءَ جو انتقام وٺي اکيون نـه ٺاريان. الله جل شانه سندس اهي ٻئي دعائون قبول فرمايون. ان احزاب جي واقعي کي ڪافرن جو آخري حملو بنايو ۽ ان ڪان بعد مسلمانن جي فتوحات جو دور شروع ٿيو پهريان خيبر، پوءِ مڪه مڪرمه ۽ پوءِ ٻيا شهر فتح ٿيا ۽ بنو قريظه جو واقعو اهڙي اچي ٿو ته اهي گرفتار ڪري آندا ويا ۽ سندن فيصلي جو معاملو حضرت سعد بن معاذ رضي الله عنه جي حوالي ڪيو ويو جنهن جي فيصلي مطابق انهن جا نوجوان قتل ڪيا ويا ۽ عورتون ۽ ٻار قيدي بنايا ويا. ان واقعي ۾ رسول الله صلى لله عليه وسلم جن ۽ اصحاب ڪرام رضي الله عنهم کي رات ڏينهن خندق جي نظرداري ڪرڻي ٿي پئي ۽ هڪ رات ۾ ٻه ٽي ڀيرا اٿڻو ٿي پيو. هن جنگ ۾ گهڻا مسلمان زخمي ٿيا ۽ ڪين سرديءَ جي ڪري ڪافي تڪليف پهتي کاڌي پيتي جي ضرورتن جي به گهڻي تنگي پيش آئي. ۽ ان حالات کي ڏسي سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن ڪافرن جي شڪست لاءِ ٽي ڏينهن مسلسل سومر، اڱارو ۽ اربعاءَ مسجد فتح ۾ دعائون گهرندا رهيا ۽ اربعاءَ جي ڏينهن ظهر ۽ عصر جي وچ واري وقت ۾ ڪين فتح جي بشارت ملي ۽ پاڻ اچي اصحاب ڪرام کي ٻڌايائون اصحابن سڳورن جو فرمان آهي ته ان ڪان پوءِ ڪنهن مسلمان کي ڪا به تڪليف نـه پهتي.

فتح جي اسباب جو آغاز

دشمنن جي صفن ۾ غطفان قبيلي وارا هڪ وڏي طاقت هئا الله جل شانــه جي ڪامل قدرت سان انهن مان ئي هڪ شخص نعيم بن مسعود جي دل ۾ ايمان جو شوق پيدا ٿيو ۽ انهيءَ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي خدمت عاليــه ۾ حاضر ٿي پنهنجي اسلام جو اظهار ڪيو ۽ ٻڌايو ته اجان تائين منهنجي قوم ۾ ڪنهن کي بہ خبر ناهي ته مان مسلمان ٿيو آهيان هاڻي مون کي حڪم ڪيو ته مان اسلام جي ڪهڙي خدمت ڪيان؟ حضرت نبي پاڪ عليــه الصلوٰة والسلام جن ڪيس فرمايو ته "تون اڪيلو هتي ڇا ڪري سگهندين؟ پنهنجيءَ قوم ۾ وڃين انهن سان ملي جيڪڏهن اسلام جو دفاع ڪري سگهين ته وڃي ڪر. نعيم بن مسعود ذهين ۽ سمجهدار ماڻهو دل ۾ هڪ منصوبو رٿي حضور پرنور عليــه الصلوٰة والسلام جن کان اجازت ورتائين ته مان انهن ماڻهن ۾ وڃي جيڪا مصلحت ڏسان اها انهن کي چوان. پاڻ ڪيس اجازت ڏنائون. نعيم بن مسعود اتاهين اتي بنو قريظــه وٽ ويو جن سان سندس جاهليت جي زماني کان قديم تعلقات هئا انهن کي چيائين ته اي بنو قريظــه! اوهان ڄاڻو ٿا ته مان اوهان جو پراڻو دوست آهيان انهن اقرار ڪندي چيو ته اسان کي تنهنجي دوستيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي ان کان بعد حضرت نعيم بن مسعود رضي الله عنــه بنو قريظــه قبيلي جي سردارن کان نصيحت طور سوال ڪيو ته اوهان کي خبر آهي ته مڪــه مڪرمــه جا قريشي هجن يا اسان جي قبيلي غطفان جا يا ٻين قبيلن جي يهودين وغيره جا ماڻهو انهن جو وطن هتي ناهي اهي جيڪڏهن شڪست کائي ڀڄي ويندا ته انهن جو ڪو نقصان ناهي اوهان جو معاملو انهن سيني کان مختلف آهي مدينــه منوره اوهان جو وطن آهي اوهان جون عورتون ۽ مرد سڀ هتي آهن جيڪڏهن اوهان ٻين سان گڏ جنگ ۾ حصور ورتو ۽ اهي شڪست کائي ڀڄي ويا ته اوهان جو ڪهڙو حال ٿيندو؟ ڇا مسلمانن سان اوهان اڪيلا جنگ ڪري سگهندؤ؟ ان جي لاءِ مان اوهان جي خيرخواهي ڪندي اوهان کي مشورو ٿو ڏيان ته اوهان ٻين سان گڏجي مسلمانن سان جنگ نہ ڪيو جيستائين اهي پنهنجن سردارن جو خاص تعداد اوهان وٽ گهہ طور نہ رکن متان اهي اوهان کي مسلمانن سان ويڙهائي ڀڄي وڃن بنو قريظــه وارن کي سندس اهو مشورو ڏاڍو سٺو لڳو ۽ سندس ان ڳالهہ جو قدر ڪندي چيائونس ته تو ڏاڍو سٺو مشورو ڏنو. ان کان پوءِ حضرت نعيم بن مسعود رضي الله عنــه قريشي سردارن وٽ ويو ۽ کين فرمايائين ته: اوهان کي خبر آهي ته مان اوهان

جو دوست آهيان ۽ (حضرت) محمد (صلى الله عليه وسلم) سان منهنجو اڳي کو واسطو بہ نہ رهيو آهي پر مون کي هڪ خبر ملي آهي جيڪڏهن اوهان منهنجي نالي کي ظاهر نہ ڪرڻ جو عهد ڪيو تہ مان اوهان کي ٻڌايان انهن اهو عهد ڪيو تہ پاڻ کين چيائين "بنو قريظه قبيلي جا يهودي اوهان سان وعدو ڪرڻ کان پوءِ ان تي سخت پشيمان ٿيا آهن ۽ انهن (حضرت) محمد (عليه الصلوٰة والسلام) جي خدمت ۾ هي عرض ڪري موڪليو آهي تہ "اوهان اسان سان هن شرط تي راضي ٿي سگهو ٿا تہ اسين ڪجهہ قريشي ۽ غطفان قبيلي جا سردار اوهان کي وٺي ڏيون ۽ اوهان انهن کي قتل ڪرائي ڇڏيو پوءِ اسين بہ اوهان سان ملي انهن سان جنگ ڪيون. (حضرت) محمد (عليه الصلوٰة والسلام) انهن جي اها پيشڪش قبول فرمائي آهي. هاڻي بنو قريظه قبيلي وارا اوهان کان ڪجهہ سردار گهہ طور رکڻ جي لاءِ گهرندا. اوهان پنهنجي معاملي کي پاڻ سوچي فيصلو ڪجو. ان کان بعد حضرت نعيم بن مسعود رضي الله عنه پنهنجي غطفان قبيلي وارن کي بہ اها ڳالهہ ٻڌائي. ان سان گڏ ابوسفيان قريشين جي طرفان عڪرمه بن ابي جهل کي ۽ غطفان جي طرفان ورقه بن غطفان کي ان ڪم جي لاءِ مقرر ڪيو تہ اهي بنو قريظه وارن کي وڃي چون تہ هاڻي اسان جو سامان بہ ختم ٿي رهيو آهي ۽ اسان جا ماڻهو بہ ٿڪجي پيا آهن اسين اوهان سان ڪيل معاهدي تحت اوهان جي امداد ۽ شرڪت جا منتظر آهيون بنو قريظه وارن انهن کي پنهنجيءَ قرار داد مطابق هي جواب ڏنو تہ اسين اوهان سان تيستائين جنگ ۾ شريڪ نہ ٿينداسون جيستائين اوهان ٻنهي قبيلن مان پنهنجا ڪجهہ سردار اسان وٽ گهہ طور رکڻ لاءِ نہ پهچائيندؤ عڪرمه ۽ ورقه جڏهن اها خبر ابو سفيان تائين پهچائي تہ انهن کي حضرت نعيم بن مسعود رضي الله عنه واري خبر جو يقين ٿيو ۽ بنو قريظه کي چورائي موڪليائون تہ اسين پنهنجو هڪ ماڻهو بہ اوهان کي نہ ڏينداسون اوهان جي دل گهري تہ اسان سان گڏ جنگ ۾ شرڪت ڪيو ۽ نہ گهري تہ نہ ڪيو بنو قريظه قبيلي وارن کي ان ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ حضرت نعيم بن مسعود رضي الله عنه جي ڳالهہ جو وڌيڪ يقين ٿيو الله جل شانه اهڙي طرح هڪ شخص جي ذريعي دشمنن جي ٽولي ۾ ڦوٽ وڌي ۽ انهن جا پير اکڙي ويا ان کان علاوه انهن تي ٻي مصيبت هيءَ آئي جو الله تعالىٰ هڪ سخت ۽ برف وانگر ٿڌي هوا انهن تي مسلط ڪئي جنهن انهن جا تنبو اکيڙي ڦٽا ڪيا ۽ باهہ تي رکيل ڪاڌي پچائڻ جي لاءِ هنڌيون ۽ ديگڙا اڏائي ڇڏيا. اهي تہ ظاهري اسباب الله جل شانه انهن جي پيرن اکيڙڻ جي لاءِ پيدا فرمايا ۽ ان کان وڌيڪ الله جل شانه پنهنجا ملائڪ موڪليا

جيڪي باطني طور انهن جي دلين ۾ رعب وجهن انهن ٻنهي ڳالهين جو ذڪر مذڪوره آيتن جي شروع ۾ بہ ڪيو ويو آهي. نتيجو اهو نڪتو جو انهن ماڻهن جي لاءِ هٽي پٺي نڪرڻ کان سواءِ ڪو بہ رستو نہ رهيو.

حضرت حذيفہ جو دشمن جي لشڪر ۾ وڃڻ ۽ خبر وٺي اچڻ جو واقعو

جڏهن نعيم بن مسعود رضي الله عنـه جي محنت ۽ ڪافرن جي لشڪرن ۾ ڦوٽ پوڻ جي خبر پئي تہ رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن ارادو فرمايو تہ حقيقت معلوم ڪرڻ جي لاءِ ڪو ماڻهو دشمنن جي لشڪر ۾ وڃي خبر وٺي اچي پاڻ اصحابن جي مجمع ڪي خطاب ڪندي فرمايائون تہ"اوهان مان ڪير آهي جيڪو دشمنن جي لشڪر ۾ وڃي حال احوال معلوم ڪري اچي ۽ ان جي بدلي ۾ جنت وٺي"اهو ٻڌي پوري مجمع ۾ سناٽو ڇانئجي ويو ۽ سڀ خاموش رهيا حضور صلى الله عليـه وسلم جن نماز ۾ مشغول ٿيا ٻيو ۽ ٽيون ڀيرو بہ اهو ارشاد فرمايائون ۽ نماز ۾ مشغول رهيا پر ٽئين ڀيري ائين بہ فرمايائون تہ "اهو مون سان گڏ جنت ۾ هوندو" ۽ حضرت حذيفہ جو نالو وٺي ان کي حڪم ڪيائون تہ "تون وڃ" حضرت حذيفـہ فرمايو تہ مون کي تڪاوت ڏاڍي هئي مگر نالو وٺي حڪم ڪرڻ جي ڪري وڃڻ کان سواءِ چارو نہ رهيو مان اٿي بيٺس ۽ سرديءَ جي ڪري منهنجو بدن ڏڪي رهيو هو حضور عليـه الصلوٰة والسلام جن پنهنجو هٿ مبارڪ منهنجي مٿي ۽ منهن تي گهمائي فرمايو تہ دشمن جي لشڪر ۾ وڃ مون کي صرف خبر اچي ٻڌاءِ ۽ واپس اچڻ کان اڳ ٻيو ڪو بہ ڪم نہ ڪر ۽ ان کان پوءِ پاڻ منهنجي حفاظت جي لاءِ دعا فرمايائون ۽ مان پنهنجو تير ڪمان کڻي پنهنجا ڪپڙا مٿان ٻڌي انهن ڏانهن روانو ٿيس ۽ جڏهن روانو ٿيس تہ عجيب ڳالهہ هيءَ لڳي جو خيمي ۾ اندر ويٺي جيڪا سردي لڳي رهي هئي اها بالڪل ختم ٿي وئي ۽ مان اهڙي نموني وڃي رهيو هوس ڄڻ ڪنهن گرم حمام ۾ آهيان تان جو مان انهن جي لشڪر ۾ پهتس ۽ مون ڏٺو تہ تيز هوا جي طوفان انهن جا تنبو پٽي ڇڏيا هئا ۽ ڪاڏي پچائڻ جا ٿانو اونڌا ڪريا پيا هئا ابو سفيان باهہ تي سيءُ لاهي رهيو هو مون اهو ڏسي پنهنجيءَ ڪمان ۾ تير وجهي سڌو ڪيو ۽ ان تي تير وسائڻ وارو هوس تہ مون کي حضور عليـه الصلوٰة والسلام جو فرمان ياد اچي ويو تہ "اتاهين کان واپس اچڻ تائين ڪو بہ ڪم نہ ڪجان"ابو سفيان بالڪل منهنجي نشان

۾ هو پر مذڪور فرمان جي ڪري مون ڪمان مان تير ڪڍي ڇڏيو. ابو سفيان حالات کان پريشان ٿي واپسيءَ جو اعلان ڪرڻ ٿي گهريو پر ان جي لاءِ ضروري هو ته قوم جي ذميدار ڌرين سان ڳالهه ڪري پر رات جي انڌيري ۾ خطرو هو ته ڪو جاسوس نه ٻڌي وٺي ان جي ڪري ابو سفيان هيءَ هوشياري ڪئي جو ڳالهه ڪرڻ کان پهريان ساري مجمع کي فرمايائين ته هر شخص پنهنجي پر واري ماڻهوءَ کي سڃاڻي تانت ڪو پرائو ماڻهو اسان جي ڳالهه نه ٻڌي حضرت حذيفه رضي الله عنه فرمايو ته ان وقت مون کي خطرو محسوس ٿيو ته مون کان منهنجي پر ۾ ويٺل پڇي ته تون ڪير آهين ته منهنجو راز کلي پوندو ۽ حضرت خذيفه رضي الله عنه هوشياريءَ سان پنهنجي پر ۾ ويٺل کان پاڻ پڇيو ته تون ڪير آهين؟ ته ان چيو عجب آهي تون مون کي ڪو نه ٿو سڃاڻين مان فلاڻي جو پٽ فلاڻو آهيان اهو هوازن قبيلي جو ماڻهو هو. اهڙي طرح الله جل شانه حضرت حذيفه رضي الله عنه کي گرفتاريءَ کان بچايو. ابو سفيان جڏهن اهو اطمينان حاصل ڪيو ته سڄو مجمع پنهنجو آهي ڪير به پرائو ناهي ته ان پريشان ڪندڙ حالات بنوقريظه جي وعدي برخلافي ۽ جنگ جي سامان ختم ٿيڻ جا واقعا ٻڌائي چيو ته منهنجو رايو هي آهي ته اوهان سڀ واپس هليا وڃو ۽ مان به واپس وڃي رهيو آهيان. اهو ٻڌڻ شرط سڄي لشڪر ۾ وڪوڙ پئجي ويو ۽ سڀئي واپس وڃڻ لڳا حضرت حذيفه رضي الله عنه فرمايو ته: مان اتاهين واپس وريس ته وري به مون ائين محسوس ڪيو ڄڻ هاڻي به هڪ گرم حمام ۾ هلي رهيو آهيان واپس پهتس ته حضور صلى الله عليه وسلم جن کي نماز ۾ مشغول ڏٺم جڏهن پاڻ سلام ورايائون ته مون سندن خدمت ۾ سڄو واقعو عرض ڪيو ته پاڻ خوشيءَ مان ايترو مُرڪيا جو انڌيري رات ۾ سندن ڏندن مبارڪن جي چمڪ نظر آئي ان کان پوءِ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن مون کي پنهنجن پيرن مبارڪن ۾ وهڻ جي جاءِ ڏني ۽ جيڪا چادر مبارڪ سندن مٿان ڍڪيل هئي ان جو هڪ حصو مون تي وڌو. تان جو مان سمهي رهيس ۽ جڏهن صبح ٿي ته پاڻ مون کي هي لفظ چوندي

"قُمْ يَانَوْمَانُ!" (اي ننڊ ڪندڙ اٿي) فرمائي سجاڳ ڪيائون ۽ احزاب کان واپس ٿيندي پاڻ فرمايائون ته "هاڻي ڪافر اسان تي حملو نه ڪندا اسين انهن تي چڙهائي ڪنداسين" اهو ارشاد ڪرڻ کان پوءِ حضور عليه الصلوٰة والسلام ۽ اصحاب سڳورا مدينه منوره ۾ داخل ٿيا ۽ هڪ مهيني گذرڻ کان پوءِ هٿيار کولي رکيائون.

تنبيه

حضرت حذيفه رضي الله عنه وارو واقعو صحيح مسلم ۾ آهي ۽ مستقلاً عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ درس آهي جيڪو گهڻين هدايتن ۽ حضور عليه الصلوٰة والسلام جي معجزن تي مشتمل آهي غور ڪرڻ وارا پاڻ ئي سمجهي ويندا.

غزوه بنوقريظه

جڏهن حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام ۽ اصحاب سڳورا رضي الله عنهم مدينه منوره ۾ هٿيار رکي فارغ ٿي ويٺا تڏهن اوچتو حضرت جبريل امين حضرت دحية ڪلبي رضي الله عنه جي صورت ۾ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ ڪين عرض ڪيائين ته جيتوڻيڪ اوهان هٿيار رکي ڇڏيا آهن پر ملائڪن پنهنجا هٿيار نه رکيا آهن الله جل شانه جو اوهان لاءِ حڪم آهي ته اوهان بنوقريظه تي حملو ڪيو ۽ اوهان ڪان اڳئي مان وجي رهيو آهيان. حضور عليه الصلوٰة والسلام جن مدينه منوره ۾ اهو اعلان ڪرايو ته" اوهان وچين نماز بنو قريظه ۾ پڙهو" اصحاب سڳورا اهو اعلان ٻڌڻ شرط بنو قريظه ڏانهن روانا ٿي ويا. انهن مان ڪن ڀلارن نبوي حڪم جي ظاهر موافق وچين نماز رستي ۾ نه پڙهي بلڪ بنوقريظه ۾ وڃي ادا ڪئي ۽ بعض اصحابن اهو سمجهيو ته ان حڪم مان مراد وچينءَ جي وقت بنوقريظه ۾ پهچڻو آهي اسين جيڪڏهن وچين نماز رستي ۾ پڙهي عصر جي وقت اتي پهتاسين ته به صحيح آهي اهو سندن ارشاد جي منافي ناهي انهن رستي ۾ ئي نماز ادا ڪئي.

مجتهدن جي اختلاف ۾ ڪو به
پاسو گناهه ناهي جنهن تي
ملامت ڪئي وڃي

جڏهن رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ اصحابن سڳورن رضي الله عنهم جو اهو معاملو پيش ڪيو ويو ته پاڻ ڪنهن کي به ملامت نه ڪيائون بلڪ ٻنهي کي صحيح فرمايائون. ان مان امت جي علماءَ اهو اصول ڪڍيو آهي ته مجتهد علماءَ جيڪي حقيقت ۾ اجتهاد جي صلاحيت رکن ٿا انهن جي مختلف قولن مان ڪنهن کي به گناهه نه چئجي ٻنهي ڌرين جي لاءِ پنهنجي پنهنجي اجتهاد تي عمل ڪرڻ ۾ ثواب آهي. بنو قريظه ڏانهن نڪرڻ وقت رسول الله صلى الله عليه وسلم جن

اسلام جو جهنڊو حضرت علي رضي الله عنـه کي عطا فرمايو هو. بنوقريظـه قبيلي جي يهودين جڏهن رسول الله صلى الله عليـه وسلم ۽ اصحابن سڳورن جي لشڪر جي اچڻ جي خبر ٻڌي تہ سيني قلعـه ۾ اندر اچي قلعو بند ڪري ڇڏيو ۽ اسلامي لشڪر قلعي کي گهيرو ڪري ويهي رهيو ۽ بنو قريظـه جي سردار ڪعب جنهن رسول الله صلى الله عليـه وسلم سان ڪيل عهد ٽوڙي ڪافرن سان معاهدو ڪيو هو ان پنهنجي قوم وارن کي خطاب ڪندي ٣ تجويزون پيش ڪيون ١: تہ اوهان سيئي اسلام قبول ڪري (حضرت) محمد (صلى الله عليـه وسلم) جا تابع ٿيو ڇو تہ مان قسم کائي چوان ٿو تہ اوهان سيئي سمجهو ٿا تہ اهو حق تي آهي اوهان جي ڪتاب توراة ۾ ان جي تصديق موجود آهي جيڪو اوهان پڙهو ٿا جيڪڏهن اوهان ائين ڪيو تہ اوهان پنهنجي مال جان ۽ اولاد کي محفوظ ڪري ڇڏيندؤ ۽ اوهان جي آخرت بہ درست ٿي ويندي. ٢: تہ اوهان پنهنجي اولاد ۽ عورتن کي پنهنجن هٿن سان پاڻ کهي پوءِ پوري طاقت سان حملو ڪيو تان جو اوهان بہ سڀ قتل ٿي وڃو. ٣: تہ اوهان ڇنڇر جي ڏينهن مسلمانن تي حملو ڪيو ڇو تہ مسلمانن کي اها خبر آهي تہ اوهان جي مذهب ۾ ڇنڇر جي ڏينهن جنگ ڪرڻ حرام آهي ان جي ڪري اهي ان ڏينهن اوهان کان بي فڪر هوندا ممڪن آهي تہ اسين اوچتو حملي ڪرڻ جي ڪري ڪامياب وڃون. مگر سندس قوم اهي ٽئي ڳالهيون قبول نہ ڪيون ان کان پوءِ انهن اتفاق سان اهو فيصلو ڪيو تہ اهي سڀ هٿيار ڇڏي حضور عليـه الصلوٰة والسلام جي اڳيان پيش پوندا ۽ پاڻ سندن متعلق جيڪو بہ فيصلو ڪندا اهي ان تي راضي ٿيندا. پوءِ انهن جو فيصلو حضور عليـه الصلوٰة والسلام جن اوس قبيلي جي سردار سعدبن معاذ جي حوالي ڪيو ۽ اهي سڀ ان تي راضي ٿيا. حضرت سعدبن معاذ رضي الله عنـه کي خندق جي واقعي ۾ تير لڳڻ جي ڪري سخت زخم پهتو هو رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن ان جي سنڀال ۽ علاج لاءِ مسجد جي احاطي ۾ هڪ تنبو لڳرائي ڪيس اتي رهايو هو جڏهن ان کان فيصلو ورتو ويو تہ ان هي فيصلو ڏنو تہ بنوقريظـه جي قيدين مان احزاب جنگ ۾ شريڪ ٿيندڙن جوانن کي قتل ڪيو وڃي باقي عورتن، ٻارن ۽ پوڙهن سان اهو جنگي قيدين وارو سلوڪ ڪيو وڃي جيڪو اسلام ۾ معروف آهي. پوءِ اهو ئي فيصلو نافذ ڪيو ويو جيڪو اسلام ۾ معروف هو ان کان پوءِ حضرت سعدبن معاذ جي ان زخم ۾ تڪليف وڌي ۽ ان ۾ ئي سندس هن جهان مان رحلت ٿي الله جل شانـه ان جون ٻئي دعائون قبول فرمايون ١: تہ آينده ڪو بہ قريشي رسول الله صلى الله تعالىٰ عليـه وسلم جن تي حملو نہ ڪندو ٢: تہ بنوقريظـه جي غداريءَ جي سزا انهن کي ملي ۽

اها سزا انهن کي سندس هٿان ئي ڏياري وئي ۽ جن جي لاءِ قتل ڪرڻ جي تجويز رٿي وئي هئي انهن مان ڪيترن جي مسلمانن ٿيڻ جي ڪري سندن سزا معاف ڪئي وئي ۽ اهي آزاد ڪيا ويا عطيه قرظي جيڪو اصحاب ڪرام ۾ معروف آهي اهو به انهن مان هو. (١)

تنبيه

غزوه احزاب ۽ بنو قريظه کي تفصيل سان بيان ڪرڻ جو سبب هڪ هي آهي جو قرآن ڪريم به انهن کي ٻن رڪوعن ۾ تفصيل سان بيان ڪيو آهي ٻيو وجهه هي آهي ته انهن واقعن ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن جي متعلق گهڻيون هدايتون مليل آهين ۽ رسول الله صلى الله عليه وسلم جا معجزا به بيان ٿيل آهن. "يَآ اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ جَآءَتْكُمْ جُنُوْدٌ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا وَّ جُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا" اي ايمان وارو! پنهنجي مٿان الله جي نعمت ياد ڪيو جڏهن اوهان وٽ (ڪافرن جا) لشڪر آيا پوءِ اسان انهن تي هوا ۽ (اهڙا) لشڪر موڪليا جيڪي اوهان نه ڏٺا هئا. مطلب ته الله جل شانه جو اهو احسان ياد ڪيو جو جڏهن اوهان تي دشمنن جا لشڪر حملو ڪري رهيا هئا ته ان هڪ ته اهڙي تيز هوا موڪلي جنهن دشمنن جون ڪيمپون پٽي اڇلايون ۽ ٻيو ته اوهان جي مدد لاءِ ملائڪن جا لشڪر موڪليائين جن کي اوهان ڏٺو ئي ڪو نه هو "وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرًا" ۽ اوهان جيڪو ڪجهه ڪيو ٿا الله اهو ڏسندڙ آهي يعني اوهان بک ۽ سرديءَ جي شدت ۾ پيٽ تي پٿر ٻڌي خندق کوٽي جان نثاريءَ جو ثبوت ڏيندي جهڙي طرح ڪفر جي لشڪرن جي اڳيان سينو سپر ٿي بيٺا هيئو الله جل شانه اهي سڀ حالتون ڏسندڙ آهي جڏهن اوهان پنهنجي طرفان بندگيءَ جو حق ادا ڪيو ته ان جي بنده نوازيءَ واري شان اوهان کي فتح عطا ڪئي "اِذْ جَآءُوْكُمْ مِّنْ فَوْقِكُمْ وَمِنْ اَسْفَلَ مِنْكُمْ وَاِذْ زَاغَتِ الْاَبْصَارُ وَ بَلَغَتِ الْقُلُوْبُ الْحَنَاجِرَ وَتَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ الظُّنُوْنَا" جڏهن اوهان وٽ اوهان جي مٿان ۽ اوهان جي هيٺان آيا ۽ اکيون ٽڙي بيٺيون ۽ دليون نرگهٽن کي پهتيون ۽ اوهان الله جي باري ۾ طرح طرح جا گمان ڪيو پيا. يعني دشمن اوهان کي هر طرف کان گهيري ۾ رکيو ۽ صورت حال ايتري ڏکي هئي جو ڊپ کان اکيون ڇتجي ويون خوف ۽ هيبت کان دليون وات کان نڪري رهيون هيون ۽ الله جي متعلق طرحين طرحين گمان ڪري رهيا هيئو. هنن ڪلمات مان پتو پوي ٿو ته سيني ماڻهن جي سوچ هڪ نه هئي منافق اهو خيال ڪري رهيا هئا

(١) المظهري ص١١ ٣ـ کان ص٣٣١ـ جلد ٧ القرطبي ص١٢٨ـ کان ص١٤٣ـ جلد ١٤

تہ هاڻي اسلام جو وڻ پاڙان پٽجي ويندو اها آنڌي هن ڏيي کي وسائي ڇڏيندي بزدل
شخص جنگ جي ميدان کان ڀڄڻ جو سوچي رهيا هئا ۽ طرحين طرحين بهانا ٺاهي
واپس موٽڻ جي اجازت طلب ڪري رهيا هئا پر پاڪ نيت مجاهد جن کي الله جل
شانہ ۽ ان جي رسول عليہ الصلوٰة والسلام جي وعدي تي پڪو يقين هو انهن وفادارن
جي عزم ۽ ثبات ۾ ذره برابر بہ فرق نہ آيو سندن يقين جي روشني اهڙي انڌيري ۾
ديدار ڪرڻ جي لائق هئي. "هُنَالِكَ ابْتُلِيَ الْمُؤْمِنُوْنَ وَزُلْزِلُوْا زِلْزَالاً شَدِيْدًا" اتي مومن
آزمايا ويا سخت نموني ۽ زلزلي ۾ وڌا ويا يعني مومنن جي لاءِ آزمائش نهايت سخت
هئي هر شخص ڏکي رهيو هو امتحان جي ان مرحلي مان سچا مومن ڪامياب ٿي
نڪري رهيا هئا ۽ منافق ڪلي سامهون اچي ويا "وَاِذْ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِىْ قُلُوْبِهِمْ
مَّرَضٌ مَّاوَعَدَنَا اللّٰهُ وَرَسُوْلُـهٗٓ اِلَّا غُرُوْرًا" ۽ جڏهن منافق ۽ جن جي دلين ۾ مرض هو چون
پيا تہ اسان کي الله ۽ ان جي رسول (عليـہ الصلوٰة والسلام) ڌوڪو تہ ڪو نہ ڏنو.
منافق دل ۾ تہ خوش هئا تہ سٺو ٿيو جو مسلمانن جي بربادي، جو وقت اچي ويو
جنهن جو اهي سختيءَ سان انتظار ڪري رهيا هئا پر انهن پهريان پاڻ ۾ آهستي
آهستي صلاحون مشورا ڪيا ۽ پوءِ ماڻهن جي سامهون ڪلي چوڻ لڳا تہ اهو فتح ۽
ڪاميابيءَ وارو وعدو ڪيڏي ويو اڳ ۾ تہ اهي خوشخبريون ٻڌايون ٿي ويون تہ
اوهان قيصر ۽ ڪسريٰ جا ملڪ فتح ڪندؤ اڄ ڏسو تہ مدينـہ منوره ۾ پنهنجي جان
بچائڻ جي فڪر ۾ آهيو اوهان جون اهي ڳالهيون صرف ڌوڪو ۽ ماڻهن کي پاڻ سان
شامل ڪرڻ جي لاءِ تجويزون هيون. ان طرح چوڻ وارن جو اڳواڻ معتب بن قشير هو
(١) "وَاِذْ قَالَتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْهُمْ يٰٓاَهْلَ يَثْرِبَ لَامُقَامَ لَكُمْ فَارْجِعُوْا" ۽ جڏهن انهن مان هڪ
جماعت چيو تہ اي يثرب وارؤ! اوهان جي لاءِ (هاڻي هتي) رهڻ (ممڪن) ناهي پوءِ
واپس وڃو. يعني انهن منافقن جون سرگرميون صرف خوف ڊپ پکيڙڻ تائين محدود
نہ هيون پر اهي مسلمانن کي هيئن بہ چوڻ لڳا تہ جان بچائڻي اٿو تہ ميدان ڇڏي ڀڄو
وڃي پنهنجا گهر وسايو اهو انهن جا خير خواهہ بنجي چئي رهيا هئا. "وَيَسْتَاْذِنُ فَرِيْقٌ
مِّنْهُمُ النَّبِيَّ يَقُوْلُوْنَ اِنَّ بُيُوْتَنَا عَوْرَةٌ وَّمَاهِيَ بِعَوْرَةٍ" ۽ انهن مان هڪ ٽولو نبي کان هي
چوندي موڪل پيو گهري تہ اسان جا گهر غير محفوظ (ڪليل) آهن حالانڪ اهي غير
محفوظ نہ هئا. مطلب تہ انهن منافقن جي پرو پيگنڊا جو اثر اهو ٿيو جو منافقن مان
ڪجهہ ماڻهو ۽ ڪجهہ بزدل شخص واپس وڃڻ جي لاءِ بهانا ٺاهڻ لڳا ڪنهن اچي
چيو تہ يارسول الله! اسان جا گهر بالڪل غير محفوظ آهن ٿي سگهي ٿو تہ دشمن
ڪنهن مهل بہ حملو ڪري اسان جا ٻار ٻچا ڪهي ڇڏي اسان جا گهر لٽي وڃي اسان

کي موکل ڏيو ته اسين پنهنجا گهر ته سنڀاليون حالانڪ انهن جا گهر محفوظ هئا انهن کي ڪو خطرو درپيش نه هو "اِنۡ يُّرِيۡدُوۡنَ اِلَّا فِرَارًا" صرف ڀڄڻ جو ارادو ڪن پيا مطلب ته اهي سڀ ڀڄڻ جا بهانا آهن "وَلَوۡ دُخِلَتۡ عَلَيۡهِمۡ مِّنۡ اَقۡطَارِهَا ثُمَّ سُئِلُوا الۡفِتۡنَةَ لَاٰتَوۡهَا وَمَا تَلَبَّثُوۡا بِهَاۤ اِلَّا يَسِيۡرًا" ۽ جيڪڏهن (ڪافرن جا لشڪر) انهن تي ان (مدينه منوره) جي پاسن کان داخل ڪيا وڃن ها ان کان بعد فتنه جي گهر ڪيا وڃن ها ته هليا اچن ها ۽ ٿورڙي وقت کان سواءِ ان ۾ توقف نه ڪن ها. يعني خدانخواسته جيڪڏهن دشمنن جا لشڪر شهر ۾ داخل ٿي انهن کي مسلمانن جي خلاف جنگ ڪرڻ جي دعوت ڏين ها ته اهي ماڻهو ان اسلام دشمنيءَ جي ڪري جيڪا سندن دلين ۾ آهي هڪدم هٿيار ڪٽي دشمنن جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿي وڃن ها ۽ پوءِ انهن کي نه گهر غير محفوظ نظر اچن ها نه ڪين ٻارن ٻچن جوخيال ذهن ۾ هجي ها. هنن آيتن ۾ ڪافرن ۽ منافقن جي ذهنيت جو ڪيترو حقيقت پسندانه تجزيو ڪيو ويو آهي ۽ انهن جي اندازِ فڪر ۽ طريقِ ڪار جي ڪهڙي سهڻي تصوير ڇڪي وئي آهي ته ڪافرن جي سڏ ڪي جيءُ جوڻ ۾ صرف ايتري مهلت گهرندا ته گهرن ۾ رکيل هٿيار ڪٽي وٺن ۽ اسلام جي مٽائڻ لاءِ انهن جي لشڪر ۾ شامل ٿين "وَلَقَدۡ كَانُوۡا عَاهَدُوا اللّٰهَ مِنۡ قَبۡلُ لَا يُوَلُّوۡنَ الۡاَدۡبَارَ" ۽ الله سان اڳي عهد ڪيا هيائون ته پٺي ڏئي نه ڀڄندا. مطلب ته هينئر ته انهن جو هي حال آهي جو ڀڄڻ جون تدبيرون سوچي رهيا آهن پر هن کان اڳي ته وڏيون وڏيون دعوائون ڪندا هئا ۽ الله جا قسم کڻندا هئا ته اسين اسلام جي لاءِ ساهه صدقي ڪنداسون پوئتي نه پونداسون "وَكَانَ عَهۡدُ اللّٰهِ مَسۡـُٔوۡلًا" ۽ الله سان ڪيل عهد جي پڇا ڪئي ويندي. مطلب ته اهي اهو خيال نه ڪن ته انهن الله تعالیٰ سان جيڪي وعدا ڪيا هئا اهي ائين عبث هئا انهن جي متعلق ڪانئن پڇا نه ڪئي ويندي. اهو خيال غلط آهي ڪانئن ضرور سوال ڪيو ويندو ۽ هر وعدي نباهڻ جي لاءِ پڇاڻو ٿيندو "قُلۡ لَّنۡ يَّنۡفَعَكُمُ الۡفِرَارُ اِنۡ فَرَرۡتُمۡ مِّنَ الۡمَوۡتِ اَوِ الۡقَتۡلِ وَاِذًا لَّا تُمَتَّعُوۡنَ اِلَّا قَلِيۡلًا" فرماءِ ته جيڪڏهن اوهان موت يا قتل کان ڀڄندؤ ته اهو ڀڄڻ اوهان کي هرگز نفعو نه ڏيندو ۽ ان وقت اوهان صرف ٿورو وقت نفعو ڏنا ويندؤ يعني ڀڄي وڃڻ سان موت کان يا مقدر ۾ آيل قتل کان بچي نه سگهندؤ. ڇو ته اسباب ان وقت ڪم اچن ٿا جنهن وقت سامهون تقدير نه هجي جڏهن قضا ۽ تقدير سامهون ٿيون ته اسباب نفعو نه ڏيندا ۽ هر ذريعو ڪم نه ڪندو (١) "قُلۡ مَنۡ ذَا الَّذِيۡ يَعۡصِمُكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ اِنۡ اَرَادَ بِكُمۡ سُوۡٓءًا اَوۡ اَرَادَ بِكُمۡ رَحۡمَةً" فرماءِ ته: اوهان کي الله کان ڪير بچائي سگهندو

(١) تيسير الڪريم الرحمٰن ص۱۳۵ـ جلد ۴

جيڪڏهن اهو اوهان کي عذاب ڏيڻ جو يا اوهان تي مهربانيءَ ڪرڻ جو ارادو ڪري
تہ اوهان کي (ان جي اذن کان سواءِ) ڪير بچائي نہ سگهندو ۽ جيڪڏهن اوهان کي
رحمت سان نوازڻ جو ارادو فرمائي تہ (ان کي ڪير روڪي نہ سگهندو) اهو مرضيءَ
جو مختار ۽ مالڪ آهي. "وَلَا يَجِدُوْنَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللهِ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا" ۽ پنهنجي لاءِ الله
کان سواءِ نہ ڪو دوست ۽ نہ ڪو مددگار لهندا. يعني الله جل شانـــه جي امر جي
مخالفت ڪندڙ، ان جي پياري رسول عليـــه الصلوٰة والسلام جا بي فرمان جڏهن الله
انهن کي خوار، خراب ڪرڻ ۽ عذاب ڏيڻ جو فيصلو ڪندو تہ پنهنجي لاءِ نڪو
دوست لهندا نہ ڪو مددگار ملندن. (١) "قَدْ يَعْلَمُ اللهُ الْمُعَوِّقِيْنَ مِنْكُمْ وَالْقَآئِلِيْنَ
لِاِخْوَانِهِمْ هَلُمَّ اِلَيْنَا" بلاشڪ الله اوهان مان روڪيندڙن ۽ پنهنجي ڀائرن کي چوندڙ تہ
اسان ڏانهن اچو چاڻي ٿو "اَلْمُعَوِّقِيْنَ" تعويق کان ورتل جمع اسم فاعل جو صيغو آهي
معنىٰ ڦيرائندڙ، روڪيندڙ، موڙيندڙ هتي منافقن کي ٻڌايو ٿو وڃي تہ اوهان ماڻهن جي
دلين ۾ هراس ۽ ڊپ پيدا ڪري انهن کي اسلام جي روشن مستقبل جي لاءِ بدظن
بنايو ٿا ۽ جهاد ۾ شريڪ ٿيڻ کان روڪيو ٿا ڇا اوهان سمجهو ٿا تہ اوهان جي انهن
حرڪتن جو الله جل شانـه کي علم ناهي يقينًا اهو اوهان جي سيني سازشن کان باخبر
آهي ۽ اوهان کي اها سزا ملندي جنهن جا اوهان مستحق آهيو "وَلَا يَاْتُوْنَ الْبَاْسَ اِلَّا قَلِيْلًا"
۽ جنگ ۾ شريڪ نہ ٿا ٿين مگر ٿورو وقت مطلب تہ اهي ميدان جنگ ۾ صرف پاڻ
ڏيکارڻ جي لاءِ هڪ ٻہ چڪر هڻن ٿا ۽ سندن اهي سڀ حقيقتون الله جل شانـــه کان
مخفي ناهن "اَشِحَّةً عَلَيْكُمْ" ڪنجوسي ڪندڙ اوهان تي اشحة شحيح جو جمع آهي ان
جون ٻہ معنائون آهين ١: بخيل ٢: حريص هتي پهرين معنىٰ مراد آهي (٢) مطلب تہ
جيڪڏهن انهن کي غريب ۽ مسڪين مسلمان جي مدد لاءِ ياجهاد جي تياريءَ ۾
خرچ ڪرڻ جي دعوت ڏجي ٿي تہ انهن کي هڪ دمڙي خرچ ڪرڻ ٻہ ڏکي ٿي لڳي
نهايت ڪريل درجي جا ڪنجوس آهن "فَاِذَا جَآءَ الْخَوْفُ رَاَيْتَهُمْ يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ كَالَّذِيْ
يُغْشٰى عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ" پوءِ جڏهن ڊپ ٿو اچي تہ انهن کي ڏسندءُ اوهان ڏانهن ائين
پيا نهاريندا جيئن موت جي وقت غشي ڪيل نهاريندو آهي مطلب تہ جڏهن انهن جي
اڳيان ڊپ جي حالت ايندي آهي تہ ائين دوڏا پيا ڦيرائيندا ڇڻ تہ مٿان موت اچي بيٺو
اٿن سندن حالت ائين ٿيندي آهي جيئن موت واري جي بي هوشيءَ واري حالت هوندي
آهي "فَاِذَا ذَهَبَ الْخَوْفُ سَلَقُوْكُمْ بِاَلْسِنَةٍ حِدَادٍ اَشِحَّةً عَلَى الْخَيْرِ" پوءِ جڏهن خوف لهي
ويندو آهي تہ اوهان سان تيز ۽ خير تي حرص ڏياريندڙين زبانن سان ملندا آهن

(١) ايسرالتفاسير ص٥٥٠ـ جلد ٣ (٢) ضياء القرآن ص٣٠ـ جلد ٤

مطلب تہ جڏهن جان قربان ڪندڙن مجاهدن جي ڪوشش سان دشمن پوئتي ٿيندو آهي تہ پوءِ هشياري ڪندي غنيمت جو مال وڌ ۾ وڌ حاصل ڪرڻ جي لاءِ اوهان سان زباني چالاڪي ڪندي ملندا چڻ تہ جنگ ۾ ڪاميابي هنن مڙسن حاصل ڪئي آهي ۽ سچن مجاهدن، سر صدقي ڪندڙن ڪجھ بہ نہ ڪيو آهي "أُولَٰئِكَ لَمْ يُؤْمِنُوا فَأَحْبَطَ اللَّهُ أَعْمَالَهُمْ وَكَانَ ذَٰلِكَ عَلَى اللَّهِ يَسِيرًا" انهن ايمان نہ آندو پوءِ الله انهن جا اعمال برباد ڪري ڇڏيا ۽ اهو الله (تعالیٰ) جي لاءِ آسان آهي. مطلب تہ اهڙي قسم جون حرڪتون انهن ڪان ان جي ڪري صادر ٿين ٿيون جو انهن سچو ايمان نہ آندو آهي ۽ ان جي ڪري سندن ٿورا ڪيل عمل بہ الله جل شانـہ قبول نہ فرمايا اهي برباد ٿي ويا ۽ الله جل شانـہ جي لاءِ اهو ڏکيو ناهي آسان آهي "يَحْسَبُونَ الْأَحْزَابَ لَمْ يَذْهَبُوا" سمجهن ٿا تہ اجان (ڪافرن جا) لشڪر نہ ويا آهن يعني ايترا بزدل آهن جو دشمن واپس هليا ويا پر هي سمجهن ٿا تہ اجان نہ ويا آهن "وَإِن يَأْتِ الْأَحْزَابُ يَوَدُّوا لَوْ أَنَّهُم بَادُونَ فِي الْأَعْرَابِ يَسْأَلُونَ عَنْ أَنبَائِكُمْ" ۽ جيڪڏهن (ڪافرن جا) لشڪر (خدا انخواستـــہ) واپس اچن تہ هي پسند ڪندا تہ ڪاش اهي ٻهراڙين ۾ رهيل هجن ها اوهان جون خبرون پڇندا رهن ها. مطلب تہ (الله نہ ڪري) جيڪڏهن وري ڪافرن جا ڪجھ قبيلا گڏجي حملو ڪن ها تہ هي منهن مٿو پٽيندي چون ها تہ ڀلو هيئن هو تہ اسين هنن مضبوط ۽ سينگاريلن محلاتن ڪان ٻهراڙين ۾ هجون ها جتي ڪنهن حملي جو ڊپ نہ هو رڳي خبرون ويٺا پڇون ها ۽ ٻڌون ها تہ ڇا ٿي رهيو آهي "وَلَوْ كَانُوا فِيكُم مَّا قَاتَلُوا إِلَّا قَلِيلًا" ۽ جيڪڏهن اوهان ۾ هجن ها تہ (دشمن سان) جنگ نہ ڪن ها مگر ٿورو وقت مطلب تہ مجبورًا شريڪ ٿين ها ۽ ڳالهين ۾ اوهان سان هجن ها پر گهڻو وقت ويڙهہ نہ ڪن ها (١) "لَّقَدْ كَانَ لَكُمْ فِي رَسُولِ اللَّهِ أُسْوَةٌ حَسَنَـــةٌ" البت تحقيق اوهان جي لاءِ الله جي رسول (جي پاڪ زندگيءَ) ۾ سهڻو نمونو آهي. يعني الله جل شانـہ جي پاڪ ۽ پياري رسول عليـــہ الصلوٰة والسلام جي پاڪ زندگي اوهان جي لاءِ هڪ سهڻو نمونو آهي ان ڏانهن ڏسو تہ وڏين سختين ۽ مشڪلات ۾ بہ ڪيترو مستقل مزاج آهي حالانڪ سڀ ڪان زياده انديشو ۽ خطرو انهن ڪي آهي مگر مجال آهي جو سندن استقامت جو پير ڪيڏانهن جنبش ڪائي يا لڏي. "لِّمَن كَانَ يَرْجُو اللَّهَ وَالْيَوْمَ الْآخِرَ وَذَكَرَ اللَّهَ كَثِيرًا" ان جي لاءِ جيڪو الله ۽ (قيامت جي ڏينهن جي اچڻ جي) اميد رکي ٿو ۽ الله ڪي گهڻو ياد ڪري ٿو. مطلب تہ جيڪي الله جل شانـــہ سان ملڻ ۽ آخرت جي ثواب حاصل ڪرڻ جي اميد رکن ٿا ۽ الله جل شانـــہ جو ذڪر گهڻو

(١) حاشيہ عثمانيہ ص٥٥٩ـ

ڪن تا انهن جي لاءِ محبوب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي ذات منبع البرڪات ۾ بهترين نمونو آهي هر معاملي، هر چرپر ۽ اٿڻ ويهڻ ۾ ان جي نقش قدم تي هلڻ گهرجي ۽ همت ۽ استقلال ۾ ان جي ذات بابرڪات کي پنهنجو پيشو سمجهي ان جي اطاعت ڪرڻ گهرجي جنگين ۾ سندن منهن مبارڪ زخمي ٿيو، سندن سامهون وارا ڏند مبارڪ شهيد ڪيا ويا سندن چاچي حضرت حمزه رضي الله عنـــه کي شهيد ڪيو ويو. پاڻ بک جي حالت کي قبول فرمائي صبر ڪندڙ، الله جل شانـــه کان ثواب حاصل ڪندڙ، شڪر ڪندڙ، ان جي رضا تي راضي رهندڙ هئا. انس بن مالڪ ابو طلحـة کان روايت آهي ته: اسان رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جن سان بک جي شڪايت ڪئي ۽ پنهنجي پيٽ تان قميصون مٿي ڪري ڪين پيٽ تي ٻڌل پٿر ڏيکارياسون ته پاڻ پنهنجي قميص مبارڪ مٿي ڪيائون ته سندن پيٽ مبارڪ تي ٻه پٿر ٻڌل هئا جڏهن سندن منهن مبارڪ تي پٿر لڳا هئا ته پاڻ دعا گهري هيائون "اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِقَوْمِيْ فَاِنَّهُمْ لَايَعْلَمُوْنَ" اي الله! منهنجي قوم کي مغفرت نصيب فرماءِ بلاشڪ اهي ڄاڻن نه ٿا. (١)

"وَلَمَّارَاَ الْمُؤْمِنُوْنَ الْاَحْزَابَ قَالُوْا هٰذَا مَاوَعَدَنَا اللهُ وَرَسُوْلُـــهٗ وَصَدَقَ اللهُ وَرَسُوْلُـــهٗ وَمَازَادَهُمْ اِلاَّ اِيْمَانًا وَّ تَسْلِيْمًا" ۽ جڏهن مومنن لشڪر ڏٺا ته چوڻ لڳا هي اهو آهي جنهن جو اسان سان الله ۽ ان جي رسول وعدو ڪيو هو ۽ الله ۽ ان جي رسول سچ فرمايو ۽ اسان کي ايمان ۽ تسليم ڪرڻ کان سواءِ ڪجهه به نه وڌايائين. هتان کان اهل ايمان جي ايمان افروز حالات ۽ جذبات جي بيان جي شروعات ٿي رهي آهي جن پنهنجي جان ۽ مال حضور پرنور عليـــه الصلوٰة والسلام جي قدمن مبارڪن ۾ قربان ڪري ڏيکاريا ارشاد ٿي رهيو آهي ته ڪافرن جي وڏي لشڪر کي ۽ پنهنجن سرن کي خطرن ۾ گهيريل ڏسي مسلمانن جي يقين ۽ ايمان ۾ ڪو فرق نه آيو بلڪ سندن ايمـان ۾ قوت ۽ روشنيءَ ۾ واڌارو آيو تقدير الٰهيءَ جي سامهون انهن کي جيڪو تسليم ۽ رضا جو درس ڏنو ويو هو اهو وري تازو ٿيو ۽ چوڻ لڳا ته هيءَ بعينـــه اها شيءِ آهي جنهن جو اسان سان الله ۽ ان جي پياري رسول عليـــه الصلوٰة والسلام وعدو فرمايو آهي جيئن هن حملـــه جو وعدو پورو ٿيو تيئن اسلام جي غالب ٿيڻ جو وعدو به پورو ٿيندو. (٢) "مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ رِجَالٌ صَدَقُوْا مَاعَاهَدُوا اللهَ عَلَيْـــهِ" مومنن مان اهڙا مڙس آهن جن جيڪو الله سان وعدو ڪيو هو اهو سچو ڪري ڏيکاريو.

(١) القرطبي ص١٥٦ـ جلد ١٤ (٢) ضياء القرآن ص٣٥ـ جلد ٤

شان نزول

ابن سعد، احمد، مسلم، ترمذي، نسائي، معجم ۾ بغوي، ابن جرير، ابن ابي حاتم، ابن مردويه، الحلية ۾ ابو نعيم، دلائل ۾ بيهقيءَ حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: منهنجو چا چوانس بن نضر بدر جي جنگ ۾ شريڪ نہ ٿيڻ جي ڪري سخت پشيمان ٿيو ۽ چوندو هو تہ: پهرين جنگ جنهن ۾ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن تشريف فرما ٿيا مان ان ۾ شريڪ ٿي نہ سگهيس جيڪڏهن الله جل شانه وري ڪا اهڙي جنگ نصيب ڪئي جنهن ۾ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن بہ شريڪ ٿيا تہ (الله جل شانه جي توفيق سان) دنيا ڏسندي تہ مان ڇا ٿو ڪيان؟ پوءِ اُحُد جي جنگ لڳي تہ ان ۾ شريڪ ٿيو ۽ سندس سامهون حضرت سعد بن معاذ رضي الله عنه آيو ان پڇيس تہ: اي ابا عمرو! ڪيڏانهن پيو وڃين؟ فرمايائين تہ "اُحُد جي پوئين پاسي کان بهشت جي خوشبوءِ محسوس ڪري رهيو آهيان" پوءِ ان جنگ ۾ لڙندي شهيد ٿي ويو ۽ جڏهن ڏٺو ويو تہ سندس جسم مبارڪ تي اسيءَ (٨٠) کان مٿي تلوارن جي ڌڪن جا نشان هئا ۽ تيرن ۽ نيزن جا ان کان سواءِ ڌڪ لڳل هئا ان سلسلي ۾ هيءَ آيت نازل ٿي (١) مطلب تہ مومنن مان اهڙا مرد آهن جو جيڪو الله سان عهد ڪن ٿا اهو پورو ڪري ڏيکارين ٿا دشمنن سان جنگ ۾ ثابت قدم ٿي رهن ٿا "فَمِنْهُمْ مَّنْ قَضٰى نَحْبَهٗ" پوءِ انهن مان اهو بہ آهي جنهن پنهنجو ذمو پورو ڪيو. يعني صبر ۽ جهاد ڪندي الله جل شانه جي رضا لاءِ شهيد ٿي ويو "وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْتَظِرُ" ۽ انهن مان اهو آهي جيڪو انتظار ڪري ٿو. يعني منتظر آهي تہ ڪڏهن اهو عهد پورو ٿيندو. مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ اهو انتظار ڪندڙ حضرت عثمان، حضرت طلحة وغيرهما هئا جيڪي بعد ۾ شهيد ڪيا ويا (٢) "وَمَا بَدَّلُوْا تَبْدِيْلًا" ۽ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي نہ ڪيائون. يعني خطرناڪ جنگين هوندي الله جل شانه سان ڪيل عهد ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي نہ آندائون "لِيَجْزِيَ اللّٰهُ الصّٰدِقِيْنَ بِصِدْقِهِمْ" تانتہ الله سچن کي سندن سچ ڳالهائڻ جي ڪري سهڻو بدلو ڏي. يعني الله جل شانه انهن جي قربانين کي ضايع نہ ڪندو پنهنجي شانِ ڪريميءَ جي مطابق انهن کي جزاء خير عطا ڪندو. "وَيُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ اِنْ شَآءَ اَوْيَتُوْبَ عَلَيْهِمْ" ۽ جيڪڏهن گهري تہ منافقن کي عذاب ڪري يا انهن جي توبه قبول ڪري مطلب تہ منافقن جي لاءِ بہ ان جي مرضي آهي جيئن گهرندو تيئن ڪندو يا عذاب ڪندن يا توبه جي

(١) الدرالمنثور ص٥٨٦ـ جلد ٦ (٢) تفسير ابوالسعود ص٩٨ـ جزءُ ٧

توفيق عطا ڪري سندن توبه قبول ڪندو. "وَرَدَّ اللهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِغَيْظِهِمْ لَمْ يَنَالُوْا خَيْرًا وَكَفَى اللهُ الْمُؤْمِنِيْنَ الْقِتَالَ" ۽ الله ڪافرن کي (ناڪام ڪري) ان حال ۾ موٽايو (جو) پنهنجي ڪاوڙ ۾ ٻڌا پيا هئا. (ان لشڪر ڪيڻ ۾) ڪنهن به فائدي کي نه پهتا ۽ الله مومنن کي جنگ کان (ڪافي ٿي) بچايو. هن آيت ۾ الله جل شانه مومنن تي ڪيل خصوصي لطف ۽ ڪرم جو ذڪر فرمايو آهي ته: دشمنن جي وڏي تعداد سان مسلح هجڻ جي باوجود مسلمان محفوظ رهيا ۽ اهي ناڪام ٿي ڪاوڙ ۾ ٻڌل واپس ويا. "وَكَانَ اللهُ قَوِيًّا عَزِيْزًا" ۽ الله قوت وارو، غالب آهي جنهن پنهنجي غالب قوت سان جنگ جو نظارو تبديل ڪري ڇڏيو "وَاَنْزَلَ الَّذِيْنَ ظَاهَرُوْهُمْ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ صَيَاصِيْهِمْ وَقَذَفَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ فَرِيْقًا تَقْتُلُوْنَ وَتَاْسِرُوْنَ فَرِيْقًا" ۽ اهل ڪتاب مان جن انهن جي مدد ڪئي هئي انهن کي سندن قلعن مان هيٺ لاٿائين ۽ سندن دلين ۾ (مسلمانن جو اهڙو) رعب پيدا فرمايائين جو انهن مان هڪ ٽولي کي قتل پيا ڪيو ۽ هڪ ٽولي کي قيدي پيا بنايو. هتي بنوقريظه قبيلي جي يهودين جو بيان آهي جن حضور عليه الصلوٰة والسلام سان ڪيل عهد ٽوڙيو هو ۽ پوءِ ذليل ۽ خوار ٿيا کي قتل ڪيا ويا ته کي قيدي ٿي ويا. تفصيل اڳ ۾ لکي آيا آهيون اهو پڙهي ڏسو. "وَاَوْرَثَكُمْ اَرْضَهُمْ وَدِيَارَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ وَاَرْضًا لَّمْ تَطَئُوْهَا وَكَانَ اللهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرًا" ۽ اوهان کي انهن جي زمين ۽ انهن جي گهرن ۽ انهن جي مالن جو ۽ ان زمين جو وارث بنايائين جنهن کي اوهان (ان کان اڳي) پنهنجن پيرن سان گهميا به نه هئا ۽ الله هر شيءِ تي قادر آهي مطلب ته انهن جون سڀ مذڪوره شيون اوهان کي مليون الله جل شانه اوهان کي انهن جو وارث بنايو.

فائدا

مذڪوره آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع۱ـ آيت ع۹ـ جي منڍ تي غور ڪرڻ سان واضح ٿيو ته الله جل شانه جي نعمت کي ياد ڪرڻ ايمان وارن لاءِ ضروري آهي. هتي جنگ ۾ فتح ملڻ واري نعمت کي ياد ڪري ذڪر ڪرڻ جو حڪم آهي پر ان کان به وڏيڪ نعمت نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جو ملڻ آهي ان جي ذڪر لاءِ محفل ميلاد مقرر ڪرڻ به سهڻو عمل آهي.

ع۲ـ آيت ع۱۲ـ مان واضح ٿئي ٿو ته الله جل شانه ۽ ان جي رسول پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي وعدي تي اعتبار نه ڪرڻ ۽ ان ۾ شڪ ڪرڻ منافقن جو ڪم

آهي پوءِ مسلمان غور ڪري فيصلو ڏيو تہ جيڪي ماٿهو اهو لکن ٿا تہ الله جل شانه (معاذ الله) کان ڪوڙ هئڻ ممڪن آهي انهن جو ڇا حال ٿيندو؟

ع٣ـ آيت ع١٣ـ ۾ "يَثْرِبَ" جو لفظ مذڪور آهي اول مدينه منوره جو نالو اهو هو پر ان نالي کي حضور عليه الصلوٰة والسلام جن پسند نہ ڪيو ان جي ڪري ان کي "المدينة المنورة" سڏيو ويو ۽ منافقن ۽ يهودين بہ ان نالي کي صرف ان جي ڪري ذڪر ڪيو هو جو کين خبر هئي تہ اهو نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کي پسند ناهي. (١)

حضرت براءِ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "مَنْ سَمَّي الْمَدِيْنَةَ يَثْرِبَ فَلْيَسْتَغْفِرِ اللهَ تَعَالىٰ اِنَّمَا هِيَ طَابَةُ هِيَ طَابَةٌ" (٢) جنهن مدينه (منوره) کي يثرب سڏيو اهو الله کان مغفرت طلب ڪري اهو خوشي بخشيندڙ آهي اهو خوشي بخشيندڙ آهي.

ع٤ـ آيت ع٢٢ـ جي شان نزول مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه جي پيارن ان جي دين ۽ رضا جي لاءِ وڙهندڙن، شهيد ٿيندڙن کي دنيا ۾ ئي بهشتي خوشبوءِ حاصل ٿيندي آهي. جيئن اڳ ۾ حضرت انس بن نضر رضي الله عنه جو بيان لکي آيا آهيون.

يٰاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ اِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ

اي (غيب جون) خبرون ڏيندڙ! فرماءِ پنهنجين گهروارين کي جيڪڏهن ارادو ٿيون ڪيو

الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَزِيْنَتَهَا فَتَعَالَيْنَ اُمَتِّعْكُنَّ وَ اُسَرِّحْكُنَّ

دنيوي حياتيءَ جو ۽ ان جي سينگار جو پوءِ اچو تہ مال متاع ڏيان اوهان کي ۽ ڇڏيان اوهان کي

سَرَاحًا جَمِيْلًا (٢٨) وَاِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ اللهَ وَرَسُوْلَهٗ وَالدَّارَ الْاٰخِرَةَ

ڇڏڻ سهڻي نموني ۽ جيڪڏهن ارادو ڪيو ٿيون الله ۽ ان جي رسول جو ۽ آخرت واري گهر جو

فَاِنَّ اللهَ اَعَدَّ لِلْمُحْسِنٰتِ مِنْكُنَّ اَجْرًا عَظِيْمًا (٢٩) يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ

پوءِ بلاشڪ الله تيار ڪيو نيڪ بختن لاءِ اوهان مان اجر وڏو اي نبي جون گهرواريون!

مَنْ يَّاْتِ مِنْكُنَّ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ يُّضٰعَفْ لَهَا الْعَذَابُ ضِعْفَيْنِ

جيڪا آڻيندي اوهان مان بي حيائي پڌري تہ ٻيڻو ڪيو ويندو ان لاءِ عذاب بہ ٻيڻا حصا

(١) روح المعاني ص١٦٠ـ جزء ٢١ جلد ٧ (٢) تفسير ابن ڪثير ص٤٧٣ـ جلد ٣

وَكَانَ ذَالِكَ عَلَى اللهِ يَسِيرًا (٣٠)

۽ اهو الله جي لاءِ آسان آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام کي احزاب ۽ بنو قريظه تي فتح ملڻ جو ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ ڪيس خطاب ڪري سندن گهر وارين کي دنيا ۽ ان جي عيش آرام وارين سوچن کان روڪڻ جو طريقو ٻڌايو ويو آهي. فرمان عاليشان آهي "يَاأَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِأَزْوَاجِكَ إِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَزِيْنَتَهَا فَتَعَالَيْنَ أُمَتِّعْكُنَّ وَأُسَرِّحْكُنَّ سَرَاحًا جَمِيلًا" اي نبي! پنهنجين گهروارين کي فرماءِ تہ: جيڪڏهن اوهان دنيوي حياتيءَ ۽ ان جي سينگار جو ارادو ڪيو ٿيون تہ پوءِ اچو تہ مان اوهان کي (مال) متاع ڏيان ۽ سهڻي نموني ڇڏي ڏيان.

شان نزول

مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ جڏهن مسلمانن جي لاءِ فتوحات جو سلسلو شروع ٿيو ۽ غنيمت جا مال ڪثرت سان تقسيم ٿيڻ لڳا عام مسلمانن جي غريبيءَ واري حالت تيزيءَ سان بدلجڻ لڳي خاص ڪري مدينه منوره جي رهاڪو يهودين جا مال متاع، زرعي زمينون، باغ ۽ رهائشي جايون غنيمت طور مسلمانن ۾ تقسيم ڪيون ويون تہ مسلمانن عورتن جي ڪاڌي، لباس وغيره ۾ تبديلي ڏسي نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي خدمت ۾ سندن گهروارين ادب سان عرض ڪيو تہ: ڪسريٰ ۽ قيصر جون نياڻيون زيورن ۽ طرح طرح جي لباسن ۾ ڍڪيل آهن انهن وٽ نوڪر ۽ نوڪرياڻيون آهن ۽ اسان بک ۽ تنگدستيءَ جي حال ۾ آهيون. اسان جي لاءِ بہ اهڙو انتظام ڪيو وڃي ۽ انصاف جي نظر سان ڏسجي ٿو تہ ان ۾ ڪا بي ادبي يا ناجائز ڳالهہ نہ هئي پر محبوب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جنهن محبوبيت جي مقام تي فائز هئا ان جي لحاظ سان ڪين ايترو عرض بہ ناگوارا گذريو هڪ ڏينهن حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا ڏٺائون تہ سندن گهرواريون سندن خدمت ۾ موجود هيون ۽ پاڻ فڪرمند حالت ۾ تشريف فرما هئا. حضرت عمر رضي الله عنه دل ۾ سوچيو تہ: اڄ ڪا اهڙي ڳالهہ ڪيان جو محبوب عليه الصلوٰة والسلام جن مرڪي ڏين ۽ خوش ٿين عرض ڪيائين تہ "يارسول الله! جيڪڏهن منهنجي گهرواري خارجه جي ڌيءُ مون کان گهٽو خرچ گهري ها تہ مان سندس ڪنڌ ڀڃي ڇڏيان ها" اهو ٻڌي حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کلي ڏنو

۽ فرمايائون تہ "هي منهنجون گهرواريون منهنجي چوڌاري گهٽو خرچ گهرڻ جي لاءِ ويٺيون آهن" حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما اهو ٻڌي هر هڪ پنهنجي نياڻيءَ عائشہ ۽ حفصہ رضي الله عنهما کي سخت تنبيہ ڪندي ڌڪ بہ هنيا انهن ٻنهي عرض ڪيو تہ اسين ٻيهر اهڙي ڪا بہ خواهش نہ ڪنديوسين ان کان پوءِ حضرت حبيب ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام جن اوٺتيهہ يا تيهہ ڏينهن گوشہ نشين رهيا بعد ۾ مذڪوره آيت نازل ٿي (١) مطلب تہ جيڪڏهن اوهان دنيا ۽ ان جي زينت کي پسند ڪيو ٿيون تہ پوءِ نبوي گهر ۾ نہ رهو اچو تہ اوهان کي سهڻي نموني ڪپڙا، سامان وغيره ڏئي ڇڏي ڏيان "وَاِنْ كُنْتُنَّ تُرِدْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَالدَّارَ الْاٰخِرَةَ فَاِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلْمُحْسِنٰتِ مِنْكُنَّ اَجْرًا عَظِيْمًا" ۽ جيڪڏهن اوهان الله ۽ ان جي رسول ۽ آخرت واري گهر جو ارادو ٿيون ڪيو تہ پوءِ بلاشڪ الله (تعالىٰ) اوهان مان نيڪو ڪارين جي لاءِ وڏو اجر تيار ڪيو آهي هن آيت جي نزول کان پوءِ حضور پرنور عليہ الصلوٰة والسلام جي سڀني پاڪ گهروارين دنيوي سازو سامان کان بيزاري ۽ الله جل شانہ ۽ ان جي پياري رسول مقبول عليہ الصلوٰة والسلام کي ۽ آخرت جي گهر بهشت کي اختيار فرمائڻ جو اعلان ڪيو ۽ هن بشارت جون مستحق بڻيون (٢) "يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ مَنْ يَّاْتِ مِنْكُنَّ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ يُّضٰعَفْ لَهَا الْعَذَابُ ضِعْفَيْنِ وَكَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا" اي نبي جون گهرواريون! اوهان مان جيڪا بہ کلي بيحيائي ڪندي تہ ان جي لاءِ بہ ٻيڻا حصا عذاب ٻيڻو ڪيو ويندو ۽ اهو الله جي لاءِ آسان آهي. يعني اوهان نبي ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام جون گهرواريون هجڻ جي لحاظ سان امت جي سڀني عورتن جون اڳواڻ ۽ انهن جي لاءِ سهڻو نمونو آهيو ان جي تقاضا کي پورو ڪرڻ بہ اوهان تي لازم آهي ان جي ڪري اوهان جي روشن دامن تي ڪو داغ نہ لڳي پر خدا نہ خواستہ جيڪڏهن اوهان مان ڪا غلط حرڪت سرزد ٿي تہ ان جي اوهان کي ٻين کان ٻيڻي سزا ملندي ڇو تہ وڏي جي غلطي بہ وڏي هوندي آهي.

تنبيہ

هن ۾ حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن جي گهروارين کي صرف تنبيہ ۽ تاڪيد ڪرڻ جي لاءِ اهي الفاظ آيا آهن نہ تہ انهن کي الله جل شانہ پاڪ ۽ صاف رکيو هو جيئن حضور پرنور عليہ الصلوٰة والسلام جن جي لاءِ حڪم آهي تہ "لَئِنْ اَشْرَكْتَ لَيَحْبَطَنَّ عَمَلُكَ" (جيڪڏهن اوهان بہ شرڪ ڪيو تہ اوهان جو عمل بہ ڇٽ ٿي ويندو)

(١) القرطبي ص١٦٢-١٦٣ـ جلد ١٤ (٢) ضياء القرآن ص٤٣ـ جلد ٤

ڏسو هن ۾ ڪين سخت الفاظن سان شرڪ ڪان پري رهڻ جي لاءِ فرمايو ويو آهي حالانڪ پاڻ شرڪ ڪان قطعي طرح پاڪ آهن ته سندن گهروارين کي به سندن پاڪ هجڻ جي باوجود هر گناهه ڪان پري رهڻ جي لاءِ تاڪيد ڪيل آهي. (١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين تين تا.

ع١ـ آيت ع٢٨ـ مان واضح ٿيو ته جيڪڏهن مڙس ۽ زال جي طبيعتن ۾ مناسبت نه هجي ته مستحب هي آهي ته زال کي اختيار ڏنو وڃي جيڪڏهن مڙس جي موجوده حالت تي قناعت ڪري ان سان گڏ رهڻ گهري ته رهي نه ته مڙس ان کي سنت جي مطابق طلاق ڏئي ڪپڙن جو وڳو ڏئي سهڻي نموني ڇڏي ڏي.

ع٢ـ گهڻن فقيهن ان طريقي کي مستحب لکيو آهي ان جي وجوب تي ڪو دليل ناهي ۽ بعضي فقيهن هن طريقي جي واجب هجڻ تي هن آيت کي دليل بنايو آهي.

ع٣ـ آيت ع٢٩ـ مان واضح ٿيو ته جيئن ازواج مطهرات جي لاءِ گناهه جي سزا ٻيڻي آهي تيئن انهن جي نيڪ اعمال جو ثواب به ٻيڻو آهي.

ع٤ـ حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي گهروارين ڪان سواءِ به ڪي اهڙا ٻانها آهن جن کي نيڪ عمل جو درجو ٻيڻو ملي ٿو. جيڪڏهن اهل ڪتاب مان ڪو شخص اسلام قبول ڪري ته ان جي لاءِ ارشاد الٰهي آهي "اُولٰٓئِكَ يُؤْتَوْنَ اَجْرَهُمْ مَّرَّتَيْنِ" (٣) اهي ٻه ڀيرا پنهنجو اجورو ڏنا ويندا. نبي پاڪ جن روم جي بادشاهه قيصر کي جيڪو خط لکيو هو ان ۾ به سندن ارشاد هو" يُؤْتِكَ اللّٰهُ اَجْرَكَ مَرَّتَيْنِ " الله تعالىٰ توکي تنهنجو اجورو ٻه ڀيرا ڏيندو. (٤)

وَمَنْ يَّقْنُتْ مِنْكُنَّ لِلّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتَعْمَلْ صَالِحًا

۽ جيڪا تابعداري ڪندي اوهان مان الله ۽ ان جي رسول جي ۽ ڪندي چڱا ڪم

نُّؤْتِهَآ اَجْرَهَا مَرَّتَيْنِ ۙ وَاَعْتَدْنَا لَهَا رِزْقًا كَرِيْمًا (٣١)

ته ڏينداسون ان کي ان جو ثواب به ڀيرا ۽ تيار ڪنداسون ان جي لاءِ روزي عزت واري

يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ

اي نبي جون گهرواريون! ناهيو اوهان ڪنهن هڪ جهڙيون عورتن مان جيڪڏهن اوهان

(١) تنويرالايمان ص٨٧ـ پ ٢١ (٢) معارف القرآن ص١٢٨ ١٢٩ـ جلد ٧ (٣) سورة القصص آيت ع٥٤ـ (٤) معارف القرآن ص١٢٩ـ جلد ٧

اتَّقَيْتُنَّ	فَلَا تَخْضَعْنَ بِالْقَوْلِ	فَيَطْمَعَ الَّذِيْ	فِيْ قَلْبِهٖ

(الله کان) ڊڄنديون پوءِ نہ هيٺاهين کيو ڳالهائڻ ۾ پوءِ طمع رکي اهو جو ان جي دل ۾

مَرَضٌ وَّقُلْنَ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا ۚ (۳۲) وَقَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ

بيماري آهي ۽ ڳالهايو ڳالهائڻ چڱو ۽ رهو پنهنجن گهرن ۾ ۽ نہ سينگار ظاهر ڪيو

تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى وَاَقِمْنَ الصَّلٰوةَ وَاٰتِيْنَ الزَّكٰوةَ وَاَطِعْنَ اللّٰهَ

پهرين جاهليت جي سينگار ظاهر ڪرڻ وانگر ۽ قائم ڪيو نماز ۽ ادا ڪيو زڪواة ۽ اطاعت ڪيو الله جي

وَرَسُوْلَهٗ ؕ اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ

۽ ان جي رسول جي بلاشڪ الله اهو ئي ارادو ٿو ڪري تہ اوهان کان پليدي

اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ۚ (۳۳) وَاذْكُرْنَ مَا يُتْلٰى فِيْ

اي اهلبيتو! ۽ پاڪ رکي اوهان کي پوري طرح پاڪ ۽ ياد ڪيو اهو جيڪو پڙهيو ٿو وڃي اوهان

بُيُوْتِكُنَّ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ وَالْحِكْمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ لَطِيْفًا خَبِيْرًا ؑ (۳۴) الربع

جي گهرن ۾ الله جي آيتن ۽ حڪمت مان بيشڪ الله لطف ڪندڙ خبر رکندڙ آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ازواج مطهرات کي گناهن کان پري رهڻ جي لاءِ تاڪيدي ارشاد هئا ۽ هتان کان انهن کي ملڻ واري اجر ۽ ثواب جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَمَنْ يَّقْنُتْ مِنْكُنَّ لِلّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتَعْمَلْ صَالِحًا نُّؤْتِهَآ اَجْرَهَا مَرَّتَيْنِ ۙ وَاَعْتَدْنَا لَهَا رِزْقًا كَرِيْمًا" ۽ اوهان مان جيڪا بہ الله ۽ ان جي رسول جي فرمانبردار ٿيندي ۽ صالح عمل ڪندي اسين ان کي ان جو اجر بہ ٻيڻو ڏينداسون ۽ اسين ان جي لاءِ عزت واري روزي تيار ڪنداسون اهي يقينًا جنت ۾ رسول الله صلى الله عليه وسلم سان اعلىٰ عليين ۾ سيني جي مقامن کان مٿاهين مقام ۾ گڏ هونديون ۽ اهو وسيله وارو مقام آهي جيڪو جنت جي منزلن مان عرش کي گهڻو ويجهو آهي. (۱) "يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ اِنِ اتَّقَيْتُنَّ" اي نبي جون گهرواريون! اوهان جيڪڏهن تقوىٰ ڪئي تہ عورتن مان ڪنهن بہ هڪ عورت جهڙيون ناهيو. مطلب تہ اوهان جو حال ٻين عورتن جهڙو ناهي انهن کان

(۱) تفسير ابن ڪثير صـ۴۸۲ـ جلد ۳

جيڪڏهن ڪا غلطي سرزد ٿيندي ته انهن تي طعن ٿيندو پر جيڪڏهن اوهان کان ڪا غلطي ٿي ته منهنجي محبوب عليه الصلوٰة والسلام تي طعنه زني ٿيندي. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته هن آيت ۾ حضور عليه الصلوٰة والسلام جي گهر وارين مومنن جي مائرن جو پلو هجڻ هڪ خاص حيثيت سان آهي يعني نبي جي گهرواري هجڻ جي نسبت سان (١) علامه ثناءَ الله پاني پتي لکيو آهي ته يعني ليست احد من النساءَ شريڪة لكن في هذا الفضل والجمهور على ان افضل نساءَ العالمين فاطمة بنت رسول الله صلى الله عليه وسلم الخ (٢) مطلب ته حضور عليه الصلوٰة والسلام جي گهروارين هجڻ واري فضيلت ۾ اوهان جو ڪير به شريڪ ناهي ۽ جمهور ان ڳالهه تي آهن ته سڀني جهانن جي عورتن مان افضل فاطمه بنت رسول الله صلي الله عليه وسلم آهي. "فَلَا تَخْضَعْنَ بِالْقَوْلِ فَيَطْمَعَ الَّذِيْ فِيْ قَلْبِهٖ مَرَضٌ وَّقُلْنَ قَوْلًا مَّعْرُوْفًا" پوءِ ڳالهائڻ ۾ نرمي نه ڪيو پوءِ جنهن جي دل ۾ بيماري آهي اهو طمع رکندو ۽ اوهان سهڻو قول ڳالهايو. يعني جڏهن اوهان سان ڪو ڳالهائي ته اوهان جي ڳالهائڻ ۾ ايتري نرمي نه هجي جو اندر جو مريض فاجر ۽ فاسق اوهان ۾ غلط طمع رکي ويهي رهي پر جيڪڏهن ڪو مسئلو يا ڪا ڳالهه پڇي ته ان سان نرميءَ کان سواءِ سهڻي نموني ڳالهايو. "وَقَرْنَ فِيْ بُيُوْتِكُنَّ وَلَا تَبَرَّجْنَ تَبَرُّجَ الْجَاهِلِيَّةِ الْاُوْلٰى" ۽ پنهنجن گهرن ۾ رهو ۽ پهرئين جاهليت جي ڪليل سينگار وانگر سينگار ڪري نه نڪرو. يعني ضرورت کان سواءِ گهرن مان ٻاهر نه نڪرو ۽ جيئن جاهليت اولیٰ جي دور ۾ عورتون ٺهي ٺڪي سينگار ڪري ڪليل نموني بازارن جا چڪر هڻنديون هيون تيئن اوهان نه نڪرو. محدث بزار حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: حضرت نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جي خدمت ۾ عورتن حاضر ٿي عرض ڪيو ته: يارسول الله! مرد سڀ پلايون کٽي ويا جهاد ۾ شريڪ ٿيڻ جو شرف به انهن کي نصيب ٿئي ٿو ڇا ڪو اهڙو عمل آهي جيڪو اسين ڪيون ته اسان کي به مجاهدن وارو درجو حاصل ٿئي؟ ته پاڻ انهن کي فرمايائون "مَنْ قَعَدَتْ مِنْكُنَّ فِيْ بَيْتِهَا فَاِنَّهَا تُدْرِكُ عَمَلَ الْمُجَاهِدِيْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ" اوهان مان جيڪا گهر ۾ ويٺي اها الله جي واٽ ۾ جهاد ڪندڙن جو درجو حاصل ڪندي. ترمذي ۽ بزار حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "عورت عورت آهي جڏهن اها گهر کان نڪري ٿي ته شيطان ان کي تاڙي ٿو ۽ اها پنهنجي رب جي رحمت کي وڏ ۾ وڏ ان وقت ويجهي هوندي آهي جڏهن پنهنجي گهر ۾ اندر هوندي آهي. (٣)

(١) معارف القرآن ص١٣١ـ جلد ٧ (٢) المظهري ص٣٦٧ـ جلد ٧ (٣) ضياء القرآن ص٤٦ـ جلد ٤

سوال

جڏهن الله جل شانــه حضور عليــه الصلوٰة والسلام جي گهروارين کي گهرن ۾ وهڻ جو حڪم ڪيو ته پوءِ ام المومنين سيده عائشــه رضي الله عنها ان جي خلاف ورزي ڪري مدينــه منوره مان نڪري مڪــه مڪرمــه پهتي ۽ اتاهين ڪان وري بصره جو رخ رکي نڪتي ۽ خليفــة المسلمين اميرالمومنين حضرت علي رضي الله عنــه سان جنگ به ڪيائين. اهو ايڏو گناه ڇو ڪيائين؟

جواب

مومنن جي ماءُ سيده عائشــه مدينــه منوره ڪان مڪــه مڪرمــه ڏانهن حج جي نيت سان نڪتي هئي ۽ حج جي ارادي سان نڪرڻ ۾ ڪا به شرعي ممانعت يا قباحت نه آهي هن آيت جي نزول ڪان پوءِ به ازواج مطهرات حضور عليــه الصلوٰة والسلام جن سان گڏ حج ۽ عمره ڪيا هئا بلڪ جنگين ۾ به قرعــه اندازي ڪري پاڻ ڪنهن نه ڪنهن گهرواريءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندا هئا. جنهن مان معلوم ٿيو ته هن آيت ۾ مطلقًا گهرن مان نه نڪرڻ مراد ناهي بلڪ ضرورت ڪان سواءِ سينگار ڪري ٻاهر نڪرڻ منع آهي ۽ ان حج جي سفر ۾ سيده عائشــه سان گڏ سيده ام سلمــه ۽ سيده صفيه به هيون ۽ سيده عائشــه پنهنجي ڀيڻ اسماءَ جي پٽ حضرت عبدالله بن زبير ۽ ٻيءِ ڀيڻ ام ڪلثوم طلحــة جي گهرواريءَ جي پٽ سان گڏ سفر ڪيو هو اڪيلي محرم ڪا سواءِ نه نڪتي هئي ۽ جڏهن حج جي احڪام ڪان فارغ ٿي واپسيءَ جي تياري ڪري رهي هئي ته ڪيس اطلاع مليو ته باغي ٽولي حضرت عثمان رضي الله عنــه کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي ۽ المدينــة المنوره ۾ فتني ۽ فساد جي باهہ ڀڙڪي رهي آهي ۽ اهي باغي حضرت علي رضي الله عنــه جي لشڪر ۾ داخل ٿي ويا آهن اهي خبرون ٻڌي سيده عائشــه کي ڏاڍو ڏک پهتو اڃان ان ڏک ۾ ئي هئي ته باغي ٽولي ڪان ڊڃي حضرت طلحـــة، حضرت زبير، حضرت نعمان بن بشير، حضرت ڪعب بن عجره ڪيترن ٻين اصحابن رضي الله عنهم سان گڏجي مدينــه منوره ڪان نڪري مڪــه مڪرمــه ۾ پهتا ۽ سيده کي ٻڌايائون ته اهو باغي ٽولو شهيد خليفي حضرت عثمان کي اڃان به گاريون ڏئي رهيو آهي ۽ جيڪو انهن کي روڪي ٿو ته ان کي به قتل ڪرڻ جي لاءِ تيار رهن ٿا ۽ ڪين ڪير به جهلڻ وارو ناهي. سيده عائشــه رضي الله عنها انهن کي فرمايو ته جيستائين حضرت علي انهن کي پاڻ وٽان نه ڪڍي تيستائين اوهان اتي رهي ڳالهہ کي سوچيو ته ڇا ٿو ٿئي ۽ ڇا ڪرڻ گهرجي. اهي وجــه هيا جن

جي ڪري سيده نڪتي هئي ۽ ان تي ڪو بہ پڪو مسلمان اعتراض نہ ڪندو ۽ نہ ڪرڻ گهرجي. وڌيڪ تفصيل تاريخي ڪتابن ۾ لکيل آهي قرآن ڪريم ۽ نبوي احاديث جي روشنيءَ ۾ ان ڪي پڙهڻ وارو ڪڏهن بہ نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جي اهليہ تي ڪاوڙ نہ ڪندو. "وَاَقِمْنَ الصَّلٰوةَ وَاٰتِيْنَ الزَّكٰوةَ وَاَطِعْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ" ۽ نماز قائم ڪيو ۽ زڪواة ڏيو ۽ الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪيو. پردي جي احڪام ڪي ذڪر ڪرڻ ڪان پوءِ عبادت ۽ صالح اعمال جو حڪم ڏنو ويو آهي تانت ڪا غلط فهمي پيدا نہ ٿئي تہ نبي ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام جي قرابت جي باعث جيڪڏهن ڪو نماز ۽ زڪواة ڇڏي ڏيندو تہ ان ڪان ڪنهن قسم جي پڇا نہ ٿيندي اول پردي جي احڪام ڪي ذڪر ڪري پويان الله ۽ ان جي رسول عليہ الصلوٰة والسلام جي اطاعت ذڪر ڪرڻ سان ان احڪام جي اهميت واضح ٿي. "اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا" اي اهلبيتو! الله تہ رڳي هي ارادو ٿو ڪري تہ اوهان ڪان پليدي پري رکي ۽ اوهان ڪي چڱي طرح پاڪ صاف رکي.

اهل بيت مان مراد ڪير آهي؟

ان ۾ مختلف قول آهن ١: تہ ان مان مراد حضور عليہ الصلوٰة والسلام جون گهرواريون آهن ڇو تہ هن ڪان اڳيان ۽ پويان انهن سان ئي خطاب آهي ٢: تہ ان مان مراد صرف حضرت علي، حضرت حسن، حضرت حسين، حضرت سيده فاطمہ رضي الله عنها وعنهم آهن (هي شيعن جو قول آهي) پر محقق علماءَ اهل السنة والجماعة وٽ ازواج مطهرات ۽ چار مذڪور هستيون سيئي اهل بيت آهن جنهن جا دليل وڏن عالمن جي تصنيفات ۾ ڏسڻ گهرجن. خصوصًا علامہ آلوسي بغدادي عليہ الرحمة جي تفسير روح المعانيءَ جو هي مقام پڙهڻ جهڙو آهي "وَاذْكُرْنَ مَا يُتْلٰى فِيْ بُيُوْتِكُنَّ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ وَالْحِكْمَةِ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ لَطِيْفًا خَبِيْرًا" ۽ اوهان جي گهرن ۾ جيڪي الله جون آيتون ۽ حڪمت (جون ڳالهيون) پڙهيون وڃن ٿيون اهي ياد ڪيو بلاشڪ الله لطف ڪندڙ، خبر رکندڙ آهي يعني اي اهلبيتو! الله جل شانہ اوهان سان خاص لطف ڪندڙ ۽ اوهان جي احوال جي پوري خبر رکندڙ آهي پنهنجا سڀ ڪم ان جي حوالي ڪري ڇڏيو.(١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

(١) ايسر التفاسير ص٥٦٢ـ جلد ٧

ع۱ـ آيت ع۳۱ـ ۾ آيل لفظ "مِنْكُنَّ" ۾ من بيان جي لاءِ آهي تبعيض جي ناهي جنهن مان ثابت ٿيو تہ حضور پرنور عليہ الصلوٰة والسلام جون سڀ گهرواريون فرمانبردار آهن.

ع۲ـ آيت ع۳۲ـ مان معلوم ٿيو تہ دنيا جون عورتون حضور عليہ الصلوٰة والسلام جي گهروارين جهڙيون سندس گهرواريون هجڻ جي حيثيت سان ناهن ۽ جڏهن ان جي گهروارين جهڙي ڪا عورت ناهي تہ حضور عليہ الصلوٰة والسلام جهڙو بہ ڪير ناهي.

إِنَّ الْمُسْلِمِينَ وَالْمُسْلِمَاتِ وَالْمُؤْمِنِينَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْقٰنِتِينَ

بيشڪ مسلمان مرد ۽ مسلمان عورتون ۽ مومن مرد ۽ مومن عورتون ۽ فرمانبردار مرد

وَالْقٰنِتٰتِ وَالصّٰدِقِينَ وَالصّٰدِقٰتِ وَالصّٰبِرِينَ وَ الصّٰبِرَاتِ

۽ فرمان بردار عورتون ۽ سچ ڳالهائيندڙ مرد ۽ سچ ڳالهائيندڙ عورتون ۽ صبر ڪندڙ مرد ۽

وَالْخٰشِعِينَ وَالْخٰشِعٰتِ وَالْمُتَصَدِّقِينَ وَ

صبر ڪندڙ عورتون ۽ عاجزي ڪندڙ مرد ۽ عاجزي ڪندڙ عورتون ۽ خيرات ڪندڙ مرد ۽

الْمُتَصَدِّقٰتِ وَالصَّآئِمِينَ وَالصَّآئِمَاتِ وَالْحٰفِظِينَ فُرُوْجَهُمْ

خيرات ڪندڙ عورتون ۽روزو رکندڙمرد۽روزو رکندڙعورتون ۽پنهنجن اگهڙن جي حفاظت ڪندڙ مرد

وَالْحٰفِظٰتِ وَالذّٰاكِرِينَ اللهَ كَثِيرًا وَّالذّٰاكِرَاتِ

۽ حفاظت ڪندڙ عورتون ۽ الله جو گهڻو ذڪر ڪندڙ مرد ۽ (گهڻو) ذڪر ڪندڙ عورتون

أَعَدَّ اللهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّأَجْرًا عَظِيمًا (٣٥)

تيار ڪيو الله انهن جي لاءِ مغفرت ۽ اجر وڏو

تفسير

اڳين آيتن ۾ نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جي پاڪ گهروارين جو خصوصي ذڪر هو ۽ هنن آيتن ۾ مردن سان گڏ عورتن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي.

"إِنَّ الْمُسْلِمِينَ وَالْمُسْلِمٰتِ وَالْمُؤْمِنِينَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْقٰنِتِينَ وَالْقٰنِتٰتِ وَالصّٰدِقِينَ وَالصّٰدِقٰتِ وَالصّٰبِرِينَ وَالصّٰبِرَاتِ وَالْخٰشِعِينَ وَالْخٰشِعٰتِ وَالْمُتَصَدِّقِينَ وَالْمُتَصَدِّقٰتِ وَالصَّآئِمِينَ

وَالصّٰٓئِمَاتِ وَالْحٰفِظِيْنَ فُرُوْجَهُمْ وَالْحٰفِظٰتِ وَالذّٰكِرِيْنَ اللهَ كَثِيْرًا وَّالذّٰكِرٰتِ اَعَدَّاللهُ لَهُمْ مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِيْمًا" بلاشڪ مسلمان مرد ۽ مسلمان عورتون ۽ مومن مرد ۽ مومن عورتون ۽ فرمانبردار مرد ۽ فرمانبردار عورتون ۽ سچا مرد ۽ سچيون عورتون ۽ صبر ڪندڙ مرد ۽ صبر ڪندڙ عورتون ۽ عاجزي ڪندڙ مرد ۽ عاجزي ڪندڙ عورتون ۽ خيرات ڪندڙ مرد ۽ خيرات ڪندڙ عورتون ۽ روزو رکندڙ مرد ۽ روزو رکندڙ عورتون ۽ پنهنجين اگهڙن جي حفاظت ڪندڙ مرد ۽ حفاظت ڪندڙ عورتون ۽ الله جو گهڻو ذڪر ڪندڙ مرد ۽ ذڪر ڪندڙ عورتون انهن (سيني صفتن سان موصوف تيندڙن) جي لاءِ الله گناهن جي مغفرت ۽ وڏو اجر تيار ڪيو آهي.

شان نزول

فريابي، ابن سعد، ابن ابي شيبه، عبد بن حسين، نسائي، ابن جرير، ابن المنذر، ابن ابي حاتم ۽ ابن مردويه مومنن جي ماءُ سيده ام سلمه رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت عاليه ۾ عرض ڪيو تہ: مردن جو قرآن پاڪ ۾ ذڪر آهي عورتن جو ذڪر ڇو نہ آهي؟ تڏهن الله جل شانه هيءَ آيت نازل فرمائي (١) جنهن ۾ الله جل شانه جي ٻانهن ۽ ٻانهين جون ڏهہ (١٠) صفتون بيان ڪيل آهن ١: اسلام، يعني ظاهري طرح اسلامي احڪام جي قول ۽ عمل ۾ تابعداري ڪرڻ ٢: ايمان، يعني احڪام الٰهي لاءِ باطني طرح بہ يقين رکي تصديق ڪرڻ ٣: قنوت، يعني سڪون ۽ قلبي اطمينان سان چڱي عمل تي هميشگي ڪرڻ ۴: الصدق، اقوال ۽ اعمال ۾ سچو رهڻ ۽ جيئن ڪوڙ هڻڻ منافقي جي نشاني آهي تيئن سچ ڳالهائڻ ايمان جي علامت آهي ۵: صبر، تڪليفن ۽ عبادات جي ادا ڪرڻ ۽ شهوتن جي ڇڏڻ ۾ مشقتون برداشت ڪرڻ ٦: الخشوع، الله جي لاءِ، ان جي طرفان ثواب طلب ڪرڻ، ان جي عذاب کان ڊڄڻ جي ڪري قلبي عاجزي ۽ انڪساري ڪرڻ ٧: التصدق، مال مان خيرات ڪري مسڪينن ۽ محتاجن سان احسان ڪرڻ ٨: الصوم، روزو رکڻ ڇو تہ ان سان انسان نفساني خواهشن تي ڪنٽرول ڪندو آهي. ابن ماجه جي روايت آهي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "وَالصَّوْمُ زَكَاةُ الْبَدَنِ" بدن جي زڪواة روزو آهي اهو انسان کي ردي خلطن کان صاف ۽ پاڪ ڪندو آهي ٩: اگهڙن جي حفاظت ڪرڻ، يعني ناجائز طريقن کان بچڻ ١٠: زبان ۽ دل سان الله جل شانه جو ذڪر گهڻو ڪرڻ قرآن پاڪ جي مفسر حضرت

(١) الدرالمنثور صـ٦٠٨ـ جلد ٦

مجاهد جو قول آهي تہ جيستائين کو ماڻهو بيٺي، ويٺي ۽ ستي الله جل شانـه جو ذڪر نہ ڪندو تيستائين اهو گهڻو ذڪر ڪندڙن ۾ شامل نہ ٿيندو. نسائي، ابن ماجـہ، ابو داؤد ۾ ٽين محدثن حضرت ابوسعيد خدري رضي الله عنـه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عليـه وسلم جن فرمايو "اِذَا اَيْقَظَ الرَّجُلُ امْرَاَتَـهٗ مِنَ اللَّيْلِ فَصَلَّيَا رَكْعَتَيْنِ كَانَا تِلْكَ اللَّيْلَـةَ مِنَ الذَّاكِرِيْنَ اللهَ كَثِيْرًا وَّالذَّاكِرَاتِ" (١) جڏهن رات جو مڙس پنهنجيءَ زال کي سجاڳ ٿو ڪري پوءِ اهي ٻئي ٻہ رڪعتون (نفل) نماز پڙهن ٿا تہ اهي اها رات گهڻو ذڪر ڪندڙن مردن ۾ ذڪر ڪندڙ عورتن مان هوندا.

فائدا

مذڪوره آيت مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ جيڪي مسلمان مرد ۽ عورتون انهن صفتن سان موصوف هوندا اهي بهشتي هوندا.

ع٢ـ مذڪوره صفتون نهايت ئي پياريون آهن جو انهن جو وجود بهشت ۾ داخلا جو سبب آهي.

ع٣ـ مذڪوره صفتون اهڙيون آهن جو انهن ۾ مرد ۽ عورتون برابر ٿي سگهن ٿا.

وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللهُ وَرَسُوْلُـهٗٓ

۽ نہ ٿو مناسب هجي مومن مرد ۽ مومن عورت جي لاءِ جڏهن فيصلو ڪري الله ۽ ان جو رسول

اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ؕ وَمَنْ يَّعْصِ اللهَ

ڪنهن امر جو تہ هجي انهن جي لاءِ اختيار پنهنجي معاملي ۾ ۽ جيڪو بہ بي فرماني ڪندو الله

وَرَسُوْلَـهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلَالًا مُّبِيْنًا ؕ (٣٦) وَاِذْ تَقُوْلُ لِلَّذِيْٓ

۽ ان جي رسول جي پوءِ تحقيق گمراهہ ٿيو کليل گمراهي ۾ جڏهن فرمايو اوهان ان کي جو

اَنْعَمَ اللهُ عَلَيْهِ وَاَنْعَمْتَ عَلَيْهِ اَمْسِكْ عَلَيْكَ زَوْجَكَ

نعمت ڪئي الله ان تي ۽ نعمت ڪئي اوهان ان تي تہ روڪي جهل پاڻ وٽ پنهنجيءَ زال کي

(١) المراغي صـ١٠ـ جزء ٢٢ جلد ٨

وَاتَّقِ اللّٰهَ وَتُخْفِيْ فِيْ نَفْسِكَ مَا اللّٰهُ مُبْدِيْهِ

۽ الله کان ڊڄ ۽ مخفي رکو پيا پنهنجي جيءَ ۾ اها ڳالهه جو الله ان کي ظاهر ڪندڙ آهي

وَتَخْشَى النَّاسَ ۚ وَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنْ تَخْشٰهُ ؕ

۽ انديشو پيا ڪيو ماڻهن جو ۽ الله وڌيڪ حقدار آهي هن جو ته اوهان ان کان انديشو ڪيو

فَلَمَّا قَضٰى زَيْدٌ مِّنْهَا وَطَرًا زَوَّجْنٰكَهَا لِكَيْ لَا يَكُوْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ حَرَجٌ

پوءِ جڏهن پوري ڪئي زيد ان مان خواهش ته پرڻائي اسان اوهان کي اها تانت نه هجي مومنن تي

فِيْٓ اَزْوَاجِ اَدْعِيَآئِهِمْ اِذَا قَضَوْا مِنْهُنَّ وَطَرًا ؕ

پنهنجن پٽيلين جي زالن پرڻجڻ ۾ ڪا اوکائي نه رهي جڏهن (آهي) انهن کان پنهنجي حاجت پوري ڪن

وَكَانَ اَمْرُ اللّٰهِ مَفْعُوْلًا (٣٧) مَا كَانَ عَلَى النَّبِيِّ مِنْ حَرَجٍ فِيْمَا فَرَضَ اللّٰهُ

ڪا ڏيائين ۽ الله جو امر ٿيڻو آهي ناهي نبي تي ڪا ڏکيائين ان ۾ جيڪو حلال فرمايو الله ان جي

لَهٗ ؕ سُنَّةَ اللّٰهِ فِي الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلُ ؕ وَكَانَ اَمْرُ اللّٰهِ قَدَرًا مَّقْدُوْرَا ۙ (٣٨)

لاءِ دستور هو الله جو انهن ۾ جيڪي گذريا اڳي ۽ آهي الله جو امر تقدير مقرر

الَّذِيْنَ يُبَلِّغُوْنَ رِسٰلٰتِ اللّٰهِ وَيَخْشَوْنَهٗ وَلَا يَخْشَوْنَ اَحَدًا

اهي ٻانها جيڪي پهچائين ٿا الله جا پيغام ۽ ڊڄن ٿا ان کان ۽ نه ٿا ڊڄن ڪنهن هڪ کان

اِلَّا اللّٰهَ ؕ وَكَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيْبًا (٣٩)

الله کانسواءِ ۽ ڪافي آهي الله حساب ڪندڙ

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله جلشانه پنهنجي پياري نبي عليه الصلوة والسلام کي فرمايو ته پنهنجين گهر وارين کي اختيار ڏيو ته يا دين کڻن يا دنيا جا سينگار پر انهن دين اختيار ڪيو ۽ هتي اهو ٻڌايو ويو آهي ته هر ڳالهه ۾ انسان کي اختيار مليل ناهي ان لاءِ ڪي اهڙا امر به آهن جن جي ادائگي نهايت ضروري آهي. ارشاد الاهي آهي "وَمَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّلَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اَمْرًا اَنْ يَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِيَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْ ؕ" ۽ مومن ۽ مومنياڻيءَ لاءِ مناسب ناهي جو جڏهن الله ۽ ان جو رسول ڪنهن امر جو فيصلو ڪن ته انهن کي سندن امر ۾ اختيار هجي مطلب ته ايمان وارو مرد ۽ ايمان واري عورت الله ۽ ان جي رسول عليه الصلوة والسلام جي طرفان سندن متعلق ڪيل

فيصلي ۾ پنهنجو اختيار نہ هلائيندا. "وَمَنْ يَّعْصِ اللهَ وَرَسُوْلَـهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِيْنًا" ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي بي فرماني ڪندو تہ بيشڪ اهو ڪليل گمراهہ ٿي ويو. مطلب تہ اهو سڌي حق جي واٽ کان ڀٽڪيل بنجي، رشد ۽ هدايت جي روشنيءَ مان نڪري، گمراهيءَ جي اونداهين وارين واٽن ۾ اچي ويو.

شان نزول

قتاده، مجاهد ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهم کان روايت آهي تہ حضرت نبي پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام جن پنهنجي ڦڦيءَ جي ڌيءُ زينب بنت جحش کي پنهنجي آزاد ڪيل غلام زيد بن حارثـه سان شادي ڪرڻ جو حڪم فرمايو پر حضرت زيد جي غلام هجڻ جي ڪري حضرت زينب ۽ ان جي ڀاءُ حضرت عبدالله ان رشتي کان انڪار ڪيو تڏهن هيءَ آيت نازل ٿي ۽ اها ٻڌي ٻنهي ڀيڻ ۽ ڀاءُ اهو رشتو قبول فرمايو.

(١) "وَاِذْ تَقُوْلُ لِلَّذِيْٓ اَنْعَمَ اللهُ عَلَيْهِ وَاَنْعَمْتَ عَلَيْهِ اَمْسِكْ عَلَيْكَ زَوْجَكَ وَاتَّقِ اللهَ" ۽ (ياد فرمايو) جڏهن اوهان ان کي پيا فرمايو جنهن تي الله نعمت ڪئي آهي ۽ اوهان بہ ان تي نعمت ڪئي آهي تہ پنهنجي لاءِ پنهنجيءَ گهرواريءَ کي روڪي جهل ۽ الله کان ڊڄ. جڏهن مذڪوره آيت جي نزول کان پوءِ حضرت زينب بن جحش ۽ سندس ڀاءُ عبدالله راضي ٿيا تہ حضور پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام جن بيبي صاحبـه جو نڪاح ڏهن دينارن ۽ سٺ درهمن جي مهر تي حضرت زيد سان ڪرايو ۽ پاڻ بيبي صاحبـه کي ڪجهہ ڪپڙن جا ٽڪرا، ڪاڏي جو اناج ڪارڪون وغيره بہ ڏياريائون ان نڪاح جي سال کان پوءِ انهن ۾ اختلاف پيدا ٿيو ۽ حضرت زيد رضي الله عنـه پنهنجي گهرواريءَ جي حضور عليـه الصلوٰة والسلام جن کي دانهن ڏني ۽ طلاق ڏيڻ جو فيصلو فرمايو تڏهن حضور پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام جن ڪيس مذڪوره هدايت ڪئي حضرت بيبي زينب بنت جحش جي ماءُ حضور پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام جي ان ڦڦيءَ جو نالو اميمـه هو. (٢) "وَتُخْفِيْ فِيْ نَفْسِكَ مَا اللهُ مُبْدِيْـهِ وَتَخْشَى النَّاسَ ۚ وَاللهُ اَحَقُّ اَنْ تَخْشٰـهُ" ۽ پنهنجي جيءَ ۾ اها ڳالهہ مخفي پيا رکو جنهن کي الله ظاهر ڪندڙ آهي ۽ ماڻهن جو انديشو پيا ڪيو حالانڪ انديشي ڪرڻ جو وڌيڪ حقدار تہ الله آهي. جڏهن حضرت زيد ۽ حضرت بيبي زينب بنت جحش رضي الله عنهما جو اختلاف ٿيو ۽ حضور پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام جن جي سمجهائڻ جي باوجود حضرت زيد طلاق ڏيڻ جو فيصلو ڪيو تہ ڪين اهو فڪر ٿيو تہ آينده جي لاءِ انتظام ڇا هجي؟ هڪ تہ حضرت بيبي

(١) ضياء القرآن صـ٥٨ـ جلد ٤(٢) تفسيرابن ڪثير صـ٤٩١ـ جلد ٣ حاشيـه ماجديـه صـ٨٤٩ـ

زينب جي اڳئي دل شڪني ٿي هئي جو ان جي عالي نسب هجڻ جي باوجود سندس نڪاح هڪ آزاد ڪيل غلام سان ڪيو ويو هو ٻيو ان جي عرفي عزت ۽ نيڪ ناميءَ تي اهو به داغ لڳي رهيو هو ته اها هڪ غلام جي طلاق ڏنل بڻجي رهي هئي اها سوچ ان تي نهايت ڳري گذري هوندي ۽ ان موقعي تي ان جي عزت ۽ وقار لاءِ اهو ئي سگهيو ٿي جو ان جو نڪاح هڪ سردار هستيءَ سان ڪيو وڃي ۽ ان سان گڏ اهو فڪر به هو ته عرب قوم وارا پنهنجي پٽيلي سڏيل جي گهرواريءَ (طلاق ڏنل) سان نڪاح ڪي الاءِ ڇا سمجهندا پاڻ ان سوچ ۾ هيا ته مٿيون فرمان نازل ٿيو جنهن جو مقصد هو ته اوهان ماڻهن جو فڪر نه ڪيو دل ۾ جيڪا ڳالهه سوچي اٿو اها مخفي نه رکو اوهان زينب سگهوريءَ سان نڪاح ڪيو ان ۾ نه عيب آهي نه گناهه اهو هڪ جائز امر آهي "فَلَمَّا قَضٰى زَيْدٌ مِّنْهَا وَطَرًازَوَّ جْنٰكَهَا" پوءِ جڏهن زيد ان مان خواهش پوري ڪئي ته اها اسان اوهان کي پرڻائي يعني زيد ان مان حاجت پوري ڪري ان کي طلاق ڏني ته اسان ان سان اوهان جو نڪاح ڪرايو. تانت اها غلط سوچ ختم ٿئي ته پٽيلي جي طلاق ڏنل زال سان نڪاح ڪرڻ صحيح ناهي. "لِكَيْلَا يَكُوْنَ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ حَرَجٌ فِيْٓ اَزْوَاجِ اَدْعِيَآءِ هِمْ اِذَا قَضَوْا مِنْهُنَّ وَطَرًا" تانت مومنن تي سندن پٽيلن جي (طلاق ڏنل) زالن جي باري ۾ جڏهن انهن مان خواهش پوري ڪيائون ڪا ڏکيائي نه هجي مطلب ته جڏهن اوهان پنهنجي پٽيلي جي طلاق ڏنل زال سان پاڻ نڪاح ڪيو ته ٻين لاءِ به رڪاوٽ نه رهي. "وَكَانَ اَمْرُاللّٰهِ مَفْعُوْلًا" ۽ الله جو امر ٿيڻو آهي. يعني اهو الله جو فيصلو هو جيڪو ضرور پورو ٿيڻو هو ۽ ٿيو "مَاكَانَ عَلَى النَّبِيِّ مِنْ حَرَجٍ فِيْمَا فَرَضَ اللّٰهُ لَهٗ" نبي تي ان ۾ ڪا به ڏکيائي ناهي جيڪا (شيءِ) الله ان جي لاءِ حلال ڪئي آهي. يعني الله جل شانه پنهنجي نبي جي لاءِ پٽيلي جي زال سان نڪاح ڪرڻ حلال ڪيو آهي ته ان تي ان ۾ ڪا به ڏکيائي نه هجڻ ڪپي ۽ نه آهي. ضحاڪ جو قول آهي ته حضرت بيبي زينب سان نڪاح ڪرڻ جي ڪري يهودين نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام تي طعنا هنيا ته پاڻ گهڻن نڪاحن جو شوق ٿا رکن انهن جي رد ۾ اهو فرمان نازل ٿيو (١) "سُنَّةَ اللّٰهِ فِى الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلُ" (هيءُ) الله جو طريقو انهن ۾ به هو جيڪي اڳ ۾ گذري ويا. مطلب ته گهڻا نڪاح ڪرڻ اڳين نبين عليهم الصلوٰة والسلام جو به طريقو هو جيئن حضرت داؤد وٽ هڪ سوءُ گهرواريون هيون ۽ حضرت سليمان (علىٰ نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام) وٽ ست سوءُ (٧٠٠) گهرواريون ۽ ٽي سوءُ (٣٠٠) ٻانهيون هيون ۽ انهن تي يهودين کي اعتراض ناهي ته حضور عليه الصلوٰة والسلام تي اعتراض

(١) صفوة التفاسير صـ٥٢٨ـ جلد ٢

چو آهي؟ (١) "وَكَانَ اَمۡرُاللّٰهِ قَدَرًا مَّقۡدُوۡرًا" ۽ الله جو امر مقرر تقدير آهي. جنهن جو ازل کان حڪم قطع ٿيل آهي ان ۾ ڪو بہ تغير ۽ تبدل نہ آهي. ان ڪان پوءِ الله جل شانہ سيني نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي ثناءَ ڪندي ارشاد فرمايو "اَلَّذِيۡنَ يُبَلِّغُوۡنَ رِسَالَاتِ اللّٰهِ" جيڪي الله جا پيغام پهچائين ٿا يعني گهٽين زالن رکڻ جو سلسلو انهن الله جل شانہ جي پيارن ۾ هلندو آيو آهي جيڪي الله جل شانہ جا پيغام ان جي ٻانهن تائين پهچائيندا رهيا. "وَيَخۡشَوۡنَهٗ وَلَا يَخۡشَوۡنَ اَحَدًا اِلَّا اللّٰهَ" ۽ ان کان ڊڄن ٿا ۽ الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان بہ نہ ٿا ڊڄن مطلب تہ غير جي پرواهہ نہ ٿا رکن صرف هڪ الله کان ڊڄندي ان جي حڪمن تي هلن ٿا. "وَكَفٰى بِاللّٰهِ حَسِيۡبًا" ۽ الله حساب ڪندڙ ڪافي آهي. جيڪو پنهنجن ٻانهن جي اعمال ۽ افعال جو محاسب آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

ع-١ـ آيت ع-٣٦ـ مان معلوم ٿيو تہ مومن ۽ مومنياڻيون الله ۽ ان جي رسول عليہ الصلوٰة والسلام جي حڪم جي اڳيان قربان هوندا ان ۾ ڪنهن قسم جي ٽال مٽول نہ ڪندا ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ نبي اڪرم عليہ الصلوٰة والسلام جن جو امر وجوب لاءِ هوندو مگر ڪنهن قريني جي ڪري ٻي صورت وٺي سگهي ٿو ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ سندن حڪم مڃڻ ۾ تردد، چو ۽ چالاڪي ڪجي.

ع-٢ـ "اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِ" (اوهان ان تي نعمت ڪئي) مان واضح ٿيو تہ ائين چوڻ تہ "مون تي الله ۽ ان جي رسول (عليہ الصلوٰة والسلام) مهرباني ڪئي، احسان ڪيو ياالله ۽ ان جي رسول عليہ الصلوٰة والسلام مون کي غني بنايو جائز آهي جيئن ٻيءِ آيت ۾ آهي. "اَغۡنَاهُمُ اللّٰهُ وَرَسُوۡلُهٗ مِنۡ فَضۡلِهٖ" (٢) انهن کي الله ۽ ان جي رسول (عليہ الصلوٰة والسلام) پنهنجي فضل سان غني بنايو.

ع-٣ـ "وَاللّٰهُ اَحَقُّ اَنۡ تَخۡشٰهُ" (۽ الله هن ڳالهہ جو وڌيڪ حقدار آهي تہ ان کان ڊڄو) مان واضح ٿيو تہ هر معاملي ۾ ماڻهن جي چون چراڪي ڇڏي الله جل شانہ جو خوف رکڻ گهرجي ۽ ديني مصلحتن تان دنيوي مصلحتون قربان ڪرڻ گهرجن.

(١) زاد المسير ص-٣٩٢ـ جلد ٦ سورة توبہ آيت ع-٧٥ـ

مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ

ناهي محمد پيءُ ڪنهن هڪ جو اوهان جي مردن مان ۽ پر الله جو رسول

وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا (۴۰)

۽ نبين مان آخري نبي آهي ۽ الله هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضور عليہ الصلوٰة ولسلام جن جي بيبي زينب سان نڪاح ڪرڻ ڪي هڪ صالح عمل جي تبليغ جو ذريعو ٻڌايو ويو ۽ اڳين نبين عليهم الصلوٰة والسلام ۾ بہ گهڻين شادين جو هجڻ بيان ڪيو ويو ۽ هتي انهن اعتراض ڪندڙن ڪي جواب ڏيندي ٻڌايو ويو آهي تہ اهو اعتراض تڏهن ٺهي ها جڏهن حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن پنهنجي نسبي پٽ جي اهليہ سان نڪاح ڪن ها پر سندن ڪو بہ نسبي وڏو پٽ ناهي ۽ نہ پاڻ ڪنهن مرد جا نسبي سڳا پيءُ آهن. فرمان ايزدي آهي "مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ" محمد اوهان جي مردن مان ڪنهن جو پيءُ ناهي ۽ جڏهن پيءُ ناهي تہ زيد جيڪو نسب ۾ حارثہ جو پٽ هو سندن پٽ نہ ٿيندو ۽ ان جي ڇڏيل گهرواريءَ سان سندن نڪاح ڪرڻ ۾ ڪا بہ قباحت ناهي "وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ" ۽ پر الله جو رسول آهي. حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن جي مردن مان ڪنهن جي پيءُ هجڻ جي نفي ڪرڻ ڪان پوءِ سندن رسول هجڻ جو اعلان ڪري ٻڌايو ويو تہ بيشڪ پيءُ پنهنجي اولاد تي وڏو شفيق هوندو آهي پر جيڪو قلبي تعلق رسول عليہ الصلوٰة والسلام ڪي پنهنجيءَ امت جي هر هڪ فرد سان هوندو آهي ۽ جيڪو لطف ۽ ڪرم اهو ڪندو آهي ان جي مقابلي ۾ پيءُ جون سڀ شفقتون ڪجهہ بہ ناهن پيءُ جون مهربانيون اولاد جي جسماني ۽ مادي دنيا تائين محدود هونديون آهن پر رسول پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جي نگاهہ ڪرم سان امتيءَ جو جسم ۽ روح، ظاهر ۽ باطن، دل ۽ عقل سڀ فيضياب ٿيندا آهن قيامت جي ڏينهن بہ رسول پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جي لطف ۽ ڪرم سان سندن شفاعت جي صدقي سڀ سچا امتي نجات حاصل ڪندا "وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ" نبين مان پويون (نبي) آهي مطلب تہ سندن وجود مسعود تي نبوت ختم آهي ۽ پاڻ ئي انهيءَ سلسلي جي آخري ڪڙي آهن سندن محبت ۽ الفت جي تقاضا هيءَ آهي تہ سندن دور ۾ ڪا بہ شيءِ اڌوري نہ رهجي سيني برين

رسمن جي پاڙ پٽي وجي ڇو تہ جيڪڏهن ڪا ڳالهہ رهجي وئي تہ ان جي اصلاح ڪير ڪندو ٻيو ڪو نبي تہ اچڻو ئي ناهي انهي جي ڪري جو پاڻ نبين سڳورن علیٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام ۾ آخري نبي آهن.

ختم نبوت جو عقيدو

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ نبوت جو حضور عليـــه الصلوة والسلام جن تي ختم هجڻ جو عقيدو اسلام جي انهن بنيادي عقيدن مان آهي جيڪو قرآن ڪريم، نبوي متواتر حديثن ۽ امت جي اجماع سان ثابت آهي. اسلامي امت جي سيني فرقن جو پاڻ ۾ سخت اختلافن جي باوجود اهو متفق عقيدو آهي تہ حضور عليـــه الصلوٰة والسلام جن آخري نبي آهن ڪانئن بعد ڪو بہ ۽ ڪنهن قسم جو بہ نبي نہ ايندو اهو ئي وجـــه آهي جو گذريل تيرهن صدين ۾ جنهن بہ نبي هجڻ جي دعویٰ ڪئي ان کي مرتد قرار ڏنو ويو ۽ ان جي خلاف جهاد جو جهنڊو بلند ڪيو ويو. مسيلمـــــه ڪذاب جڏهن نبوت جي دعویٰ ڪئي تہ حضرت ابوبڪر صديق ڪنهن بہ نتيجي جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ ان جي خلاف لشڪر موڪليو ۽ تڏهن سک جو ساهہ ڪنيو جڏهن ان ڪوڙي، نبوت جي مدعيءَ کي موت جي حوالي ڪرايو. ان سان مقابلو ڪندي ان جهاد ۾ هزارين مسلمان شهيد ٿيا جن ۾ سَوَن جي تعداد ۾ قرآن ڪريم جا حافظ، جليل القدر اصحابي هئا پر حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنـــه ايڏي وڏي قرباني ڏئي بہ ان فتني کي ڪچلڻ ضروري سمجهيو پاڻ صديقيت جي نور سان ڏسي رهيو هو تہ جيڪڏهن ان معاملي ۾ مون ٿورڙي بہ سستي ڪئي تہ ڪيترا نبوت جا مدعي اٿندا ۽ هيءَ امت ڪيترين امتن ۾ ورهائجي ويندي هر امت جو پنهنجو نبي هو ندو ۽ اهي ان جي اتباع ڪندا ۽ ان طرح رحمـــة للعالمين صلى الله عليـــه وسلم جي زير سايـــه اسلامي پليٽ فارم تي انسانيت جي اتحاد جون سڀ اميدون ختم ٿي وينديون ۽ "اِنِّيْ رَسُوْلُ اللهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعًا" (١) (بلاشڪ مان اوهان سيني ڏانهن الله جو رسول آهيان) وارو سهڻو منظر اکين جي اڳيان غائب ٿي ويندو.

تنبيه

ناظرين کي اها ڳالهہ بہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ ان وقت نبوت جي دعویٰ ڪندڙ "مسيلمـــــه ڪذاب" بہ موجوده دور جي دجال قاديانيءَ وانگر حضور پرنور عليـــه الصلوٰة والسلام جي نبوت جو منڪر نہ هو پنهنجي نبوت جي دعویٰ سان گڏ حضور عليـــه الصلوٰة والسلام جي رسالت کي بہ تسليم ڪندو هو. ان جي دور ۾

سندس مجڻ وارن ۾ جيڪا بانگ ڏني ويندي هئي ان ۾ به "اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ" چيو ويندو هو. انهن سڀني ڳالهين جي هوندي به حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه ان کي مرتد ۽ واجب القتل يقين ڪري ان تي لشڪر موڪلي قتل ڪرائي ان کي جهنم ۾ پهچايو. مطلب ته اسلام جي تيره سؤ (١٣٠٠) سال جي تاريخ ۾ جڏهن به ڪنهن مٿي ڦريل پاڻ کي نبي سڏايو ته ان کي قتل ڪيو ويو جنهن مان ثابت ٿيو ته روءِ زمين تي آباد رهندڙن مسلمانن جو اهو پڪو عقيدو هو ته حضرت حبيب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام کان بعد ڪنهن به قسم جوڪو به نبي ٿيڻ ممڪن ئي ناهي.
"افسوس صد افسوس" پر نهايت افسوس جي ڳالهه آهي ته انگريزن جي اشاري تي مسلمانن ۾ وري اهو فتنو پيدا ٿيو جو مرزا قادياني نبوت جي دعویٰ ڪئي ۽ ان سان مسلمانن ۾ انتشار وجود ۾ آيو قادياني ملعون بظاهر ته عيسائين جو رد ڪندو هو عيسائي پادرين سان مناظرا ڪندو هو پر درپرده انهن جو چيلو، چمچو هو انگريز راڻيءَ جي تعريف ۾ ان ڪيترا پمفلٽ ڇپارايا هئا ۽ ان جي ڪري قادياني ڪافرن کي وڏيون نوڪريون ۽ وڏا اعزاز ملندا هئا. مگر عالم اسلام جي سڀني عالمن اتفاق سان قاديانيءَ کي نبوت جي دعویٰ ڪرڻ جي ڪري مرتد، اسلام کان خارج، ڪافر قرار ڏنو. انهن وضاحتن ڪرڻ مان مقصد صرف هي هيو ته هر مسلمان سمجهي ته ختم نبوت جو عقيدو اهو اسلامي بنيادي عقيدو آهي جنهن تي مسلمانن جو پاڻ ۾ شديد اختلافن جي باوجود تيرهن صدين کان ڪلي اتفاق ۽قطعي اجماع رهيو آهي جيئن هڪ مسلمان جي لاءِ الله تعالیٰ جي توحيد، قيامت ۽ حضور عليه الصلوٰة والسلام جي رسالت يقيني ۽ ڪنهن دليل جي محتاج ناهي تيئن ختم نبوت جو عقيدو به قطعي ۽ يقيني آهي پر مرزا قاديانيءَ اهو ڪم ڪري ڏيکاريو جنهن جي جرات اڄ تائين شيطان کي به نه ٿي جيڪي ماٺهو پيٽ جا پوڄاري، لالچي مال ۽ دولت جي لاءِ پنهنجو دين متائڻ ۾ قباحت محسوس نه ٿا ڪن اهي ان جا پوئلڳ بڻيا. پر اسان سچن مومنن جو هي عقيدو آهي ته پاڻ ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن سڀني کان آخري نبي آهن سندن تشريف آوريءَ کان پوءِ نبوت جو سلسلو ختم ٿي ويو ڪائنڻ بعد ڪنهن به قسم جو ڪو نبي اچڻ ناممڪن ۽ محال آهي ۽ جيڪو شخص پنهنجي نبي هجڻ جي دعویٰ ڪري ٿو ۽ جيڪو بدبخت ان کي سچو مڃي ٿو اهي اسلام جي دائره کان خارج ۽ مرتد آهن ۽ مرتد واري اسلامي سزا جا مستحق آهن اسان جي ان عقيدي جا قرآن پاڪ ۽ نبوي حديثن ۾ قطعي ۽ يقيني ڪيترا دليل موجود آهن جن مان ڪجهه هتي لکجن ٿا.

قرآن ڪريم مان دليل

حضور عليـــه الصلوٰة والسلام جي ختم نبوت لاءِ مذڪوره آيت دليل آهي هتي "خاتم النبيين" ۾ خاتم جي معنىٰ پويون، يا آخري آهي. علم لغت جي ماهر علامـــه جوهريءَ جيڪو چوٿين صديءَ هجريءَ جو عالم آهي پنهنجي ڪتاب الصحاح ۾ ۽ ڇهينءَ صدي هجريءَ جي عالم، لغت جي ماهر علامـه ابن منظور پنهنجي ڪتاب لسان العرب ۾ خاتم جي معنىٰ پويون لکي آهي. پوءِ خاتم جي تاءَ ڪي زير هجي يا زبر معنىٰ اها آهي ۽ قادياني ٽولي جو چوڻ آهي تہ خاتم جي معنىٰ مُهَر بہ آيل آهي هتي اها مراد آهي مگر ائين چوڻ سان بہ سندن دعوىٰ غلط ثابت ٿئي ٿي جيڪڏهن خاتم جي معنىٰ مُهَر وٺندا تہ پوءِ مطلب هي ٿيندو تہ ان تي مهر لڳي وئي تہ متان ٻيو ڪو ان ۾ داخل ٿئي. لغت جي ڪتابن ڪي بہ قرآن پاڪ جي سمجهڻ ۾ اهميت آهي پر سڀ کان وڏيڪ اها معنىٰ ۽ مراد صحيح ۽ قابل قبول آهي جيڪا حضور عليـــه الصلوٰة والسلام جن بيان فرمائي ڪجهہ سندن ارشاد مبارڪ لکجن ٿا جن مان اهو ئي ختم نبوت وارو عقيدو واضح آهي.

ارشاد ع١ـ بخاري، مسلم، ترمذي، ابن ابي حاتم ۽ ابن مردويـــه حضرت جابر رضي الله عنـــه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جن فرمايو "مَثَلِيْ وَمَثَلُ الْاَنْبِيَآءِ كَمَثَلِ رَجُلٍ اِبْتَنٰي دَارًا فَاَكْمَلَهَا وَاَحْسَنَهَا اِلَّامَوْضِعَ لَبِنَـــةٍ فَكَانَ مَنْ دَخَلَهَا فَنَظَرَ اِلَيْهَا قَالَ مَا اَحْسَنَهَا اِلَّا مَوْضِعَ اللَّبْنَـــةِ فَاَنَا مَوْضِعُ اللَّبْنَـــةِ فَخُتِمَ بِيَ الْاَنْبِيَآءُ" يعني منهنجو ۽ مون کان اڳين نبين جو مثال هڪ مرد وانگر آهي جنهن گهر ٺاهي پورو ڪيو ۽ سهڻو بنايو مگر هڪ سر جي جاءِ رهائي ڇڏيائين پوءِ جيڪو بہ ان ۾ داخل ٿيو ان ڏسي چيو تہ گهر ڪهڙو نہ سهڻو ٺهيل آهي مگر هڪ سر جي جاءِ رهي پئي آهي اها سر جي جاءِ مان آهيان مون سان نبي ختم ڪيا ويا.

ع٢ـ ابن مردويـــه حضرت ثوبان رضي الله عنـــه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليـــه وسلم جن فرمايو "سَيَكُوْنُ فِيْ اُمَّتِيْ كَذَّابُوْنَ، ثَلَاثُوْنَ كُلُّهُمْ يَزْعَمُ اَنَّـهٗ نَبِيٌّ وَاَنَا خَاتَمُ النَّبِيِّيْنَ لَانَبِيَّ بَعْدِيْ" (١) جلد منهنجي امت ۾ ٽيهہ ڪوڙا وجود ۾ ايندا. هر هڪ سمجهندو تہ اهو نبي آهي ۽ مان آخري نبي آهيان مون کان بعد ڪو بہ نبي ناهي.

ع٣ـ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنـه کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله

(١) الدرالمنثور ص١١٨ـ جلد ٦

عليـه وسلم جن فرمايو "اِنَّ الرِّسَالَةَ وَالنُّبُوَّةَ قَدِانْقَطَعَتْ فَلَا رَسُوْلَ بَعْدِيْ وَلَا نَبِيَّ" رسالت ۽ نبوت جو سلسلو ختم ٿي ويو مون کان بعد نہ ڪو رسول ٿيندو ۽ نہ ڪو نبي. (١)

اهڙي طرح قرآن پاڪ جون ڪيتريون آيتون ۽ نبوي حديثون آهن جن مان قطعي طرح ثابت آهي تہ رسول الله صلى الله عليـه وسلم جن آخري رسول آهن آخري پيغمبر آهن کانئن بعد ڪنهن بہ قسم جو اصلي يا ظلي يا بروزي پيغمبر نہ ٿي سگهندو. اها ئي ڳالهہ وڏن مفسرن ۽ محدثن جيڪي قادياني ملعون کان اڳي گذريا انهن بہ لکي آهي. ڏسو تفسير ابن ڪثير صـ٤٩٤ـ جلد ٣ تفسير البحر المحيط صـ٢٣٦ـ جلد ٧ ختم نبوت جو اعلان بہ اسلام جي امتيازي خصوصيات مان آهي اڳ ۾ بہ نبي ۽ رسول ڪيترا آيا ۽ ڪيترا ڪتاب ۽ صحيفا نازل ٿيا پر ڪنهن بہ ختم نبوت جو اعلان نہ ڪيو تہ مان آخري نبي آهيان مون کان پوءِ ڪو بہ نبي نہ ايندو. اها حقيقت صرف حضور پرنور عليـه الصلوٰة والسلام جن بيان فرمائي. ڇو تہ پاڻ ئي خاتم النبين بنجي تشريف فرما ٿيا هئا "وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا" ۽ الله هر شيءِ چڱي طرح ڄاڻندڙ آهي ان ڪنهن مصلحت خاطر ان پنهنجي پياري رسول عليـه الصلوٰة والسلام کي سيده زينب سان نڪاح ڪرڻ جو حڪم فرمايو هو. (٢)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا (٤١) وَّسَبِّحُوْهُ

اي ايمان وارؤ! ياد ڪيو الله کي گهڻو ياد ڪرڻ ۽ ان جي پاڪائي بيان ڪيو

بُكْرَةً وَّاَصِيْلًا (٤٢) هُوَ الَّذِيْ يُصَلِّيْ عَلَيْكُمْ وَمَلٰٓئِكَتُهٗ

صبح جو ۽ شام جو اهو ئي آهي جيڪو رحمت موڪلي ٿو اوهان تي ۽ ان جا ملائڪ

لِيُخْرِجَكُمْ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۭ وَكَانَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ رَحِيْمًا (٤٣)

تانتہ ڪڍي اوهان کي انڌيرن مان روشنيءَ ڏانهن ۽ آهي مومنن تي مهربان

تَحِيَّتُهُمْ يَوْمَ يَلْقَوْنَهٗ سَلٰمٌ ښ وَاَعَدَّ لَهُمْ اَجْرًا كَرِيْمًا (٤٤)

مرحبا انهن جي ان ڏينهن جو ان کي ملندا سلام آهي ۽ تيار ڪيائين انهن جي لاءِ اجر ڀلو

(١) تفسير ابن ڪثير صـ٤٩٣ـ جلد ٣ (٢) حاشيہ دريا بادي صـ٨٥٠ـ

يَاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَرۡسَلۡنٰكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا

اي (غيب جون) خبرون ڏيندڙ! بلاشڪ اسان موڪليو توکي شاهدي ڏيندڙ ۽ خوشخبري ڏيندڙ

وَّنَذِيۡرًا ۙ(٤٥) وَّدَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذۡنِهٖ وَسِرَاجًا مُّنِيۡرًا (٤٦)

۽ ڊيڄاريندڙ ۽ الله ڏانهن سڏيندڙ ان جي اذن سان ۽ چمڪائيندڙ سج

وَبَشِّرِ الۡمُؤۡمِنِيۡنَ بِاَنَّ لَهُمۡ مِّنَ اللّٰهِ فَضۡلًا كَبِيۡرًا (٤٧)

۽ خوشخبري ڏي تون مومنن کي هن ڳالهه جي تہ تحقيق انهن جي لاءِ الله جي طرفان ڀلائي وڏي آهي

وَلَا تُطِعِ الۡكٰفِرِيۡنَ وَالۡمُنٰفِقِيۡنَ وَدَعۡ اَذٰىهُمۡ وَتَوَكَّلۡ عَلَى اللّٰهِ ؕ

۽ چوڻ مڃ ڪافرن جو ۽ منافقن جو ۽ ڇڏ انهن جي ايذائڻ کي ۽ ڀروسو رک الله تي

وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيۡلًا (٤٨)

۽ ڪافي آهي الله ڪار ساز

تفسير

اڳين آيتن ۾ سيدنا رسول الله صلی لله عليه وسلم جن جي تعظيم ۽ تڪريم ۽ سندن دل آزاريءَ کان بچڻ لاءِ هدايتن جي ضمن ۾ حضرت زيد ۽ سيده زينب رضي الله عنهما جو قصو ۽ ان جي مناسبت سان رسول الله صلی الله عليه وسلم جن جو خاتم النبين هجڻ بيان ڪيو ويو ۽ اڳتي بہ سندن ڪمال جي صفتن جو بيان اچڻ وارو آهي ۽ سندن ذات ۽ صفات جڏهن تہ سيني مسلمانن جي لاءِ سڀ کان وڏي نعمت آهي ان جو شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ هتي الله جل شانہ جي گهڻي ذڪر ڪرڻ جو حڪم ٿيو آهي فرمان ايزدي آهي "يَاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اذۡكُرُوا اللّٰهَ ذِكۡرًا كَثِيۡرًا ۙ وَّسَبِّحُوۡهُ بُكۡرَةً وَّاَصِيۡلًا" اي ايمان وارؤ! الله جو ذڪر گهڻو ڪيو ۽ صبح ۽ شام ان جي پاڪائي بيان ڪندا رهو. مطلب تہ هر وقت ۾ هر حال ۾ سفر هجي يا حضر تندرستي هجي يا بيماري سڪيءَ تي هجي يا درياءَ ۾ رات هجي يا ڏينهن ٻانهو الله جل شانہ جو ذڪر گهڻو ڪري ۽ صبح ۽ شام ان جي تسبيح پڙهي. صبح ۽ شام کي خصوصي طور ان جي ڪري بيان ڪيو ويو آهي جو انهن وقتن ۾ ذڪر الله جو تاڪيد بہ زياده آهي ۽ برڪت بہ گهڻي آهي. "هُوَ الَّذِيۡ يُصَلِّيۡ عَلَيۡكُمۡ وَمَلٰٓئِكَتُهٗ لِيُخۡرِجَكُمۡ مِّنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوۡرِؕ وَكَانَ بِالۡمُؤۡمِنِيۡنَ رَحِيۡمًا" اهو ئي اهو آهي جيڪو پاڻ ۽ ان جا ملائڪ اوهان تي

رحمت موڪلين ٿا تانت اوهان کي انڌيرن مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي ۽ مومنن سان گهڻو مهربان آهي. مطلب تہ جڏهن اوهان الله جو ذڪر گهڻو ڪندا ان جي صبح ۽ شام پاڪائي بيان ڪندا تہ ان جو الله جل شانـــہ جي طرفان بدلو اهو هوندو جو الله تعالیٰ اوهان تي رحمت موڪليندو ۽ ان جا ملائڪ اوهان جي لاءِ دعائون ڪندا رهندا اهو مومنن تي خصوصي طور مهربان آهي. "تَحِيَّتُهُمْ يَوْمَ يَلْقَوْنَـهٗ سَلَامٌ ۖ وَّاَعَدَّلَهُمْ اَجْرًا كَرِيْمًا" سندن مرحبا جنهن ڏينهن اهي الله سان ملندا سلام آهي ۽ (الله) انهن جي لاءِ يلو ثواب تيار ڪيو آهي. يعني جنهن ڏينهن هي پانها الله تعالیٰ سان ملندا تہ ان جي طرفان سندن اعزازي خطاب سان سلام ڪيو ويندو يعني السلام عليڪم چيو ويندو. الله سان ملڻ واري ڏينهن مانْ مراد قيامت جو ڏينهن آهي بعض مفسرن ان مان مراد جنت ۾ داخل ٿيڻ وارو وقت ۽ بعض مفسرن موت جو ڏينهن مراد ورتو آهي. (١)

مسئلہ

هن مان معلوم ٿيو تہ مسلمانن جي هڪ ٻئي سان مرحبا السلام عليڪم جي جملـــہ سان هجي پوءِ اها وڏي جي طرفان ننڍي لاءِ هجي يا ننڍي جي طرفان وڏي لاءِ هجي. "يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّاۤ اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّمُبَشِّرًا وَّنَذِيْرًا ۙ وَّدَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِـــہٖ وَسِرَاجًا مُّنِيْرًا" اي (غيب جون) خبرون ڏيندڙ! بلاشڪ اسان توکي شاهد، مبشر، نذير ۽ الله ڏانهن ان جي اذن سان داعي ۽ چمڪائيندڙ سج بنائي موڪليو آهي. هن آيت ۾ حضور پرنور عليـــہ الصلوٰة والسلام جون خصوصي سهڻيون صفتون بيان ڪيون ويون آهن. ١: شاهد معنیٰ گواهہ ۽ گواهہ جي لاءِ ضروري آهي تہ جنهن واقعي جي اهو گواهي ڏئي رهيو آهي اتي موجود بہ هجي ۽ ان واقعي کي پنهنجين اکين سان ڏسي مفردات ۾ علامـــہ راغب اصفهاني لکيو آهي الشهادة والشهود الحضورمع المشاهدة اما بالبصر اوالبصيرة (٢) يعني شاهدي ۽ گواهي اها آهي جو انسان اتي موجود بہ هجي ۽ ان کي ڏسي بہ پوءِ اکين سان يا بصيرت جي نور سان. هتي هيءَ ڳالهہ بہ غور طلب آهي تہ الله تعالیٰ هي تہ فرمايو "اسان توکي شاهد بنائي موڪليو آهي" پر جنهن تي شاهد بنايو آهي ان جو ذڪر نہ ڪيو ويو آهي ان جو وجـــہ هي آهي تہ جيڪڏهن ڪا هڪ شيءِ ذڪر ڪئي وڃي ها تہ شاهدي ان تي محصور رهي ها هتي هن شاهديءَ جو هڪ شيءِ سان بند ڪرڻ مقصود ناهي پر ان جي وسعت جو اظهار مقصود آهي مطلب هي آهي تہ حضور عليـــہ الصلوٰة والسلام جي توحيد جاشاهد، اسلام، ان جي عقائد، ان

(١) معارف القرآن صـ١٧٥ـــ ٧ (٢) المفردات صـ٢٦٩ـ

جي عبادات ۽ اخلاقي نظام جا، ان جي سيني قانونن جي حقانيت جا بہ شاهد، اڳين پيغمبرن جي پيغام پهچائڻ جا بارگاه الٰهيءَ ۾ شاهد ۽ پنهنجي امت جي اعمال جا بہ شاهد آهن. ابن المبارڪ سعيد بن مسيب کان روايت آندي آهي تہ "ڪو بہ اهڙو ڏينهن ناهي جنهن ۾ حضور عليـــه الصلوٰة والسلام جي خدمت ۾ صبح ۽ شام سندن امت پيش نہ ٿي ڪئي وجي پاڻ انهن کي انهن جي نشانيءَ سان سڃاڻن ٿا پاڻ انهن تي قيامت جي ڏينهن شاهدي ڏيندا. (١) علامـــه ابن ڪثير لکيو آهي تہ "شاهدا على الله بالوحدانيـة وانـه لا الـه غيره وعلى الناس باعمالهم يوم القيٰمـة" (٢) يعني پاڻ الله جي وحدانيت جا ۽ هن جا شاهد آهن تہ ان کان سواءِ ڪو بہ عبادت جو لائق ناهي ۽ ماڻهن تي سندن عملن جا قيامت ۾ شاهد آهن. علامـه صاوي عليـه الرحمـة لکيو آهي اي لتترقب احوالهم وتكون مشاهد الما صدر منهم من الاعمال الحسنـة و القبيحـة الخ (٣) يعني اوهان جن ڏانهن موڪليا ويا آهيو انهن تي شاهد آهيو انهن جا احوال چيڪ پيا فرمايو ۽ جيڪي چڱا يا برا اعمال انهن کان صادر ٿين ٿا انهن کي مشاهدو ڪندڙ آهيو. علامـه اسماعيل حقي عليـه الرحمـة لکيو آهي الشهادة قول صادرعن علم حصل بمشاهدة بصر اوبصيرة (٤) شاهدي اهڙو قول آهي جيڪو اک سان ڏسڻ يا بصيرة جي نور سان مشاهدي ڪرڻ سان حاصل ٿيندو آهي. علامـه آلوسي عليـه الرحمـة هن آيت جو تفسير ڪندي لکيو آهي تہ "شاهد اعلیٰ من بعثت اليهم تراقب احوالهم وتشاهد اعمالهم" يعني اوهان شاهد آهيو جو امت جي احوال کي چيڪ ڪيو پيا ۽ سندن اعمال کي مشاهدو فرمايو پيا. (۵) عبدا لماجد دريا بادي لکيو آهي.

مولائے روم نے تو يه پهلو ليا ہے که حق تعالیٰ نے آپ کو بندون کے مختلف مراتب ومنازل سے مطلع کر رکھا ہے

در نظر بودش مقامات العباد زان سبب نامش خدا شاهد نهاد (٦)

يعني سندن نگاهہ ۾ ٻانهن جا مقام هئا ان جي ڪري الله تعالیٰ ان جو نالو شاهد رکيو آهي. مذڪوره حوالن مان ثابت ٿيو تہ حضور عليـه الصلوٰة والسلام جن امت جي حالات کي ڏسي رهيا آهن. ان جي ڪري شاهدي ڏيندا. ڏسڻ کان سواءِ شاهدي دنيا جي ڪورٽ ۾ بہ نہ هلندي آهي فقـــه حنفي جي مشهور ڪتاب البحرالرائق ۾ آهي

(١) المظهري صـ٣٨٦ـ جلد ٧ (٢) تفسير ابن ڪثير صـ٤٩٧ـ جلد ٣ (٣) الصاوي صـ٢٦٣ـ٢٦٤ـ جزء ٣ (٤) روح البيان صـ١٩٦ـ جلد ٧ (۵) ضياء القرآن صـ٨١ـ جلد ۴ (٦) حاشيـه دريابادی صـ٥٥١ـ

تہ "شهادت شاهدي کان ورتل آهي ۽ مشاهده کنهن شيءِ کي اک سان ڏسي باخبر هجڻ جو نالو آهي ان جي کري شاهدي ڏيڻ ۾ مشاهدي سان خبر ڏيڻ جوشرط لڳايل آهي. (١) علامہ ابن الاثير لکيو آهي واصل الشهادة الاخبار بماشاهده وشهده (٢) اصل شاهدي آهي جيکي مشاهد وکيو اتس ۽ اتي حاضر ٿيو آهي ان جي خبر ڏيڻ افاضات يوميہ صـ٢٨١ـ جلد ٢ تي اشرف علي ٿانوي جو قول آهي تہ مشاهده کے بغیر شرعًا شهادت جائز نہیں. صبح نوري شرح قدوري صـ٢٨٦ـ ۾ مولوي محمد حنيف گنگوهي ديوبندي لکيو آهي تہ شهادت، گواهي ڏيڻ شريعت ۾ کنهن حال جي خبر ڏيڻ کي چوندا آهن جيکا اٽڪل ۽ گمان سان نہ هوندي آهي بلک اکين سان ڏسڻ سان هوندي آهي. انهن حوالن مان بہ ثابت ٿيو تہ حضور عليہ الصلوة والسلام سڀ ڪجھ ڏسن ٿا تڏهن شاهد آهن.

٢: "وَمُبَشِّرًا" بشارت ڏيندڙ يعني جيکو سندن دين تي ايمان آڻي، سندن ارشادات تي عمل کندو پاڻ ان کي ٻنهي جهانن ۾ کاميابيءَ جي ۽ اهل محبت کي محبوب جي ديدار جي بشارت ڏيندڙ آهن.

٣: "وَنَذِيْرًا" يعني بي فرمانن کي جهنم جي باهہ ۽ دنيا ۾ برن نتيجن ملڻ کان ڊيڄاريندڙ آهن.

۴: "وَدَاعِيًا اِلَى اللهِ بِاِذْنِهٖ" ۽ الله ڏانهن ان جي اذن سان سڏيندڙ. پاڻ الله جل شانہ کي نہ مڃيندڙن کي دين حق، اسلام ڏانهن سڏيائون تہ اهو ڇڻ الله ڏانهن سڏڻ آهي.

۵: "سِرَاجًا مُّنِيْرًا" چمڪائيندڙ سج هن جملہ جي تفسير ۾ علامہ ثناءُ الله پاني پتي لکيو آهي تہ "پاڻ پنهنجي پاک زبان سان الله تعالىٰ ڏانهن سڏيندڙ هئا ۽ قلب ۽ قالب (جسم) سان سج آهن جو مومن سندن رنگن سان رنگجن ٿا ۽ سندن انوار سان روشن ٿين ٿا" (٣) "وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِيْنَ بِاَنَّ لَهُمْ مِّنَ اللهِ فَضْلًا كَبِيْرًا" ۽ مومنن کي بشارت ڏي تہ بلاشک انهن جي لاءِ الله جي طرفان وڏو فضل آهي وڏي فضل مان مراد بهشت آهي.

شان نزول

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ جڏهن "اِنَّا فَتَحْنَا لَكَ فَتْحًا مُّبِيْنًا" آيتون نازل ٿيون تہ اصحابن سڀورن عرض کيو تہ يارسول الله !اوهان کي تہ

(١) البحرالرائق صـ٥٥ـ جلد ٧ مطبوعہ ايڇ، ايم، سعيد کمپني ڪراچي (٢) النهايہ صـ٥١٤ـ جلد ٦ (٣) المظهري صـ٣٨٧ـ جلد ٧

مبارڪون آهن پر اسان جي لاءِ ڇا آهي؟ پوءِ هيءَ آيت نازل ٿي. تہ "مومنن جي لاءِ بهشت آهي" اهڙي طرح ابن جرير طبري حضرت عڪرمـــہ ۽ حسن بصري رضي الله عنها ڪان بہ روايت آندي آهي. (١) "وَلَا تُطِعِ الْكٰفِرِيْنَ وَالْمُنٰفِقِيْنَ وَدَعْ اَذٰىهُمْ وَتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ۭ وَكَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا" ۽ ڪافرن ۽ منافقن جي ڳالهہ نہ مڃ ۽ انهن جي ايذائڻ جو خيال ڇڏ ۽ الله تي توڪل ڪر ۽ الله ڪارساز ڪافي آهي مطلب تہ ڪافر ۽ منافق اوهان ڪان دين ۾ تڏائي طلب ڪن ٿا پر اوهان انهن جو چوڻ نہ مڃيو جيڪو الله جل شانـــہ جو امر ٿئي اهو ڪندا رهو ۽ اهي جيڪو اوهان کي گهڻو ايذائين ٿا ۽ ماڻهن کي اوهان ڪان روڪين ٿا اهو خيال دل ۾ نہ رکو ۽ پنهنجن سڀني امرن ۽ احوال ۾ الله جل شانـــہ تي توڪل ۽ ڀروسو ڪيو ۽ جيڪو بہ ان تي ڀروسو ڪري ٿو ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ ان تي توڪل ڪري ٿو الله ان جي ڪمن ٿاهڻ جي لاءِ ڪافي آهي. (٢)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع-١ـ آيت ع-٤١ـ ۽ ع-٤٢ـ مان معلوم ٿيو تہ مومنن کي الله جو ذڪر گهڻو ڪرڻ ۽ صبح ۽ شام تسبيح پڙهڻ ضروري آهي.

ع-٢ـ آيت ع-٤٣ـ مان معلوم ٿيو تہ الله جل شانـــہ مومنن تي نهايت گهڻو مهربان آهي جو پاڻ انهن تي رحمت موڪلي ٿو ۽ ان جا ملائڪ انهن جي لاءِ رحمت جون دعائون گهرندا رهن ٿا.

ع-٣ـ آيت ع-٤٥ـ ۽ ع-٤٦ـ ۾ محمدي ڪمالات جو ذڪر ڪيو ويو آهي "شَاهِدًا" مان معلوم ٿيو تہ پاڻ سڀني کي مشاهدو فرمائي رهيا آهن ۽ "دَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ" مان واضح ٿيو تہ پاڻ نہ صرف الٰهي صفات ڏانهن پر ذات ڏانهن بہ سڏيندڙ آهن.

ع-٤ـ آيت ع-٧٧ـ مان واضح ٿيو تہ سڀني ايمان وارن مان حضور عليـــہ الصلوٰة والسلام تي ايمان آڻيندڙ بلند درجي وارا آهن جو انهن جي لاءِ الله جل شانـــہ جي طرفان خصوصي فضل ۽ مهرباني آهي.

طَلَّقْتُمُوْهُنَّ	ثُمَّ	الْمُؤْمِنٰتِ	يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا نَكَحْتُمُ

اي ايمان وارا! جڏهن نڪاح ڪيو مومنياڻين سان ان ڪان پوءِ اوهان انهن کي طلاق ڏني

(١) زادالمسير وحاشيتہ ص-٤٠٠ـ جلد ٦ (٣) صفوة التفاسير ص-٥٣٠ـ جلد ٦

مِنْ قَبْلِ اَنْ تَمَسُّوْهُنَّ فَمَالَكُمْ عَلَيْهِنَّ مِنْ عِدَّةٍ

اڳي ان کان جو هٿ لڳايو انهن کي پوءِ ناهي اوهان جي لاءِ انهن تي ڪا عدت جو

تَعْتَدُّوْنَهَاج فَمَتِّعُوْهُنَّ وَسَرِّحُوْهُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا (٤٩)

ڳڻيو اوهان ان کي پوءِ انهن کي ڪجهه سامان ڏيو ۽ انهن کي سهڻي نموني ڇڏي ڏيو

تفسير

اڳين آيتن ۾ رسول الله صلى الله عليه وسلم جي ڪجهه ڪمال وارين صفتن ۽ سندن مخصوص شان جو ذڪر هو ۽ اڳتي به سندن ئي انهن خصوصيتن جو ذڪر آهي جيڪي نڪاح ۽ طلاق جي معاملات ۾ ساڻن هڪ قسم جي خصوصيت رکن ٿا ۽ عام امت جي بنسبت ڪين ان ۾ هڪ امتياز حاصل آهي ان کان اول تمهيد طور طلاق جي متعلق هڪ عام حڪم ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪو سڀني مسلمانن جي لاءِ عام آهي. فرمان مبارڪ آهي. "يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَانَكَحْتُمُ الْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ طَلَّقْتُمُوْهُنَّ مِنْ قَبْلِ اَنْ تَمَسُّوْهُنَّ فَمَالَكُمْ عَلَيْهِنَّ مِنْ عِدَّةٍ تَعْتَدُّوْنَهَاج" اي ايمان وارا! جڏهن مومنياڻين سان نڪاح ڪيو ان کان بعد انهن کي هٿ لڳائڻ کان اڳئي طلاق ڏيو ٿا ته اوهان جي لاءِ انهن تي ڪاعدت ناهي جيڪا اوهان ڳڻيو يعني نڪاح ڪرڻ کان پوءِ صحيح خلوت ۾ وڃڻ کان اڳي جيڪڏهن ڪنهن وجه جي ڪري طلاق جي نوبت اچي ته طلاق ڏنل عورت تي ڪا به عدت ناهي اها فورًا ٻيو نڪاح ڪري سگهي ٿي. آيت ۾ هٿ لڳائڻ مان مراد ان سان صحبت ڪرڻ آهي پوءِ اها حقيقي هجي يا حڪمي. "فَمَتِّعُوْهُنَّ وَسَرِّحُوْهُنَّ سَرَاحًا جَمِيْلًا" پوءِ انهن کي ڪجهه سامان ڏيو ۽ انهن کي سهڻي نموني ڇڏي ڏيو. "مَتِّعُوْا" مان مراد آهي ٿورو گهڻو سامان ڏيو ۽ سهڻي نموني ڇڏڻ مان مراد آهي ته انهن کي شرافت ۽ سهڻي اخلاق سان ڇڏي ڏيو. هر مطلقه کي ڪجهه سامان ڏئي رخصت ڪرڻ مستحب ۽ مسنون آهي ۽ بعضي صورتن ۾ واجب آهي جيئن فقه جي ڪتابن ۾ مفصل بيان ٿيل آهي.

يٰاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَحْلَلْنَالَكَ اَزْوَاجَكَ

اي (غيب جون) خبرون ڏيندڙ! بيشڪ اسان حلال فرمايون تولاءِ تنهنجون گهرواريون

الّٰتِیْٓ اٰتَیْتَ اُجُوْرَهُنَّ وَمَا مَلَكَتْ یَمِیْنُكَ

جيڪي ڏنو تو مهر انهن جو ۽ اهي ٻانهيون جو مالڪ ٿيو هٿ تنهنجو (انهن تي)

مِمَّآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلَیْكَ وَبَنٰتِ عَمِّكَ وَبَنٰتِ عَمّٰتِكَ

انهن مان جيڪي عنايت ڪئي الله توتي ۽ تنهنجون سوٽيون ۽ تنهنجون ڦاٽيون

وَبَنٰتِ خَالِكَ وَبَنٰتِ خٰلٰتِكَ الّٰتِیْ هَاجَرْنَ مَعَكَ ز وَامْرَاَةً مُّؤْمِنَةً

۽ تنهنجون ماروٽيون ۽ تنهنجون ماساتيون جن هجرت ڪئي توسان گڏ ۽ عورت مومنياڻي

اِنْ وَّهَبَتْ نَفْسَهَا لِلنَّبِیِّ اِنْ اَرَادَ النَّبِیُّ

جيڪڏهن بخشش ڪري ڏنائين سر پنهنجو نبي کي جيڪڏهن ارادو ڪيو نبي

اَنْ یَّسْتَنْكِحَهَا ق خَالِصَةً لَّكَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِیْنَ ط قَدْ عَلِمْنَا

هي تہ نڪاح ۾ رکي ان کي اهو خاص تولاءِ آهي مومنن کان سواءِ تحقيق معلوم ڪيو

مَا فَرَضْنَا عَلَیْهِمْ فِیْٓ اَزْوَاجِهِمْ وَمَا مَلَكَتْ اَیْمَانُهُمْ

اسان اهو جيڪو فرض ڪيوسون انهن تي سندن زالن جي باري ۾ ۽ انهن ٻانهين جي باري ۾

لِكَیْلَا یَكُوْنَ عَلَیْكَ حَرَجٌ ط وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِیْمًا (٥٠)

جن جا مالڪ ٿيا سچا هٿ انهن جا تانتہ نہ هجي تو لاءِ ڪا ڏکيائي ۽ آهي الله بخشڻهار، مهربان

تُرْجِیْ مَنْ تَشَآءُ مِنْهُنَّ وَتُـْٔوِیْٓ اِلَیْكَ مَنْ تَشَآءُ ط وَمَنِ ابْتَغَیْتَ

پوئتي رکين جنهن کي گهرين انهن مان ۽ جاءِ ڏين پاڻ وٽ ان کي جو گهرين ۽ جنهن کي طلب

مِمَّنْ عَزَلْتَ فَلَا جُنَاحَ عَلَیْكَ ط ذٰلِكَ اَدْنٰٓى اَنْ

ڪيو تو انهن مان جن کان پاسو ڪيو پوءِ ناهي ڪو گناهہ توتي اهو ويجهو آهي

تَقَرَّ اَعْیُنُهُنَّ وَلَا یَحْزَنَّ وَیَرْضَیْنَ بِمَآ اٰتَیْتَهُنَّ كُلُّهُنَّ ط

هيءُ جو ٺرن اکيون انهن جون ۽ نہ غمگين ٿين ۽ راضي ٿين ان تي جو ڏنو تو انهن کي سڀ جو سڀ

وَاللّٰهُ یَعْلَمُ مَا فِیْ قُلُوْبِكُمْ ط وَكَانَ اللّٰهُ عَلِیْمًا حَلِیْمًا (٥١) لَا یَحِلُّ لَكَ

۽ الله ڄاڻي ٿو اهو جو اوهان جي دلين ۾ آهي ۽ آهي الله ڄاڻندڙ، بردبار نہ ٿيون حلال ٿين تولاءِ

النِّسَآءُ مِنْۢ بَعْدُ وَلَآ اَنْ تَبَدَّلَ بِهِنَّ مِنْ اَزْوَاجٍ وَّلَوْ اَعْجَبَكَ حُسْنُهُنَّ

عورتون بعد ۾ ۽ نہ هي جو مٽائين انهن جي عوض زالون جيتوڻيڪ وڻيو توکي انهن جو حسن

اِلَّا مَامَلَكَتْ يَمِيْنُكَ ۗ وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ رَّقِيْبًا ؑ (٥٢)

مگر جنهن جو مالڪ تنھين ۽ آهي الله هر شيءِ تي نگهبان

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضور عليہ الصلوٰة والسلام جي خصوصيات جو ذڪر هو هتي بہ ان خصوصيات مان ڪجهہ بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "يٰاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّآ اَحْلَلْنَا لَكَ اَزْوَاجَكَ الّٰتِيْٓ اٰتَيْتَ اُجُوْرَهُنَّ" اي نبي! اسان تولاءِ تنهنجون اهي گهرواريون حلال ڪيون آهن جن جا تو مهر ادا ڪيا آهن. هي حڪم ظاهر ۾ تہ سڀني مسلمانن جي لاءِ عام آهي پر ان ۾ حضور پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جي لاءِ خصوصيت جو وجہ هي آهي تہ هن آيت جي نزول وقت سندن نڪاح ۾ چئن کان وڌيڪ گهرواريون موجود هيون ۽ عام مسلمانن جي لاءِ هڪ وقت ۾ چئن کان وڌيڪ عورتون نڪاح ۾ رکڻ حلال نہ آهن هيءَ سندن خصوصيت هئي جو سندن لاءِ هڪ وقت ۾ چئن کان مٿي زالون رکڻ حلال آهن "الّٰتِيْٓ اٰتَيْتَ اُجُوْرَهُنَّ" (جن جا مهر اوهان ڏنا آهن) مان مراد: اها ناهي تہ اهو چئن کان مٿي زالن رکڻ جي حلال هجڻ لاءِ شرط يا ڪو احترازي قيد هو بلڪ اهو واقعہ جو اظهار آهي تہ جيتريون بہ گهرواريون رسول الله صلی الله عليہ وسلم جي نڪاح ۾ هيون پاڻ انهن سڀني جو مهر نقد ادا ڪيو هيائون ڪنهن جو بہ مهر رهيل نہ هو سندن دستور هوندو هو تہ جنهن بہ شيءِ جو ڏيڻ سندن ذمي عائد هو پاڻ اهو فورًا ادا ڪندا هئا بلا ضرورت تاخير نہ ڪندا هئا هن واقعي جي اظهار سان عام مومنن کي بہ اها ترغيب ڏني وئي آهي. نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن پنهنجين گهروارين مان هر هڪ کي پنج پنج سوءَ درهم مهر ڏيڻ فرمايو هو مگر حضرت بيبي ام حبيبہ بنت ابي سفيان رضي الله عنها کي سندن طرفان چار سوءَ (٤٠٠) دينار مهر نجاشي بادشاهہ ڏنو هو. (١)

(١) المراغي صـ٢٢ـ جزءُ ٢٢ جلد ٨

طلاق جي وقت متاع يعني
سامان (لباس) جو تفصيل

بدائع ۾ آهي تہ طلاق جي متاع (سامان) مان مراد اهو لباس آهي جيڪو عورت گهر مان نڪرڻ وقت ضرور ڍڪيندي آهي. ان ۾ سلوار، قميص، رئو ۽ هڪ وڏي چادر جيڪا مٿي کان پيرن تائين مٿي کي ڍڪي رکي شامل آهي ۽ اهو جڏهن تہ قيمت جي لحاظ سان مختلف هوندو آهي اعلىٰ، اوسط ۽ ادنىٰ ان جي ڪري فقيهن ان جو تفصيل لکيو آهي تہ جيڪو مڙس ۽ زال اعلىٰ گهراڻي جا آهن تہ ڪپڙا اعلىٰ قسم جا ڏنا وڃن ۽ جيڪڏهن ٻئي غريب آهن تہ هلڪي طبقي جا ڏنا وڃن ۽ جيڪڏهن هڪ مالدار ۽ ٻيو غريب آهي تہ وچولي طبقي جا ڏنا وڃن (١) "وَمَا مَلَكَتْ يَمِيْنُكَ مِمَّآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلَيْكَ" ۽ اوهان جون اهي (ٻانهيون) جن جا اوهان مالڪ ٿيا آهيو انهن مان جيڪي الله اوهان کي عطا ڪيون آهن. مطلب تہ جن ٻانهين کي الله جل شانــه اوهان جي ملڪيت بنايو آهي اهي بہ اوهان جي لاءِ حلال آهن هي حڪم امت جي لاءِ بہ آهي. پر علامہ آلوسي بغدادي عليہ الرحمة لکيو آهي تہ جيئن حضور عليہ الصلوٰة والسلام جي ازواج مطهرات رضي الله عنهن سان حضور پرنور عليہ الصلوٰة والسلام جي ظاهري رحلت کان پوءِ ڪنهن کي بہ نڪاح ڪرڻ حرام هو تيئن سندن ٻانهيون بہ ڪنهن جي لاءِ حلال نہ هيون. جيئن بيبي ماريہ قبطيہ رضي الله عنها جيڪا روم جي بادشاه مقوقس کين هديــہ طور ڏني هئي ان جو بہ ڪنهن سان نڪاح ڪرڻ حلال نہ هو. اشرف علي صاحب ٿانوي لکيو آهي تہ الله تعالىٰ جي طرفان حضرت نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن کي هي خاص اختيار مليل هو تہ جنگ مان هٿ آيل غنيمت جي مال کي ورهائڻ کان اڳي پاڻ ان مان ڪنهن شيءِ کي پنهنجي لاءِ منتخب ڪن ۽ اها سندن خاص ملڪيت ٿي ويندي هئي ۽ ان خاص شيءِ کي صفي النبي (صلى الله عليــه وسلم) چيو ويندو هو جيئن غزوه خيبر ۾ پاڻ ام المومنين صفيــہ رضي الله عنها کي پنهنجي لاءِ مخصوص فرمايو هيائون ۽ کين اهو بہ اختيار هو تہ جيڪڏهن غير مسلمانن جي ملڪ مان ڪو غير مسلمان حاڪم ڪا شيءِ اميرالمومنين جي نالي موڪلي ٿو تہ اها شيءِ ان جي ملڪيت نہ رهندي پر بيت المال ۾ جمع ڪئي ويندي مگر جيڪڏهن ڪنهن غير مسلمان حاڪم حضرت نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن جي لاءِ ڪا شيءِ موڪلي تہ اها سندن ئي ملڪيت ٿيندي هئي جيئن هن کان اڳ حضرت ماريــہ قبطيــہ رضي

(١) معارف القرآن صـ١٨١ـ جلد ٧

الله عنها جو بيان ڪيو ويو (١) "وَبَنٰتِ عَمِّكَ وَبَنٰتِ عَمّٰتِكَ وَبَنٰتِ خَالِكَ وَبَنٰتِ خٰلٰتِكَ الّٰتِيْ هَاجَرْنَ مَعَكَ" ۽ اوهان جون سوٽيون ۽ اوهان جون پڦاتيون ۽ اوهان جون ماروٽيون ۽ اوهان جون ماساتيون جن اوهان سان گڏ هجرت ڪئي آهي. مطلب تہ اوهان جي لاءِ انهن رشتيدار عورتن سان نڪاح ڪرڻ جائز آهي ۽ انهن سان نڪاح جو حڪم سڀني مسلمانن جي لاءِ بہ ساڳيو آهي پر انهن حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن سان گڏ هجرت ڪئي هجي اها خصوصيت صرف سندن ذات لاءِ آهي پاڻ مذڪوره رشتيدار عورتن مان صرف انهن سان نڪاح ڪري سگهيا ٿي جن هجرت ڪئي هئي. سيده ام هاني رضي الله عنها فرمايو تہ مون سان سندن نڪاح صرف ان جي ڪري جائز نہ هو جو مون هجرت نہ ڪئي هئي. (٢) "وَامْرَاَةً مُّؤْمِنَةً اِنْ وَّهَبَتْ نَفْسَهَا لِلنَّبِيِّ اِنْ اَرَادَ النَّبِيُّ اَنْ يَّسْتَنْكِحَهَا خَالِصَةً لَّكَ مِنْ دُوْنِ الْمُؤْمِنِيْنَ" ۽ مومن عورت جيڪڏهن ارادو ڪيو تہ پنهنجو وجود نبي جي لاءِ بخشش ڪري ڏي جيڪڏهن نبي ان سان نڪاح ڪرڻ جو ارادو فرمائي. هي مومنن ڪان سواءِ اوهان جي لاءِ خاص آهي مطلب تہ جيڪڏهن ڪا مسلمان عورت پنهنجو پاڻ بخشش ڪري اوهان کي ڏي ۽ مهر نہ وٺي جيڪڏهن اوهان ان سان نڪاح ڪرڻ گهرو تہ اوهان جي لاءِ اها مهر ڪان سواءِ بہ حلال آهي پر اوهان مومنن امتين کي مهر ڏيڻ ضروري آهي جيڪڏهن اهي مهر جو ذڪر نہ ڪن يا چون تہ نہ ڏينداسون يا نہ وٺنداسون تہ ان چوڻ کي لغو سمجهبو مهر لازم آهي ڏيٺو پوندو. نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن کي پنهنجو سر هبہ طور ڏيڻ واري ڪير هئي؟ ان ۾ سيرت نگارن جا مختلف قول آهن ميمونہ بنت الحارث يا خولة بنت حڪيم يا ام شريڪ ان پنهنجو وجود مهر ڪان سواءِ نڪاح لاءِ پيش ڪيو پر ان کي سندن صحبت جو موقعو نہ مليو ۽ سيده زينب بنت خزيمہ رضي الله عنها بہ مهر ڪان سواءِ پنهنجو وجود نڪاح ۾ ڏنو ۽ اها اٺ مهينا سندن صحبت ۾ رهي ان ڪان پوءِ سن ۴ هجري ربيع الآخر مهيني ۾ رحلت ڪيائين. (٣) "قَدْ عَلِمْنَا مَافَرَضْنَا عَلَيْهِمْ فِيْٓ اَزْوَاجِهِمْ وَمَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ لِكَيْلَا يَكُوْنَ عَلَيْكَ حَرَجٌ" اسان ان جو چڱي طرح علم رکون ٿا جيڪو اسان انهن تي سندن زالن ۽ سندن ٻانهين جي باري ۾ مقرر ڪيو آهي تانت اوهان تي ڪا ڏڪيائي نہ هجي. "وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا" ۽ الله بخشٹهار، مهربان آهي. جيڪو ڏکيا ڪم آسان ڪري ٿو ڏي. "تُرْجِيْ مَنْ تَشَآءُ مِنْهُنَّ وَتُـْٔوِيْٓ اِلَيْكَ مَنْ تَشَآءُ" جنهن کي گهرين پري رکين ۽ جنهن کي گهرين پاڻ سان رکين. مفسرن جو هن آيت جي مطلب ۽ مراد ۾ اختلاف آهي پر مشهور قول اهو آهي تہ هن آيت سان الله

(١) ساڳيو حوالو صـ١٨٨ـ جلد٧ (٢) التفسيرات الاحمدية صـ٦٢٧ـ (٣) ساڳيو حوالو

جل شانه پنهنجي حبيب عليه الصلوٰة والسلام جن کي اختيار ڏنو آهي ته اڳ ۾ اوهان جي مٿان گهروارين ۾ برابري ڪرڻ واجب هئي هاڻي اوهان جي مرضيءَ تي منحصر آهي جنهن کي پاڻ وٽ رهايو جنهن کي پاڻ کان پري رکو (١) پر ان اختيار هوندي به پاڻ پنهنجي ازواج مطهرات ۾ عدل، انصاف ۽ برابري رکندا هئا تانت ماٿهو ان تي عمل ڪن (٢) "وَمَنِ ابۡتَغَيۡتَ مِمَّنۡ عَزَلۡتَ فَلَا جُنَاحَ عَلَيۡكَ" ۽ جنهن کي اوهان انهن مان طلب ڪيو جن کان پاسو ڪيو هُيو ته اوهان تي ڪو گناهه ناهي مطلب ته اوهان جنهن گهرواريءَ کان هڪ ڀيرو پاسو ڪيو ان کي پري رکيو هاڻي جيڪڏهن اوهان جي دل گهري وري ان کي پاڻ وٽ رکو ته اوهان جو اختيار آهي ان ۾ اوهان تي ڪو به گناهه ناهي (٣) "ذٰلِكَ اَدۡنٰۤى اَنۡ تَقَرَّ اَعۡيُنُهُنَّ وَلَا يَحۡزَنَّ وَيَرۡضَيۡنَ بِمَاۤ اٰتَيۡتَهُنَّ كُلُّهُنَّ" اهو هن کي ويجهو آهي ته انهن جون اکيون ٺرن ۽ غمگين نه ٿين ۽ جيڪي اوهان انهن کي ڏنو آهي ان تي سڀ جو سڀ راضي ٿين. مطلب ته اوهان کي انهيءَ اختيار ڏيڻ ۾ انهن جو فائدو آهي جو هونءَ ريس ڪنديون هيون ۽ هاڻي اوهان جو اختيار ڏسي ڪين جيڪو ڪجهه مليو ان تي راضي رهنديون سندن اکيون ٺرنديون ۽ ڪو به غم نه ڪنديون. "وَاللّٰهُ يَعۡلَمُ مَا فِيۡ قُلُوۡبِكُمۡ وَكَانَ اللّٰهُ عَلِيۡمًا حَلِيۡمًا" ۽ جيڪو ڪجهه اوهان جي دلين ۾ آهي الله ڄاڻي ٿو ۽ الله ڄاڻندڙ، بردبار آهي. مطلب ته الله جل شانه کي ان ڳالهه جو علم آهي ته اوهان جي دلين ۾ عورتن ڏانهن لاڙو آهي پر الله جل شانه پنهنجي حبيب عليه الصلوٰة والسلام کي سندس راضي ڪرڻ جي لاءِ اهو اختيار ڏنو آهي ۽ الله پنهنجي خلق کي ڄاڻندڙ ۽ بردبار آهي جو انهن کي تڪڙو عذاب نه ٿو ڪري ۽ ان جي ڪري اهو ئي هن جو لائق آهي ته ان کان ڊڄڻ گهرجي (٤) "لَا يَحِلُّ لَكَ النِّسَآءُ مِنۡۢ بَعۡدُ وَلَاۤ اَنۡ تَبَدَّلَ بِهِنَّ مِنۡ اَزۡوَاجٍ وَّلَوۡ اَعۡجَبَكَ حُسۡنُهُنَّ" اوهان جي لاءِ ان کان پوءِ عورتون حلال ناهن ۽ نه هي جو اوهان انهن جي عوض ڏالون بدلايو جيتوڻيڪ اوهان کي انهن جو حسن وڻي.

شان نزول

جڏهن الله جل شانه امهات المومنين رضي الله عنهن کي اجازت ڏني ته اهي مرضيءَ واريون آهن وڻين ته مسڪيني ۽ غريبي حال ۾ حضور عليه الصلوٰة والسلام سان گڏ رهن ۽ وڻين ته جدا ٿي وڃن پر انهن سيني دنيوي آسائشن ۽ سينگار کي

(١) المظهري صـ٣٩٨ـ جلد ٧ (٢) نورالعرفان صـ٦٧٧ـ (٣) خازن صـ٤٧٤ـ جلد ٣
(٤) المظهري صـ٤٠٠ـ جلد ٧

نڪرائي عسرت ۽ تنگيءَ جي حالت ۾ به ڪا شانـه نبوت ۾ رهڻ خوشيءَ سان قبول فرمايائون. الله جل شانـه کي سندس اهو ايثار گهڻو پسند آيو ۽ پنهنجي محبوب عليه الصلوٰة والسلام کي فرمايائين تـه هاڻي ڪا بي شادي نـه ڪجو ۽ پاڻ ان کان پوءِ ڪنهن بہ ٻي آزاد عورت سان نڪاح نـه ڪيائون. (١) "اِلَّا مَا مَلَكَتْ يَمِيْنُكَ" مگر اهي (ٻانهيون جائز آهن) جن جا اوهان مالڪ آهيو اهي پاڻ وٽ رکي سگهو ٿا. "وَكَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَىْءٍ رَّقِيْبًا" ۽ الله هر شيءِ جو نگهبان آهي جيڪو اوهان جي اعمال کي ڄاڻي ٿو انهن تي نگهبان آهي ان جي ڪري ان کان ڊڄندي ان جي مقرر ڪيل حدود کان تجاوز نـه ڪرڻ کپي. (٢)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع١ـ آيت ع٥٠ـ مان واضح ٿيو تـه الله جل شانـه جو پنهنجي نبي عليـه الصلوٰة والسلام سان خصوصي ڪرم آهي جو کين چئن کان وڌيڪ گهرواريون رکڻ جي اجازت عنايت ڪيائين ۽ کين اها بہ اجازت عطا ڪيائين تـه جيڪڏهن ڪا عورت پنهنجو وجود کين بخشش ڪري ڏي تـه ان سان مهر کان سواءِ بہ نڪاح ڪري سگهن ٿا ۽ مومنن لاءِ مهر لازم آهي مهر کان سواءِ شادي نـه ڪندا.

ع٢ـ آيت ع٥١ـ مان واضح ٿيو تـه الله جل شانـه پنهنجي حبيب عليـه الصلوٰة والسلام جن کي ازواج مطهرات ۾ برابري ڪرڻ لاءِ بہ ذميدار نـه بنايو کين اختيار ڏنو تـه جنهن بہ اهليـه کي ويجهو رکن يا پري رکن مرضيءَ وارا آهن.

ع٣ـ آيت ع٥٢ـ مان اها وضاحت ملي تـه هن آيت جي نزول وقت جيڪي گهرواريون حضور عليـه الصلوٰة والسلام جن کي هيون انهن کان سواءِ ٻي ڪا بہ نڪاح ۾ نـه رکندا ۽ ٻانهيون رکڻ جي کين اجازت هئي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَدْخُلُوْا بُيُوْتَ النَّبِيِّ اِلَّآ اَنْ يُّؤْذَنَ لَكُمْ

اي ايمان وارا! نـه داخل ٿيو نبي جي گهرن ۾ مگر (ان وقت جو) موڪل ڏني وڃي اوهان کي

اِلٰى طَعَامٍ غَيْرَ نٰظِرِيْنَ اِنٰىهُ ۙ وَلٰكِنْ اِذَا دُعِيْتُمْ فَادْخُلُوْا

کاڌي لاءِ نـه انتظار ڪندڙ ان جي تيار ٿيڻ جو ۽ پر جڏهن سڏ ڪيا وڃو پوءِ داخل ٿيو

(١) المظهري صـ٣٩٨ـ جلد ٧ (٢) نورالعرفان صـ٦٧٧ـ (٣) خازن صـ٤٧٤ـ جلد ٣
(٤) المظهري صـ٤٠٠ـ جلد ٧

فَاِذَا طَعِمْتُمْ فَانْتَشِرُوْا وَلَا مُسْتَاْنِسِيْنَ لِحَدِيْثٍؕ

پوءِ جڏهن کاڌو کائي ويهو تہ پوءِ منتشر تي وڃو ۽ نہ (ويهو) ڳالهين ۾ دل وندرائيندڙ

اِنَّ ذٰلِكُمْ كَانَ يُؤْذِي النَّبِيَّ فَيَسْتَحْيٖ مِنْكُمْ ز

بلاشڪ اهي (ڳالهيون) ايذائينديون آهن نبي کي پوءِ حياءَ ڪري تو اوهان کان

وَاللّٰهُ لَا يَسْتَحْيٖ مِنَ الْحَقِّؕ وَاِذَا سَاَلْتُمُوْهُنَّ مَتَاعًا

۽ الله نہ تو حياءَ ڪري حق چوڻ کان ۽ جڏهن گهرو انهن کان ڪو سامان

فَسْـَٔلُوْهُنَّ مِنْ وَّرَآءِ حِجَابٍؕ ذٰلِكُمْ اَطْهَرُ لِقُلُوْبِكُمْ

پوءِ گهرو انهن کان پردي کان پويان اهو وڌيڪ پاڪ آهي اوهان جي دلين

وَقُلُوْبِهِنَّؕ وَمَا كَانَ لَكُمْ اَنْ تُؤْذُوْا رَسُوْلَ اللّٰهِ

۽ انهن جي دلين لاءِ ۽ نہ تو جڳائي اوهان کي هي تہ ايذايو الله جي رسول کي

وَلَآ اَنْ تَنْكِحُوْٓا اَزْوَاجَهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖٓ اَبَدًاؕ اِنَّ ذٰلِكُمْ كَانَ

۽ نہ هي تہ نڪاح ڪيو ان جي گهروارين سان ان کان پوءِ هميشه بلاشڪ اهو

عِنْدَ اللّٰهِ عَظِيْمًا (٥٣) اِنْ تُبْدُوْا شَيْـًٔا اَوْ تُخْفُوْهُ فَاِنَّ

الله وٽ وڏو (گناه) آهي جيڪڏهن ظاهر چوندؤ ڪا شيءِ يا لڪائيندؤ ان کي پوءِ بلاشڪ

اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا (٥٤) لَا جُنَاحَ عَلَيْهِنَّ فِيْٓ اٰبَآئِهِنَّ

الله هر شي ڄاڻندڙ آهي ناهي ڪو گناه انهن تي سندن پيئرن سان

وَلَآ اَبْنَآئِهِنَّ وَلَآ اِخْوَانِهِنَّ وَلَآ اَبْنَآءِ اِخْوَانِهِنَّ وَلَآ اَبْنَآءِ

۽ پنهنجن پٽن سان ۽ نہ پنهنجن ڀائرن سان ۽ نہ ڀائٽين سان ۽ نہ پنهنجن

اَخَوٰتِهِنَّ وَلَا نِسَآئِهِنَّ وَلَا مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُنَّ ج

ڀاڻيجن سان ۽ پاڻ جهڙين عورتن سان ۽ نڪي جن جا سندن هٿ مالڪ ٿيا آهن

وَاتَّقِيْنَ اللّٰهَؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدًا (٥٥)

۽ الله کان ڊڄو بلاشڪ الله هر شيءِ تي حاضر آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کي خطاب سان نوازيو ويو ۽ هتان کان سندن امتين کي خطاب سان نوازيندي ارشاد ٿي رهيو آهي "يَاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لَا تَدۡخُلُوۡا بُيُوۡتَ النَّبِىِّ اِلَّاۤ اَنۡ يُّؤۡذَنَ لَـكُمۡ اِلٰى طَعَامٍ غَيۡرَ نٰظِرِيۡنَ اِنٰـهُ ۙ" اي ايمان وارا! نبي جي گهرن ۾ داخل نه ٿيو مگر ھي جو اوهان کي طعام (کائڻ جي لاءِ) موڪل ڏني وڃي ان حال ۾ جو ان جي تيار ٿيڻ جو انتظار ڪندڙ نه هجو.

شان نزول

مفسرن سڳورن لکيو آهي ته آيت تڏهن نازل ٿي جڏهن حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جن سيده زينب بنت جحش رضي الله عنها سان شادي ڪرڻ فرمائي ۽ دعوت طعام ۾ شريڪ ٿيندڙن اصحابن سڳورن مان ڪي گهڻي دير تائين ويهي رهيا تڏهن الله جل شانه هي آيت نازل ڪري حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي حويلي مبارڪ ۽ دربار اقدس جا آداب سيکاريا. (١) مطلب ته جيستائين نبي ڪري عليه الصلوٰة والسلام جن اجازت نه ڏين تيستائين اوهان کي سندن پاڪ گهرن ۾ داخل ٿيڻ قطعي طور منع ۽ حرام آهي ۽ جڏهن اجازت ملي ته پوءِ داخل ٿي سگهو ٿا ۽ اهو به ايتري وقت لاءِ جو صرف کاڌو کائي وٺو ۽ ان کان بعد هڪدم اٿي هليا وڃو ائين نه ٿئي جو اٿي ويهي ڪچهريون ڪيو ۽ اوهان جي گهڻي دير تائين ويهڻ جي ڪري ڪين تڪليف محسوس ٿئي "اِنٰـهُ" لفظ جي تحقيق ڪندي مفسرن لکيو آهي ته انا غني وانگر مصدر آهي معنىٰ پچڻ، کائڻ جي لائق ٿيڻ بعض ماڻهن جو معمول هوندو هو ته جڏهن حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جي حجره شريفه مان دونهون نڪرندي ڏسندا هئا ته ٻاهران اچي ان انتظار ۾ وهندا هئا ته هاڻي کاڌو تيار ٿيندو ۽ اسان کي به کائڻ جي لاءِ سڏيو ويندو. هن آيت ۾ بي دعوت وڃڻ کان روڪيو ويو آهي (٢) "وَلٰـكِنۡ اِذَا دُعِيۡتُمۡ فَادۡخُلُوۡا فَاِذَا طَعِمۡتُمۡ فَانْتَشِرُوۡا وَلَا مُسۡتَاۡنِسِيۡنَ لِحَدِيۡثٍ ؕ" ۽ پر جڏهن سڏيا وڃو ته پوءِ (گهرن مبارڪن ۾) داخل ٿيو جڏهن کاڌو کائي فارغ ٿيو ته اٿي هليا وڃو ۽ نه ڳالهين لاءِ ورونهه ڪندڙ ٿي (ويهو) يعني کاڌي کان فارغ ٿي پنهنجو پنهنجو رستو وٺي هليا وڃو اٿي گهر ۾ ويهي ڪچهري نه ڪيو "اِنَّ ذٰلِكُمۡ كَانَ يُؤۡذِى

(١) المراغي ص ٦٨ـ جزء ٢٢ جلد ٨ (٢) ضياء القرآن ص ٨٧ـ جلد ٤

النَّبِيَّ فَيَسْتَحْيِ مِنْكُمْ ۡ وَاللّٰهُ لَا يَسْتَحْيِ مِنَ الْحَقِّ ۚ اهو اوهان جو ويهڻ نبي کي ايذائي ٿو پوءِ اوهان کان حياءَ ڪري ٿو ۽ الله حق چوڻ کان حياءَ نہ ٿو ڪري يعني پاڻ حياءَ جي ڪري اوهان کي اٿي وڃڻ لاءِ ڪو نہ ٿو چوي مگر اوهان جو اٿي ويهي ڪچهري ڪرڻ ان کي ايذائي ٿو. ۽ الله حق چوڻ ۾ حياءَ نہ ٿو ڪري اهو اوهان جي اصلاح لاءِ اوهان کي هدايت ڪري ٿو تہ اوهان ڪاڏي کائڻ کان پوءِ اٿي نہ ويهو هڪدم اٿي هليا وڃو. "وَإِذَا سَأَلْتُمُوهُنَّ مَتَاعًا فَسْـَٔلُوهُنَّ مِنْ وَّرَآءِ حِجَابٍ ۚ" ۽ جڏهن انهن کان ڪو سامان گهرو تہ پردي کان پويان گهرو يعني ازواج مطهرات کان جيڪڏهن ڪا شي گهرو تہ بہ پردي جو لحاظ رکندي پردي کان پويان گهرو بخاري ، ابن جرير، ابن مردويہ حضرت انس رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن جي خدمت ۾ حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنہ عرض ڪيو تہ يارسول الله! اوهان جي خدمت ۾ نيڪ، فاجر هر قسم جا ماڻهو اچن ٿا جيڪڏهن اوهان مومنن جي مائرن (پنهنجين گهروارين) کي پردي جو حڪم ڪيو (تہ تمام ڀلو) پوءِ الله جل شانہ حضرت نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن جي زينب بنت جحش سان نڪاح ڪرڻ جي وليمي واري ڏينهن سنہ ٥ هجري ذوالقعدة مهيني ۾ اها آيت نازل فرمائي ۽ اها آيت انهن مان آهي جيڪي حضرت عمر رضي الله عنہ جي عرض مطابق نازل ٿيون هيون. (١) "ذٰلِكُمْ أَطْهَرُ لِقُلُوبِكُمْ وَقُلُوبِهِنَّ ۚ" اهو اوهان جي دلين ۽ انهن جي دلين لاءِ وڌيڪ پاڪ صاف آهي مطلب تہ موڪل وٺي اچڻ، ڪچهريءَ لاءِ نہ وهڻ ۽ پردي جي پويان ڪا بہ شيءِ گهرڻ اوهان ۽ ازواج مطهرات ٻنهي ڌرين جي لاءِ وڌيڪ پاڪ صاف آهي ماڻهو شيطاني وسوسن کان بچي پوندو. اڪيون دل جو قاصد آهن ۽ جڏهن اک ڪا شيءِ نہ ڏسندي تہ دل ۾ وسوسو بہ نہ پوندو. "وَمَا كَانَ لَكُمْ أَنْ تُؤْذُوا رَسُولَ اللّٰهِ" ۽ اوهان کي اجازت ناهي تہ الله جي رسول کي ايذايو. يعني اهڙو ڪو بہ ڪم نہ ڪيو جنهن سان سندن ذات عالي صفات کي ڏک پهچي "وَلَا أَنْ تَنْكِحُوا أَزْوَاجَهُ مِنْ بَعْدِهٖ أَبَدًا ۚ" ۽ ان کان بعد هميشہ جي لاءِ ان جي گهروارين سان نڪاح نہ ڪيو يعني جيڪڏهن رسول الله صلى الله عليہ وسلم جن دنيا تان رحلت فرمائي وڃن يا ڪنهن نڪاح ڪيل کي طلاق ڏين تہ اوهان کي سندن عزت ۽ شان جو احساس ڪندي ڪڏهن بہ سندن گهروارين سان نڪاح ڪرڻ جي اجازت ناهي ان ۾ ان جي عظمت ۽ جلال جو اظهار آهي ۽ سندن ازواج مطهرات مومنن جون مائرون آهن تہ ماءُ سان نڪاح لاءِ ڪيئن سوچبو. "إِنَّ ذٰلِكُمْ كَانَ عِنْدَ اللّٰهِ عَظِيمًا" بلاشڪ اهو الله وٽ وڏو

(١) المراغي صـ٣٠ــ جزء ٢٢ جلد ٨

آهي. يعني ڪين ايذاءِ ڏئي سندن گهروارين سان نڪاح ڪرڻ وڏي حيرت ۾ وجهڻ جهڙي ڳالهه ۽ الله وٽ عجب جهڙي ڳالهه آهي. هنن لفظن ۾ شديد وعيد ۽ عظيم تهديد ۽ تنبيه آهي "اِنْ تُبْدُوْا شَيْئًا اَوْ تُخْفُوْهُ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا" جيڪڏهن ڪا شيءِ اوهان ظاهر ڪندؤ يا ان کي لڪائيندؤ ته پوءِ بلاشڪ الله هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي يعني جيڪي ڪجهه اوهان کان ظاهر ٿئي ٿو يا اوهان جي سينن ۾ راز طور رکيل آهي الله جل شانه سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو ان کان ڪجهه به لڪل ناهي ۽ هي ڪلام بظاهر ڪٿي عام آهي پر ان جي احڪام جو خصوصي تعلق ازواج مطهرات رضي الله عنهن سان آهي "لَا جُنَاحَ عَلَيْهِنَّ فِيْٓ اٰبَآئِهِنَّ وَلَآ اَبْنَآئِهِنَّ وَلَآ اِخْوَانِهِنَّ وَلَآ اَبْنَآءِ اِخْوَانِهِنَّ وَلَآ اَبْنَآءِ اَخَوٰتِهِنَّ وَلَا نِسَآئِهِنَّ وَلَا مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُنَّ ۚ وَاتَّقِيْنَ اللّٰهَ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدًا" انهن تي سندس پيئرن ۽ سندن پٽن ۽ سندن ڀائرن ۽ سندن ڀائٽين ۽ سندن ڀاڻيجن ۽ هڪ جهڙين عورتن ۽ ملڪيت ڪيل ٻانهين ۾ ڪو گناهه ناهي ۽ الله کان ڊڄو يقينًا الله هر شيءِ تي حاضر آهي.

شان نزول

روايت ۾ آهي ته جڏهن حجاب واري آيت نازل ٿي ته ازواج مطهرات رضي الله عنهن جي پيئرن ۽ پٽن وغيره عرض ڪيو ته ڇا اسين به پردي کان پويان ڳالهايون؟ تڏهن هيءَ آيت نازل ٿي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته اهي هنن هنن قريبن سان پردي کان سواءِ به ڳالهائي سگهن ٿيون (١) ان کان بعد ازواج مطهرات رضي الله عنهن کي خصوصي خطاب سان حڪم ڪيو ويو ته اوهان جي هر حال کان الله باخبر ۽ اوهان جي مٿان حاضر آهي ان کان ڊڄنديون رهو اوهان جو ظاهر باطن ٻئي صاف آهن ۽ صاف رهن.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

ع-١ـ آيت ع-٥٠ـ "آتَيْتَ اُجُوْرَهُنَّ" مان واضح ٿيو ته نڪاح ۾ مهر مقرر ڪرڻ ضروري آهي افضل آهي ته ان وقت ڏنو وڃي پر جيڪڏهن نه مهر مقرر ڪيو ويو ۽ نه ڏنو ويو ته نڪاح درست ٿي ويندو ۽ مهر مثل ڏيڻو پوندو.

ع-٢ـ ان ئي آيت جي لفظ "وَامْرَاَةً مُّؤْمِنَةً" (۽ ايمان واري عورت) مان واضح ٿيو ته حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي خصوصيات مان هي به آهي ته ڪين ڪنهن يهوديه يا عيسائيه عورت سان نڪاح ڪرڻ جائز نه هو.

(١) ساڳيو حوالو

ع۔٣۔ اهو بہ معلوم ٿيو تہ نبي پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام جَن ٿي هن آيت جي نازل ٿيڻ کان پوءِ نہ مهر لازم هو ۽ نہ تقسيم ۾ برابري ڪرڻ.

ع۔٤۔ آيت ع۔٥٣۔ جي شروعات کان معلوم ٿيو تہ نبي پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام جي حويلي مبارڪ ۾ اجازت کان سواءِ ڪي ڪي ملائڪ بہ نہ ويندا هئا حضرت عزرائيل سڳورو بہ موڪل وٺي پوءِ داخل ٿيو هو انهن پاڪ گهرن جي عظمت عرش کان بہ نرالي آهي ۽ هاڻي سندن قبر انور جو اهو حصو جيڪو جسم شريف سان مليل آهي ڪعبہ معظمہ ۽ عرش معلىٰ کان بہ افضل آهي. (١)

اِنَّ اللّٰهَ	وَمَلٰٓئِكَتَهٗ	يُصَلُّوْنَ	عَلَى	النَّبِيِّ	يٰٓاَيُّهَا	الَّذِيْنَ	اٰمَنُوْا
بيشڪ الله	۽ ان جا ملائڪ	درود موڪلين	تا	نبي	تي	اي	ايمـان وارا!

صَلُّوْا	عَلَيْهِ	وَسَلِّمُوْا	تَسْلِيْمًا (٥٦)
درود موڪليو	ان تي	۽ سلام موڪليو	گهڻو سلام

تفسير

اڳين آيتن ۾ نبي پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام جن جو خلوت جي حالات ۾ ادب ۽ احترام ڪرڻ بيان ڪيو ويو ۽ هتي سندن ملا اعلىٰ ۾ هجڻ وارو احترام ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّ اللّٰهَ وَمَلٰٓئِكَتَهٗ يُصَلُّوْنَ عَلَى النَّبِيِّ" بلاشڪ الله ۽ ان جا ملائڪ نبي (عليـه الصلوٰة والسلام) تي درود موڪلين ٿا. الله جل شانـه جي درود موڪلڻ مان مراد آهي رحمتون موڪلڻ ۽ ملائڪن جي درود مان مراد آهي ان لاءِ دعا گهرڻ الله جل شانـه پنهنجن ٻانهن کي ٻڌايو تہ منهنجي محبوب نبي (عليـه الصلوٰة والسلام) جي ملا اعلىٰ، ملائڪن سڳورن ۾ بہ ثنا هلندي آهي ۽ ملائڪ سندن جي لاءِ دعائون گهرندا رهندا آهن. (٢) "يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا صَلُّوْا عَلَيْهِ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا" اي ايمان وارا! اوهان بہ ان تي درود موڪليو ۽ گهڻو سلام پڙهو ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هن آيت مبارڪـه ۾ اسان کي حضور عليـه الصلوٰة والسلام جن تي صلوة وسلام عرض ڪرڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي ۽ ان جي فضائل ۾ ڪيتريون حديثون آيل آهن انهن مان ڪجهہ هتي لکجن ٿيون تانتہ قارئين ڪرام جي دل ۾ ان جو وڌيڪ شوق پيدا ٿئي.

(١) نورالعرفان ص۔٦٧٧۔ (٢) المراغي ص۔٣٣۔ جزء ٢٢ جلد ٨

دورد شريف جي لاءِ

نبوي ارشادات

عـ١ـ امام بخاري الادب المفرد ۾ حضرت انس ۽ مالڪ بن اوس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عليـه وسلم جن فرمايو" مون وٽ جبريل آيو پوءِ چيائين تہ جنهن اوهان تي هڪ ڀيرو درود پڙهيو الله ان تي ڏهہ درود موڪليندو ۽ ان جا ڏه درجا بلند ڪندو."

عـ٢ـ مسلم، احمد، ابو داؤد، ترمذي، نسائي ۽ ابن حبان حضرت ابو هريرة رضي الله عنـه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليـه وسلم جن فرمايو "مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ وَاحِدَةً صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ عَشْرًا" جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهيو الله ان تي ڏهہ ڀيرا رحمت موڪليندو. (١)

عـ٣ـ ابو مسعود انصاري رضي الله عنـه کان روايت آهي تہ رسول الله صلی الله عليـه وسلم جن فرمايو "مَنْ صَلّٰى صَلٰوةً لَمْ يُصَلِّ فِيهَا عَلَيَّ وَلَا عَلٰى اَهْلِ بَيْتِيْ لَمْ يُقْبَلْ مِنْهُ" (٢) جنهن اهڙي نماز پڙهي جنهن ۾ نہ مون تي درود پڙهيائين ۽ نہ منهنجي اهل بيت تي تہ ان جي اها (نماز) قبول نہ ڪئي ويندي.

دورد پڙهڻ جو حڪم

مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ نبي پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام تي مطلقاً درود پڙهڻ واجب آهي ڇو تہ امر اصل ۾ وجوب لاءِ آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن مجلس ۾ سندن نالو مبارڪ ورتو وڃي تہ هڪ ڀيرو درود پڙهڻ تہ واجب آهي باقي هر هر پڙهڻ ان ئي مجلس ۾ واجب ناهي مستحب آهي ۽ بعض علماءَ جو قول آهي تہ جڏهن بہ سندن ذڪر ڪيو وڃي تہ درود پڙهڻ واجب آهي.

ڪهڙي وقت ۽ ڪٿي ڪٿي

درود پڙهجي

علماء ڪرام لکيو آهي تہ: هنن وقتن ۾ درود پڙهڻ گهرجي ١: بانگ ٻڌڻ کان پوءِ ٢: مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ٣: نماز ۾ ۴: نماز جنازه ۾ ٻئي تڪبير کان پوءِ ٥: دعاءِ قنوت پڙهڻ کان پوءِ ٦: دعا گهري پوري ڪرڻ کان پوءِ ٧: جمعـه جي ڏينهن ۽ جمعـه جي رات ٨: جمعـه جي خطبـه ۾ ٩: سندن مزار پرانوار جي زيارت ڪرڻ

(١) الدرالمنثور صـ٦٥٠ـ جلد ٦ (٢) المظهري صـ۴١٠ـ جلد ٧

وقت ١٠: ڪتاب ۾ سندن اسم گرامي لکڻ وقت (١) حضرت سفيان بن عيينـه خلف
ڪان روايت آندي آهي تہ هڪ طالب علم منهنجو دوست هو اهو وفات ڪري ويو مون
ان کي خواب ۾ ڏٺو تہ سبز پوشاڪ ڍڪي تمام گهڻو خوش خورم (بهشت ۾)
گهمي رهيو هو پڇيو مانس تہ تون اهو منهنجو ساٿي تہ ناهين؟ ان چيو تہ هائو مان
اهو ئي آهيان چيو مانس تہ ڪهڙو نہ سهڻو حال اٿئي ان چيو تہ منهنجي عادت هوندي
هئي تہ جتي محمد رسول الله صلى الله عليـه وسلم جو نالو مبارڪ لکندو هوس اتي
درود شريف بہ لکندو هوس ان جي بدلي ۾ مون کي الله هن نعمت سان نوازيو آهي
حضرت عبدالله بن حڪم فرمايو تہ مون حضرت امام شافعي عليـه الرحمـة کي خواب
۾ ڏٺو ۽ ڪائنس پڇيو تہ الله تعالیٰ اوهان سان ڪهڙو سلوڪ فرمايو؟ پاڻ ٻڌايائين تہ
الله تعالیٰ مون کي مغفرت عطا ڪري گهوٽ وانگر سينگاري بهشت ۾ موڪليو ۽ مون
تي بهشت جا گل ائين ڇٽرايا جيئن ڪنهن گهوٽ تي ڇٽرايا ويندا آهن مون ڪائنس
پڇيو تہ اهو ڪرم ڪهڙي عمل جي ڪري ڪيائين؟ ٻڌايائين تہ "مون پنهنجي ڪتاب
"الرسالـة" ۾ جيڪو درود شريف لکيو آهي اهو سڀ ان جو اجر آهي عبدالله بن حڪم
چيو تہ مون حضرت امام شافعي عليـه الرحمـة کان پڇيو تہ اهو خاص درود ڪهڙو
آهي جيڪو اوهان لکيو هو؟ تہ پاڻ فرمايائين اهو درود هي آهي "وَصَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ
عَدَدَ مَاذَكَرَهُ الذَّاكِرُوْنَ وَعَدَدَ مَاغَفَلَ عَنْ ذِكْرِهِ الْغٰفِلُوْنَ" مان نند مان سجاڳ ٿيس ۽
ڪتاب "الرسالـة" کولي ڏٺم تہ واقعي اهو ئي درود شريف لکيل هو. (٢)

فائدا

مذڪوره آيت مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع۱ـ درود شريف نهايت ڀلو عمل آهي جو الله جل شانـه ان جي پاڻ ڏانهن ۽ پنهنجي ملائڪن ڏانهن گڏي نسبت ڪئي آهي.

ع۲ـ اهو بہ معلوم ٿيو تہ حضرت حبيب پاڪ عليـه الصلٰوة والسلام جن تي سمورا ملائڪ هميشـه ڪنهن وقت جي تخصيص ڪان سواءِ درود شريف موڪلين ٿا.

ع۳ـ اهو بہ معلوم ٿيو تہ نبي پاڪ عليـه الصلٰوة والسلام جن تي دورد موڪلڻ اسان جي دعا سان ٻڌل ناهي جڏهن اجان ڪجهہ نہ نهيو هو تڏهن بہ الله جل شانـه پنهنجي محبوب عليـه الصلٰوة والسلام تي دورد موڪلي رهيو هو.

ع۴ـ اهو بہ معلوم ٿيو تہ حضور عليـه الصلٰوة والسلام زنده آهن جو مٿن درود ۽ سلام پڙهجي ٿو ۽ پاڻ ان سلام جو جواب ڏين ٿا جيئن صحيح حديثن مان ثابت آهي.

(١) محاسن التاويل صـ٢٠٢ـ سورة الاحزاب جلد ٨ (٢) ضياء القرآن صـ٩٢ـ٩٣ـ جلد ۴

مسئلـه

سڀني عمر ۾ هڪ ڀيرو درود پڙهڻ فرض آهي. جنهن مجلس ۾ سندن بار بار ذڪر ٿئي تو ان ۾ هڪ ڀيرو درود پڙهڻ واجب آهي نماز ۾ "التحيات" کان پوءِ دورد شريف پڙهڻ سنت آهي ۽ هميشه پڙهڻ مستحب آهي درود پڙهندڙ جي حق ۾ ملائڪ رحمت جي دعا ڪندا رهندا آهن. (١)

إِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ

بيشڪ اهي شخص جيڪي ايذاءِ ڏين ٿا الله ۽ ان جي رسول کي لعنت ڪئي انهن تي الله

فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّلَهُمْ عَذَابًا مُّهِيْنًا (٥٧) وَالَّذِيْنَ

دنيا ۽ آخرت ۾ ۽ تيار ڪيائين انهن جي لاءِ عذاب خوار ڪندڙ ۽ اهي شخص جيڪي

يُؤْذُوْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ بِغَيْرِ مَا اكْتَسَبُوْا فَقَدِ

ايذاءِ ڏين ٿا مومنن ۽ مومنياڻين کي ان کان سواءِ جو ڪيائون پوءِ تحقيق

احْتَمَلُوْا بُهْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا (٥٨) ع

ڪنيائون بهتان (جو بار) ۽ ڪليل گناهه

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل شانـه ارشاد فرمايو تـه نبي پاڪ عليـه الصلوٰة والسلام جن جو سندن پاڪ گهرن ۾ ۽ گهرن کان ٻاهر احترام ۽ ادب ڪيو ۽ هتي سندن دل آزاري ڪندڙن جي سزا جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِى الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّلَهُمْ عَذَابًا مُّهِيْنًا" بلاشڪ جيڪي شخص الله ۽ ان جي رسول کي ايذائن ٿا الله انهن تي دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت ڪئي ۽ انهن جي لاءِ خوار ڪندڙ عذاب تيار ڪيو اٿس حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تـه: اهي يهودي، نصاريٰ ۽ مشرڪ آهن يهودين چيو تـه (حضرت) عزير الله جو پٽ آهي ۽ الله جو هٿ ٻڌل آهي ۽ الله فقير آهي ۽ اسين غني آهيون ۽ نصارن چيو تـه (حضرت) عيسىٰ الله جو پٽ ۽ ٽن الٰهن ۾ ٽيون آهي ۽ مشرڪن چيو تـه ملائڪ الله جون ڌيئرون ۽ بت ان جا

(١) نورالعرفان صـ٦٧٩ـــ

شريڪ آهن ۽ هڪ قول مطابق "يُؤْذُوْنَ اللهَ" جي معنىٰ يوءذون اولياءَ الله. الله جي ولين کي ايذائن تا جيئن حضور عليـــه الصلوٰة والسلام جن جو فرمان آهي "مَنْ آذٰى لِيْ وَلِيًّا فَقَدْ آذَنْتُـــهٗ بِالْحَرْبِ" جنهن منهنجي ولي کي ايذايومان ان سان جنگ جو اعلان ٿو ڪيان ۽ رسول الله صلى الله عليــه وسلم جن جو ايذاءَ اهو هو جو سندن پاڪ منهن مبارڪ کي زخمي ڪيو ويو ۽ سندن ڏند مبارڪ شهيد ڪيا ويا ۽ ڪين ساحر، شاعر، مجنون وغيره سڏيو ويو (١) "وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ بِغَيْرِ مَا اكْتَسَبُوْا فَقَدِ احْتَمَلُوْا بُهْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا" ۽ جيڪي مومنن ۽ مومنياڻين کي ڪنهن ڏوهه جي ڪرڻ کان سواءِ ايذائن ٿا اهي بهتان ۽ ڪليل گناهه کڻن ٿا يعني اهل ايمان مردن ۽ عورتن کي انهن جي ڪنهن قصور کان سواءِ ايذائڻ وارا وڏو گناهه تا کڻن جنهن جي سزا ڪين ملندي.

فائدو

مذڪوره آيت مان واضح ٿيو ته جنهن ڪم کان حضور عليـه الصلوٰة والسلام کي ايذاءَ پهچي اهو حرام آهي جيتوڻيڪ ظاهر ۾ اها عبادت نه رهي لهذا جيڪڏهن نبي پاڪ عليــــه الصلوٰة والسلام جن کي ڪنهن نماز سان ڪا ڏڪيائي ٿي پهچي ته اها نماز ڇڏي سندن رضا حاصل ڪجي ان جي ڪري حضرت علي رضي الله عنـه جو خيبر ۾ عصر نماز کي حضرت حبيب ڪريم عليـــــه الصلوٰة والسلام جي آرام تي قربان ڪرڻ اعلىٰ عبادت قرار ڏنل آهي ۽ ڪين ايذاءَ ڏيڻ هي به آهي جو سندن فعل کي هلڪي نگاهه سان ڏٺو وڃي يا ان تي ڪنهن قسم جو طعن ڪيو وڃي يا سندن ذڪر خير کان روڪيو وڃي يا مٿن ڪو عيب لڳايو وڃي اهڙي قسم جا ماڻهو دنيا ۽ آخرت ۾ لعنت جا مستحق آهن.

وَبَنٰتِكَ	لِّاَزْوَاجِكَ	قُلْ	النَّبِيُّ	يٰۤاَيُّهَا

اي (غيب جون) خبرون ڏيندڙ! فرماءِ پنهنجين گهروارين کي ۽ پنهنجين ڌيئرن کي

ذٰلِكَ	جَلَابِيْبِهِنَّ	مِنْ	عَلَيْهِنَّ	يُدْنِيْنَ	وَنِسَآءِ الْمُؤْمِنِيْنَ

۽ مومنن جي زالن کي ته وجهن پنهنجي مٿان چادرون پنهنجون اهو

(١) خازن صـ٤٧٧ـ جلد ٣

اَدْنٰٓى	اَنْ يُّعْرَفْنَ	فَلَا يُؤْذَيْنَ ؕ	وَكَانَ اللّٰهُ

وڌيڪ ويجهو آهي تہ سڃاتيون وڃن پوءِ نہ ايذايون وڃن ۽ الله

غَفُوْرًا رَّحِيْمًا (٥٩)	لَئِنْ لَّمْ يَنْتَهِ	الْمُنٰفِقُوْنَ	وَالَّذِيْنَ	فِيْ قُلُوْبِهِمْ

بخشڻهار، مهربان آهي البت جيڪڏهن نہ رڪجندا منافق ۽ اهي جن جي دلين ۾

مَّرَضٌ	وَّالْمُرْجِفُوْنَ	فِي الْمَدِيْنَةِ	لَنُغْرِيَنَّكَ

بيماري آهي ۽ ڪوڙيون ڳالهيون پکيڙيندڙ مدينہ ۾ تہ البت لڳائي ڇڏينداسون توکي

بِهِمْ ثُمَّ	لَا يُجَاوِرُوْنَكَ	فِيْهَآ اِلَّا قَلِيْلًا (٦٠) ۚۖ	مَّلْعُوْنِيْنَ ۚ اَيْنَمَا

انهن تي ان ڪان پوءِ نہ پاڙي ۾ رهندا توسان ان ۾ مگر تورو وقت لعنت ڪيل جتي بہ

ثُقِفُوْٓا اُخِذُوْا	وَقُتِّلُوْا تَقْتِيْلًا (٦١)	سُنَّةَ اللّٰهِ	فِي الَّذِيْنَ

لڌا ويا تہ ورتا ويندا ۽ قتل ڪيا ويندا پڪي طرح الله جو طريقو انهن ۾ جيڪي

خَلَوْا مِنْ قَبْلُ ۚ	وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّةِ	اللّٰهِ	تَبْدِيْلًا (٦٢)

گذريا اڳي ۽ هرگز نہ لهندين الله جي طريقي لاءِ ڪا تبديلي

تفسير

اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ جيڪو مومنن ۽ مومنياڻين کي ايذائي تو اهو ملعون آهي ۽ هنن آيتن ۾ حضور پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جن کي خطاب ڪندي ارشاد ڪيو ويو تہ اوهان پنهنجي اهل وعيال ۽ مومنن جي اهل اعيال کي پردي لاءِ فرمايو تہ پوءِ ڪنهن کي ايذاءَ ڏيڻ جو موقعو نہ ملندو فرمان الٰهي آهي "يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ وَبَنٰتِكَ وَنِسَآءِ الْمُؤْمِنِيْنَ يُدْنِيْنَ عَلَيْهِنَّ مِنْ جَلَابِيْبِهِنَّ" اي نبي! پنهنجين گهروارين ۽ پنهنجين نياڻين ۽ مومنن جي عورتن کي فرماءِ تہ پاڻ تي پنهنجون چادرون وجهن مطلب تہ جيڪڏهن ڪنهن ضرورت جي ڪري ٻاهر نڪرڻ گهرن تہ پنهنجن منهن کي چادر يا برقعي سان ڍڪي رکن باقي اکيون کليون رکنديون. (١) "ذٰلِكَ اَدْنٰٓى اَنْ يُّعْرَفْنَ فَلَا يُؤْذَيْنَ" اهو ويجهو آهي جو سڃاتيون وڃن پوءِ ايذايون نہ وڃن ذهن

(١) ڪمالين شرح اردو جلالين صـ١٨٨ـ جلد ٥

نشين ڪرڻ گهرجي تہ منافق اٿهن سان ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪندو "وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا" ۽ الله بخشڻهار، مهربان آهي جو جيڪا انهن کان اڳي بي پردگي ٿي اها انهن کي بخشي ۽ معاف ڪري ڇڏيائين. (١) "لَئِنْ لَّمْ يَنْتَـهِ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ وَّالْمُرْجِفُوْنَ فِى الْمَدِيْنَــةِ لَنُغْرِيَنَّكَ بِهِمْ ثُمَّ لَا يُجَاوِرُوْنَكَ فِيْهَآ اِلَّا قَلِيْلًا" البت جيڪڏهن منافق ۽ جن جي دلين ۾ مرض آهي ۽ مدينـــہ ۾ ڪوڙ پکيڙيندڙ (پنهنجي ڪردارن کان) نہ رڪجندا تہ اوهان کي انهن تي لڳائي ڇڏيندا سون ان کان پوءِ ٿوري وقت کان سواءِ اوهان جي پاڙي ۾ نہ رهندا يعني منافقن ۽ جن ڀين کي بري نظر ۽ شهوت پرستيءَ جو نشو چڙهيل آهي ۽ مدينـــہ منوره ۾ ڪوڙيون خبرون اڏائيندڙ يهودي پنهنجين انهن برين حرڪتن کان باز نہ آيا تہ اسين پنهنجي ڪامل قدرت سان اوهان کي انهن تي مسلط ۽ غالب ڪنداسون ۽ ٿورن ڏينهن ۾ اوهان انهن کي مدينـــہ منوره مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندؤ اوهان جي پاڙي کان محروم رهجي ويندا. "مَّلْعُوْنِيْنَ ۚ اَيْنَمَا ثُقِفُوْٓا اُخِذُوْا وَقُتِّلُوْا تَقْتِيْلًا" لعنت ڪيل جتي بہ لڌا ويا تہ پڪڙيا ويندا ۽ چڱي طرح قتل ڪيا ويندا يعني انهن برين صفتن سان موصوف رهندڙن جي لاءِ الله جل شانہ جو حڪم ۽ امر اهو اهي تہ جتي بہ اهي مسلمانن کي هٿ اچي وڃن تہ گرفتار ڪري قتل ڪيا وڃن اهي دنيا ۽ آخرت ۾ الٰهي رحمت کان محروم ۽ تڙيل آهن. (٢) "سُنَّةَ اللّٰهِ فِى الَّذِيْنَ خَلَوْا مِنْ قَبْلُ ۚ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّـةِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا" جيڪي اڳي گذري ويا ا نهن ۾ بہ الله جو دستور رهيو ۽ الله جي دستور ۾ ڪا بہ تبديلي نہ لهندين يعني الله جل شانـــہ جو قانون اهو رهيو آهي تہ جن ماڻهن بہ نبين سڳورن عليهم الصلوٰة والسلام جي مقابلي ۾ شرارتون ڪيون، فتنا ۽ فساد پکيڙيا اهڙي نموني ذليل ۽ خوار ڪيا ويا يا مطلب هي آهي تہ اڳين ڪتابن ۾ بہ هي حڪم هو تہ فساد ڪندڙن کي پاڻ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. (٣)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ "قُلْ لِّاَزْوَاجِكَ" (پنهنجين گهرواري ن کي فرماءِ) جو تفسير ڪندي علامـہ قرطبي لکيو آهي تہ نبي پاڪ عليـہ الصلوة والسلام جن جي رحلت ڪرڻ وقت سندن هي گهر واريون زنده هيون پنج قريشين مان ١: عائشہ ٢: حفصـــہ ٣: ام حبيبہ ٤: سودة ٥: ام سلمـہ ۽ ٽي ٻين عربن مان ١: ميمونـــہ ٢: زينب بنت جحش ٣:

جويريـہ ۽ هڪ صفيہ جيڪا حضرت هارون علیٰ نبينا وعليـہ الصلوٰة والسلام جي اولاد مان هئي (رضي الله عنهن)

(١) خازن صــ٤٨٨ـ جلد ٣ (٢) خازن صــ٤٧٨ـ جلد ٣ (٣) موضح القرآن صــ٧٠٦ـ

ع۲ـ "بَنٰتِكَ" (پنهنجين نياڻين کي) مان واضح ٿيو حضور عليـــه الصلوٰة والسلام جي نياڻي هڪ نہ هئي (جيئن ڪيترا شيعا چون ٿا) سندن چار نياڻيون هيون ١: زينب ٢: رقيـه ٣: ام ڪلثوم ۴: فاطمـه رضي الله عنهن (١) اهي چارئي نياڻيون شيعن جي ڪتابن ۾ لکيل آهن پورو تفصيل منهنجي لکيل ڪتاب "التحرير المقبول في اخبار اولاد الرسول" ۾ ڏسو.

ع۳ـ "يُدْنِيْنَ عَلَيْهِنَّ مِنْ جَلَا بِيْبِهِنَّ" (پنهنجي مٿان پنهنجون چادرون ڍڪين) مان واضح ٿيو تہ حضور پاڪ عليـــه الصلوٰة والسلام جي گهروارين، پاڪ نياڻين ۽ سيني مومنن جي عورتن تي پردو لازم آهي اهڙي چادر هجي جنهن سان اکين کان سواءِ منهن بہ ڍڪڻ ضروري آهي. پر افسوس آهي جو هلندڙ دور ۾ مسلمانن عورتن پردو ڇڏي منهن، مٿو ۽ ٻئي بدن جو بہ ڪافي حصو اگهاڙو رکڻ شروع ڪيو آهي هڪ ڀيري بنو تميم قبيلي جون ڪجهہ عورتون ام المومنين سيده عائشـــه رضي الله عنها جي خدمت ۾ حاضر ٿيون جن کي تمام گهٽو سنهون لباس ڍڪيل هو پاڻ انهن کي ڏسي فرمايائين تہ "جيڪڏهن اوهان مومنياڻيون آهيو تہ پوءِ مومنياڻين جواهو لباس ناهي ۽ جيڪڏهن اوهان ايمان دار ناهيو تہ پوءِ ڀلي اهڙا لباس ڍڪيو (٢) حضور پرنور عليـه الصلوٰة والسلام جن جو ارشاد مبارڪ آهي تہ "ڪيتريون عورتون، ڪپڙن ۾ ڍڪيل، اگهاڙيون، (مردن ڏانهن) لاڙو ڪندڙيون، (پاڻ ڏانهن مردن کي) مائل بنائندڙيون انهن جا مٿا اٺن جي ٿو هن جهڙا (اگهاڙا)هوندا بهشت ۾ داخل تہ نہ ٿينديون پر ان جي بوءِ بہ سنگهنديون." (٣)

يَسْـَٔلُكَ النَّاسُ عَنِ السَّاعَـةِ ۭ قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَاللّٰهِ ۭ

ڀچن ٿا توکان ماڻهو قيامت جي (متعلق) فرماءِ تہ ان جو علم تہ صرف منهنجي رب وٽ آهي

وَمَايُدْرِيْكَ لَعَلَّ السَّاعَـةَ تَكُوْنُ قَرِيْبًا (٦٣) اِنَّ اللّٰهَ لَعَنَ

۽ ڪير ڄاڻائي تـو توکـي متـان قيـامت هجـي ويجهـي بيشـڪ الله لعنـت ڪئـي

الْكٰفِرِيْنَ وَاَعَدَّلَهُمْ سَعِيْرًا (٦۴) خٰلِدِيْنَ فِيْهَا اَبَدًا ج

ڪافرن تي ۽ تيار ڪيائين انهن جي لاءِ ساڙيندڙ باهہ رهندڙ هوندا ان ۾ هميشه هميشه

(١) القرطبي صـ٢۴١۔٢۴٢ـ جلد ١۴ (٢) القرطبي صـ٢۴۴ـ جلد ١۴ (٣) ضياء القرآن صـ٩۵ـ جلد ۴

لَايَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّلَانَصِيْرًا ۚ (٦٥) يَوْمَ تُقَلَّبُ وُجُوْهُهُمْ

نہ لهندا ڪو دوست ۽ نہ ڪو مددگار جنهن ڏينهن اونڌا ڪيا ويندا انهن جا منهن

فِى النَّارِ يَقُوْلُوْنَ يٰلَيْتَنَآ اَطَعْنَا اللّٰهَ وَاَطَعْنَا الرَّسُوْلَا (٦٦)

باهہ ۾ چوندا اي ڪاش اسان فرمانبرداري ڪيون ها الله جي ۽ فرمانبرداري ڪيون ها رسول جي

وَقَالُوْا رَبَّنَآ اِنَّآ اَطَعْنَا سَادَتَنَا وَكُبَرَآءَ نَا

۽ چوندا اي اسان جا پالڻهار! بيشڪ اسان اطاعت ڪئي پنهنجن سردارن جي ۽پنهنجن وڏن ماڻهن جي

فَاَضَلُّوْنَا السَّبِيْلَا (٦٧) رَبَّنَآ اٰتِهِمْ

پوءِ گمراه ڪيائون اسان کي (سڌي) واٽ کان اي اسان جا رب! ڏي انهن کي

ضِعْفَيْنِ مِنَ الْعَذَابِ وَالْعَنْهُمْ لَعْنًا كَبِيْرًا ۚ (٦٨)

ٻہ ٽيڻا ٻيڻو عذاب ۽ انهن تي لعنت ڪر وڏي لعنت

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي دنيوي حالات جي متعلق بيان هو ۽ هتي انهن جي پاران سندن اخروي حالت جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "يَسْئَلُكَ النَّاسُ عَنِ السَّاعَةِ" توکان ماڻهو قيامت جي متعلق پڇن ٿا. يعني ماڻهو قيامت جي متعلق اوهان کان گهڻو پڇن ٿا تہ ڪڏهن ٿيندي؟ مشرڪ چٽر ۽ چرچي طور چون ٿا تہ جلد اچي ۽ منافق هٺ ۽ تڪبر طور پڇن ٿا ۽ يهودي امتحان طور پڇن ٿا تہ جهڙو توراة ۾ بيان آهي اهڙو ئي جواب ٿو ڏي يا نہ. الله جل شانـه انهن جي جواب ۾ ارشاد فرمايو (١) "قُلْ اِنَّمَا عِلْمُهَا عِنْدَاللّٰهِ" فرماءِ تہ ان جو علم تہ صرف الله وٽ آهي. اهو ئي ذاتي، قديم علم جو مالڪ آهي ٻيو ڪير بہ ان جي ڄاڻائڻ کان سواءِ نہ ٿو ڄاڻي. "وَمَايُدْرِيْكَ لَعَلَّ السَّاعَةَ تَكُوْنُ قَرِيْبًا" ۽ ڪير ٿو توکي ڄاڻائي تہ متان قيامت ويجهي هجي مطلب تہ ان جو اصل علم تہ الله جل شانـه وٽ آهي پر ايترو ذهن ۾ رکجي تہ اها قريب آهي جيئن نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن اشهد آڱر ۽ وچينءَ آڱر ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو "بُعِثْتُ اَنَا وَالسَّاعَةُ كَهَاتَيْنِ" (٢) مان ۽ قيامت ائين آهيون جيئن هي ٻہ آڱريون هڪ ٻئي کي ويجهيون آهن "اِنَّ اللّٰهَ لَعَنَ الْكٰفِرِيْنَ وَاَعَدَّلَهُمْ سَعِيْرًا" بلاشڪ الله ڪافرن تي لعنت

(١) المراغي صـ٤٠ـ جزء ٢٢ جلد ٨ (٢) القرطبي صـ٢٤٨ـ جلد ١٤

ڪئي آهي ۽ انهن جي لاءِ ٻرندڙ باهه تيار ڪئي اٿس. مطلب ته الله تعالىٰ انهن کي پنهنجي رحمت کان پري رکي انهن جي لاءِ جهنم جي باهه تيار ڪري ڇڏي آهي "خٰلِدِيْنَ فِيْهَا اَبَدًا ۚ لَا يَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا ۚ" ان ۾ هميشه رهندڙ هوندا نه ڪو دوست لهندا ۽ نه ڪو مددگار ملندن جيڪو ڪين جهنم کان ۽ ان ۾ هميشه رهڻ کان ڇڏائي "يَوْمَ تُقَلَّبُ وُجُوْهُهُمْ فِى النَّارِ يَقُوْلُوْنَ يٰلَيْتَنَآ اَطَعْنَا اللّٰهَ وَاَطَعْنَا الرَّسُوْلَا" جنهن ڏينهن انهن جا منهن اونڌا ڪري باهه ۾ وڌا ويندا چوندا اي ڪاش! اسان الله جي اطاعت ڪيون ها ۽ رسول (عليه الصلوٰة والسلام) جي به اطاعت ڪيون ها جڏهن اونڌا منهن ڪري جهنم ۾ وڌا ويندا ته باهه جي جهٽڪن جي ڪري سندن منهن ڪارا ۽ ڪنهن مهل سڃا ڦڪا ٿي ويندا. ۽ جڏهن هڪڙين ڪلن سڙڻ جي ڪري پيون ڪلون بدلجنديون ته پوءِ اها خواهش ظاهر ڪندا ته ڪاش! الله ۽ ان جي رسول (عليه الصلوٰة والسلام جي اطاعت ڪيون ها "وَقَالُوْا رَبَّنَآ اِنَّآ اَطَعْنَا سَادَتَنَا وَكُبَرَآءَنَا فَاَضَلُّوْنَا السَّبِيْلَا" ۽ چوندا ته اي اسان جا پالڻهار! اسان پنهنجن سردارن ۽ وڏن ماڻهن جي چوڻ تي هليا سون انهن اسان کي (سڌيءَ) واٽ کان گمراهه ڪري ڇڏيو" سادة " سيد جو جمع آهي ۽ سادات جمع جو جمع اهي سادة ۽ ڪبراءَ جي معنىٰ ساڳي آهي ۽ انهن مان مراد شرڪ ۽ گمراهيءَ جا اڳواڻ آهن. (١) رَبَّنَآ اٰتِهِمْ ضِعْفَيْنِ مِنَ الْعَذَابِ وَالْعَنْهُمْ لَعْنًا كَبِيْرًا" اي اسان پالڻهار! انهن کي ٻيڻي کان ٻيڻو عذاب ڏي ۽ انهن تي وڏي لعنت ڪر مطلب ته انهن کي دنيا ۽ آخرت وارو عذاب ڪفر ۽ گمراهيءَ جي ڪري ٻيڻي کان ٻيڻو ڏي ۽ انهن تي گهڻي لعنت ڪر. (١)

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

عـ١ـ آيت عـ٦٣ـ مان واضح ٿيو ته قيامت جي اچڻ جو اصل علم الله جل شانه وٽ آهي ان جي ڄاڻائڻ کان سواءِ ڪير به نه ٿو ڄاڻي. پر جيڪڏهن اهو پنهنجن پيارن مان ڪنهن کي ڄاڻائي ته جائز آهي (٢) علامه صاوي سورة لقمان جي آخر ۾ لفظ "مَاذَاتَكْسِبُ غَدًا" جي تفسير ۾ لکيو آهي ته بالذات ڪير نه ٿو ڄاڻي ته صبحاڻي ڇا ڪندو پر الله جل شانه جي ڄاڻائڻ سان ڄاڻڻ کان ڪو به مانع نه آهي جيئن انبياءَ ۽ بعض اولياءَ کي ڄاڻايو اٿس. (٣)

(١) القرطبي صـ٢٤٩ـ جلد ١٤ (٢) التفسيرات الاحمدية صـ٦٠٨ـ آخري ستون (٣) الصاوي صـ٢٤٤ـ جزء ٣

ع-٢ـ آيت ع-٦٥ـ جي لفظن "لَا يَجِدُوْنَ وَلِيًّا وَّلَا نَصِيْرًا" (نہ ڪو دوست ۽ نہ ڪو مددگار لهندا) مان واضح ٿيو تہ قيامت جي ڏينهن ڪافرن جو ڪو يار ۽ مددگار نہ هوندو پر مومنن جا ڪئين دوست، مددگار۽ سفارش ڪرڻ وارا هوندا.

ع-٣ـ آيت ع-٦٦ـ مان بہ ڳالهيون معلوم ٿيون هڪ تہ سيني ڪافرن کي قيامت جي ڏينهن پنهنجي ڪفر تي شرمندگي هوندي ٻيو تہ اها شرمندگي ۽ پشيماني فائدو نہ ڏيندي ڇو تہ توبہ ۽ پشيمانيءَ جي جاءِ دنيا آهي مند ڪان سواءِ ڪنهن بہ پوک جو ٻج پوکڻ اجايو هوندو.

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ اٰذَوْا مُوْسٰى

اي ايمان وارا! نہ ٿيو انهن وانگر جن ايذايو موسىٰ کي

فَبَرَّاَهُ اللّٰهُ مِمَّا قَالُوْا ؕ وَكَانَ عِنْدَ اللّٰهِ وَجِيْهًا ؕ (٦٩)

پوءِ پاڪ ڪيو ان کي الله ان کان جو چيائون ۽ هو الله وٽ مان وارو

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَقُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ۙ (٧٠) يُّصْلِحْ لَكُمْ اَعْمَالَكُمْ

اي ايمان وارا! ڊڃو الله کان ۽ چئو ڳالهہ سڌي سڌاريندو اوهان لاءِ عمل اوهان جا

وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَمَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ

۽ بخشيندو اوهان کي گناهہ اوهان جا ۽ جيڪو اطاعت ڪندو الله جي ۽ ان جي رسول جي

فَقَدْ فَازَ فَوْزًا عَظِيْمًا (٧١)

پوءِ تحقيق ڪامياب ٿيو ڪاميابي وڏي

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله ۽ ان جي رسول (عليہ الصلوٰة والسلام) جي ايذاءَ جي سزا جو بيان هو ۽ هتان کان هڪ اڳ ۾ آيل نبي حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام کي ايذاءَ ڏيڻ جو هڪ واقعو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ اٰذَوْا مُوْسٰى فَبَرَّاَهُ اللّٰهُ مِمَّا قَالُوْا" اي ايمان وارا! انهن وانگر نہ ٿيو جن موسىٰ کي ايذايو پوءِ الله ان کي ان کان پاڪ فرمايو جيڪو چيائون. مطلب تہ اي مومنو اوهان انهن وانگر پنهنجي نبي عليہ الصلوٰة والسلام کي نہ ايذايو جن حضرت

موسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام كي ايذايو هو پر الله ان كي انهن جي چوڻ کان پاڪ بنايو. مفسرن جا حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام كي ايذائڻ جي باري ۾ ٻہ قول آهن ١: جديد مفسرن لکيو آهي تہ ان ايذائڻ مان مراد آهي تہ بني اسرائيل حضرت موسىٰ جي ڪيترين ڳالهين ۾ بي فرماني ۽ مخالفت ڪندا هئا ۽ ان جي ڪري ڪيس ڏک پهچندو هو. اهو ايذاءُ مراد آهي (١) ٢: قديم مفسرن لکيو آهي تہ حضرت موسىٰ علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام جي قوم وارا اگهاڙا تي وهنجندا هئا ۽ پاڻ پردي ۾ اندر وهنجندو هو. بني اسرائيل چوندا هئا تہ جسم ۾ ڪا بيماري ياعيب اٿس تڏهن ٿو پردو ڪري وهنجي. الله جل شانـــه ارادو فرمايو تہ: حضرت موسىٰ کي ان عيب واري تهمت کان پاڪ ظاهر ڪري هڪ ڀيري حضرت موسىٰ پردي ۾ وهنجڻ جي لاءِ ڪپڙا پٿر تي رکي وهنجڻ لڳو جڏهن وهنجڻ کان فارغ ٿي ڪپڙا کڻڻ جي لاءِ آيو تہ اهو پٿر (خداوندي حڪم سان) سندس ڪپڙا کڻي ڀڄڻ لڳو پاڻ لٺ هٿ ۾ کڻي پٿر جي پويان هلڻ لڳو ۽ چوندو رهيو تہ اي پٿر! منهنجا ڪپڙا! اي پٿر! منهنجا ڪپڙا! ائين ڪندي اهو پٿر اهڙي جاءِ تي هلي بيٺو جتي بني اسرائيل جو مجمع هو ۽ انهن کي پڪ ٿي تہ حضرت موسىٰ بي عيب آهي. اهڙي طرح الله جل شانـه حضرت موسىٰ جي پاڪائي ثابت ڪئي. (٢)

سوال

الله جل شانـــه پٿر کي اهڙو حڪم ڇو ڪيو جنهن سان نبي سڳورو ڪپڙن کان سواءِ هليو؟

جواب

ضرورت جي وقت ڪنهن کي اگهڙ ڏيکارڻ منع ناهي جيئن اڄ بہ طبيب ۽ ڊاڪٽر مرض جي جاءِ ڏسندا آهن تان جو سرجن ڊاڪٽرن عورتن جي انتهائي نازڪ جسم جو آپريشن بہ ڪندا آهن حالانڪ ان کي ڪير بہ عيب نہ ٿو سمجهي تہ الله جل شانـــه پنهنجي حڪمت سان جيڪڏهن پٿرکي ڪپڙن کڻڻ جو حڪم ڪري پنهنجي نبي علىٰ نبينا وعليـــه الصلوٰة والسلام جي عيب کان پاڪائي ۽ صفائي ثابت ڪئي تہ پوءِ اعتراض ڇو؟

"وَكَانَ عِنْدَاللهِ وَجِيهًا" ۽ الله وٽ عزت وارو هو مطلب تہ الله جل شانـــه جا نبي الله وٽ عزت وارا آهن بلند مرتبي ۽ اعلىٰ درجي جا صاحب آهن. "يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا

(١) ضياء القرآن صـ٩٩ـ جلد ۴ (٢) معارف القرآن صـ٢٣٩ـ جلد ٧

اللهَ وَقُولُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا اي ايمان وارا! الله کان ڏڄو ۽ سڌي ڳالهہ چئو مطلب تہ الله جي عذاب کان ڏڄو ان جا فرائض ادا ڪيو ان جي بي فرمانين کان بچو ۽ اهڙي ڳالهہ ڪيو جيڪا سچ ۽ سڌي هجي. (١) "يُصْلِحْ لَكُمْ اَعْمَالَكُمْ وَيَغْفِرْلَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ" اوهان جي لاءِ اوهان جي اعمال کي درست ڪندو ۽ اوهان جي لاءِ اوهان جا گناهہ بخشيندو جو تہ تقوىٰ ۽ سچ چوڻ جو اهو نتيجو آهي. "وَمَنْ يُّطِعِ اللهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ فَازَ فَوْزًا عَظِيْمًا" ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪندو پوءِ (اهو) يقينًا وڏي ڪاميابي حاصل ڪندو. يعني امر ۽ نهي ۾ الله جي اطاعت ڪرڻ وڏي ڪاميابي ۽ دارين جي سعادت آهي.

فائدا

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع١ـ آيت ع٦٩ـ مان واضح ٿيو تہ ايمان وارو ڪو بہ اهڙو قدم نہ کڻندو ۽ نہ اهڙي ڳالهہ ڪندو جنهن مان ڪنهن بہ الله جل شانـــہ جي نبي جي توهين، تنقيص ۽ دل آزاري ٿئي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ الله جل شانـــہ جو هر نبي الله وٽ عزت وارو آهي نبي سڳوري لاءِ لکڻ يا چوڻ تہ اهو الله وٽ چهڙي ۽ چمار کان ذليل آهي هن آيت جي خلاف ۽ ڪفر آهي.

ع٢ـ آيت ع٧١ـ مان واضح ٿيو تہ وڏي ڪاميابي حاصل ڪرڻ جو ذريعو الله ۽ ان جي پياري رسول عليہ الصلوٰة والسلام جي اطاعت آهي.

ع٣ـ آيت ع٦٧ـ مان واضح ٿيو تہ گمراهن سردارن ۽ وڏن ماڻهن جي اطاعت ڪرڻ ۽ انهن جي پويان هلڻ ۾ گمراهيءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ پلئہ نہ پوندو.

اِنَّا عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ عَلَى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَالْجِبَالِ فَاَبَيْنَ

بلاشڪ اسان آڇي امانت آسمانن ۽ زمين ۽ جبلن تي پوءِ انڪار ڪيائون

اَنْ يَّحْمِلْنَهَا وَاَشْفَقْنَ مِنْهَا وَحَمَلَهَا الْاِنْسَانُ ۚ اِنَّهٗ كَانَ ظَلُوْمًا جَهُوْلًا (٧٢)

هن جو جو کڻن ان کي ۽ ڏڄڻ لڳا ان کان ۽ کنيو ان کي انسان بلاشڪ اهو آهي ظالم، جاهل

---

(١) ايسرالتفاسير صـ٥٨٨ـ جلد ٣

لِّيُعَذِّبَ اللّٰهُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْمُشْرِكِيْنَ وَالْمُشْرِكٰتِ

تانت عذاب ڪري الله منافقن کي ۽ منافقياڻين کي ۽ مشرڪن ۽ مشرڪياڻين کي

وَيَتُوْبَ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ؑ (٧٣) ع ٩ ع ٢

۽ توبهقبول ڪرڻ سان موٽي الله مومنن ۽ مومنياڻين تي ۽ الله بخشڻهار، مهربان آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله عزاسمه پنهنجي ۽ پنهنجي رسول عليه الصلوٰة والسلام جي اطاعت جي برڪت بيان ڪئي ۽ هتي ٻڌايو تو وچي تہ اها هڪ امانت هئي جنهن جي کڻڻ کان ٻين انڪار ڪيو ۽ انسان قبول ڪري برداشت ڪئي فرمان مبارڪ آهي. "اِنَّا عَرَضْنَا الْاَ مَانَـةَ عَلَى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَالْجِبَالِ فَاَبَيْنَ اَنْ يَّحْمِلْنَهَا وَاَشْفَقْنَ مِنْهَا وَحَمَلَهَا الْاِنْسَانُ ؕ اِنَّـهٗ كَانَ ظَلُوْمًا جَهُوْلًا" اسان آسمانن ۽ زمين ۽ جبلن کي امانت جي آڇ ڪئي پوءِ انهن ان جي کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان کان ڊڄي ويا ۽ انسان ان کي کنيو بلاشڪ اهو ظالم، جاهل آهي الله جل شانه فرمايو تہ اسان آسمانن ۽ زمين ۽ جبلن کي امانت کڻڻ جو ارشاد فرمايو پر انهن ڊڄي ان جي کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ انسان جن مان گهڻا ظالم ۽ جاهل آهن ان اها مانت کڻڻ قبول ڪئي.

امانت مان مراد ڇا آهي؟

جمهور جو ۽ صحيح قول اهو آهي تہ ان مان مراد سيئي دين جا ڪم آهن (١) انهن ۾ عبادات، اخلاقيات ۽ هر قسم جا قانون اچي ويا. علامه ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمة فرمايو تہ: صوفياءَ ڪرام جو ارشاد آهي تہ: امانت مان مراد عقل جو نور ۽ عشق جي باهہ آهي عقل جو نور استد لال جي ذريعي الٰهي معرفت حاصل ڪندو آهي ۽ عشق جي باهہ حجابات کي ساڙي منزل مقصود تائين پهچائيندي آهي. ان کان بعد علامه موصوف لکيو آهي تہ حضرت امام رباني عليه الرحمة جي ارشادات مان جيڪو مون سمجهيو آهي اهو هي آهي تہ امانت مان مراد اها استعداد آهي جيڪا الله تعالىٰ انساني ماهيت ۾ امانت رکي آهي جنهن سان تجليات ذاتيه دائمه کي قبول ڪري سگهي انسانن کان سواءِ صالح جنَ بہ عبادت ۽ رياضت جي ذريعي ملائڪن جي صفت ۾ شامل ٿي ويندا آهن پر پوءِ بہ انهن جي حصي ۾ صفاتي تجليات ايندي يون آهن ذاتي نہ ايندي يون آهن. (٢)

(١) القرطبي صـ٢٥٣ـ جلد ١٤ (٢) المظهري صـ٤٢٦ـ جلد ٧

سوال

انسان کي ڇا ٿيو جو اها امانت کڻڻ جي لاءِ تيار ٿي ويو؟

جواب

حضرت جنيد بغدادي عليه الرحمة جو فرمان عاليشان آهي ته (انسان مان مراد حضرت آدم آهي ۽) ان جي نظر ان وقت الله جل شانــه جي طرفان امانت پيش ڪرڻ تي هئي امانت تي نه هئي انهيءَ پيش ڪش جي لذت ان ڪان . امانت جو بار وسارائي ڇڏيو ان جي ڪري ان کي لطف رباني عنايت جي زبان سان فرمايو ته: هيءَ امانت کڻڻ تنهنجو ڪم آهي نگهباني ڪرڻ اسان جو ڪم آهي. (١)

سوال

آسمانن ۽ زمين ۽ جبلن ۾ ڪهڙي طاقت هئي جو الله جل شانــه جي پيش ڪش جو انڪار ڪن؟ ڀلا جيڪڏهن منڪر ٿيا ته انهن کي سزا ڪهڙي ملي؟ جيڪڏهن نه ملي ته ڇو؟

جواب

انهن جو انڪار بي فرمانيءَ جي لحاظ سان نه هو پر ڊپ جي ڪري هو ته اها امانت اسين صحيح طرح ادا ڪري نه سگهنداسين. (٢) علامــه پير ڪرم شاه الازهري عليه الرحمة لکيو آهي ته الله جل شانــه انهن کي اختيار ۽ ارادي جي آزادي ڏيندي امانت پيش ڪئي هئي (حتمي حڪم نه هو) (٣) ﴿لِّيُعَذِّبَ اللّٰهُ الْمُنٰفِقِيْنَ وَالْمُنٰفِقٰتِ وَالْمُشْرِكِيْنَ وَالْمُشْرِكٰتِ وَيَتُوْبَ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ۗ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا﴾ تانته الله منافقن ۽ منافقياڻين ۽ مشرڪن ۽ مشرڪياڻين کي عذاب ڪري ۽ الله مومنن ۽ مومنياڻين تي توبــه قبول ڪرڻ سان رجوع فرمائي ۽ الله بخشڻهار، مهربان آهي "ليعذب" ۾ لام عاقبــة بيان ڪرڻ جي لاءِ آهي (٤) مطلب ته ان امانت کي کڻڻ جو انجام اهو ٿيو جو جن مردن ۽ عورتن منافقي ڪئي يا شرڪ ڪيو اهي عذاب جا مستحق ٿيا ۽ جن ايمان آندو الله جل شانــه انهن تي نگاهه ڪري ڪين توبــه جي سعادت نصيب ڪئي ۽ انهن ڏانهن خصوصي لطف و ڪرم سان توجه فرمايو آيت ۾ مومنين ۽ مومنٰت مان مراد اهي ماڻهو آهن جن امانت کي ادا ڪيو ۽ تجليات ۾ مستغرق رهيا (٥)

(١) روح البيان صـ٢٥٣ـ جلد ٧ (٢) تيسير الڪريم الرحمٰن صـ١٦٧ـ جلد ٤ (٣) ضياء القرآن صـ١٠٢ـ جلد ٤ (٤) تفسير ابوالسعود صـ١١٨ـ جزء ٧ (٥) المظهري صـ٤٢٨ـ جلد ٧

فائدا

مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

ع ١ـ آيت ع ٧٢ـ مان واضح ٿيو تہ انسان الله جل شانہ جي محبت ۾ اڳتي آهي جو صرف امانت جي پيش ڪرڻ واري لذت ۾ اچي ڪري ايڏو وڏو بار کڻي ويٺو.

ع ٢ـ آيت ع ٧٣ـ مان واضح ٿيو تہ انسان جي ان امانت کڻڻ ۾ اها حڪمت هئي تہ سچا ۽ ڪوڙا، مومن ۽ منافق،۽ مشرڪ ظاهر ٿين مومن مغفرت، رحمت ۽ جنت حاصل ڪن منافق ۽ مشرڪ لعنت ۽ الٰهي عذاب حاصل ڪن.

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون گنهگار الله جل شانہ جي فضل ۽ احسان ۽ سهڻي نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جي نظر ڪرم جي صدقي سان اڄ بمورخہ ٢٩ صفر ١٤٢٤هہ الموافق ٢٠٠٣،٥،٦ع جمعة المبارڪہ جي ڏينهن صبح جو ٩ لڳي ٽيهن منٽن تي پنهنجي گهرواري لائبريريءَ ۾ سورة الاحزاب جو تفسير لکي پورو ڪيو. مالڪ مٺي جي بارگاه بي ڪس پناه ۾ دلي دعا آهي تہ باقي رهيل تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين يا الٰہ العالمين بجاه النبي الامين عليہ وعلىٰ آلہ واصحابہ الصلوات والتسليمات الى يوم الدين.

دعا جو طالب

الفقير محمد ادريس الداهري
النقشبندي عفي عنہ

سورة سبا جو تعارف

هن سورة مبارڪ جي تعارف ۾ هي ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ

هن سورة سڳوريءَ جو نالو "سبا" آهي جيڪو هن جي آيت ع-١٥- ۾ ذڪر ڪيل آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد

هن سورة پاڪ ۾ ڇهه (٦)، رڪوع، چوونجاهه ٥٤ آيتون، اٺ سؤ ٽيٽيهه (٨٣٣) ڪلما ۽ هڪ هزار پنج سؤ ٻارهه (١٥١٢) حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟

ابن الضريس، نحاس، ابن مردويه ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان ۽ ابن المنذر قتاده رضي الله عنه کان روايتون آنديون آهن ته هيءَ سورة مڪيه آهي. (٢)

اڳيئن سورة سان مناسبت ۽ ربط

١: الله جل شانه جون جيڪي صفتون هن جي شروعات ۾ بيان ڪيون ويون آهن اهي انهن صفتن سان ملن جلن ٿيون جيڪي اڳيئن سورة جي آخر ۾ بيان ڪيل آهن.
٢: اڳيئن سورة ۾ ڪافرن جي طرفان چٿر طور قيامت جي باري ۾ سوال ڪرڻ جو بيان هو ۽ هتي انهن جي طرفان حقيقي طور انڪار ڪرڻ جو ذڪر ڪيل آهي. (٣)

مضامين

هن سورة مبارڪه جو مرضوع اسلامي عقيدو، دين جا اصول، توحيد، نبوت ۽ قيامت جو اثبات آهي شروعات ۾ ان الله جل شانه جو حمد بيان ڪيل آهي جنهن مخلوق ڪي وجود ڏنو جهان جي نظام ڪي مضبوط بنايو ڪائنات ڪي پنهنجي حڪمت سان تدبير ڏنو اهو ئي خالق، مبدع ۽ حڪيم آهي ان جي علم کان آسمانن ۽ زمين ۾ ذري جو وزن به غائب ناهي ۽ اهو سڀ ڪجهه رب العالمين جي وحدانيت تي وڏو دليل آهي. ۽ هن سورة ۾ هڪ نهايت اهم ڳالهه اها به بيان ڪيل آهي ته مشرڪ

(١) تفسير خازن ص-٤٨١- جلد ٣ (٢) الدرالمنثور ص-٦٧٣- جلد ٦ (٣) المراغي ص-٥٥- جزء ٢٢ جلد ٨

آخرت جا منڪر، مرڻ کان بعد جيئرو ٿيڻ کي ڪوڙو چوڻ وارا آهن الله جل مجده پنهنجي پياري رسول عليه الصلوة والسلام جن کي حڪم فرمايو آهي ته اوهان هميشه سچ ڳالهائيندڙ "الصادق الامين" آهيو جنهن کي ڪافر به مڃيندا هئا پر قيامت جي وقوع کي قسم سان بيان ڪيو ته شايد پوءِ سندن شڪ شبها دور ٿين. هن سورة ۾ ٻن نبين سڳورن حضرت داؤد ۽ حضرت سليمان علیٰ نبينا وعليها الصلوة والسلام جو ذڪر ۽ ڪين مسخر ڪري ڏنل شين جو به بيان آهي جيئن حضرت سليمان علیٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام جي لاءِ هوا" پکي ۽ جن مسخر هئا ۽ حضرت داؤد علیٰ نبينا وعليه الصلوة والسلام سان گڏ جبل به تسبيح پڙهندا هئا هن سورة ۾ حضرت خاتم النبيين عليه الصلوة والسلام تي ڪيل ڪافرن جي اعتراضن ۽ شبهات جا اهڙي طرح سهڻي نموني جواب ۽ رد بيان ٿيل آهن جيئن وحدانيت جي منڪرن کي جواب ڏنا ويا آهن ۽ سورة سڳوريءَ جي آخر ۾ مشرڪن کي ان الله، واحد، قهار تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏني وئي آهي جنهن جي قدر تي هٿ ۾ ساري مخلوق جي امرن جي تدبير آهي. (١)

فضائل

قرآن ڪريم جي سورة هجڻ جي ڪري ٻين سورتن وانگر هيءَ به شاندار سورة آهي. علماءِ عاملين لکيو آهيو ته جيڪڏهن ڪنهن کي مراد حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪا تدبير نه ٿي ملي ته هڪ جاءِ تي ويهي هيءَ سورة ست ڀيرا پڙهي دعا گهري انشاءَ الله العزيز هن جي برڪت سان رستو کلي پوندو ۽ پنهنجي مراد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو.

دعا جو طالب

الفقير محمد ادريس الداهري

النقشبندي عفي عنه

وَهِيَ اَرْبَعٌ وَ خَمْسُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ السَّبَا مَكِّيَّةٌ	وَسِتُّ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها ۵۴ آيتون	سورة سبا مکيه آهي	۽ ڇهه رڪوع آهي
	بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ	

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ لَهٗ مَا

سڀ سارا ان الله جي لاءِ (ثابت) آهي جنهن جي ملڪيت آهي جيڪو ڪجهه

فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الْاَرْضِ وَلَهُ الْحَمْدُ

آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي ۽ ان جي لاءِ ئي حمد آهي

فِی الْاٰخِرَةِ ؕ وَهُوَ الْحَكِيْمُ الْخَبِيْرُ (١) يَعْلَمُ مَا يَلِجُ

آخرت ۾ ۽ اهو ئي حڪمت وارو، خبر رکندڙ آهي ڄاڻي ٿو اهو جيڪو داخل ٿئي ٿو

فِی الْاَرْضِ وَمَا يَخْرُجُ مِنْهَا وَمَا يَنْزِلُ مِنَ السَّمَآءِ

زمين ۾ ۽ جيڪو نڪري ٿو ان مان ۽ جيڪو نازل ٿئي ٿو آسمان مان

وَمَا يَعْرُجُ فِيْهَا ؕ وَهُوَ الرَّحِيْمُ الْغَفُوْرُ (٢)

۽ جيڪو وڃي چڙهي ٿو ان ۾ ۽ اهو ئي مهربان بخشڻهار آهي.

تفسير

اڳيئن سورة جي پڇاڙيءَ ۾ الله جل شانه جي مغفرت ۽ رحمت جو ذڪر هو ۽ هن جي شروعات به ان مالڪ مٺي جي حمد سان شروعات ڪندي آيت ع ٢ جي

پڇاڙي رحمت ۽ مغفرت جي صفتن سان بيان ڪئي وئي آهي. فرمان مبارڪ آهي "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ لَهٗ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الْاَرْضِ وَلَهُ الْحَمْدُ فِی الْاٰخِرَةِ وَهُوَ الْحَكِیْمُ الْخَبِیْرُ" سڀ ساراهه الله (جي ان پاڪ ذات) لاءِ ثابت، آهي جوجيڪو ڪجهه به آسمانن ۾ ۽ جيڪو ڪجهه زمين ۾ آهي ان جي (حقيقي) ملڪيت آهي ۽ ان جي لاءِ ئي آخرت ۾ حمد آهي ۽ اهوئي حڪمت وارو، خبر رکندڙ آهي- يعني سڀ تعريفون ان الله جل شانه جي لاءِ آهن جيڪو هڪ ڪنهن جي شرڪت ڪان سواءِ آسماني ۽ زميني سڀن شين جو مالڪ آهي ۽ نهايت حڪمت ۽ خبرداريءَ سان انهن جي تدبير ڪندڙ آهي " يَعْلَمُ مَا يَلِجُ فِی الْاَرْضِ وَمَا يَخْرُجُ مِنْهَا" جيڪو ڪجهه زمين ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ جيڪو ڪجهه ان مان نڪري ٿو - سڀ ڄاڻي ٿو. مطلب ته زمين ۾ داخل ٿيندڙ يا ان مان ٻاهر نڪرندڙ هر ننڍي توڙي وڏي شيءِ ان ڪان لڪل ناهي. " وَمَا يَنْزِلُ مِنَ السَّمَآءِ وَمَا يَعْرُجُ فِيْهَا" جيڪو ڪجهه آسمان مان لهي ٿو ۽ ان ۾ چڙهي ٿو. سڀ ڪجهه سندس علم ۾ آهي " وَهُوَ الرَّحِيْمُ الْغَفُوْرُ" ۽ اهوئي مهربان، بخشڻهار آهي - جورحم ڪندڙ ۽ بخشيندڙ هجڻ ان جون صفتون آهن ۽ جڏهن به ٻانها اهڙي ڪيفيت ۾ آيا جيڪا انهن صفتن جي تقاضا ڪري ٿي ته اهي انهن تي اچن ٿيون. (١)

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١: آيت عـ ١ مان واضح ٿيو ته دل، زبان، اعضاء ۽ ارڪان سان الله تعالیٰ جو حمد ۽ شڪر ڪرڻ ضروري آهي. ڇوته الله جل شانه پاڻ پنهنجي حمد ڪي بيان فرمايو آهي.

٢: " وَلَهُ الْحَمْدُ فِی الْاٰخِرَةِ " (۽ ان جو حمد آخرت ۾ آهي) مان واضح ٿيو ته آخرت ۾ صرف الله جل شانه جو ئي حمد هوندو انبياء عظام عليهم الصلوٰة والسلام ۽ اولياءِ ڪرام به ان جوئي حمد ڪندا رهندا - حضرت حبيب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي پاڪ هٿ ۾ به حمد جوئي جهنڊو هوندو.

(١) تيسير الڪريم الرحمٰن صـ ١٦٩ جلد ۴

۳: آيت نمبر ۲ مان واضح ٿيو تہ مخلوق جي ظاهر، باطن ۽ هر ذري ذري جو علم الله جل شانه کي آهي ان جي محيط علم کان ڪابہ شيءِ ٻاهر ناهي.

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَاْتِيْنَا السَّاعَةُ ۚ قُلْ بَلٰى وَرَبِّيْ

۽ چيو انهن جن ڪفر ڪيو تہ نہ ايندي اسان وٽ قيامت فرماءِ تہ هائوقسم آهي منهنجي رب جو

لَتَاْتِيَنَّكُمْ ۙ عٰلِمِ الْغَيْبِ ۚ لَا يَعْزُبُ عَنْهُ مِثْقَالُ ذَرَّةٍ فِى السَّمٰوٰتِ

تہ البت ضرور ايندي اوهان وٽ غيب ڄاڻندڙ نہ ٿو ڳجهو ٿئي ان کان وزن ذري جو آسمانن ۾

وَلَا فِى الْاَرْضِ وَلَآ اَصْغَرُ مِنْ ذٰلِكَ وَلَآ اَكْبَرُ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ

۽ نہ زمين ۾ ۽ نہ ننڍي (ڪا شيءِ) ان کان ۽ نہ وڏي مگر ڪتاب

مُّبِيْنٍ ۙ (۳) لِّيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۭ

روشن ۾ آهي تانتہ بدلو ڏي انهن کي جن ايمان آندو ۽ ڪيائون صالح عمل

اُولٰۗىِٕكَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ (۴) وَالَّذِيْنَ سَعَوْا

اهي انهن جي لاءِ بخشش ۽ رزق ڀلو آهي ۽ جيڪي ڊوڙيا

فِيْٓ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰۗىِٕكَ لَهُمْ عَذَابٌ

اسان جي آيتن جو مقابلو ڪندڙ اهي انهن جي لاءِ

مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ (۵) وَيَرَى الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ

ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا آهي ۽ سمجهن ٿا اهي شخص جيڪي ڏنا ويا علم

الَّذِيْٓ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ هُوَ الْحَقَّ ۙ

تہ جيڪو نازل ڪيو ويو توڏانهن تنهنجي رب جي طرفان اهو حق اهي

وَيَهْدِيْٓ اِلٰى صِرَاطِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ (٦) وَقَالَ الَّذِيْنَ

۽ هدايت ڪري ٿو غالب، ساراهہ ڪيل (الله) جي واٽ ڏانهن ۽ چيو انهن جن

كَفَرُوْا هَلْ نَدُلُّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ يُّنَبِّئُكُمْ

ڪفر ڪيو تہ ڇا ڏس ڏيون اوهان کي اهڙي مڙس جو جيڪو خبر ڏي ٿو اوهان کي تہ

اِذَا مُزِّقْتُمْ كُلَّ مُمَزَّقٍ ۙ اِنَّكُمْ لَفِيْ خَلْقٍ

جڏهن ذرا ذرا ڪيا ويندؤ هر طرح ذرا ڪرڻ تہ بيشڪ اوهان البت نئين

جَدِيْدٍ ۚ (٧) اَفْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَمْ بِهٖ جِنَّةٌ ۭ

پيدائش ۾ (ايندؤ) ڇا بهتان هنيائين الله تي ڪوڙو يا ان ۾ چريائپ آهي؟

بَلِ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ فِي الْعَذَابِ وَالضَّلٰلِ

بلڪ جيڪي نہ ٿا ايمان آڻين آخرت تي عذاب ۽ پر انهين گمراهيءَ

الْبَعِيْدِ (٨) اَفَلَمْ يَرَوْا اِلٰى مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ

۾ آهن ڇا پوءِ نہ ڏٺائون ان ڏانهن جيڪو سندن اڳيان آهي

وَمَا خَلْفَهُمْ مِّنَ السَّمَاۗءِ وَالْاَرْضِ ۭ اِنْ نَّشَاْ

۽ جيڪو سندن پويان آهي آسمان ۽ زمين مان جيڪڏهن گهرنداسون

نَخۡسِفۡ بِهِمُ الۡاَرۡضَ اَوۡ نُسۡقِطۡ عَلَيۡهِمۡ كِسَفًا مِّنَ السَّمَآءِ ؕ

تہ ڳهرائيندا سون انهن کي زمين ۾ يا ڪيرائيندا سون انهن تي ٽڪرو آسمان مان

اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّكُلِّ عَبۡدٍ مُّنِيۡبٍ ع (٩) ١/٧

بيشڪ ان ۾ البت نشاني آهي هر ٻانهي رجوع ڪندڙ جي لاءِ

تفسير

اڳين آيتن ۾ واضح ڪيو ويو تہ الله جل شانه جي لاءِ ٻانهن تي نعمتون ڪرڻ جي ڪري آخرت ۾ بہ حمد آهي ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ ڪافر ان جا انڪار ڪندڙ آهن فرمان مبارڪ آهي " وَقَالَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَا تَاۡتِيۡنَا السَّاعَةُ ؕ " ۽ ڪافرن چيو تہ اسان وٽ قيامت نہ ايندي. يعني الله ۽ ان جي رسول عليه الصلوٰة والسلام جا منڪر قيامت جي اچڻ جو بہ انڪار ڪن ٿا. " قُلۡ بَلٰى وَرَبِّيۡ لَتَاۡتِيَنَّكُمۡ ۙ " فرماءِ تہ هائو - منهنجي رب جو قسم آهي تہ اوهان وٽ (قيامت) ضرور ايندي. ان جو انڪار ڪرڻ غلط آهي. " عٰلِمِ الۡغَيۡبِ ۚ لَا يَعۡزُبُ عَنۡهُ مِثۡقَالُ ذَرَّةٍ فِى السَّمٰوٰتِ وَلَا فِى الۡاَرۡضِ وَلَاۤ اَصۡغَرُ مِنۡ ذٰلِكَ وَلَاۤ اَكۡبَرُ اِلَّا فِيۡ كِتٰبٍ مُّبِيۡنٍ ۙ " ڳجهہ ڄاڻندڙ آهي ان ڪان ذري جيترو وزن بہ آسمانن ۾ ۽ نہ ڪو زمين ۾ لڪي سگهي ٿو ۽ نہ ڪا ننڍي شيءِ آهي ۽ نہ وڏي مگر ڪليل ڪتاب ۾ آهي. يعني ان غيب جي ڄاڻندڙ جو قسم جنهن جي علم محيط ڪان ڪا بہ شيءِ ٻاهر ناهي پوءِ اها آسمانن ۾ هجي يا زمين ۾ - ننڍي هجي يا وڏي هر شيءِ روشن ڪتاب ۾ موجود آهي - روشن ڪتاب مان مراد لوح محفوظ آهي (١) " لِّيَجۡزِيَ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ؕ اُولٰٓئِكَ لَهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ وَّرِزۡقٌ كَرِيۡمٌ " تانت انهن کي (سهڻو) بدلو ڏي جن ايمان آندو ۽ سهڻا عمل ڪيا انهن جي لاءِ (گناهن جي) مغفرت ۽ ڀلو رزق آهي - يعني صالح عمل ڪندڙن مومنن کي

(١) فتح القدير صـ ٣١٢ جلد ٤

گناهن جي مغفرت ۽ ڀلي رزق سان بدلو ڏيندو. (١) " وَالَّذِيْنَ سَعَوْا فِيٓ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مِّنْ رِّجْزٍ اَلِيْمٌ " ۽ جيڪي اسان جي آيتن جي (مقابلي ۾ اسان کي) عاجز بنائڻ جي لاءِ ڊوڙيا اهي انهن جي لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب جي سزا آهي - مطلب ته اسين بار بار اعلان ڪري رهيا آهيون ته قيامت ضرور ايندي سڀ ماڻهو ٻيو ڀيرو زنده ڪيا ويندا ۽ انهن کان سندن عملن جي باري ۾ پڇا ڪئي ويندي پر اهي ڪافر انهن ڳالهين کي ڪوڙو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ طرح طرح جون اجايون ڳالهيون ڪن ٿا ان نموني اهي ان خيال ۾ آهن ته اسان کي عاجز بنائي مجبور ڪندا ته اسين قيامت قائم نه ڪيون پر ائين ٿيندو ڪونه قيامت ضرور قائم ٿيندي نيڪوڪارن کي سهڻو بدلو ۽ ڪافرن کي سندن ڪردار جي سخت سزا ملندي (٢).

" وَيَرَى الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ هُوَالْحَقَّ وَيَهْدِيْٓ اِلٰى صِرَاطِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ " ۽ جيڪي علم ڏنا ويا آهن اهي ان کي جيڪو اوهان ڏانهن اوهان جي رب جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي سمجهن ٿا ته اهو حق آهي ۽ (اهو الله) غالب، ساراهيل جي واٽ ڏانهن هدايت ڪري ٿو.

* مطلب ته اهل ڪتاب جا علماء جيئن حضرت عبدالله بن سلام ۽ ٻيا اوهان ڏانهن نازل ڪيل قرآن ڪريم کي حق ۽ الله جي واٽ ڏانهن هدايت ڪندڙ سمجهن ٿا. (٣)" وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا هَلْ نَدُلُّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ يُّنَبِّئُكُمْ اِذَا مُزِّقْتُمْ كُلَّ مُمَزَّقٍ اِنَّكُمْ لَفِيْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ " ۽ ڪافرن چيو ته ڇا اسين اوهان کي اهڙي مڙس جو ڏس ڏيون جيڪو اوهان کي خبر ٻڌائي ٿو ته اوهان جڏهن هر طرح ذرا ذرا ڪيا ويندؤ ته اوهان نئين پيدائش ۾ ايندؤ. يعني ڪوڙو چوندي، چٽر ڪندي ۽ ان کي نهايت محال سمجهندي ڪافر چوندا هئا ته اوهان کي اهڙو ماڻهو ٻڌايون جيڪو چوي ٿو ته اوهان ذرا ذرا ٿيڻ کان پوءِ وري نئين طرح پيدا ٿيندؤ - حالانڪ اوهان جي جسم جو ڪوبه حصو سلامت نه هوندو صفا ذرا ذرا ٿيل هوندؤ- " اَفْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَمْ بِهٖ جِنَّةٌ بَلِ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ فِى الْعَذَابِ وَالضَّلٰلِ الْبَعِيْدِ " ڇا الله تي ڪوڙو

(١) تنوير الايمان صـ ٣٧ پ ٢٢ (٢) ضياءُ القرآن صـ ١١١ جلد ٤ (٣) ايسر التفاسير صـ ٥٩٣ جلد ٣.

بهتان هنيائين يا ان ۾ چريائپ آهي؟ بلڪ جيڪي آخرت تي ايمان نہ ٿا آڻين عذاب ۽ پرانهينءَ گمراهيءَ ۾ آهن. مطلب تہ ڪافر چوندا هئا تہ نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جو قيامت کي تاڪيد سان بيان ڪرڻ يا تہ الله جل شانه تي ڪوڙو بهتان آهي يا سندن دماغ ۾ چريائپ (معاذ الله) آهي. پر حقيقت هيءَ آهي تہ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جو اهو بيان نہ ڪوڙو آهي نہ چريائپ - اهو سراسر سچ ۽ حق آهي پر ڪافر عقل، دانش، سچ ۽ صواب جي رستي کان هٽي ڪري اجايو بڪواس ڪن ٿا اهي هڪ قسم جي عذاب ۽ نهايت پرانهين گمراهيءَ ۾ آهن جو الله جل شانه جي نبي عليه الصلوٰة والسلام کي بهتان هڻندڙ ۽ چريو چون ٿا - (معاذ الله ثم معاذ الله). " اَفَلَمْ يَرَوْا اِلٰى مَا بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَمَا خَلْفَهُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ اِنْ نَّشَاْ نَخْسِفْ بِهِمُ الْاَرْضَ اَوْ نُسْقِطْ عَلَيْهِمْ كِسَفًا مِّنَ السَّمَآءِ " ڇا جيڪو آسمان ۽ زمين سندن اڳيان ۽ پويان آهن انهن ڏانهن نہ ڏٺائون؟ جيڪڏهن اسين گهرون ها تہ انهن کي زمين ۾ ڳهرائي ڇڏيون ها يا انهن تي آسمان کان ڪو ٽڪرو ڪيرايون ها. مطلب تہ ڇا هي ماڻهو انڌا ٿي ويا آهن جو انهن کي آسمان ۽ زمين بہ نظر نہ ٿا اچن جيڪي اڳيان ۽ پويان نظر ڪرڻ سان ڪين هر هر نظر اچن ٿا پوءِ جنهن خالق انهن کي خلقيو آهي اهو پنهنجي حڪمت جي مدنظر انهن کي ذرا ذرا بہ ڪري سگهي ٿو. اهي ڊڄن نہ ٿا تہ جيڪڏهن اسين گهرون تہ ڪين زمين ۾ ڳهرائي يا سندن مٿان آسمان مان ڪو ٽڪرو ڪيرائي ڪين تباهہ ڪري ڇڏيون- " اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّكُلِّ عَبْدٍ مُّنِيْبٍ " بلاشڪ ان ۾ هر رجوع ڪندڙ ٻانهي جي لاءِ نشاني آهي - مطلب تہ جيڪو ٻانهو عقل ۽ انصاف کان ڪم وٺندي الله جل شانه ڏانهن رجوع ڪري ٿو ان جي لاءِ انهن آسمان ۽ زمين ۾ وڏي نشاني موجود آهي اهو ان حڪمت واري نظام کي ڏسي سمجهي ٿو تہ اهو نيٺ هڪ ڏينهن ڪنهن اعليٰ ۽ اڪمل نتيجي تي پهچڻ وارو آهي جنهن جو نالو دارالآخرت آهي ۽ اهو تصور ڪندي اهو وڏ کان وڏ الله جل شانه ڏانهن رجوع ڪندو آهي.

فائدا:

مذكوره آيتن مان هي فائدا واضح ٿين ٿا.

١: "وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَاْتِيْنَا السَّاعَةُ " (۽ ڪافرن چيو تہ اسان وٽ قيامت نہ ايندي) مان واضح ٿيو تہ قيامت جو انڪار ڪرڻ ڪفر آهي ۽ نہ مڃڻ وارو ڪافر آهي.

٢: " عَالِمِ الْغَيْبِ " (غيب ڄاڻندڙ) مان واضح ٿيو تہ بالذات غيب جو علم صرف الله جل شانه کي آهي ها اهو جيڪڏهن پنهنجي نبي عليه الصلوٰة والسلام يا ڪنهن ڪامل ولي کي غيب جي علم مان عطا ڪري تہ ان تي ڪا بندش يا پائبندي ناهي.

٣: " لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" (تانتہ مومنن کي (سهڻو) بدلو ڏي) مان واضح ٿيو تہ قيامت جي اچڻ جو مقصد ايمان وارن کي سندن نيڪ عملن جو سهڻو بدلو ڏيڻ آهي.

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ مِنَّا فَضْلًاؕ يٰجِبَالُ اَوِّبِيْ

۽ البت تحقيق ڏني سون داؤد کي پاڻ وٽان ڀلائي اي جبلؤ ! سهڻي نموني تسبيح پڙهو

مَعَهٗ وَالطَّيْرَۚ وَاَلَنَّا لَهُ

ان سان گڏ ۽ پکين کي (ان جو فرمانبردار ڪيوسون) ۽ نرم ڪيوسون ان لاءِ

الْحَدِيْدَۙ (١٠) اَنِ اعْمَلْ سٰبِغٰتٍ وَّقَدِّرْ فِى السَّرْدِ

لوهہ (ان کي حڪم ڪيوسون) تہ ٺاهہ ويڪريون زرهون ۽ اندازو رک ڪڙيون ٺاهڻ ۾

وَاعْمَلُوْا صَالِحًاؕ اِنِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ (١١) وَلِسُلَيْمٰنَ

۽ ڪيو ڀلا ڪم بلاشڪ مان جيڪي ڪيو ٿا ڏسندڙ آهيان ۽ سليمان جي لاءِ

الرِّيحَ غُدُوُّهَا شَهْرٌ وَّرَوَاحُهَا شَهْرٌ ۚ

واء (مطيع كيوسون) صبح ان جي مهينو آهي ۽ شام ان جي مهينو آهي

وَاَسَلْنَا لَهٗ عَيْنَ الْقِطْرِ ۭ وَمِنَ الْجِنِّ مَنْ يَّعْمَلُ

۽ وهايوسون ان جي لاءِ چشمو پگهريل تامي جو ۽ جنن مان اهي به هئا جيڪي ڪم ڪن پيا

بَيْنَ يَدَيْهِ بِاِذْنِ رَبِّهٖ ۭ وَمَنْ يَّزِغْ مِنْهُمْ

ان جي اڳيان سندس رب جي اذن سان ۽ جيڪو بي فرماني ڪندو انهن مان

عَنْ اَمْرِنَا نُذِقْهُ مِنْ عَذَابِ السَّعِيْرِ (۱۲)

اسان جي امر کان ته چکائينداسون ان کي عذاب پڙڪندڙ باهه جو

يَعْمَلُوْنَ لَهٗ مَا يَشَاۗءُ مِنْ مَّحَارِيْبَ وَتَمَاثِيْلَ وَ

تاهين پيا ان جي لاءِ جيڪي گهري پيو پڪيون جايون ۽ مورتون ۽

جِفَانٍ كَالْجَوَابِ وَقُدُوْرٍ رّٰسِيٰتٍ ۭ اِعْمَلُوْٓا اٰلَ دَاوٗدَ

پيالا حوضن جيڏا ۽ نه چرندڙ ديگيون اي داؤد جا اولاد

شُكْرًا ۭ وَقَلِيْلٌ مِّنْ عِبَادِيَ الشَّكُوْرُ (۱۳) فَلَمَّا

شڪر ڪيو ۽ ٿورا آهن منهنجي ٻانهن مان شڪر ادا ڪندڙ پوءِ جڏهن

قَضَيْنَا عَلَيْهِ الْمَوْتَ مَادَلَّهُمْ عَلٰى مَوْتِهٖٓ

حڪم ڪيو اسان ان تي موت جو ته نه ڏس ڏنو انهن کي ان جي موت تي

اِلَّا دَآبَّةُ الْاَرْضِ تَاْكُلُ مِنْسَاَتَهٗ فَلَمَّا خَرَّ تَبَيَّنَتِ الْجِنُّ

مگر اڏيهي ۽ ڪائي پئي ان جي لٺ کي پوءِ جڏهن ڪري پيو تہ ظاهر ٿيو جنن تي

اَنْ لَّوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ الْغَيْبَ مَالَبِثُوْا فِى الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ (۱۴)

تہ جيڪڏهن غيب ڄاڻن ها تہ نہ گهٽو وقت رهن ها عذاب خوار ڪندڙ ۾

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل شانہ ارشاد فرمايو تہ آسمانن ۽ زمين جي خلقت ۾ هر ان شخص لاءِ الله جل شانہ جي وحدانيت ۽ قدرت جو دليل آهي جيڪو الله جل شانہ ڏانهن رجوع ڪري ٿو ۽ هتي انهن رجوع ڪندڙن مان ڪجهہ ٻانهن جوبيان آٽيندي ارشاد ٿي رهيو آهي. " وَلَقَدْ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ مِنَّا فَضْلًا يٰجِبَالُ اَوِّبِيْ مَعَهٗ وَالطَّيْرَ ۽ البت تحقيق اسان داؤد کي پاڻ وٽان پلائي ڏني اي جبلؤ! ان سان گڏ تسبيح پڙهو ۽ پکين کي بہ ان جو فرمانبردار بنايوسون - هتي ڪجهہ انهن برگزيده ٻانهن جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪي " مُنِيْبٍ " انابت جي صفت سان موصوف هئا سڀ کان اول الله جل شانہ حضرت داؤد علىٰ نبينا وعليہ الصلوٰة والسلام تي ڪيل نوازشن جو ذڪر فرمايو - تہ اسان ان کي پنهنجي طرفان فضل ۽ ڀلائي عطا ڪئي ان ۾ مخصوص صفتون رکيون ان کي نبوت - حڪمت، حڪومت، ڪتاب، سهڻو آواز ۽ بدني قوت سڀ ان تي الاهي فضل هو - جبلن کي الله جل شانہ جو حڪم هو تہ جڏهن هي منهنجو ٻانهو منهنجي تسبيح پڙهي تہ اوهان بہ نہ صرف حال جي زبان سان پر قال جي زبان سان ان سان گڏجي تسبيح پڙهو ۽ اهڙو حڪم پکين کي بہ هو تہ اهي بہ ان سان گڏ تسبيح پڙهن - "اَوِّبِيْ" تاويب کان ورتل ان جو مادو اوب آهي رجوع ڪرڻ جي معنىٰ ۾ ورتل آهي پر هتي ان مان مراد داؤدي تسبيح سان گڏ تسبيح پڙهڻ آهي. وَالطَّيْرَ - جي اڳيان " اَمَرْنَا " مقدر آهي يعني اسان پکين کي بہ

اهو امر ڪيو هو. (١) علامه رازي لکيو آهي ته اها تسبيح پڙهڻ صرف جبلن ۽ پکين تائين منحصر نه هئي پر جبلن ۾ جمود (هڪ جاءِ هجڻ) هوندو آهي ۽ پکين ۾ وري ماٺهن ڪان ٿهڻ جو مزاج هوندو آهي جڏهن اهي به تسبيح ۾ گڏ هوندا هئا ته پي کهڙي شيءِ رهي هوندي جنهن تسبيح نه پڙهي هوندي؟ (٢)" وَاَلَنَّا لَهُ الْحَدِيْدَ" ۽ اسان ان جي لاءِ لوهه نرم ڪيو - حسن بصري، قتادة، اعمش ۽ ٻين جو قول آهي ته حضرت داؤد علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام لوهه کي نرم ڪرڻ جي لاءِ باهه ۾ نه وجهندو هو ۽ نه ان کي هٿوڙا هڻندو هو اهو سندس هٿن ۾ سڳن ڌاڳن وانگر هوندو هو ۽ ان مان زرهون ناهيندو هو جيئن اڳتي ارشاد آهي " اَنِ اعْمَلْ سٰبِغٰتٍ وَّقَدِّرْ فِي السَّرْدِ " ته زرهون ناهه ۽ ڪڙن ناهڻ ۾ اندازو رک - مطلب ته اهي زرهون کشاديون هجن ۽ انهن کي قابو ڪرڻ وارا ڪڙا به مناسب مقدار ۾ ناهه جو پائڻ ۾ آسان ٿين - قتادة جو قول آهي ته پهريون زرهون ناهيندڙ حضرت داؤد علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام هو (٣) " وَاعْمَلُوْا صَالِحًا اِنِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ " ۽ صالح عمل ڪيو بلاشڪ مان اهو ڏسندڙ آهيان جيڪي اوهان ڪندڙ آهيو. يعني جيڪي نعمتون اوهان کي الله ڏنيون آهن انهن ۾ صالح عمل ڪيو اوهان جيڪو ڪجهه ڪيو ٿا مان ان جو نگران نگهبان ۽ ڏسندڙ آهيان. "وَلِسُلَيْمٰنَ الرِّيْحَ غُدُوُّهَا شَهْرٌ وَّرَوَاحُهَا شَهْرٌ" ۽ سليمان جي لاءِ واءُ (مطيع ڪيوسون) ان جو صبح مهيني جو (سفر) آهي ۽ ان جي شام (جو سفر به) مهينو آهي مطلب ته اسان ان کي هوا مسخر ڪري ڏني هئي - هوا مان مراد صبا جو واءُ آهي سندس تخت کي سج اڀرڻ کان ڪٺندو هو ته منجهند تائين ان کي هڪ مهيني جي پنڌ تائين ڪٽي ويندو هو ۽ شام جو به اهڙي نموني. هڪ ڏينهن ۾ ٻن مهينن جو سفر ڪندو هو (٤) "وَاَسَلْنَا لَهٗ عَيْنَ الْقِطْرِ" ۽ وهايوسون ان جي لاءِ پگهريل ٽامي جوچشمو - يعني حضرت سليمان علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي لاءِ ٽامي جهڙي سخت شيءِ کي به الله جل شانه حضرت سليمان علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي لاءِ پاڻيءَ وانگر نرم بنائي وهائي ڇڏيو هو حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته: اهو چشمو ٽن

(١) ڪمالين اردو شرح جلالين صـ ٢٠٨ جلد ۵ (٢) التفسير الڪبير صـ ٢٤٥ جزء ٢٥ (٣) تفسير ابن ڪثير صـ ٥٢٦ جلد ٣ (٤) تنوير الاذهان صـ ٢٦٤ جلد ٣

ڏينهن جي پنڌ جيترو فاصلو پري وهي ويو ۽ اهو يمن جي سرزمين ۾ هو (١). " وَمِنَ الْجِنِّ مَنْ يَعْمَلُ بَيْنَ يَدَيْهِ بِإِذْنِ رَبِّهِ ۖ " ۽ جنن مان به اهي هئا جيڪي سندس اڳيان سندس رب جي اذن سان ڪم ڪندا هئا - يعني سندس فرمانبردار هئا سندس حڪم سان جايون. جڳهون ناهيندا هئا " وَمَنْ يَزِغْ مِنْهُمْ عَنْ أَمْرِنَا نُذِقْهُ مِنْ عَذَابِ السَّعِيرِ " ۽ انهن مان جيڪو به اسان جي امر کان منهن موڙيندو ته اسين ان کي ٻڙڪندڙ باهه جو عذاب چکائينداسون- مطلب ته الله جل شانه جي فضل سان جنَّ به سندس اڳيان نوڪرن چاڪرن وانگر هلندا ڦرندا هئا ۽ جيڪڏهن انهن مان ڪو بي فرماني ڪندو ته ان کي دوزخ جي ساڙيندڙ باهه سان سزا ڏني ويندي. هتي دوزخ جي عذاب ذڪر ڪرڻ سان معلوم ٿيو ته جنن جي لاءِ اهو حڪم تڪويني هجڻ سان گڏ تشريعي به هو ته اهي الله جل شانه جي نبي عليه الصلوٰة والسلام جي حڪم جي اڳيان تسليم ۽ فرمانبرداري ڪندا رهن - (٢) " يَعْمَلُونَ لَهُ مَا يَشَاءُ مِنْ مَحَارِيبَ وَتَمَاثِيلَ وَجِفَانٍ كَالْجَوَابِ وَقُدُورٍ رَاسِيَاتٍ ۚ - جيڪي به گهري پيو وڏيون عمارتون ۽ مجسما ۽ پيالا حوض جهڙا ۽ (چلهين تي) بيهندڙ مضبوط ديڳيون ان جي لاءِ ناهين پيا هتي انهن جنن جون اهي خدمتون بيان ڪيون ويون آهن جيڪي حضرت سليمان علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي حڪم سان ڪندا هئا - " مَحَارِيبَ " محراب جو جمع آهي انهن مان مراد قلعا ۽ وڏيون وڏيون. عمارتون آهن- انهن کي محراب ان جي ڪري سڏيو ويو جو جيڪڏهن انهن تي ڪير قبضو ڪرڻ گهرندو هو ته اهي انهن لاءِ جان ڏيندا هئا. (٣) " تَمَاثِيلَ " ان جو واحد تمثال آهي يعني مجسما - يعني جن انهن جي لاءِ پٿرن وغيرها مان وڏا وڏا مجسما ناهيندا هئا " جِفَانٍ " ان جو واحد " جفنة " آهي ان مان مراد اهي وڏيون ٿاٽيون. ٿالهه وغيره آهن جن ۾ کاڌو وڌو ويندو هو ۽ ماڻهو انهن جي چوڌاري ويهي کاڌو کائيندا هئا - اهي ٿاٽيءَ جي حوض جيترا وڏا هئا - " قُدُورٍ رَاسِيَاتٍ " مان مراد اهي ديڳيون آهن جيڪي چلهين يا ٻنين تي مضبوطيءَ سان بيهنديون هيون. (٤)" اِعْمَلُوا آلَ دَاوُدَ شُكْرًا " اي داؤد جي خاندان وارؤ! (انهن نعمتن ملڻ تي) شڪر ڪندا

(١) معارف القرآن صـ ٢٦٥ جلد ٧ (٢) حاشيه ماجديه صـ ٨٦١ (٣) مظهري صـ ١٣ جلد ٨ (۴) ضياءُ القرآن صـ ١١٥ ج ۴

ڪيو. يعني جڏهن اسان (حضرت) داؤد علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ۽ ان جي اولاد تي ايترا احسان فرمايا تہ هاڻي آل داؤد کي انهن جو شڪر ادا ڪرڻ ضروري آهي.

حضرت داؤد علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جن پنهنجي خاندان ۾ وقت اهڙي نموني ورهايو هو جو ڪابہ گهڙي سندس گهر ۾ عبادت کان خالي نہ هوندي هئي. هر وقت ڪونہ ڪو ماڻهو الاهي عبادت ۾ مشغول هوندو هو. " وَقَلِيْلٌ مِّنْ عِبَادِيَ الشَّكُوْرُ " ۽ منهنجن ٻانهن مان ٿورا شڪر گذار آهن. يعني منهنجن ٻانهن مان تمام ٿورا ٻانها اهڙا آهن جيڪي شاڪر هجن - سندن زبان ، اعضاء اڪثر اوقات ۽ دل دائما شڪر ۾ رهي (١) " فَلَمَّا قَضَيْنَا عَلَيْهِ الْمَوْتَ" پوءِ جڏهن اسان ان تي موت (ظاهري رحلت ڪرڻ) جو حڪم نافذ ڪيو - يعني جڏهن سندس روح مبارڪ پرواز ڪيو - " مَادَلَّهُمْ عَلٰى مَوْتِهٖٓ اِلَّا دَآبَّةُ الْاَرْضِ تَاْكُلُ مِنْسَاَتَهٗ " تہ انهن کي سندس رحلت جي خبر اڏيهيءَ ڏني جنهن سندس لٺ کي کاڌو هيو- مفسرن سڀني لکيو آهي تہ جنن جي دعويٰ هوندي هئي تہ اهي غيب ڄاڻن ٿا ۽ عام ماڻهن جو بہ اهو ذهن هوندو هو ۽ آهي ان جي ڪري ماڻهو انهن کان ڊڄندا هئا الله جل شانه ان سوچ کي هن طرح غلط ثابت ڪيو جو حضرت سليمان علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جنن کان ڪم وٺڻ جي لاءِ پنهنجي لٺ مبارڪ تي.ٽيڪ ڏئي بيهندو هو جڏهن ان کي رحلت ڪرائڻ جو وقت آيو تہ ان لٺ مبارڪ تي ٽيڪ جي حالت ۾ سندس روح مبارڪ کي پرواز ڪرايائين ۽ جنن کان ڪم وٺڻ جي ڪري هڪ سال ان لٺ مبارڪ تي ٽيڪ جي حالت ۾ ڪيس بيهاري ڇڏيائين. ان سال جي دوران سندس لٺ مبارڪ کي اڏيهي کائيندي رهي مقرر ڪيل ڪم جنن ڪري بس ڪيو تہ لٺ مبارڪ بہ ڀڄي پئي ۽ سيدنا سليمان علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام زمين تي آيو - پوءِ جنن کي خبر پئي تہ حضرت سليمان علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام تہ ڪافي وقت اڳي رحلت ڪري چڪو هو پر ڪين ان ڳالهہ جو ڪو علم نہ هو. (٢)" فَلَمَّا خَرَّ تَبَيَّنَتِ الْجِنُّ اَنْ لَّوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ الْغَيْبَ مَا لَبِثُوْا فِى الْعَذَابِ الْمُهِيْنِ" پوءِ جڏهن زمين تي پهتو تہ اها ڳالهہ ظاهر ٿي پئي تہ جيڪڏهن جن غيب

(١) المظهري صہ ١٦ جلد ٨ (٢) ضياءُ القرآن صہ ١١٦ جلد ۴

ڄاڻن ها تہ خوار ڪندڙ عذاب ۾ نہ رهن ها - مطلب تہ اها ڳالهہ واضح ٿي وئي تہ جن غيب ڪونہ ٿا ڄاڻن. جيڪڏهن ڄاڻن ها تہ سڄو سال محنت ڪري خوار ڪندڙ عذاب ۾ نہ رهن ها.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

١: " وَلَقَدْ اٰتَيْنَا دَاوٗدَ مِنَّا فَضْلًا " (۽ البت تحقيق اسان پاڻ وٽان داؤد کي مهرباني عطا فرمائي) مان واضح ٿيو تہ حضرت داؤد علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام تي بہ الله جل شانه جو خاص فضل و ڪرم ۽ نبوت سان گڏ ڪيس ٻيا بہ ڪيترا خصوصي معجزا ۽ ڪمال مليا هئا.

٢: يٰجِبَالُ اَوِّبِيْ مَعَهٗ وَالطَّيْرَ" اي جبلؤ! ان سان گڏ تسبيح پڙهو ۽ پکين کي (بہ اهو حڪم فرمايو هيائين) مان واضح ٿيو تہ جبل ۽ پکي بہ سيدنا سليمان علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام سان گڏ تسبيح پڙهڻ لاءِ حڪم ڪيل هئا ۽ اهي ان سان اهڙي طرح گڏجي تسبيح پڙهندا هئا جو ٻيا ماڻهو ٻڌندا ۽ سمجهندا هئا. (١)

٣: " وَاَلَنَّا لَهُ الْحَدِيْدَ " (۽ اسان ان جي لاءِ لوهہ کي نرم بنايو) مان واضح ٿيو تہ لوهہ جو ڳوهيل اٽي وانگر نرم ٿي وڃڻ بہ حضرت داؤد علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جو هڪ شاندار معجزو هو ۽ پاڻ جيڪا بہ شيءِ ان مان ٺاهڻ گهرندو هو تہ آسانيءَ سان ٺاهي وٺندو هو خصوصًا زرهون جيڪي جنگي جوان بدن تي ڍڪي ميدانِ جنگ ۾ لهندا آهن. (٢)

٤: "اِعْمَلُوْا اٰلَ دَاوٗدَ شُكْرًا" (اي داؤد جا اولاد شڪر ڪندا ڪيو) جي تفسير ۾ مفسرن لکيو آهي تہ: بخاري ۽ مسلم شريف ۾ حديث آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو " (نفلي) نمازن ۾ الله وٽ وڌيڪ پياري نماز (حضرت) داؤد علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جي نماز آهي اهو رات جو اڌ حصو سمهندو هو ۽ پوءِ ٽيون حصو اٿي (الله جل شانه جي) عبادت ڪندو هو ۽ وري پوئين حصي ۾ سمهي رهندو هو ۽ (نفلي) روزن مان الله وٽ وڌيڪ پيارا روزا

(١) نور العرفان صـ٦٨٤ (٢) الدرالمنثور صـ ٦٧٦ جلد ٦.

(حضرت) داؤد (عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) جا هئا جو هڪ ڏينهن روزو رکندو هو ۽ هڪ ڏينهن نہ رکندو هو ۽ حضرت جابر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ " سليمان کي سندس ماء فرمايو هو تہ: اي سليمان! رات جو ننڊ گهڻي نہ ڪر ڇو تہ رات جو گهڻي ننڊ ڪرڻ مرد کي قيامت جي ڏينهن سُڃو ڪري ڇڏيندي" (١)

٥: "سچو سال نبي سڳوري کي لٺ تي بيهارڻ حالانڪ سندس ظاهري رحلت تي چڪي هئي مان ثابت ٿيو تہ ڪنهن مصلحت جي خاطر ڪنهن نبي سڳوري عليه الصلوٰة والسلام جي پاڪ جسم کي دفن نہ ڪرڻ برو ناهي ڇو تہ دير ڪرڻ جي ڪري بہ انهن جي جسم مبارڪ ۾ نہ تبديلي ايندي آهي نہ بدبوء ٿيندي آهي. بلڪ سندن ڪپڙن مبارڪن مان بہ ڪنهن قسم جي خرابي يا ناپسنديده بوءِ نہ ايندي آهي. اهوئي سبب هو جو حضرت حبيب پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي تدفين ۾ تاخير ڪئي وئي هئي. شيعا ان کي صحابہ ڪرام تي طعني طور پيش ڪندا آهن پر ان ۾ بہ حڪمت ۽ مصلحت پيش نظر هئي تہ پري پري جا رهاڪو اصحابي سڳورا اچن ۽ سندن ديدار ڪرڻ سان گڏ مٿن صلوٰة و سلام پڙهي تدفين ۾ شامل ٿين. (٢)

لَقَدْ كَانَ لِسَبَاٍ فِيْ مَسْكَنِهِمْ اٰيَةٌ ج

البت تحقيق هئي سبا جي قوم وارن جي لاءِ سندن ڳوٺ ۾ نشاني

جَنَّتٰنِ عَنْ يَّمِيْنٍ وَّشِمَالٍ ۬ كُلُوْا مِنْ رِّزْقِ رَبِّكُمْ

بہ باغ سڄي پاسي کان ۽ کٻي پاسي کان کائو پنهنجي رب جي رزق مان

وَاشْكُرُوْا لَهٗ ؕ بَلْدَةٌ طَيِّبَةٌ وَّرَبٌّ غَفُوْرٌ (١٥)

۽ شڪر ڪيو ان جي لاءِ شهر پاڪ ۽ رب بخشڻهار

(١) تفسير ابن ڪثير صہ ٥٢٩ جلد ٣ (٢) نور العرفان صہ ٦٨٥.

فَاَعْرَضُوْا فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ سَيْلَ الْعَرِمِ

پوءِ منهن موڙيائون پوءِ وعائيوسون انهن تي تيز سيلاب

وَبَدَّلْنٰهُمْ بِجَنَّتَيْهِمْ جَنَّتَيْنِ ذَوَاتَيْ اُكُلٍ خَمْطٍ وَّ

۽ مٽائي ڏناسون انهن کي عيوض ٻن باغن انهن جي ٻه باغ ڪسارن ميون ۽

اَثْلٍ وَّشَيْءٍ مِّنْ سِدْرٍ قَلِيْلٍ (١٦) ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ

لئن ۽ ڪجهه ٿورين ٻيرين وارا اها سزا ڏني سون انهن کي

بِمَا كَفَرُوْا وَهَلْ نُجٰزِيْٓ اِلَّا الْكَفُوْرَ (١٧)

سبب ان جي جو ڪفر ڪيائون ۽ نه سزا ڏينداسون مگر بي شڪر کي

وَجَعَلْنَا بَيْنَهُمْ وَبَيْنَ الْقُرَى الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا

۽ ڪياسون سندن وچ ۾ ۽ انهن ڳوٺن جي وچ ۾ جو برڪت رکي سون انهن ۾

قُرًى ظَاهِرَةً وَّقَدَّرْنَا فِيْهَا السَّيْرَ سِيْرُوْا فِيْهَا

ڳوٺ ظاهر ۽ بندوبست ڪيوسون انهن ۾ سير جو سير ڪيو انهن ۾

لَيَالِيَ وَاَيَّامًا اٰمِنِيْنَ (١٨) فَقَالُوْا رَبَّنَا

راتيون ۽ ڏينهن امن وارا ٿيندڙ پوءِ چيائون اي اسان جا رب!

بٰعِدْ بَيْنَ اَسْفَارِنَا وَظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ فَجَعَلْنٰهُمْ

پر انهين ڪر اسان جي سفرن ۾ ۽ ظلم ڪيائون پنهنجي نفس تي پوءِ بنايوسون انهن کي

اَحَادِيۡثَ وَمَزَّقۡنٰهُمۡ كُلَّ مُمَزَّقٍؕ اِنَّ
آکاڻيون ۽ ذرا ذرا بنايوسون انهن کي صفا ذرا بلاشڪ
فِيۡ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوۡرٍ (١٩)
ان ۾ البت نشانيون آهن هر صبر ڪندڙ، شڪر ڪندڙ جي لاءِ

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل شانه جي نعمتن جي شڪر ڪندڙن ۽ ان ڏانهن رجوع ڪندڙن جو ذڪر هو ۽ هتان کان بي شڪري ڪندڙن ڪافرن تي اچڻ وارن عذابن جو بيان ڪيو ويو آهي - ارشاد الاهي آهي " لَقَدۡ كَانَ لِسَبَاٍ فِيۡ مَسۡكَنِهِمۡ اٰيَةٌ" البت تحقيق سبا جي قوم وارن لاءِ سندن ڳوٺ ۾ نشاني هئي .

سبا ڪير هو؟

نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن کان هڪ اصحابي رضي الله عنه عرض ڪري پڇيو تہ سبا ڪير هو؟ ڪنهن مرد جو نالو آهي يا ڪنهن عورت جو يا ڪنهن واديءَ جو؟ پاڻ فرمايائون تہ اهو هڪ مرد هو ڪيس ڏهہ پٽ هئا جن مان ڇهہ "٦" يمن ۾ رهيا هئا ۽ چار "۴" شام ملڪ ۾ (١) مفسرن ان جي نسب جو سلسلو هن طرح لکيو آهي سبا بن يشجب بن يعرب بن قحطان (٢) ابن ڪثير لکيو آهي تہ يمن ملڪ جي بادشاهن ۽ اتي جي باشندن جو لقب آهي تُبع جيڪي ان ملڪ جا مقتدا ۽ پيشوا هئا اهي بہ ان ئي قوم مان هئا ۽ انهيءَ ئي قوم مان بيبي بلقيسا بہ هئي الله جل شانه انهن تي پنهنجي رزق جا دروازا کولي ڇڏيا هئا ۽ کين سندن ئي شهر ۾ آرام ۽ عيش جا سمورا اسباب مهيا ڪيا هئا ۽ پنهنجن پيغمبرن عليهم الصلوٰة والسلام جي ذريعي کين پنهنجي توحيد ۽ احڪام جي اطاعت جي ذريعي نعمتن جي شڪر جو حڪم ڏنو هو ۽ ڪافي مدت تائين اهي ان حال تي قائم

(١) ضياء القرآن صہ ١١٧ جلد ۴ (٢) المراغي صہ ۴٩ جزء ٢٢ جلد ٨

۽ هر طرح جي راحت ۽ عيش سان مالا مال رهيا پوءِ ان عيش ۽ عشرت ۾ رهڻ جي ڪري الله جل شانه کان غافل ٿيڻ بلڪ ان جي انڪار جي نوبت تائين وڃي پهتا- الله جل شانه انهن کي تنبيه ڪرڻ جي لاءِ انهن ۾ تيرهن نبي علیٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام موڪليا جن کين سمجهايو ۽ انهن کي سڌي واٽ تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهي پنهنجي غفلت ۽ لاپرواهيءَ جي ڪري اڻ کان نه مڙيا ته انهن وٽ هڪ سيلاب جو عذاب آيو جنهن انهن جي شهر ۽ باغن کي ويران ۽ برباد ڪري ڇڏيو مفسر ابن ڪثير جو تحقيق آهي ته سبا جي جن ڏهن پٽن جو ذڪر تفسيرن ۾ آيل آهي اهي سڀ سندس صلبي پٽ نه هئا بلڪ سندس پيءُ، ٽيئن يا چوٿينءَ پيڙهي ۾ اهي اڻ سان ملن ٿا انهن جا قبيلا شام ۽ يمن ملڪ ۾ پکڙيا ۽ ان ئي نالي سان مشهور ٿيا سبا جو اصل نالو عبد شمس هو ۽ مؤرخن لکيو آهي ته ان سبا پنهنجي زماني ۾ اسان جي نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جي تشريف آوريءَ جي بشارت بيان ڪئي هئي ان ڪجهه اهڙا عربي شعر به چيا هئا جن ۾ حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جي آمد جو ذڪر ڪندي اها تمنا ڪئي هيائين ته "ڪاش مان سندن زماني ۾ هجان ها ته سندن پيغام جي مدد ڪيان ها" ۽ انهن شعرن ۾ پنهنجيءَ قوم کي حضور پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن تي ايمان آڻڻ ۽ مدد ڪرڻ جي تلقين ڪئي هيائين ۽ مٿي مذڪوره حديث مبارڪ ۾ جو بيان ٿيو ته سبا جا ڏهه پٽ هئا جن مان ڇهه "٦" يمن ۾ آباد ٿيا ۽ چار "٤" شام ملڪ ڏانهن ويا اهو واقعو انهن تي سيلاب جي عذاب اچڻ کان بعد جو آهي جو ان سيلاب کان پوءِ اهي مختلف طرفن ۽ شهرن ۾ پکڙجي ويا هئا. (١)

اهي سبا وارا ڪهڙي دور ۾ هئا.

مفسرن ڀلارن امام قشيري عليه الرحمة جي حوالي سان لکيو آهي ته سبا جي قوم حضرت عيسىٰ کان پوءِ ۽ حضور پرنور عليهما الصلوٰة والسلام جن کان اڳ فطرت واري دور ۾ هئي (٢) " جَنَّتٰنِ عَنْ يَّمِيْنٍ وَّ شِمَالٍ ؕ" ٻه باغ سڄي ۽ کٻي پاسي کان - علامه قرطبي لکيو آهي ته سبا وارن تي اها به مهرباني هوندي هئي جو سندن شهرن ۾ نه مڇر هو نه مک هئي نه جون ۽ نه وڇون نه نانگ نه بلائون- ۽

(١) تفسير ابن ڪثير صـ ٥٣٠ جلد ٣ (٢) معارف القرآن صـ ٢٨٠ جلد ٧

جيڪڏهن ٻئي علائقي جو ڪو ماڻهو سندن علائقي ۾ ايندو هو ته ان جي بدن ۾ موجود جُون به مري ويندي يون هيون سندن ٻه باغ اهڙا هوندا هئا جو جيڪڏهن ڪا عورت مٿي تي ڪارو رکي انهن مان لنگهندي هئي ته اهو ڪارو بغير ڪنهن ميوي پٽڻ جي خود بخود ڪيترن مختلف ميون سان ڀرجي ويندو هو ۽ قشيري فرمايو ته "جَنَّتَانِ" مان مراد صرف ٻه باغ نه هئا بلڪ انهن جي واديءَ جي سڄي ۽ ڪٻي پاسي ڪيترن قسمن جي ميون وارا باغ ۽ باغيچا هوندا هئا جن جي ڇانو ۾ رستا ڍڪيل هوندا هئا (١) " كُلُوا مِنْ رِّزْقِ رَبِّكُمْ " پنهنجي رب جي رزق مان کائو - انهن کي ائين چوڻ وارو نه ڪير ڪونه هو پر اهي ان ڳالهه تي قادر هئا ان جي ڪري ائين فرمايو ويو " وَاشْكُرُوا لَهٗ " ۽ ان جو شڪر ڪيو - يعني ان جي طرفان عطا ڪيل انهن نعمتن تي ان جو شڪر ڪندا رهو " بَلْدَةٌ طَيِّبَةٌ " پاڪ شهر - يعني هي شهر پاڪ آهي. جنهن ۾ ميوا گهڻا هجڻ جي باوجود نه ان ۾ مک آهي نه جون آهي نه مڇر يا ڪو ٻيو جيت آهي " وَّرَبٌّ غَفُوْرٌ " ۽ رب بخشڻهار آهي - يعني اوهان تي اهي نعمتون ڪندڙ بخشڻهار به آهي جيڪو پنهنجن ٻانهن جا گناهه بخشي ٿو ۽ سندن عيب اگهاڙا نه ٿو ڪري (٢) " فَاَعْرَضُوْا فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ سَيْلَ الْعَرِمِ " پوءِ منهن موڙيائون ته انهن تي تيز سيلاب موڪليوسون - يعني جڏهن انهن سبا وارن اسان جي امر جي اتباع نه ڪئي ته اسان انهن تي تيز سيلاب موڪليو - عَرِمِ مان مراد اهو مضبوط بند آهي جنهن سان پاڻي روڪيو ويندو آهي ۽ سيل مان مراد وهڻ آهي مطلب ته سندن روگرداني ۽ بي فرمانيءَ جي ڪري مٿن اهڙو سخت تيزيءَ سان پاڻيءَ جو اهڙو سيلاب موڪليوسون جو ان مضبوط بند کي ٽوڙي سندن سر ۽ مال ۽ هر جنس لوڙهي اهڙي نموني ڪٺي ويو جو ڪابه شيءِ قرار سان بيهي نه سگهي (٣) " وَبَدَّلْنٰهُمْ بِجَنَّتَيْهِمْ جَنَّتَيْنِ ذَوَاتَيْ اُكُلٍ خَمْطٍ وَّاَثْلٍ وَّ شَيْءٍ مِّنْ سِدْرٍ قَلِيْلٍ " ۽ انهن کي سندن انهن ٻن باغن جي بدلي ۾ ٻه ٻيا باغ ڪسارن ميون ۽ لئن وارا ۽ ٿورين ٻيرين وارا مٽائي ڏناسون - مطلب ته انهن ٻلن ميون وارن باغن جي بجاءِ انهن وٽ لئن ۽ ٿورن ٻيرين جا وڻ وڃي بچيا ۽ ڪي اهڙا وڻ جن جا ميوا ڪسارا هئا ڪائڻ ۾ لذيذ نه هئا " ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِمَا كَفَرُوْا وَهَلْ نُجٰزِيْٓ اِلَّا

(١) القرطبي صـ ٢٨٤ جلد ١۴ (٢) ساڳيو حوالو.(٣) تنوير الاذهان صـ ٢٦٦ جلد ٣

اَلْكَفُوْرَ " سندن بي شڪرئي جي ڪري اها ڪين سزا ڏني سون ۽ بي شڪر کان سواءِ ٻئي ڪي سزا نہ ڏيندا آهيون - مطلب تہ اهو جيڪو ڪجھ ٿيو انهن جي بي شڪريءَ ۽ بي قدريءَ جي ڪري هو ۽ بي شڪر کي اها سزا ملندي رهندي آهي "وَجَعَلْنَا بَيْنَهُمْ وَبَيْنَ الْقُرَى الَّتِيْ بٰرَكْنَا فِيْهَا قُرًى ظَاهِرَةً" ۽ اسان سندن وچ ۾ ۽ انهن ڳوٺن جي وچ ۾ جن ۾ برڪت وڌي سون ظاهر ٿيندڙ ڳوٺ ڪيا - برڪت وارن ڳوٺن مان مراد شام ملڪ جا شهر آهن يعني سندن شهر صنعاء کان وٺي شام ملڪ جي وچ ۾ تقريبًا چار هزار ست سو (٤٧٠٠) ڳوٺ رکياسون " وَقَدَّرْنَا فِيْهَا السَّيْرَ " ۽ انهن ۾ سير ڪرڻ جو پورو پورو بندوبست ڪيوسون - جو مسافر هڪ شهر کان پاڻي ۽ کاڌو کڻڻ کان سواءِ نڪرندو هو تہ ٻئي شهر ۾ اينرو آسان ۽ جلد پهچندو هو جو نہ بک محسوس ڪندو هو نہ اڃ ۽ اهو سڀ ڪجھ انهن تي تيزيءَ سان اچڻ واري سيلاب کان اڳي هو (١) " سِيْرُوْا فِيْهَا لَيَالِيَ وَاَيَّامًا اٰمِنِيْنَ" انهن ۾ راتيون ۽ ڏينهن امن سان رهندي سير ڪيو - مطلب تہ اوهان انهن شهرن ۾ سير ڪندي ڪو خوف نہ ڪيو رات ڏينهن امن سان هلندا رهو (٢) پر انهن ان نعمت جي قدر ڪرڻ جي بجاءِ بي شڪري ۽ وڏائي ڪري الله جل شانه جي بارگاه ۾ عرض ڪيو " فَقَالُوْا رَبَّنَا بٰعِدْ بَيْنَ اَسْفَارِنَا وَظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ " پوءِ چيائون تہ اي اسان جا رب !اسان جي سفرن ۾ دوري پيدا ڪر ۽ پنهنجن نفسن تي ظلم ڪيائون - مطلب تہ رحمت جي بجاءِ زحمت گهريائون تہ الله جل شانه سندن سهوليتون ختم ڪري ڇڏيون اهي شهر ويران ٿي ويا سندن ڳوٺن ۽ شام ملڪ جي وچ ۾ رڳي بيابان نظر ايندا هئا ۽ سوارين تي کائڻ ۽ پيئڻ جو سامان کڻي نڪرندا هئا (٣) فَجَعَلْنٰهُمْ اَحَادِيْثَ وَمَزَّقْنٰهُمْ كُلَّ مُمَزَّقٍ " پوءِ اسان انهن کي آکاڻيون بنايو ۽ اسان انهن کي بالڪل ذرا پرزا ڪري ڇڏيو - مطلب تہ اهڙا تباهہ ۽ برباد ٿي ويا جو پويان اچڻ وارا انهن جي هلاڪت جا قصا ۽ آکاڻيون ڪٿندا هئا ۽ انهن کي ذرا پرزا بنائي ڇڏيوسون کي سندن قبيلا جيئن اوس،خزرج مدينه منوره ڏانهن هجرت ڪري آيا تہ غسان قبيلي وارا شام ڏانهن ۽ ازدواراعمان ڏانهن ۽ خزاعة وارا تهامه قبيلي ڏانهن لڏي ويا " اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ " بلاشڪ ان ۾ هر

(١) ايسر التفاسير صہ ٦٠١ جلد ٣.(٢) ايسر التفاسير صہ ٦٠١ جلد ٣ (٣) القرطبي صہ ٢٩٠ جلد ١٤

گهڻي صبر ڪندڙ ۽ گهڻي شڪر ڪندڙ جي لاءِ البت نشانيون آهن- يعني جيڪي شخص الله جل شانه جي عبادت ۽ اطاعت ڪندڙ، يا ان جي طرفان پهچڻ وارين تڪليفن تي صبر ڪندڙ ۽ ان جي نعمتن ملڻ تي شڪر ڪندڙ آهي انهن جي لاءِ ان ۾ نشانيون آهن تہ الله جل شانه شاڪرن ۽ صابرن کي ڪيئن نوازيندو آهي.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١: مذڪوره واقعي ۾ بيان ٿيو آهي تہ الله جل شانه اها سبا جي قوم جي حالت حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام ۽ حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي تشريف آوري جي وچ واري دور ۾ ڪئي هئي ۽ ڪن مفسرن لکيو آهي تہ ان قوم ڏانهن ١٣ نبي سڳورا علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام موڪليا ويا هئا. حالانڪ اهي حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کان اڳي آيا هئا ۽ انهن ۾ الله جي نعمتن جي بي شڪري ۽ بي قدري حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کان پوءِ پيدا ٿي هئي جنهن جي ڪري تباهہ ۽ برباد ٿيا هئا.

٢: " وَهَلْ نُجَازِيٓ إِلَّا الْكَفُورَ" (۽ گهڻي ڪفر ڪندڙ کان سواءِ ڪنهن کي سزا نہ ٿا ڏيون) مان مراد آهي تہ اهڙو عام عذاب جهڙو سبا جي قوم تي آيو گهڻي ڪفر ڪندڙ کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي نہ ٿا ڏيون ها.مسلمانن فاسقن،فاجرن ۽ گنهگارن کي بہ ڪلمہ پڙهڻ جي برڪت سان جهنم کان نيٺ نجات ملندي پر قرآن پاڪ جي ڪيترين آيتن ۽ نبوي حديثن ۾ بيان ٿيل عذاب ۽ سزا پوڻيندا ۽ علامه آلوسي بغدادي عليه الرحمة لکيو آهي تہ مذڪوره ڪلام پنهنجي حقيقت تي صحيح آهي تہ سزا سزا طور ڪافرن کي ملندي ۽ مومن کي جيڪا باهہ ۾ وجهڻ يا ٻئي طريقي سان تڪليف ڏني ويندي اها صرف سزا جي صورت هوندي ان سان اصل مقصد انهن کي گناهن کان پاڪ ڪرڻ هوندو (١)

(١) روح المعاني صہ ١٢٨ جزء ٢٢ جلد ٨

وَلَقَدْ صَدَّقَ عَلَيْهِمْ اِبْلِيْسُ ظَنَّهٗ
۽ البت تحقيق سچو ڪري ڏيکاريو انهن تي شيطان پنهنجو گمان
فَاتَّبَعُوْهُ اِلَّا فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ (٢٠)
پوءِ ان جي تابعداري ڪيائون مگر ٽولي هڪڙي مومن مان
وَمَا كَانَ لَهٗ عَلَيْهِمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ اِلَّا لِنَعْلَمَ
۽ نه هو ان جو انهن تي ڪو زور مگر تانته پڌرو ڪيون اسين
مَنْ يُّؤْمِنُ بِالْاٰخِرَةِ مِمَّنْ هُوَ مِنْهَا فِيْ شَكٍّ
ان کي جيڪو ايمان آڻي ٿو آخرت تي ان کان جيڪو اهو ان کان شڪ ۾ آهي
وَرَبُّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ حَفِيْظٌ ع (٢١)
۽ تنهنجو رب هر شيءِ جي حفاظت ڪندڙ آهي

تفسير:

اڳين آيتن ۾ سبا وارن جو قصو بيان ٿيو ۽ هتي اهو ٻڌايو ويو آهي ته انهن شيطان واري خيال کي سچو ٿيڻ جو موقعو ڏنو جو ان چيو هوته مان انسانن کي گمراهه ڪندس. فرمان مبارڪ آهي "وَلَقَدْ صَدَّقَ عَلَيْهِمْ اِبْلِيْسُ ظَنَّهٗ" ۽ انهن تي شيطان پنهنجو گمان سچو ڪري ڏيکاريو - يعني شيطان جو اهو قول ته مان انسانن کي گمراهه ڪندس - سچو نڪتو جوسبا وارن ان جي ڳالهه تي عمل ڪيو الله جل شانه جا ٻي فرمان ٿيا ان جي نعمتن جو شڪر ۽ قدر نه ڪيائون "فَاتَّبَعُوْهُ اِلَّا فَرِيْقًا مِّنَ الْمُؤْمِنِيْنَ" پوءِ ان جي اتباع ڪيائون مگر مومن مان هڪ ٽولي - انهن شيطان جي چوڻ تي عمل نه ڪيو اهي الله جل شانه جا فرمانبردار رهيا ۽ پنهنجي

رب کي راضي کيائون (١) " وَمَا كَانَ لَهٗ عَلَيْهِمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ اِلَّا لِنَعْلَمَ مَنْ يُّؤْمِنُ بِالْاٰخِرَةِ مِمَّنْ هُوَ مِنْهَا فِيْ شَكٍّ " ۽ نہ هو ان جو انهن تي ڪو زور مگر تانت جيڪو آخرت تي ايمان آڻي ٿو ان کي ان کان پڌرو (۽ جدا) ڪيون جنهن کي آخرت ۾ شڪ آهي -: يعني شيطان وٽ ڪو اهڙو زور ۽ طاقت نہ هئي جنهن جي ذريعي اهو انهن کي مجبور ڪري پنهنجو پيروڪار بنائي ها - ان تہ صرف سندن دل ۾ وسوسا وڌا تہ هي ان جي پويان لڳي پيا ۽ اهو صرف ان جي ڪري آهي تہ آخرت تي ايمان آڻڻ وارو ۽ ان کي نہ مڃڻ وارو ظاهر ٿي بيهي ۽ مومن درجو ۽ ثواب حاصل ڪري شڪ ڪرڻ وارو سزا ۽ عذاب جو مستحق بنجي - "وَرَبُّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ حَفِيْظٌ" ۽ تنهنجو رب هر شيءِ جي حفاظت ڪندڙ آهي. يعني ان وٽ هر شيءِ محفوظ آهي اي محبوب عليڪ الصلوٰة والسلام ان کان نہ ڪافرن جو ڪفر ٻہ لڪل ناهي اهو ڪين سندن ڪفر جي سزا ڏيندو ۽ جنهن آخرت تي ايمان آڻي صالح اعمال ڪيا ان کي آخرت ۾ اهڙين نعمتن سان نوازيندو جيڪي نہ ڪنهن اک ڏٺيون هونديون نہ ڪنهن ڪن ٻڌيون هونديون ۽ نہ ڪنهن جي دل ۾ انهن جو تصور آيو هوندو - (٢)

فائدو:

مذڪوره آيتن ۾ آيل لفظ "اِلَّا لِنَعْلَمَ" (مگر تانت اسين پڌرو ڪيون) ۾ آيل لفظ لِنَعْلَمَ مان مراد ظاهري لفظي نہ آهي ڇوتہ الله جل شانه جو علم ازلي قديم زمان ۽ مڪان کان اڳي آهي ان جي ڪري "لِنَعْلَمَ" جي معنىٰ تانت اسين ڄاڻون جي بجاءِ " تانت اسين پڌرو ۽ ظاهر ڪيون" لکي وئي آهي.

قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۚ لَا يَمْلِكُوْنَ

فرماءِ تہ سڏيو انهن کي جو گمان ڪيو تا الله کان سواءِ نہ تا مالڪ

(١) المراغي صـ ٧٥ جزء ٢٢ جلد ٨ (٢) المراغي صـ ٧٦ جزء ٢٢ جلد ٨

مِثْقَالَ ذَرَّةٍ فِى السَّمٰوٰتِ وَلَا فِى الْاَرْضِ وَمَالَهُمْ

ٿين هڪ ذره جي وزن جا آسمانن ۾ ۽ زمين ۾ ۽ ناهي انهن لاءِ

فِيْهِمَا مِنْ شِرْكٍ وَّمَا لَهٗ مِنْهُمْ مِّنْ ظَهِيْرٍ. (٢٢)

انهن ٻنهي ۾ ڪو ڀائيوارو ۽ ناهي ان لاءِ انهن مان ڪو مددگار

وَلَا تَنْفَعُ الشَّفَاعَةُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا لِمَنْ اَذِنَ لَهٗ

۽ نہ نفعو ڏيندي شفاعت ان وٽ مگر ان جي لاءِ جو موڪل ڏنائين ان لاءِ

حَتّٰٓى اِذَا فُزِّعَ عَنْ قُلُوْبِهِمْ

تان جو جڏهن گهٻراهٽ پري ڪئي ويندي سندن دلين کان

قَالُوْا مَاذَا قَالَ رَبُّكُمْ قَالُوا الْحَقَّ وَهُوَ

تہ چوندا ڇا فرمايو رب اوهان جي چوندا حق ۽ اهوئي

الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ (٢٣) قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمٰوٰتِ

نهايت مٿاهون، وڏو آهي فرماءِ تہ ڪير رزق ڏي ٿو اوهان کي آسمانن ۽

وَالْاَرْضِ قُلِ اللّٰهُ وَاِنَّآ اَوْ اِيَّاكُمْ لَعَلٰى هُدًى

زمين مان فرماءِ تہ الله ۽ بلاشڪ اسين يا اوهان البت هدايت تي آهيون

اَوْ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ (٢٤) قُلْ لَّا تُسْئَلُوْنَ عَمَّآ

يا ڪليل گمراهيءَ ۾. فرماءِ تہ نہ پڇا ڪيا ويندؤ اوهان ان جي

اَجْرَمْنَا وَلَا نُسْئَلُ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ (٢٥)
جو اسان جرم ڪيا ۽ نہ پڇا ڪيا ويندا سون اسين ان جي جو اوهان ڪيو پيا
قُلْ يَجْمَعُ بَيْنَنَا رَبُّنَا ثُمَّ يَفْتَحُ
فرماءِ تہ گڏ ڪندو اسان ڪي اسان جو رب ان کان پوءِ فيصلو ڪندو
بَيْنَنَا بِالْحَقِّ ط وَهُوَ الْفَتَّاحُ الْعَلِيْمُ (٢٦) قُلْ
اسان ۾ حق سان ۽ اهوئي صحيح فيصلو ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي فرماءِ تہ
اَرُوْنِيَ الَّذِيْنَ اَلْحَقْتُمْ بِهٖ شُرَكَآءَ كَلَّا ط
ڏيکاريو مون کي اهي جو ملايا اوهان ان سان شريڪ ڪري هر گز نہ
بَلْ هُوَ اللّٰهُ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ (٢٦) .
بلڪ اهوئي الله غالب، حڪمت وارو آهي.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ سبا وارن کي هلاڪ ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هتي ڪافرن کي چئلينج ڏئي فرمايو ويو آهي تہ معبود بالحق جو شان آهي تہ پنهنجي عابد کي ڪم اچي اوهان الله جل شانه کان سواءِ باطل معبودن کي سڏي ڏسو تہ ڇاتا ڪري سگهن. فرمان عالي آهي. " قُلِ ادْعُوا الَّذِيْنَ زَعَمْتُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَا يَمْلِكُوْنَ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ فِى السَّمٰوٰتِ وَلَا فِى الْاَرْضِ" فرماءِ تہ انهن (باطل معبودن) کي سڏيو جن کي الله کانسواءِ (ڪارساز) سمجهندا آهيو - اهي آسمانن ۽ زمين ۾ ڪنهن ذره جي وزن جا بہ مالڪ ناهن - هتان ڪان مڪه مڪرمه جي رهاڪن سان خطاب آهي جن کي متنبه ڪرڻ جي لاءِ سبا وارن جو قصو بيان ڪيو ويو هو - يعني الله جل شانه کان

سواءِ جن شين ۾ اوهان کي خدا هجڻ جو گمان آهي ذرا کنهن مشکل وقت ۾ انهن کي سڏي ته ڏسو ڇا اهي اوهان کي ڪم ايندا جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ کنهن ذره جا به مالڪ ناهن. " وَمَا لَهُمْ فِيْهِمَا مِنْ شِرْكٍ وَّمَا لَهٗ مِنْهُمْ مِّنْ ظَهِيْرٍ " ۽ انهن جوانهن ٻنهي (آسمان ۽ زمين) ۾ نه ڪو ڀائيوار آهي ۽ نه ان (الله) جو انهن مان ڪو مددگار آهي - "مِنْ شِرْكٍ " من زائده آهي ۽ شرڪ جي معنىٰ شرڪت آهي - يعني اهي باطل معبود اوهان کي کنهن به ڪم ۾ نه ايندا نه انهن جو ڪو آسمانن ۽ زمين ۾ حصو يا ڀائيوارو آهي ۽ نه انهن مان ڪو الله جل شانه جو مدد ڪرڻ وارو آهي " وَلَا تَنْفَعُ الشَّفَاعَةُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا لِمَنْ اَذِنَ لَهٗ " ۽ ان وٽ شفاعت نفعو نه ڏيندي مگر جنهن جي لاءِ اذن ڏي. ڪافر اهو گمان ڪندا هئا ته ڀيو ڪجهه اسان جا باطل معبود نه به ڪندا پر اسان جي لاءِ الله وٽ شفاعت ڪندا. انهن جي ان خيال جي به ترديد ڪندي ارشاد ٿيو ته - الله وٽ شفاعت به صرف ان جي ۽ ان لاءِ هوندي جن کي اذن ڏيندو - جن کي شفاعت ڪرڻ جو يا جن لاءِ شفاعت ڪرڻ جو اذن مليل نه هوندو يا نه ملندو اهي ڪابه شفاعت نه ڪندا نه انهن جي حق ۾ شفاعت هلندي. (١)" حَتّٰٓى اِذَا فُزِّعَ عَنْ قُلُوْبِهِمْ قَالُوْا مَاذَا ۙ قَالَ رَبُّكُمْ ۭ" تان جو جڏهن سندن دلين تان گهٻراهٽ دور ڪئي ويندي ته چوندا اوهان جي رب ڇا فرمايو؟ يعني جڏهن سندن دلين تي طاري ٿيندڙ دهشت دور ٿيندي ته هڪ ٻئي کان پڇندا خبر ڏيو الله جل شانه شفاعت جي باري ۾ ڇا فرمايو؟ " قَالُوا الْحَقَّ ۚ" چوندا حق فرمايائين - يعني مومنن جي لاءِ شفاعت جواذن ملي ويو ڪافرن لاءِ ڪابه شفاعت نه هلندي " وَهُوَ الْعَلِيُّ الْكَبِيْرُ " ۽ اهو نهايت مٿانهون وڏو آهي ان وٽ ان جي اذن کان سواءِ ڪير به نه ڪڇندو نه ڪجهه ڪري سگهندو - "قُلْ مَنْ يَّرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ قُلِ اللّٰهُ ۙ وَاِنَّآ اَوْ اِيَّاكُمْ لَعَلٰى هُدًى اَوْ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ " فرماءِ ته اوهان کي آسمانن ۽ زمين مان ڪير ٿو رزق ڏي؟ فرماءِ ته الله ۽ بلاشڪ اسين يا اوهان البت هدايت تي آهيون يا کليءَ گمراهيءَ ۾ - يعني اي حبيب عليڪ الصلوٰة والسلام اوهان فرمايو ته اي ڪافرو! آسمانن ۽ زمين مان اوهان کي رزق ڪير ٿو ڏي؟ اوهان ئي فرمايو ته الله رزق ڏي ٿو هتان کان مڪه مڪرمه جي

(١) تفسير حسيني فارسي صـ ٦٩١

رهاڪو مشرڪن کي فرمايو ويو آهي تہ واضح دلائل سان الله جل شانه جو خالق، مالڪ، مطلق قادر هجڻ ثابت آهي ۽ بتن ۽ ٻين باطل معبودن جو بي وس ۽ بي طاقت هجڻ بہ مشاهدي ۾ آهي انهن سڀني ڳالهين جي هوندي موقعو اهو هو تہ مشرڪن کي خطاب ڪري چيو وڃي ها تہ اوهان جاهل ۽ گمراهہ آهيو جو الله تعاليٰ کي ڇڏي بتن ۽ شيطانن جي پوڄا ڪيو پيا - پر هتي قرآن ڪريم حڪيمانه عنوان اختيار ڪندي دين جي دعوت ڏيندڙن مبلغن ۽ اسلام جي مخالفن، باطل مذهب وارن سان بحث ۽ مناظرو ڪندڙن جي لاءِ هڪ اهم رستو بيان ڪيو آهي تہ هميشه ٻئي کي سمجهائڻ ۾ سنو رستو اختيار ڪجي روشن ۽ واضح دلائل جي هوندي ڪوبہ سمجهدار ماڻهو نہ ٿو چئي سگهي تہ توحيد ۽ شرڪ ٻئي برابر آهن ۽ مومن ۽ مشرڪ ٻئي حق تي آهن بلڪ يقينًا هڪ ڌر حق تي هوندي ٻي گمراهيءَ تي - هاڻي اوهان پاڻ سڀني دليلن تي غور ڪري ٻڌايو تہ حق تي ڪير آهي؟ ۽ انصاف ڪرڻ وارو ذهن مڃيندو بلڪ فيصلو ڏيندو تہ مومن حق تي آهن ۽ مشرڪ گمراهہ آهن هي پيغمبرن ڀلارن جو طريقو علماءِ اسلام لاءِ رهنمائي ڪندڙ اصول آهي جيڪو ڪين هر وقت پيش نظر رهڻ گهرجي ان کي نظر انداز ڪرڻ سان دعوت، تبليغ، بحث ۽ مناظره بي اثر رهندو آهي بلڪ گهڻا وقت نقصان ڏيندو آهي مخالف ضد ۾ اچي گمراهيءَ تي مضبوط ۽ مستحڪم ٿي ويندا آهن - " قُلْ لَّا تُسْـَٔلُوْنَ عَمَّاۤ اَجْرَمْنَا وَلَا نُسْـَٔلُ عَمَّا تَعْمَلُوْنَ " فرماءِ تہ جيڪي اسين جرم ڪنداسون انهن جي اوهان کان پڇا نہ ڪئي ويندي ۽ جيڪي اوهان ڪندؤ ان جو اسان کان نہ پڇيو ويندو - مطلب تہ جيڪي اسين جرم ڪنداسون انهن جا جوابدار بہ اسين آهيون ۽ جيڪي اوهان ڪندؤ اهو حساب اوهان کي ڏيڻو پوندو ڪو هڪ ٻئي جي پاران سزا نہ ڀوڳيندو هتي پاڻ ڏانهن " اَجْرَمْنَا " چئي جرم جي نسبت ڪرڻ ۽ مخالفن ڏانهن سندن عمل جي نسبت ڪرڻ جي نڪته کي بيان ڪندي علامه زمخشري لکيو آهي تہ اهو نهايت نرم رويي رکڻ وارو رستو آهي جنهن سان ماڻهو مخالف جي دل ۾ داخل ٿي وڃي ٿو ۽ هتي جرمن مان مراد ننڍا گناهہ ۽ زلات آهن جن کان هر مومن بہ بچي نہ ٿو سگهي ۽ عمل مان مراد ڪفر آهي - مومن انهن صغيرن گناهن جي

مغفرت ملڻ جي ڪري جنت ۾ ويندو ۽ ڪفر نہ معاف ٿيڻ وارو گناهہ آهي ان جي ڪري ڪافر شڪ ۽ شبهي ڪان سواءِ جهنمي آهي (۱) " قُلۡ يَجۡمَعُ بَيۡنَنَا رَبُّنَا ثُمَّ يَفۡتَحُ بَيۡنَنَا بِالۡحَقِّ وَهُوَ الۡفَتَّاحُ الۡعَلِيۡمُ " فرماءِ تہ اسان کي اسان جو رب گڏ ڪندو تنهن ڪان پوءِ اسان ۾ حق جو فيصلو ڪندو ۽ اهوئي حق جو فيصلو ڪندڙ، گهڻو ڄاڻندڙ آهي - مطلب تہ اي ڪافرو! اسان ۽ اوهان سڀني کي الله جل شانہ قيامت جي ڏينهن گڏي اسان ۽ اوهان جي عقائد ۽ اعمال جو صحيح فيصلو ڪندو ۽ اهوئي انصاف وارو مطلق حاڪم آهي جيڪو ڪنهن سان بہ ظلم نہ ڪندو اهو پنهنجي مخلوق جي حال کي ڄاڻي ٿو حق وارن کي جنت ۽ باطل وارن کي جهنم ۾ داخل ڪندو (۲) " قُلۡ اَرُوۡنِيَ الَّذِيۡنَ اَلۡحَقۡتُمۡ بِهٖ شُرَكَآءَ كَلَّا ؕ بَلۡ هُوَ اللّٰهُ الۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ " فرماءِ تہ مون کي اهي ڏيکاريو جيڪي اوهان الله سان شريڪ بنائي شامل ڪيا آهن- هرگز نہ- بلڪ اهوئي الله غالب حڪمت وارو آهي- " اَرُوۡنِيَ " جو پهريون مفعول - ني ضمير واحد متڪلم منصوب متصل آهي ٻيو مفعول " الَّذِيۡنَ اَلۡحَقۡتُمۡ بِهٖ "آهي ۽ ٽيون مفعول " شُرَكَآءَ " آهي معنیٰ تہ اي ڪافرو! اوهان اهي مون کي ڏيکاريو جن کي اوهان الله جا شريڪ بنائي رکيو آهي - ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ ڪنهن جي عبادت ان جي مستحق هجڻ جي ڪري ڪئي ويندي آهي ۽ جڏهن تہ اوهان جي بتن ۽ ٻين باطل معبودن ۾ اهي ٽئي ڳالهيون ناهن تہ انهن جي عبادت نہ ڪيو يا آهن تہ مون کي اهي ڏيکاريو - ۽ جڏهن اهي ڳالهيون انهن ۾ ڏيکاري بہ نہ ٿا سگهو تہ پوءِ اهي باطل آهن عبادت جو لائق صرف هڪ الله آهي جيڪو جيڪو بالذات موصوف بالعزة آهي ڪامل قدرت جومالڪ آهي اهڙي علم وارو آهي جنهن کان ڪابہ شيءِ مخفي ناهي(۳).

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا .

۱: قُلِ ادۡعُوا الَّذِيۡنَ زَعَمۡتُمۡ مِّنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ " (فرماءِ تہ جن کي اوهان الله کان سواءِ معبود سمجهيو هو انهن کي سڏيو) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانہ ڪافرن

(۱) الڪشاف صہ ۲۸۹ جلد ۳ (۲) صفوة التفاسير صہ ۵۵۴ جلد ۲ (۳) التفسير الڪبير صہ ۲۵۸ جزء ۲۵

جي معبودن کي خوار ڪرڻ ۽ سندن عقيدي جي برائيءَ کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ اهو حڪم فرمائيندو ته اهي نه سڏ ٻڌندا نه سندن مدد ڪندا.

٢: " وَلَا تَنْفَعُ الشَّفَاعَةُ عِنْدَهٗٓ اِلَّا لِمَنْ اَذِنَ لَهٗ " (۽ ان وٽ شفاعت نفعو نه ڏيندي مگر جنهن لاءِ اذن ڏنائين) مان واضح ٿيو ته الله جل شانه ڪن پنهنجن ٻانهن کي ڪن ٻانهن لاءِ شفاعت جو اذن ڏيندو بلڪ ڏئي به ڇڏيو اٿس جيئن حضور پر نور عليه الصلوٰة والسلام جن جي شفاعت وغيره ۽ مذڪوره آيت مان اهو به واضح ٿيو ته شفاعت به صرف انهن لاءِ ٿيندي جن جي لاءِ الله جل شانه شفاعت ڪرڻ جي اجازت عطا ڪندو - ان جي ڪري اهو عقيدو پڪو آهي ته مومن جي لاءِ شفاعت حق آهي ڪافرن لاءِ ناهي.

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّ نَذِيْرًا

۽ نه موڪليو اسان اوهان کي مگر مڙني ماڻهن جي لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ

وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ (٢٨) وَيَقُوْلُوْنَ

۽ پر گهڻا ماڻهو نه ٿا ڄاڻن ۽ چون ٿا ته

مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ (٢٩)

ڪڏهن ايندو هي وعدو جيڪڏهن آهيو اوهان سچا

قُلْ لَّكُمْ مِّيْعَادُ يَوْمٍ لَّا تَسْتَاْخِرُوْنَ

فرماءِ ته اوهان جي لاءِ وعدو ان ڏينهن جو آهي جو نه پوئتي ٿيندؤ

عَنْهُ سَاعَةً وَّلَا تَسْتَقْدِمُوْنَ ع (٣٠) وَقَالَ الَّذِيْنَ

ان ڪان هڪ گهڙي ۽ نه اڳتي ٿيندؤ ۽ چيو انهن جن

ع٩ النصف

كَفَرُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ بِهٰذَا الْقُرْاٰنِ وَلَا بِالَّذِيْ

ڪفر ڪيو تہ هرگز نہ ايمان آڻيندا سون هن قرآن تي ۽ نہ ان تي جيڪو

بَيْنَ يَدَيْهِ ؕ وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الظّٰلِمُوْنَ

ان کان اڳي نازل ٿيو ۽ جيڪڏهن ڏسندين جڏهن ظالم

مَوْقُوْفُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚۖ يَرْجِعُ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضِنِ

بيهاريل هوندا پنهنجي رب وٽ ورائيندا هڪڙا انهن مان ٻين ڏانهن

الْقَوْلَ ۚ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِلَّذِيْنَ

ڳالهہ چوندا اهي جيڪي ڪمزور سمجهيا ويا انهن کي جن

اسْتَكْبَرُوْا لَوْلَآ اَنْتُمْ لَكُنَّا مُؤْمِنِيْنَ (٣١)

وڏائي ڪئي ته جيڪڏهن نہ هجو ها اوهان تہ البت هجون ها اسان مومن

قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْٓا

چوندا اهي جن وڏائي ڪئي هئي انهن کي جيڪي ڪمزور سمجهيا ويا

اَنَحْنُ صَدَدْنٰكُمْ عَنِ الْهُدٰى بَعْدَ اِذْ جَآءَكُمْ

ڇا اسان روڪيو اوهان کي هدايت کان ان کان بعد جو اوهان وٽ آئي

بَلْ كُنْتُمْ مُّجْرِمِيْنَ (٣٢) وَقَالَ الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِلَّذِيْنَ

بلڪ هيئو اوهان مجرم ۽ چوندا اهي جيڪي ضعيف سمجهيا ويا انهن کي جن

اسۡتَكۡبَرُوۡا بَلۡ مَكۡرُ الَّيۡلِ وَالنَّهَارِ اِذۡ تَاۡمُرُوۡنَنَاۤ

وڏائي ڪئي بلڪ رات ۽ ڏينهن جي (اوهان واري) مڪر - جڏهن اسان کي امر ڪيو پيا

اَنۡ نَّكۡفُرَ بِاللّٰهِ وَنَجۡعَلَ لَهٗۤ اَنۡدَادًا ؕ وَاَسَرُّوا النَّدَامَةَ

هي تہ الله جو انڪار ڪيون ۽ ڪيون اسين ان جا شريڪ ۽ لڪائيندا پشيماني

لَمَّا رَاَوُا الۡعَذَابَ ؕ وَجَعَلۡنَا الۡاَغۡلٰلَ فِيۡۤ اَعۡنَاقِ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا ؕ

جڏهن ڏسندا عذاب ۽ وجهنداسون ڳٽ انهن جي ڳچين ۾ جن ڪفر ڪيو

هَلۡ يُجۡزَوۡنَ اِلَّا مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ (٣٣)

نہ بدلوڏنا ويندا مگر ان جو جيڪي ڪندا هئا

تفسير:

گذريل آيتن ۾ الله جل شانه جي توحيد ثابت ڪرڻ جي لاءِ ڪيترن قسمن جا دلائل پيش ڪيا ويا ۽ هن آيت ۾ حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي رسالت عامه جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي " وَمَآ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيۡرًا وَّنَذِيۡرًا " ۽ اسان اوهان کي نہ موڪليو مگر سيني انسانن جي لاءِ بشارت ڏيندڙ ۽ جهنم جي باهہ کان ديڄاريندڙ بنائي - هن آيت ۾ آيل لفظ " كَآفَّةً " جي تفسير ۾ مفسرن ڀلارن مختلف اقوال ارشاد فرمايا آهن.

١: قول آهي تہ اهو ڪف کان ورتل اسم فاعل جو صيغو آهي ۽ ان ۾ " ة " اسم مبالغه جي آهي پوءِ معنىٰ ٿيندي ماڻهن کي دنيا ۾ ڪفر ۽ گناهن کان روڪيندڙ ۽ آخرت ۾ انهن کي دوزخ ۾ ڪرڻ کان روڪيندڙ.

٢: قول آهي تہ ان جي معنىٰ آهي جامع - مطلب تہ اسان اوهان کي ماڻهن

جي لاءِ بشارت ڏيڻ ڊيڄارڻ ۽ الٰهي پيغام جي پهچائڻ جي لاءِ گڏ ڪنڌ ڪري موڪليو آهي (١) ابن ابي حاتم ابن ابي شيبه، ابن المنذر مجاهد ڪان روايت آندي آهي تہ آيت جو مطلب آهي تہ: اسان اوهان کي سيني ماڻهن جي لاءِ موڪليو آهي - عبد بن حميد، ابن جرير ۽ ابن حاتم قتادة رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ الله جل شانه رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي عرب ۽ عجم جو رسول بنائي موڪليو پوءِ انهن مان الله وٽ اهو وڏيڪ عزت وارو آهي جيڪو وڏيڪ سندن فرمانبردار آهي ۽ ابن المنذر حضرت ابوهريرة رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو " أُعْطِيْتُ خَمْسًا لَمْ يُعْطَهُنَّ نَبِيٌّ قَبْلِيْ بُعِثْتُ إِلَي النَّاسِ كَافَّةً أَبْيَضَ وَأَحْمَرَ وَإِنَّمَا كَانَ النَّبِيُّ يُبْعَثُ إِلٰي قَوْمِهٖ وَنُصِرْتُ بِالرُّعْبِ بَيْنَ يَدَيَّ مِنْ مَّسِيْرَةِ شَهْرٍ وَ أُطْعِمَتْ أُمَّتِيَ الْمَغْنَمَ لَمْ تُطْعَمْ أُمَّةٌ قَبلَ أُمَّتِيْ وَجُعِلَتْ لِيَ الْأَرْضُ مَسْجِدًا وَّ طَهُوْرًا وَّأُعْطِيْتُ الشَّفَاعَةَ فَأَدَّخَرْتُهَا لِأُمَّتِيْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ "(٢)مون کي پنج (اهڙيون شيون) ڏنيون ويون آهن جيڪي مون ڪان اڳي ڪنهن بہ نبي کي عطا نہ ڪيون ويون مان سيني ماڻهن اڇن ۽ ڳاڙهن لاءِ مبعوث ڪيو ويو آهيان ۽ بخاري ۽ مسلم حضرت جابر رضي الله عنه ڪان جيڪا روايت آندي آهي ان جو مفهوم بہ اهو آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "أُعْطِيْتُ خَمْسًا لَمْ يُعْطَهُنَّ أَحَدٌ قَبْلِيْ " ١ " نُصِرْتُ بِالرُّعْبِ مَسِيْرَةَ شَهْرٍ " ٢ " وَّجُعِلَتْ لِيَ الْأَرْضُ كُلُّهَا مَسْجِدًا وَّطَهُوْرًا فِيْمَا رَجُلٌ مِّنْ أُمَّتِيْ أَدْرَكَتْهُ الصَّلٰوةُ فَلْيُصَلِّ وَأُحِلَّتْ لِيَ الْغَنَائِمُ وَلَمْ تُحَلَّ لِأَحَدٍ قَبْلِيْ وَأُعْطِيْتُ الشَّفَاعَةَ وَكَانَ النَّبِيُّ يُبْعَثُ إِلٰي قَوْمِهٖ خَاصَّةً وَبُعِثْتُ إِلَى النَّاسِ عَامَّةً" (٣) يعني مون کي پنج اهڙيون شيون ڏنيون ويون آهن جيڪي مون ڪان اڳي ڪنهن کي بہ نہ ڏنيون ويون.

١: مان مهيني جي پنڌ تي رعب سان مدد ڪيو ويو آهيان (مطلب تہ مان اجان مهيني جي پنڌ تي پري هوندو آهيان تہ منهنجي دشمن تي منهنجو رعب

(١) المظهري صہ ٢٩ جلد ٨ روح المعاني صہ ١٤٢ جزء ٢٢ جلد ٨ (٢) الدر المنثور صہ ٧٠٢ جلد ٦
(٣) المظهري صہ ٣٠ جلد ٨

ڄاڻائجي ويندو آهي).

٢: ۽ مون لاءِ ساري زمين (بشرطيڪ ڪنهن پليديءَ سان ملوث نہ ٿي هجي) مسجد ۽ پاڪ ڪندڙ بنائي وئي آهي پوءِ جنهن بہ مرد کي منهنجي امت مان (جتي بہ) نماز جو وقت ملي تہ (اتي) نماز پڙهي.

٣: ۽ مون لاءِ غنيمتون حلال ڪيون ويون آهن ۽ مون کان اڳي ڪنهن لاءِ بہ حلال نہ هيون.

۴: ۽ مان شفاعت (جو اذن) عطا ڪيل آهيان .

۵: ۽ (اڳي) نبي خصوصي طور پنهنجي قوم ڏانهن موڪليو ويندو هو ۽ مان سڀني ماڻهن ڏانهن عام طور موڪليل آهيان ۽ علامه ابن ڪثير لکيو آهي تہ وفي الصحيح ايضا ان رسول الله صلي الله عليه وسلم قال- " بُعِثْتُ اِلَى الْاَسْوَدِ وَالْاَحْمَرِ " (مان ڪارن ۽ ڳاڙهن ڏانهن مبعوث ڪيو ويو آهيان) مجاهد فرمايو تہ جنن ۽ انسانن ڏانهن ۽ ٻين چيو تہ عرب ۽ عجم ڏانهن ۽ سڀ صحيح آهي. (١) "وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ " ۽ پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن - يعني اها ڳالهہ نہ ڄاڻڻ جي ڪري گهڻا ماڻهو گمراهي ۽ ضلالت تي قائم آهن جيئن ٻيءَ آيت ۾ آيو آهي " وَمَا اَكْثَرُ النَّاسِ وَلَوْ حَرَصْتَ بِمُؤْمِنِيْنَ" (۽ اوهان جيتوڻيڪ حرص ڪيو تہ بہ گهڻا ماڻهو مڃڻ وارا ناهن) (٢) " وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰي هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ " ۽ چون ٿا تہ جيڪڏهن سچا آهيو تہ (ٻڌايو تہ) هي وعدو ڪڏهن ايندو - هتي مشرڪن جو استهزاء ۽ چٿر طور حضور پر نور عليه الصلوٰة والسلام ۽ مومن سان خطاب جو ذڪر آهي اهي ڪين چوندا هئا تہ جنهن عذاب جا اسان کي دڙڪا ٿا ڏيو تہ اچي پيو اهو ڪڏهن ايندو - سچا آهيو تہ ٽائيم ٻڌايو " قُلْ لَّكُمْ مِّيْعَادُ يَوْمٍ لَّا تَسْتَاْخِرُوْنَ عَنْهُ سَاعَةً وَّلَا تَسْتَقْدِمُوْنَ" فرماءِ تہ - اوهان جي لاءِ وعدي وارو ڏينهن (مقرر) آهي ان کان نہ گهڙي پوئتي ٿي سگهندؤ ۽ نہ اڳتي ٿي سگهندؤ - يعني اوهان کي پوئتي عذاب ڪرڻ جي لاءِ الله جل شانه وٽ وقت مقرر ڪيل آهي جڏهن اهو ايندو تہ هڪ گهڙي بہ نہ پوئتي ٿي سگهندؤ ۽ نہ اڳتي ٿي سگهندؤ ان جي ڪري تڪڙو

(١) تفسير ابن ڪثير صہ ٥٣٩ جلد ٣(٢) المراغي صہ ٨٣ جزء ٢٢ جلد ٨

عذاب نہ گهرو - " وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ بِهٰذَا الْقُرْاٰنِ وَلَا بِالَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ " ۽ ڪافرن چيو تہ اسين هن قرآن تي هرگز ايمان نہ آڻينداسون ۽ نہ انهن (ڪتابن) تي جيڪي هن کان اڳي نازل ٿيا هئا - هي ڪافرن جي عناد ۽ سرڪشي جوبيان آهي تہ اهي ڪلي چوندا هئا تہ اسين نہ هن قرآن کي ٿا مڃيون ۽ نہ ان کان اڳي نازل ڪيل ڪتابن کي جن ۾ قيامت جي لاءِ قبرن مان اٿڻ جو بيان آهي. (١)" وَلَوْ تَرٰٓى اِذِ الظّٰلِمُوْنَ مَوْقُوْفُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ۚ يَرْجِعُ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضِ ۨ الْقَوْلَ ۚ " ۽ جيڪڏهن ڏسين تون جڏهن ظالم پنهنجي رب وٽ بيهاريل هوندا هڪ ٻئي ڏانهن قول موٽائيندا يعني اي ڏسندڙ - ان وقت انهن جو حال ڏسجان ۽ ڏسي حيران ٿيندين جو هڪ ٻئي تي الزام هڻندا هڪ ٻئي کي ڪفر ۽ گمراهيءَ ۾ رهڻ جو سبب قرار ڏيندا - "يَقُوْلُ الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا لَوْلَآ اَنْتُمْ لَكُنَّا مُؤْمِنِيْنَ" هيٺان هنيلن کي چوندا تہ جيڪڏهن اوهان نہ هجو ها تہ اسين ايمان وارا هجون ها - پر اوهان اسان جي ايمان آڻڻ ۾ رڪاوٽ بنجي ڪفر جي اهڙي سونهن ۽ سوڀ بيان ڪئي جو اسان اوهان جي پويان لڳي پياسون ان جي ڪري اوهان کي عذاب ٽيڻ گهرجي اسين عذاب ۾ نہ وجون - " قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْٓا اَنَحْنُ صَدَدْنٰكُمْ عَنِ الْهُدٰى بَعْدَ اِذْ جَآءَكُمْ بَلْ كُنْتُمْ مُّجْرِمِيْنَ" هٿيلا هيٺن کي چوندا تہ ڇا اوهان وٽ هدايت اچڻ کان پوءِ اسان اوهان کي روڪيو هو؟ بلڪ اوهان پاڻ مجرم هيئو - يعني جڏهن ڪمزور قوت وارن تي گمراهہ ڪرڻ جو الزام هڻندا تہ قوت وارا کين چوندا تہ: ڇا اوهان وٽ هدايت اچڻ کان پوءِ اسان اوهان کي ايمان آڻڻ کان روڪيو هو؟ ائين ناهي بلڪ اوهان پاڻ مجرم هيئو جو هدايت کي قبول نہ ڪيو هيو " وَقَالَ الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا بَلْ مَكْرُ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ اِذْ تَاْمُرُوْنَنَآ اَنْ نَّكْفُرَ بِاللّٰهِ وَنَجْعَلَ لَهٗٓ اَنْدَادًا " ۽ هيٺان هنيلن کي چوندا تہ بلڪ اوهان جي رات ۽ ڏينهن واري مڪر (اسان کي گمراهہ ڪيو) جڏهن اوهان اسان کي امر پيا ڪيو تہ اسين الله جو انڪار ڪيون ۽ اسين ان جا شريڪ بنايون - يعني ڪمزور قوت وارن کي چوندا تہ اوهان جي رات ۽ ڏينهن واري مڪر تہ اسان کي گمراهہ رکيو جو نرم

(١) صفوة التفاسير صہ ٥٥٤ جلد ٢

لهجي ۾ اسان کي مطمئن ڪندا هيئو تہ بتن جي پوڄا حق آهي ۽ جيڪو حق هو ان ۾ طعنا هڻندي هرو ڀرو بہ عيب ڪڍندا ۽ اسان جا ذهن حق کان پري ڪندا هيئو ۽ ان هڪ ٻئي تي الزام هڻڻ سان فائدو تہ ڪنهن کي ڪونہ پوندو. " وَاَسَرُّوا النَّدَامَةَ لَمَّا رَاَوُا الۡعَذَابَ " ۽ جڏهن عذاب ڏسندا تہ دل جو دل ۾ پشيمان ٿيندا - يعني عذاب الاهي ڏسي پوءِ هڪ ٻئي تي الزام هڻڻ ذهن مان نڪري ويندن ۽ سخت پشيمان ٿيندا - ۽ سوچيندا تہ اسان واقعي ظالم، عذاب جا مستحق آهيون هاڻي ڪيئن نجات ملي؟ (١) " وَجَعَلۡنَا الۡاَغۡلٰلَ فِيۡۤ اَعۡنَاقِ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا ؕ هَلۡ يُجۡزَوۡنَ اِلَّا مَا كَانُوۡا يَعۡمَلُوۡنَ " ۽ اسين ڪافرن جي ڳچين ۾ ڳٽ وجهنداسون نہ جزا ڏنا ويندا مگر انهن عملن جي جيڪي ڪندا هئا ۽ آخر ۾ هي ڳالهہ واضح ڪئي وئي تہ دنيا ۾ هر شخص کي ارادي ۽ اختيار جي آزادي ڏنل آهي هر شخص جو فرض آهي تہ اهو پنهنجي ارادي ۽ اختيار کي الله جل شانه جي فرمانبرداريءَ ۾ صرف ڪري جيڪڏهن ڪو نادان الله جل شانه کي خوش ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي صلاحيتن مان فائدو نہ ٿو وٺي ۽ ڪنهن جي پويان اندو ٿي لڳي ٿو تہ ان کي ٻڌڻ کپي تہ سندس اهو برو عمل ڪيس عذاب ۾ وجهندو.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا .

١: " كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيۡرًا وَّنَذِيۡرًا " (سڀني ماڻهن جي لاءِ بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ) هن آيت جي تفسير ۾ علامه احمد يار خان نعيمي عليه الرحمة لکيو آهي تہ " حضور (صلی الله عليه وسلم) جن اڳين نبين (علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام) جا بہ نبي آهن ان جي ڪري معراج واري رات سڀني نبين سندن پويان نماز پڙهي ۽ هن آيت مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ پاڻ صرف انسانن جا نہ بلڪ جيڪا بہ الله جي مخلوق آهي اها سندن امت آهي جيئن ٻين آيتن ۾ آهي " لِلۡعٰلَمِيۡنَ نَذِيۡرًا " جهانن جي لاءِ ڊيڄاريندڙ ۽ " وَمَاۤ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ " ۽ اسان اوهان کي جهانن جي لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي - باقي مذڪوره آيت ۾ " لِلنَّاسِ "

(١) تيسير الڪريم الرحمٰن صہ ١٨٦ جلد ٤

(ماڻھن جي لاءِ) اھو قيد صرف خوشخبري ڏيڻ ۽ ڊيڄارڻ جي لاءِ آندو ويو آھي يعني بھشت جون نعمتون ۽ دوزخ جو عذاب اھي ٻئي شيون صرف انسان سان واسطو رکن ٿيون جن جي لاءِ دوزخ جو عذاب تہ آھي پر جنت جي نعمت ناھي ۽ ٻي عام مخلوق جي لاءِ نہ جنت آھي نہ جھنم ڊيڄارڻ سيني جھانن جي لاءِ آھي ۽ جنت جي بشارت صرف انسانن جي لاءِ آھي ان جي ڪري ھن آيت ۽ ٻين آيتن ۾ تعارض ناھي (١)

٢: ھي فائدو بہ حاصل ٿيو تہ جڏھن نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام سيني انسانن جي لاءِ ڪافي آھي ۽ انسانن ۾ قيامت تائين اچڻ وارا سڀ انسان شامل آھن تہ ھاڻي ڪنھن ٻئي نبي جي ضرورت ناھي جيئن الله " رَبُّ النَّاسِ " آھي تہ ٻيو رب ناھي بيت الله شريف " وُضِعَ لِلنَّاسِ" آھي تہ ٻيو بيت الله ناھي قرآن ڪريم هُدًى لِّلنَّاسِ " (ماڻھن جي لاءِ ھدايت) آھي تہ ٻئي قرآن جي ضرورت ناھي لھذا حضور صلى الله عليه وسلم جن خاتم النبيين آھن تہ انھن کان بعد ٻئي ڪنھن بہ نبي جي ضرورت ناھي بلڪ ٻيو نبي اچڻ بالڪل ناممڪن، محال ۽ نہ ٿيڻ ڳالھہ آھي جيئن الله جل شانه جو شريڪ محال آھي تيئن حضور عليه الصلوٰة والسلام جن کان بعد ٻيو نبي قطعًا ممڪن ناھي جيئن قرآن ڪريم جي سوين آيتن ۽ متواتر حديثن مان ثابت آھي ان جي ڪري قادياني ۽ ان جا پوئلڳ مرتد، دجال ۽ خالص ڪافر آھن.

٣: " وَيَقُولُونَ مَتَىٰ هَٰذَا الْوَعْدُ " (۽ چون ٿا تہ ھي وعدو ڪڏھن ايندو) مان واضح ٿيو تہ ڪافرن جو اھو سوال حقيقت پڇڻ لاءِ نہ ھو چرچي طور ھو تڏھن ڪين ان جو جواب نہ مليو - نہ تہ مومنن کي حضور پر نور عليه الصلوٰة والسلام جن ٻڌائي ڇڏيو تہ قيامت محرم مھيني جي ڏھين تاريخ جمعه جي ڏينھن ٿيندي ۽ قيامت جون نشانيون بہ ٻڌائي ڇڏيائون.

۴: " قُل لَّكُم مِّيعَادُ يَوْمٍ الاية" (فرماءِ تہ اوھان جي لاءِ ڏينھن جو وعدو آھي جنھن کان ھڪ گھڙي بہ نہ پوئتي ٿيندؤ نہ اڳتي ٿيندؤ) ان مان مراد يا قيامت جو ڏينھن آھي يا موت جو - مگر ياد رکڻ گھرجي تہ موت جو ڏينھن الله جل شانه جي پيارن جي دعا سان ھٽي ويندو آھي جيئن (حديث پاڪ ۾ آھي تہ) حضرت

(١) نور العرفان صہ ٦٨٨ حاشيه ع ١

آدم جي دعا سان حضرت داؤد علیٰ نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام جي عمر چاليهن
سالن جي بجاءِ سؤسال ٿي وئي هئي بلڪ شيطان جي خواهش " أَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ
يُبْعَثُوْنَ " (مون کي ان ڏينهن تائين جو قبرن مان اٿاريا ويندا مهلت ڏي) تي ان
کي " اِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ " (بلاشڪ تون مهلت ڏنلن مان آهين) فرمائي ان جي عمر
وڌائي وئي - ان جي ڪري آيت مان مراد آهي تہ پنهنجي مرضيءَ سان هڪ گهڙي
بہ حياتي پوئتي اڳتي ڪري نہ ٿا سگهو - الله جل شانه وڌائي تہ وڌائي سگهي
ٿو.(١)

٥: " لَنْ نُّؤْمِنَ بِهٰذَا الْقُرْاٰنِ وَلَا بِالَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ " (اسين هن قرآن تي ۽ ان
تي جيڪي هن کان اڳي نازل ٿيو آهي ايمان نہ آڻيندا سون) مان واضح ٿيو تہ اڳين
آسماني ڪتابن تي ايمان نہ آڻڻ ڪافرن جو ڪم آهي مومن جو قرآن ڪريم سان
گڏ اڳين آسماني ڪتابن تي بہ ايمان آهي ٦: " اَنْ نَّكْفُرَ بِاللّٰهِ " (تہ الله جو انڪار
ڪيون) مان واضح ٿيو حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جو انڪار الله جو انڪار
آهي ڇوتہ ڪافرن سندن انڪار ڪيو هو جنهن کي الله جو انڪار قرار ڏنو ويو.

وَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّذِيْرٍ اِلَّا قَالَ مُتْرَفُوْهَآ ۙ

۽ نہ موڪليو اسان ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ مگر چيو مالدارن اتي جي تہ

اِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ (٣٤)

بلاشڪ اسين ان جا جنهن سان اوهان موڪليا آهيو انڪار ڪندڙ آهيون

وَقَالُوْا نَحْنُ اَكْثَرُ اَمْوَالًا وَّاَوْلَادًا ۙ وَمَا نَحْنُ

۽ چيائون تہ اسين گهڻا آهيون مالن ۽ اولاد ۾ ۽ ناهيون اسين

بِمُعَذَّبِيْنَ (٣٥) قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ

عذاب ڪيل فرماءِ تہ بيشڪ منهنجو رب ڪشادو ڪري ٿو رزق

(١) نورالعرفان صہ ٦٨٨ حاشية ع۴

رکوع

لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَايَعْلَمُوْنَ ع (٣٦)

جنهن جي لاءِ گهري ۽ تنگ ڪري ٿو ۽ پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن

وَمَآ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ بِالَّتِيْ تُقَرِّبُكُمْ

۽ ناهن اوهان جا مال ۽ نہ اوهان جو اولاد اهڙي شيءِ جو ويجهو ڪن اوهان کي

عِنْدَنَا زُلْفٰٓى اِلَّا مَنْ اٰمَنَ وَ عَمِلَ صَالِحًا

اسان وٽ قرب جي مرتبي کي مگر جنهن ايمان آندو ۽ ڪيائين نيڪ عمل

فَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ جَزَآءُ الضِّعْفِ بِمَا عَمِلُوْا وَهُمْ

پوءِ اهي انهن جي لاءِ ٻيڻو بدلو آهي ان سببان جو ڪيائون ۽ اهي

فِى الْغُرُفٰتِ اٰمِنُوْنَ (٣٧) وَالَّذِيْنَ يَسْعَوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا

ماڙين ۾ امن سان رهندڙ آهن ۽ جيڪي ڪوشش ڪن ٿا اسان جي آيتن

مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ فِى الْعَذَابِ مُحْضَرُوْنَ (٣٨)

جو مقابلو ڪندڙ اهي عذاب ۾ حاضر ڪيل هوندا

قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ

فرماءِ تہ بيشڪ منهنجو رب ڪشادو ڪري ٿو رزق جنهن لاءِ گهري

مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ لَهٗ ط وَمَآ اَنْفَقْتُمْ

پنهنجن ٻانهن مان ۽ تنگ ڪري ٿو ان جي لاءِ ۽ جيڪي خرچ ڪيو ٿا اوهان

مِّنْ شَيْءٍ فَهُوَ يُخْلِفُهٗ ج وَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ (۳۹)

ڪا شيءِ پوءِ اهو - واپس ڪري ٿو ان ڪي ۽ اهو رزق ڏيندڙن ۾ ڀلو آهي.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ ڪافرن نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن کي چيو هو تہ " اسين نہ هن قرآن تي ايمان آڻينداسون ۽ نہ ان ڪتابن تي جيڪي هن کان اڳي نازل ڪيا ويا هئا. ان ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن نهايت مغموم رهيا - هتي ڪين تسلي ڏيندي ارشاد ڪيو ويو آهي تہ اهو جواب صرف اوهان کي نہ مليو آهي اوهان کان اڳي بہ جڏهن ڪو نبي عليه الصلوٰة والسلام ڪنهن قوم وٽ ويو ٿي تہ ان قوم ان کي بہ اهڙو جواب ڏنو ٿي - ارشاد رباني آهي " وَمَآ اَرْسَلْنَا فِيْ قَرْيَةٍ مِّنْ نَّذِيْرٍ اِلَّا قَالَ مُتْرَفُوْهَآ اِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ " ۽ اسان ڪنهن بہ ڳوٺ ۾ ڪو ڊيڄاريندڙ نہ موڪليو هو مگر ان جي مالدارن چيو تہ اسين ان پيغام جا جنهن سان اوهان موڪليا ويا آهيو انڪار ڪندڙ آهيون. مطلب تہ جڏهن بہ ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪين سندن گناهن جي سزا کان ڊيڄارڻ وارو ڪو نبي سڳورو (علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) موڪليوسين ٿي تہ اتي جي رهاڪو رئيسن، جابرن ۽ برائيءَ جي اڳواڻن ان کي بہ اهوئي جواب ڏنو ٿي تہ اسين اوهان جي پيغام ۽ پروگرام کي ڪونہ ٿا مڃون ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ رئيسن، سردارن ۽ اميرن جو هميشه اهو دستور رهيو آهي تہ اهي دين ۽ دیندارن کان پري رهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. " وَقَالُوْا نَحْنُ اَكْثَرُ اَمْوَالًا وَّاَوْلَادًا وَّمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ " ۽ چيائون تہ اسين مالن ۽ اولاد ۾ گهڻا آهيون ۽ اسين عذاب ڪيل ناهيون - مطلب تہ اوهان اسان جي اصلاح ڪرڻ وارا ڪير آهيو؟ هي عاليشان محلاتون، باغ بنگلا اسان جا آهن يا اوهان جا؟ هي نوجوان اولاد اسان جو آهي تہ پوءِ اسين

گمراهہ ڪيئن آهيون - جيڪڏهن اسين گمراهہ هجون ها تہ الله جل شانه اسان کي اهي نعمتون نہ ڏي ها ۽ جڏهن ڏنيون اٿس تہ اسان کي عذاب نہ ڪندو " قُلْ إِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ " فرماءِ تہ بلاشڪ منهنجو رب جنهن لاءِ گهري رزق ڪشادو ٿو ڪري ۽ (جنهن لاءِ گهري تہ ان جو رزق) تنگ ٿو ڪري ۽ پر گهڻا ماڻهو نہ ٿا ڄاڻن - مطلب تہ رزق ڪشادي ڪرڻ ۽ تنگ ڪرڻ ۾ الله جل شانه جون جدا حڪمتون آهن اهو حق تي هجڻ جو دليل ناهي پر اڪثر ماڻهو اها ڳالهہ ڄاڻن ئي ڪونہ ٿا - تہ الله جل شانه وٽ شرف ۽ شان صرف تقوىٰ، نيڪي، ايمان ڪامل تي هوندو آهي " وَمَآ اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ بِالَّتِيْ تُقَرِّبُكُمْ عِنْدَنَا زُلْفٰٓى اِلَّا مَنْ اٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ لَهُمْ جَزَآءُ الضِّعْفِ بِمَا عَمِلُوْا وَهُمْ فِى الْغُرُفٰتِ اٰمِنُوْنَ " ۽ اوهان جا مال ۽ اولاد اهڙي شيءِ ناهن جو اوهان کي الله جي قرب واري مقام کي ويجهو ڪن مگر جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا پوءِ اهي ئي آهن جن جي لاءِ سندن عمل جوٻيڻو بدلو آهي ۽ اهي ماڙين ۾ امن وارا آهن يعني مال ۽ اولاد ڏسي خوش نہ ٿيو تہ انهن جو هجڻ اللهجي قرب جو ذريعو آهي بلڪ صالحن عملن وارا مومن ئي آهن جن کي سندن نيڪ عملن جو ٻيڻو بدلو ملندو ۽ اهي بهشت جي بلند محلاتن ۽ ماڙين ۾ امن سان رهيا پيا هوندا. " وَالَّذِيْنَ يَسْعَوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا مُعٰجِزِيْنَ اُولٰٓئِكَ فِى الْعَذَابِ مُحْضَرُوْنَ " ۽ جيڪي اسان جي آيتن جي لاءِ مقابلو ڪندڙ ٿي ڪوشش ڪن ٿا اهي عذاب ۾ حاضر ڪيل هوندا - "مُعٰجِزِيْنَ" جي معنىٰ عاجز بنائيندڙ - يعني اهي ڪوشش ڪن ٿا تہ اسين الله جل شانه کي عاجز ڪري وجهنداسون (معاذ الله) اهو اسان کي ڪجهہ ڪري نہ سگهندو مقصد تہ انهن جو خاص پروگرام اسان جي نازل ڪيل آيتن کي باطل ثابت ڪرڻ ۽ اسان جي ڪتاب واري هدايت جي نور کي وسائڻ ۽ مومنن جي دلين ۾ شڪ ۽ شبها پيدا ڪرڻ آهي ۽ انهن جو خام خيال آهي تہ اسين انهن کي ڪجهہ ڪري نہ سگهنداسون پر انهن کي چڱيءَ طرح ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ اِهي الاهي عذاب

۾ حاضر ڪيل هوندا ان کان ٻاهر نڪري نہ سگهندا - " قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ لَهٗ " فرماءِ تہ: بلاشڪ منهنجو رب پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهري ٿو ان جي لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ (جنهن کي گهري ٿو) ان جي لاءِ رزق تنگ ڪري ٿو - يعني اي محبوب ڪريم ! عليڪ الصلوٰة والسلام اوهان انهن کي ساڳي علمي حقيقت جيڪا سندن ذهن ۾ نہ ٿي ويهي ۽ عام ماڻهو ان کان بي علم آهن ذهن نشين ڪيو تہ الله پنهنجي ٻانهن مان جنهن کي گهري ٿو آزمائڻ لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ڏي ۽ جنهن کي گهري ٿو ان جي لاءِ رزق روزي تنگ ٿو ڪري رزق ڪشادو هجڻ الله جل شانه وٽ محبوبيت ۽ مقبوليت جي نشاني ناهي.(١) "وَمَآ اَنْفَقْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَهُوَ يُخْلِفُهٗ وَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ " ۽ جيڪا بہ شيءِ اوهان خرچ ڪيو تہ پوءِ اهو (اوهان لاءِ) ان کي واپس ٿو ڪري ۽ اهوئي رزق ڏيندڙن ۾ ڀلو آهي آيت مبارڪ جي هن حصي ۾ في سبيل الله خرچ ڪرڻ ڏي دعوت ڏيندي ماڻهن کي ٻڌايو ويو آهي تہ اهي الله جل شانه جي واٽ ۾ دليريءَ سان خرچ ڪن ان سان سندن مال ۾ کوٽ نہ پوندي ۽ بخل سان سندن ملڪيت نہ وڌندي - بلڪ جيڪي ڪجهہ رب پاڪ جي نالي ڏيندا الله جل شانه برڪت ۽ خصوصي عنايت جي ذريعي اهو کين واپس ڏيندو.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا.

١: " وَقَالُوْا نَحْنُ اَكْثَرُ اَمْوَالًا وَّ اَوْلَادًا " الاية (۽ چيائون تہ اسين مالن ۽ اولاد جي لحاظ سان گهڻا آهيون) ان جي ڪري اسان کي عذاب نہ ٿيندو - ابتداء دنيا کان وٺي دنيا، دولت عيش ۽ عشرت جي نشہ ۾ رهڻ وارن جو اهوئي طريقو رهيو آهي جنهن سان انهن الله جل شانه جي نبين عليهم الصلوٰة والسلام کي دشمن سمجهي انهن جي مخالفت ڪئي آهي (الا ماشاءَ الله)

(١) ايسرالتفاسير صہ ٦١٢ جلد ٣

شان نزول

ابن ابي شيبه ، ابن المنذر ۽ ابن ابي حاتم ابن زيد کان روايت آندي آهي تہ: ٻہ شخص واپار ۾ ڀائيوار هئا هڪڙو سمنڊ جي ڪنارن واري پاسي ڏانهن نڪري ويو ۽ ٻيو مڪه مڪرمه ۾ رهي پيو - جڏهن نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن نبوت جو اعلان فرمايو تہ ان سمنڊ جي ڪنارن ڏانهن رهڻ واري مڪه مڪرمه ۾ رهندڙ ڪان خط لکي پڇيو تہ نبي - پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جو معاملو ڪيئن ٿيو؟ ان جواب لکيس تہ: ان (نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام) جا تابع صرف ماڻهن جي نظرن ۾ ڪريل ۽ مسڪين ٿيا آهن" پوءِ اهو سمنڊ جي ڪنارن ڏانهن تجارت ڪرڻ وارو تجارت ڇڏي مڪه مڪرمه ۾ رهندڙ ڀائيوار وٽ آيو ۽ ڪيس چيائين تہ "مون کي ٻڌاءِ تہ اهو (نبي ڪريم عليه التحية والتسليم) ڪهڙو آهي؟ ۽ اهو اڳيان آسماني ڪتاب پڙهندو رهندوهو - پوءِ ان جي ڏس ڏيڻ تي نبوي بارگاهہ علیٰ صاحبه الصلوٰة والسلام ۾ آيو ۽ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن کي عرض ڪيائين تہ "اوهان ڪهڙي دعوت ٿا ڏيو"؟ پاڻ ان کي پنهنجو پروگرام ٻڌايائون تہ ان هڪدم چيو " اَشْهَدُ اَنَّكَ رَسُوْلُ اللهِ " مان شاهدي ٿو ڏيان تہ بلاشڪ تون الله جو رسول آهين پاڻ فرمايائون تہ " توکي اهو علم (يقين) ڪيئن حاصل ٿيو؟ " ان عرض ڪيو تہ " ڪوبہ نبي ايندو آهي تہ ان جي پهريان پهريان اتباع مسڪين ۽ اهي ماڻهو ڪندا آهن جيڪي ٻين جي نظرن ۾ ڪريل هوندا ان موقعي تي الله جل شانه هيءَ آيت نازل فرمائي (١)

٢: ان مان اهو ٻہ معلوم ٿيو تہ دنيا، مال، ملڪيت ۽ اولاد تي ناز ڪري الله جل شانه جي دين کي ٺڪرائڻ ڪافرن جو ڪم آهي سچو ۽ پڪو مسلمان ڀلي ڪيترو ٻہ سرمايه دار هجي ائين نہ ڪندو.

٣: " قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَبْسُطُ - ڪان - وَهُوَ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ " تائين آيت ۾ غور ڪجي ٿو تہ ان مضمون واري آيت هن ڪان اڳئين رڪوع ۾ بہ آيل آهي فرق ايترو آهي تہ هتي " لِمَنْ يَّشَآءُ " ڪان پوءِ " مِنْ عِبَادِهٖ " ۽ " يَقْدِرُ " ڪان پوءِ " لَهٗ " الفاظ

(١) الدر المنثور صـ ٧٠٣. جلد ٦

آيل آهن جن مان واضح ٿئي ٿو تہ هي حڪم مخصوص ٻانهن مومنن جي لاءِ آيل آهي ۽ ان مان مقصد اهو آهي تہ مومن ٻانها مال ملڪيت جي محبت ۾ ايترو نہ ڦاسن جو الله جل شانه جي ٻڌايل حقن ۽ موقعن ۾ بہ خرچ ڪرڻ کان دل ۾ تنگ ٿي پون.

۴: " وَمَا أَنْفَقْتُمْ مِّنْ شَيْءٍ فَهُوَ يُخْلِفُهُ " (۽ اوهان ڪابہ شيءِ خرچ ڪيو ٿا تہ اهو ان ڪي واپس ٿو ڪري) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه جي واٽ ۾ خرچ ڪندڙ کي الله جل شانه دنيا ۾ يا آخرت ۾ يا ٻنهي جهانن ۾ اوترو وڌائي ٿو - پر ان مان مراد فضول ۽ اجايا خرچ ناهن بلڪ جائز ۽ سٺا خرچ مراد آهن بيهقي شعب الايمان ۾ حضرت حسن کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو " مَا أَنْفَقْتُمْ عَلٰى أَهْلِيكُمْ فِيْ غَيْرِ إِسْرَافٍ وَّلَاتَقْتِيْرٍ فَهُوَ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ " اوهان جيڪو خرچ اسراف ۽ تنگيءَ کانسواءِ پنهنجي اهل تي ڪيو ٿا اهو الله جي واٽ ۾ آهي - بخاري ۽ ابن مردويه حضرت ابو هريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "الله جل جلاله جو فرمان آهي تہ "أَنْفِقْ يَا ابْنَ آدَمَ أُنْفِقْ عَلَيْكَ" اي انسان ! تون خرچ ڪر تہ مان توتي خرچ ڪيان" (١)

جيڪو خرچ شريعت جي مطابق نہ هوندو ان جي بدلو ملڻ جو وعدو ناهي:

بيهقي شعب الايمان ۾ حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو " جيڪو بہ ٻانهو خرچ ڪري ٿو تہ الله ان کي ايترو ورائي ڏيڻ جو ضامن آهي مگر جيڪو خرچ (فضول ۽ ضرورت کانسواءِ) ڪنهن تعمير يا گناه ۾ - (ڪيو ٿو وڃي ان جي ضمانت ناهي)(٢)

(١) الدرالمنثور صــ ٧٠٧ جلد ٦ (٢) روح المعاني صـ ١٥٠ جزء ٢٢ جلد ٨

وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ يَقُوْلُ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اَهٰٓؤُلَآءِ

۽ جنهن ڏينهن اتاريندو انهن مڙني کي ان کان پوءِ فرمائيندو ملائڪن کي تہ ڇاهي

اِيَّاكُمْ كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ (٤٠) قَالُوْا سُبْحٰنَكَ اَنْتَ

اوهان جي عبادت ڪندا هئا چوندا تہ تنهنجي پاڪائي آهي تون

وَلِيُّنَا مِنْ دُوْنِهِمْ ج بَلْ كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ الْجِنَّ ج

مالڪ اسان جو آهين انهن کان سواءِ بلڪ جنن جي عبادت ڪندا هئا

اَكْثَرُهُمْ بِهِمْ مُّؤْمِنُوْنَ (٤١) فَالْيَوْمَ لَا يَمْلِكُ بَعْضُكُمْ

گهڻا انهن مان انهن تي ايمان آڻيندڙ آهن پوءِ اڄ نہ مالڪ ٿيندو بعض اوهان جو

لِبَعْضٍ نَّفْعًا وَّلَا ضَرًّا ط وَنَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا

بعض جي لاءِ نفعي جو ۽ نہ نقصان جو ۽ چونداسون انهن کي جن ظلم ڪيو تہ

ذُوْقُوْا عَذَابَ النَّارِ الَّتِيْ كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ (٤٢)

چکو باهہ جو عذاب جنهن کي ڪوڙو چوندا هيئو

وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ

۽ جڏهن پڙهيون ٿيون وڃن انهن تي اسان جون آيتون چٽيون

قَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّا رَجُلٌ يُّرِيْدُ اَنْ يَّصُدَّكُمْ

تہ چيائون ناهي هي مگر مڙس جيڪو ارادو ڪري ٿو تہ روڪي اوهان کي

عَمَّا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَآؤُكُمْ ۚ وَقَالُوْا

ان کان جو عبادت کندا هئا ابا ڏاڏا اوهان جا (انهن جي) ۽ چيائون تہ

مَا هٰذَآ اِلَّآ اِفْكٌ مُّفْتَرًى ؕ وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلْحَقِّ

ناهي هي مگر بهتان تاهيل ۽ چيو انهن جن ڪفر ڪيو حق جي لاءِ

لَمَّا جَآءَهُمْ ۙ اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ (٤٣) وَمَآ اٰتَيْنٰهُمْ

جڏهن آيو انهن وٽ تہ ناهي هيءُ مگر جادو چٽو ۽ نہ ڏنا اسان انهن کي

مِّنْ كُتُبٍ يَّدْرُسُوْنَهَا وَمَآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمْ قَبْلَكَ

ڪي ڪتاب جو پڙهن تا انهن ڪي ۽ نہ موڪليو اسان انهن ڏانهن توکان اڳي

مِنْ نَّذِيْرٍ ؕ (٤٤) وَكَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۙ وَمَا بَلَغُوْا

ڪو ڊيڄاريندڙ ۽ ڪوڙو چيو انهن جو انهن کان اڳي هئا ۽ نہ پهتا

مِعْشَارَ مَآ اٰتَيْنٰهُمْ فَكَذَّبُوْا رُسُلِيْ قف

ڏهين حصي ان جي ڪي جيڪو ڏنو اسان انهن کي پوءِ منهنجن رسولن کي ڪوڙو چيائون

فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ع (٤٥) قُلْ اِنَّمَآ اَعِظُكُمْ بِوَاحِدَةٍ ۚ ع ٥ / ١١

پوءِ ڪهڙي طرح هو منهنجو عذاب فرماءِ تہ بس نصيحت ڪيان ٿو مان اوهان کي هڪڙي

اَنْ تَقُوْمُوْا لِلّٰهِ مَثْنٰى وَفُرَادٰى ثُمَّ تَتَفَكَّرُوْا قف

تہ ڪڙا ٿيو الله جي (حڪم) لاءِ ٻہ ٻہ ۽ هڪ هڪ ان کان پوءِ سوچيو تہ

مَا بِصَاحِبِكُمْ مِّنْ جِنَّةٍ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ

ناهي اوهان جي ساٿيءَ کي ڪا چريائپ ناهي اهو مگر ڊيڄاريندڙ

لَّكُمْ بَيْنَ يَدَىْ عَذَابٍ شَدِيْدٍ (۴٦)

اوهان جي لاءِ اڳيان سخت عذاب جي

قُلْ مَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ فَهُوَ لَكُمْ ؕ

فرماءِ تہ جيڪي گهريو مون اوهان کان اجورو پوءِ اهو اوهان جي لاءِ آهي

اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ ج وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ (۴٧)

ناهي اجورو منهنجو مگر الله تي ۽ اهو هر شيءِ تي شاهد آهي

قُلْ اِنَّ رَبِّيْ يَقْذِفُ بِالْحَقِّ ج عَلَّامُ الْغُيُوْبِ (۴٨)

فرماءِ تہ بيشڪ منهنجو رب القاء ڪري ٿو حق اهو غيبن جو ڄاڻندڙ آهي

قُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَمَا يُبْدِئُ الْبَاطِلُ وَمَا يُعِيْدُ (۴٩) قُلْ

فرماءِ تہ آيو حق ۽ نہ ٿو نئين سر ناهي باطل ۽ نہ ورائي ٿو ناهيندو فرماءِ تہ

اِنْ ضَلَلْتُ فَاِنَّمَآ اَضِلُّ عَلٰى نَفْسِيْ ج

جيڪڏهن گمراهہ ٿيندس مان (معاذ الله) پوءِ رڳو گمراهہ ٿيندس پنهنجي سر لاءِ

وَاِنِ اهْتَدَيْتُ فَبِمَا يُوْحِيْٓ اِلَيَّ رَبِّيْ

۽ جيڪڏهن هدايت وارو ٿيندس پوءِ ان سببان جو وحي ڪري ٿو مون ڏانهن رب منهنجو

اِنَّهٗ سَمِيْعٌ قَرِيْبٌ (٥٠)

بلا شڪ اهو ٻڌندڙ ،ويجهو آهي.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جو ڪافرن سان پيش اچڻ وارو حال بيان ڪيو ويو ۽ هتي ڪافرن سان قيامت جي ڏينهن پيش اچڻ واري حالت بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي " وَيَوْمَ يَحْشُرُهُمْ جَمِيْعًا ثُمَّ يَقُوْلُ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اَهٰٓؤُلَآءِ اِيَّاكُمْ كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ " ۽ جنهن ڏينهن انهن سڀني کي اٿاريندو پوءِ ملائڪن کي فرمائيندو تہ ڇا هي خاص اوهان جي عبادت ڪندا هئا؟ -ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ قديم دور کان هلندڙ دور تائين مشرڪ ملائڪن کي ديوي ۽ ديوتا قرار ڏئي انهن جا بت ٺاهي انهن جي پوڄا ڪندا رهيا آهن ڪو مينهن جو ديوتا آهي تہ ڪو هوا جو ڪا دولت جي ديوي آهي تہ ڪا علم جي ۽ ڪا موت ۽ هلاڪت جي - ان جي متعلق هتي بيان ٿي رهيو آهي تہ قيامت جي ڏينهن انهن ملائڪن کان پڇيو ويندو تہ: ڇا اوهان هنن جا معبود هيئو؟ ان سوال جو مطلب صرف حال معلوم ڪرڻ ناهي بلڪ ان ۾ اهو راز رکيل آهي تہ: ڇا اوهان انهن جي ان عبادت کان راضي هيئو؟ ڇا اوهان ائين چيو هو تہ: اي انسانو! اسين اوهان جا معبود آهيون اوهان اسان جي پوڄا ڪندا ڪيو اوهان جي اها خواهش هئي تہ: ماڻهو اوهان جي عبادت ڪن سورة الفرقان جي آيت ١٧ ۾ بيان ٿي چڪو آهي تہ اهڙو سوال انهن سڀني هستين کان ڪيو ويندو جن جي دنيا ۾ عبادت ڪئي وئي هوندي. " قَالُوْا سُبْحٰنَكَ اَنْتَ وَلِيُّنَا مِنْ دُوْنِهِمْ بَلْ كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ الْجِنَّ اَكْثَرُهُمْ بِهِمْ مُّؤْمِنُوْنَ " چوندا تہ تنهنجي پاڪائي آهي انهن کان سواءِ تون اسان جو مالڪ آهين بلڪ اهي جنن جي عبادت ڪندا هئا انهن مان گهڻا انهن تي ايمان آڻيندڙ هئا - يعني اهي عرض ڪندا تہ يا الله! تنهنجي ذات پاڪ ان ڳالهہ کان مبرًا آهي جوڀيو ڪو توسان معبود هجڻ ۾ شريڪ هجي اسان جو انهن ماڻهن سان ڪو واسطو ناهي اسين انهن جي ڪردار

ڪان بيزار آهيون تون ٿي انهن ڪانسواءِ اسان جو مالڪ آهين اهي جن جي عبادت ڪندا هئا ۽ گهڻا انهن تي ايمان رکندا هئا - ۽ جن مان مراد شيطان آهن ملائڪن جي چوڻ جو مقصد هوندو تہ شيطانن انهن کي اهو رستو ڏيکاريو هو ان جي ڪري انهن جائي پوڄاري هئا "فَالْيَوْمَ لَا يَمْلِكُ بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ نَّفْعًا وَّلَا ضَرًّا" پوءِ اڄ اوهان مان هڪڙا ٻين جي لاءِ نفعي ۽ نقصان جا مالڪ نہ ٿيندا - مطلب تہ اڄ باطل معبودن ۽ سندن عابدن جو عاجز هجڻ بالڪل واضح ٿي ويو جو ڪير ڪنهن کي نہ نفعو ٿو پهچائي نہ نقصان - ڪافر جن معبودن کي پنهنجو سهارو سمجهندا هئا اهي ڪائنن بيزار ٿي ويا. "وَنَقُوْلُ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا ذُوْقُوْا عَذَابَ النَّارِ الَّتِيْ كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُوْنَ" ۽ اسين انهن کي چونداسون جن ظلم ڪيوهو تہ ان باھ جو عذاب چکو جنهن کي ڪوڙو چوندا هيئو - يعني جن ظلم ڪري باطل معبودن جي عبادت ڪئي انهن کي چيو ويندو تہ جنهن باھ جي عذاب کي ڪوڙو چوندا هيئو اڄ ان جوعذاب چکو- (۱)" وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِمْ اٰيٰتُنَا بَيِّنٰتٍ قَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّا رَجُلٌ يُّرِيْدُ اَنْ يَّصُدَّكُمْ عَمَّا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَآؤُكُمْ" ۽ جڏهن انهن تي اسان جون چٽيون آيتون تلاوت ڪيون ٿيون وڃن تہ چون ٿا ناهي هي مگر هڪ مرد جيڪو اوهان کي انهن (باطل) معبودن ڪان روڪي ٿو جن جي اوهان جا ابا ڏاڏا عبادت ڪندا هئا مطلب تہ جڏهن الله جل شانه جو رسول عليه الصلوٰة والسلام انهن جي آڏو الله جل شانه جي طرفان نازل ڪيل روشن آيتون پڙهي ٿو تہ اهي اهڙي مشهور ۽ معروف هستيءَ کي (معاذ الله) حقارت جي نظر سان ڏسندي چوندا هئا تہ هي نبي عليه الصلوٰة والسلام پيو ڪجهہ ناهي صرف هڪ مرد آهي جيڪو اوهان کي اوهان جي ابن، ڏاڏن وارن معبودن ڪان روڪي رهيو آهي - هن وٽ ٻي تہ ڪابہ شيءِ ناهي - انهن ڪافرن پنهنجن کي ائين نہ چيو تہ اوهان کي انهن بتن ڪان ٿو روڪي جن جي اوهان عبادت ڪيو ٿا پرجن جي اوهان جا اباڏاڏا عبادت ڪندا هئا - ان چوڻ مان مقصد انهن کي ڪفر تي مضبوط ۽ مستحڪم رکڻ ۽ توحيد ڪان نفرت ڏيارڻ هو (۲) "وَقَالُوْا مَا هٰذَآ اِلَّا اِفْكٌ مُّفْتَرًى" ۽ چيائون تہ هي هٺ جي ٺاهيل ڪوڙ ڪان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي، يعني قرآن ڪريم صرف ہہ ٽي ڪوڙيون هٺ جون ٺاهيل ڳالهيون

(۱) المظهري صہ ۳۵ جلد ۸ (۱) تنوير الاذهان صہ ۲۷۴ جلد ۳

آهن جن کي الله جل شانه ڏانهن نسبت کيو ويو آهي - " وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلْحَقِّ لَمَّا جَاۗءَهُمْ ۙاِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ " ۽ جڏهن ڪافرن وٽ حق آيو ته ان لاءِ چيائون هي ڇٽي جادو کان سواءِ ڪجهه ناهي - يعني هيءَ نبوت جنهن سان گڏ ڪجهه معجزا ظاهر ڪيا ويا آهن يا مذهب اسلام جنهن اچي مڙس کي زال کان ۽ پيءُ کي پٽ کان جدا ڪيو آهي يا قرآن ڪريم جنهن جي تاثير ماڻهن جي دلين کي موهي وڌو آهي صريح جادو کان سواءِ ڪجهه ناهي (١) " وَمَآ اٰتَيْنٰـهُمْ مِّنْ كُتُبٍ يَّدْرُسُوْنَهَا وَمَآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمْ قَبْلَكَ مِنْ نَّذِيْرٍ " ۽ اسان انهن کي ڪي اهڙا ڪتاب ڪونه ڏنا جن کي پڙهن ٿا ۽ اسان اوهان کان اڳي انهن ڏانهن ڪو ڊيڄاريندڙ به نه موڪليو هو. "اِلَيْهِمْ" ۾ جمع جو ضمير بني اسماعيل عربن ڏانهن ٿو وري جو انهن ۾ نبوت پهريون ڀيرو آئي هئي. قوم جا مورث اعلىٰ مراد ناهن ڇوته انهن ۾ حضرت ابراهيم، حضرت اسماعيل، حضرت هود،حضرت صالح وغيره علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام نبي هئا آيت جو مطلب هي به ٿي سگهي ٿو ته اسان انهن تي اهڙا کي به ڪتاب نازل نه ڪيا هئا جن ۾ شرڪ جي تعليم ڏنل هجي ۽ نه ڪو اهڙو نبي موڪليو هو جنهن کين نه چيو هجي ته شرڪ ڪرڻ جي ڪري عذاب ايندو - (٢) " وَكَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۙ وَمَا بَلَغُوْا مِعْشَارَ مَآ اٰتَيْنٰهُمْ " ۽ انهن به ڪوڙو چيو هو جيڪي هنن کان اڳي گذريا ۽ جيڪو ڪجهه اسان انهن کي ڏنو هو (هي ان جي) ڏهين حصي کي به نه پهتا آهن- مطلب ته هنن کان اڳي وڏين طاقتن وارين قومن به الله جي نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام کي ڪوڙو چيو هو- ۽ اسان انهن کي ان طاقت هوندي سخت سزائون ڏئي هلاڪ ڪري ڇڏيو هي مڪه مڪرمه جا رهاڪو ته انهن کي جيڪي اسان ڏنو هو ان جي ڏهين حصي کي به نه پهتا آهن هي اسان کان ڪيڏانهن ڀڄي سگهندا؟ ۽ ڪيئن بچي سگهندا؟ ان جي ڪري هي پنهنجي عاقبت ۽ انجام کان غافل نه رهن ته سندن لاءِ ڀلو آهي- " فَكَذَّبُوْا رُسُلِيْ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ " پوءِ منهنجن رسولن کي ڪوڙو چيائون ته پوءِ منهنجو عذاب ڪرڻ ڪيئن هو؟ هن حصي ۾ گذريل امتن جي عذاب ڪرڻ جي ذڪر سان هن امت جي ڪافرن کي متنبه ڪيو ويو آهي ته هنن تي به اهڙو عذاب اچي سگهي ٿو. (٣)

(١) حاشيه عثمانيه صہ ٥٧٧ (٢) حاشيه دريابادي صہ ٨٦٩ (٣) خازن صہ ٤٩٢ جلد ٣.

”قُلْ اِنَّمَآ اَعِظُكُمْ بِوَاحِدَةٍ اَنْ تَقُوْمُوْا لِلّٰهِ مَثْنٰى وَفُرَادٰى ثُمَّ تَتَفَكَّرُوْا مَا بِصَاحِبِكُمْ مِّنْ جِنَّةٍ اِنْ هُوَ اِلَّا نَذِيْرٌ لَّكُمْ بَيْنَ يَدَيْ عَذَابٍ شَدِيْدٍ“ فرماءِ تہ: مان اوهان کي رڳو هڪ نصيحت ٿو ڪيان تہ الله جي لاءِ ٻہ ٻہ ٿي، هڪ هڪ ٿي ڪري اٿيو ان کان پوءِ سوچيو تہ اوهان جي ساٿيءَ ۾ ڪا بہ چريائپ ناهي اهو نہ اوهان جي لاءِ سخت عذاب کان اڳيان صرف ڊيڄاريندڙ آهي. جيڪي ماٺهو نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جي خلاف بدتميزيءَ جو طوفان برپا ڪندا هئا ۽ ڪوڙا الزام هڻي سادن ماڻهن کي متنفر ڪندا هئا هتي انهن کي چيو ويو آهي تہ - هن معاملي ۾ ٻين کي ڇڏيو فيصلو اوهان تي ڇڏيو ٿو وڃي اوهان مان ٻہ ٻہ ڄڻا يا هڪ هڪ اڪيلا ويهي هن ڳالهہ تي غور ڪيو تہ اوهان جو اوهان سان گڏ ڪافي زندگي گذارڻ واري هستيءَ کي چريو ٿا چئو - اوهان وٽ ان جو ڪو معقول وجہ آهي؟ ڇا اوهان ان کان ڪڏهن چرين وانگر اجايون ڳالهيون ٻڌيون آهن؟ جڏهن ائين ناهي ۽ ان جو هر قدم مقصديت ۽ معنويت جو لاجواب نمونو آهي ان جو هرڪم اهڙو دلربا ۽ روح افزا هوندو آهي جو دل چوندي آهي تہ ان تان قربان ٿجي - گفتگو ڪري ٿو تہ حڪمت جا موتي ٿو پکيڙي، متانت، وقار، سچائي ۽ بردباريءَ ۾ ان جو مثال ئي نہ ٿو ملي ڪالهہ تائين اوهان بہ ان کي صادق ۽ امين سڏيندا رهيا هاڻي اوهان ئي ٻڌايو تہ ان ۾ هڪدم ڪهڙي قباحت آئي آهي جو اوهان ان جي باري ۾ پنهنجي راءِ تبديل ڪري ڇڏي آهي اوهان تعصب ۽ عناد کان خالي ٿي غور ۽ فڪر ڪندؤ تہ يقينًا ان نتيجي تي پهچندؤ تہ الله جي محبوب ۾ نہ چريائپ آهي نہ ان تي جادؤ جو اثر آهي نہ هي ڪوڙ هڻندڙ آهي نہ هن کي ڪا دنيوي طمع يالالچ آهي اهو تہ صرف اوهان کي سخت عذاب کان ڊيڄاريندڙ آهي ۽ اوهان کي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ڪندڙ آهي. ” قُلْ مَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ فَهُوَ لَكُمْ اِنْ اَجْرِيَ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ “ فرماءِ تہ جيڪو اجورو مون اوهان کان گهريو آهي اهو اوهان جو آهي (پاڻ وٽ رکو) منهنجو اجورو تہ صرف الله وٽ آهي ۽ اهوهر شيءِ تي شاهد آهي - الله جل شانہ پنهنجي نبي مڪرم صلی الله عليہ وسلم کي حڪم ٿو فرمائي تہ اوهان انهن کي فرمايو - تہ مون اوهان کان (دين جي دعوت تي ڪڏهن ڪو

اجورو طلب نہ ڪيو آهي پر جيڪڏهن) طلب ڪيو آهي تہ اهو اوهان جو آهي مون ڪان واپس وٺي پاڻ وٽ رکو - مان ان اوهان جي خير خواهيءَ جو اجورو اوهان کان ڇو گهران منهنجو اجر الله وٽ اهي جيڪو هر شخص جي باطني ۽ ظاهري احوال جو شاهد، مشاهدو فرمائيندڙ آهي ان عليم ۽ خبير رب تي ايمان رکندي مان هيءَ جرءت ڪيئن ٿو ڪري سگهان نہ نبي نہ هجان ۽ نبي هجڻ جي دعويٰ ڪيان . "قُلْ إِنَّ رَبِّي يَقْذِفُ بِالْحَقِّ عَلَّامُ الْغُيُوبِ" فرماءِ تہ منهنجو رب (باطل تي) حق سان ضرب هڻي ٿو (اهو) سڀ غيب ڄاڻندڙ آهي مطلب تہ منهنجو رب اهو قادر، قوي آهي جيڪو باطل جي طاغوتي قوتن تي حق جو وار ڪري انهن کي ذرا ذرا بنائي ٿو " قُلْ جَاءَ الْحَقُّ وَمَا يُبْدِئُ الْبَاطِلُ وَمَا يُعِيدُ " فرماءِ تہ حق آيو آهي ۽ باطل (معبود) نہ نئين سر پيدا ڪري ٿو ۽ نہ ورائي پيدا ڪندو- يعني هاڻي حق واري دين اچڻ جي ڪري باطل دين جو غلط هجڻ بالڪل واضح ٿي ويو ۽ باطل ۾ حق جي مقابلي جي طاقت ئي نہ رهي " وَمَا يُبْدِئُ الْبَاطِلُ وَمَا يُعِيدُ" مان محاوره ۾ مراد هلاڪ ۽ بي ساهہ ٿيڻ هوندو آهي - جيڪو هلاڪ ۽ بي ساهہ بنجي ويو اهو نہ ڪا نئين سر شيءِ ٺاهيندو ۽ نہ پراڻيءَ کي نئون ڪري ورائي سگهندو (١) امام احمد حضرت مقدار رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کي فرمائيندي ٻڌو تہ " لَايَبْقَىٰ عَلَىٰ ظَهْرِ الْاَرْضِ بَيْتُ مَدَرٍوَلَا وَبَرٍ اِلَّآ اَدْخَلَهُ اللهُ كَلِمَةَ الْاِسْلَامِ بِعِزِّ عَزِيْزٍ اَوْ ذُلِّ ذَلِيْلٍ اِمَا يُعِزُّهُمُ اللهُ فَيَجْعَلُهُمْ مِنْ اَهْلِهَا اَوْ يُذِلُّهُمْ فَيَدِيْنُوْنَ لَهَا" (٢)روءِ زمين تي ڪوبہ پٿرن يا ڪکن جو گهر نہ رهندو مگر ان ۾ اسلام جو ڪلمو داخل ٿيندو عزت واري جي عزت ڏيڻ سان يا ذليل کي ذلت ڏيڻ سان - يا الله (جل شانہ) انهن کي عزت ڏئي اسلام جو اهل بنائيندو يا ذليل ڪندن پوءِ (مجبور ٿي) دين تي ايندا - ۽ الله جل شانہ سڀئي غيب ڄاڻندڙ آهي اهوئي ڄاڻي ٿو تہ ڪير وحي جي لاءِ منتخب ڪرڻ جو اهل آهي ۽ ان کي ٿي اسلام جي عاقبت جي خبر آهي جو ڪفر کي ختم ڪري اسلام کي روءِ زمين تي غالب بنائيندو - " وَقُلْ اِنْ ضَلَلْتُ فَاِنَّمَآ اَضِلُّ عَلٰى نَفْسِيْ وَاِنِ اهْتَدَيْتُ فَبِمَا يُوْحِيْٓ اِلَيَّ رَبِّيْ " فرماءِ تہ: جيڪڏهن (معاذ الله) مان واٽ کان ٿڙندس تہ پوءِ صرف پنهنجي نفس تي ۽

(١) حاشيه دريابادي صہ ٨٧٠ (٢) المظهري صہ ٣٨ جلد ٨

جيڪڏهن مان هدايت تي رهيس تہ پوءِ ان جي ڪري جو مون ڏانهن منهنجو رب وحي ٿو ڪري - مطلب تہ مان جنهن رستي تي هلان پيو جيڪڏهن اهو هدايت وارو آهي (۽ يقينًا آهي) تہ اهو نہ منهنجي ذات جي طرفان آهي ۽ نہ هن شهر مان ڪنهن جي طرفان ڇوتہ مان امي آهيان نہ ڪنهن وٽ لکڻ سکيو آهيان نہ ڪنهن وٽ پڙهيو آهيان اهوسڀ ڪجهہ الله جل شانه جي وحي جي ذريعي آهي ان جي ڪري اوهان تي واجب آهي تہ منهنجي اتباع ڪيو تہ ائين هدايت وارا بڻجندؤ جئن مان آهيان ۽ پلا جيڪڏهن بفرض محال مان واٽ کان ٿڙي ويس تہ ان جو وبال منهنجي نفس تي پوندو ڇوتہ اهوئي ان جوسبب آهي " اِنَّهٗ سَمِيْعٌ قَرِيْبٌ " بلاشڪ اهو ٻڌندڙ، ويجهو آهي - جيڪو هر ڳالهہ ٻڌي ٿو ۽ ويجهي هجڻ جي ڪري هر گمراهہ ۽ هدايت واري جي قول جو ادراڪ رکي ٿو پلي اهو ڪيترو بہ لڪائي (١).

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا.

١: " مَا هٰذَآ اِلَّا رَجُلٌ " (ناهي هيءُ مگر هڪ مرد) مان واضح ٿيو تہ حضور پر نور عليه الصلوٰة والسلام جن جي ڪمالات ۽ حقيقي نور هجڻ جو انڪار ڪندي ڪين صرف هڪ مرد يا صرف بشر چوڻ ڪافرن جو طريقو آهي مومن پنهنجي محبوب عليه الصلوٰة والسلام جي هر خوبيءَ ڪي سندن شان ۽ ڪمال ڪي، سندن حقيقي نور هجڻ ڪي مڃيندي ڪين مرد بہ مڃيندا آهن.

٢: " يُرِيْدُ اَنْ يَّصُدَّكُمْ عَمَّا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَآؤُكُمْ " (ارادو ٿو فرمائي تہ اوهان ڪي انهن کان روڪي جن جي عبادت اوهان جا ابا ڏاڏا ڪندا هئا) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه ۽ ان جي پياري نبي عليه الصلوٰة والسلام جي شريعت ۽ احڪام جي مقابلي ۾ پنهنجن ابن، ڏاڏن جي رسمن، رواجن جي پيروي ڪرڻ ڪافرن جو ڪم آهي.

٣: " قُلْ مَا سَاَلْتُكُمْ مِّنْ اَجْرٍ فَهُوَ لَكُمْ " (فرماءِ تہ مون اوهان کان جيڪو (بفرض محال) اجورو گهريو آهي اهو اوهان لاءِ آهي) مان ثابت ٿيو تہ حضرت نبي

(١) المظهري صہ ٣٨ جلد ٨

پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن ديني دعوت تي ڪنهن ڪان بہ ڪو اجورو نہ گهريو - ان جي ڪري بهتر آهي تہ پيو ڪو بہ الله جل شانه جي دين ڏانهن دعوت ڏيندڙ اجورو نہ گهري.

وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ فَزِعُوْا فَلَافَوْتَ وَاُخِذُوْا

۽ جيڪڏهن ڏسين جڏهن گهبرايل هوندا پوءِ ناهي ڇوٽڪارو ۽ ورتاويندا

مِنْ مَّكَانٍ قَرِيْبٍ (٥١) وَّقَالُوْٓا اٰمَنَّا بِهٖ

جاءِ ويجهيءَ ڪان ۽ چوندا تہ ايمان آندوسون ان تي

وَاَنّٰى لَهُمُ التَّنَاوُشُ مِنْ مَّكَانٍ بَعِيْدٍ (٥٢)

۽ ڪٿي آهي انهن جي لاءِ حاصل ڪرڻ جاءِ پرانهينءَ ڪان

وَّقَدْ كَفَرُوْا بِهٖ مِنْ قَبْلُ وَيَقْذِفُوْنَ بِالْغَيْبِ مِنْ مَّكَانٍ

۽ تحقيق ڪفر ڪيائون ان جو اڳي ۽ اڇلائي هٽن ٿا اڻ ڏٺو جاءِ

بَعِيْدٍ (٥٣) وَحِيْلَ بَيْنَهُمْ وَبَيْنَ مَا يَشْتَهُوْنَ كَمَا

پرانهينءَ ڪان ۽ آڙ وڌي وئي انهن جي وچ ۾ ۽ انهن جي وچ ۾ جيڪي سڌون ڪندا رهيا جيئن

فُعِلَ بِاَشْيَاعِهِمْ مِّنْ قَبْلُ اِنَّهُمْ كَانُوْا فِيْ شَكٍّ مُّرِيْبٍ (٥٤) ع٦

ڪيو ويو انهن جهڙن سان اڳي بلاشڪ اهي هئا شڪ ڏوڪي ڏيندڙ ۾

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله سبحانه وتعالىٰ ڪافرن جي اعتراضن جا ڪافي ۽ شافي رد

بيان فرمايا ۽ هتي بيان ڪيو ويو آهي تہ انهن جي نہ مڃڻ جي ڪري ڪين جيڪا سزا ملندي سا ڏسڻ جهڙي آهي الاهي ارشاد آهي " وَلَوۡ تَرَىٰٓ إِذۡ فَزِعُوا۟ فَلَا فَوۡتَ وَأُخِذُوا۟ مِن مَّكَانٖ قَرِيبٖ" ۽ جيڪڏهن ڏسين جڏهن گهبرايل هوندا پوءِ ڪا بہ بچڻ جي صورت نہ هوندي ۽ ويجهيءَ جاءِ کان پڪڙيا ويندا - يعني هي ڪافر هتي ڊاڙون هڻن ٿا مگر اهو وقت عجيب ڏسڻ جهڙو هوندو جڏهن هي ڪافر محشر جو هولناڪ منظر ڏسي گهبرائجي ويندا ۽ ڪيڏانهن ڀڄي نہ سگهندا ۽ ڪين گرفتار ڪرڻ جي لاءِ پري ڳولڻو نہ پوندو بلڪ اتي جو اتي ويجهڙا آسانيءَ سان گرفتار ڪيا ويندا - "فَلَا فَوۡتَ " جي معنیٰ " فَلَا مَخۡلَصَ لَهُمۡ " (١) اي انهن جي لاءِ ڇٽڻ جي جاءِ نہ هوندي . " وَقَالُوٓا۟ ءَامَنَّا بِهِۦ وَأَنَّىٰ لَهُمُ ٱلتَّنَاوُشُ مِن مَّكَانِۭ بَعِيدٖ " ۽ چوندا تہ اسان ان تي ايمان آندو آهي ۽ انهن لاءِ پرانهينءَ جاءِ کان (ايمان) حاصل ڪرڻ ڪٿان(ممڪن) هوندو - مطلب تہ ان وقت چوندا تہ اسان نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام تي ايمان آندو آهي تہ اهو الله جل شانه جو سچو رسول ۽ برحق نبي آهي - (عليہ الصلوٰة والسلام) ۽ هاڻي ايمان حاصل ڪرڻ ڪيئن ٿي سگهندو هاڻي اهي گهڙيون ۽ وقت تہ تمام پراهين جاءِ ۾ هليا ويا جتان اهي حاصل ڪري نہ سگهندا - " وَقَدۡ كَفَرُوا۟ بِهِۦ مِن قَبۡلُ " حالانڪ اڳ ئي ان جو انڪار ڪري وينا - يعني هاڻي ايمان آڻڻ جو ڪهڙو فائدو؟ دنيا ۾ تہ اهي اسان جي رسول عليہ الصلوٰة والسلام جو انڪار ڪندا ۽ ان جي دل آزاريءَ ۾ مشغول رهيا ۽ منهنجي نبي عليہ الصلوٰة والسلام جي ڪمالات جي انڪار ڪرڻ کانسواءِ سندن ٻيو ڪم ئي نہ هو - " وَيَقۡذِفُونَ بِٱلۡغَيۡبِ مِن مَّكَانِۭ بَعِيدٖ " ۽ پرانهين جاءِ کان اڻ ڏٺو اڇلائي هڻن ٿا - مطلب تہ ڪافرن جوهي حال آهي جو بغير ڪنهن عقلي دليل جي پنهنجي ڪفريہ عقائد تي بضد رهن ٿا ڪڏهن الله جي توحيد جو انڪار ڪن ٿا ڪڏهن قرآن کي من گهڙت افسانو سڏين ٿا ڪڏهن قيامت جي عقيدي تي ٺوڪون ڪن ٿا. " مِن مَّكَانِۭ بَعِيدٖ " فرمائي انهن جي بيهوده گفتگو کي ظاهر ڪيو ويو آهي تہ هڪ تہ انڌيري ۾ ٻيو تہ نشان کان گهڻو پري بيهي تير هڻن ٿا جيڪو نشان تي لڳي ئي

(١) صفوة التفاسير صـ ٥٦٠ جلد ٢

ڪونہ ٿو " وَحِيْلَ بَيْنَهُمْ وَبَيْنَ مَا يَشْتَهُوْنَ كَمَا فُعِلَ بِاَشْيَاعِهِمْ مِّنْ قَبْلُ ؕ " ۽ آزوڏي وئي انهن جي وچ ۾ جيڪي خواهش ڪن ٿا انهن جي وچ ۾ جيئن انهن جهڙن سان اڳي ڪيو ويو هو - يعني جنهن شيءِ جي آرزو ڪندا مثلاً ان وقت ايمان مقبول يا نجات يا دنيا ڏانهن واپس ورڻ يا دنيوي لذتون، عيش ۽ آرام، انهن شين ۽ ڪافرن جي وچ ۾ سخت روڪ ۽ بندش قائم ڪئي ويندي، جيئن انهن کان اڳ ۾ گذريل هئن جهڙن ڪافرن جو حشر ٿيو سندن بہ اهڙو ٿيندو - " اِنَّهُمْ كَانُوْا فِيْ شَكٍّ مُّرِيْبٍ " بلاشڪ اهي ڏوڪي ڏيندڙ شڪ ۾ هئا - مطلب تہ اهي قبرن مان اٿڻ ۽ مٿن نازل ٿيڻ واري عذاب لاءِ شڪ ۾ رهندي ڏوکو ڪائي ويا -(١)

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا.

١: " وَلَوْ تَرٰٓى اِذْ فَزِعُوْا " (جيڪڏهن ڏسين جڏهن گهبرايل هوندا) مان واضح ٿيو تہ قيامت جي ڏينهن صرف الله جل شانه جي مڃڻ وارن سچن مومن کان سواءِ ٻيا سڀ حيران، پريشان ۽ مايوس هوندا -

٢: " وَقَالُوْٓا اٰمَنَّا بِهٖ "(۽ چوندا تہ اسان ان تي ايمان آندو آهي) مان واضح ٿيو تہ قيامت جيڏينهن وارو ايمان آڻڻ ڪم نہ ايندو - فرعون ٻڏڻ وقت ايمان آندو ٿي ۽ ٻين ڪيترن هلاڪ ٿيندڙ قومن بہ هلاڪت وقت ايمان آندو پر قبول نہ ڪيو ويو. (٢)

الحمد لله ثم الحمدلله جو مون گنهگار رب العزت جل شانه جي فضل ۽ حبيب ڪريم عليه التحية والتسليم جي نگاه ڪرم سان اڄ خميس جي رات ١٠ لڳي چوڏهن منٽن تي بمؤرخہ ٩ جمادى الاولىٰ ١۴٢۴هہ الموافق ٨ - ٧ - ٢٠٠٣ پنهنجي گهر واريءَ لائبريريءَ ۾ سورة السبا جو تفسير لکي پورو ڪيو رب ڪريم کان دعا آهي تہ باقي رهيل تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين ثم آمين.

الفقير

محمد ادريس الداهري عفي عنه

(١) المظهري صہ ۴٠ جلد ٨ (٢) نور العرفان صہ ٦٩٢ حاشيه عہ ٩

سورة الفاطر جو تعارف

هن سورة مباركه جي تعارف ۾ هي ست "٧" ڳالهيون سمجهڻ نهايت اهم آهن.

نالو مبارڪ:

هي سورة پاڪ ٻن نالن سان مشهور آهي ١- فاطر ٢- "الملائكة" هي ٻئي الفاظ هن سورة جي پهرين ء آيت ۾ مذڪور آهن.

مكيه آهي يا مدنيه؟

هيءَ سورة مكيه آهي ابن الضريس، بخاري، ابن مردويه ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما كان روايت آندي آهي تہ سورة فاطر مكه مكرمه ۾ نازل ٿي هئي ۽ عبدالرزاق ۽ ابن المنذر، قتادة رضي الله عنه كان روايت آندي آهي تہ هيءَ سورة (الملائكة) مكيه آهي. (١)

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد:

هن سورة مباركه ۾ پنج رڪوع، پنجيتاليهہ آيتون، نوسؤ، ستر ڪلما ۽ ٽي هزار هڪ سؤ ٽيهہ حرف آهن (٢)

اڳئين سورة سان ربط ۽ مناسبت

اڳين سورة ۾ مشرڪن ڪي هلاڪ ڪرڻ ۽ انهن ڪي عذاب ۾ وجهڻ جو بيان هو ۽ هن ۾ انهن جي هلاڪت تي الله جل شانه جي حمد ڪرڻ جو ذڪر آهي.(٣)

نزول جو زمانو:

هيءَ سورة نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن جي مڪي عهد ۾ نازل ٿي هئي هن جي مضمونن تي غور ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ سورة سبا ۽ فاطر جي نزول جو زمانو قريب آهي.

مضمون:

جڏهن ڪفر ۽ شرڪ جي انڌيرن ۾ انسانيت جو قافلو تمام گهڻو عرصو ٺوڪرون کائي رهيو هو ۽ اهو انهن انڌيرن ۾ ايترو مستغرق ۽ انهن سان مانوس هو

(١) الدرالمنثور صہ٣ جلد٧ (٢) خازن صہ٤٩٤ جلد٣ (٣) المراغي صہ١٠٣ جزء٢٢ جلد٨

جو انهن ٺوڪرن کائڻ جي باوجود نہ ڪيس ندامت ٿي نہ گھبراهٽ ٿي اهڙن ماڻهن کي انهن انذيرن مان ڪڍي هدايت جي چمڪندڙ رستي تي هلائڻ جو طريقو بيان ڪيو ويو آهي هن ۾ سمجهائڻ سان گڏ تنبيه بہ بيان ٿيل آهي هن ۾ دلجوئي بہ آهي تہ مذمت بہ آهي هن سورة جي پڙهندڙن کي نهايت صراحت ۽ وڏي وضاحت سان ٻڌايو ويو آهي سندن نيڪ ۽ بري عمل جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا هونءَ تہ سورة جي هر آيت معرفت جو خزانو آهي پر هن جا ڪجهہ مضمون خصوصي توجه جا مستحق آهن.

١- توحيد جي عقيدي کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ الله تعالیٰ جي عظمتن ۽ ان جي شانِ ڪبريائي کي بيان ڪيو ويو آهي ان سان گڏوگڏ انهن باطل معبودن جو بي وس هجڻ اهڙي مؤثر انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي جنهن تي غور ڪرڻ سان انسان جون اکيون کلي وڃڻ گهرجن ۽ ان لاءِ اهو فيصلو ڪرڻ مشڪل نہ ٿئي ها تہ الله وحده لاشريڪ له کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي بہ عبادت ڪرڻ عقل ۽ دانائيءَ جي خواري ۽ انسانيت کي نهايت ذليل ڪرڻ آهي جيڪا ذات اهو اختيار رکي ٿي جنهن کي جيئن گهري تيئن پيدا ڪري جيترو گهري عطا ڪري ۽ جڏهن گهري ان کان پنهنجون نعمتون واپس وٺي ۽ زمين ۽ آسمان ۾ ڪابہ اهڙي قوت ناهي جو ان جي رضا ۽ مرضيءَ کانسواءِ ان جي فيصلي ۾ تبديلي ڪري تہ اهو ئي قوي ۽ غالب ساري ڪائنات جو معبود ۽ پروردگار آهي ان کانسواءِ ڪير بہ ناهي جنهن کي الله مڃجي يا ان جي پوڄا ڪئي وڃي ان مضمون کي هن سورة ۾ ڪيترا ڀيرا مختلف انداز سان بيان ڪيو ويو آهي تانت پڙهندڙ جي ذهن ۾ توحيد جو سبق پوري طرح نقش ڪيو وڃي.

٢- الله جل شانه جو محبوب نبي ۽ برگزيدو پيغمبر عليه الصلوٰة والسلام جيڪو سراپا رافت ۽ رحمت بنجي تشريف فرما ٿيو هو جنهن جي پاڪ دل ۾ شفقت ۽ خلوص جو سمنڊ موجون هڻندڙ هو جنهن جي اولوالعزم هجڻ جي هيءَ تقاضا هئي تہ انسانيت جي دامن تي ڪفر ۽ فسق جو ڪو نشان بہ باقي نہ رهي پليل ۽ پٽڪيل انسان منزل کان پري، گھٽو پري، عاجز ٿيل انسان وري پاڻ کي سڃاڻي، ان جو سينو لدني علم جو مخزن بنجي، ان جي پيشاني انساني سعادت جو

عنوان بنجي تانت ملائڪ ان جا سلامي ٿين اهو رؤف، رحيم، رهبر، اولوالعزم هادي ڪافرن جي عناد ۽ بي جا تعصب کي ڏسي ڏاڍو ڏکوئجندو هو هن سورة ۾ الله جل شانه بار بار پنهنجي ان محبوب عليه الصلواة والسلام کي تسلي ڏيندو رهيو آهي تہ اي حبيب! اوهان تہ پنهنجي ذميداري نهايت سهڻي نموني ادا ڪئي آهي جيڪڏهن هي هدايت قبول نہ ٿا ڪن تہ اوهان غمگين نہ ٿيو اوهان کان اڳي بہ جيڪي انبياءَ (علیٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام) آيا هئا انهن جي قومن بہ انهن سان اهڙو سلوڪ ڪيو هو.

٣۔ جيڪي ماڻهو سڌي رستي کي ڇڏي پنهنجي واٽ اختيار ڪن ٿا صاف، سهڻي، پاڪيزه زندگيءَ جي بجاءِ فسق ۽ فجور سان پريل، غليظ زندگي گذارين ٿا هن سورة ۾ انهن جي اسباب جو بہ ذڪر ڪيل آهي پهريون سبب هي ٻڌايائين تہ دنيوي حياتيءَ جي چمڪ انهن جي اکين کي ڏسڻ کان عاجز ڪري ڇڏيو آهي دنياوارا جنهن سرور، عيش، جاه ۽ جلال سان پنهنجو وقت گذارين ٿا انهن کي ڏسي ٻين ماڻهن جي دلين ۾ بہ انهن سان ريس پيدا ٿئي ٿي اهي بہ گهرن ٿا تہ انهن کي بہ اهڙو عيش، خوشي ۽ آرام حاصل ٿئي پر اهي ان تي غور نہ ٿا ڪن تہ ان ۾ تمام گهڻا خوفناڪ انڌيرا آهن جيڪي کين نظر نہ ٿا اچن ٻيو وجه هي آهي تہ جيتوڻيڪ انساني فطرت طبعي طور گناهن کان متنفر هوندي آهي پر سندن اڳيان انهن گناهن کي شيطان اهڙي طرح ناهي، سينگاري پيش ڪري ٿو جو اهي ان تي عاشق ٿيو پون ٿا ۽ فطرت سليمه جي پر زور احتجاج جي باوجود اهي گناهن جي ڏيڻ ۾ ڦاسندا وڃن ٿا ايتري قدر جو پنهنجو نقد دين، ايمان بلڪ ناموس ۽ مروت کي بہ افسوس ۽ ارمان ڪرڻ کان سواءِ هن واٽ ۾ لٽائن ٿا آيت نمبر٥ ۽ نمبر٦ ۾ وڏي وضاحت سان تنبيه ڪئي وئي آهي تہ اي انسانو! ڪن کولي ٻڌو اوهان کي دنيوي زندگيءَ جو هي ٺٺ حق جي رستي کان برگشته نہ ڪري هي رج آهي جيڪا اوهان کي پري کان پاڻي نظر اچي ٿي شيطان ۽ ان جا ڇڏيل چاڙتا پنهنجن سٽين ڳالهين سان اوهان کي گناهن، برائين ۽ بيحيائين جو عادي بنائين ٿا. ياد رکو شيطان اوهان جو ازلي دشمن آهي پنهنجي سلامتي گهرو ٿا تہ ان کي پنهنجو دشمن ئي سمجهو نہ تہ اهو اوهان کي جهنم جي تري ۾ پهچائي ڇڏيندو الله جل شانه وڏو

ڪرم ڪري اسان کي اسان جي دشمن جي فريب ۽ ڌوکي کان آگاه فرمايو آهي.

۴- پهريائين پنهنجي قدرت، حڪمت ۽ ڪبريائيءَ جا تڪويني دليل پيش فرمائي ان ۾ فڪر ۽ تدبر جي دعوت ڏني اٿس ان کان پوءِ ٻڌايائين ته الله جل شانه جي ٻانهن مان اهل علم ئي ان کان ڊڄن ٿا ۽ ان طرح اهل علم جي عزت افزائي فرمائي اٿس ۽ اهو به ٻڌايو اٿس ته اهل علمِ اهي آهن جيڪي رباني آيتن ۾ غور وفڪر ڪندا آهن ۽ انهن اسرار ۽ رموز جو سراغ لڳائيندا آهن جيڪي ڪائنات جي مختلف روپن ۾ جلوه نما آهن آخر ۾ ارشاد آهي ته: جيڪڏهن الله جل شانه حليم ۽ ڪريم نه هجي ها ته هر بدڪار کي اک ڇنڀ ۾ نيست ۽ نابود ڪري ڇڏي ها پر ان جي حڪمت جي تقاضا اها آهي ته ماڻهن کي وري وري پير سنڀالڻ جي مهلت ڏي ۽ انهن تي هدايت قبول ڪرڻ جا رستا کليل هجن ۽ مقرر وقت کان اڳي جيڪو گهري اچي ۽ خداوندي رحمت سان پنهنجي دامن کي معمور رکي.

پلايون ۽ برڪتون:

هيءَ سورة نهايت شان ۽ مرتبي واري آهي اصحابي سڳورا رضي الله عنهم هن کي نهايت پيار سان پڙهندا هئا ابن سعد ابن ابي مليڪه رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: مان هن سورة کي رات جو نفل پڙهندي هڪ رڪعت ۾ پورو ڪندو هوس (١)علماءَ عاملين، اوراد وظائف پڙهڻ وارن پلارن لکيو آهي ته: جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪنهن حاڪم ۾ ڪو ڪم هجي ته هيءَ سورة ٧٥ ڀيرا پڙهي دعا گهري وڃي ته جيڪو به ڪم هوندو آسانيءَ سان تي ويندو. باذن الله ومشيته تعالیٰ.



(١) الدرالمنثور ص٣ جلد٧

وَهِيَ خَمْسٌ وَّاَرْبَعُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْفَاطِرِ مَكِّيَّةٌ	وَخَمْسُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها پنجيتاليھ آيتون	سوره فاطر مكيه آهي	۽ پنج رڪوع آهن
	بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ	

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ

سڀ ساراهه الله جي لاءِ (ثابت) آهي جيڪو پيدا ڪندڙ آهي آسمانن

وَالْاَرْضِ جَاعِلِ الْمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا اُولِيْٓ اَجْنِحَةٍ مَّثْنٰى وَ

۽ زمين جو بنائيندڙ ملائڪن جو قاصد جيڪي ٻن ٻن ۽

ثُلٰثَ وَرُبٰعَ ؕ يَزِيْدُ فِى الْخَلْقِ مَا يَشَآءُ ؕ

ٽن ٽن ۽ چئن چئن پرن وارا آهن وڌائي ٿو خلقت ۾ جيڪي گھري

اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ (١) مَا يَفْتَحِ اللّٰهُ لِلنَّاسِ

بيشڪ الله هر شيءِ تي قادر آهي جيڪي کوليندو الله ماڻهن جي لاءِ

مِنْ رَّحْمَةٍ فَلَا مُمْسِكَ لَهَا ۚ وَمَا يُمْسِكْ ۙ

رحمت مان پوءِ ناهي ڪو بند ڪندڙ ان جي لاءِ ۽ جيڪي بند ڪندو

فَلَا مُرْسِلَ لَهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖ ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ .(٢)

پوءِ ناهي ڪو موڪليندڙ ان جو ان کان پوءِ ۽ اهو ئي غالب، حڪمت وارو آهي

تفسير:

جيئن سورة سبا الحمد سان شروع ڪيل آهي تيئن هن سورة کي بہ الحمد سان شروع ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ جَاعِلِ الْمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا اُولِيْٓ اَجْنِحَةٍ مَّثْنٰى وَثُلٰثَ وَرُبٰعَ" سڀ ساراهہ ان الله جي لاءِ ثابت آهي جيڪو آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪندڙ، ملائڪن کي قاصد بنائيندڙ آهي جيڪي ٻن ٻن ۽ ٽن ٽن ۽ چئن چئن پرن وارا آهن حمد ڪنهن جي اختياري ڪمالات تي ان جي توصيف ۽ ثنا ڪرڻ کي چوندا آهن چو تہ حقيقت ۾ الله جل شانہ جي ذات ئي سڀني ڪمالات اختياريہ سان موصوف آهي ان جي ڪري حقيقي حمد ۽ ثنا جو بہ اهو ئي لائق آهي ۽ ٻئي ڪنهن ۾ بہ جيڪڏهن ڪا خوبي يا ڪمال لڌو وڃي ٿو تہ اهو الله جل شانہ جو ئي عطا ڪيل آهي ان جي ڪري جيڪڏهن ڪنهن بہ ٻيءَ شئي جي ثنا ڪئي وڃي تہ درحقيقت اها الله جل شانہ جي ئي ثنا آهي جنهن ان شخص يا شئي کي ان ڪمال ۽ خوبيءَ سان متصف رکيو آهي ۽ هتي الله جل شانہ جي قدرتي ڪمالات جو ڪجهہ ذڪر ڪيل آهي "فاطر" فطر کان ورتل آهي ڪنهن شيءِ کي ڪنهن پهرئين نموني ڏسڻ کان سواءِ ناهڻ ۽ خالص عدم مان وجود ۾ آڻڻ کي فطر سڏيندا آهن مطلب تہ الله جل شانہ جي پاڪ ذات اها آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڪنهن پهرئين نموني ڏسڻ کان سواءِ نيست مان هست بنايو ۽ جنهن ايڏي وڏي مخلوق کي ائين سينگاري، سهڻو ڪري ناهيو آهي ۽ اها ايڏي مضبوط آهي جو اڻ ڳڻيا سال گذرڻ جي باوجود ان ۾ ڪنهن ذاريا پراڻي هجڻ جو ڪو نشان نظر نہ ٿو اچي تہ ان جي علم، قدرت ۽ حڪمت جو اندازو ڪيئن لڳائي سگهبو ۽ الله جل شانہ جي قدرت جو ٻيو ڪمال هي آهي جو ان پنهنجن رسولن ۽ نبين عليهم الصلواة والسلام تائين پيغام پهچائڻ جي خدمت پنهنجن ملائڪن جي ذمي لڳائي آهي اهي الاهي بارگاه مان وحي وٺي پيغمبرن سڳورن عليهم الصلوٰة والسلام تائين پهچائيندا

آهن ۽ ڪڏهن ڪاملن ولين کي الهام ۽ القاءَ سان مشرف ڪندا آهن ۽ انهن فرشتن مـان ڪنهن کي ٻه ٻه، ڪنهن کي ٽي ٽي ته ڪنهن کي چار چار پر به ڏنا اٿس ۽ ڪي اهڙا جليل القدر ملائڪ آهن جن کي اڃان وڌيڪ پر عطا فرمايا اٿس جيئن محدث مسلم حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته "رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جبريل کي ڇهه سؤ پر ڏٺا" مذڪوره فرمان سان هڪ طرف ملائڪن جي قوت ۽ غير معمولي صلاحيتن جو اظهار ڪيو ويو ته ٻئي طرف انهن ماڻهن جي باطل گمـان جي ترديد ڪئي وئي جيڪي انهن کي پنهنجو خدا مڃيندا هئا هتي ٻڌايو ويو ته اهي الله جل شانه جا پيدا ڪيل نوري مخلوق ۽ سندس نهايت ئي فرمانبـردار آهن اهي الله جل شـانه جي حڪم جي تعميل ۾ ذرا برابر به سستي نه ڪندا آهن. (١) "يَزِيْدُ فِى الْخَلْقِ مَايَشَآءُ" پيدائش ۾ جيڪي گهري وڌائي ٿو يعني الله جل شانه کي سڀ اختيار آهي پنهنجيءَ مخلوق کي پيدا ڪرڻ ۾ جيئن گهري جيترو ۽ جهڙي نموني گهري وڌائي ٿو ان جو تعلق ظاهر ۾ ته ملائڪن جي پرن سان آهي جو انهن جا پر جيترا به وڌائي ته وڌائي سگهي ٿو اڪثر مفسرن جو اهو قول آهي پر تفسير جي فن ۾ امامت جي درجي کي پهچندڙن زهري، قتاده وغيره جو قول آهي ته وڌائڻ مان مراد عام آهي ملائڪن جا پر ۽ ٻئي مخلوق ۾ واڌارو ڪرڻ سڀ ان ۾ داخل آهي جنهن ۾ حُسن صورت، حُسن سيرت، آواز وغيره جو سهـڻو هجڻ سڀ شـامل آهي. (٢) "اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" بلاشڪ الله هر شيءِ تي قـادر آهي يعني الله جل شانه هڪ شئي کي ٻئي جي مٿان جسم، قوت، حسن، علم ۽ ٻين بي شمار ڪمالات ۾ جهڙي طرح گهري ٿو برتري ۽ بزرگي عنايت فرمائي ٿو اهو ئي (سندس شان جي موافق) هر شئي تي قادر آهي ڪوبه امر ان جي لاءِ ڏکيو ناهي ۽ نه ان جي عطا تي ڪنهن کي اعتراض ڪرڻ جو حق آهي "مَايَفْتَحِ اللّٰهُ لِلنَّاسِ مِنْ رَّحْمَةٍ فَلَا مُمْسِكَ لَهَا ۚ وَمَا يُمْسِكْ ۙ فَلَا مُرْسِلَ لَهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" الله ماڻهن جي لاءِ جيڪا رحمت کولي ٿو ان لاءِ ڪو بند

(١) ضياء القرآن صـ١٣٩ جلد ٤ (١) معارف القرآن صـ٣١٧ جلد ٧

ڪندڙ ناهي ۽ جيڪا بند ڪري ٿو پوءِ ان لاءِ ڪو موڪليندڙ ناهي مطلب تہ ان جي رحمت بي پايان آهي ان جي رحمت ڪرڻ جا انداز نرالا آهن اهو جنهن جي لاءِ بہ پنهنجي رحمت جا دروازا کولي ٿو ڪنهن کي مجال ناهي جو ان کي جبرًا بند ڪري ۽ جيڪڏهن اهو پنهنجي رحمت جا دروازا ڪنهن جي لاءِ بند ٿو ڪري تہ ڪوبہ انهن کي زبردستي کولي نہ ٿو سگهي "وَهُوَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ" ۽ اهو ئي غالب حڪمت وارو آهي يعني اهو جيڪو امر گهري تہ ان جي ڪرڻ تي غالب آهي ڪنهن لاءِ رحمت جا دروازا کولي ڪنهن جي لاءِ بند ڪري، حڪمت وارو آهي جيئن سندس حڪمت جي تقاضا هوندي آهي تيئن ڪندو آهي. (۱)

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

۱۔ "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" (سڀ ساراهہ آسمانن ۽ زمين جي پيدا ڪندڙ جي لاءِ ثابت آهي) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه جي انعام ۽ احسان تي ان جو شڪر ۽ حمد ڪرڻ ضروري آهي.

۲۔ "جَاعِلِ الْمَلٰٓئِكَةِ رُسُلًا" (ملائڪن کي قاصد بنائيندڙ) مان واضح ٿيو تہ سيدنا محمد عليه الصلواة والسلام جي رسالت ۽ نبوت حق آهي جو ملائڪ سندن خدمت ۾ پيغام کڻي ايندا هئا.

۳۔ "اِنَّ اللّٰهَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" (بلاشڪ الله (سندس شان جي مناسب) هر شئي تي قادر آهي) مان واضح ٿيو تہ ڀلائي حاصل ڪرڻ ۽ نقصان کان بچاءَ وٺڻ جي لاءِ ان ذاتن رجوع ڪجي ڇو تہ اهو ئي قادر آهي پر هر شئي تي قادر هجڻ مان مراد اها شيءِ يا ڪم آهي جيڪو سندس شان جي لائق ۽ مناسب آهي ڪي ماڻهو لکي ويا تہ الله جل شانه ڪوڙ هڻڻ تي بہ قادر آهي اهو سراسر گمراهي ۽ بي ديني آهي ڪوڙ هڻڻ الله جل شانه جي شان جي لائق ۽ مناسب ناهي.

(۱) تنوير الاذهان صـ۲۸۰ جلد۳

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ ؕ هَلْ مِنْ خَالِقٍ

اي انسانو! ياد ڪيو الله جي نعمت کي اوهان تي ڇا ڪو پيدا ڪندڙ آهي

غَيْرُ اللّٰهِ يَرْزُقُكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ وَالْاَرْضِ ؕ

الله کان سواءِ؟ جيڪو روزي ڏي تو اوهان کي آسمان ۽ زمين مان

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۫ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ (٣)

ناهي ڪو عبادت جو حقدار ان کان سواءِ پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا وڃو ٿا؟

وَاِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كُذِّبَتْ رُسُلٌ

۽ جيڪڏهن ڪوڙو ڀانئين ٿا تو کي پوءِ تحقيق ڪوڙا ڀانيا ويا ڪيترا رسول

مِّنْ قَبْلِكَ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ (۴)

تو کان اڳي ۽ الله ڏانهن موٽايا وڃن ٿا (سڀ) ڪم

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ

اي انسانو! بلاشڪ الله جو وعدو حق آهي پوءِ هرگز نه مغرور ڪري اوهان کي

الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وقفة وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ (۵)

حياتي دنياواري ۽ هرگز نه ٺڳي اوهان کي الله سان ٺڳي ڪندڙ

اِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمْ عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوْهُ عَدُوًّا ؕ اِنَّهٗ

بلاشڪ شيطان اوهان جو دشمن آهي پوءِ ان کي دشمن ڪري وٺو بلاشڪ

يَدۡعُوۡا حِزۡبَهٗ لِيَكُوۡنُوۡا مِنۡ اَصۡحٰبِ السَّعِيۡرِ (٦)

سـڏي ٿـو پنهنجي لشـڪـر کي تانتـہ هجن دوزخين مـان

تفسير:

الله جل شانه اڳين آيتن ۾ پنهنجي قدرتي ڪمالات تي حمد جو ذڪر فرمايو ۽ هتي ٻانهن کي سندس ڪيل نعمت کي ياد ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ارشاد فرمايو "يٰۤاَيُّهَا النَّاسُ اذۡكُرُوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ عَلَيۡكُمۡ ؕ هَلۡ مِنۡ خَالِقٍ غَيۡرُ اللّٰهِ يَرۡزُقُكُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ وَالۡاَرۡضِ ؕ لَاۤ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۫ فَاَنّٰى تُؤۡفَكُوۡنَ" اي انسانؤ! اوهان ٻاڻ تي ڪيل الله جي نعمت کي ياد ڪيو ڇا الله کان سواءِ ٻيو ڪو پيدا ڪندڙ آهي جيڪو اوهان کي آسمان ۽ زمين مان رزق رسائي ٿو؟ ڪوبہ ان کان سواءِ عبادت جو لائق ناهي پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا وڃو ٿا؟ مطلب تہ الله جل شانه جي نعمت پوءِ ايجادي هجي يا ابقائي (وجود ڏيڻ واري يا باقي رکڻ واري) ان کي ياد ڪيو ۽ سوچيو تہ اوهان کي الله ڪانسواءِ ڪو پيدا ڪندڙ نظر اچي ٿو جيڪو اوهان کي آسمان ۽ زمين مان رزق رسائي ٿو جڏهن ٻيو ڪونہ خالق آهي نہ رازق تہ پوءِ هڪ الله جل شانه ئي عبادت جو لائق آهي صرف ان هڪ جي عبادت ڪيو ان کي ڇڏي ٻئي پاسي ڪيئن ٿا ڦيرايا وڃو؟ ڪيڏانهن ٿا هلندا وتو الله جل شانه جي حق کي سڃاڻي صرف ان جي عبادت ڪيو.(١) "وَاِنۡ يُّكَذِّبُوۡكَ فَقَدۡ كُذِّبَتۡ رُسُلٌ مِّنۡ قَبۡلِكَ" ۽ جيڪڏهن اوهان کي سچو نہ ٿا مڃن تہ بلاشڪ اوهان کان اڳي موڪليل پيغمبر (علیٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام) بہ سچا نہ مڃيا ويا هئا. هتي الله جل شانه پنهنجي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام کي تسلي ڏيندي فرمايو تہ ڪافرن صرف اوهان کي ڪوڙو نہ چيو آهي اها ڪافرن جي پراڻي عادت آهي جو اڳين نبين علیٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام کي بہ سندن دور جي ڪافرن ڪوڙو چيو هو پوءِ جيئن اهي مايوس نہ ٿيا هئا تيئن اوهان بہ مايوس نہ ٿيو پنهنجي طرفان حق جي پيغام رسائيءَ جو سلسلو

(١) المراغي صـ١٠٦ جزء٢٢ جلد٨

جاري رکو "وَاِلَى اللهِ تُرْجَعُ الْاُمُوْرُ" ۽ الله ڏانهن ئي سڀ امر موٽايا وڃن ٿا مطلب تہ هر شئي. هر امر الله جل شانه ڏانهن موٽايو وڃي ٿو ۽ موٽايو ويندو پوءِ اهو ئي هر ڪنهن کي جزا ۽ سزا ڏيندو ڀيو ڪير بہ ڪجهہ ڪري نہ سگهندو (١) "يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنَّ وَعْدَ اللهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللهِ الْغَرُوْرُ" اي انسانؤ! بيشڪ الله جو وعدو حق آهي پوءِ اوهان کي دنيا جي حياتي هرگز مغرور نہ ڪري ۽ نہ اوهان کي هرگز ٺڳيندڙ ٺڳي يعني الله جل شانه جو قيامت وغيره وارو وعدو حق ۽ سچ آهي اوهان کي ان تي ايمان آڻڻ کان دنيوي حياتي مغرور ڪري ڌوڪي ۾ نہ رکي ۽ نہ اوهان کي الله جل شانه جي طرفان ڍر ۽ مهلت ڏيڻ جي ڪري ٺڳي شيطان ڪندڙ ٺڳي ڇڏي "اِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمْ عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوْهُ عَدُوًّا" بلاشڪ شيطان اوهان جو دشمن آهي پوءِ اوهان بہ ان کي دشمن ڪري وٺو يعني شيطان اوهان جو وڏو ۽ حضرت آدم علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جي دور کان وٺي پراڻو دشمن آهي ان جي ڪري اوهان بہ ان کان بچندي هرحال ۾ ان کي دشمن سمجهو ان جو ڪوبہ چوڻ نہ ڪيو لڪ ۾ يا کليل ان کي پنهنجو سخت دشمن ۽ ويري ڪري وٺو (٢) "اِنَّمَا يَدْعُوْا حِزْبَهٗ لِيَكُوْنُوْا مِنْ اَصْحٰبِ السَّعِيْرِ" اهو پنهنجي لشڪر کي ان جي لاءِ سڏيندو آهي تہ اهي جهنم وارن مان هجن - مقصد تہ ان جو غرض صرف پنهنجي مڃڻ وارن کي جهنمي بنائڻ هوندو آهي بعضي سلف صالحن جو قول آهي تہ "ان ماڻهوءَ تي عجب آهي جيڪو پنهنجي محسن جي احسانن کي مڃڻ جي باوجود ان جي بي فرماني ڪري ۽ پنهنجي دشمن کي سڃاڻي ان جي دشمنيءَ ڄاڻڻ جي باوجود ان جي فرمانبرداري ڪري (٣)

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١- "اُذْكُرُوْا نِعْمَتَ اللهِ" (الله جي نعمت ياد ڪيو) مان واضح ٿيو تہ الله جي هر نعمت ياد ڪرڻ ان جو ذڪر ڪرڻ عبادت آهي پوءِ اهو اڪيلائيءَ ۾ ڪجي يا جماعت ۾ جيئن ميلاد شريف جي ذڪر جي محفل وغيره اهڙي طرح اولياءَ ڪرام جي ياد ۾ اجتماع ڪري انهن جي مٿان ٿيل انعامات ۽ سندن فيوضات وبرڪات کي

(١) فتح القدير صـ٣٣٨ جلد٤ (٢) الصاوي صـ٢٨٧ جزء٣ (٣) التفسير الواضح الميسر صـ١٠٨١

بيان ڪرڻ بہ ڀلو ڪم آهي ان شرط سان جو انهن پروگرامن ۾ غير شرعي ڳالهيون يا ڪم نہ هجن.

٢- "هَلْ مِنْ خَالِقٍ غَيْرُ اللهِ" ڇا الله کان سواءِ ڪو پيدا ڪندڙ آهي) يقيناً ٻيو ڪوبہ خالق ناهي هن مان معتزلن جي مذهب جو رد ثابت ٿيو جيڪي چوندا آهن تہ ٻانهي جو خالق خدا آهي پر عملن جو خالق ٻانهو آهي قرآن ڪريم جي اطلاق مان واضح ٿيو تہ ٻانهي توڙي ان جي اعمال جو خالق الله جل شانه آهي ۽ ٻانهو صرف ڪاسب ڪم ڪندڙ آهي.

٣- "يَرْزُقُكُمْ" (اوهان کي رزق ڏيندو آهي) مان واضح ٿيو تہ روزي ڏيندڙ الله جي ئي عبادت ڪجي ٻيا جيڪي روزيءَ جا ذريعا ۽ اسباب آهن اهي عبادت جا لائق ناهن اهي پاڻ بہ الله جل شانه جا پيدا ڪيل آهن.

۴- "فَقَدْ كُذِّبَتْ رُسُلٌ مِّنْ قَبْلِكَ" (پوءِ بلاشڪ اوهان کان اڳي بہ پيغمبر علیٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام ڪوڙا ڪيا ويا) هن حصي ۾ حضور عليه الصلواة والسلام جن کي تسلي ڏيڻ مان واضح ٿيو تہ سندن دل کي خوش ڪرڻ، سندن غم دور ڪرڻ سنت الاهي آهي.

۵- "فَاتَّخِذُوهُ عَدُوًّا" (پوءِ اوهان بہ ان کي دشمن ڪري وٺو) هنن لفظن کي پڙهي صوفياءِ ڪرام فرمايو تہ: اسان انسانن جي ڪري الله جل شانه شيطان کي اسان جي مستقبل واري مستقل گهر جنت مان ڪڍيو تہ اسان کي الله جي ذڪر جي مرڪز دل مان شيطان کي ڪڍڻ گهرجي (١)

اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ۚ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

جن ڪفر ڪيو انهن جي لاءِ سخت عذاب آهي ۽ جن ايمان آندو

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِيْرٌ ع (٧) اَفَمَنْ

۽ عمل صالح ڪيا انهن جي لاءِ مغفرت ۽ وڏو اجر آهي ڇا پوءِ اهو

(١) نور العرفان ص ٦٩۴

زُيِّنَ لَهٗ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ فَرَاٰهُ حَسَنًا ؕ فَاِنَّ

جو سينگاريو ويو ان جي لاءِ برو عمل ان جو پوءِ ڏٺائين ان کي سهڻو پوءِ بيشڪ

اللّٰهَ يُضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ۖ فَلَا تَذْهَبْ

الله گمراهه ڪري ٿو جنهن کي گهري ۽ هدايت ڪري ٿو جنهن کي گهري پوءِ نه نڪري وڃي

نَفْسُكَ عَلَيْهِمْ حَسَرٰتٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ

ساه (مبارڪ) تنهنجو انهن تي افسوس ڪندي بيشڪ الله ڄاڻندڙ آهي

بِمَا يَصْنَعُوْنَ (٨) وَاللّٰهُ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ الرِّيٰحَ فَتُثِيْرُ

جيڪي ڪن ٿا ۽ الله اهو آهي جنهن موڪليو هوائن کي پوءِ ڪنيائون

سَحَابًا فَسُقْنٰهُ اِلٰى بَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَحْيَيْنَا

ڪڪر کي پوءِ وٺي ويا سون ان کي شهر ويران ڏانهن پوءِ آباد ڪيو اسان

بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ كَذٰلِكَ النُّشُوْرُ (٩)

ان سان زمين کي ان جي ويران هجڻ کان پوءِ اهڙي طرح اٿڻ آهي

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعِزَّةَ فَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ

جيڪو ارادو ڪري ٿو عزت جو پوءِ بلاشڪ عزت الله جي آهي

جَمِيْعًا ؕ اِلَيْهِ يَصْعَدُ الْكَلِمُ الطَّيِّبُ وَالْعَمَلُ الصَّالِحُ يَرْفَعُهٗ ؕ

سموري ان ڏانهن ئي چڙهي ٿو ڪلمو پاڪ ۽ عمل صالح بلند ڪري ٿو ان کي

وَالَّذِيْنَ يَمْكُرُوْنَ السَّيِّاٰتِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ ط

۽ اهي پاڻهـا جو رٿ ڪن ٿا برايـن جي انـهن جي لاءِ عـذاب سخت آهي

وَمَكْرُ اُولٰٓئِكَ هُوَ يَبُوْرُ (١٠) وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ

۽ رٿ انـهـن جي اها ئي ٽٽندي ۽ الله پيدا ڪيو اوهان کي

مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ جَعَلَكُمْ اَزْوَاجًا ط

مٽيءَ مـان ان کان پوءِ منيءَ جي ڦڙي مان ان کان پوءِ بنايائين اوهان کي جوڙو جوڙو ڪري

وَمَا تَحْمِلُ مِنْ اُنْثٰى وَلَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلْمِهٖ ط

۽ نـہ ٿي حـمل واري ٿـئي ڪا عـورت ۽ نـہ ٿي ڄڻي ان جي علم کـان سـواءِ

وَمَا يُعَمَّرُ مِنْ مُّعَمَّرٍ وَّلَا يُنْقَصُ مِنْ عُمُرِهٖٓ

۽ نـہ ٿو عمر ڏنو وڃي ڪو وڏي عمر وارو ۽ نـہ ٿي گهٽتائي ڪئي وڃي ان جي عمر مان

اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ ط اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ (١١)

مگر (اهو سڀ ڪجهـ) ڪتاب ۾ لکيل آهي بلاشڪ اهو الله کي آسان آهي

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ذڪر ڪيو ويو تہ شيطان پنهنجي لشڪر کي جهنم ڏانهن سڏي ٿو ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ شيطان جي تابعن لاءِ سخت عذاب آهي فرمان مبارڪ آهي "اَلَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ" جن ڪفر ڪيو انهن جي لاءِ سخت عذاب آهي. يعني ڪافرن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن سخت عذاب آهي "وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِيْرٌ" ۽ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا انهن

جي لاءِ مغفرت ۽ وڏو ثواب آهي يعني جن الله جل شانه ۽ ان جي رسول عليه الصلوٰة والسلام کي سچو ڄاتو ۽ صالح عمل ڪيا انهن جي لاءِ گناهن جي مغفرت ۽ ايمان ۽ نيڪ عملن جو وڏو ثواب آهي "اَفَمَنْ زُيِّنَ لَهٗ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ فَرَاٰهُ حَسَنًا" ڇا پوءِ جنهن جي لاءِ سندس برو عمل سينگاريو ويو پوءِ ان کي سهڻو ڪري ڏٺائين مفسرن پلارن لکيو آهي ته هن جمله کان پوءِ ٻيو جمله مقدر آهي جنهن تي پويون جمله دلالت ڪري رهيو آهي پورو جملو هيئن ٿيندو" ڇا اهڙا ماڻهو جيڪي پنهنجن برن عملن کي سهڻو سمجهن ٿا انهن جي لاءِ اوهان پاڻ کي تڪليف ۾ وجهو ٿا؟ "فَاِنَّ اللّٰهَ يُضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ" پوءِ بيشڪ الله جنهن کي گهري ٿو گمراهه ٿو ڪري ۽ جنهن کي گهري ٿو هدايت ٿو ڪري يعني الله جل شانه پنهنجي علم سان ڄاڻي ٿو ته اهي ماڻهو گمراهه ٿيندا سندن طبيعتون گناهن ڏانهن مائل آهن ڪين مجبور نه ٿو ڪري ان جو مطلب اهو ناهي ته الله جل شانه ان جي گمراهيءَ کان راضي آهي "فَلَا تَذْهَبْ نَفْسُكَ عَلَيْهِمْ حَسَرٰتٍ" پوءِ اوهان جو ساهه (مبارڪ) انهن تي افسوس ڪندي نه نڪري مطلب ته اوهان انهن نه مڃڻ وارن تي افسوس ڪندي پاڻ کي تڪليف ۾ ڇو ٿا وجهو اهي پنهنجي ئي گناهن جي ڪري سزا جا مستحق بڻيا آهن "اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِمَا يَصْنَعُوْنَ" بيشڪ الله جيڪي ڪن ٿا ڄاڻندڙ آهي يعني اهي جيڪي برايون ۽ خرابيون ڪن ٿا يقينًا الله اهي سڀئي ڄاڻندڙ آهي ۽ اهو ئي ڪين انهن جي سزا ڏيندو "وَاللّٰهُ الَّذِيْٓ اَرْسَلَ الرِّيٰحَ فَتُثِيْرُ سَحَابًا فَسُقْنٰهُ اِلٰى بَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَحْيَيْنَا بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا" ۽ الله اهو آهي جنهن هوائون موڪليون پوءِ اهي ڪڪرن کي کڻن ٿيون اسان انهن کي ويران شهر ڏانهن وٺي ويا سون پوءِ ان سان ويران زمين کي ان جي برباد ٿيڻ کان پوءِ آباد ڪيو سون يعني الله جل شانه جي قدرت جو هي نظارو ڏسو ته هوائون موڪلي انهن جي ذريعي ڪڪر ڪٽائي انهن کي ويران شهر ڏانهن پهچائي انهن مان مينهن وسائي ويران ٿيل زمين کي آباد ڪري ٿو "كَذٰلِكَ النُّشُوْرُ" اهڙي طرح اٿڻ آهي يعني جيئن ويران زمين مان مينهن وسائي ساوا سلا ڪدي ٿو تيئن ماڻهن کي قبرن مان ٻاهر ڪڍندو ان جي اڳيان

ڪابہ ڳالھہ ڏکي ناهي. هن آيت ۾ انهن جي لاءِ رهنمائي آهي جيڪي مرڻ کان پوءِ جيئري ٿيڻ کي مشڪل بلڪ ناممڪن سمجهندا آهن.

"مَنْ كَانَ يُرِيْدُ الْعِزَّةَ فَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ جَمِيْعًا" جيڪو عزت جو ارادو ڪري ته پوءِ بلاشڪ سموري عزت الله جي لاءِ آهي. يعني جيڪو عزت جو طالب آهي ان کي ذهن نشين ڪرڻ کپي ته سموري عزت جو مالڪ صرف الله جل شانه آهي جنهن کي عزت ملي آهي ته ان جي بارگاه مان ملي آهي ان جي ڪري ان جي ئي بارگاه ۾ سر بسجود رهو ان جي عبادت ۽ اطاعت کي پنهنجو شعار بنايو ته اهو اوهان کي بہ نوازيندو ۽ عزت بخشيندو.

"اِلَيْهِ يَصْعَدُ الْكَلِمُ الطَّيِّبُ وَالْعَمَلُ الصَّالِحُ يَرْفَعُهٗ" ان ڏانهن ئي چڙهن ٿا پاڪ ڪلما ۽ صالح عمل ان کي بلند ڪري ٿو "اَلْكَلِمُ الطَّيِّبُ" جي معنيٰ پاڪ ڪلمه ان مان مراد ذڪر، تلاوت ۽ دعا آهي ابن جرير حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنہ کان روايت آندي آهي تہ جڏهن ڪو مسلمان "سُبْحَانَ اللهِ وَبِحَمْدِهٖ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ تَبَارَكَ اللهُ" چوي ٿو تہ انهن جملن کي هڪ ملائڪ پنهنجن پرن جي هيٺان محفوظ ڪري آسمان ڏانهن چڙهي ٿو پوءِ ملائڪن جي جنهن بہ ميڙ کان لنگهي ٿو تہ اهي ان جي چوندڙ جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪن ٿا تان جو اهو انهن جملن کي کڻي الله جي بارگاه ۾ پهچي ٿو ان کان پوءِ حضرت ابن مسعود رضي الله عنه هيءَ آيت تلاوت ڪئي حضرت ابن عباس رضي الله عنه جو فرمان آهي تہ "اَلْكَلِمُ الطَّيِّبُ" الله جو ذڪر آهي (١) ۽ عمل صالح ان کي بلند ڪري ٿو مان مراد آهي تہ پاڪ ڪلام الله جي بارگاه ۾ قبوليت جو شرف حاصل ڪري ٿو جيڪڏهن ان سان گڏ صالح عمل بہ آهن تہ ان جو شان بلند ٿئي ٿو ۽ ان جي ثواب ۾ ڪيترا حصا واڌارو اچي ٿو (٢)"وَالَّذِيْنَ يَمْكُرُوْنَ السَّيِّاٰتِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ وَمَكْرُ اُولٰٓئِكَ هُوَ يَبُوْرُ" ۽ جيڪي براين جي رٿ رٿين ٿا انهن جي لاءِ سخت عذاب آهي ۽ انهن جي رٿ ئي هلاڪ ٿيندي آهي. يعني جيڪي ماٺهو بريون

(١) تفسير ابن ڪثير صہ٥٤٩ جلد ٣ (٢) ضياءُ القرآن صہ١٤٥جلد ٣

تدبيرون سوچين ٿا ۽ حق جي خلاف سازشن ۾ مصروف رهن ٿا انهن جون رٿون ۽ سازشون نيٺ ناڪام ٿينديون ڏسو قريشين ڪافرن مڪه مڪرمه جي "دَارُالنَّدْوَة" (ميٽنگ هال) ۾ ويهي حضور عليه الصلوٰة والسلام کي قيد ڪرڻ يا شهيد ڪرڻ يا وطن ڪان ڪڍي ڇڏڻ جو مشورو ڪيو هو پر نتيجو اهو نڪتو جو اهي پاڻ بدر جي جنگ ۾ آيا ۽ مسلمانن جي هٿان قتل ٿي هميشه لاءِ نيست ۽ نابود ٿي ويا سندن رٿ هميشه لاءِ برباد ٿي وئي. "وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ جَعَلَكُمْ اَزْوَاجًا" ۽ الله اوهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو ان ڪان پوءِ (مني جي) ڦڙي مان ان ڪان پوءِ اوهان کي جوڙا جوڙا بنايائين يعني حضرت آدم کي مٽيءَ مان ۽ ان جي اولاد کي منيءَ جي ڦڙن مان ۽ مرد ۽ عورتون جوڙا جوڙا ڪري بنايائين اهو سڀ ان ڪريم جي قدرت جو ڪمال آهي "وَمَا تَحْمِلُ مِنْ اُنْثٰى وَلَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلْمِهٖ" ۽ ڪابہ عورت حامله نہ ٿيندي آهي ۽ نہ ڪا ٻار ڄڻيندي آهي ان جي علم ڪان سواءِ مطلب تہ ڪنهن بہ عورت جي پيٽ ۾ ٻار جي اچڻ ڪان وٺي ان جي ڄمڻ تائين جيڪي بہ حالتون هونديون آهن اهي الله جل شانه جي علم ڪان ٻاهر ناهن سڀ ان کي خبر آهي "وَمَا يُعَمَّرُ مِنْ مُّعَمَّرٍ وَّلَا يُنْقَصُ مِنْ عُمُرِهٖٓ اِلَّا فِيْ كِتٰبٍ اِنَّ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرٌ" ۽ نہ ڪو عمر ڏنل عمر ڏنو ٿو وڃي ۽ نہ ان جي عمر مان ڪجهہ گهٽايو ٿو وڃي مگر (اهو سڀ ڪجهہ) ڪتاب ۾ آهي بيشڪ اهو الله تي آسان آهي مطلب تہ يا اول ڪان ئي عمر گهٽ وڌ رکي وڃي يا ڪنهن جي دعا يا نيڪ عمل سان عمر وڌي وڃي يا بد عمل سان عمر گهٽجي وڃي اهو سڀ ڪجهہ لوح محفوظ ۾ آهي شيطان جي عمر ان جي چوڻ جي ڪري وڌائي وئي "فَاِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ اِلٰى يَوْمِ الْوَقْتِ الْمَعْلُوْمِ" حضرت آدم جي دعا سان حضرت داؤد علىٰ نبينا وعليهما الصلوٰة والسلام جي عمر مبارڪ چاليهہ سال وڌي وئي (١) نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جو فرمان مبارڪ آهي تہ "لَا يَرُدُّ الْقَضَاءَ اِلَّا الدُّعَاءُ وَلَا يَزِيْدُ فِى الْعُمُرِ اِلَّا الْبِرُّ" (٢) قضا کي دعا ڪان سواءِ ڪاشي ٽاريندي ناهي ۽ عمر ۾ واڌارو نيڪيءَ ڪان سواءِ نہ ٿيندو آهي هن مان بہ ثابت ٿيو تہ عمر وڌي سگهي ٿي ۽ اهو الله جل شانه جي

(١) نور العرفان صـ٦٩٥ (٢) المظهري صـ٣٩ جلد٨

اڳيان آسان آهي.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١- فَلَا تَذْهَبْ نَفْسُكَ عَلَيْهِمْ حَسَرٰتٍ (پوءِ انهن تي حسرتون ڪندي اوهان جو ساه (مبارڪ) نہ نڪري) مان واضح ٿيو تہ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن کي امت ڏاڍي پياري آهي جيڪي ايمان نہ پيا آڻين پاڻ انهن تي ايتري حسرت ۽ افسوس ڪندا هئا جو الله جل شانه کين روڪي پيو تہ ان جي ڪري اوهان تڪليف ۾ نہ پئو-٢ آيت نمبر٩ مان معلوم ٿيو تہ انسان الله جل شانه جي قدرتي نظارن کي ڏسي ان مان پنهنجي ايمان کي ڪامل ۽ مضبوط بنائي ڪڪرن مان وسندڙ مينهن ذريعي ويران زمين مان ساوا سلا نڪرندي ڏسي يقين ڪري تہ جيڪو الله جل شانه زمين مان سلا ڪڍي ٿو اهو ئي مئلن کي جيئرو ڪري قبرن مان ٻاهر ڪڍڻ تي بہ قادر آهي.

وَمَا يَسْتَوِى الْبَحْرَانِ ۖ هٰذَا عَذْبٌ فُرَاتٌ سَائِغٌ

۽ نہ ٿا برابر ٿين ٻہ درياءَ هي مٺو اڃ لاهيندڙ آهي وڻندڙ آهي

شَرَابُهٗ وَهٰذَا مِلْحٌ اُجَاجٌ ؕ وَمِنْ كُلٍّ تَاْكُلُوْنَ

پيئڻ ان جو ۽ هي کارو، ڪوڙو آهي ۽ سڀني مان کائو ٿا

لَحْمًا طَرِيًّا وَّتَسْتَخْرِجُوْنَ حِلْيَةً تَلْبَسُوْنَهَا ۚ وَ

گوشت تازو ۽ ڪڍو ٿا زيور پايو ٿا انهن کي ۽

تَرَى الْفُلْكَ فِيْهِ مَوَاخِرَ لِتَبْتَغُوْا

ڏسندين ٻيڙين کي ان ۾ چيري هلندڙيون تانتہ طلب ڪيو

مِنۡ فَضۡلِهٖ وَلَعَلَّكُمۡ تَشۡكُرُوۡنَ ﴿۱۲﴾

ان جي فضل مان ۽ تانت اوهان شڪر ڪندا رهو.

يُوۡلِجُ الَّيۡلَ فِى النَّهَارِ وَيُوۡلِجُ النَّهَارَ فِى الَّيۡلِ ۙ

داخل ڪري ٿو رات کي ڏينهن ۾ ۽ داخل ڪري ٿو ڏينهن کي رات ۾

وَسَخَّرَ الشَّمۡسَ وَالۡقَمَرَ ۖ كُلٌّ يَّجۡرِىۡ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ

۽ مطيع ڪيائين سج ۽ چنڊ کي سڀ هلن ٿا مدي مقرر تائين اهو الله

رَبُّكُمۡ لَهُ الۡمُلۡكُ ؕ وَالَّذِيۡنَ تَدۡعُوۡنَ

اوهان جو پالڻهار آهي ان جي بادشاهي آهي ۽ جن کي پوڄيندا آهيو

مِنۡ دُوۡنِهٖ مَا يَمۡلِكُوۡنَ مِنۡ قِطۡمِيۡرٍ ؕ ﴿۱۳﴾ اِنۡ تَدۡعُوۡهُمۡ

ان کان سواءِ نه ٿا مالڪ ٿين کجور جي ڪکڙيءَ واري ڇلڪي جا جيڪڏهن سڏيندؤ انهن کي

لَا يَسۡمَعُوۡا دُعَآءَكُمۡ ۚ وَلَوۡ سَمِعُوۡا مَا اسۡتَجَابُوۡا لَكُمۡ ؕ

ته نه ٻڌندا اوهان جي سڏ کي ۽ جيڪڏهن ٻڌن (ته به) نه قبول ڪري سگهندا اوهان جي سڏ کي

وَيَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ يَكۡفُرُوۡنَ بِشِرۡكِكُمۡ ؕ وَلَا يُنَبِّئُكَ مِثۡلُ خَبِيۡرٍ ﴿۱۴﴾ ع

۽ قيامت جي ڏينهن انڪار ڪندا اوهان جي شرڪ ڪرڻ جو ۽ نه خبر ڏيندو توکي خبر ڏيندڙ جهڙي

الثلثة ٢ ع ١٤

تفسير:

اڳين آيتن ۾ قبرن مان اٿڻ کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ مثال ڏئي دليل پيش ڪيا ويا ۽ هنن آيتن ۾ الله جل شانه جي وحدانيت ۽ قدرت تي اهڙين شين جي خلقت سان

دليل ڏنا ويا آهن جيڪي جنس ۾ هڪ ۽ نفعن ۾ مختلف آهن ارشاد مبارڪ آهي "وَمَا يَسْتَوِي الْبَحْرَانِ هَٰذَا عَذْبٌ فُرَاتٌ سَائِغٌ شَرَابُهُ وَهَٰذَا مِلْحٌ أُجَاجٌ" ۽ ٻه درياءَ (سمنڊ) برابر نہ ٿا ٿين هي (هڪ) مٺو اچ لاهيندڙ آهي ان جو پاڻي پيئڻ وٽندڙ آهي ۽ هي (ٻيو) کارو، ڪوڙو آهي يعني آهن ٻئي پاڻيءَ جا درياءُ هڪ جو پاڻي صاف سٿو ۽ نهايت مٺو وٽندڙ ۽ اچ لاهيندڙ آهي جيڪو ملڪن، شهرن، برپٽن ۽ ميدانن ۾ پهچي ٿو وهي ٿو ان مان انسان ۽ حيوان پاڻي پين ٿا ان مان فصل، ٻوڪون، ميوا ۽ ڪيتريون غذائون تيار ٿين ٿيون ۽ ٻيو اهڙو درياءُ (سمنڊ) آهي جنهن جو پاڻي نهايت کارو ۽ ڪوڙو آهي جو انسان ان ۾ هٿ وجهڻ جي لاءِ بہ تيار ناهي. "وَمِن كُلٍّ تَأْكُلُونَ لَحْمًا طَرِيًّا" ۽ هر هڪ مان تازو گوشت کائو ٿا يعني پاڻيءَ جي مختلف ذائقن جي باوجود انهن مان نڪرڻ واريءَ مڇيءَ جو تازو گوشت اوهان کائو ٿا ۽ ائين بہ ناهي جو کاري پاڻيءَ مان نڪرڻ واريءَ مڇيءَ جو گوشت کارو يا ڪوڙو هجي. اها مڇي رهي بہ ان ۾ ٿي ساهہ بہ ان ۾ ٿي کڻي وڏي بہ ان ۾ ٿئي ٿي پر ان جو گوشت نہ کارو آهي نہ ڪوڙو بالڪل کائڻ جهڙو ۽ نهايت لذيذ آهي ان ۾ ان کاري پاڻيءَ جي بوءِ بہ محسوس نہ ٿيندي آهي "وَتَسْتَخْرِجُونَ حِلْيَةً تَلْبَسُونَهَا" ۽ زيور ڪڍو ٿا جن کي اوهان ڍڪيو ٿا يعني اها بہ اوهان تي الله جل شانه جي مهرباني ۽ ڪرم نوازي آهي جو اوهان انهن دريائن ۽ سمنڊ مان موتي، جواهرات ۽ مرجان ڪڍو ٿا جن کي زيور بنائي پائي پنهنجي زيب ۽ زينت وڌايو ٿا "وَتَرَى الْفُلْكَ فِيهِ مَوَاخِرَ لِتَبْتَغُوا مِن فَضْلِهِ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُونَ" ۽ ٻيڙين کي ڏسندين تہ ان ۾ پاڻيءَ کي چيريندڙ ٿي هلن پيون تانت ان جي فضل مان طلب ڪيو ۽ تانت اوهان شڪر ڪندا رهو يعني هيءَ بہ ان جي ڪرم نوازي آهي جو بحري جهاز ۽ ٻيڙا، سوين ماڻهو ۽ هزارين مڻ وزن کنيو سمنڊ کي چيري ان ۾ هلي منزل مقصود تي پهچن ٿا تانت اوهان انهن جي ذريعي الله جو فضل رزق ۽ روزي ڪمايو ۽ ان جو شڪر ڪندا رهو پنهنجي ملڪ جو سامان کڻي ٻئي ملڪ ۾ وڪڻو ۽ اتاهين جون مصنوعات ۽ سازوسامان کڻي پنهنجي ملڪ ۾ ڪارو بار ڪيو ان جو شڪر هن

طرح ڪيو جو ان جي توحيد جو اقرار ڪيو ۽ ان جي پياري رسول عليه الصلوٰة والسلام تي ايمان آڻيو ان جي سيني او امر ۽ نواهي تي پائبنديءَ سان عمل ڪيو تانت اوهان تي سندس لطف ۽ ڪرم جي وڏيڪ بارش پوي "يُوْلِجُ الَّيْلَ فِى النَّهَارِ وَيُوْلِجُ النَّهَارَ فِى الَّيْلِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ" رات کي ڏينهن ۾ ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪري ٿو ۽ سج ۽ چنڊ بہ مسخر ۽ مطيع ڪيا اٿس "كُلٌّ يَّجْرِىْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى" سڀ مدي مقرر لاءِ هلن ٿا يعني اهو روشن ڏينهن ۽ انڌيري رات، گرم سج ۽ چمڪندڙ چنڊ ايڏا وڏا وڏا عظيم الشان قدرتي مظاهر ڪوبہ انهن مان خود مختار ۽ پنهنجي جڳه تي آزاد ناهي اهي سڀ جا سڀ الله جل شانه جي تڪويني مشيت جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهن مشرڪ قومون سج ۽ چنڊ، رات ۽ ڏينهن جي عبادت ڪنديون هيون ان غلط سوچ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ قرآن ڪريم بار بار انهن جو ذڪر ڪري ٿو تہ اهي سڀ الله جل شانه جا مسخر ۽ مطيع آهن "ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَهُ الْمُلْكُ وَالَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ مَا يَمْلِكُوْنَ مِنْ قِطْمِيْرٍ" اهو الله اوهان جو رب آهي ۽ جيڪي ان کان سواءِ آهن کجور جي ککڙيءَ تي چڙهيل پردي جا بہ مالڪ ناهن مطلب تہ حڪومت ۽ قدرت تہ ان هڪ الله جي آهي جنهن جا هي شاهد ۽ نمونو اوهان هر وقت ڏسي رهيا آهيو پوءِ ان کي ڇڏي انهن جي عبادت ڪيئن ٿا ڪيو جيڪي ڪنهن ادنىٰ ڪان ادنىٰ شئي جا بہ مالڪ ناهن هن آيت ۾ انهن بتن ۽ باطل معبودن جو بيوس هجڻ بيان ڪيو ويو آهي جنهن جي ڪافر پوڄا ڪندا هئا ۽ اهو مضمون ڪيترين ٻين آيتن ۾ بہ بيان ڪيل آهي "اِنْ تَدْعُوْهُمْ لَا يَسْمَعُوْا دُعَآءَكُمْ وَلَوْ سَمِعُوْا مَا اسْتَجَابُوْا لَكُمْ وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ يَكْفُرُوْنَ بِشِرْكِكُمْ وَلَا يُنَبِّئُكَ مِثْلُ خَبِيْرٍ" جيڪڏهن انهن کي سڏيندين تہ اوهان جي سڏ کي ٻڌندائي ڪونہ ۽ جيڪڏهن بالفرض ٻڌن بہ تہ بہ اوهان جي التجا قبول ڪري نہ سگهندا ۽ قيامت جي ڏينهن اوهان جي شرڪ جو انڪار ڪندا ۽ تو کي خبر ڏيندڙ جهڙي خبر ڪير بہ نہ ڏيندو يعني اوهان جا اهي باطل معبود هڪ تہ ٻڌن ئي ڪونہ ٿا پر جيڪڏهن بفرضِ محال ٻڌن تہ بہ نہ اوهان کي نفعو ڏئي سگهندا ۽ نہ اوهان تان نقصان دفع

ڪري سگهندا اوهان جي سڏ کي قبول ڪرڻ جي به انهن ۾ طاقت نه آهي ۽ قيامت جي ڏينهن اوهان کان بيزار ٿيندي چوندا ته هي اسان جي عبادت نه ڪندا هئا ۽ اوهان کي مون الله جل شانه جهڙي خبر ڪير به نه ڏيندو چو ته مون کي هر شئي جو علم آهي انهن کي ڪابه خبر ناهي "لَا يُنَبِّئُكَ" ۾ خطاب ڪنهن سان آهي ان ۾ ٻه قول آهن ١۔ ته خطاب عام سان آهي ٢۔ ته خطاب حضور پر نور عليه الصلوٰة والسلام جن سان آهي (١)

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

١۔ "وَمَا يَسْتَوِى الْبَحْرَانِ" (۽ ٻه دريا (سمنڊ) برابر ناهن) مان واضح ٿيو ته ظاهر ۾ ته ٻئي پاڻي آهن پر ذائقي ۾ برابر نه هجڻ جي ڪري هڪ جهڙا نه چئبا جيئن مٺو پاڻي ۽ ڪارو برابر ناهن حالانڪ آهن ٻئي پاڻي تيئن مومن ۽ ڪافر برابر ناهن حالانڪ آهن ٻئي انسان ۽ جڏهن مومن ۽ ڪافر برابر ناهن ته نبي عليه الصلوٰة والسلام ۽ غير نبي برابر ڪيئن ٿيندا؟.

٢۔ "لَحْمًا طَرِيًّا" (تازو گوشت) ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته لغت ۾ مڇي به گوشت آهي جڏهن ته اها تازي تازي کاڄندي آهي رکڻ سان خراب ٿيندي آهي ان جي ڪري ان کي "لَحْمًا طَرِيًّا" تازو گوشت سڏيو ويو مگر عرف ۾ مڇيءَ کي گوشت نه سڏبو آهي انِ جي ڪري جيڪڏهن ڪنهن قسم ڪنيو ته اهو گوشت نه کائيندو ته مڇيءَ کائڻ جي ڪري ان جو قسم نه ڀڄندو جيئن دعا کي قرآن ڪريم، "صلواة" سڏيو آهي مگر عرف ۾ "صلواة" نماز کي چئبو آهي ان جي ڪري هي فقهي مسئلو آيت جي خلاف ناهي.

٣۔ "حِلْيَةً تَلْبَسُوْنَهَا" (زيور جيڪي اوهان ڍڪيو ٿا) ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته موتي ۽ مرجان کاري سمنڊ مان نڪرندا آهن پر انهن جي نڪرڻ جي نسبت ٻنهي سمنڊن ڏانهن تغليبًا ڪيل آهي ۽ زيور عورتون پائينديون آهن پر انهن جي پائڻ جي مردن ڏانهن نسبت ان جي ڪري ڪئي وئي آهي جو عورتون به مردن

(١) الصاوي ص ٢٩٠ جزءِ٣

کي پسند اچن ۽ راضي ڪرڻ جي لاءِ پائيندیون آهن مرد ڪي سون پائڻ حرام آهي موتي پائڻ حلال آهي (١)

۴۔ "تَرَى الْفُلْكَ فِيهِ مَوَاخِرَ" (ٻيڙين کي پاڻي چيري هلندڙ ڏسندين) مان واضح ٿيو ته اهو سڀ ڪجهه الله جل شانه جي قدرت جو ڪمال آهي جو پٽڙي پاڻيءَ ۾ ايڏيون وزن واريون شيون هلي رهيون آهن.

يَا أَيُّهَا النَّاسُ أَنْتُمُ الْفُقَرَاءُ إِلَى اللَّهِ ج وَاللَّهُ هُوَ

اي انسانو! اوهان محتاج آهيو الله ڏانهن ۽ الله اهو

الْغَنِيُّ الْحَمِيدُ (١٥) إِنْ يَشَأْ يُذْهِبْكُمْ وَيَأْتِ

بي پرواهه ساراهيل آهي جيڪڏهن گهري ته فنا ڪري اوهان ڪي ۽ آڻي

بِخَلْقٍ جَدِيدٍ ج (١٦) وَمَا ذَٰلِكَ عَلَى اللَّهِ بِعَزِيزٍ (١٧)

مخلوق نئين ۽ ناهي اهو الله لاءِ اوکو

وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِزْرَ أُخْرَىٰ ط وَإِنْ تَدْعُ

۽ نه بار کڻندو ڪو بار کڻندڙ بار ٻئي جو ۽ جيڪڏهن سڏيندو

مُثْقَلَةٌ إِلَىٰ حِمْلِهَا لَا يُحْمَلْ مِنْهُ

(ڪو نفس) ڳري بار وارو پنهنجي بار کڻڻ ڏانهن ته نه بار کنيو ويندو ان جو

شَيْءٌ وَلَوْ كَانَ ذَا قُرْبَىٰ ط إِنَّمَا تُنْذِرُ الَّذِينَ

ڪجهه به جيتوڻيڪ هجي قرابت وارو بلاشڪ ڊيڄاريندين تون انهن کي

(١) نور العرفان ص ٦٩٥

يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَيْبِ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ ؕ

جيڪي ڊڄن ٿا پنهنجي رب کان اڻ ڏٺو ۽ قائم ڪن ٿا نماز

وَمَنْ تَزَكّٰى فَاِنَّمَا يَتَزَكّٰى لِنَفْسِهٖ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ

۽ جيڪو پاڪ صاف ٿيو پوءِ رڳو پاڪ صاف ٿيو پنهنجي پاڻ لاءِ ۽ الله ڏانهن ئي

الْمَصِيْرُ (۱۸) وَمَا يَسْتَوِى الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ (۱۹) وَلَا الظُّلُمٰتُ

موٽڻ آهي ۽ نه ٿا برابر ٿين انڌو ۽ ڏسندڙ ۽ نه اونداهيون

وَلَا النُّوْرُ (۲۰) وَلَا الظِّلُّ وَلَا الْحَرُوْرُ (۲۱) وَمَا يَسْتَوِى

۽ نه روشني ۽ نه ڇانو ۽ نه اس ۽ نه ٿا برابر ٿين

الْاَحْيَآءُ وَلَا الْاَمْوَاتُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُسْمِعُ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَمَآ اَنْتَ

جيئرا ۽ نه مئل بيشڪ الله ٻڌائي ٿو جنهن کي گهري ۽ ناهين تون

بِمُسْمِعٍ مَّنْ فِى الْقُبُوْرِ (۲۲) اِنْ اَنْتَ اِلَّا نَذِيْرٌ (۲۳)

ٻڌائيندڙ انهن کي جيڪي قبرن ۾ آهن ناهين تون مگر ڊيڄاريندڙ

اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا ؕ

بيشڪ اسان موڪليو اسان تو کي حق سان-بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري

وَاِنْ مِّنْ اُمَّةٍ اِلَّا خَلَا فِيْهَا نَذِيْرٌ (۲۴)

۽ ناهي ڪا امت جو نه ويو هجي انهن ۾ ڊيڄاريندڙ

وَاِنْ يُّكَذِّبُوْكَ فَقَدْ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ج
۽ جيڪڏهن ڪوڙو چون ٿا تو کي پوءِ تحقيق ڪوڙو چيو انهن جو انهن کان اڳي هئا
جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ وَبِالزُّبُرِ
آيا انهن وٽ رسول انهن جا روشن دليلن سان ۽ صحيفن سان
وَبِالْكِتٰبِ الْمُنِيْرِ (٢٥) ثُمَّ اَخَذْتُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
۽ روشن ڪتاب سان تنهن کان پوءِ پڪڙيو مون انهن کي جن ڪفر ڪيو
فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ع (٢٦)
پوءِ ڪهڙي طرح هئي سزا ڏيڻ منهنجي

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله سبحانه ٻڌايو ته آسمان ۽ زمين سڀ ان جي ملڪيّت آهن ۽ ڪافرن جا باطل معبود نه ڪنهن شئي جا مالڪ آهن ۽ نه ڪنهن کي نفعو ڏئي سگهن ٿا ۽ نه ڪنهن کان نقصان دفع ڪري سگهن ٿا ۽ هتي اهو بيان ڪيو ويو آهي ته سڄي ڪائنات وارا محتاج به صرف ان جا آهن ۽ جڏهن ان جا محتاج آهن ته عبادت به صرف ان جي ڪجي ٻيو ڪوبه معبود بالحق ناهي فرمان عاليشان آهي "يٰاَيُّهَا النَّاسُ اَنْتُمُ الْفُقَرَآءُ اِلَى اللهِ وَاللهُ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ" اي انسانو! اوهان الله جا محتاج آهيو ۽ الله اهو بي پرواه ساراهيل آهي هن ۾ سڀني انسانن کي خطاب ڪري انهن کي الله جل شانه جي نعمتن ڏي متوجه ڪيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته الله جل شانه غني آهي ان کي ڪنهن جي ڪا پرواهه ناهي اوهان پنهنجي بقا ۽ هرحال ۾ ان جا محتاج آهيو بلڪ ان جي ڪرم ڪانسواءِ چُري به نه ٿا سگهو (١)"اِنْ يَّشَاْ

(١) صفوة التفاسير صـ ١٧٥ جلد ٢

يُذۡهِبۡكُمۡ وَيَاۡتِ بِخَلۡقٍ جَدِيۡدٍ" جيڪڏهن گهري تہ اوهان کي فنا ڪري نئين مخلوق آڻي هن آيت ۾ پنهنجي بي پرواهي ظاهر ڪندي الله جل شانه ارشاد فرمايو تہ: پاڻ جيڪڏهن گهري تہ اوهان کي ختم ڪري نئين مخلوق آڻي سگهي ٿو "وَمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيۡزٍ" ۽ اهو الله جي اڳيان ڪو ڏکيو ڪم ناهي بلڪ نهايت سهنجو ۽ آسان آهي اهو "كُنۡ" امر ڪندو تہ هر شئي آسانيءَ سان ٿي ويندي "وَلَاتَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزۡرَ اُخۡرٰى" ۽ نہ بار کڻندو (ڪو نفس) ٻئي جو بار يعني هڪ گنهگار ٻئي جي گناهن جو بار نہ کڻندو ۽ نہ هڪ جي گناه جي ٻئي کي سزا ڏني ويندي جيئن دنيا جا جابر حاڪم مجرم جي مٽن، مائٽن ۽ پاڙي وارن کي سزا ڏيندا آهن. ها، جيڪڏهن اهي ان جي گناه ۾ شريڪ يا مددگار هوندا تہ اهو خود گناه آهي جنهن جي ڪين سزا ڏني ويندي "وَاِنۡ تَدۡعُ مُثۡقَلَةٌ اِلٰى حِمۡلِهَا لَايُحۡمَلۡ مِنۡهُ شَىۡءٌ وَّلَوۡ كَانَ ذَا قُرۡبٰى" ۽ جيڪڏهن ڳري بار وارو (ڪو نفس) ڪنهن کي ان بار کڻڻ لاءِ سڏيندو تہ ان جو اهو بار نہ کنيو ويندو ڀلي اهو قرابت وارو هجي يعني نہ ڪير پاڻهي ڪنهن ٻئي جو بار کڻندو ۽ نہ ڪنهن جي سڏ ڪرڻ سان ان جو بار کڻندو پوءِ اهو سڏ ڪيل ڪٿي ڪيترو بہ سڏيندڙ جو ويجهو مائٽ هجي ان وقت هر ڪنهن کي پنهنجي سر جي هوندي "اِنَّمَا تُنۡذِرُ الَّذِيۡنَ يَخۡشَوۡنَ رَبَّهُمۡ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ" تون تہ صرف انهن کي ٿو ڊيڄارين جيڪي پنهنجي رب کان ڊڄن ٿا ۽ نماز قائم ڪن ٿا يعني اوهان جي ڊيڄارڻ مان اهو فائدو وٺندو جيڪو اڻ ڏٺو الله جل شانه کان ڊڄندو نماز قائم ڪندو ۽ ان جي عبادت ۾ لڳو رهندو "وَمَنۡ تَزَكّٰى فَاِنَّمَا يَتَزَكّٰى لِنَفۡسِهٖ ؕ وَاِلَى اللّٰهِ الۡمَصِيۡرُ" ۽ جيڪو پاڪ صاف ٿئي ٿو اهو تہ صرف پنهنجي لاءِ پاڪ صاف ٿئي ٿو ۽ الله ڏانهن ئي موٽڻ آهي يعني جيڪو اوهان جي نصيحت ٻڌي ايمان آڻي پنهنجو حال درست ڪري پاڪ صاف ٿيو تہ انهيءَ الله جل شانه يا اوهان تي احسان ڪونہ ڪيو آهي پر اهو پنهنجي ڀلائي ڪري رهيو آهي ۽ اهو فائدو وڏيڪ ان وقت ظاهر ٿيندو جڏهن مرڻ کان پوءِ واپس الله جل شانه ڏانهن ورندو ڇو تہ مرڻ کان پوءِ سڀني کي ان جي بارگاه ۾ موٽي هلڻو تہ آهي ئي آهي. "وَمَا يَسۡتَوِى

الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ لا ۽ انڌو ۽ ڏسندڙ برابر نہ آهن هتي انڌي مان مراد ڪافر ۽ ڏسندڙ مان مراد مومن آهي (١) يعني مومن جنهن کي الله جل جلاله دل جون اکيون ڏنيون آهن حق جي چمڪارن ۾ الاهي وحي جي روشنيءَ ۾ بنا ڪنهن خوف خطره جي رستو طي ڪندي الله جل مجده جي رحمت جي ڇانو ۾ جنت جي باغن ۾ پهچندو ڇا ان جي برابري اهو ڪافر ڪري سگهندو جيڪو دل جو انڌو وهمن ۾ سڌن جي انڌيرن ۾ ڀٽڪندو جهنم جي باهہ ۾ ان جي ساڙيندڙ ڇپن ۾ ڇر ڏانهن تيز تيز وڃي رهيو آهي اهي ٻئي ڪڏهن بہ برابر ٿي نہ سگهندا "وَلَا الظُّلُمٰتُ وَلَا النُّوْرُ وَلَا الظِّلُّ وَلَا الْحَرُوْرُ" ۽ نہ اونداهيون ۽ روشني ۽ نہ ڇانو ۽ اس برابر ٿي سگهندا" مطلب تہ ڪوبہ ماڻهو ائين نہ چوندو تہ اهي برابر آهن "وَمَا يَسْتَوِي الْاَحْيَآءُ وَلَا الْاَمْوَاتُ" ۽ نہ ٿا برابر ٿين جيئرا ۽ مئل جيئرن مان مراد مومن ۽ مئلن مان مراد ڪافر آهن يعني اهي ٻئي تولا برابر ناهن (٢) "اِنَّ اللّٰهَ يُسْمِعُ مَنْ يَّشَآءُ وَمَا اَنْتَ بِمُسْمِعٍ مَّنْ فِي الْقُبُوْرِ" بلاشڪ الله ٻڌائي ٿو جنهن کي گهري ۽ جيڪي قبرن ۾ آهن تون انهن کي ٻڌائيندڙ ناهين هتي قبرن وارن مان مراد ڪافر آهن (٣) مطلب هي آهي تہ الله جل شانه جنهن کي گهري ٿو اهو اوهان جا ارشاد ٻڌي ٿو اوهان ڪافرن کي ٻڌائڻ وارا ناهيو جيڪي اوهان جي ارشاد ڏي توجه ئي نہ ٿا ڪن مفتي محمد شفيع ديوبندي صاحب لکيو آهي تہ هن آيت جو مئلن جي ٻڌڻ سان ڪو تعلق ناهي (٤) جنهن مان واضح ٿيو تہ جيڪي ماڻهو اهڙين آيتن مان الله جل شانه جي حبيب عليه الصلوٰة والسلام ۽ اولياءَ ڪرام جي دنيا مان رحلت ڪرڻ کان پوءِ سندن نہ ٻڌڻ جو دليل ٿا وٺن اهي بالڪل غلط گمراهہ ۽ قرآن جي مراد غلط بيان ڪندڙ آهن مسلمان انهن کان پري رهن هن آيت جو تفسير ڪندي علامه ابن ڪثير لکيو آهي تہ جيئن مري ويل ڪافر وفات ۽ قبرن ۾ اچڻ کان پوءِ هدايت سان نفعو نہ ٿا وٺن ۽ نہ انهن کي هدايت ڏانهن سڏڻ اثرائتو آهي ٿي دنيا تي رهڻ وارا مشرڪ بہ (بدبختي ۽) شقاوت جي ڪري اوهان جي پيغام کان فائدو حاصل نہ ٿا ڪن ۽ نہ ڪري سگهندا (٥) علامه

(١) خازن ص٤٩٨ جلد ٣ (٢) ايسر التفاسير ص٦٣٢ جلد ٣ (٣) معارف القرآن ص٣٣٤ جلد ٧
(٤) ساڳيو حوالو (٥) ابن ڪثير ص٥٥٢ جلد ٣

محمد شوڪاني لکيو آهي "وَمَا اَنْتَ بِمُسْمِعٍ مَّنْ فِي الْقُبُوْرِ" يعني الكفار الذين امات الكفر قلوبهم (١) مطلب تہ ان مان مراد اهي ڪافر آهن جن جي دلين کي ڪفر مئل بنائي ڇڏيو آهي اها ساڳي عبارت مفسر قرطبي جي آهي (٢) علامہ ثناءُ الله پاني پتي لکيو آهي تہ هتي "ڪفر تي اصرار ڪندڙن کي مئلن سان تشبيه ڏئي انهن جي ايمان آڻڻ کان نااميد ڪيو ويو آهي (٣) مکہ مکرمہ جي اسلامي يونيورسٽيءَ ۾ ڪئين سال تفسير پڙهائيندڙ ۽ ڪيترا تفسير لکندڙ علامہ صابوني هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي "شبه تعالیٰ المؤمنين بالاحياء والكافرين بالاموات فالمؤمن يسمع ويتدبر والكافر ميت لايسمع ولا يستجيب. (۴) يعني هن آيت ۾ الله جل شانه مومن کي جيئرن سان ۽ ڪافرن کي مئلن سان تشبيه ڏني آهي مومن ٻڌندو ۽ غور ڪندو آهي ۽ ڪافر مئل آهي نہ ٻڌي ٿو نہ (دعوت دين) قبول ڪري ٿو مقصد تہ هن آيت ۾ وفات ڪري ويلن جي نہ ٻڌڻ جو ڪوبہ بيان ناهي ۽ نہ اها مراد ونجي ۽ اسان اهل السنة والجماعة جو بہ اهو عقيدو آهي مري ويلن جي ٻڌڻ جو وڌيڪ بحث سورة الروم جي آيت نمبر ۵٢ جي تفسير ۾ بيان ٿي چڪو آهي اتي ڏسڻ گهرجي.

"اِنْ اَنْتَ اِلَّا نَذِيْرٌ" اوهان تہ صرف ڊيڄاريندڙ آهيو يعني اوهان جو ڪم انهن دلين جي مئلن کي ڊيڄارڻ، خدا جي خوف ڏيارڻ کان سواءِ ڪجھہ بہ ناهي نہ ئا مڃين تہ اوهان جي ڪا ذميداري ناهي "اِنَّآ اَرْسَلْنٰكَ بِالْحَقِّ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا وَاِنْ مِّنْ اُمَّةٍ اِلَّا خَلَا فِيْهَا نَذِيْرٌ" بلاشڪ اسان اوهان کي حق سان بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ ڪري موڪليو آهي ۽ ڪابہ امت ناهي جنهن ڏانهن ڊيڄاريندڙ نہ ويو هو يعني نبوت جو سلسلو ڪنهن ملڪ، علائقي يا قوم سان مخصوص ناهي جتي بہ انسانن جو ڪو ٽولو آباد هو اتي انهن وٽ الله جل شانه جي طرفان ڪو نہ ڪو ڊيڄاريندڙ ضرور پهتو هو ان ۾ عرب فلسطين يا ڪنهن مخصوص ملڪ جو سوال نہ هو ڪٿي نبي سڳورا عليهم الصلوٰة والسلام پاڻ ٿي پهتا تہ ڪٿي سندن خاص قاصد ٿي پهتا هو اسان جو ايمان آهي هاڻي جن نبين عليهم الصلوٰة والسلام جا نالا

(١) فتح القدير صہ ٣۴٦ جلد۴ (٢) القرطبي صہ ٣۴٠ جلد١۴ (٣) تفسير مظهري صہ ۵٢ جلد ٨ (۴)

مبارڪ قرآن ڪريم يا صحيح حديث ۾ موجود آهن انهن جي نبوت تي ايمان آڻڻ اسلام لاءِ شرط آهي ۽ جن جا نالا ذڪر ڪيل ناهن انهن تي اجمالي طور ايمان آڻڻ ضروري آهي "وَاِنۡ يُّكَذِّبُوۡكَ فَقَدۡ كَذَّبَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ‌ۚ جَآءَتۡهُمۡ رُسُلُهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ وَبِالزُّبُرِ وَبِالۡكِتٰبِ الۡمُنِيۡرِ" ۽ جيڪڏهن تو کي ڪوڙو چون ٿا ته پوءِ يقينًا انهن به ڪوڙو چيو هو جيڪي انهن کان اڳي هئا انهن وٽ سندن رسول چٽن دليلن ۽ صحيفن ۽ روشن ڪتاب سان آيا هئا هن آيت ۾ الله جل شانه پنهنجي حبيب عليه الصلوٰة والسلام کي تسلي ڏئي رهيو آهي ته مڪه وارن مشرڪن جي طرفان اوهان کي ڪوڙو چوڻ تي غمگين ۽ مايوس نه ٿيو انهن جي انهن ڳالهين تي صبر ڪيو ڇو ته اهو مشرڪن جو پراڻو دستور رهيو آهي جڏهن به انهن وٽ الله جل شانه جا انبياءَ عليهم الصلوٰة والسلام معجزن ۽ صحيفن جيئن حضرت ابراهيم جا صحيفا ۽ حضرت موسىٰ ۽ حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام توراة ۽ انجيل سان تشريف فرما ٿيا ته ان وقت جي مشرڪن انهن کي به ڪوڙو چيو هو پر اهي صبر ڪندي حق جو پيغام پهچائيندا رهيا (١) "ثُمَّ اَخَذۡتُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا فَكَيۡفَ كَانَ نَكِيۡرِ" ان کان پوءِ مون انهن ڪافرن کي پڪڙيو پوءِ منهنجو عذاب ڪهڙو هو؟ مطلب ته جڏهن انهن جي سرڪشيءَ جي حد ٿي وئي ته مون انهن کي پنهنجي طرفان عذاب ڪرڻ سان پڪڙيو ۽ سڄي دنيا ڏٺو ته منهنجو عذاب ڪهڙو نه سخت هو.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

١۔ "اَنۡتُمُ الۡفُقَرَآءُ اِلَى اللّٰهِ‌ۚ" (اوهان الله جا محتاج آهيو) جي اطلاق مان واضح ٿيو ته انسان هر طرح هر لمحه هر شيءِ ۾ الله جل شانه جو محتاج آهي وجود، بقا ۽ فنا ۾ ته ظاهر آهي پر جن شين ۾ بظاهر بااختيار آهي مثلاً ڳالهائڻ، هلڻ، ٻڌڻ ڏسڻ، انهن مان هر هڪ شيءِ ۾ الاهي مشيت ۽ خداوندي اذن جو محتاج آهي.

(١) ڪشف المحجوبين حاشية الجلالين ص ١٢٣ جزء ٢

٢- "اَلْغَنِيُّ" (بي نياز) مان واضح ٿيو ته ان کي مخلوق جي امداد ۽ اعانت جي محتاجي ته ڇا پر اهو انهن جي مخلوق ۽ مملوڪ هجڻ جي تعلق کان به بي پرواهه صفت سان موصوف هوندي به پنهنجي مخلوق ۽ ٻانهن جو ڪار ساز ۽ انهن تي مهربان ۽ ڪريم آهي.

٣- "وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى" (۽ ڪو بار کڻندڙ ڪنهن جو بار نه کڻندو) مان واضح ٿيو ته خوشيءَ سان ڪير به ڪنهن جي گناهن جو بار نه کڻندو ها اهو ضرور ٿيندو جو گمراهه ڪندڙن جي مٿان انهن جي گناهن جو بار رکيو ويندو جن کي گمراهه ڪيو هوندائون جيئن الله جل شانه جو فرمان آهي "وَلَيَحْمِلُنَّ اَثْقَالَهُمْ وَاَثْقَالًا مَّعَ اَثْقَالِهِمْ (١) ۽ البت ضرور پنهنجا ڳرا بار کڻندا پر انهن سان گڏ ٻيا ڳرا بار به کڻندا.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءًج فَاَخْرَجْنَا

ڇا نه ڏٺو تو ته بلاشڪ الله لاٿو آسمان کان پاڻي پوءِ ڪڍيا اسان

بِهٖ ثَمَرَاتٍ مُّخْتَلِفًا اَلْوَانُهَاط وَمِنَ الْجِبَالِ

ان سان ميوا مٽ سٽ آهن رنگ انهن جا ۽ جبلن مان

جُدَدٌم بِيْضٌ وَّحُمْرٌ مُّخْتَلِفٌ اَلْوَانُهَا

ٽڪرا آهن سفيد ۽ ڳاڙها مٽ سٽ آهن رنگ انهن جا

وَغَرَابِيْبُ سُوْدٌ (٢٧) وَمِنَ النَّاسِ وَالدَّوَآبِّ وَالْاَنْعَامِ

۽ عجيب قسم جا ڪارا (پٿر) ۽ ماڻهن ۽ چرندڙن ۽ چوپاين مان

(١) سورة عنڪبوت آيت ١٣

مُخْتَلِفٌ اَلْوَانُهٗ كَذٰلِكَ ؕ اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ

مٿ ست رنگ انهن جا آهن اهڙي طرح ڊڄن ٿا الله کان انهن جي ٻانهن مان

الْعُلَمٰٓؤُا ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ غَفُوْرٌ (٢٨)

رڳو ڄاڻ وارا بلاشڪ الله غالب، بخشڻهار آهي

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله جل شانه پنهنجي وحدانيت جا دلائل ۽ عظيم قدرت جو بيان فرمايو پر جڏهن عناد ۽ سرڪشيءَ جي ڪري ڪافرن انهن کان منهن موڙيو ته هنن آيتن ۾ رب العزة جل مجده انهن دليلن جو ذڪر فرمايو جن کي اهي ڪائنات ۾ مختلف رنگن ۽ شڪلين ۾ ڏسي ۽ مشاهدو ڪري رهيا آهن فرمان عالي شان آهي "اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً ۚ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ ثَمَرَاتٍ مُّخْتَلِفًا اَلْوَانُهَا ؕ" ڇا اوهان نه ڏٺو آهي ته الله آسمان کان پاڻي لاٿو پوءِ اسان ان سان مختلف رنگن وارا ميوا ڪڍيا هتي "اَخْرَجْنَا" ۾ غائب کان متڪلم ڏانهن التفات آهي (١) ۽ هن ۾ استفهام تقريري آهي سماوي ۽ ارضي دليل ڏئي الله جل شانه جي وحدانيت ثابت ڪئي وئي آهي ۽ خطاب عام ڏسندڙ سان ۽ غائب کان متڪلم ڏانهن اچڻ ۾ صنع بديع آهي جنهن سان الله جل شانه جي قدرت ۽ حڪمت جو ڪمال بيان ڪيل آهي (٢)يعني قادر جي قدرت جو ڪمال ته ڏسو ڪيڏو آهي هڪ زمين ۽ هڪ پاڻي آهي پر ان ۾ ڪيترا مختلف ذائقن ۽ مختلف رنگن وارا ميوا آهن ۽ هر ڪنهن جي خوشبوءِ، خصوصيت ۽ اثر جدا جدا آهي انهن ۾ غور ڪرڻ واري لاءِ الله جل مجده جي حڪمت ۽ صنعت جا ڪيڏا دليل آهن "وَمِنَ الْجِبَالِ جُدَدٌ ۢ بِيْضٌ وَّحُمْرٌ مُّخْتَلِفٌ اَلْوَانُهَا وَغَرَابِيْبُ سُوْدٌ" ۽ جبلن مان اڇا ۽ ڳاڙها ٽڪرا آهن جن جا رنگ مٿ ست آهن ۽ عجيب گهاٽا ڪارا ٽڪرا آهن مطلب ته جبلن جي ناهڻ، انهن جي بلنديءَ ۽

(١) المظهري صـ ٥٣ جلد ٨ (٢) روح المعاني صـ ١٨٦ جزء ٢٢.

هيٺـاهينءَ ۾ رباني قـدرت جا سـوين جلوا نظر اچي رهيـا آهن ذرا انهن جي رنگن ڏانهن نهاريو ڪٿي اڇا ڪٿي ڳاڙها آهن ۽ ڳاڙهائپ بہ هڪ جهـڙي ناهي ان ۾ بہ ڪيترا قسم آهن ڪو هلڪو ڳاڙهو آهي تہ ڪو گهاٽو تہ ڪو گلابي آهيءَ ڪي تہ تمام گـهـٽـا ڪارا آهن "وَمِنَ النَّاسِ وَالدَّوَآبِّ وَالْاَنْعَامِ مُخْتَلِفٌ اَلْوَانُهٗ كَذٰلِكَ"۽ ماڻهن ۽ چرندڙن ۽ چوپاين مان بہ اهڙي طرح مختلف رنگن وارا آهن يعني جيئن ميـون، جبلن جا رنگ مختلف آهن تيئن الله جي قدرت جي ڪمال سان ماڻهن، چرندڙ شين ۽ چوپاين جا بہ ان جي قدرت سان مختلف رنگ آهن جن جي ڏسڻ سان اکيون حيرت ۾ پئجي وڃن ٿيون "اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا"۽ الله کان سندس ٻانهن مان صرف علماءَ ڊڄن ٿا يعني جيڪي الله جي عظمت جو علم رکن ٿا ۽ ان جي ڪري قدرت جي دلائل ۾ غور ڪندا رهن ٿا تہ انهن ۾ الله جو خوف پيدا ٿيندو ۽ اهي الله کان ڊڄندا رهندا حضرت علي رضي الله عنه جو فرمان مبارڪ آهي تہ: صحيح معنىٰ ۾ فقيه (۽ عالم) اهو آهي جيڪو نہ ماڻهن کي الله جي رحمت کان نااميد بنائي ۽ نہ انهن کي الله جي بي فرمانين جي اجازت ڏي ۽ نہ انهن کي الله جي عذاب کان بي خوف رکي ۽ قرآن جي مقابلي ۾ ٻئي سان رغبت نہ رکي (١) ۽ حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه فرمايو تہ ان جي معنىٰ آهي تہ الله پنهنجن ٻانهن مان علماءَ کي برگزيدو بنائي ٿو (٢) حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ: الله جا عالم (ٻانها) اهي آهن جيڪي ان کان ڊڄن ٿا حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فرمايو تہ: علم حديث گهڻي بيان ڪرڻ سان ناهي الله جي خوف رکڻ سان آهي حضرت مالڪ بن انس رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: علم هڪ نور آهي جيڪو الله دل ۾ وجهندو آهي ابن ابي شيبہ ترمذي ۽ حاڪم حسن رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اَلْعِلْمُ عِلْمَانِ عِلْمٌ فِي الْقَلْبِ فَذَالِكَ الْعِلْمُ النَّافِعُ وَعِلْمٌ عَلَى اللِّسَانِ فَتِلْكَ حُجَّةُ اللّٰهِ عَلٰى خَلْقِهٖ" علم بہ (قسم) آهي ١۔ دل ۾ علم اهو ئي نفعو ڏيندڙ علم آهي ۽ ٢۔ زبان تي علم اهو مخلوق جي مٿان الله جي حجت آهي ابن ابي شيبہ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ قرآن جي حامل (عالم) جي لاءِ

(١) القرطبي صـ٣٤٣ جلد١٤ (٢) روح البيان صـ٣٤٤ جلد٧

مناسب آهي تہ: جڏهن ماڻهو ننڊ ۾ هجن تہ هي پنهنجي رات جو قدر ڪري (سجاڳ رهي) ۽ ماڻهو ڏينهن جو ڪائيندا رهن تہ هي پنهنجي ڏينهن جو قدر ڪري (روزا رکي) ۽ ماڻهو خوشيون ڪن تہ هي (دين جي) غم ۾ رهي ۽ ماڻهو کلن تہ هي (الله جي خوف کان) روئڻ ۾ هجي ۽ ماڻهو ملي جلي لڙڪن تہ هي چپ ۾ رهي ۽ ماڻهو هٺ ڪن تہ هي نوڙت ۾ رهي ۽ قرآن جي حامل (عالم) کي گهرجي تہ نہ لڙڪندڙ هجي نہ دانهون ڪري ٻگالهائيندڙ ۽ نہ لوهہ (وانگر سخت) هجي (١)

مطلب هي ٿيو تہ جيڪو شخص جيترو الله جي قدرت ان جي علم، ان جي حڪمت، ان جي قهار هجڻ، جبار هجڻ ۽ ان جي ٻين صفتن کي ڄاڻندو، سڃاڻندو ۽ مڃيندو هوندو اهو ايترو ان جي نافرمانيءَ کان ڊڄندو رهندو "اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ غَفُوْرٌ" بلاشڪ الله غالب، بخشڻهار آهي يعني اهو غالب تہ اهڙو آهي جو جڏهن بي فرمانن کي پڪڙڻ گهري ٿو تہ ڪنهن ۾ طاقت ناهي جوان جي پڪڙ کان بچي مگر اهو غفور بہ آهي جو ٻانهن کي بخشي ٿو ۽ مهلت ڏي ٿو.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١۔ "ثَمَرَاتٍ مُّخْتَلِفًا اَلْوَانُهَا" (ميوا جن جا رنگ مختلف آهن) هتي"مُخْتَلِفًا" کي ترڪيب نحوي جي اعتبار سان حال ڪري اڳيان جبلن، انسانن ۽ چوپاين وغيرها جي رنگن کي صفت ڪري ان جي لاءِ آندو ويو آهي جو ميون جا رنگ جلد متجي وڃن ٿا ۽ جبلن، ماڻهن ۽ حيوانن جا رنگ جلد نہ ٿا بدلجن.

٢۔ "ڪَذَالِكَ اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُ" (اهڙي طرح الله کان ان جي ٻانهن مان صرف علماءَ ڊڄن ٿا) هتي جمهور علماءَ وٽ "ڪَذَالِكَ" تي وقف آهي جنهن مان سمجهيو وڃي ٿو تہ هي لفظ اڳ ۾ مذڪور مضمون سان متعلق آهي يعني مخلوقات کي مختلف قسمن ۽ مختلف رنگن تي پيدا ڪرڻ الله تعالىٰ جي قدرت ۽ حڪمت جي خاص نشاني آهي ۽ بعض روايات مان معلوم ٿئي ٿو تہ ان جو تعلق ان کان پويان آيل جملہ سان آهي يعني جيئن ميوا، جبل، خيوان ۽ انسان مختلف رنگن

(١) الدر المنثور صہ ٢١ جلد ٧

تي مشتمل آهن اهڙي طرح الله جل شانه کان ڊڄڻ ۾ بہ ماڻهن جا درجا مختلف آهن ڪنهن کي ان جو اعلىٰ درجو حاصل آهي تہ ڪنهن کي گهٽ ۽ ان جو مدار علم تي آهي جنهن کي جيتري ڄاڻ آهي ان کي اوترو خوف آهي (١)

٣ـ علماء عارفين جو قول آهي تہ "جيئن بارش کان سواءِ وڻ، ٻوٽا وغيره نہ ٿا ڄمن تيئن حضور پر نور عليه الصلوٰة والسلام جي نگاه ڪرم کان سواءِ صالح عمل قبول نہ ٿا ٿين شيطان جي عبادت کي نبوت جي برسات نہ پهتي تہ سکي وئي.

٤ـ ۽ جبلن ۾ اڇا ۽ ڳاڙها ۽ نهايت عجيب گهٽا ڪارا رستا آهن جن جا مختلف رنگ آهن مان دليل وٺندي علماء عارفين فرمايو تہ جيئن اهي مختلف رنگن جا جابلو رستا وٺي ماڻهو پنهنجن گهرن ۽ منزل مقصود تي پهچن ٿا تيئن شريعت، معرفت، طريقت ۽ حقيقت بہ منزل مقصود تي پهچائڻ وارا رنگ برنگ منظر آهن ۽ جيئن انسانن، جانورن ۽ چوپاين جا رنگ مٽ سٽ آهن تيئن انسانن جي دلين جا رنگ بہ مختلف آهن ڪا دل سفيد آهي تہ ڪا ڪاري آهي ۽ قيامت جي ڏينهن اهي ئي اثر ماڻهن جي منهن تي نمايان ٿيندا ڪن جا منهن روشن هوندا تہ ڪن جا منهن ڪارا هوندا ٥ـ "اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا" (الله کان سندس ٻانهن مان تہ صرف علماءَ ڊڄن ٿا) مان معلوم ٿيو تہ دين جا علماءَ نهايت بلند درجي وارا آهن جو الله "انما" حصر جو لفظ آڻي پنهنجو خوف ۽ خشيت کي انهن ۾ منحصر فرمايو، جنهن کي بہ الله جل شانه جو خوف نصيب ٿيندو اهو سچن عالمن جي ذريعي ٿيندو الله جل شانه جو ٻيو فرمان آهي "هَلْ يَسْتَوِي الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَالَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ" ڇا علم وارا ۽ بي علم برابر ٿين ٿا مگر علماءُ بہ اهي جن جا عقيدا صحيح ۽ عمل صالح اخلاص وارا هوندا "اَلْعُلَمٰٓؤُا" ۾ الف لام عهدي آهي (٢)

اِنَّ الَّذِيْنَ	يَتْلُوْنَ	كِتٰبَ اللّٰهِ	وَاَقَامُوا	الصَّلٰوةَ
بيشڪ اهي شخص جيڪي	پڙهن ٿا	الله جي ڪتاب کي ۽	قائم ڪن ٿا	نماز

(١) معارف القرآن صـ٣٣٦ جلد ٧ (٢) نور العرفان صـ٦٩٨

وَاَنۡفَقُوۡا مِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً

۽ خرچ ڪن ٿا ان مان جيڪو ڏنو سون انهن کي ڳجهو ۽ ظاهر

يَّرۡجُوۡنَ تِجَارَةً لَّنۡ تَبُوۡرَۙ (٢٩) لِيُوَفِّيَهُمۡ اُجُوۡرَهُمۡ

اميد رکن ٿا تجارت جي جيڪا هرگز برباد نه ٿيندي تانت پورا پورا ڏي انهن کي اجر انهن جا

وَيَزِيۡدَهُمۡ مِّنۡ فَضۡلِهٖؕ اِنَّهٗ غَفُوۡرٌ شَكُوۡرٌ (٣٠)

۽ وڌائي ڏي انهن کي پنهنجي فضل سان بلاشڪ اهو بخشڻهار قدردان آهي

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله جل شانه ٻڌايو ته الله کان علماءَ ڊڄن ٿا ۽ هتي انهن عالمن جي خاص ڪردار کي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّ الَّذِيۡنَ يَتۡلُوۡنَ كِتٰبَ اللّٰهِ" بلاشڪ جيڪي (ٻانها) الله جي ڪتاب جي تلاوت ڪن ٿا يعني ان جي تلاوت تي هميشگي ڪندي ان ۾ ذڪر ڪيل احڪام جي اطاعت ڪن ٿا هتي ڪتاب مان مراد صرف قرآن ڪريم يا ان سان گڏ اڳيان ڪتاب به آهن جيڪي اڳين نبين عليهم الصلوٰة والسلام تي نازل ٿيا هئا ۽ انهن جي تلاوت مان مراد انهن جي تصديق ڪرڻ آهي "وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ" ۽ نماز قائم ڪن ٿا يعني ان جي حقوق کي ادا ڪندي هميشه پڙهند رهن ٿا "وَاَنۡفَقُوۡا مِمَّا رَزَقۡنٰهُمۡ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً" ۽ جيڪي رزق اسان انهن کي ڏنو آهي ان مان لڪل ۽ ظاهر خرچ ڪن ٿا يعني جهڙي طرح به اتفاق ٿيو خداوند ڪريم جي واٽ ۾ ان جي ڏنل رزق مان خرچ ڪن ٿا "يَرۡجُوۡنَ تِجَارَةً لَّنۡ تَبُوۡرَ" اهڙي تجارت جي اميد رکن ٿا جيڪا ڪڏهن به نقصان ۾ نه ويندي. تجارت مان مراد آهي اطاعت تي حاصل ٿيڻ وارو ثواب سندن اهو ثواب ڪڏهن به نه ڪٽندو (١) "لِيُوَفِّيَهُمۡ اُجُوۡرَهُمۡ وَيَزِيۡدَهُمۡ مِّنۡ فَضۡلِهٖؕ" تانت انهن کي

(١) المظهري صہ ۵۴ جلد ٨

سندن اجر پورا پورا ڏي ۽ انهن کي پنهنجي فضل سان وڌائي مطلب تہ کين سندن عمل جو بدلو تہ پورو پورو ملندو پر الله جل شانه کين پنهنجي فضل سان وڌائي ڏيندو ابن ابي حاتم ۽ ابونعيم حضرت ابن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "يُوَفِّيَهُمْ أُجُورَهُمْ" الله انهن کي جنت ۾ داخل کندو ۽ "وَيَزِيدَهُمْ مِنْ فَضْلِهِ" ان لاءِ شفاعت آهي جنهن لاءِ جهنم جي واجب ٿي چڪو هوندو پر ان انهن سان دنيا ۾ چڱائي ڪئي هوندي" ان جي ڪري انهن لاءِ کين شفاعت ڪرڻ جو اذن ملندو "إِنَّهُ غَفُورٌ شَكُورٌ" بلاشڪ اهو بخشيندڙ، قدردان آهي يعني اهو سندن گناهن کي بخشيندڙ، سندن نيڪين جو قدر ڪندڙ آهي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ: انهن جا وڏا گناهہ بخشيندو ۽ سندن ٿورڙي نيڪيءَ جو بہ کين ثواب ڏيندو. (١)

شان نزول:

مفسرن پلارن لکيو آهي تہ: هيءَ آيت حصين بن حارث قرشيءَ جي حق ۾ نازل ٿي هئي (٢)

فائدو:

مذڪوره آيتن مان قرآن ڪريم جي تلاوت ڪندڙن، نماز تاهي تاهي پڙهندڙن ۽ الله جل شانه جي واٽ ۾ خرچ ڪندڙن جو شان، مقام ۽ مرتبو ظاهر ٿي رهيو آهي.

وَالَّذِيٓ أَوْحَيْنَآ إِلَيْكَ مِنَ الْكِتٰبِ هُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا

۽ جيڪو وحي ڪيو سون توڏانهن ڪتاب مان اهو ئي حق آهي تصديق ڪندڙ ان جي جيڪو

بَيْنَ يَدَيْهِ ۗ إِنَّ اللّٰهَ بِعِبَادِهٖ لَخَبِيرٌ بَصِيرٌ (٣١) ثُمَّ أَوْرَثْنَا

ان جي اڳيان آهي بيشڪ الله پنهنجي ٻانهن جي خبر رکندڙ ڏسندڙ آهي ان کان پوءِ وارث ڪيوسون

(١) المظهري صـ٥٤ جلد ٨ (٢) ساڳيو حوالو (٣) الدر المنثور صـ٢٢ جلد ٧

الْكِتٰبَ الَّذِيْنَ اصْطَفَيْنَا مِنْ عِبَادِنَا ۚ فَمِنْهُمْ ظَالِمٌ

ڪتاب جو انهن کي جو برگزيدا بنايا سون پنهنجن ٻانهن مان پوءِ انهن مان ڪو ظلم ڪندڙ آهي

لِّنَفْسِهٖ ۚ وَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ ۚ وَمِنْهُمْ سَابِقٌۢ بِالْخَيْرٰتِ

پنهنجي سر تي ۽ انهن مان ڪو وچٿرو آهي ۽ انهن مان ڪو نيڪين ۾ اڳرائي ڪندڙ آهي

بِاِذْنِ اللّٰهِ ۗ ذٰلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيْرُ ۗ (٣٢) جَنّٰتُ عَدْنٍ

الله جي اذن سان اهو ئي وڏو فضل آهي بهشت عدن جا جو

يَّدْخُلُوْنَهَا يُحَلَّوْنَ فِيْهَا مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّ

داخل ٿيندا انهن ۾ ڍڪايا ويندا ان ۾ ڪنگڻ سون جا ۽

لُؤْلُؤًا ۚ وَلِبَاسُهُمْ فِيْهَا حَرِيْرٌ (٣٣) وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ

موتي ۽ انهن جو لباس انهن ۾ پٽ هوندو ۽ چوندا ته هر حمد الله جي لاءِ آهي

الَّذِيْٓ اَذْهَبَ عَنَّا الْحَزَنَ ۗ اِنَّ رَبَّنَا لَغَفُوْرٌ شَكُوْرٌ ۙ (٣٤)

جنهن ٽاريو اسان کان غم بلاشڪ رب اسان جو البت بخشڻهار. قدردان آهي

الَّذِيْٓ اَحَلَّنَا دَارَ الْمُقَامَةِ مِنْ فَضْلِهٖ ۚ لَا يَمَسُّنَا

جنهن لاٿو اسان کي آرام سان رهڻ واري جاءِ ۾ پنهنجي فضل سان نه پهچندو اسان کي

فِيْهَا نَصَبٌ وَّلَا يَمَسُّنَا فِيْهَا لُغُوْبٌ (٣٥) وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ

ان ۾ ڪو ڏک ۽ نه پهچندو اسان کي ان ۾ ڪوتڪ ۽ جن ڪفر ڪيو انهن جي لاءِ

نَارُ جَهَنَّمَ ۚ لَا يُقْضٰى عَلَيْهِمْ فَيَمُوْتُوْا وَلَا يُخَفَّفُ

جهنم جي باھ آھي نہ حڪم ڪيو ويندو انهن تي پوءِ مري پون ۽ نہ هلڪائي ڪئي ويندي

عَنْهُمْ مِّنْ عَذَابِهَا ۭ كَذٰلِكَ نَجْزِيْ كُلَّ كَفُوْرٍ ۚ (٣٦)

انهن کان ان جي عذاب مان اهڙي طرح بدلو ڏيندا سون هر بي شڪري ڪندڙ کي

وَهُمْ يَصْطَرِخُوْنَ فِيْهَا ۚ رَبَّنَآ اَخْرِجْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا

۽ اهي دانهون ڪندا ان ۾ تہ اي اسان جا پالڻهار! ڪڍ تون اسان کي تہ ڪيون صالح عمل

غَيْرَ الَّذِيْ كُنَّا نَعْمَلُ ۭ اَوَلَمْ نُعَمِّرْكُمْ مَّا يَتَذَكَّرُ

ان کان سواءِ جيڪو ڪندا هئا سون ڇا نہ زندگي ڏني سون اوهان کي ايتري جو نصيحت وٺي سگهي

فِيْهِ مَنْ تَذَكَّرَ وَجَآءَكُمُ النَّذِيْرُ ۭ فَذُوْقُوْا فَمَا

ان ۾ اهو جو نصيحت وٺي ۽ آيو اوهان وٽ ڊيڄاريندڙ پوءِ چکو پوءِ ناهي

لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ نَّصِيْرٍ ۧ (٣٧)

ظالمن جي لاءِ ڪو مدد ڪندڙ

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ڪتاب جي تلاوت ڪندڙن، ان تي عمل ڪندڙن جو بيان هو ۽ هتي ان ڪتاب جي سچ هجڻ جي بيان سان شروعات ڪئي وئي آهي فرمان مبارڪ آهي "وَالَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ مِنَ الْكِتٰبِ هُوَ الْحَقُّ مُصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيْهِ" ۽ اسان جيڪو ڪتاب اوهان ڏانهن وحي ڪيو آهي اهو حق آهي ان کان اڳين (ڪتابن) جي تصديق ڪندڙ آهي. يعني اوهان ڏانهن وحي ذريعي موڪليل ڪتاب حق آهي ان ۾ ڪنهن بہ

قسم جو شڪ ناهي اوهان ۽ اوهان جي امت ان تي ئي عمل ڪرڻ فرمايو ۽ اهو ڪتاب جڏهن تہ اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ آهي جنهن ڪي هي سچو سڏي اهو سچو آهي ان جي ڪري هي انهن سيني جو اڳواڻ آهي "اِنَّ اللّٰهَ بِعِبَادِهٖ لَخَبِيْرٌۢ بَصِيْرٌ" بيشڪ الله پنهنجن ٻانهن جي البت خبر رکندڙ، ڏسندڙ آهي يعني اهو پنهنجن ٻانهن جي احوال جي خبر رکندڙ، ۽ اهي ڳالهيون ڏسندڙ آهي جنهن ۾ سندن ڀلائي آهي ماڻهن جي لاءِ زمان ۽ مڪان جي لحاظ سان سندن احوال کي نظر ۾ رکندي حڪم جاري ڪري ٿو ۽ نبي بہ ان کي بنائي ٿو جيڪو ان پيغام پهچائڻ جي صلاحيت رکي ٿو "ثُمَّ اَوْرَثْنَا الْكِتٰبَ الَّذِيْنَ اصْطَفَيْنَا مِنْ عِبَادِنَا فَمِنْهُمْ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ وَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ وَّمِنْهُمْ سَابِقٌۢ بِالْخَيْرٰتِ بِاِذْنِ اللّٰهِ" ان کان پوءِ پنهنجن ٻانهن مان ڪتاب جو وارث انهن کي بنايو سون جن کي برگزيدو ڪيو سون پوءِ انهن مان ڪو پنهنجي نفس تي ظلم ڪندڙ آهي ۽ انهن مان ڪو وچٿرو آهي ۽ انهن مان ڪو نيڪين ۾ اڳرائي ڪندڙ آهي الله جي اذن سان يعني اوهان ڏانهن وحي ڪيل ڪتاب جو ورثو اوهان جي امتين کي ڏنو سون جيڪي ٽي قسم آهن ١۔ "پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪندڙ" جيڪو الاهي احڪام جي ادا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪندڙ، ۽ حرام ڪيل ڪمن جو مرتڪب آهي ٢۔ "وچٿرو" جيڪو حرام کي ڇڏيندڙ، واجب ڪيل ڪم ادا ڪندڙ آهي ٣۔ الله جي اذن سان "نيڪين ۾ اڳرائي ڪندڙ" آهي جيڪو واجبات سان گڏ مستحبات بہ ادا ڪندڙ آهي ۽ حرام ڪيل شين سان گڏ مڪروهات ۽ بعضي مباحات کان بہ پري پرهيز ڪندڙ آهي ڳالهہ جو خلاصو هي آهي تہ امت انهن قسمن ۾ ورهايل آهي (١) "ذٰلِكَ هُوَ الْفَضْلُ الْكَبِيْرُ" اهو ئي وڏو فضل آهي" يعني ڪتاب جو وارث هجڻ ۽ الله جي ٻانهن مان برگزيدو هجڻ الله جل شانہ جو وڏو فضل آهي "جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا يُحَلَّوْنَ فِيْهَا مِنْ اَسَاوِرَ مِنْ ذَهَبٍ وَّلُؤْلُؤًا ۚ وَلِبَاسُهُمْ فِيْهَا حَرِيْرٌ" عدن جا بهشت جو انهن ۾ داخل ٿيندا انهن ۾ سونا ڪنگڻ ۽ موتي ڍڪايا ويندا ۽ انهن ۾ سندن لباس سچو ريشم هوندو يعني اسان جن کي برگزيده

(١) المراغي صہ ١٢٩ - ١٣٠ جزء ٢٢ جلد ٨

ڪري ڪتاب جو وارث بنايو آهي قيامت جي ڏينهن بهشت جي باغن ۾ هوندا ۽ انهن کي سونا ڪنگڻ ۽ موتي ڏکايا ويندا ۽ سندن لباس خالص ريشم هوندو "وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِيٓ اَذْهَبَ عَنَّا الْحَزَنَ اِنَّ رَبَّنَا لَغَفُوْرٌ شَكُوْرٌ" ۽ چوندا ته سڀ ساراهه ان الله جي لاءِ ثابت آهي جنهن اسان کان ڏک پري ڪيا بلاشڪ اسان جو رب البت بخشڻهار، قدردان آهي يعني بهشتن ۾ داخل ٿي مذڪور دعا جا الفاظ چوندا حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "لَيْسَ عَلٰى اَهْلِ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْشَةٌ فِيْ قُبُوْرِهِمْ وَلَا فِيْ نُشُوْرِهِمْ وَكَاَنِّيْ بِاَهْلِ لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ يَنْفُضُوْنَ التُّرَابَ عَنْ رُؤُسِهِمْ وَيَقُوْلُوْنَ "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ اَذْهَبَ عَنَّا الْحَزَنَ اِنَّ رَبَّنَا لَغَفُوْرٌ شَكُوْرٌ" لااله الاالله چوڻ وارن تي سندن قبرن ۾ ۽ نه سندن قبرن مان اٿڻ وقت ڪا وحشت هوندي ۽ مان ڄڻ ته لااله الاالله چوڻ وارن سان گڏ آهيان جو پنهنجن مٿن تان (قبرن واري) مٽي ڇنڊي مذڪور دعا پڙهي رهيا آهن (١) "اَلَّذِيٓ اَحَلَّنَا دَارَالْمُقَامَةِ مِنْ فَضْلِهٖ لَا يَمَسُّنَا فِيْهَا نَصَبٌ وَّلَا يَمَسُّنَا فِيْهَا لُغُوْبٌ" جنهن اسان کي پنهنجي فضل سان آرام سان رهڻ واري جاءِ ۾ داخل فرمايو جنهن ۾ اسان کي نه ڪو ڏک پهچندو ۽ نه اسان کي ان ۾ ڪو ٿڪ ٿيندو ابن ابي حاتم، ابن مردويه ۽ ڪتاب البعث ۾ بيهقيءَ حضرت عبدالله بن ابي اوفىٰ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته هڪ شخص حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته يارسول الله! ننڊ هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن سان الله اسان جي اکين کي قرار ڏيندو آهي ڇا بهشت ۾ به ڪا ننڊ هوندي؟ فرمايائون ته "بلاشڪ ننڊ موت جو ڀاءُ آهي ۽ جنت ۾ موت ناهي" عرض ڪيائين ته يا رسول الله! پوءِ انهن کي راحت ڏيڻ واري ڪهڙي شيءِ آهي؟ ان جو اهو عرض ڪرڻ ڪين وڏو لڳو ۽ فرمايائون ته جنت ۾ ڪو ٿڪ ناهي جنت وارن جو هر امر راحت آهي پوءِ مذڪوره آيت نازل ٿي (٢) "وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَهُمْ نَارُ جَهَنَّمَ لَا يُقْضٰى عَلَيْهِمْ فَيَمُوْتُوْا وَلَا يُخَفَّفُ عَنْهُمْ مِّنْ عَذَابِهَا" ۽ جن ڪفر ڪيو انهن جي لاءِ جهنم جي باهه آهي نه انهن تي حڪم ڪيو

(١) المراغي صه ١٢٩ـ ١٣٠ جزء ٢٢ جلد ٨ (٢) الدر المنثور صه ٣٠ جلد ٧

ويندو پوءِ مري پون ۽ نـ انهن تي ان جي عذاب مان ڪا هلڪائي ڪئي ويندي. يعني نـ انهن لاءِ موت جو فيصلو ڪيو ويندو پوءِ مري پون ۽ نـ انهن تي عذاب ۾ ڪنهن قسم جي هلڪائي ٿيندي "كَذَٰلِكَ نَجْزِي كُلَّ كَفُورٍ" اسين اهڙي طرح هر بي شڪر ڪي بدلوڏيندا سون مطلب تـ جيڪو بـ مون الله جي نعمتن جي بي شڪري ڪندو تـ ان ڪي مذڪور سزا ملندي (۱)" وَهُمْ يَصْطَرِخُونَ فِيهَا رَبَّنَا أَخْرِجْنَا نَعْمَلْ صَالِحًا غَيْرَ الَّذِي كُنَّا نَعْمَلُ" ۽ اهي ان ۾ دانهون ڪندي چوندا تـ اي اسان جا رب! اسان ڪي ٻاهر ڪڍ تـ اسين جيڪي اڳيان ڪم ڪندا هئا سون انهن کان سواءِ ٻيا ڀلا ڪم ڪندا سون مطلب تـ اهي وڏي آواز سان دانهون ڪري پنهنجن غلط ڪمن تي حسرت ڪندي عرض ڪندا تـ ياالله! اسان ڪي هتان ٻاهر ڪڍ تـ اسين وري غلط ڪم نـ ڪندا سون صالح عمل ڪندا سون "أَوَلَمْ نُعَمِّرْكُمْ مَا يَتَذَكَّرُ فِيهِ مَنْ تَذَكَّرَ وَجَاءَكُمُ النَّذِيرُ فَذُوقُوا فَمَا لِلظَّالِمِينَ مِنْ نَصِيرٍ" ڇا اسان اوهان ڪي حياتي نـ ڏني هئي جو نصيحت وٺڻ وارو ان ۾ نصيحت وٺي ها ۽ اوهان وٽ ڊيڄاريندڙ (نبي) آيو هو پوءِ عذاب چکو پوءِ (هاڻي) اوهان جي لاءِ ڪو مددگار ناهي هي انهن دانهون ڪندڙن ڪي الله جل شانه جي طرفان جواب ملندو جن ۾ ڪين ملامت ڪندي چيو ويندو تـ اوهان ساري زندگي نيڪيءَ ڏانهن توجه نـ ڪيو هاڻي ڇا ڪندؤ بس عذاب ۾ رهو "فَذُوقُوا فَمَا لِلظَّالِمِينَ مِنْ نَصِيرٍ" پوءِ (عذاب جو مزو) چکو ظالمن جي لاءِ ڪوبـ مددگار ناهي جيڪو انهن تان عذاب دفع ڪري (۲)

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا ۱۔ "مُصَدِّقًا لِمَا بَيْنَ يَدَيْهِ" (انهن جي تصديق ڪندڙ آهي جيڪي ان کان اڳي نازل ٿيا هئا) مان واضح ٿيو تـ حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن الله جل شانه جا آخري نبي آهن ڇو تـ قرآن ڪريم صرف اڳين ڪتابن جي تصديق ڪندڙ آهي ان کان پوءِ ڪو ڪتاب يا نبي اچڻو هجي ها تـ ان جو بـ ذڪر ڪري ها جيئن حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه

(۱) الڪشاف صـ۳۱۰ جلد ۳ (۲) البيضاوي ڪامل صـ ۵۷۹.

الصلوٰة والسلام حضرت حبيب پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جي اچڻ جي بشارت ڏيندو رهيو.

٢۔ "مِنْ عِبَادِنَا" (اسان جي ٻانهن مان) هتي مذڪور ٻانهن مان مراد نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي امت آهي اهي ئي ڪتاب جا وارث ۽ برگزيدا ٻانها آهن علي بن طلحة حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي ته ان مان مراد محبوب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جا امتي آهن جيڪي پاڻ تي ظلم ڪندڙ آهن انهن کي بخشيو ويندو ۽ جيڪي وچٿرا آهن انهن سان حساب آسان ٿيندو ۽ جيڪي الله جي اذن سان نيڪين ۾ اڳرائي ڪندڙ آهن اهي حساب ڪان سواءِ جنت ۾ داخل ڪيا ويندا (١)

٣۔ مذڪوره آيت مان علماء دين جو شان ۽ فضيلت به واضح آهي ڇو ته ڪتاب جو علم انهن کي مليو آهي ثعلبه بن حڪم ڪان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته "الله قيامت جي ڏينهن امت جي علماءَ کي فرمائيندو ته: مون اوهان جي سينن ۾ علم صرف ان جي لاءِ رکيو هو جو منهنجو ارادو هو ته اوهان جا عمل ڪهڙا به هجن اوهان کي بخش فرمايان" هن حديث پاڪ مان مراد جي مفسرن وضاحت ڪندي لکيو آهي ته جنهن ۾ الله جل شانه جو خوف ۽ خشيت ناهي اهو ان ۾ داخل ناهي ها خوف خدا رکندي جيڪڏهن ڪنهن ڪان ڪو گناه بشري تقاضا جي ڪري ٿي به ويو ته ان جي لاءِ مغفرت آهي (٢)

هڪ ضروري وضاحت:

بعض علماء علم دين تي غرور ڪري گناهن ڪان پاسو نه ڪندا آهن اهي به غلط آهن ۽ بعضي جاهل بي علم ٿوري گهڻي عبادت ڪندي علماء ڪان نفرت ڪندا آهن اهي به انتهائي نادان آهن ٻنهي ڌرين کي سوچي هلڻ گهرجي.

(١) ضياء القرآن ص ١٥٦ جلد ۴ (٢) معارف القرآن ص ٣۴٨ جلد ٧

إِنَّ اللّٰهَ عَالِمُ غَيْبِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ط اِنَّهٗ عَلِيْمٌ م

بيشڪ الله چاٽندڙ آهي آسمانن ۽ زمين جي غيب جو بيشڪ اهو

بِذَاتِ الصُّدُوْرِ (٣٨) هُوَ الَّذِيْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ

سينن وارا ڳجهه به چاٽندڙ آهي اهوئي آهي جنهن بنايو اوهان کي جاءِ نشين

فِى الْاَرْضِ ط فَمَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهٗ ط وَلَا يَزِيْدُ

زمين ۾ پوءِ جنهن ڪفر ڪيو پوءِ ان تي ان جو ڪفر آهي ۽ نه ٿو وڌائي

الْكٰفِرِيْنَ كُفْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ اِلَّا مَقْتًا ج وَلَا يَزِيْدُ الْكٰفِرِيْنَ

ڪافرن کي سندن ڪفر انهن جي رب وٽ مگر ڪاوڙ ۽ نه ٿو وڌائي ڪافرن کي

كُفْرُهُمْ اِلَّا خَسَارًا (٣٩) قُلْ اَرَءَيْتُمْ شُرَكَآءَكُمُ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ

سندن ڪفر مگر نقصان فرماءِ ته خبر ڏيو پنهنجن انهن شريڪن جي جن جي

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ط اَرُوْنِيْ مَاذَا خَلَقُوْا مِنَ الْاَرْضِ

عبادت ڪيو ٿا الله کان سواءِ ڏيکاريو مون کي ڇا پيدا ڪيائون زمين مان

اَمْ لَهُمْ شِرْكٌ فِى السَّمٰوٰتِ ج اَمْ اٰتَيْنٰهُمْ كِتٰبًا

يا انهن جي لاءِ ڀائيچارو آهي آسمانن ۾ يا ڏنو اسان انهن کي ڪو ڪتاب

فَهُمْ عَلٰى بَيِّنَتٍ مِّنْهُ ج بَلْ اِنْ يَّعِدُ الظّٰلِمُوْنَ بَعْضُهُمْ

پوءِ اهي روشن دليل تي آهن ان مان؟ بلڪ نه ٿا وعدو ڏين ظالم هڪڙا انهن مان

بَعْضًا اِلَّا غُرُوْرًا (۴۰) اِنَّ اللّٰهَ يُمْسِكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ

ٻين کي مگر ڌوکو بيشڪ الله روڪي رکيو آهي آسمانن ۽ زمين کي

اَنْ تَزُوْلَاۚ وَلَئِنْ زَالَتَآ اِنْ اَمْسَكَهُمَا مِنْ اَحَدٍ

هن کان جو ڏهي پون ۽ البت جيڪڏهن ڏهي پون ته نه روڪي رکندو انهن ٻنهي کي ڪو هڪڙو

مِّنْۢ بَعْدِهٖ ۭ اِنَّهٗ كَانَ حَلِيْمًا غَفُوْرًا (۴۱)

ان کان سواءِ بلاشڪ اهو آهي بردبار، بخشڻهار

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو ته ظالمن جو ڪو بچائيندڙ ۽ مددگار نه هوندو ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي ته اهي الله جل شانه کان نه لڪل آهن ۽ نه رهندا ڇو ته اهو غيب ڄاڻندڙ آهي فرمان مبارڪ آهي "اِنَّ اللّٰهَ عَالِمُ غَيْبِ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ" بلاشڪ الله آسمانن ۽ زمين جو غيب ڄاڻندڙ آهي بلاشڪ اهو سيني وارين ڳالهيون (به) ڄاڻندڙ آهي يعني اي مشرڪو! ظالمو! اوهان جيڪو ڪجهه پنهنجن خيالن ۾ ڳجهو رکو ٿا لڪايو ٿا ۽ نيت ۾ رکو ٿا ته هيئن هيئن ڪندا سون ۽ جيڪو آسمانن ۽ زمين ۾ اوهان جي اکين کان غائب آهي الله جل شانه اهو سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي ان جي پاڪ ذات کان ڍڄندا رهو ان جي پياري حبيب عليه الصلوٰة والسلام جي لاءِ مڪر ۽ فريب نه رٿيو، ان جي دين کي ختم ڪرڻ جي لاءِ نه سوچيو ۽ نه پنهنجن باطل معبودن جي مدد جو فڪر ڪيو اهي سڀ ڪم اوهان کي قيامت جي ڏينهن نفعو نه ڏيندا "هُوَالَّذِيْ جَعَلَكُمْ خَلٰۗئِفَ فِي الْاَرْضِ ۭ" اهو (الله) ئي آهي جنهن اوهان کي زمين ۾ (ٻين جو) جاءِ نشين بنايو آهي اهڙي نموني جو اوهان جا ابا. ڏاڏا سڀ ڪجهه ڇڏي وفات ڪري ويا ۽ اوهان کي انهن جو جاءِ

نشين بنايائين "فَمَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهٗ وَلَا يَزِيْدُ الْكٰفِرِيْنَ كُفْرُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ اِلَّا مَقْتًا وَلَا يَزِيْدُ الْكٰفِرِيْنَ كُفْرُهُمْ اِلَّا خَسَارًا" پوءِ جنهن ڪفر ڪيو ان تي ان جي ڪفر (جو وبال) آهي ۽ ڪافرن کي سندن ڪفر سندن رب وٽ ڪاوڙ کان سواءِ ڪجهہ نہ ٿو وڌائي ۽ ڪافرن کي سندن ڪفر نقصان کان سواءِ ڪجهہ نہ ٿو وڌائي يعني ڪفر جو وبال ڪفر ڪندڙ تي پوندو ۽ ڪافر ڪفر سان الله جل شانہ جي ڪاوڙ ۽ (پنهنجي) نقصان کان سواءِ ڪجهہ وڌائي نہ سگهندا "قُلْ اَرَءَيْتُمْ شُرَكَآءَكُمُ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَرُوْنِيْ مَاذَا خَلَقُوْا مِنَ الْاَرْضِ" فرماءِ تہ مون کي پنهنجن انهن الله سان اوهان جي طرفان شريڪ بنايلن جي خبر ڏيو جن جي اوهان الله کان سواءِ عبادت ڪيو ٿا تہ انهن زمين مان ڪهڙو حصو پيدا ڪيو آهي يعني اوهان جي باطل معبودن ڪجهہ بہ ناهيو ناهي جيڪڏهن اوهان جي گمان ۾ ڪجهہ ناهيو اٿن تہ اهو مون کي ڏيکاريو "اَمْ لَهُمْ شِرْكٌ فِى السَّمٰوٰتِ" يا انهن جو آسمانن ۾ ڪو ڀائيچارو آهي. يعني انهن جو الله سان آسمانن ۾ ڪو ڀائيچارو آهي ڇا؟ جنهن جي ڪري اهي عبادت جا مستحق آهن "اَمْ اٰتَيْنٰهُمْ كِتٰبًا فَهُمْ عَلٰى بَيِّنَةٍ مِّنْهُ" يا اسان انهن کي ڪو ڪتاب ڏنو آهي پوءِ اهي ان مان ڪنهن روشن دليل تي آهن؟ يعني انهن کي ڪو اهڙو ڪتاب ڏنو اٿئون ڇا؟ جنهن مان دليل وٺن ٿا تہ باطل معبودن کي الله جل شانہ سان شريڪ بنائن مطلب تہ انهن وٽ باطل معبودن جي عبادت لاءِ نہ ڪو عقلي دليل آهي نہ نقلي (١) "بَلْ اِنْ يَّعِدُ الظّٰلِمُوْنَ بَعْضُهُمْ بَعْضًا اِلَّا غُرُوْرًا" بلڪ ظالم هڪڙا ٻين کي ڌوڪي کان سواءِ ڪو وعدو نہ ٿا ڏين. مطلب تہ ان ڪفر ۾ ڪين ٻيو ڪوبہ دليل ناهي صرف ابن ڏاڏن جون ڳالهيون ڪري هڪ ٻئي کي ڌوڪو ڏئي رهيا آهن "اِنَّ اللّٰهَ يُمْسِكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ اَنْ تَزُوْلَا" بلاشڪ الله آسمانن ۽ زمين کي ڊهڻ کان روڪي رکيو آهي يعني الله جل شانہ آسمانن کي هيڏي هوڏي ٿيڻ کان روڪي رکيو آهي اهي پنهنجن جاين کان نہ مٿي ٿا ٿين نہ هيٺ ٿا لهن اهڙي طرح زمين کي بہ ان ئي سنڀالي رکيو آهي ان نظام کي علماءَ جاذبية جو نظام سڏيو آهي جنهن سان سيئي جهان زمين، سج، چنڊ ۽ ٻيا سيارا مربوط آهن

(١) المراغي صہ ١٣٧ جزء ٢٢ جلد ٨

جيڪڏهن اهو نظام نہ هجي تہ هي سڀ شيون ڊهي پون "وَلَئِنْ زَالَتَآ اِنْ اَمْسَكَهُمَا مِنْ اَحَدٍ مِّنْۢ بَعْدِهٖ" ۽ جيڪڏهن اهي ڊهي پيا تہ ان (الله) کان سواءِ ڪير بہ انهن کي روڪي رکي نہ سگهندو مطلب تہ الله جل شانه کان سواءِ ڪير بہ انهن کي ان حال تي هميشه رکي نہ سگهندو "اِنَّهٗ كَانَ حَلِيْمًا غَفُوْرًا" بلاشڪ اهو بردبار، بخشڻهار آهي مطلب تہ ڪافرن جي انهن ڪفر، شرڪ ۽ ٻين گناهن جي تقاضا آهي تہ ڪين جلد سزا ڏني وڃي پر الله بردبار آهي ان جي ڪري ڪين جلد سزا نہ ٿو ڏي، بخشڻهار آهي جو جيڪو بہ انهن مان توبه ڪري ٿو تہ ان جي توبه قبول ڪري ان کي بخش ٿو فرمائي.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١- "فَمَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهٗ" (جنهن ڪفر ڪيو ان جو وبال ان تي ئي هوندو) مان مراد آهي تہ قيامت ۾ ڪفر جي سزا صرف ڪافر کي ئي ملندي باقي دنيا ۾ جڏهن عذاب ايندو آهي تہ ان علائقي جون ٻيون شيون وڻ، جانور وغيره بہ هلاڪ ٿي ويندا آهن.

٢- "اِلَّا مَقْتًا" (مگر ڪاوڙ) مان واضح ٿيو تہ ڪافر جا ٻيا نيڪ عمل بہ ان کي آخرت ۾ فائدو نہ ڏيندا ڇو تہ ڪاوڙ جو اصل سبب ڪفر انهن وٽ موجود آهي جيئن بيماريءَ ۾ ناموافق غذا فائدي جي بجاءِ نقصان ڏيندي آهي.

٣- "اِنَّ اللّٰهَ يُمْسِكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ اَنْ تَزُوْلَا" (بلاشڪ الله آسمانن ۽ زمين کي ڊهڻ کان روڪي رکيو آهي) مان واضح ٿيو تہ قرآن ڪريم جي فيصلي مطابق آسمان ۽ زمين ڪونہ ٿا هلن آسمان ۾ سج، چنڊ ۽ تارا هلن ٿا (١) ۽ بعض مفسرن لکيو آهي تہ روڪي رکڻ مان مراد انهن جو موجوده منتظمه هيئت تي برقرار رهڻ آهي مطلق حرڪت مراد ناهي ان جي ڪري هن آيت سان آسمان ۽ زمين جي سڪون ۽ عدم حرڪت تي دليل وٺڻ صحيح ناهي (٢) والله اعلم.

(١) نورالعرفان صہ ٧٠٠ (٢) حاشيه دريابادي صہ ٨٨٠

وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ جَآءَهُمْ

۽ قسم کنيائون الله جو پکا قسم پنهنجا تہ البت جيڪڏهن آيو انهن وٽ ڪوبہ

نَذِيْرٌ لَّيَكُوْنُنَّ اَهْدٰى مِنْ اِحْدَى الْاُمَمِ ۚ فَلَمَّا

ڏيڇاريندڙ تہ البت ضرور ٿيندا وڌيڪ هدايت وارا هر هڪ ٽوليءَ کان پوءِ جڏهن

جَآءَهُمْ نَذِيْرٌ مَّا زَادَهُمْ اِلَّا نُفُوْرَانِ ۙ (٤٢) اسْتِكْبَارًا

آيو انهن وٽ ڏيڇاريندڙ تہ نہ وڌايائين انهن کي مگر نفرت وڏائي ڪرڻ

فِى الْاَرْضِ وَمَكْرَ السَّيِّئِ ۗ وَلَا يَحِيْقُ الْمَكْرُ السَّيِّئُ اِلَّا بِاَهْلِهٖ ؕ

۽ بڇڙي رٿ جي ڪري ۽ نہ ٿي گهيرو ڪري رٿ بڇڙي مگر ان جي اهل سان

فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا سُنَّتَ الْاَوَّلِيْنَ ۚ فَلَنْ تَجِدَ

پوءِ نہ ٿا انتظار ڪن مگر پهرين جي دستور جو پوءِ هرگز نہ لهندين

لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ۚ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَحْوِيْلًا (٤٣)

الله جي دستور لاءِ ڪا مٽ سٽ ۽ هرگز نہ لهندين الله جي دستور لاءِ ڪا ڦير ڦار

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي طرفان توحيد جي انڪار ڪرڻ تي انهن کي سختيءَ سان تنبيه ڪندي ۽ سندن عقلن جو نہ جي برابر هجڻ بيان ڪيو ويو ۽ هتي انهن جي طرفان رسالت جي انتظار ڪرڻ کان پوءِ ان کي نہ مڃڻ جو بيان ٿي رهيو آهي.

شان نزول

ابن ابي حاتم ابي هلال کان روایت آندي آهي ان فرمايو تہ "مون کي اها ڳالهہ پهتي آهي تہ قريشي چوندا هئا" جيڪڏهن اسان مان ڪونبي مبعوث ڪيو ويو تہ اسان کان وڌيڪ ان جو وڌيڪ نہ ڪومجڻ وارو هوندو ۽ نہ ان جي قول کي ڪو وڌيڪ ٻڌڻ وارو هوندو ۽ يهودي بہ ان جي وسيلي سان جنگ ۾ فتح طلب ڪندا هئا - انهن جي متعلق اهو فرمان نازل ٿيو (١) " وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ جَآءَهُمْ نَذِيْرٌ لَّيَكُوْنُنَّ اَهْدٰى مِنْ اِحْدَى الْاُمَمِۚ " ۽ پنهنجن پڪن قسمن سان الله جو قسم کنيائون تہ البت جيڪڏهن انهن وٽ ڪو ڊيڄاريندڙ آيوتہ اهي ٻئي هرهڪ ٽوليءَ کان وڌيڪ هدايت وارا هوندا - يعني مڪه مڪرمه جي رهاڪو مشرڪن الله جا پڪا قسم کڻي چيو هو تہ جيڪڏهن انهن وٽ الله جل شانه جي طرفان ڊيڄاريندڙ رسول آيو تہ اهي ٻين ٽولن کان وڌيڪ حق تي هلندڙ ۽ وڌيڪ هدايت وارا هوندا " فَلَمَّا جَآءَهُمْ نَذِيْرٌ مَّا زَادَهُمْ اِلَّا نُفُوْرًا اسْتِكْبَارًا فِى الْاَرْضِ وَمَكْرَ السَّيِّئِۚ " پوءِ جڏهن انهن وٽ ڊيڄاريندڙ آيو تہ انهن کي نفرت کانسواءِ ڪجهہ نہ وڌايائين زمين ۾ وڏائي ڪرڻ ۽ بري رٿ رٿڻ جي ڪري - يعني جڏهن انهن وٽ ڪين الله جل شانه کان ڊيڄاريندڙ رسول تشريف فرماٿيو تہ ان کي مڃڻ جي بجاءِ الله جي ذات تي ايمان آڻڻ کان پري ٿيا حق کان منهن موڙيائون ۽ ان جي آيتن جي اتباع ڪرڻ جي بجاءِ زمين ۾ تڪبر ڪندي بري رٿ رٿي ماڻهن کي ايمان کان روڪيائون. " وَلَا يَحِيْقُ الْمَكْرُ السَّيِّئُ اِلَّا بِاَهْلِهٖ " ۽ بري رٿ ان کي رٿيندڙن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي گهيري ۾ نہ وٺندي آهي - يعني ان جو وبال انهن تي ئي پوندو - زهري روايت ڪئي آهي تہ نبي (پاڪ) عليه الصلوٰة والسلام جن فرمايو " لَا تَمْكُرُوْا وَلَا تُعِيْنُوْا مَاكِرًا فَاِنَّ اللّٰهَ يَقُوْلُ " " وَلَا يَحِيْقُ الْمَكْرُ السَّيِّئُ اِلَّا بِاَهْلِهٖ " "وَلَا تَبْغُوْا وَلَا تُعِيْنُوْا بَاغِيًا فَاِنَّ اللّٰهَ سُبْحَانَهٗ يَقُوْلُ " " اِنَّمَا بَغْيُكُمْ عَلٰى اَنْفُسِكُمْ" "وَلَا تَنْكُثُوْا وَلَا تُعِيْنُوْا نَاكِثًا فَاِنَّ اللّٰهَ يَقُوْلُ " " فَمَنْ نَّكَثَ فَاِنَّمَا يَنْكُثُ عَلٰى نَفْسِهٖ " (٢) نہ مڪر ڪيو ۽ نہ مڪر ڪندڙ جي مدد ڪيو. بلاشڪ الله جو فرمان آهي تہ

(١) الدر المنثور صـ ٣٦ جلد ٧ (٢) المراغي صـ ١٣٩ - ١٤٠ جزء ٢٢ جلد ٨

" برو مڪر ان جي اهل کي ئي گهيرو ڪندو آهي " ۽ نہ بغاوت ڪيو ۽ نہ بغاوت ڪندڙ جي مدد ڪيو بلاشڪ اللهجو فرمان آهي تہ " اوهان جي بغاوت جو وبال اوهان جي سرن تي آهي " ۽ نہ وعدو پڄو ۽ نہ وعدي پڄندڙ جي مدد ڪيو بلاشڪ الله جو فرمان آهي تہ " جيڪو وعدو پڄي ٿو پوءِ بلاشڪ پنهنجي سرن تي (وبال حاصل ڪرڻ جي لاءِ) پڄي ٿو " فَهَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا سُنَّتَ الْاَوَّلِيْنَ " پوءِ پهرين دستور کان سواءِ ڪوبہ انتظار نہ ٿا ڪن. يعني خواهش رکن ٿا تہ ڪين بہ پهرين جهڙو عذاب ڪيو وڃي. "فَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَبْدِيْلًا ۚ وَلَنْ تَجِدَ لِسُنَّتِ اللّٰهِ تَحْوِيْلًا" پوءِ الله جي دستور جي لاءِ ڪڏهن بہ مٽاسٽا نہ لهندين ۽ الله جي دستور لاءِ ڪڏهن بہ ڦير ڦار نہ لهندين - يعني هر ان شخص جي لاءِ جنهن الله جي نبي عليه الصلوٰة والسلام کي ڪوڙو ڄيو نہ مڃيو الله جو اهو دستور رهيو آهي تہ انهن کي عذاب ڪندو ۽ ان جي ان دستور ۾ نہ ڪنهن قسم جي مٽاسٽا آهي ۽ نہ ڦيرڦار آهي - نہ عذاب جي جاءِ تي رحمت ڦيرائي ويندي ۽ نہ هڪڙي کان ٻئي ڏانهن عذاب ڦيرايو ويندو.(١)

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

١: "اِسْتِكْبَارًا فِى الْاَرْضِ" (زمين ۾ وڏائي ڪرڻ جي لاءِ) مان واضح ٿيو تہ تڪبر ۽ غرور اهڙي بري بيماري آهي جو ان جي ڪري انسان الله جل شانه جي نبي عليه الصلوٰة والسلام جي پيرويءَ کان محروم رهجي ٿو وڃي الله جل مجده جي نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي بارگاهہ ۾ عاجزي، نياز ۽ محبت سان ايمان جي دولت ملندي آهي مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن جي ڪفر جو خاص سبب اهو هو جو انهن پاڻ کي نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام کان وڏيڪ سمجهيو هو - چوڻ لڳا تہ اسين مالدار آهيون ۽ اهو مسڪين آهي ۽ گهٽ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام کي پاڻ جهڙو بشر سمجهيو هو.

٢: " وَلَا يَحِيْقُ الْمَكْرُ السَّيِّئُ اِلَّا بِاَهْلِهٖ " (۽ بري رٿ ان جي رٿيندڙن کي ئي

(١) المراغي صـ ١٤٠ جزء ٢٢ جلد ٨

گهيري ۾ رکندي آهي) هتي "لَايَحِيْقُ" جي معنىٰ "لَايُحِيْطُ" آهي جنهن مان مراد آهي تہ بري تدبير جو وبال ٻئي ڪنهن تي نہ پوندو تدبير ڪندڙن تي پوندو آهي - جيڪو ٻئي لاءِ کڏ کوٽيندو آهي پاڻ ان ۾ ڪرندو آهي.

هڪ شبهو

دنيا ۾ ڪيترائي ڀيرا ڏٺو ويو آهي تہ بري تدبير ڪندڙ جي تدبير ڪم ڪري ڏيکاريندي آهي ۽ ان سان جنهن کي نقصان پهچائڻ جو ارادو ڪيو ويندو آهي ان کي نقصان پهچندو آهي.

جواب:

ان کي جيڪو نقصان پهچي ٿو اهو صرف دنيا جو آهي ۽ ان بري تدبير ڪندڙ کي جيڪو نقصان پهچندو اهو آخرت جو آهي جنهن جي بہ نسبت دنيوي نقصان نہ هجڻ جي برابر آهي ڪڏهن تہ ان بري تدبير ڪندڙ ظالم کي دنيا ۾ ئي سزا ملي ويندي آهي.

اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ

ڇا نہ گهميا زمين ۾ پوءِ ڏسن تہ ڪهڙي طرح هئي پڇاڙي انهن جي

مِنْ قَبْلِهِمْ وَكَانُوْٓا اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً ۭ وَمَا كَانَ اللّٰهُ

جيڪي انهن کان اڳي هئا ۽ هئا تمام ڏاڍا انهن کان طاقت ۾ ۽ ناهي الله (اهڙو)

لِيُعْجِزَهٗ مِنْ شَيْءٍ فِى السَّمٰوٰتِ وَلَا فِى الْاَرْضِ ۭ اِنَّهٗ

جو عاجز بنائي ان کي ڪا شيءِ آسمانن ۾ ۽ نڪي زمين ۾ بلاشڪ اهو

كَانَ عَلِيْمًا قَدِيْرًا (٤٤) وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِمَا كَسَبُوْا

آهي ڄاڻندڙ قدرت وارو ۽ جيڪڏهن پڪڙي ها الله ماڻهن کي ان سببان جيڪي ڪيائون

مَا تَرَكَ عَلٰى ظَهْرِهَا مِنْ دَآبَّةٍ وَّلٰكِنْ يُّؤَخِّرُهُمْ

تہ نہ ڇڏي ها ان جي پٺيءَ تي ڪا چرندڙ شيءِ پر مهلت ڏي ٿو انهن کي

اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّىۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ

مقرر ڪيل مدي تائين پوءِ جڏهن سندن مدو آيو پوءِ بيشڪ الله آهي

بِعِبَادِهٖ بَصِيْرًا ع (۴۵)

پنهنجن ٻانهن کي ڏسندڙ.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ اڳين ڪافرن جي هلاڪ ڪرڻ جو ذڪر ڪري نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي دور وارن ڪافرن کي تنبيه ڪئي وئي ۽ هنن آيتن ۾ انهن کي شام، عراق ۽ يمن ڏانهن تجارتي سلسلي ۾ ويندي انهن جي ماڳن کان لنگهندي نصيحت حاصل ڪرڻ ۽ عبرت وٺڻ جو حڪم ڪيو ويو آهي. ” فرمان عالي شان آهي: اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَكَانُوْٓا اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةًؕ ڇا زمين ۾ نہ گهميا پوءِ ڏسن تہ ڪائڻ اڳين جي پڇاڙي ڪيئن ٿي ۽ اهي هنن کان قوة ۾ بہ تمام (وڏا ۽) سخت هئا . يعني ڇا مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن شام ۽ يمن ڏانهن سفر نہ ڪيو آهي جو اتي انهن کان اڳي آباد قومن عاد ۽ ثمود جا ماڳ ڏسن تہ انهن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ خراب ٿي حالانڪ اهي هنن کان قوت ۾ سخت ڏاڍا ۽ وڏا هئا. پر ان هوندي بہ هلاڪ ٿي ويا - ” وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُعْجِزَهٗ مِنْ شَيْءٍ فِى السَّمٰوٰتِ وَلَا فِى الْاَرْضِؕ“ ۽ الله (اهڙو) ناهي جو ان کي ڪا شيءِ آسمانن ۽ زمين ۾ عاجز بنائي سگهي يعني اهو جيئن گهري ٿو

ڪري ٿـو ان جي حـڪم جي اڳيـان ڪابہ شيءِ رڪاوٽ نہ ٿي بنجي سگھي. "اِنَّهٗ كَانَ عَلِيْمًا قَدِيْرًا" بلاشڪ اهو ڄاڻندڙ ، قادر آهي - يعني هر هڪ شيءِ جي احوال کي چڱي طرح ڄاڻندڙ، ۽ ان ۾ تصرف ڪرڻ تي قـادر آهي (١)." وَلَوْ يُؤَاخِذُ اللّٰهُ النَّاسَ بِمَا كَسَبُوْا مَاتَرَكَ عَلٰي ظَهْرِهَا مِنْ دَآبَّةٍ " ۽ جيڪڏهن الله ماڻهن کي سندن ڪيل عـملن تي پڪـڙي ها تہ ان (زمين) جي پٺيءَ تي ڪو ڄرندڙ نہ ڇڏي ها - مطلب تہ سڀ هلاڪ ٿي وڃن ها . " وَّلٰكِنْ يُّؤَخِّرُهُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى" ۽ پر انهن کي مقرر ڪيل مدي تائين مهلت ڏي ٿـو " فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ فَاِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِعِبَادِهٖ بَصِيْرًا" پوءِ جڏهن انهن جو مدو ايندو تہ پوءِ بلاشڪ الله پنهنجن ٻانهن کي ڏسندڙ آهي - يعني مقرر ڪيل مدي جي اچڻ کان پوءِ الله جل شانه ٻانهن کي سندن ڪيلن عملن ڀلن يا برن جي مطابق بدلو ڏيندو اهو پنهنجن ٻانهن کي ڏسندڙ آهي ان کان ڪابہ سنهي يا ٿلهي شيءِ لڪل ناهي.

فائدو:

هن مذڪوره سورة تي غور ڪرڻ سان واضح ٿئي ٿو تہ هن ۾ هي ڳالهيون سمجهايون ويون آهن.

١: الله جل شانه جي ان قدرت تي دليل ڏنا ويا آهن تہ اهوئي ڪائنات کي وجود ڏيندڙ ۽ انهن تي مهربانيون ۽ انعام ڪندڙ آهي.

٢: ماڻهن کي الله جل شانه جون نعمتون ياد ڏياريون ويون آهن تانتہ اهي شڪر ڪن.

٣: اڳين نبين عليهم الصلوٰة والسلام جي قومن طرفان ڪين نہ مڃڻ جو ذڪر ڪري حضـور پر نور عليـه الصلوٰة والسـلام جن کي تسلي ڏني وئي آهي تہ پاڻ غمگين نہ ٿين ڪافرن جوهميشه اهو دستور رهيو آهي.

٤: عام ماڻهن کي سڏي ڪين ڀلاين سان سينگارجڻ ۽ ڪريل ڪمن کان بچڻ لاءِ چيو ويو آهي ۽ انهن کي شيطان جي رستي تي هلڻ کان روڪيندي الله جل شانه جي ارضي ۽ سماوي آيات ۾ غور ۽ تدبر جي دعوت ڏني وئي آهي.

(١) تفسير حسيني فارسي صہ ٧٠٦

۵: مثالن ڏيڻ سان سمجهائي ڏئي مومن ۽ ڪافرن ۾ فرق بيان ڪيو ويو آهي.

٦: مومن کي عالمن محققن ۽ متقي صالحن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي عمل جي لحاظ سان ٽن قسمن ۾ ورهايو ويو آهي.

۷: ڪافرن ۽ مومن جي عاقبت بيان ڪندي ڪين قيامت ۾ جيڪو ڪجهہ سامهون ايندو ان جوذڪر ڪيو ويو آهي. (١)

الحمد لله جو مون گنهگار اڄ ڇنڇر جي رات سادي ڏهين بجہ بمورخہ ٢٩ رجب ١۴٢۴ھ الموافق ٢۷ - ٩ - ٢٠٠٣ - تي پنهنجي لائبريريءَ ۾ ويٺي سورة فاطر جو هي تفسير لکي پورو ڪيو. دعا آهي تہ رب العزة جل شانه حبيب پاڪ صلي الله عليه وسلم جي صدقي باقي رهيل تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي - آمين يا الله العلمين.

الفقير

محمد ادريس الداهري عفي عنه



(١) المراغي صـ جزء ٢٢ جلد ٨

سورة يٰسٓ جو تعارف

هن سورة مباركه جي تعارف ۾ هي ست ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ

هن ڀلاري سورة جو نالو " يٰسٓ " آهي جيڪو ان جي پهرين آيت مان ورتل آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد

هن ۾ پنج رڪوع، ٽياسي (٨٣) آيتون، ست سؤ اوڻٽيهہ ڪلما (٧٢٩) ۽ ٽي هزار (٣٠٠٠) حرف آهن (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟

ابن الضريس، نحاس، ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان ۽ ابن مردويه ام المومنين سيده عائشه رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ هيءَ سورة مڪه مڪرمه ۾نازل ٿي هئي. (٢)

نزول واري وقت حالتون

هن سورة جي مضمونن تي غور ڪرڻ سان خبر پوي ٿي ته هي ان وقت نازل ٿي هئي جنهن وقت مڪه مڪرمه جا رهاڪو وڏي شدت ۽ پوري قوت سان اسلام جو انڪار ڪري رهيا هئا ۽ اسلام پنهنجي فطري حسن ۽ جمال سان سعادتمند روحن کي پاڻ ڏانهن تيزيءَ سان ڇڪي رهيو هو - ان ڪيفيت کي ڏسي مشرڪ گهٻرائجي ويا هئا.

مضمون

هن سورة ۾ اسلامي دعوت جي ٽن بنيادي اصولن ڏانهن سڏيو ويو آهي "١" توحيد "٢" رسالت " ٣" قيامت - سڀ کان اول نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي برحق رسول هجڻ کي قرآن ڪريم جي قسم کڻڻ سان بيان ڪيو ويو آهي ۽ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ اوهان صراط مستقيم تي آهيو - گهڻي مدت کان عرب جي سرزمين نبوت جي نور کان محروم رهندي ٿي آئي ڪئين سؤ سال

(١) خازن صہ ٢ جلد ٤ (٢) الدر المنثور صہ ٣٧ جلد ٧

گذري چڪا هئا تہ هن علائقي ۾ ڪو نبي مبعوث نہ ٿيو هو - گهڻي عرصي تائين گمراهہ رهڻ جي سببان انهن جي فهم ۽ غور جون قوتون بيڪار بنجي چڪيون هيون ان جي ڪري انهن حضور پرنور عليه الصلوٰة والسلام جن تي ايمان آڻڻ کان انڪارڪيو هو - هن سورة ۾ انهن کي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ڪرڻ جي لاءِ هڪ تباهہ ٿيل ڳوٺ جو حال بہ ٻڌائي کين متنبہ ڪيو ويو تہ انهن الله جل شانه جي پيغام پهچائيندڙن کي ڪوڙو ڇيو هو ان جي ڪري اهي برباد ڪيا ويا اوهان انهن جي روش اختيار نہ ڪيو - ان دوران هڪ مومن ٻانهي جو ذڪر بہ آيو آهي جنهن جي ايماني قوت ۽ قرباني ۽ جو جذبو اڄ بہ اسان جي مئل دلين کي نئين حياتي بخشي رهيو آهي - ان کان پوءِ الله جل شانه پنهنجي قدرت ۽ حڪمت تي تڪويني دلائل پيش فرمايا آهن ڦٽل ۽ ويران زمين تي مينهن ڪير ٿو وسائي؟ ڪنهن جي حڪم سان غذائي جنسون ۽ گهڻي تعداد ۾ مختلف رنگن ۽ ذائقن وارا ميوا پيدا ٿين ٿا - سج ۽ چنڊ جي ايرڻ ۽ لهڻ ۽ ان جي مقرر ڪيل رفتار ڏانهن متوجه ڪيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ اهي سڀ پنهنجي مدار ۾ هلڻ جي باوجود نہ ڪڏهن هڪ ٻئي سان ٽڪرجن ٿا ۽ نہ مقرر ڪيل وقت کان گسن ٿا ۽ نہ هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪن ٿا اهو پيچيده نظم ونسق ان عمدگيءَ سان ڪنهن جي تدبير عمل جو نتيجو آهي؟ دريائن ۽ سمنڊن ۾ ٻيڙيون سامان ۽ مسافر کڻي هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ تائين ڪنهن جي حڪم سان پهچائين ٿيون - انسان جيڪو منيءَ جي قطري مان وجود ۾ آيو آهي اهو ڪهڙي شيءِ جي ڪري قيامت جو انڪار ڪري ٿو ۽ قيامت جي واقع ٿيڻ تي شبهن ۽ اعتراضن جا ڍير لڳائي ٿو چئي - اهو پڇي ٿو تہ هنن پراڻين ۽ سڙيلن هڏين کي ڪير زندهہ ڪندو؟ - اي محبوب ! عليڪ الصلوٰة والسلام! اوهان انهن نااهلن کي ٻڌايو تہ: جنهن الله جل شانه انهن کي پهريان پيدا ڪيو هو، جنهن جي امر " ڪن " سان هي جهان رنگ ۽ بوءِ جي معرض وجود ۾ آيو، جنهن جي قدرتي هٿ ۾ زمين ۽ آسمان جي حڪومت آهي، جيڪو هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي اهوئي قيامت جي ڏينهن اوهان کي قبرن مان زنده ڪري اٿاريندو ۽ جواب ڏيڻ لاءِ پنهنجي عدالت ۾ پيش ڪندو - هن سورة مبارڪ

۾ ۽ شيون اوهان جي خصوصي توجه ۾ رهڻ جون مستحق آهن. " ١ " آيت عـ ۴٧ ۾ سرمايه دارانه ذهنيت کي بي نقاب ڪيو ويو آهي تہ جڏهن انهن کي مسڪينن ۽ غريبن جي ضرورتن پوري ڪرڻ جي لاءِ سڏيو ٿو وڃي تہ چون ٿا تہ جن کي الله جل شانه رزق نہ ڏنو آهي اسين ڪير آهيون جو انهن کي رزق ڏيون ۽ سندن ضرورتون پوريون ڪيون - حقيقت ۾ اهو سندن جواب محض سندن ڪنجوسائپ ۽ بخيليءَ تي پردي وجهڻ جي ڪوشش آهي جيڪڏهن اهي صرف الله جل شانه جي طرفان عطا ڪرڻ تي مطمئن آهن تہ پوءِ روزگار ڪمائڻ جي ڪوشش ۾ ايترو ڇو مصروف آهن جو ان لاءِ ڪنهن ضابطي ۽ قانون جي پائبنديءَ کي بہ ڳرو سمجهندا آهن دولت ڪمائڻ جي لالچ ۾ الله جل شانه جي حدن کي اورانگهي هليا وڃن ٿا. انهن کي انهن ڳالهين پڇڻ جو ڪهڙو حق آهي؟ انهن جي دلين ۾ پنهنجي دولت جي ايتري محبت آهي جو اهي ان کان جدا ٿيڻ نہ ٿا گهرن ۽ ڪنهن مسڪين جي مسڪينيءَ تي انهن کي ڪوبہ رحم ناهي ۽ نہ ڪنهن بيوهہ يا يتيم تي ڪين دل ۾ ڪا تڙپ رهي ٿي " ٢ " آيت عـ ٦٩ ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ: منهنجي محبوب نبي عليه الصلوٰة والسلام جي علوم ومعارف جو ماخذ خيال آفريني، مبالغه آرائي ۽ شاعرانه خيالات ناهي بلڪ انهن جوسرچشمہ الله جل شانه جي ڪلام وارو مقدس ڪتاب آهي جنهن کي ان پنهنجي حبيب عليه الصلوٰة والسلام تي نازل فرمايو آهي تانت اهو هر ان شخص کي بروقت خبردار ڪري جنهن ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ انسانيت موجود آهي.

اڳينءَ سورة سان ربط ۽ مناسبت

هيءَ سورة پلاري سورة الجن کان پوءِ نازل ٿي هئي ۽ هن جي سورة فاطر کان پويان رکڻ جا بہ وجه آهن . ١: تہ اڳينءَ سورة ۾ " وَجَاۤءَكُمُ النَّذِيْرُ " (۽ اوهان وٽ ڊيڄاريندڙ آيو) ۽ " وَاَقْسَمُوْا بِاللّٰهِ جَهْدَ اَيْمَانِهِمْ لَئِنْ جَاۤءَهُمْ نَذِيْرٌ " (۽ الله جا پڪا قسم کڻي چيائون تہ البت جيڪڏهن انهن وٽ ڊيڄاريندڙ ايندو)جڏهن انهن وٽ آيو تہ ان کان منهن موڙيائون ان کي ڪوڙو چيائون هن سورة کي قسم سان شروع ڪري ان جي رسالت کي صحيح قرار ڏنو ويو ۽ ٻڌايو ويو تہ اهو صراط مستقيم تي

آهي. ٢: اڳيئن سورة ۾ " وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ " (۽ سج ۽ چنڊ مطيع بنايائين) آيو تہ هن سورة ۾ وَالشَّمْسُ تَجْرِيْ لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا " (۽ سج پنهنجي قرار واري جاءِ ڏانهن هلي ٿو) ۽ " وَالْقَمَرَ قَدَّرْنٰهُ مَنَازِلَ " (۽ چنڊ جون منزلون مقرر ڪيون اٿئون) آيو آهي.(١)

ڀلايون ۽ برڪتون

هن سورة پاڪ جون ڀلايون نبوي احاديث علىٰ قائلها الصلوة والسلام ۾ تمام گهڻيون آيل آهن جن مان ڪجهہ هتي قارئين ڪرام جي لاءِ لکجن ٿيون .

١: دارمي، ابويعلىٰ، الاوسط ۾ طبراني، ابن مردويه، شعب الايمان ۾ بيهقيءَ حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو " مَنْ قَرَاَ يٰسٓ فِيْ لَيْلَةٍ اِبْتِغَاءَ وَجْهِ اللهِ غَفَرَ اللهُ لَهٗ تِلْكَ اللَّيْلَةَ" جنهن رات جو (سورة) يٰس تلاوت ڪئي تہ الله ان رات ان کي بخشي ڇڏيندو.

٢: خطيب حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو " جنهن سورة يٰس جي تلاوت ٻڌي تہ اهو ان جي لاءِ ويهن دينارن في سبيل الله خيرات ڪرڻ جي برابر آهي ۽ جنهن ان جي تلاوت ڪئي تہ ان لاءِ ويهن حجن جي برابر آهي ۽ جنهن اها لکي پيتي تہ اها ان جي اندر ۾ هزار يقين ۽ هزار نور ۽ هزار برڪتون ۽ هزار رحمتون ۽ هزار رزق داخل ڪري ان مان هر قسم جو ڏوڪو ۽ بيماري ڪڍي ڇڏيندي.

٣: بزار حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ نبي پاڪ عليه الصلوة والسلام جن فرمايو "لَوَدِدْتُ اَنَّهَا فِيْ قَلْبِ كُلِّ اِنْسَانٍ مِّنْ اُمَّتِيْ " منهنجي پسند آهي تہ اها (سورة يٰس) منهنجي هر امتيءَ جي دل ۾ هجي.

٤:طبراني ۽ ابن مردويه حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو " مَنْ دَاوَمَ عَلٰى قِرَاءَةِ (يٰسٓ) كُلَّ لَيْلَةٍ ثُمَّ مَاتَ مَاتَ شَهِيْدًا " جنهن سورة يٰس جي هر رات تلاوت تي هميشگي ڪئي ان کان پوءِ مري ويو تہ شهيد ٿي رحلت ڪندو."

٥: ابن مردويه عقبة بن عامر رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى

(١) المراغي صہ ١٤٤ جزء ٢٢ جلد ٨

الله عليه وسلم جن فرمايو " جنهن يٰسٓ پڙهي ان ڄڻ قرآن جا ڏهه ختم ڪديا "

٦: ابن النجار پنهنجي تاريخ ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو " مَنْ زَارَ قَبْرَ وَالِدَيْهِ اَوْ اَحَدِهِمَا فِىْ كُلِّ جُمُعَةٍ فَقَرَاَ عِنْدَهُمَا (يٰسٓ) غَفَرَ اللّٰهُ لَهٗ بِعَدَدِ كُلِّ حَرْفٍ مِّنْهَا " جنهن هر جمعه جي ڏينهن پنهنجي والدين يا انهن مان ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪئي ۽ انهن وٽ يٰسٓ پڙهي ته الله انهن کي ان جي هرهڪ حرف جي تعداد آهر مغفرت عطا ڪندو (١).

٧: امام احمد، ابوداؤد، نسائي، ابن ماجه، طبراني وغيرهم حضرت معقل بن يسار رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو " يٰسٓ قَلْبُ الْقُرْاٰنِ " (٢) يٰسٓ قرآن جي دل آهي هي ائين تشبيه آهي جيئن سورة فاتحه جي لاءِ فرمان آهي ته اها ام القرآن آهي - ان کي ام القرآن قرار ڏيڻ جو وجه هي آهي ته ان ۾ قرآن مجيد جي پوري تعليم جو خلاصو اچي ويو آهي ۽ يٰسٓ کي قرآن ڪريم جي دل سڏڻ جو وجه هي آهي جو اها قرآن ڪريم جي دعوت کي اهڙي پرزور طريقي سان پيش ڪري ٿي جنهن سان جمود ٽٽي ٿو ۽ روح ۾ تڙپ پيدا ٿئي ٿي.

٨: حضرت معقل بن يسار رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو " اِقْرَءُوْهَا عَلٰى مَوْتَاكُمْ " يعني يٰسٓ " (٣) سورة يٰسٓ پنهنجي مري ويندڙن تي تلاوت ڪيو - انهيءَ مصلحت اها آهي ته مرڻ وقت مسلمان جي ذهن ۾ نه صرف اهو ته سمورا اسلامي عقائد تازا ٿي وڃن بلڪ خصوصيت سان ان جي سامهون آخرت جي جهان جو نقشو به اچي وڃي ۽ اهو سمجهي ته دنيوي حياتيءَ جي منزل کان لنگهي هاڻي اڳيان ان کي ڪهڙيون منزلون سامهون اچڻ واريون آهن ان مقصد جي تڪميل لاءِ مناسب آهي ته عربي نه ڄاڻندڙ، مرڻ واري جي اڳيان سورة يٰسٓ جو ترجمو به پيش ڪيو وڃي تانته اهو ٻڌي پوري طرح نصيحت حاصل ڪري. (٤)

(١) الدر المنثور صه ٣٧ - ٤٠ جلد ٨ (٢) روح المعاني صه ٢٠٨ جزء ٢٢ جلد ٨ (٣) تفسير ابن ڪثير صه ٥٦٣ جلد ٣ (٤) تفهيم القرآن صه ٢٤٤ جلد ٤

وَهِيَ ثَلَاثٌ وَّثَمَانُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ يٰسٓ مَكِّيَّةٌ	وَخَمْسُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها ٨٣ آيتون	سوره يٰسٓ مڪيه آهي.	۽ پنج رڪوع آهي
	بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ	

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي

يٰسٓ (١) وَالْقُرْاٰنِ الْحَكِيْمِ (٢) اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ

قسم آهي قرآن حڪيم جو بلاشڪ تون البت مرسلن مان آهين

(٣) عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ (٤) تَنْزِيْلَ الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ (٥) لِتُنْذِرَ

سڌي واٽ تي (قرآن جو) نازل ڪرڻ غالب. مهربان وٽان آهي تانته ڏيڄارين

قَوْمًا مَّآ اُنْذِرَ اٰبَآؤُهُمْ فَهُمْ غٰفِلُوْنَ (٦)

ان قوم کي جون ڏيڄاريا ويا ابا ڏاڏا انهن جا پوءِ اهي غافل آهن

لَقَدْ حَقَّ الْقَوْلُ عَلٰٓى اَكْثَرِهِمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ (٧)

البت تحقيق ثابت ٿيو قول انهن مان گھڻن تي پوءِ اهي ايمان نه ٿا آڻين.

تفسير:

اڳين ۽ سورة ۾ حضور پر نور عليه‌الصلوٰة والسلام جن جو بشير ۽ نذير بنائي موڪلڻ جو بيان ٿيو ۽ هتي سندن ئي رسالت کي تاڪيدي الفاظ سان بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي ”يٰسٓ“ هن لفظ جي معنىٰ ۾ مختلف قول آهن.

١: ته اهي مقطعات حرف آهن جن جو علم الله جل شانه کي آهي ۽ انهن جي

آڻ مان مقصد قرآن ڪريم جو معجزو هجڻ ثابت ڪرڻ آهي تانت دنيا ڪي خبر پوي تہ هي انهن ئي لفظن مان ٺاهيل ڪلام آهي جيڪي عرب عام استعمال ڪن ٿا پوءِ بہ ان جهڙو نہ ٿا ٺاهي سگهن ان جي ڪري جو هي الله جو ڪلام آهي ٻانهي جو ناهي.(١) .

٢: هي قرآن ڪريم جو نالو آهي (٢).

٣: اهو الله جل شانه جي نالن پاڪن مان هڪ پاڪ نالو آهي .

٤: حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ،عڪرمه، ضحاڪ، حسن بصري ۽ سفيان بن عيينه جو قول آهي تہ " يٰسٓ " جي معنیٰ آهي يا انسان! اي انسان (٣)

٥: تہ اهو حضرت نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جونالو مبارڪ آهي ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان ۽ ابن ابي شيبه، ابن المنذر ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيءَ محمد بن حنفيه کان روايت آندي آهي تہ " يٰسٓ " جي معنیٰ يا محمد ! آهي (٤) ابوبڪر وراق جو قول آهي تہ " يٰسٓ " جي معنیٰ آهي يا سيد البشر! اي انسانن جا سردار! مفسرن ٻارن لکيو آهي تہ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جو ارشاد مبارڪ آهي تہ "اَللّٰهُ الْمُعْطِيْ وَاَنَا الْقَاسِمُ" - الله ڏيندڙ آهي ۽ مان ورهائيندڙ آهيان ان حديث مبارڪ جي روشنيءَ ۾ حضور صلى الله عليه سلم جن ڪائنات جي وجود ۾ دل وانگر آهن ۽ سورة يٰسٓ قرآن ڪريم جي دل آهي - ڪيترو نہ هن سورة جو آغاز پيارو آهي جو قرآن ڪريم جي دل ڪي ساري ڪائنات جي دل جي ذڪر سان شروع ڪو ويو آهي. (٥) وَالْقُرْاٰنِ الْحَكِيْمِ ۙ حڪمت واري قرآن جو قسم آهي -" اَلْحَكِيْمِ " مان مراد حڪمت جو صاحب يا حڪمت سان ڳالهائيندڙ آهي ۽ جڏهن تہ معارف ۾ حڪمت بمنزل سر جي آهي ۽ قرآن ڪريم جي نازل ڪرڻ ۾اها وصف اخص الاوصاف آهي ان جي ڪري اهائي بيان ڪئي وئي آهي (٦) ۽ " اَلْحَكِيْمِ " جي معنیٰ المحڪم بہ آهي يعني اهو ڪتاب جنهن ۾ تغيير ۽ تبديل نہ ٿي سگهي ۽ ان تي تناقض يا بطلان بہ طاري نہ ٿي سگهي ۽ پنهنجي نظم ۽ معنائن ۾ ايترو قوي هجي جو ان کي ڪنهن بہ قسم جو خلل لاحق نہ ٿئي. (٧)

(١) صفوة التفاسير صہ ٦ جلد ٣ (٢) الصاوي صہ ٢٩٧ جزء ٣ جلد ٣ (٣) تفسير ابن ڪثير صہ ٥٦٣ جلد ٣
(٤) الدرالمنثور صہ ٤١ جلد ٧ (٥) ضياء القرآن صہ ١٦٧ جلد ٤ (٦) تفسير القاسمي صہ ٥٩ جزء ١٤ جلد ٨
(٧) صفوة التفاسير صہ ٦ جلد ٣

"اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ لا" بلاشڪ اوهان مرسلن مان آهيو - هي قسم جو جواب آهي يعني قسم آهي هن ڪتاب، جو جيڪو محڪم، نظم ۾ معجز، معنائن ۾ بديع، تشريع ۽ احڪام ۾ مضبوط ۽ بلاغت جي اعلىٰ طبقات کي پهتل آهي تہ يقيناً اوهان رب العٰلمين جي طرفان خلق جي هدايت لاءِ موڪليل مرسلن مان آهيو.

شان نزول

هيءَ آيت مڪه مڪرمه جي انهن مشرڪن جي رد ۾ نازل ٿي جيڪي سرورِ دوجهان نبي آخر الزمان حضور پر نور عليه الصلوٰة والسلام جي رسالت جو انڪار ڪندا ۽ طرحين طرحين الزام هڻندا هئا. (١)

" عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ط " سڌيءَ واٽ تي) يعني اوهان سچي دين ۽ سڌيءَ واٽ تي آهيو. " تَنْزِيْلَ الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ لا " غالب، مهربان (جي طرفان) نازل ڪيل آهي - يعني هي ڪنهن فلسفي، ڪنهن دانشور، ڪنهن سحر بيان اديب جي تصنيف ناهي بلڪ ان ڪي الله غالب، رحم واري نازل ڪيو آهي. " تَنْزِيْلَ " لفظ فعل محذوف جو مفعول مطلق آهي - اي نزل الله ذالڪ تنزيلا (٢) هتي قرآن ڪريم جي نازل ڪندڙ جون بہ صفتون بيان ڪيون ويون آهن هڪ اها تہ اهو غالب، زبردست آهي ٻي اها تہ اهو رحيم آهي پهرين صفت بيان ڪرڻ مان مقصود ان حقيقت تي متنبه ڪرڻ آهي تہ هي قرآن ڪنهن بي زور ناصح جي نصيحت ناهي جنهن کي اوهان نظر انداز ڪيو تہ اوهان کي ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهي بلڪ هي ڪائنات جي ان مالڪ جو فرمان آهي جيڪو هر شيءِ تي غالب آهي جنهن جي فيصلي کي نافذ ڪرڻ کان ڪابہ طاقت روڪي نہ ٿي سگهي ۽ ان جي پڪڙ کان بچڻ جي ڪنهن کي بہ قوت ناهي ۽ ٻي صفت "اَلرَّحِيْمِ" بيان ڪرڻ مان مقصود هي احساس ڏيارڻ آهي تہ هيءُ بہ ان جي اوهان تي خاص رحمت آهي جو ان اوهان جي هدايت ۽ رهنمائيءَ جي لاءِ پنهنجو پيارو رسول عليه الصلوٰة والسلام موڪليوءِ هي حڪمت وارو قرآن نازل ڪيو تانتہ اوهان گمراهيءَ کان بچي ان سڌي واٽ تي هلو جنهن سان اوهان کي دنيا ۽ آخرت جون ڪاميابيون حاصل ٿين. "لِتُنْذِرَ قَوْمًا مَّآ اُنْذِرَ اٰبَآؤُهُمْ فَهُمْ غٰفِلُوْنَ" تانتہ اوهان ان قوم کي ڊيڄاريو جن جا ابا ڏاڏا ڊيڄاريا نہ ويا پوءِ اهي غافل آهن.

(١) خازن صـ ٢ جلد ٤ (٢) القرطبي صـ ٦ جلد ١٥

هي ڇڻ تہ هڪ سوال جو تہ الله، عزيز، رحيم، اهو قرآن ڇو نازل ڪيو؟ جواب آهي تہ ان جي نازل ڪرڻ جو مقصد هي آهي تہ اهڙي قومِ کي بروقت خبردار ڪيو وڃي جن وٽ ڏگهي عرصي کان ڪو الله جي خوف کان ڊيڄارڻ وارو ۽ ننڊ جي غفلت مان سجاڳ ڪرڻ وارو نہ آيو آهي ۽ اها قوم اهل عرب هئا. " لَقَدْ حَقَّ الْقَوْلُ عَلٰٓى اَكْثَرِهِمْ فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ " البت انهن مان گهڻن تي قول ثابت ٿي چڪو آهي پوءِ (بہ) اهي ايمان نہ ٿا آڻين - هتي قول مان مراد انهن کي عذاب ڪرڻ جو خدائي فيصلو آهي - مطلب تہ اي حبيب! عليڪ الصلوٰة والسلام! جن کي ڊيڄارڻ جي لاءِ اوهان تشريف فرما ٿيا آهيو جن کي غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ڪرڻ جي لاءِ قرآن ڪريم نازل ٿيو آهي انهن ۾ اهڙن ماڻهن جو تعداد بہ گهڻو آهي جن جي متعلق فيصلو ٿي چڪو آهي تہ اهي دوزخ جو ٻارڻ ٿيندا - هتي " حق " جي معنىٰ واجب ۽ لازم هجڻ آهي (١).

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا:

١: " وَالْقُرْاٰنِ الْحَكِيْمِ " (قرآن حڪيم جو قسم آهي) مان نبي پاڪ عليه الصلوة والسلام جي شان جي اهميت ظاهر ٿي رهي آهي جو الله جل شانه قرآن ڪريم جي حقانيت آسمان ۽ زمين جو قسم کڻي بيان فرمائي . " وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الرَّجْعِ وَالْاَرْضِ ذَاتِ الصَّدْعِ "(٢) (مينهن واري آسمان جو قسم ۽ ڦاٽڻ واري زمين جو قسم آهي تہ " اِنَّهٗ لَقَوْلٌ فَصْلٌ " بلاشڪ اهو قرآن حق ۽ ناحق ۾ فيصلو ڪندڙ آهي ۽ حضور عليه الصلوة والسلام جي حقانيت قرآن ڪريم جو قسم کڻي بيان فرمائي وئي آهي.

٢: " اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ " (بلاشڪ اوهان مرسلن مان آهيو) مان بہ مسئلا معلوم ٿيا. ١- هي تہ حضور عليه الصلوة والسلام جي نبوت اهڙي اهم آهي جو الله تعالىٰ ان جو اعلان قرآن ڪريم بسان قسم کڻي ڪيو آهي تہ قرآن حڪيم جو قسم تہ اوهان سچا رسول آهيو . ٢- تہ الله جل شانه ۽ ان جي رسول عليه الصلوة والسلام جو رستو هڪ آهي ڇوتہ الله جل شانه جو فرمان آهي " اِنَّ رَبِّيْ عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ

(١) ضياء القرآن صہ ١٦٨ جلد ۴ (٢) سورة الطارق آيت عہ ١١ - ١٢

" بلاشڪ منهنجو رب سڌي رستي تي آهي - ۽ حضور عليه الصلوٰة والسلام جن لاءِ
آيو، " عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ " ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ حضور عليه الصلوٰة والسلام
جن الله جي طرفان مرسل (موڪليل) آهن ان جي ڪري انهن جي هرڪم جو
ذميدار بہ الله تعالىٰ آهي.

٣: " تَنْزِيْلَ الْعَزِيْزِ الرَّحِيْمِ " (الله غالب، مهربان جي طرفان نازل ڪيل
آهي) مان واضح ٿيو تہ قرآن پاڪ رب پاڪ جي طرفان ٿورو ٿورو ٿي ٿيويهن سالن
جي مدت ۾ بيت العزة مان لهي آيو آهي. (١)

اِنَّا جَعَلْنَا فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ اَغْلٰلًا فَهِيَ اِلَى الْاَذْقَانِ

بيشڪ اسان وڏا ڳچين انهن جي ۾ ڳٽ پوءِ اهي ڪاڏين تائين (پيل) اٿن

فَهُمْ مُّقْمَحُوْنَ (٨) وَجَعَلْنَا مِنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ سَدًّا وَّمِنْ

پوءِ اهي ڳاٽي ٽنگيل آهن ۽ ڪئي اسان اڳيان انهن جي اوٽ ۽ پويان

خَلْفِهِمْ سَدًّا فَاَغْشَيْنٰهُمْ فَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ (٩) وَسَوَآءٌ

انهن جي اوٽ پوءِ ڍڪيو اسان انهن کي پوءِ اهي نہ ٿا ڏسن ۽ برابر آهي

عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ (١٠) اِنَّمَا

انهن لاءِ ڊيڄاريو انهن کي يا نہ ڊيڄاريو انهن کي ايمان نہ آڻيندا

تُنْذِرُ مَنِ اتَّبَعَ الذِّكْرَ وَخَشِيَ

اوهان تہ رڳو ان کي ڊيڄاريو ٿا جنهن اتباع ڪئي نصيحت جي ۽ ڊڄي ٿو

(١) نور العرفان صہ ٧٠٢

الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ ج فَبَشِّرْهُ بِمَغْفِرَةٍ وَّاَجْرٍ كَرِيْمٍ (١١)

رحملن كان اڻ ڏٺو پوءِ ان کي بشارت ڏي مغفرت جي ۽ اجر عزت واري جي

اِنَّا نَحْنُ نُحْيِ الْمَوْتٰى وَنَكْتُبُ مَا قَدَّمُوْا

بلاشڪ اسين زنده ڪنداسون مئلن کي ۽ لکون ٿا اهو جواڳي ڪري موڪليائون

وَاٰثَارَهُمْ ط وَكُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ فِيْٓ اِمَامٍ مُّبِيْنٍ ع (١٢)

۽ سندن (پيرن جا) نشان ۽ هر شيءِ کي ڳڻي رکيو اسان ان کي ڪتاب پڌري ۾

وقف غفران ١٨ ع ٢

تفسير:

اڳيئن آيت ۾ ارشاد ٿيو ته: "فَهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ" پوءِ اهي ايمان نه آڻيندا ۽ هتي بيان ٿي رهيو آهي ته انهن جي ايمان نه آڻڻ جي ڪري اسان سندن هي حال بڻايو آهي فرمان الاهي آهي "اِنَّا جَعَلْنَا فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ اَغْلٰلًا فَهِيَ اِلَى الْاَذْقَانِ فَهُمْ مُّقْمَحُوْنَ" اسان انهن جي ڳچين ۾ ڳٽ وڌا آهن پوءِ اهي انهن جي، ڪاڏين تائين آهن پوءِ اهي ڳاٽي ٽنگيل آهن - هتي پهريان هن آيت جي ڏکين لفظن جي لغوي معنىٰ ذهن نشين ڪيو ته پوءِ ان جي مفهوم آسانيءَ سان ذهن ۾ ايندي - "اَعْنَاقٍ" عنق جو جمع آهي ان جي معنىٰ آهي ڳاٽو - ڪنڌ "مُقْمَحُوْنَ" اقماح کان ورتل آهي ان جي اصل معنىٰ آهي گهوڙي جي لغام کي اهڙو ڇڪي جهلڻ جو ان جو ڳاٽو مٿي ٿي بيهي ۽ جنهن جي ڳچيءَ ۾ ڳٽ وجهي ان کي اهڙي نموني رکجي جو ان سان ڳاٽو مٿي رهي ته چيو ويندو آهي "اقمحه الغل" حضرت عبدالله بن يحيٰ فرمايو ته سيدنا علي المرتضىٰ رضي الله عنه اسان کي هن لفظ جي معنىٰ سمجهائڻ جي لاءِ پنهنجي ڏاڙهي مبارڪ جي هيٺان ٻئي هٿ ڏئي ڪنڌ مبارڪ مٿي ڪري ڏيکاريو - مطلب هي آهي ته انهن منڪرن جي اهڙي حالت آهي جو جڻ ته انهن جي هٿن ۾ زنجير ۽ ڳچيءَ ۾

ڳڻ وجهي انهن کي اهڙو ڇڪيو ويو آهي جوسندن مٿو مٿي تي بيٺو آهي هيٺ تي نہ ٿو سگهي ۽ سندن اکيون آسمان ڏانهن کنيل آهن نہ ٿا مٿو هلائي سگهن ۽ نہ ڪنڌ هيڏي هوڏي ڦيرائي سگهن ٿا ۽ جيڪو شخص ان حالت ۾ مبتلا هوندو تہ اهو صحيح ۽ غلط ۾ تميز ڪري سگهندو ۽ نہ ڪنهن جي ڳالهہ کي تسليء سان ٻڌي سگهندو - انهن ڪافرن جو اهو حال آهي.

شان نزول:

هن آيت جي شان نزول جي متعلق مفسرن لکيو آهي تہ هڪ ڀيري ابوجهل قسم کنيو تہ جيڪڏهن ان نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن کي نماز پڙهندي ڏٺو تہ سندن مٿي مبارڪ کي پٿر هڻي ذرا ذرا ڪري ڇڏيندو (معاذ الله) پوءِ هڪ ڀيري حضرت نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم جن نماز پڙهي رهيا هئا تہ اهو هڪ ڳرو پٿر کڻي سندن طرف وڌيو جڏهن ڪين ويجهو ويو ۽ پٿر هڻڻ جو ارادو ڪيائين تہ سندس هٿ سندس ڳاٽي سان چنبڙي ويا ۽ پٿر وري سندس هٿن سان چنبڙي ويو ۽ اتاهين کان واپس موٽڻ ۾ ئي سلامتي سمجهيائين جڏهن پنهنجي سائين وٽ پهتو تہ انهن کي سموري حقيقت ٻڌايائين اهو ٻڌي وليدبن مغيره اٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ اي ابوجهل! تون تہ اصل کان بزدل آهين مان تو وجان جيڪڏهن سندن مٿو مبارڪ پٿر سان ڦاڙي نہ اچان تہ مون کي حيف آهي اهو جڏهن ان بري نيت سان ويجهو آيو تہ اکين کان انڌو ٿي پيو حضور عليه الصلوٰة والسلام جن جو آواز تہ ٻڌي رهيو هو پر ڪيس ڏسڻ ۾ ڪجهہ نہ ٿي آيو ان بہ واپس اچي پنهنجو قصو ٻڌايو تہ اتي موجود ڪافرن مان ٽيو ڪافر اٿي چوڻ لڳو تہ الله جو قسم آهي تہ مان سندن مٿي مبارڪ کي ڦاڙڻ کان سواءِ واپس نہ ايندس اهو پٿر کڻي ويجهوويو تہ وٺي واپس ڀڳو ۽ بيهوش ٿي منهن ڀر ڪري پيو سائين اٿاري پڇيس تہ ڇاحال آهي؟ چوڻ لڳو تہ جڏهن مان سندن ويجهو ويس تہ هڪ وڏو ڏاند (ڍڳو) ٻچ ورائي منهنجي اڳيان آيو لات ۽ عزيٰ جو قسم آهي تہ جيڪڏهن مان ڪين وڌيڪ ويجهو وڃان ها تہ اهو مون کي ڪچو ڪائي ڇڏي ها. تڏهن ڀڳو آهيان - انهن جي متعلق هيء آيت نازل

تي (١)

" وَجَعَلْنَا مِنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ سَدًّا وَّمِنْ خَلْفِهِمْ سَدًّا فَاَغْشَيْنٰهُمْ فَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ " ۽ اسان انهن جي اڳيان اوٽ ۽ انهن جي پويان اوٽ رکي پوءِ اسان انهن کي ڍڪي ڇڏيو پوءِ اهي نہ ٿا ڏسن. " سَدًّا " جي معنیٰ پٽ، مطلب تہ اسان انهن ڪافرن جي اڳيان ۽ پويان اهڙي پٽ (اوٽ) ڏئي ڇڏي آهي جو اهي نہ ڪجهہ ڏسن ٿا ۽ نہ اڳتي پوئتي ٿي سگهن ٿا - مقصد تہ اهي ڪنهن بہ طرح هدايت حاصل ڪري نہ سگهندا. " وَسَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ " ۽ انهن جي لاءِ برابر آهي تہ اوهان انهن کي ڊيڄاريو يا انهن کي نہ ڊيڄاريو ايمان نہ آڻيندا. انهن جي ڪفر ۽ انڪار واري مرض جو علاج ئي ناهي ڇوتہ انهن پنهنجي صلاحيتن کي پاڻ ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ اها اک ڪدي ڇڏي آهي جيڪا حق ڏسي ۽ انهن پنهنجن ڪنن کي ناڪاره بنائي ڇڏيو آهي جيڪي حق ٻڌن - هاڻي انهن جو ڪو حل نہ رهيو آهي. " اِنَّمَا تُنْذِرُ مَنِ اتَّبَعَ الذِّكْرَ وَخَشِيَ الرَّحْمٰنَ بِالْغَيْبِ فَبَشِّرْهُ بِمَغْفِرَةٍ وَّاَجْرٍ كَرِيْمٍ " تون تہ رڳو ان کي ڊيڄارين ٿو جيڪو ذڪر (قرآن) جي اتباع ڪري ۽ اهو الله کان اڻ ڏٺو ڊڄي ٿو پوءِ ان کي مغفرت ۽ ڀلي اجر جي بشارت ڏي - يعني اوهان جو ڊيڄارڻ ۽ خبردار ڪرڻ انهن جي لاءِ مفيد آهي جنهن ۾ حق قبول ڪرڻ جي استعداد ۽ لياقت آهي جيڪو قرآن ڪريم جي ارشادات تي عمل ڪري ۽ الله جل شانه جي ناراض هجڻ کان هميشه ڊڄندو رهي اهڙا ماڻهو ئي قرآن ڪريم کي مڃيندا ۽ اوهان جي رسالت کي تسليم ڪندا. ۽ اهڙن ماڻهن کي ئي گناهن جي مغفرت ۽ ڀلي اجر ملڻ جي بشارت ڏيو " اِنَّا نَحْنُ نُحْيِ الْمَوْتٰى وَنَكْتُبُ مَا قَدَّمُوْا وَاٰثَارَهُمْ ؕ " بلاشڪ اسين ئي مئلن کي جيئرو ڪنداسون ۽ جيڪي اڳي ڪري موڪليائون ۽ سندن آثارن کي لکون ٿا - يعني انهن جو هر اهو عمل جنهن تي جزا ۽ سزا مرتب آهي لکندا آهيون " مَا قَدَّمُوْا " مان مراد انهن جا ذاتي اعمال آهن جيڪي سندن موت تي ختم ٿي ويا " اٰثَارَهُمْ " مان مراد يا سندن اهي اعمال آهن جن جي ڪري ٻيا هدايت وارا ٿيا يا اهي اعمال جن جي ڪري گمراهہ ٿيا (٢) جيئن حضرت نبي ڪريم عليه الصلوة والسلام جن جو ارشاد مبارڪ آهي " مَنْ سَنَّ فِي

(١) الصاوي صـ ٢٩٧ جزء ٣ جلد ٢ روح البيان صـ ٣٧٢ جلد ٧ (٢) حاشيه دريابادي صـ ٨٨٣

اَلْاِسْلَامِ سُنَّةً حَسَنَةً كَانَ لَهٗ اَجْرُهَا وَاَجْرُمَنْ عَمِلَ بِهَا مِنْ بَعْدِهٖ مِنْ غَيْرِ اَنْ يَّنْقُصَ مِنْ اُجُوْرِهِمْ شَيْءٌ وَمَنْ سَنَّ فِي الْاِسْلَامِ سُنَّةً سَيِّئَةً كَانَ عَلَيْهِ وِزْرُهَا وَوِزْرُ مَنْ عَمِلَ بِهَا مِنْ بَعْدِهٖ مِنْ غَيْرِ اَنْ يَّنْقُصَ مِنْ اُجُوْرِهِمْ شَيْءٌ - (رواه مسلم) يعني جنهن اسلام ۾ سهڻو طريقو جاري كيو ته ان جي لاءِ ان جو اجر هوندو ۽ ان جو اجر به هوندو جنهن ان تي عمل كيو انهن جي اجرن مان كجهه به نه گهٽائيندو ۽ جنهن اسلام ۾ برو طريقو جاري كيو ان تي ان جي گناهه جو بار هوندو ۽ ان جو بار به هوندو جنهن ان تي عمل كيو انهن جي بار مان كجهه به گهٽ نه كندو - ۽ ان ئي معنىٰ ۾ اها حديث آهي جيكا مسلم شريف ۾ حضرت ابوهريرة رضي الله عنه كان روايت كيل آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو " اِذَا مَاتَ ابْنُ اٰدَمَ انْقَطَعَ عَمَلُهٗ اِلَّا مِنْ ثَلَاثٍ مِنْ عِلْمٍ يُّنْتَفَعُ بِهٖ اَوْ وَلَدٍ صَالِحٍ يَدْعُوْ لَهٗ اَوْ صَدَقَةٍ جَارِيَةٍ مِنْ بَعْدِهٖ " جڏهن انسان مرندو ته ان جا عمل ختم ٿي ويندا مگر ٽي (عمل جاري رهندا) علم جنهن سان نفعو حاصل كيو ٿو وڃي يا صالح اولاد جيكو ان جي لاءِ دعا گهرندو رهي يا سندس موت كان پوءِ صدقو جاري هجي. يا " اٰثَارَهُمْ " مان مراد سندن اهي وكون آهن جيكي كٽي اطاعت كيائون يا گناهه كيائون. اهي سڀ اسين لكون ٿا - امام احمد پنهنجي سند سان حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنهما كان روايت آندي آهي ته: (نبوي) مسجد جي چوڌاري پلاٽ خالي ٿيا ته بنو سلمه قبيله وارن (جيكي مسجد كان پري وينل هئا) ارادو كيو ته اتاهين لڏي مسجد كي ويجها ٿي اچي وهن اها ڳالهه جڏهن حضور عليه الصلوة والسلام جن تائين پهتي ته پاڻ انهن كي فرمايائون ته "مون تائين هيءَ ڳالهه پهتي آهي ته اوهان مسجد جي پر ۾ لڏي وهڻ جو ارادو كيو آهي" انهن عرض كيو ته يارسول الله! هائو اسان ارادو كيو آهي پاڻ انهن كي فرمايائون ته "اي بني سلمه ! پنهنجن انهن گهرن ۾ ويٺا رهو. اوهان جون (مسجد ڏانهن ايندي) وكون لكيون ويندڀون. پنهنجن گهرن ۾ ويٺا رهو اوهان جون وكون لكيون ويندڀون" - پوءِ انهن اتاهين لڏو نه كنيو - (١)

"وَكُلَّ شَيْءٍ اَحْصَيْنٰهُ فِيْٓ اِمَامٍ مُّبِيْنٍ" ۽ هر شيءِ كي اسان امام مبين ۾ ڳڻي ركيو آهي هتي "اِمَامٍ مُّبِيْنٍ" مان مراد يا لوح محفوظ آهي جيئن مجاهد، قتادة ۽ ابن زيد

(٨) تفسير ابن كثير صه ٥٦٦ جلد ٣

فرمايو يا اعمالناما آهن.جيئن هڪ جماعة جو قول آهي (١) مطلب تہ ٻانهن جا سڀ اعمال ڪهڙا بہ هجن محفوظ آهن.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا:

١: "اِنَّا جَعَلْنَا فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ - کان - مُقْمَحُوْنَ" تائين آيت مان واضح ٿيو تہ نبي ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام جي دشمنن جي ڳچين ۾ ڳٽ هوندا مفسر شوڪاني لکيو آهي تہ ابنِ مردويہ ۽ دلائل النبوة ۾ ابونعيم حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ:نبي ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام جن مسجد (حرام) ۾ قرآن (ڪريم) وڏي آواز سان پڙهندا هئا ۽ ان کان ڪافر قريشي ايذايا ويندا هئا پوءِ فيصلو ڪيائون تہ گڏجي هلي حضرت نبي ڪريم عليہ الصلوٰة والسلام جن کي وٺي (ڪين ايذاء ڏيون تہ قرآن پاڪ وڏي آواز سان نہ پڙهن) جڏهن آيا تہ قدرتي طرح انهن جا هٿ سندن ڳچين ۾ پئجي ويا ۽ اکين کان انڌا ٿي پيا پوءِ سيئي نبي پاڪ عليہ الصلوٰة والسلام جي خدمت ۾ آيا تہ اوهان اسان جي مائٽيءَ ۾ آهيو اسان تي رحم ڪيو ۽ سندن سيني قريشين ۾ مائٽيءَ جو سلسلو هو- پوءِ پاڻ دعا گهريائون تہ انهن تان اها تڪليف دور ٿي وئي. (٢)

٢:" فَهُمْ لَا يُبْصِرُوْنَ " (پوءِ اهي نہ ٿا ڏسن) مان واضح ٿيو تہ حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن کي سندن مخالف صحيح معنيٰ ۾ ڏسي نہ ٿا سگهن. ابن مردويہ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ ڪافر حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن وٽان لنگهندا هئا پر ڪين ڏسندا نہ هئا (٣).

٣: " سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَاَنْذَرْتَهُمْ اَمْ لَمْ تُنْذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُوْنَ" (انهن جي لاءِ هي ڳالهہ برابر آهي اوهان انهن کي ڊيڄاريو يا نہ ڊيڄاريو ايمان نہ آڻيندا) مان واضح ٿيو تہ ڊيڄارڻ نہ ڊيڄارڻ انهن ڪافرن جي لاءِ برابر آهي پر حضور عليہ الصلوٰة والسلام جن کي ان ڊيڄارڻ جو درجو ملندو ان جي ڪري جنهن جي ايمان آڻڻ ۽ سڌرڻ جي اميد نہ هجي تہ ان کي بہ دين جي دعوت ڏجي تہ دعوت جو ثواب ملندو.

(١) فتح القدير صـ ٣٦٢ جلد ۴ (٢) فتح القدير صـ ٣٦٢ جلد ۴. (٣) ساڳيو حوالو

وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا اَصْحٰبَ الْقَرْيَةِ اِذْ جَآءَهَا الْمُرْسَلُوْنَ ج (١٣)

۽ بيان ڪر انهن جي لاءِ مثال ڳوٺ وارن جو جڏهن آيا انهن وٽ مرسل

اِذْ اَرْسَلْنَآ اِلَيْهِمُ اثْنَيْنِ فَكَذَّبُوْهُمَا

جڏهن موڪليو اسان انهن ڏانهن ٻن کي پوءِ انهن ٻنهي کي ڪوڙو چيائون

فَعَزَّزْنَا بِثَالِثٍ فَقَالُوْآ اِنَّآ اِلَيْكُمْ مُّرْسَلُوْنَ (١٤)

پوءِ قوت ڏني اسان ٽئين سان پوءِ چيائون تہ بلاشڪ اسين اوهان ڏانهن موڪليل آهيون

قَالُوْا مَآ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا لا وَمَآ اَنْزَلَ الرَّحْمٰنُ مِنْ شَيْءٍ لا

چيائون تہ ناهيو اوهان مگر بشر اسان جهڙا ۽ نہ نازل ڪئي رحمٰن ڪا شيءِ

اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا تَكْذِبُوْنَ (١٥) قَالُوْا رَبُّنَا يَعْلَمُ اِنَّآ

ناهيو اوهان مگر جو ڪوڙتا ڳالهايو چيائون تہ اسان جو رب ڄاڻي ٿو تہ بلاشڪ اسان

اِلَيْكُمْ لَمُرْسَلُوْنَ (١٦) وَمَا عَلَيْنَآ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ (١٧)

اوهان ڏانهن البت موڪليل آهيون ۽ ناهي اسان تي مگر پيغام پهچائڻ پڌرو

قَالُوْآ اِنَّا تَطَيَّرْنَا بِكُمْ ج لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهُوْا

چيائون تہ بلاشڪ اسان بدفال ورتي اوهان سان البت جيڪڏهن نہ رڪجندؤ اوهان

لَنَرْجُمَنَّكُمْ وَلَيَمَسَّنَّكُمْ مِّنَّا

تہ البت ضرور سنگسار ڪنداسون اوهان کي ۽ البت ضرور پهچندو اوهان کي اسان جي طرفان

وقف لازم

عَذَابٌ اَلِيْمٌ (١٨) قَالُوْا طَآئِرُكُمْ مَّعَكُمْ

عذاب دردناڪ چيائون تہ بدبختي اوهان جي اوهان سان گڏ آهي

اَئِنْ ذُكِّرْتُمْ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ

ڇا جيڪڏهن نصيحت ڪيا ويو ٿا؟ (تہ ڏمڪيون ڏيو ٿا) بلڪ اوهان قوم

مُّسْرِفُوْنَ (١٩) وَجَآءَ مِنْ اَقْصَا الْمَدِيْنَةِ رَجُلٌ

حد ڪان لنگهندڙ آهيو ۽ آيو پرانهين پاسي شهر جي ڪان هڪ مڙس

يَّسْعٰى قَالَ يٰقَوْمِ اتَّبِعُوا الْمُرْسَلِيْنَ (٢٠)

ڊوڙي پيو چيائين تہ اي منهنجي قوم! پيروي ڪيو مرسلن جي

اتَّبِعُوْا مَنْ لَّا يَسْئَلُكُمْ اَجْرًا وَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ (٢١)

تابعداري ڪيو انهن جي جيڪي نہ ٿا گهرن اوهان کان ڪو اجورو ۽ اهي هدايت وارا آهن

وَمَالِيَ لَآ اَعْبُدُ الَّذِيْ فَطَرَنِيْ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ (٢٢)

۽ ڇا آهي مون لاءِ جو نہ عبادت ڪيان ان جي جنهن پيدا ڪيو مون کي ۽ ان ڏانهن اوهان موٽايا ويندؤ

ءَاَتَّخِذُ مِنْ دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً اِنْ يُّرِدْنِ الرَّحْمٰنُ بِضُرٍّ

ڇا وٺان مان ان کان سواءِ ٻيا معبود جو جيڪڏهن ارادو ڪري مون لاءِ رحمٰن نقصان جو تہ

لَّا تُغْنِ عَنِّيْ شَفَاعَتُهُمْ شَيْئًا وَّلَا يُنْقِذُوْنِ (٢٣)

نہ فائدو ڏيندي مون کي انهن جي شفاعت ڪجهہ بہ ۽ نہ مون کي ڇڏائيندا

إِنِّيٓ إِذًا لَّفِي ضَلَٰلٖ مُّبِينٍ (٢٤) إِنِّيٓ ءَامَنتُ بِرَبِّكُمۡ
بيشڪ مان ان وقت البت گمراهيءَ ڪليل ۾ آهيان بيشڪ مون ايمان آندو اوهان جي رب تي
فَٱسۡمَعُونِ (٢٥) قِيلَ ٱدۡخُلِ ٱلۡجَنَّةَۖ قَالَ يَٰلَيۡتَ
پوءِ ٻڌو مون کان چيو ويس تہ داخل ٿي بهشت ۾ تہ چيائين اي ڪاش!
قَوۡمِي يَعۡلَمُونَ (٢٦) بِمَا غَفَرَ لِي رَبِّي
منهنجي قوم وارا ڄاڻن ان ڪي جو بخش ڪيو مون کي منهنجي رب
وَجَعَلَنِي مِنَ ٱلۡمُكۡرَمِينَ (٢٧)
۽ بنايائين مون کي عزت وارن مان.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ارشاد ٿيو تہ ڪافرن کي اوهان ڊيڄاريو يا نہ ڊيڄاريو ايمان نہ آڻيندا ۽ هتي اهڙي ئي حال وارن جو واقعو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "وَٱضۡرِبۡ لَهُم مَّثَلًا أَصۡحَٰبَ ٱلۡقَرۡيَةِ إِذۡ جَآءَهَا ٱلۡمُرۡسَلُونَ" ۽ انهن لاءِ مثال ڪري ڳوٺ وارن جو (حال) بيان ڪر جڏهن انهن وٽ مرسل آيا. مطلب تہ اي منهنجا پيارا رسول! مڪه مڪرمه جا رهاڪو ڪافر ۽ عرب جا مشرڪ اوهان سان ضد ۾ اچي ويا آهن اوهان انهن جي.اڳيان نصيحت طور ان ڳوٺ جوواقعو پيش ڪيوجن وٽ الله جا رسول عليهم السلام آيا هئا پر انهن ايمان آڻڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ انهن کي تباھ ڪيوويو شايد اهو واقعو ٻڌي اهي عبرت حاصل ڪن ۽ پنهنجي روش تي نظر ثاني ڪري گمراهيءَ کان بچي پون.

هڪ ضروري وضاحت

هنن آيتن جو تفسير ڪندي عام مفسرن لکيو آهي تہ جنهن ڳوٺ جو هتي ذڪر آهي ان مان مراد شام ملڪ جو هڪ شهر انطاڪيه آهي ۽ اهي قاصد جيڪي ان ۾ ويا هئا حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام جا موڪليل هئا هڪ جونالو صادق ۽ ٻئي جونالو مصدوق هو ۽ انهن جي تائيد ۾ جيڪو ٽيون ويو هو ان جو نالو شمعون هو ۽ جيڪو شخص شهر جي پرانهين طرف کان آيو هو ان جو نالو حبيب نجار هو پر محققن عالمن ان تفصيلات کي مڃڻ کان انڪار ڪيو آهي - انهن جو چوڻ آهي تہ هي تفصيلات ڪيترن وجهن جي ڪري اعتماد ڪرڻ جي قابل ناهن. ١: تہ جن موڪليل ڀانهن جو ذڪر هتي هلي رهيو آهي انهن پنهنجو تعارف ڪرائيندي چيو تہ " رَبُّنَا يَعۡلَمُ إِنَّآ إِلَيۡكُمۡ لَمُرۡسَلُونَ " اسان جو رب ڄاڻي ٿو تہ بيشڪ اسين اوهان ڏانهن موڪليل آهيون، جنهن مان پتو پوي ٿو تہ اهي سڌا سنوان الله جل شانه جي طرفان موڪليل هئا اهي حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰاة والسلام جا قاصد حواري نہ هئا - جيڪڏهن اهي حواري هجن.ها تہ انهن جي بيان جو انداز اهو نہ هجي ها. ٢: تہ جنهن ڳوٺ جو هتي ذڪر هلي رهيو آهي ان جي رهاڪن انهن رسولن يا موڪليلن جو انڪار ڪيو انهن کي طرحين طرحين ايذاء ڏنا انهن کي منحوس تائين چيو ۽ پنهنجين سڀني تڪليفن جو باعث انهن کي قرار ڏنو ايتري قدر جو انهن کي سنگسار ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنائون - انهن الله جي پيارن جي بار بار سمجهائڻ جو انهن تي ڪو اثر نہ پيو تانجو انهن تي الاهي عذاب ڪڙڪي پيو ۽ ان ڳوٺ ۽ اتي رهاڪن کي تباه ڪري مٽي بنائي ڇڏيائين . ۽ ٻئي طرف جڏهن انطاڪيه شهر جي تاريخ تي نظر وجهون ٿا تہ اهو اهو شهر آهي جنهن سڀ کان اول مسيحي دين کي قبول ڪيو هو اتي جي سڀني رهاڪن حضرت عيسىٰ علىٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام تي ايمان آندو هو ان جي ڪري ان جو شمار اڄ تائين انهن چئن شهرن ۾ ٿئي ٿو جيڪي عيسائين وٽ مقدس آهن ۽ اهو بہ ڪنهن تاريخ ۾ ڪونهي تہ ان شهر تي ڪڏهن ڪو عذاب آيو ۽ هي نيست ۽ نابود ٿيو انهن حقيقتن تي نظر وجهندي معلوم ٿئي ٿو تہ هتي آيت ۾ مذڪوره

ڳوٺ کي انطاڪيه چوڻ ۽ اتي موڪليلن کي حضرت عيسىٰ جو قاصد قرار ڏيڻ قياس کان بعيد آهي ان جي ڪري مناسب اهوئي آهي ته جڏهن الله تعالىٰ ان ڳوٺ جو نالو بيان نه ڪيو ۽ انهن مرسلن جو تعين به نه فرمايو ته اسين پنهنجي پاڻ کي ان منجهه ۾ نه ڦاسايون ۽ يورپي مستشرقين کي قرآن پاڪ تي اعتراض ڪرڻ جو نئون موقعو نه ڏيون. (١) ﴿إِذْ أَرْسَلْنَآ إِلَيْهِمُ اثْنَيْنِ فَكَذَّبُوهُمَا فَعَزَّزْنَا بِثَالِثٍ فَقَالُوٓا إِنَّآ إِلَيْكُم مُّرْسَلُونَ﴾ جڏهن اسان انهن ڏانهن ٻن کي موڪليو پوءِ انهن ٻنهي کي ڪوڙو چيائون ته پوءِ اسان ٽئين سان قوت بخشي پوءِ چيائون ته بيشڪ اسين اوهان ڏانهن موڪليل آهيون. يعني پهريان ان ڳوٺ ۾ ٻه رسول موڪلياسون جن اتي اچي اتي وارن کي هدايت جي واٽ تي هلڻ جي دعـــوت ڏني پر اتي جا رهاڪو انهن کي ڪوڙو چوڻ لڳا ۽ ڪين طرحين طرحين ايذاء ڏيڻ شروع ڪيائون. الله جل شانه انهن جي تقويت جي لاءِ اتي ٽيون رسول به موڪليو ۽ ٽنهي پاڻ ۾ گڏجي ديني تبليغ جو ڪم نهايت زور شور سان شروع ڪري ڏنو اتي جا ماڻهو حقيقت شناس نه هئا اهي هنن ڀلارن جي پيشانين ۾ نبوت جو نور ڏسي نه سگهيا اهي روحاني لطافتن جي ادراڪ کان قاصر هئا جيڪي الله جل شانه انهن قدسي هستين کي بخش ڪيون هيـون . ” ﴿قَالُوا مَآ أَنتُمْ إِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا وَمَآ أَنزَلَ الرَّحْمَٰنُ مِن شَيْءٍ إِنْ أَنتُمْ إِلَّا تَكْذِبُونَ﴾“ چيائون ته اوهان ته رڳو اسان جهڙا بشر آهيو ۽ رحمن ڪا شيءِ نازل نه فرمائي آهي اوهان ته صرف ڪوڙ ٿا هڻو. مطلب ته اوهان ۾ ڪابه اهڙي وڏيڪ ڳالهه نه ٿي ڏسجي اوهان ته صرف اسان جهڙا بشر آهيو پوءِ اسان کي ڇڏي اوهان کي رسول ڪيئن بنايو ويو؟ الله ڪا به هدايت وغيره نازل نه ڪئي آهي اوهان صرف ڪوڙ ٿا هڻو - (٢)

” ﴿قَالُوا رَبُّنَا يَعْلَمُ إِنَّآ إِلَيْكُمْ لَمُرْسَلُونَ﴾“ چيائون ته اسان جو رب ڄاڻي ٿو ته يقيناً اسين اوهان ڏانهن البت موڪليل آهيون - مطلب ته اسين ڪوڙ نه ٿا ڳالهايون اســان جو رب ڄاڻي ٿــو تـه اســان اوهان ڏانهن اوهان جي هدايت ڪرڻ جي لاءِ موڪليل آهيون - انهن اهي الفاظ سامعين کي يقين ڏيارڻ جي لاءِ چيا هئا ” ﴿وَمَا

(١) ضياء القرآن صـ ١٧١ جلد ۴ - المراغي صـ ١٥٠ جزء ٢٢ جلد ٨ - ابن ڪثير صـ ٥٦٩ جلد ٣
(٢) صفوة التفاسير صـ ٨ جلد ٣

عَلَيْنَآ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ" ۽ اسان تي رڳو ڪليل (پيغام) پهچائڻ (جو ذمو) آهي.
يعني اسان تي صرف ايترو فرض آهي تہ اوهان کي حق جوپيغام نهايت موثر انداز ۾
پوري دلسوزيءَ سان پهچايون ان کي قبول ڪرڻ يا نہ ڪرڻ اوهان جو ڪم آهي
اسان پنهنجي پنهنجي ذميداري نهايت سهڻي طريقي سان پوري ڪري ڇڏي " قَالُوْٓا
اِنَّا تَطَيَّرْنَا بِكُمْ لَئِنْ لَّمْ تَنْتَهُوْا لَنَرْجُمَنَّكُمْ وَلَيَمَسَّنَّكُمْ مِّنَّا عَذَابٌ اَلِيْمٌ" چوڻ لڳا تہ
اسين اوهان جي سببان منحوس ٿيا آهيون البت جيڪڏهن اوهان نہ رڪجندؤ تہ
البت ضرور اوهان کي سنگسار ڪنداسون ۽ **البت** اوهان کي اسان جي طرفان ضرور
دردناڪ عذاب پهچندو -يعني اسان وٽ اوهان جي اچڻ ۽ اسان تائين اوهان جي
پهچڻ کي اسين منحوس ڳالهہ ۽ شر سمجهون ٿا ۽ هي نهايت عجب جهڙي ڳالهہ
هئي جوجيڪا الله جل شانه جي طرفان ٻانهن تي اجل نعمت ۽ انهن جي لاءِ وڏي
عزت هئي ان کي منحوس سمجهي رهيا هئا حالانڪ ڪين ان جي سڀني ضرورتن ڪان
وڏيڪ ضرورت هئي پر سندن ئي حالتن جي مدار تي سندن مقدر ۾ نيڪيءَ جي
نعمت نصيب نہ هئي ۽ وري انهن الله جل شانه جي پيارن کي ڌمڪي ڏيندي چوڻ
لڳا تہ جيڪڏهن اوهان ان پروگرام ڪان نہ رڪجندؤنہ هٽندؤ تہ اسين اوهان کي
سنگسار ڪنداسون پٿر هڻي ماري ڇڏينداسون ۽ ضرور اسان جي طرفان اوهان کي
دردناڪ عذاب پهچندو. " قَالُوْا طَآئِرُكُمْ مَّعَكُمْ" فرمايائون تہ اوهان جي منحوسيت
اوهان سان گڏ آهي - ان مان مراد انهن وارو شرڪ ۽ شرارت آهي جنهن جي ڪري
اوهان تي تڪليف ۽ عذاب اچن ٿا ۽ اوهان وٽان نعمتون هليون وڃن ٿيون - " اَئِنْ
ذُكِّرْتُمْ" ڇا جيڪڏهن اوهان نصيحت ڪيا ويئو؟ يعني اسان اوهان جي ڀلائيءَ ۽
بهتريءَ لاءِ اوهان کي نصيحت ڪئي تہ اوهان ائين پيا چئو؟ " بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ
مُّسْرِفُوْنَ" بلڪ اوهان حد ڪان لنگهندڙ قوم آهيو - جو اوهان کي نيڪ ڪم ڏانهن
سڏجي ٿو تہ فائدي جي بجاءِ نقصان ٿا حاصل ڪيو " وَجَآءَ مِنْ اَقْصَا الْمَدِيْنَةِ رَجُلٌ
يَّسْعٰى" ۽ شهر جي پرانهين پاسي ڪان هڪ مڙس ڊوڙندو آيو - يعني جڏهن اتي
وارن ماڻهن انهن اللهجي پيارن کي سنگسار ڪرڻ جو پروگرام بنايو تہ ان ئي شهر
جي پرانهين پاسي ۾ رهندڙ هڪ سليم الفطرة شخص ڊوڙي اچي اتي پهتو - " قَالَ

يٰقَوْمِ اتَّبِعُوا الْمُرْسَلِيْنَ اتَّبِعُوْا مَنْ لَّا يَسْئَلُكُمْ اَجْرًا وَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ " چيائين تہ اي منهنجي قوم! مرسلن جي اتباع ڪيو انهن جي اتباع ڪيوجيڪي اوهان ڪان ڪو اجورو نہ ٿاگهرن ۽ هي (پاڻ بہ) هدايت وارا آهن - مطلب تہ هي الله جا پيارا‌ٻانها اوهان ڪي جنهن پلي ڪم ڏانهن سڏين ٿا انهن جي اتباع ڪندي اهوڪيو هي اوهان ڪان ان جو ڪو اجورو تہ ڪونہ ٿا گهرن - اهي پاڻ هدايت وارا آهن اوهان انهن جي اتباع ڪندؤ تہ اوهان بہ هدايت وارا ٿيندؤ . " وَمَالِيَ لَآ اَعْبُدُ الَّذِيْ فَطَرَنِيْ وَاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ " ۽ مون ڪي ڇا آهي؟ جو مان ان (الله) جي عبادت نہ ڪيان جنهن مون ڪي پيدا ڪيو ۽ اوهان (سڀئي بہ) ان ڏانهن موٽايا ويندؤ - جڏهن ان جي قوم سندس ڳالهہ ڏانهن توجه نہ ڏنو ۽ ان ڪفر ۽ شرڪ تي ضد ڪري بيٺا بلڪ ڪيس بہ مرسلن جي اتباع ۽ الله جي خالص دين قبول ڪرڻ تي ملامت ڪرڻ لڳا تہ انهن ڪي جواب ڏيندي فرمايائين تہ: مان ان سچي معبود بالحق جي عبادت ڇونہ ڪيان جنهن مون ڪي پيدا ڪيوآهي ۽ اوهان بہ (سڀ مرڻ ڪان پوءِ) ان ڏانهن موٽايا ويندؤ ۽ اوهان ڪي اوهان جي اعمال جي جزا يا سزا ڏيندو - پوءِ جنهن جي قدرتي هٿ ۾ رزق ۽ قيامت جي ڏينهن ٻانهن جو فيصلو آهي اهوئي عبادت جو مستحق، ثناء ۽ وڏائي بيان ڪرڻ جو لائق آهي ۽ جيڪي نہ نفعي جا مالڪ آهن نہ نقصان جا ۽ نہ ڪجهہ ڏئي سگهن نہ روڪي سگهن نہ ماري نہ جياري ۽ نہ قبرن مان اٿاري سگهن ٿا اهي عبادت جا لائق ڪيئن ٿي سگهندا. " ءَاَتَّخِذُ مِنْ دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً اِنْ يُّرِدْنِ الرَّحْمٰنُ بِضُرٍّ لَّا تُغْنِ عَنِّيْ شَفَاعَتُهُمْ شَيْـًٔا وَّلَا يُنْقِذُوْنِ " ڇا مان ان ڪان سواءِ ٻيا معبود بنايان؟ جو جيڪڏهن رحمان مون ڪي نقصان پهچائڻ جو ارادو ڪري تہ انهن جي شفاعت مون ڪي ڪجهہ بہ فائدو نہ ڏيندي ۽ نہ (اهي) مون ڪي ڇڏائيندا - يعني اهي باطل معبود ڪنهن ڪم جا ناهن جيڪڏهن الله جل شانه مون ڪي ڪا تڪليف يا نقصان پهچائڻ جو ارادو فرمائي تہ اهي ڪجهہ دفع تہ ڪري نہ سگهندا پر مون لاءِ شفاعت ڪري بہ نہ سگهندا ڇوتہ شفاعت اهي ڪندا جن ڪي شفاعت جو اذن مليل هوندو ۽ هنن لاءِ اهو بہ ناهي " اِنِّيْٓ اِذًا لَّفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ " بلاشڪ مان ان وقت البت ڪليل گمراهيءَ ۾ آهيان، يعني جيڪڏهن مان اهڙن باطل ۽ بيڪار معبودن جي عبادت

كيان تہ مان تہ كليل گمراھ ھوندس. ان مومن مرد انهن كي نصيحت كندي انهن مرسلن جي رسالت جي شاهدي ڏني ۽ الله وحده لاشريڪ له جي لاءِ عبادت جو تعين كري هدايت واري واٽ بيان كئي ۽ غير الله جي عبادت جو باطل هجڻ دليلن سان ثابت كيو. ان تي برهان پيش كيا انهن جي پوڄا كرڻ كي كليل گمراهي سڏيو ۽ پوءِ پنهنجي كليل ايمان جو اعلان كرڻ فرمايو "اِنِّيْٓ اٰمَنْتُ بِرَبِّكُمْ فَاسْمَعُوْنِ" بلاشڪ مون (پنهنجي ۽) اوهان جي رب تي ايمان آندو آهي پوءِ (اهو اعلان) مون كان ٻڌي ڇڏيو. يعني سڀ ٻڌي ڇڏيو تہ مون اوهان جي سچي پروردگار تي ايمان آندو آهي - هن آيت كي پڙهي اندازو لڳايو تـو وڃي تہ حق جو علمبردار كيترو دلير ۽ جرئتمند هوندو آهي سارو شهر هڪ طرف قوم جا سردار ۽ رئيس هڪ طرف سڀئي سياسي حاكم هڪ طرف سڄو ماحول غم ۽ غصي سان ڀريل آهي بگڙيل حالتن جي ٻرندڙ باھ ۾ هڪ كامل مومن ئي اهڙو اعلان كري سگهي ٿو - "قِيْلَ ادْخُلِ الْجَنَّةَ" چيو ويس تہ جنت ۾ داخل ٿيءُ - مفسرن ڀلارن لكيو آهي تہ ان اعلان كرڻ كان پوءِ اهي سڀئي ان تي چڙهي كيس لتاڙڻ لڳا تانجو ان جا آنڊا ٻاهر نكري آيا ۽ ان كي هڪ كوھ ۾ اڇلائي ڇڏيائون - حضرت ابن مسعود رضي الله عنه جو اهو قول آهي ۽ مفسر سدي جو قول آهي تہ ان كي پٿر هڻي سنگسار كري شهيد كيائون . ٻيا بہ مختلف اقوال آهن ۽ جڏهن كافر ان مومن مرد جي عذاب ڏيڻ ۽ شهيد كرڻ ۾ مشغول ٿيا تہ هڪ قول مطابق اهي مرسل سڳورا اتاهين نكري ويا ۽ ٻئي قول مطابق اهي بہ اتي شهيد كيا ويا (١) ۽ ان الله جي پياري كي ان مهل سڏي چيو ويو تہ جنت ۾ داخل ٿيءُ (٢) جنت جي بهار تنهنجي منتظر آهي رحمت جي رنگين گلن جا هار كنيو حورون تنهنجا رستا پيون نهارين ۽ الله جل شانه جو ازلي حسن تنهنجي بيتاب دل ۽ مشتاق اکين جي حسرتن كي پوري كرڻ جي لاءِ عنقريب نقاب اٿلائڻ وارو آهي.

"قَالَ يٰلَيْتَ قَوْمِيْ يَعْلَمُوْنَ بِمَا غَفَرَلِيْ رَبِّيْ وَجَعَلَنِيْ مِنَ الْمُكْرَمِيْنَ" چيائين تہ اي كاش! منهنجي قوم وارا اها ڳالهہ ڄاڻن تہ الله مون كي بخش كيو ۽ مون كي عزت وارن مان بڻايو - يعني كاش منهنجي قوم وارن، مون كي تكليفون ۽ اذيتون

(١) روح البيان صـ ٣٨٦ جلد ٧ (٢) تيسير الكريم الرحمٰن صـ ٢٢۴ جلد ۴

ڏئي شهيد ڪندڙن ،منهنجي لاش کي ٽڪرا بنائيندڙن کي اها ڄاڻ ملي ها ته مون تي ڪريم ڪيڏا ڪرم ڪيا آهن جو مون کي مغفرت عطا ڪري عزت وارن مان بنايو اٿس.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

١: " وَاضْرِبْ لَهُمْ مَّثَلًا" (۽ انهن جي لاءِ مثال طور بيان ڪر) مان ثابت ٿيو ته ڪنهن کي ڪا ڳالهه مثال ڏئي سمجهائڻ مستحسن ڪم آهي ۽ ان واقعي مان اهو به ثابت ٿيو ته ڪافرن جو حال هميشه اهو رهيو آهي.

٢: " مَآ اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا" (ناهيو اوهان مگر اسان جهڙا بشر) مان واضح ٿيو ته انبياء ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام کي پاڻ جهڙو بشر چوڻ ۽ سمجهڻ هميشه ڪافرن جو طريقو رهيو آهي ها نبي سڳورو تواضع ۽ انڪساري طور پاڻ کي بشر چوي ته اها جدا شيءِ آهي جيئن بادشاهه پاڻ کي قوم جو خادم چوي پر قوم ان کي خادم نه سڏيندي .

٣: " وَمَا عَلَيْنَآ اِلَّا الْبَلٰغُ الْمُبِيْنُ" (۽ اسان تي ته رڳو کليل پيغام پهچائڻ آهي) مان واضح ٿيو ته اسلام جي مبلغ تي هدايت ڪرڻ ۽ پيغام جي ذميداري آهي هدايت ڏيڻ الله جل شانه جوشان آهي ۽ ان جي ئي قدرتي هٿ ۾ هدايت آهي.

٤: " لَا تُغْنِ عَنِّيْ شَفَاعَتُهُمْ شَيْـًٔا" (مون کي انهن جي شفاعت ڪجهه به فائدو نه ڏيندي) مان معلوم ٿيو ته بتن ۽ باطل معبودن جي شفاعت ڪم نه ايندي پر مسلمانن مومنن کي حبيب ڪريم عليه الصلوٰاة والسلام ۽ ٻين ڀلارن جي شفاعت ضرور ڪم ڏيندي جيئن هن کان اڳ ۾ ڪيترن مقامن تي واضح ڪري آيا آهيون ولله الحمد.

٥: " وَجَعَلَنِيْ مِنَ الْمُكْرَمِيْنَ " (۽ مون کي عزت وارن مان بنايائين) مان واضح ٿيو ته الله جا سچا ٻانها عزت وارا آهن پوءِ اهو نظريه بالڪل غلط آهي ته الله جي بارگاهه ۾ نبي عليهم السلام (معاذالله) ڇُهڙي چمار کان به ذليل آهن. (معاذالله)

وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلٰى قَوْمِهٖ مِنْۢ بَعْدِهٖ مِنْ جُنْدٍ مِّنَ السَّمَآءِ

۽ نہ لاٿو سون ان جي قوم تي ان کان پوءِ کو لشڪر آسمان کان

وَمَا كُنَّا مُنْزِلِيْنَ (۲۸) اِنْ كَانَتْ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَا

۽ نہ هئا سون لاهيندڙ نہ هئي مگر هڪ رڙ پوءِ ان وقت

هُمْ خٰمِدُوْنَ (۲۹) يٰحَسْرَةً عَلَى الْعِبَادِ مَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ

اهي وسامندڙ آهن ارمان آهي ٻانهن تي نہ آيو انهن وٽ ڪو رسول

اِلَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ (۳۰) اَلَمْ يَرَوْا

مگر جو ان سان ٺٺوليون ڪندا هئا ڇا نہ ڏٺائون تہ

كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ اَنَّهُمْ

ڪيترا هلاڪ ڪيا سون انهن کان اڳي (ماڻهن جا) طبقا بلاشڪ اهي

اِلَيْهِمْ لَا يَرْجِعُوْنَ (۳۱) وَاِنْ كُلٌّ لَّمَّا جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ (۳۲)

انهن ڏانهن نہ ٿا موٽي اچن ۽ ناهن سڀ مگر مڙئي اسان وٽ حاضر ڪيل آهن.

وقف غفران

لخمس

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله جي ٻانهي، مرسلن تي ايمان آڻي انهن جي تائيد ڪندي شهيد ٿيندڙ جي جنت ۾ داخل ٿيڻ جو بيان هو ۽ هتان کان ان کي ايذائي شهيد ڪندڙ قوم جو حال ٻڌائيندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَمَآ اَنْزَلْنَا عَلٰى قَوْمِهٖ مِنْۢ بَعْدِهٖ مِنْ جُنْدٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَمَا كُنَّا مُنْزِلِيْنَ" ۽ اسان ان جي قوم تي ان کان پوءِ آسمان

ڪان ڪو لشڪر نہ لاٿو ۽ نہ اسين لاهيندڙ هئا سون مطلب تہ ان شهيد ڪان پوءِ سندس ڪافر قوم کي سزا ڏيڻ جي لاءِ ڪنهن لشڪر لاهڻ جي ضرورت نہ هئي نہ اسان کو لشڪر لاٿو هو انهن جو هلاڪ ڪرڻ تہ اسان جو هڪ امر هو (١)

"اِنْ كَانَتْ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمْ خَامِدُوْنَ" نہ هئي مگر هڪ رڙ پوءِ انهيءَ وقت اهي وسامي ويا هئا هي ان قوم تي اچڻ واري آسماني عذاب جو ذڪر آهي جن مرسلن کي ڪوڙو چئي انهن تي ايمان آڻيندڙ کي شهيد ڪيو هو. ۽ اهو هيئن ٿيو جو ملائڪ سڳوري هڪ اهڙي رڙ ڪئي جنهن سان اهي سڀ ائين ختم ٿي ويا جيئن ڦوڪ سان باهہ وسامي ويندي آهي روايتن ۾ آهي تہ اهو دانهن ڪندڙ ملائڪ جبريل هو ۽ اهي اهڙا ختم ٿي ويا جو نہ انهن ۾ حسد رهيو نہ حرڪت (٢) انهن جي مرڻ کي "خَامِدُوْنَ" (وسامندڙ) جي لفظ سان تعبير ڪيو ويو آهي خمود جي معنیٰ باهہ جو وسائڻ آهي جاندار جي حياتي حرارت غريزيءَ تي موقوف آهي جڏهن اها حرارت ختم ٿي تہ ان حالت جو نالو موت آهي (٣)

"يٰحَسْرَةً عَلَى الْعِبَادِ ۚ مَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ" ٻانهن تي ارمان آهي انهن وٽ ڪوبہ رسول نہ ٿي آيو مگر ان سان ٺٺوليون ڪندا هئا مطلب تہ ٻانهن جو اهو حال ارمان کي سڏڻ جهڙو آهي جو سرڪشيءَ تي هميشگي ڪيو بيٺا آهن ۽ ايترا سرڪش آهن جو انهن وٽ ڪوبہ الله جل شانه جو رسول تشريف وٺي اچي ٿو تہ ان سان ٺٺوليون ڪن ٿا. "اَلَمْ يَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ اَنَّهُمْ اِلَيْهِمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ؕ" ڇا نہ ڏٺائون تہ اسان انهن کان اڳي ڪيترا (ماڻهن جا) طبقا هلاڪ ڪري ڇڏيا ٻلاشڪ اهي انهن ڏانهن نہ ٿا موٽن هتي مڪه مڪرمه جي رهاڪو مشرڪن کي اڳين امتن جي عذاب جا واقعا ٻڌائي ذهن نشين ڪيو ويو آهي تہ ڪين بہ اهڙو عذاب اچي سگهي ٿو ڪائنن اڳي اسان ڪيترا طبقا اهڙا هلاڪ ۽ برباد ڪري ڇڏيا جو هاڻي اهي هنن ڏانهن نہ موٽندا پوءِ بہ عبرت نہ ٿا وٺن ۽ نصيحت حاصل نہ ٿا ڪن "وَاِنْ كُلٌّ لَّمَّا جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ ۧ" ۽ ناهن سيئي مگر مڙئي اسان وٽ حاضر ڪيل آهن هتي "ان" نافيه "لما" الا جي معنیٰ سان "لَدَيْنَا" عندنا جي معنیٰ سان آهي مطلب تہ ساري مخلوق اسان وٽ گڏ ڪري حساب لاءِ

(١) المراغي ص۴ جزء ٢٣ جلد٨ (٢) تنوير الاذهان ص ٢٠٧ جلد٣ (٣) معارف القرآن ص٣٧٩ جلد٧

حاضر ڪيل هوندي. هيءَ آيت بيان ڪري رهي آهي تہ سيئي محشر جي ميدان ۾ هلندا پر دنيا ۾ موٽي نہ ايندا ۽ جيڪڏهن موت ڪان پوءِ محشر جي ميدان ڏانهن موٽڻ نہ هجي تہ پوءِ موت هر ميت جي لاءِ خالص راحت هجي ها پر اهو قبر مان اٿاري محشر جي ميدان ۾ آندو ويندو پوءِ مخلص مومن عزت ڏنو ويندو ۽ ڪافر ۽ منافق خوار ۽ خراب ڪيا ويندا ۽ سخت افسوس جا هٿ هڻندا (١)

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١- "اِنْ كَانَتْ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً" (نہ هئي مگر هڪ رڙ) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه جيڪڏهن ڪنهن کي هلاڪ ڪري تہ ان جي اڳيان ڪا دير ناهي ڇا سان ڪري ڪڏهن ڪري ڪيئن ڪري مرضيءَ وارو آهي. جيئن مذڪوره ڳوٺ وارن ڪافرن کي هڪ رڙ سان اهڙو هلاڪ ڪيائين جو وسامي ويا نہ چرن پيا نہ سرن پيا.

٢- "يٰحَسْرَةً عَلَى الْعِبَادِ" (ٻانهن تي ارمان آهي) مان واضح ٿيو تہ ٻانهن کي جنهن سرڪشي، ڪفر ۽ شرڪ جي ڪري سزا ملي تي الله جل شانہ ان تي بي نياز هوندي حسرت جو اظهار فرمايو آهي.

٣- "كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ" (ان سان چٿر ڪندا هئا) مان واضح ٿيو تہ نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ ٻين عزت وارين شين جي عزت نہ ڪرڻ، انهن سان ٺٺوليون ڪرڻ حرام ۽ الاهي عذاب اچڻ جو باعث آهن. (٢)

وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الْاَرْضُ الْمَيْتَةُ ۚ اَحْيَيْنٰهَا

۽ نشاني انهن جي لاءِ زمين غيرآباد آهي جو آباد ڪيو اسان ان کي

وَاَخْرَجْنَا مِنْهَا حَبًّا فَمِنْهُ يَاْكُلُوْنَ (٣٣) وَجَعَلْنَا فِيْهَا

۽ ڪڍيو اسان ان مان داڻو پوءِ ان مان کائين ٿا ۽ پيدا ڪيا سون ان ۾

(١) تنوير الاذهان ص ٢٠٨ جلد ٣ (٢) ايسر التفاسير ص ٦٥٣ جلد ٣

جَنّٰتٍ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّاَعْنَابٍ وَّفَجَّرْنَا فِيْهَا مِنَ الْعُيُوْنِ ۙ (٣٤)

باغ ڪجين جا ۽ انگورن جا ۽ وهايا سون انهن ۾ چشما

لِيَاْكُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖ ۙ وَمَا عَمِلَتْهُ اَيْدِيْهِمْ ؕ اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ (٣٥)

تانت کائن ان جي ميوي مان ۽ نه بنايو ان کي هٿن انهن جي ڇا پوءِ شڪر نه ٿا ڪن؟

سُبْحَانَ الَّذِيْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا مِمَّا تُنْۢبِتُ الْاَرْضُ

پاڪ آهي اهو (الله) جنهن پيدا ڪيا جوڙا جوڙا سمورا ان مان جيڪو زمين ڄمائي ٿي

وَمِنْ اَنْفُسِهِمْ وَمِمَّا لَا يَعْلَمُوْنَ (٣٦)

۽ انهن جي سرن مان ۽ ان مان جيڪو نه ٿا ڄاڻن.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو ته سڀئي ٻانها قيامت جي ڏينهن الله جل شانه جي بارگاهه ۾ پيش ڪيا ويندا ۽ ڪين جزا يا سزا ملندي ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي ته اها ڳالهه ممڪن آهي مجال ناهي الاهي ارشاد آهي "وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الْاَرْضُ الْمَيْتَةُ اَحْيَيْنٰهَا وَاَخْرَجْنَا مِنْهَا حَبًّا فَمِنْهُ يَاْكُلُوْنَ" ۽ انهن جي لاءِ نشاني ويران زمين آهي اسان ان کي آباد ڪيو ۽ ان مان داڻو ڪڍيو پوءِ ان مان ڪائين پيا. يعني مئلن کي زمين مان جيئرو ڪري ڪڍڻ تي قادر هجڻ لاءِ هڪ دليل هي آهي جو اسان ويران ۽ برباد زمين کي آباد ڪري ان مان داڻو ڪڍون ٿا جنهن مان اهي سڀ کائن ٿا اسين جڏهن ان ڳالهه تي قادر آهيون ته مئلن کي به جيئرو ڪري قبرن مان ٻاهر ڪڍڻ تي قادر آهيون "وَجَعَلْنَا فِيْهَا جَنّٰتٍ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّاَعْنَابٍ" ۽ اسان ان ۾ ڪجين ۽ انگورن جا باغ پيدا فرمايا آهن يعني اُن ويران زمين ۾ اسان ڪجين ۽ انگورن جا سهڻا باغ پيدا

فرمايا "وَفَجَّرْنَا فِيْهَا مِنَ الْعُيُوْنِ لِيَاْكُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖ وَمَا عَمِلَتْهُ اَيْدِيْهِمْ" ۽ اسان ان ۾ چشما وهايا تانت ان جي ميوي مان کائن ۽ اهو انهن جي هٿن نہ ناهيو آهي مطلب تہ اسان ئي انهن باغن ۾ نهرون وهايون تانت اهي سرسبز رهن سگهن ۽ وڻن ۾ ميوا اچن ۽ اهي ان ميون مان کائن ۽ اهو سڀ ڪجهہ سندن هٿن نہ ناهيو آهي اسان جي قدرت جو ڪمال آهي ورنہ تہ جيڪڏهن الاهي قدرت ۽ انتظام کان جدا ٿي ساري ڪائنات وارا گڏجي ڪوشش ڪن تہ صرف ٻج ڇٽڻ ۽ پاڻي ڏيڻ سان اناج، ميوا وغيره پيدا ڪري سگهندا تہ قطعًا ڪري نہ سگهندا يقين سان مٿو پوندو تہ ان مسببات کي انهن نتيجن جي صورت ۾ ظاهر ڪرڻ خاص الخاص خداوندي قدرت جو ڪرشمه آهي عام ترجما ۽ تفسير "ما" نفي جي معنىٰ ۾ لکن ٿا پر جيڪڏهن "ما" کي موصوله بنائي "ثَمَرِهٖ" تي عطف ڪجي تہ بہ جائز آهي پوءِ مطلب ٿيندو تہ ان ميوي مان کائن ۽ ان مان بہ کائڻ جيڪو سندن هٿن پچائي تيار ڪيو آهي. (١)

"اَفَلَايَشْكُرُوْنَ" ڇا پوءِ بہ شڪر نہ ٿا ڪن يعني خداوندي قدرت جا ايترا دلائل ڏسي بہ بي شڪر رهن ٿا؟ "سُبْحَانَ الَّذِيْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا مِمَّا تُنْبِتُ الْاَرْضُ وَمِنْ اَنْفُسِهِمْ وَمِمَّا لَايَعْلَمُوْنَ" اهو (الله) پاڪ آهي جنهن سڀئي جوڙا جوڙا ان مان پيدا فرمايا جيڪي ڪجهہ زمين ڄمائي ٿي ۽ سندن سرن مان ۽ ان مان جيڪي نہ ٿا ڄاڻن. يعني انهن قدرتن وارو الله جل شانه هر قسم جي شرڪ ۽ عاجز هجڻ کان پاڪ آهي جنهن هر قسم جا جوڙا پيدا فرمايا ۽ ساري موجودات ۾ ڪيترا قسم، ڪيترا رنگ، نمونا وجود ۾ آندا جديد سائنس وارن جو هي مشهور قول آهي تہ ڪائنات جي هر قسم ۾ نر ۽ ماديءَ جو وجود آهي ايتري قدر جو حيوانات کان اڳتي نباتات بلڪ جمادات ۾ بہ آهي نباتات ۾ مماثلت جو تقابل ۽ تضاد جو تقابل ٿي سگهي ٿو. "وَمِنْ اَنْفُسِهِمْ" شخصن ۾ بہ تقابل آهي مثلاً مرد - عورت، جوان، پوڙهو، گورو، ڪارو وغيره. (١)

فائدا:

مذڪوره آيتن مان حاصل ٿيندڙ فائدا.

(١) حاشيه دريابادي صـ٨٨٦

١- "وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الْاَرْضُ الْمَيْتَةُ" (۽ انهن جي لاءِ ويران زمين نشاني آهي) تي غور ڪري متصوف علماءَ فرمايو آهي تہ جيئن مينهن وسڻ سان ويران زمين آباد ٿيندي آهي تيئن نبوت جي بارش سان ويران دليون آباد ٿينديون آهن. ۽ اسرافيل جي ڦوڪ سان قبرن وارا زنده ٿيندا مينهن سان غذائون، ميوا ۽ چشما نهندا آهن ۽ نبوت جي برسات سان شريعت جي غذا طريقت جا ميوا ۽ اولياءَ ۽ علماء جا چشما وهندا آهن.

٢- "اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ" (ڇا پوءِ شڪر نہ ٿا ڪن؟). تي وضاحت ڪندي مفسرن لکيو آهي تہ شڪر ڪرڻ مان مراد آهي تہ اول اول ايمان آڻين. ڇو تہ بي ايمان ڪيترو بہ شڪر ڪري قبول ناهي اصل شڪر هي آهي تہ الله جل شانہ جي حبيب عليه الصلواة والسلام جي اطاعت ڪن.

٣- "خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا" (سيئي جوڙا پيدا فرمايائين) هن مان واضح ٿيو تہ مخلوق سڀ جوڙا جوڙا آهي " وَمِنْ كُلِّ شَيْءٍ خَلَقْنَا زَوْجَيْنِ " ۽ هر شئي مان اسان جوڙو جوڙو پيدا ڪيو آهي اڪيلو ۽ جوڙ کان سواءِ صرف هڪ الله آهي.

٤- "وَمِمَّا لَا يَعْلَمُوْنَ" (۽ ان مان جيڪو نہ ٿا ڄاڻن) مان واضح ٿيو تہ ڪيتري مخلوق اهڙي آهي جنهن جو انسان کي علم ناهي (٢)

وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الَّيْلُ ۚ نَسْلَخُ مِنْهُ النَّهَارَ فَاِذَا هُمْ

۽ هڪ نشاني انهن جي لاءِ رات آهي جو ڇڪي ڪڍون ٿا ان مان ڏينهن پوءِ انهيءَ مهل آهي

مُّظْلِمُوْنَ (٣٧) وَالشَّمْسُ تَجْرِيْ لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا ذٰلِكَ

انڌيري ۾ آهن ۽ سج هلي ٿو پنهنجي قرار وٺڻ واري جاءِ لاءِ اها

تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ (٣٨) وَالْقَمَرَ قَدَّرْنَاهُ مَنَازِلَ

تقدير غالب ڄاڻندڙ جي آهي ۽ چنڊ مقرر ڪيون اسان ان جون منزلون

(١) حاشيه دريابادي صـ ٨٨٦ (٢) نورالعرفان صـ ٧٠٦

حَتّٰى عَادَ كَالْعُرْجُوْنِ الْقَدِيْمِ (٣٩) لَا الشَّمْسُ يَنْۢبَغِيْ لَهَآ

تان جو وري تـيـو کـجيءَ جي پراڻي ڳنيءَ وانگر ناهي سج لائق تـو تـئي ان جي لاءِ

اَنْ تُدْرِكَ الْقَمَرَ وَلَا الَّيْلُ سَابِقُ النَّهَارِ ؕ وَ كُلٌّ

تہ پهـچي چنڊ کي ۽ نہ رات اڳرائي ڪندڙ آهي ڏينهن کـان ۽ سـيـئي

فِيْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ (٤٠)

آسمان ۾ ترن ٿا.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ قبرن مان اٿڻ تي زمين جي حالات سان دليل ورتو ويو ۽ هتي رات ۽ ڏينهن جي ڦير گهير ۽ سج ۽ چنڊ جي حالات سان دليل ونندي ارشاد ٿي رهيو آهي " وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الَّيْلُ ۚۖ نَسْلَخُ مِنْهُ النَّهَارَ فَاِذَا هُمْ مُّظْلِمُوْنَ " ۽ انهن جي لاءِ هڪ نشاني رات آهي جنهن مان ڏينهن کي ڇڪي ڪيندا آهيون پوءِ ان مهل اهي انڌيري ۾ هوندا آهن "نسلخ" سلخ کان ورتل آهي ان جي لفظي معنىٰ آهي کل لاهڻ ڪنهن جانور جي مٿان کل يا ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي مٿان غلاف لاٿو ويندو آهي تہ اندر واري شئي ظاهر ٿيندي آهي الله جل شانه هتي ارشاد فرمايو آهي تہ هن جهان ۾ اصل ظلمت ۽ انڌيرو آهي ۽ روشني عارضي آهي جيڪا سيارات ۽ ستارن جي ذريعي زمين تي ڇانئجندي آهي جڏهن اها روشني ڇڪي لاٿي ويندي آهي تہ ظلمت ۽ انڌيرو رهندو آهي ان کي ئي عرف ۾ رات چيو ويندو آهي "وَالشَّمْسُ تَجْرِيْ لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ" ۽ سج پنهنجي قرار وٺڻ واري جاءِ ڏانهن هلي ٿو اها غالب. گهڻو ڄاڻندڙ جي تقدير آهي يعني سج پنهنجي مقرر رفتار سان معين وقت ۾ پنهنجي قرار واري جاءِ تي اچي روشني ڪري ٿو پنهنجي مقرر ڪيل رفتار ۽ جاءِ کان

هڪ منٽ يا هڪ انچ هيڏي هوڏي ڪونہ ٿو ٿئي جنهن ڪم سان لڳايل آهي هر وقت ان ۾ مشغول آهي رات ڏينهن جي گردش ۽ پوري سال جي چڪر ۾ جنهن جنهن جاءِ تي ان کي پهچڻو آهي پهچي ٿو ان جو اهو سمورو نظام ان زبردست ۽ باخبر هستيءَ جو قائم ڪيل آهي جنهن جي نظام کي ٻيو ڪير بہ هيڏي هوڏي نہ ٿو ڪري سگهي "وَالْقَمَرَ قَدَّرْنَاهُ مَنَازِلَ حَتَّىٰ عَادَ كَالْعُرْجُونِ الْقَدِيمِ" ۽ چنڊ جون منزلون مقرر ڪيو سون تان جو پراڻي کجيءَ جي ڪانيءَ جي ٻُنيءَ جهڙو ٿي وريو يعني چنڊ جو گهٽجڻ ۽ وڌڻ ڏسو تہ ڪيئن نهايت باريڪ، کجيءَ جي سنهيءَ ٻُنيءَ، پراڻي ڪانيءَ جهڙو ٿي ورندو آهي وڌندي وڌندي چوڏهينءَ جي رات جو ڪيڏو روشن ۽ روشني ڪندڙ هوندو آهي ۽ وري گهٽجي ڪيترو سنهو ٿي ويندو آهي اهو بہ اسان جي قدرت تي ايمان آڻڻ جو دليل آهي "لَا الشَّمْسُ يَنبَغِي لَهَا أَن تُدْرِكَ الْقَمَرَ وَلَا اللَّيْلُ سَابِقُ النَّهَارِ ۚ وَكُلٌّ فِي فَلَكٍ يَسْبَحُونَ" نہ سج لاءِ لائق آهي تہ چنڊ کي پهچي ۽ نہ رات ڏينهن کان اڳرائي ڪندڙ آهي ۽ سڀئي (پنهنجي پنهنجي) فلڪ ۾ ترن ٿا يعني سج پنهنجي مدار ۾ مصروف گردش آهي ۽ چنڊ پنهنجي مدار ۾ چڙ پڙ ڪري ٿو صرف انهن ٻن تي ئي موقوف آهي سمورا سيارا بلڪ سڀئي ثابت بيهندڙ شيون پنهنجي پنهنجي مقرر مدار ۾ ترن پيون. ڪير ڪنهن سان نہ ٽڪرائجي ٿو نہ ڪير ڪنهن کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ڪير ڪنهن کان پوئتي نہ ٿو رهي ان قادر، حڪيم جي ئي قدرت ۽ حڪمت آهي جو ڳڻڻ کان وڌيڪ ستارا چڙ پڙ ۾ محو آهن ۽ ڪڏهن بہ ڪو حادثو رونما نہ ٿيو آهي."

فائدا:

١- "لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا" (پنهنجي قرار واري جاءِ ڏانهن) هتي مستقر مان مراد هڪ قول مطابق زماني مستقر آهي يعني اهو وقت جڏهن سج پنهنجو مقرر ڪيل تحرڪ ختم ڪندو ۽ اهو وقت قيامت جو ڏينهن هوندو ۽ ٻئي قول مطابق ان مان مراد مڪاني مستقر آهي جنهن جي بناءَ هڪ حديث تي آهي جيڪا بخاري، مسلم وغيره ۾ متعدد اصحابن کان متعدد سندن سان روايت ڪيل آهي حضرت ابو ذر غفاري

رضي الله عنه کان روايت آهي تہ اهو هڪ ڏينهن نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن سان سج لهڻ وقت مسجد ۾ حاضر هو تہ پاڻ کيس مخاطب ٿي فرمايائون تہ ”اي ابا ذر! تون ڄاڻين ٿو تہ سج ڪٿي لهندو آهي؟ ابو ذر عرض ڪيو تہ ” الله ۽ ان جو رسول ئي بهتر ڄاڻن ٿا“ پاڻ فرمايائون تہ ”سج هلندو رهندو آهي تان جو اهو عرش جي هيٺان پهچي سجدو ڪندو آهي“ پوءِ فرمايائون تہ ”هن آيت ۾ مستقر مان اهو ئي مراد آهي“ (١) حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان بہ اهڙي مضمون جي حديث روايت ڪيل آهي ان ۾ ڪجهہ وڌيڪ الفاظ آهن جن جو مفهوم هي آهي تہ سج هر روز عرش جي هيٺان وڃي سجدو ڪندو آهي ۽ نئين دوري جي اجازت طلب ڪندو آهي اجازت ملڻ تي نئون دورو شروع ڪندو آهي تان جو هڪ اهڙو ڏينهن ايندو جڏهن ان کي نئين دوره ڪرڻ جي اجازت نہ ملندي بلڪ کيس حڪم ملندو تہ جنهن طرف کان آيو آهين ان طرف موٽي وڃ يعني مغرب جي طرف کان آيو آهين وري اتاهين کان ابري اچ جنهن ڏينهن ائين ٿيندو تہ اها قيامت جي قريب هجڻ جي نشاني هوندي ۽ ان وقت توبه ڪرڻ ۽ ايمان آڻڻ جا دروازا بند ڪيا ويندا ان وقت ڪنهن گناهہ ۾ مبتلا ٿيل جي گناهہ کان ۽ شرڪ ۽ ڪفر ۾ مبتلا ٿيل جي شرڪ ۽ ڪفر کان توبه قبول نہ ٿيندي (٢)

حديث جي هن روايات مان معلوم ٿئي ٿو تہ مستقر مان مراد مڪاني مستقر آهي يعني اها جاءِ جتي سج جي حرڪت جو هڪ دور پورو ٿئي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ اها جاءِ عرش جي هيٺان آهي ان صورت ۾ آيت جو مطلب هي ٿيندو تہ سج هر روز هڪ خاص قرار واري جاءِ ڏانهن هلي ٿو ۽ اتي پهچي الله جل شانه جي بارگاه ۾ سجدو ڪري اڳئين دوري جي اجازت گهري ٿو ۽ اجازت ملڻ تي پيو دورو شروع ڪري ٿو پر واقعات ۽ مشاهدات ۽ هيئت ۽ فلڪيات جي بيان ڪيل اصولن جي بناءَ تي ان ۾ متعدد قوي اعتراض ٿين ٿا.

١ـ تہ الله جل شانه جي عرش جي جيڪا ڪيفيت قرآن ۽ سنت مان سمجهي وڃي ٿي اها هيءَ آهي تہ اهو سڀني زمينن ۽ آسمانن تي محيط آهي هيءَ زمين ۽ سڀئي

(١) روح المعاني صـ١٢ جزء ٢٣ جلد٨ (٢) معارف القرآن صـ٣٨٧ جلد٧

آسمان سيني سيارن ۽ ستارن سان گڏ عرش جي گهيري ۾ ان جي اندر آهن ان لحاظ سان سج ته هميشه، هرحال ۾ ۽ هر وقت عرش جي هيٺان آهي ته لهڻ کان پوءِ عرش جي هيٺان وڃڻ جو مطلب ڇا؟

٢- ته عام مشاهدو آهي ته سج جڏهن ڪنهن جاءِ کان لهندو آهي ته ٻيءَ جاءِ تان اڀرندو آهي ان جي ڪري ان جو اڀرڻ ۽ لهڻ هر وقت هرحال ۾ جاري آهي ته لهڻ کان پوءِ عرش جي هيٺان وڃڻ ۽ سجدي ڪرڻ جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟

٣- هن حديث جي ظاهر مان اهو معلوم ٿو ٿئي ته سج پنهنجي مستقر تي پهچي وقفه ڪري ٿو جنهن ۾ الله جل شانه جي بارگاهه ۾ سجدو ڪري ايندڙ دوري جي اجازت وٺي ٿو حالانڪ ڪليل مشاهدو اهو آهي ته سج جي هلڻ ۾ ڪنهن وقت به انقطاع ناهي ۽ وري سج جو اڀرڻ ۽ لهڻ مختلف مقامات جي اعتبار سان هر وقت ٿيندو رهي ٿو ته اهو وقفه ۽ سڪون به هر وقت هجڻ کپي جنهن جو نتيجو اهو هجي ته سج ڪي ڪنهن وقت به حرڪت نه هجي. اهي اعتراض صرف رياضي ۽ فلڪيات جي علوم ۽ فنون جا ناهن مشاهدات ۽ واقعات جا آهن جن کان نظر ڦيرائي نه ٿي سگهجي ۽ فني اعتبار سان فلڪ الافلاڪ جي تابع سج جي روزانو حرڪت ۽ سج جو چوٿين آسمان ۾ مرڪوز هجڻ بطليموسي نظريه آهي جنهن جي خلاف ان کان پهريان به فيثا غورث ان جي نظريه جي مخالفت ڪئي هئي. ۽ اڄ ڪالهه جي نئينءَ تحقيقات بطليموسي نظريه جي غلطي ۽ فيثاغورث جي نظريه جي صحت کي يقين جي قريب ڪيو آهي ۽ هاڻي جي خلائي سفرن ۽ چنڊ تائين انسان جي رسائيءَ جي واقعات اڀتري ڳالهه يقيني ڪئي آهي ته سيئي سيارا آسمان کان هيٺ فضا ۾ آهن آسمان ۾ اندر مرڪوز ناهن قرآن ڪريم جي آيت جيڪا عنقريب اچي رهي آهي "كُلٌّ فِيْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ" ان سان به ان نظريه جي تصديق ٿئي ٿي ان نظريه ۾ ته اهو به آهي ته هي روزانو لهڻ ۽ اڀرڻ سج جي حرڪت نه پر زمين جي حرڪت سان آهي ان فني نظريه جي اعتبار سان مذڪور حديث تي هڪ وڏيڪ اعتراض ٿئي ٿو انهن جو جواب سمجهڻ کان پهريان هيءَ ڳالهه پيش نظر رهڻ گهرجي ته جيتري

قدر مذڪوره آيت جي تصريح آهي ان تي مذڪوره اعتراضات مان قرآن ڪريم تي ڪوبہ اعتراض نہ ٿو ٿهي آيت جو مطلب صرف اهو آهي تہ سج کي الله جل شانه هڪ اهڙي نظام سان منظم ۽ مستحڪم حرڪت سان لڳايو آهي جو اهو پنهنجي مستقر ڏانهن هڪ حالت تي هلندو رهي ٿو جيڪڏهن ان مستقر مان مراد مستقر زماني ورتو وڃي يعنيٰ قيامت جو ڏينهن تہ مطلب هي ٿيندو تہ سج جي حرڪت قيامت تائين هميشه هڪ حال تي جاري رهندي ۽ قيامت جي ڏينهن ختم ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن مستقر مڪاني مراد ونجي تہ بہ ان جو مستقر مدار شمسيءَ جي ان نقطه کي چئي سگهجي ٿو جتان کان تخليق جي وقت سج حرڪت شروع ڪئي هئي ان نقطه تي پهچي ان جي رات ڏينهن وارو هڪ دور ختم ٿئي ٿو ڇو تہ اهو ئي نقطه ان جي سفر جي انتها آهي اتي پهچڻ کان پوءِ ان جي نئين دور جي ابتداءَ ٿيندي آهي رهيو اهو سوال تہ اهو نقطه ڪٿي ۽ ڪهڙو آهي؟ جتان کان سج جي ابتدائي حرڪت شروع ٿي قرآن ڪريم اهڙن غير ضروري بحثن ۾ ماڻهن کي الجهائي نہ ٿو جنهن جو تعلق ان جي ڪنهن ديني يا دنيوي فائدي سان ناهي هي بحث بہ اهڙي قسم جو آهي ان جي ڪري قرآن ڪريم اصل مقصد ڏانهن توجه ڏياريو آهي ۽ اهو مقصد الله جل شانه جي قدرت ۽ حڪمت ڪامله جي خاص مظاهر جو بيان آهي تہ هن جهان ۾ سڀ کان وڏو ۽ سڀ کان وڏيڪ روشن ڪره آفتاب آهي اهو بہ نہ پاڻهي ٺهيو آهي نہ پاڻهي چري ٿو نہ پاڻهي باقي رهي سگهندو اهو پنهنجيءَ ان رات ڏينهن واري حرڪت ۾ هر وقت الله جل شانه جي اجازت ۽ مشيت جو محتاج آهي جيترا اعتراض مٿي لکيا ويا آهن انهن مان ڪوبہ مذڪوره آيتن تي نہ ٿو ٿهي البت اهي انهن حديثن تي ٿي سگهن ٿا جن ۾ مذڪور آهي تہ سج لهڻ کان پوءِ عرش جي هيٺان سجدو ڪري اجازت گهري ٿو انهن جي جواب کان اڳي هيءَ ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ آسماني ڪتابن ۽ انهن کي آڻيندڙن نبين عليهم الصلواة والسلام هميشه الله جل شانه جي مخلوق کي آسمانن ۽ زمين واري مخلوق ۾ غورو تدبر ڪرڻ جي دعوت ڏني آهي ۽ ان سان الله تعاليٰ جي وجود، توحيد، علم ۽ قدرت تي استدلالِ

ڪيو آهي پر انهن ۾ تدبر ان حد تائين شرعي مطلوب آهي جنهن حد تائين ان جو تعلق انسان جي دنيوي ۽ معاشرتي ضرورت يا ديني ۽ اخروي ضرورت سان آهي ان کان وڌيڪ خالص فلسفيانه تدقيق ۽ شين جي حقائق ۾ اونهو وڃڻ جي فکر ۾ الله جل شانه جي عام خلق کي نه وڌو ويو آهي ڇو ته اول ته شين جي حقيقتن جو پورو علم حڪيمن ۽ فلسفين جي ان متعلق پوريون عمريون ڳارڻ جي باوجود انهن کي به حاصل ناهي عام ماڻهو ته ڪنهن ڳالهه ۾ ناهن وري اهو حاصل به ٿي وڃي ۽ ان مان نه انهن جي ديني ضرورت پوري ٿئي نه دنيوي ته ان بي مقصد بحث ۾ عمر وڃائڻ ۽ مال ضايع ڪرڻ کان سواءِ ڇا فائدو؟ قرآن ڪريم ۽ انبياءَ عظام عليهم الصلواة والسلام جو آسمان ۽ زمين واري مخلوقات ۽ ان جي تغيرات ۽ انقلابات سان دليل وٺڻ صرف ان حد تائين آهي جيڪو هر انسان کي مشاهدي، غور ۽ فڪر سان ٿي سگهي فلسفه ۽ رياضيءَ جون فني تدقيقات جيڪي صرف حڪماءَ ۽ علماءُ ئي ڪري سگهن ٿا نه انهن تي استدلال جو مدار رکي سگهجي ٿو ۽ نه ان ۾ غور ۽ خوض جي ترغيب ڏني وڃي ٿي ڇو ته الله جل شانه تي ايمان ۽ ان جي پيغام تي عمل هر انسان تي فرض آهي عالم هجي يا جاهل مرد هجي يا عورت شهري هجي يا ٻهراڙيءَ جو ڪنهن جبل يا ٻيٽ ۾ رهندڙ هجي يا ڪنهن آباد شهر ۾ ان جي ڪري پيغمبرانه تعليم عوام جي نظر ۽ ان جي عقل ۽ فهم جي مطابق هوندي آهي جنهن ۾ ڪنهن فني مهارت جي ضرورت نه پوندي آهي نماز جي وقتن جي سڃاڻ، قبلي جي طرف جو متعين ڪرڻ، مهينن، سالن ۽ تاريخن جو ادراڪ انهن سڀني شين جو علم رياضيءَ جي ذريعي به حاصل ڪري سگهجي ٿو پر اسلامي شريعت انهن مان ڪنهن به شئي جو مدار رياضيءَ جي فني تحقيقات تي پرکڻ جي بجاءِ عام مشاهدات تي رکيو آهي مهينا، سال ۽ انهن جون تاريخون قمري حساب سان رکيون ۽ چنڊ جي ٻيهڻ يا نه ٻيهڻ جو مدار صرف ڏسڻ ۽ مشاهدي تي رکيو روزي ۽ حج جا احڪام انهيءَ بنياد تي متعين ڪيا ويا بعضي ماڻهن رسول الله صلى الله عليه وسلم جن کان چنڊ جي گهٽجڻ ۽ وڌڻ، لڪڻ ۽ ظاهر ٿيڻ جو راز پڇيو ته قرآن ڪريم ان جو

جواب هي ڏنو "قُلْ هِيَ مَوَاقِيْتُ لِلنَّاسِ وَالْحَجِّ" يعني فرمايو تہ اهي سيئي تغيرات ان مقصد جي لاءِ آهن تہ اوهان ان سان مهيني جي شروعات ۽ پورو ٿيڻ ۽ ان جون تاريخون معلوم ڪري حج وغيره جا ڏينهن متعين ڪري سگهو ان جواب انهن پڇندڙن کي تنبيه ڪري ڇڏي تہ اوهان جو اهو سوال ڪنهن مقصد وارو ناهي ان حقيقت کي معلوم ڪرڻ تي اوهان جو ڪو ديني يا دنيوي ڪم رڪيل ناهي اوهان سوال اهڙيءَ شيءِ جو ڪيو جنهن سان اوهان جو ڪو ديني يا دنيوي ڪم وابسته هجي ان تمهيد کان پوءِ اصل معاملي تي غور ڪيو تہ مذڪوره آيتن ۾ الله جل شانه پنهنجي قدرت ڪامله ۽ حڪمت بالغه جي ڪجهہ مظاهر جو ذڪر ڪري انسان کي پنهنجي توحيد، علم ۽ قدرت ڪامله تي ايمان آڻڻ جي دعوت ڏني آهي انهن مان سڀ کان اول زمين جو ذڪر ڪرڻ فرمايائين جيڪا هر وقت اسان جي اکين جي آڏو آهي "وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الْاَرْضُ" ان کان بعد ان تي مينهن وسائي وڻ ۽ ٻيا سلا ڄمائڻ جو ذڪر ڪيل آهي جن کي هر انسان ڏسي ۽ ڄاڻي ٿو "اَحْيَيْنَاهَا" ان کان بعد الله تعالىٰ آسمان ۽ آسماني فضا جي متعلق شين جو ذڪر شروع ڪري پهريان رات ۽ ڏينهن جي هر روز واري انقلاب جو ذڪر فرمايو آهي "وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الَّيْلُ" ان کان بعد سج ۽ چنڊ جو ذڪر فرمايو جيڪي سيارات ۽ ستارن ۾ سڀ کان وڏا آهن انهن مان پهريان سج جي متعلق فرمايائين "وَالشَّمْسُ تَجْرِيْ لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ" ۽ سج پنهنجي قرار واري جاءِ ڏانهن هلي ٿو اها غالب، ڄاڻندڙ جي تقدير آهي ان ۾ غور ڪرڻ سان واضح ٿئي ٿو تہ ان جي ٻڌائڻ جو مطلب هيءُ آهي تہ سج خود بخود پنهنجي ارادي ۽ پنهنجيءَ قدرت سان ڪونہ ٿو هلي بلڪ هي هڪ عزيز وعليم جي مقرر ڪيل نظام جي تابع هلي رهيو آهي نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن سج لهڻ جي قريب حضرت ابو ذرغفاري رضي الله عنه کي هڪ سوال ۽ جواب جي ذريعي ان حقيقت تي متنبه هجڻ جي هدايت فرمائي جنهن ۾ فرمايائون تہ سج لهڻ کان پوءِ عرش جي هيٺان الله جل شانه کي سجدو ڪندو آهي ۽ وري ايندڙ دوره شروع ڪرڻ جي اجازت گهرندو آهي جڏهن ڪيس اجازت ملندي آهي تہ

دستور جي مطابق اڳتي هلندو آهي ۽ صبح جو مشرق واري طرف کان اڀرندو آهي ان جو نتيجو ان کان وڌيڪ ناهي تہ سج جي اڀرڻ ۽ لهڻ سان عالم دنيا ۾ هڪ نئون انقلاب ايندو آهي جنهن جو مدار سج تي آهي نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلامُ جن ان انقلابي وقت کي انساني تنبيه جي لاءِ موزون سمجهي هيءَ تلقين فرمائي تہ سج کي پنهنجي مرضيءَ سان هلڻ وارو خود مختار نہ سمجهو هي صرف الله تعالىٰ جي اذن ۽ مشيت سان هلي رهيو آهي ان جو هر اڀرڻ ۽ لهڻ الله جي اذن سان هوندو آهي ۽ ان جي اجازت جو تابع آهي ۽ ان فرمان جي تابع هجڻ کي ئي سجدو قرار ڏنو ويو آهي ڇو تہ هر شيءِ جو سجدو ان جي حال جي مناسب هوندو آهي جيئن قرآن ڪريم صراحتًا فرمايو آهي "كُلٌّ قَدْ عَلِمَ صَلَوٰتَهٗ وَتَسْبِيْحَهٗ" يعني ساري مخلوق الله جي عبادت ۽ تسبيح کي ڄاڻي (۽ ان ۾ مشغول رهي) ٿي مگر هر هڪ جي عبادت ۽ تسبيح جو طريقو جدا آهي جيڪو ان کي سيکاريو ويو آهي ٿو. ان جي ڪري سج جي سجدي ڪرڻ جي معنيٰ مٿو کوڙڻ ناهي ۽ جڏهن قرآن ۽ سنت جي تصريحات جي مطابق الله جل شانه جو عرش سڀني آسمانن، سيارن ۽ زمين کي محيط آهي تہ اهو ظاهر آهي تہ سج هر وقت، هر جاءِ ۾ عرش جي هيٺان آهي ۽ جڏهن تجربو شاهد آهي تہ سج جڏهن هڪ جاءِ تي لهندو آهي تہ ٻيءَ جاءِ تي اڀرندو آهي ان جو هر لمحو اڀرڻ ۽ لهڻ کان خالي ناهي تہ ان جو عرش جي هيٺان رهڻ بہ هرحال ۾ دائمي آهي ۽ اڀرڻ ۽ لهڻ بہ هرحال ۾ آهي ان جي ڪري حديث جي مضمون مان حاصل هي آهي تہ سج پنهنجي پوري دوري ۾ عرش جي هيٺان الله جل شانه جي بارگاهہ ۾ سجدي ۾ هوندو آهي يعني ان جي اجازت ۽ فرمان جي زير تابع حرڪت ڪندو آهي ۽ اهو سلسلو اهڙي طرح قرب قيامت تائين جاري رهندو تانجو قيامت جي بلڪل قريب قيامت جي نشانين ظاهر ڪرڻ جو وقت ايندو تہ سج کي پنهنجي مدار تي اڳتي دوره شروع ڪرڻ جي بجاءِ پوئتي موٽي وڃڻ جو حڪم ٿيندو ۽ پوءِ اهو اولهہ طرف کان اڀرندو ۽ ان وقت توبه جا دروازا بند ٿي ويندا ڪنهن جو بہ ايمان ۽ توبه ان وقت مقبول نہ ٿيندا خلاصہ مطلب هي آهي تہ سج لهڻ جي تخصيص ۽ ان

ڪان پوءِ عرش جي هيٺان وڃي اتي سجدي ڪرڻ ۽ اڳئين دوره جي اجازت گهرڻ جا جيڪي واقعات هن روايت ۾ بيان ڪيا ويا آهن اهي پيغمبرانه مؤثر تعليم جي مناسب بالڪل عوامي نظر جي اعتبار سان هڪ تمثيل آهي نه ان مان اهو لازم ٿو اچي ته اهو انسان وانگر زمين تي سجدو ڪري ٿو ۽ نه ان جي سجدي ڪرڻ وقت ان جي رفتار ۾ ڪو وقفه اچي ٿو ۽ نه اهو لازم ٿو ٿئي ته اهو ڏينهن ۽ رات ۾ ڪنهن خاص جاءِ تي صرف هڪ سجدو ڪري ٿو، ۽ نه اهو ته اهو صرف لهڻ ڪان پوءِ عرش جي هيٺان وڃي ٿو مگر ان انقلابي وقت ۾ جڏهن سڄي دنيا ڏسي رهي آهي ته سج اسان ڪان غائب ٿي رهيو آهي ان وقت ان کي تمثيل طور ان کي ان حقيقت کان آگاهه ڪيو ويو ته هي جو ڪجهه ٿئي پيو اهو درحقيقت سج جي عرش جي هيٺان فرمان جو تابع ٿي هلڻ سان ٿي رهيو آهي سج پاڻ ڪابه قدرت ۽ قوت نه ٿو رکي ته جهڙي طرح ان وقت مدينه منوره جا رهاڪو پنهنجي جاءِ تي هي محسوس ڪري رهيا هئا ته هاڻي سج سجدو ڪري اڳئين دوري ڪرڻ جي اجازت وٺندو اهڙي طرح جتي جتي، به اهو لهندو سيني جي لاءِ سبق حاصل ڪرڻ جي تلقين ٿي وئي ۽ معاملي جي حقيقت هي نڪتي ته سج پنهنجي مدار ۾ حرڪت جي درميان الله تعالىٰ کي سجدو به ڪندو آهي ۽ اڳتي هلڻ جي اجازت به گهرندو آهي ۽ ان سجدي ۽ اجازت وٺڻ جي لاءِ ان کي ڪنهن سڪون ۽ وقفه جي ضرورت نه رهندي آهي ان بيان سان مذڪوره حديث ۾ نه مشاهدات جي لحاظ سان ڪو شبهو رهي ٿو نه هيئت ۽ رياضيءَ جي قانونن جي لحاظ سان ۽ شمسي نظام ۽ سيارات جي چُر پُر ۾ بطليموسي تحقيق صحيح هجي يا فيثا غورث واري تحقيق جيڪا هلندڙ دور جي نئين تحقيقات سان تائيد ڪيل آهي ٻنهي صورتن ۾ حديث مذڪور تي ڪو شبهو ۽ اشڪال باقي نه ٿو رهي.

سوال:

حديث مذڪور ۾ سج جو سجدو ڪرڻ ۽ اڳئين دوري جي اجازت طلب ڪرڻ مذڪور آهي اهو ڪم ته اهي ڪن جن کي حياتي، علم ۽ عقل هجي سج ۽

چنڊ بي جان، بي شعور مخلوق آهن اهي سجدا ڪري موڪل ڪيئن گهرندا؟

جواب:

اها ڳالهہ قرآن ڪريم جي آيت "وَاِنْ مِنْ شَيْءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ" جي تفسير ۾ سمجهايل آهي اسين جن شين کي بي جان، بي شعور ۽ بي عقل سمجهندا آهيون اهي بہ درحقيقت روح، جان، عقل ۽ شعور جو هڪ خاص حصو رکن ٿيون البت انهن جي حياتي، عقل ۽ شعور انسان ۽ حيوان جي مقابلي ۾ ايترو گهٽ آهي جو عام طور انهن جو احساس نہ ٿيندو آهي پر انهن جي نفيءَ تي بہ ڪو شرعي يا عقلي دليل موجود ناهي ۽ قرآن ڪريم جي مذڪوره آيت ۾ انهن جو حياتيءَ، عقل ۽ شعور وارو هجڻ ثابت ڪيو ويو آهي ۽ جديد تحقيقات بہ ان کي تسليم ڪيو آهي.

٢- قرآن ڪريم جي مذڪوره تصريحات سان هيءَ ڳالهہ واضح طور ثابت ٿي تہ سج ۽ چنڊ ٻئي متحرڪ، هلندڙ آهن جيڪي هڪ ميعاد تائين هلي رهيا آهن ان سان ان جديد نظريه جي نفي ٿئي ٿي جنهن ۾ سج جي حرڪت کي تسليم نہ ڪيو ويو آهي.

٣- "وَالْقَمَرَ قَدَّرْنٰهُ مَنَازِلَ حَتّٰى عَادَ كَالْعُرْجُوْنِ الْقَدِيْمِ" (۽ اسان چنڊ جون منزلون مقرر ڪيون آهن تانجو، اهو موٽي ڪجيءَ جي پراڻيءَ ڪانيءَ وانگر بنجي ٿو) "عُرْجُوْنِ" ڪجيءَ جي وڻ جي سُڪل ٽاريءَ کي چيو ويندو آهي جيڪا مُڙي ڪمان وانگر ٿيندي آهي ۽ "مَنَازِلَ" منزل جو جمع آهي لهڻ جي جاءِ کي منزل سڏبو آهي الله جل جلاله سج ۽ چنڊ ٻنهي جي رفتار لاءِ خاص حدون مقرر فرمايون آهن جن مان هر هڪ کي منزل چيو وڃي ٿو چنڊ جڏهن تہ پنهنجو دورو هڪ مهيني ۾ پورو ڪري ٿو ان جي ڪري ان جون منزلون ٽيهہ يا اوڻٽيهہ هونديون آهن ۽ جڏهن تہ هر مهيني ۾ چنڊ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن غائب هوندو آهي ان جي ڪري عموماً ان جون منزلون اٺاويهہ (٢٨) چيون وينديون آهن علم هيئت ۽ علم رياضيءَ وارن انهن منزلن جا انهن ستارن جي مناسبت سان خاص خاص نالا رکيا آهن جيڪي انهن

منزلن جي برابر ۾ هوندا آهن عرب جي جاهليت واري دور ۾ بہ انهن ئي نالن سان منزلون متعين ڪيون ويندڙيون هيون قرآن ڪريم انهن اصطلاحي نالن کان گهٽو مٿي آهي ان جي مراد صرف اهي فاصلا آهن جن کي چنڊ خاص خاص ڏينهن ۾ طي ڪندو آهي فرق صرف هي آهي تہ چنڊ جون منزلون مشاهدي سان سڃاتيون ويندڙيون آهن ۽ سج جون منزلون رياضيءَ جي حساب سان "حَتّٰى عَادَ كَالْعُرْجُوْنِ الْقَدِيْمِ" ۾ چنڊ جي آخري مهيني واري ڪيفيت بيان ڪيل آهي جڏهن اهو چوڏهين جي رات بدر ڪامل بنجڻ کان پوءِ گهٽجندو گهٽجندو هڪ ڪمان جي صورت اختيار ڪندو آهي عربن جي ماحول جي مناسب ان جو مثال ڪجيءَ جي ان سڪل ٽاريءَ سان ڏنو ويو آهي جيڪا پهرين تاريخ جي چنڊ وانگر ٿيندي آهي.

وَاٰيَةٌ لَّهُمْ اَنَّا حَمَلْنَا ذُرِّيَّتَهُمْ فِي الْفُلْكِ

۽ هڪ نشاني انهن جي لاءِ (هيءَ آهي تہ) بلاشڪ اسان ڪنيو اولاد انهن جي کي ٻيڙيءَ

الْمَشْحُوْنِ ۙ (٤١) وَخَلَقْنَا لَهُمْ مِّنْ مِّثْلِهٖ مَا

ڀريل ۾ ۽ پيدا ڪيو سون انهن جي لاءِ ان جهڙيون (اهي سواريون) جن تي

يَرْكَبُوْنَ (٤٢) وَاِنْ نَّشَاْ نُغْرِقْهُمْ فَلَا صَرِيْخَ لَهُمْ

سوار ٿين ٿا ۽ جيڪڏهن گهرون اسين تہ ٻوڙيون انهن کي پوءِ ناهي ڪو دانهن ٻڌندڙ انهن جي

وَلَاهُمْ يُنْقَذُوْنَ ۙ (٤٣) اِلَّا رَحْمَةً مِّنَّا وَمَتَاعًا اِلٰى حِيْنٍ (٤٤)

۽ نہ اهي ڇڏايا ويندا مگر رحمت تي اسان جي طرفان ۽ آسودو ڪرڻ مقرر وقت تائين.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله جل شانه پنهنجن ٻانهن تي اهو احسان بيان فرمايو تہ ان

سندن جي لاءِ زمين کي آباد ڪرڻ فرمايو ۽ هتي وري ٻي نعمت ارشاد ٿي رهي آهي ته ان سندن جي لاءِ سمنڊ ۾ واٽون ۽ رستا تيار فرمايا آهن ارشاد باري آهي "وَاٰيَةٌ لَّهُمْ اَنَّا حَمَلْنَا ذُرِّيَّتَهُمْ فِى الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ" ۽ انهن جي لاءِ هڪ نشاني اها آهي ته اسان سندن اولاد کي ڀريل ٻيڙين ۾ کنيو آهي هن آيت ۾ سمنڊ ۽ ان سان متعلق شين ۾ الله جل شانه جي قدرت جي مظاهر جو ذڪر آهي ته الله تعالىٰ ٻيڙين کي وڏي وزن واري بار سان ڀريل هجڻ جي باوجود پاڻيءَ جي سطح تي هلڻ جي قابل بنايو جو پاڻي انهن کي غرق ڪرڻ جي بجاءِ پري فاصلي وارن ملڪن تائين پهچائي ٿو.

سوال:

ٻيڙين ۾ ته اهي پاڻ به چڙهندا هئا پوءِ "ذُرِّيَّتَهُمْ" (انهن جي اولاد کي کنيو سون) ڇو چيو ويو؟

جواب:

شايد ان جي لاءِ ته انسان جو وڏو بار ان جو اولاد هوندو آهي خاص ڪري جڏهن اهو هلڻ ڦرڻ جهڙو نه هوندو آهي تڏهن اهو ارشاد ٿيو آيت جو مطلب هي آهي ته صرف اوهان انهن ٻيڙين ۾ سوار نه آهيو بلڪ ننڍا ٻار ۽ ضعيف ماڻهو ۽ انهن جو سڀ سامان به هي ٻيڙيون کڻن ٿيون.

"وَخَلَقْنَا لَهُمْ مِّنْ مِّثْلِهٖ مَا يَرْكَبُوْنَ" ۽ اسان انهن جي لاءِ ان جي مثال اهي شيون پيدا ڪيون جن تي سوار ٿين ٿا. هن آيت جي لفظ "مِنْ مِّثْلِهٖ" ۾ وڏي وسعت آهي يعني ٻيڙين، لاچن کي ته سمنڊ سان عبور ڪرڻ ۽ ساموندي سفر طي ڪرڻ جي لاءِ پيدا ڪيوسون پر اهڙيون ٻيون به ڪيترا قسم سواريون پيدا ڪيون اٿئون جيئن اٺ ـ گهوڙا ـ خچر، گڏهه ريل، موٽر، ٽرڪون، بسون، هوائي جهاز وغيره سڀ ان ۾ داخل آهن مفسر مجاهد جو قول آهي ته "ان الابل سفن البر ـ اٺ ميدان جون ٻيڙيون آهن ۽ ان ۾ ٻيا چوپايا ۽ هر سواريءَ جي شيءِ داخل آهي (١) "وَاِنْ

(١) حاشيه دريابادي صہ ٨٨٧

نَّشَاْ نُغْرِقْهُمْ فَلَا صَرِيْخَ لَهُمْ وَلَا هُمْ يُنْقَذُوْنَ ۙ ۽ جيڪڏهن اسين گهرون ته انهن کي ٻوڙي ڇڏيون پوءِ نه انهن جي لاءِ ڪو دانهن ٻڌندڙ هوندو ۽ نه اهي ڇڏايا ويندا. يعني اسين جنهن کي ٻوڙڻ جو فيصلو ڪندا سون ته انهن جو نه ڪو دانهن ٻڌندڙ هوندو ۽ نه انهن کي ڪو موت کان ڇڏائي سگهندو. هن آيت ۾ مشرڪن جي انهن سيني خيالن جي ترديد ٿي وئي جيڪي پنهنجن بتن کي الله جل شانه جي مقابلي ۾ بچائيندڙ ۽ ڇڏائيندڙ سمجهندا هئا. اخبارن ۾ ايندڙ انهن خبرن تي به آيت سچي اچي ٿي جن ۾ ٻڌايو ويندو آهي ته فلاڻي جاءِ تي يا فلاڻي سمنڊ ۾ هوائي جهاز ڪري تباهه ٿي ويو ۽ ان ۾ سوار ٿيڻ وارا به ختم ٿي ويا وائر ليس، لاسلڪي وغيره جو سمورو انتظام بيڪار رهجي ويجي ٿو ڪير به انهن جي مدد ڪري نه ٿو سگهي "اِلَّا رَحْمَةً مِّنَّا وَمَتَاعًا اِلٰى حِيْنٍ" مگر اسان جي طرفان رحمت ۽ مقرر وقت تائين ڪنهن کي نفعو ڏيڻ مطلب ته ڪنهن کي الله جي رحمت پهچي يا ڪنهن جي لاءِ ڪنهن مقرر وقت تائين زندگيءَ جي دوران لذتون حاصل ڪرڻ مقدر آهي ته پوءِ اهي ٻڏل به تري ايندا ۽ مئل به زنده ٿي پوندا. جيئن حضرت عزير عليه الصلواة والسلام کي سؤ سال کان پوءِ وري زنده ڪري اٿاريو ويو وغيره وغيره. يا مراد آهي ته اسان انهن کي رحمت سان نوازي ۽ دنيوي لذتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻڏڻ کان بچائي زندگي ڏني آهي. (١)

فائدا:

مذڪوره آيتن تي غور ڪرڻ سان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١- "وَاٰيَةٌ لَّهُمْ اَنَّا حَمَلْنَا ذُرِّيَّتَهُمْ فِي الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ" (۽ انهن جي لاءِ (هڪ) نشاني هيءَ آهي جو اسان انهن جي اولاد کي ڀريل ٻيڙيءَ ۾ ڪنيو) مان مراد هڪ قول مطابق حضرت نوح عليه الصلواة والسلام جي ٻيڙي آهي جنهن ۾ ان تي ايمان آڻڻ وارا انسان سوار هئا ۽ جڏهن ته انهن جو اولاد به انهن جي پٺين ۾ هو ته ان اولاد جي ڪڻڻ کي بيان ڪيو ويو آهي. (٢)

(١) المراغي صـ ١٥ جزء ٢٣ - جلد ٨ (٢) المراغي صـ ١٠ جزء ٢٣ جلد ٨

٢- "وَاِنْ نَّشَاْ نُغْرِقْهُمْ فَلَا صَرِيْخَ لَهُمْ وَلَاهُمْ يُنْقَذُوْنَ" (۽ جيڪڏهن اسين انهن کي ٻوڙڻ گهرون تہ پوءِ ڪوبہ سندن دانهن ٻڌندڙ نہ هوندو ۽ نہ اهي ڇڏايا ويندا) مان واضح ٿيو تہ ٻيڙين ۾ سوار ٿيندڙن کي پار پڄائيندڙ بہ الله جل شانه آهي لهذا ڪوبہ پنهنجي صنعت، ڪاريگريءَ تي ناز نہ ڪري.

٣-اِلَّا رَحْمَةً مِّنَّا وَمَتَاعًا اِلٰى حِيْنٍ" (مگر اسان جي طرفان رحمت ۽ هڪ وقت تائين نفعو ڏيڻ) مان واضح ٿيو تہ ٻيڙين وارا الله جي رحمت ۽ عمر ۾ لکيل نفعي وٺڻ جي ڪري پار پهچن ٿا. ٻڏن نہ ٿا. (٢)

سوال:

مذڪوره آيت ۾ ارشاد ٿيو تہ جيڪڏهن اسين ڪنهن کي ٻوڙڻ گهرون تہ انهن جي ڪو دانهن ٻڌندڙ نہ هوندو ۽ نہ اهي ڇڏايا ويندا تہ پوءِ اهل السنة والجماعة وارا ڪيئن چوندا آهن تہ سيدنا عبدالقادر جيلاني عليه الرحمة يا ٻين بزرگن جي دعا سان ٻڏل ٻيڙا ۽ انهن ۾ سوار ماڻهو جيئرا ٿي تري آيا هئا؟

جواب:

انهن جو ترڻ الله جل شانه جي فرمان "اِلَّا رَحْمَةً مِّنَّا" سان آهي جڏهن ڪو ٻيڙو ۽ ان ۾ سوار ماڻهو غرق ٿي ويا تہ عام ماڻهو تہ ان ڪي نہ ٿو ڪڍي سگهي پر الله جل شانه جي صالحن ٻانهن جي دعا سان الله جل شانه جي رحمت پهچي ٿي ۽ پوءِ ٻڏل بہ تري اچن ٿا. ان ڪي الله جل شانه جي مقابلي ۾ نہ سمجهڻ گهرجي پر ان جي ئي رحم ۽ ڪرم سان ان جي ولين جي ڪرامت سان ٻڏل تري آيا ۽ ايندا رهندا.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّقُوْا مَا بَيْنَ اَيْدِيْكُمْ وَمَا خَلْفَكُمْ

۽ جڏهن چيو ويندو آهي انهن کي تہ ڊڄو ان (عذاب) کان جيڪو اوهان جي اڳيان ۽ اوهان جي

(١) نورالعرفان صہ ٧٠٧

لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ (٤٥) وَمَا تَاْتِيْهِمْ مِنْ اٰيَةٍ

پويان آهي تانت اوهان رحم ڪيا وڃو ۽ نہ ٿي اچي انهن وٽ ڪا نشاني

مِّنْ اٰيَاتِ رَبِّهِمْ اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ (٤٦)

سندن رب جي نشانين مان مگر هئا ان کان منهن موڙيندڙ

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ قَالَ الَّذِيْنَ

۽ جڏهن چيو ٿو وڃي انهن کي تہ خرچ ڪيو ان مان جيڪو رزق ڏنو اوهان کي الله تہ چيو انهن

كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنُطْعِمُ مَنْ لَّوْ يَشَآءُ اللّٰهُ

جن ڪفر ڪيو انهن کي جن ايمان آندو تہ ڇا کارايون اسين ان کي جو جيڪڏهن گهري ها الله تہ

اَطْعَمَهٗٓ ۖ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ (٤٧)

کارائي ها ان کي ناهيو اوهان مگر کليل گمراهيءَ ۾

وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ (٤٨)

۽ چون ٿا تہ ڪڏهن آهي هي وعدو جيڪڏهن آهيو سچا

مَا يَنْظُرُوْنَ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً تَاْخُذُهُمْ وَهُمْ

نہ ٿا انتظار ڪن مگر هڪ سخت آواز جو جيڪو پڪڙيندو انهن کي حالانڪ اهي

يَخِصِّمُوْنَ (٤٩) فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ تَوْصِيَةً وَّلَآ اِلٰٓى

جهيڙو ڪندا هوندا پوءِ نہ ڪري سگهندا وصيت ۽ نہ پنهنجي

اَهۡلِهِمۡ يَرۡجِعُوۡنَ ع (٥٠) وَنُفِخَ فِى الصُّوۡرِ فَاِذَا هُمۡ

اهل ڏانهن موٽندا ۽ ڦوڪ ڏني ويندي صور ۾ پوءِ اتي جو اتي

مِّنَ الۡاَجۡدَاثِ اِلٰى رَبِّهِمۡ يَنۡسِلُوۡنَ (٥١) قَالُوۡا يٰوَيۡلَنَا

قبرن مان (اتي) پنهنجي رب ڏانهن ڊوڙندا چوندا اي ويل آهي

مَنۢۡ بَعَثَنَا مِنۡ مَّرۡقَدِنَا سَكۡتَةٌ هٰذَا مَا

اسان جي لاءِ ڪنهن اٿاريو اسان کي اسان جي آرام واري جاءِ مان هي اهو آهي جيڪو

وَعَدَ الرَّحۡمٰنُ وَصَدَقَ الۡمُرۡسَلُوۡنَ (٥٢) اِنۡ كَانَتۡ اِلَّا

وعدو ڏنو الله ۽ سچ ڳالهايو پيغمبرن نه هوندو اهو مگر

صَيۡحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمۡ جَمِيۡعٌ لَّدَيۡنَا مُحۡضَرُوۡنَ (٥٣)

هڪ سخت آواز پوءِ اتي جو اتي اهي سڀئي اسان وٽ حاضر ڪيل آهن

فَالۡيَوۡمَ لَا تُظۡلَمُ نَفۡسٌ شَيۡـًٔا وَّلَا تُجۡزَوۡنَ اِلَّا

پوءِ اڄ نه ظلم ڪيو ويندو ڪو نفس ڪجهه به ۽ نه بدلو ڏنا ويندؤ مگر

مَا كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ (٥٤)

اهو جيڪو ڪندا هيئو.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ بيان ڪيو ويو ته ڪافرن آفاقي نشانين کان منهن موڙيو ۽ هتي ارشاد ٿي رهيو آهي ته اهي انهن آيتن کان به منهن موڙين ٿا جيڪي ڪين ڊيڄارڻ جي

وقف الزم وقف غفران وقف منزل

لاءِ الله جل شانه نازل فرمايون آهن فرمان مبارڪ آهي ”وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّقُوْا مَا بَيْنَ اَيْدِيْكُمْ وَمَا خَلْفَكُمْ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ“ ۽ جڏهن انهن کي چيو ٿو وڃي تہ ان (عذاب) کان ڊڄو جيڪو اوهان جي اڳيان ۽ اوهان جي پٺيان (اچڻو) آهي تانت اوهان رحم ڪيا وڃو مطلب تہ جڏهن انهن ڪافرن کي نصيحت ڪندي چيو ٿو وڃي تہ هوش ڪيو سنڀالي قدم کڻو سڄي عمر گناهن، فسق ۽ فجور ۾ برباد ڪري ڇڏي اٿو الله جي ان عذاب کان ڊڄو جيڪو اوهان جي اڳيان آهي جنهن جو سبب ڪفر اوهان وٽ موجود آهي ۽ پويان اچڻ واري آخرت جي عذاب کان بہ ڊڄو ان اميد تي اوهان رحم ڪيا وڃو الله ڪريم ۽ رحيم راضي ٿي پوندو تہ اوهان جي بهتري ۽ ڀلائي ٿيندي تہ بہ اهي ڪفر، شرڪ ۽ براين کان باز نہ آيا ”وَمَا تَأْتِيْهِمْ مِّنْ اٰيَةٍ مِّنْ اٰيٰتِ رَبِّهِمْ اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ“ ۽ انهن وٽ سندن رب جي آيتن مان ڪا بہ آيت نہ ٿي اچي مگر (هي) ان کان منهن موڙيندڙ آهن يعني انهن وٽ سندن رب جو ڪلام، قرآن ڪريم ايمان ڏانهن سڏڻ جي دعوىٰ جي صحت لاءِ ڪيتريون حجتون، دليل ۽ برهان کڻي آيو تہ ان جي هر هڪ آيت جو انڪار ڪندي ان کان روگرداني ڪيو بيٺا آهن سندن دليون پٿر کان بہ سخت بڻجي چڪيون آهن (١)

”وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَنُطْعِمُ مَنْ لَّوْ يَشَآءُ اللّٰهُ اَطْعَمَهٗٓ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ“ ۽ جڏهن انهن کي چيو ٿو وڃي تہ ان مان خرچ ڪيو جيڪو رزق الله اوهان کي ڏنو آهي تہ ڪافر چوڻ لڳا ڇا اسين انهن کي ڪارايون جو جيڪڏهن الله گهري تہ انهن کي ڪارائي (اي نصيحت ڪندڙؤ) اوهان تہ بالڪل کليءَ گمراهيءَ ۾ آهيو يعني جيڪڏهن دولتمند طبقي کي هيءَ هدايت ڪجي ٿي تہ الله جل شانه جي ڏنل رزق مان مفلس ۽ مسڪين ڀانهن جي خدمت لاءِ خرچ ڪيو تہ اهي وڏي بيحيائيءَ سان ان نصيحت تي ٺٺر ڪندي چون ٿا تہ اوهان اسان کان انهن نادار ۽ مسڪينن جي لاءِ مدد گهرو ٿا جن کي الله جل شانه سڃو ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن الله جل شانه گهري ها تہ هي اهڙا محتاج نہ رهن ها. جن کي الله سڃو ڪيو آهي اسين انهن جي مدد نہ ڪنداسون.

(١) ايسر التفاسير ص٦٥٨ جلد٣

سرمايه دارانه ذهنيت جي عڪاسي:

هن آيت ۾ سرمايه دارانه ذهنيت جي ڪيتري صحيح عڪاسي ڪئي وئي آهي پهريان به ان جو اهو حال هو ته هاڻي به ان ۾ڪا تبديلي نه آئي آهي فرق صرف ايترو آهي ته پهريان صرف ٿورا ماڻهو ان زهريلي ذهن جا مالڪ هئا ۽ هاڻي هن مادي ترقيءَ جي دور ۾ انهن جو تعداد گهڻو وڌي ويو آهي انهن ۾ پهريان ماڻپي ۽ احسان جي ڪجهه نه ڪجهه جهلڪ نظر ايندي هئي اڄ جي هلندڙ دور ۾ يورپ جي ان مشيني دور ماڻپي جي احساس کي به ختم ڪري ڇڏيو آهي اهي ماڻهو جيڪي ڪالهه سرمايه داريءَ جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪري اٿيا هئا جڏهن اقتدار ۽ دولت جي خزانن جون ڪنجيون سندن هٿن ۾ آيون ته انهن کان اهو نعرو ئي وسري ويو ۽ نانگ بنجي خزانن تي ويهي ويا ۽ محنت ڪش، مزدورن ۽ مسڪينن سان انهن به اهو رويو ورتو. جيستائين الله تعالىٰ جو خوف ۽ قيامت جي ڏينهن جي محاسبه جو يقين دل ۾ پيدا نه ٿيندو ان وقت تائين بي رحميءَ ۽ ظلم جي متائڻ لاءِ جيڪا به ڪوشش ڪئي ويندي ان سان زيادتيءَ ۽ ظلم جا نوان دروازا کلندا اقتدار جي ڪرسيءَ سنڀالڻ ۽ ملڪي خزانن تي مڪمل تصرف جو اختيار رکڻ جي باوجود دنيا جي محبت کان اهي ماڻهو پاڻ بچائي سگهندا آهن جن کي نبوت (علىٰ صاحبها الصلواة والسلام) جي فيض کان ڪجهه حصو ملندو آهي "وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" ۽ چون ٿا ته جيڪڏهن سچا آهيو ته (ٻڌايو) هيءُ وعدو ڪڏهن (اچڻ وارو) آهي هن ۾ انهن ڪافرن جي عقيدي ڏانهن اشارو آهي انهن جي ذهن ۾ هو ته قرآن ڪريم جيڪو ارشاد فرمايو آهي "وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ اَنْفِقُوْا" ۽ في سبيل الله خرچ ڪرڻ جو امر ڪيو آهي انهن ڪمن ۾ ڪو فائدو ناهي ڇو ته ان جي ادا ڪندڙن جي لاءِ ڪيلن وعدن جي ڪا حقيقت ناهي. تڏهن چوڻ لڳا ته: هي وعدو ڏنل ڪڏهن ايندو؟ "اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" ۾ خطاب انبياءَ ڪرام عليهم الصلواة والسلام سان آهي مطلب ته اي رسالت ۽ نبوت جي دعوىٰ ڪندڙؤ! ڪٿي آهي وعدو ڪيل ڏينهن ۽ انعام؟ (١)

(١) التفسير الڪبير ص ٨٦ جزء ٢٦

"مَا يَنْظُرُوْنَ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً تَاْخُذُهُمْ وَهُمْ يَخِصِّمُوْنَ" نہ ٿا انتظار ڪن مگر هڪ سخت آواز جو ۽ اهي (ان وقت) بحث مباحثه ڪندا هوندا. يعني قيامت اهڙي طرح نہ ايندي جو ان جو اعلان ڪيو وڃي تہ فلاڻي تاريخ هيترو وڃي هيترن منٽن تي ڪائنات جو نظام درهم برهم ڪيو ويندو بلڪ ماڻهو پنهنجن ڪمن ۾ مشغول هوندا قيامت قائم ٿيڻ جو ڪنهن کي وهم بہ نہ هوندو. اوچتو حضرت اسرافيل کي خداوندي بارگاهہ کان حڪم ملندو تہ صور ۾ ڦوڪ ڏئي دنيا کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪر پوءِ هڪ سخت ڪڙڪيدار آواز ٿيندو جنهن سان هر شئي درهم برهم ٿي ويندي "فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ تَوْصِيَةً وَّلَآ اِلٰى اَهْلِهِمْ يَرْجِعُوْنَ" پوءِ (ان وقت اهي) نہ وصيت ڪري سگهندا ۽ نہ پنهنجي اهل ڏانهن موٽندا. يعني انهن مان ڪير ڪنهن کي ڪا وصيت ڪري بہ نہ سگهندو تہ منهن جو فلاڻي ڏي يا فلاڻي جو مون ڏانهن ڪو حق ۽ حساب آهي ۽ نہ پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي سگهندا جيڪو جتي هوندو اتي ئي مري ويندو سندن لاش گهٽين ۽ گهيڙن ۾ پيا هوندا. "وَنُفِخَ فِى الصُّوْرِ فَاِذَاهُمْ مِّنَ الْاَجْدَاثِ اِلٰى رَبِّهِمْ يَنْسِلُوْنَ" ۽ صور ۾ ڦوڪ ڏني ويندي پوءِ اهي ان وقت قبرن مان پنهنجي رب ڏانهن تڪڙا ايندا. هن ڦوڪ مان مراد اها ڦوڪ آهي جنهن سان قبرن مان اٿاريا ويندا. پهرينءَ ۽ ٻيءَ ڦوڪ جي وچ وارو عرصو چاليهہ سال هوندو. ۽ ڦوڪ تہ مستقبل ۾ ايندي پر "نُفِخَ" ماضيءَ جو صيغو ان جي يقيني طور واقع هجڻ جي ڪري آندو ويو آهي (١) "قَالُوْا يٰوَيْلَنَا مَنْۢ بَعَثَنَا مِنْ مَّرْقَدِنَا" چوندا تہ اسان جي هلاڪت آهي اسان کي اسان جي قبرن مان ڪنهن اٿاريو آهي؟ يعني جڏهن صور ۾ ڦوڪ ڏيڻ سان قبرن مان نڪري ٻاهر ايندا تہ ائين چوندا. "هٰذَا مَا وَعَدَ الرَّحْمٰنُ وَصَدَقَ الْمُرْسَلُوْنَ" هيءَ اهو آهي جنهن جو رحمٰن وعدو ڏنو هو ۽ مرسلن سچ چيو هو يعني هي مرڻ کان بعد اٿڻ، جزا ۽ سزا ڏيڻ وارو پروگرام آهي جنهن جو الله وعدو ڏنو هو ۽ پيغمبرن سڳورن عليهم الصلواة والسلام ان جي اچڻ واري ڳالهہ سچي ڪئي هئي "اِنْ كَانَتْ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَاهُمْ جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ" نہ هوندو مگر هڪ سخت آواز پوءِ اهي سيئي اسان وٽ

(١) فتح القدير ص٣٧٣-٣٧٤ جلد٤

حاضر ڪيل آهن. مفسر صاوي لکيو آهي تہ اهو سخت آواز اسرافيل سڳوري جو هي چوڻ هوندو: اي سڙيل هڏا! ڪٽيل رڳون! متفرق اجزاءَ! ذرا ذرا ٿيل وار! الله تعالیٰ اوهان کي امر ٿو فرمائي تہ فيصلي جي لاءِ گڏ ٿيو پوءِ اهي صور ۾ ڦوڪ سان سيئي حساب واري جاءِ تي گڏ ٿي ويندا. (١) "فَالْيَوْمَ لَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْـًٔا وَّلَا تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ" پوءِ اڄ ڪو نفس ڪجهہ بہ ظلم نہ ڪيو ويندو ۽ اوهان نہ جزا ڏنا ويندؤ مگر جيڪي ڪندا هيئو. مطلب تہ اڄ قيامت جي ڏينهن ڪوبہ نفس برو هجي يا ڀلو ڪنهن بہ قسم جو ظلم نہ ڪيو ويندو ۽ ڪير بہ ڪنهن جو بار نہ کڻندو هر ڪنهن کي سندس ڪيل عمل جو بدلو ڏنو ويندو. مفسرن لکيو آهي تہ هيءُ ان جو بيان آهي جيڪو ڪين آخرت ۾ چيو ويندو جڏهن اهي پنهنجي لاءِ تيار ڪيل عذاب کي ڏسندا تہ ڪين ڪڙڪائي حق جو ثبوت ڏيکاريو ويندو. (٢)

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا:

١- "اَنُطْعِمُ مَنْ لَّوْ يَشَآءُ اللّٰهُ اَطْعَمَهٗٓ" (ڇا اسين انهن کي کارايون؟ جو جيڪڏهن الله گهري ها تہ انهن کي کارائي ها) مان واضح ٿيو تہ پاڻ کي بلند سمجهي اهڙا جملا چوڻ ڪفر ۽ ڪافرن جو ڪم آهي مومن مسلمان اهڙا جملا نہ چوندو.

٢- "فَاِذَا هُمْ مِّنَ الْاَجْدَاثِ اِلٰى رَبِّهِمْ يَنْسِلُوْنَ" (پوءِ ان وقت اهي قبرن مان پنهنجي رب ڏانهن تکڙا تکڙا ايندا) مان واضح ٿيو تہ قبرن مان اٿڻ ۽ حساب جي لاءِ پيش ٿيڻ قطعي ۽ يقيني امر آهي ان جو منڪر ايمان کان خارج آهي.

٣- "تَاْخُذُهُمْ وَهُمْ يَخِصِّمُوْنَ" (انهن کي ان حال ۾ وٺندو جو اهي بحث مباحثو ڪندا هوندا) مان ثابت ٿيو تہ قيامت اوچتو ايندي.

۴- "وَنُفِخَ فِي الصُّوْرِ" (۽ صور ۾ ڦوڪ ڏني ويندي) جي وضاحت ڪندي مفسرن لکيو آهي تہ: صور ۾ چار ڀيرا ڦوڪ ڏني ويندي ١- هڪ سان جهان فنا ٿيندو ٢- ٻيءَ سان قبرن مان اٿندا ٣- ٽيئن سان هيبت ۾ پئجي بيهوش ٿي ويندا

(١) الصاوي صـ٣٢٨ جزء٣ (٢) ابو السعود صـ٢٥٧ جزء۴

۴۔ چوٿينءَ سان الله جل شانه جي اڳيان اچي بيهندا. (١)

۵۔ "وَلَا تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ" (۽ نہ بدلو ڏنا ويندؤ مگر اهو جيڪي ڪندا هيئو) مان واضح ٿيو تہ قيامت جي ڏينهن هر هڪ سان عدل ٿيندو ڪنهن سان بہ ظلم ۽ زيادتي نہ ٿيندي.

اِنَّ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ الْيَوْمَ فِىْ شُغُلٍ فٰكِهُوْنَ ج (٥٥) هُمْ وَ

بلاشڪ جنت وارا اڄ هڪ ڪم ۾ خوش ٿيندڙ آهن اهي ۽

اَزْوَاجُهُمْ فِىْ ظِلٰلٍ عَلَى الْاَرَآئِكِ مُتَّكِئُوْنَ (٥٦) لَهُمْ فِيْهَا

سندن زالون ڇانؤن ۾ تختن تي ٽيڪ ڏيندڙ آهن انهن جي لاءِ انهن ۾

فَاكِهَةٌ وَّلَهُمْ مَّا يَدَّعُوْنَ ج (٥٧) سَلٰمٌ قف قَوْلًا

ميوا آهن ۽ انهن جي لاءِ اهو (سڀ) آهي جيڪي گهرندا. سلام آهي فرمان

مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ (٥٨)

ٿي رب، مهربان جي طرفان.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ارشاد ٿيو تہ قيامت جو ڏينهن ضرور ٿيندو ۽ هنن آيتن ۾ ان ۾ پيش ٿيندڙ حالتن جو هڪ قسم بيان ڪيو ويو آهي فرمان ايزدي آهي تہ "اِنَّ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ الْيَوْمَ فِىْ شُغُلٍ فٰكِهُوْنَ" بيشڪ جنت وارا اڄ هڪ ڪم ۾ خوش ٿيندڙ آهن يعني بهشت ۾ داخل ٿيڻ وارا ان جي لذتن ۽ نعمتن مان اهڙو فائدو

(١) ايسرالتفاسير ص ٦٦١ جلد ٣

جو صرف اهو شغل هوندن پيو ڪوبہ فڪر نہ هوندن. ڪين اهڙيون نعمتون ملنديون جيڪي اڳ ۾ نہ سندن اکين ڏٺيون هونديون ۽ نہ سندن ڪنن ٻڌيون هونديون ۽ نہ ڪڏهن ڪنهن بشر جي دل تي چٽيون هونديون. ان جي ڪري ڪين ٻي ڪا بہ سوچ نہ رهندي "هُمْ وَاَزْوَاجُهُمْ فِيْ ظِلَالٍ عَلَى الْاَرَآئِكِ مُتَّكِئُوْنَ" اهي ۽ سندن زالون ڇانون ۾ تختن تي ٽيڪون ڏيندڙ آهن يعني بهشت وارا پاڻ ۽ سندن گهرواريون ڇانوَن ۾ هوندا بهشتي تختن تي ٽيڪون ڏيو ويٺا هوندا اتي نہ اس هوندي ۽ نہ گرمي "لَهُمْ فِيْهَا فَاكِهَةٌ وَّلَهُمْ مَا يَدَّعُوْنَ" انهن جي لاءِ انهن ۾ ميوا هوندا ۽ انهن جي لاءِ اهو (سڀ ڪجهہ هوندو) جيڪي گهرندا. يعني کائڻ، پيئڻ واريون شيون. جسماني ۽ روحاني لذتون موجود هونديون "سَلٰمٌ قَوْلًا مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ" سلام فرمان هوندو مهربان رب جي طرفان يعني الله جل شانه جي طرفان سندن عزت افزائي جي لاءِ سلام هوندو. جيڪو ملائڪن جي واسطي سان ڪين پهچايو ويندو.(١)

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١- "اِنَّ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ الْيَوْمَ فِيْ شُغُلٍ فٰكِهُوْنَ" (بلاشڪ جنت وارا اڄ هڪ ڪم ۾ خوش ٿيندڙ آهن) مان واضح ٿيو تہ جنت وارن کي سوين نعمتن سان نوازيو ويندو بهشتي بهارون حسن واريون حورون، رب العزة جل شانه جو ديدار، ۽ حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن سان گڏ هجڻ وغيره.

٢- "هُمْ وَاَزْوَاجُهُمْ فِيْ ظِلٰلٍ عَلَى الْاَرَآئِكِ مُتَّكِئُوْنَ" (اهي ۽ سندن زالون ڇانوَن ۾ تختن تي ٽيڪ ڏيندڙ هوندا) جي وضاحت ڪندي مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ انهن زالن ۾ مومن جون دنيا ۾ نڪاح ڪيل مومن زالون بہ هونديون ۽ بهشتي حورون بہ ۽ اهي حورون بہ زالن جي حيثيت سان هونديون جيئن الله جل شانه جو فرمان آهي "وَزَوَّجْنٰهُمْ بِحُوْرٍ عِيْنٍ" (٢) ۽ اسين انهن کي وڏين اکين وارين حورن سان پرڻائيندا سون ٣- "سَلٰمٌ قَوْلًا مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ" (سلام فرمان ٿي رب مهربان جي طرفان) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه جو بهشت وارن تي ايترو ڪرم هوندو

(١) المراغي ص ٢٢ جزء ٢٣ جلد ٨ (٢) نورالعرفان ص ٧٠٨ .

جو کين سلام جو فرمان موڪليندو ۽ اهو صرف انهن تي پنهنجي رضا ظاهر ڪرڻ لاءِ هوندو.

وَامْتَازُوا الْيَوْمَ اَيُّهَا الْمُجْرِمُوْنَ (٥٩) اَلَمْ اَعْهَدْ اِلَيْكُمْ

۽ جدا ٿيو اڄ اي گنهگارو! ڇا نه فرمان موڪليو هو مون اوهان ڏانهن

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ اَنْ لَّا تَعْبُدُوا الشَّيْطٰنَ ۚ اِنَّهٗ لَكُمْ

اي آدم جا اولاد! هي ته نه پوڄيو شيطان کي بلاشڪ اهو اوهان جي لاءِ

عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ۙ (٦٠) وَّاَنِ اعْبُدُوْنِيْ ؕ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ (٦١)

دشمن ڪليل آهي ۽ هي ته منهنجي عبادت ڪيو هيءَ واٽ سڌي آهي

وَلَقَدْ اَضَلَّ مِنْكُمْ جِبِلًّا كَثِيْرًا ؕ اَفَلَمْ تَكُوْنُوْا

۽ البت تحقيق گمراهه ڪيائين اوهان مان گهڻي خلق کي ڇا پوءِ نه ٿي

تَعْقِلُوْنَ (٦٢) هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ (٦٣) اِصْلَوْهَا

سمجهيو اوهان هي جهنم آهي جنهن جو وعدو ڏنا ويا هيئو داخل ٿيو ان ۾

الْيَوْمَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ (٦٤) اَلْيَوْمَ نَخْتِمُ عَلٰٓى اَفْوَاهِهِمْ

اڄ ان سببان جو ڪفر ڪندا هيئو اڄ مهر هڻون ٿا انهن جي منهن تي

وَتُكَلِّمُنَآ اَيْدِيْهِمْ وَتَشْهَدُ اَرْجُلُهُمْ

۽ ڳالهائيندا اسان سان هٿ انهن جا ۽ شاهدي ڏيندا پير انهن جا

بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ (٦٥) وَلَوْ نَشَآءُ لَطَمَسْنَا

ان جي جيڪي ڪيو هونداءُون ۽ جيڪڏهن اسين گهرون ته البت ميٽي ڇڏيون

وقف غفران

عَلٰٓى اَعْيُنِهِمْ فَاسْتَبَقُوا الصِّرَاطَ فَاَنّٰى يُبْصِرُوْنَ (٦٦)

سندن اکيون پوءِ ڊوڙن ها واٽ سان پوءِ ڪٿان ڏسندا

وَلَوْ نَشَآءُ لَمَسَخْنٰهُمْ عَلٰى مَكَانَتِهِمْ فَمَا اسْتَطَاعُوْا

۽ جيڪڏهن گهرون ته البت سندن صورتون متائي ڇڏيون ها سندن جاين تي پوءِ نه هلي

مُضِيًّا وَّلَا يَرْجِعُوْنَ ع (٦٧) وَمَنْ نُّعَمِّرْهُ نُنَكِّسْهُ

سگهن ها ۽ نه موٽي سگهن ها ۽ جنهن کي وڏي عمر ڏيون ٿا ته اونڌو ڪيون ٿا

فِى الْخَلْقِ ط اَفَلَا يَعْقِلُوْنَ (٦٨).

ان کي خلقت ۾ ڇا پوءِ نه ٿا سمجهن؟

٣ رکوع

تفسير:

هنن آيتن کان اڳي آيل آيتن ۾ نيڪوڪارن کي ملندڙ نعمتن جو بيان هو ۽ هتي مجرمن کي ملندڙ سزائن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَامْتَازُوا الْيَوْمَ اَيُّهَا الْمُجْرِمُوْنَ" اي مجرمو! اڄ جدا ٿي وڃو يعني اڄ مومنن، صالحن کان جدا ٿي جهنم ۾ پنهنجن جاين ۾ داخل ٿي وڃو اوهان کي مومنن سان گڏ رهڻ جو ڪو حق ناهي. "اَلَمْ اَعْهَدْ اِلَيْكُمْ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ اَنْ لَّا تَعْبُدُوا الشَّيْطٰنَ" ڇا اي انسانوا! مون اوهان ڏانهن پنهنجو فرمان نه موڪليو هو ته شيطن جي عبادت نه ڪيو؟ يعني ڇا مون اوهان جي اڳيان دليل قائم ڪري اوهان کي عقل جي نعمت ڏئي، اوهان ڏانهن پيغمبر سڳورا عليهم الصلواة والسلام موڪلي، انهن تي ڪتاب نازل ڪري نجات وارا رستا بيان نه فرمايا هئا ته شيطان جي واٽ نه وٺو ان جي وسوسن تي نه لڳو منهنجي امر جي بي فرماني نه ڪيو "اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ" بلاشڪ اهو اوهان جي لاءِ

ڪليل دشمن آهي يعني ان جي اوهان سان عدوات لڪل ناهي اوهان جي بابي آدم عليه السلام کي جنت مان ڪڍڻ ۾ به ان جو ڪردار لڪل ناهي اهو اوهان کي تباهيءَ جي تري ۾ سٽيندو اوهان کي هلاڪت جي واديءَ ۾ وجهي ڇڏيندو.

"وَاَنِ اعْبُدُوْنِيْ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيْمٌ" ۽ هي به (فرمان موڪليو هوم) ته منهنجي عبادت ڪيو هيءَ سڌي واٽ آهي مطلب ته عبادت صرف مون هڪ جي ڪيو اوهان کي جيڪو امر ڪيان ان جي اطاعت ڪيو ۽ جنهن کان اوهان کي جهليان اهو ڇڏي ڏيو اهو ئي سڌو رستو ۽ صحيح واٽ آهي "وَلَقَدْ اَضَلَّ مِنْكُمْ جِبِلًّا كَثِيْرًا اَفَلَمْ تَكُوْنُوْا تَعْقِلُوْنَ" ۽ البت تحقيق اوهان مان گهڻي مخلوق کي گمراهه ڪيائين ڇا پوءِ اوهان نه ٿا سمجهو؟ مقصد ته شيطان اوهان مان گهڻيءَ خلق کي اهڙو گمراهه ڪيو جو مون سچي معبود بالحق کي ڇڏي منهنجي توحيد ۽ اطاعت جو انڪار ڪري ٻين باطل معبودن جا پوڄاري بنجي ويئو ڇا پوءِ به اوهان کي عقل ناهي جو ان جي اطاعت ڇڏي الله جل شانه جي عذاب کان بچو "هٰذِهٖ جَهَنَّمُ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ" هي آهي جهنم جنهن جو اوهان ۾ وعدو ڏنا ويا هيئو يعني هي جهنم آهي جنهن جي سزا جو اوهان کي نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ دين جي مبلغن حق تي نه هلڻ جي ڪري سزا ملڻ جو وعدو ڪيو هو.

"اِصْلَوْهَا الْيَوْمَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ" ان ۾ داخل ٿيو ان جي ڪري جو اوهان ڪفر ڪندا هيئو. يعني الله جل شانه جي نبين عليهم الصلواة والسلام جو ڪفر ڪندي، جهنم جي سزا ملڻ جو انڪار ڪندا هيئو اڄ ان جهنم ۾ داخل ٿي ڏسو ته اهو عذاب حق آهي يا نه "اَلْيَوْمَ نَخْتِمُ عَلٰٓى اَفْوَاهِهِمْ وَتُكَلِّمُنَآ اَيْدِيْهِمْ وَتَشْهَدُ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ" اڄ اسين انهن جي منهن تي مهر هڻندا سون ۽ اسان سان انهن جا هٿ ڳالهائيندا ۽ انهن جا پير اها شاهدي ڏيندا جيڪي ڪمايو هيائون يعني اهي ڪافر قيامت جي ڏينهن جڏهن پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن ۽ گناهن جو انڪار ڪندا ته اسان اهي نه ڪيا هئا الله جل شانه فرمائيندو ته اڄ اسين انهن جي منهن تي مهر هڻون ٿا پوءِ انهن جا چپ نه چرندا ۽ سندن هٿ ڳالهائي ٻڌائيندا ته انهن هي هي گناهه ڪيا هئا ۽ سندن ڪفر ۽ گناهن جي شاهدي سندن پير ڏيندا.

هڪ نڪتو:

هن آيت ۾ الله جل شانه هٿن جي لاءِ فرمايو تہ ”سندن هٿ ڳالهائيندا“ ۽ پيرن لاءِ فرمايو تہ ”شاهدي ڏيندا“ ان ۾ اهو ارشاد مقصود آهي تہ انسان جي هر عمل ۾ هٿن جو عمل دخل گهڻو آهي اهي ڄڻ تہ ساڳيو وجود آهن ۽ پيرن جو گهٽ آهي اهي ڄڻ تہ جدا شيءِ آهن جن جي بيان ڪي شاهدي سڏيو ويو آهي (١)“وَلَوۡ نَشَآءُ لَطَمَسۡنَا عَلَىٰٓ أَعۡيُنِهِمۡ فَٱسۡتَبَقُواْ ٱلصِّرَٰطَ فَأَنَّىٰ يُبۡصِرُونَ” ۽ جيڪڏهن اسين گهرون تہ سندن اکيون ميٽي ڇڏيون پوءِ رستي سان ڊوڙن تہ ڪٿان ڏسندا؟ مطلب تہ جيڪڏهن انهن کي عذاب ڏيندي سندن اکيون اهڙي نموني ميٽي ڇڏيون جو انهن جو نشان ئي نہ رهي ۽ پوءِ اهي هميشه هلڻ واري رستي ڏانهن ڊوڙن تہ اهو ڏسندا ڪٿان؟

”وَلَوۡ نَشَآءُ لَمَسَخۡنَٰهُمۡ عَلَىٰ مَكَانَتِهِمۡ فَمَا ٱسۡتَطَٰعُواْ مُضِيّٗا وَلَا يَرۡجِعُونَ“ ۽ جيڪڏهن اسين گهرون تہ سندن جاءِ تي سندن صورتون بدلائي ڇڏيون پوءِ نہ هلي سگهن ها ۽ نہ موٽن ها. ”مَسَخۡنَٰهُمۡ“ مسخ کان ورتل آهي ان جي معنىٰ آهي صورت کي بري حال ڏانهن بدلائڻ پوءِ اها ڪنهن ٻئي جانور جي شڪل ۾ هجي يا پٿر وغيره جي صورت ۾ مطلب تہ جيڪڏهن اسين گهرون تہ انهن کي سؤرن يا ٻولن جي شڪل ۾ آڻي ڇڏيون يا پٿر بنائي ڇڏيون پوءِ نہ اڳتي وڃي سگهندا نہ پوئتي مقصد تہ اسين اهو سڀ ڪجهہ ڪري سگهون ٿا پر پوءِ اسان جي رحمت جي تقاضا آهي تہ انهن کي مهلت ڏيون تانت توبه ڪري، حق ڏانهن رجوع ڪن ”وَمَن نُّعَمِّرۡهُ نُنَكِّسۡهُ فِي ٱلۡخَلۡقِۚ أَفَلَا يَعۡقِلُونَ“ ۽ جنهن کي اسين وڏي عمر ڏيون ٿا ان کي خلقت ۾ اونڌو ڪيون ٿا ڇا پوءِ نہ ٿا سمجهن؟ ”نُنَكِّسۡهُ“ تنڪيس کان ورتل آهي التنكيس هو قلب الشيء على راسه معنىٰ ڪنهن شيءِ کي منڍيءَ ڀر ڪرڻ ۽ خلقت ۾ تنڪيس جو مطلب آهي ارذل العمر ۾ آڻڻ. مطلب تہ جنهن کي وڏي عمر ڏيون ٿا ان جي حالت اونڌي ٿيڻ شروع ٿيندي آهي اڳي قوي هو هاڻي ڪمزور اڳي سندس

(١) المراغي ص٢٧ جزء ٢٣ جلد٨

اعضاءَ ۾ پاور ۽ طاقت هئي هاڻي اهي جڏا ۽ ضعيف آهن اڳي منهن ۾ تازگي هوندي هيس هاڻي گهنج اٿس عقل، فهم ۽ ادراڪ بہ ختم ٿيندو ويندس اهو سڀ ڪجهہ ڏسي بہ اهي سوچين ڪونہ ٿا تہ جيڪو الله اها حالت ڏي ٿو اهو شڪليون بدلائي بہ سگهي ٿو. (١)

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ حاصل ٿين ٿا.

١- "وَامْتَازُوا الْيَوْمَ اَيُّهَا الْمُجْرِمُوْنَ" (اي مجرمو! اڄ جدا ٿي وڃو) جي مراد بيان ڪندي مفسرن لکيو آهي تہ مجرمن مان مراد ڪافر آهن الله جل شانه انهن کي مومنن کان جدا ٿيڻ جو امر ڪندو مومن عرش جي سڄي طرف هوندا ۽ ڪافر جهنم جي حوالي هوندا يا مراد آهي تہ مجرمو! اوهان هڪ ٻئي کان جدا ٿي وڃو ڇو تہ هر قسم جي گناه جي سزا جدا هوندي.

٢- "اَلَّا تَعْبُدُوا الشَّيْطٰنَ" (شيطان جي عبادت نہ ڪيو) مان مراد ان جي چوڻ تي نہ هلو. ان جي چوڻ تي هلڻ ڇڻ تہ ان جي عبادت ڪرڻ آهي.

٣- "اِصْلَوْهَا الْيَوْمَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ" (ان جي ڪري جو ڪفر ڪيو هُيو ان ۾ اڄ داخل ٿيو) مان واضح ٿيو تہ نبي سڳوري عليه الصلواة والسلام تي اعتماد ڪرڻ جو نالو ايمان آهي ڪافر آخرت کي ڏسي سڀ ڳالهيون مڃيندا پر اهي قبول نہ ٿينديون ڇو تہ انهن پنهنجن اکين تي اعتماد ڪيو نبين عليهم الصلواة والسلام تي اعتماد نہ ڪيو.

وَمَا عَلَّمْنٰهُ الشِّعْرَ وَمَا يَنْۢبَغِيْ لَهٗ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا

۽ نہ سيکاريو اسان ان کي شعر ۽ نہ ٿو مناسب ٿئي ان جي لاءِ ناهي اهو مگر

(١) تنوير الاذهان صہ ٣٢٣ جلد ٣

ذِكْرٌ وَّقُرْاٰنٌ مُّبِيْنٌ لا (٦٩) لِّيُنْذِرَ مَنْ كَانَ حَيًّا وَّيَحِقَّ

نصيحت ۽ قرآن پڌرو تانت ڊيڄاري ان کي جيڪو هجي جيئرو ۽ ثابت رهي

الْقَوْلُ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ (٧٠) اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا خَلَقْنَا لَهُمْ

حجت ڪافرن تي ڇا نہ ڏٺائون تہ بيشڪ اسان پيدا ڪيو انهن جي لاءِ

مِّمَّا عَمِلَتْ اَيْدِيْنَآ اَنْعَامًا فَهُمْ لَهَا مٰلِكُوْنَ (٧١)

ان مان جو ٺاهيا (قدرتي) هٿن اسان جي چوپايا جانور پوءِ اهي انهن جا مالڪ آهن

وَ ذَلَّلْنٰهَا لَهُمْ فَمِنْهَا رَكُوْبُهُمْ وَمِنْهَا

۽ تابعدار ڪيو اسان انهن کي انهن جو پوءِ انهن مان سندن سواريون آهن ۽ انهن مان

يَاْكُلُوْنَ (٧٢) وَلَهُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ وَمَشَارِبُ ط

کائن ٿا ۽ انهن لاءِ انهن ۾ نفعا ۽ پيئڻ جون شيون آهن

اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ (٧٣) وَاتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لَّعَلَّهُمْ

ڇا پوءِ شڪر نہ ٿا ڪن ۽ بنايائون الله کان سواءِ ٻيا معبود تانت اهي

يُنْصَرُوْنَ ط (٧٤) لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَهُمْ لا وَهُمْ لَهُمْ جُنْدٌ

مدد ڪيا وڃن نہ ڪري سگهندا مدد انهن جي ۽ اهي انهن جي لاءِ لشڪر

مُّحْضَرُوْنَ (٧٥) فَلَا يَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ م اِنَّا نَعْلَمُ

وقف لازم

حاضر ڪيل آهن پوءِ نہ ڏکوئي تو کي قول انهن جو بيشڪ اسين ڄاڻون ٿا

مَا يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ .(٧٦)

جيڪي لڪائن ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ٻن بنيادي عقيدن توحيد ۽ قيامت جو ذڪر ٿيو ۽ هتان کان ٽئين بنيادي عقيدي رسالت جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَمَا عَلَّمْنٰهُ الشِّعْرَ وَمَا يَنْۢبَغِيْ لَهٗ" ۽ اسان ان کي نہ شعر سيکاريو آهي ۽ نہ ان جي لاءِ مناسب آهي جڏهن تہ نبوت ۽ رسالت جا منڪر قرآن ڪريم جي عجيب تاثير ۽ دلين تي اثر انداز هجڻ جي ڪيفيت جيڪا عام مشاهدي ۾ هئي ان جو انڪار ڪري نہ ٿي سگهيا ان جي ڪري ڪڏهن ان الاهي ڪلام کي سحر ۽ حضرت نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کي ساحر چوندا هئا ۽ ڪڏهن قرآن ڪريم کي شعر ۽ حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جن کي شاعر سڏيندا هئا ۽ ان چوڻ سان اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا تہ قرآن ڪريم جو تاثير الاهي ڪلام هجڻ جي ڪري ناهي پر جادوءَ جا ڪلمات آهن يا شاعرانه ڪلام آهي جيڪو دلين تي اثر انداز ٿئي ٿو الله جل شانه هن آيت ۾ ارشاد فرمايو تہ اسان پنهنجي نبي عليه الصلواة والسلام کي شعر ۽ شاعري نہ سيکاري آهي ۽ نہ ان جي لاءِ مناسب آهي (١)

"اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ وَّقُرْاٰنٌ مُّبِيْنٌ" اهو تہ صرف نصيحت ۽ پڌرو قرآن آهي يعني هي ڪتاب مبالغه آرائي خيالي پيداوار ۽ ڪوڙ جو مواد نہ آهي اهو تہ خالص نصيحت ۽ هدايت آهي ان ۾ بيان ڪيل ڳالهہ سراسر حق آهي ۽ ان ۾ مبالغہ نہ آهي هي اهو ڪتاب آهي جنهن ۾ الاهي احڪام،جهان جون حقيقتون ۽ زندگيءَ کي صحيح رکڻ جون ڳالهيون کولي بيان ڪيل آهن "لِّيُنْذِرَ مَنْ كَانَ حَيًّا وَّيَحِقَّ الْقَوْلُ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ" تانتہ ان کي ڊيڄاري جيڪو جيئرو آهي ۽ ڪافرن تي حجت ثابت ٿئي.

(١) معارف القرآن صـ٤٠٨ جلد٧

يعني قرآن ڪريم جي نزول جو مقصد هي آهي تہ انهن ماڻهن کي بروقت متنبه ڪيو وڃي جن جا ضمير اجان مئل ناهن جن ۾ حق کي قبول ڪرڻ جي طاقت اجان موجود آهي ۽ جن جون دليون مئل آهن انهن ۾ حق قبول ڪرڻ جي صلاحيت ختم ٿي چڪي آهي انهن تي الاهي عذاب جي نزول جي حجت قائم ٿي وڃي "اَوَلَمۡ يَرَوۡا اَنَّا خَلَقۡنَا لَهُمۡ مِّمَّا عَمِلَتۡ اَيۡدِيۡنَاۤ اَنۡعَامًا فَهُمۡ لَهَا مَالِكُوۡنَ" ڇا نہ ٿا ڏسن تہ بيشڪ اسان انهن جي لاءِ ان مان جيڪي اسان جي (قدرتي) هٿن ٺاهيا چوپايا پيدا فرمايا آهن پوءِ اهي انهن جا مالڪ آهن يعني اسان خصوصي ڪرم ڪري انهن جي لاءِ چوپايا جانور پيدا ڪيا جو هي انهن جا مالڪ لڳا ويٺا آهن "وَذَلَّلۡنٰهَا لَهُمۡ فَمِنۡهَا رَكُوۡبُهُمۡ وَمِنۡهَا يَاۡكُلُوۡنَ وَلَهُمۡ فِيۡهَا مَنَافِعُ وَمَشَارِبُ ؕ اَفَلَا يَشۡكُرُوۡنَ" ۽ اسان انهن کي سندن جي لاءِ تابعدار بنايو پوءِ ڪي انهن مان سندن سواريون آهن ۽ انهن مان کائن ٿا ۽ انهن جي لاءِ انهن ۾ نفعا ۽ پيئڻ جون شيون آهن ڇا پوءِ شڪر نہ ٿا ڪن؟ الله تعالىٰ هتي ڪافرن بت پرستن ۽ مشرڪن کي پنهنجون نعمتون ياد ڏياري ٿو اسان انهن جي لاءِ چوپايا جانور پيدا ڪيا ۽ انهن کي سندن مسخر ۽ مطيع ڪري ڇڏيو انهن مان طرحين طرحين فائدا وٺن ٿا ڪيترن تي سوار ٿين ٿا جيڪي حلال جانور آهن انهن کي کهي انهن جو گوشت کائن ٿا انهن جي ڦرن ۽ وارن مان نفعو حاصل ڪن ٿا انهن مان ڪيترن جانورن جو کير پيئن ٿا پوءِ بہ شڪر نہ ٿا ڪن ۽ الله جل شانه جا تابعدار ٻانها نہ ٿا بنجن (١) "وَاتَّخَذُوۡا مِنۡ دُوۡنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لَّعَلَّهُمۡ يُنۡصَرُوۡنَ ؕ" ۽ ان کان سواءِ معبود بنايائون تانت اهي مدد ڪيا وڃن يعني باطل معبودن کي ان اميد تي تہ اهي سندن مدد ڪندا پنهنجو حقيقي معبود بنايو ويٺا آهن "لَا يَسۡتَطِيۡعُوۡنَ نَصۡرَهُمۡ ۙ وَهُمۡ لَهُمۡ جُنۡدٌ مُّحۡضَرُوۡنَ" اهي سندن مدد ڪري نہ سگهندا ۽ اهي انهن جي لاءِ حاضر ڪيل لشڪر آهن "هُمۡ" ضمير جو مرجع مشرڪ آهن "لَهُمۡ" جو مرجع انهن جا باطل معبود آهن مقصد هي آهي تہ اهڙن بيڪار هٿرادو معبودن جي جهنڊي کي بلند ڪرڻ جي لاءِ انهن لشڪر تيار ڪري رکيو آهي جڏهن انهن وٽ ڪوبہ الاهي توحيد جي دعوت ڏيڻ لاءِ اچي ٿو تہ

(١) تفسير حقاني صہ ١۴۴ جلد ٦

هڪدم ان جي خلاف جنگ ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا (١) ۽ هڪڙو قول هي به آهي تہ قيامت جي ڏينهن هر باطل معبود کي سندس پوڄارين سان گڏ اهڙي نموني آڻي جهنم ۾ داخل ڪيو ويندو جڻ تہ اهي ان ۾ حاضر ڪيل لشڪر هوندا.

"فَلَا يَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ إِنَّا نَعْلَمُ مَا يُسِرُّونَ وَمَا يُعْلِنُونَ" پوءِ اوهان کي انهن جو قول نہ ڏکوئي بلاشڪ اسين اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻون ٿا جيڪي لڪائن ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا. يعني اوهان جڏهن ڪافرن جي لاءِ عذاب جو وعيد ٻڌو تہ پوءِ انهن جو الله جل شانه جي باري ۾ غلط گفتگو يا اوهان جي توهين ڪرڻ وارا جملا ٻڌي ڪنهن بہ قسم جو ڏک نہ ڪيو اهي اوهان جي لاءِ جيڪا دل ۾ عداوت ۽ باطل عقائد رکن ٿا ۽ جيڪي ڪليل برا اعمال ۽ بڇڙا اقوال چون ۽ ڪن ٿا اسين اهي سڀ ڄاڻون ٿا ۽ ڪين انهن جي سزا ضرور ملندي. (٢)

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

١- "وَمَا عَلَّمْنٰهُ الشِّعْرَ" (۽ اسان ان کي شعر نہ سيکاريو) جي وضاحت ڪندي مفتي احمد يار نعيمي عليه الرحمة لکيو آهي تہ هتي علم مان مراد ملڪہ ۽ عادت آهي يعني قرآن ڪريم شعر ناهي ۽ نہ حضور ﷺ شاعر آهي جو سندن ذهن مبارڪ شعر ۾ مصروف رهي شعر کي پنهنجي عادت بنائي ڇڏيو هجين. شعر جو علم هجڻ برو ناهي. جيڪڏهن شعر جو علم (ڄاڻ) برو هجي ها تہ الله جل شانہ تہ ان جي ڄاڻ رکي ٿو پوءِ ان جي لاءِ بہ (معاذالله) ڇا فيصلو ڏجي هن آيت مان نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي علم جي گهٽتائي ثابت نہ ٿيندي (٣)" ڪما زعم الذين لايحبون رسول الله صلي الله عليه وسلم ولايعظمونه".

٢- "لِيُنْذِرَ مَنْ كَانَ حَيًّا" (تانت ان کي ڊيڄاري جيڪو زنده آهي) مان واضح ٿيو تہ قرآن ڪريم کي نہ سمجهڻ وارا مرده آهن انهن جي ظاهري حياتيءَ کي ڪا اهميت ناهي اها زندگي تہ گڏهن، سوئرن ۽ ڪتن کي بہ آهي ٣- "مِمَّا عَمِلَتْ

(١) ضياءُ القرآن صہ ١٩٠ جلد٤ (٢) المظهري صہ ٩٩ جلد٨ (٣) نورالعرفان صہ ٧٠٩

اَيۡدِيۡنَا" (ان مان جن کي اسان جي هٿن ٺاهيو) هتي عام هٿ مراد ناهن بلڪ الله جل شانه جي ڪامل قدرت آهي يعني سڀ جانور اسان پنهنجي ڪامل قدرت سان پيدا فرمايا انهن جي پيدا ڪرڻ ۾ اسان جو ڪوبه ساٿي يا شريڪ نه آهي.

اَوَلَمۡ يَرَالۡاِنۡسَانُ اَنَّا خَلَقۡنٰهُ مِنۡ نُّطۡفَةٍ فَاِذَا هُوَ

ڇا نه ڏٺو انسان ته بيشڪ اسان ان کي پيدا فرمايو منيءَ جي ڦڙي مان پوءِ ان وقت اهو

خَصِيۡمٌ مُّبِيۡنٌ (٧٧) وَضَرَبَ لَنَا مَثَلًا وَّنَسِيَ خَلۡقَهٗ ؕ

جهيڙا ڪار پڌرو آهي ۽ بيان ڪندو آهي اسان جي لاءِ مثال ۽ وساري ويٺو پنهنجي خلقت

قَالَ مَنۡ يُّحۡيِ الۡعِظَامَ وَهِيَ رَمِيۡمٌ (٧٨) قُلۡ يُحۡيِيۡهَا

چوي پيو ته ڪير جيئرو ڪندو هڏن کي حالانڪ اهي سڙيل هوندا فرماءِ ته جيئرو ڪندو انهن کي

الَّذِيۡۤ اَنۡشَاَهَاۤ اَوَّلَ مَرَّةٍ ؕ وَهُوَ بِكُلِّ خَلۡقٍ عَلِيۡمُۨ (٧٩)

اهو (الله) جنهن پيدا ڪيو انهن کي پهرئين ڀيري ۾ اهو هر خلقت کي ڄاڻندڙ آهي

الَّذِيۡ جَعَلَ لَكُمۡ مِّنَ الشَّجَرِ الۡاَخۡضَرِ نَارًا فَاِذَاۤ اَنۡتُمۡ مِّنۡهُ

اهو (الله) جنهن پيدا ڪئي اوهان جي لاءِ سائي وڻ مان باهه پوءِ ان وقت اوهان ان مان

تُوۡقِدُوۡنَ (٨٠) اَوَلَيۡسَ الَّذِيۡ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ بِقٰدِرٍ عَلٰۤى

باهه ٻاريو ٿا ڇا ناهي اهو (الله) جنهن پيدا ڪيا آسمان ۽ زمين قادر هن تي جو

اَنۡ يَّخۡلُقَ مِثۡلَهُمۡ ؕ بَلٰى ۚ وَهُوَ الۡخَلّٰقُ الۡعَلِيۡمُ (٨١)

جو پيدا ڪري انهن جهڙا هائو ۽ اهو ئي پيدا ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي

وقف غفران

إِنَّمَآ أَمۡرُهُۥٓ إِذَآ أَرَادَ شَيۡـًٔا أَن يَقُولَ لَهُۥ

ان جو امر صرف هي آهي جڏهن ڪنهن شئي جو ارادو ٿو ڪري ته فرمائي ٿو ان لاءِ

كُن فَيَكُونُ (٨٢) فَسُبۡحَٰنَ ٱلَّذِي بِيَدِهِۦ مَلَكُوتُ كُلِّ شَيۡءٖ

ٿيءُ پوءِ ٿي پوندي آهي پوءِ پاڪ آهي اهو (الله) جنهن جي هٿ ۾ بادشاهي هر شئي جي آهي

وَإِلَيۡهِ تُرۡجَعُونَ ع (٨٣)

۽ ان ڏانهن اوهان موٽايا ويندؤ.

رڪوع ٥

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله جل شانه پنهنجي عظيم قدرت ۽ سندس عبادت جي وجوب تي ۽ ان سان ٻين ڪي شريڪ نه بنائڻ تي دلائل بيان ڪيا ان جي باوجود جو انهن جي اڳيان اهي سڀ شيون موجود هيون جن ڪي ڏسي اهي الله جل شانه جي توحيد ۽ قيامت جي لاءِ اٿڻ جو عقيدو رکن ها ۽ هتي سندن وجود مان اها حجت بيان ڪئي وئي آهي جيڪا الله جي قدرت تي دلالت ڪندڙ ۽ ڪافرن جي انڪار ڪي باطل ڪندڙ آهي ۽ سندن سوچ ۽ فڪر جي بي حسي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي.

"أَوَلَمۡ يَرَ ٱلۡإِنسَٰنُ أَنَّا خَلَقۡنَٰهُ مِن نُّطۡفَةٖ فَإِذَا هُوَ خَصِيمٞ مُّبِينٞ" ڇا انسان نه ڏٺو آهي ته بلاشڪ اسان ان ڪي مني جي هڪ ڦڙي مان پيدا فرمايو آهي پوءِ ان وقت اهو کليل جهيڙا ڪار آهي يعني جيڪو قبر مان اٿڻ جو انڪاري آهي اهو نه ٿو ڏسي ته جنهن اسان ڪي عدم مان وجود ڏنو اهو اسان ڪي جيئرو ڪري اٿاري به سگهي ٿو "وَضَرَبَ لَنَا مَثَلٗا وَنَسِيَ خَلۡقَهُۥۖ قَالَ مَن يُحۡيِ ٱلۡعِظَٰمَ وَهِيَ رَمِيمٞ" ۽ اسان جي لاءِ مثال بيان ڪندو آهي ۽ پنهنجي خلقت وساري ڇڏي ٿو چوي پيو ته هڏن ڪي ان حال ۾ جوا هي سڙيل آهن ڪير جيئرو ڪندو؟ مطلب ته هي بي ادب گستاخ اسان جي

لاءِ طرح طرح جا مثال پيش ڪري ٿو ۽ عجيب غريب اعتراض اٿاريندي چوي ٿو تہ الله جل شانه ڪٿي آهي؟ جيڪڏهن هجي ها تہ اسان کي نظر اچي ها ڪائنات جي ايڏي وڏي ڪارخاني کي هڪ هستي ڪيئن هلائي سگهندي؟ قيامت جا ڏڙڪا مذهبي ماڻهن صرف ٻين کي ڊمڪائڻ ۽ انهن کي ذهني غلام بنائڻ جي لاءِ هٿ جا ٺاهيا آهن قيامت ڪيئن قائم ٿيندي؟ ڇا اهڙي نہ ٿيڻ واري ڳالهہ کي عقل تسليم ڪري سگهي ٿو وغيره وغيره. سڙي ڀُري ويلن هڏن کي ڪير جيئرو ڪندو؟ "قُلْ يُحْيِيهَا الَّذِيٓ اَنْشَاَهَآ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَهُوَ بِكُلِّ خَلْقٍ عَلِيمٌ" فرماءِ تہ انهن کي اهو (الله) جيئرو ڪندو جنهن انهن کي پهرئين ڀيري پيدا فرمايو ۽ اهو هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي يعني اي محبوبﷺ! عليه الصلواة والسلام اوهان انهن قيامت جي منڪرن کي ٻڌايو جيڪي سمجهن ٿا تہ سڙيل ڀريل هڏن کي زنده ڪرڻ محال آهي اوهان انهن کي سمجهايو تہ انهن بوسيده هڏن کي اهو الله جل شانه زنده فرمائيندو جنهن انهن کي اول وجود ڏنو هو جيڪو هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي ۽ ان جي تخليق جي قوت جو هي حال آهي جو آسمان، سج، چنڊ، ستارا، فضائون هوائون، زمين جون سڀ شيون ان صرف پنهنجي "ڪن" امر سان پيدا فرمايون آهن ۽ اهو ظاهر، باطن، جلي، خفي، غائب ۽ شاهد سڀني شين جو عالم ۽ عليم آهي ذرا عقل کان ڪم وٺو تہ ڇا اهڙي خلاق، عليم جي لاءِ اوهان جي سڙيل ڀُريل هڏين ۾ روح وجهڻ ۽ انهن کي جيئرو ڪري اٿارڻ مشڪل آهي، نہ هرگز نہ.

"اَلَّذِيْ جَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الشَّجَرِ الْاَخْضَرِ نَارًا فَاِذَآ اَنْتُمْ مِّنْهُ تُوْقِدُوْنَ" اهو (الله) جنهن اوهان جي لاءِ سائي وڻ مان باهہ بنائي پوءِ ان وقت اوهان ان مان (ٻي) باهہ ٻاريو ٿا. يعني انهن اسرارن ۽ رمزن کي سمجهڻ جي تہ اوهان ۾ اهليت ناهي جن جي سببان ڪروڙين سال گذرڻ جي باوجود هن جهان جي نظام ۾ ڀراٽي هجڻ جا آثار ڪٿي بہ نظر نہ ٿا اچن ٻر هيءَ تہ هڪ ٿلهي ڳالهہ آهي تہ پاڻيءَ ۽ باهہ ۾ پراٽو تضاد آهي باهہ جو وس هلي ٿو تہ پاڻيءَ کي بخارات بنائي اڏائي ڇڏي ٿي ۽ جيڪڏهن ڀڙڪندڙ باهہ تي هڪ لپ پاڻيءَ جي وڌي وجي ٿي تہ اها وسامي وڃي ٿي ان طبعي تضاد جي باوجود الله جل شانه سرسبز وڻن ۾ باهہ ۽ پاڻيءَ کي هڪ جاءِ

تي گڏ رکيو آهي اها ئي سرسبز ڪاٺي جڏهن ڪٽي ان سان باهہ ٻاري وڃي ٿي تہ ان سان باهہ جا شعلا پڙڪڻ لڳن ٿا بعض علماءَ جو قول آهي تہ عرب ۾ ٻہ وڻ پيدا ٿين ٿا هڪ کي "المرخ" ۽ ٻئي کي "العفار"چوندا آهن جيڪڏهن انهن جون آليون ٽاريون جن مان رس وهي رهي هجي ڪٽي هڪ ٻئي سان رڳڙيون وڃن تہ انهن مان باهہ پڙڪي نڪرندي آهي جيڪو الله انهن امرن تي قادر آهي ان جي لاءِ اوهان جي سڙيلن هڏين کي جيئرو ڪرڻ ڪو مشڪل ناهي (١).

"اَوَلَيْسَ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓي اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ ۭ بَلٰي ۤ وَهُوَ الْخَلّٰقُ الْعَلِيْمُ" ڇا اهو (الله) جنهن آسمان ۽ زمين پيدا فرمايا انهن جهڙن مثالن جي پيدا ڪرڻ تي قادر ناهي؟ هائو ۽ اهو ئي پيدا ڪندڙ ڄاڻندڙ آهي يعني الله جل شانہ تہ اهو آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا فرمايو جن جي بلندي، وسعت ۽ گهرائي جو اندازو نہ ٿو لڳائي سگهجي ڇا اهڙي قادر، قيوم هستيءَ جي لاءِ اوهان کي وري پيدا ڪري قبرن مان اٿارڻ ڪا ٿيڻ جهڙي ڳالهہ آهي؟ ان جي ٻيءَ تخليقات جي اڳيان اوهان جي حيثيت ئي ڪهڙي آهي ذرا جبل جي اڳيان مٿو ملائي بيهو تہ اوهان کي پنهنجي قد جي ڏکهي هجڻ جو اندازو ٿي ويندو ذرا ها ٿيءَ سان پنهنجو پاڻ توريو تہ ان جي هڪ ٽنگ ٻہ اوهان کان ڳري نڪرندي ذرا هرڻ سان ڊوڙي ڏسو تہ خبر پئجي ويندي تہ ڪير ٿو اڳتي وڃي وڃي هڪ مينهن سان ڪاڏي ۾ مقابلو ڪري ڏسو تہ نہ ڪري سگهندؤ. جيڪو انهن سڀني شين جو خالق، مالڪ ۽ پيدا ڪندڙ، انهن جي هر هڪ ذري کي ڄاڻندڙ آهي اهو اوهان کي وري جيئرو ڪرڻ تي بہ يقينًا قادر آهي.

"اِنَّمَآ اَمْرُهٗٓ اِذَآ اَرَادَ شَيْـــًٔا اَنْ يَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ" ان جو امر تہ صرف اهو آهي جو جڏهن ڪنهن شئي (کي وجود ڏيڻ) جو ارادو ڪري ٿو تہ ان کي "کن" جو امر ڪري ٿو تہ پوءِ اها ٿي پوي ٿي مقصد تہ اوهان کي هڪ معمولي شيءِ ٺاهڻ جي لاءِ بہ ڪيترا اجزاءَ فراهم ڪرڻا پون ٿا جيڪڏهن هڪ ضروري جزءُ ناياب هوندو تہ سموري محنت ڪنهن ڪم جي نہ رهندي مگر الله جل شانہ جي قدرت جو هي جهان آهي جو صرف ارادو فرمائي ڪنهن بہ شيءِ جي لاءِ "کن" جو امر ٿو ڪري

(١) تفسير القاسمي صـ ٨٩ جزء ١٤ جلد ٨

تہ اها شيءِ ڪٽي ڪيتري ٻہ وڏي هجي فورًا وجود ۾ اچي وڃي ٿي "فَسُبۡحٰنَ الَّذِيۡ بِيَدِهٖ مَلَكُوۡتُ كُلِّ شَيۡءٍ وَّاِلَيۡهِ تُرۡجَعُوۡنَ" پوءِ ان (الله) جي پاڪائي آهي جنهن جي (قدرتي) هٿ ۾ هر شيءِ جي بادشاهي آهي ۽ اوهان ان ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ مطلب تہ هر نقص، هر خاميءَ، هر ڪمزوريءَ، هر عيب ۽ هر شريڪ کان اها ذات اعليٰ، ارفع ۽ پاڪ آهي ان جو علم محيط، ان جي قدرت همه گير ان جو حڪم هر اعليٰ ۽ ادنيٰ تي جاري آهي هر شيءِ ان جي فرمان جي تابع آهي جيڪي گهري ٿو ڪري ٿو جنهن کي گهري، جيترو گهري ڏيندو آهي هر شيءِ جو اختيار ان جي قدر تي هٿ ۾ آهي ۽ پڇاڙيءَ ۾ اوهان انسان ۽ ٻيون سڀئي شيون ان ڏانهن موٽندڙ آهيو.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان.هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

١- "اَوَلَمۡ يَرَالۡاِنۡسَانُ اَنَّا خَلَقۡنٰهُ مِنۡ نُّطۡفَةٍ" (ڇا انسان نہ ڏٺو تہ اسان ان کي مني جي هڪ ڦڙي مان پيدا ڪيو آهي) مفسرن پلارن لکيو آهي تہ هتان کان آخري آيت تائين سورة يٰسٓ جي هنن پنجن آيتن جو شان نزول هي آهي تہ "عاص بن وائل ڪافر مڪه مڪرمه جي ايريا بطحاءَ مان هڪ سڙيل هڏي کڻي ان کي هٿ سان ٽوڙي ذرا ذرا ڪري حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ "ڇا الله هن هڏي کي زنده ڪندو؟ جنهن جو هي حال اوهان ڏسي رهيا آهيو" حضور عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "هائو الله تو کي موت ڏيندو وري زنده ڪندو پوءِ تو کي جهنم ۾ داخل ڪندو." (١)

٢- "بَلٰى" هائو هن لفظ جي تفسير ۾ مفسرن لکيو آهي تہ قرآن ڪريم ۾ جتي بہ سوال جي صورت ۾ "اَلَيۡسَ" يا "اَوَلَيۡسَ" اچي تہ پڙهندڙ اتي "بَلَى" جو لفظ چوي ٣- "مَلَكُوۡتُ كُلِّ شَيۡءٍ" (هر شئي جي بادشاهي) هر شئي جو هڪ ظاهر آهي ٻيو باطن ظاهر جو نالو ملڪ آهي باطن جو نالو ملڪوت (٢)

الحمدلله جو مون گنهگار الله جل شانه جي فضل ۽ حبيب پاڪ عليه الصلواة والسلام جي نگاه ڪرم جي صدقي اڄ بوقت سادي نائين بجي اربعا جي رات بمورخہ ١۵ شوال ١٤٢٤هـ الموافق ٩ - ١٢- ٢٠٠٣ع تي پنهنجي گهر ۾ سورة يٰسٓ

(١) تفسير ابن ڪثير صہ ۵٨١ جلد٣ (٢) نور العرفان صہ ٧١١

جو تفسير لکي پورو ڪيو رب العزة جل شانه جي دربار ۾ دلي دعا آهي تہ باقي رهيل تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين يا رب العالمين بجاه النبي الامين سيدنا محمد عليه وعلیٰ آله واصحابه الصلوات والتسليمات الیٰ يوم الدين.

الفقير الي الله المغيث محمد ادريس الداهري
عفي عنه



سورة الصّٰفّٰت جو تعارف.

هن سورة مبارڪه جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيون سمجهڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ.

هن سورة جو نالو "الصّٰفّٰت" آهي جيڪو سندس پهرين ء آيت ۾ مذڪور آهي.

رڪوع، آيتون، ڪلمات ۽ حروف

هن ۾ پنج رڪوع هڪ سؤ ٻياسي (١٨٢) آيتون، اٺ سئو سٺ (٨٦٠) ڪلمات ۽ ٽي هزار اٺ سئو ڇويهه (٣٨٢٦) حرف آهن. (١)

مڪيه آهي يا مدنيه؟

هيءَ سورة مبارڪه مڪيه آهي، ابن الضريس، نحاس، ابن مردويه ۽ دلائل النبوة ۾ بيهقيء حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي ته سورة "الصّٰفّٰت" مڪه مڪرمه ۾ نازل ٿي هئي. (٢)

اڳينءَ سورة سان مناسبت.

هن سورة جي اڳينء سورة سان ٻن وجهن سان مناسبت آهي عـ١ ته اڳينءَ سورة ۾ "اَلَمْ يَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ اَنَّهُمْ اِلَيْهِمْ لَا يَرْجِعُوْنَ"

(ڇا نه ڏٺائون ته اسان انهن کان اڳي ڪيتريون جماعتون هلاڪ ڪيون بيشڪ اهي انهن ڏانهن نٿا موٽن) ۾ جيڪو اجمال هو هن ۾ ان جو تفصيل آهي

عـ٢- اڳينءَ سورة ۾ مؤمنن ۽ انهن جي دشمنن ڪافرن جو ذڪر مختصر هو ۽ هتي مفصل آهي (٣).

نزول جو زمانو.

هيءَ سورة سورة الانعام ڪان بعد نازل ٿي هئي. (٤) هن سورة جي مضمونن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اها محبوب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي مڪي دؤر جي ان حصي ۾ نازل ٿي جڏهن اسلام ڏانهن ماڻهن جي رجحان مڪه مڪرمه جي مشرڪن کي پريشان ڪري وڌو هو ۽ انهن صرف تعصب جي بنياد تي ان کي مڃڻ ڪان صاف انڪار ڪيو هو اسلام ڏانهن سڏڻ ۽ اسلام جي داعي برحق

(١) تفسير خازن صـ١۴ جلد۴ (٢) الدرالمنثور صـ٧٧ جلد٧ (٣) روح المعاني صـ٢۴ جزء ٢٣ جلد ٨- المراغي صـ۴١ جزء ٢٣ جلد٨ (۴) ساڳيو حوالو

حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم کي انهن ڏمڪيون ڏيڻ جو سلسلو تيز ڪري ڇڏيو هو. هيءَ سورة مڪي زندگيءَ جي وچ واري دؤر جي آخر ۾ نازل ٿـيڻ وارين سورتن سان واضح مشابهت رکي ٿي.

مضمون.

مڪه مڪرمه جا رهاڪو ڪافر شرڪ جي لعنت ۾ بري طرح گرفتار هئا آيت عـ٦ کان آيت عـ٣٥ تائين بيان ڪيو ويو آهي تہ جيڪڏهن انهن کي لااللـه الاالله تي ايمان آڻڻ جي دعـوت ڏني ٿي وڃي تہ اهي تڪبـر ۽ غرور ڪندي ان کي مسـترد ڪن ٿا ۽ چون ٿـا تہ هڪ شاعر ۽ مجنون جي چوڻ تي اسين پنهنجن معبودن جي عبادت وارو عقيدو نہ ڇڏينداسون. ڪائنات جو هي ايترو وسيع معاملو هڪ الله جي هلائڻ جي وس کان ٻاهر ۽ ناممڪن آهي هن سورة جي ابتداء ۾ توحيد جي عقيدي کي دلين ۾ مضبوطيءَ سان وهارڻ جي لاءِ ٿي قسم کڻي بيان ڪيو ويو آهي تہ اوهان جو الله صرف هڪ آهي ان جو ڪو شريڪ ناهي آسمانن، زمين ۽ انهن ۾ موجودات جو اهوئي پروردگار آهي. قيامت جي باري ۾ بہ انهن جو نظريہ هي هو تہ ائين ٿيڻ ناممڪن آهي عـقل ان کي تسليم نہ ٿـو ڪري ان جي باري ۾ بہ صـاف الفـاظ ۾ حڪم ٿـيو "قُلْ نَعَمْ وَ اَنْتُمْ دَاخِرُوْنَ" (فرماءِ تہ هائو ۽ اوهان ذليل ٿـيندڙ آهيو) مطلب تہ قيامت ضرور قائم ٿيندي ۽ اوهان کي ذليل ۽ رسوا ڪري حشر جي ميدان ۾ بيهاريو ويندو. قيامت جي ڏينهن قيامت جا منڪر هڪ ٻئي سان وڙهي ڪيئن هڪ ٻئي تي الزام تراشي ڪندا ان جو بہ هتي ذڪر ڪيو ويو آهي تانت مـاڻهو عبرت حاصل ڪن حصور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن ۽ سندن سچا غلام نهايت ايذائيندڙ دؤر مان لنگهي رهيا هئا لحظه بہ لحظه انهن جي مٿان مصيبتن ۽ ڏکن جا انڌيرا گهيرو ڪندا ٿي رهيا. ڪين تسلي ڏيڻ جي لاءِ انبياء ڪرام عليهم السلام جا ايمان افروز حالات بيان ڪري ٻڌايو ويو آهي تہ انهن تي بہ تڪليفون ۽ ڏک آيا هئـا پر انهن صـبـر ڪندي الله تي توڪل رکي جدوجهـد جاري رکي نيٺ فـتح ۽ ڪاميابي سندن قدم چميا گڏوگڏ اهو بہ بيان ڪيو ويو تہ جيڪي ماڻهو بہ انبياء ڪرام عليهم الصلوٰة والسلام جي نقش قدم تي هلندا اهيئي هميـشه غالب رهندا

"اِنَّ جُنْدَنَا لَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ" مکه مکرمه جي رهندڙن کي متنبه ڪيو ويو ته اج جنهن کي اوهان ڪمزور سمجهو ٿا ساري دنيا تي ان جي ئي آندل اسلام جو جهنڊو هنيو ويندو ۽ ساري جهان کي ان جي ئي دامن رحمت ۾ جاءِ ملندي.

ڀلايون ۽ برڪتون.

هيءَ سورة پاڪ به نهايت ڀلاري ۽ بابرڪت آهي فضائل القرآن ۾ ابن ابي داؤد ڪتاب التاريخ ۾ ابن النجار نهشل بن سعيد ورداني، ڪان ان ضحاڪ ڪان ۽ ان حضرت ابن عباس رضي الله عنهم ڪان روايت آندي آهي ته سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "من قَرَأَ يٰسٓ وَالصّٰفّٰتِ يَوْمَ الْجُمُعَةِ ثُمَّ سَاَلَ اللّٰهَ اَعْطَاهُ سُؤْلَهٗ" جنهن جمعه جي ڏينهن يٰس ۽ الصّٰفّٰت (سورتون) پڙهيون ان ڪان بعد الله ڪان ڪا شيءِ گهريائين ته الله ان کي اها گهريل شيءِ ڏيندو. ۽ نسائي ۽ بيهقي السنن ۾ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي ته نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن اسان کي نماز پڙهائيندي سورة "الصّٰفّٰت" پڙهندا هئا. (١)علماء عاملين لکيو آهي ته جيڪو شخص سورة الصّٰفّٰت کي ست ڀيرا پڙهندو ته سندس مطلب ۽ مراد آسانيءَ سان حاصل ٿيندا. جنهن گهر ۾ جنُّ هوندو هيءَ سورة لکي صندوق ۾ بند ڪري رکبي ته جن ان گهر ۾ ڪابه شرارت ڪري نه سگهندا.



(١) الدرالمنثور صـ ٧٧ جلد ٧

وَهِيَ مِائَةٌ وَّاثْنَتَانِ وَثَمَانُونَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الصّٰٓفّٰتِ	وَخَمْسُ رُكُوعَاتٍ
۽ اها هڪ سؤ ٻياسي آيتون	سُوْرَةُ الصّٰٓفّٰتِ مڪيه آهي	۽ پنج رڪوع آهي
	بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ	

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان هميشه رحم ڪندڙ آهي

وَالصّٰٓفّٰتِ صَفًّا ۙ (١) فَالزّٰجِرٰتِ زَجْرًا ۙ (٢)

قسم آهي صفون ٻڌندڙن جو قطارون ڪري پوءِ جهڙڪ ڏيندڙن جو ڌمڪائڻ لاءِ

فَالتّٰلِيٰتِ ذِكْرًا ۙ (٣) اِنَّ اِلٰهَكُمْ لَوَاحِدٌ ؕ (٤)

پوءِ پڙهندڙن جو ذڪر کي بيشڪ اوهان جو معبود البت هڪ آهي

رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا وَرَبُّ الْمَشَارِقِ ؕ (٥)

رب آسمانن ۽ زمين جو ۽ ان جو جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي ۽ رب اوڀرن جو

اِنَّا زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِزِيْنَةِ نِالْكَوَاكِبِ ۙ (٦) وَحِفْظًا

بيشڪ اسان سينگاريو آسمان دنيا جي کي هڪ سونهن تارن جي سان ۽ حفاظت ڪري

مِّنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ مَّارِدٍ ج (٧) لَا يَسَّمَّعُوْنَ اِلَى الْمَلَاِ الْاَعْلٰى

هر شيطان تڙيل کان تہ ڪن نہ ڏين ملا اعلىٰ ڏانهن

وَيُقْذَفُوْنَ مِنْ كُلِّ جَانِبٍ ق (٨) دُحُوْرًا وَّلَهُمْ عَذَابٌ وَّاصِبٌ ۙ (٩)

۽ اُڇڙ هنيا وڃن هر طرف کان تڙڻ جي لاءِ ۽ انهن جي لاءِ عذاب هميشه وارو آهي

المنزل ٦

إِلَّا مَنْ خَطِفَ الْخَطْفَةَ فَأَتْبَعَهُ شِهَابٌ ثَاقِبٌ (١٠)

مگر جنهن جهٽ هنيو جهٽ هڻڻ پوءِ پويان پونديو ان جي اُمـــرُ پرندڙ.

تفسير.

اڳيئن سورة (يٰسٓ) جي آخري حصي ۾ ذڪر ڪيو ويو تہ الله جل شانه مئلن کي جيئرو ڪرڻ، موٽائي محشر جي ميدان ۾ آڻڻ تي قادر آهي ۽ ان جو دليل اهو آهي جو ڪين ابتداء ۾ بہ ان پيدا فرمايو هو ۽ هتي ان جو هي دليل بيان ڪيو ويو آهي تہ اهو الله هڪ آهي ڇوتہ ڪنهن بہ شيءِ کي وجود ڏيڻ يا عدم بنائڻ تڏهن ممڪن آهي جڏهن ان جو ارادو ڪندڙ هڪ هوندو جيڪڏهن گهڻا هجن تہ هڪ وجود ڏيندو تہ ٻيو ختم ڪندو يا وري هڪ ٻئي جي صلاح سان هلن ۽ اها هڪ قسم جي محتاجي آهي ۽ الله جل شانه محتاجي کان پاڪ آهي فرمان مبارڪ آهي "وَالصّٰٓفّٰتِ صَفًّا" قسم آهي قطارون ڪري صفون ٻڌندڙن جو. ابن عباس، ابن مسعود، عڪرمه، سعيد بن جبير مجاهد ۽ قتادة جو قول آهي تہ ان مان مراد ملائڪ آهن جيڪي آسمان تي الله جي عبادت ۾ ائين صفون ٻڌي بيهن ٿا جيئن ماڻهو نماز ۾ زمين تي صفون ٻڌي بيهندا آهن. (١) "فَالزّٰجِرٰتِ زَجْرًا" پوءِ ڌمڪائڻ جي لاءِ جهڻڪ ڏيندڙن جو (قسم آهي). هتي انهن ملائڪن جو قسم کنيل آهي جيڪي تڪويني امور جي لاءِ مقرر ڪيل آهن. هوا، بادل، بارش، سج ۽ چنڊ وغيره تي متعين آهن، احڪم الحاڪمين جي ارشاد جي تعميل ڪري رهيا آهن. "اَلزّٰجِرٰتِ" زجر کان ورتل آهي. زجر جي اصلي معنىٰ آهي ڪنهن کي ڪنهن ڳالهہ کان رعب ۽ زوردار آواز سان روڪڻ. (٢) "فَالتّٰلِيٰتِ ذِكْرًا" پوءِ ذڪر جي پڙهندڙن جو (قسم آهي). هتي بہ مراد اهي ملائڪ آهن جيڪي الله جي ڪتاب جي تلاوت ڪندا آهن. "ذِكْرًا" مان مراد الله جل شانه جو ڪتاب آهي. ابن مسعود، ابن عباس، حسن، مجاهد، ابن جبير، ۽ سدي جو اهو قول آهي. (٣) "اِنَّ اِلٰهَكُمْ لَوَاحِدٌ" بلاشڪ اوهان

(١) القرطبي صـ ٦١ جلد ١٥ (٢) روح المعاني صـ ٦٥ جز٠ ٢٣ جلد ٨ (٣) القرطبي صـ ٦٢ جلد ١٥

جو معبود البتہ هڪ آهي. هي مٿي بيان ڪيل قسم جو جواب آهي. مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن چيو هو تہ نبي ڪريم (عليه الصلوٰة والسلام) جن چون ٿا الله هڪ آهي هيڏي وڏي جهان کي هڪ الله ڪيئن هلائي سگهندو انهن جي رد ۾ هي ارشاد آيو آهي ”رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا وَرَبُّ الْمَشَارِقِ“ آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي ان جو رب ۽ اوڀرن جو بہ رب آهي. هي الله جل شانه جي توحيد جا دلائل بہ آهن تہ ان جون سهڻيون صفتون بہ آهن مطلب هي آهي تہ الله اهوئي ٿي سگهي ٿو جيڪو انهن صفات جليله سان متصف آهي ۽ جڏهن تہ اهي صفتون صرف الله جل شانه ۾ ئي آهن ان جي ڪري اهوئي معبود بالحق آهي. مشارق، مشرق جو جمع آهي هي ظرف زمان بہ آهي تہ ظرف مڪان بہ. سج هر روز نئين جاءِ ڪان اڀرندو آهي ان جي ڪري مشارق جمع جو صيغو آندو ويو آهي.

”اِنَّا زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِزِيْنَةِ الْكَوَاكِبِ وَحِفْظًا مِّنْ كُلِّ شَيْطَانٍ مَّارِدٍ“ بلاشڪ اسان دنيا واري آسمان کي زينت. ستارن سان سينگاريو آهي ۽ هر سرڪش شيطان کان حفاظت ڪرڻ جي لاءِ. يعني اسان ان آسمان کي جيڪو عرش جي بنسبت اوهان کي ۽ زمين کي ويجهو آهي تارن سان سينگاريو آهي. دنيا ادنىٰ بمعنىٰ اقرب جو مؤنث آهي ۽ ”اَلْكَوَاكِبِ“ زير سان ”زِيْنَةٌ“ کان بدل آهي. ۽ تارا قنديلن وانگر آسمان ۾ لٽڪيل آهن يا جيئن ميخون دروازن ۽ صندوقن تي لڳل هونديون آهن تيئن آسمان ۾ تارا لڳل آهن ۽ هيءَ ڳالهہ ان جي منافي ناهي تہ ڪي ڪي تارا ڦرئين ۽ هيٺين آسمان کان مٿي آسمانن ۾ لڳل آهن ڇو تہ آسمان جڏهن تہ شيشي وانگر صاف ۽ شفاف آهن پوءِ اهي پلي ڪهڙي آسمان ۾ بہ هجن ڦرئين مان چمڪندي نظر اچن ٿا. مقصد آهي آسمان جو ڏسڻ ۾ سينگاريل هجڻ پوءِ تارا پلي ڪهڙي آسمان ۾ بہ هجن ۽ اهو اهل هيئت جي قول جو جواب آهي جيڪي چوندا آهن تہ تارا انهن فلڪ ۾ مرڪوز آهن وڌيڪ علم تہ الله جل شانه وٽ آهي. (١)

”وَحِفْظًا مِّنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ مَّارِدٍ“ ۽ حفاظت تي هر شيطان سرڪش کان. ”حِفْظًا“ فعل محذوف جو مفعول مطلق آهي جيڪو ”زينة“ جي معنوي اعراب زبر جي مٿان عطف هجڻ جي ڪري زبر پڙهيو ويو آهي. معنىٰ اسان ان جي چڱيءَ طرح حفاظت

(١) روح البيان صہ ٣٤٨ جلد ٧

ڪئي آهي جڻ تہ چيو ويو. اسان تارن کي آسمان جي سينگار ۽ ان جي حفاظت جي لاءِ پيدا فرمايو آهي (١) "لَا يَسَّمَّعُوْنَ اِلَى الْمَلَاِ الْاَعْلٰى" نہ ٻڌي سگهندا ملا اعلیٰ کان. يعني شيطانن کي طاقت ناهي جو ملائڪن جي گفتگو ٻڌي سگهن "وَيُقْذَفُوْنَ مِنْ كُلِّ جَانِبٍ ۝ دُحُوْرًا" ۽ اهي ڀڄائڻ جي لاءِ هر طرف کان اُمڙ هنيا ويندا. يعني جيڪڏهن شيطان ملائڪن جي گفتگو ٻڌڻ جي لاءِ مٿي چڙهڻ جي ڪوشش ڪندا تہ ڪين چئني طرفن کان اُمڙ هنيا ويندا نہ ٻيهي سگهندا نہ ٻڌي سگهندا. "وَلَهُمْ عَذَابٌ وَّاصِبٌ ۝" ۽ انهن جي لاءِ هميشه وارو عذاب آهي. يعني انهن کي کٽڻ وارو عذاب نہ ٿيندو اڻ کٽ عذاب هوندو. (٢) "اِلَّا مَنْ خَطِفَ الْخَطْفَةَ فَاَتْبَعَهٗ شِهَابٌ ثَاقِبٌ" مگر جنهن هڪ ڀيرو جهٽ هنيو جهٽ هڻڻ تيان جي پويان ٻرندڙ اُمڙ لڳندو آهي.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن جي بعثت وقت عرب ۾ پوپن جو وڏو زور شور هو هر جاءِ تي اهڙا ماڻهو گهڻي تعداد ۾ ملندا هئا جيڪي غيب ڄاڻڻ جون دعوائون ڪندا هئا اهو انهن جو ڌنڌو هو جنهن سان ڪين گهڻو مال ملندو هو. ڪنهن جي ڪا شيءِ گم ٿي وئي يا ڪنهن جو ڪو عزيز بيمار ٿي پيو ڪنهن نئين ڪاروبار جو پروگرام بنايو ڪو وڏي سفر جي لاءِ تيار ٿيو تہ انهن سيني موقعن تي اهي وهمي ماڻهو هنن ڪوڙن غيب ڄاڻڻ جي دعویٰ ڪندڙن وٽ ايندا هئا هي وڏا چالاڪ هوندا هئا اهڙي ٻتي ڳالهہ ڪندا هئا جو اهي پڇڻ وارا ڪائنئن مطمئن ٿي ويندا هئا ۽ ماڻهن جو انهن جي متعلق اهو عقيدو هوندو هو تہ ڪو جنُّ ڪين اهي ڳالهيون ٻڌائي ٿو جڏهن حضرت حبيب ڪريم عليه التحية والتسليم جن جي بعثت ٿي ۽ پاڻ پنهنجي نبوت جو اعلان فرمايائون ۽ ٻڌايائون تہ آسمان کان هڪ ملائڪ وحي ڪٽي سندن خدمت ۾ اچي ٿو تہ عرب وارن ڪين بہ هڪ ڪاهن (پوپو) خيال ڪري وحي کي انهن ڪاهن جي اقوال تي قياس ڪيو ۽ ائين سمجهڻ لڳا تہ سندن خدمت ۾ بہ ڪو جنُّ اچي ٿو جيڪو ڪين اهي ڳالهيون سيکاري ٿو. هن آيتن سان انهن جي ان باطل گمان جي ترديد ڪئي وئي تہ جنهن ڏينهن کان حضور صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جن نبوت جو اعلان فرمايو ان

(١) روح المعاني ص٦٨ جز ٢٣ جلد ٨ (٢) القاسمي ص٩٦ جز ١٤ جلد ٨

ڏينهن کان وٺي آسمانن تي نگراني سخت ڪئي وئي آهي ۽ هاڻي ڪنهن شيطان يا جن جي مجال ئي ناهي جو عالم بالا ۾ جهان جي متعلق انتظامات جا جيڪي فيصلا ڪيا ٿا وڃن انهن تي آگاهه ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ۽ اتي جا راز هتي ظاهر ڪن اول تہ ڪنهن شيطان ۽ جنّ کي ائين ڪرڻ جي همت ئي ناهي پر جيڪڏهن ڪو پنهنجي شرير طبع سان ائين ڪري بہ تہ ان جي پويان ٻرندڙ اُمڙ لڳي ٿا پون جيڪي ان کي ساڙي ڇار بنائي ڇڏيندا آهن ان جي ڪري هاڻي نہ پوپائي رهي نہ پوپا رهيا.

فائدا.

مذڪوره آيتن ۾ان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا: عـ ١- "وَالصّٰٓفّٰتِ صَفًّا" (قطارون ڪري صفون ٻڌندڙن جو قسم آهي) مان مراد غازي بہ آهن جيڪي جهاد جي ميدان ۾ صفون ٻڌي بيهندا آهن يا اهي نمازي جيڪي جماعت ۾ صفون ٻڌي بيهندا آهن. ان مان معلوم ٿيو تہ نماز باجماعت ۽ جهاد الله جل شانه کي تمام گهڻا پيارا آهن جو انهن جو قسم کنيو اٿس. ٢- "فَالزّٰجِرٰتِ زَجْرًا" (پوءِ سختيءَ سان جهڻڪيندڙن جو قسم آهي) هن مان مراد اهي فرشتا آهن جيڪي بادلن ۽ هوائن کي جهڻڪيندي هلائيندا آهن يا اهي علماءِ دين جيڪي ماڻهن کي برائين کان سختيءَ سان روڪيندا آهن يا اهي غازي جيڪي جهاد جي ميدان ۾ گهوڙن کي سختيءَ سان ڌمڪائيندي ڊوڙائيندا آهن. ٣- "فَالتّٰلِيٰتِ ذِكْرًا" (پوءِ ذڪر کي تلاوت ڪندڙن جو قسم آهي) ذڪر مان مراد قرآن ڪريم ۽ تلاوت ڪندڙن مان مراد نماز ۾ يا وعظ ۾ يا جهاد ۾ تلاوت ڪندڙ آهن. هن مان معلوم ٿيو تہ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ نهايت اهم عبادت آهي جيڪا سفر توڙي حضر ۾ ڇڏڻ نہ گهرجي بلڪ جهاد دوران تہ ان ڏانهن گهڻو توجه ڪرڻ گهرجي ڇوتہ موت اکين جي اڳيان آهي، اصحاب سڳورا هلندڙ جهاد ۾ بہ جماعت نہ ڇڏيندا هئا بلڪ خوف واري نماز ادا ڪندا هئا افسوس آهي انهن مسلمانن تي جيڪي بنا ڪنهن معقول عذر جي جماعت بلڪ نماز ئي ڇڏي ڏين ٿا. ٤- "اِنَّ اِلٰهَكُمْ لَوَاحِدٌ" (بلاشڪ اوهان جو معبود هڪ آهي) هي مذڪوره قسمن جو جواب آهي هن مان الله جل شانه جي توحيد بيان ٿي پر بيان جي انداز مان حضرت حبيب پاڪ عليه الصلوة

والسلام جن جو شان بہ واضح ٿي رهيو آهي جو الله جل شانه پنهنجي توحيد انهن
مذڪوره جماعتن جي قسم سان بيان فرمائي ۽ نبي ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جن
جي رسالت قرآن ڪريم ۽ پنهنجي پاڪ ذات جي قسم سان بيان فرمائي. جنهن مان
سندن محبوبيت جا انوار نظر اچي رهيا آهن. جيئن ارشاد مبارڪ آهي "يٰسٓ وَالْقُرْاٰنِ
الْحَكِيْمِ اِنَّكَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ" يس- قرآن حڪيم جو قسم آهي تہ بلاشڪ اوهان
مرسلن مان آهيو. ۽ ٻيو فرمان آهي "فَلَا وَرَبِّكَ لَا يُؤْمِنُوْنَ حَتّٰى يُحَكِّمُوْكَ" اوهان جي
رب جو قسم آهي تہ جيستائين اهي اوهان کي پنهنجو حاڪم نہ مڃيندا ايمان وارا نہ
بنجندا.

فَاسْتَفْتِهِمْ اَهُمْ اَشَدُّ خَلْقًا اَمْ مَّنْ خَلَقْنَا ۭ

پوءِ پڇ انهن کان ڇا اهي وڌيڪ مضبوط آهن خلقت ۾ يا اهي (ٻيون)شيون جيڪي اسان پيدا ڪيون

اِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّنْ طِيْنٍ لَّازِبٍ (١١)

بلاشڪ اسان پيدا ڪيو انهن کي پڪيءَ مٽيءَ مان

بَلْ عَجِبْتَ وَيَسْخَرُوْنَ ۝ (١٢) وَاِذَا ذُكِّرُوْا

بلڪہ عجب ڪيو تو ۽ (اهي) ٺٺوليون ڪن پيا ۽ جڏهن نصيحت ڪيا ٿا وڃن تہ

لَا يَذْكُرُوْنَ ۝ (١٣) وَاِذَا رَاَوْا اٰيَةً يَّسْتَسْخِرُوْنَ ۝ (١٤)

نٿا نصيحت وٺن ۽ جڏهن ڏسن ٿا ڪا نشاني.تہ ٺٺوليون ڪن ٿا.

وَقَالُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ (١٥) ءَاِذَا مِتْنَا

۽ چون ٿا تہ ناهي هي مگر جادو پڌرو ڇا جڏهن مرنداسون

وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ ۝ (١٦)

۽ هونداسون مٽي ۽ هڏا ڇا بلاشڪ اسان (قبرن مان) اٿاريل آهيون

اَوَ اٰبَآؤُنَا الْاَوَّلُوْنَ ؕ(١٧) قُلْ نَعَمْ وَاَنْتُمْ دَاخِرُوْنَ ج(١٨)

يا اسان جا پهريان ابا ڏاڏا؟ فرماءِ تہ هائو ۽ اوهان ذليل هوندا

فَاِنَّمَا هِيَ زَجْرَةٌ وَّاحِدَةٌ فَاِذَا هُمْ يَنْظُرُوْنَ (١٩)

پوءِ صرف اها هڪ جهٽڪ آهي پوءِ اتي جو اتي اهي ڏسڻ لڳندا.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ الله سبحانه وتعالیٰ پنهنجي توحيد، خالقيت، علم ۽ قدرت بيان فرمائي ۽ هنن آيتن ۾ حشر ۽ نشر کي ان طرح ثابت ڪيو اٿس تہ اوهان جو وري پيدا ڪرڻ انهن وڏين شين جي پيدا ڪرڻ کان ڏکيو ناهي. فرمان ايزدي آهي "فَاسْتَفْتِهِمْ اَهُمْ اَشَدُّ خَلْقًا اَمْ مَّنْ خَلَقْنَا" پوءِ انهن کان پڇو تہ ڇا اهي پاڻ خلقت ۾ وڌيڪ مضبوط آهن يا جيڪا ٻي مخلوق اسان پيدا فرمائي آهي؟ يعني اي محبوب (عليه الصلوٰة والسلام) انهن قيامت جي منڪرن کان پڇو تہ هنن شين مان (پيدا ڪرڻ ۾ وڌيڪ ڏکي ۽ مضبوط شيءِ ڪهڙي آهي؟ پاڻ پيدا ٿيڻ ۾ وڌيڪ ڏکيا آهن يا آسمان، زمين ۽ جيڪا مخلوق ملائڪ وغيره انهن ۾ آهن اهي پيدا ٿيڻ ۾ ڏکيا آهن؟ اهو سوال انهن کان کين تنبيه ڪرڻ جي لاءِ ڪيو ويو آهي ڇوتہ اهي ان ڳالهہ جا اقراري تہ هئا تہ مذڪوره شيون انسانن کان ڏکيون آهن. ۽ جڏهن ائين آهي تہ پوءِ انسانن جي وري پيدا ٿيڻ ۽ محشر جي ميدان ۾ اچڻ جو انڪار ڇوتا ڪن؟ "اِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّنْ طِيْنٍ لَّازِبٍ" يقينًا اسان انهن کي پڪيءَ چيڪيءَ مٽيءَ مان پيدا فرمايو آهي. يعني سندن اصل ۽ ابي حضرت آدم علیٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام کي اسان پڪي چيڪيءَ مٽيءَ مان پيدا فرمايو. ۽ اها کين خبر آهي تہ پوءِ ڪيئن تا انڪار ڪن تہ اسين کين جيئرو ڪري قبرن مان اٿاري نہ سگهنداسون (١) هن کان پوءِ الله جل شانه پنهنجي حبيب عليه الصلوٰة والسلام جن سان خطاب ڪندي فرمايو

(١) المراغي صہ ٤٦ جزء ٢٣ جلد ٨

بَلْ عَجِبْتَ وَيَسْخَرُوْنَ ﴿ بلڪ اوهان عجب ۾ ٿا پئو ۽ اهي ٺٺوليون پيا ڪن. مطلب تہ اهي ماڻهو صرف انڪار نہ ٿا ڪن بلڪہ ان عقيدي تان ٺٺوليون ڪن ٿا اوهان عجب ٿا ڪيو تہ اهي ماڻهو قبرن مان اٿارڻ واري الله جل شانه جي قدرت جي انڪار ڪرڻ ۾ ڪيترا دلير آهن (١). "وَاِذَا ذُكِّرُوْا لَا يَذْكُرُوْنَ ﴿ ۽ جڏهن نصيحت ڪيا وڃن ٿا تہ نصيحت نٿا وٺن. مطلب تہ جڏهن انهن کي قبرن مان اٿي محشر جي ميدان ۾ اچڻ جي مڃڻ ۽ انڪار نہ ڪرڻ جي لاءِ نصيحت ڪجي ٿي تہ اها نصيحت قبول ڪرڻ جي لاءِ بالڪل تيار ناهن "وَاِذَا رَاَوْا اٰيَةً يَّسْتَسْخِرُوْنَ ﴿ ۽ جڏهن ڪا نشاني ڏسن ٿا تہ ٺٺول ڪن ٿا. يعني انهن نبوت جي اثبات لاءِ انهن کي معجزو ڏيکاريو وڃي ٿو تہ ان تي بہ مسخرائپ، ٺٺول ۽ چٽر جو مظاهرو ڪن ٿا. "اٰيَةً" مان مراد اهڙو خاص واقعو آهي جنهن سان نبوت ثابت ٿئي "وَقَالُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿ ۽ چيائون تہ هي تہ صرف پڌرو جادو آهي. يعني قرآن ڪريم جي اعجازي اثر، ۽ نبي پاڪ عليه الصلوٰة والسلام جن جي هر معجزي جي ٽال مٽول ڪري چون ٿا تہ هي تہ ڪليل ۽ پڌرو جادو آهي مطلب تہ سڌو سنئون انڪار ڪرڻ جي بجاءِ ان کي جادو چون ٿا (٢) ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا ءَاِنَّا لَمَبْعُوْثُوْنَ اَوَ اٰبَآؤُنَا الْاَوَّلُوْنَ ﴿ ڇا جڏهن اسين مرنداسون ۽ مٽي ۽ هڏا ٿي وينداسون ڇا پڪ اسين يا اسان جا پهريان ابا ڏاڏا البتہ اٿاريل آهيون. مطلب تہ جڏهن اسين مرڻ کان بعد قبرن ۾ سڙي مٽي ۽ هڏا ٿي وينداسون يا اسان جا اڳ ۾ وفات ڪري ويل ابا ڏاڏا سيئي وري قبرن مان اٿاريا وينداسون؟ اسين ڪيئن مڃون تہ اهو ٿي سگهندو. "قُلْ نَعَمْ وَاَنْتُمْ دَاخِرُوْنَ ﴿ فَاِنَّمَا هِيَ زَجْرَةٌ وَّاحِدَةٌ فَاِذَا هُمْ يَنْظُرُوْنَ" فرماءِ تہ هائو ۽ اوهان ذليل هوندؤ اها تہ صرف هڪ جهٽڪ آهي پوءِ ان وقت اهي ڏسندا رهندا. يعني قبرن مان اٿارڻ وارو فيصلو يقيني ۽ قطعي آهي اوهان انهن کي فرمايو تہ هائو اوهان ان حال ۾ اٿاريا ويندؤ جو نهايت ذليل هوندؤ ان ۾ گهڻي دير نہ لڳندي هڪ ئي جهٽڪ سان سڀ اٿندا ۽ اٿڻ کان پوءِ هڪ ٻئي ڏانهن نهاريندا رهندا ۽ هتي انڪار ڪرڻ جي اتي سزا بہ ڏسندا.

(١) القرطبي صـ ٦٩ جلد ١٥ (٢) حاشيه دريا بادي صـ ٨٩٤

فائدا.

مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- "فَاسْتَفْتِهِمْ اَهُمْ اَشَدُّ خَلْقًا اَمْ مَّنْ خَلَقْنَا" (انهن کان پڇو تہ اهي خلقت ۾ وڌيڪ ڏکيا آهن يا جيڪي اسان پيدا فرمايا؟) هنن سهڻن لفظن سان معلوم ٿيو تہ انسان جيڪڏهن عقل کي صحيح نموني استعمال ڪري تہ ان سان بہ مڃڻ آسان ٿيندو تہ الله جل شانه مري ويلن کي قبرن مان اٿارڻ تي قادر آهي. ٢- "مِنْ طِيْنٍ لَّازِبٍ" (چيڪي مٽيءَ مان) معلوم ٿيو تہ انسان جي شروعات ۾ ئي چنبڙڻ ۽ ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ سان گهڻو گهاٽو رهڻ رکيل آهي اهوئي سبب آهي جو انسان سان يا دنيا يا دين يا شيطان يا الله جل شانه جي حبيب عليه الصلوة والسلام جن جي دامن سان چنبڙيل رهندو آهي ٣- "وَقَالُوْٓا اِنْ هٰذَآ اِلَّا سِحْرٌ مُّبِيْنٌ" (۽ چيائون هي تہ صرف کليل جادو آهي) مان واضح ٿيو تہ ڪافرن کي عقل جي دولت بہ نصيب نہ هئي نہ تہ ائين نہ چون ها. عقل وارا قرآن ڪريم کي جادو نہ چوندا. ڇوتہ جادو آسمان کان مٿي نہ هلندو ۽ جادوءَ سان ڪنهن بہ شيءِ جي حقيقت نہ بدلجندي.

وَقَالُوْا يٰوَيْلَنَا هٰذَا يَوْمُ الدِّيْنِ (٢٠)

۽ چوندا اي اسان جي هلاڪت! هي قيامت جو ڏينهن آهي

هٰذَا يَوْمُ الْفَصْلِ الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ع (٢١)

هي فيصلي جو ڏينهن آهي جنهن کي اوهان ڪوڙو چوندا هيئو

اُحْشُرُوا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا وَاَزْوَاجَهُمْ وَمَا كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ لا (٢٢)

اٿاريو انهن کي جن ظلم ڪيو ۽ انهن جي جوڙ وارن کي ۽ جن جي عبادت ڪندا هئا

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَاهْدُوْهُمْ اِلٰى صِرَاطِ الْجَحِيْمِ (٢٣)

الله کان سواءِ پوءِ وٺي هلو انهن کي جهنم جي واٽ ڏانهن

الربع ٥ (ع-١)

وَقِفُوْهُمْ اِنَّهُمْ مَّسْئُوْلُوْنَ لا (٢٤) مَالَكُمْ

۽ بيهاريو انهن کي بلاشڪ اهي پڇاڻو ڪيل آهن ڇا آهي اوهان کي

لَاتَنَاصَرُوْنَ (٢٥) بَلْ هُمُ الْيَوْمَ مُسْتَسْلِمُوْنَ (٢٦)

هڪ ٻئي جي مدد نٿا ڪيو بلڪ اهي اڄ ڪنڌ جهڪائيندڙ آهن

تفسير.

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي طرفان قبرن مان اٿڻ جي انڪار جو ذڪر هو ۽ هتي قيامت جي ڏينهن انهن جي حسرت ۽ پيشمان ٿيڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَقَالُوْا يٰوَيْلَنَا هٰذَا يَوْمُ الدِّيْنِ" ۽ چوندا تہ اي اسان جي هلاڪت، هيءُ بدلي جو ڏينهن آهي. قتاده رضي الله عنه جو قول آهي تہ: ان جي معنىٰ آهي تہ هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ الله جل شانه ٻانهن کي سندن عملن جي سزا ڏيندو. (١) "هٰذَا يَوْمُ الْفَصْلِ الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ" هي فيصلي جو اهو ڏينهن آهي جنهن کي اوهان ڪوڙو چوندا هيئو. يعني انهن کي چيو ويندو تہ هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ الله جل شانه پنهنجن ٻانهن ۾ فيصلو ڪرڻ فرمائيندو ۽ سندن اختلافن کي عدل ۽ انصاف سان طي ڪندو. (٢) "اُحْشُرُوا الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا وَاَزْوَاجَهُمْ وَمَا كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ لا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَاهْدُوْهُمْ اِلٰى صِرَاطِ الْجَحِيْمِ" جن ظلم ڪيو انهن کي ۽ سندن جوڙ وارن کي ۽ جن جي الله کان سواءِ عبادت ڪندا هئا اٿاريو پوءِ انهن کي جهنم ڏانهن وٺي هلو. يعني الله جل شانه ملائڪن کي فرمائيندو تہ انهن مشرڪن ڪافرن، سندن ساٿ ۽ جوڙ وارن ۽ سندن باطل معبودن کي جن جي الله جل شانه کان سواءِ عبادت ڪندا هئا اٿاري هڪ هنڌ گڏ ڪري سڌو جهنم ڏانهن وٺي هلي پهچايو. پوءِ ملائڪ انهن کي قبرن مان ۽ جتي هوندا اٿاري گڏ ڪري جهنم ڏانهن وٺي ايندا. "وَقِفُوْهُمْ اِنَّهُمْ مَّسْئُوْلُوْنَ لا" ۽ انهن کي بيهاريو بلاشڪ اهي پڇاڻو ڪيل آهن. مطلب تہ اول ڪين

(١) الدرالمنثور صـ٨٢ جلد٧ (٢) ايسرالتفاسير صـ٦٧۴ جلد٣

جهنم ۾ وجهڻ جي لاءِ حڪم ٿيندو ۽ وري ڪين رسوا، خوار ۽ ذليل ڪرڻ جي لاءِ روڪي بيهارڻ جو حڪم ڪيو ويندو. تانت محشر جي ميدان وارا ڏسن ته سندن ڪيترو برو حال ٿيو آهي. "مَالَكُمْ لَا تَنَاصَرُوْنَ بَلْ هُمُ الْيَوْمَ مُسْتَسْلِمُوْنَ" اوهان کي ڇا آهي جو هڪ ٻئي جي مدد نٿا ڪيو بلڪ اهي اڄ ڪنڌ جهڪائيندڙ آهن. ڪافر دنيا ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪندا ۽ ان تي فخر ڪندا هئا جيئن ابوجهل بدر جي ميدان ۾ چيو هو ته نَحْنُ جَمِيْعٌ مُّنْتَصِرٌ- اسين مدد ڪيل ٽولو آهيون. انهن کي قيامت جي ڏينهن حڪم ڪيو ويندو ته اڄ هڪ ٻئي جي مدد ڇو نه ٿا ڪيو. بلڪ اهي ڪافر اڄ ڪنڌ جهڪائيندڙ، ذليل ۽ خوارهوندا ڪنهن به قسم جي عزت نصيب نه ٿيندين.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١- آيت عـ٢٠ مان معلوم ٿيو ته قيامت جي ڏينهن الاهي عذاب ڏسي پوءِ ايمان آڻڻ نفعو نه ڏيندو. ٢- آيت عـ٢١ کان عـ٢٣ مان معلوم ٿيو ته ڪافرن جا ۽ مشرڪن جا جيترا به قسم هوندا اهي سيئي ۽ سندن باطل معبود گڏ ڪري اتاريا ويندا. ۽ اهو به معلوم ٿيو ته قيامت جي ڏينهن جا مختلف نالا آهن جيڪي ان ڏينهن جي مختلف ڪمن ۽ حالتن جي لحاظ سان رکيل آهن ان لحاظ سان جوان ڏينهن هر ماڻهوءَ کي سندس اعمال جو بدلو ملندو ان جو نالو"يوم الدين"آهي ۽ ان لحاظ سان جو ان ۾ عدل ۽ انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو ان جو نالو"يوم الفصل"آهي "ظَلَمُوْا" مان مراد ڪافر ۽ "اَزْوَاجَهُمْ" (سندن جوڙ) مان مراد انهن کي گمراهه ڪرڻ وارا شيطان آهن (١)

٣- "وَقِفُوْهُمْ اِنَّهُمْ مَّسْئُوْلُوْنَ" (۽ انهن کي بيهاريو اهي پڇاڻو ڪيل آهن) جي متعلق ديلمي ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ته: ان آيت ۾ ذڪر ڪيل پڇاڻي مان مراد آهي ته ماڻهن کان حضرت علي ۽ اهل بيت اطهار جي محبت جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو. ۽ هن روايت لکڻ کان پوءِ علامر آلوسي لکيو آهي ته اصح قول هي آهي ته اهو سوال عقائد ۽ اعمال جي متعلق هوندو ۽ حضرت علي ۽ خلفاء راشدين رضي الله عنهم جي محبت به ان ۾ داخل آهي. (٢)

(١) نورالعرفان صـ٧١٣ (٢) روح المعاني صـ٨٠ جزء ٢٣ جلد٨

وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ (٢٧) قَالُوْٓا اِنَّكُمْ

۽ سامهون ٿيندا هڪ ٻئي کان پڇندا چوندا بلاشڪ اوهان

كُنْتُمْ تَاْتُوْنَنَا عَنِ الْيَمِيْنِ (٢٨) قَالُوْا بَلْ لَّمْ تَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ (٢٩)

ايندا هيئو اسان وٽ سڄي طرف کان چوندا بلڪ (اوهان پاڻ) مومن نه هيئو

وَمَا كَانَ لَنَا عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ بَلْ كُنْتُمْ قَوْمًا طٰغِيْنَ (٣٠)

۽ نه هو اسان جو اوهان تي ڪو زور بلڪ هيئو اوهان قوم سرڪشي ڪندڙ

فَحَقَّ عَلَيْنَا قَوْلُ رَبِّنَا اِنَّا لَذَآئِقُوْنَ (٣١)

پوءِ ثابت ٿيو اسان تي فرمان اسان جي رب جو بيشڪ اسين البت چکندڙ آهيون

فَاَغْوَيْنٰكُمْ اِنَّا كُنَّا غٰوِيْنَ (٣٢) فَاِنَّهُمْ

پوءِ اسان اوهان کي گمراهه ڪيو بلاشڪ اسين گمراهه هئاسين پوءِ بلاشڪ اهي

يَوْمَئِذٍ فِي الْعَذَابِ مُشْتَرِكُوْنَ (٣٣) اِنَّا كَذٰلِكَ نَفْعَلُ

ان ڏينهن عذاب ۾ شريڪ آهن بيشڪ اسين اهڙي طرح ڪيون ٿا

بِالْمُجْرِمِيْنَ (٣٤) اِنَّهُمْ كَانُوْٓا اِذَا قِيْلَ لَهُمْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

مجرمن سان بيشڪ اهي هئا جڏهن چيو ويندو هو انهن کي ته ناهي ڪو سچو معبود هڪ الله کان سواءِ

يَسْتَكْبِرُوْنَ (٣٥) وَيَقُوْلُوْنَ اَئِنَّا لَتَارِكُوْٓا اٰلِهَتِنَا

ته وڏائي ڪن پيا ۽ چون پيا ته ڇا بلاشڪ اسان البت ڇڏيندڙ آهيون پنهنجن معبودن

لِشَاعِرٍ مَّجْنُوْنٍ (٣٦) بَلْ جَآءَ بِالْحَقِّ وَصَدَّقَ الْمُرْسَلِيْنَ (٣٧)

هڪ شاعر مجنون جي (چوڻ جي ڪري) بلڪ آندائين حق ۽ سچو چيائين مرسلن کي

اِنَّكُمْ لَذَآئِقُوا الْعَذَابِ الْاَلِيْمِ (٣٨) وَمَا تُجْزَوْنَ اِلَّا

بلاشڪ اوهان البت چکندڙ آهيو عذاب دردناڪ ۽ نه بدلو ڏنا ويندؤ مگر

مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ (٣٩) اِلَّا عِبَادَاللهِ الْمُخْلَصِيْنَ (٤٠)

جيڪي ڪندا هيئو مگر الله جا مخلص پانها.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ ٻڌايو ويو ته ڪافر قيامت جي ڏينهن ان تي پيشمان ٿيندا جيڪو انهن کان ٿيو هوندو ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته اهي ان تي هڪ ٻئي کي ملامت به ڪندا. ارشاد مبارڪ آهي "وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ" ۽ هڪڙا ٻين کي سامهون ٿي سوال جواب ڪندا" هتي ان گفتگوء جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي جيڪا قيامت جي ڏينهن گمراهه قومي سردارن ۽ سندن گمراهه پوئلڳن جي وچ ۾ ٿيندي. ان بيان مان مقصد اهو آهي ته اسين الله جل جلاله جو حڪم ڇڏي ٻئي ڪنهن جي چوڻ تي نه هلون ۽ اها دوستي ۽ تعلق جنهن جو بنياد اسلام کان روگرداني، قرآن ۽ سنت کان انحراف، الله جل شانه ۽ ان جي پياري رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم کان بغاوت تي هوندو اها قيامت جي ڏينهن ڪنهن ڪم جي نه رهندي بلڪ هڪ وبال بڻجندي.

"قَالُوْٓا اِنَّكُمْ كُنْتُمْ تَاْتُوْنَنَا عَنِ الْيَمِيْنِ" چوندا ته بلاشڪ اوهان اسان وٽ سڄي طرف کان ايندا هيئو. اليمين جي لفظي معنىٰ سڄو پاسو آهي جيئن ترجمي ۾ لکي آيا آهيون پر هتي ان مان مراد قوت ۽ طاقت آهي. عن اقوي الوجود. (١) يعني

(١) البيضاوي ڪامل صہ ٥٩١

پوئلڳ ماڻهو پنهجن قومي سردارن کي چوندا تہ اوهان وڏي طاقت. قوت ۽ رعب تاب سان اسان وٽ ايندا هئا ۽ اسان کي اسلام کان هٽائي ڪفر جي مٿان مضبوط رهڻ لاءِ چوندا هئا "قَالُوْا بَلْ لَّمْ تَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ" چوندا تہ بلڪہ اوهان مومن نہ هيئو. يعني اهي گمراهہ قومي سردار انهن پوئلڳن کي چوندا تہ اوهان پاڻ ڪفر تي رهي ايمان قبول نہ ڪيو هو "وَمَا كَانَ لَنَا عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ" ۽ اسان جو اوهان تي ڪو زور نہ هو. مطلب تہ اوهان کي ڪفر تي اسان مجبور نہ ڪيو هو ۽ نہ اسان جو ان باري ۾ اوهان تي زور يا زبردستي هئي "بَلْ كُنْتُمْ قَوْمًا طٰغِيْنَ" بلڪہ اوهان سرڪش قوم هيئو. يعني ايمان اوهان پاڻ نہ قبول ڪيو اسين تہ اوهان جا صرف مددگار رهياسين جنهن جي ڪري اوهان ڪفر تي پڪا رهيا هيئو ڪفر ڪرڻ جا مجرم اصل تہ اوهان آهيو لهذا اوهان بہ عذاب جا حقدار آهيو. "فَحَقَّ عَلَيْنَا قَوْلُ رَبِّنَآ اِنَّا لَذَآئِقُوْنَ" پوءِ اسان تي اسان جي رب جو فرمان ثابت ٿيو بيشڪ اسين (عذاب جو مزو) البتہ چکندڙ آهيون. يعني الله جل شانه جي حجت اسان تي ثابت ٿي چڪي ۽ سندس فرمان تہ "مان توسان ۽ تنهنجي تابعن سان جهنم کي ضرور ڀريندس. پورو ٿي رهيو آهي اڄ اسان کي پنهنجي ڪفر، شرڪ ۽ ٻين غلط ڪمن جي سزا جو مزو چکڻو آهي "فَاَغْوَيْنٰكُمْ اِنَّا كُنَّا غٰوِيْنَ" پوءِ اسان اوهان کي گمراهہ ڪيو بلاشڪ اسين گمراهہ هئاسون. مطلب تہ اسان اوهان کي گمراهي ڏانهن سڏيو پر مجبور نہ ڪيو هو پوءِ اوهان هدايت کي ڇڏي گمراهيءَ کي قبول ڪيو اسين تہ اڳي ئي گمراهہ هئاسين پوءِ اسان تي اوهان جي ميار نٿي نهي. "فَاِنَّهُمْ يَوْمَئِذٍ فِى الْعَذَابِ مُشْتَرِكُوْنَ" پوءِ بلاشڪ اهي ان ڏينهن عذاب ۾ شريڪ آهن. يعني اڳواڻ ۽ انهن جا پوئلڳ عذاب ۾ گڏ هوندا جيئن گمراهيءَ ۾ گڏ هئا "اِنَّا كَذٰلِكَ نَفْعَلُ بِالْمُجْرِمِيْنَ" بلاشڪ اسين مجرمن سان اهڙي طرح ڪنداسون. المقصد تہ جيئن اسان جي تشريعي حڪمت جي خواهش هوندي انهن سان اهڙو برتاءُ ڪيو ويندو. ۽ اها گمراهہ ڪندڙ ۽ گمراهہ ٿيندڙ کي گڏ سزا ڏيڻ آهي. (١) "اِنَّهُمْ كَانُوْٓا اِذَا قِيْلَ لَهُمْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ يَسْتَكْبِرُوْنَ" بلاشڪ اهي جڏهن انهن کي لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ (پڙهڻ جي لاءِ) چيو ويندو هو تہ وڏائي ڪندا هئا يعني نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن انهن کي

(١) تنويرالاذهان ص٣٣٧ جلد٣

مذكوره كلمو پڙهائڻ جي كوشش كندا هئا تہ هي تكبر ۽ غرور كري اهو نہ پڙهندا هئا "وَيَقُوْلُوْنَ اَئِنَّا لَتَارِكُوْٓا اٰلِهَتِنَا لِشَاعِرٍ مَّجْنُوْنٍ" ۽ چون پيا تہ ڇا بلاشڪ اسين پنهنجن معبودن کي هڪ شاعر، مجنون جي ڪري ڇڏي ڏينداسون. شاعر ۽ مجنون مان انهن جي مراد نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جن هئا (معاذالله) (۱) مطلب تہ اهي چوندا هئا تہ اسين هن شاعر ۽ ديواني جي چوڻ تي پنهنجن معبودن کي ڪيئن ڇڏينداسون. اهو ٿي نٿو سگهي. "بَلْ جَآءَ بِالْحَقِّ وَصَدَّقَ الْمُرْسَلِيْنَ" بلڪ حق آندائين ۽ مرسلن جي تصديق ڪري ٿو. هن ۾ مشرڪن جي مذڪوره قول جو رد آهي تہ: منهنجو پيارو نبي شاعر ۽ مجنون ناهي پر ان جيڪو پيغام آندو آهي اهو حق آهي جنهن تي برهان قائم ڪيو اٿس ۽ صرف هن جي اها دعویٰ ناهي اڳين مرسلن عليهم الصلوٰة والسلام بہ اها دعویٰ ڪئي هئي ۽ هي انهن جي تصديق ڪندڙ آهي هن جي دعویٰ بہ انهن جي دعويٰ جهڙي آهي. (۲) "اِنَّكُمْ لَذَآئِقُوا الْعَذَابِ الْاَلِيْمِ" "بلاشڪ اوهان دردناڪ عذاب چکندڙ آهيو. يعني اي ڪافرو! مجرمو! اوهان اهڙي دردناڪ عذاب ۾ پوندؤ جيڪو اوهان کي ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندو "وَمَا تُجْزَوْنَ اِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ" ۽ اوهان نہ بدلو ڏنا ويندؤ مگر جيڪي ڪندا هيئو. مطلب تہ اوهان کي مليل عذاب اوهان جي عملن جي سزا آهي ٻيو ڪجهہ ناهي "اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ" مگر الله جا سچا ٻانها. انهن کي الله جل شانه جو نعمتون نصيب ٿينديون.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ۱- "وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ" کان "اِنَّا كُنَّا غٰوِيْنَ" تائين جيڪو ذڪر ٿيو آهي. مفسرن سڳورن لکيو آهي تہ اهي سمورا سوال جواب ڪافرن جا ڪافرن سان هوندا ڪي اڳواڻ هوندا تہ ڪي سندن پوئلڳ هوندا. الله جل شانه جا انبياء عليهم الصلوٰة والسلام ۽ اولياء سڳورا ان ۾ داخل ناهن. ۲- "لِشَاعِرٍ مَّجْنُوْنٍ" (شاعر، مجنون جي چوڻ جي ڪري) هتي شاعر لفظ مان سمجهيل شعر جي مفهوم مان سندن مراد نظم نہ آهي ڇوتہ حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن ڪڏهن نظم پڙهيو ئي نہ هو بلڪ ان مان مراد ڪوڙو

(۱) تفسير خازن ص۱۷ جلد۴ (۲) المظهري ص۱۱۴ جلد۸

ڪلام آهي اهي هر ناول ۽ دلچسپ ڪلام کي شعر چوندا هئا. هتي شعر مان مراد حق جي مقابلي ۾ باطل آڻڻ آهي، ان جي ڪري الله تعاليٰ فرمايو تہ "حق آندو اٿس". ٣- "وَصَدَّقَ الْمُرْسَلِيْنَ" (۽ مرسلين جي تصديق ڪري ٿو) مان واضح ٿيو تہ اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جي تصديق حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن ڪرڻ فرمائي. انهن سندن تشريف آوري جي جيڪا بشارت ڏني هئي سندن آمد مبارڪ سان ان جي تصديق ٿي وئي. (١)

اُولٰٓئِكَ لَهُمْ رِزْقٌ مَّعْلُوْمٌ (٤١) فَوَاكِهُ وَهُمْ مُّكْرَمُوْنَ (٤٢)

اهي انهن جي لاءِ رزق مقرر آهي ميوا ۽ اهي عزت وارا آهن

فِىْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ (٤٣) عَلٰى سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ (٤٤) يُطَافُ

نعمتن وارن بهشتن ۾ تختن تي هڪ ٻئي کي سامهون ويهندڙ ڦيرايو ويندو

عَلَيْهِمْ بِكَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ (٤٥) بَيْضَآءَ لَذَّةٍ لِّلشّٰرِبِيْنَ (٤٦)

انهن تي پيالو وهندڙ شراب مان سفيد لذت وارو پيئندڙن جي لاءِ

لَا فِيْهَا غَوْلٌ وَّلَا هُمْ عَنْهَا يُنْزَفُوْنَ (٤٧) وَعِنْدَهُمْ

ناهي ان ۾ مستي جو ڦرڻ ۽ نہ اهي ان کان نشي وارا ٿيندا ۽ انهن وٽ

قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ عِيْنٌ (٤٨) كَاَنَّهُنَّ بَيْضٌ مَّكْنُوْنٌ (٤٩)

هيٺ نهاريندڙ وڏين اکين واريون هونديون جڻ تہ اهي آنا ڍڪيل آهن

فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ (٥٠) قَالَ

پوءِ سامهون ٿيندا هڪڙا انهن مان ٻين ڏانهن پڇا ڪندا چوندو

(١) نورالعرفان صـ٧١٤

قَآئِلٌ مِّنْهُمْ اِنِّیْ كَانَ لِیْ قَرِیْنٌ ۙ(٥١) یَّقُوْلُ اَئِنَّكَ

چوندڙ انهن مان بلاشڪ هو منهنجي لاءِ هڪ سنگتي چوي پيو ته ڇا پڪ تون

لَمِنَ الْمُصَدِّقِیْنَ (٥٢) ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا

البت تصديق ڪندڙن مان آهين؟ ڇا جڏهن مرنداسون ۽ هونداسون مٽي ۽ هڏا

ءَاِنَّا لَمَدِیْنُوْنَ (٥٣) قَالَ هَلْ اَنْتُمْ مُّطَّلِعُوْنَ (٥٤)

ڇا بيشڪ اسين البت بدلو ڏنل آهيون؟ چوندو ڇا اوهان لياڪو پائي ڏسندڙ آهيو

فَاطَّلَعَ فَرَاٰهُ فِیْ سَوَآءِ الْجَحِیْمِ (٥٥)

پوءِ لياڪو پائي ڏسندؤ پوءِ ڏسندؤ ان کي دوزخ جي وچ ۾

قَالَ تَاللّٰهِ اِنْ كِدْتَّ لَتُرْدِیْنِ ۙ (٥٦)

چوندو الله جو قسم آهي ته ويجهو هئين تون جو البت هلاڪ ڪرين مون کي

وَلَوْ لَا نِعْمَةُ رَبِّیْ لَكُنْتُ مِنَ الْمُحْضَرِیْنَ (٥٧)

۽ جيڪڏهن نه هجي ها منهنجي رب جي نعمت ته البت هجان ها حاضر ڪيلن مان

اَفَمَا نَحْنُ بِمَیِّتِیْنَ ۙ (٥٨) اِلَّا مَوْتَتَنَا الْاُوْلٰى وَمَا نَحْنُ

ڇا پوءِ ناهيون اسين مرڻ وارا مگر اسان جو پهريون مرڻ ۽ ناهيون اسين

بِمُعَذَّبِیْنَ (٥٩) اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْفَوْزُ الْعَظِیْمُ (٦٠)

عذاب ڪيل بيشڪ هي ءِ البت اهائي ڪاميابي وڏي آهي

لِمِثْلِ هٰذَا فَلْیَعْمَلِ الْعٰمِلُوْنَ (٦١)

هن جهڙي (نعمت) لاءِ پوءِ پلي ته عمل ڪن عمل ڪندڙ.

تفسير.

اڳين ء آيت ۾ الله تعالىٰ پنهنجن مخلص ٻانهن کي "اِلَّا" استثناء جو حرف آڻي عذاب ملندڙن ٻانهن کان جدا ڪيو ۽ هتي انهن کي ملندڙ نعمتن جو ذڪر ڪري ارشاد ٿي رهيو آهي "اُولٰٓئِكَ لَهُمْ رِزْقٌ مَّعْلُوْمٌ لا فَوَاكِهُ وَهُمْ مُّكْرَمُوْنَ" اهو انهن جي لاءِ مقرر ڪيل رزق آهي (قسمين قسمين) ميوا ۽ اهي عزت ڪيل آهن. يعني جن ٻانهن الله جل شانه جي لاءِ خلوص سان عمل ڪيا ۽ ان ڏانهن رجوع ڪيائون اهي بهشتن ۾ ٻين نعمتن سان گڏ مختلف قسمن جي ميون سان مزا ماڻيندا جن جي لذت سان گڏ خوشبوءِ بہ نرالي هوندي ۽ اهي سندن اڳيان اهڙي انداز سان آندا ويندا جو سندن اڪرام ۽ عزت نمايان نظر ايندي جيئن دنيا جي بادشاهن ۽ اميرن جي اڳيان پيش ڪيا ويندا آهن. "فِيْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ لا عَلٰى سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِيْنَ" نعمتن وارن بهشتن ۾ تختن تي هڪ ٻئي کي سامهون ويهندڙ هوندا. يعني اهو رزق انهن کي نعمتن وارن بهشتن ۾ ملندو جتي اهي جنتي تختن تي هڪ ٻئي کي سامهون ويٺل هوندا تانتہ هڪ ٻئي سان دل وندرائي وڏيڪ سڪون حاصل ڪن. ۽ ان ۾ جيڪا روحاني لذت هوندي اها صرف عقلمند ۽ داناء سمجهندا. "يُطَافُ عَلَيْهِمْ بِكَاْسٍ مِّنْ مَّعِيْنٍ ۙ" انهن تي وهندڙ شراب جو پيالو ڦيرايو ويندو. يعني جيئن انهن کي ڪاڏي جون لذتون ملنديون تيئن ڪين پيئڻ جون نعمتون بہ نصيب ٿينديون انهن جي اڳيان شراب جا پيالا آندا ويندا جيڪي سيني جي اڳيان ڦيرايا ويندا ۽ اهي شراب جي وهندڙ نهر مان ڀريا ويندا. نہ انهن ۾ ڪوٽ ايندي ۽ نہ بخل ڪيو ويندو. "بَيْضَآءَ لَذَّةٍ لِّلشّٰرِبِيْنَ ۚ" سفيد پيئندڙن جي لاءِ لذيذ هوندو. يعني ان جو رنگ اڇو چمڪندڙ ۽ نهايت سٺو هوندو دنيا جي شراب وانگر بدشڪل ڪارو يا ڦڪو نہ هوندو پيئڻ ۾ گهڻو لذيذ هوندو "لَا فِيْهَا غَوْلٌ وَّلَا هُمْ عَنْهَا يُنْزَفُوْنَ" ان ۾ نہ مٿي ڦرڻ جي ڪيفيت هوندي ۽ نہ اهي ان کان نشي وارا ٿيندا. يعني اهو شراب جسم تي اثر انداز نہ ٿيندو جيئن دنيا جو شراب مٿي کي چڪر ڏياريندو آهي يا نشو ڏياريندو آهي ۽ نہ عقل تي پردا وجهندو. الغرض تہ ان ۾ ڪنهن بہ قسم جو فساد نہ هوندو

"وَعِنْدَهُمْ قٰصِرَاتُ الطَّرْفِ عِيْنٌ" ۽ انهن وٽ هيٺ نهاريندڙ وڏين اکين واريون هونديون. يعني مذڪوره ڪائڻ ۽ پيئڻ وارين شين سان گڏ انهن کي نهايت حسين وڏين اکين واريون زالون ملنديون جيڪي حياء کي برقرار رکندي اکين کي هيٺ جهڪائيندڙ هونديون "كَاَنَّهُنَّ بَيْضٌ مَّكْنُوْنٌ" ڄڻ ته اهي ڍڪيل آنا آهن. يعني اهي پيلائيءَ ڏانهن مائل سفيد چهرن واريون هونديون جيئن پکين جا (بيضا) آنا سندن کنين ۽ پرن ۾ ڍڪيل هوندا آهن. (١) "فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ" پوءِ هڪ ٻئي کي سامهون ٿي هڪ ٻئي کان پڇا ڪندا. يعني هڪ ٻئي کان دنيا ۾ سندن مٿان گذريل حالات جو پڇندا. (٢) "قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ اِنِّىْ كَانَ لِىْ قَرِيْنٌ" انهن مان هڪ چوندڙ چوندو ته منهنجو هڪ سنگتي هو جيڪو مرڻ کان پوءِ قبرن مان اٿڻ جو انڪار ڪندو هو. ان مان مراد شيطان آهي ۽ ڪي چون ٿا ان مان مراد انسانن مان ان جو ساٿي آهي. "يَّقُوْلُ اَئِنَّكَ لَمِنَ الْمُصَدِّقِيْنَ" چوي پيو ته ڇا پڪ تون تصديق ڪندڙن مان آهين. يعني مون کي چوندو هو ته ڇا تون مرڻ کان پوءِ قبر مان اٿڻ کي سچو ڄاڻي ان جي تصديق ڪندڙن مان آهين؟ "ءَاِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَدِيْنُوْنَ" ڇا جڏهن مرنداسون ۽ مٽي ۽ هڏا ٿي وينداسون ڇا اسين بدلو ڏنل هونداسون. يعني مري مٽي ۽ هڏا ٿي وڃڻ کان پوءِ به اسان کي جزا يا سزا ملندي؟ اهڙي عقل کان مٿي ڳالهه ڪيئن ٿي سگهندي؟ "قَالَ هَلْ اَنْتُمْ مُّطَّلِعُوْنَ" چوندو ڇا اوهان جهاتي پائي ڏسندڙ آهيو؟ "قال" چوندو - ڪير چوندو؟ ان ۾ هڪ قول آهي ته ملائڪ چوندا ته ڇا اوهان گهرو ٿا ته ان نه مڃڻ واري کي جهاتي پائي جهنم ۾ ڏسي وٺو. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته جنت ۾ جهنم وارن کي ڏسڻ جي لاءِ انتظام ٿيل هوندو. ٻيو قول آهي ته اهو قائل الله جل شانه پاڻ هوندو پاڻ جنت وارن کي فرمائيندو ته: ڇا اوهان جهنم وارن جي حالت ڏسڻ گهرو ٿا؟ "فَاطَّلَعَ فَرَاٰهُ فِىْ سَوَآءِ الْجَحِيْمِ" پوءِ جهاتي پائي نهاريندو پوءِ ان کي جهنم جي وچ ۾ ڏسندو. يعني اهو جنتي شخص جهنم واري ساٿيءَ ڏانهن جهاتي پائي نهاريندو ته ان کي جهنم جي وچ ۾ ڏسندو "قَالَ تَاللّٰهِ اِنْ كِدْتَّ لَتُرْدِيْنِ" چوندو الله جو قسم تون قريب هئين جو مون کي به هلاڪ ڪري ڇڏين. "اِنْ" جو لفظ

(١) المراغي ص٥٨ جز ٢٣ جلد٨ (٢) المظهري ص١١٦ جلد٨

هتي انّ مشدد کان مخفف آهي ۽ لام فرق ڪرڻ جي لاءِ آهي. يعني تو مون کي گمراهہ ڪري هلاڪ ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو. ”وَلَوۡ لَا نِعۡمَةُ رَبِّیۡ لَكُنۡتُ مِنَ الۡمُحۡضَرِیۡنَ“ ۽ جيڪڏهن منهنجي رب جي نعمت نہ هجي ها تہ يقينًا مان بہ (جهنم ۾) حاضر ڪيلن مان هجان ها. مطلب تہ مون کي الله جل شانہ پنهنجي نعمت سان نوازي هدايت نصيب ڪئي نہ تہ مان بہ توسان گڏ جهنم ۾ حاضر هجان ها. (١) ”اَفَمَا نَحۡنُ بِمَیِّتِیۡنَ اِلَّا مَوۡتَتَنَا الۡاُوۡلٰی“ ڇا پوءِ اسين پهرين موت کان سواءِ مرڻ وارا ناهيون. يعني دنيا واري موت کان سواءِ اسين وري مرڻ وارا ناهيون اسين جنت ۾ هميشہ رهنداسون. ”اَفَمَا“ ۾ استفهام تقريري آهي. (٢) ”وَمَا نَحۡنُ بِمُعَذَّبِیۡنَ“ ۽ اسين عذاب ڪيل ناهيون. مفسرن لکيو آهي تہ بهشت وارا اهو سوال ملائڪن کان ان وقت ڪندا جڏهن موت کي ٻڪر جي شڪل ۾ فنا ٿيندي ڏسندا. جڏهن اعلان ٿيندو تہ هاڻي دائمي زندگي آهي ڪنهن تي بہ موت نہ ايندو. مذڪور سوال پڇڻ جي لاءِ نہ پر انتهائي خوشي وڏائڻ جي لاءِ هوندو. ”اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الۡفَوۡزُ الۡعَظِیۡمُ“ بلاشڪ هي البتہ اها وڏي ڪاميابي آهي. اهو گفتگو بہ انهن جنتين جو آهي يعني دنياوي مال ۽ اولاد حقيقي ڪاميابي ناهي. حقيقي ڪاميابي هيءَ آهي جيڪا اسان سڀني کي نصيب ٿي. ”لِمِثۡلِ هٰذَا فَلۡیَعۡمَلِ الۡعٰمِلُوۡنَ“ هن جهڙي لاءِ پوءِ مناسب آهي تہ عمل ڪندڙ عمل ڪن. اهو الله جل شانہ جو فرمان آهي. يعني اي ٻانهو! اهڙي ڪاميابيءَ جي لاءِ ڪوشش ڪريو.(٣)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١- ”فَوَاكِهُ“ الاية (ميوا) هن مان معلوم ٿيو تہ جنت وارن کي لذت حاصل ڪرڻ جي لاءِ قسمين قسمين ميوا کارايا ويندا. ڇوتہ اتي بک نہ هوندي. ان جي ڪري اتي اناج نہ هوندو انگور وغيره هوندا. اهڙي طرح اتي ننڊ بہ نہ هوندي ڇوتہ ننڊ ٿڪاوٽ لاهڻ جي لاءِ هوندي آهي ۽ اتي ٿڪاوٽ نہ ٿيندي ۽ ننڊ بہ اڌ موت آهي اتي موت ناهي ۽ اتي گهروارين سان صحبت اولاد جي لاءِ نہ هوندي صرف لذت حاصل ڪرڻ جي لاءِ هوندي ڇوتہ اولاد جي ضرورت وارث هجڻ جي لاءِ آهي ۽ اتي

(١) المظهري صـ١١٧ جلد٨ (٢) ايسرالتفاسير صـ٦٨٠ جلد٣ (٣) نورالعرفان صـ٧١٥

ورٿو نہ هلندو.

٢- "وَهُمۡ مُّكۡرَمُوۡنَ" (۽ اهي عزت وارا آهن) مان معلوم ٿيو تہ جنت جي نعمتن ۾ وڏي نعمت عزت ۽ اڪرام آهي ڇوتہ بيعزتيءَ جو رزق جانورن جهڙو آهي. جنت ۾ ڪنهن بہ جنتيءَ کي معلوم نہ هوندو تہ منهنجو درجو گهٽ آهي.

٣- "عَلٰى سُرُرٍ مُّتَقٰبِلِيۡنَ" (تختن تي هڪ ٻئي کي سامهون ويهندڙ هوندا) هن مان معلوم ٿيو تہ جنت وارا حلقا ٻڌي ويهندا، دنيا ۾ ذڪر جا حلقا ڄڻ تہ جنت وارن جا حلقا آهن ۽ نماز ۾ صفون ان جي ڪري ٻڌيون ويندڍيون آهن تانتہ ملائڪن سان مشابہ رهن. ٤- "قٰصِرٰتُ الطَّرۡفِ (اکيون هيٺ جهڪائيندڙيون). مان واضح ٿيو تہ جنت ۾ بہ پردو هوندو اهي ڏارئين مرد کي نہ ڏسنديون. (١)

اَذٰلِكَ خَيۡرٌ نُّزُلًا اَمۡ شَجَرَةُ الزَّقُّوۡمِ (٦٢) اِنَّا جَعَلۡنٰهَا

ڇا اها (مهماني) ڀلي آهي يا ٿوهر جو وڻ بلاشڪ اسان بڻايو ان کي

فِتۡنَةً لِّلظّٰلِمِيۡنَ (٦٣) اِنَّهَا شَجَرَةٌ تَخۡرُجُ فِىۡۤ اَصۡلِ الۡجَحِيۡمِ ۙ (٦٤)

فتنو ظالمن جي لاءِ بلاشڪ اهو وڻ آهي نڪري ٿو دوزخ جي وچ مان

طَلۡعُهَا كَاَنَّهٗ رُءُوۡسُ الشَّيٰطِيۡنِ (٦٥) فَاِنَّهُمۡ

گوشا ان جا ڄڻ تہ اهي شيطانن جا متا آهن پوءِ بلاشڪ اهي

لَاٰكِلُوۡنَ مِنۡهَا فَمَالِـُٔوۡنَ مِنۡهَا الۡبُطُوۡنَ ؕ (٦٦) ثُمَّ اِنَّ لَهُمۡ

البتہ ڪائيندڙ آهن ان مان پوءِ ڀريندڙ آهن انهن مان پيٽ ان ڪان پوءِ بلاشڪ انهن جي لاءِ

عَلَيۡهَا لَشَوۡبًا مِّنۡ حَمِيۡمٍ ۚ (٦٧) ثُمَّ اِنَّ مَرۡجِعَهُمۡ

ان تي البتہ ملا وٽ آهي ٿهڪندڙ گرم پاڻيءَ مان تنهن ڪا پوءِ بيشڪ انهن جو موٽڻ آهي

(١) ساڳيو حوالو

لَاۡاِلَى الۡجَحِيۡمِ (٦٨) اِنَّهُمۡ اَلۡفَوۡا اٰبَآءَهُمۡ ضَآلِّيۡنَ (٦٩) فَهُمۡ
دوزخ ڏانهن بلاشڪ انهن لڌو ابن ڏاڏن پنهنجن کي گمراهہ پوءِ اهي
عَلٰٓى اٰثَارِهِمۡ يُهۡرَعُوۡنَ (٧٠) وَلَقَدۡ ضَلَّ قَبۡلَهُمۡ اَكۡثَرُ الۡاَوَّلِيۡنَ (٧١)
انهن جي (پيرن جي) نشانن تي ڊوڙن ٿا ۽ البتہ تحقيق گمراهہ ٿيا انهن کان اڳي گهڻا پهرين مان
وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا فِيۡهِمۡ مُّنۡذِرِيۡنَ (٧٢) فَانۡظُرۡ
۽ البتہ تحقيق موڪليا سون انهن ۾ ڊيڄاريندڙ پوءِ ڏس تہ
كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الۡمُنۡذَرِيۡنَ (٧٣) اِلَّا عِبَادَاللّٰهِ الۡمُخۡلَصِيۡنَ (٧٤) ع ٣/٥ ٦
ڪهڙي طرح هئي پڇاڙي ڊيڄاريلن جي مگر خالص ٻانها الله جا.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ الله جل شانه جنت وارن کي ملندڙ نعمتن جو ذڪر فرمايو ۽ هتان کان ڪافرن کي ملندڙ سزا جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ارشاد مبارڪ آهي "اَذٰلِكَ خَيۡرٌ نُّزُلًا اَمۡ شَجَرَةُ الزَّقُّوۡمِ" ڇا مهمانيءَ ۾ اهو ڀلو آهي يا ٿوهر جو وڻ. يعني جيڪو مقرر رزق مون جنت وارن کي سندن عزت افزائي جي لاءِ ڏنو اهو ڀلو آهي يا جيڪو ٿوهر جو وڻ جهنم وارن کي کارايو ويندو اهو وڌيڪ آهي؟ "اِنَّا جَعَلۡنٰهَا فِتۡنَةً لِّلظّٰلِمِيۡنَ" بلاشڪ اسان ان کي ظالمن جي لاءِ فتنو بنايو آهي. "فِتۡنَةً" جي معنى دنيا ۾ امتحان ۽ آزمائش آهي ۽ آخرت ۾ عذاب. (١) يعني ان ٿوهر جو ذڪر ظالمن، مڪه مڪرمه ۾ رهندڙن ڪافرن قريشين جي لاءِ امتحان آهي جو چون پيا تہ باهہ ۾ تہ وڻ سڙي ويندا آهن هي ٿوهر جهنم ۾ ڪيئن هوندو؟ ۽ اهو انهن جي لاءِ آخرت ۾ عذاب آهي "اِنَّهَا شَجَرَةٌ تَخۡرُجُ فِيۡۤ اَصۡلِ الۡجَحِيۡمِ" بلاشڪ اهو وڻ جهنم

(١) ايسر التفاسير صـ ٦٨٢ جلد ٣

جي تري مان نڪري ٿو. مطلب تہ نڪرندو تہ جھنم جي تري مان پر ان جون ٽاريون باھ جي وچ ۾ بہ سرسبز سايون ھونديون. "طَلْعُهَا كَأَنَّهُ رُءُوسُ الشَّيَاطِينِ" ان جا گوشا چڻ تہ اھي شيطانن جون منڍيون آھن. يعني اھي ڏسڻ ۾ ئي ناپسند ھوندا. "فَإِنَّهُمْ لَآكِلُونَ مِنْهَا فَمَالِئُونَ مِنْهَا الْبُطُونَ" پوءِ بلاشڪ اھي انھن مان کائيندڙ آھن پوءِ انھن مان پيٽ ڀريندڙ آھن. يعني اھي مشرڪ ڪافر گھٽي بک لڳڻ جي ڪري ان ٿوھر جي زھر جھڙي ڪوڙي وڻ مان کائي پنھنجا پيٽ ڀريندا. "ثُمَّ إِنَّ لَهُمْ عَلَيْهَا لَشَوْبًا مِّنْ حَمِيمٍ" ان کان پوءِ بلاشڪ انھن جي لاءِ ان جي مٿان نھايت ٽھڪندڙ پاڻيءَ مان ملاوٽ آھي. يعني اھي جڏھن بک کان اھو ٿوھر کائي پيٽ ڀريندا تہ اڃ لڳڻ جي ڪري ان جي مٿان وري جھنم جي باھ ۾ گرم تيل ٽھڪندڙ پاڻي ملائي پياريا ويندا. "ثُمَّ إِنَّ مَرْجِعَهُمْ لَإِلَى الْجَحِيمِ" ان کان پوءِ بلاشڪ انھن جو البتہ جھنم ڏانھن موٽڻ آھي. يعني اھو جھنم جو ٿوھر ۽ گرم پاڻي ڪين جھنم جي مخصوص مقامن ۾ ڏئي وري بہ ڪين جھنم ۾ ئي رکيو ويندو. (١) "إِنَّهُمْ أَلْفَوْا آبَاءَهُمْ ضَالِّينَ" بلاشڪ انھن پنھنجن ابن ڏاڏن کي گمراھ لڌو ھو. پوءِ انھن جي اقتداء ڪري پاڻ بہ گمراھ ٿيا "فَهُمْ عَلَىٰ آثَارِهِمْ يُهْرَعُونَ" پوءِ اھي انھن جي پيرن (جي نشانن) تي ڊوڙن پيا. يعني اھي ان سزا جا حقدار ان جي ڪري ٿيا جو پنھنجن ابن ڏاڏن جي سوچ ۽ فڪر کان سواءِ اقتداء ڪيائون ۽ ان ۾ تڪڙا رھيا. (٢) "وَلَقَدْ ضَلَّ قَبْلَهُمْ أَكْثَرُ الْأَوَّلِينَ" ۽ انھن کان اڳي پھرين مان گھڻا گمراھ ٿيا. يعني مڪہ مڪرمہ جي رھاڪو مشرڪن کان اڳي بہ تمام گھڻا ماڻھو گمراھ ٿيا ھئا جو الله جل شانہ کان سواءِ ٻيا باطل معبود بنايا ھيائون "وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا فِيهِم مُّنذِرِينَ" ۽ البتہ تحقيق اسان انھن ۾ ڊيڄاريندڙ موڪليا ھئا. مطلب تہ اسان انھن ۾ انبياء ڪرام عليھم الصلواة والسلام کي موڪليو ھو جن انھن کي اسان جي عذاب ۽ پڪڙ کان ڊيڄاريو ھو پر انھن جي ھدايت تي نہ ھليا انھن جي مخالفت ڪيائون انھن کي ڪوڙو چيائون ۽ انھن جي دين واري دعوت کي قبول نہ ڪيائون "فَانظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنذَرِينَ" پوءِ ڏس تہ انھن ڊيڄاريلن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ يعني الله جي نبين عليھم الصلواة والسلام جن کي ڊيڄاريو ۽ انھن نہ مڃيو انھن جي

(١) ساڳيو حوالو (٢) المظھري ص ١١٩ جلد ٨

پڇاڙي ڏسو تہ خراب ٿي الله جل شانه انهن کي تباھ ڪيو ۽ ايمان وارن کي عذاب کان نجات ڏياري "فَانْظُرْ" (پوءِ ڏس) ۾ خطاب هر ان شخص سان آهي جنهن انهن هلاڪ ڪيلن جا آثار ڏٺا انهن جون خبرون پڌيون. مڪه مڪرمه جي رهاڪو قريشي ڪافرن کي تہ خبر هئي تہ حضرت نوح عليه السلام جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود وغيرهم جون هلاڪتون ڪيئن ٿيون هيون. "اِلَّا عِبَادَاللهِ الْمُخْلَصِيْنَ" مگر الله جا خالص ٻانها. هن آيت ۾ الله جل شانه هلاڪ ٿيندڙن ڪافرن کان پنهنجن خالص ٻانهن کي جدا ڪري ٻڌايو تہ انهن جي عاقبت ڀلي ٿي ايمان جي دولت سان مالا مال هجڻ جي ڪري عذاب کان محفوظ ٿيا. (١)

فائدا.

مذڪوره آيتن جا مزيد وضاحتي فائدا هي آهن. ١- "شَجَرَةُ الزَّقُّوْمِ" (ٿوهر جو وڻ) جي وضاحت ڪندي مفسرن لکيو آهي تہ اهو هڪ وڻ جو نالو آهي جيڪو جزيرهء عرب جي تهامه نالي علائقي ۾ لڌو ويندو آهي، علامه آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي تہ ٻين بنجر ميدانن ۾ بہ هوندو آهي، بعض حضرات جو قول آهي تہ زقوم اهو وڻ آهي جنهن کي ٿوهر سڏيو ويندو آهي اهڙي نموني جو هڪ وڻ هندوستان ۾ "نانگ جي ڦڻ" جي نالي سان مشهور آهي، قرين قياس اها ڳالهہ آهي تہ زقوم اهو آهي. ان ۾ بہ مفسرن جو اختلاف آهي تہ جيڪو زقوم جهنم وارن کي کارايو ويندو اهو دنيا وارو ٿوهر آهي يا ڪو ٻيو؟ بعض حضرات فرمايو تہ اهو دنيا وارو ٿوهر جهنمين کي کارايو ويندو بعض جو قول آهي تہ اهو دنيا جي ٿوهر کان بالڪل جدا شيءِ هوندو ان جو دنيا جي ٿوهر سان ڪو تعلق نہ هوندو بظاهر ائين معلوم ٿئي ٿو تہ جيئن نانگ، وڇون وغيره دنيا ۾ بہ آهن ان نالي سان جهنم ۾ هوندا پر اهي دنيا وارن کان وڌيڪ خوفناڪ هوندا، اهڙي طرح دوزخ جو زقوم بہ پنهنجي جنس جي لحاظ سان تہ دنيوي زقوم وانگر هوندو پر هن کان وڌيڪ ڏسڻ ۾ خراب ۽ کائڻ ۾ وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ هوندو.

٢- "اِنَّا جَعَلْنٰهَا فِتْنَةً لِّلظّٰلِمِيْنَ" (بلاشڪ اسان ان کي ظالمن جي لاءِ فتنه بنايو آهي) ۾ "فِتْنَةً" مان مراد ۾ بہ اختلاف آهي. بعضي مفسرن وٽ ان مان مراد عذاب

(١) المراغي صہ٦٥ جزء ٢٣ جلد٨

آهي يعني اهو زقوم جو وڻ جهنمين کي عذاب ڏيڻ جو ذريعو بنايو اٿئون. پر اڪثر حضرات جو چوڻ آهي تہ "فِتْنَةً" جي معنيٰ آزمائش ۽ امتحان وٺڻ موزون آهي مطلب هي آهي تہ ان وڻ جو ذڪر ڪري اسين هي امتحان وٺڻ گهرون ٿا تہ ڪير ان تي ايمان آڻي ٿو ۽ ڪير ان کي مذاق سمجهي ٿو جيئن جو عرب جا ڪافر ان امتحان ۾ ناڪام رهيا انهن جي بجاءِ جو الله جل شانه جي ان عذاب کان ڊڄي ايمان آڻين ها، مسخري ۽ ٺٺول ڪرڻ لڳا. (١) عبد بن حميد، ابن جرير، ابن ابي حاتم قتاده رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ جڏهن الله جل شانه قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمايو تہ جهنم جي تري مان زقوم جو وڻ نڪرندو تہ ابوجهل پنهنجن سائين کي چيو "اوهان جو صاحب (حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم) فرمائي ٿو تہ باهہ مان هڪ وڻ ظاهر ٿيندو حالانڪہ باهہ تہ وڻ کي ساڙيندي آهي ۽ الله جو قسم آهي تہ اسين زقوم ڪجور ۽ مکڻ کي سمجهندا آهيون پوءِ اچو اهو کائو". (٢) ان سان اهي ايمان آڻڻ جي بجاءِ بي ايمان ٿي ويا.

٣- "كَأَنَّهُ رُءُوسُ الشَّيَاطِينِ" (ڄڻ تہ اهي شيطانن جا مٿا آهن) هي تشبيه انهن جي بري صورت کي بيان ڪرڻ جي لاءِ آهي. مطلب تہ ان ٿوهر جا گوشا ۽ گونچ اهڙا برا ۽ بڇڙا هوندا جهڙا شيطانن جا مٿا بڇڙا هوندا آهن.

وَلَقَدْ نَادَانَا نُوحٌ فَلَنِعْمَ الْمُجِيبُونَ (٧٥) وَنَجَّيْنَاهُ

۽ البتہ تحقيق سڏيو اسان کي نوح پوءِ البتہ چڱا قبول ڪندڙ آهيون ۽ ڇڏايوسون ان کي

وَأَهْلَهُ مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيمِ (٧٦) وَجَعَلْنَا ذُرِّيَّتَهُ

۽ ان جي اهل کي مصيبت وڏيءَ کان ۽ ڪيوسون اولاد ان جو

هُمُ الْبَاقِينَ (٧٧) وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْآخِرِينَ (٧٨)

اهي ئي باقي رهندڙ ۽ ڇڏي اسان ان جي (چڱي ياد گيري) پوئين ۾

(١) معارف القرآن صـ ٤٤١ جلد ٧ (٢) الدرالمنثور صـ ٩٥ جلد ٧

سَلَامٌ عَلٰى نُوحٍ فِى الْعَالَمِيْنَ (٧٩) اِنَّا كَذَالِكَ نَجْزِي

سلام آهي نوح تي سيني جهانن ۾ بلاشڪ اسين اهڙي طرح سهڻو بدلو ڏيندا سون

الْمُحْسِنِيْنَ (٨٠) اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ (٨١)

نيڪوڪارن کي بيشڪ اهو اسان جي ٻانهن مومن مان آهي

ثُمَّ اَغْرَقْنَا الْاٰخِرِيْنَ (٨٢)

ان کان پوءِ ٻوڙي ڇڏيوسون ٻين کي.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو تہ گهڻا ماڻهو گمراهہ ٿي ويا ۽ هتي انهن مان ڪجهہ تفصيل سان بيان ڪيا وڃن ٿا. فرمان ايزدي آهي "وَلَقَدْ نَادَانَا نُوحٌ فَلَنِعْمَ الْمُجِيْبُوْنَ" ۽ البتہ تحقيق اسان کي نوح سڏيو پوءِ (اسين ان سڏ کي) چڱا قبول ڪندڙ هئاسون. يعني جڏهن حضرت نوح عليه السلام جي ديني دعوت کي سندس قوم قبول نہ ڪيو ۽ کيس گهڻا ايذاء ڏنائون تڏهن الله جل شانه جي دربار ۾ دعا گهري سڏ ڪيائين. ان دعا مان مراد سورة نوح ۾ ذڪر ڪيل آيت "رَبِّ لَاتَذَرْ عَلَى الْاَرْضِ مِنَ الْكَافِرِيْنَ دَيَّارًا" (اي منهنجا الله زمين تي ڪافرن مان ڪو ٽڪندڙ نہ ڇڏ)آهي. ياهاڊعا مراد آهي جيڪا سورة قمر ۾ بيان ٿي آهي "اَنِّيْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ" بلاشڪ مان مغلوب آهيان پوءِ (منهنجي) مدد فرماءِ. حضرت نوح عليه السلام اها دعا ان وقت گهري هئي جڏهن پنهنجي قوم جي مسلسل سرڪشي ۽ نافرمانيءَ کان ڏڪوئجي ويو هو ۽ سندس قوم کيس شهيد ڪرڻ جو منصوبو بنايو هو. (١)

"وَنَجَّيْنٰهُ وَاَهْلَهٗ مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ" ۽ اسان ان کي ۽ ان جي اهل کي وڏي مصيبت کان ڇڏايو. هتي اهل مان مراد ان جي دين کي مڃي ان تي ايمان آڻڻ وارا

(١) معارف القرآن صـ ٤٤٤ جلد ٧

آهن ۽ اهي اسي (٨٠) ڄڻا هئا (١) ۽ وڏي مصيبت مان مراد طوفان ۾ ٻڏڻ آهي جنهن کان الله جل شانه کين بچايو هو (٢) ”وَجَعَلْنَا ذُرِّيَّتَهٗ هُمُ الْبٰقِيْنَ ﴿ۡ﴾“ ۽ اسان ان جي اولاد کي ئي باقي رهندڙ ڪيو. ”هُمُ الْبٰقِيْنَ“ سان حصر ڪيو ويو آهي. مطلب تہ حضرت نوح عليه السلام جو اولاد ئي دنيا تي باقي رهيو باقي سڀ فنا ٿي ويا. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ ان اولاد مان مراد سندس ٽي پٽ، ١- سام، ٢- حام، ٣- يافث ۽ انهن جو اولاد آهي. (٣) ”وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ“ ۽ اسان ان جي (چڱي يادگيري) پوئين ۾ رکي. اهڙي نموني جو ان کان پوءِ اچڻ وارا انبياء عليهم الصلواة والسلام ان جو ذکر خير ڪندا رهيا ۽ اڄا تائين بہ اهو هلندو رهي پيو ”سَلٰمٌ عَلٰى نُوْحٍ فِي الْعٰلَمِيْنَ“ سڀني جهانن ۾ (حضرت) نوح تي سلام آهي. جو اڄ تائين ملائڪ ۽ مؤمن ٻانها ان تي سلام موڪليندا رهن ٿا ۽ ان جي لاءِ رحمت جون دعائون ڪندا رهن ٿا. ۽ هڪ قول آهي تہ اهو سلام الله جل شانه جي طرفان آهي. (۴) ”اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ“ بلاشڪ اسين اهڙي طرح نيڪوڪارن کي بدلو ڏينداسون. مطلب تہ اسان (حضرت) نوح عليه السلام کي انهن شرفن سان مشرف فرمايو سندس اولاد کي دنيا ۾ رهايو سندس سهڻو ذکر دنيا وارن جي زبان تي باقي رکيو ان جي ڪري جو اهو محسن هو ۽ محسنن کي ان نموني سهڻو بدلو ڏيندا آهيون ”اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ“ بلاشڪ اهو اسان تي ايمان آڻڻ وارن ٻانهن مان آهي. يعني ان جو محسن هجڻ ان جي ڪري آهي جو اهو مؤمن آهي. مقصد آهي تہ درجات ۾ اعظم ۽ مقامات ۾ اشرف الله تي ايمان آڻڻ ۽ ان جي اطاعت جي لاءِ انقياد آهي. (۵) ”ثُمَّ اَغْرَقْنَا الْاٰخَرِيْنَ“ ان کان بعد ٻين کي ٻوڙي ڇڏيوسين. هي ”ثُمَّ“ جو لفظ ذکر ۾ ترتيب جي لاءِ آهي يعني مؤمنن کان سواءِ ٻيا جيڪي هئا انهن کي ان طوفان ۾ ٻوڙي ڇڏيوسين.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- ”فَلَنِعْمَ الْمُجِيْبُوْنَ“ (پوءِ اسين قبول ڪندڙ ڀلا آهيون) مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه نهايت مهربان آهي جيڪو

(١) القرطبي ص٨٩ جلد ١٥ (٢) الدرالمنثور ص٩٨ جلد٧ (٣) التفسيرالڪبير ص١٤٥ جزء ٢٦ (۴) المظهري ص١٢٠ جلد٨ (۵) التفسيرالڪبير ص١٤٤ جزء ٢٦

پنهنجن ٻانهن جون دعائون قبول ڪرڻ فرمائيندو آهي. ۽ دعا قبول ڪندڙ ته هڪ الله جل شانه آهي پر "اَلْمُجِيْبُوْنَ" جمع جو صيغو تعظيم جي لاءِ آندو ويو آهي. ٢- آيت عـ٧٦ مان واضح ٿيو ته ڪافرن جي هلاڪت مؤمنن جي لاءِ رحمت آهي جيئن جسم جي ڪنهن خراب عضوي جو ڪٽي ڇڏڻ جسم جي باقي عضون جي لاءِ صحت آهي.

٣- "وَجَعَلْنَا ذُرِّيَّتَهٗ هُمُ الْبٰقِيْنَ" (۽ اسان ان جي اولاد کي ئي باقي رهندڙ ڪيو) مان واضح ٿيو ته جيڪي ماڻهو حضرت نوح عليه السلام سان گڏ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي طوفان ۾ ٻڏڻ کان بچي ويا هئا دنيا تي حضرت نوح عليه السلام جي اولاد کان سواءِ انهن جو اولاد به نه رهيو هو ۽ بعض بزرگن جو قول آهي ته انهن ٻين بچي ويلن جو اولاد به دنيا تي هليو باقي آيت ۾ حصر سو اضافي آهي. (١)

وَاِنَّ مِنْ شِيْعَتِهٖ لَاِبْرٰهِيْمَ (٨٣) اِذْ جَآءَ

بلاشڪ ان (نوح) جي پيروي ڪندڙن مان البته ابراهيم هو جڏهن آيو

رَبَّهٗ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ (٨٤) اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖ

پنهنجي رب وٽ سالم دل سان جڏهن فرمايائين پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي

مَاذَا تَعْبُدُوْنَ (٨٥) اَئِفْكًا اٰلِهَةً دُوْنَ اللّٰهِ تُرِيْدُوْنَ (٨٦)

ته ڪنهن جي عبادت ڪيو ٿا؟ ڇا هٿرادو ٺاهيلن معبودن جو الله کان سواءِ ارادو ڪيو ٿا

فَمَا ظَنُّكُمْ بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ (٨٧) فَنَظَرَ

پوءِ ڪهڙو آهي گمان اوهان جو جهانن جي رب سان پوءِ نظر ڪيائين

نَظْرَةً فِي النُّجُوْمِ (٨٨) فَقَالَ اِنِّيْ سَقِيْمٌ (٨٩) فَتَوَلَّوْا عَنْهُ

هڪ ڀيرو تارن ۾ پوءِ چيائين ته بيشڪ مان بيمار آهيان پوءِ ڦريا ان کان

(١) القرطبي صـ٨٩ جلد١٥

مُدْبِرِيْنَ (٩٠) فَرَاغَ اِلٰۤى اٰلِهَتِهِمْ فَقَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ (٩١)

پٺي ڏيندڙ پوءِ لڪ ۾ ويو انهن جي بتن ۾ پوءِ فرمايائين ته ڇو نٿا کائو

مَالَكُمْ لَاتَنْطِقُوْنَ (٩٢) فَرَاغَ عَلَيْهِمْ

ڇا ٿيو آهي اوهان کي جو نٿا ڳالهايو پوءِ لڪ ۾ (حملو ڪيائين) انهن تي

ضَرْبًاۢ بِالْيَمِيْنِ (٩٣) فَاَقْبَلُوْۤا اِلَيْهِ يَزِفُّوْنَ (٩٤) قَالَ

ڌڪ هڻڻ ۾ سڄي هٿ سان پوءِ آيا ان ڏانهن ڊوڙن پيا فرمايائين ته

اَتَعْبُدُوْنَ مَا تَنْحِتُوْنَ (٩٥) وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ

ڇا عبادت ڪيو ٿا انهن جي جن کي هٿن سان گهڙيو ٿا ۽ الله پيدا ڪيو اوهان کي

وَمَاتَعْمَلُوْنَ (٩٦) قَالُوا ابْنُوْا لَهٗ بُنْيَانًا فَاَلْقُوْهُ

۽ جن کي اوهان ٺاهيو ٿا چيائون ته ٺاهيو ان جي لاءِ جاءِ پوءِ اڇلايو ان کي

فِى الْجَحِيْمِ (٩٧) فَاَرَادُوْا بِهٖ كَيْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ الْاَسْفَلِيْنَ (٩٨).

ٻرندڙ باهه ۾ پوءِ ارادو ڪيائون ان سان فريب ڪرڻ جو پوءِ ڪيوسون انهن کي هيٺ.

تفسير

جيئن اڳين آيتن ۾ حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن کي تسلي ڏيڻ جي لاءِ حضرت نوح جو بيان هو تيئن هن آيتن ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جو ذڪر ڪندي ڪين مطمئن ڪيو ويو آهي- فرمان ڪريمي آهي "وَاِنَّ مِنْ شِيْعَتِهٖ لَاِبْرٰهِيْمَ" ۽ بلاشڪ البته ابراهيم ان جي پيروي ڪندڙن مان آهي. "شِيْعَتِهٖ" جي لفظ جي معنیٰ ڪندي مفسرن لکيو آهي، اي ممن شايع نوحا و تابعه في اصول

الدين. (١) يعني حضرت ابراهيم انهن مان هو جن حضرت نوح عليه السلا جي پيروي ڪئي ۽ اصول دين ۾ سندس پوئلڳ هو. (٢) ۽ علامه ثنا ءالله پاني پتي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ حضرت نوح ۽ حضرت ابراهيم عليهما السلام جي وچ وارو وقت ٻہ هزار ڇهہ سئو چاليهہ (٢٦٤٠) سال هو ۽ انهيءَ وچ واري دؤر ۾ حضرت هود ۽ حضرت صالح عليه السلام بہ آيا هئا. "اِذْ جَآءَ رَبَّهٗ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ" جڏهن پنهنجي رب وٽ سلامتي واري دل سان آيو يعني الله تعالىٰ ڏانهن سلامتي واريءَ دل سان متوجه ٿيو سندس دل مبارڪ غيرالله سان مشغول هجڻ کان خالي ۽ آزاد هئي جنهن جو دليل الله جي امر سان پنهنجي پٽ کي کهڻ جي لاءِ تيار ٿيڻ آهي (٣) سندس دل مبارڪ سيني آفتن، عقائد جي فساد، برين نيتن، قبيح صفتن، حسد، ڪيني وغيره کان بالکل پاڪ، صاف آزاد ۽ دنيوي علاقات کان منقطع هئي. (۴) "اِذْ قَالَ لِاَبِيْهِ وَقَوْمِهٖ مَاذَا تَعْبُدُوْنَ" جڏهن پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي چيائين تہ ڪنهن جي عبادت ڪيو ٿا؟ هي ڇا انڪار ۽ ملامت ڪرڻ جي لاءِ هئي يعني ڪهڙي شيءِ جي عبادت ڪيو ٿا، پٿرن ۽ لوهہ مان ٺهيل بتن جي؟ "اَئِفْكًا اٰلِهَةً دُوْنَ اللّٰهِ تُرِيْدُوْنَ" ڇا الله کان سواءِ ٺڳيءَ ڌرادو ٺاهيلن معبودن جو ارادو رکو ٿا؟ هتي مفعول به "اٰلِهَةً" فعل "تُرِيْدُوْنَ" کان اڳي ان ڏانهن خاص توجه جي لاءِ ۽ "اَئِفْكًا" مفعول له مفعول به کان اڳي ان جي اهميت لاءِ آندو ويو آهي (۵)

مطلب تہ هي پٿر ڇا بت شيءِ ڪهڙي آهن جن کي اوهان ايترو پسند ڪيو ٿا، الله جل شانه کي ڇڏي انهن جي پويان ڪاهي پيا آهيو ڇا سچي طرح انهن جي هٿن ۾ جهان جي حڪومت آهي؟ يا اهي اوهان جي ڪنهن ننڍي يا وڏي نفعي يا نقصان جا مالڪ آهن. آخر سچي مالڪ کي ڇڏي انهن باطل معبودن جي ايتري پوئواري ڪرڻ جو مقصد ڇا؟ "فَمَا ظَنُّكُمْ بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ" پوءِ رب العالمين ۾ اوهان جو گمان ڪهڙو آهي؟ يعني اوهان الله جل شانه کي ڇا ٿا سمجهو؟ ان جي پاڪ وجود ۽ هڪ هجڻ ۾ اوهان کي ڪهڙو شبهو ۽ شڪ آهي جو پٿرن کي ان جو شريڪ بڻايو اٿو؟ "فَنَظَرَ نَظْرَةً فِى النُّجُوْمِ" پوءِ (آسمان جي) تارن ۾ هڪ ڀيرو نظر وڌائين. تارن ۾

(١) روح المعاني صـ ٩٩ جزء ٢٣ جلد٨ (٢) المظهري صـ ١٢١ جلد٨ (٣) ساڳيو حوالو (۴) روح المعاني صـ ١٠٠ جزء ٢٣ جلد٨ (۵) روح البيان صـ ۴٦٩ جلد٨

نهارڻ مان مراد انهن جو علم ۽ انهن ڏانهن نسبت ڪيل تاثرات جو علم آهي ۽ اها ڳالهہ ان جي ڪري سوچيائين جو سندس قوم جو نجوم جي علم ۾ عقيدو هوندو هو. (١)

"فَقَالَ اِنِّيْ سَقِيْمٌ" پوءِ فرمايائين تہ مان بيمار آهيان. يعني منهنجي طبيعت صحيح ناهي ۽ واقعي دنيا ۾ هر انسان ڪنهن نہ ڪنهن بيماريءَ ۾ مبتلا هوندو آهي. ان جي ڪري حضرت ابراهيم عليه السلام جو اهو قول بہ صحيح هو اهائي تڪليف ٿوري نہ هئي جيڪا قوم جي بري حالت ڏسي ڪيس محسوس ٿي رهي هئي. يا هي مطلب آهي تہ اوهان منهنجي مخالفت ڪري بتن جي عبادت ڪيو ٿا مان ان غم ۾ بيمار ٿيڻ وارو آهيان. ان دؤر ۾ ماڻهن ۾ وبا جي بيماري عام هئي ۽ اها وچڙندڙ بيماري هوندي هئي ان جي ڪري اهي ان مرض ۾ مبتلا ٿيڻ کان گهٻرائجندا هئا جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام اها ڳالهہ ڪئي تہ اهي ڪيس وبا جو مريض سمجهي ڇڏي ويا ۽ پنهنجي بت خاني ۾ ڪيس ڇڏي ويا. ڪير بہ ان وٽ نہ ويٺو. (٢)

"فَتَوَلَّوْا عَنْهُ مُدْبِرِيْنَ" پوءِ ان کي پٺي ڏيندڙ ٿي ڦري هليا ويا. يعني پوءِ حضرت ابراهيم عليه السلام وٽ نہ ويٺا ۽ پٺي ڏئي هليا ويا. "فَرَاغَ اِلٰٓى اٰلِهَتِهِمْ فَقَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ" پوءِ انهن جي (باطل) معبودن ڏانهن لڪ ۾ ويو پوءِ فرمايائين تہ ڇو نٿا کائو؟ انهن جو هڪ ميلو هوندو هو جنهن ۾ سڀ گڏ ٿيندا هئا. ان ڏينهن بہ اهي ان ميلي ۾ ويا تہ حضرت ابراهيم عليه السلام لڪي اچي بت خاني ۾ موجود بتن کي ڏٺو تہ انهن جي اڳيان سندن پوڄاري سٺا سٺا طعام رکي ويا هئا ان لاءِ تہ انهن ۾ برڪت پوندي پوءِ اسين کٽي کائينداسون. حضرت ابراهيم عليه السلام انهن کي حقارت جي نظر سان ڏسندي فرمايو تہ کائو ڇو نٿا؟ "مَا لَكُمْ لَا تَنْطِقُوْنَ" اوهان کي ڇا ٿيو آهي جو ڳالهايو نٿا؟ جڏهن بتن جي طرفان نہ کائڻ جي متعلق ڪو جواب نہ مليو تہ پاڻ انهن کي فرمايائين تہ اوهان ڳالهايو ڇو نٿا؟ يعني بت پرستن اوهان جا عضوا ۽ صورت تہ انسانن جهڙي ٺاهي ڇڏي آهي پر اوهان ۾ روح وجهي نہ سگهيا. پوءِ ڪيتري نہ عجب جهڙي ڳالهہ آهي جو کائڻ، پيئڻ ۽ ڳالهائڻ وارا

(١) البحرالمحيط صـ٣٦٦ جلد٧ (٢) الڪشاف صـ٣٤٤ جلد٣

انسان بي حس بتن جي اڳيان سر بسجود رهن ٿا ۽ پنهنجين مرادن حاصل ڪرڻ ۾ انهن کان مدد گهرن ٿا؟ "فَرَاغَ عَلَيۡهِمۡ ضَرۡبًۢا بِالۡيَمِيۡنِ" پوءِ انهن تي سڄي هٿ سان ڏک هڻڻ ۾ لڳي حملو ڪيائين. يعني انهن بتن کي زور سان ڏک هڻي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائين (هي وڌيڪ مفصل قصو سورة الانبياء ۾ لکي آيا آهيون اتي ڏسڻ گهرجي) "فَاَقۡبَلُوۡۤا اِلَيۡهِ يَزِفُّوۡنَ" پوءِ ان ڏانهن ڊوڙندا آيا. يعني جڏهن اهي ڪافر پنهنجي ميلي کان واپس موٽيا ۽ بت خاني ۾ بتن کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيل ڏٺائون ۽ سمجهي ويا تہ (حضرت) ابراهيم (عليه السلام) کان سواءِ اهو ٻئي ڪنهن جو ڪم ناهي تہ سڀ ان تي حملي ڪرڻ جي لاءِ ان ڏانهن ڊوڙندا آيا. "قَالَ اَتَعۡبُدُوۡنَ مَا تَنۡحِتُوۡنَ" فرمايائين تہ ڇا انهن جي عبادت ٿا ڪيو جن کي هٿن سان گهڙي ٺاهيو ٿا؟ يعني اوهان جي بتن کي تہ جنهن بہ ٽڪرا ڪيو اها جدا ڳالهہ آهي پر اوهان انهن هٿ سان گهڙي ٺاهيلن جي عبادت ڪيو ڇو ٿا؟ ڇا اوهان جي هٿن سان ٺاهيل بت اوهان جي عبادت جا لائق آهن؟

"وَاللّٰهُ خَلَقَكُمۡ وَمَا تَعۡمَلُوۡنَ" ۽ الله اوهان کي ۽ ان کي جيڪي اوهان ڪيو ٿا پيدا ڪيو آهي. يعني اوهان جي عبادت جو صحيح حقدار اهو الله آهي جنهن اوهان کي ۽ اوهان جي هٿ سان ٺاهيلن بتن ۾ استعمال ٿيندڙ شين کي پيدا فرمايو آهي. پوءِ اوهان خالق جل وعلا کي ڇڏي مخلوق جي عبادت ڪيئن ٿا ڪيو؟ ڇا اوهان کي عقل ناهي جو ان سان ڀلائي ۽ برائي ۾ فرق ڪيو؟ "قَالُوا ابۡنُوۡا لَهٗ بُنۡيَانًا فَاَلۡقُوۡهُ فِى الۡجَحِيۡمِ فَاَرَادُوۡا بِهٖ كَيۡدًا فَجَعَلۡنٰهُمُ الۡاَسۡفَلِيۡنَ" چيائون تہ ان جي لاءِ جاءِ ٺاهيو پوءِ ان کي باهہ ۾ اڇلايو پوءِ ان سان فريب جو ارادو ڪيائون پوءِ اسان انهن کي هيٺ ڪريلن ۾ ڪري ڇڏيو. جڏهن انهن جي اڳيان حق واضح ٿيو، حجت ۽ برهان جي قوت سندن سامهون آئي تڏهن سڀ ڪجهہ سمجهڻ جي باوجود پنهنجن بتن کي جو پڳل ٽٽل ۽ ڪريل ڏٺائون تہ جبر ۽ سرڪشيءَ جو اظهار ڪندي حضرت ابراهيم عليه السلام کي ايذاء ڏيڻ جي لاءِ پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ هڪ ڪشادي جاءِ ٺاهي ان کي ڪاٺين سان ڀري باهہ ڏئي هن کي ان باهہ ۾ اڇلايو. ائين ڪرڻ سان انهن حضرت ابراهيم عليه السلام کي ايذاء ڏيڻ جي رٿ رٿي هئي پر الله جل شانه فرمايو

تہ اسان ابراهيم عليه السلام کي محفوظ رکيو ۽ انهن کي ذليل ۽ خوار ڪيو. (١)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

١- "وَاِنَّ مِنْ شِيْعَتِهٖ لَاِبْرٰهِيْمَ" (۽ بلاشڪ ان جي پوئلڳن مان ابراهيم آهي) شيعة عربي زبان ۾ مددگارن ۽ پوئلڳن کي چئبو آهي ۽ جڏهن تہ حضرت نوح ۽ حضرت ابراهيم عليهما السلام جي شريعتن ۾ يڪسانيت هئي ۽ دين جي بنيادي اصول ۾ بئي متفق هئا ۽ حضرت ابراهيم جو دؤر حضرت نوح جي دؤر ڪان بعد هو ان جي ڪري ارشاد ٿيو تہ حضرت ابراهيم بہ ان جي پوئلڳن مان هو. ۽ ان مان اهو سمجهڻ نہ گهرجي تہ حضرت نوح عليه السلام حضرت ابراهيم ڪان شرف ۽ شان ۾ وڌيڪ هو بلڪ علماء اسلام جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ حضرت ابراهيم حضرت نوح ڪان افضل آهي جيئن حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن کي الله جل شانه فرمايو تہ "اِتَّبِعْ مِلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ" (ابراهيم جي ملت جي اتباع ڪيو) حالانڪ پاڻ بالاتفاق حضرت ابراهيم عليه السلام ڪان افضل آهن. (٢)

تنبيه.

ڪي ڪي اڻ پڙهيل جاهل هن آيت ۾ لفظ "شِيْعَتِهٖ" جي مراد وٺندا آهن تہ حضرت ابراهيم عليه السلام حضرت علي رضي الله عنه جو شيعو هو. اهو بالڪل غلط آهي ان مراد جي هتي ڪابہ گنجائش ناهي. والله الهادي وهوالعليم القدير. ٢- "اِذْ جَآءَ رَبَّهٗ بِقَلْبٍ سَلِيْمٍ" (جڏهن پنهنجي رب وٽ سليم دل سان آيو) ۾ قلب کي "سليم" جي قيد لڳائڻ مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه جي بارگاهہ ۾ ڪابہ عبادت تيستائين قبول ناهي جيستائين عبادت ڪندڙ جي دل غلط عقيدن ۽ برن جذبن ڪان پاڪ نہ هوندي جيڪڏهن غلط عقيدي سان ڪا عبادت ڪئي وڃي تہ پلي عبادت ڪندڙ ان ۾ ڪيتري بہ محنت ڪئي هجي اها قابل قبول ناهي اهڙي طرح جيڪڏهن عبادت ڪرڻ واري جو اصل مقصد الله جي خوشنودي حاصل ڪرڻ جي بجاءِ ڏيکاء يا ٻيو ڪو دنيوي نفعو هوندو تہ اها عبادت تعريف جي قابل ناهي حضرت ابراهيم عليه السلام جو الله جل شانه ڏانهن رجوع ڪرڻ انهن سڀني ملاوٽن ڪان پاڪ ۽

(١) التفسيرالواضح الميسر صـ١١٢٣ (٢) تنويرالايمان صـ٣١ پ٢٣

صاف هو. (١)

وَقَالَ اِنِّىۡ ذَاهِبٌ اِلٰى رَبِّىۡ سَيَهۡدِيۡنِ (٩٩)

۽ فرمايائين تہ بيشڪ مان وڃڻ وارو آهيان پنهنجي رب ڏانهن جلد واٽ ڏيکاريندو مون کي

رَبِّ هَبۡ لِىۡ مِنَ الصّٰلِحِيۡنَ (١٠٠) فَبَشَّرۡنٰهُ بِغُلٰمٍ حَلِيۡمٍ (١٠١)

اي منهنجا رب ڏي مون کي صالحن مان پوءِ خوشخبري ڏني سون ان کي بردبار پٽ جي

فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعۡىَ قَالَ يٰبُنَىَّ

پوءِ جڏهن پهتو ان سان گڏ ڊوڙڻ (واري عمر) کي تہ فرمايائين اي منهنجا پٽڙا!

اِنِّىۡۤ اَرٰى فِى الۡمَنَامِ اَنِّىۡۤ اَذۡبَحُكَ فَانۡظُرۡ

بيشڪ مان ڏسان پيو ننڊ ۾ تہ بيشڪ مان ڪهان ٿو توکي پوءِ ڏس تہ

مَاذَا تَرٰى‌ؕ قَالَ يٰۤاَبَتِ افۡعَلۡ مَا تُؤۡمَرُ‌ز

چا ٿو راءِ ڏين؟ چيائين تہ اي منهنجا پيءُ! ڪر جيڪي توکي امر ڪيو وڃي ٿو

سَتَجِدُنِىۡۤ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِيۡنَ (١٠٢) فَلَمَّاۤ

جلد لهندين تون مون کي جيڪڏهن گهريو الله صبر ڪندڙن مان پوءِ جڏهن

اَسۡلَمَا وَتَلَّهٗ لِلۡجَبِيۡنِ‌ۚ (١٠٣) وَنَادَيۡنٰهُ اَنۡ

حڪم مڃيائون ۽ ليٽايائين ان کي پيشانيءَ ڀر ۾ سڏيو اسان ان کي تہ

(١) معارف القرآن صـ ٤٤٧ جلد ٧

يّٰاِبْرَاهِيْمُ (١٠٤) قَدْ صَدَّقْتَ الرُّؤْيَا ج اِنَّا كَذٰلِكَ

اي ابراهيم! تحقيق سچو ڪري ڏيکاريو تو خواب بيشڪ اسين اهڙي طرح

نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ (١٠٥) اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْبَلٰٓؤُا الْمُبِيْنُ (١٠٦) وَفَدَيْنٰهُ

بدلو ڏينداسون نيڪوڪارن کي بلاشڪ هي البت اها آزمائش چٽي آهي ۽ عوض ڏنو اسان ان جو

بِذِبْحٍ عَظِيْمٍ (١٠٧) وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِى الْاٰخِرِيْنَ (١٠٨)

قرباني وڏيءَ سان ۽ ڇڏي اسان ان جي (سهڻي يادگيري) پوين ۾

سَلٰمٌ عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ (١٠٩) كَذٰلِكَ نَجْزِى

سلام آهي ابراهيم تي اهڙي طرح بدلو ڏينداسون

الْمُحْسِنِيْنَ (١١٠) اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ (١١١)

نيڪوڪارن کي بيشڪ اهو اسان جن مؤمن ٻانهن مان آهي

وَبَشَّرْنٰهُ بِاِسْحٰقَ نَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ (١١٢)

۽ بشارت ڏني سون ان کي اسحاق جي نبي هو صالحن مان

وَبٰرَكْنَا عَلَيْهِ وَعَلٰٓى اِسْحٰقَ ط وَمِنْ ذُرِّيَّتِهِمَا مُحْسِنٌ

۽ برڪت وڌي اسان ان تي ۽ اسحاق تي ۽ انهن جي اولاد مان ڪو چڱو آهي

٣ ٣٩ ٧ وَّظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ مُبِيْنٌ ع (١١٣)

۽ ڪو ظالم آهي پنهنجي نفس تي پڌرو.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام جي زندگي پاڪ جي هڪ حال جو بيان هو ۽ هتي ان جي پاڪ زندگيءَ جي ٻئي حال کي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَقَالَ اِنِّيْ ذَاهِبٌ اِلٰى رَبِّيْ سَيَهْدِيْنِ" ۽ فرمايائين ته مان پنهنجي رب ڏانهن وڃڻ وارو آهيان جلد هدايت ڪندو مون کي. جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام جي قوم سندس سچي هجڻ جا ڪيترا دليل ڏنا پر پوءِ به پنهنجي شرڪ کي ڇڏڻ جي لاءِ تيار نه ٿيا ته پاڻ سوچيائون ته اهڙي معاشري ۾ دين جي دعوت ۽ ارشاد جو سلسلو جاري رکڻ وقت ضايع ڪرڻ جي برابر آهي پوءِ پاڻ انهن کي فرمايائون ته مان اوهان جي هن مشرڪانه ماحول کي ڇڏي ٿو وڃان ۽ اتي وڃي رهندس جتي الله جل شانه حڪم فرمائيندو ۽ جتي سڪون سان ان جي عبادت ڪندو رهندس. "اِلٰى رَبِّيْ" مان مراد "الي حيث امرني ربي اوحيث اتجرد فيه لعبادته (١) آهي. "رَبِّ هَبْ لِيْ مِنَ الصّٰلِحِيْنَ" اي منهنجا پالڻهار! مون کي صالح (پٽ) عطا ڪر. هن دعا کان اڳي ڪيس پٽ نه هو هجرت ڪري شام ملڪ ۾ پهچڻ کان پوءِ اها دعا گهري هيائين. "فَبَشَّرْنٰهُ بِغُلٰمٍ حَلِيْمٍ" پوءِ اسان ان کي بردبار پٽ جي خوشبري ڏني. اهو پٽ حضرت اسماعيل عليه السلام هو اهو سندس پهريون پٽ هو جنهن جي ڪيس بشارت ملي ۽ اهو حضرت اسحاق عليه السلام کان وڏو هو اها ڳالهه مسلمانن ۽ اهل ڪتاب ۾ بالاتفاق آهي بلڪه انهن جي ڪتابن ۾ به صاف لکيل آهي ته جڏهن حضرت اسماعيل جي ولادت ٿي هئي ته حضرت ابراهيم جي ان وقت عمر ڇهاسي (٨٦) سال هئي ۽ جڏهن حضرت اسحاق ڄائو ته ان وقت حضرت ابراهيم جي عمر مبارڪ نوانوي (٩٩) سال هئي. (٢) ۽ اها عمر وڏي هجڻ قرآن ڪريم جي آيت "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ وَهَبَ لِيْ عَلَى الْكِبَرِ اِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ" (٣) (سڀ ساراهه ان الله جي لاءِ ثابت آهي جنهن مون کي ٻڍائپ ۾ اسماعيل ۽ اسحاق پٽ عطا فرمايا) مان به واضح ۽ ثابت آهي. "فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعْيَ قَالَ يٰبُنَيَّ اِنِّيْٓ اَرٰى فِى الْمَنَامِ اَنِّيْٓ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَاذَا تَرٰى" پوءِ جڏهن ان سان گڏ ڊوڙڻ (جي عمر) کي پهتو ته فرمايائين اي

(١) روح المعاني صـ١٢٦ جزء ٢٣ جلد٨ (٢) تفسير ابن ڪثير صـ١٤ جلد٤ (٣) سورة ابراهيم آيت عـ٣٩

منهنجا پٽڙا! مان ننڊ ۾ ڏسان پيو ته توکي کهان ٿو پوءِ ڏس ته تنهنجي ڇا راءِ آهي؟ جڏهن حضرت اسماعيل عليه السلام اهڙي عمر کي پهتو جنهن ۾ والدين کي ڪا تڪليف ڏيڻ جي بجاءِ ڪين نفعي ڏيڻ جهڙو ٿيو. ان وقت ان جي عمر ١٣ سال هئي. (١) حضرت ابراهيم عليه السلام خواب ۾ ڏٺو ته پاڻ پنهنجي ان پياري پٽ کي ڪهي رهيو آهي جڏهن ته انبياء ڪرام عليهم السلام جو خواب بمنزل وحي هوندو آهي ان جي ڪري پاڻ سمجهي ويو ته **منهنجو خدا مون کي** پٽ ذبح ڪرڻ جو حڪم ڪري رهيو آهي پاڻ هڪدم پنهنجي پٽ کي ڪهڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا. ڪيس اها خبر هئي ته جيڪڏهن هڪ پٽ ڏيڻ سان الله جل شانه جي رضا حاصل ٿئي ته هي سودو گهڻو سستو آهي پاڻ اها سڀ حقيقت پنهنجي پٽ کي ٻڌايائين ان ڪان سندس راءِ معلوم ڪرڻ لڳو. ان مان حضرت ابراهيم جو اهو ارادو نه هو ته جيڪڏهن منهنجو پٽ راضي نٿو ٿئي ته مان الله جل مجده جي بارگاهه ۾ معذرت پيش ڪري ڇڏيان پر سندس مقصد ان ثواب ۾ پنهنجي پٽ کي خوشيءَ سان قبول ڪرڻ واري ثواب ۾ شامل ڪرڻ هو. تانته الله جل شانه جي رضا حاصل ڪرڻ وارو تاج پيءُ ۽ پٽ ٻنهي جي مٿي تي هجي "قَالَ يٰٓاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ سَتَجِدُنِيْٓ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِيْنَ" عرض ڪيائين ته اي منهنجا پيءُ! توکي جيڪي به امر ڪيو وڃي ٿو اهو ڪر جلد مون کي انشاءالله صابرن مان لهندين. جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام حضرت اسماعيل عليه السلام کي مٿيون فرمان ٻڌايو ته ڪيس عرض ڪيائين "اي منهنجا پيءُ! جيڪي به الله جل شانه جي طرفان اوهان کي امر ڪيو وڃي ٿو اهو پورو ڪري ڏيکاريو اوهان مون کي انشاءالله صبر ڪندڙن مان لهندؤ. نه بي صبر ٿيندس ۽ نه بي فرمان. "فَلَمَّآ اَسْلَمَا وَتَلَّهٗ لِلْجَبِيْنِ" پوءِ جڏهن ٻنهي (پيءُ ۽ پٽ) حڪم مڃيو ۽ ان کي پيشانيءَ پر ليٽايائين. يعني ٻئي پيءُ ۽ پٽ الله جي حڪم تي عمل ڪرڻ جي لاءِ صبح جو سوير گهر مان روانا ٿيا. پٽ پنهنجي جواني، پنهنجو حسن، پنهنجي نازڪ مزاجي، اميدون ۽ خواهشن جي دنيا قربان ڪرڻ جي لاءِ خوشيءَ سان وڃي رهيو هو ۽ پيءُ پنهنجي ٻڍڙائپ سئو سال جي عمر واري دعا تي مليل دل جي ميوي ۽ نظر جي نور فرزند کي قربان ڪرڻ جي

(١) روح البيان صـ ٤٧٣ جلد ٨

لاءِ وٺي وڃي رهيو هو. پڻ نهايت خوش ۽ مسرور هئا. پنهي عظيم شخصيتن کي ڏسي شيطان سوچيو تہ اڄ تائين حضرت ابراهيم مون کي تڪليف ڏيندو رهيو آهي ڪو موقعو نہ ڏنو اٿس ڇو نہ اڄ مان ڪائنن ڪو اهڙو ڪم ڪرايان جنهن سان پاڻ الله جل شانه کي ناراض ڪري وڃهن. اول حضرت ابراهيم سهڻي جي گهر ۾ اچي سندس اهليه حضرت هاجره رضي الله عنها کان پنهي پيءُ ۽ پٽ جو پڇيائين تہ ڪٿي آهن؟ بيبي صاحبه ٻڌايس تہ سير ۽ تفريح جي لاءِ ٻاهر ويا آهن. چيائينس تہ نہ بيبي صاحبه اوهان کي خبر ناهي اڄ حضرت ابراهيم حضرت اسماعيل کي ڪهڻ جي لاءِ وٺي ويو آهي. تڪڙي وڃ ۽ پنهنجي پٽ کي واپس وٺي آ، نہ تہ ٻن ٽن منٽن کان پوءِ ان جو لاش ڪٽي ايندينءَ. بيبي صاحبه فرمايس تہ ڪڏهن پيءُ بہ پنهنجي پٽ کي ڪٺو آهي؟ حضرت ابراهيم کي تہ پنهنجي پٽ سان تمام گهڻو پيار آهي اهو ٿي نٿو سگهي. شيطان چيس تہ بيبي صاحبه! اوهان ان سوچ ۾ صحيح ناهيو حضرت ابراهيم اڄ پنهنجي پٽ کي ضرور کهندو ڇو جو ان کي ان ڪم جو حڪم الله تعالىٰ ڪيو آهي. بيبي صاحبه فرمايو تہ "جيڪڏهن اهو الله جل شانه جو حڪم آهي تہ مون کي ان تي ڪو اعتراض ناهي. هزارين پٽ هجن تہ اهي بہ الله جل شانه جي حڪم تان قربان آهن". شيطان سوچيو تہ ماء جي دل نهايت نرم هوندي اڄ مان بالڪل ڪامياب ٿيندس پر سخت ناڪام ٿي موٽيو ۽ اتاهين واپس ٿي سڌو حضرت اسماعيل وٽ پهتو اتاهين کان بہ اهڙو جواب مليس اتان مايوس ٿي آخر ۾ حضرت ابراهيم عليه السلام وٽ پهتو ۽ ڪيس چوڻ لڳو تہ توجهڙو داناء ۽ هوشيار شخص پٽ کي ڪهڻ لاءِ وٺي نڪتو آهي هي ڪٿان جي دانشمندي آهي الله جل شانه کي راضي ڪرڻ جي لاءِ سوين ٻيا بہ طريقا آهن ٻيڍڙائپ ۾ اهڙو حسين هڪ پٽ مليو اٿئي جنهن کي ڏسي چنڊ بہ شرمائجي ٿو ان کي ڪهڻ جي لاءِ نڪتو آهين ان کان پوءِ نہ تنهنجو نسل هوندو نہ ڪير تنهنجو نالو ياد ڪندو خاندان ئي ختم ٿي ويندءِ. اوهان جيڪا خواب جي ڳالهہ ڪيو ٿا اهو شيطاني وسوسو بہ ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن اهو حڪم الله جو هجي ها تہ سڌو سنئون جبريل اوهان وٽ اچي ها. حضرت ابراهيم عليه السلام دير ئي نہ ڪئي زمين تان

هڪ پٽر ڪٽي تي پيرا اهڙو زور سان هنيائينس جو اڪيون ڪلي ويس ۽ خبر پئجي ويس تہ اڄ الله جل شانه جي هڪ پياري نبيءَ سان واسطو پيو آهي ان ڪان پوءِ جڏهن بئي پيءُ ۽ پٽ هڪ اڪيلائي واري جاءِ تي پهتا تہ حضرت اسماعيل عرض ڪيس بابا سائين! منهنجا هٿ ۽ پير هڪ مضبوط رسيءَ سان ٻڌو متان بي وس اهي چوريان ۽ اوهان تي منهنجي رت جا ڦڙا پون ۽ مون کي پيشانيءَ ڀر ليٽايو ۽ منهنجو منهن زمين ڏانهن ڪئي تانتہ منهنجو منهن ڏسي اوهان ڪهڻ ۾ تاخير نہ ڪيو. پوءِ ائين ڪيائون جڏهن حضرت ابراهيم حضرت اسماعيل تي تيز ڇري هلائڻ شروع ڪئي تہ عالم اعليٰ ۾ حيرت پيدا ٿي. ۽ متان حڪم آيو تہ اي ابراهيم! تو خواب وارو حڪم سچو ڪري ڏيکاريو. هي آهي سموري اسلامي تعليم جو خلاصو. ڊاڪٽر اقبال جو قول آهي:

غريب وساده و رنگين هے داستان حرم
نهايت اس کي حُسين ابتدا هے اسماعيل

"وَنَادَيْنَٰهُ أَن يَٰٓإِبْرَٰهِيمُ قَدْ صَدَّقْتَ ٱلرُّءْيَآ إِنَّا كَذَٰلِكَ نَجْزِى ٱلْمُحْسِنِينَ" ۽ اسان ان کي سڏيو تہ اي ابراهيم! بلاشڪ تو خواب ۾ مليل حڪم سچو ڪري ڏيکاريو بلاشڪ اسين نيڪوڪارن کي اهڙي طرح بدلو ڏينداسون. يعني الله جل شانه جي طرفان هڪ ملائڪ کيس پويان سڏ ڪري چيو تہ اوهان کيِ خواب ۾ مليل حڪم جو مقصد پورو ٿي ويو اوهان پنهنجي دلربا پٽ کي ڪهڻ جي لاءِ ليٽايو ڳالهہ ظاهر ٿي تہ اوهان قضا تي رضا جو اظهار ڪندي امر جي تعميل ڪئي. اسان جيئن ان کي پٽ کي ڪهڻ وارو حڪم معاف ڪيو اهڙي طرح هر نيڪوڪار کي اطاعت ڪرڻ جي ڪري سهڻو بدلو ڏينداسون (١)

"إِنَّ هَٰذَا لَهُوَ ٱلْبَلَٰٓؤُا۟ ٱلْمُبِينُ" بلاشڪ هي البتہ اها کليل آزمائش آهي. يعني هي اهڙي چٽي آزمائش آهي، جنهن سان مخلص ۽ انهو ظاهر ٿيندو آهي ان ڪان وڌيڪ ڪابہ آزمائش ڏکي ناهي "وَفَدَيْنَٰهُ بِذِبْحٍ عَظِيمٍ" ۽ اسان ان کي وڏي قربانيءَ سان عوض ڏنو "عَظِيمٍ" مان مراد جسم ۾ وڏو ٿلهو يا قدر ۾ وڏو آهي ڇوتہ ان سان الله جل شانه نبي جي پٽ جو عوض ڏنو هو جنهن نبي جي نسل ۾ سيدالمرسلين عليه

(١) المراغي صـ٧٤ جزء ٢٣ جلد ٨

وعليهما الصلواة والسلام تشريف فرما ٿيٺا هئا. اهو قرباني ۽ وارو جانور جنتي دنبو هو (١) "وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ۝" ۽ اسان پوينن ۾ ان جي سهڻي يادگيري ڇڏي. "الْاٰخِرِيْنَ" مان مراد آهن بعد ۾ اچڻ وارا. مطلب تہ اسان ڪانئس بعد ۾ اچڻ وارن ۾ بہ سندس سهڻو ذڪر ڇڏيو جو سڀ ڪيس عقيدت ۽ محبت سان ياد ڪن ٿا. (٢) "سَلٰمٌ عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ" ابراهيم تي سلام آهي. يعني ان جي مرحبا ڪندي ان تي سلام آهي "كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ" اهڙي طرح احسان ڪندڙن کي بدلو ڏينداسون. يعني جيڪي الله جي عبادت قلب جي حضور سان ڪندا ڇڻ تہ الله تعالىٰ کي ڏسن پيا ۽ ان جي مخلوق سان معاملات ۾ سهڻو هلندا انهن کان اهي تڪليفون لاهي انهن جي عاقبت ڀلي بنائي سندن ذڪرِ خير دنيا ۾ بہ جاري رکنداسون "اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ" بلاشڪ اهو اسان جي ايمان وارن ٻانهن مان آهي. يعني انهن ٻانهن مان جيڪي ايمان جي اعلىٰ درجي تي فائز آهن. (٣)

"وَبَشَّرْنٰهُ بِاِسْحٰقَ نَبِيًّا مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ" ۽ اسان ان کي اسحاق جي بشارت ڏني جيڪو نبي، صالحن مان هوندو. يعني اسان حضرت ابراهيم کي ٻئي پٽ (حضرت) اسحاق عليه السلام جي ملڻ جي بشارت ڏني ۽ اها بہ ان کي خوشخبري ملي تہ اهو نبي هوندو، صالحن مان هوندو "وَبٰرَكْنَا عَلَيْهِ وَعَلٰٓى اِسْحٰقَ وَمِنْ ذُرِّيَّتِهِمَا مُحْسِنٌ وَّظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ مُبِيْنٌ ۝" ۽ اسان ان تي ۽ اسحاق تي برڪتون نازل فرمايون ۽ انهن ٻنهي جي اولاد مان نيڪوڪار بہ هوندو ۽ پنهنجي نفس تي کليل ظلم ڪندڙ بہ هوندو. يعني اسان انهن تي علم عمل ۽ اولاد ۾ واڌاري واريون برڪتون نازل فرمايون. سندن اولاد مان وڏيون امتون وجود ۾ آيون حضرت اسماعيل جي اولاد مان عرب امت پيدا ٿي ۽ حضرت اسحاق جي اولاد مان بني اسرائيل جي امت ۽ رومين جي امت وجود ۾ آيون پوءِ ڪي انهن مان محسن، نيڪ صالح آهن تہ ڪي پنهنجي نفس تي ظلم ڪندڙ آهن. (٥)

(١) تفسير ابوالسعود صـ٢٠ جز٧ (٢) خازن صـ٢۴ جلد۴ (٣) تيسيرالڪريم الرحمان صـ٢٥٥ جلد۴ (٥) ساڳيو حوالو

حضرت ابراهيم عليه السلام کي حضرت اسمٰـعيل جي کهڻ جي لاءِ امر کيو ويو هو نه حضرت اسحاق جي لاءِ. عليٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته اسان مسلمانن وٽ حضرت اسماعيل ۽ حضرت اسحاق عليهما السلام ٻئي محترم ۽ مڪرم آهن اسان جو ٻنهي تي ايمان آهي ۽ اسان جي نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جي ذات عالي صفات ايترين خوبين ۽ ڪمالات ذاتيه سان متصف آهن جو جيڪڏهن پاڻ حضرت اسماعيل جي اولاد مان هجڻ واري شرف سان مشرف نه هجن ها ته به سندن شان ۾ ذرا برابر ڪا ڪمي نه اچي ها ان جي ڪري اسان ڪي يهودين وانگر ڪو تعصب ناهي ته اسين هرو ڀرو هڪ شخصيت جو ڪمال ان ڪان ڪسي ٻي شخصيت کي ڏيڻ تي اصرار ڪيون ٻر دلائل. تاريخي حالات ۽ شواهد جنهن ڳالهه کي ثابت ڪن ان کي نه مڃڻ ۽ ان جي برعڪس ڪنهن ٻئي خيال کي پنهنجي دل ۾ مضبوط رکڻ به قطعًا جائز ناهي ان جي ڪري تعصب جي لحاظ سان نه پر تحقيق حق جي لاءِ اسان کي دلائل جو موازنو ڪرڻ گهرجي. يهودين جي دعوىٰ آهي ته قربان ٿيڻ وارو حضرت اسحاق هو پر سندن ئي ڪتابن ۾ ڪيترين ئي جاين تي لکيل آهي ته حضرت ابراهيم عليه السلام جنهن پٽ کي قربان ڪيو ٿي اهو سندس اڪيلو پٽ هو ان وقت ڪيس ٻيو پٽ نه هو ۽ حضرت اسحاق عليه السلام ڪان اڳي سندن ئي ڪتابن جي لکت موجب حضرت ابراهيم کي سيده هاجره رضي الله عنها مان هڪ پٽ پيدا ٿيو هو. ۽ جڏهن سيده ساره مان پيدا ٿيل حضرت اسحاق جو ڪير ڇڏايو ويو هو ته ان وقت حضرت اسماعيل چڱي وڏي عمر جو هو. حضرت اسماعيل جي ڄمڻ وقت حضرت ابراهيم جي عمر مبارڪ ڇهاسي (٨٦) سال هئي ۽ حضرت اسحاق جي ڄمڻ وقت سندس عمر مبارڪ سئو سال هئي ان جو واضح مطلب اهو ٿيو ته حضرت اسحاق جي ڄمڻ وقت حضرت اسماعيل ١٤ سالن جي عمر جو هو ۽ تيرهن (١٣) سالن جي عمر ۾ جڏهن حضرت ابراهيم ان کي قربان ڪرڻ جي لاءِ وٺيو ٿي ويو ته اهوئي سندس اڪيلو فرزند هو. حضرت اسحاق نه هو. هاڻي قرآن ڪريم کي ڏسو

پهريان اهي آيتون پڑهو جو حضرت ابراهيم صالح پٽ جي لاءِ دعا گهري رهيو آهي دعا قبول ٿي اهو پٽ جوان ٿئي ٿو ۽ ان کي قربان ڪرڻ جو ڪيس خواب ۾ حڪم ٿئي ٿو ۽ جڏهن پاڻ ان حڪم تي عمل ڪري ٿو ويهي تہ پوءِ ٿو ارشاد ٿئي. "وَبَشَّرْنٰهُ بِاِسْحَاقَ" ۽ (۽ اسان ان کي اسحاق جي بشارت ڏني) ۽ اڳين آيت "وَبٰرَكْنَا عَلَيْهِ وَعَلٰٓى اِسْحٰقَ" (۽ اسان ان تي ۽ اسحق تي برڪتون لاٿيون) ۾ بہ "عليه" جو ضمير ان پٽ ڏانهن ٿو وري جيڪو ذبيح هو ۽ اسحاق کي ان تي عطف ڪري ٻڌايو ويو تہ ذبيح ٻيو آهي ۽ اسحاق ٻيو آهي ۽ جڏهن حضرت اسحاق جي ڄمڻ جي حضرت ابراهيم کي بشارت ڏني ٿي وڃي تہ گڏوگڏ حضرت اسحاق جي پٽ حضرت يعقوب جي ڄمڻ جي بہ بشارت ڏني ٿي وڃي "فَبَشَّرْنٰهُ بِاِسْحٰقَ وَمِنْ وَّرَآءِ اِسْحَاقَ يَعْقُوْبَ" ان مان واضح ٿئي ٿو تہ حضرت اسحاق اولاد وارو ٿيندو ۽ ان جي پٽ جو نالو يعقوب هوندو. ذرا غور ڪيو تہ هڪ طرف اها بشارت ڏني ٿي وڃي تہ اسحاق اولاد وارو ٿيندو ٻئي طرف اهو حڪم ڪيئن ٿيندو تہ ان کي ذبح ڪيو. الله جل شانه جي احڪام ۾ اهڙي تضاد جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي ڪي ماڻهو چوندا آهن تہ مٿان حضرت يعقوب جي ڄمڻ کان پوءِ حضرت اسحاق کي قربان ڪرڻ جي لاءِ وٺي ويو هجي پر اها ڳالهہ بہ تسليم ڪرڻ جي قابل ناهي ڇوتہ جنهن کي قربان ڪرڻ جي لاءِ وٺي ويو هو ان جي لاءِ آيو آهي "فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعْيَ" جڏهن ان سان ڊوڙڻ جي عمر کي پهتو. ان عمر ۾ اولادي هجڻ جو تصور نٿو ڪري سگهجي. ان کان سواءِ هيءَ ڳالهہ بہ سوچڻ جهڙي آهي تہ اهو دنبو جيڪو فديي طور ڪٺو ويو هو ان جا سڱ بيت الله شريف ۾ ٽنگيل هئا ۽ حضرت ابراهيم جنهن پٽ کي قربان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي تہ اها ڪوشش بہ منىٰ جي ميدان ۾ ٿي هئي ۽ اهو ميدان مڪه مڪرمه ۾ آهي اهو تاريخي واقعو عرب ۾ ساڍن ٽئن هزار سالن کان معروف آهي ۽ تاريخ ۾ اهڙو ڪوبہ ثبوت ناهي جنهن مان خبر پوي تہ حضرت اسحاق مڪه مڪرمه ۾ تشريف فرما ٿيو هو مڪه مڪرمه ۾ اچڻ وارو حضرت اسماعيل عليه السلام هو ۽ اهوئي ذبيح آهي (علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام). (١)

(١) تفسير ابن ڪثير ملخصا ص ١٧ جلد ٤

فائدا.

مذكوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا.

١- "وَقَالَ اِنِّيْ ذَاهِبٌ اِلٰى رَبِّيْ" (۽ فرمايائين تہ مان پنهنجي رب ڏانهن ويندڙ آهيان) مان معلوم ٿيو تہ جنهن سرزمين ۾ دين جو ڪم ۽ الله جل شانه جي اطاعت نہ ڪري سگهجي اتاهين هجرت ڪرڻ انبياء ڪرام عليهم السلام جي سنت آهي ۽ اها هجرت اول اول حضرت ابراهيم عليه السلام ڪئي جو پاڻ سان گڏ پنهنجي نهايت حسن واري اهليه سيده ساره ۽ حضرت لوط عليه السلام کي وٺي پنهنجي وطن حران يا بابل يا بصره ۽ ڪوفه جي وچ ۾ هرمز نالي هڪ ڳوٺ مان نڪري شام ملڪ ۾ آيا. ۽ مذڪوره آيت مان اهو بہ واضح ٿيو تہ پانهو غير ڪان منقطع ٿي الله جل شانه سان واصل ٿيندو پر جيستائين دل ۾ غير جي جاء هوندي تيستائين معرفت جا ماڳ نہ ماڻيندو. (١) ٢- "فَبَشَّرْنٰهُ بِغُلٰمٍ حَلِيْمٍ" (پوءِ اسان ان کي بردبار پٽ جي بشارت ڏني) مان واضح ٿيو تہ حضرت ابراهيم عليه السلام کي ان پٽ جي بشارت سان گڏ اهي اشارا ڪيا ويا هئا تہ اهو وڏو ٿيندو ۽ حليم هوندو. حليم ان کي چوندا آهن جيڪو ڪم ۾ جلد بازي نہ ڪري تڪليفون برداشت ڪري ۽ ڏک ملڻ وقت پريشان نہ ٿئي ۽ جلد ڪاوڙ نہ ڪري. ٣- "اِنِّيْ اَرٰى فِى الْمَنَامِ" (بلاشڪ مان ننڊ ۾ ڏسان پيو) مان واضح ٿيو تہ انبياء عظام عليهم السلام جيڪو خواب ۾ ڏسندا آهن اهو بہ ائين الاهي وحي هوندو آهي جيئن سجاڳيءَ ۾ ڪين وحي ايندو آهي (٢) علامه ابوبڪر محمد بن عبدالله المعروف بابن العربي لکيو آهي تہ "نبين عليهم الصلوٰاة والسلام کي خواب ۾ مليل حڪم بہ وحي آهي جيئن اصول جي ڪتابن ۽ حديثن جي شرحن ۾ واضح ڪيو ائٿون ڇوتہ انبياء عظام عليهم الصلوٰاة والسلام تي شيطان کي ڪابہ پهچ ناهي ۽ نڪو سندن خيالات ۾ ڪو وسوسو وجهي يا تصرف ڪري سگهندو ۽ نہ سندن معاملي کي منجهائيندو انهن جا قلب صاف ۽ فڪر روشن آهن. جيڪو ڪجهہ ملائڪ سڳورو سندن دلين ۾ القاء ڪندو آهي اهو بالڪل حق هوندو آهي.(٣)

(١) روح البيان صـ٤٧٢ جلد٨ (٢) روح المعاني صـ١٢٨ جزء ٢٣ جلد٨ (٣) احكام القرآن صـ١٦١٧ جلد٤

وَلَقَدْ مَنَنَّا عَلٰى مُوْسٰى وَهَارُوْنَ ج (١١٤) وَنَجَّيْنٰهُمَا

۽ البته تحقيق احسان ڪيو اسان موسىٰ ۽ هارون تي ۽ ڇڏايوسون انهن ٻنهي کي

وَقَوْمَهُمَا مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ ج (١١٥) وَنَصَرْنٰهُمْ

۽ انهن جي قوم کي ڏک وڏي کان ۽ مدد ڪئي سون انهن جي

فَكَانُوْا هُمُ الْغَالِبِيْنَ ج (١١٦) وَاٰتَيْنَاهُمَا الْكِتَابَ الْمُسْتَبِيْنَ ج (١١٧)

پوءِ هئا اهي ئي غالب ۽ ڏنوسون انهن ٻنهي کي ڪتاب روشن

وَهَدَيْنٰهُمَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ج (١١٨) وَتَرَكْنَا عَلَيْهِمَا

۽ هدايت ڪئي سون انهن ٻنهي کي سڌي واٽ ڏانهن ۽ ڇڏي سون انهن ٻنهي جي

فِى الْاٰخِرِيْنَ لا (١١٩) سَلَامٌ عَلٰى مُوْسٰى وَهَارُوْنَ (١٢٠)

(سٺي يادگيري) پونين ۾ سلام آهي موسىٰ ۽ هارون تي

اِنَّا كَذَالِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ (١٢١) اِنَّهُمَا

بلاشڪ اسين اهڙي طرح بدلو ڏينداسون نيڪوڪارن کي بلاشڪ اهي ٻئي اسان جي

مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ (١٢٢)

ايمان وارن ٻانهن مان آهن

تفسير.

جيئن اڳين آيتن ۾ انبياء ڪرام عليهم الصلواة والسلام جو **ذڪر** هو تيئن هتي بيان سلسلي کي هلائيندي حضرت موسىٰ ۽ حضرت هرون علىٰ نبينا وعليهما الصلواة

والسلام جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي ”وَلَقَدْ مَنَنَّا عَلٰى مُوسٰى وَهَارُونَ“ ۽ البتہ تحقيق اسان موسىٰ ۽ هارون تي احسان فرمايو آهي يعني اسان انهن ٻنهي تي گهڻو احسان فرمايو انهن کي نبوت ۽ رسالت سان نوازيو. ”وَنَجَّيْنٰهُمَا وَقَوْمَهُمَا مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ“ ۽ اسان انهن ٻنهي ۽ سندن قوم کي وڏي ڏک کان ڇڏايو. يعني انهن ٻنهي نبين سڳورن ۽ انهن تي ايمان آڻڻ وارن کي ان وڏي ڏک ۽ تڪليف کان ڇڏايوسون جنهن ۾ مبتلا هئا. فرعوني سندن پٽن کي ڪهندا ۽ عورتن کي جيئرو ڇڏيندا هئا ۽ وڏن کي نهايت غليظ ڪمن ۾ استعمال ڪندا هئا ڪين زرخريد غلامن کان بہ گهٽ سمجهندا هئا. ”وَنَصَرْنٰهُمْ فَكَانُوا هُمُ الْغٰلِبِيْنَ“ ۽ اسان انهن جي مدد ڪئي پوءِ اهي ئي غالب ٿيا. مطلب تہ اسان انهن جي مدد ڪئي سندن دشمن تي ڪين فتح ۽ ڪاميابي ڏني انهن کي غرق ڪري هنن کي انهن جي زمينن ۽ باغن جو مالڪ بنايوسين انهن جا مال ۽ ملڪيتون هنن جي حوالي ڪراياسين ۽ ڪين سلطنت ۽ دولت جو صاحب ڪري ڇڏيوسين ”وَآتَيْنٰهُمَا الْكِتٰبَ الْمُسْتَبِيْنَ“ ۽ انهن ٻنهي کي روش ڪتاب ڏنوسين. يعني انهن ٻنهي نبين سڳورن عليهما السلام کي نهايت واضح، روشن، ۽ اهڙو جامع ڪتاب ڏنوسون جنهن ۾ اهي سيئي ديني ۽ دنيوي مصلحتون بيان ڪيوسين جنهن جو هر انسان محتاج هوندو آهي. ان ڪتاب مان مراد توراة آهي. (١) ”وَهَدَيْنٰهُمَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ“ ۽ اسان انهن ٻنهي کي سڌي واٽ جي هدايت ڏني. مقصد تہ اسان انهن ٻنهي کي عقل ۽ نقل سان حق جي رستي تي هلايو ۽ ڪين توفيق ڏيڻ ۽ معصوم بنائڻ سان سندن مدد ڪئي ”وَتَرَكْنَا عَلَيْهِمَا فِى الْاٰخِرِيْنَ“ ۽ اسان انهن ٻنهي جي بعد ۾ اچڻ وارن ۾ (سهڻي يادگيري) ڇڏي. يعني سندن دؤر گذرڻ کان پوءِ بہ انهن جو دنيا ۾ سهڻو ذڪر جاري رکيوسين. ”سَلٰمٌ عَلٰى مُوسٰى وَهَارُونَ“ موسىٰ ۽ هارون تي سلام آهي. يعني اسان ملائڪن، جنن ۽ انسانن ۾ اهو شعور پيدا ڪيو آهي جو اهي هميشہ انهن تي سلام پڙهندا رهندا ۽ اطمينان واري زندگيءَ جهڙي ٻي ڪابہ سعادت ناهي. ”اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ“ بلاشڪ اسين اهڙي طرح محسنن کي بدلو ڏينداسون. يعني جيڪي بہ انهن پيارن نبين عليهم الصلواة والسلام سان محبت رکي انهن وانگر دين جي خدمت ڪندا تہ

انهن کي بہ اهڙو سهڻو بدلو ڏينداسون. "اِنَّهُمَا مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ" بلاشڪ اهي ٻئي اسان جي مومن ٻانهن مان آهن. يعني اهي ايمان ۾ نهايت ڪمال وارا آهن جو انهن جي ذريعي ٻين کي اها نعمت نصيب ٿي هئي. هن آيت ۾ انهن جي محسن هجڻ جي علت بيان ڪئي وئي آهي ۽ سندن قدر جو بلند ۽ بالا هجڻ بيان ڪيو ويو آهي.(١)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا واضح ٿين ٿا.

١- "وَلَقَدْ مَنَنَّا" کان "مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيْمِ" تائين ٻنهي آيتن مان معلوم ٿيو تہ الله جل شانه جي طرفان نبوت جو ملڻ وڏو انعام آهي ۽ اهو بہ واضح ٿيو تہ جيڪي بہ الله جل شانه جا ٻانها انبياء ڪرام عليهم الصلواة والسلام تي ايمان آڻي انهن جي اتباع ڪن ٿا اهي دنيا جي عذابن ۽ تڪليفن کان بہ آزاد ٿي ويندا ۽ آخرت ۾ بہ جنت جا حقدار ٿيندا ۽ ان واقعي سان عربن کي بہ متنبه ڪيو ويو تہ جيڪڏهن اوهان بہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن تي ايمان آڻي ان جي اتباع ڪندؤ تہ جيئن اهي مصر جا والي بڻيا هئا تيئن اوهان بہ دنيا ۾ ملڪ فتح ڪري انهن جا حڪمران ٿيندؤ. (٢) "وَنَصَرْنٰهُمْ فَكَانُوْا هُمُ الْغٰلِبِيْنَ" (۽ اسان انهن جي مدد ڪئي پوءِ اهي ئي غالب رهيا). مان واضح ٿيو تہ غلبو ۽ ڪاميابي ان کي ملندي جنهن جي الله جل شانه مدد ڪندو. مومن ٻانها لشڪر جي ڪثرت تي مغرور نہ ٿيندا الله جل شانه جي تائيد ۽ نصرت تي يقين رکندا. ٣- "وَتَرَكْنَا عَلَيْهِمَا فِى الْاٰخِرِيْنَ" (۽ اسان بعد ۾ اچڻ وارن ۾ انهن جي چڱي ياد ڇڏي). واضح ٿيو تہ الله جل شانه جي پيارن کي ٻين ثوابن کان علاوه دنيا ۾ سندن ڀلو ذڪر ۽ امن امان بہ عطا ٿيندو آهي ڪنهن جو سهڻو ذڪر هلي ۽ عاقبت بخير گذري تہ اها بہ الله جل شانه جي نعمت آهي. ٤- "اِنَّهُمَا مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ" (بلاشڪ اهي ٻئي اسان جي مومن ٻانهن مان آهن). واضح ٿيو تہ نبين تي بہ مومن جو لفظ ڳالهائي سگهجي ٿو پر ايمان جي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيندڙن ۾ فرق آهي. امتي پار پهچڻ جي لاءِ سوار ٿيندو آهي ۽ نبي سڳورو عليه الصلواة والسلام پار پهچائڻ جي لاءِ. والله الهادي.

(١) تفسير جمل صہ٥٥٠ جلد٣ (٢) تفسير حقاني صہ٥٤ جلد٦

وَاِنَّ اِلْيَاسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ؕ (١٢٣) اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ

۽ بيشڪ الياس البت مرسلن مان آهي جڏهن چيائين پنهنجي قوم کي ته

اَلَا تَتَّقُوْنَ (١٢٤) اَتَدْعُوْنَ بَعْلًا وَّتَذَرُوْنَ

ڇا اوهان نٿا ڊڄو؟ ڇا پوڄا ڪيو ٿا بعل جي ۽ ڇڏيو ٿا

اَحْسَنَ الْخَالِقِيْنَ ۙ (١٢٥) اَللّٰهَ رَبَّكُمْ وَرَبَّ اٰبَآئِكُمُ

سڀني ٺاهيندڙن کان وڌيڪ سهڻي ٺاهيندڙ الله پنهنجي رب ۽ پنهنجن

الْاَوَّلِيْنَ (١٢٦) فَكَذَّبُوْهُ فَاِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ ۙ (١٢٧)

پهرين ابن ڏاڏن جي رب کي پوءِ ان کي ڪوڙو چيائون پوءِ بيشڪ اهي

اِلَّا عِبَادَاللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ (١٢٨) وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ

البت حاضر ڪيل آهن مگر الله جا مخلص ٻانها ۽ (چڱي ياد) ڇڏي سون ان جي

فِى الْاٰخِرِيْنَ ۙ (١٢٩) سَلٰمٌ عَلٰٓى اِلْيَاسِيْنَ ۙ (١٣٠) اِنَّا كَذٰلِكَ

پوئين ۾ سلام آهي الياس تي بيشڪ اسين اهڙي طرح

نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ (١٣١) اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ (١٣٢)

بدلو ڏينداسون نيڪوڪارن کي بلاشڪ اهو اسان جي ايمان وارن ٻانهن مان آهي.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ حضرت موسىٰ ۽ حضرت هارون عليهما الصلوٰة والسلام جو ذڪر هو ۽ هتي حضرت هارون جي اولاد مان اچڻ واري نبي حضرت الياس عليه السلام

جو ذڪر ڪندي ارشاد تي رهيو آهي "وَاِنَّ اِلْيَاسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ" ۽ بلاشڪ الياس مرسلن مان آهي.

حضرت الياس عليه السلام جو احوال.

حضرت الياس صحيح قول مطابق حضرت هارون جي اولاد مان هو ۽ سندس نسب هن طرح آهي. الياس بن ياسين بن فنحاص بن عيزار بن هارون بن عمران. ۽ اهو اليسع جو سؤٽ هو سيرت ۽ خبرن جي عالمن فرمايو آهي تہ جڏهن الله تعالىٰ حضرت حزقيل کي دنيا تان رحلت ڏئي گهرايو تہ بني اسرائيل ۾ وڏا فتنا ۽ فساد پيدا ٿيا اهي بتن جي پوڄا ڪري مشرڪ بڻيا غيرالله جي عبادت ڪرڻ لڳا تہ الله جل شانه انهن ۾ حضرت الياس عليه السلام کي نبوت سان نوازي مبعوث فرمايو. بني اسرائيل ۾ انبياء سڀورا حضرت موسىٰ عليه السلام کان پوءِ توراة جي وساريل احڪام جي تجديد لاءِ ايندا هئا. بعلبڪ شهر ۽ ان جي پسگردائي ۾ رهندڙن کي اتي جي بادشاهہ صفا گمراهہ ڪري ڇڏيو هو ۽ کين بت پرستيءَ تي مجبور ڪيو هو. مگر حضرت الياس عليه السلام انهن کي الله جل شانه جي توحيد ڏانهن سڏيو ۽ کين بت پرستيءَ کان روڪيو پر اهي سندس ڪابہ ڳالهہ نہ پيا ٻڌن ۽ نہ پيا مڃن. ۽ اها قدرت واري جي حڪمت جو بادشاهہ ايمان آڻي حضرت الياس عليه السلام جي تصديق ڪئي. حضرت الياس ان کي هدايتون ڪيون سڌيءَ واٽ سمجهائي ۽ وٺائي. پر وري اهو مرتد ٿي ايمان جو انڪار ڪري وينو ۽ حضرت الياس عليه السلام تي سخت ناراض ٿي ڪيس ايذاءِ ڏيڻ جو پرورگرام بڻايائين. جڏهن حضرت الياس اها ڳالهہ محسوس ڪئي تہ پاڻ اتان نڪري وڏن جبلن ۾ اچي رهيو. بادشاهہ سندن پويان پڪڙڻ لاءِ ماڻهو لڳايا پر الله تعالىٰ ڪيس انهن کان محفوظ رکيو ست سال ان نموني گذاريائين جو وڻن جا ميوا ۽ زمين جا ساوا سلا کائيندو ۽ چشمن جو پاڻي پيئندو هو نيٺ ان حالت کان تنگ ٿي دعا گهريائين تہ يااللہ! مون کي هن قوم کان ڇڏاءِ. پوءِ ڪيس قدرتي حڪم مليو تہ فلاڻي ڏينهن فلاڻي وقت ٻاهر نڪر ۽ جيڪا بہ شيءِ ڏسين ان کان نہ ڊڄ ان تي سوار ٿي ويهہ پوءِ حضرت الياس پاڻ سان حضرت يسع کي وٺي نڪتو جڏهن ان جاءِ تي پهتو

جنهن جو ڪيس امر ٿيل هو تہ باهہ جي رنگ تي هڪ گهوڙو ظاهر ٿيو ۽ پاڻ ان تي چڙهي وينو ۽ اهو ڪيس ڪٿي روانو ٿيو تہ حضرت يسع چيس اي الياس! مون لاءِ ڪهڙو حڪم ٿو ڇڏين؟ پاڻ ان ڏانهن مٿان پنهنجي چادر اڇلايائون جيڪا ڪيس خلافت ملڻ جي نشاني ٿي ۽ الله تعالىٰ ڪيس ڪٿائي ورتو ڪانئس ڪاڏي ۽ پيتي جون لذتون ڪسي ورتائين ۽ ڪيس پرن سان ڍڪيائين تہ پوءِ زمين وارو انسان آسمان وارو ملائڪ ٻنهي پيو ۽ ان ڪان پوءِ الله تعالىٰ حضرت يسع کي نبوت عطا ڪئي ۽ ڪيس بني اسرائيل ڏانهن رسول ڪري ان ڏانهن وحي موڪلي ان جي تائيد ڪيائين. بني اسرائيلن ان تي ايمان آندو ۽ ان جي تعظيم ڪندا هئا. حضرت الياس جي لاءِ جبل مسخر هئا الله تعالىٰ ڪيس ستر نبين جي قوت ڏني هئي ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام جي صفتن سان موصوف هو ۽ حضرت الياس ۽ خضر سڳورو زنده آهن آخري زماني ۾ جڏهن قرآن ڪجي ويندو تہ اهي پلارا بہ رحلت ڪندا. روايت ۾ آيو آهي تہ ٻئي هر رمضان مهيني جا روزا بيت المقدس ۾ رکندا آهن ۽ هر سال حج ۾ ايندا آهن حضرت الياس عليه السلام ميدانن ۽ بيابانن سان مقرر ڪيل آهي ۽ حضرت خضر سڳورو سمنڊن ۽ دريائن سان وابسته ڪيل آهي. والله اعلم (١)

حضرت الياس کي الله جل شانه نور جو لباس ڍڪايو ۽ ملائڪن سان گڏ اڏامندو آهي بعض بزرگن فرمايو تہ حضرت الياس بيمار ٿي پيو ۽ دنيا مان رحلت محسوس ڪري روئڻ لڳو الله شانه ڪيس وحي موڪلي فرمايو تہ "ڇوٿو روئين؟ دنياوي زندگيءَ جو حرص اٿئي يا موت جي ڊپ ڪان؟ يا باهہ جي خوف ڪان؟ عرض ڪيائين تہ انهن ٽنهي ڳالهين مان ڪابہ ڳالهہ ناهي تنهنجي عزت جو قسم آهي تہ مان هن ڏک ڪان ٿو روئان تہ مون ڪان بعد حمد ڪندڙ تنهنجو حمد ڪندا ۽ مان نہ ڪندس، توکي ذاڪر پانها ياد ڪندا ۽ مان نہ ڪندس. مون ڪان پوءِ روزي دار روزا رکندا ۽ مان نہ رکندس ۽ نمازي نمازون پڙهندا ۽ مان نہ پڙهندس؟ پوءِ ڪيس فرمان ٿيو تہ: اي الياس! مون کي پنهنجي عزت جو قسم آهي تہ مان توکي ايترو وقت مهلت ڏيندس جو مون کي کو ياد ڪرڻ وارو دنيا ۾ نہ هوندو. يعني قيامت تائين. (٢)

(١) الصاوي صہ٣٢٣ جز٣٠ خازن صہ ٢٦ جلد ٤ (٢) القرطبي صہ١١٦ جلد١٥

حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم سان ملاقات.

حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته اسان نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سان جنگ ۾ هئاسين.

جڏهن حجر وٽ فج الناقة نالي مقام وٽ پهتاسين ته هڪ آواز ٻڌوسين ڪو چوڻ وارو چئي رهيو هو ”ياالله! مون کي (حضرت) محمد مصطفیٰ (صلى الله عليه وسلم) جن جي امت مان بناءِ جيڪا رحمت ڪيل آهي ان کي تو مغفرت جي نعمت سان نوازيو آهي انهن جي توبه قبول ۽ دعا مستجاب فرمائي اٿئي“ اهو ٻڌي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن مون کي حڪم فرمايو ته: اي انس! ڏس ته هي آواز ڇا آهي؟ پوءِ مان جبل ۾ اندر داخل ٿيس ته اچي ڏاڙهي ۽ اچي مٿي وارو هڪ ماڻهو ڏٺم جنهن کي اڇا ڪپڙا پاتل هئا ٿي سو هٿن ڪان وڏيڪ ڊگهو هو جڏهن مون کي ڏٺائين ته فرمايائين ”تون نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جو قاصد آهين؟ مون عرض ڪيو ته هائو. فرمايائين ته ان ڏانهن موٽي وڃ ان کي منهنجا سلام ڏي ۽ عرض ڪر ته اوهان جو (نبوت جي لحاظ سان) ڀاءُ الياس اوهان جي ملاقات جو ارادو رکي ٿو. پوءِ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن اتي تشريف فرما ٿيا ۽ مان پوئتي هٽي ويس پوءِ پاڻ ۾ گهڻي دير تائين ڳالهائيندا رهيا ۽ مٿن آسمان ڪان ڪا شيءِ دستر خوان وانگر لهي آئي ۽ مون کي ٻه سڏڻ فرمايائون. پوءِ مون انهن سان گڏ ويهي کاڌو ته ان ۾ بهشتي ميوا هئا، مون ڪائي بس ڪئي ته هڪ ڪکر آيو جنهن اچي حضرت الياس کي کنيو ۽ مان سندس اڇن ڪپڙن کي ان ۾ ڏسي رهيو هوس پوءِ مون نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي عرض ڪيو ته ”منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان ٿين. جيڪو طعام اسان ان سان گڏ کاڌو آسمان کان لهي آيو هو؟ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو ته مون الياس کان ان جي متعلق پڇيو ان چيو ته اهو جبريل مون وٽ چاليهن ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو آڻيندو آهي ۽ سال ۾ هڪ ڀيرو زم زم پياريندو آهي. (۱) ”اِذۡ قَالَ لِقَوۡمِهٖۤ اَلَا تَتَّقُوۡنَ“ جڏهن پنهنجيءَ قوم کي فرمايائين ته ڇا ڊڄو نٿا؟ يعني الله جل جلاله جو خوف ۽ ان جي عذاب کان ڇو نٿا ڊڄو؟ ”اَتَدۡعُوۡنَ بَعۡلًا وَّتَذَرُوۡنَ اَحۡسَنَ الۡخٰلِقِيۡنَ ۙ“ ڇا بعل جي

(۱) ساڳيا ٻئي حوالا

پوڇا ڪيو ٿا ۽ ٺاهيندڙن ۾ تمام سهڻي ٺاهيندڙ (الله) کي ڇڏي ٿا ڏيو؟ حضرت الياس عليه السلام جي قوم وارا بعل نالي بت جي عبادت ڪندا هئا ان جي ڪري کين فرمايائين ته الله جل شانه کي ڇڏي بت جي عبادت ڪيو ٿا. بعل جي متعلق مفسرن لکيو آهي ته سون مان ٺهيل هو ان جي ڊيگهه هڪ قول مطابق ويهه هٿ هئي چار منهن هيس ان جي خدمت ۾ چار سئو ماڻهو رکيا هيائون جن کي ان بت جا انبياء بنايو هيائون شيطان ان ۾ اندر گهڙي ڳالهائيندو هو ۽ کين گمراهيءَ جا رستا ڏسيندو هو اتي ان جي خدمت ۾ موجود اهي چار سئو ماڻهو اهي ٻڌي ماڻهن کي ٻڌائيندا هئا ۽ اهي شام ملڪ جي بعلبک نالي شهر جا رهاڪو هئا ۽ ان شهر جو نالو به ان بت جي ڪري بعلبک رکيو هيائون. (١) "اَللّٰهَ رَبَّكُمْ وَرَبَّ اٰبَآئِكُمُ الْاَوَّلِيْنَ" الله کي جيڪو اوهان جو رب ۽ اوهان کان پهريان آيلن اوهان جي ابن ڏاڏن جو به رب آهي. الله جي لفظ کي احسن الخالقين کان بدل هجڻ جي ڪري زبر پڙهي وئي آهي. هتي انهن جي ابن ڏاڏن جي رب هجڻ کي ان جي ڪري بيان ڪيو ويو آهي جو انهن الله جي ربوبيت جو انڪار ڪيو هو ۽ ان سان انهن جي وڏن جي راءِ جو باطل هجڻ به بيان ٿي ويو. (٢) مطلب ته الله جل شانه اڳين پوين سڀني جو پالڻهار آهي "فَكَذَّبُوْهُ فَاِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ" پوءِ ان کي ڪوڙو چيائون پوءِ بلاشڪ اهي حاضر ڪيل آهن. يعني الله جل شانه جي نبي عليه السلام کي ڪوڙو چوڻ جي ڪري اهي الله جي طرفان مقرر ڪيل عذاب ۾ حاضر ڪيل هوندا. "اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ" مگر الله جا خالص ٻانها. اهي عذاب کان محفوظ رهندا. "وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ" ۽ اسان بعد ۾ اچڻ وارن ۾ ان جي سهڻي يادگيري ڇڏي. يعني ان کان پوءِ اچڻ وارا ماڻهو ان کي سهڻي ثنا سان ياد ڪندا. "سَلٰمٌ عَلٰى اِلْ يَاسِيْنَ" الياس تي سلام آهي. "اِلْيَاسِيْنَ" الياس جي هڪ لغت آهي جيئن "سيناء ۽ سينين" ۽ ڪي چون ٿا ته اهو الياس جو جمع آهي جنهن ۾ حضرت الياس عليه السلام ۽ ان جا تابعدار داخل آهن ۽ ڪي چون ٿا ته معنىٰ آهي ياسين جي اولاد تي سلام آهي. ياسين حضرت الياس جي پيءُ جو نالو هو. (٣) ۽ هڪ قول آهي ته آل ياسين مان مراد آل محمد (صلى الله عليه وسلم) آهي. (۴)

(١) القرطبي صـ١١٧ جلد١٥ (٢) تفسير ابوالسعود صـ٢٠۴ جز٧ (٣) ساڳيو حوالو (۴) تفسير ڪبير صـ١٦٢ جزء ٢٦ - تفسير ابن ڪثير صـ٢٠ جلد۴

"اِنَّا كَذٰلِكَ نَجۡزِی الۡمُحۡسِنِیۡنَ" بلاشڪ اسين اهڙي طرح نيڪوڪارن کي بدلو ڏينداسون. "اِنَّهٗ مِنۡ عِبَادِنَا الۡمُؤۡمِنِیۡنَ" بلاشڪ اهو اسان جي ايمان وارن ٻانهن مان آهي. هن مان مقصد ٻانهن کي تنبيه ڪرڻ آهي تہ اصل فضيلت ايمان آهي ۽ اها ٻين فضيلتن کان اشرف، اعلیٰ ۽ اڪمل آهي.

فائدا.

مذڪوره آيتن جي متعلق ڪجهہ وضاحتون. ١- بعض مفسرن جو قول آهي تہ الياس حضرت ادريس جو ٻيو نالو آهي انهن ٻنهي شخصيتن ۾ ڪو فرق ناهي ۽ بعض جو قول آهي تہ حضرت الياس ۽ حضرت خضر ۾ ڪو فرق ناهي پر محققن عالمن انهن قولن کي رد ڪندي فرمايو آهي تہ قرآن ڪريم حضرت الياس ۽ حضرت ادريس جو اهڙي نموني سان جدا جدا ذڪر ڪيو آهي جو ٻنهي کي هڪ قرار ڏيڻ جي ڪا گنجائش ناهي. علامه ابن ڪثير لکيو آهي تہ صحيح قول هي آهي تہ اهي ٻئي جدا جدا رسول آهن. (١) (علیٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام). ٢- قرآن ۽ حديث مان اهو معلوم نٿو ٿئي تہ حضرت الياس عليه الصلواة والسلام ڪهڙي قوم ۾ تشريف فرما ٿيو هو پر تاريخي ۽ اسرائيلي روايتون ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ پاڻ حضرت حزقيل کان پوءِ ۽ حضرت اليسع کان اڳي مبعوث ٿيو هو. اهو اهو وقت هو جڏهن حضرت سليمان عليه السلام کان بعد سندس پوٽن جي غلطين جي ڪري بني اسرائيلن جي سلطنت ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي هئي هڪ حصو يهوداه يا يهوديه چورائيندو هو ۽ ان جو مرڪز بيت المقدس هو ۽ ٻيو حصو اسرائيل چورائيندو هو ۽ انهن جو مرڪز سامره (موجوده نابلس) هو حضرت الياس اردن جي علائقي جلعاد ۾ پيدا ٿيو هو ۽ ان وقت اسرائيل جي ملڪ ۾ جيڪو (بادشاهہ) حڪمران هو ان جو بائبل ۾ نالو اخي اب ۽ عربي تاريخن ۽ تفسيرن ۾ اجب يا اخب ذڪر ڪيل آهي ان جي زال ايزبل بعل نالي هڪ بت جي پوڄارڻ هئي ۽ ان ئي اسرائيل ۾ بعل جي نالي تي هڪ مندر تعمير ڪرايو سيني بني اسرائيلين کي بتن جي پوڄا واري واٽ ونرائي هئي حضرت الياس کي ان علائقي ۾ توحيد جي تعليم لاءِ الله جل شانه موڪليو هو ۽ ان اچي اسرائيلين کي بتن جي پوڄا کان روڪيو هو. (٢)

(١) البداية والنهاية صـ ٣٢٩ جلد ١ (٢) تفسير ابن ڪثير صـ ٢٠ جلد ٤ تفسير مظهري صـ ١٣٥ جلد ٨

٣- حضرت الياس عليه السلام جي نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن سان ملاقات جيڪا هن ڪان اڳي تفسير قرطبي ۽ صاوي جي حوالي سان لکي آيا آهيون اها روايت محدث حاڪم آندي آهي پر علامه ذهبي ان کي موضوع قرار ڏنو آهي. (١)ڳالھ جو خلاصو هي آهي تہ حضرت الياس عليه السلام جو زنده هجڻ ڪنهن مستند دليل سان ثابت ناهي ان جي ڪري پلو اهو آهي تہ ان معاملي ۾ خاموش رهجي. ۴- "اَحۡسَنَ الۡخَالِقِيۡنَ" ۾ خالق پيدا ڪندڙ جي معنىٰ سان نہ صانع ٺاهيندڙ جي معنىٰ سان آيل آهي ڇو تہ خالق خلق ڪان ورتل آهي ان جي معنىٰ آهي ڪنهن شيء کي عدم محض (بالڪل نہ هجڻ) مان وجود ۾ آڻڻ. ان جي ڪري هيءَ صفت خاص الله جل مجده جي آهي ڪنهن ٻئي کي مطلق خالق چوڻ جائز ناهي لهذا اسان جي هلندڙ دؤر ۾ اهل قلم جي مضمونن کي، شاعرن جي شعرن کي ۽ تصويرون ٺاهيندڙن جي تصويرن کي انهن جي "تخليقات" چوڻ بالڪل جائز ناهي. انهن جي محنتن کي انهن جي "ڪاوش" يا مضمون سڏڻ گهرجي.

وَاِنَّ لُوۡطًا لَّمِنَ الۡمُرۡسَلِيۡنَؕ (١٣٣) اِذۡ نَجَّيۡنٰهُ

۽ بيشڪ لوط البت مرسلن مان آهي جڏهن ڇڏايوسين ان کي ۽

وَاَهۡلَهٗۤ اَجۡمَعِيۡنَ ۙ (١٣۴) اِلَّا عَجُوۡزًا فِى الۡغٰبِرِيۡنَ (١٣۵)

ان جي اهل مڙني کي مگر هڪ پوڙهي پوئتي رهندڙن مان هئي

ثُمَّ دَمَّرۡنَا الۡاٰخَرِيۡنَ (١٣٦) وَاِنَّكُمۡ لَتَمُرُّوۡنَ

ان کان پوء هلاڪ ڪيوسون ٻين کي ۽ بلاشڪ اوهان البت لنگهو پيا

عَلَيۡهِمۡ مُّصۡبِحِيۡنَ ۙ (١٣٧) وَبِالَّيۡلِ ؕ اَفَلَا تَعۡقِلُوۡنَ ع (١٣٨)

انهن تان صبح جي وقت ۽ رات جو ڇا پوء نٿا عقل رکو.

(١) در منثور صہ ١١٩ جلد ٧

٨ (۵) عـ ۴

تفسير

جيئن اڳين آيتن ۾ انبياء ڪرام عليه السلام جو ذڪر هلندو آيو آهي تيئن هتي اهوئي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاِنَّ لُوْطًا لَّمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ" ۽ بلاشڪ لوط مرسلن مان آهي. يعني حضرت لوط عليه السلام پنهنجي قوم سدوم نالي شهر جي رهاڪن ڏانهن موڪليل هو جيڪي اهڙا برا فعل ڪندا هئا جو اهي انهن ڪان اڳي ڪنهن به قوم نه ڪيا هئا پوءِ پاڻ انهن کي نصيحت ڪري ان بري فعل کان روڪيائين پر اهي نه مڙيا ته الله جل شانه انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو. "اِذْ نَجَّيْنٰهُ وَاَهْلَهٗٓ اَجْمَعِيْنَ اِلَّا عَجُوْزًا فِى الْغٰبِرِيْنَ" جڏهن اسان ان کي ۽ ان جي مڙني اهل وارن کي ڇڏايو مگر هڪ پوڙهي پوئتي رهندڙن ۾ هئي. يعني حضرت لوط عليه السلام جي گهرواريءَ کان سواءِ جيڪا ڪافرن سان گڏ هلاڪ ٿي باقي ٻين سيني سندس اهل وارن ۽ ڪيس ان عذاب کان ڇڏايوسين. "ثُمَّ دَمَّرْنَا الْاٰخَرِيْنَ" ان کان پوءِ ٻين کي هلاڪ ڪيوسين. دمرنا تدمير کان ورتل آهي معنىٰ هلاڪ ڪرڻ. هتي مراد آهي ته انهن عذاب کان ڇٽندڙن حضرت لوط ۽ سندس خاندان کان سواءِ ٻين کي مٽي ڪٽائي، اونڌو ڪري سٽي انهن تي پٿر وسرايائين. وَاِنَّكُمْ لَتَمُرُّوْنَ عَلَيْهِمْ مُّصْبِحِيْنَ وَبِالَّيْلِ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ" ۽ اوهان صبح جو ۽ رات جو انهن تان لنگهو پيا ڇا پوءِ به عقل نٿا رکو. هتي بيان ته به وقت صبح ۽ رات ٿيا آهن پر ان مان مراد عام وقت آهي يعني اوهان انهن هلاڪ ڪيلن جي جاين کان رات ڏينهن لنگهو پيا ۽ شام ملڪ ڏانهن ويندي انهن جي ويران ڪيل مڪانن کي مشاهدو ڪيو ٿا پوءِ به عقل نه اٿو جو عبرت حاصل ڪيو ۽ ڊڄو ته متان اوهان جو به اهو حال ٿئي. ڇو ته جيڪو انهن جي هلاڪ ڪرڻ تي قادر هو اهو اوهان جي هلاڪ ڪرڻ تي به قادر آهي. (١) حضرت لوط عليه السلام جو بيان هن کان اڳي به مختلف سورتن ۾ ٿي چڪو آهي خاص ڪري سورة الاعراف ۾ ان جي ڪري وڌيڪ اتي ڏسي سگهجي ٿو.

(١) تنويرالاذهان صـ ٣٥٠ جلد ٣

فائدا.

مذكوره آيتن ۾ هي وڏيڪ وضاحتون ذهن نشين ڪرڻ جهڙيون آهن. ١- ”وَاَهۡلَهٗۤ“ (۽ ان جي اهل ڪي) ۾ اهل مان مراد حضرت لوط علي نبينا وعليه الصلواة والسلام جون نياڻيون آهن. باقي سندس گهرواري جنهن جو نالو وايله هو اها ڪافره هجڻ جي ڪري هلاڪ ٿي وئي. ٢- حضرت لوط عليه السلام جي گهرواري جي هلاڪ ڪرڻ مان واضح ٿيو ته الله جل شانه جي پيارن جي رفاقت تڏهن فائدو ڏيندي جڏهن ايمان هوندو بي ايمان ڪي ڪو فائدو نه ملندو ان جي ڪري صرف نسبت تي ناز نه ڪجي ايمان ڪامل رکڻ ضروري آهي.

وَاِنَّ يُوۡنُسَ لَمِنَ الۡمُرۡسَلِيۡنَؕ (١٣٩) اِذۡ اَبَقَ اِلَى الۡفُلۡكِ

۽ بيشڪ يونس البته مرسلن مان آهي جڏهن ڀَڄي ڀرئي ٻيڙي

الۡمَشۡحُوۡنِۙ (١٤٠) فَسَاهَمَ فَكَانَ مِنَ الۡمُدۡحَضِيۡنَۚ (١٤١)

ڏانهن پوءِ ڪڻو وڌائين پوءِ هو ڪڻي ۾ مغلوبن مان

فَالۡتَقَمَهُ الۡحُوۡتُ وَهُوَ مُلِيۡمٌ (١٤٢) فَلَوۡلَاۤ اَنَّهٗ كَانَ

پوءِ ڳهي وئي ان کي مڇي ۽ اهو ملامت ڪندڙ آهي پوءِ جيڪڏهن نه هجي ها ته تحقيق اهو هو

مِنَ الۡمُسَبِّحِيۡنَۙ (١٤٣) لَلَبِثَ فِيۡ بَطۡنِهٖۤ اِلٰى يَوۡمِ يُبۡعَثُوۡنَۚ (١٤٤)

تسبيح پڙهندڙن مان ته البته رهي ها ان جي پيٽ ۾ ان ڏينهن تائين جنهن ۾ اٿاريا ويندا

فَنَبَذۡنٰهُ بِالۡعَرَآءِ وَهُوَ سَقِيۡمٌۚ (١٤٥) وَاَنۡۢبَتۡنَا عَلَيۡهِ

پوءِ اڇلايوسون ان کي صاف ميدان ۾ ۽ اهو بيمار هو ۽ ڄمايوسون ان تي

النصف

شَجَرَةً مِّنْ يَّقْطِيْنٍ ج (١٤٦) وَاَرْسَلْنٰهُ اِلٰى مِائَةِ اَلْفٍ

وڻ ڪدؤ جو ۽ موڪليوسون ان کي هڪ لک ماڻهن

اَوْ يَزِيْدُوْنَ ج (١٤٧) فَاٰمَنُوْا فَمَتَّعْنٰهُمْ اِلٰى حِيْنٍ ط (١٤٨)

يا زياده ڏانهن پوءِ ايمان آندائون پوءِ فائدو ڏنوسون انهن کي هڪ وقت تائين.

تفسير.

انبياء ڪرام عليهم السلام جي ذڪر جو سلسلو هلائيندي هتي حضرت يونس عليه السلام جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاِنَّ يُوْنُسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ" ۽ بلاشڪ يونس البت مرسلن مان آهي. يعني حضرت يونس الله جل شانه جي طرفان موصل ۾ نينوىٰ شهر جي رهاڪن ڏانهن موڪليو ويو هو. (١) "اِذْ اَبَقَ اِلَى الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ" جڏهن (ماڻهن سان) ڀريل ٻيڙيءَ ڏانهن ڀڄي نڪتو هو. يعني حضرت يونس پنهنجي قوم جي ڏک ڪان نڪري درياء تي آيو ته ماڻهن سان ڀريل ٻيڙيءَ ۾ ڀڄي اچي چڙهيو. اها ٻيڙي جڏهن درياء جي وچ ۾ آئي ته هلڻ ڪان بيهي رهي ۽ ملاحن چيو ته هن ۾ ڪو سردار جي موڪل ڪان سواءِ ڀڄي ايندڙ ٻانهو سوار ٿيو آهي تڏهن بيهي رهي آهي. پر اهو ظاهر ڪيئن ٿي ڪٽو وجهو ته اهو ظاهر ٿي پوندو. "فَسَاهَمَ فَكَانَ مِنَ الْمُدْحَضِيْنَ" پوءِ ڪٽو وجهرايائين ته پاڻ ئي ڪٽي ۾ مغلوبن مان ٿي پيو. يعني حضرت يونس عليه السلام جي نالي تي ڪٽو نڪتو. (٢) "فَالْتَقَمَهُ الْحُوْتُ وَهُوَ مُلِيْمٌ" پوءِ ان کي مڇي ڳهي وئي ۽ اهو ملامت ڪندڙ هو. روايت ۾ آهي ته جڏهن ڪٽي ۾ حضرت يونس عليه السلام جو اسم مبارڪ نڪتو ۽ پنهنجي وجود پاڪ کي درياء ۾ اڇلايائين ته ڪيس هڪ مڇي ڳهي وئي ۽ ان اهڙو ڪم ڪيو هو جنهن تي پاڻ کي ملامت ڪري رهيو هو "فَلَوْلَآ اَنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُسَبِّحِيْنَ" پوءِ جيڪڏهن نه هجي ها ته بلاشڪ اهو تسبيح پڙهندڙن

(١) المراغي صـ٨٦ جزء ٢٣جلد٨ (١) تنويرالاذهان صـ ٣٥١ جلد٣

مان هو. مطلب تہ مڇيءَ جي پيٽ ۾ "لَآ اِلٰهَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحَانَكَ اِنِّيْ كُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِيْنَ" پڙهندڙ نہ هجي ها تہ "لَلَبِثَ فِيْ بَطْنِهٖٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ" قبرن مان اٿڻ واري ڏينهن تائين ان جي پيٽ ۾ رهيو پيو هجي ها. (١) "فَنَبَذْنٰهُ بِالْعَرَآءِ وَهُوَ سَقِيْمٌ" پوءِ اسان ان کي ميدان ۾ اڇلايو ان حال ۾ جو اهو بيمار هو. يعني جڏهن الله جل شانه جي اذن سان مڇيءَ هن کي اوڳاري ٻاهر ڪڍيو تہ اهو هڪ ميدان ۾ اچي پيو. ميدان جو مطلب اهو ناهي تہ ڪو اتي ڪنهن بہ قسم جو وڻ نہ هو پر مڇيءَ جي پيٽ ۾ رهڻ جي ڪري نهايت ضعيف، ڪمزور، ۽ اهڙو بيمار ٿي پيو هو جو هوا ۽ بدن تي مک جو وهڻ بہ سهي نٿي سگهيو "وَاَنْۢبَتْنَا عَلَيْهِ شَجَرَةً مِّنْ يَّقْطِيْنٍ" ۽ اسان ان تي ڪدوءَ جو وڻ ڄمايو. يعني ان جي مٿان ڇانو ڪرڻ جي لاءِ الله جل شانه ڪدوءَ جو وڻ ڄمايو جنهن جي پنن جي ڇانو ۾ رهڻ لڳو ۽ قدرتي طرح ان جي کائڻ ۽ پيئڻ جو بہ انتظام ٿي ويو. "وَاَرْسَلْنٰهُ اِلٰى مِائَةِ اَلْفٍ اَوْ يَزِيْدُوْنَ" ۽ اسان ان کي هڪ لک ماڻهن ۽ زياده ڏانهن موڪليو. يعني جيڪڏهن صرف عاقل بالغ ڳڻيو تہ هڪ لک ٿين ٿا ۽ ننڍا وڏا ڳڻيو تہ هڪ لک کان وڌيڪ هئا. (٢) "فَاٰمَنُوْا فَمَتَّعْنٰهُمْ اِلٰى حِيْنٍ" پوءِ ايمان آندائون پوءِ اسان انهن کي هڪ وقت تائين فائدو ڏنو. يعني حضرت يونس عليه السلام جي قوم کي جڏهن سندس خبر پئي تہ آيا ۽ ان تي ايمان آندائون پوءِ ان ايمان جي دولت جي صدقي الله جل شانه انهن کي حياتيءَ جي مقرر وقت تائين فائدو وٺڻ ڏنو ۽ الاهي عذاب کان بچي ويا. (حضرت يونس عليه السلام جو قصو هن کان اڳي سورة "يونس" ۽ سورة "انبياء" ۾ بہ بيان ٿي آيو آهي.)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١- مفسرن سڳورن لکيو آهي تہ حضرت يونس عليه السلام جو مڇيءَ جي پيٽ ۾ زنده رهڻ، اتي الله جل شانه جو ذڪر ڪرڻ، اتان خيريت سان نڪري ڪدوءَ جي ول هيٺان صحت حاصل ڪرڻ اهي سڀ سندس معجزا هئا ۽ انهن ئي

(١) الجواهر في تفسيرالقرآن صہ٢٢ جز١٦ (٢) حاشيه عثمانيه ص ٦٠١

معجزن کي ظاهر ڪرڻ جي لاءِ اهو واقعو پيش آيو نہ تہ نبي سڳوري جو شان تہ اهو آهي جو ان جي برڪت سان ٻيڙيون ٻڏڻ کان محفوظ رهنديون آهن. حضرت خضر ٻيڙيءَ جو اهو تختو ڀڳو هو جيڪو پاڻيءَ ۾ هو پر ان جي برڪت سان پاڻي ٻيڙيءَ ۾ نہ آيو.

٢- حضرت يونس عليہ السلام مڇيءَ جي پيٽ ۾ تسبيح پڙهي. ان مان معلوم ٿيو تہ الله جل شانہ جي ذڪر سان آفتون ٽرن ٿيون مشڪلاتون آسان ٿينديون آهن. خاص ڪري اهي دعائون جيڪي بزرگن کان نقل ڪيل هونديون آهن اهي قيامت تائين مؤثر رهنديون آهن. حضرت يونس واري دعا "لَآاِلٰہَ اِلَّآ اَنْتَ سُبْحَانَکَ اِنِّی کُنْتُ مِنَ الظّٰلِمِیْنَ" اج تائين مشڪلات جي حل ڪرڻ جي لاءِ اڪسير آهي. ٣- اهو بہ معلوم ٿيو تہ مڇيءَ ۾ رهڻ حضرت يونس عليہ السلام جي لاءِ عذاب نہ هو بلڪہ هڪ محبوباڻو عتاب هو. نبين عليهم السلام جا معجزا حق آهن پاڻ ڪافي وقت مڇيءَ ۾ اندر سلامت رهيا حالانڪہ اتي نہ هوا هئي نہ سج، چنڊ جي روشني نہ کائڻ لاءِ غذا. اهڙي طرح حضرت عيسىٰ عليہ السلام آسمان تي جيڪڏهن، هوا ۽ غذا کان سواءِ زنده رهي تہ ڪهڙي قباحت آهي. هن مان قادياني ڪافرن کي عبرت وٺڻ گهرجي.

فَاسْتَفْتِهِمْ اَلِرَبِّکَ الْبَنٰتُ وَلَهُمُ الْبَنُوْنَ (١٤٩)

پوءِ پڇ انهن کان تہ ڇا تنهنجي رب جي لاءِ ڌيئرون آهن ۽ انهن جي لاءِ پٽ آهن

اَمْ خَلَقْنَا الْمَلٰٓئِکَةَ اِنَاثًا وَّهُمْ شٰهِدُوْنَ (١٥٠)

يا پيدا ڪيوسون ملائڪن کي عورتون ڪري ۽ اهي حاضر هئا

اَلَآ اِنَّهُمْ مِّنْ اِفْکِهِمْ لَيَقُوْلُوْنَ (١٥١) وَلَدَ اللّٰهُ

خبردار بيشڪ اهي پنهنجي طرفان بهتان هڻڻ جي ڪري البتہ چون ٿا تہ الله کي اولاد آهي

وَاِنَّهُمْ لَكٰذِبُوْنَ (١٥٢) اَصْطَفَى الْبَنٰتِ عَلَى الْبَنِيْنَ (١٥٣)

۽ بلاشڪ اهي البت ڪوڙ هڻندڙ آهن ڇا پسند ڪيائين ڌيئرن کي پٽن تي

مَالَكُمْ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ (١٥٤) اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ (١٥٥)

ڇا ٿيو آهي اوهان کي ڪيئن ٿا حڪم ڪيو؟ ڇو نٿا ڌيان ڏيو؟

اَمْ لَكُمْ سُلْطٰنٌ مُّبِيْنٌ (١٥٦) فَاْتُوْا بِكِتٰبِكُمْ اِنْ كُنْتُمْ

يا اوهان جي لاءِ روشن حجت آهي پوءِ آڻيو پنهنجو ڪتاب جيڪڏهن آهيو

صٰدِقِيْنَ (١٥٧) وَجَعَلُوْا بَيْنَهٗ وَبَيْنَ الْجِنَّةِ نَسَبًا

سچا ۽ ڪيائون ان (الله) ۽ جنن جي وچ ۾ نسب (جو سلسلو)

وَلَقَدْ عَلِمَتِ الْجِنَّةُ اِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ (١٥٨) سُبْحٰنَ اللّٰهِ

۽ البت تحقيق ڄاتو جنن ته بلاشڪ اهي حاضر ڪيل آهن الله جي پاڪائي آهي

عَمَّا يَصِفُوْنَ (١٥٩) اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ (١٦٠) فَاِنَّكُمْ

ان ڳالهه کان جو بيان ڪندا آهن مگر الله جا خالص ٻانها پوءِ بيشڪ اوهان

وَمَا تَعْبُدُوْنَ (١٦١) مَآ اَنْتُمْ عَلَيْهِ بِفٰتِنِيْنَ (١٦٢)

۽ جن جي اوهان عبادت ڪيو ٿا نه آهيو اوهان ان تي گمراهه ڪرڻ وارا

اِلَّا مَنْ هُوَ صَالِ الْجَحِيْمِ (١٦٣) وَمَا مِنَّآ اِلَّا لَهٗ

مگر ان کي جيڪو اهو ٻاڻ جهنم ۾ داخل ٿيندڙ آهي ۽ ناهي اسان مان ڪو مگر ان جي لاءِ

مَّقَامٌ مَّعْلُومٌ (١٦٤) وَّاِنَّا لَنَحْنُ الصَّآفُّوْنَ (١٦٥)

معلوم جاءِ آهي بلاشڪ اسان ئي صف ٻڌندڙ آهيون

وَاِنَّا لَنَحْنُ الْمُسَبِّحُوْنَ (١٦٦)

۽ بيشڪ اسان ئي تسبيح پڙهندڙ آهيون.

تفسير

اڳين آيتن ۾ نبين ﷺلارن عليهم السلام جي بعثت جو ذڪر هو ۽ هتان کان انهن کي نہ مڃڻ وارن، الله جل شانه جي لاءِ اولاد چوڻ وارن کان تنبيه طور سوال ڪندي انهن جي بي عقلي بيان ڪئي وئي آهي. ارشاد مبارڪ آهي "فَاسْتَفْتِهِمْ اَلِرَبِّكَ الْبَنَاتُ وَلَهُمُ الْبَنُوْنَ" پوءِ انهن کان پڇ تہ ڇا تنهنجي پالڻهار کي ڌيئرون آهن ۽ انهن کي پٽ آهن؟ مفسرن سڳورن لکيو آهي تہ عربن جا ڪيترائي قبيلا جهينه، سليم، خزاعه ۽ بني مليح وغيره هي اعتقاد رکندا هئا تہ (العياذ بالله) ملائڪ الله جون ڌيئرون آهن انهن کي شرمسار ڪرڻ جي لاءِ الله تعاليٰ فرمايو تہ اي حبيب! ڪريم صلي الله عليه وسلم انهن کان پڇو تہ پنهنجي لاءِ تہ پٽ ٿا پسند ڪيو ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي گهر ڌيءُ ٿي ڄمي تہ ان جو منهن ڪارو ٿي ٿو وڃي ۽ الله جل شانه جي لاءِ وري ڌيئرون ٿا ثابت ڪيو اها ڪيتري نہ احمقائي ۽ بيوقوفي آهي "اَمْ خَلَقْنَا الْمَلٰٓئِكَةَ اِنَاثًا وَّهُمْ شَاهِدُوْنَ" يا اسان ملائڪن کي ماديون ڪري پيدا ڪيو ۽ اهي موجود هئا؟ مطلب تہ جڏهن اسان ملائڪن کي پيدا ڪيو هو تہ اهي اتي نہ هئا پوءِ ڪيئن ٿا چون تہ ملائڪ الله جون ڌيئرون آهن "اَلَآ اِنَّهُمْ مِّنْ اِفْكِهِمْ لَيَقُوْلُوْنَ وَلَدَ اللّٰهُ وَاِنَّهُمْ لَكَاذِبُوْنَ" خبردار بلاشڪ اهي پنهنجي طرفان بهتان هڻڻ سان چون ٿا تہ الله اولاد ڄڻيو آهي ۽ بلاشڪ اهي البتہ ڪوڙا آهن. يعني اهي نجو بهتان ٿاهي چون ٿا تہ الله جو اولاد آهي ان جو انهن وٽ ڪو ثبوت ناهي اهي پڪا ڪوڙا آهن. انهن ۾

ذري برابر بہ سچ ناهي. "اَصْطَفَى الْبَنَاتِ عَلَى الْبَنِيْنَ مَالَكُمْ كَيْفَ تَحْكُمُوْنَ" چا پٽن کان وڌيڪ ڌيئرون پسند ڪيائين؟ چا آهي اوهان کي ڪيئن فيصلو ڪيو ٿا؟ يعني اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو الله جل شانه اوهان کي پٽ ڏنا ۽ پنهنجي پاڪ ذات لاءِ ڌيئرون پسند فرمايائين؟ اوهان کي ٿيو ڇا آهي. ڪهڙا فيصلا ٿا ڏيو؟ "اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ" ڇا پوءِ نصيحت نٿا وٺو؟ مطلب تہ ڪهڙا اونڌا خيال اٿو جو نصيحت نٿا پرايو. "اَمْ لَكُمْ سُلْطٰنٌ مُّبِيْنٌ فَاْتُوْا بِكِتٰبِكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ" چا اوهان وٽ ڪا روشن حجت آهي؟ جيڪڏهن سچا آهيو تہ پوءِ پنهنجو ڪتاب آڻيو. مطلب تہ اوهان جو چئو ٿا تہ الله جل شانه کي اولاد آهي ڇا اوهان وٽ ان لاءِ ڪا روشن حجت آهي؟ جيڪڏهن (معاذالله) آهي تہ پوءِ جيڪڏهن ان ڳالهہ ۾ سچا آهيو تہ پنهنجو اهو ڪتاب آڻيو جنهن ۾ اها حجت لکيل آهي "وَجَعَلُوْا بَيْنَهٗ وَبَيْنَ الْجِنَّةِ نَسَبًا" ۽ الله ۽ جنن جي وچ ۾ نسب (جو سلسلو) ڪيائون. يعني انهن ڪافرن الله جل شانه سان جنن جو مائٽيءَ جو تعلق قائم ڪيو جو چوڻ لڳا تہ جنّ الله جل شانه جون ڌيئرون آهن "وَلَقَدْ عَلِمَتِ الْجِنَّةُ اِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ" ۽ البتہ تحقيق جنن ڄاتو آهي تہ بيشڪ اهي حاضر ڪيل آهن. يعني جنن کي اهو يقيني علم آهي تہ اهي الله جل شانه جي بارگاهہ ۾ عملن جي جزا يا سزا لاءِ حاضر ڪيا ويندا اهي تہ بارگاه ايزدي ۾ انتهائي عاجزي ڪندڙ ٻانها هوندا جيڪڏهن اولاد هجن ها تہ ان حال ۾ نہ هجن ها. (١) "سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يَصِفُوْنَ" الله جل شانه جي متعلق جيڪي اولاد هجڻ وغيره واريون ڳالهيون بيان ڪن ٿا الله انهن کان بالڪل پاڪ آهي اهي ان جي شان جي لائق ڪڏهن بہ ناهن. "اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ" مگر الله جا خالص ٻانها. يعني الله جا اهي ٻانها جيڪي مخلص، حق، جا تابعدار، مرسلن تي نازل ڪيلن پيغامن کي مڃڻ وارا باهہ کان آزاد هوندا نہ جهنم ۾ حاضر ڪيا ويندا ۽ نہ عذاب ڏسندا. (٢) "فَاِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُوْنَ مَا اَنْتُمْ عَلَيْهِ بِفٰتِنِيْنَ اِلَّا مَنْ هُوَ صَالِ الْجَحِيْمِ" پوءِ بلاشڪ اوهان ۽ جن جي اوهان عبادت ڪيو ٿا اوهان ان تي گمراهہ ڪندڙ ناهيو مگر ان کي جيڪو جهنم ۾ داخل ٿيندڙ آهي. هي الله جل مجده جي طرفان ڪافرن کي چئلنج آهي تہ

(١) تيسرالكريم الرحمان صہ ٢٦١ جلد ۴ (٢) المراغي صہ ٨٨ جزء ٢٣ جلد ٨

اوهان ۽ جن باطل معبودن جي اوهان عبادت ڪيو ٿا سڀ ملي ڪري بہ ڪنهن ڪي گمراهہ ڪري نٿا سگهو مگر جيڪي ازلي بدبخت جهنم ۾ داخل ٿيندڙ آهن جهنم جو عذاب انهن جو مقدر بڻجي چڪو آهي اهي گمراهہ ٿيندا. ”وَمَا مِنَّآ اِلَّا لَہٗ مَقَامٌ مَّعْلُوْمٌ“ اسان مان ڪو هڪ بہ ناهي مگر ان جي لاءِ جاءِ معلوم آهي.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ ڪافرن جو چوڻ هو تہ ملائڪ الله جون ڌيئرون آهن ۽ ملائڪن جون مائرون جنن مان ماڊيون آهن الله جل شانه انهن جي ترديد ڪندي فرمايو تہ جنن جو مون سان ڪو نسب جو تعلق ناهي اهي تہ پاڻ حساب جي لاءِ پيش ڪيا ويندا خالص مخلوق آهن باقي رهيا ملائڪ اهي پاڻ چون ٿا تہ اسان مان هر هڪ ملائڪ جو مقام معلوم ۽ مقرر آهي ان ۾ رهي عبادت ڪندا آهيون بي اسان ڪي ڪا مجال ناهي.

آسمان ۾ چئن آڱرين جي جاءِ بہ خالي ناهي.

نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ ”آسمان (اٺ جي پلڻ وانگر) چيڪٽ ڪيا ۽ ان جو حق آهي تہ چيڪٽ ڪري مون ڪي ان (پاڪ الله) جو قسم آهي جنهن جي (قدرتي) هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ آسمان ۾ چئن آڱرين جيتري ڪا جاءِ ناهي مگر ان ۾ ملائڪ الله ڪي سجدو ڪندي پيشاني رکندڙ آهن. ۽ ان مقام مان آسمانن مان انهن جي عبادت ڪرڻ وارو مقام مراد آهي يا قرب جي مرتبن وارو مقام جنهن ڪان تجاوز ڪري نٿا سگهن. زرارة بن ابي اوفيٰ ڪان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جبريل ڪي فرمايو تہ ”تو پنهنجي رب ڪي ڏٺو آهي؟ تہ جبريل گهبرائجي ويو ۽ عرض ڪيائين تہ ”يامحمد“! منهنجي ۽ الله جي وچ ۾ نور جا ستر پردا آهن جو جيڪڏهن انهن مان ڪنهن ڪي ويجهو وڃان تہ سڙي وڃان. ”وَاِنَّا لَنَحْنُ الصَّآفُّوْنَ“ ۽ بلاشڪ اسين ئي صفون ٻڌندڙ آهيون. يعني الله جل شانه جي عبادت ۾ صفون ٻڌي بيهون ٿا. ابن ابي روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ ”اوهان اهڙي نموني صفون ڇو نٿا ناهيو جيئن ملائڪ صفون ناهي تسبيح پڙهندڙ آهن؟“ ”وَاِنَّا لَنَحْنُ الْمُسَبِّحُوْنَ“ ۽ بلاشڪ البت اسين ئي تسبيح پڙهندڙ آهيون يعني جيڪا بہ شيءِ مثلاً اولاد وغيره الله جي

شان جي لائق ناهي اسين ان کان ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهيون. اسين ڪافرن وانگر غير کي الله سان شريڪ بنائيندڙ ناهيون.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان حاصل ٿيندڙ فائدا. ١- "فَاسْتَفْتِهِمْ" کان "اِنْ كُنْتُمْ صَادِقِيْنَ" تائين ڪافرن جي ان عقيدي جي ترديد آهي جيڪي ملائڪن کي الله جون ڌيئرون چوندا هئا. ان جو خلاصو هي آهي ته اوهان جو اهو عقيدو اوهان جي عرف، رسم ۽ رواج جي لحاظ سان بالڪل غلط آهي ڇوته اوهان پنهنجي لاءِ ڌيئرن کي عيب سمجهو ۽ الله جي لاءِ اهي ثابت ڪيو. ۽ ان ڳالهه جو اوهان وٽ دليل ڪهڙو آهي؟ ڪنهن به دعوىٰ کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ ٽي قسم دليل هوندا آهن.

١- مشاهدو ٢- نقلي دليل يعني ڪنهن اهڙي ذات جو قول جنهن جي سچائي تسليم ڪيل آهي. ٣- عقلي دليل، جيستائين مشاهدي جو تعلق آهي ظاهر آهي ته اوهان الله جل شانه کي ملائڪ پيدا ڪندي ڏٺو ئي ناهي جنهن سان اوهان کي ملائڪن جون ڌيئرون هجڻ معلوم ٿيو هجي. ٢- نقلي دليل به اوهان وٽ ڪونه آهي ڇوته ڪابه مسلم هستي اوهان جي ان قول کي ڪونه ٿي مڃي. ٣- عقلي دليل اهو به اوهان جو ساٿ نٿو ڏي ڇوته اوهان جي خيال ۾ به ڌيئرون پٽن جي مقابلي ۾ گهٽ درجي واريون آهن ته ڪائنات جو خالق پٽ اوهان کي ڏئي پنهنجي لاءِ ڌيئرون ڪيئن پسند فرمائيندو؟

٢- "اِلَّا عِبَادَاللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ" (مگر الله جا خالص ٻانها) هن مان معلوم ٿيو ته جنهن تي الله جل شانه جو ڪرم ٿيندو آهي اهو گمراهيءَ کان محفوظ رهندو آهي. ان جي ڪري انبياء عظام عليهم الصلواة والسلام کي معصوم ۽ اولياء ڪرام کي محفوظ سڏيو ويندو آهي.

٣- "وَمَا مِنَّآ اِلَّا لَهٗ مَقَامٌ مَّعْلُوْمٌ" (۽ اسان مان هر هڪ جو مقام معلوم آهي) هتي مقام مان مراد اها به ٿي سگهي ٿي ته اسان مان هر هڪ جي عبادت جو مقام جدا آهي ڪو هميشه رڪوع ۾ آهي ته ڪو سجدي ۾ ته ڪو قعده ۾ يا مطلب آهي ته هر هڪ ملائڪ جو درجو جدا آهي، مقرب ملائڪن جو درجو جدا آهي ته "مُدَبِّرَاتِ اَمْرًا" جو جدا.

وَاِنْ كَانُوْا لَيَقُوْلُوْنَ (١٦٧) لَوْ اَنَّ عِنْدَنَا ذِكْرًا مِّنَ

۽ بلاشڪ چوندا هئا تہ جيڪڏهن تحقيق اسان وٽ هجي ها نصيحت

الْاَوَّلِيْنَ (١٦٨) لَكُنَّا عِبَادَاللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ (١٦٩) فَكَفَرُوْا بِهٖ فَسَوْفَ

پهرين کان تہ هجون ها الله جا خالص ٻانها پوءِ انڪار ڪيائون ان جو پوءِ عنقريب

يَعْلَمُوْنَ (١٧٠) وَلَقَدْ سَبَقَتْ كَلِمَتُنَا لِعِبَادِنَا الْمُرْسَلِيْنَ (١٧١)

ڄاڻندا ۽ البتہ تحقيق اڳي گذريو اسان جو فرمان اسان جن ٻانهن مرسلن لاءِ

اِنَّهُمْ لَهُمُ الْمَنْصُوْرُوْنَ (١٧٢) وَاِنَّ جُنْدَنَا لَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ (١٧٣)

بلاشڪ اهي ئي مدد ڪيل آهن ۽ بلاشڪ اسان جا لشڪر البتہ اهي ئي غالب آهن

فَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ (١٧٤) وَّاَبْصِرْهُمْ فَسَوْفَ

پوءِ منهن ڦيراءِ انهن کان هڪ وقت تائين ۽ ڏس انهن کي پوءِ جلد پاڻ بہ

يُبْصِرُوْنَ (١٧٥) اَفَبِعَذَابِنَا يَسْتَعْجِلُوْنَ (١٧٦) فَاِذَا نَزَلَ

ڏسندا ڇا پوءِ اسان جي عذاب کي تڪڙو گهرن ٿا پوءِ جڏهن لهندو انهن جي اڱڻ تي

بِسَاحَتِهِمْ فَسَآءَ صَبَاحُ الْمُنْذَرِيْنَ (١٧٧) وَتَوَلَّ عَنْهُمْ

پوءِ بري هوندي صبح ڊيڄاريلن جي ۽ منهن ڦيراءِ انهن کان

حَتّٰى حِيْنٍ (١٧٨) وَّاَبْصِرْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ (١٧٩)

ڪو وقت ۽ ڏسندو رهہ پوءِ جلد (اهي بہ) ڏسندا

سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿١٨٠﴾ وَسَلٰمٌ عَلَى

پاڪائي آهي تنهنجي رب جي عزت واري رب جي ان کان جيڪو بيان ڪن ٿا ۽ سلام آهي

الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٨١﴾ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٨٢﴾

مرسلن تي ۽ سڀ ساراهه ثابت آهي الله جهانن جي رب جي لاءِ.

ع ٥ ‏٩

تفسير.

اڳين آيتن ۾ الله جل شانه جي مقبول ٻانهن جي قول جو بيان هو ۽ هتان کان مردودن جي قول جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاِنْ كَانُوْا لَيَقُوْلُوْنَ لَوْ اَنَّ عِنْدَنَا ذِكْرًا مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ لَكُنَّا عِبَادَاللهِ الْمُخْلَصِيْنَ" ۽ بلاشڪ چوندا هئا ته جيڪڏهن يقيني طور اسان وٽ پهرين کان ڪا اهڙي نصيحت هجي ها ته البته اسان به الله جا خالص ٻانها هجون ها. هتي "اِنْ" "اِنَّ ثقيله" کان مخفف ڪيل آهي ۽ "ذِكْرًا" مان مراد ڪتاب آهي. مطلب ته مڪه مڪرمه جا رهاڪو ڪافر نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي بعثت کان اڳي چوندا هئا ته جيڪڏهن اسان وٽ به پهرين وانگر ڪو آسماني ڪتاب هجي ها جيئن انهن وٽ توراة وغيره نازل ٿي آيو هو ته اسين به الله جا مخلص ٻانها ٿي خلوص سان عبادت ڪيون ها "فَكَفَرُوْا بِهٖ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ" پوءِ ان جو انڪار ڪيائون پوءِ جلد ڄاڻندا. يعني جڏهن انهن وٽ الله جل شانه جي طرفان نازل ڪيل ڪتاب آيو ته ان جو انڪار ڪري ويٺا پوءِ جلد ڄاڻندا ته سندن ڪفر جي عاقبت ڪهڙي ٿيندي؟ ۽ هڪ قول آهي ته "ذِكْرًا" مان مراد رسول آهي. (١) "وَلَقَدْ سَبَقَتْ كَلِمَتُنَا لِعِبَادِنَا الْمُرْسَلِيْنَ" ۽ البته تحقيق اسان جي مرسلن ٻانهن جي لاءِ اسان جو وعدو اڳي ٿي ويو آهي. اڳتي ان جو تفصيل اچي رهيو آهي "اِنَّهُمْ لَهُمُ الْمَنْصُوْرُوْنَ وَاِنَّ جُنْدَنَا لَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ" بلاشڪ اهي ئي مدد ڪيل آهن ۽ بلاشڪ اسان جا لشڪر وارا اهي ئي غالب آهن. يعني اسان جو هي فيصلو ٿي چڪو آهي ته

(١) تفسير جمل صـ٥٥٨ جلد٣

فتح، نصرت، عزت، ۽ غلبو اسان جي مرسلن (عليهم الصلواة والسلام) ۽ انهن جي
مجڻ وارن کي ملندو اهي اسان جا لشکري آهن ۽ اهي ئي غالب آهن. ”فَتَوَلَّ عَنۡهُمۡ
حَتّٰى حِيۡنٍۙ“ پوءِ کو وقت انهن کان منهن (مبارڪ) ڦيراءِ. يعني اي حبيب پاڪ!
(صلى الله عليه وسلم) انهن مکه مکرمه جي رهاڪو ڪافرن کان کو وقت منهن
مبارڪ ڦيرايو تانجو انهن سان جنگ ڪرڻ جو امر اچي يا اوهان جي مدد ڪرڻ
جي وعدي وارو وقت بدرجو ڏينهن يا مکه مکرمه کي فتح ڪرڻ وارو ڏينهن
اچي. ”وَّاَبۡصِرۡهُمۡ فَسَوۡفَ يُبۡصِرُوۡنَ“ ۽ انهن کي ڏسو پوءِ (اهي پاڻ بہ) جلد ڏسندا.
مطلب تہ ان ڏينهن اوهان انهن جو حال ڏسجو ۽ پاڻ بہ ان ڏينهن اوهان کي ملڻ
واري مدد ۽ آخرت ۾ اوهان جي بلند مرتبي کي ملاحظو ڪندا. ”اَفَبِعَذَابِنَا
يَسۡتَعۡجِلُوۡنَ فَاِذَا نَزَلَ بِسَاحَتِهِمۡ فَسَآءَ صَبَاحُ الۡمُنۡذَرِيۡنَ“ ڇا پوءِ اسان جي عذاب کي
تکڙو گهرن ٿا پوءِ جڏهن اهو سندن اڳڻ تي لهندو تہ پوءِ ڊيڄاريلن جي صبح
نهايت بري هوندي. جڏهن ڪافرن ”فَسَوۡفَ يُبۡصِرُوۡنَ“ (پوءِ جلد ڏسندا) فرمان
ٻڌو تہ اهو ڪيئن ٿي سگهندو؟ تہ الله جل شانه هيءَ آيت نازل ڪري فرمايو تہ
انهن کي اسان جي عذاب اچڻ جي لاءِ تکڙ گهٽي آهي جو انهيءَ جي اچڻ جو وقت
پيا پڇن پر جڏهن اهو سندن اڳڻ تي لهي اچي ڪڙڪندو تہ پوءِ انهن الاهي عذاب
کان ڊيڄاريلن جي اها صبح ڏاڍي بري هوندي. ذهن ۾ وهارڻ گهرجي تہ اسلام
کان اڳي عرب جي قبائل ۾ قتل ۽ لٽ مار گهڻي هوندي هئي ۽ ڪنهن بہ لشڪر جو
جيڪڏهن ڪنهن کي لٽڻ مارڻ جو ارادو هوندو هو تہ سڄي رات سفر ڪري رات
جي پوئين حصي ۾ جڏهن ننڊ جو غلبو ٿيندو آهي انهن تي حملو ڪري لٽ مار
ڪندا هئا ۽ جڏهن تہ گهٽو ڪري اهو دستور هوندو هو تہ ان قتل وغارت کي
صباح سڏيندا هئا ۽ پر جيڪڏهن ڪنهن ٻئي وقت ۾ اها لٽ مار ڪندا هئا تہ بہ
ان کي صباح سڏيندا هئا هن آيت ۾ ان اچڻ واري عذاب کي ان لٽ مار سان تشبيه
ڏيندي صباح سڏيو ويو آهي ۽ روايت ۾ آهي تہ ان صبح جو جڏهن نبي ڪريم
صلى الله عليه وسلم جن خيبر جي سرزمين تي پهتا ۽ اتي جا قلعا ۽ ڪوٽ ڏٺائون
تہ فرمايائون ”اَللّٰهُ اَكۡبَرُ خَرِبَتۡ خَيۡبَرُ اِنَّا اِذَا نَزَلۡنَا بِسَاحَةِ قَوۡمٍ فَسَآءَ صَبَاحُ الۡمُنۡذَرِيۡنَ“
(١) الله اڪبر خيبر ويران ٿي ويو اسين جڏهن ڪنهن قوم جي اڳڻ تي (فتح ڪرڻ

(١) تفسير حسيني فارسي ص٧٢٦

جي لاءِ) پهتاسين تہ انهن ڏيچاريلن جي صبح بري ٿيندي. وَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ وَّاَبْصِرْ فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ" ۽ انهن کان ڪنهن وقت تائين منهن (مبارڪ) ڦيراءِ ۽ ڏس پوءِ (اهي بہ) جلد ڏسندا. پيو پيرو هي ارشاد تاڪيد لاءِ آيو آهي يعني اي حبيب ڪريم ! صلي الله عليه وسلم اوهان انهن کان پنهنجو منهن مبارڪ تيستائين ڦيرايو جيستائين جنگ جو آرڊر اچي ۽ ڏسو تہ انهن تي عذاب ڪيئن ٿو اچي ۽ اهي پاڻ بہ دنيا ۽ آخرت ۾ مختلف عذاب ڏسندا. سُبْحٰنَ رَبِّکَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ج هر ان ڳالهہ کان جيڪا بيان ڪن ٿا تنهنجي رب، عزت واري رب جي پاڪائي آهي. يعني الله جل شانه جي لاءِ جيڪي نامناسب ڳالهيون ڪافر ڪن ٿا تنهنجو رب، عزت وارو رب انهن کان هر طرح پاڪ آهي "وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ج" ۽ مرسلن تي سلام آهي. جن الله جل شانه جو پيغام پهچايو. "وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ" ۽ سڀ ساراهہ الله جهانن جي رب لاءِ ثابت آهي. هن آيت ۾ ٻانهن کي حمد چوڻ، تسبيح پڙهڻ جي تعليم ڏني وئي آهي. امام محي السنة معالم التنزيل تفسير ۾ پنهنجي سند سان حضرت علي المرتضىٰ رضي الله عنه کان نقل ڪيو آهي تہ: جيڪو گهري ٿو تہ ثواب جي ماپ پري وڃي تہ ان جي مجلس جي پڇاڙي هي آيتون هجن. "سُبْحَانَ رَبِّکَ" کان "رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ج" تائين. (١) ۽ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ "مَنْ قَالَ دُبُرَ كُلِّ صَلٰوةٍ" "سُبْحٰنَ رَبِّکَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ع ثَلَاثَ مَرَّاتٍ فَقَدِ اكْتَالَ بِالْمِكْيَالِ الْاَوْفٰى مِنَ الْاَجْرِ" يعني جنهن شخص نماز کان پويان هي ٽي آيتون پڙهيون تہ ان ثواب مان پورو ماپو پري ڪنيو. (٢)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- "وَلَقَدْ سَبَقَتْ كَلِمَتُنَا- کان، وَاِنَّ جُنْدَنَا لَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ" تائين آيتن مان معلوم ٿيو تہ الله جل شانه جا نبي سڀ ڳورا عليهم الصلواة والسلام ۽ سندن تابعدار غالب رهندا پر ان تي هڪ اعتراض ٿئي ٿو تہ بعضي نبين عليهم الصلواة والسلام کي دنيا ۾ غلبو حاصل نہ ٿيو هو انهن جون قومون ڪين نہ مچي عذاب ۾ مبتلا رهيون. ان جو جواب هي آهي تہ اڪثر انبياء عظام عليه الصلواة والسلام کي تہ الله جل شانه غالب بنايو ۽ سندن تابعدار بہ

(١) ساڳيو حوالو (٢) ضياءالقرآن صہ ٢٢١ جلد ۴

عذاب کان محفوظ رهيا صرف ٿورا انبياء عليهم الصلواة والسلام هئا جن کي دنيوي ظاهري، مادي طور غلبو نہ مليو پر دليل ۽ حجت جي ميدان ۾ اهي بہ هميشہ غالب رهيا ۽ نظرياتي فتح بہ انهن کي حاصل ٿي پر ان سربلنديءَ جا مادي آثار ڪنهن خاص حڪمت مثلاً آزمائش وغيره جي ڪري آخرت تائين مؤخر ڪيا ويا. ان جو مثال هيئن سمجهڻ گهرجي تہ ڪو ڏاڙيل ڪنهن وڏي حاڪم، آفيسر کي سفر جي حال ۾ لٽ مار ڪري ڦري اهو حاڪم عارضي طور تہ صبر ڪري ويندو پر جڏهن اهو پنهنجي دارالحڪومت ۾ پهچندو تہ ان کي گرفتار ڪري سزا ڏيندو. لهذا ان ڏاڙيل کي واٽ واري ان عارضي غلبي جي ڪري حاڪم نہ سڏيو ويندو ۽ نہ ان حاڪم کي محڪوم سمجهيو ويندو پر حقيقي حالت جي لحاظ سان اهو ڏاڙيل ان غلبي جي حالت ۾ بہ محڪوم هوندو. ۽ اهو حاڪم ان مغلوبيت جي حالت ۾ بہ حاڪم تصور ڪيو ويندو.

٢- "وَلَقَدۡ سَبَقَتۡ كَلِمَتُنَا" (۽ اسان جو فيصلو اڳي ٿي چڪو آهي) اڳي ٿيڻ مان مراد آهي تہ آسمانن ۽ زمين جي پيدا ٿيڻ کان اڳ ۾ لوح محفوظ ۾ لکجي چڪو آهي.

٣- "سُبۡحَٰنَ رَبِّكَ" (تنهنجي رب جي پاڪائي آهي) جي وضاحت ڪندي مفسرن پلارن لکيو آهي تہ جيئن الله جل شانه جي اسم "غفور" پڙهندڙ کي مغفرت ۽ "شافي" پڙهندڙ کي شفا نصيب ٿيندي تيئن تسبيح پڙهندڙن کي پاڪائي نصيب ٿيندي ۽ اهو عيبن ۽ گناهن کان پاڪ صاف رهندو. (انشاءالله تعالیٰ). (١)

الحمدلله جو مون گنهگار اڄ خميس جي ڏينهن صبح جو پوڻي نائين بجي بمؤرخه ٢٢ ذوالقعدة ١٤٢٤هـ الموافق ١٥ جنوري ٢٠٠٤ع تي پنهنجي گهر ۾ سورة الصّٰفّٰت جو تفسير لکي پورو ڪيو. رب ڪريم جي دربار ۾ دلي دعا آهي تہ اهو باقي رهيل سورتن جو تفسير بہ جلدي لکي پورو ڪرڻ جي سعادت نصيب ڪرڻ فرمائي. آمين يا رب العالمين بجاه حبيبک سيدالمرسلين سيدنا محمد عليه وعلیٰ آله واصحابه الصلوات والتسليمات الی يوم الدين.

الفقير الی الله المغيث
محمد ادريس الداهري
غفر الله لـه ولوالديه.

(١) نورالعرفان ٧٢٢

سورة صٓ جو تعارف.

هن سورة پاڪ جي تعارف ۾ هي ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ

هن جو نالو "صٓ" آهي جيڪو ان جي پهرين آيت آهي ۽ هن کي سورة داؤد به سڏيندا آهن. (١)

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد.

هن ۾ پنج رڪوع، اناسي (٨٨) آيتون، ست سوء ٻٽيهه (٧٣٢) ڪلما ٽي هزار ستهٺ (٣٠٦٧) حرف آهن. (٢)

مڪيه آهي يا مدنيه؟

هيءَ سورة سڀوري مڪيه آهي سورة "القمر" کان پوءِ نازل ٿي هئي. (٣)

اڳينءَ سورة سان ربط ۽ تعلق.

هن سورة جو سورة "الصَّافَّاتِ" سان ٻن وجهن جي ڪري تعلق آهي.

١- هن سورة ۾ انهن نبين عليهم السلام جو ذڪر آهي جيڪو اڳين ۾ نه هو. جيئن حضرت داؤد ۽ حضرت سليمان عليهما السلام جو ذڪر پوءِ هيءَ سورة ڄڻ ته اڳينءَ سورة جو تتمو آهي.

٢- اڳينءَ سورة ۾ ڪافرن جو اهو قول مذڪور هو ته: جيڪڏهن اسان وٽ پهرين جي طرفان "ذِكْرًا" هجي ها ته اسين به الله جل شانه جا خالص ٻانها هجون ها پر انهن وٽ جڏهن اهو ذڪر آيو ته ان جو انڪار ڪري ويٺا هن سورة ۾ ان ذڪر جو بيان آندو ويو آهي "وَالْقُرْاٰنِ ذِی الذِّكْرِ" ۽ هن سورة ۾ انهن جي مجمل نموني بيان ڪيل ڪفر جو تفصيل آندو ويو آهي.

نزول جو زمانو.

ان ڳالهه تي سڀني جو اتفاق آهي ته هيءَ سورة مڪيه آهي پر حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي مڪي زندگيءَ جي ڪهڙي دؤر ۾ نازل ٿي ان جي صراحت ته ڪانه ٿي ملي پر مفسرن ان جي شان نزول جي متعلق جيڪا روايت

(١) الصاوي صـ٣٢٨ جز٣٠ (٢) خازن صـ٣٠ جلد٤ (٣) المراغي صـ٩٤ جز٢٣ جلد٨

آندي آهي ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. روايت آهي ته جڏهن حضرت عمر رضي الله عنه مسلمان ٿيو ته مومن خوش ٿيا ۽ ڪافرن تي اها ڳالهه تمام ڳري گذري ۽ حضرت ابوطالب بيمار ٿي پيو ۽ ان جي بيماري به شدت اختيار ڪئي اها خبر به ڪافرن تائين پهتي انهن باهمي صلاح ۽ مشورو ڪيو ته متان **(حضرت) ابو طالب** وفات ڪري وڃي ۽ ان جي وفات کان پوءِ جيڪڏهن اسان (حضرت) محمد (صلي الله عليه وسلم) جن تي سختي ڪئي ته عرب اسان کي شرمائيندا ته جيستائين ابو طالب زنده هو اوهان (حضرت) محمد (صلي الله عليه وسلم) کي ڪجهه به ڪري نه سگهيئو هاڻي ان جي وفات ٿي وئي آهي ته اوهان تشدد شروع ڪري ڏنو آهي ان جي ڪري بهتر آهي ته اسان جو هڪ وفد ان وٽ وڃي شايد باهمي صلح جي ڪا صورت نڪري اچي. پوءِ ابوجهل، عاص بن وائل، اسود بن مطلب، اسود بن يغوث ۽ ڪجهه ٻيا افراد گڏجي (حضرت) ابوطالب وٽ آيا ۽ ڪيس چيائون ته اي ابوطالب! تون اسان جو وڏو ۽ سردار آهين اسان جو ۽ پنهنجي ڀاءُ جي پٽ جو انصاف سان فيصلو ڪر ان کي چؤ ته اسان جن بتن کي برو نه چوي اسين ان کي ۽ ان جي معبود بالحق کي ڪجهه به نه چونداسين. (حضرت) ابوطالب نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ ماڻهو موڪليو، پاڻ جڏهن اتي تشريف فرما ٿيا ته (حضرت) ابوطالب کين عرض ڪيو "هي اوهان جي قوم جا وڏا ۽ سردار آهن ۽ انهن جو هي مطالبو آهي" نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن ڪيس فرمايو ته "چاچا صاحب! ڇا مان هنن کي اهڙي ڪلمي جي دعوت نه ڏيان جيڪو هنن جي لاءِ نهايت ڀلو آهي؟" (حضرت) ابوطالب پڇيو ته اهو ڇا آهي؟ پاڻ فرمايائون ته "مان هنن کي اهڙي ڪلمي پڙهڻ جي لاءِ سڏيان ٿو جنهن سان عرب انهن جي زير فرمان ٿيندا ۽ عجم جا پاڻ مالڪ بڻجندا" ابوجهل چيو ته اسين اهڙا ڏهه ڪلما پڙهڻ جي لاءِ تيار آهيون ٻڌاءِ ته اهي ڪهڙا آهن؟ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن فرمايو ته "لااله الاالله" پڙهو اهو ٻڌڻ شرط اهي محفل مان ناراض ٿي اٿيا ۽ ان وقت هيءَ آيت نازل ٿي هئي. (١) جيڪڏهن هي واقعو (حضرت) ابوطالب جي وفات واري بيماريءَ جو آهي ته پوءِ هن سورة جي نزول جو سال نبوت جو ڏهون سال هوندو پر طبقات ۾

(١) تفسير ضيا ءالقرآن صـ ٢٢٣ جلد ۴ الدرالمنثور صـ ١۴٢ جلد ٧

ابن سعد تصريح ڪئي آهي تہ هي واقعو ڪنهن ٻي بيماريءَ جو آهي بهرحال ان سان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هي انهن ڏينهن جو واقعو آهي جڏهن اسلام جي شمع وسائڻ جي لاءِ ڪافرن جي ڇترن ۽ ٺوڪن ڪرڻ جا حيلا ناڪام ٿي چڪا هئا بلڪ مڪہ مڪرمہ جي ڪافرن جو ظلم ۽ تشدد بہ اسلام جي ترقيءَ کي روڪڻ جي لاءِ عاجز ٿي چڪو هو ان جي ڪري اهي انهيءَ ڪمزور شرط تي بہ صلح ڪرڻ جي لاءِ تيار هئا تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم انهن جي بتن کي ڪجهہ نہ چوي پاڻ ڀلي پنهنجي معبود بالحق جي عبادت ڪندو رهي ان لحاظ سان حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي مڪي زندگيءَ جو وچ وارو دور هن سورة جي نزول جو زمانو ٿي سگهي ٿو.

مضمون.

هن سورة ۾ مڪہ مڪرمہ جي رهاڪو مشرڪن جي انهن ٽن بيمارين جو علاج ڪيو ويو آهي جنهن ۾ اهي مبتلا هئا. ١- تہ اهي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي الله جل شانه جو نبي مڃڻ جي لاءِ قطعي طرح تيار نہ هئا ۽ انهن کي ان قدرتي انتخاب ۾ ڪا حڪمت نظر نہ ايندي هئي جو جزيره عرب جي وڏن وڏن رئيسن کي نظر انداز ڪري نبوت جي منصب جي لاءِ هڪ اهڙي هستيءَ کي چونڊيو وڃي جنهن وٽ نہ مال ۽ دولت آهي ۽ نہ ساٿي ۽ مددگارن جا ٽولا. الله جل شانه ٻڌايو تہ نبوت تہ منهنجو انعام آهي جنهن کي مان ان جي لائق سمجهان ٿو ان کي ان سان سرفراز فرمايان ٿو ڇا منهنجي رحمت جي خزانن جا ڪنجي بردار هي ماڻهو آهن جو جنهن کي پاڻ گهرن ان کي عطا ڪن جنهن کي نہ گهرن ان کي محروم رکن.

٢- حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کي نبي نہ مڃڻ جي لاءِ اهي هي وجہ بہ بيان ڪندا هئا تہ: ڀلا سوچيو هيڏي وڏي جهان جي نظام کي صرف هڪ الله هلائي سگهي ٿو؟ جيڪو شخص اهڙيون ڳالهيون ڪري اسين ان کي ڪيئن مڃون تہ نبي آهي پر توحيد جي عقيدي کي قرآن ڪريم اهڙن زوردار دليلن سان ثابت ڪيو هو جو ڪافرن وٽ ڪوبہ ان ڪان سواءِ جواب نہ هو تہ اهي ماڻهن کي انڌي عصبيت

جي لاءِ پڙڪائڻ تہ پنهنجن ابن ڏاڏن جي باطل معبودن بتن کي چنبڙيا رهو ۽ اوهان جي اڳيان ڇو نہ سچ کان وڌيڪ روشن دلائل پيش ڪيا وڃن انهن جو صاف انڪار ڪيو. ٣- حضور پاڪ صلی الله عليه وسلم جن کي انهن جي ان ناداني ۽ انهن جي ان احمقانه رويي کان ڪيترو ڏک ٿيندو هوندو الله جل شانه ان تي ڪين صبر ڪرڻ جو حڪم فرمائي ٿو ۽ پنهنجن جليل القدر نبين عليه السلام جي حالات ۽ انهن کي پيش اچڻ وارين مشڪلاتن جو ذڪر ڪري سندن دلجوئي ۽ تسلي فرمائي ٿو. هڪ هيءَ ڳالهہ بہ غور طلب آهي تہ هتي اولين مقصد عرب وارن جي مشرڪانه عقائد جو باطل هجڻ واضح ڪرڻو آهي ان سلسلي ۾ انبياء عظام عليهم الصلواة والسلام جو ذڪر آندو ويو ڳڏوڳڏ انهن جي بي مثال ڪمالات. بي پايان انعامات ۽ غير محدود اختيارات جو ذڪر بہ وڏي اثرائتي انداز ۾ ڪيو **پيو وڃي.** جنهن مان معلوم ٿيو تہ انبياء عظام عليهم الصلواة والسلام جي ڪمالات ۽ اختيارات بيان ڪرڻ سان توحيد جو عقيدو ڪمزور نہ پر مضبوط ۽ قوي ٿيندو آهي اهي ماڻهو بہ هنن آيتن کي غور ۽ فڪر سان پڙهن جيڪي حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي ڪمالات بيان ڪرڻ ۾ ان جي ڪري بخل ڪندا آهن تہ توحيد جي عقيدي کي ڪمزور نہ ڪري پر حقيقت هيئن آهي تہ مصطفیٰ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي شان کي جيتري قدر وڌيڪ بيان ڪيو ويندو اوتري قدر ان جي مبعوث فرمائيندڙ الله جي عظمت دل جي پٽيءَ تي ثابت رهندي سورة جي اختتام کان اڳ ۾ الله جل شانه حضرت آدم عليه السلام جي پيدا ڪرڻ جو ذڪر فرمايو ۽ "نَفَخۡتُ فِيۡهِ مِنۡ رُّوۡحِيۡ" ارشاد سان ان جي ڳنڀڻ کان مٽي صلاحيتن ۽ بي حساب استعداد جي طرف اشارو ڪيو آهي جن جو ان کي امين بنايو ويو آهي ان سان گڏ اهو بہ بيان ڪيو آهي تہ شيطان حضرت آدم عليه السلام جي بي ادبي ڪري پنهنجي پاڻ کي ابدي لعنت جو مستحق قرار ڏنو. مسلمان ڀائرو! اوهان پاڻ سوچيو تہ جيڪو شخص محبوب رب العالمين جي بلند شان جو انڪار ڪندو ۽ بي ادبيءَ جو مرتڪب ٿيندو تہ ان جي تباهي ۽ بربادي جو ڇا حال ٿيندو؟ آخر ۾ ارشاد ٿيو تہ جڏهن هي ڪتاب "ذِكۡرٰى لِلۡعٰلَمِيۡنَ" (جهانن جي لاءِ نصيحت) آهي ان کي آڻ

وارو "رَحْمَةً لِّلْعَالَمِيْنَ" آهي جن جو فيض ۽ برڪت ڪنهن قوم يا زماني سان محدود ناهي بلڪ سڀ جهان انهن جي نور سان روشن آهن ۽ انهن کي موڪليندڙ رب العالمين آهي تڏهن سيني جي لاءِ جيڪڏهن هڪ ئي دين ٿي سگهي ٿو ته اهو دينِ اسلام آهي.

پلايون ۽ برڪتون.

هي پاڪ سورة سڄي برڪتون ۽ فيض آهي رب العزة جل شانه جو ڪلام آهي عامل علماء لکيو آهي ته جيڪو شخص هن سورة پاڪ کي ست ڀيرا پڙهي پنهنجي مٿان دم ڪندو اهو بري نظر کان محفوظ رهندو. (باذن الله تعالىٰ ومشيته).



وَهِيَ ثَمَانٍ وَّثَمَانُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ صٓ مَكِّيَّةٌ	وَّخَمْسُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اھا اٺاسي آيتون	سوره صٓ مکي آهي	۽ پنج رکوع آهي
	بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ	

الله جي نالي شروع ڪيان ٿو جيڪو گھڻو مهربان هميشہ رحم ڪندڙ آهي.

صٓ وَالْقُرْاٰنِ ذِى الذِّكْرِؕ (١) بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِىْ عِزَّةٍ وَّشِقَاقٍ (٢)

ص- قسم آهي قرآن نصيحت واري جو بلڪ جن ڪفر ڪيو تڪبر ۽ مخالفت ۾ آهن

كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ فَنَادَوْا وَّلَاتَ حِيْنَ

ڪيتريون هلاڪ ڪيون اسان اڳي انهن کان جماعتون پوءِ سڏيائون ۽ نہ هو وقت

مَنَاصٍ (٣) وَعَجِبُوْٓا اَنْ جَآءَهُمْ مُّنْذِرٌ مِّنْهُمْ وَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ

ڇوٽڪاري جو ۽ عجب ۾ پيا تہ آيو انهن وٽ ڊيڄاريندڙ انهن مان ۽ چيو ڪافرن تہ

هٰذَا سٰحِرٌ كَذَّابٌ (٤) اَجَعَلَ الْاٰلِهَةَ اِلٰهًا وَّاحِدًاۚ اِنَّ هٰذَا لَشَىْءٌ

هي جادوگر، وڏو ڪوڙو آهي ڇا بنايائين گھڻن معبودن کي معبود هڪڙو بلاشڪ هي البتہ شيءِ

عُجَابٌ (٥) وَانْطَلَقَ الْمَلَاُ مِنْهُمْ اَنِ امْشُوْا وَاصْبِرُوْا عَلٰٓى اٰلِهَتِكُمْ

عجيب آهي ۽ جماعت وئي انهن مان تہ هلو ۽ صبر ڪريو پنهنجن معبودن (جي پوڄا) تي

اِنَّ هٰذَا لَشَىْءٌ يُّرَادُ (٦) مَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِى الْمِلَّةِ الْاٰخِرَةِ

بلاشڪ هي البت شيءِ آهي جيڪا ارادو ڪئي وئي آهي نہ ٻڌو اسان هي پوئين دين ۾

اِنْ هٰذَآ اِلَّا اخْتِلَاقٌ (٧) ءَاُنْزِلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ مِنْۢ بَيْنِنَا ؕ بَلْ هُمْ فِيْ

ناهي هي مگر هٿ جي ٺاهيل ڇا نازل ڪيو ويو ان تي قرآن اسان مان بلڪ اهي

شَكٍّ مِّنْ ذِكْرِيْ ۚ بَلْ لَّمَّا يَذُوْقُوْا عَذَابِ (٨) اَمْ عِنْدَهُمْ

شڪ ۾ آهن اسان جي ڪتاب ۾ بلڪ اڃان نہ چکيائون عذاب منهنجو ڇا انهن وٽ آهن

خَزَآئِنُ رَحْمَةِ رَبِّكَ الْعَزِيْزِ الْوَهَّابِ ۚ (٩) اَمْ لَهُمْ مُّلْكُ السَّمٰوٰتِ

خزانا رحمت رب تنهنجي جا جيڪو غالب گهڻو عطا ڪندڙ آهي ڇا انهن جي لاءِ آهي آسمانن

وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا قف فَلْيَرْتَقُوْا فِي الْاَسْبَابِ (١٠)

۽ زمين جي بادشاهي ۽ ان جي جيڪو انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي پوءِ ڀلي چڙهن رسين ۾

جُنْدٌ مَّا هُنَالِكَ مَهْزُوْمٌ مِّنَ الْاَحْزَابِ (١١)

ننڍو لشڪر آهي جيڪو اتي شڪست ذلت هوندو لشڪرن مان.

تفسير.

اڳين ۽ سورة جي آخر ۾ "ذِكْرًا مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ" بيان ڪيو ويو ۽ هتي ان شروعات ۾ ئي ان ذڪر واري قرآن جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "صٓ وَالْقُرْاٰنِ ذِي الذِّكْرِ" صٓ- نصيحت واري قرآن جو قسم آهي.

"صٓ" مان مراد ڇا آهي؟

ان ۾ مختلف اقوال آهن. ١- تہ ان جي مراد الله جل شانه ڄاڻي ٿو جيئن مقطعات حروف جي وضاحت ڪندي اڳي بہ بيان ٿي چڪو آهي. ٢- تہ اهو الله جل شانه جي انهن نالن جي ڪنجي آهي جن جي اول ۾ حرف "صٓ" آهي جيئن صادق الوعد. صانع المصنوعات. صمد. ٣- تہ جيڪا خبر بہ حضرت محمد صلى الله عليه

وسلم جن ڀڏائي پاڻ ان ۾ صادق (سچا) آهن. (١)

۴- تہ ان جي معنیٰ آهي صاد محمد قلوب الخلق واستمالها حتیٰ آمنوا به. يعني حضرت محمد صلی الله عليه وسلم جن خلق جي دلين کي شڪار ڪري پاڻ ڏانهن لاڙو ڪرايو تانجو سندن ذات عالي صفات تي ايمان آندائون. ۵- عڪرمة فرمايو تہ نافع ابن الازرق حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان "صٓ" جي باري ۾ پڇيو تہ ان فرمايو اهو رات ۽ ڏينهن جي پيدا ٿيڻ کان اڳي مڪه مڪرمه جي سرزمين جي سامهون مٿان هڪ سمنڊ هو جنهن تي الله جو عرش قائم هو.

٦- سعيد بن جبير فرمايو تہ "صٓ" هڪ سمنڊ آهي جنهن سان اسرافيل جي ٻن ڦوڪن جي وچ ۾ الله تعالیٰ مئلن کي جيئرو ڪرڻ فرمائيندو. (٢)

هن حرف کان پوءِ الله جل شانه قرآن ڪريم جو قسم کڻي ان جي صفت "ذِي الذِّكْرِ" بيان ڪئي آهي مطلب تہ قرآن ڪريم جو قسم ٿو کڻان جيڪو شرف ۽ بلنديءِ وارو آهي تہ بلاشڪ اهو معجزو آهي ۽ حضرت محمد مصطفیٰ صلی الله عليه وسلم پنهنجي نبوت جي دعویٰ ۾ سچو آهي ۽ اهو پنهنجي رب جي طرفان سيني ڏانهن موڪليل آهي ۽ ان کي مليل ڪتاب الله جل شانه وٽان نازل ڪيل آهي. (٣)

"بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِىْ عِزَّةٍ وَّشِقَاقٍ" بلڪ جن ڪفر ڪيو تڪبر ۽ مخالفت ۾ آهن. مطلب تہ ڪافر تڪبر ۽ مخالفت ۾ هجڻ جي ڪري اوهان تي ايمان نٿا آڻين ۽ اوهان تي نازل ڪيل قرآن ڪريم کي نٿا مڃين. "كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ فَنَادَوْا وَّلَاتَ حِيْنَ مَنَاصٍ" اسان انهن کان اڳي ڪيترين قومون هلاڪ ڪيون پوءِ سڏ ڪيائون ۽ اهو ڇوٽڪاري جو وقت نہ هو. يعني اسان جي نبين عليهم الصلواة والسلام سان تڪبر ۽ مخالفت ڪرڻ جي ڪري اسان ڪيترين قومون عذاب ڪري تباهہ ڪيون. عذاب ڏسي انهن اسان کي سڏ بہ ڪيو پر عذاب ڏسي پوءِ توبہ ڪندڙ جي توبہ قبول نہ پوندي آهي جيئن مند کان پوءِ ٻج پوکڻ سان ميوا يا اناج نہ ملندو آهي "وَعَجِبُوْٓا اَنْ جَآءَهُمْ مُّنْذِرٌ مِّنْهُمْ" ۽ عجب ۾ پيا تہ انهن وٽ انهن مان ڊيڄاريندڙ (نبي) ڪيئن آيو؟ يعني اهي ان ڳالهہ تي گهڻو حيران هئا تہ

(١) التفسيرالكبير صـ١٧۴ جزء ٢٦ (٢) القرطبي صـ١۴٢ جلد ١٥ (٣) المراغي صـ٩٥ جزء ٢٣ جلد ٨

انهن مان هڪ فرد کي نبوت جي لاءِ ڪيئن منتخب ڪيو ويو آهي "وَقَالَ الْكَافِرُونَ هَٰذَا سَاحِرٌ كَذَّابٌ" ۽ ڪافرن چيو تہ هي وڏو ڪوڙو جادوگر آهي. مطلب تہ انهن سندن فرمان کي نہ مڃيو ۽ رهندو بهتان هٽي ڪين ڪوڙو ۽ جادوگر سڏيو.

"اَجَعَلَ الْاٰلِهَةَ اِلٰـهًا وَّاحِدًا ۚ اِنَّ هٰذَا لَشَيْءٌ عُجَابٌ" ڇا گهڻن معبودن کي هڪ بنائي ڇڏيو؟ بلاشڪ هيءَ تہ عجيب شيءِ آهي. يعني شرڪ ڇڏي هڪ سچي معبود بالحق جي عبادت ڪرڻ حيرت جهڙي ڳالهہ آهي. اها حيرت انهن کي ان جي ڪري لڳي جو پنهنجن ابن، ڏاڏن کي بہ شرڪ ڪندي ڏسندا آيا هئا ۽ ان شرڪ جي سندن دلين ۾ ايتري محبت هئي جو هڪ معبود بالحق جو ٻڌي حيران ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا تہ اسان جا ابا ڏاڏا سڀ بيوقوف هئا ۽ هڪ (حضرت) محمد (صلي الله عليه وسلم) سچو ۽ عقلمند آهي "وَانْطَلَقَ الْمَلَاُ مِنْهُمْ اَنِ امْشُوْا وَاصْبِرُوْا عَلٰٓى اٰلِهَتِكُمْ" ۽ انهن مان سردار تڪڙا ٿيا تہ هلو ۽ پنهنجن (باطل) معبودن (جي عبادت) تي مضبوط ٿي بيهو. مطلب تہ جڏهن هڪ الله جل شانه جي عبادت جي دعوت ٻڌائون تہ جيڪي سردار هئا اهي (حضرت ابو طالب جي محفل مان جيئن اڳي لکي آيا آهيون) پاڻ تڪڙا ٿي اٿيا ۽ ٻين کي چيائون تہ اوهان بہ هلو ۽ پنهنجن معبودن کي چنبڙي مضبوط ٿي بيهو. جيڪا توحيد (حضرت) محمد (صلي الله عليه وسلم) بيان ڪري ٿو اها "اِنَّ هٰذَا لَشَيْءٌ يُّرَادُ" بلاشڪ هي هڪ ڳالهہ آهي جيڪا رٿي وئي آهي. يعني بلاشڪ هي هڪ وڏو امر آهي جنهن جي (حضرت) محمد (صلي الله عليه وسلم) رٿ ڪري ان کي جاري ۽ نافذ ڪرڻ ٿو گهري. اوهان اها اميد ئي نہ رکو تہ اهو اوهان سان نرمي ڪري ڪجهہ اوهان جون ڳالهيون بہ مڃيندو. (١) ائين چوڻ وارو عقبه بن ابي معيط ڪافر هو. (٢) "مَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِي الْمِلَّةِ الْاٰخِرَةِ" اسان هي پوئين مذهب (عيسائيت) ۾ بہ تہ ٻڌو آهي. مطلب تہ عيسائيت واري ملت ۾ بہ ٽي خدا آهن هي ڪيئن ٿو چوي تہ الله هڪ آهي "اِنْ هٰذَآ اِلَّا اخْتِلَاقٌ" هي تہ صرف هٿ جي ناهيل ڳالهہ (ڪوڙ) آهي. جنهن جو ثبوت اڳين ملت ۾ بہ ناهي. "ءَاُنْزِلَ عَلَيْهِ الذِّكْرُ مِنْۢ بَيْنِنَا" ڇا اسان سمورن جي وچان ان تي ڪتاب نازل ڪيو ويو آهي؟ هي مڪه مڪرمه جي ڪافرن جو حضور ڪريم صلي الله عليه وسل جن سان حسد جو

(١) المراغي صـ٩٨ جزء ٢٣ جلد٨ (٢) جامع البيان صـ٨٠ جزء ٢٣ جلد١٠

اظهار هو تہ اسين هيترا مالدار، وڏن تولن وارا آهيون اسان کي نبوت ڇو نہ ملي. "بَلْ هُمْ فِىْ شَكٍّ مِّنْ ذِكْرِىْ ۚ" بلڪ اهي منهنجي (نازل ڪيل) ڪتاب (جي متعلق) شڪ ۾ آهن. جو ڪڏهن قرآن ڪريم کي شعر ٿا چون تہ ڪڏهن جادو تہ ڪڏهن ڪوڙ ڪڏهن حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جو ناهيل ڪلام. الغرض تہ انهن جو پنهنجو ڪو هڪڙو فيصلو ناهي. "بَلْ لَّمَّا يَذُوْقُوْا عَذَابِ ۚ" بلڪ اڃان منهنجو عذاب نہ چکيو اٿن. ان جي ڪري ائين چون پيا جيڪڏهن منهنجو عذاب ڏسن ها تہ اها ڳالهہ نہ ڪن ها. (١) "اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآئِنُ رَحْمَةِ رَبِّكَ الْعَزِيْزِ الْوَهَّابِ ۚ" ڇا انهن وٽ تنهنجي رب، غالب، عطا ڪندڙ جا خزانا آهن؟ يعني پاڻ الله جل شانہ جي رحمت جي خزانن جا مالڪ آهن يا ڪنجي بردار آهن جو منهنجي حبيب حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن کي نبوت نہ ڏين ۽ پاڻ کڻن؟ نبوت تہ الله جل شانہ جي طرفان انعام آهي پنهنجن برگزيدن ٻانهن مان جنهن کي گهرندو آهي ان سان نوازيندو آهي ان کي ڪوبہ روڪيندڙ ناهي ڇو تہ اهو غالب آهي جنهن کي بہ جنهن ڀلائيءَ سان مالا مال ڪري وهاب آهي ۽ "رب" لفظ جي "ڪ" نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جي خطاب واري ضمير ڏانهن اضافت ڪرڻ (تنهنجي رب) ۾ سندن شرف ۽ مٿن ڪيل لطف جو اهو بيان آهي جيڪو عقل کان مٿي آهي.(٢)

"اَمْ لَهُمْ مُّلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا فَلْيَرْتَقُوْا فِى الْاَسْبَابِ" ڇا انهن جي لاءِ آسمانن ۽ زمين ۽ انهن جي وچ (۾ رهندڙن) جي بادشاهي آهي پوءِ جڳائي تہ رسين سان مٿي چڙهي وڃن. مطلب تہ نبوت جو مقام تہ تمام گهڻو بلند آهي ان سان ڪنهن کي سرفراز ڪرڻ جو اختيار تہ نهايت عظيم ۽ وڏو امر آهي پر انهن ڪافرن کي تہ هن مادي دنيا جي معمولي شين جي ڏيڻ ۽ کسڻ جو بہ ڪو اختيار ناهي جيڪڏهن ڪين ڪا قوت ۽ اختيار آهي تہ ان کي استعمال ڪندي مٿي چڙهي وڃن ۽ اتي وارين شين تي قبضو ڪري ويهي رهن. ڪافرن جي اهڙين ڳالهين جو رد مختلف جاين تي مذڪور آهي ۽ اسباب سبب جو جمع آهي هر اها شيءِ جيڪا ڪنهن ٻئي تائين پهچڻ جو ذريعو بڻجي ان کي سبب چوندا آهن "جُنْدٌ مَّا هُنَالِكَ

(١) نورالعرفان صہ ٧٢٣ (٢) ابوالسعود صہ ٢١٦ جز ٧

مَّهْزُوْمٌ مِّنَ الْاَحْزَابِ" ننڍو لشڪر آهي جيڪو (جنگ بدر ۾) لشڪرن کان ڀڄايل هوندو. يعني ڪافرن جو اهو ننڍو لشڪر جيڪو هن وقت اوهان کي تڪليفون ڏئي رهيو آهي عنقريب بدر جي جنگ ۾ هار کائي ڀڄڻ وارو آهي اهي ڪير آهن؟ جيڪي اسان جي طرفان اوهان کي عطا ڪيل نبوت واري نعمت تي اعتراض ڪري رهيا آهن.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا به ذهن ۾ اچن ٿا. ١- "بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِىْ عِزَّةٍ وَّشِقَاقٍ" بلڪه جن ڪفر ڪيو تڪبر ۽ مخالفت ۾ آهن. هتي عزت مان مراد وڏائي ۽ هٺ آهي. جنهن مان معلوم ٿيو ته جيڪا عزت الله ۽ ان جي رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جي مقابلي ۾ استعمال ڪئي وڃي اها عذاب آهي ۽ جيڪا عزت ان جي غلاميء ۽ اطاعت سان ملي اها دائمي ۽ خداوندي رحمت آهي الله جل شانه جو فرمان مبارڪ آهي "اَلْعِزَّةُ لِلّٰهِ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ" عزت الله ۽ ان جي رسول ۽ موءمنن جي آهي.

٢- "اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآئِنُ رَحْمَةِ رَبِّكَ" (ڇا انهن وٽ تنهنجي رب جي رحمت جا خزانا آهن؟) مان معلوم ٿيو ته حضرت حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي نبوت جو ملڻ الله جل شانه جي رحمت جا خزانا آهن. ۽ جنهن ذات عالي صفات کي خداوندي رحمت جا خزانا مليا ان جي فيض ۽ برڪت سان امتي به محفوظ ٿيندا ۽ جنهن کي به ان رحمت مان ونڊ ونڻي آهي سو سندن ذات عالي صفات عليه الصلواة والسلام سان بي پناهه محبت ۽ ڪامل عشق رکي.

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّعَادٌ وَّفِرْعَوْنُ ذُوالْاَوْتَادِ (١٢)

کوڙو ڄيو انهن کان اڳي نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ميخن واري فرعون

وَثَمُوْدُ وَقَوْمُ لُوْطٍ وَّاَصْحٰبُ الْئَيْكَةِ اُولٰٓئِكَ الْاَحْزَابُ (١٣)

۽ ثمود ۽ لوط جي قوم ۽ ايڪه وارن اهي ئي لشڪر آهن

ع ١ ١٤ ١٠

إِنْ كُلٌّ إِلَّا كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ عِقَابِ ع (١٤)

نہ هئا مڙئي مگر جو ڪوڙو ڄاڻائون رسولن کي پوءِ لازم ٿيو منهنجي طرفان عذاب

وَمَا يَنْظُرُ هَٰؤُلَاءِ إِلَّا صَيْحَةً وَاحِدَةً مَّا لَهَا مِنْ فَوَاقٍ (١٥)

۽ نٿا انتظار ڪن هي مگر هڪ ڪڙڪي جو ناهي ان جي لاءِ ڪو توقف.

تفسير

اڳين آيتن ۾ قرآن ۽ نبي ڪريم عليه الصلوة والسلام جي منڪرن جو حال بيان ٿيو ۽ هتي اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جي منڪرن جو حال بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوحٍ" انهن کان اڳي (حضرت) نوح (عليه السلام) جي قوم ان کي ڪوڙو ڄيو جن کي پاڻ ساڍا نو سؤ سال الله جل شانه جي توحيد ڏانهن سڏيندو رهيو پر اهي ڪيس ڪوڙو چوندا رهيا "وَعَادٌ" ۽ عاد. هيءَ حضرت هود عليه السلام جي قوم هئي جن ان کي ڪوڙو ڄيو هو. ۽ الله جل مجده انهن ڏانهن سخت هوا جو طوفان موڪلي کين هلاڪ ڪري ڇڏيو جيئن اڳتي سورة "اَلْحَاقَّةُ" ۾ ان جو ذڪر اچي رهيو آهي "وَفِرْعَوْنُ ذُو الْأَوْتَادِ" ۽ ميخن واري فرعون- اوتاد. وتد جو جمع آهي وتد جي معنیٰ ميخ. جنهن سان تنبؤ جي رسين کي مضبوط ڪيو ويندو آهي "ذُو الْأَوْتَادِ" جي معنیٰ مضبوط ملڪ جو والي يا مراد آهي گهڻين جماعتن (لشڪرن) جو صاحب. ڇوتہ انهن سان ئي بادشاهي برقرار رهندي آهي ۽ هڪ قول آهي تہ فرعون کي ميخن وارو ان جي ڪري سڏيندا هئا جو ان لوهہ جون چار ٿلهيون ۽ ڊگهيون ميخون ٺهرائي رکيون هيون جيڪي حضرت موسیٰ عليه السلام تي ايمان آڻيندڙن کي هٿن پيرن ۾ هڻي هڪ جاءِ تي ٻڌي پوءِ انهن کي نانگ ۽ وڇون ٻڄرائيندو هو جيڪي انهن کي تيستائين ڏنگ هڻندا رهندا هئا جيستائين وفات ڪري نہ وڃن. (١) "وَثَمُودُ وَقَوْمُ لُوطٍ وَّأَصْحَابُ الْأَيْكَةِ" ۽ ثمود ۽

(١) تفسير ابوالسعود ص ٢١٦ جز ٧.

لوط جي قوم ۽ ايڪة وارن. "ثَمُوْدُ" مان مراد حضرت صالح عليه السلام جي قوم آهي جن حضرت صالح عليه السلام کي معجزه طور مليل ڏاچيءَ جون ٽنگون ڪٽي ڇڏيون هيون ۽ پوءِ الاهي عذاب سان هلاڪ ٿي ويا. "وَقَوْمُ لُوْطٍ" ۽ لوط جي قوم هنن جو ذڪر بہ اڳي اچي چڪو آهي. ايڪة وارن. مان مراد حضرت شعيب عليه السلام جي قوم آهي، ايڪة جي معنيٰ گھاٽا وڻ. جهنگل. هن قوم جو بيان بہ اڳ ۾ ٿي چڪو آهي "أُولَٰئِكَ الْأَحْزَابُ" اهي ئي لشڪر آهن. يعني اهي بہ وڏا لشڪر هئا جيئن اوهان جي مقابلي ۾ ڪافر لشڪرن جي صورت ۾ اچن ٿا "إِنْ كُلٌّ إِلَّا كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ عِقَابِ" نہ هئا مڙئي مگر رسولن (عليهم الصلواة والسلام) کي ڪوڙو چوڻ وارا پوءِ (انهن تي) منهنجو عذاب لازم ٿي ويو. مطلب تہ انهن قوت هوندي بہ جڏهن مرسلن پيارن عليهم الصلواة والسلام کي نہ مڃيو انهن جي تڪذيب ڪيائون تہ انهن جي لاءِ منهنجو عذاب لازم ٿي ويو ۽ سڀ سزائون ڏسي ويا. اوهان کي نہ مڃڻ وارا تہ انهن جيتري طاقت ڪونہ ٿا رکن پوءِ اهي الاهي عذاب جي اچڻ واري صورت ۾ ڪيئن بچي سگهندا؟ "وَمَا يَنْظُرُ هَٰؤُلَاءِ إِلَّا صَيْحَةً وَاحِدَةً مَا لَهَا مِنْ فَوَاقٍ" هي نٿا انتظار ڪن مگر هڪ ڪڙڪي دار آواز جو جنهن جي لاءِ توقف (رڪجڻ) نہ هوندو. يعني اهي اسرافيل سڳوري واري ڦوڪ جا منتظر آهن جنهن سان قيامت قائم ٿيندي جنهن جي اچڻ کان پوءِ ڪو وقفو نہ هوندو.

فائدو.

مذڪوره آيتن مان هي فائدو ذهن نشين ٿئي ٿو تہ "الله جل شانه جي دين جي مبلغن کي ڪوڙو چوڻ، نہ مڃڻ، انهن جي دل آزاري ڪرڻ ڪافرن جو ڪم آهي ۽ اهو پراڻو دستور آهي. موجوده دؤر ۾ اسلام جي مبلغن، حضور پرنور عليه الصلواة والسلام جي عشق، محبت، سندن سنت جي اطاعت ۽ اتباع ڏانهن دعوت ڏيندڙن کي بہ جيڪڏهن ڪنهن ايذاء ڏنو تہ ايذائيندڙ ڪافرن جي طريقي تي عمل ڪندڙ آهي ۽ مبلغ نبين سڳورن عليهم السلام جي اسوه حسنه تي عمل ڪندڙ ۽ انهن جو پيارو آهي.

(١) المراغي صـ١٠٢ جزء ٢٣ جلد ٨

وَقَالُوْا رَبَّنَا عَجِّلْ لَّنَا قِطَّنَا قَبْلَ يَوْمِ الْحِسَابِ (١٦)

۽ چيائون تہ اي اسان جا پالڻھار! تڪڙو ڪر اسان جي لاءِ اسان جو حصو حساب جي ڏينھن کان اڳي

اِصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَاذْكُرْ عَبْدَنَا دَاوٗدَ ذَا الْاَيْدِ ۚ

صبر ڪر ان تي جيڪو چون ٿا ۽ ياد ڪر اسان جي ٻانھي داؤد طاقتور کي

اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ (١٧) اِنَّا سَخَّرْنَا الْجِبَالَ مَعَهٗ يُسَبِّحْنَ

بلاشڪ اھو گھڻو رجوع ڪندڙ آھي بلاشڪ اسان مسخر ڪيا جبل ان سان گڏ تسبيح پڙھن پيا

بِالْعَشِيِّ وَالْاِشْرَاقِ (١٨) وَالطَّيْرَ مَحْشُوْرَةً ؕ كُلٌّ لَّهٗٓ اَوَّابٌ (١٩)

رات جو ۽ صبح جو ۽ پکي گڏ ڪيل مڙئي ان لاءِ رجوع ڪندڙ آھن

وَشَدَدْنَا مُلْكَهٗ وَاٰتَيْنٰهُ الْحِكْمَةَ وَفَصْلَ الْخِطَابِ (٢٠)

۽ مضبوط بنائي سون ان جي بادشاھي ۽ ڏني سون ان کي حڪمت ۽ فيصلو ڪندڙ خطاب.

تفسير

اڳين آيتن ۾ مشرڪن جا توحيد، نبوت ۽ معاد جي متعلق شبھا بيان ٿيا ۽ ھتي بہ انھن جي ئي ذھني اعتراض جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رھيو آھي "وَقَالُوْا رَبَّنَا عَجِّلْ لَّنَا قِطَّنَا قَبْلَ يَوْمِ الْحِسَابِ" ۽ چيائون تہ اي اسان جا رب! اسان جي لاءِ اسان جو حصو قيامت جي ڏينھن کان اڳي تڪڙو ڪر "قِطَّ" اصل ۾ ان دستاويز کي چوندا آھن جنھن جي ذريعي ڪنھن کي انعام ڏيڻ جو وعدو ڪيو ويو ھجي. پوءِ ھي لفظ مطلق "حصه" جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ٿيو آھي ھتي اھائي معنىٰ مراد آھي تہ آخرت جي جزا ۽ سزا مان جو ڪجھ اسان کي حصو ملڻو آھي اھو اسان کي ھتي ئي

ڏئي ڇڏ. (١) يا قط مان مراد آهي عملن وارو دفتر. مطلب تہ اسان جي عملن وارو دفتر اسان کي جلد ڏي تہ پنهنجا ڪيل اعمال ڏسون. (٢) اهو مطالبو ڪرڻ وارو عطاء جي بقول نضر بن حارث بن علقمة بن ڪلدة هو ۽ قتاده جي بقول ابوجهل هو ۽ جڏهن تہ ٻيا مشرڪ بہ ان تي راضي هئا تڏهن "قَالُوْا" جمع جو صيغو آندو ويو. مطلب تہ انهن نادانن ڪافرن جو اهو حال هو جو نبي پاڪ صلی الله عليه وسلم جن کي مذاق ڪندي چون پيا تہ جنهن حساب جي ڏينهن کان اسان کي ڊيڄاريو ٿا ان جي اچڻ تائين معاملي کي نہ ٽاريو اسان جو حساب هاڻي صفا ڪيو اسان جي حصي جو عذاب هينئر ئي جلد اچي تہ ڀلو آهي. "اِصْبِرْ عَلٰی مَا يَقُوْلُوْنَ" جيڪي چون پيا ان تي صبر ڪيو. هن ۾ ڪافرن جي مذڪور اقوال ڏانهن اشارو آهي. يعني اي حبيب پاڪ! (صلی الله عليه وسلم) اوهان جي متعلق ڪافر جو ڪجهہ چون ٿا تہ ساحر آهي يا ڪذاب آهي يا انهن جو هي اعتراض تہ الله (جل شانه) وٽ نبوت جي لاءِ صرف هي هڪ شخص هو ۽ اهو الزام تہ هن توحيد جي دعوت مان هن شخص جو مقصد ڪا مذهبي تبليغ ناهي پر ان جي نيت ڪجهہ ٻي آهي. (٣) اوهان اهڙيون ڳالهيون ٻڌي صبر ڪيو. "وَاذْكُرْ عَبْدَنَا دَاوٗدَ ذَا الْاَيْدِ ۚ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ" ۽ اسان جي طاقتور ٻانهي داؤد کي ياد ڪريو بلاشڪ اهو گهڻو رجوع ڪندڙ آهي. "ذَا الْاَيْدِ" جي لغوي معنیٰ گهڻن هٿن وارو. ۽ ان مان مراد طاقتور ۽ قوي آهي- "عَبْدَنَا" ۾ الله تعالیٰ حضرت داؤد عليه السلام جي عبد هجڻ جي "نا" ضمير ڏانهن نسبت ڪري (اسان جو ٻانهو) ان جي عزت ۽ شرف کي بيان ڪيو آهي حضرت داؤد عليه السلام عبادت ۽ جهاد ۾ وڏي قوت ۽ طاقت جو مظاهرو ڪندو هو ۽ هڪ ڏينهن روزو رکندو هو ۽ هڪ ڏينهن نہ رکندو هو ۽ اهو روزو نفس تي نهايت ڳرو ۽ الله جل مجده وٽ نهايت فضيلت وارو آهي پاڻ رات جو اڌ عبادت ۾ گذاريندو هو ۽ جنگ جي ميدان ۾ لهڻ کان پوءِ ڀڄڻ جي سوچ ئي نہ رکندو هو جڏهن الله تعالیٰ جي بارگاهہ ۾ دعا گهرڻ جي لاءِ ويهندو هو تہ عجز ۽ نياز جي انتها ڪري ڇڏيندو هو. (۴) "اِنَّا سَخَّرْنَا الْجِبَالَ مَعَهٗ يُسَبِّحْنَ بِالْعَشِيِّ وَالْاِشْرَاقِ" اسان ان سان گڏ جبل مسخر

(١) تفسير حسيني صـ٧٢٩ صاوي صـ٣٣٠ جز٣٠ (٢) المراغي صـ١٠۴ جزء ٢٣ جلد٨ (٣) تفهيم القرآن صـ٣٢٢ جلد۴ (۴) القرطبي صـ١٥٨ جلد ١٥

ڪيا هئا جيڪي رات جو ۽ صبح جو تسبيح پڙهندا هئا. الله تعاليٰ جن خصوصي عنايتن سان حضرت داؤد عليه السلام کي نوازيو هو انهن مان ڪجهہ هتي ذڪر ڪيون ويون آهن. پاڻ جڏهن الاهي ذڪر ۾ مشغول ٿيندو هو تہ جبل بہ ان سان گڏجي ذڪر ڪندا ۽ تسبيح پڙهندا هئا.

جبلن جي تسبيح پڙهڻ مان مراد ڇا آهي؟

ان ۾ مختلف قول آهن. ١- تہ ان مان مراد جبلن ۾ حضرت داؤد عليه السلام جي آواز جو پڙ لاءِ گونج آهي. ٢- تہ ان مان مراد آهي تہ جبل حال واري زبان سان ذڪر ڪندا هئا. ٣- ان مان مراد حقيقي ذڪر ۽ تسبيح پڙهڻ آهي پاڻ جڏهن ذڪر ڪندو ۽ تسبيح پڙهندو هو تہ ننڍا وڏا پٿر ۽ پٿريون جبل جا مختلف حصا ساڻس گڏجي ذڪر ڪندا هئا. علامه قرطبي هن قول کي صحيح قرار ڏنو آهي. ۽ ڪشف الاسرار واري فرمايو تہ جبلن ۽ پٿرن جي تسبيح ۽ ذڪر ظاهر ۾ عقل وارن کان جيتوڻيڪ لڪل آهي پر الله جل جلاله جي قدرت جي اڳيان بديع ۽ بعيد ناهي حضرت محمد مصطفيٰ صلی الله عليه وسلم جن جي هٿ مبارڪ ۾ پٿرن جو بلند آواز سان ڪلمو پڙهڻ ان جو شاهد آهي.

هڪ ولي ۽ هڪ پٿر جو واقعو.

هڪ ولي سڳوري هڪ پٿر کي ڏٺو تہ ان مان مينهن وانگر پاڻي ٽمي رهيو هو اتي ويهي ڪجهہ وقت فڪر ڪندي ان کي ڏسڻ لڳو تہ ان ساڻس ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ اي الله جا ولي! ڪجهہ وقت ٿيو آهي تہ الله جل شانه مون کي پيدا ڪيو آهي مان ان جي خوف کان روئي رهيو آهيان. ان ولي سڳوري دعا گهري تہ ياالله! هن پٿر کي پنهنجي عذاب کان امن وارو بڻاءِ. الله جل مجده ان جي دعا قبول ڪندي الهام طور فرمايس تہ ان پٿر جي لاءِ امن آهي. ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ اهو ولي سڳورو اتان اچي لنگهيو تہ اهو پٿر اڳي کان بہ زياده پاڻي وهائي روئي رهيو هو. پڇيائين تہ اي پٿر! جڏهن تنهنجي لاءِ الله جل مجده جي طرفان امن جو انعام اچي چڪو آهي تہ پوءِ هي روئڻ ڇا جو؟ پٿر عرض ڪيو تہ پهريان الله جل شانه جي خوف کان ٿي رنم ۽ هاڻي ان انعام ملڻ جي خوشيءَ ۾ روئي رهيو آهيان. اسان کي

خداوندي بارگاهہ ۾ روئڻ کان سواءِ ٻيو ڪو ڪم ناهي. (١)

اشراق جي معنیٰ صبح عرفي طور لکي وئي آهي پر اشراق جي معنيٰ ڪندي مفسرن لکيو آهي ظهر جي نماز جو وقت. ۽ اهو سج جي مڪمل روشني ڏيڻ وارو وقت آهي. (٢)

ضحيٰ نماز جون ڀلايون.

ضحيٰ نماز پڙهڻ مستحب آهي ۽ ان جو وقت ان مهل ٿيندو آهي جڏهن سج ابرڻ کان پوءِ ايترو مٿي چڙهي جيترو وچين نماز پڙهڻ مهل رهندو آهي.

محدث ترمذي حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو "مَنْ صَلَّى الضُّحٰى ثِنْتَى عَشَرَةَ رَكْعَةً بَنَى اللّٰهُ لَهٗ قَصْرًا مِّنْ ذَهَبٍ فِى الْجَنَّةِ" جنهن ضحيٰ نماز جون ٻارهن (١٢) رڪعتون پڙهيون الله ان جي لاءِ بهشت ۾ سونو محلات ٺاهيندو.

صحيح مسلم ۾ حضرت ابوذر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "يُصْبِحُ عَلٰى كُلِّ سُلَامٰى مِنْ اَحَدِكُمْ صَدَقَةٌ فَكُلُّ تَسْبِيْحَةٍ صَدَقَةٌ وَكُلُّ تَهْلِيْلَةٍ صَدَقَةٌ وَكُلُّ تَكْبِيْرَةٍ صَدَقَةٌ وَاَمْرٌ بِالْمَعْرُوْفِ صَدَقَةٌ وَنَهْىٌ عَنِ الْمُنْكَرِ صَدَقَةٌ وَيُجْزِئُ مِنْ ذَالِكَ رَكْعَتَانِ مِنَ الضُّحٰى". صبح جو اوهان مان هر هڪ جي سنڌ سنڌ تي صدقو آهي هر تسبيح صدقو آهي. هر تهليل صدقو آهي هر تڪبير صدقو آهي نيڪي جو هر امر صدقو آهي هر برائيءَ کان روڪڻ صدقو آهي ۽ انهن سڀني جي جاءِ تي ضحیٰ جون ٻہ رڪعتون ڪافي آهن. ترمذي حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن ضحیٰ جي ٻن رڪعتن جي حفاظت (انهن تي هميشگي) ڪئي ان جا گناهہ ڪٽي سمنڊ جي گجيءَ جيترا هوندا تہ بہ بخش ڪيا ويندا. (٣)

"وَالطَّيْرَ مَحْشُوْرَةً ؕ كُلٌّ لَّهٗٓ اَوَّابٌ" ۽ پکي گڏ ڪيل سڀئي ان لاءِ گهڻو رجوع ڪندڙ آهن. يعني اسان گڏ ڪيل پکي بہ ان جا مسخر بنايا هئا تانتہ اهي بہ ان سان گڏ تسبيح پڙهن. اهي سڀ حضرت داؤد عليه السلام جا مطيع ان ذاتهن گهڻو رجوع ڪندڙ. ان جا فرمانبردار هئا. سندس آواز ايترو منو ۽ دلڪش هو جو جڏهن

(١) تفسير حسيني صہ٧٢٨ (٢) جلالين مع الصاوي صہ٣٣١ جز ٣٠ (٣) القرطبي صہ١٦٠ جلد١٥

الله جل شانه جو ذڪر ڪندو هو تہ اڏامندڙ پکي لهي سندس چوء طرف ڦري بيهندا ۽ سندس آواز سان آواز ملائي ذڪر ڪندا ۽ خداوند ڪريم جي تسبيح پڙهندا هئا. (١) "وَشَدَدْنَا مُلْكَهُ وَآتَيْنَاهُ الْحِكْمَةَ وَفَصْلَ الْخِطَابِ" ۽ اسان ان جي بادشاهيءَ کي مضبوط بنايو ۽ اسان ان کي حڪمت ۽ فيصلو ڪندڙ خطاب ڏنو. فصل الخطاب جي معنیٰ آهي مقصد کي بيان ڪرڻ جي لاءِ شافي بيان ان جي وضاحت ڪندي تفسير جلالين جي حاشيه ص ١٣ تي لکي ٿو. فصل الخطاب ان مختصر ڪلام کي چئبو آهي جيڪو منجهڻ کان سواءِ مخاطب کي مقصد ذهن نشين ڪري (٢) مطلب تہ اسان (حضرت) داؤد (عليه السلام) تي وڏيڪ هي ڪرم بہ فرمايو جو ان جي بادشاهي ۽ حڪومت کي مستحڪم ۽ مضبوط بنايو. ماڻهن جي دلين ۾ ان جي ايتري هيبت وهاري سون جو ڪنهن کي بہ ان جي خلاف بغاوت ۽ سرڪشي ذهن ۾ نٿي آئي ان کان علاوه سندس سيني مبارڪ کي حڪمت جي نور سان منور ڪيوسون ۽ ڪيس اهڙي فصاحت ۽ بلاغت بخشي سون جو سندس خطاب ۽ گفتگو کان پوءِ ڪنهن کي تڪرار يا انڪار جي گنجائش نہ رهندي هئي سڀ جهيڙا ختم ٿي ويندا هئا. انسائيڪلو پيڊيا برنانيڪا ص ٩٨ ج٧ تي لکيو اٿس تہ ان وقت فلسطين جي سڀ کان وڏي حڪومت حضرت داؤد عليه السلام جي هئي. (٣)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا. ١- "اِصْبِرْ عَلَىٰ مَا يَقُولُونَ" (جيڪي چون ٿا ان تي صبر فرماءِ) مان واضح ٿيو تہ دين جي دعوت ڏيڻ وارو ماڻهن جي چون چرا ڏي توجہ نہ ڪري صبر ڪري پنهنجو ڪم جاري رکي. مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ اهو صبر جو حڪم نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي لاءِ جهاد جي آيتن لهڻ کان اڳي هو. ڪافرن جي مقابلي ۾ صبر جون سڀ آيتون جهاد جي حڪم سان منسوخ ٿيل آهن. ٢- "بِالْعَشِيِّ وَالْإِشْرَاقِ" (رات جو ۽ صبح جو) مان معلوم ٿيو تہ جيئن تہ الله جل مجده جي لاءِ هر وقت تسبيح ۽ تحميد ڀلو عمل آهي پر شام جو ۽ صبح جو خصوصًا تسبيح ۽ ذڪر ڪرڻ نهايت اهم آهي فجر جي ۽ عصر جي نماز بہ انتهائي اهم فرض آهن جو انهن وقتن ۾ تسبيح، تحميد

(١) ضياء القرآن ص ٢٣١ جلد ٤ (٢) جلالين ص ٣٨١ (٣) حاشيه ماجديه ص ٩٠٩

۽ ذڪر جو موقعو ميسر ٿئي ٿو. ٣- "وَشَدَدْنَا مُلْكَهٗ" (۽ اسان ان جي بادشاهي مضبوط ڪئي) جي وضاحت ۾ مفسرن لکيو آهي تہ چاليهہ هزار (٤٠٠٠٠) زرهن ڍڪيل سپاهي سندس محل جو پهرو ڏيندا هئا. ۽ حضرت داؤد عليه السلام سان گڏ جبلن ۽ پکين جي تسبيح پڙهڻ مان معلوم ٿيو تہ الله جل جلالہ جي پيارن سان گڏجي عبادت ڪرڻ تمام پلو عمل آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ بي ساهہ شين تي بہ نبي سڳوري عليہ السلام جي حڪومت هوندي آهي. (١) ٤- "مُلْكَهٗ" (ان جي بادشاهي ڪي) مان واضح ٿيو تہ ڪنهن شيء ڪي ڪنهن ٻانهي ڏانهن نسبت ڪرڻ شرڪ يا ڪفر ناهي حقيقت ۾ بادشاهي تہ الله پاڪ جي آهي پر هتي ان جي پاڪ نبي ڏانهن نسبت ڪيل آهي. ۽ اهو بہ واضح ٿيو تہ نبي ڪي بادشاهہ سڏڻ جائز آهي. حديث پاڪ جي هڪ روايت ۾ آهي تہ جبريل نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جي خدمت ۾ لهي اچي عرض ڪيو تہ "الله اوهان ڪي اختيار ڏنو آهي تہ يا نبي بادشاهہ ٿيو يا نبي عبد؟" پوء پاڻ جبريل ڏانهن ان ڪان مشورو وٺڻ لاءِ نهاريائون تہ ان ڪين تواضع اختيار ڪرڻ ڏانهن اشارو ڏنو پوءِ پاڻ فرمايائون تہ "مان نبي عبد هجڻ پسند ٿو ڪيان هڪ ڏينهن ڪائي ڍؤ ڪيان هڪ ڏينهن بک تي رهان؛

۵- "فَصْلَ الْخِطَابِ" (فيصلو ڪندڙ خطاب) جي وضاحت ۾ علماء لکيو آهي تہ ان مان مراد ٿوري لفظ ۾ گهڻي معنىٰ بيان ڪرڻ بہ آهي ۽ هڪ قول مطابق اهو قضا جو علم آهي. يعني علم جو هڪ قسم جيئن حديث مبارڪ ۾ آهي "اَقْضَاكُمْ عَلِيٌّ" اوهان مان قضا جي علم ۾ وڌيڪ علي آهي "وَاَعْلَمُكُمْ بِالْحَلَالِ وَالْحَرَامِ مُعَاذُ بْنُ جَبَلٍ" ۽ حلال ۽ حرام جو وڌيڪ علم رکندڙ معاذ بن جبل آهي. (٢)

وَهَلْ اَتٰىكَ نَبَؤُا الْخَصْمِ ۘ اِذْ تَسَوَّرُوا الْمِحْرَابَ ۙ (٢١)

۽ ڇا آئي تو وٽ خبر دعوىٰ ڪندڙن جي جڏهن پٽ ٽپي آيا عبادت خاني ۾

اِذْ دَخَلُوْا عَلٰى دَاوٗدَ فَفَزِعَ مِنْهُمْ قَالُوْا لَا تَخَفْ ۚ

جڏهن داخل ٿيا داؤد تي پوءِ گهبرايائين انهن کان چيائون تہ نہ ڊپ ڪر

وقف لازم

(١) نورالعرفان ص٧٢٤ (٢) احكام القرآن لابن عربي ص١٦٢٦ جلد٤

خَصۡمٰنِ بَغٰى بَعۡضُنَا عَلٰى بَعۡضٍ فَاحۡكُمۡ بَيۡنَنَا

ٻہ دعويٰ ڪندڙ زيادتي ڪئي هڪڙي اسان مان ٻئي تي پوءِ فيصلو ڪر اسان ۾

بِالۡحَقِّ وَلَا تُشۡطِطۡ وَاهۡدِنَاۤ اِلٰى سَوَآءِ الصِّرَاطِ (۲۲) اِنَّ

حق جو ۽ نہ حق جي خلاف ڪر ۽ ڏيکار اسان کي سڌي واٽ بلاشڪ

هٰذَاۤ اَخِىۡ قف لَهٗ تِسۡعٌ وَّتِسۡعُوۡنَ نَعۡجَةً وَّلِىَ نَعۡجَةٌ

هي منهنجو ڀاءُ آهي ان جون نوانوي دنبيون آهن ۽ منهنجي دنبي

وَّاحِدَةٌ قف فَقَالَ اَكۡفِلۡنِيۡهَا وَعَزَّنِىۡ فِى الۡخِطَابِ (۲۳)

هڪ آهي پوءِ چيائين تہ حوالي ڪر منهنجي اها ۽ زور رکيائين مون تي ڳالهائڻ ۾

قَالَ لَقَدۡ ظَلَمَكَ بِسُؤَالِ نَعۡجَتِكَ اِلٰى نِعَاجِهٖ ط

چيائين تہ البتہ ظلم ڪيائين توتي تنهنجي دنبي پنهنجين دنبين سان ملائڻ جي سوال ڪرڻ سان

وَاِنَّ كَثِيۡرًا مِّنَ الۡخُلَطَآءِ لَيَبۡغِىۡ بَعۡضُهُمۡ عَلٰى بَعۡضٍ اِلَّا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا

۽ بيشڪ گهڻا ڀائيوارن مان البتہ زيادتي ڪن ٿا هڪڙا ٻين تي مگر جن ايمان آندو

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَقَلِيۡلٌ مَّا هُمۡ ط وَظَنَّ دَاوٗدُ اَنَّمَا فَتَنّٰهُ

۽ ڪيائون صالح عمل ۽ ٿورا آهن اهي ۽ سمجهيو داؤد تہ آزمايو اسان ان کي

فَاسۡتَغۡفَرَ رَبَّهٗ وَخَرَّ رَاكِعًا وَّاَنَابَ السجدة (۲۴) السجدة ۱۰

پوءِ مغفرت طلب ڪيائين پنهنجي رب کان ۽ ڪري پيو جهڪندڙ ٿي ۽ رجوع ڪيائين

فَغَفَرْنَا لَهٗ ذٰلِكَ ؕ وَاِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا لَزُلْفٰى

پوءِ بخشيو اسان ان کي اهو ۽ بلاشڪ ان جي لاءِ اسان وٽ البت قرب ۽

وَ حُسْنَ مَاٰبٍ (٢٥) يَا دَاوٗدُ اِنَّا جَعَلْنٰكَ خَلِيْفَةً فِى الْاَرْضِ

سهڻي موٽڻ جي جاءِ آهي اي داؤد! بيشڪ اسان بنايو توکي خليفو زمين ۾

فَاحْكُمْ بَيْنَ النَّاسِ بِالْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعِ الْهَوٰى فَيُضِلَّكَ

پوءِ حڪم ڪر ماڻهن ۾ حق سان ۽ نه اتباع ڪر خواهش جي پوءِ ٿيڙي توکي

عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَضِلُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَهُمْ

الله جي واٽ کان بلاشڪ جيڪي ٿڙن ٿا الله جي واٽ کان انهن جي لاءِ

عَذَابٌ شَدِيْدٌۢ بِمَا نَسُوْا يَوْمَ الْحِسَابِ ع (٢٦)

عذاب سخت آهي ان سببان جو وساريائون حساب جو ڏينهن.

٢٤(٢)ع
١١

تفسير.

اڳين آيتن ۾ حضرت داؤد عليه السلام جي مدح ۽ ثنا بيان ٿي ۽ هتي ان جو هڪ اهڙو واقعو بيان ڪيو ويو آهي جيڪو سامع جي لاءِ وڏيڪ دلچسپ آهي فرمان ايزدي آهي "وَهَلْ اَتٰكَ نَبَؤُا الْخَصْمِ اِذْ تَسَوَّرُوا الْمِحْرَابَ ۙ ۽ ڇا تو وٽ دعوىٰ ڪندڙن جي خبر آئي آهي جڏهن عبادت خاني ۾ ڀتيون ٽپي داخل ٿيا هئا. هتي ۽ ڪيترين ٻين جاين تي استفهام (پڇا ڪرڻ) جي انداز سان ڪلام جو سلسلو شروع ڪرڻ مان مقصد ان واقعي يا ڪلام ڏانهن سامع کي متوجه ڪرڻ آهي تانته اهو پوري طرح توجه سان ٻڌي ۽ ان مان عبرت حاصل ڪري. مطلب ته ڇا اوهان کي ان واقعي جي خبر پهتي آهي جڏهن مدعي ۽ مدعىٰ عليه حضرت داؤد عليه السلام جي

عبادت واري ڪمري جي پٽ تي ان وٽ پهتا هئا محراب مان مراد عبادت وارو ڪمرو آهي محراب حرب (معنٰي جنگ ڪرڻ) ڪان ورتل آهي جڏهن ته ان ۾ ويهي ڪري پاڻ الله جل شانه جي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ جهاد ڪري رهيو هو ان جي ڪري ان کي محراب سڏيو ويو. مسجد جي محراب کي به ان جي ڪري محراب سڏيو ٿو وڃي جو ان ۾ بيهندڙ امام نفساني هوا کي دٻائڻ ۽ شيطان پليد کي ذليل ڪرڻ ۽ هر طرح جي وسوسن کي دفع ڪرڻ جي لاءِ پاڻ به جهاد ڪري ٿو ۽ ٻين کي به تلقين ڪري ٿو. (١) "اِذْ دَخَلُوْا عَلٰى دَاوٗدَ فَفَزِعَ مِنْهُمْ" جڏهن داؤد وٽ داخل ٿيا پوءِ انهن کان گهٻرائجي ويو. ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته حضرت داؤد عليه السلام ٽن ڏينهن جو نمبر رکيو هو. هڪ ڏينهن دربار ۾ ويهندو ۽ فيصلا ڪندو هو. ٻئي ڏينهن پنهنجي اهل عيال سان گڏ گذاريندو هو ۽ ٽئين ڏينهن خالص الله جل جلاله جي عبادت ۾ گذاريندو هو ان ڏينهن خلوت ۾ رهندو هو ڪنهن به ماڻهوءَ کي دربان اندر اچڻ نه ڏيندا هئا. هڪ ڏينهن پنهنجي ان عبادت خاني ۾ عبادت ۾ مشغول هو ته ڪجهه ماڻهو ديوار ٽپي اندر اچي وٽس بيهي رهيا حضرت داؤد عليه السلام پنهنجي قوت ۽ شوڪت جي هوندي اها حالت ڏسي گهٻرائجي ويو ته هي ماڻهو آهن يا ڪا ٻي مخلوق آهي ماڻهو آهن ته اوچتو پٽ ٽپي اندر اچڻ جي همت ڪيئن ڪيائون؟ ڪين دربانن ڇو نه روڪيو؟ جيڪڏهن دروازي ڪان نه آيا آهن ته ايڏي وڏي پٽ ڪيئن ٽپي آيا خبر نه آهي ته ان غير معمولي طريقي سان ڪهڙي نيت ۽ ڪهڙي غرض سان آيا آهن. الغرض ته اوچتو هي عجيب ۽ هيبت وارو واقعو ڏسي سوچ ۾ پئجي ويو ۽ عبادت ۾ اها يڪسوئي نه رهي "قَالُوْا لَا تَخَفْ خَصْمٰنِ بَغٰى بَعْضُنَا عَلٰى بَعْضٍ فَاحْكُمْ بَيْنَنَا بِالْحَقِّ وَلَا تُشْطِطْ وَاهْدِنَآ اِلٰى سَوَآءِ الصِّرَاطِ" چوڻ لڳا ته ڊپ نه ڪر به جهيڙو ڪندڙ ڌريون آهن اسان مان هڪڙن ٻين تي زيادتي ڪئي آهي پوءِ تون اسان جو حق سان فيصلو ڪر ۽ حق جي خلاف نه ڪجانءِ ۽ اسان کي سڌي واٽ جي هدايت ڪر. يعني انهن اچڻ وارن حضرت داؤد عليه السلام جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته اوهان ڪوبه ڊپ نه ڪيو ۽ اسان ڪان نه ڊڄو اسين به ڌريون اوهان ڪان فيصلو ڪرائڻ جي لاءِ آيا آهيون اوهان اسان جو حق

(١) روح المعاني صـ ١٦٨ جزء ٢٣ جلد ٨

سان فيصلو ڪيو ۽ ڳالهہ ڪي ٿارڻ جي ڪوشش نہ ڪجو اسين اوهان ڪان عدل ۽ انصاف جي سڌي واٽ معلوم ڪرڻ آيا آهيون. "اِنَّ هٰذَآ اَخِيْ قف لَهٗ تِسْعٌ وَّتِسْعُوْنَ نَعْجَةً وَّلِيَ نَعْجَةٌ وَّاحِدَةٌ قف فَقَالَ اَكْفِلْنِيْهَا وَعَزَّنِيْ فِي الْخِطَابِ" بلاشڪ هي منهنجو ڀاءُ آهي ان جون نوانوي (٩٩) دنبيون آهن ۽ منهنجي هڪ دنبي آهي پوءِ چوي پيو تہ اها منهنجي حوالي ڪر ۽ مون سان ڳالهائڻ ۾ زبردستي ڪيائين. يعني جهيڙو هي آهي تہ منهنجي هن ڀاءُ وٽ نوانوي (٩٩) دنبيون آهن ۽ مون وٽ صرف هڪ دنبي آهي هي گهري ٿو تہ مون ڪان اها هڪ بہ ڪسي پنهنجون سؤ دنبيون پوريون ڪري ۽ وڏي ڳالهہ اها آهي تہ هي جيئن مال ۾ وڌيڪ آهي تيئن ڳالهائڻ ۾ بہ مون ڪان تيز آهي ڳالهائي ٿو تہ مون ڪي دٻائي ٿو وچي ۽ ٻيا ماڻهو بہ هن جي ها ۾ ها ملائين ٿا الغرض تہ مون ڪان اها دنبي وٺڻ لاءِ زبردستيءَ جون ڳالهيون ڪري ٿو "قَالَ لَقَدْ ظَلَمَكَ بِسُؤَالِ نَعْجَتِكَ اِلٰى نِعَاجِهٖ" فرمايائين تہ يقينًا هن توڪان پنهنجين دنبين سان تنهنجي دنبي ملائڻ جي لاءِ گهر ڪري توسان ظلم ڪيو آهي. حضرت داؤد عليه السلام شرعي قاعدي جي مطابق ثبوت وغيره طلب ڪيو هوندو آخر ۾ هيئن فرمايائين تہ بلاشڪ جيڪڏهن تنهنجو هي ڀاءُ ائين ڪري ٿو (جيئن تو بيان ڪيو آهي) تہ پوءِ ان جي اها زيادتي، ظلم ۽ نا انصافي آهي. "وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ الْخُلَطَآءِ لَيَبْغِيْ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَقَلِيْلٌ مَّا هُمْ" ۽ بلاشڪ گهڻا ڀائيوارن مان هڪڙا ٻين تي زيادتي ڪن ٿا مگر جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا ۽ اهي ٿورا آهن. مطلب تہ ڀائيوارن جي هڪ عادت هوندي آهي جو هڪ ٻئي تي زيادتيءَ جي ڪوشش ڪندا آهن قوي حصي دار ڪوشش ڪندو آهي تہ ضعيف ڪي ڪائي وڃي صرف نيڪ عمل ڪندڙ موءمن ٻانها ان ڪان مستثنیٰ آهن پر اهي دنيا ۾ ٿورا هوندا آهن. "وَظَنَّ دَاوٗدُ اَنَّمَا فَتَنّٰهُ فَاسْتَغْفَرَ رَبَّهٗ وَخَرَّ رَاكِعًا وَّاَنَابَ السجدة فَغَفَرْنَا لَهٗ ذٰلِكَ" ۽ داؤد خيال ڪيو تہ اسان ان ڪي آزمايو پوءِ پنهنجي رب ڪان مغفرت طلب ڪيائين ۽ جهڪندي (الله جي بارگاهہ ۾) ڪري پيو ۽ رجوع ڪيائين پوءِ اسان ان ڪي اهو معاف ڪيو. يعني ان واقعي ڪان پوءِ حضرت داؤد عليه السلام متنبه ٿيو ۽ سندس پاڪ خيال ۾ آيو تہ اهو سندس حق ۾ هڪ امتحان هو ۽ ان خيال جي ايندي

ئي الله جل شانه جي بارگاهہ ۾ نهايت عاجزيءَ سان مغفرت طلب ڪندي جهڪي پيو الله جل شانه فرمايو تہ اسان ان کي مغفرت عطا ڪئي "وَإِنَّ لَهُۥ عِندَنَا لَزُلْفَىٰ وَحُسْنَ مَـَٔابٍ" ۽ بلاشڪ ان جي لاءِ اسان وٽ البتہ قرب ۽ موٽڻ جي سهڻي جاءِ آهي. مطلب تہ حضرت داؤد عليه السلام جي لاءِ اسان وٽ اعليٰ، عمده ۽ قرب وارو مقام آهي ۽ ان جي موٽڻ جي جاءِ بہ سهڻي آهي.

مذڪوره آيتن ۾ جنهن واقعي جو ذڪر ٿيو اهو ڪهڙو هو؟

قرآن ڪريم جي تفسير پڙهندڙن کي خبر آهي تہ بني اسرائيل نبين سڳورن عليهم الصلواة والسلام تي تهمتون هڻڻ ۾ بالڪل بي باڪ ۽ بي خوف هوندا هئا انهن حضرت داؤد عليه السلام تي بہ ڪوڙ هنيا ۽ هٿرادو ڳالهيون ٺاهي ان جي پاڪ ۽ صاف دامن کي ڪچرو لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ قرآن ڪريم جي بعض مفسرن انهن جي ڳالهين کي پنهنجن تفسيرن ۾ لکيو آهي. مگر محقق مفسر لکن ٿا تہ اهو سڀ ڪوڙ ۽ باطل آهي. علامه رازي عليه الرحمة لکيو آهي تہ "والذي ادين به واذهب اليه ان ذالک باطل (١) ۽ مان ان معاملي ۾ جيڪو دين ۽ مذهب رکان ٿو تہ بلاشڪ اهو واقعو ڪوڙو آهي علامه موصوف لکيو آهي تہ صحيح قول هي آهي تہ بني اسرائيل مان هڪ ٽولو حضرت داؤد عليه السلام جو مخالف ٿي ويو هو ۽ انهن کيس شهيد ڪرڻ جو پروگرام ٺاهيو هو ۽ انهن کي اها بہ خبر هئي تہ حضرت داؤد عليه السلام هڪ ڏينهن خالص عبادت ڪرڻ جي لاءِ رکيو آهي جنهن ۾ پنهنجي مالڪ کي خصوصي طرح ياد ڪندو هو. جڏهن اهي مخالف ان ڏينهن کي فرصت سمجهي سندس حويلي مبارڪ جي پٺ ٽپي اندر گهڙي آيا تہ اتي پين ماڻهن کي ڏسي پريشان ٿيا ۽ هڪدم پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪري ڪوڙو بيان ٺاهيائون تہ بہ ڌريون هي فيصلو ڪٽي آيا آهيون. جيئن تفسير ۾ بيان ٿي چڪو آهي. (٢) علامه ابو حيان اندلسي عليه الرحمة لکيو آهي تہ "اسان جي تحقيق هيءَ آهي تہ پٺ ٽپي اچڻ وارا انسان هئا ۽ اهي ان جاءِ کان آيا هئا جيڪا اچڻ جي لاءِ نہ هئي ۽ اهڙي وقت آيا هئا جو سندس عدالت ڪرڻ جي لاءِ مقرر ڪيل نہ هو کيس انديشو ٿيو تہ اهي سندس ذات کي شهيد نہ ڪن پر جڏهن انهن چيو تہ اسين فيصلو ڪرائڻ جي

(١) تفسير ڪبير صـ١٨٩ جز ٢٦ (٢) ساڳيو حوالو صـ١٩٣

لاءِ آيا آهيون جيئن الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ بيان فرمايو آهي تہ پاڻ سمجهيائين تہ اهو سچو واقعو يعني انهن ماڻهن جو بي وقت اچڻ ۽ نہ داخل ٿيڻ واري جاءِ ڪان داخل ٿيڻ ۽ سندس پاڪ دل ۾ اهو خيال اچڻ تہ هي مون کي شهيد ڪرڻ جي لاءِ آيا آهن ۽ ان جي ڪري سندس گهبرائجي وڃڻ اها سڀ آزمائش آهي جنهن سان الله جل جلاله کيس آزمائڻ گهريو ۽ اهو خيال ڪرڻ سندس نبوت جي شان ڪان هيٺ هو ان جي ڪري پاڻ الله جل مجده ڪان مغفرت طلب ڪرڻ لڳو آخر ۾ علامه موصوف لکيو آهي تہ "اسان جو پڪو يقين آهي تہ انبياءَ عليهم الصلواة والسلام گناهن ۽ خطائن ڪان معصوم آهن انهن ڪان اهڙا ڪم (جيڪي اسرائيلي روايات ۾ مذڪور آهن) قطعًا سرزد نہ ٿيندا جيڪڏهن ائين هجي ها تہ شرعي احڪام تي اعتماد باقي نہ رهي ها ۽ انبياءَ عليهم الصلواة والسلام جي فرمانن تي ڪو ڀروسو نہ رهي ها قصن ۽ ڪهاڻين جي شوقينن نبوت جي منصب جي خلاف جيڪي هٿرادو ڳالهيون ٺاهيون آهن اسين انهن کي اجلائي ٿا ڇڏيون (١) شيخ اڪبر ابن عربي هنن آيتن جي بيان ۾ لکيو آهي تہ واعظ ڪندڙن کي گهرجي تہ اهي پنهنجن وعظن ۾ غلط قصا ۽ ڪوڙيون ڳالهيون بيان نہ ڪن نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جو فرمان آهي تہ "جڏهن انسان ڪوڙ هٽي ٿو تہ ان جي بدبوءِ جي ڪري ملائڪ ان ڪان ٽيهن ميلن جي فاصلي جيترو پڇي وڃن ٿا ۽ ان ماڻهوءَ کي نهايت برو سمجهن ٿا" وعظ ڪندڙ کي جڏهن خبر آهي تہ وعظ جي مجلس ۾ ملائڪ حاضر ٿيندا آهن تہ ان تي لازم آهي تہ اهو سچ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري وري لکيو اٿس تہ وعظ ڪندڙ تي فرض آهي تہ اهڙين ڳالهين ڪان بلڪل پاسو ڪري جيڪي تاريخ وارن تحقيق ڪان سواءِ يهودين ڪان نقل ڪيون آهن جن ۾ انهن مقدس هستين جي لغزشن جو بيان آهي انهن هستين جي تہ الله جل شانہ ثنا ۽ ساراهہ بيان فرمائي آهي ۽ انهن کي ٻين ماڻهن ڪان ممتاز بنايو اٿس. (٢)

تلاوت جي سجدي جو بيان

هن سورة جي آيت ٢٤ جي الفاظ "خَرَّ رَاكِعًا وَّاَنَابَ" جي پڙهڻ وقت تلاوت جي

(١) ضياءُ القرآن صـ٢٣٦ ـ ٢٣٧) جلد٤ (٢) فتوحات مڪيه صـ ٢٥٦ جلد ٢ مطبوعہ مصر

سجدي ڪرڻ جي متعلق اختلاف آهي تہ واجب آهي يا نہ؟ حضرت امام شافعي عليه الرحمة جو قول آهي تہ هتي تلاوت جو سجدو واجب ناهي بلڪ اهو هڪ نبي سڳوري عليه الصلواة والسلام جي مغفرت طلبي هئي ۽ امام ابو حنيفه جو فرمان آهي تہ اهو تلاوت جو سجدو واجب آهي نسائي ۽ ابن مردويه جيد سند سان حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ "بلاشڪ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن "صٓ" سورة پڙهندي سجدو ڪيو ۽ فرمايائون تہ "داؤد سجدو ڪيو هو ۽ اسين بہ (الله جي) شڪر ڪرڻ جي لاءِ سجدو ڪيون ٿا سعيد بن منصور حسن کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن "صٓ" ۾ سجدو نہ ڏيندا هئا پوءِ جڏهن "أُولَٰئِكَ الَّذِينَ هَدَى اللَّهُ فَبِهُدَاهُمُ اقْتَدِهْ" (اهي ئي آهن جن کي الله هدايت ڏني پوءِ انهن جي هدايت جي اقتداءَ ڪر) آيت نازل ٿي تہ پاڻ بہ سجدو ڪرڻ فرمايائون ابن مردويه حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ "بلاشڪ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن "صٓ" ۾ سجدو ڪرڻ فرمايو هو دارمي، ابو داؤد، ابن خزيمه، ابن حبان، دارقطني، حاڪم صحيح چوندي، ابن مردويه ۽ السنن ۾ بيهقيءَ حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن منبر تي ويٺي سورة "صٓ" پڙهي جڏهن سجدي واري آيت پڙهيائون تہ منبر تان لهي سجدو ڏنائون ۽ ڪين ڏسي بين ماڻهن بہ سجدو ڪيو وري جڏهن ٻيو ڪو وقت پاڻ سورة "صٓ" پڙهيائون ۽ ماڻهو سجدي ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿيا تہ پاڻ فرمايائون "اها هڪ نبي جي مغفرت طلبي هئي پر مون ڏٺو آهي تہ اوهان سجدي لاءِ تيار آهيو" پوءِ پاڻ منبر تان هيٺ لهي آيا ۽ سجدو ڪيائون (١) هنن دليلن سان ثابت ٿيو تہ مذڪوره الفاظ پڙهي تلاوت جو سجدو ڪرڻ واجب آهي (٢) "يَا دَاوُودُ إِنَّا جَعَلْنَاكَ خَلِيفَةً فِي الْأَرْضِ" اي داؤد! بلاشڪ اسان تو کي زمين ۾ پنهنجو خليفو بنايو آهي.

خليفه ڇا آهي؟

تفسير مظهري جي حاشيه ۾ علامه مظهري لکيو آهي تہ حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه کان روايت آهي تہ پاڻ حضرت طلحه، حضرت زبير، حضرت

(١) الدرالمنثور صـ١٦٥ـ١٦٦ جلد ٧ (٢) المظهري صـ١٦٩ جلد ٨

ڪعب ۽ حضرت سلمان رضي الله عنهم کان پڇيائون تہ خليفة ڇا آهي؟ طلحة ۽ زبير عرض ڪيو تہ "اسان کي خبر ناهي" ۽ حضرت سلمان عرض ڪيو تہ "خليفه اهو آهي جيڪو رعيت ۾ عدل ڪري، انهن ۾ هر شيءِ برابريءَ جي بنياد تي ورهائي، انهن سڀني تي اهڙين شفقت ڪري جيئن پنهنجي اهل ۽ عيال تي ڪبي آهي ۽ الله جي ڪتاب مطابق فيصلو ڪري. حضرت ڪعب اهو ٻڌي فرمايو تہ "مون ڪونہ ٿي سمجهيو تہ مون کان سواءِ ڪو اها مراد سمجهندو هوندو (١) مقصد تہ الله جل شانه حضرت داؤد على نبينا وعليه الصلواة والسلام کي فرمايو تہ "تون ڪنهن شاهي خاندان جو فرد ناهين جو هيءَ حڪومت ۽ تخت تو کي ورثي ۾ مليو آهي اسان پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان تو کي بني اسرائيل جو تاجدار بنايو ۽ وڏي حڪومت عطا ڪئي آهي ۽ خلافت جي مسند تي ويهاريو آهي "فَاحْكُمْ بَيْنَ النَّاسِ بِالْحَقِّ" پوءِ ماڻهن ۾ حق سان فيصلا ڪر يعني جڏهن اوهان کي خلافت جي نعمت سان الله نوازيو آهي تہ ماڻهن جا فيصلا الله جل شانه جي حڪم مطابق ڪيو "وَلَا تَتَّبِعِ الْهَوٰى فَيُضِلَّكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ" ۽ نفس جي خواهش جي پيروي نہ ڪيو پوءِ اوهان کي الله جي واٽ کان پري رکي. مطلب تہ فيصلي ڪرڻ ۾ ٻاهرين شيءِ، سفارش، رشوت، طمع، يا ڪنهن جي ڊپ، تانجو پنهنجي ذاتي مفاد کي بہ اثر انداز ٿيڻ نہ ڏيو. ان سان ماڻهو الله جل جلاله جي واٽ کان پري ٿي ويجي ٿو، "سبيل الله" مان مراد اهي دلائل آهن جيڪي الله جل جلاله حق جي واضح ٿيڻ لاءِ قائم ڪيا آهن. "اِنَّ الَّذِيْنَ يَضِلُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌۢ بِمَا نَسُوْا يَوْمَ الْحِسَابِ" بلاشڪ جيڪي شخص الله جي واٽ کان پري ٿين ٿا انهن جي لاءِ ان سببان جو حساب جي ڏينهن کي وساريائون سخت عذاب آهي. يعني جيڪي شخص عدل ۽ انصاف نہ ٿا ڪن، الله جي واٽ کان پري آهن انهن قيامت جي ڏينهن کي وساري ڇڏيو آهي ان جي ڪري انهن جي لاءِ سخت عذاب آهي.

فائدا:

مذڪوره آيتن جي وضاحت مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا ١۔آيت ٢١ کان وٺي آيت ٢٥ تائين مذڪوره واقعي جو تفصيل قرآن ڪريم جي طرفان بيان نہ ڪرڻ

(١) ساڳيو حوالو صـ١٧٣

۾ اسان جي لاءِ هدايت آهي تہ ڪنهن بہ اهڙي معاملي ۾ اونهي وڃڻ جي ڪوشش نہ ڪيون جنهن جي متعلق الله جل جلاله ۽ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن تفصيل بيان نہ ڪيو آهي جيڪا ڳالهہ جيتري بيان ٿي آهي ان تي ايمان آڻجي. سلف صالحين جو قول آهي تہ جيڪا ڳالهہ الله جل مجده ۽ ان جي پياري حبيب عليه الصلواة والسلام مبهم رکي آهي ان ۾ هرو ڀرو مداخلت نہ ڪيو.

پٽ ٽيي اچڻ وارن جي طرفان حضرت داؤد علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي اڳيان سخت انداز سان گفتگو ڪرڻ ۽ حضرت جي طرفان صبر ڪرڻ انهن کي ڪا سزا نہ ڏيڻ ۽ نہ انهن تي ڪاوڙڻ ڪرڻ مان معلوم ٿيو تہ جنهن شخص کي الله تعاليٰ ڪو وڏو مرتبو عطا ڪري ۽ ان سان ماڻهن جون ضرورتون وابسته هجن ان کي گهرجي تہ اهو حاجتمندن جي بي قاعدگين ۽ گفتگو جي غلطين تي وس آهر صبر ڪري اها ئي ان جي مرتبي جي تقاضا آهي خاص ڪري حاڪم. قاضي ۽ مفتيءَ کي ان جو لحاظ رکڻ گهرجي. (١) ٣ـ حضرت داؤد علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي طرفان فيصلو ڪرڻ وقت فرمائڻ تہ هن توکان هڪ دنبي گهري ظلم ڪيو آهي" مان واضح ٿيو تہ ڪنهن قسم جي دٻاءُ وجهڻ سان چندو يا هديو گهرڻ بہ غصب ۽ ظلم آهي ۴ـ (۽ ڀائيوارن مان گهڻا هڪ ٻئي تي زيادتي ڪن ٿا) مان واضح ٿيو تہ ڪنهن بہ معاملي ۾ ڀائيوارو ڪرڻ وقت سخت احتياط جي ضرورت آهي ڇو تہ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ڀائيوار ڪنهن ڪم کي معمولي سمجهندو آهي پر اهو وڏي گناهہ جو سبب هوندو آهي ۵ـ "خَرَّ رَاكِعًا" ۾ رکوع مان مراد سجدو آهي ۽ امام ابوحنيفہ رضي الله تعاليٰ عنه ان مان دليل وٺندي فرمايو آهي تہ جيڪڏهن سجدي واري آيت نماز ۾ پڙهي وئي تہ رکوع ۾ سجدي جي نيت ڪرڻ سان سجدو ادا ٿي ويندو ڇو تہ هتي الله جل جلاله سجدي جي لاءِ رکوع جو لفظ استعمال ڪيو آهي جيڪو ان ڳالهہ جو دليل آهي تہ رکوع بہ سجدي جي قائم مقام ٿي سگهي ٿو پر ان ۾ هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ سجدي واري آيت جي تلاوت ڪرڻ کان پوءِ هڪدم رکوع ڪري يا وڌ ۾ وڌ هڪ يا ٻن آيتن جي وڌيڪ تلاوت ڪري پر جيڪڏهن گهڻي دير تائين پڙهندو رهيو ۽ پوءِ رکوع ڪيائين تہ تلاوت

(١) روح المعاني صـ ١٧٩ جزءُ ٢٣ جلد ٨

جو سجدو ادا نہ ٿيندو (١) ٦۔ "اِنَّا جَعَلْنَاكَ خَلِيْفَةً فِى الْاَرْضِ" (اسان اوهان کي زمين ۾ خليفو بنايو آهي) مان واضح ٿيو تہ اسلام ۾ سربراه مملڪت جي لاءِ بادشاهہ، سلطان، چيئرمين وغيره جا ڪلمات استعمال ڪرڻ پسند ناهن ڇو تہ ان مان انانيت ۽ خود سرائيءَ جي بوءِ اچي ٿي اسلام ان جي لاءِ خليفه جو لفظ تجويز ڪيو آهي جنهن جي معنىٰ خود مختار ناهي بلڪ نائب ۽ قائم مقام آهي اهو لفظ ئي ٻڌائي رهيو آهي تہ اسلامي مملڪت جو سربراهہ پنهنجي رب جي احڪام کي جاري ڪرڻ لاءِ هوندو آهي ۽ ان جي حڪم مطابق ان جا ڏنل اختيار استعمال ڪندو آهي. اهو ئي اهو فرق آهي جيڪو دنيا جي ٻين نظامن ۽ اسلام جي سياسي نظام ۾ اهميت جو مالڪ آهي. (٢)

وَمَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا بَاطِلًا ط

۽ نہ پيدا ڪيو اسان آسمان ۽ زمين ۽ ان کي جو انهن جي وچ ۾ آهي اجايو

ذَالِكَ ظَنُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ج فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنَ النَّارِ ط (٢٧)

اهو گمان انهن جو آهي جن ڪفر ڪيو پوءِ ويل آهي ڪافرن جي لاءِ باهہ مان

اَمْ نَجْعَلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَالْمُفْسِدِيْنَ فِى الْاَرْضِ ز

ڇا بنائيندا سون انهن کي جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيائون زمين ۾ فساد ڪندڙن جهڙو؟

اَمْ نَجْعَلُ الْمُتَّقِيْنَ كَالْفُجَّارِ (٢٨) كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ

ڇا بنائيندا سون متقين کي فاجرن جهڙو؟ (هي) ڪتاب آهي نازل ڪيو سون ان کي توڏانهن

مُبٰرَكٌ لِّيَدَّبَّرُوْٓا اٰيٰتِهٖ وَلِيَتَذَكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ . (٢٩)

برڪت وارو آهي تانتہ ڌيان ۾ رکن آيتون ان جون ۽ تانتہ نصيحت وٺن عقل وارا.

(١) معارف القرآن صـ٥٠٨ جلد ٧ (٢) ضياءُ القرآن صـ٢٣٩ جلد ٤

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ارشاد ٿيو ته جيڪي الله جل جلاله جي واٽ کان ڀري ٿيا انهن جي لاءِ سخت عذاب آهي ۽ هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته اهو ڏينهن ضرور اچڻو آهي حو ته رب العزة جل مجده هي سارو نظام اجايو نه ٺاهيو آهي پنهنجي عبادت لاءِ ٺاهيو آهي ۽ ان جو ثواب يا نه ڪندڙ جي لاءِ عذاب جو ڏينهن ضرور ايندو فرمان مبارڪ آهي "وَمَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا بَاطِلًا" ۽ اسان آسمان ۽ زمين ۽ جيڪو انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي اجايا پيدا نه ڪيا آهن يعني انهن جي پيدا ڪرڻ ۾ حڪمتون آهن انهن سان انهن کي وجود ڏيندڙ، ٺاهيندڙ الله جل شانه جي وجود ۽ توحيد تي دليل وٺي ان جي عبادت ڪرڻي آهي ۽ ان جي امر ۽ نهي جي اتباع ڪري ان جو شڪر ادا ڪرڻو آهي.

"ذٰلِكَ ظَنُّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنَ النَّارِ" اهو انهن جو گمان آهي جن ڪفر ڪيو پوءِ جن ڪفر ڪيو انهن جي لاءِ باهه ۾ داخل ٿيڻ جي ڪري ويل آهي "وَيْلٌ" کي نڪره ڪري آڻڻ ۾ ان جي وڏي هجڻ کي بيان ڪيو ويو آهي ۽ ان تي داخل ٿيندڙ فاءَ سببيت جي آهي لهم ضمير جي بجاءِ ظاهر آڻڻ مان مقصد انهن جي مذمت ۽ قباحت بيان ڪرڻ آهي "مِنَ النَّارِ" ۾ آندل من سببيت جي لاءِ آهي (١) هتي مومن ۽ ڪافر جي نقطه نظر جو بنيادي فرق بيان ٿيل آهي مومن جي نظر ۾ ڪائنات جي حوادث جي هڪ هڪ جزئيه مان تڪويني مصلحتن ۽ حڪمتن جو جلوو نظر ايندو آهي پر جيڪو ايمان کان خالي آهي اهو هن ڪائنات جي ساري ڪارخاني کي مادي قانونن جو محڪوم ۽ تابع سمجهندو آهي ۽ ان جي نظر کان مقصدي حڪمتون بالڪل گم هونديون آهن مادي فلاسفر سڏائڻ وارا ته صرف اهو نظريه رکندا آهن.

"اَمْ نَجْعَلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَالْمُفْسِدِيْنَ فِى الْاَرْضِ اَمْ نَجْعَلُ الْمُتَّقِيْنَ كَالْفُجَّارِ" ڇا جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا انهن کي زمين ۾ فساد ڪندڙن جهڙو بنائيندا سون يا متقين کي فاجرن جهڙو ڪندا سون. يعني اسان جي عدل ۽

(١) المظهري صـ ١٧٤ جلد ٨

حڪمت جي تقاضا هيءَ ناهي تہ نيڪن، ايماندارن پانهن کي شريرن ۽ فساد ڪندڙن جي برابر ڪيون يا متقين، اسان کان ڊڄندڙن پانهن جو بہ اهو حال بڻايون جيڪو فاجرن ۽ فاسقن جو بڻائيندا آهيون انهن ۾ فرق ڪرڻ جزا ۽ سزا ڏيڻ جي لاءِ ضروري آهي تہ حساب جي لاءِ ڪو ڏينهن رکيو وڃي ۽ اهو قيامت جو ڏينهن آهي ڇو تہ دنيا ۾ ڏسجي ٿو تہ ڪيترا صالح ۽ ايماندار ماڻهو قسمين قسمين مصيبتن ۽ آفتن ۾ مبتلا آهن ۽ ڪيترا بدمعاش ۽ بي حياءَ مزا ماڻي رهيا آهن. ان جي ڪري ضرور مڃڻو پوندو تہ حضرت نبي، صادق، امين عليه الصلواة والسلام جن انسان جي مرڻ کانپوءِ جنهن زندگيءَ جي خبر ڏني آهي اها حڪمت جي عين تقاضا آهي اتي ئي هر نيڪ ۽ بري کي ان جي عمل جو بدلو ملندو. پوءِ حساب جي ڏينهن جو انڪار ڪرڻ ڪيئن صحيح ٿيندو؟

"كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ مُبٰرَكٌ لِّيَدَّبَّرُوْٓا اٰيٰتِهٖ وَلِيَتَذَكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ" ڪتاب آهي جيڪو اسان توڏانهن لاٿو آهي تانتہ ان جي آيتن ۾ تدبر ڪن ۽ تانتہ عقل وارا نصيحت پرائين يعني جڏهن صالح مومن ۽ فساد ڪندڙ جو انجام هڪ نہ ٿو ٿي سگهي تہ ضروري ٿيو تہ الله جل شانه جي طرفان هدايتون ڏيندڙ ڪو ڪتاب اچي جيڪو ماڻهن کي نهايت معقول طريقي سان انهن جي انجام کان باخبر رکي جيئن تہ هن وقت هي ڪتاب نازل ٿيو آهي جنهن کي قرآن مبين چئجي ٿو جنهن جي لفظن ۽ حرفن، نقشن، معنائن ۽ مضمونن هر شيءِ ۾ برڪت آهي ۽ اهو ان غرض سان لاٿو ويو آهي تہ ماڻهو ان جي آيتن ۾ غور ڪن ۽ عقلمند ان جي نصيحتن مان فائدو حاصل ڪن.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا سمجهہ ۾ اچن ٿا. ١ـ "وَمَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا بَاطِلًا" (۽ اسان آسمان ۽ زمين ۽ جيڪو انهن جي وچ ۾ آهي ان کي اجايو پيدا نہ ڪيو آهي) مان واضح ٿيو تہ انهن جي پيدا ڪرڻ ۾ هزارين حڪمتون آهن " فعل الحكيم لايخلو عن الحكمة" (حڪيم جو ڪم حڪمن کان خالي نہ هوندو آهي) ٢ـ "فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنَ النَّارِ" (پوءِ ڪافرن جي لاءِ باهہ مان ويل آهي) مان واضح ٿيو تہ ڪافر جهنم ۾ ضرور داخل ٿيندو ۽ ڪي ماڻهو چوندا

آهن تہ الله ڪافر ڪي بہ جنت ڏي تہ مرضيءَ وارو آهي. اهو چوڻ غلط آهي الله جل جلاله وعدي ۽ وعيد جي برخلافي نہ ڪندو جيڪڏهن ائين هجي ها تہ پوءِ انبياءَ عظام عليهم الصلوٰة والسلام جي زبان پاڪ مان ڪافرن جي لاءِ عذاب جون ڳالهيون نہ ٿين ها ٣- "اَمْ نَجْعَلُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" کان وٺي "كَالْفُجَّارِ" تائين آيت انهن مشرڪن ۽ ڪافرن جي رد ۾ نازل ٿي جن مومن صالحن کي چيو هو تہ جيڪڏهن قيامت ٿي تہ جيڪي نعمتون اوهان کي ملنديون اهي اسان کي بہ ملنديون الله جل مجده فرمايو تہ ائين نہ ٿي سگهندو ائين تہ ڪو عقلمند بادشاهہ بہ نہ ڪندو جو مطيع ۽ مجرم کي برابر رکي الله احڪم الحٰڪمين جو تہ شان ئي نرالو آهي ٤- هن آيت مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ جڏهن متقي ۽ فاجر برابر ناهن تہ نبي عليه الصلوٰة والسلام ۽ امتي ڪيئن برابر ٿي سگهندا؟ مراتب جو فرق مڃڻ ضروري آهي. سڀ علماءَ ۽ اولياءَ هڪ صحابي جي برابر ناهن تہ نبي عليه الصلوٰة والسلام جو تہ شان ئي نهايت بلند ۽ بالا آهي ٥- "مُبٰرَكًا" (برڪت وارو) هن مان معلوم ٿيو تہ قرآن ڪريم جو حرف حرف برڪت آهي. قرآن پاڪ بہ برڪت وارو تہ صاحب قرآن حضور عليه الصلوٰة والسلام جن بہ برڪت وارا حضرت عيسىٰ عليه الصلوٰة والسلام جي قول کي قرآن ڪريم بيان ڪيو آهي "وَجَعَلَنِيْ مُبٰرَكًا" ۽ الله مون کي برڪت وارو بڻايو آهي تہ حضرت سيد المرسلين عليه الصلوٰة والسلام جون برڪتون ڇا هونديون؟ ٦- "لِيَدَّبَّرُوْا اٰيٰتِهٖ وَلِيَتَذَكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ" (تانتہ ان جي آيتن ۾ تدبر ڪن ۽ تانتہ عقلمند نصيحت وٺن) مان معلوم ٿيو تہ قرآن ڪريم جي آيتن کي سوچڻ ۽ نصيحت حاصل ڪرڻ، انهن ۾ تدبر ڪري ديني احڪام ڪڍڻ هر هڪ جو ڪم ناهي هي صرف انهن جو ڪم آهي جيڪي ديني عقل رکن ٿا يعني ماهر علماءَ خصوصًا مجتهد سڳورا - عوام کي گهرجي تہ علماء کان مسائل سکن هر شخص سمنڊ مان موتي نہ ٿو ڪڍي سگهي موتي جوهريءَ جي دڪان تان ملندا آهن قرآن سمنڊ آهي علماءَ جوهري آهن حديث جا منڪر هن آيت مان دليل نہ ٿا وٺي سگهن ڇو تہ قرآن سمجهڻ لاءِ نبوي حديث جو علم نهايت ضروري آهي.

وَوَهَبْنَا لِدَاوٗدَ سُلَيْمٰنَ ؕ نِعْمَ الْعَبْدُ ؕ اِنَّهٗۤ اَوَّابٌ ؕ (٣٠)

۽ ڏنو سون داؤد کي سليمان (نالي پٽ) ڀلو ٻانهو هو بيشڪ اهو ورندڙ هو

اِذْ عُرِضَ عَلَيْهِ بِالْعَشِيِّ الصّٰفِنٰتُ الْجِيَادُ ۙ (٣١)

جڏهن پيش ڪيا ويا ان وٽ شام جي وقت ٽن پيرن تي بيهندڙ چوٿون پير ڪڙو رکندڙ ڀلا گهوڙا

فَقَالَ اِنِّيْۤ اَحْبَبْتُ حُبَّ الْخَيْرِ عَنْ ذِكْرِ رَبِّيْ ۚ

پوءِ چيائين ته بيشڪ مون پيارو رکيو گهوڙن جي محبت کي پنهنجي رب جي ياد لاءِ

حَتّٰى تَوَارَتْ بِالْحِجَابِ ۫ (٣٢) رُدُّوْهَا عَلَيَّ ؕ فَطَفِقَ مَسْحًا ۢ

تانجو لڪي ويا پردي ۾ موٽايو انهن کي مون ڏانهن پوءِ شروع ٿيو هٿ لڳائڻ

بِالسُّوْقِ وَالْاَعْنَاقِ (٣٣)

سان پنين ۽ ڪنڌن کي.

تفسير:

هنن آيتن کان اڳي آيت نمبر٦٦ ۾ به حضرت داؤد على نبينا وعليه الصلواة والسلام جو ذڪر هو ۽ هتي به ان جوئي ذڪر هلي رهيو آهي وچ ۾ آيتون نمبر ٢٧ نمبر٢٨ نمبر ٢٩ آٽي اسلام جي بنيادي عقيدي آخرت جو ذڪر ان جي ڪري آندو ويو ته مذڪوره واقعات ٻڌڻ کان پوءِ عقل وارا ايمان آڻي وجهن. اڳين آيتن ۾ حضرت داؤد على نبينا وعليه الصلواة والسلام جي ذات عالي صفات کي مليل حڪومت ۽ ڪيس انصاف سان فيصلن ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هتي ڪيس حضرت سليمان عليه السلام جهڙي نبي ۽ حاڪم پٽ ملڻ واري نعمت جو بيان ڪندي

ارشاد ٿي رهيو آهي "وَوَهَبْنَا لِدَاوُدَ سُلَيْمٰنَ نِعْمَ الْعَبْدُ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ۝" ۽ اسان داؤد کي سليمن (نالي پٽ) ڏنو پلو ڀانهو هو بلاشڪ اهو رجوع ڪندڙ هو. يعني اسان حضرت داؤد عليه السلام تي اها ٻه نعمت ڪئي جوان کي حضرت سليمان جهڙو پٽ ڏنو سون. حضرت سليمان اهو پلو ڀانهو هو، الله ڏانهن ڪنهن دنيوي غرض کان سواءِ، اخلاص سان عبادت ڪرڻ سان، هرحال ۾ نعمتن ۾ شڪر سان، محنتن ۾ صبر سان رجوع ڪندڙ هو (١) "اِذْ عُرِضَ عَلَيْهِ بِالْعَشِيِّ الصّٰفِنٰتُ الْجِيَادُ ۝" جڏهن ان جي اڳيان شام جي وقت ٽن پيرن تي بيهندڙ، هڪ پير ڪڙو رکندڙ، پلا گهوڙا پيش ڪيا ويا.

هتي مذڪور واقعي جي وضاحت:

هتي آندل آيتن نمبر٣١ - نمبر٣٢ - نمبر٣٣ ۾ واقعي جي متعلق مفسرن جا مختلف قول آهن ١- ته حضرت سليمن علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام نصيبين ۽ دمشق شهرن جي ڪافرن سان جهاد ڪيو ۽ اتاهين ڪيس هڪ هزار (١٠٠٠) پلا گهوڙا هٿ آيا هڪ ڏينهن حضرت سليمن علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام ٻپهري نماز پڙهي ڪرسيءَ تي وينو ۽ حڪم فرمايائين ته اهي سيئي گهوڙا هڪ هڪ ڪري مون کي ڏيکاريو. پوءِ انهن مان نو سؤ (٩٠٠) گهوڙا ڪيس ڏيکاريائون ۽ گهوڙن جي ڏسڻ ۾ مشغوليءَ جي ڪري سندس وچين نماز قضا ٿي وئي لشڪر مان ٻه ڪيس ڪنهن نماز جي لاءِ عرض نه ڪيو ڇو ته سندس هيبت سيني تي ڇانيل هئي نماز جي قضا ٿي وڃڻ جو ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو. لشڪر وارن کي حڪم ڪيائين ته اهي گهوڙا مون وٽ ورائي آڻيو ۽ تلوارن سان انهن جي پنين ۽ ڪنڌن کي وڍي کهي ڇڏيو ۽ اهو قدم الله جل شانه جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪنيو هيائين ڇو ته انهن ۾ مشغوليءَ جي ڪري سندس نماز قضا ٿي هئي (٢) ۽ بعض مفسرن لکيو آهي ته حضرت سليمٰن علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جو قول ته "رُدُّوْهَا عَلَيَّ" ان کي مون ڏانهن موٽايو مان مراد آهي ته لٽل سج کي واپس ڪيو. سج واپس ٿيو ۽ پاڻ نماز پڙهيائين ۽ هن آيت ۾ سج جو جيتوٽيڪ ذڪر ناهي جو "ها" ضميران ڏانهن موٽائجي پر "بِالْعَشِيِّ" مان اهو سمجهه ۾ اچي ٿو ان جي ڪري ان مان مراد

(١) تنوير الاذهان صـ٣٦٦ جلد٣ (٢) تنوير الايمان صـ٥٩ پ٢٣

سج ورتو ويو آهي (١) ٢ـ قول اهو آهي ته جڏهن حضرت سليمان علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام پنهنجي والد جي ظاهري رحلت کان پوءِ سندس مسند نشين ٿيو ته سندس طرفان ڪافرن سان جهاد جو سلسلو جاري رهيو ان جي ڪري جن گهوڙن تي مجاهد سواري ڪندا هئا پاڻ انهن گهوڙن سان محبت رکندو هو. ڪڏهن ڪڏهن جهاد ۾ ويندڙن گهوڙن جو پاڻ معائنو ڪندو هو هڪ ڏينهن پاڻ طنبيلن جي سنڀال ڪندڙن پنهنجن خادمن کي حڪم فرمايائين ته "گهوڙا ڪاهي اچو ۽ هڪ هڪ منهنجي اڳيان آڻيو ته مان ڏسان ته ڪهڙي حال ۾ آهن جڏهن هڪ هڪ گهوڙو اتاهين آندو ويو ۽ پاڻ ڏٺائون ته اهي سڀ سگها متارا آهن بيمار ناهن ته خوش ٿيندي انهن جي ٽنگن ۽ ڪنڌن تي پنهنجو هٿ مبارڪ ڦيرائيندي فرمائيندو رهيو ته "مون هنن سان الله جي رضا لاءِ پيار رکيو آهي" جو ته اهي جهاد ۾ ڪم ڏين ٿا سڀ گهوڙا جڏهن طنبيلن تي پهتا ته پاڻ وري انهن کي موٽائي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنائون ان سان سندس گهوڙن سان پيار به ثابت ٿيو ۽ جڏهن ته پاڻ انهن جي بيمارين جو به ماهر هو ان جي ڪري انهن کي هٿ هٿي به ڏسي رهيو هو ته بيمار يا ڪمزور ته ناهن ۽ وقت جو حاڪم يا خليفو هر شيءِ جي پاڻ نظرداري ڪري اها ڳالهه ان جي عظمت ۽ فرض شناسيءَ تي دلالت ڪري ٿي ته ان حڪومتي انتظام صرف نوڪرن ۽ ملازمن جي حوالي نه ڪيا آهن پر هر شئي پاڻ سنڀالي رهيو آهي. علامه فخرالدين رازي هن قول جي ترجيح بيان ڪندي لکيو آهي ته "هتي حضرت سليمان جو ذڪر حضرت حبيب ڪريم عليهما الصلواة والسلام جي ذات پاڪ کي تسلي ڏيڻ جي لاءِ ڪيل آهي ۽ ان مقام جي تقاضا هيءَ آهي ته حضرت سليمان علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جا فضائل ۽ ڪمالات بيان ڪيا وڃن تانت حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن وڌيڪ مطمئن ٿين ۽ هتي هن واقعي جي بيان ڪرڻ جو مقصد پورو ٿئي جيڪڏهن هن واقعي کي اهڙي نموني بيان ڪيو وڃي ته حضرت سليمان علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام گهوڙن جي ڏسڻ ۾ مشغول ٿي الله جل شانه جي نماز کان غافل رهيو. نماز جهڙو اهم فرض ادا نه ڪيائين، وري سوين يلاءِ اصل گهوڙا ڪهارائي ڇڏيائين ته ان سان اهو مقصد ئ

(١) المظهري ص ١٧٥ جلد ٨

فوت تي وڃي ٿو جنهن جي لاءِ هي قصو بيان ٿيل آهي (١) تفسير حقاني جي صاحب بـ هن قول کي ترجيح ڏني آهي (٢) علامـه طنطاوي جوهريءَ بـ اها معنىٰ لکندي "مسحا بالسوق والاعناق" جي تفسير ۾ لکيو آهي تـ "اي يمسح سوقها واعناقها تشريفا لها لكونها للجهاد والجهاد من اعظم الامور وليباشر الامور بنفسه ليقتدي" به الوزراءُ ورجال الدولة (٢) يعني گهوڙن جي ٽنگن ۽ ڪنڌن کي هٿ مبارڪ انهن جي شرف وڏائڻ خاطر ٿي هنيائين ڇو تـ اهي جهاد جي لاءِ هيا ۽ پاڻ پنهنجي سر ائين ڪيائين تانت سندس وزير ۽ دولت جا ارڪان بـ سندس اقتداءَ ڪن جيئن صلاح الدين ايوبي عليه الرحمة صليبي جنگين جي دوران ديوارون بنائڻ ۾ پاڻ پنهنجي سر سرون ۽ پٿر کٽي ڏيندو ويندو هو (٣) اعلىٰ حضرت عليه الرحمه ترجمه ۾ ۽ علامه مفتي احمد يار خان نعيمي عليه الرحمة تفسير ۾ ان قول کي اهميت ڏني آهي (۴) والله اعلم "فَقَالَ اِنِّيْٓ اَحْبَبْتُ حُبَّ الْخَيْرِ عَنْ ذِكْرِ رَبِّيْ ۚ" پوءِ چيائين تـ مون مال جي محبت سان الله جي ذڪر جي ڪري محبت رکي آهي. يعني مون گهوڙن سان محبت دنيا ۽ شاهوڪاريءَ جي ڪري نـ پر الله جل شانه جي رضا لاءِ رکي آهي "من" جي معنىٰ "لاجل" آهي (٥) "حَتّٰى تَوَارَتْ بِالْحِجَابِ ۫" تانجو پردي ۾ لڪي ويا مطلب تـ اهي گهوڙا نگاهـ کان غائب ٿي ويا. "رُدُّوْهَا عَلَيَّ ۭ فَطَفِقَ مَسْحًۢا بِالسُّوْقِ وَالْاَعْنَاقِ" اهي مون ڏانهن موٽايو پوءِ ٽنگن ۽ ڪنڌن کي هٿ لڳائڻ شروع ڪيائين. يعني پيار ۽ محبت سان گهوڙن جي پنين، ٽنگن ۽ ڪنڌن تي پنهنجو هٿ مبارڪ رکندو ڏسندو رهيو تانت اهي بيمار يا ڪمزور تـ نـ ٿيا آهن ۽ تانت دشمن بـ خبر پڏي محسوس ڪن تـ حضرت سليمان عليہ الصلواة والسلام جنگ جي تيارين ۾ آهي.

فائدا:

مذڪوره آيتن کي سمجهڻ سان هي فائدا بـ ذهن ۾ اچن ٿا. ١- "وَوَهَبْنَا لِدَاوٗدَ سُلَيْمٰنَ" (۽ داؤد کي سليمان (نالي پٽ ڏنو سون) مان معلوم ٿيو تـ صالح پٽ الله جل جلاله جي خاص رحمت آهي ڇو تـ حضرت داؤد علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي ٻيا پٽ بـ هئا مگر صرف حضرت سليمان علىٰ نبينا وعليه الصلواة

(١) التفسير الكبير صـ٢٠٥ ـ ٢٠٦ جزءُ ٢٦ (٢) تفسير حقاني صـ١٦٧جزءُ٦ (٣) الجواهر في تفسير القرآن صـ ٨١ جزءُ ١٨جلد ٩ (۴) نور العرفان صـ٧٢٦ (٥) الجواهر صـ ٨١ جزءُ١٨جلد ٩

والسلام جي عطا ڪرڻ جو ذڪر ٿيو ڇو تہ اهو نبي ۽ حضرت داؤد علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام جي علم جو وارث هو ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ نيڪ اولاد الله جل جلاله جي عطا آهي ڪنهن عمل جو بدلو ناهي ان جي ڪري "وهبنا" فرمايائين ۲۔ "اِنِّيٓ اَحۡبَبۡتُ حُبَّ الۡخَيۡرِ عَنۡ ذِكۡرِ رَبِّيۡ" (بلاشڪ مون مال جي محبت سان پيار ڪيو پنهنجي رب جي ذڪر جي لاءِ) مان معلوم ٿيو تہ مومن عبادت سان تہ محبت رکندو آهي پر ان جي لاءِ ڪم ايندڙ سامان ۽ ذريعن سان بہ محبت رکندو آهي.

وَلَقَدۡ فَتَنَّا سُلَيۡمٰنَ وَاَلۡقَيۡنَا عَلٰى كُرۡسِيِّهٖ جَسَدًا ثُمَّ

۽ البت تحقيق آزمايو اسان سليمان کي ۽ رکيو سون ان جي ڪرسيءَ تي هڪ جسم ان ڪان پوءِ

اَنَابَ (۳۴) قَالَ رَبِّ اغۡفِرۡ لِيۡ وَهَبۡ لِيۡ مُلۡكًا

رجوع فرمايائين چيائين تہ اي منهنجا پالڻهار! بخش ڪر مون کي ۽ ڏي مون کي اهڙي بادشاهي

لَّا يَنۡۢبَغِيۡ لِاَحَدٍ مِّنۡۢ بَعۡدِيۡ ۚ اِنَّكَ اَنۡتَ الۡوَهَّابُ (۳۵)

جو نہ ٿي لائق ٿئي ڪنهن هڪ جي لاءِ مون کان پوءِ بلاشڪ تون ئي ڏيندڙ آهين

فَسَخَّرۡنَا لَهُ الرِّيۡحَ تَجۡرِيۡ بِاَمۡرِهٖ رُخَآءً حَيۡثُ اَصَابَ ۙ (۳٦)

پوءِ مطيع ڪيو سون ان جي لاءِ واءُ هلي پيو ان جي امر سان آهستي آهستي جتي پهچڻ پيو گهري

وَالشَّيٰطِيۡنَ كُلَّ بَنَّآءٍ وَّغَوَّاصٍ ۙ (۳۷) وَّاٰخَرِيۡنَ مُقَرَّنِيۡنَ فِي

۽ (مطيع ڪيا سون ان لاءِ) شيطان سڀ عمارتون ناهيندڙ ۽ ٽوٻا ۽ ٻيا جڪڙيل

الۡاَصۡفَادِ (۳۸) هٰذَا عَطَآؤُنَا فَامۡنُنۡ اَوۡ اَمۡسِكۡ بِغَيۡرِ حِسَابٍ (۳۹)

هٿڪڙين ۾ هيءَ اسان جي عطا آهي پوءِ احسان ڪر يا روڪي رک، حساب کان سواءِ

وَاِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا لَزُلْفٰى وَحُسْنَ مَاٰبٍ (۴۰). ۳ع۴ ۱۲

۽ بيشڪ ان جي لاءِ اسان وٽ البت مرتبو ۽ موٽڻ جي سهڻي جاءِ آهي.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ حضرت داؤد کي حضرت سليمان علىٰ نبينا وعليهما الصلواة والسلام جهڙي ناميارِي صالح پٽ عطا ڪرڻ ۽ ان پٽ کي مليل نعمتن جو ذڪر هو ۽ هتي حضرت سليمان علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي هڪ آزمائش جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي.

"وَلَقَدْ فَتَنَّا سُلَيْمٰنَ وَاَلْقَيْنَا عَلٰى كُرْسِيِّهٖ جَسَدًا ثُمَّ اَنَابَ" ۽ البت تحقيق اسان سليمان کي آزمايو ۽ اسان ان جي ڪرسيءَ تي هڪ جسم ڇڏيو ان ڪان پوءِ رجوع ڪيائين هن آزمائش جي متعلق مختلف قول آهن پر علامه ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمة هن آيت جو تفسير ڪندي لکيو آهي ته: حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو ته "حضرت (سليمان علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) فرمايو ته اڄ رات مان نوانوي (۹۹) ۽ هڪ روايت موجب هڪ سؤ (۱۰۰) زالن سان صحبت ڪندس هر هڪ مان هڪ جنگي جوان پٽ ڄمندو جيڪو الله جي واٽ ۾ جهاد ڪندو" پوءِ ملائڪ (سڳوري) عرض ڪيس ته "انشاءَ الله" چؤ پوءِ اهو چوڻ خيال (مبارڪ) ۾ نه رهيس ۽ نه چيائين ان رات سڀني گهروارين سان صحبت ڪيائين پر هڪ عورت کان سواءِ ڪابه حامله نه ٿي ان هڪ ڄڻيءَ به هڪ اڌ جسم ڄڻيو ان الله جو قسم آهي جنهن جي قدرتي هٿ ۾ محمد جو ساهه آهي ته جيڪڏهن (سليمان) انشاءَ الله چوي ها ته سندس سڀئي زالون پٽ ڄڻين ها جيڪي الله جي واٽ ۾ مجاهد ٿي لڙن ها" متفق عليه - پوءِ دائي اهو اڌ جسم کڻي آئي ۽ اچي سندس ڪرسيءَ تي رکيائين اهو ڏسي (حضرت سليمان علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) سمجهي ويو ۽ آينده جي لاءِ انشاءَ الله نه چوڻ

کان رجوع ڪيائين طاؤس بزرگ جو قول آهي تہ هي قول سيني قولن کان وڌيڪ آهي ڇو تہ صحيحين جي حديث قوي آهي ۽ ان سان انبياءَ عظام عليهم الصلواة والسلام جي عصمت بہ ثابت ٿي رهي آهي (١) "قَالَ رَبِّ اغْفِرْلِیْ وَهَبْ لِیْ مُلْكًا لَّايَنْۢبَغِیْ لِاَحَدٍ مِّنْۢ بَعْدِیْ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ" چيائين تہ اي منهنجا پالڻهار! مون کي بخش فرماءِ ۽ مون کي اهڙي بادشاهي ڏي جيڪا مون کان پوءِ ڪنهن جي لاءِ بہ لائق نہ هجي بلاشڪ تون ئي ڏيندڙ آهين هي حضرت سليمان علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي رجوع ڪرڻ جو بيان آهي ۽ هتي بادشاهي طلب ڪرڻ کان اڳي مغفرت طلب ڪرڻ انبياءِ ڪرام علیٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام ۽ صالحن جي دستور تي هلڻ آهي ۽ هن ڪلام جي ان طرح آڻڻ ۾ ان ڳالهہ تي دلالت آهي تہ حضرت سليمان جو امتحان ۽ آزمائش ان جي درجات کي دنيا ۽ آخرت ۾ بلند ڪرڻ جي لاءِ ائين هئا جيئن حضرت ايوب عليه الصلواة والسلام جو امتحان هو ۽ ان ۾ حضرت سليمان جي ڪا غلطي يا گناهہ نہ هو نہ تہ مغفرت طلب ڪرڻ ۾ ئي مبالغو ڪري ها ٻي ڪابہ شيءِ نہ گهري ها (٢) مقاتل فرمايو تہ "لَّايَنْۢبَغِیْ لِاَحَدٍ مِّنْۢ بَعْدِیْ" مان مراد هوائن، پکين ۽ جنن کي مسخر ڪرڻ آهي ۽ ممڪن آهي تہ حضرت سليمان علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي مراد هجي تہ مون کان بعد مرتبي واري جي لاءِ لائق نہ هجي ڇو تہ جيڪو مون وانگر مخلوقات جي تعلق کان منقطع. الله جي محبت ۽ معرفت سان مشغول هوندو ان کي ڪابہ شيءِ الله کان غافل ڪري نقصان ڏئي نہ سگهندي ۽ جيڪو ائين نہ هوندو ان جي لاءِ دنيا الله کان غافل بنائيندڙ ۽ قاتل زهر هوندي.

سوال

حضرت حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن مرتبي ۽ مقام ۾ حضرت سليمان علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کان ارفع ۽ اعلیٰ هئا ڪين دنيا الله جي ذڪر کان غافل ڪري نہ سگهي ها پوءِ ڪين اهڙي بادشاهي ڇو نہ ڏني وئي؟

جواب

اها ڳالهہ اسين تسليم نہ ٿا ڪيون تہ حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن

(١) المظهري صـ ١٧٦ (٢) ساڳيو حوالو صـ ١٨٢

بادشاهي نہ ڏنا ويا بلڪ الله جل مجده کين اختيار ڏنو هو تہ يا نبي بادشاهہ بنجن يا نبي عبد بنجن پوءِ پاڻ نبي عبد رهڻ پسند فرمايائون ڇو تہ سندن نظر ۾ فقر افضل هو. ۽ حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جنن مان هڪ وڏي جن مون سان هٺ چراند ڪئي تہ الله مون کي ان تي قوت بخشي مون ان کي ورتو ۽ ارادو ڪيم تہ ان کي مسجد جي ٿنڀن مان هڪ ٿنڀ سان ٻڌي ڇڏيان تانت اوهان سڀئي ان کي ڏسو پوءِ پنهنجي (نبوت جي لحاظ سان، ڀاءُ سليمان جي دعا "رَبِّ هَبْ لِىْ مُلْكًا لَّايَنْۢبَغِىْ لِاَحَدٍ مِّنْۢ بَعْدِىْ" ياد ڪري ان کي ذليل بنائي واپس ڪيم" متفق عليه هن حديث مان بہ ثابت ٿيو تہ سندن پاور جنن تي بہ هلي سگهيو ٿي پر پاڻ پنهنجي اختيار سان ان کي ڇڏي ڏنائون سندن امر انس ۽ جن تي جاري هوندو هو بلڪ وڻن تي بہ هلندو هو.

جَاءَتْ لِدَعْوَتِهِ الْاَشْجَارُ سَاجِدَةً
تَمْشِيْ اِلَيْهِ عَلٰى سَاقٍ بِلَا قَدَمٍ (برده شريف)

(سندس دعوت (سڏ) تي وڻ سجدا ڪندا آيا پير کان سواءِ ٿڙن تي پنڌ ڪيائون ٿي) پر مسڪين وارو گذر ۽ انداز کين پسند هيو. خلفاءِ راشدين رضي الله عنهم بہ سندن نقش قدم تي هلندي خلافت ۽ فقر گڏ رکيا ۽ حاڪمن ۽ مسڪين بنهي طبقن جا فضائل حاصل ڪيائون (١) "فَسَخَّرْنَا لَهُ الرِّيْحَ تَجْرِىْ بِاَمْرِهٖ رُخَآءً حَيْثُ اَصَابَ" پوءِ اسان ان جي لاءِ هوا کي مطيع ڪيو جيڪو نرم نرم ٿي سندس امر سان هلي پيو جتي بہ پهچڻ گهري يعني اسان ان جي لاءِ هوا طاقت ۽ قوت هوندي مطيع ڪري ڇڏي جو اهڙي نرم نرم پئي لڳي ۽ هلي جو ڪنهن کي ڪنهن بہ قسم جو ڪو نقصان نہ ڏي ۽ سندس سر. تخت ۽ پوري لشڪر کي ڪنيو پئي وڃي سندس تخت هم چورس ٽن ميلن ۾ هو ۽ ان ۾ هڪ سؤ درجا هڪ ٻئي جي مٿان هئا ۽ هر هڪ درجي تي ست قسم ماڻهو هئا. پاڻ پنهنجن نوڪرن ۽ خادمن سان گڏ سڀني کان مٿاهين درجي ۾ تشريف فرما هوندو هو. صلوات الله وسلامه عليه ۽ حافظ ابونعيم وهب بن منبه کان ان پنهنجي پيءُ کان روايت آندي آهي تہ حضرت سليمان عليه السلام جا هزار گهر هئا سڀني کان مٿيون شيش محل هو ۽ هيٺيون لوهہ جو هو.

(١) المظهري صـ ١٨٢ جلد ٨

هڪ ڀيرو سبحان الله چوڻ جو ثواب.

هڪ ڀيري حضرت سليمان پاڻ تخت تي ويهي ڪيڏانهن وڃي رهيو هو تہ سندس هڪ هاريءَ وٽان لنگهڻ ٿيو ان هاريءَ ڪيس ڏسي چيو تہ ”داؤد جو اولاد وڏي بادشاهي عطا ڪيو ويو آهي، هوا ان هاريءَ جو آواز سندس ڪن مبارڪ تائين پهچايو تہ پاڻ ٻڌي تخت تان لهي ان وٽ پهتو ۽ ان کي فرمايائين تہ ”تنهنجو قول مون ٻڌو ۽ تو وٽ مان ان لاءِ آيو آهيان تہ جنهن ڳالهہ تي قادر ٿي نہ سگهين ان جي تمنا نہ ڪندو ڪر“ تنهنجو هڪ ڀيرو سبحان الله چوڻ جيڪو الله قبول فرمائي ان کان ڀلو آهي جيڪو داؤد جي اولاد کي ڏنل آهي. هاريءَ اهو ٻڌي ڪيس عرض ڪيو تہ ”اوهان منهنجي فڪر کي دور ڪري ڇڏيو شال الله اوهان کان بہ فڪر دور ڪري. (١) ”وَالشَّيٰطِيْنَ كُلَّ بَنَّاۗءٍ وَّغَوَّاصٍ“ ۽ شيطان هر عمارت ٺاهيندڙ ۽ ٽوٻو. يعني شيطان بہ ان جي لاءِ مسخر ڪياسون ۽ ان کان اڳي ڪنهن جا بہ مسخر نہ هئا انهن مان عمارتون ٺاهيندڙ ۽ سمنڊ ۾ ٽٻيون هڻي موتي ڪڍندڙ سڀ ان جي زير فرمان بناياسون. حضرت سليمان عليه السلام پهرين شخصيت هو جنهن سمنڊ مان موتي ڪڍرايا هئا ”وَاٰخَرِيْنَ مُقَرَّنِيْنَ فِي الْاَصْفَادِ“ ۽ ٻيا هٿڪڙين ۾ جڪڙيل هئا. يعني جيڪي سرڪشي ڪندا هئا انهن کي هٿڪڙيون هڻائي لوهہ جي زنجيرن ۾ ٻڌرائي ڇڏيندو هو. (٢) ”هٰذَا عَطَاۗؤُنَا فَامْنُنْ اَوْ اَمْسِكْ بِغَيْرِ حِسَابٍ“ هي اسان جي عطا آهي پوءِ احسان ڪر يا حساب کان سواءِ روڪي رک. يعني اسان ان کي فرمايو هو تہ هي جيڪا ڪجهہ تو وٽ بادشاهي، ڪشادگي ۽ ڪيتري مخلوق مسخر آهي اها سڀ اسان جي عطا آهي ٻيو ڪير ائين نٿو ڪري سگهي پوءِ تون ڪنهن تي احسان ڪري ڪنهن کي ڪجهہ ڏين تہ ڀلي ڏي ۽ جيڪڏهن نہ ڏين پاڻ وٽ روڪي رکين تہ بہ تنهنجي مرضي توسان ڪو حساب ناهي ڇوتہ تصرف تنهنجي حوالي ڪيل آهي ”وَاِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا لَزُلْفٰى وَحُسْنَ مَاٰبٍ“ ۽ بلاشڪ ان جي لاءِ اسان وٽ البتہ مرتبو ۽ موٽڻ جي سهڻي جاءِ آهي. يعني دنيا ۾ وڏي بادشاهي ڏيڻ جي باوجود ان جي اسان وٽ عزت۽مرتبو آهي ۽ ان جي لاءِ بهشت آهي. (٣)

(١) القرطبي صـ٢٠٥ جلد٥ (٢) ساڳيو حوالو (٣) تنويرالاذهان صـ٣٦٧ جلد٣

فائدا.

مذكوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١- "وَلَقَدْ فَتَنَّا سُلَيْمٰنَ" (۽ البت تحقيق اسان ٿسليمٰن کي آزمايو) مان معلوم ٿيو تہ رب العزة جل شانه پنهنجن پيارن کي آزمائيندو آهي ۽ جيڪڏهن ظاهر ۾ انهن کان ڪا لغزش ٿيندي آهي تہ اهي هڪدم متنبه ٿي مالڪ مٿي کان مغفرت طلب ڪندا آهن ۽ ان سان سندن درجا بلند ٿيندا آهن. ٢- "قَالَ رَبِّ اغْفِرْلِيْ" چيائين تہ اي منهنجا پالڻهار! مون کي بخش فرماءِ) مانْ معلوم ٿيو تہ ڪو ٻانهو الله جل شانه جي بارگاهہ ۾ ڪيترو بہ مقرب هجي تہ بہ مغفرت طلب ڪندو رهي ۽ ڪابہ نعمت گهري تہ اول مغفرت طلب ڪري پوءِ اها نعمت گهري تہ انشاءالله العزيز اها ڪيس عطا ٿيندي. ٣- "تَجْرِيْ بِاَمْرِهٖ" (ان جي امر سان هلي پئي) مان واضح ٿيو تہ ڪنهن شيءِ جي هلڻ يا ملڻ جي نسبت غير ذاتهن ڪرڻ جائز آهي. هوا کي هلائڻ وارو تہ الله جل شانه آهي پر هتي بيان ٿيو تہ حضرت سليمان عليه السلام جي امر سان هلي پئي. اهڙي طرح هيئن چوڻ بہ جائز آهي تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي امر سان مينهن وسيو، پٿرن ڪلما پڙهيا. وڻ سجدا ڪندا آيا وغيره وغيره. ۴- "فَامْنُنْ اَوْاَمْسِكْ بِغَيْرِ حِسَابٍ" (پوءِ احسان ڪر يا روڪي رک. حساب کان سواءِ). مان معلوم ٿيو تہ انبياء عظام عليهم الصلواة والسلام الله جي طرفان مختار ۽ مطلق اذن ڏنل آهن رب العزة جل شانه انهن کي ڏيندو آهي ۽ اهي تقسيم ڪندا آهن. ۴- مذڪوره آيت جي وضاحت ۾ مفسرن ٻلارن هيئن بہ لکيو آهي تہ ان جو مقصد ۽ مراد هي آهي تہ "توکي اهي نعمتون عطا ڪرڻ کان پوءِ هر شيءِ پنهنجي مرضيءَ سان خرچ ڪرڻ جو اختيار بہ مليل آهي. "بِغَيْرِ حِسَابٍ" چوڻ سان اهو خدشو بہ دور ڪيو ويو آهي تہ "تون جيئن گهرين تيئن استعمال ڪر توکان ان جي باري ۾ ڪابہ پڇا نہ ٿيندي. "فاعط من شئت اوامسک عمن شئت بغير حساب اي غير محاسب علي منه وامساکه لتفويض التصرف فيه اليک" (١) يعني تنهنجي مرضي آهي جنهن کي گهرين تنهن کي ڏين جنهن کي گهرين نہ ڏين توکان ان جي متعلق ڪابہ پڇا نہ ٿيندي ڇوتہ ان ۾ تصرف ڪرڻ جو اختيار اوهان جي حوالي ڪيل آهي. علامه آلوسي لکيو

(١) المظهري ص ١٨٣ جلد ٨

آهي تہ "انه مفوض اليه تفويضا كليا" (١) اهي نعمتون كلي طور ان جي حوالي كيل آهن. علامه اسماعيل حقي لكيو آهي "هاذا عطاؤنا يشير الى ان للانبياء بتائيدالفيض الا لــلــهي ولاية افاضة الفيض على من هو اهله عند استفاضته ولهم امساك الفيض عند عدم الاستفاضة من غيراهله" (٢) يعني قرآن كريم جا هي الفاظ "هٰذَا عَطَآؤُنَا" هن حقيقت ڏانهن اشارو كري رهيا آهن تہ انبياء كرام عليهم الصلواة والسلام كي الاهي فيض جي تائيد سان هي اختيار ڏنو ويو آهي تہ اهي جنهن فيض جي طالب كي جيترو گهرن لطف ۽ كرم فرمائي سگهن ٿا ۽ پنهنجي فيضان كرم سان ان كي مالا مال بنائي سگهن ٿا ۽ نا اهل كي ان فيض كان محروم ركي سگهن ٿا. علامه شبير احمد عثماني صاحب لكيو آهي يعني كنهن كي ڏيو نہ ڏيو اوهان مختار آهيو اوهانكي ايتري قدر بيحساب ڏنو ائٹون ۽ حساب كتاب جي پچا بہ نہ ركي ائٹون. (٣) شاه عبدالقادر لكيو آهي "هيءَ وڏيڪ مهرباني آهي جو ان كي ايتري دنيا ڏئي مختار بنايو ۽ حساب معاف كري ڇڏيو. (٤)

مسلمان متوجه ٿين.

مذكوره حوالن كي پڙهڻ سان مسلمان متوجه ٿين تہ جڏهن حضرت سليمان كي ايترو اختيار مليو ۽ اهو مختار هو تہ حضرت سليمان ۽ ٻين سڀني مرسلن جي سردار سيدالمرسلين صلى الله عليه وسلم كي الله تعالىٰ جيكي سرمدي نعمتون ۽ طرح طرح جا خزانا عطا كيا آهن الله تعالىٰ جي اذن سان پاڻ ان ۾ مختار ناهن؟ كين بي اختيار چوڻ، مختار نہ مڃڻ سندن شان كي گهٽائڻ ۽ خدا داد اختيارات جي انكار جي سوچ ۾ قرآن پاڪ جي كيترين ئي آيتن جو انكار آهي. الله جل شانه كان دعا آهي تہ اهڙي اندر جي انڌي هجڻ كان بچائي. آمين.

(١) روح المعاني صہ ١٩٠ جزء ٢٣ جلد٨ (٢) روح البيان صہ٣٩ جلد٨ (٣) حاشيه عثمانيه صہ١٠٠ صہ٧٠
(۴) ترجمه و حاشيه شاه عبدالقادر صہ ٧٥٥

وقف لازم

وَاذْكُرْ عَبْدَنَآ اَيُّوْبَ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗٓ اَنِّيْ

۽ ياد ڪر اسان جي ٻانهي ايوب کي جڏهن سڏيائين پنهنجي رب کي ته بيشڪ مان

مَسَّنِيَ الشَّيْطٰنُ بِنُصْبٍ وَّعَذَابٍ (٤١) اُرْكُضْ بِرِجْلِكَ هٰذَا

پهچايو مون کي شيطان ڏک ۽ عذاب هڻ پير پنهنجو هي

مُغْتَسَلٌ بَارِدٌ وَّشَرَابٌ (٤٢) وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اَهْلَهٗ وَمِثْلَهُمْ

وهنجڻ جو هنڌ آهي ٺڌو ۽ پيئڻ جو ۽ ڏنوسون ان کي ان جو اهل ۽ مثال انهن جو

مَّعَهُمْ رَحْمَةً مِّنَّا وَذِكْرٰى لِاُولِي الْاَلْبَابِ (٤٣)

انهن سان گڏ رحمت ٿي اسان وٽان ۽ نصيحت آهي عقل وارن جي لاءِ

وَخُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَا تَحْنَثْ اِنَّا

۽ وٺ پنهنجي هٿ ۾ ٻهارو پوءِ هڻ اهو ۽ نه قسم ڀڃ بيشڪ اسان

وَجَدْنٰهُ صَابِرًا نِعْمَ الْعَبْدُ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ (٤٤)

لڌو ان کي صبر ڪندڙ ڀلو ٻانهو هو بيشڪ اهو رجوع ڪندڙ آهي.

تفسير.

جيئن مذڪوره آيتن ۾ الله جل شانه جي پيارن نبين عليهم السلام جو ذڪر هليو اچي پيو تيئن هتي به هڪ نبي سڳوري حضرت ايوب عليه السلام جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاذْكُرْ عَبْدَنَآ اَيُّوْبَ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗٓ اَنِّيْ مَسَّنِيَ الشَّيْطٰنُ بِنُصْبٍ وَّعَذَابٍ" ۽ اسان جي ٻانهي ايوب کي ياد ڪر جڏهن پنهنجي رب کي سڏي عرض ڪيائين ته مون کي شيطان ڏک ۽ عذاب پهچايو آهي. يعني پنهنجي امت کي

حضرت ايوب جو بيان ٻڌاءِ جڏهن الله جل جلالـه جي دربار ۾ دعا گهرندي، الله جل شانه کي سڏيندي عرض ڪيو هيائين تہ مون کي شيطان ڏک ۽ عذاب ڏنو آهي.

حضرت ايوب عليه السلام جي واقعي جي متعلق مفسرن جو بيان.

حضرت ايوب حضرت ابراهيم جو پڙ پوٽو هو سندس نسب جو سلسلو هن طرح آهي ايوب بن عيصو بن اسحاق بن ابراهيم علىٰ نبينا وعليهم الصلوٰة والسلام (١) حضرت ايوب عليه السلام جي ذات بابرڪات کي جيڪا تڪليف پهتي هئي ان جي وضاحت ڪندي مفسر قرآن علامه اسماعيل حقي لکيو آهي تہ حضرت ايوب کي مختلف قسمن جا مال هئا ان هوندي بہ الله جل مجده جي عبادت تي هميشگي ڪندو هو مسڪينن، يتيمن ۽ حاجتمندن تي احسان فرمائيندو هو اهو ڏسي شيطان کي ان سان حسد ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ اهو دنيا ۽ آخرت ٻئي ڪٽي ويندو ۽ الله جل جلاله جي دربار ۾ عرض ڪيائين تہ: يا الله! تو پنهنجي ٻانهي ايوب تي نعمت ڪئي آهي تڏهن تنهنجو شڪر ڪري ٿو ۽ ان کي عافيت ڏني اٿئي تڏهن تنهنجو حمد ڪري ٿو جيڪڏهن ان کان مال ۽ عافيت کسين تہ ان جو حال اهو نہ رهندو. الله جل مجده فرمايو تہ "مون کي ان جي خبر آهي اهو هر حال ۾ منهنجي عبادت ڪندو" شيطان الله جل جلاله جي بارگاهہ ۾ وري عرض ڪيو تہ ڀلا مون کي ان جي سر، اولاد ۽ مال ملڪيت تي مسلط ٿيڻ جي اجازت ڏي (پوءِ ڏس تہ تنهنجي عبادت ڪري ٿو)؟ الله جل شانه ان کي اها اجازت ڏني ۽ ان حضرت ايوب عليه السلام جي زمين تي بيٺل پوکون ساڙيون، سندس اولاد تي جايون ڪيرائي انهن کي شهيد ڪري ڇڏيو. پر پاڻ الله جل جلالـه جي حمد ۽ عبادت ۾ واڌارو آندائين پوئتي نہ ٿيو. وري شيطان حضرت ايوب عليه السلام جي جسم تي اهڙي (زهريلي) ڦوڪ ڏني جو سندس جسم ۾ اينترا زخم ٿي پيا جو انهن مان رت وهڻ لڳو ۽ ڪيڙا پئجي ويا جيڪي ست سال سندس جسم پاڪ کي کائيندا رهيا پر پاڻ پنهنجي صبر، رضا ۽ تسليم جي مقام تي مضبوطيءَ سان قائم رهيا ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڪنهن گناهہ جي ڪري نہ پر امتحان طور هو. تانتہ ان جي الله جل شانه سان

(١) ايسرالتفاسير صہ ١٧ جلد ٤

محبت ظاهر ٿئي ۽ ان جي بارگاهہ ۾ سندس مقام جي ماڻهن کي بہ خبر پوي. هي حڪيم ترمذي نوادرالاصول ۾ ذڪر آندو آهي هن تي ئي جيد علماء جو اعتماد آهي ان کان سواءِ ٻي ڪابہ ڳالهہ مقبول ناهي. (١) ۽ ٻين ڪيترن مفسرن جو قول آهي تہ حضرت ايوب عليه السلام جي ذات عالي صفات کي بيماري تہ لڳي هئي جنهن جو پاڻ دعا ۾ ذڪر فرمايائين پر ان بيماريءَ جو قسم ڪهڙو هو ان جي وضاحت قرآن ڪريم ۽ نبوي احاديث ۾ واضح آيل ناهي ان جي ڪري ڪيس اهڙي بيماريءَ ۾ مبتلا چوڻ جنهن جي ڪري ماڻهو متنفر ٿين ۽ ڪيس ڪٽي ٻاهر اڇلائي اڇن. انبياء عظام عليهم السلام جي شان جي مناسب ناهي ان جي ڪري اهڙيون ڳالهيون روايت يا درايت طور قابل قبول ناهن. (٢) علامه مراغي لکيو آهي تہ نفرت ڏيندڙ مرضن کان نبين عليهم الصلواة والسلام جو پاڪ هجڻ نبوت جي شرطن مان هڪ شرط آهي (٣)

شبير احمد عثماني لکيو آهي تہ قصا بيان ڪندڙن حضرت ايوب عليه السلام جي متعلق جيڪي افسانا بيان ڪيا آهن انهن ۾ واڌارو گهڻو آهي اهڙو مرض جيڪو ماڻهن ۾ نفرت ڪرڻ ۽ مريض کي گندو سمجهڻ جو باعث بڻجي انبياء عليهم السلام جي مرتبي جي مخالف ۽ منافي آهي. لهذا صرف ايتري قدر تسليم ڪجي جيتري قدر نبوت جي منصب جي منافي نہ هجي. (٤) "اُرْكُضْ بِرِجْلِكَ هٰذَا مُغْتَسَلٌۢ بَارِدٌ وَّ شَرَابٌ" پنهنجو پير (مبارڪ) هڻ هي وهنجڻ جو پاڻي، ٿڌو آهي ۽ پيئڻ جو آهي. "اُرْكُضْ" رڪض کان ورتل آهي معنىٰ زور سان زمين تي پير هڻ. علامه ابن ڪثير لکيو آهي تہ "جڏهن حضرت ايوب عليه السلام وٽ سندس مومن گهرواريءَ کان سواءِ ڪير بہ نہ رهيو ۽ رب العزة جل شانه کان مذڪوره دعا گهريائين تڏهن الله جل شانه ڪيس حڪم فرمايو تہ پنهنجو پير (مبارڪ) زور سان زمين تي هڻ، پاڻ امر ادا ڪيائين تہ الله جل مجده جي قدرت سان پاڻيءَ جو چشمو جاري ٿي ويو ۽ رب ڪريم ڪيس حڪم فرمايو تہ "ان مان غسل ڪر" غسل ڪرڻ سان سندس ظاهر جسم جي سڀ تڪليف دور ٿي وئي الله تعالىٰ وري ڪيس حڪم

(١) روح البيان صـ٤٠ جلد٨ (١) معارف القرآن صـ٥٢٢ جلد٧ (٢) المراغي صـ١٢٤ جزء ٢٣ جلد٨
(٣) حاشيه عثمانيه صـ٦٠٧

فرمايو تہ ٻيءِ جاءِ تي پنهنجو پير (مبارڪ) زور سان هڻ" وري پير هنيائين تہ ٻيو ٿڌي پاڻيءَ وارو چشمو ظاهر ٿيو ان مان پاڻي پيتائين تہ جسم ۾ اندر جيڪا ڪيس تڪيلف هئي اها بہ دور ٿي وئي ۽ ظاهري باطني طرح سندس صحت ڪامله ٻڌجي وئي. (١) "وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اَهْلَهٗ وَمِثْلَهُمْ مَّعَهُمْ رَحْمَةً مِّنَّا وَذِكْرٰى لِاُولِى الْاَلْبَابِ" ۽ اسان ان کي سندس اهل ۽ ان جيترا ٻيا انهن سان گڏ عطا فرمايا پاڻ وٽان رحمت ڪندي ۽ عقل وارن جي لاءِ نصيحت بنائي. مطلب تہ جڏهن پاڻ غسل ڪري، ٿڌو پاڻي پيئڻ کان پوءِ ڪامل صحت مند ٿيا تہ اسان ڪيس سندس اهل يعني پٽ جي هيٺان اچي رحلت ڪندڙ تيرهن (١٣) پٽ جيئرا ڪري ڏنا. حضرت حسن (بصري) جو قول آهي تہ انهن جي مٿان شيطان گهر جي پٽ ڪيرائي هئي اهي وفات ڪري ويا هئا پر الله جل جلاله انهن کي جيئرو ڪيو ۽ ايترا وري ڪيس وڌائي ٻيا ٻچا بہ عطا فرمايا هيائين ۽ ان طرح سندس اولاد اڳين کان ٻيڻو ٿي ويو هو اهو سڀ ڪجهہ الله جل مجده جي رحمت سان ٿيو ۽ اها عقلمند ٻانهن جي لاءِ نصيحت هئي تانتہ اهي بہ صبر ڪن ۽ بارگاه ايزدي ۾ قلب جي حضور سان دعائون گهري مرادون حاصل ڪن. (٢) "وَخُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَا تَحْنَثْ" ۽ پنهنجي هٿ ۾ ٻهارو وٺ پوءِ ان سان هڻ ۽ قسم نہ ڀڃ. امتحان جي ان ڏکي مدت ۾ جڏهن سڀني ماڻهن حضرت ايوب عليه السلام کان منهن موڙي ڇڏيو هو تہ سندس وفادار گهرواري سندس خدمت ۾ سرگرم رهي مگر ان دوران ان بيبي صاحبه جي زبان مان ڪا اهڙي ڳالهہ نڪتي جيڪا حضرت ايوب عليه السلام کي تمام ڳري لڳي ۽ پاڻ زبان مبارڪ سان فرمايائين تہ " مان توکي هڪ سوءِ ڇهڪ (لڪڻ) هڻندس" جڏهن صحت ياب ٿيو تہ ان زبان کي پوري ڪرڻ جي لاءِ الله تعالىٰ ڪيس اهڙي ترتيب ٻڌائي جنهن سان اهو قسم سان ڪيل وعدو بہ پورو ٿئي ۽ ان خدمت ڪندڙ صالح گهرواريءَ کي ايذاءِ بہ نہ اچي. رب ڪريم فرمايو تہ "گاهہ جون هڪ سوءِ تيليون گڏ ڪري هڪ ٻهارو بنائي اهو بي بي صاحبه کي هڻ" تہ ٻئي مطلب پورا ٿي ويندا پوءِ پاڻ ائين ڪيائين (٣)

"اِنَّا وَجَدْنٰهُ صَابِرًا" بلاشڪ اسان ان کي صبر ڪندڙ لڌو. مطلب تہ اسان ان

(١) تفسير ابن ڪثير ص٣٩ جلد٤ (١) روح البيان ص٤٢ جلد٨ (٢) ضياء القرآن ص٢٤٦ جلد٤

ڪي جسم ۾ وڏي بيماري ڏني، ان جو مال، اهل ۽ اولاد ختم ڪيو پر ان امتحان تي اسان ان ڪي صبر ڪندڙ لڌو ڪابہ بي صبريءَ جهڙي ڳالهہ نہ ڪيائين. "نِعْمَ الْعَبْدُ ۖ إِنَّهُ أَوَّابٌ" ڀلو ٻانهو هو بلاشڪ اهو رجوع ڪندڙ هو. مقصد تہ حضرت ايوب عليه السلام الله جل جلالہ جو سٺو ٻانهو ۽ ان ڏانهن قلب جي خلوص سان رجوع ڪندڙ، توبہ ۽ استغفار ڪي معمول بڻائيندڙ هو. (١)

فائدا.

مذڪوره آيتن جي تفسير مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا. ١- "وَاذْكُرْ عَبْدَنَا أَيُّوبَ" (۽ اسان جي ٻانهي ايوب ڪي ياد ڪر). ان مان معلوم ٿيو تہ الله جل جلالہ جي پيارن نبين عليهم الصلواة والسلام جو ذڪر ڪرڻ انهن جا واقعا بيان ڪري ٻڌائڻ الله جل شانه ڪي پسند ۽ پيارو عمل آهي. ان جي ڪري حضور ڪريم صلى الله عليه وسل جن جي تشريف آوريءَ جو ذڪر ڪرڻ بہ سهڻو عمل آهي. جنهن ڪي ميلاد شريف جون محفلون منعقد ڪري بيان ڪيو ويندو آهي. ٢- حضرت ايوب عليه السلام جي والده حضرت لوط عليه السلام جي اولاد مان ۽ سندس گهرواري حضرت يوسف عليه السلام جي اولاد مان هئي جنهن جو نالو (ٻيبي) رحمت هو. هن ٻيبي صاحبہ جي والد جو نالو افرائيم هو جيڪو حضرت يوسف ڪي سيده زليخا مان ڄائو هو. حضرت ايوب جي عمر ٽيانوي (٩٣) سال هئي ان تي ايمان صرف ٽن ماڻهن آندو هو. ٣- "مَسَّنِيَ الشَّيْطَانُ بِنُصْبٍ وَعَذَابٍ" (مون ڪي شيطان بيماري ۽ عذاب ڏنو آهي) مان واضح ٿيو تہ شيطان ڪي تڪليف ڏيڻ جي طاقت آهي جيئن بعضي ڪاڏي جي شين ۾ بيمار ڪرڻ جو اثر هوندو آهي. ۽ جڏهن شر واري ۾ اها قوت آهي تہ خيروارن الله جل شانه جي نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ ولين ڀلارن ۾ بہ الله جل جلالہ جي اذن ۽ مشيت سان فائدي ۽ شفا ڏيڻ جي طاقت آهي (٢).

فائدا:

حيلي ڪرڻ جي شرعي حيثيت.

ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ هن آيت مان هي مسئلا معلوم ٿين ٿا. ١- تہ جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن ڪي هڪ سوء لڪڻ هڻڻ جو قسم کڻي ۽ پوءِ اهي

(١) فتح القدير صـ٤٣٧ جلد٤ (٢) نورالعرفان صـ٧٢٧

سڀ گڏي ان کي ڀهاري جي صورت ۾ ملائي هٽي تہ ان سان ان جو قسم پورو ٿي ويندو.

٢- تہ کنهن نامناسب يا مڪروه ڳالهہ کان بچڻ جي لاءِ ڪو شرعي حيلو اختيار ڪيو وڃي تہ اهو جائز آهي پر اهو تڏهن جڏهن ان حيلي کي شرعي مقصدن جي باطل ڪرڻ لاءِ استعمال نہ ڪيو وڃي پر جيڪڏهن ان سان ڪنهن حقدار جو حق باطل ٿو ٿئي يا ڪنهن صريح حرام ڪم کي پنهنجي لاءِ حلال بنايو وڃي تہ پوءِ اهو قطعًا جائز نہ آهي.

٣- تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو غلط ڪم جي لاءِ قسم کڻي ٿو تہ بہ قسم پئجي ويندو ان کان بچڻ جي لاءِ ڪفارت ڏيندو جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ حضرت ايوب حيلو نہ ڪري ها. (١)

وَاذْكُرْ عِبَادَنَآ اِبْرَاهِيْمَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ

۽ ياد ڪر اسان جي ٻانهن ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب

اُولِى الْاَيْدِىْ وَالْاَبْصَارِ (۴۵) اِنَّآ اَخْلَصْنٰهُمْ بِخَالِصَةٍ

هٿن ۽ اکين وارن کي بلاشڪ اسان خاص ڪيو انهن کي هڪ خاص شيءِ

ذِكْرَى الدَّارِ (۴٦) وَاِنَّهُمْ عِنْدَنَا لَمِنَ الْمُصْطَفَيْنَ الْاَخْيَارِ (۴٧)

آخرت جي يادگيريءَ سان ۽ بلاشڪ اهي اسان وٽ البتہ برگزيدن ڀلن مان آهن

وَاذْكُرْ اِسْمٰعِيْلَ وَالْيَسَعَ وَذَاالْكِفْلِ وَكُلٌّ مِّنَ الْاَخْيَارِ (۴٨)

۽ ياد ڪر اسماعيل ۽ يسع ۽ ذالڪفل کي ۽ سڀئي ڀلن مان آهن

هٰذَا ذِكْرٌ وَاِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ لَحُسْنَ مَاٰبٍ (۴٩) جَنّٰتِ

هيءَ نصيحت آهي ۽ بلاشڪ پرهيزگارن جي لاءِ البتہ ڀلي جاءِ آهي بهشت هميشہ

(١) معارف القرآن صـ٥٢٣ جلد ٧

عَدۡنٍ مُّفَتَّحَةً لَّهُمُ الۡاَبۡوَابُ ۚ (٥٠) مُتَّكِـِٕيۡنَ فِيۡهَا

رهڻ وارا کليل هوندا انهن جي لاءِ دروازا تيڪون ڏئي ويهندڙ انهن ۾

يَدۡعُوۡنَ فِيۡهَا بِفَاكِهَةٍ كَثِيۡرَةٍ وَّشَرَابٍ (٥١) وَعِنۡدَهُمۡ

طلب ڪندا انهن ۾ ميوا گهڻا ۽ پيئڻ جون شيون ۽ انهن وٽ

قٰصِرٰتُ الطَّرۡفِ اَتۡرَابٌ (٥٢) هٰذَا مَا تُوۡعَدُوۡنَ

هيٺ جهڪائيندڙ اکين واريون هڪ عمر جيڏيون هونديون هي اهو آهي جيڪو وعدو ڏنا

لِيَوۡمِ الۡحِسَابِ (٥٣) اِنَّ هٰذَا لَرِزۡقُنَا مَا لَهٗ

ويا هيئو حساب جي ڏينهن جي لاءِ بلاشڪ هي البته اسان جو رزق آهي ناهي ان ۾

مِنۡ نَّفَادٍ ۚۖ (٥٤)

ڪا کوٽ.

الثلثة

تفسير.

جيئن اڳين آيتن ۾ انبياء عظام عليهم السلام جي ذڪر جو حڪم هو تيئن هتي به ڪجهه نبين سڳورن جي ذڪر ڪرڻ جو حڪم ٿي رهيو آهي. فرمان ايزدي آهي "وَاذۡكُرۡ عِبٰدَنَاۤ اِبۡرٰهِيۡمَ وَاِسۡحٰقَ وَيَعۡقُوۡبَ اُولِى الۡاَيۡدِىۡ وَالۡاَبۡصَارِ" ۽ اسان جن ٻانهن ابراهيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب هٿن ۽ اکين وارن کي ياد ڪر. "اَيۡدِىۡ" جي لفظي معني هٿ ۽ "اَبۡصَارِ" جي معني اکيون. پر هتي انهن مان مراد عبادت ۾ قوت وارا ۽ اسرار ۽ حڪمتون سڃاڻي دين ۾ بصيرت حاصل ڪندڙ آهن. (١) يعني انهن پيارن نبين عليهم السلام جو ذڪر ڪرڻ فرمايو جيڪي جسماني قوت سان گڏوگڏ يقين

(١) ايسرالتفاسير صہ ١٩ جلد ۴

جي قوت، صالح اعمال ادا ڪرڻ جي قوت ۽ روحاني قوت وارا هئا انهن ڪان سواءِ انهن کي دين جي بصيرت ۽ الاهي معرفت به عطا ڪيل هئي. ”اِنَّآ اَخْلَصْنٰهُمْ بِخَالِصَةٍ ذِكْرَى الدَّارِ“ بلاشڪ اسان انهن کي هڪ خاص شيءِ آخرت جي يادگيريءَ سان خالص بنايو. يعني اسان انهن کي هن خصوصي نعمت سان نوازيو هو جو اهي هر وقت آخرت کي ياد ڪندا هئا ۽ ان جي بهتر بنائڻ جي لاءِ سوچيندا هئا ۽ انبياء عظام عليهم السلام جي امتيازي ڳالهه آهي جو انهن جي برابر الله جل شانه ۽ آخرت کي ياد ڪرڻ وارو ڪير به ناهي ان خصوصي وجه جي ڪري به الله وٽ انهن جو مرتبو سڀني کان ممتاز آهي. ”وَاِنَّهُمْ عِنْدَنَا لَمِنَ الْمُصْطَفَيْنَ الْاَخْيَارِ“ ۽ بلاشڪ اهي اسان وٽ برگزيدن، ڀلن مان آهن. يعني اهي اسان وٽ برگزيده، ڀلا، اسان جي بارگاهه جي مقبول ٻانهن مان نهايت افضل ۽ اعلىٰ مقام تي فائز آهن. ”وَاذْكُرْ اِسْمٰعِيْلَ وَالْيَسَعَ وَذَا الْكِفْلِ وَكُلٌّ مِّنَ الْاَخْيَارِ“ ۽ اسماعيل ۽ يسع ۽ ذالڪفل کي ياد ڪر، سڀئي ڀلن مان آهن. مطلب ته اي حبيب ڪريم! (عليه الصلواة والسلام) اوهان اسماعيل، يسع ۽ ذاالڪفل کي ياد ڪيو، اهي ڀلا ٻانها هئا ۽ انهن جي صبر ۽ ڪافرن جي طرفان مليل ايذاء کي برداشت ڪرڻ وانگر اوهان به صبر ڪيو ۽ ايذاء برداشت ڪيو انهن ڀلارن جو ذڪر اڳي اچي چڪو آهي. ”هٰذَا ذِكْرٌ“ هي ذڪر آهي يعني اي حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم هي جيڪو اسان اوهان کي رسولن سڳورن عليهم الصلواة والسلام جو بيان ٻڌايو انهن جي لاءِ دنيا ۾ ذڪر جميل ۽ اهڙو شرف آهي جنهن سان هميشه ياد ڪيا ويندا. (١) ”وَاِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ لَحُسْنَ مَاٰبٍ“ ۽ بلاشڪ پرهيزگارن جي لاءِ ڀلي جاءِ آهي. مطلب ته هر انهيءَ متقي انسان جي لاءِ جيڪو الله جل شانه کان ڊڄندڙ، ان جي پيارن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جي اطاعت ۽ اتباع ڪندڙ آهي ان جي لاءِ آخرت ۾ ڀلي جاءِ آهي ”جَنّٰتِ عَدْنٍ مُّفَتَّحَةً لَّهُمُ الْاَبْوَابُ“ هميشه رهڻ وارا بهشت جن جا دروازا انهن جي لاءِ کليل هوندا. يعني جڏهن جنت جا حقدار جنت ڏانهن ويندا ته انهن کي دروازن کولڻ جو انتظار ڪرڻو نه پوندو انهن جي لاءِ جنت جا دروازا اڳ ئي کليا پيا هوندا ”مُتَّكِئِيْنَ فِيْهَا

(١) صفوة التفاسير صه ٦١ جلد ٣

بِفَاكِهَةٍ كَثِيْرَةٍ وَّشَرَابٍ" انهن ۾ ٽيڪون لڳائي ويٺا هوندا انهن ۾ گهڻا ميوا ۽ پيئڻ جون شيون گهرائيندا. مطلب تہ بهشت ۾ تختن تي ٽيڪون ڏئي ويهندا مختلف قسمن جا گهڻا ميوا ۽ نموني نموني جا مشروب پيئڻ لاءِ گهرائيندا. "وَعِنْدَهُمْ قٰصِرٰتُ الطَّرْفِ اَتْرَابٌ" ۽ انهن وٽ اکيون هيٺ جهڪائيندڙ هڪ عمر واريون هونديون. يعني جنت وارن جي لاءِ مادي عيش ۽ راحت جا سمورا سامان موجود هوندا انهن کي اهڙيون حيادار جنت جون حورون ملنديون جن جون اکيون هيٺ جهڪيل هونديون پنهنجن مليلن مڙسن کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڏانهن اک بہ نہ کڻنديون ۽ هر بهشتي مرد کي ملڻ واريون حورون عمر ۾ بہ ان جي برابر هونديون، شوق ۽ پسند ۾ هم خيال هونديون "هٰذَا مَا تُوْعَدُوْنَ لِيَوْمِ الْحِسَابِ" هي اهو آهي جيڪو حساب جي ڏينهن لاءِ وعدو ڏنا ويا هيئو. الغرض تہ اي بهشتن ۾ رهڻ وارو! هي اهي نعمتون آهن جن جي عطا ڪرڻ جو اوهان سان دنيا ۾ وعدو ڪيو ويو تہ حساب جي ڏينهن اوهان کي ملنديون. اهو وعدو پورو ٿيو آهي "اِنَّ هٰذَا لَرِزْقُنَا مَالَهٗ مِنْ نَّفَادٍ" بلاشڪ هي اسان جو رزق آهي جنهن ۾ ڪا کوٽ ناهي. يعني هي جنت وارن جي لاءِ اسان جي طرفان عطا ڪيل اهڙو رزق آهي جيڪو ڪائڻ پيئڻ سان نہ کٽندو اهي مزا انهن جي لاءِ دائمي هوندا.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ حاصل ٿين ٿا.

١- "وَاذْكُرْ عِبَادَنَآ" (۽ اسان جي ٻانهن کي ياد ڪر). هي تشريف ۽ تڪريم جي اضافت آهي جيڪا خالص عبديت تي دلالت ڪري رهي آهي. ٢- "اُولِي الْاَيْدِيْ وَالْاَبْصَارِ" (هٿن ۽ اکين وارا). ان مان واضح ٿيو تہ انبياء ڪرام عليهم الصلواة والسلام پنهنجين سمورين قوتن علمي، نظري، عملي، جسماني لحاظ سان ٻئي مخلوق کان نرالا آهن، مذڪوره الفاظ پنهنجي مطلق مفهوم ۾ آهن ۽ هر قسم جي قدرت ۽ هر قسم جي بينائي کي شامل آهن ۽ بعض مفسرن هي معنىٰ بہ ورتي آهي تہ اهي نفس، شيطان ۽ شيطاني قوتن جي مقابلي ۾ قوت وارا آهن ۽ نفس، فعل، قلب ۽

روح جي معاملات ۾ بصيرت جا صاحب آهن ۽ بعض مفسرن ان مان ظاهري ۽ باطني اعمـال جي جامعيت مـراد ورتي آهي. ٣- "اِنَّآ اَخْلَصْنٰهُمْ" (اسـان انهن کي خالص خاص بنايو آهي) مان فقيهن ۽ متڪلمين هي مسئلا استنباط ڪيا آهن. ١- نبوت جا فضائل وهبي آهن ڪسبي ناهن. ٢- اهي معصوم آهن انهن کان هلڪي معصيت بہ سرزد نہ ٿيندي ڇوتہ انهن کي خالص خاص بنائڻ ۾ نقص آهي. ٣- انبيـاء عظام عليهم الصلواة والسلام مخصوص هدايت ۽ رهنمائيءَ جي لاءِ امر ڪيل هوندا آهن انهن ڪان ٻين فنن جو استفـادو محض هڪ ضمني امر هوندو آهي. ۴- "وَعِنْدَهُمْ قٰصِرَاتُ الطَّرْفِ اَتْرَابٌ" (۽ انهن وٽ هم عمر ڪنڌ هيٺ جهڪائيندڙ هونديون) مان واضح ٿيو تہ نڪاح وارين عورتن سان محبت ۽ رغبت نہ الله جل شانه جي حب جي منافي آهي ۽ نہ ڪنهن ٻئي ڪمال جي خلاف آهي جيئن ناقص، صوفين يا ڪن باطل جي پوڄارين سمجهيو آهي. ۵- "لَرِزْقُنَا" (البتہ اسان جو رزق آهي) ۾ رزق جي نسبت الله تعالىٰ پاڻ ڏي ان جي تڪريم ۽ فضائل جي اظهار جي لاءِ ڪئي آهي يعني اهو خاص اسان جي طرفان عطيہ آهي جنهن کي ڪنهن بہ طرح فنا ۽ زوال ناهي جيترو گهرو ڪائو، پيئو جيترو گهرو خرچ ڪيو. انهن نعمتن جا ذخيرا اڻ کٽ آهن جنت جون نعمتون جيئن مقدار ۾ بي نهايت ۽ تعداد ۾ بيشمار بي عدد هونديون تيئن هر نعمت ابدي، دائمي ۽ غير منقطع بہ هوندي. (١) ٦- "قٰصِرَاتُ الطَّرْفِ اَتْرَابٌ" (هم عمر ڪنڌ هيٺ جهڪائيندڙ هونديون). مان اهو بہ واضح ٿيو تہ پردو ۽ حياء جنت ۾ بہ هوندو ۽ متقيءَ کان بہ پردو ڪرڻ لازم آهي ڇوتہ جنت ۾ سڀ متقي هوندا ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ عورت بہ اجنبي مرد کي نہ ڏسي ۽ اهي جنت ۾ ملندڙ حورون تہ هونديون پر دنيا واريون زالون بہ حورن وانگر حسين هونديون ۽ سيني جي عمر هميشہ ٽيهہ (٣٠) سال هوندي. ٧- "مَالَهٗ مِنْ نَّفَادٍ" (اهو کٽڻ وارو نہ هوندو) مـان واضح ٿيو تہ جنت جا ميوا موسم جا پابند نہ هوندا هر موسم ۾ ڪثرت سان موجود رهندا اتي جي باغن ۾ خزان جو واء نہ ايندو نہ انهن وڻن جا پن ڇڻندا. (٢)

(١) حاشيه ماجديه صـ٩١٣ (٢) نورالعرفان صـ٧٢٨

هٰذَا ؕ وَاِنَّ لِلطّٰغِيْنَ لَشَرَّ مَاٰبٍ ۙ (٥٥) جَهَنَّمَ ۚ يَصْلَوْنَهَا ۚ

هي ۽ بيشڪ حد کان لنگهندڙن جي لاءِ البت بڇڙي جاءِ آهي جهنم داخل ٿيندا ان ۾

فَبِئْسَ الْمِهَادُ (٥٦) هٰذَا ۙ فَلْيَذُوْقُوْهُ حَمِيْمٌ وَّغَسَّاقٌ ۙ (٥٧)

پوءِ بڇڙو وڇاڻو آهي هي پوءِ پلي چکن ان کي پوڻ ۽ ٽچڪندڙ پاڻي

وَّاٰخَرُ مِنْ شَكْلِهٖٓ اَزْوَاجٌ ؕ (٥٨) هٰذَا فَوْجٌ مُّقْتَحِمٌ مَّعَكُمْ ۚ

۽ ٻيا ان جي شڪل وارا جوڙا هي ۽ هڪ فوج آهي گهڙندڙ آهي اوهان سان گڏ

لَا مَرْحَبًاۢ بِهِمْ ؕ اِنَّهُمْ صَالُوا النَّارِ (٥٩) قَالُوْا بَلْ اَنْتُمْ ۙ

ناهي مرحبا انهن سان بيشڪ اهي گهڙندڙ آهن باهه ۾ چوندا ته بلڪ اوهان

لَا مَرْحَبًاۢ بِكُمْ ؕ اَنْتُمْ قَدَّمْتُمُوْهُ لَنَا ۚ فَبِئْسَ الْقَرَارُ (٦٠)

ناهي مرحبا اوهان سان اوهان ئي اڳي ڪيو ان کي اسان جي لاءِ پوءِ بڇڙي قرار جي جاءِ آهي

قَالُوْا رَبَّنَا مَنْ قَدَّمَ لَنَا هٰذَا فَزِدْهُ عَذَابًا ضِعْفًا فِي النَّارِ (٦١)

چوندا ته اي اسان جا رب! جنهن اڳي ڪيو اسان جي لاءِ هي پوءِ وڌاءِ ان کي عذاب ٻيڻو باهه ۾

وَقَالُوْا مَا لَنَا لَا نَرٰى رِجَالًا كُنَّا نَعُدُّهُمْ مِّنَ الْاَشْرَارِ ؕ (٦٢)

۽ چوندا ته ڇا ٿيو آهي اسان کي جو نٿا ڏسون مڙسن کي جو ڳڻيوسين ٿي انهن کي بڇڙن مان

اَتَّخَذْنٰهُمْ سِخْرِيًّا اَمْ زَاغَتْ عَنْهُمُ الْاَبْصَارُ (٦٣)

ڇا ورتو سون انهن کي ٺٺول ڪري يا ڦرڪيون انهن کان اکيون

إِنَّ ذَالِكَ لَحَقٌّ تَخَاصُمُ أَهْلِ النَّارِ (٦٤)

بلاشڪ اهو البتہ حق آهي جهيڙو جهنم وارن جو.

تفسير

اڳين آيتن ۾ متقين جو ثواب بيان ٿيو ۽ هتان کان سرڪشن جي عذاب کي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "هٰذَا" هي. يعني جيڪو مومن جي لاءِ بدلو بيان ٿيو اهو سندن صالحن عملن جي ڪري آهي "وَإِنَّ لِلطَّاغِينَ لَشَرَّ مَآبٍ" ۽ بلاشڪ سرڪشن جي لاءِ موٽڻ جي بري جاءِ آهي. يعني جيڪي ڪافر، الله جي فرمانبرداريءَ کان نڪرندڙ، ان جي پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوندڙ آهن انهن لاءِ سندن مرڻ کان پوءِ بري جاءِ آهي "جَهَنَّمَ يَصْلَوْنَهَا فَبِئْسَ الْمِهَادُ" جهنم جنهن ۾ داخل ٿيندا پوءِ برو وڇاڻو آهي. يعني اهي جهنم ۾ داخل ٿيندا اُن جي سخت گرم باهہ ۾ سڙندا اهو انهن جي لاءِ برو وڇاڻو هوندو (١) "هٰذَا فَلْيَذُوقُوهُ حَمِيمٌ وَغَسَّاقٌ" "هيءُ" پوءِ پلي چکن ان کي ٽچڪندڙ پاڻي ۽ پونءِ آهي "حَمِيمٌ" گهڻو گرم پاڻي، جيڪو استعمال ڪرڻ سان بدن کي ساڙي "غَسَّاقٌ" پونءِ ۽ اهو گندو پاڻي جيڪو گوشت ۽ زاني شخصن جي اگهڙن مان جهنم ۾ وهي نڪري. (٢) مطلب تہ سرڪشن جي لاءِ هي عذاب هوندو ڪين چيو ويندو تہ اهو چکو. ان پونءِ ۾ جهنم جي نانگن ۽ وڇن جو زهر بہ مليل هوندو. (٣) "وَآخَرُ مِنْ شَكْلِهِ أَزْوَاجٌ" ۽ ان جا هم شڪل ٻيا جوڙا. يعني صرف هڪ اهو عذاب نہ هوندو پر اهڙا ٻيا ڪيترا ٻتا ٻتا عذاب هوندا جيئن ٿوهر وغيره "هٰذَا فَوْجٌ مُقْتَحِمٌ مَعَكُمْ لَا مَرْحَبًا بِهِمْ إِنَّهُمْ صَالُوا النَّارِ" هيءُ ٻي فوج اوهان سان گڏ گهڙندڙ آهي انهن جي لاءِ مرحبا ناهي بلاشڪ اهي (جهنم جي) باهہ ۾ پهچندڙ آهن. يعني پهريان سرڪشن جي سردارن کي دوزخ ۾ اڇلايو ويندو ان کان پوءِ انهن جا پوئلڳ قطارن جون قطارون جهنم ۾ سٽيا ويندا ۽ جڏهن انهن جي هڪ فوج اڇلائي ويندي تہ دوزخ جا داروغا انهن

(١) المراغي صـ١٣٣ جزءِ ٢٣ جلد ٨ (٢) ايسرالتفاسير صـ٢١ جلد ۴ (٣) حاشيه عثمانيه صـ٦٠٨

سردارن کي چوندا اجهو اوهان جي پوئلڳن جا پيا ٽولا بہ پهچي ويا. ۽ اهو ٻڌي اهي سردار چوندا تہ انهن سان مرحبا نہ ڪنداسون اهي بہ جهنم جي باهہ ۾ پهچندڙ آهن. "قَالُوا بَلْ اَنْتُمْ لَا مَرْحَبًا بِكُمْ" چوندا بلڪ اوهان کي مرحبا ناهي. يعني بعد ۾ دوزخ ۾ داخل ٿيڻ وارا اهائي بد دعا پنهنجن سردارن کي موٽائي چوندا تہ اوهان جي لاءِ مرحبا ناهي. الغرض تہ هڪ ٻئي سان اها گفتگو ڪندا ويندا. (١) "اَنْتُمْ قَدَّمْتُمُوْهُ لَنَا فَبِئْسَ الْقَرَارُ" اوهان ان کي اسان جي لاءِ اڳي ڪري موڪليو پوءِ بري جاءِ قرار جي آهي. يعني پوئلڳ پنهنجن سردارن ۽ اڳواڻن کي چوندا تہ اهو سڀ ڪجهہ اسان جي لاءِ اوهان اڳي ڪري موڪليو آهي ڇوتہ اسان کي اوهان ئي گمراهہ ڪيو ۽ حق جي واٽ کان روڪيو هو ۽ ان رستي ڏانهن سڏيو جنهن جي ذريعي اسين جهنم ۾ پهتا آهيون "قَالُوْا رَبَّنَا مَنْ قَدَّمَ لَنَا هٰذَا فَزِدْهُ عَذَابًا ضِعْفًا فِي النَّارِ" چوندا تہ اي اسان جا پالڻهار! جنهن اسان جي لاءِ هي (عذاب) اڳي ڪري موڪليو ان کي باهہ جو ٻيڻو عذاب وڌاءِ. يعني پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي گهٽ وڌ چوڻ کان پوءِ الله جل شانہ کي عرض ڪندا تہ اي پروردگار! جنهن پنهنجي بدبختيءَ جي ڪري اسان کي بہ هن عذاب ۾ مبتلا ڪيو ان کي دوزخ ۾ ٻيڻو عذاب ڏي. "وَقَالُوْا مَا لَنَا لَا نَرٰى رِجَالًا كُنَّا نَعُدُّهُمْ مِنَ الْاَشْرَارِ" ۽ چوندا تہ اسان کي ڇا ٿيو آهي جو اهي ماڻهو نٿا ڏسون جن کي بڇڙن مان ڳڻيندا هئاسون. يعني اتي ئي هيڏي هوڏي نهاري چوندا تہ اهي مسلمان، مومن مرد ڪيڏانهن ويا؟ جن کي اسين برو سمجهندا هئاسون اڄ هتي ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿا اچن. "رجالا" مان مراد مؤمن آهن. "اَتَّخَذْنٰهُمْ سِخْرِيًّا اَمْ زَاغَتْ عَنْهُمُ الْاَبْصَارُ" ڇا اسان انهن کي ٺٺول بڻايو هو يا انهن کان اکيون ٿڙڪي ويون آهن. يعني جڏهن انهن کي جهنم ۾ مسلمان مومن نظر نہ ايندا تڏهن چوندا تہ ڇا اسان انهن سان ٺٺوليون اجايون ۽ غلط ڪيون هيون يا هتي ڪنهن جاءِ ۾ آهن ۽ اسان جي اکين کان ٿڙڪي ويا آهن اسان کي ڏسڻ ۾ نٿا اچن "اِنَّ ذٰلِكَ لَحَقٌّ تَخَاصُمُ اَهْلِ النَّارِ" بلاشڪ اهو حق آهي، دوزخ وارن جو هڪ ٻئي سان جهيڙو ڪرڻ. مطلب تہ ظاهر ۾ تہ اهو قياس جي خلاف آهي جو ان افرا تفريءَ جي حالت ۾ هڪ ٻئي سان جهيڙو ڪن اتي عذاب جو خوفناڪ منظر ٻئي ڏانهن متوجہ ٿيڻ ڪيئن

(١) ضياء القرآن صـ٢٤٨ جلد۴

ڏيندو؟ پر ياد رکو تہ اهو حق آهي ضرور ٿيندو. يقيني شيءِ آهي ان ۾ ڪنهن بہ شڪ ۽ شبهي جي گنجائش ناهي حقيقت ۾ اها انهن جي لاءِ عذاب جي تڪميل آهي.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. "لِلطّٰغِيْنَ لَشَرَّ مَاٰبٍ" (سرڪشن جي لاءِ موٽڻ جي بري جاءِ آهي). مان معلوم ٿيو تہ سرڪشي ڪرڻ، حدود شرعيءَ کان ٽپي وڃڻ سزا جو سبب آهي. ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ مؤمن مسلمان ڇو نہ ڪٿي گنهگار هجي ان جي لاءِ دوزخ جاءِ نہ هوندو عارضي منزل هوندو. دوزخ جاءِ صرف ڪافرن جي لاءِ هوندو. (١) ٢- "قَالُوْا بَلْ اَنْتُمْ لَامَرْحَبًا بِكُمْ" (چوندا بلڪ اوهان جي لاءِ مرحبا ناهي). مان معلوم ٿيو تہ جهنمين ۾ جهيڙو هلندو پاڻ ۾ محبت ۽ اتفاق جنت جي رحمت ۽ نعمت آهي. ٣- "فَزِدْهُ عَذَابًا ضِعْفًا فِى النَّارِ" (پوءِ ان کي باهہ ۾ ٻيڻو عذاب زياده ڪر). مان واضح ٿيو تہ ڪافرن ۽ مشرڪن سردارن جا تابع اتي ڪين بد دعائون ڪندا ۽ افسوس جا هٿ مليندا تہ اسان هنن جي تابعداري ڇو ڪئي؟

قُلْ اِنَّمَآ اَنَا مُنْذِرٌ ۖ وَّمَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّا اللّٰهُ الْوَاحِدُ

فرمايو تہ مان تہ صرف ڊيڄاريندڙ آهيان ۽ ناهي ڪو معبود مگر الله هڪ

الْقَهَّارُ ۚ (٦٥) رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا

غالب آسمانن ۽ زمين جو رب ۽ ان جو جيڪو انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي

الْعَزِيْزُ الْغَفَّارُ (٦٦) قُلْ هُوَ نَبَؤٌا عَظِيْمٌ ۙ (٦٧) اَنْتُمْ عَنْهُ

غالب، بخشڻهار فرماءِ تہ اها وڏي خبر آهي اوهان ان کان

(١) نورالعرفان صـ٧٢٨

مُعْرِضُوْنَ (٦٨) مَاكَانَ لِيَ مِنْ عِلْمٍ بِالْمَلَاِ الْاَعْلٰٓى اِذْ

منهن موڙيندڙ آهيو نہ هو مون کي کو علم ملا اعلىٰ جو جڏهن

يَخْتَصِمُوْنَ (٦٩) اِنْ يُّوْحٰٓى اِلَيَّ اِلَّآ اَنَّمَآ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ (٧٠)

سوال جواب ڪن پيا ٿا وحي ڪيو وڃي مون ڏانهن مگر هي تہ مان تہ صرف ڪليل ڊيڄاريندڙ آهيان.

تفسير.

جيئن سورة جي شروعات ۾ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي توحيد ڏانهن دعوت ۽ سندن نبي هجڻ کي ثابت ڪيو ويو هو تيئن وچ ۾ اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام جو ذڪر آٽي هتي وري بہ اهي ساڳيون ڳالهيون توحيد. نبوت ۽ قيامت بيان ڪيون ويون آهن. فرمان مبارڪ آهي " قُلْ اِنَّمَآ اَنَا مُنْذِرٌ" فرماءِ تہ مان تہ صرف ڊيڄاريندڙ آهيان. يعني اي نبي! ڪريم صلى الله عليه وسلم اوهان مڪه مڪرمه جي رهاڪو مشرڪن کي فرمايو تہ: مان تہ الله جل شانه جي طرفان اوهان کي ڊيڄارڻ جي لاءِ موڪليل آهيان اوهان کي ان جي بي فرمانيءَ کان روڪيان ٿو تانتہ اوهان تي اهو عذاب نہ اچي جيڪو اڳين نبين عليهم السلام جي امتن تي آيو هو. مان نہ ساحر آهيان نہ ڪذاب آهيان نہ اوهان تي مقرر ڪيل داروغو آهيان. (١) " وَمَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّا اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ" ۽ هڪ الله قهار کان سواءِ ڪوبہ سچو معبود ناهي. يعني اي ڪافرو! اوهان جو سچو معبود. عبادت جو صحيح حقدار هڪ الله آهي جيڪو پنهنجي مخلوق تي غالب ۽ هر شيءِ تي قاهر آهي. "رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا الْعَزِيْزُ الْغَفَّارُ" آسمانن ۽ زمين ۽ جيڪو ڪجهه انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي (ان جو) رب. غالب. بخشڻهار آهي. جڏهن اڳين آيت ۾ "اَلْقَهَّارُ" لفظ آيو جنهن مان خوف ۽ ڊپ پيدا ٿئي ٿو تہ هتي الله جل شانه جون اهي ٽي صفتون بيان ٿيون جن مان رحمت ۽ اميد جي تسلي ملي رهي آهي ۽ اهي ٽي نالا. رب. عزيز. ۽

(١) المراغي صـ١٣٤ جزء ٢٣ جلد ٨

غفار آهن ان جو رب هجڻ تربيت ۽ احسان جي خبر ڏيئي رهيو آهي ۽ ان جو عزيز (غالب) هجڻ هر شيءِ تي سندس قدرت ۽ عاجز نہ هجڻ جو پڌائي رهيو آهي. ۽ ان جو غفار هجڻ ان جي دروازي ڏانهن اچڻ جي رغبت ڏياري اميدوار بنائي رهيو آهي. خدا نہ خواسته جيڪڏهن ڪو ماڻهو ستر (٧٠) سال شرڪ ڪرڻ کان بعد بہ توبہ ڪري تہ تہ الله جل شانه ان کي بخشي ڇڏي تو "قُلْ هُوَ نَبَؤٌا عَظِيمٌ اَنْتُمْ عَنْهُ مُعْرِضُونَ" فرماءِ تہ اها وڏي خبر آهي جنهن کان اوهان منهن موڙيندڙ آهيو. يعني اي حبيب ڪريم! عليه الصلواة والسلام اوهان انهن کي فرمايو تہ اهو قرآن ڪريم جنهن کان اوهان منهن موڙيندڙ. غافل آهيو نهايت وڏي خبر ۽ عظيم الشان اهم امر آهي پر اوهان ان جو قدر نٿا ڪيو نہ ڪو ان جي عظمت کي ڄاڻو ٿا. "مَا كَانَ لِيَ مِنْ عِلْمٍۭ بِالْمَلَاِ الْاَعْلٰٓى اِذْ يَخْتَصِمُوْنَ" مون کي ملاء اعلىٰ جي ڄاڻ جڏهن اختلاف ڪن پيا نہ هئي. مطلب تہ الله جل شانه جي طرفان مون ڏانهن نازل ڪيل وحي کان سواءِ مون کي حضرت آدم عليه السلام جي پيدا ڪرڻ جي باري ۾ ملائڪن جي اختلاف جي خبر ڪٿان آئي؟ هن مان مقصد حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جي نبوت تي حجت ثابت ڪرڻ آهي تہ پاڻ برحق نبي آهن نہ تہ ڪين اهي خبرون ڪيئن پهچن ها. ۽ ملائڪن جي اختلاف ۽ جهيڙي ڪرڻ مان مراد انهن جو اهو قول آهي تہ "اَتَجْعَلُ فِيْهَا مَنْ يُّفْسِدُ فِيْهَا وَيَسْفِكُ الدِّمَآءَ" ڇا زمين ۾ اهي تو پيدا فرمائين جيڪي ان ۾ فساد ڪندا ۽ رت وهائيندا. (١) "اِنْ يُّوْحٰٓى اِلَيَّ اِلَّآ اَنَّمَآ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ" مون ڏانهن تہ صرف هي وحي ڪيو وڃي ٿو تہ مان ڪليل ڊيڄاريندڙ آهيان. يعني مان الله جي طرفان مخلوق کي منع ڪيل ڪمن کان ڊيڄاريندڙ نبي آهيان منهنجي نبوت واضح دلائل سان ثابت آهي. (٢)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان وڏيڪ هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا.

عـ١- "قُلْ اِنَّمَآ اَنَا مُنْذِرٌ" (فرماءِ تہ مان تہ صرف ڊيڄاريندڙ آهيان). مان واضح ٿيو تہ الله جل شانه جي حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن شرڪ جي هر قسم جي شائبي کان بہ امت کي پري رکيو. يعني مان ڪيتري بہ مرتبي جو مالڪ

(١) صفوة التفاسير ص٨٤-٨٥ جلد٣ (٢) تنويرالاذهان ص٣٧٢ جلد٣

آهيان پر نہ الله آهيان نہ ان جو اولاد. الله هر قسم جي شريڪ کان پاڪ آهي مان صرف ان جي ٻانهن کي بي فرمانيءَ کان روڪيندي انهن کي الله جي عذاب کان ڊيڄاريندڙ آهيان عبادت جو لائق مان ناهيان عبادت جو سچو حقدار صرف هڪ الله آهي. عـ٢- "وَمَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّا اللهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ" (ء هڪ الله. قهار کان سواء ڪو معبود بالحق ناهي). ۾ "مِنْ" لفظ زائده نفي جي استغراق لاءِ آيل آهي. يعني ڪنهن بہ قسم جو ٻيو معبود ناهي "اَلْوَاحِدُ" (هڪ) جيئن پنهنجي ذات. صفات ۾ هڪ آهي تيئن عددي حيثيت سان بہ هڪ آهي "اَلْقَهَّارُ" (غالب) اهو سڀني تي حاڪم ۽ غالب آهي ان تي ڪوبہ حاڪم ۽ متصرف ناهي.

اِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ خَالِقٌۢ بَشَرًا

جڏهن فرمايو رب تنهنجي ملائڪن کي بيشڪ مان پيدا ڪندڙ آهيان انسان کي

مِّنْ طِيْنٍ (٧١) فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ

مٽيءَ مان پوءِ جڏهن پورو پورو ناهيان ان کي ۽ ڦوڪيان ان ۾ پنهنجو روح

فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ (٧٢) فَسَجَدَ الْمَلٰٓئِكَةُ كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ (٧٣)

پوءِ ڪري پئو ان کي سجدو ڪندڙ تي پوءِ سجدو ڪيو ملائڪن سڀني. مڙني

اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اِسْتَكْبَرَ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ (٧٤) قَالَ يٰٓاِبْلِيْسُ

مگر شيطان وڏائي ڪيائين ۽ ٿيو ڪافرن مان فرمايائين تہ اي شيطان!

مَا مَنَعَكَ اَنْ تَسْجُدَ لِمَا خَلَقْتُ

ڪنهن روڪيو توکي تہ سجدو ڪرين ان کي جو پيدا ڪيو مون

بِيَدَيَّ ؕ اَسْتَكْبَرْتَ اَمْ كُنْتَ مِنَ الْعَالِيْنَ (٧٥)

پنهنجن هٿن سان ڇا وڏائي ڪئي تو يا هئين تون مٿانهن مان

قَالَ اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ ؕ خَلَقْتَنِیْ مِنْ نَّارٍ وَّخَلَقْتَهٗ

چيائين تہ مان پلو آهيان ان کان پيدا ڪيئي مون کي باھ مان ۽ پيدا ڪيئي ان کي

مِنْ طِیْنٍ (٧٦) قَالَ فَاخْرُجْ مِنْهَا فَاِنَّکَ رَجِیْمٌ (٧٧)

متيءَ مان فرمايائين تہ پوءِ نڪري وڃ ان مان پوءِ بلاشڪ تون تڙيل آهين

وَّاِنَّ عَلَیْکَ لَعْنَتِیْٓ اِلٰی یَوْمِ الدِّیْنِ (٧٨) قَالَ رَبِّ

۽ بلاشڪ توتي منهنجي لعنت آهي قيامت تائين چيائين تہ اي منهنجا رب!

فَاَنْظِرْنِیْٓ اِلٰی یَوْمِ یُبْعَثُوْنَ (٧٩) قَالَ فَاِنَّکَ

پوءِ مهلت ڏي مون کي ان ڏينهن تائين جو اٿاريا ويندا فرمايائين تہ پوءِ بيشڪ تون

مِنَ الْمُنْظَرِیْنَ ۙ (٨٠) اِلٰی یَوْمِ الْوَقْتِ الْمَعْلُوْمِ (٨١) قَالَ

مهلت ڏنلن مان آهين معلوم وقت جي ڏينهن تائين چيائين تہ

فَبِعِزَّتِکَ لَاُغْوِیَنَّهُمْ اَجْمَعِیْنَ ۙ (٨٢) اِلَّا عِبَادَکَ

پوءِ تنهنجي عزت جو قسم آهي البتہ ضرور گمراھ ڪندس انهن سڀني کي مگر تنهنجا ٻانها

مِنْهُمُ الْمُخْلَصِیْنَ (٨٣) قَالَ فَالْحَقُّ ز وَالْحَقَّ اَقُوْلُ ج (٨٤) لَاَمْلَئَنَّ

انهن مان. سچا فرمايائين تہ پوءِ (هي) حق آهي ۽ (مان) حق ئي چوان ٿو تہ البتہ ضرور ڀريندس مان

جَهَنَّمَ مِنْکَ وَمِمَّنْ تَبِعَکَ مِنْهُمْ اَجْمَعِیْنَ (٨٥)

جهنم کي توسان ۽ انهن سان جيڪي تنهنجا تابع ٿيا انهن مڙني مان.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ملاء اعلىٰ (ملائڪن) جي اختلاف جو بيان هو ۽ هتي بہ انهن ئي ملائڪن جي اطاعت ۽ انقياد جو بيان ۽ انهن ۾ رهڻ واري شيطان جي سرڪشي ۽ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّىْ خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّنْ طِيْنٍ" ۽ (ياد فرماءِ) جڏهن تنهنجي رب ملائڪن کي فرمايو تہ مان مٽيءَ مان بشر کي پيدا ڪندڙ آهيان. يعني الله جل شانه ملائڪن کي ڄاڻايو تہ مان مٽيءَ مان هڪ انسان (حضرت آدم عليه السلام) کي پيدا ڪيان ٿو. هي قصو هن کان اڳي سورة البقره، الاعراف، الحجر، الاسراء ۽ الكهف ۾ بيان ٿي چڪو آهي هتي تفصيل آڻڻ جي ضرورت ناهي "فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِىْ فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ" پوءِ جڏهن پورو ٺاهي تيار ڪيان ان کي ۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان تہ پوءِ ان جي لاءِ سجدو ڪندو ٿي ڪري پئو. مطلب تہ جڏهن مان ان جي خلقت ڪامل بنايان ان ۾ روح وجهان. جيڪو جسم لطيف آهي ۽ مادي جسم ۾ ان جي اچڻ جي ڪري اهو زنده ٿي ويندو آهي تہ اوهان سڀ ان جي اڳيان سجدي ۾ ڪري پئجو. "فَسَجَدَ الْمَلٰٓئِكَةُ كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ" پوءِ سمورن مڙني ملائڪن سجدو ڪيو. يعني ملائڪن ما ڪوبہ سجدي کان پوئتي نہ هٽيو. هتي "كُلُّهُمْ" ۽ "اَجْمَعُوْنَ" بہ تاڪيد آهن "اِلَّآ اِبْلِيْسَ اِسْتَكْبَرَ وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ" مگر شيطان تڪبر ڪيو ۽ ڪافرن مان هو. يعني شيطان جيڪو نسل جي لحاظ سان جن ۽ ملائڪن ۾ رهندڙ هو ان تڪبر ڪندي سجدو نہ ڪيو ۽ اهو الله جي علم ۾ ڪافرن مان هو. الله جل شانه کي خبر هئي تہ اهو سجدو نہ ڪندو. (١) "قَالَ يٰٓاِبْلِيْسُ مَا مَنَعَكَ اَنْ تَسْجُدَ لِمَا خَلَقْتُ بِيَدَىَّ" فرمايائين تہ: اي ابليس! توکي ان جي اڳيان سجدو ڪرڻ کان ڪنهن روڪيو جنهن کي مون پنهنجن قدرتي هٿن سان پيدا ڪيو آهي. يعني جنهن کي مون ماءُ ۽ پيءُ جي واسطي کان سواءِ پنهنجي قدرت سان پيدا ڪيو آهي ان جي اڳيان سجدي ڪرڻ کان توکي ڪنهن روڪيو؟ الله جل مجده حضرت آدم عليه السلام جي خلقت ڪ

(١) ڪمالين شرح اردو جلالين ص ٤٠٢ جلد ٥

پنهنجي پاڪ ذات ڏانهن خصوصي نسبت سان بيان فرمايو (مون پيدا ڪيو) حالانڪ پاڻ هر شيءِ جو خالق آهي سو حضرت آدم جي تڪريم ۽ تعظيم جي لاءِ. جيئن پنهنجي ذات ڏانهن روح، بيت الله. ناقة الله ۽ مسجدن جي نسبت ڪئي اٿس. ماڻهن سان انهن جي سڃاڻپ جي مدار تي خطاب ڪيو اٿس. (١) "اَسۡتَكۡبَرۡتَ اَمۡ كُنۡتَ مِنَ الۡعَالِيۡنَ" ڇا وڏائي ڪئي تو يا (حقيقت ۾) تون مٿاهين مرتبي وارن مان هئين؟ هيءَ ان کي سجدي نہ ڪرڻ جي ڪري مذمت ڪئي وئي آهي. يعني اهو سجدو نہ ڪرڻ هاڻي تنهنجي وڏائي واري ذهن جي ڪري آهي يا واقعي تون مٿاهون آهين؟ "قَالَ اَنَا خَيۡرٌ مِّنۡهُ" چيائين تہ مان ان کان ڀلو آهيان. يعني مان (حضرت) آدم (عليه السلام) کان بالڪل ڀلو، اعلىٰ ۽ افضل آهيان. "خَلَقۡتَنِىۡ مِنۡ نَّارٍ وَّ خَلَقۡتَهٗ مِنۡ طِيۡنٍ" تو مون کي باھ مان پيدا ڪيو ۽ ان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي. يعني مان باھ جي پيدائش ۽ (حضرت) آدم مٽيءَ جي پيدائش آهي باھ مٽيءَ کان ڀلي آهي ۽ مان (حضرت) آدم کان ڀلو آهيان پوءِ ڀلو گھٽ شان واري کي ڪيئن سجدو ڪندو؟ "قَالَ فَاخۡرُجۡ مِنۡهَا فَاِنَّكَ رَجِيۡمٌ" فرمايائين تہ پوءِ ان مان نڪري وڃ بلاشڪ تون تڙيل آهين. يعني تون هر ڀلائي ۽ عزت کان خالي لعنت ڪيل، تڙيل آهين جنت مان نڪري وڃ. "وَّاِنَّ عَلَيۡكَ لَعۡنَتِىۡۤ اِلٰى يَوۡمِ الدِّيۡنِ" ۽ بلاشڪ توتي قيامت تائين منهنجي لعنت آهي. مطلب تہ تون منهنجي رحمت کان هميشہ جي لاءِ پري ڪيل آهين. "قَالَ رَبِّ فَاَنۡظِرۡنِىۡۤ اِلٰى يَوۡمِ يُبۡعَثُوۡنَ" چيائين تہ اي منهنجا پالڻهار! پوءِ مون کي ان ڏينهن تائين مهلت ڏي جنهن ۾ اٿاريا ويندا. يعني مون کي قبرن مان ماڻهن جي اٿارڻ واري ڏينهن تائين ڍر ڏي ان مهلت وٺڻ مان سندس مقصد وسيع وقت وٺڻ هو تانتہ ان ۾ ماڻهن کي گمراھ ڪري ۽ ان دوران موت کان محفوظ رهي "قَالَ فَاِنَّكَ مِنَ الۡمُنۡظَرِيۡنَۙ اِلٰى يَوۡمِ الۡوَقۡتِ الۡمَعۡلُوۡمِ" فرمايائين تہ پوءِ تون معلوم وقت جي ڏينهن تائين مهلت ڏنل آهين. ان ڏينهن مان مراد اسرافيل جي پهرين ڦوڪ آهي. مطلب تہ تو کي ان ڦوڪ ڏيڻ واري ڏينهن تائين مهلت آهي "قَالَ فَبِعِزَّتِكَ لَاُغۡوِيَنَّهُمۡ اَجۡمَعِيۡنَۙ اِلَّا عِبَادَكَ مِنۡهُمُ الۡمُخۡلَصِيۡنَ" چيائين تہ تنهنجي عزت جو قسم آهي تہ مان انهن مڙني کي گمراھ ڪندس مگر تنهنجا مخلص ٻانها. يعني جن کي تون پنهنجي عبادت لاءِ

(١) صفوة التفاسير صـ٦٥ جلد٣

منتخب ڪندين تنهنجي عزت جو قسم آهي تہ انهن کان سواءِ باقي ٻين سڀني کي گمراهہ ڪري ڪافر بنائيندس. "قَالَ فَالْحَقُّ وَالْحَقَّ اَقُوْلُ ۚ لَاَمْلَـَٔنَّ جَهَنَّمَ مِنْكَ وَمِمَّنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ اَجْمَعِيْنَ. فرمايائين تہ: پوءِ (ھي) حق آهي ۽ حق ٿي مان چوان ٿو تہ مان توهان ۽ جيڪي تنهنجي تابع ٿيا انهن سڀني مان جهنم کي ضرور ڀريندس. هتي "اَلْحَقُّ" لفظ پيش پڙهيل ۽ ٻيو پيرو آيل "اَلْحَقَّ" زبر پڙهيل آهي. پهريون يا مبتداءِ محذوق انا جي خبر آهي يا پاڻ مبتداءِ ۽ ان جي خبر محذوف آهي يعني مان حق آهيان يا حق مان آهيان. (١) يا هتي قسم مراد آهي يعني مان حق جو قسم ٿو کڻان ۽ حق کان سواءِ ڪجهہ نٿو چوان تہ اي شيطان! مان توسان ۽ تنهنجي سڀني تابعن سان جهنم کي ضرور ڀريندس. (٢)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١- "فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ (پوءِ جڏهن مون ان کي پورو پورو بنايو). مان معلوم ٿيو تہ حضرت آدم عليہ السلام جي جسم جي تياري ۾ ڪجهہ مدت رکي وئي، چاليهن سالن ۾ تڪميل ٿي هئي. ٢- "وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ" (۽ ان ۾ مون پنهنجو روح ڦوڪيو) مان معلوم ٿيو تہ بزرگن جي دم ڪرڻ، ڦيٽي رکڻ جو اصل دليل هي آهي جو فيض ڏيڻ جي لاءِ ڦوڪ ڏني ويندي آهي. الله جل شانہ حضرت آدم عليہ السلام ۾ روح ڦوڪيو. حضرت جبريل بي بي مريم رضي الله عنها وٽ ڦوڪ ڏني تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام سندس وجود ۾ آيو حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي ڦوڪ سان مٽل جيئرا ٿي پوندا هئا حضرت اسرافيل صور ۾ ڦوڪ ڏيندو تہ قيامت قائم ٿيندي. (٣)

٣- "فَقَعُوْا لَهٗ سٰجِدِيْنَ" (پوءِ ان جي لاءِ سجدا ڪندڙ ٿي ڪري پئو) مان واضح ٿيو تہ حضرت آدم جي جسم ۾ روح ڦوڪجڻ کان پوءِ ان جي اڳيان سجدي ڪرڻ جو حڪم ٿيو هو ۽ ان مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ ملائڪن جو سجدو بدن کي نہ هو روح کي هو مگر جڏهن تہ بدن کي روح جي تجلي گاهہ بنايو ويو هو ان جي ڪري اهو بہ روح سان گڏ مسجود لہ ٿيو ۽ اهو سجدو سندس شرعي حڪم نہ هو چوتہ اڃان ڪيس شريعت ملي نہ هئي ۽ ٻيو تہ ملائڪ ان **شريعت جا مڪلف نہ هئا**

(١) ضياءالقرآن ص ٢٥٣ جلد ۴ (٢) مختصر تفسير ابن ڪثير ص ٢٠٩ جلد ٣ (٣) نورالعرفان ص ٧٣٠

۽ جيڪڏهن اهو شرعي حڪم هجي ها ته هميشه جاري رهي ها. صرف هڪ پيرو نه ٿئي ها. ۴- "لَهٗ" (ان کي سجدا ڪندڙ) مان معلوم ٿيو ته ملائڪن حضرت آدم کي ئي سجدو ڪيو هو ۽ اهو تعظيم جو سجدو هو اهو ثابت ناهي ته سجدو الله جل جلاله کي هو ۽ حضرت آدم قبلو هو. جيڪڏهن ائين هجي ها ته "لهٗ" نه اچي ها ۽ شيطان به انڪار نه ڪري ها ڇوته الله جل شانه کي سجدا ته اهو اڳ ۾ به ڪندو رهيو هو. ۵- "كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ" مان ثابت ٿيو ته سجدو سڀني ملائڪن ڪيو هو پوءِ اهي مقرب هئا يا مدبرات، زمين وارا هئا يا آسمانن وارا. ٦- "اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ" (مان ان کان ڀلو آهيان) مان واضح ٿيو ته نبي سڳوري صلى الله عليه وسلم کان پاڻ کي ڀلو يا ان جي برابر سمجھڻ شيطان جو ڪم آهي ۽ اهو به معلوم ٿيو ته نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جو گستاخ عالم هجي يا صوفي يا عابد شيطان جو پوئلگ آهي شيطان سڀ ڪجهه هو پر گستاخيءَ جي ڪري ڪجهه نه رهيو. ٧- "خَلَقْتُ بِيَدَيَّ" (پنهنجن هٿن سان پيدا ڪيم) مان معلوم ٿيو ته حضرت آدم عليه السلام جي جسم جي بناوت ملائڪن نه ڪئي هئي الله جل جلاله پاڻ ڪئي هئي ان جي ڪري ئي ان کي بشر سڏيو ويو يعني مباشرة باليد (هٿ سان ٺاهڻ) ذريعي وجود ۾ آيو.

٨- "مَا مَنَعَكَ" (توکي ڪنهن روڪيو) مان واضح ٿيو ته علم جي هوندي پڇڻ برو نه آهي ان ۾ ڪا حڪمت هوندي. ۽ پڇڻ بي خبر هجڻ جو دليل ناهي الله جل شانه کي علم هو ته شيطان سجدو ڇو نه ڪيو ان هوندي به ان کان پڇا ڪيائين. جيڪي گستاخ ٽولا حضور پرنور صلى الله عليه وسلم جن جي ڪنهن ڳالهه پڇڻ کي سندن بي علم هجڻ جو دليل بنائيندا آهن اهي هن پڇا ڪرڻ جي لاءِ ڇا چوندا؟ ٩- "خَلَقْتَنِيْ مِنْ نَّارٍ" (مون کي باهه مان پيدا ڪيئي) شيطان پنهنجي ڀلي هجڻ جي لاءِ هي دليل پيش ڪيو پر اهو دليل به صحيح ناهي. باهه ته صرف ساڙيندي آهي مگر مٽيءَ مان گل ڄمندا آهن ڪائنات جون عجيب ۽ غريب شيون وجود ۾ ايندڀون آهن. ۽ اهو به معلوم ٿيو ته الله جل شانه ۽ ان جي پياري رسول الله صلى الله عليه وسلم جي مقابلي ۾ پنهنجو عقل هلائڻ شيطان جو ڪم ۽ ڪم

پوڻ جو سبب آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ هر مردود جي دليل جو جواب نہ ڏيڻ ان کي تڙي ڪڍي ڇڏڻ سنت الاهي آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪڏهن ڪڏهن مردودن جي دعا بہ مقبول ٿيندي آهي جيئن شيطان جي دعا مقبول ٿي ۽ ان کي قيامت تائين مهلت ملي وئي.

سوال.

جيڪڏهن مردودن جي دعا بہ مقبول ٿئي ٿي تہ پوءِ "وَمَا دُعَاءُ الْكَافِرِينَ إِلَّا فِي ضَلَالٍ" (يعني ڪافرن جي دعا اثرائتي نہ آهي) جو مطلب ڇا آهي؟

جواب.

ان مان مراد آهي تہ انهن جي دعا آخرت ۾ ڪار آمد نہ رهندي دنيا ۾ ڪڏهن ڪڏهن انهن جي دعا بہ ڪم ڪري ٿي. ۽ جڏهن شيطان مردود جي دعا جي ڪري ان جي عمر وڌي تہ الله جل شانه جي پيارن مقبول ٻانهن جي دعا سان بہ عمر وڌندي آهي بلڪ موت کان پوءِ بہ زندگي ملندي آهي. ١٠- "إِلَّا عِبَادَكَ مِنْهُمُ الْمُخْلَصِينَ" (مگر انهن مان تنهنجا مخلص ٻانها). مان معلوم ٿيو تہ شيطان جو مڪر الله جل جلاله جي نبين ۽ ڪيترن صالحن ٻانهن تي نہ هلندو اهو انهن کان ڪفر يا گناهہ جاڪم ڪرائي نہ سگهندو ۽ انبياء عظام عليهم الصلواة والسلام جا نفس اماره نہ هوندا آهن اهي خداوند ڪريم جي خاص رحمت سان نوازيل آهن معصوم آهن جيڪو انهن کي معصوم نہ ٿو مڃي اهو شيطان کان وڌيڪ برو آهي. (١)

قُلْ مَآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُتَكَلِّفِيْنَ (٨٦)

فرماءِ تہ نٿو گهران مان اوهان کان ان تي ڪو اجورو ۽ ناهيان مان بناوٽ وارن مان

ع ٥ ١٤ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ (٨٧) وَلَتَعْلَمُنَّ نَبَاَهٗ بَعْدَ حِيْنٍ ع (٨٨)

ناهي اهو مگر نصيحت جهانن جي لاءِ ۽ البتہ ضرور ڄاڻندؤ ان جي خبر هڪ وقت کان پوءِ.

(١) نورالعرفان ص ٧٣٠

تفسير.

اڳين آيتن ۾ الله جل شانه جي طرفان ارشاد ٿيو تہ مان حق چوان ٿو ۽ هتي ان حق پهچائڻ واري نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جي طرفان ان جي بدلي ۾ ڪجھ نہ گهرڻ جو اعلان ٿي رهيو آهي فرمان مبارڪ آهي "قُلْ مَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُتَكَلِّفِيْنَ" فرماءِ تہ مان اوهان کان ان تي ڪو اجورو نٿو گهران ۽ مان تڪلف ڪندڙن مان ناهيان. يعني اي حبيب پاڪ! صلی الله عليه وسلم اوهان انهن کي فرمايو تہ مان اوهان کان رسالت جي تبليغ تي ڪو اجورو نٿو گهران ۽ نہ ڪو مان بناوٽ ۽ تڪلف ڪري نبوت جو اعلان ڪري رهيو آهيان. "اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ" اهو تہ صرف جهانن جي لاءِ نصيحت آهي. يعني قرآن ڪريم سڀني جي لاءِ نصيحت ۽ ڀلائي آهي "وَلَتَعْلَمُنَّ نَبَاَهٗ بَعْدَ حِيْنٍ" ۽ ڪنهن هڪ وقت کان پوءِ ان جي خبر ضرور ڄاڻندؤ. يعني هڪ وقت کان پوءِ اوهان کي ان (قرآن ڪريم) جي سچ ۽ حق هجڻ جي خبر ضرور پوندي. حضرت حسن بصري عليه الرحمة فرمايو تہ: اي انسان موت وقت توکي يقين ٿيندو تہ قرآن ڪريم سچو ۽ صحيح آهي. (١)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا.

١- "مَآ اَسْـَٔلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ" (مان اوهان کان ان تي ڪو اجورو نٿو گهران) مان معلوم ٿيو تہ الله جل جلاله جي پيارن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام ڪنهن طمع ۽ لالچ ۽ عوض گهرڻ کان سواءِ الله جل شانه جو پيغام پهچايو آهي. ٢- "وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُتَكَلِّفِيْنَ" (۽ مان تڪلف ڪندڙن مان ناهيان) مان معلوم ٿيو تہ حضور پرنور صلی الله عليه وسلم جون سڀئي خوبيون الله جل شانه جون عطا ڪيل آهن پاڻ تڪلف ۽ بناوٽ کان بالڪل پاڪ هئا چنڊ پاڻ ئي حسين آهي ان کي زيور سان حسن حاصل ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي. ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ پاڻ پنهنجي نبوت ، رسالت ، علم ۽ حڪمت جو اظهار تصنع ۽ تڪلف سان نہ ڪيو هيائون الله جا احڪام نيڪ نيڪ پهچايا هيائون. (١)

(١) صفوة التفاسير ص٦٦ جلد ٣

الحمد لله جو مون گنهگار اج بمؤرخہ ١٩ ذوالحج ١٤٢٤ھ بمطابق ١١ فيبروري ٢٠٠٤ع اربعاء جي ڏينهن بوقت سوا ٩ بجي صبح جو پنهنجي گهر ۾ ويٺي سورة"صٓ"جو تفسير لکي پورو ڪيو. بارگاهہ ايزدي ۾ عرض آهي تہ الله جل شانہ باقي رهيل تفسير بہ جلد لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين يا رب العالمين بحرمة النبي الامين عليه وعلیٰ آلہ الصلوة والسلام الیٰ يوم الدين .

الفقير محمد ادريس الداهري

النقشبندي غفر الله لہ ولوالديه



سورة الزمر جو تعارف

هن سورة جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو مبارڪ

هن جو نالو "الزمر" آهي جيڪو هن جي ٻن آيتن ٧١ - ٧٣ ۾ آيل آهي.

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد

هن سورة ۾ اٺ رڪوع ٧٥ آيتون. هڪ هزار هڪ سؤ ٻاهتر (١١٧٢) ڪلما ۽ چار هزار نو سؤ اٺ (٤٩٠٨) حرف آهن. (١)

اڳين ۽ سورة سان تعلق ۽ مناسبت

١- تہ سورة "ص" جي آخر ۾ قرآن ڪريم "اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ" سان وصف ڪيل آهي ۽ هن ۾ "تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ" سان ٢- جيئن سورة "ص" ۾ مخلوق جو مبدا کان معاد تائين بيان ٿيو هو تيئن هن سورة ۾ بيان آيو آهي. (٢)

مڪيه آهي يا مدنيه؟

ابن الضريس، ابن مردويه ۽ الدلائل ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ سورة الزمر مڪه (مڪرمہ) ۾ نازل ٿي هئي (٣) ۽ اهو حسن، عطاء، عڪرمة ۽ جابر بن زيد جو قول اهي. (٤)

نزول جو زمانو

هن سورة جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ ان وقت نازل ٿي هئي جڏهن اسلام ۽ مسلمانن جي خلاف ڪافرن ۽ مشرڪن جو بغض ۽ عناد، ظلم ۽ ستم انتها کي پهچي چڪو هو. مڪه مڪرمه جي فضا ۾ انهن جي لاءِ سک جو ساهہ کڻڻ مشڪل ٿي چڪو هو ۽ هتي رهي پنهنجي دين جي ارشادات مطابق الله جل شانه جي عبادت بہ نہ ٿي ڪري سگهيا. الله جل جلاله انهن کي فرمايو تہ جيڪڏهن اوهان هتي رهي پنهنجي بندگيءَ جا فرائض سرانجام ڏئي نہ ٿا سگهو تہ الله جل جلاله جي زمين ڪشادي آهي ڪٿي ٻئي جاءِ تي هليا وڃو جتي اوهان جو ايمان بہ محفوظ

(١) خازن صـ٤٨ جلد٤ (٢) المراغي صـ١٤١ جزء ٢٣ جلد٨ (٣) الدرالمنثور صـ٢١٠ جلد٧ (٤) الفتوحات الالٰهية صـ٥٨٨ جلد٣

رهي ۽ اوهان کي عبادت ڪرڻ جي به آزادي هجي مفسرن سڳورن آيت نمبر ١٠ "وَاَرْضُ اللهِ وَاسِعَةٌ" جي تفسير ۾ لکيو آهي ته هي آيتون ان وقت نازل ٿيون جڏهن حضرت جعفر بن ابي طالب پنهنجن ساٿين سان گڏ مڪه مڪرمه کان هجرت ڪري حبش ڏانهن روانو ٿيو. اهڙي طرح سورة جي ٻين آيتن جي متعلق روايتن مان بآساني اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هيءَ سورة ان وقت نازل ٿي هئي جڏهن مسلمانن کي حبش ڏانهن هجرت جو اذن ملي چڪو هو.

مضمون

شروعات ۾ مڪه مڪرمه جي رهاڪو مشرڪن جي شرڪ جي حقيقت بيان ٿي آهي ته اهي پنهنجن بتن کي الله سمجهندا هئا ۽ انهن جي عبادت ڪندا هئا ۽ اهي ان باطل گمان ۾ مبتلا هئا ته انهن بتن جي عبادت سندن لاءِ الاهي قرب جو باعث ۽ ذريعو آهي انهن جي ان باطل خيال کي ختم ڪرڻ جي لاءِ سورة جو آغاز ان حقيقت سان ڪيو ويو ته جيڪڏهن الله جي عبادت ڪرڻي آهي ته صرف ان جي عبادت ڪيو ان سان گڏ جيڪڏهن ڪنهن ٻئي جي عبادت ڪندؤ ته اها عبادت مردود ۽ نامنظور هوندي عبادت جي لائق صرف الله تعاليٰ جي ذات آهي ۽ ٻي هر شئي مخلوق، حادث ۽ پنهنجي وجود ۽ بقا ۾ الله تعاليٰ جي لطف ۽ ڪرم جي محتاج آهي ٻي شيءِ ان جي لائق ڪٿي آهي جو ان کي معبود بنايو وڃي هن سورة ۾ توحيد جي عقيدي کي ثابت ڪرڻ جي لاءِ تڪويني آيتون بيان ڪيل آهن ته آسمانن ۽ زمين کي ان حسن، خوبي ۽ عقلن کي حيرت ۾ وجهندڙ نظم ۽ ضبط سان پيدا ڪرڻ وارو صرف هڪ الله تعاليٰ آهي رات ۽ ڏينهن جي گردش ۾ تسلسل قائم رکندڙ به اهو آهي سج ۽ چنڊ ان جي حڪم جا پائبند آهن ۽ پنهنجي مقرر ڪيل رستي تي هلي رهيا آهن ان ئي اوهان کي اوهان جي مائرن جي پيٽن وارن انڌيرن ۾ سهڻي نموني خلقيو آهي هن سورة جي مضمونن ۾ زياده غور طلب هي مضمون آهي ته انسان ٻ. قسم آهن ١- هڪڙا پاڻ کي وساريندڙ آهن جن کي جڏهن مصيبتون ۽ ايذاءَ پنهنجي لپيٽ ۾ آڻين ٿا ته دانهون ڪرڻ لڳندا آهن الله جل شانه جي دربار ۾ رڙيون ڪري پڪا وعدا ڪندا آهن ته جيڪڏهن هن مصيبت کان بچي ويا ته باقي سموري حياتي

تنهنجي بندگيءَ ۽ تنهنجي فرمانبرداريءَ ۾ گذاريندا سين پر جڏهن خداوند ڪريم جي رحمت سندن ساٿ ڏيندي آهي تہ انهن کي ياد ئي نہ رهندو آهي تہ مٿن اهو ڪرم ڪنهن ڪيو ٢- ٻيا اهي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجيءَ زندگيءَ جي هر گهڙي پنهنجي پاڪ پروردگار جي ذڪر ۽ عبادت ۾ گذاريندا آهن انهن جون راتيون رب پاڪ جي عبادت ۾ ان طرح گذرن ٿيون تہ ڪڏهن هٿ ٻڌيو بيٺا آهن تہ ڪڏهن سجدي ۾ ڪريل آهن ان جي باوجود پنهنجي رب جي بي نياز هجڻ کان ڊڄندا رهن ٿا پنهنجيءَ ڪنهن بہ عبادت ۽ نيڪيءَ تي انهن کي ناز ناهي انهن کي جيڪڏهن آسرو آهي تہ ان جي رحمت ۾ ۽ جيڪڏهن سهارو اٿن تہ ان جي فضل ۽ ڪرم جو ڪافر پنهنجي دل ۾ سوچيندا هئا تہ اسين اسلام جي پيغمبر عليه الصلواة والسلام ۽ ان جي پوئلڳن کي ڪنهن نہ ڪنهن وقت پنهنجي خيال تي آڻي وجهنداسين انهن جي ان خام خيال کي دور ڪرڻ جي لاءِ الله تعالىٰ پنهنجي محبوب ڪريم عليه الصلواة والسلام کي حڪم ڏنو تہ اوهان ڪافرن کي فرمايو "اَفَغَيْرَ اللهِ تَاْمُرُوْنِّيْٓ اَعْبُدُ اَيُّهَا الْجٰهِلُوْنَ." (ڇا پوءِ الله جي غير لاءِ مون کي چئو ٿا تہ اي جاهلو! مان انهن جي عبادت ڪيان) ڇا هن آيت ڪريمه جو جلال آهي ۽ ڇا ان جي ٻٽن ڪلمن ۾ رعب سمايل آهي اهڙي معاشري جي اصلاح جي ڪوشش ٿي رهي آهي جيڪو شرڪ. ڪفر، فسق، فجور، ستم، ظلم، رهزنيءَ ۽ قتل وغيره هر قسم جي خرابين ۾ مبتلا هو. اهو پنهنجي عملنامي جي ڪارڻ ڏسي پنهنجي اصلاح ۽ نجات کان بلڪل مايوس ٿي چڪو هو ۽ ان مايوسيءَ ئي انهن کي وڌيڪ گناهن سان ڀرپور زندگي گذارڻ جو متوالو بنايو هو. آيت نمبر ٥٣ ۾ "لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللهِ" واري حياتي بخشيندڙ بشارت ٻڌايل آهي ۽ ٻانهن کي سمجهايو ويو آهي تہ اوهان پنهنجن نفسن تي ظلم جي حد ڪري ڇڏي آهي پر هاڻي بہ ان جي رحمت واري دروازي تي اچي ان کي کڙڪائيندؤ تہ اهو اوهان کي مايوس ڪري نہ موٽائيندو اوهان جا ڪيل گناهہ بخشيندو ۽ اوهان کي نئين سر پاڪيزه زندگي شروع ڪرڻ جو هڪ ڀيرو وري موقعو ڏيندو.

پڙهڻ جون برڪتون

ترمذي ام المومنين سيده عائشه رضي الله عنها کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جيستائين سورة الزمر ۽ سورة بني اسرائيل نہ پڙهندا هئا تہ ننڊ نہ ڪندا هئا وهب بن منبه فرمايو تہ "جيڪو گهري تہ مخلوق ۾ الله جي قضا سڃاڻي اهو سورة الغرف (الزمر) تلاوت ڪري. (١)

وَهِيَ خَمْسٌ وَّسَبْعُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الزُّمَرِ مَكِّيَّةٌ	وَثَمَانِ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها ٧٥ آيتون	سوره الزمر مکيه آهي	۽ اٺ رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪريان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي

تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ (١) اِنَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ

ڪتاب لاهڻ الله، عزت ۽ حڪمت واري جي طرفان آهي بلاشڪ اسان لاٿو توڏانهن

الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ فَاعْبُدِ اللّٰهَ مُخْلِصًا لَّهُ الدِّيْنَ (٢) اَلَا لِلّٰهِ

ڪتاب حق سان پوءِ عبادت ڪر الله جي خالص ڪندڙ ان جي لاءِ دين خبردار الله جي لاءِ آهي

الدِّيْنُ الْخَالِصُ وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ مَا نَعْبُدُهُمْ

وقف لازم

دين خالص ۽ جن ٺاهيا ان کان سواءِ والي (چون ٿا تہ) نہ ٿا عبادت ڪيون انهن جي

اِلَّا لِيُقَرِّبُوْنَآ اِلَى اللّٰهِ زُلْفٰىؕ اِنَّ اللّٰهَ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ

مگر تانتہ ويجهو ڪن اسان کي الله ڏانهن قرب ۾ بلاشڪ الله فيصلو ڪندو انهن ۾

(١) الفتوحات الالٰهية صہ ٥٨٨ جلد ٣

فِيْمَا هُمْ فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ۗ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ هُوَ كٰذِبٌ

ان متعلق جو اهي ان ۾ اختلاف ڪن ٿا بيشڪ الله نہ ٿو هدايت ڪري ان ڪي جيڪو ڪوڙو.

كَفَّارٌ (٣) لَوْ اَرَادَ اللّٰهُ اَنْ يَّتَّخِذَ وَلَدًا لَّاصْطَفٰى

بي شڪر آهي جيڪڏهن ارادو ڪري ها الله هي جو وٺي اولاد تہ چونڊي ها

مِمَّا يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ ۙ سُبْحٰنَهٗ ؕ هُوَ اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ (٤)

ان مان جو پيدا ڪري ٿو ان ڪي جو گهري ها ان جي پاڪائي آهي اهو ئي الله هڪ غالب آهي.

تفسير:

جنهن ڪتاب قرآن ڪريم جو نصيحت هجڻ اڳين سورة جي پڇاڙيءَ ۾ بيان ٿيو هتي ان جي نازل ڪرڻ جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ" هي الله، غالب، حڪمت واري وٽان نازل ڪيل ڪتاب آهي ڪافر ان غلط فهميءَ ۾ مبتلا هئا تہ هي ڪتاب فصيح، بليغ هوندي الله جو ڪلام ناهي بلڪ حضور عليه الصلواة والسلام پاڻ ناهي الله ڏانهن منسوب ڪيو آهي ۽ اهي اهو خيال بہ مضبوط رکيو ويٺا هئا تہ سندن موجودگيءَ ۾ اسلام جي وڌڻ جو ڪو امڪان ناهي ۽ نہ هن دين ۾ اهڙي صلاحيت آهي جو زماني جي گردش ۽ هر خطي ۾ ان جي بدلجندڙ تقاضائن جي تڪميل ڪري سگهي هن آيت ۾ انهن جي سوچن ڪي باطل قرار ڏيندي پهريان ٻڌايو ويو تہ هي ڪتاب ڪنهن انسان جو ٺاهيل ناهي بلڪ الله جو نازل ڪيل آهي ۽ جنهن الله هن ڪي نازل فرمايو آهي اهو سيني تي عزيز، غالب آهي جنهن جي نازل ڪيل احڪام ڪي روڪڻ جي ڪنهن ڪي بہ طاقت ناهي، اهو حڪيم، زبردست داناءُ آهي زماني جون نئيون توڙي وڏيون تقاضائون ان جي علم ۾ آهن زمانو ڪيتري بہ ترقي ڪري، ان جون تمدني، معاشرتي ۽ معاشي تقاضائون ڪيترا بہ پاسا بدلائينديون رهن قرآن ڪريم جي

روشني قيامت تائين زندگيءَ جي هر افق کي روشن ڪندي رهندي "اِنَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ بِالْحَقِّ" اسان توڏانهن ڪتاب حق سان لاٿو آهي. يعني اي محترم رسول! اسان اوهان ڏانهن اهو قرآن لاٿو آهي جيڪو حق ۽ عدل جو امر ڪندڙ آهي جن جي اتباع ۽ انهن تي عمل ڪرڻ واجب آهي "فَاعْبُدِ اللّٰهَ مُخْلِصًا لَّهُ الدِّيْنَ" پوءِ الله جي لاءِ دين کي خالص بنائيندي ان جي عبادت ڪر يعني الله جل جلاله جي عبادت رياءِ جي شائبي کان بچائيندي خلوص سان ڪريو "اَلَا لِلّٰهِ الدِّيْنُ الْخَالِصُ" خبردار الله جي لاءِ خالص دين آهي يعني عبادت. طاعت هڪ الله جل شانه جي آهي ان ۾ ان جو ڪوبہ شريڪ ناهي ڇو تہ ٻيا سڀ ان جي ملڪيت آهن اهو مالڪ آهي مالڪ جي هوندي مملوڪ جي عبادت ڪرڻ نهايت بي عقلي آهي حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آهي تہ هڪ مرد عرض ڪيو تہ يا رسول الله! مان ڪا شئي صدقو ڪندو آهيان يا ڪجهہ ڪندو آهيان ان مان منهنجو ارادو الله جي رضا ۽ ماڻهن جي طرفان منهنجي ثنا ڪرڻ آهي. پاڻ فرمايائون تہ "وَالَّذِيْ نَفْسُ مُحَمَّدٍ بِيَدِهٖ لَا يَقْبَلُ اللّٰهُ شَيْـًٔا شُوْرِكَ فِيْهِ" ان پاڪ ذات جو قسم آهي جنهن جي هٿ ۾ (حضرت) محمد صلي الله عليه وسلم جو ساهہ آهي تہ الله اها شئي قبول نہ ٿو ڪري جنهن ۾ ڪنهن کي شريڪ بنايو ويو" ان کان پوءِ پاڻ قرآن پاڪ جا مذڪوره الفاظ تلاوت ڪيائون.(١)" وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ مَا نَعْبُدُهُمْ اِلَّا لِيُقَرِّبُوْنَآ اِلَى اللّٰهِ زُلْفٰى" ۽ جن ان کان سواءِ والي بنايا (چون ٿا تہ) اسين انهن جي عبادت نہ ٿا ڪيون مگر تانت اسان کي الله ڏانهن قرب ۾ ويجهو ڪن يعني ڪافر چوندا هئا تہ اسين بتن جي عبادت ان جي ڪري ٿا ڪيون تہ اهي اسان جا سفارشي بنجي اسان کي الله جو مقرب بنائيندا اسلام جو بنيادي عقيدو هي آهي تہ عبادت جو لائق صرف ٿي صرف هڪ الله آهي ان کان سواءِ ڪوبہ عبادت جو مستحق ناهي پر گستاخ ٽولا اولياءِ ڪرام جي خدمت ۾ دعا جي لاءِ حاضر ٿيڻ کي بہ انهن ڪافرن جي ٽولي ۾ شامل ڪري سچن سني مسلمانن تي شرڪ جو الزام هڻندا آهن. دعا طلبيءَ لاءِ وڃڻ عبادت ناهي جيڪڏهن ان کي عبادت چوندا تہ پوءِ اصحابن سڀني رضي الله عنهم جي لاءِ ڪهڙي فتوىٰ ڏيندا؟ جيڪي حضور پر نور عليه وعلي آله الصلواة والسلام

(١) المراغي صہ ١٤٢ جزءِ٢٣ جلد ٨

جي خدمت ۾ ڪڏهن مينهن وسڻ لاءِ، ڪڏهن مينهن روڪڻ لاءِ ڪڏهن بيمار جي شفايابي لاءِ ته ڪڏهن ٻين مقصدن جي حاصل ڪرڻ لاءِ دعائون گهرائيندا هئا ۽ حضرت نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن دعا جا هٿ مبارڪ کڻندا هئا ته سندن مشڪل آسان ٿي ويندا هئا. هر مسلمان تي لازم آهي ته اهو ان ڳالهه تي پڪو يقين رکي ته الله جل شانه کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي به عبادت ڪرڻ ڪفر، شرڪ ۽ گمراهي آهي ۽ اهي بي رحم مفتي به الله جو خوف رکن ۽ توحيدي شمع جي پروانن تي شرڪ جي ڪوڙي تهمت لڳائڻ کان پري رهن ۽ ڪو فائدي ڏيڻ وارو شغل اختيار ڪن جنهن سان سندن فائدو ٿئي ۽ سندن قوم جو ڀلو ٿئي "إِنَّ اللَّهَ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ فِيمَا هُمْ فِيهِ يَخْتَلِفُونَ" الله انهن ۾ ان ڳالهه جو فيصلو ڪرڻ فرمائيندو جنهن ۾ اختلاف ڪن ٿا يعني مشرڪن جو پنهنجي معبودن جي باري ۾ جيڪو اختلاف آهي ڪو سج ڪي، ڪو چنڊ ڪي، ڪو گنگا جمنا ڪي، ڪو هماليه جبل جي بلند چوٽين کي پنهنجو معبود بنايو ويٺو آهي انهن جو فيصلو الله جل شانه ئي ڪندو ۽ ان وقت کين سندن گمراهيءَ جي حقيقت معلوم ٿيندي.

شان نزول

مذڪوره آيت جي متعلق جويبر حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت آندي آهي ان فرمايو ته اها ٽن قبيلن جي متعلق نازل ٿي آهي ١- عامر ٢- ڪنانه ٣- بني سلمه اهي بتن جي عبادت ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته ملائڪ الله جون ڌيئرون آهن اسين انهن بتن جي عبادت ان جي لاءِ ٿا ڪيون جو اهي اسان کي الله جي قرب ۾ آڻيندا ۽ بغوي جو قول آهي ته انهن ڪافرن کي جڏهن چيو ويندو هو ته اوهان جو رب ڪير آهي، اوهان کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي. آسمان ۽ زمينون ڪنهن پيدا ڪيون آهن؟؟ ته جواب ۾ چوندا هئا ته (سڀ ڪجهه) الله آهي (ان سڀ شئي پيدا ڪئي آهي) وري انهن کي چيو ويندو هو ته پوءِ اوهان جي بت پرستيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ ته جواب ڏيندا هئا ته اهي اسان کي الله ڏانهن ويجهو ڪندا (١) "إِنَّ اللَّهَ لَا يَهْدِي مَنْ هُوَ كَاذِبٌ كَفَّارٌ" الله ان کي هدايت نه ٿو ڪري جيڪو گهڻا ڪوڙ هڻندڙ، گهڻو بي شڪر آهي. يعني جيڪي شخص غرور ۽ نخوت جي ڪري انبياءَ ڪرام

(١) المظهري ص١٩٦ جلد ٨

عليهم الصلوٰاة والسلام کي ڪوڙو چون ٿا ۽ ان جي حق ڏانهن دعوت کي رد ڪن ٿا الله جي ان عظمیٰ نعمت جي بي شڪري ڪن ٿا الله جل مجده انهن کي هدايت نصيب نہ ٿو ڪري "لَوۡ اَرَادَ اللّٰهُ اَنۡ يَّتَّخِذَ وَلَدًا لَّاصۡطَفٰى مِمَّا يَخۡلُقُ مَا يَشَآءُ ۙ سُبۡحٰنَهٗ" جيڪڏهن الله اولاد رکڻ جو ارادو فرمائي ها تہ جيڪي پيدا ڪري ٿو ان مان جيڪي گهري ها پسند ڪري ها. ان جي لاءِ پاڪائي آهي ڪي ڪي مشرڪ الله جل شانه جي لاءِ اولاد جا قائل هئا انهن جي ان باطل نظريه جي ترديد ڪئي پئي وڃي تہ اولاد جو هجڻ اوهان جي لاءِ تقويت، عزت ۽ وقار جو باعث آهي ڇو تہ اوهان ڪمزور، ضعيف، دشمن سان اڪيلو مقابلو ڪرڻ ڪان عاجز آهيو اوهان جو اولاد اوهان جي طاقت آهي ۽ اوهان فنا ٿيڻ وارا آهيو اوهان جي مرڻ ڪان پوءِ اوهان جو نالو اوهان جي اولاد جي ذريعي ئي زنده رهندو پر الله انهن سڀني محتاجين ڪان پاڪ آهي اهو اولاد ڇو رکي؟ "هُوَ اللّٰهُ الۡوَاحِدُ الۡقَهَّارُ" اهو ئي الله، هڪ، (سڀني ڪان) زبردست آهي يعني ان کي انهن صفتن هوندي اولاد جي ڪا ضرورت ناهي اهو "حَيٌّ لَّا يَمُوۡتُ" آهي ان جي لاءِ اولاد جو تصور ئي بي ادبي ۽ گستاخي آهي.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا ١۔ "اَلۡعَزِيۡزُ الۡحَكِيۡمُ" (غالب حڪمت واري جي طرفان) العزيز لفظ جي تقاضا هيءَ هئي تہ ان ڪتاب جي انڪار ڪندڙن ۽ ڪوڙو چوندڙن کي هڪدم سزا ملي ها پر "اَلۡحَكِيۡمُ" اسم جي تقاضا ان کي طويل مهلت ڏيڻ ممڪن ڪري ڇڏي ٢۔ "اِنَّآ اَنۡزَلۡنَآ اِلَيۡكَ الۡكِتٰبَ" (اسان توڏانهن ڪتاب نازل فرمايو) انزلنا انزال ڪان ورتل آهي ان جي مراد آهي هڪ ئي ڀيري نازل ڪرڻ ۽ شروع ۾ تنزيل آيو آهي ان جي معنیٰ آهي ٿورو ٿورو ڪري لاهڻ ٻنهي مرادن کي ڪيئن ملائي ۽ تطبيق ڏجي؟ علامه رازي جواب ڏيندي فرمايو تہ "جتي انزال جو صيغو آهي اتي مراد آهي تہ اسان قرآن ڪريم جي نزول جو حڪم ڪلي صورت ۾ ڏئي ڇڏيو آهي ۽ جتي تنزيل لفظ آهي اتي مراد آهي تہ واقعتاً ۽ عملا قرآن ڪريم جو نزول ٿورو ٿورو ٿيو آهي ٣۔ "اَلَا لِلّٰهِ الدِّيۡنُ الۡخَالِصُ" (خبردار الله جي لاءِ ئي خالص دين آهي) قرآن ڪريم جي آيتن مان واضح آهي تہ الله جل مجده وٽ عملن

جو حساب ڳڻڻ سان ناهي تور سان آهي "وَنَضَعُ الْمَوَازِيْنَ الْقِسْطَ لِيَوْمِ الْقِيَامَةِ" (۽ اسين قيامت جي ڏينهن عدل وارا ميزان رکندا سون) ۽ مذڪوره آيت مان معلوم ٿيو ته الله عز برهانه وٽ اعمال جو قدر ۽ وزن اخلاص جي مطابق هوندو ۽ اهو به ظاهر آهي ته اخلاص جو مدار ايمان تي آهي ايمان جي ڪمال کان سواءِ اخلاص جو ڪمال نه ملندو ۽ ايمان جو ڪمال مصطفىٰ ڪريم عليه الصلواة والسلام جي عشق، ادب، تعظيم ۽ احترام کان سواءِ ڪڏهن به حاصل نه ٿيندو ۴- "وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا -کان- زُلْفٰى" تائين قرآن ڪريم جي الفاظ جي معنىٰ ۽ تفسير تي توجه ڏيڻ سان واضح ٿئي ٿو ته ان زماني جا مشرڪ به الله جل شانه جا ائين انڪاري نه هئا جيئن هن هلندڙ دور جا دهريا ۽ ڪميونسٽ الله عز برهانه جا صفا انڪاري آهن ۵- مذڪوره الفاظ تي غور ڪرڻ سان اهو به معلوم ٿيو ته الله جل مجده جي پيارن نبين عليهم الصلواة والسلام جي مسلسل تعليم ۽ دعوت جو اثر دنيا تي اهو ٿيو جو هاڻي ڪو وڏي کان وڏو مشرڪ فرقو به ڪليل طرح ٻن يا ٻن کان گهڻن الاهن جو قائل نه رهيو آهي بلڪ هر هڪ پاڻ ڪي مشرڪ سڏائيندي شرمائجي ٿو ۽ پنهنجي شرڪ جو مختلف نمونن سان تاويل ڪري ٿو ۽ مشرڪ به چون پيا ته الله ته سڀني جو هڪ آهي پر اسين انهن ٻين جي عبادت ان جي ڪري ڪيون ٿا ته اهي اسان کي الله ڏانهن ويجهو ۽ مقرب بنائيندا.

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ۚ يُكَوِّرُ الَّيْلَ عَلَى النَّهَارِ وَيُكَوِّرُ

پيدا ڪيائين آسمان ۽ زمين حق سان ويڙهي ٿو رات کي ڏينهن تي ۽ ويڙهي ٿو

النَّهَارَ عَلَى الَّيْلِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ۗ كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ

ڏينهن کي رات تي ۽ مسخر ڪيائين سج ۽ چنڊ سڀ هلن پيا مقرر ڪيل مدي تائ

مُّسَمًّى ۗ اَلَا هُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفَّارُ (۵) خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ

خبردار اهوئي غالب، بخشڻهار آهي پيدا ڪيائين اوهان کي هڪ موجود مان

ثُمَّ جَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَاَنْزَلَ لَكُمْ مِّنَ الْاَنْعَامِ

ان کان پوءِ پيدا ڪيائين ان مان جوڙ ان جو ۽ پيدا ڪيائين اوهان جي لاءِ جانورن مان

ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ ط يَخْلُقُكُمْ فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ خَلْقًا

اٺ جوڙا پيدا ڪري ٿو اوهان کي اوهان جي مائرن جي پيٽن ۾ هڪڙي خلقت

مِّنْ م بَعْدِ خَلْقٍ فِيْ ظُلُمٰتٍ ثَلٰثٍ ط ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَهُ الْمُلْكُ ط

ٻي خلقت کان بعد ٽن انڌيرن ۾ اهو الله اوهان جو رب آهي ان جي ئي بادشاهي آهي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ج فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ (٦)

ناهي ڪو عبادت جو لائق مگر اهو پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا وڃو ٿا؟

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله سبحانه ٻڌايو ته اهو اولاد کان منزه ۽ پاڪ آهي ۽ سموري مخلوقات ان جي قبضي ۽ سلطنت ۾ آهي ۽ هتي اهو بيان ڪيو ويو آهي جيڪو سندس قدرت جي ڪمال تي دلالت ڪري رهيو آهي فرمان مبارڪ آهي ”خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ج“ آسمان ۽ زمين حق سان پيدا فرمايائين يعني هي علوي ۽ سفلي جهان سڀ ان پيدا ڪيا آهن ”يُكَوِّرُ الَّيْلَ عَلَى النَّهَارِ وَيُكَوِّرُ النَّهَارَ عَلَى الَّيْلِ“ رات کي ڏينهن تي ويڙهي ٿو ۽ ڏينهن کي رات تي ويڙهي ٿو سج لهڻ وقت اوير طرف نهاريو معلوم ٿيندو ته آسمان جي پاسي کان اونده جي هڪ چادر ويڙهجندي ٿي اچي ۽ ڏينهن واريءَ روشنيءَ کي اولهه واري طرف ويڙهيندي پئي وڃي. اهڙي طرح صبح صادق جي وقت نظر ايندو آهي ته ڏينهن جي روشني رات جي اونده کي اوير طرف کان ڌڪيندي پئي اچي مطلب ته ڏينهن ۽ رات هڪ ٻئي کي ڌڪيندا اچن ٿا ”وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ط كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ط“ ۽ سج ۽ چنڊ

مسخر ڪيائين سڀئي مقرر مدت تائين هلن پيا. يعني الله جل شانه انهن جي لاءِ جيڪو مدو مقرر فرمايو آهي ان تائين هلندا ۽ اهو مدو قيامت جي اچڻ سان پورو ٿي ويندو (١) "اَلَا هُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفَّارُ" خبردار اهو ئي غالب، بخشڻهار آهي يعني پنهنجي عزت، عظمت ۽ ڪبرياءَ جي هوندي اهڙو بخشڻهار آهي جو جيڪو بي فرمان توبه ڪري ان ڏانهن موٽي ٿو ته ان کي بخشي ڇڏي ٿو "خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ ثُمَّ جَعَلَ مِنْهَا زَوْجَهَا" اوهان کي هڪ وجود مان پيدا فرمايائين ان کان پوءِ ان مان ان جو جوڙ ڪيائين "ثم" جو لفظ ٻنهي ۾ تفاوت ٻڌائڻ جي لاءِ آيو آهي مطلب ته اول اوهان سڀني کي حضرت آدم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام جي پٺيءَ مان ميثاق وٺڻ وقت ٻاهر ڪڍيائين ان کان پوءِ ان مان ئي سندس اهليه بيبي حوا رضي الله عنها کي پيدا فرمايائين (٢) "وَاَنْزَلَ لَكُمْ مِّنَ الْاَنْعَامِ ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ" ۽ اوهان جي لاءِ جانورن مان اٺ جوڙا پيدا فرمايائين. يعني اوهان جي فائدي وٺڻ جي لاءِ اٺ جانور، نر ۽ مادي پيدا ڪيائين ١ـ اٺ ٢ـ ڳئون ٣ـ رڍ ۴ـ ٻڪري هر هڪ نر ۽ مادي جوڙ ڪر ته اٺ ٿي ويا "**سوال**" هتي "انزل" لفظ مان مراد ڇا آهي؟ حالانڪ ان جي اصل معنيٰ ته لاٿائين آهي ڪٿان اهي اٺ جانور لاٿائين؟ "**جواب**" مفسر پاڻي پتي لکيو آهي ته: انزل جي معنيٰ "قضٰى وقسم لكم" اوهان جي لاءِ مقدر ۾ رکيائين ۽ تقسيم ڪيائين ان جي قضا ۽ تقسيم کي نزول سان وصف ڪيو ويندو آهي جو ته اهو اصل لوح محفوظ ۾ لکيل هوندو آهي اتاهين لاٿو ويندو آهي (٣) "يَخْلُقُكُمْ فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ خَلْقًا مِّنْۢ بَعْدِ خَلْقٍ فِيْ ظُلُمٰتٍ ثَلٰثٍ" اوهان کي اوهان جي مائرن جي پيٽن ۾ پيدا ٿو ڪري خلقت کان بعد خلقت ٽن اونداهين ۾ مطلب ته اوهان جي پيدائش بدرجي ٿيندي رهي ٿي پهريان منيءَ جو قڙو آهي پوءِ رت جو ڏڳ پوءِ گوشت جو ٽڪرو، پوءِ ان ۾ هڏيون ٿيون ٿهن ان کان بعد ان تي کل ٿي چڙهي ۽ ٽن اونداهين مان مراد هڪ پيٽ ٻي ڳيرڻ ٽيون اهو سنهو پردو آهي جنهن ۾ ٻار ويڙهيل هوندو آهي ۽ اهو ٻار سان گڏ ٻاهر نڪرندو آهي. انهن سڀني مرحلن مان ٻاهر آڻڻ الله جل شانه جي قدرت جو ڪمال آهي "ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَهُ الْمُلْكُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ" اهو الله اوهان جو رب آهي ان جي بادشاهي آهي ان کان سواءِ

(١) تفسير ابن ڪثير ص ٤٦ جلد ۴ (٢) المظهري ص ١٩٧ جلد ٨ (٣) ساڳيو حوالو

ڪوبہ معبود ناهي پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا وڃو ٿا؟ يعني جڏهن اوهان جو خالق بہ اهو بادشاهي بہ ان جي آهي تہ پوءِ ان کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي عبادت ڪيئن ٿا ڪيو ۽ ڪيڏانهن ٿا ڦيرايا وڃو الله جل مجده جي انهن صفتن کي مڃڻ کان پوءِ بہ ٻئي جي عبادت ڇو ٿا ڪيو.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا ١۔ "خَلَقَ السَّمٰوٰتِ" کان وٺي "كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى" تائين الله عز برهانه جي توحيد، قدرت ۽ حڪمت جا تڪويني دلائل بيان ڪيل آهن "هر هڪ مقرر مدي تائين هلي ٿو" مان معلوم ٿيو تہ سج ۽ چنڊ ٻئي متحرڪ. هلندڙ آهن فلڪيات ۽ طبقات الارض جي مادي تحقيقات قرآن پاڪ يا ٻئي ڪنهن آسماني ڪتاب جي بحث جو موضوع نہ رهيو آهي ان معاملي ۾ جيڪا بہ ڳالهہ آئي آهي اها ضمنًا آيل آهي ان تي يقين رکڻ فرض آهي فلسفين جي قديم ۽ جديد تحقيق روز متجندي رهي ٿي پر قرآني حقائق تبديل ٿيڻ وارا ناهن مذڪوره آيت جيڪو ٻڌايو تہ سج ۽ چنڊ ٻئي متحرڪ آهن ان تي يقين رکڻ ضروري فرض آهي رهيو اهو معاملو تہ اسان جي اکيان سج جو ايرڻ ۽ لهڻ زمين جي هلڻ سان آهي يا خود انهن سيارن جي هلڻ سان قرآن پاڪ نہ ان کي ثابت ڪري ٿو ۽ نہ ان جي نفي ڪري ٿو تجربي سان جو ڪجهہ معلوم ٿيو ان جي مڃڻ ۾ ڪو حرج ناهي ٢۔ اَنْزَلَ لَكُمْ مِّنَ الْاَنْعَامِ ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ (اوهان جي لاءِ جانورن مان اٺ جوڙا لاٿائين) ۾ انزال (لاهڻ) جي ذڪر ڪرڻ سان ان طرف اشارو آهي تہ انهن جي پيدا ڪرڻ ۾ وڏو دخل ان پاڻيءَ جو آهي جيڪو آسمان کان نازل ٿيندو آهي ان جي ڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ اهي اٺ جوڙا بہ گويا آسمان کان لٿا آهن قرآن ڪريم انساني لباس جي لاءِ بہ اهي الفاظ استعمال فرمايا آهن "وَاَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا" (۽ اسان اوهان تي لباس لاٿو) ۽ بعض معدني شين مثلاً لوهہ جي لاءِ بہ هي لفظ آيو آهي "وَاَنْزَلْنَا الْحَدِيْدَ" (۽ اسان لوهہ لاٿو) انهن سڀن شين جو حاصل پنهنجي قدرت سان انهن کي پيدا ڪري انسان کي عطا ڪرڻ آهي ٣۔ "خَلْقًا مِّنْۢ بَعْدِ خَلْقٍ فِيْ ظُلُمٰتٍ ثَلٰثٍ" (خلقت کان بعد خلقت ٽن انڌيرن ۾) هن ۾ خداوندي قدرت جي

انهن رمزن ۽ اسرارن جي ڪجهہ نشاندهي ڪيل آهي جيڪي انسان جي خلقت ۾ ڪارفرما رهن ٿيون ١۔ تہ الله جي قدرت ۾ هي بہ هو جو ٻار کي ماءُ جي پيٽ ۾ هڪ ئي وقت مڪمل پيدا ڪري ڇڏي ها مگر بتقاضاءَ حڪمت ۽ مصلحت ائين ناهي بلڪ درجي بدرجي پيدا ڪرڻ فرمايائين تانتہ حامل ٿيندڙ عورت آهستي آهستي ان جو بار برداشت ڪرڻ جي عادي ٿيندي وڃي ٢۔ تہ هن تمام گهڻي حسين مخلوق کي جنهن ۾ سوين نازڪ مشينون ۽ وارن جي برابر رڳون رت ۽ روح پهچائڻ جي لاءِ لڳايون ويون آهن عام صنعت ڪارن وانگر ڪنهن ڪليءَ جاءِ تي روشنائين جي مدد سان نہ بلڪ ٽن اونداهين ۾ اهڙي جاءِ تي پيدا ڪيو ويو آهي جتي ڪنهن جي نظر تہ ڇا فڪر جي پهچ بہ ناهي. (١)

اِنْ تَكْفُرُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنْكُمْ ۣ وَلَا يَرْضٰى لِعِبَادِهِ الْكُفْرَ ۚ

جيڪڏهن ڪفر ڪندؤ پوءِ بلاشڪ الله غني آهي اوهان کان ۽ نہ ٿو پسند ڪري پنهنجن ٻانهن لاءِ ڪفر

وَاِنْ تَشْكُرُوْا يَرْضَهُ لَكُمْ ۭ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ۭ

۽ جيڪڏهن شڪر ڪندؤ تہ راضي ٿيندو ان کان اوهان جي لاءِ ۽ نہ بار کڻدو ڪو بار کڻندڙ ٻار ٻئي جو

ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۭ

تنهن کان پوءِ اوهان جي رب ڏانهن اوهان جو موٽڻ آهي پوءِ خبر ڏيندو اوهان کي ان جي جيڪي ڪندا هيئو

اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ (٧) وَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ ضُرٌّ دَعَا

بلاشڪ اهو ڄاڻندڙ آهي سيني واريون ڳالهيون ۽ جڏهن پهتي انسان کي ڪا تڪليف تہ سڏي ٿو

رَبَّهٗ مُنِيْبًا اِلَيْهِ ثُمَّ اِذَا خَوَّلَهٗ نِعْمَةً مِّنْهُ نَسِيَ مَا

پنهنجي رب کي ورندڙ ٿي ان ڏانهن تنهن کان پوءِ جڏهن بخشيائين ان کي نعمت پاڻ وٽان تہ وساريائين اهو

(١) معارف القرآن صہ٥٣٨ جلد ٧

كَانَ يَدْعُوْٓا اِلَيْهِ مِنْ قَبْلُ وَجَعَلَ لِلّٰهِ اَنْدَادًا لِّيُضِلَّ عَنْ

جو سڏيو هيائين ان ڏانهن اڳ ۾ ۽ ڪيائين الله جي لاءِ شريڪ تانت گمراهه ڪري

سَبِيْلِهٖ ۭ قُلْ تَمَتَّعْ بِكُفْرِكَ قَلِيْلًا ڰ اِنَّكَ مِنْ اَصْحٰبِ النَّارِ (٨)

ان جي واٽ کان فرماءِ ته نفعو وٺ پنهنجي ڪفر سان ٿورو وقت بلاشڪ تون جهنم وارن مان آهين

اَمَّنْ هُوَ قَانِتٌ اٰنَاۗءَ الَّيْلِ سَاجِدًا وَّقَاۗىِٕمًا يَّحْذَرُ

ڇا جيڪو اهو عبادت ڪندڙ آهي رات جي وقتن ۾ سجدا ڪندڙ ۽ بيهندڙ ڊڄي ٿو

الْاٰخِرَةَ وَيَرْجُوْا رَحْمَةَ رَبِّهٖ ۭ قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الَّذِيْنَ

آخرت کان ۽ اميد رکي ٿو پنهنجي رب جي رحمت ۾ فرماءِ ته ڇا برابر ٿين ٿا اهي

يَعْلَمُوْنَ وَالَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ۭ اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ اُولُوا الْاَلْبَابِ ع (٩) ع١ ١٥

جيڪي علم وارا آهن ۽ جيڪي علم نه ٿا رکن صرف عقل وارا نصيحت حاصل ڪن ٿا

قُلْ يٰعِبَادِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوْا رَبَّكُمْ ۭ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا

فرماءِ ته اي منهنجا ٻانها! جن ايمان آندو آهي ڊڄو پنهنجي رب کان انهن لاءِ جن نيڪي ڪئي

فِيْ هٰذِهِ الدُّنْيَا حَسَنَةٌ ۭ وَاَرْضُ اللّٰهِ وَاسِعَةٌ ۭ اِنَّمَا يُوَفَّى الصّٰبِرُوْنَ

هن دنيا ۾ چڱائي آهي ۽ الله جي زمين ڪشادي آهي صرف پورو بدلو ڏنا ويندا صبر وارا

اَجْرَهُمْ بِغَيْرِ حِسَابٍ (١٠)

پنهنجي اجر جو حساب کان سواءِ.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله عز برهانه پنهنجي وحدانيت تي دليل قائم ڪيا ۽ بيان فرمايو ته بتن جي پوڄارين مشرڪن وٽ انهن جي عبادت لاءِ ڪوبه دليل ناهي جڻ ته سندن عقل ختم ٿي ويا آهن هتي اهو بيان فرمايو اٿس ته پاڻ مخلوقات کان غني آهي ٻانهن جي عبادت ڪرڻ مان سندس مقصد ڪو نفعو حاصل ڪرڻ يا نقصان دفع ڪرڻ ناهي پر پاڻ ڪفر کان ناراض ۽ شڪر کان راضي آهي فرمان الاهي آهي "اِنۡ تَكۡفُرُوۡا فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنۡكُمۡ‌ۖ" جيڪڏهن ڪفر ڪندؤ ته پوءِ بلاشڪ الله اوهان کان غني آهي يعني ايمان ۽ شڪر جا اسباب مشاهدو ڪندي به جيڪڏهن اوهان ڪفر ڪندؤ ته الله کي ڪا پرواهه ناهي اهو اوهان سڀني کان غني، بي پرواهه آهي صحيح مسلم شريف ۾ قدسي حديث ۾ الله جل شانه جو فرمان آيل آهي ته "يَا عِبَادِيْ لَوْ اَنَّ اَوَّ لَكُمْ وَاٰخِرَكُمْ وَاِنْسَكُمْ وَجِنَّكُمْ كَانُوْا عَلٰى اَفْجَرِ قَلْبِ رَجُلٍ مِّنْكُمْ مَانَقَصَ ذَالِكَ مِنْ مُّلْكِيْ شَيْئًا" (١) اي منهنجا ٻانهؤ! جيڪڏهن اوهان جا پهريان ۽ اوهان جا پويان ۽ اوهان جا انسان ۽ اوهان جا جنّ گڏجي هڪ فاجر ٻانهي جي دل تي ٿي وڃن ته اها ڳالهه منهنجي بادشاهيءَ مان ڪجهه به گهٽائي نه سگهندي مطلب ته اوهان الله کي ڪو نقصان ڏئي نه سگهندؤ اهو سڀني کان بي پرواهه آهي "وَلَا يَرۡضٰى لِعِبَادِهِ الۡكُفۡرَ‌ۚ" ۽ پنهنجي ٻانهن لاءِ ڪفر کان راضي ناهي يعني ڪفر کان نه راضي آهي ۽ نه ان جي لاءِ امر ٿو فرمائي ڇو ته ڪفر نفوس بشريه جي ارتقاءَ کان مانع ۽ انهن کي بتن الاهن ۽ حقير معبودن ڪاٺ ۽ پٿر مان ناهيلن ۽ انهن جي اڳيان ذليل ٿو بنائي جيڪي ڪاڏو ڪائن ۽ بازارن ۾ هلندا وتن "وَاِنۡ تَشۡكُرُوۡا يَرۡضَهُ لَكُمۡ‌ؕ" ۽ جيڪڏهن شڪر ڪندؤ ته ان کان اوهان لاءِ راضي ٿيندو ڇو ته اهو حق جو سڌو رستو آهي "وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزۡرَ اُخۡرٰى‌ؕ" ۽ ڪو بار کڻندڙ ٻئي جو بار نه کڻندو يعني هر شخص پنهنجن عملن جو حساب ڏيندو ڀلا هجن يا برا ڪير به ڪنهن جو بار نه کڻندو ۽ نه ڪو الله عز برهانه جي عدل جي اها تقاضا آهي ته هڪڙي جو بار

(١) تنوير الايمان صـ٧٨ پ٢٣

ٻئي تي رکيو وڃي "ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ" پوءِ اوهان
جي رب ڏانهن اوهان جو موٽڻ آهي جيڪي اوهان ڪندا هيئو ان جي اوهان کي خبر
ڏيندو مطلب تہ اوهان جو اوهان جي رب ڏانهن موٽڻ ضرور ٿيندو اهو اوهان جو
خالق، اوهان جي امور کي ڏسندڙ. اوهان جا لڪل ۽ ظاهر ڪم ڄاڻندڙ آهي اوهان
کي اوهان جي هر عمل جي خبر ڏيندو. ڇو تہ ان کان ڪجهہ بہ لڪل ناهي "اِنَّهٗ
عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ" بلاشڪ اهو سينن واريون ڳالهيون ڄاڻندڙ آهي يعني ان کي
اوهان جي سينن ۾ سانديل راز بہ معلوم آهن "وَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ ضُرٌّ دَعَا رَبَّهٗ مُنِيْبًا
اِلَيْهِ" ۽ جڏهن انسان کي تڪليف پهچي ٿي تہ پنهنجي رب ڏانهن رجوع ڪندي ان
کي سڏي ٿو يعني ڪافر بہ سختيءَ ۾ الله جل شانہ کي سڏيندو آهي "ثُمَّ اِذَا خَوَّلَهٗ
نِعْمَةً مِّنْهُ نَسِيَ مَا كَانَ يَدْعُوْٓا اِلَيْهِ مِنْ قَبْلُ وَجَعَلَ لِلّٰهِ اَنْدَادًا لِّيُضِلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ" ان کان
پوءِ جڏهن ان کي پنهنجي طرفان نعمت ٿو ڏي تہ جنهن ڏانهن اڳي سڏيائين ٿي اهو
وساري ٿو ويهي ۽ الله جي لاءِ (ٻيا) شريڪ ٿو بنائي تانتہ ان جي واٽ کان گمراهہ
ڪري يعني انهن دعائن کان پوءِ جڏهن الله عز برهانہ ان کي پنهنجي طرفان نعمتون
ڏئي نوازي ٿو تہ اڳيون حالتون، الله جل شانہ کان زاريءَ سان دعائون گهرڻ وغيره
سڀ وساري ٿو ڇڏي ۽ بتن وغيره کي الله جو شريڪ بنائي شرڪ ۽ ڪفر ٿو ڪري
تانتہ پاڻ تہ گمراهہ ٿيو پر ٻين کي بہ الله جي سڌي واٽ کان ٿيڙي گمراهہ بنائي
"قُلْ تَمَتَّعْ بِكُفْرِكَ قَلِيْلًا ۖ اِنَّكَ مِنْ اَصْحٰبِ النَّارِ" فرماءِ تہ پنهنجي ڪفر سان ٿورو
وقت نفعو وٺي وٺ بلاشڪ تون جهنم وارن مان آهين يعني اي محبوب! عليڪ
الصلواة والسلام اوهان ان کي فرمايو تہ دنيا جي زيب ۽ زينت مان جيڪي مزا ماڻڻ
گهرين ٿو ماڻي وٺ موت کان پوءِ تون جهنم ۾ هميشہ رهندڙن مان هوندين جنت
نصيب نہ ٿيندئي " اَمَّنْ هُوَ قَانِتٌ اٰنَآءَ الَّيْلِ سَاجِدًا وَّقَآئِمًا يَّحْذَرُ الْاٰخِرَةَ وَيَرْجُوْا
رَحْمَةَ رَبِّهٖ" ڇا جيڪو راتين جي وقتن ۾ سجدا ڪندي ۽ بيٺي عبادت ڪري ٿو،
آخرت کان ڊڄي ٿو، پنهنجي رب جي رحمت ۾ اميدوار آهي يعني اهو بدبخت
ڪافر، عاصي ۽ گنهگار جي برابر آهي ڇا؟ هرگز برابر ناهن رات جو ذڪر ان جي
ڪري ڪيو ويو آهي جو اهو آرام جو ٽائيم آهي، ان ۾ عبادت لاءِ اٿڻ، نفس تي

ڳرو هوندو آهي، رياءَ کان آزاد هوندو ۽ مقبوليت کي قريب هوندو آهي "قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَالَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ" فرماءِ تہ ڇا جيڪي علم رکن ٿا ۽ جيڪي علم نہ ٿا رکن برابر ٿيندا؟ يعني اي محبوب! عليڪ الصلواة والسلام اوهان پنهنجي قوم وارن کي فرمايو تہ جيڪي اهو علم رکن ٿا تہ الله جي اطاعت ۾ کهڙو ثواب آهي ۽ بي فرمان هجڻ ۾ ڪيترو عذاب آهي اهي برابر ٿي سگهن ٿا؟ نہ هرگز نہ علم وارا ڀلائيءَ جي اعلىٰ مقامن تي هوندا ۽ بي علم نهايت هيٺاهين درجي ۾ هوندا "اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ اُولُوالْاَلْبَابِ ۝" نصيحت تہ صرف عقلمند حاصل ڪن ٿا يعني عقل وارا ئي الله جل مجده جي حجتن مان عبرت ۽ نصيحت حاصل ڪندا ۽ انهن ۾ تدبر ۽ غور ڪندا "قُلْ يٰعِبَادِ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوْا رَبَّكُمْ لِلَّذِيْنَ اَحْسَنُوْا حَسَنَةٌ وَاَرْضُ اللهِ وَاسِعَةٌ" فرماءِ تہ اي منهنجا اهي ٻانها جن ايمان آندو آهي پنهنجي رب کان ڊڄو جن سهڻا عمل ڪيا انهن جي لاءِ ڀلو بدلو آهي ۽ الله جي زمين ڪشادي آهي يعني اي پيارا پيغمبر! (عليڪ الصلواة والسلام) اوهان فرمايو تہ اي منهنجا ٻانهؤ! پنهنجي رب کان ڊڄو ايمان سان گڏ تقوىٰ ۽ پرهيزگاريءَ جي بہ ضرورت آهي جيڪي سهڻا عمل ڪن ٿا انهن جي لاءِ آخرت ۾ بدلو بہ سهڻو آهي يعني بهشت ڀلا جيڪڏهن اوهان کي پنهنجي وطن ۾ رهندي نيڪ ڪم ڪرڻ ۾ رڪاوٽون آهن تہ الله جل مجده جي زمين واسع ۽ ڪشادي آهي ڪنهن ٻئي هنڌ هليا وڃو اتي وڃي آزاديءَ سان مالڪ مٺي جي عبادت جا مزا ماڻيو "اِنَّمَا يُوَفَّى الصّٰبِرُوْنَ اَجْرَهُمْ بِغَيْرِ حِسَابٍ" رڳو صابر ئي پنهنجو بدلو حساب کان سواءِ ڏنا ويندا مطلب تہ وطن ڇڏي هجرت ڪرڻ ۾ جيڪي تڪليفون اچن ٿيون هن تي صبر ڪندڙن کي حساب کان سواءِ سندن اجورو ڏنو ويندو.

صبر جي ڀلائي

حضرت امام حسين بن علي رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ مون پنهنجي ناني رسول الله صلي الله عليه وسلم جن کي فرمائيندي ٻڌو "اَدِّ الْفَرَائِضَ تَكُنْ مِنْ اَعْبَدِ النَّاسِ وَعَلَيْكَ بِالْقُنُوْعِ تَكُنْ مِنْ اَغْنَى النَّاسِ يَابُنَيَّ اِنَّ فِي الْجَنَّةِ شَجَرَةً يُقَالُ لَهَا شَجَرَةُ الْبَلْوٰي يُؤْتٰى بِاَهْلِ الْبَلَاءِ فَلَا يُنْصَبُ لَهُمْ مِيْزَانٌ وَلَا يُنْشَرُلَهُمْ دِيْوَانٌ يُصَبُّ

عَلَيْهِمُ الْاَجْرُ صَبًّا ثُمَّ تَلَا "اِنَّمَا يُوَفَّى الصّٰبِرُوْنَ اَجْرَهُمْ بِغَيْرِ حِسَابٍ" (١) فرض ادا
ڪر تہ ماڻهن مان وڏيڪ عابد هوندين ۽ قناعت کي لازم ڪري وٺ تہ ماڻهن مان
وڏيڪ غني هوندين اي منهنجا پٽ! بيشڪ جنت ۾ هڪ وڻ آهي جنهن کي
آزمائش جو وڻ سڏيو ويندو آهي آزمايل آندا ويندا پوءِ انهن جي لاءِ نہ ساهمي ڪڙي
ڪئي ويندي ۽ نہ انهن جو دفتر کوليو ويندو انهن جي مٿان اجر پلٽائي پلٽايو ويندو
ان کان پوءِ پاڻ مذڪوره آيت تلاوت ڪرڻ فرمايائون."

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا ١۔ "وَلَا يَرْضٰى لِعِبَادِهِ الْكُفْرَ" (۽
پنهنجن ٻانهن لاءِ ڪفر کان راضي نہ ٿو رهي) مان واضح ٿيو تہ جاهلن صوفي
سڏائيندڙن جو چوڻ تہ الله جل شانه هر ڳالهہ ۾ راضي آهي بالڪل ڪفر ۽ قرآن
ڪريم جو انڪار آهي اهڙن جي صحبت ڪرڻ بہ ڪفر ڏانهن ڇڪيندڙ آهي ٢۔
"وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى" (۽ ڪو بار کڻندڙ ڪنهن ٻئي جو بار نہ کڻندو) مان
معلوم ٿيو تہ خوشيءَ سان ڪير ڪنهن جو بار نہ کڻندو پر ٻين کي گمراهہ ڪندڙ
کي انهن جا بار بہ کڻايا ويندا جيئن ارشاد الاهي آهي "وَلَيَحْمِلُنَّ اَثْقَالَهُمْ وَاَثْقَالًا مَّعَ
اَثْقَالِهِمْ" (٢) ۽ البت ضرور پنهنجا بار کڻندا ۽ پنهنجن بارن سان گڏ (جن کي
گمراهہ ڪيو هوندائون) انهن جا بار بہ کڻندا ۽ هن آيت ۾ شفاعت جو انڪار ناهي
ڇو تہ اهو ٻئي جو بار کڻڻ نہ پر ان تان بار لهرائڻ جو طريقو آهي.

سيدنا عثمان بن عفان رضي الله عنه جو شان:

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ انهيءَ هڪ پيري
ڪنهن قاريءَ کان هيءَ آيت ٻڌي "اَمَّنْ هُوَ قَانِتٌ اٰنَآءَ الَّيْلِ سَاجِدًا وَّ قَآئِمًا يَّحْذَرُ
الْاٰخِرَةَ وَيَرْجُوْا رَحْمَةَ رَبِّهٖ" فرمايائين تہ انهيءَ جو مصداق (حضرت) عثمان رضي الله
عنه آهي هن ۾ ان جي تعريف آهي ۽ پاڻ فرمايائين تہ حضرت عثمان رضي الله عنه
رات جو نماز گهڻي پڙهندو هو ۽ ان ۾ قرآن گهڻو پڙهندو هو. حضرت ابو عبيدة
رضي الله عنه جو فرمان آهي تہ حضرت عثمان هڪ رڪعت ۾ سڄو قرآن ڪريم
پڙهي پورو ڪندو هو. اهڙي روايت سيدنا غوث اعظم حضرت پير پيران عليه الرحمة
جن پنهنجي ڪتاب غنية الطالبين ۾ بہ ذڪر فرمائي آهي (٣)

(١) المراغي ص ١٥٣ جزء ٢٣ جلد ٨ (٢) سورة العنكبوت آيت ١٣ (٣) تنويرالايمان ص ٧٩ پ ٢٣

٣۔ قُلْ هَلْ يَسْتَوِى الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَالَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ" (فرماءِ تہ! ڇا علم وارا ۽ بي علم برابر ٿيندا؟) مان معلوم ٿيو تہ ديني علم جو عالم جاهل عابد کان افضل آهي ملائڪ عابد هئا ۽ حضرت آدم علیٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي علم ڏئي عالم بنايو ويو تہ اهو انهن کان اهڙو افضل ٿيو جو ملائڪن کان ان کي سجدو ڪرايو ويو. هتي مطلقاً ارشاد ٿيو تہ عالم افضل آهي ان جي مقابلي ۾ جاهل عابد هجي نہ هجي عالم جي برابر ناهي ۽ هتي عالم مان مراد عالم دين آهي انهن جا ئي فضائل قرآن ڪريم ۽ حديثن ۾ آيل آهن.

قُلْ اِنِّيْٓ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ اللّٰهَ مُخْلِصًا لَّهُ الدِّيْنَ ۙ (١١)

فرماءِ تہ بيشڪ مان امر ڪيو ويو آهيان تہ عبادت ڪيان الله جي خالص ڪندڙ ان جي لاءِ دين کي

وَاُمِرْتُ لِاَنْ اَكُوْنَ اَوَّلَ الْمُسْلِمِيْنَ (١٢) قُلْ اِنِّيْٓ اَخَافُ اِنْ

۽ امر ڪيو ويو آهيان تانت هجان مان پهريون حڪم مڃيندڙ فرماءِ تہ بيشڪ مان ڊڄان ٿو جيڪڏهن

عَصَيْتُ رَبِّيْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ (١٣) قُلِ اللّٰهَ

بي فرماني ڪئي مون پنهنجي رب جي وڏي ڏينهن جي عذاب کان فرماءِ تہ الله جي

اَعْبُدُ مُخْلِصًا لَّهُ دِيْنِيْ ۙ (١٤) فَاعْبُدُوْا مَا شِئْتُمْ

عبادت ڪيان ٿو خالص ڪندڙ ان جي لاءِ پنهنجو دين پوءِ عبادت ڪيو جنهن جي بہ گهرو

مِّنْ دُوْنِهٖ ۭ قُلْ اِنَّ الْخٰسِرِيْنَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ

ان کان سواءِ فرماءِ تہ بيشڪ نقصان وارا اهي آهن جن نقصان ۾ وڌو پنهنجن سرن کي

وَاَهْلِيْهِمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ اَلَا ذٰلِكَ هُوَ الْخُسْرَانُ

۽ پنهنجن اهلن کي قيامت جي ڏينهن خبردار اهو ئي نقصان

الْمُبِيْنُ (١٥) لَهُمْ مِّنْ فَوْقِهِمْ ظُلَلٌ مِّنَ النَّارِ وَمِنْ تَحْتِهِمْ

پڌرو آهي انهن جي لاءِ سندن مٿان ڇتيون آهن باهه مان ۽ انهن جي هيٺان

ظُلَلٌ ذٰلِكَ يُخَوِّفُ اللّٰهُ بِهٖ عِبَادَهٗ يٰعِبَادِ

ڇتيون آهن اهو ڏيڄاري ٿو الله ان سان پنهنجن ٻانهن کي اي منهنجا ٻانها

فَاتَّقُوْنِ (١٦) وَالَّذِيْنَ اجْتَنَبُوا الطَّاغُوْتَ اَنْ يَّعْبُدُوْهَا

پوءِ مون کان ڊڄو ۽ جن پاسو ڪيو بتن کان ته عبادت ڪن انهن جي

وَاَنَابُوْٓا اِلَى اللّٰهِ لَهُمُ الْبُشْرٰى فَبَشِّرْ عِبَادِ (١٧)

۽ موٽيا الله ڏانهن انهن جي لاءِ بشارت آهي پوءِ بشارت ڏي منهنجن ٻانهن کي

الَّذِيْنَ يَسْتَمِعُوْنَ الْقَوْلَ فَيَتَّبِعُوْنَ اَحْسَنَهٗ

جيڪي ٻڌن ٿا فرمان پوءِ تابعداري ڪن ٿا ان مان وڌيڪ سهڻي جي

اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ هَدٰىهُمُ اللّٰهُ وَاُولٰٓئِكَ هُمْ اُولُوا الْاَلْبَابِ (١٨)

اهي ئي آهن جو هدايت ڪئي انهن کي الله ۽ اهي ئي عقل وارا آهن

اَفَمَنْ حَقَّ عَلَيْهِ كَلِمَةُ الْعَذَابِ اَفَاَنْتَ تُنْقِذُ مَنْ

ڇا پوءِ اهو جو ثابت ٿيو ان تي حڪم عذاب جو ڇا پوءِ تون ڇڏائيندي ان کي

فِى النَّارِ (١٩) لٰكِنِ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ لَهُمْ غُرَفٌ

جيڪو باهه ۾ هوندو؟ پر جيڪي ڊڄن ٿا پنهنجي رب کان انهن جي لاءِ ماڙيون آهن

مِّنْ فَوْقِهَا غُرَفٌ مَّبْنِيَّةٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ وَعْدَ اللّٰهِ

انهن جي مٿان ٻيون ماڙيون ٺهيل آهن وهن پيون هيٺان انهن جي نهرون الله جو وعدو آهي

لَا يُخْلِفُ اللّٰهُ الْمِيْعَادَ (٢٠)

نہ ٿو مخالفت ڪري الله وعدي جي.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ صبر جو ثواب بيان ٿيو ۽ صبر بہ هر ڪو ماڻهو نہ ڪندو مخلص ٻانهو ڪندو ان جي ڪري هتي اخلاص سان عبادت جي امر جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "قُلْ اِنِّيْٓ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ اللّٰهَ مُخْلِصًا لَّهُ الدِّيْنَ" فرماءِ تہ بيشڪ مان امر ڪيو ويو آهيان تہ الله جي عبادت ڪيان ان جي لاءِ دين کي خالص بنائيندڙ يعني اي رسول مڪرم! (صلى الله عليه وسلم) اوهان پنهنجي قوم جي مشرڪن کي فرمايو تہ الله عز برهانه جو مون کي امر آهي تہ مان ان جي عبادت نهايت خلوص سان ڪيان ان جي دين تي اخلاص سان هلان "وَاُمِرْتُ لِاَنْ اَكُوْنَ اَوَّلَ الْمُسْلِمِيْنَ" ۽ مان امر ڪيو ويو آهيان تانت فرمانبردارن ۾ پهريون مان هجان يعني الله جي توحيد مڃڻ. اخلاص سان ان جي عبادت ڪرڻ ۽ غير الله کان پري رهڻ ۾ سڀني کان اڳيان هجان. "قُلْ اِنِّيْٓ اَخَافُ اِنْ عَصَيْتُ رَبِّيْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ" فرماءِ تہ بيشڪ مان ڊڄان ٿو جيڪڏهن مون پنهنجي رب جي بي فرماني ڪئي وڏي ڏينهن جي عذاب کان مقصد تہ مون کان بي فرماني ٿيندي تہ ڪا نہ پر جيڪڏهن بفرضِ محال مان پنهنجي رب جي بي فرماني ڪيان تہ وڏي ڏينهن (قيامت) جي عذاب کان ڊڄان ٿو. نہ مان پنهنجي رب جو بي فرمان ٿيندس نہ ان سان ٻئي کي شريڪ بنائيندس ۽ نہ اوهان مشرڪن جو دين قبول ڪندس "قُلِ اللّٰهَ اَعْبُدُ مُخْلِصًا لَّهٗ دِيْنِيْ" فرماءِ تہ مان تہ خاص الله جي عبادت ڪيان ٿو ان جي لاءِ دين کي خالص بنائيندڙ يعني اي نبي معظم! عليڪ الصلواة والسلام اوهان انهن کي فرمايو تہ "مان پنهنجي

دين کي ان الله جي لاءِ خالص بنائيندي ان جي عبادت ڪيان ٿو. شرڪ ۽ رياءَ کان پري آهيان "فَاعْبُدُوْا مَا شِئْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ" پوءِ اوهان ان کان سواءِ جنهن جي گهرو عبادت ڪيو هن ۾ انهن جي محروم رهڻ ۽ خوار ٿيڻ تي تنبيه ڪيل آهي ۽ هي حڪم جهاد وارين آيتن جي نازل ٿيڻ سان منسوخ ڪيل آهي (١) "قُلْ اِنَّ الْخٰسِرِيْنَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَاَهْلِيْهِمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ اَلَا ذٰلِكَ هُوَ الْخُسْرَانُ الْمُبِيْنُ" فرماءِ تہ خساري وارا اهي آهن جن پنهنجن سرن ۽ پنهنجي اهل عيال کي قيامت جي ڏينهن خساري ۾ وڌو خبردار! اهو ئي کليل خسارو آهي عرف عام ۾ خسارو ان کي چوندا آهن جو انسان جو ڪاروبار ۾ لڳايل سمورو سرمايو تباهہ ٿي وڃي ۽ بازار ۾ ان تي ٻين جو ايترو قرض چڙهي جو سڀ ڪجهہ ڏئي بہ بار لاهي نہ سگهي ڪافرن ۽ مشرڪن جي لاءِ هتي الله جل مجده اهو ئي استعارو استعمال ڪيو آهي انسان کي زندگي، عمر، عقل، جسم، قوتون، قابليتون، ذرائع ۽ مواقع جيڪي بہ شيون دنيا ۾ حاصل آهن انهن سڀني جو دراصل مجموعو اهو سرمايو آهي جنهن کي اهو دنيوي حياتيءَ جي ڪاروبار ۾ لڳائي ٿو ۽ اهو سمورو سرمايو جيڪڏهن ڪنهن شخص ان تي زور ڏيندي لڳايو تہ ڪوبہ الله ناهي يا الله گهڻا آهن جن جو مان ٻانهو آهيان ۽ مون کي ڪنهن وٽ ڪو حساب ڏيڻو ناهي تہ سمجهو تہ اهو صرف پاڻ نہ پر انهيءَ پنهنجو سڀ سرمايو، اهل عيال بہ تباهہ ڪري ڇڏيو. اهو ئي کليل خسارو، ٽوٽ ۽ نقصان آهي (٢) "لَهُمْ مِّنْ فَوْقِهِمْ ظُلَلٌ مِّنَ النَّارِ وَمِنْ تَحْتِهِمْ ظُلَلٌ" انهن جي لاءِ سندن مٿان باهہ جون ڇتيون آهن ۽ سندن هيٺان ڇتيون آهن هي انهن جي خساري ۾ پوڻ جي هڪ قسم جو بيان آهي يعني سندن مٿان بہ باهہ جا تهہ چڙهيل هوندا تہ سندن هيٺان بہ باهہ جا طبقا هوندا ظلل هر ان شئي کي چيو ويندو آهي جنهن جو پاڇو ڪنهن شي تي پوي اهي باهہ جي شعلن ۾ هيٺان مٿان پوريل هوندا "ذٰلِكَ يُخَوِّفُ اللّٰهُ بِهٖ عِبَادَهٗ" اهو (عذاب) الله ان سان پنهنجن ٻانهن کي ڊيڄاري ٿو يعني الله ان هيبتناڪ عذاب سان پنهنجن ٻانهن کي ڊيڄاري ٿو تانتہ ان ۾ داخل ڪندڙن ڪمن کان بچن ۽ بچن "يٰعِبَادِ فَاتَّقُوْنِ" اي منهنجا ٻانها! پوءِ مون کان ڊڄو يعني مون کان ڊڄندي اهڙا ڪم نہ ڪيو جيڪي مون کي ناراض بنائين هيءَ

(١) تفسير حسيني ص ٧٣٨ (٢) تفهيم القرآن ص ٣٦٤ جلد ۴

نهايت پياري نصيحت آهي جيڪا لطف ۽ رحمت سان ڀريل آهي (١)
"وَالَّذِيْنَ اجْتَنَبُوا الطَّاغُوْتَ اَنْ يَّعْبُدُوْهَا وَاَنَابُوْٓا اِلَى اللهِ لَهُمُ الْبُشْرٰى ج" ۽ جن بتن کان پاسو ڪيو جو انهن جي عبادت ڪن ۽ الله ڏانهن رجوع ڪيائون انهن جي لاءِ بشارت آهي يعني جن شخصن بت پرستي ڇڏي الله عز برهانه ڏانهن رجوع ڪيو انهن جي لاءِ بشارت آهي.

شان نزول

هي آيت حضرت زيد بن عمرو بن نفيل، حضرت ابوذر ۽ حضرت سلمان فارسي رضي الله عنهم جي متعلق نازل ٿي. پر ان جو حڪم انهن کي ۽ جن ٻين ائين ڪيو سڀني کي شامل آهي (٢) "فَبَشِّرْ عِبَادِ ۙ الَّذِيْنَ يَسْتَمِعُوْنَ الْقَوْلَ فَيَتَّبِعُوْنَ اَحْسَنَهٗ ۭ اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ هَدٰىهُمُ اللهُ وَاُولٰۗىِٕكَ هُمْ اُولُوا الْاَلْبَابِ" پوءِ منهنجن انهن ٻانهن کي بشارت ڏي جيڪي حڪم ٻڌي ان جي تمام سهڻي جي اتباع ڪن ٿا اهي ئي اهي آهن جن کي الله هدايت ڏني ۽ اهي ئي عقل وارا آهن الله عز برهانه هتي پنهنجي پياري رسول عليه الصلواة والسلام کي امر ٿو ڪري تہ پنهنجن ٻانهن مان انهن کي بہ بشارت ڏي جيڪي الله جي تمام سهڻي حڪم کي ٻڌي ان جي اتباع ڪن ٿا اهي ئي الله جا هدايت ڪيل ٻانها آهن ۽ اهي ئي عقل وارا آهن قرآن ڪريم بار بار عقل ۽ فهم وارا انهن کي چيو آهي جيڪي هدايت جي واٽ وٺن ٿا ۽ ان تي قائم رهن ٿا ۽ حقيقت بہ اها آهي تہ جنهن کي پنهنجيءَ نجات جو فڪر ناهي ۽ دل ۾ حق جي ڳولڻ جو اهتمام ناهي اهي تہ عقل جي مبادي کان بہ بهرور ناهن "اَفَمَنْ حَقَّ عَلَيْهِ كَلِمَةُ الْعَذَابِ ۭ" ڇا پوءِ جنهن تي عذاب جو حڪم ثابت ٿي چڪو آهي يعني جنهن جو عذاب ۾ اچڻ اڳئي الله جي علم ۾ آهي "اَفَاَنْتَ تُنْقِذُ مَنْ فِي النَّارِ ۚ" ڇا پوءِ تون ان کي ڇڏائيندي جيڪو باهہ ۾ هوندو؟ يعني انهن کي تون نہ ڇڏائيندين ڇو تہ اهي ازلي بدبخت ۽ علم الاهيءَ ۾ جهنمي آهن حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ انهن مان مراد ابولهب ۽ سندس پٽ آهن (٣) "لٰكِنِ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ لَهُمْ غُرَفٌ مِّنْ فَوْقِهَا غُرَفٌ مَّبْنِيَّةٌ ۙ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ڛ" پر جيڪي پنهنجي رب کان ڊڄن ٿا انهن

(١) تفسير ابو السعود صہ٢٤٨ جزءِ ٧ (٢) تفسير ابن ڪثير صہ٤٨ جلد٤ (٣) خزائن العرفان (سنڌي) صہ٥٥٤

جي لاءِ سندن مٿان ماڙيون آهن جو انهن ماڙين جي مٿان بہ ٺهيل ماڙيون آهن انهن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون هي جنت جي درجات جي طرف اشارو آهي ۽ "مَبْنِيَّةٌ" (ٺهيل) مان ثابت ٿيو تہ اهي سڀ تيار آهن قيامت جي ڏينهن تيار نہ ڪيا ويندا. "وَعْدَاللهِ لَايُخْلِفُ اللهُ الْمِيْعَادَ" الله جو وعدو آهي الله وعدي برخلافي نہ ڪندو آهي يعني الله ڪان ڊڄندڙن ٻانهن جي لاءِ بيان ڪيل بهشتي محلاتون ۽ ماڙيون الله جو ٻانهن سان وعدو ڪيل آهي انهن کي اهي ضرور ڏيندو الله وعدي برخلافي نہ ڪندو آهي.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا ١ـ "مُخْلِصًا لَّهُ الدِّيْنَ" (ان جي لاءِ دين کي خالص بنائيندڙ) مان معلوم ٿيو تہ دين جو ڪوبہ ڪم اخلاص کان سواءِ مقبول ناهي اخلاص هر عمل جو روح آهي ٢ـ "قُلْ اِنَّ الْخٰسِرِيْنَ الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَاَهْلِيْهِمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ" (فرماءِ تہ بلاشڪ خساري وارا اهي آهن جن پنهنجا سر ۽ پنهنجو اهل قيامت جي ڏينهن خساري ۾ وجهي ڇڏيو) هن مان معلوم ٿيو تہ ڪافرن مان بڇڙن ۾ بڇڙو ڪافر اهو آهي جيڪو پاڻ تہ ڪافر رهيو پر ان جا گهر جا ڀاتي بہ ڪافر رهيا جيئن اهو مومن خوش نصيب آهي جيڪو پاڻ تہ متقي آهي پر ان جا گهر جا ڀاتي بہ متقي هجن. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو شان آهي جو اهو پاڻ اصحابي پيءُ اصحابي، پٽ اصحابي ۽ پوٽا بہ اصحابي هئا رضي الله عنهم اها سندس خصوصيت آهي جو ان جي چئن پيڙهين ۾ اصحابيت رهي جيئن حضرت يوسف علي نبينا وعليه الصلواة والسلام جي چئن پيڙهين ۾ نبوت رهي ٣ـ "وَالَّذِيْنَ اجْتَنَبُوا الطَّاغُوْتَ اَنْ يَّعْبُدُوْهَا وَاَنَابُوْٓا اِلَى اللهِ لَهُمُ الْبُشْرٰى" (۽ جيڪي بتن کان پري رهيا جو انهن جي عبادت ڪن ۽ الله ڏانهن موٽيا انهن جي لاءِ بشارت آهي) مان معلوم ٿيو تہ بشارت حاصل ڪرڻ لاءِ ٻهريون شرط بڇڙن عقيدن کان بيزار رهڻ ۽ الله ڏانهن رجوع ڪرڻ آهي انڌيرو ۽ نور هڪ هنڌ گڏ نہ ٿيندا ۽ اهو بہ نہ ٿو ٿي سگهي جو بي ايمانن سان بہ تعلق رهي ۽ الله جل شانه سان بہ ٤ـ "فَيَتَّبِعُوْنَ اَحْسَنَهٗ" (پوءِ ان مان تمام سهڻي جي اتباع ڪن ٿا) ۾ مراد اها ناهي تہ

الله جل جلاله ۾ ان جي پياري رسول عليه الصلواة والسلام جا ڪي قول سهڻا ناهن جن جي اتباع نہ ڪجي هي قيد واقعي ڪي بيان ڪرڻ جي لاءِ آهي مطلب تہ سندن هر قول احسن، تمام سهڻو آهي جنهن جي اتباع ڪن ٿا ٥۔ "أُولَٰئِكَ الَّذِينَ هَدَاهُمُ اللَّهُ" (اهي ئي اهي آهن جن کي الله هدايت ڪئي) هيءَ آيت حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي شان ۾ نازل ٿي آهي جو ان جڏهن ايمان آندو تہ خاموش نہ رهيو پر ٻين کي بہ ايمان جي دعوت ڏنائين ۽ سندس ان دعوت کي قبول ڪندي ١۔ حضرت عثمان بن عفان ٢۔ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف ٣۔ حضرت طلحة ۴۔ حضرت زبير ٥۔ حضرت سعد بن ابي وقاص ٦۔ حضرت سعيد بن زيد وغيرهم بہ ايمان آندو سبحان الله نهايت بابرڪت آهي اهو وڻ جنهن جا ميوا اهڙا آهن. (١)

أَلَمْ تَرَ أَنَّ اللَّهَ أَنزَلَ مِنَ السَّمَاءِ مَاءً فَسَلَكَهُ يَنَابِيعَ

ڇا نہ ڏٺو تو تہ بيشڪ الله لاٿائين آسمان کان پاڻي پوءِ وهايائين ان کي چشما ڪري

فِي الْأَرْضِ ثُمَّ يُخْرِجُ بِهِ زَرْعًا مُّخْتَلِفًا أَلْوَانُهُ ثُمَّ

زمين ۾ تنهن کان پوءِ ڪڍي ٿو ان سان پوک مختلف هوندڙ ان جا رنگ ان کان پوءِ

يَهِيجُ فَتَرَاهُ مُصْفَرًّا ثُمَّ يَجْعَلُهُ حُطَامًا ۚ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ

سڪي ٿي پوءِ ڏسندين ان کي زرد ٿيل ان کان پوءِ ڪري ٿو ان کي ذرا ذرا بيشڪ ان ۾

لَذِكْرَىٰ لِأُولِي الْأَلْبَابِ ع (٢١)

البت نصيحت آهي عقل وارن جي لاءِ.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله جلت قدرته آخرت جون اهڙيون صفتون بيان فرمايون جن سان

(١) روح البيان صہ ٨٩ جلد ٨

ان ڏانهن شوق ۽ رغبت وڌي ۽ هتي وري دنيا جون اهڙيون حالتون بيان ڪيون آهن جن سان ان ڏانهن رغبت ۽ شوق گهٽجي فرمان مبارڪ آهي "اَلَمۡ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَلَكَهٗ يَنَابِيۡعَ فِی الۡاَرۡضِ" ڇا تو نہ ڏٺو تہ بلاشڪ الله آسمان کان پاڻي لاٿو پوءِ ان کي چشما بنائي زمين ۾ وهايائين يعني اوهان ڏٺو ناهي تہ مينهن جو پاڻي مٿان آسمان کان لهي جبلن ۽ زمين جي مسام ۾ جذب ٿي چشمن جي صورت ۾ زمين مان نڪري ٿو باقي جيڪڏهن چشمن جي ظاهر ٿيڻ جو پيو ڪو سبب هجي تہ ان جو بہ هتي انڪار ناهي "ثُمَّ يُخۡرِجُ بِهٖ زَرۡعًا مُّخۡتَلِفًا اَلۡوَانُهٗ" ان کان پوءِ ان سان اهڙي پوک ٿو ڪڍي جنهن جا رنگ مختلف آهن يعني ان پوک جي سلن جا رنگ مختلف آهن يا اهي پوڪون خود مختلف آهن ڪڻڪ، ووڻ، ساريون وغيره "ثُمَّ يَهِيۡجُ فَتَرٰىهُ مُصۡفَرًّا ثُمَّ يَجۡعَلُهٗ حُطَامًا" ان کان پوءِ اها پوک سڪي ٿي پوءِ ان کي زرد رنگ ۾ ڏسندين ان کان پوءِ ان کي ذرا ذرا بنائي ٿو. يعني هي بہ الله جل شانه جي قدرت جو نظارو آهي تہ ان سرسبز پوک کي ڏسندؤ تہ اڃتي هلي سڪي ٿي، زرد رنگ جي بنجي ٿي ان کان پوءِ ان کي ذرا ذرا بنائي ٿو "اِنَّ فِيۡ ذٰلِكَ لَذِكۡرٰی لِاُولِی الۡاَلۡبَابِ" بلاشڪ ان ۾ عقلمندن جي لاءِ البت نصيحت آهي. يعني عقلمند ماڻهو پوک جي حالتن ۾ تبديلي ڏسي نصيحت حاصل ڪندا آهن تہ جيئن ان پوک جي رونق بہ ٿي ڏينهن هلي ختم ٿي وئي تيئن ئي هن دنيا جو حال بہ اچڻ وڃڻ وارو آهي ان جي عارضي بهار تي انسان مست رهي الله عز برهانه کان غافل نہ رهي.

فائدو:

مذڪوره آيت جي جملة "فَسَلَكَهٗ يَنَابِيۡعَ فِی الۡاَرۡضِ" (پوءِ ان کي زمين ۾ چشما ڪري وهايائين)۾ ينابيع ينبوع جو جمع آهي جنهن جي معنیٰ آهي چشمو مطلب تہ آسمان کان پاڻي لاهڻ ئي وڏي نعمت آهي پر جيڪڏهن ان نعمت کي زمين جي اندر محفوظ ڪرڻ جو انتظام نہ ڪيو وڃي ها تہ انسان صرف ان جي وسڻ جي وقت يا ان سان متصل بہ ٿي ڏينهن ان مان فائدو وٺي ها حالانڪ پاڻي انسان جي زندگيءَ جو مدار ۽ اهڙي ضرورت آهي جنهن سان اهو هڪ ڏينهن بہ لاپرواهي ڪري نہ سگهي ها ان جي ڪري الله تعالیٰ صرف ان نعمت جي نازل ڪرڻ تي اڪتفا نہ ڪئي

پر ان کي محفوظ رکڻ جو بہ عجيب انتظام بيان کيو آهي ڪجهہ ڪڏن، حوضن ۽ تلائن ۾ محفوظ هوندو آهي تہ ان مان گهڻو ذخيرو وري برف بنائي جبلن جي چوٽين تي رکيو ويندو آهي جنهن سان ان جي سڙڻ يا خراب ٿيڻ جو امڪان نہ رهندو آهي پوءِ اها برف آهستي آهستي ڳرندي پاڻي بنجندي جبلن جي اندر رکيل قدرتي رڳن جي ذريعي لهي ايندي آهي ۽ جا بہ بجا زمين مان پاڻهي بغير ڪنهن محنت جي چشمن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي ۽ اهو پاڻي ندين جي شڪل ۾ زمين تي وهڻ لڳندو آهي ۽ ڪيترو پاڻي زمين ۾ اندر هلندو آهي جيڪو کوهن کوٽڻ ۽ نلڪن هڻڻ سان ظاهر ٿي فائدو ڏيندو رهندو آهي.

اَفَمَنْ شَرَحَ اللّٰهُ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ فَهُوَ عَلٰى نُوْرٍ

ڇا پوءِ اهو شخص جو کوليو الله ان جو سينو اسلام جي لاءِ پوءِ اهو نور تي آهي

مِّنْ رَّبِّهٖ فَوَيْلٌ لِّلْقٰسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ

پنهنجي رب جي طرفان پوءِ ويل آهي انهن جي لاءِ جو ڪٺيل آهن قلب انهن جا

مِّنْ ذِكْرِ اللّٰهِ اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ (٢٢) اَللّٰهُ نَزَّلَ

الله جي ذڪر کان اهي کليل گمراهيءَ ۾ آهن الله نازل ڪئي

اَحْسَنَ الْحَدِيْثِ كِتٰبًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ تَقْشَعِرُّ

تمام سهڻي ڳالهہ ڪتاب هڪ ٻئي سان مشابهہ ٿيندڙ ورائي آندل ڪانڊارجن ٿيون

مِنْهُ جُلُوْدُ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ ثُمَّ تَلِيْنُ

ان سببان کلون انهن جون جيڪي ڊڄن ٿا پنهنجي پالڻهار کان ان کان بعد نرم ٿين ٿيون

جُلُوْدُهُمْ وَقُلُوْبُهُمْ اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ ذٰلِكَ هُدَى اللّٰهِ

ڪلون انهن جون ۽ دليون انهن جون الله جي ذڪر ڏانهن اها الله جي هدايت آهي

يَهْدِيْ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۚ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ

هدايت ڪري ٿو ان سان جنهن کي گهري ۽ جنهن کي گمراهه ڪري ٿو الله پوءِ ناهي ان جي لاءِ

مِنْ هَادٍ (٢٣) اَفَمَنْ يَّتَّقِيْ بِوَجْهِهٖ سُوْٓءَ الْعَذَابِ

ڪو هدايت ڪندڙ ڇا پوءِ جيڪو بچاءُ ڪندو پنهنجي منهن سان سخت عذاب کان

يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۚ وَقِيْلَ لِلظّٰلِمِيْنَ ذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ (٢٤)

قيامت جي ڏينهن ۽ چيو ويندو ظالمن کي تہ چکو اهو جيڪو ڪندا هيئو

كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَاَتٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ (٢٥)

ڪوڙو ڀانيو انهن بہ جيڪي انهن کان اڳ هئا پوءِ آيو انهن وٽ عذاب اتاهين جو نہ پيا ڄاڻن

فَاَذَاقَهُمُ اللّٰهُ الْخِزْيَ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ

پوءِ چکائي انهن کي الله خواري حياتي دنيا واريءَ ۾ ۽ البت آخرت جو عذاب

اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ (٢٦) وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ

وڏو آهي جيڪڏهن ڄاڻن ها ۽ البت تحقيق بيان ڪيا سون ماڻهن جي لاءِ

فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ۚ (٢٧) قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا

هن قرآن ۾ هر مثال تانت اهي نصيحت وٺن قرآن عربي

وقف لازم

غَيْرَ ذِيْ عِوَجٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ (٢٨)

ناهي ڏنگائيءَ وارو تانت اهي ڊڄن.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله جل شانه پنهنجي اطاعت ۽ دنيا کان روگرداني‌ءَ جي ترغيب ڏني ۽ هتان کان ارشاد تي رهيو آهي تہ اهي ڳالهيون اهو ڪندو جنهن جي سيني کي الله جل شانه اسلام جي لاءِ کوليو هوندو ۽ ان جي قلب کي منور فرمايو هوندو فرمان مبارڪ آهي "اَفَمَنْ شَرَحَ اللّٰهُ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ فَهُوَ عَلٰى نُوْرٍ مِّنْ رَّبِّهٖ" ڇا پوءِ جنهن جو سينو الله اسلام جي لاءِ کوليو پوءِ اهو پنهنجي رب جي طرفان نور تي آهي مطلب تہ الله عز برهانه جنهن جو سينو اسلام جي لاءِ کوليو ۽ اهو الله جي طرفان نور تي آهي سو انهن وانگر هوندو جنهن جي قلب تي سندس ئي جهالت ۽ غفلت جي ڪري مهر لڳل آهي؟ نہ هرگز نہ اهي هڪ جهڙا ناهن عبد بن حميد، ابن جرير، ابن المنذر حضرت قتاده کان ۽ ابن مردويه حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ اصحابِ ڪرام رضي الله عنهم حضور پر نور عليه الصلواة والسلام جن جي خدمت عاليه ۾ عرض ڪيو تہ يا رسول الله! ڇا سيني جي شرح ٿيندي آهي ۽ ڪهڙي نموني ٿيندي آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ "هائو جڏهن قلب ۾ نور داخل ٿيندو آهي تہ اهو کلي پوندو آهي" اصحابن ڀلارن عرض ڪيو تہ "ان جي نشاني ڪهڙي آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ قيامت ڏانهن رجوع، دنيا کان دوري، موت جي لاءِ ان جي اچڻ کان اڳي تيار رهڻ". (١)

حضرت ابوبكر رضي الله عنه جو شان:

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ: الله تعاليٰ جنهن جي سيني کي اسلام جي لاءِ کوليو اهو ابوبڪر صديق آهي (٢)مطلب تہ اهو پنهنجي رب جي طرفان نور تي بہ آهي "فَوَيْلٌ لِّلْقٰسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ مِّنْ ذِكْرِ اللّٰهِ" پوءِ جن جون دليون الله

(١) الدر المنثور صـ٢١٩ جلد٧ (٢) المراغي صـ١٦٠ جزء ٢٣ جلد٨

جي ذڪر ڪان ڪتيل آهن انهن جي لاءِ ويل آهي مطلب تہ جيڪي دليون ذڪر خدا ڪان غافل آهن انهن جي لاءِ هلاڪت آهي.

نبوي حديثن مان الله عز برهانه جي ذڪر جي ڀلائي

١- ترمذي، ابن مردويه، الترغيب في الذڪر ۾ ابن شاهين، شعب الايمان ۾ بيهقيءَ حضرت ابن عمر رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "لَاتُكْثِرُوا الْكَلَامَ بِغَيْرِ ذِكْرِ اللهِ فَإِنَّ كَثْرَةَ الْكَلَامِ بِغَيْرِ ذِكْرِ اللهِ قَسْوَةُ الْقَلْبِ وَإِنَّ اَبْعَدَ النَّاسِ مِنَ اللهِ الْقَلْبُ الْقَاسِي" الله جي ذڪر ڪان سواءِ گهڻي گفتگو نہ ڪيو يقينًا الله جي ذڪر ڪان سواءِ گهڻو ڳالهائڻ قلب جي ڪٺ وارو هجڻ آهي ۽ ماڻهن مان الله ڪان گهڻو پري ڪٺيل قلب وارو هوندو آهي ٢- ابن مردويه حضرت علي رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اَكْلُ الْعِبَادِ وَنَوْمُهُمْ عَلَيْهِ قَسْوَةٌ فِي قُلُوْبِهِمْ" ٻانهن جو ڪاڌو ڪائي ان جي مٿان (فورًا) ننڊ ڪرڻ سندن قلبن جي قساوت جو سبب آهي ٣- طبراني الاوسط ۾، عقيلي، ابن عدي، ابن السني، ابونعيم، ٻنهي بزرگن پنهنجن الطب نالي لکيل ڪتابن ۾، شعب الايمان ۾ بيهقيءَ ۽ ابن مردويه حضرت عائشه رضي الله عنها ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اَذِيْبُوْا طَعَامَكُمْ بِذِكْرِ اللهِ وَالصَّلٰوةِ وَلَاتَنَامُوْا عَلَيْهِ فَتَقْسُو قُلُوْبُكُمْ" پنهنجي طعام کي الله جي ذڪر ۽ نماز سان هضم ڪيو ۽ ان تي ننڊ نہ ڪيو پوءِ اوهان جون دليون ڪٺجي ويندڀون يعني ڪائڻ شرط سمهي نہ رهو ٤- ابن مردويه ام المومنين سيده عائشه رضي الله عنها ڪان روايت آندي آهي تہ نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن فرمايو "يُوْرِثُ الْقَسْوَةَ فِى الْقَلْبِ ثَلَاثُ خِصَالٍ حُبُّ الطَّعَامِ وَحُبُّ النَّوْمِ وَحُبُّ الرَّاحَةِ" (١) ٽي خصلتون قلب ۾ قساوت پيدا ڪنديون آهن ١- ڪاڌي جي محبت ٢- ننڊ جي محبت ٣- راحت جي محبت "اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلَالٍ مُّبِيْنٍ" اهي کليل گمراهيءَ ۾ آهن يعني جن جون دليون ڪٺيل آهن الله جي ذڪر ڪان غافل آهن انهن جي گمراهہ هجڻ ۾ ڪو شڪ ناهي اهي کليل گمراهيءَ ۾ آهن "اَللّٰهُ نَزَّلَ اَحْسَنَ الْحَدِيْثِ كِتَابًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِيَ" الله تمام سهڻي ڳالهہ نازل فرمائي هڪ ڪتاب جنهن جا مضمون ملندڙ

(١) ساڳيو حوالو

جلندڙ آهن ورائي ورائي آندل آهن يعني الله اهڙي سهڻي ڳالهه نازل ڪئي آهي جنهن کان بهتر ڪا ڳالهه ناهي ۽ اها ڳالهه هڪ ڪتاب ۾ آهي جنهن جا مضمون صحيح، سچا، مضبوط، نافع، معقول، فصيح ۽ بليغ هجڻ سان گڏ هڪ ٻئي سان ملندڙ جلندڙ آهن ورائي ورائي مختلف پيراين ۾ آندل آهن تانت چڱيءَ طرح ذهن نشين ٿين هتي قرآن ڪريم کي حديث (ڳالهه) سڏيو ويو آهي ڇو ته نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن پنهنجي قوم کي ان جون ڳالهيون ٻڌائيندا هئا ۽ جيڪو مٿن نازل ٿيندو هو ان جي خبر ڏيندا آهن (١) ۽ قرآن ڪريم کي "مَثَانِيَ" ان جي ڪري به سڏيو ويو آهي جوان ۾ گهڻيون شيون جوڙو جوڙو ڪري بيان ڪيل آهن مثلاً امر ۽ نهي، عام ۽ خاص، مجمل ۽ مفصل، آسمان ۽ زمين، جنت ۽ دوزخ، نور ۽ ظلمت، لوح ۽ قلم، ملائڪ ۽ شيطان، عرش ۽ ڪرسي، وعد ۽ وعيد، اميد ۽ خوف وغيرها (٢) "تَقْشَعِرُّ مِنْهُ جُلُوْدُ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ ثُمَّ تَلِيْنُ جُلُوْدُهُمْ وَقُلُوْبُهُمْ اِلٰى ذِكْرِ اللهِ" ان جي ڪري انهن جون کلون ڪانڊارجن ٿيون جيڪي پنهنجي رب کان ڊڄن ٿا ان کان پوءِ انهن جون کلون ۽ دليون الله جي ذڪر ڏانهن نرم ٿين ٿيون يعني جڏهن قرآن ڪريم جون آيتون جن ۾ وعيد جو ذڪر آهي ٻڌن ٿا ته ان جي ڊپ کان سندن کلون ڪانڊارجي وڃن ٿيون ۽ وري جڏهن سندن اڳيان الله جي رحمت ۽ مغفرت جو ذڪر اچي ٿو ته سندن دلين ۾ سڪون ۽ نرمي پيدا ٿئي ٿي ۽ الله جي ذڪر ڏانهن مطمئن ٿين ٿيون الغرض ته ٻئي جملا خوف ۽ اميد قبض ۽ بسط، هيبت ۽ انس تجلي ۽ استتار ڏانهن اشارو ڪن ٿا. نهر جوري عليه الرحمة فرمايو ته الله هن آيت ۾ مريدن جي سماع ۽ عارفن جي سماع جي وصف بيان ڪئي آهي. مريد جو سماع سندس حال کي ظاهر ڪندو آهي ۽ عارفن جو سماع سندن سڪون ۽ اطمينان وڌائيندو آهي (٣) "ذٰلِكَ هُدَى اللهِ يَهْدِيْ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ" اها الله جي هدايت آهي جنهن کي گهري ٿو ان سان هدايت ڪري ٿو. يعني مومن، متقين مان الله جنهن کي گهري ٿو ان سان هدايت ڪري ٿو. "وَمَنْ يُّضْلِلِ اللهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ" ۽ جنهن کي گمراهه ڪري ٿو ته پوءِ ان جي لاءِ ڪو هدايت ڪندڙ ناهي يعني جنهن کي الله تعالىٰ ڌڪار ڏئي ته اهو پنهنجي نفس ۽ عقل جي حوالي ٿي وڃي ٿو. نبين عليهم

(١) فتح القدير صـ ٤٥٨ جلد ٤ (٢) التفسير الكبير صـ ٢٨٢ جزء ٢٦ (٣) روح البيان صـ ٩٩ جلد ٨

الصلواة والسلام تي ايمان نہ ٿو آڻي. انهن جي اتباع نہ ٿو ڪري ان جي لاءِ ڪو بہ هدايت ڪندڙ ناهي تہ ان ڪيءَ فلسفي برهان ڪم ايندا نہ عقلي دلائل (١) "اَفَمَنْ يَّتَّقِيْ بِوَجْهِهٖ سُوْٓءَ الْعَذَابِ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ" ڇا پوءِ جيڪو پنهنجي منهن سان سخت عذاب کان بچاءُ ڪندو هتي جواب ۾ جمله محذوف آهي "ڪمن هو آمن" يعني جنهن ٻانهي جي هٿن کي ڪنڌ ۾ ٻڌو ويندو ۽ سامهون اچڻ واري سخت عذاب کي منهن سان دفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو سو ان وانگر هوندو جيڪو امن ۾ رهندو نہ ان کي ڪا تڪليف پهچندي ۽ نہ اهو سخت عذاب کي هٿن ٻڌجڻ جي ڪري منهن سان دفع ڪري بچاءُ حاصل ڪندو؟

شان نزول:

مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ هيءَ آيت ابوجهل ملعون جي بري حالت بيان ڪرڻ جي لاءِ نازل ٿي هئي (٢) "وَقِيْلَ لِلظّٰلِمِيْنَ ذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ" ۽ ظالمن کي چيو ويندو تہ جيڪي ڪندا هيئو اهو چکو يعني جنهن ڪفر ۽ معصيت تي هميشه رهيئو ان جي سزا هاڻي چکو "كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَاَتٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ" انهن کان جيڪي اڳ هئا انهن ڪوڙ ڀانيو پوءِ انهن وٽ اتاهين عذاب آيو جتان نہ پيا ڄاڻن هتي آخرت واري عام عذاب جي اچڻ کان اول اڳين امتن تي دنيا ۾ اچڻ واري ڪجهہ عذاب جو ذڪر ٿي رهيو آهي يعني جن اڳين امتن نبين (على نبينا وعليهم الصلواة والسلام) کي ڪوڙو ڀانيو انهن تي دنيا ۾ ئي اتاهين عذاب آيو هو جتان سندن خواب خيال ۾ بہ نہ هو "فَاَذَاقَهُمُ اللّٰهُ الْخِزْيَ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ج وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ م لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ" پوءِ الله انهن کي دنيوي حياتيءَ ۾ خواري چکائي ۽ البت آخرت جو عذاب وڏو آهي جيڪڏهن ڄاڻن ها يعني الله عز برهانه انهن کي دنيوي حياتيءَ ۾ خواريءَ جو عذاب چکايو ڪيترن جون شڪليون تبديل ٿيون، ڪيترا زمين ۾ غرق ٿيا. ڪيترا قتل ڪيا ويا تہ ڪيترا قيدي بڻيا ۽ ڪئين جلاوطن ڪيا ويا جيڪڏهن شعور ۽ ڄاڻ رکن ها تہ آخرت جو عذاب تہ انهن جي لاءِ گهڻو وڏو ۽ تمام سخت آهي "وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ج" ۽ البت تحقيق اسان هن قرآن ۾ هر مثال بيان ڪيو آهي تانت اهي

نصيحت وٺن. يعني قرآن ڪريم ۾ غور ۽ تدبر ڪرڻ واري عميق فڪر سان ڏسندڙن جي لاءِ جنهن بہ ڏيني امر جا اهي محتاج آهن اسان هر مثال ڏئي انهن کي سمجهايو آهي تانتہ سمجهي نصيحت حاصل ڪن. (١) "قُرْآنًا عَرَبِيًّا غَيْرَ ذِي عِوَجٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُونَ" عربي قرآن ناهي ڏنگائيءَ وارو تانتہ اهي ڊڄن مطلب تہ هي قرآن عربي ٻوليءَ ۾ آهي هي ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ ناهي جو مڪه مڪرمه جي رهاڪو ۽ ٻين عربن کي ان جي سمجهڻ جي لاءِ ڪنهن مترجم جي محتاجي ٿئي ڇو تہ سندن زبان ۾ آهي جنهن کي اهي سڌوسنئون پاڻ سمجهي سگهن ٿا ۽ نہ ان ۾ ڪا ڏنگائي آهي جو ماڻهن کي ان جو سمجهڻ مشڪل لڳي ڇو تہ صاف صاف سڌي ڳالهہ ڪيل آهي جنهن سان هر ماڻهو سمجهي سگهي ٿو تہ هي ڪتاب ڪهڙي شيءِ کي غلط ۽ ڪنهن کي صحيح چئي ٿو ڇوي ۽ ڪهڙي بنا تي ڇا ڇا مڃرائڻ گهري ٿو ۽ ڪنهن جو انڪار ڪرائڻ ٿو چاهي ڪهڙن ڪمن ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو ۽ ڪهڙن ڪمن کان روڪي ٿو.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا ١- "اَفَمَنْ شَرَحَ اللّٰهُ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ" (ڇا پوءِ جنهن جي سيني کي الله اسلام جي لاءِ کوليو) ۾ آيل لفظ شرح جي لفظي معنىٰ کولڻ، ڦيڪڙڻ ۽ ڪشادو ڪرڻ آهي. سيني جي شرح جي معنىٰ قلب کي وسيع بنائڻ آهي جنهن جي مراد آهي قلب ۾ اها استعداد پيدا ٿئي جو اهو تڪويني آيات الاهيہ، آسمان، زمين ۽ خود پنهنجي پيدا ٿيڻ ۾ غور ڪري عبرت ۽ فائدا حاصل ڪري اهڙي طرح انهن آيتن ۾ جيڪي ڪتاب ۽ احڪام جي صورت ۾ نازل ٿيون انهن ۾ بہ غور ڪري فائدا پرائي شرح صدر جو مقابل دل جي تنگي ۽ ان جي قساوت آهي ان جي ڪري ئي هتي شرح صدر جي ذڪر ڪان پوءِ "لِلْقَاسِيَةِ قُلُوبُهُمْ" آيو آهي ٢- "فَهُوَ عَلٰى نُوْرٍ مِّنْ رَّبِّهٖ" (پوءِ پنهنجي رب جي طرفان نور تي آهي) هن نور مان مراد هدايت جو نور آهي جيڪو ٻين نورن کان جدا آهي اهو ئي نور ڪلمه ۽ قرآن پاڪ نصيب ٿيڻ جو ذريعو آهي ان جو نالو خدائي توفيق بہ آهي اهو خالص خداوندي فضل سان ملندو آهي اهو قلبي نور ڪنهن جو ڏيئي وانگر آهي

(١) ساڳيو حوالو

جنهن مان اهو فائدو وٺي ٿو ۽ ڪنهن جو گيس وانگر ته ڪنهن جو تارن وانگر هوندو آهي جيئن اصحاب سڳورا ۽ ٻيا اولياءَ الله ۽ ڪنهن جو وري سج وانگر هوندو جنهن مان ساري دنيا فيض پرائي ٿي جيئن حضور عليه الصلواة والسلام جن جو نور بلڪ پاڻ ته ٻين کي به نور بنائيندڙ آهن سندن ئي صفت آهي "سِرَاجًا مُّنِيْرًا" ٣- لِلْقَاسِيَةِ قُلُوْبُهُمْ مِّنْ ذِكْرِ اللهِ" (الله جي ذڪر کان جن جا قلب ڪٺ وارا آهن) مان مراد ذڪر نه ڪندڙ يا ذڪر روڪيندڙ ٻئي ٽولا آهن جن جون دليون الله جي ذڪر سان نرم نه ٿينديون آهن بزرگن جي نصيحت انهن تي اثر انداز نه ٿي ٿئي جيئن سج جي تپش تي ميڻ نرم ٿيندي آهي پر لوڻ زياده سخت ٿيندو آهي اهي ماڻهو صوفياءَ ڪرام جي ذڪر ڪرڻ واري طريقي کي حرام درود ۽ ڪلمه شريف جي ڪثرت کي بدعت، ۽ ميلاد جي محفل، بزرگان دين جي روح کي ايصال ثواب لاءِ قرآن ڪريم جي تلاوت کان به منع ڪندا آهن ۽ بلڪ کي ته اهي عمل ڪندڙن کي مشرڪ سڏيندا آهن صوفياءُ ڪرام جو فرمان آهي ته گهٽي ڪائڻ، گهٽي سمهڻ ۽ گهٽي ڳالهائڻ سان دل سخت ٿيندي آهي گهٽ کائو ته بيمار گهٽ ٿيندؤ. گهٽ ڳالهايو ته گناهه گهٽ ڪندؤ، درود شريف زياده پڙهو ته بي ايمان ٿي نه مرندؤ ٤- "تَقْشَعِرُّ مِنْهُ جُلُوْدُ الَّذِيْنَ يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ" (ان کان انهن جون کلون ڪانڊارجن ٿيون جيڪي پنهنجي رب کان ڊڄن ٿا) هي الله جل مجده جي مقبول ٻانهن جو حال آهي جو الله جل مجده جي ذڪر خصوصًا قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ يا ٻڌڻ سان انهن تي اهڙي هيبت طاري ٿيندي آهي جو سندن کلون ۽ وارڪانڊارجي وڃن ٿا حضرت بيبي اسماءَ بنت حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنهما جو فرمان آهي ته اصحابن سڳورن جو عام حال اهو هوندو هو ته جڏهن انهن جي سامهون قرآن ڪريم پڙهيو ويندو هو ته سندن اکين مان لڙڪ وهي پوندا هئا ۽ سندن بدن جا وارڪانڊارجي ويندا هئا (١) ٤- "لَا يَشْعُرُوْنَ" (نه ٿا ڄاڻن) مان معلوم ٿيو ته غفلت ڪرڻ به هڪ عيب آهي يعني سرڪشي ڪرڻ ۽ انجام کان بي خبر رهڻ دراصل اهو عيب ته ڪافرن ۾ هو پر افسوس آهي جو هاڻي مسلمان به ان عيب ۾ مبتلا ٿي ويا آهن.

(١) فتح القدير صـ ٤٦٠ جلد٤

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلًا فِيْهِ شُرَكَآءُ مُتَشَاكِسُوْنَ

بيان كيو الله مثال هڪ مرد آهي ان ۾ پائيوار آهن بڇڙي طبيعت وارا

وَرَجُلًا سَلَمًا لِّرَجُلٍ هَلْ يَسْتَوِيَانِ مَثَلًا اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ

۽ هڪ مرد جو نجو هڪ مرد جي لاءِ ڇا برابر ٿيندا مثال ۾ سڀ ساراه الله جي لاءِ آهي

بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ (٢٩) اِنَّكَ مَيِّتٌ وَّاِنَّهُمْ

بلڪ اڪثر انهن جا نه ٿا ڄاڻن بلاشڪ تون رحلت ڪندڙ آهين ۽ بلاشڪ اهي

مَّيِّتُوْنَ (٣٠) ثُمَّ اِنَّكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عِنْدَ رَبِّكُمْ

به وفات ڪندڙ آهن ان کان پوءِ بلاشڪ اوهان قيامت جي ڏينهن پنهنجي رب وٽ

تَخْتَصِمُوْنَ (٣١)

جهيڙو ڪندؤ.

ركوع ٣

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ماڻهن جي لاءِ مثال هٽي ڳالهه بيان ڪرڻ جي حڪمت بيان ٿي تانت اهي نصيحت حاصل ڪن ۽ هتان کان هڪ مثال ڏئي انهن کي سمجهائڻ جي شروعات ٿي رهي آهي ارشاد عالي آهي "ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلًا فِيْهِ شُرَكَآءُ مُتَشَاكِسُوْنَ وَرَجُلًا سَلَمًا لِّرَجُلٍ هَلْ يَسْتَوِيَانِ مَثَلًا" الله مثال بيان ڪيو آهي. هڪ مرد غلام آهي جنهن ۾ بڇڙي طبيعت وارا ماڻهو پائيوار آهن ۽ هڪ مرد هڪ مرد سردار جو نجو آهي ڇا اهي ٻئي مثال ۾ برابر ٿي سگهن ٿا؟ هتي پهريان به پيرا آيل لفظ "رَجُلًا" مان مراد خريد ڪيل غلام آهي ۽ تيون پيرو ذڪر ڪيل لفظ "رَجُلًا" مان مراد سردار آهي يعني جيڪڏهن هڪ خريد ڪيل غلام ۾ ڪيترا پائيوار هجن ۽ هر هڪ

بد مزاج هجي هر هڪ جي ڪوشش هجي ۽ غلام صرف ان جي ڪم ڪار ۽ خدمت ۾ رهي ته ظاهر آهي ته اهو غلام سخت پريشان هوندو ته ڪنهن جي آرڊر کي پورو ڪري ۽ هڪ غلام نجو هڪ سردار جي ملڪيت آهي ته اهو صرف ان هڪ جي امر جي ادائيگي آسانيءَ سان ڪندو ۽ گهڻو پريشان نه هوندو. ڇا اهي ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا؟ هرگز نه هرگز نه - مشرڪ ۽ مومن جو حال به اهڙي طرح سمجهڻ گهرجي مشرڪ جي دل ڪيترن پاسن ڏانهن متوجه آهي ۽ ڪيترن ڪوڙن ۽ باطل معبودن کي خوش رکڻ ۾ مصروف آهي ان جي برخلاف مومن جي سمورن خيالن ۽ توجهات جو مرڪز هڪ سچو معبود الله جل مجده آهي اهو پوري دل جمعيءَ سان ان جي خوشنودي حاصل ڪرڻ ۾ مشغول هوندو آهي ۽ يقين رکندو آهي ته ان جي خوشنودي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪيس ڪنهن ٻئي جي ضرورت ناهي "اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ بَلۡ اَکۡثَرُهُمۡ لَا يَعۡلَمُوۡنَ" سڀ ساراه الله جي لاءِ ثابت آهي بلڪ انهن مان گهڻا نه ٿا ڄاڻن يعني هر حمد، هر حال ۾ هر حمد ڪندڙ کان هڪ الله وحده لاشريڪ له جي لاءِ ثابت آهي جنهن اهڙا اعلىٰ مطلب ۽ حقيقتون کهڙن صاف ۽ دلنشين مثالن سان سمجهايون آهن پر اِن هوندي به گهڻا قسمت جا ٽٽل آهن جيڪي انهن واضح مثالن هوندي به نه ٿا سمجهن "اِنَّكَ مَيِّتٌ وَّاِنَّهُمۡ مَّيِّتُوۡنَ ﴿ز﴾ بلاشڪ تون رحلت فرمائيندڙ آهين ۽ بلاشڪ اهي به وفات ڪندڙ آهن اسلام جي روز بروز وڌندڙ ترقيءَ کي ڏسي ڪافر سڙندا هئا ۽ چوندا هئا ته هي ٿورو وقت هلندو. جڏهن حضرت محمد عليه الصلواة والسلام وفات ڪري ويندو ته سندس پوئتي ڪو پٽ ناهي جنهن جي ذريعي سندس دين وڌندو عنقريب سڄو سلسلو ختم ٿي ويندو انهن جي ان ذهن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ ارشاد ٿيو ته اي حبيب! (عليڪ الصلواة والسلام) ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته اوهان هن دنيا مان رحلت ڪري اڳتي هلڻ وارا آهيو پر اها ڪافرن جي خوشيءَ جي ڳالهه نه ناهي ڇو ته اهي پاڻ به مري وڃڻ وارا آهن پاڻ هميشه رهندڙ نه ناهن.

"ثُمَّ اِنَّكُمۡ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ عِنۡدَ رَبِّكُمۡ تَخۡتَصِمُوۡنَ ﴿ع﴾ ان کان پوءِ بلاشڪ اوهان قيامت جي ڏينهن پنهنجي رب وٽ جهيڙو ڪندڙ آهيو. يعني جيئن دنيا ۾ مشرڪ ۽

مومن جو اختلاف آهي تيئن اهو اثر قيامت جي ڏينهن کلي ظاهر ٿيندو جڏهن انبياءَ عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن جا امتي هڪ جاءِ تي گڏ ٿيندا ۽ ڪافر انبياءَ عليهم الصلواة والسلام ۽ مومنن جي مقابلي ۾ جهيڙا ۽ حجتون ڪندا ڪافر انڪار ڪندا تہ اسان ڪي ڪنهن بہ الله عز برهانه جو حڪم نہ پهچايو پوءِ ملائڪن جي شاهديءَ ۽ زمين، آسمان، رات ۽ ڏينهن، هٿن ۽ پيرن جي گواهيءَ سان ثابت ٿيندو تہ ڪافر ان دعوىٰ ۾ ڪوڙا آهن اهڙي طرح ٻين سڀني جهيڙن جو فيصلو بہ ان ڏينهن الله جل شانه جي بارگاهہ ۾ ٿيندو.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا ١۔ "هَلۡ يَسۡتَوِيَانِ مَثَلًا" (ڇا مثال ۾ ٻئي برابر آهن) مان واضح ٿيو تہ گهڻن درن جو غلام ۽ هڪ الله عز برهانه جو سچو ٻانهو برابر ناهن. اهڙي طرح دنيا جو پوڄاري، مالدارن جو ملازم الله جل شانه جي ان عارف، ڪامل، مطيع، زاهد، ولي جي برابر نہ ٿيندو جنهن پنهنجي زندگي رب العزة جل شانه جي دين لاءِ وقف ڪري ڇڏي اها ئي ترغيب ڏيندي حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمه فرمايو.

ڇاڪي وڃين ڇو ٻيلي ٿين ٻين جو
وٺ ڪنجڪ ڪريم جي جڳ جو والي جو
سهڪو هوندو سو جنهن جو عشق الله سين

٢۔ "اِنَّكَ مَيِّتٌ" (بلاشڪ تون رحلت ڪندڙ آهين) مان مراد هڪ لمحه جي لاءِ مٿن موت جي حالت جو طاري ٿيڻ آهي هميشه جي لاءِ ناهي نہ تہ قرآن ڪريم جو شهيدن لاءِ فرمان آهي تہ "بَلۡ اَحۡيَآءٌ" بلڪ زنده آهن. پوءِ جيڪي نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جي دين تي لڙي ميدان ملهائي روح روح جي پيدا ڪندڙ جي حوالي ڪن ٿا اهي زنده آهن تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن جي زنده هجڻ ۾ مسلمان کي شڪ ڪيئن ٿيندو؟ نبين عليهم الصلواة والسلام جي زنده هجڻ جا دليل مون احسن البيان جي صہ ٢٧٩ کان صہ ٢٨٨ تائين ج٢ ۾ لکيا آهن اتي ڏسي ايمان ڪامل بنائي انبياءَ عليهم الصلواة والسلام جي حيات هجڻ جو عقيدو مضبوط ڪيو.

فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَبَ عَلَى اللهِ وَكَذَّبَ بِالصِّدْقِ

پوءِ ڪير وڌيڪ ظالم آهي ان ڪان جنهن ڪوڙ هنيو الله تي ۽ ڪوڙو ڄاتائين سچ کي

اِذْ جَآءَهٗ اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْكٰفِرِيْنَ (٣٢)

جڏهن آيو ان وٽ ڇا ناهي جهنم ۾ جاءِ ڪافرن جي لاءِ

وَالَّذِيْ جَآءَ بِالصِّدْقِ وَصَدَّقَ بِهٖ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ (٣٣)

۽ جنهن آندو سچ ۽ سچو ڄاتائين ان کي اهي ئي متقي آهن

لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ذٰلِكَ جَزٰٓؤُا

انهن جي لاءِ اهو آهي جيڪي گهرندا انهن جي رب وٽ اهو بدلو آهي

الْمُحْسِنِيْنَ (٣٤) لِيُكَفِّرَ اللهُ عَنْهُمْ اَسْوَاَ الَّذِيْ عَمِلُوْا

محسنن جو تانته ميٽي الله انهن کان برا عمل جيڪي ڪيائون

وَيَجْزِيَهُمْ اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ الَّذِيْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ (٣٥)

۽ بدلو ڏي انهن کي سندن ثواب سهڻو ان جو جيڪو ڪيو هيائون.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جون قباحتون بيان ٿيون ۽ هتي به انهن جي طرفان نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوڻ واري ظلم جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. "فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَبَ عَلَى اللهِ وَكَذَّبَ بِالصِّدْقِ اِذْ جَآءَهٗ" پوءِ ان کان وڌيڪ ڪير ظالم آهي جنهن الله تي ڪوڙ هنيو ۽ جڏهن ان وٽ سچ آيو ته ان کي

ان ڪوڙو چيو الله جل جلاله تي ڪوڙ هڻڻ مان مراد آهي تہ ٻئي ڪنهن کي الله جو شريڪ بنايائين ۽ ان جي لاءِ اولاد ثابت ڪيائين ۽ جيڪو پيغام حضرت محمد ڪريم عليه الصلواة والسلام جن آندو ۽ اهو خالص حق ۽ خالص سچ آهي ان کي بہ ڪوڙو چيائين اهو سڀني ظالمن کان وڏو ظالم آهي ان جهڙو ڪو ٻيو ظالم ناهي (١) "اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْكٰفِرِيْنَ" ڇا جهنم ۾ ڪافرن جي لاءِ جاءِ ناهي؟ هي ڪافرن، نبين عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چوندڙن جي سزا جو بيان آهي مطلب تہ انهن جي جاءِ جهنم آهي ان ۾ هميشه پيا هوندا (٢) "وَالَّذِيْ جَآءَ بِالصِّدْقِ وَصَدَّقَ بِهٖٓ" ۽ جنهن سچ آندو ۽ ان کي سچو چيو "سچ آڻڻ وارا حضور صلى الله عليه وسلم جن آهن ۽ انهن کي پهريان پهريان سچو مڃڻ ۽ چوڻ وارو حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت علي رضي الله عنهما آهن ابن جرير، باوردي معرفة الصحابه ۾ ۽ ابن عساڪر اسيد بن صفوان جي سند سان حضرت علي رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ "وَالَّذِيْ جَآءَ بِالصِّدْقِ" نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن آهن ۽ "وَصَدَّقَ بِهٖ" حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه آهي ۽ ابن مردويه حضرت ابي هريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ "وَصَدَّقَ بِهٖ" حضرت علي آهي (٣) ٻنهي روايتن ۾ تضاد ناهي حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت علي رضي الله عنهما ٻئي تصديق ڪندڙ آهن "اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ" اهي ئي متقي آهن يعني اهي هر اهو ڪم جيڪو الله جل جلاله کي ناراض بنائي جيئن شرڪ ۽ گناهہ ان کان بچندڙ آهن " لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ ذٰلِكَ جَزٰٓؤُا الْمُحْسِنِيْنَ" انهن جي لاءِ سندن رب وٽ اهو سڀ ڪجهہ آهي جيڪي گهرندا اهو محسنن جو بدلو آهي مطلب تہ اهڙيون نعمتون جيڪي نہ ڪنهن مومن ڏٺيون آهن نہ ڪڏهن سندن دلين تي انهن جو خيال آيو الله جل مجده وٽ انهن جي لاءِ جيتريون گهرندا موجود آهن اهو محسنن جو بدلو آهي جن نيڪ ڪم ڪري زندگي گذاري.

"لِيُكَفِّرَ اللّٰهُ عَنْهُمْ اَسْوَاَ الَّذِيْ عَمِلُوْا" تانتہ سندن برا عمل ميٽي" يعني ايمان کان اڳي جيڪي ڪائنن غلط ڪم ٿيا الله تعالىٰ ايمان جي صدقي انهن جا اهي عمل ميٽي ڇڏيندو "وَيَجْزِيَهُمْ اَجْرَهُمْ بِاَحْسَنِ الَّذِيْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" ۽ الله انهن کي سندن

(١) تفسير ابوالسعود صـ٢٠٤ جزء٧ (٢) ايسر التفاسير صـ٤٤ جلد٤ (٣) الدرالمنثور صـ٢٢٨ جلد٧

سھڻن عملن جي بدلي ۾ ڪين اجر عطا فرمائيندو مطلب تہ سندن سھڻن عملن جو ڪين سھڻو بدلو ملندو.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان ھي فائدا ذھن نشين ٿين ٿا ١۔ "كَذَبَ عَلَى اللهِ" (الله تي ڪوڙ ھنيائين) مان معلوم ٿيو تہ ڪوڙ جا مختلف قسم آھن ١۔ قولي - زبان سان ڪوڙ ھڻڻ ٢۔ عملي - اھڙا ڪم ڪرڻ جن مان ڪوڙ ثابت ٿئي ٣۔ اعتقادي - ڪنھن ضروري عقيدي واري ڳالھہ کي نہ مڃڻ سڀ کان بڇڙو ڪوڙ اعتقادي ڪوڙ آھي ٢۔ "بِالصِّدْقِ" (سچ کي) سچ مان مراد يا قرآن ڪريم آھي جنھن جي ھر آيت سچ آھي يا حضور عليہ الصلواة والسلام جن آھن جو سندن ھر ادا سچ آھي ھر ڪم سچو آھي، ھر ڪلام سچو آھي باطل انھن تائين پھچي بہ نہ ٿو سگھي ٣۔ "مَثْوًى لِّلْكٰفِرِيْنَ" (ڪافرن جي لاءِ جاءِ) ھن مان ٻہ ڳالھيون معلوم ٿيون ١۔ تہ ٻين کي ڪوڙو چوڻ گناھ آھي نبي پاڪ عليہ الصلواة والسلام جن کي ڪوڙو چوڻ ڪفر آھي ٢۔ تہ دوزخ ۾ جاءِ صرف ڪافرن جي آھي مومن گنھگار ان ۾ عارضي طور داخل ٿيندو ھميشہ جي لاءِ نہ رھندو ۴۔ "وَصَدَّقَ بِهٖ" (۽ ان کي سچو چيائين) مان معلوم ٿيو تہ حضرت ابوبڪر ۽ حضرت علي رضي الله عنھما ٻئي سچا ۽ تصديق ڪندڙ، اعليٰ مقام ۽ شان وارا آھن ۵۔ "لَهُمْ مَّا يَشَآءُوْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ" (انھن جي لاءِ سندن رب وٽ اھو سڀ ڪجھہ آھي جيڪو گھرندا) مان واضح ٿيو تہ حضرت ابوبڪر ۽ حضرت علي رضي الله عنھما جيڪي بہ الله جل جلالہ کان گھرندا اھو انھن جي لاءِ الله تعاليٰ وٽ موجود آھي. ڪين ڪنھن بہ نعمت کان محروم يا مايوس نہ فرمائيندو.

اَلَيْسَ اللهُ بِكَافٍ عَبْدَهٗ ۗ وَيُخَوِّفُوْنَكَ بِالَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖ ۗ

ڇا ناھي الله ڪافي پنھنجي ٻانھي کي؟ ۽ ڏيڄارين ٿا تو کي انھن کان جيڪي ان کان سواءِ آھن

وَمَنْ يُّضْلِلِ اللهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ۚ (٣٦) وَمَنْ يَّهْدِ اللهُ

۽ جنھن کي گمراھ ڪري الله پوءِ ناھي ان جي لاءِ ڪو ھدايت ڪندڙ ۽ جنھن کي ھدايت ڪري ٿو الله

فَمَا لَهٗ مِنْ مُّضِلٍّ ؕ اَلَيْسَ اللّٰهُ بِعَزِيْزٍ ذِي انْتِقَامٍ (٣٧)

پوءِ ناهي ان جي لاءِ ڪو گمراهه ڪندڙ ڇا ناهي الله غالب بدلي وٺڻ وارو

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ

۽ البت جيڪڏهن پڇندين انهن کان تہ ڪنهن پيدا ڪيا آسمان ۽ زمين تہ

لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ؕ قُلْ اَفَرَءَيْتُمْ مَّا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

البت ضرور چوندا الله فرماءِ تہ ڇا پوءِ ڏسو انهن کي جن جي پوڄا ڪيو ٿا الله کان سواءِ

اِنْ اَرَادَنِيَ اللّٰهُ بِضُرٍّ هَلْ هُنَّ كٰشِفٰتُ ضُرِّهٖٓ

جيڪڏهن ارادو ڪيو مون کي الله تڪليف ڏيڻ جو ڇا اهي لاهيندڙ آهن ان تڪليف جا

اَوْ اَرَادَنِيْ بِرَحْمَةٍ هَلْ هُنَّ مُمْسِكٰتُ رَحْمَتِهٖ ؕ

يا ارادو فرمايائين مون سان رحمت ڪرڻ جو ڇا اهي روڪيندڙ آهن ان جي رحمت ڄا

قُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ ؕ عَلَيْهِ يَتَوَكَّلُ الْمُتَوَكِّلُوْنَ (٣٨)

فرماءِ تہ ڪافي آهي مون لاءِ الله ان تي ئي توڪل ڪن توڪل ڪندڙ

قُلْ يٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ اِنِّيْ عَامِلٌ ۚ

فرماءِ تہ اي منهنجي قوم وارا. عمل ڪيو پنهنجي جاءِ تي بلاشڪ مان عمل ڪندڙ آهيان

فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ (٣٩) مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ

پوءِ جلد ڄاڻندؤ تہ ڪير آهي جو ايندو ان وٽ عذاب جيڪو خوار ڪندو ان کي

وَيَحِلُّ عَلَيْهِ عَذَابٌ مُّقِيمٌ (٤٠)

۽ لهندو ان تي عذاب هميشه وارو.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ الله سبحانه بيان فرمايو تہ اهو مومن کي جيڪو ڪجهہ گهرندا جنت ۾ عطا ڪندو ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ اهو سندن جي لاءِ دنيا ۾ بہ ڪافي آهي ابن جرير ۽ ابن ابي حاتم سُدي کان روايت آندي آهي تہ "عَبْدَهٗ" مان مراد حضرت محمد عليه الصلواة والسلام جن آهن (١) يعني نبي ڪريم عليه التسليمات والتڪريمات جي لاءِ بلڪ هر ٻانهي جي لاءِ الله عز برهانه ڪافي آهي "وَيُخَوِّفُوْنَكَ بِالَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖ" ۽ تو کي الله کان سواءِ ٻين کان ڊيڄارين ٿا.

شان نزول:

عبدالرزاق ۽ ابن المنذر قتادة کان روايت آندي آهي تہ: جڏهن ڪافرن محبوب ڪريم عليه افضل الصلوات واڪمل التحيات کي چيو تہ: تون اسان جي بتن کي باطل چوڻ کان پاڻ روڪ نہ تہ اهي تو کي وڏو نقصان پهچائيندا تڏهن مٿيون ارشاد نازل ٿيو ۽ عبد بن حميد، ابن ابي حاتم ۽ ابن جرير روايت آندي آهي تہ نبي اڪرم عليه التسليمات والتڪريمات جن حضرت خالد بن وليد رضي الله عنه کي عزٰي بت جي ڀڃڻ لاءِ موڪليو تہ ان بت جي سادن (مجاور) ڪيس چيو: اي خالد! مان تو کي ان کان ڊيڄاريان ٿو ان جي سامهون مقابلي ۾ ڪير بہ بيهي نہ سگهندو پر حضرت خالد بغير ڪنهن ڊپ جي ان تي ڪهاڙين جا وار ڪيا ان جو نڪ بہ وڍي ڇڏيو (٢) "وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَالَهٗ مِنْ هَادٍ" ۽ جنهن کي الله گمراهہ ڪري ٿو ان جي لاءِ ڪوبہ هدايت ڪندڙ ناهي. يعني جنهن نفس جي ڏوڪي ۾ اچي، گناهن جي محبت رکي نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جي بي فرماني ڪئي اهو پنهنجي ئي غلطين جي ڪري گمراهہ ٿيو الله جل مجده ان کان هدايت جو نور کسي ڇڏيو هاڻي

(١) الدرالمنثور صـ٢٢٩ جلد٧ (٢) ساڳيو حوالو

ان جي لاءِ ڪوبہ هدايت ڪندڙ نہ آهي "وَمَنْ يَّهْدِ اللّٰهُ فَمَالَهٗ مِنْ مُّضِلٍّ" ۽ جنهن کي الله هدايت ڪري ٿو ان کي ڪوبہ گمراهہ ڪندڙ ناهي يعني جنهن کي نفس جي تزڪيه سان الله سعادت جا اسباب اختيار ڪرڻ جي توفيق ڏي ٿو ۽ صالح اعمال جي محبت سان نوازي ٿو ڪير بہ ان کي پنهنجي مقصد کان هٽائي نہ ٿو سگهي ڇو تہ ان سان الله عز برهانه جي خاص مهرباني شامل آهي "اَلَيْسَ اللّٰهُ بِعَزِيْزٍ ذِي انْتِقَامٍ" ڇا الله غالب، انتقام وٺڻ وارو ناهي؟ يعني الله غالب آهي ان کان ڪوبہ غالب ٿي نہ سگهندو ۽ نہ ان سان جهيڙو ڪري سگهندو ۽ انتقام جو صاحب آهي جيڪو پنهنجن دوستن جي دشمنن کان انتقام وٺندو آهي ۽ ان ۾ ڪوبہ شڪ، شبهو ناهي "وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ" ۽ البت جيڪڏهن تون انهن کان پڇندين تہ آسمانَ ۽ زمينَ ڪنهن پيدا ڪيا آهن تہ ضرور چوندا الله (پيدا فرمايا آهن) يعني اهي مشرڪ دليل جي باوجود ۽ رستي جي اهڙي روشن هجڻ جي ڪري جنهن جو انڪار نہ ٿو ٿي سگهي اقرار ڪن ٿا تہ آسمانن ۽ زمين جو خالق الله (جلت صفاته) آهي ۽ پڇڻ تي مڃين بہ ٿا تہ پوءِ ڪين ڪيئن ٿو مناسب لڳي تہ خالق ڪان سواءِ ٻئي جي عبادت ڪن يا ان سان ڪنهن کي شريڪ بنائين "قُلْ اَفَرَاَيْتُمْ مَّا تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اِنْ اَرَادَنِيَ اللّٰهُ بِضُرٍّ هَلْ هُنَّ كٰشِفٰتُ ضُرِّهٖٓ اَوْ اَرَادَنِيْ بِرَحْمَةٍ هَلْ هُنَّ مُمْسِكٰتُ رَحْمَتِهٖ" فرماءِ تہ: انهن جي خبر ڏيو جن جي الله کان سواءِ عبادت ڪيو ٿا جيڪڏهن الله مون کي تڪليف ڏيڻ جو ارادو ڪري تہ ڇا اهي ان جي ڏنل تڪليف کي لاهي سگهندا؟ يا الله مون تي رحمت ڪرڻ جو ارادو فرمائي تہ ڇا اهي ان جي رحمت کي روڪي سگهندا؟ يعني جڏهن انهن اوهان جي باطل معبودن ۾ نفعي يا نقصان روڪڻ جو ڪو پاور ناهي تہ انهن جي عبادت ڇو ڪيون؟ مقاتل جو قول آهي تہ جڏهن هي فرمان نازل ٿيو ۽ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن انهن ڪان سوال ڪيو تہ چپ ٿي ويا ڪو جواب ڏئي نہ سگهيا ڪي وري چوڻ لڳا تہ اهي نفعو نقصان تہ ڏئي نہ ٿا سگهن پر سفارش ڪري سگهن ٿا "قُلْ حَسْبِيَ اللّٰهُ عَلَيْهِ يَتَوَكَّلُ الْمُتَوَكِّلُوْنَ" فرماءِ تہ مون لاءِ الله ڪافي آهي ان تي ئي توڪل ڪندڙ توڪل ڪن مطلب تہ مون لاءِ منهنجن سڀني ڪمن ۾ الله ڪافي آهي اهو ئي

نفعا ڏيندڙ ۽ نقصان دفع ڪندڙ آهي مان اوهان جي باطل معبودن ڪان بالڪل نہ ٿو ڊڄان توڪل ڪندڙ صرف ان تي توڪل ڪن غير ڏانهن متوجه نہ رهن.

محبوب عليه الصلواة والسلام جو محبوب فرمان:

١۔ حديث پاڪ ۾ آهي تہ "جيڪو هن ڳالهہ سان محبت ٿو رکي تہ ماڻهن ۾ وڏيڪ قوي هجي تہ الله تي توڪل ڪري، ۽ جيڪو هن ڳالهہ سان محبت رکي ٿو تہ ماڻهن ۾ وڏيڪ غني هجي تہ جيڪو ڪجهہ سندس هٿن ۾ آهي ان ڪان بہ وڏيڪ اعتماد ان تي رکي جيڪو سندس لاءِ الله جي (قدرتي) هٿ ۾ آهي ۽ جيڪو هن ڳالهہ سان محبت رکي ٿو تہ ماڻهن ۾ وڏيڪ عزت وارو هجي اهو الله ڪان ڊڄندو رهي" (١) "قُلْ يٰقَوْمِ اعْمَلُوْا عَلٰى مَكَانَتِكُمْ اِنِّيْ عَامِلٌ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ مَنْ يَّاْتِيْهِ عَذَابٌ يُّخْزِيْهِ وَيَحِلُّ عَلَيْهِ عَذَابٌ مُّقِيْمٌ" فرماءِ تہ اي منهنجي قوم! اوهان پنهنجي جاءِ تي عمل ڪيو بلاشڪ مان بہ عمل ڪندڙ آهيان پوءِ اوهان جلد ڄاڻندؤ تہ ڪير آهي (جنهن وٽ) ان کي خوار ڪندڙ عذاب اچي ٿو ۽ ان تي هميشہ رهندڙ عذاب لهي ٿو. يعني اوهان پنهنجي طريقي سان مڪر، ڌوڪي ۽ ٺڳيءَ جا ڪم ڪندا رهو ۽ مان پنهنجي طريقي. الله ڏانهن سڏڻ ۽ ان جي دين کي غالب بنائڻ جي لاءِ ڪم ڪندو ٿو رهان اوهان کي جلد خبر پوندي تہ ڪنهن وٽ ٿو ذليل ۽ خوار ڪرڻ وارو عذاب اچي ۽ ڪنهن تي ٿو جهنم وارو دائمي عذاب لهي هن آيت جي اندر وعيد ۾ مبالغو آهي ۽ اها بہ خبر ڏنل آهي تہ حضور پر نور عليہ الصلواة والسلام جن جو حال الله جي مدد ۽ تائيد سان قوت ۾ وڌندو ۽ سندن دشمن جي خوار ڪرڻ ۾ سندن غالب رهڻ جي خبر ڏنل آهي الله عز برهانہ ڪافرن کي بدر جي جنگ ۾ بہ خوار خراب ڪيو هو. (٢)

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا ١۔ "اَلَيْسَ اللّٰهُ بِكَافٍ عَبْدَهٗ" (ڇا الله پنهنجي ٻانهي کي ڪافي ناهي؟) هن آيت ۾ سوال انڪاري آهي هن ۾ حضور عليہ الصلواة والسلام کي تسلي ڏنل آهي تہ ڪافر اوهان کي ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندا

(١) المراغي ص ٨ جزء ٢٤ جلد ٨ (٢) صفوة التفاسير ص ٨١ جلد ٣

۾ الله عز برهانه اوهان کي هر مهم ۾ ڪافي آهي ٢۔ "وَمَنْ يَّهْدِاللهُ فَلَا مُضِلَّ لَهٗ" (۽ جنهن کي الله هدايت ڏي ٿو ان کي ڪير بہ گمراهہ ڪندڙ ناهي) هتي هدايت مان مراد ايمان جو نور آهي جيڪو رب پاڪ جي طرفان مومن جي دل ۾ پيدا ٿيندو آهي جنهن جي ڪري اهو سهڻي حبيب عليه الصلواة والسلام جي اطاعت تي آماده رهندو آهي براين ڪان پڄندو آهي اهو نور الله عز برهانه جو خاص ڪرم آهي ٣۔ "هَلْ هُنَّ كٰشِفٰتُ ضُرِّهٖٓ" (ڇا اهي ان جي ڏنل تڪليف لاهيندڙ آهن) هتي "هن" مان مراد بت آهن اهي ڪا تڪليف لاهي نہ ٿا سگهن الله جل جلاله جا نبي عليهم الصلواة والسلام ۽ ان جا مقبول ٻانها شفاعت ذريعي تڪليف لاهي سگهن ٿا اهي هتي مراد ناهن ۴۔ "قُلْ يٰقَوْمِ اعْمَلُوْا" (فرماءِ تہ اي منهنجي قوم! عمل ڪيو) هن مان بہ ٽي ڳالهيون معلوم ٿيون ١۔ تہ ڪافرن کي پنهنجي قوم سڏڻ جائز آهي پر ان مان مراد ملڪي يا نسبي قوم آهي ديني قوم ناهي ٢۔ دين جي دعوت نرميءَ سان ڏجي جو ٻاڻ انهن دشمنن، رت جي پياسن کي بہ پنهنجي قوم سڏي دين جي دعوت ڏنائون ٣۔ تہ هر امر جو صيغو وجوب جي لاءِ ناهي "اِعْمَلُوْا" امر جو صيغو آهي مگر نہ وجوب لاءِ نہ اباحت جي لاءِ پر عتاب ۽ غضب جي اظهار جي لاءِ آهي. (١)

اِنَّآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ لِلنَّاسِ بِالْحَقِّ ۚ فَمَنِ اهْتَدٰى فَلِنَفْسِهٖ ۚ

بلاشڪ اسان نازل ڪيو تو تي ڪتاب حق سان ماڻهن لاءِ پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو پوءِ پنهنجي سر لاءِ

وَمَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ۚ وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ع (٤١)

۽ جيڪو گمراهہ ٿيو پوءِ رڳو گمراهہ ٿئي ٿو ان تي ۽ ناهين تون انهن تي ذميدار

اَللّٰهُ يَتَوَفَّى الْاَنْفُسَ حِيْنَ مَوْتِهَا وَالَّتِيْ لَمْ تَمُتْ فِيْ مَنَامِهَا ۚ

الله وفات ڪرائي ٿو نفسن کي سندن مرڻ جي مهل ۽ انهن کي جو نہ وفات ڪيائون سندن ننڊ وقت

(١) نورالعرفان صہ ٧٣٨

فَيُمْسِكُ الَّتِىْ قَضٰى عَلَيْهَا الْمَوْتَ وَيُرْسِلُ الْاُخْرٰٓى اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى

پوءِ جهلي ٿو ان کي جو فيصلو فرمايائين ان تي موت جو ۽ ڇڏي ٿو ٻئي کي مقرر مدت تائين

اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ (۴٢) اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ

بلاشڪ ان ۾ البت نشانيون آهن ان قوم جي لاءِ جيڪي سوچين ٿا ڇا ورتائون الله جي اذن کان سواءِ

شُفَعَآءَ ؕ قُلْ اَوَلَوْ كَانُوْا لَا يَمْلِكُوْنَ شَيْـًٔا وَّلَا يَعْقِلُوْنَ (۴٣)

سفارش ڪندڙ؟ فرماءِ تہ جيتوڻيڪ نہ ٿا مالڪ ٿين ڪنهن شئي جا ۽ نہ ٿا ڄاڻن

قُلْ لِّلّٰهِ الشَّفَاعَةُ جَمِيْعًا ؕ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ

فرماءِ تہ الله جي آهي سفارش سموري ان جي آهي آسمانن ۽ زمين ۾ بادشاهي

ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ (۴۴) وَاِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَحْدَهُ

ان کان پوءِ اوهان ان ڏانهن موٽايا ويندؤ ۽ جڏهن ياد ڪيو وڃي ٿو الله اڪيلو

اشْمَاَزَّتْ قُلُوْبُ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ ۚ وَاِذَا

اهو تہ ٿهنديون دليون انهن جون جيڪي ايمان نہ ٿا آڻين آخرت تي ۽ جڏهن

ذُكِرَ الَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖٓ اِذَا هُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ (۴۵)

ياد ڪيا وڃن ٿا اهي جيڪي ان کان سواءِ آهن تہ ان وقت اهي خوش ٿين ٿا.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ رسول اڪرم، نبي معظم عليه الصلواة والسلام جن جي زبان فيض ترجمان سان ڪافرن جي اڳيان حجتون ۽ قطعي دليل بيان ٿيا ۽ هتي محبوب مني

عليه افضل الصلوات واكمل التسليمات کي تسلي ڏيندي ٻڌايو ويو آهي تہ اوهان تي جيڪو ڪتاب لٿو آهي اهو حق آهي ارشاد مبارڪ آهي "اِنَّآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ لِلنَّاسِ بِالْحَقِّ ۚ" بلاشڪ اسان اوهان تي ڪتاب حق سان لاٿو آهي يعني اسان اوهان تي جيڪو ڪتاب لاٿو آهي اهو سراسر حق آهي ان ۾ مذڪور دين، اسلام بہ ماڻهن جي لاءِ سچو ۽ صحيح دين آهي "فَمَنِ اهْتَدٰى فَلِنَفْسِهٖ ۚ" پوءِ جيڪو هدايت وارو ٿيو تہ اهو پنهنجي لاءِ (هدايت وارو ٿيو) يعني هدايت قبول ڪندڙ پنهنجي لاءِ ثواب حاصل ڪندو "وَمَنْ ضَلَّ فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا ۚ" ۽ جيڪو گمراهہ ٿيندو پوءِ اهو پنهنجي لاءِ ٿو گمراهہ ٿئي يعني گمراهہ ٿيندڙ جي گمراهيءَ جو عذاب ان تي پوندو "وَمَآ اَنْتَ عَلَيْهِمْ بِوَكِيْلٍ ؏" ۽ تون انهن جو ذميدار ناهين يعني اوهان انهن جي مٿان انهن کي مجبور ڪري مومن بڻائڻ جي لاءِ مقرر ٿيل ناهيو نہ ڪو اوهان اهڙو ذمو کنيو آهي "اَللّٰهُ يَتَوَفَّى الْاَنْفُسَ حِيْنَ مَوْتِهَا" الله وفات ڪرائي ٿو نفسن کي انهن جي مرڻ جي وقت "انفس" مان مراد ارواح آهن ۽ هڪ قول مطابق نفس مان مراد روح کان سواءِ ٻي شيءِ آهي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو اهو قول آهي پوءِ روح عالم حيات جي تدبير ڪندو آهي ۽ نفس عالم احساس جي تدبير ڪندو آهي ۽ حديث پاڪ مان معلوم ٿئي ٿو تہ نفس ۽ روح هڪ شيءِ آهن ۽ ان جو جسم کان جدا ٿيڻ ئي موت آهي ۽ "يَتَوَفَّى الْاَنْفُسَ" جي معنيٰ انهن کي وفات ڪرائڻ آهي "وَالَّتِيْ لَمْ تَمُتْ فِيْ مَنَامِهَا ۚ" ۽ جن نہ وفات ڪئي انهن کي سندن ننڊ ۾- هتي ننڊ کي موت سان ۽ ننڊ ڪندڙن کي وفات ڪندڙن سان تشبيه ڏنل آهي (١) توفى جي لغوي معنيٰ آهي ڪنهن کي پوري طرح پنهنجي قبضي ۾ رکڻ ۽ اهو ٻہ قسم آهي ١- روح کي هميشه جي لاءِ پنهنجي قبضي ۾ رکڻ ٢- عارضي طور ڪجهہ وقت جي لاءِ رکڻ پهرين صورت کي موت سڏبو آهي ٻي صورت کي ننڊ چئبو آهي (٢) "فَيُمْسِكُ الَّتِيْ قَضٰى عَلَيْهَا الْمَوْتَ وَيُرْسِلُ الْاُخْرٰٓى اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۭ" پوءِ جنهن تي موت جو فيصلو ڪري ٿو ان کي جهلي ٿو ۽ ٻئي کي مقرر مدت تائين ڇڏي ٿو. مطلب تہ الله جنهن کي مارڻ ٿو گهري ان جي روح کي روڪي ڇڏي ٿو ۽ جنهن کي مارڻ نہ ٿو گهري ان جي روح کي جيستائين ان جي حياتي جو مقرر ميعاد آهي ڇڏي ڏي ٿو "اِنَّ

(١) البحر المحيط ص ٤٣٠ جلد ٧ (٢) ضياءُ القرآن ص ٢٧٣ جلد ٤

فِيْ ذَالِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ " بلاشڪ ان ۾ ان قوم جي لاءِ نشانيون آهن جيڪي فڪر ڪن ٿا. مقصد تہ ارواح کي پوري طرح قبضي ۾ رکي هڪڙن کي جهلڻ ٻين کي ڇڏي ڏيڻ ۾ الله جي قدرت باهره تي دلالت ڪندڙ عجيب وبديع نشانيون آهن پر انهن کي هر هڪ ماڻهو سمجهي نہ سگهندو اهي سمجهندا جيڪي انهن ۾ غور ۽ فڪر ڪندا ۽ ان سان الله جي توحيد ۽ ان جي قدرت جي ڪمال تي دليل وٺندا (١) " اَمِ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِ اللهِ شُفَعَآءَ " ڇا بنايائون الله جي اذن کان سواءِ سفارش ڪندڙ - ذهن ۾ رکڻ کپي تہ بتن جي متعلق مشرڪ دعويٰ ڪندا هئا تہ اهي الله جل مجده جي بارگاه ۾ سندن سفارشي آهن انهن جي ئي سفارش سان سندن ڪم ٿين ٿا ان جي ڪري ئي انهن جي عبادت ڪن ٿا. پر انهن کي سمجهڻ کپي تہ سفارش ڪندڙ معبود بنجي نہ ٿو سگهي ٻيو تہ سفارش اهو ڪري سگهندو جنهن کي الله جي طرفان اجازت هجي ۽ اهو بہ صرف ان جي حق ۾ سفارش ڪندو جنهن کي الله پسند فرمائي الغرض تہ شفاعت ڪندڙ جو موڪل مليل هجڻ ۽ جنهن جي لاءِ شفاعت ڪري ان جي شفاعت لاءِ خدا جو راضي هجڻ ضروري آهي بتن ۽ بت پرستن ۾ اهي ٻئي ڳالهيون ناهن نہ بتن کي شفاعت جو اذن مليل آهي نہ بت پرستن جي لاءِ سفارش کان الله راضي آهي ان جي ڪري انهن جو اهو چوڻ بلڪل غلط آهي " قُلْ اَوَلَوْ كَانُوْا لَا يَمْلِكُوْنَ شَيْـًٔا وَّلَا يَعْقِلُوْنَ " فرماءِ تہ جيتوڻيڪ اهي ڪنهن شيءِ جا مالڪ نہ ٿا ٿين ۽ نہ عقل رکن ٿا. يعني بتن کي نہ اختيار آهي نہ سمجهہ پوءِ بہ انهن کي سفارشي سمجهڻ نهايت عجيب آهي " قُلْ لِّلّٰهِ الشَّفَاعَةُ جَمِيْعًا لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ " فرماءِ تہ الله جي اختيار ۾ سموري شفاعت آهي ان جي ئي آسمانن ۽ زمين ۾ بادشاهي آهي ان کان پوءِ ان ڏانهن ئي اوهان موٽايا ويندؤ يعني هر قسم جي سفارش الله جي اختيار ۾ آهي ان جي مرضيءَ کان سواءِ ڪير چپ چوري نہ سگهندو آسمانن ۽ زمين ۾ بادشاهي بہ ان جي آهي سڀني کي ان ڏانهن ئي موٽي هلڻو آهي.

" وَاِذَا ذُكِرَ اللهُ وَحْدَهُ اشْمَاَزَّتْ قُلُوْبُ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ وَاِذَا ذُكِرَ الَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖٓ اِذَا هُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ " ۽ جڏهن الله وحده جو ذڪر ڪيو ٿو وڃي تہ آخرت

(١) فتح القدير صـ ٤٦٦ جلد ٣

تي ايمان نہ آڻ وارن جون دليون ٿهنديون آهن ۽ جڏهن ان کان سوا ٻيا ذکر ڪيا وڃن ٿا تہ ان وقت اهي خوش ٿين ٿا هتي مشرڪن، ڪافرن جي ذهنيت بيان ڪيل آهي تہ انهن جي اڳيان جڏهن الله عز برهانه جي توحيد، هيڪڙائي ۽ وحدانيت بيان ٿيندي آهي تہ انهن جون دليون ٿهنديون آهن ۽ جڏهن الله جل مجده کان سواءِ ٻين باطل معبودن جو ذڪر ٿيندو آهي تہ اهي خوش ٿيندا آهن.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا ١۔ "اِنَّآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ لِلنَّاسِ بِالْحَقِّ" (اسان اوهان تي ماڻهن جي لاءِ حق سان ڪتاب لاٿو آهي) مان معلوم ٿيو تہ ڪتاب جو نزول ٻين جي هدايت لاءِ ٿيو آهي نبي ڪريم عليه التحية والتسليم جن تہ اڳئي هدايت تي هئا سندن هدايت قرآن ڪريم جي نزول تي ٻڌل ناهي جيئن حديث مبارڪ ۾ آهي آدم مٽيءَ ۾ ڳوهيل هو تہ مان نبي هوس" ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ جڏهن قرآن پاڪ ماڻهن جي هدايت لاءِ نازل ٿيو آهي تہ نبي پاڪ عليه الصلواة والسلام جن ان مان ڪابہ ڳالهہ لڪائي ناهي جيڪو چوي تہ حضور پر نور عليه افضل الصلوات واڪمل التحيات جن اهل بيت جي فضائل جون آيتون لڪائي رکيون، ماڻهن جي ڊپ کان نہ ٻڌايون اهو سندن پاڪ ذات تي تهمتون هڻندڙ، ۽ ڪين حق لڪائيندڙ سمجهڻ جي ڪري ڪافر آهي قرآن پاڪ جو منڪر آهي ٢۔ "فَاِنَّمَا يَضِلُّ عَلَيْهَا" (پوءِ پنهنجي مٿان ٿو گمراهي وجهي) مان معلوم ٿيو تہ انسان جي گمراهيءَ جو نقصان ان کي ملندو حضرت حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جن ان کان غني آهن ها انسان جيڪڏهن هدايت تي هلندو تہ ان جو ثواب نبي ڪريم عليه الصلواة والسلام جن کي بہ ملندو پر پاڻ ان جا محتاج ناهن سج کان روشني نہ وٺڻ جو نقصان اسان کي آهي سج ان کان مستغني آهي ٣۔ "قُلْ لِّلّٰهِ الشَّفَاعَةُ جَمِيْعًا" (فرماءِ تہ شفاعت سموري الله جي (اختيار ۾) آهي مان معلوم ٿيو تہ اذن شفاعت الله جل شانه جي مرضيءَ سان ٻڌل آهي جنهن کي اذن نہ ٿو ڏي اهو شفاعت ڪري نہ سگهندو پر جنهن کي اذن شفاعت جو ڏئي ڇڏيو اٿس يا ڏيندو اهو شفاعت ڪندو. جيئن قرآن پاڪ ۽ متواتر احاديث سان حضور عليه الصلواة والسلام جن جي شفاعت

ثابت آهي ۽ اهڙي طرح شهيدن، عالمن، ننڍڙن ٻارن جي به شفاعت نبوي احاديث ۾ مذكور آهي.

قُلِ اللّٰهُمَّ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ عٰلِمَ الْغَيْبِ

چوءِ ته اي الله! آسمانن ۽ زمين جا پيدا ڪندڙ ڄاڻندڙ غيب

وَالشَّهَادَةِ اَنْتَ تَحْكُمُ بَيْنَ عِبَادِكَ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ

۽ ظاهر جا تون فيصلو ڪندين پنهنجن ٻانهن ۾ ان جو جنهن ۾ اختلاف

يَخْتَلِفُوْنَ (۴٦) وَلَوْ اَنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَا فِى الْاَرْضِ

ڪندا هئا ۽ جيڪڏهن تحقيق (هجي) انهن جي لاءِ جن ظلم ڪيو جيڪو زمين ۾ آهي

جَمِيْعًا وَّمِثْلَهٗ مَعَهٗ لَافْتَدَوْا بِهٖ مِنْ سُوْٓءِ الْعَذَابِ

سمورو ۽ ان جيترو ان سان گڏ ته البته فديو ڏين ها ان سان بڇڙي عذاب کان (ڇٽڻ جي لاءِ)

يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ وَبَدَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مَا لَمْ يَكُوْنُوْا يَحْتَسِبُوْنَ (۴٧)

قيامت جي ڏينهن ۽ ظاهر ٿيندو انهن جي لاءِ الله جي طرفان اهو جو نٿي گمان ڪيائون

وَبَدَا لَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوْا وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا

۽ ظاهر ٿينديون انهن جي لاءِ برايون جيڪي ڪمايائون ۽ گهيري ۾ وٺندو انهن کي اهو جو

بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ (۴٨)

ان سان چٿر ڪندا هئا.

تفسير.

اڳين آيتن مان ڪافرن جي سندن باطل معبودن سان محبت ۽ شرڪ جو ذڪر ٿيو ۽ هنن آيتن ۾ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کي پنهنجي سچي معبود جي بارگاهه ۾ عرض ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ارشاد ٿي رهيو آهي "قُلِ اللّٰهُمَّ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ عٰلِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ اَنْتَ تَحْكُمُ بَيْنَ عِبَادِكَ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ" چؤ تہ اي الله! آسمانن ۽ زمين جا پيدا ڪندڙ! ڳجهہ ۽ ظاهر ڄاڻندڙ! تون پنهنجن ٻانهن ۾ انهن ڳالهين جو فيصلو ڪندين جن ۾ اختلاف ڪيائون ٿي. يعني جن ڳالهين ۾ مسلمان ۽ ڪافر اختلاف رکن ٿا مسلمان تو الله وحده لاشريڪ لہ جي معبودبالحق هجڻ جو عقيدو رکن ٿا ۽ ڪافر نٿا مڃين، اهي توسان بتن کي شريڪ بنائن ٿا انهن ۾ تون ئي فيصلو فرمائي ڪافرن کي عذاب ۽ مسلمانن کي جنت ۽ ثواب عطا ڪندين. "وَلَوْ اَنَّ لِلَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مَا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا وَّمِثْلَهٗ مَعَهٗ لَافْتَدَوْا بِهٖ مِنْ سُوْٓءِ الْعَذَابِ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ" ۽ جيڪڏهن انهن جي لاءِ جن ظلم ڪيو جيڪو زمين ۾ آهي سمورو ۽ ان جيترو ان سان گڏ هجي ها تہ قيامت جي ڏينهن واري بڇڙي عذاب کان ان سان فديو ڏين ها. يعني قيامت جي ڏينهن واري سخت عذاب کان نجات حاصل ڪرڻ جي لاءِ اهو سڀ ڪجهہ فديي ۽ بدلي ۾ ڏين ها. پر انهن وٽ قيامت جي ڏينهن ڪجهہ بہ نہ هوندو ۽ نہ فديو ڏيڻ قبول ڪيو ويندو. ۽ هي انهن جي لاءِ سخت وعيد ۽ نجات ملڻ کان مڪمل طرح نا اميدي جو اظهار آهي. "وَبَدَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مَا لَمْ يَكُوْنُوْا يَحْتَسِبُوْنَ" ۽ انهن جي لاءِ الله جي طرفان اهو ظاهر ٿيندو جيڪو گمان بہ نہ ڪندا هئا. يعني الله عز برهانہ جي طرفان انهن جي لاءِ قسمين قسمين اهڙا عذاب ظاهر ٿيندا جن جو ڪين دنيا ۾ گمان بہ نہ هو "وَبَدَا لَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوْا" ۽ انهن جي لاءِ جيڪي ڪمايو هيائون اهي برايون ظاهر ٿينديون. يعني جڏهن سندن اڳيان سندن اعمال ناما پيش ڪيا ويندا تہ سندن برا ڪم سڀ سندن اڳيان ظاهر ٿي ايندا "وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ" ۽ جن ڳالهين سان چٿرون ڪندا هئا اهي کين گهيرو ڪري ٻيهنديون. يعني قرآن پاڪ ۾ انسانن قبرن کان

مان اٿڻ ۽ قيامت جي عذاب وغيره جو ذڪر ٻڌي ڇرون ۽ ٿوڪون ڪندا هئا ان جو وبال ۽ عذاب ڪين وڪوڙي ويندو. مڪمل طرح ان جي گهيري ۾ رهندا. (١)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا.

١- "قُلِ اللّٰهُمَّ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" (چؤ تہ اي الله ! اي آسمانن ۽ زمين جا پيدا ڪندڙ) صحيح مسلم ۾ حضرت عبدالرحمان بن عوف رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون سيده عائشه رضي الله عنها کان پڇيو تہ رسول الله صلی الله عليه وسلم جن (تهجد جي) نماز ڇاسان شروع ڪندا هئا ان ٻڌايو تہ پاڻ جڏهن تهجد جي نماز لاء اٿندا هئا تہ هيءَ دعا پڙهندا هئا "اَللّٰهُمَّ رَبَّ جِبْرِيْلَ وَمِيْكَائِيْلَ وَاِسْرَافِيْلَ فَاطِرَ السَّمَاوَاتِ وَالْاَرْضِ عَالِمَ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ اَنْتَ تَحْكُمُ بَيْنَ عِبَادِكَ فِيْمَا كَانُوْا فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ اِهْدِنِيْ لِمَا اخْتُلِفَ فِيْهِ مِنَ الْحَقِّ بِاِذْنِكَ اِنَّكَ تَهْدِيْ مَنْ نَشَاءُ اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ"

دعا جي مقبوليت.

حضرت سعيد بن جبير رضي الله عنه فرمايو تہ مون کي قرآن ڪريم جي هڪ اهڙي آيت معلوم آهي جو ان کي پڙهي انسان جيڪا دعا گهري ٿو اها مقبول ٿئي ٿي ۽ پوءِ هيءَ آيت پڙهيائين "اَللّٰهُمَّ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" الاية. (٢)

٢- "وَبَدَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مَا لَمْ يَكُوْنُوْا يَحْتَسِبُوْنَ" (۽ انهن جي لاءِ الله جي طرفان اهو ظاهر ٿيندو جيڪو گمان بہ نہ ڪندا هئا). هن مان هڪ قول مطابق واضح ٿيو تہ عمل ۾ رياء ڪرڻ عمل جي تباهي آهي. حضرت سفيان ثوري عليه الرحمة هيءَ آيت پڙهي فرمايو تہ: رياء ڪندڙن جي لاءِ هلاڪت آهي، رياء ڪندڙن جي لاءِ هلاڪت آهي. هيءَ آيت انهن جي متعلق آهي جيڪي ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ نيڪ عمل ڪندا هئا ۽ ماڻهو بہ انهن کي نيڪوڪار سمجهندا هئا. اهي پاڻ بہ ان ڌوڪي ۾ رهيا تہ اهي عمل آخرت ۾ سندن نجات جو ذريعو بڻجندا پر جڏهن تہ انهن ۾ اخلاص نہ هو تڏهن الله وٽ اهڙن عملن جو ڪوبہ اجر ۽ ثواب ناهي، ان جي ڪري قيامت جي ڏينهن انهن جي خيال جي خلاف اوچتو ڪين عتاب ۽ عذاب ٿيندو.

(١) روح البيان ص ١٣٠ جلد٨ (٢) معارف القرآن ص ٥٦٦ جلد٧

٣- مذكوره آيت مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ جڏهن اصحابن سڳورن رضي الله عنهم جي باهمي اختلافات جو ذڪر ٿئي تہ ماڻهو سندن فيصلو الله عز برهانه جي حوالي ڪري "اَنْتَ تَحْكُمُ بَيْنَ عِبَادِكَ" علامه آلوسي عليه الرحمة لکيو آهي تہ "فانه من الآداب التي ينبغي ان تحفظ" (١) بلاشڪ اهو انهن آدابن مان آهي جيڪي ياد رکڻ جي لائق آهن. ٤- "تَحْكُمُ بَيْنَ عِبَادِكَ" (پنهنجن ٻانهن ۾ فيصلو ڪندين) ۾ اهو اشارو آهي تہ حقيقي حاڪم، فيصلا ڪندڙ الله جل شانه آهي ۽ ان جو هر فيصلو ۽ حڪم خالص عدل ۽ انصاف آهي. عدل نہ ڪرڻ وڏي سزا جو سبب آهي ان جي ڪري حضرت امام ابو حنيفه کي جڏهن عراق ۽ خراسان جي امير قاضي ٿيڻ جي لاءِ زور ڀريو تہ پاڻ ان جي امر کي ٽي ڀيرا ٺڪرايائون. نيٺ ان کين سزا ڏيندي ديڙا هڻايا جن جي ڪري سندن منهن مبارڪ سڄي پيو ۽ کين جيل ۾ رکايو پر پاڻ فرمايائون تہ "دنيا جا ديڙا مون لاءِ آخرت جي لوهہ وارن جهنم جي باهہ ۾ تپايل مترڪن کان ڀلا آهن". (٢)

فَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ ضُرٌّ دَعَانَا ثُمَّ اِذَا

پوءِ جڏهن پهتي انسان کي ڪا تڪليف تہ سڏيندو آهي اسان کي تنهن کان پوءِ جڏهن

خَوَّلْنٰهُ نِعْمَةً مِّنَّا قَالَ اِنَّمَآ اُوْتِيْتُهٗ عَلٰى عِلْمٍ بَلْ هِيَ

ڏيندا آهيون ان کي نعمت پاڻ وٽان تہ چوندو آهي تہ تحقيق ڏنو ويو آهيان اها علم جي ڪري بلڪ اها

فِتْنَةٌ وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ (٤٩) قَدْ قَالَهَا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ

پرک آهي ۽ پر گهڻا انهن مان نٿا ڄاڻن تحقيق چئي اها ڳالهہ جيڪي انهن کان اڳي (گذريا) هئا

فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ (٥٠) فَاَصَابَهُمْ سَيِّاٰتُ

پوءِ نہ فائدو ڏنائين انهن کي ان جيڪي ڪمايو هيائون پوءِ پهتيون انهن کي برايون ان جون

(١) روح المعاني ص ١٠ جز ٢٤ جلد ٨ (٢) روح البيان ص ١٣٠ جلد ٨

مَا كَسَبُوْا ۗ وَالَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْ هٰٓؤُلَاۗءِ سَيُصِيْبُهُمْ سَيِّاٰتُ مَا

جيكو كمايائون ۽ جن ظلم كيو هنن مان جلد پهچنديون انهن كي برايون ان جون

كَسَبُوْا ۙ وَمَا هُمْ بِمُعْجِزِيْنَ (٥١) اَوَلَمْ يَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ

جيكو كمايائون ۽ ناهن اهي عاجز كندڙ ڇا نہ ڄاتائون تہ بيشڪ الله

يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَاۗءُ وَيَقْدِرُ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ

كشادو كري ٿو رزق جنهن لاءِ گهري ۽ تنگ ٿو كري بلاشڪ ان ۾

لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ (٥٢) ع ٥

البتہ نشانيون آهن ان قوم جي لاءِ جيكي ايمان آڻين ٿا.

تفسير

اڳين ء آيت ۾ كافرن جي بري حالت ظاهر ٿيڻ جو ذكر هو ۽ هتي دنيا ۾ انهن جي بي شكري ۽ بي قدري جو بيان ٿي رهيو آهي. فرمان الٰهي آهي "فَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ ضُرٌّ دَعَانَا ۡ ثُمَّ اِذَا خَوَّلْنٰهُ نِعْمَةً مِّنَّا ۙ قَالَ اِنَّمَآ اُوْتِيْتُهٗ عَلٰي عِلْمٍ ۭ بَلْ هِيَ فِتْنَةٌ وَّلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ" پوءِ جڏهن انسان كي كا تكليف پهچي ٿي تہ اسان كي سڏي ٿو ان كان بعد جڏهن اسين ان كي پاڻ وٽان كا نعمت ڏيون ٿا تہ چوي ٿو اها تہ رڳو علم جي كري ڏنو ويو آهيان، بلكہ پرک آهي ۽ پر انهن مان گهڻا نٿا ڄاڻن. مطلب تہ مشرک انسان جو امر حيرت ۾ وجهڻ جهڙو آهي جيكڏهن ان كي كا مسكيني، بيماري يا تكليف پهچي ٿي تہ الله ڏانهن رجوع كري ان كان مدد وٺي ٿو ۽ جڏهن تكليف كان آزاد كري ان كي نعمتون ڏئي نوازيون ٿا تہ چوي ٿو اهي مون كي علم، ڄاڻ ۽ دانائيءَ جي كري حاصل ٿيون آهن" حالانكہ حقيقت هيءَ آهي تہ اهو سڀ ان جي لاءِ الله جل مجده جي طرفان پرک ۽ آزمائش آهي تہ

هاڻي بہ شڪر ڪري ٿو يا بي شڪري ٿو ڪري، فرمانبردار ٿو رهي يا بي فرماني ٿو ڪري پر انهن مان گهڻا ماڻهو نٿا سمجهن ۽ نٿا ڄاڻن تہ اهو ڪو امتحان آهي "قَدْ قَالَهَا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ" بلاشڪ اهو قول انهن کان اڳين بہ چيو هو پوءِ جيڪي ڪمايو هيائون انهيءَ ڪين فائدو نہ ڏنو. يعني اڳين امتن وارن بہ اهڙا خيال رکيا ۽ اهڙيون دعوائون ڪري مال ميڙيا هئا پر ان ڪمائيءَ ڪين ڪوبہ فائدو نہ ڏنو ۽ نہ انهن تان عذاب دفع ڪيو. "فَاَصَابَهُمْ سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوْا" پوءِ جيڪي ڪمايو هيائون ان جون برايون انهن کي پهتيون. دنيا ۾ خوار خراب ٿيا جيئن قارون زمين ۾ ڳهرايو ويو ۽ حضرت لوط عليه السلام جي قوم کي عذاب پڪڙيو "وَالَّذِيْنَ ظَلَمُوْا مِنْ هٰٓؤُلَآءِ سَيُصِيْبُهُمْ سَيِّاٰتُ مَا كَسَبُوْا" ۽ انهن مان جن ظلم ڪيو انهن کي سندن ڪمائيءَ جون برايون جلد پهچنديون. مطلب تہ اوهان جي قوم مان جن ظلم ڪيو الله جل مجده سان شرڪ ڪيو انهن کي بہ سندن ڪيلن ڪمن جون برايون جلد پهچنديون ۽ اهو ٿيو جو ست سال لاڳيتا ڏڪار جي حالت ۾ رهيا ۽ سندن وڏا وڏا مشرڪ بدر جي جنگ ۾ ڪسي ويا ۽ گهڻا ڪافر قيدي ٻڌجي ويا. "وَمَاهُمْ بِمُعْجِزِيْنَ" ۽ اهي عاجز ڪندڙ ناهن. يعني اهي الله جل مجده کان ڀڄي نہ سگهندا نيٺ موٽي ان جي بارگاهہ ۾ پيش ٿيندا ۽ الاهي عذاب ۾ قابو ٿيندا. "اَوَلَمْ يَعْلَمُوْا اَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ" ڇا نہ ڄاتائون تہ الله جنهن کي گهري ٿو ان جي لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ تنگ ڪري ٿو. يعني رزق جي ڪشادگي يا تنگي سڀ الله جي قدرتي هٿ ۾ آهي جنهن کي رزق وڌائي ڏي يا تنگ ڪري ڏي، سڀ ان جي مرضي جي تحت آهي، ڪيترائي عقلمند محنتي تنگ دست آهن تہ ڪيترا ڪم ڄا ٽوٽي، مريض خوشحال آهن ڇا ڪافر اهو ڪونہ ٿا ڄاڻن؟ جڏهن ڄاڻن ٿا تہ پوءِ الله عز برهانه تي يقين ۽ ايمان ڇو نٿا رکن؟ "اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ" بلاشڪ ان ۾ ايمان آڻڻ واري قوم جي لاءِ البتہ نشانيون آهن. يعني مؤمنن، مخلصن جي لاءِ انهن ڳالهين ۾ نشانيون آهن. اهي يقين رکن ٿا تہ اهو سڀ ڪجهہ هڪ الله تعالىٰ ڪري ٿو.

فائدا.

مذكوره آيتن مان هي فائدا ملن ٿا. ١- آيت ۾ ٤٩ مان معلوم ٿيو ته كفر، جهل ۽ گمراهيءَ وارا ماڻهو هڪ حال تي ناهن سندن حياتي خالص ظلمت ۾ انڌيرو آهي ذكن ۾ الله جل مجده كي سڏيندا، بار بار پكاريندا ڏكن كان آزاد ٿيا ته پنهنجي چاڻ، عقلمندي ۽ دانائپ جا راڳ ڳائيندا. ٢- آيت ۾ ٥٠ ۽ ٥١ مان معلوم ٿيو ته پويان كافر اڳين كافرن واريون ٻوليون ٻوليندا آهن ۽ جيئن اڳين كي سندن بد عملن جي سزا ملي تيئن پوئين كافرن كي به ملندي هي سزا كان بچي نه سگهندا. ٣- آيت ۾ ٥٢ مان واضح ٿيو ته رزق جي كشادگي يا تنگي الله عز برهانه جي طرفان ٻانهي سان محبت رکڻ جو دليل ناهي هي ان جا تدبيري ۽ تربيتي امور آهن جن ۾ سمايل حكمتون پاڻ ڄاڻندو آهي. (١)

قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ لَاتَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ

چوءِ اي منهنجا ٻانها! جن زيادتي كئي پنهنجن سرن تي ته نه نااميد ٿيو الله جي رحمت مان

اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ (٥٣)

بيشڪ الله بخشي ٿو گناهه مڙئي بيشڪ اهوئي بخشڻهار، مهربان آهي

وَاَنِيْبُوْٓا اِلٰى رَبِّكُمْ وَاَسْلِمُوْا لَهٗ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ الْعَذَابُ

۽ ورو پنهنجي رب ڏانهن ۽ مطيع ٿيو ان جا ان كان اڳي جو اچي اوهان وٽ عذاب

ثُمَّ لَاتُنْصَرُوْنَ (٥٤) وَاتَّبِعُوْٓا اَحْسَنَ مَآ اُنْزِلَ اِلَيْكُمْ مِّنْ

ان كان پوءِ نه مدد كيا ويندؤ ۽ تابعداري كيو سهڻي ان جي جيكو نازل كيو ويو اوهان ڏانهن

رَّبِّكُمْ مِّنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ الْعَذَابُ بَغْتَةً وَّاَنْتُمْ لَاتَشْعُرُوْنَ (٥٥)

اوهان جي رب وٽان ان كان اڳي جو اچي اوهان وٽ عذاب اوچتو ۽ اوهان نٿا سمجهو

(١) ايسر التفاسير ص ٥٤ جلد ٤

اَنْ تَقُوْلَ نَفْسٌ يّٰحَسْرَتٰى عَلٰى مَا فَرَّطْتُّ فِىْ جَنْۢبِ اللّٰهِ وَاِنْ

متان چوي کو نفس اي ارمان! ان تي جو کوتاهي کئي مون الله جي عبادت ۾ ۽ مان

كُنْتُ لَمِنَ السّٰخِرِيْنَ (٥٦) اَوْتَقُوْلَ لَوْ اَنَّ اللّٰهَ هَدٰنِىْ لَكُنْتُ

ٺٺول ڪندڙن مان هيس يا چوي ته جيڪڏهن تحقيق الله هدايت ڪري ها مون کي ته البت هجان ها

مِنَ الْمُتَّقِيْنَ (٥٧) اَوْتَقُوْلَ حِيْنَ تَرَى الْعَذَابَ لَوْ اَنَّ لِىْ كَرَّةً

مان متقين مان يا چوي جڏهن ڏسي عذاب ته جيڪڏهن تحقيق مون لاءِ هجي موٽي وڃڻ

فَاَكُوْنَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ (٥٨) بَلٰى قَدْ جَآءَتْكَ اٰيٰتِىْ فَكَذَّبْتَ

پوءِ هجان مان نيڪوڪارن مان هائو تحقيق آيون تو وٽ منهنجون آيتون پوءِ ڪوڙو ڄاتئي

بِهَا وَاسْتَكْبَرْتَ وَكُنْتَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ (٥٩)

انهن کي ۽ وڏائي ڪئي تو ۽ ٿئين تون ڪافرن مان.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ ڪافرن کي عذاب جا وعيد ڏنا ويا هئا هتي مؤمن گنهگارن کي الله جل مجده پنهنجي رحمت ۽ فضل ياد ڏياريندي ارشاد فرمايو آهي "قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ۭ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ" چؤ ته اي منهنجا اهي ٻانها جن پنهنجن نفسن تي ظلم ڪيو آهي الله جي رحمت مان نا اميد نه ٿيو بيشڪ الله سيئي گناهه بخشي ٿو بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان آهي.

شان نزول.

طبراني، ابن مردويه ۽ شعب الايمان ۾ بيهقي سندلين سان حضرت ابن عباس

رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: جڏهن نبي ڪريم صلی الله عليہ وسلم جن پنهنجي چاچي حضرت حمزه رضي الله عنه جي قاتل وحشي بن حرب ڏانهن ماڻهو موڪلي ان کي اسلام جي دعوت ڏني ان عرض ڪري موڪليو تہ! يا محمد! (صلي الله عليه وسلم) اوهان مون کي اسلام جي دعوت ڪيئن ٿا ڏيو حالانڪہ اوهان جو خيال آهي تہ: جنهن قتل ڪيو يا زنا ڪئي يا شرڪ ڪيو اهو جهنم ۾ عذاب ڏنو ويندو ۽ ان ۾ هميشہ هوندو ۽ مان اهي سڀ ڪم ڪري چڪو آهيان پوءِ اوهان مون لاءِ ڪا رخصت ڏسو ٿا؟ تڏهن الله هيءَ آيت نازل فرمائي "اِلَّا مَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰٓئِكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمْ حَسَنَاتٍ" (مگر جنهن توبہ ڪئي ۽ ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا پوءِ الله انهن جون برايون نيڪين سان بدلائيندو) وحشي بن حرب اهو ٻڌي چيو تہ هي سخت شرط آهي شايد مان اهي ڪري نہ سگهان. وري هيءَ آيت لٿي "اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَيَغْفِرُ مَا دُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَآءُ" بلاشڪ الله نٿو بخشي تہ ان سان شرڪ ڪيو وڃي ۽ ان کان سواءِ جيڪي بہ آهي جنهن کي گهري ٿو بخشي ٿو. وحشيءَ چيو تہ هن مان معلوم ٿيو تہ اها مغفرت ان جي مشيت تي ٻڌل آهي خبر ناهي تہ مون کي بخش فرمائيندو يا نہ ڇا ڪا وڌيڪ تسلي آهي؟ پوءِ الله عز برهانه هيءَ آيت نازل ڪئي "قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا" الاية. وحشيءَ ٻڌي چيو تہ هيءَ سمجهہ ۾ آئي آهي پوءِ مسلمان ٿيو تہ ٻين ماڻهن عرض ڪيو يارسول الله! جيڪا مغفرت وحشيءَ کي ملي اها اسان کي بہ ملندي؟ پاڻ فرمايائون تہ "اها عام مسلمانن جي لاءِ آهي. اهوئي شان نزول ابن ابي حاتم، ابن مردويه حضرت ابوسعيد کان ۽ محمد بن نصر ڪتاب الصلواة ۾ وحشي کان روايت ڪيو آهي ۽ بخاري الادب المفرد ۾ حضرت ابوهريرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ نبي پاڪ صلی الله عليہ وسلم جن اصحابن جي هڪ جماعت کان گذريا تہ اهي کلي رهيا هئا پاڻ انهن کي فرمايائون تہ "ان الله جو قسم آهي جنهن جي (قدرتي) هٿ ۾ منهنجو ساهہ آهي تہ جيڪڏهن اوهان اهو ڄاڻو ها جيڪو مان ٿو ڄاڻان تہ اوهان کلو ٿورو ها ۽ روئو گهڻو ها" اهو چوڻ

(١) الدرالمنثور صہ ٢٣٥-٢٣٦ جلد ٧ المظهري صہ ٢٢٨ جلد ٨

کان پوءِ پاڻ واپس تشریف وٺي ويا تہ اصحابن روئي ڏنو پوءِ الله جل مجده وحي موکلي ارشاد فرمايو تہ اي محمد! (عليه الصلوٰة والسلام) منهنجن ٻانهن کي نا اميد ڇو ٿا بڻايو؟ پوءِ پاڻ کريم صلی الله عليه وسلم جن واپس تشريف فرما ٿيا ۽ اصحابن کي فرمايائون تہ "خوش ٿيو ۽ قرب حاصل کيو ۽ سڌو رستو وٺرايو." (١)

آيت جي ڀلائي.

امام احمد. ابن جرير. ابن ابي حاتم. ابن مردويه ۽ شعب الايمان ۾ بيهقي حضرت ثوبان رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ مون رسول الله صلی الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ "مون کي دنيا ۽ جيڪو ڪجهہ ان ۾ آهي ان کان هيءَ آيت "يَا عِبَادِيَ الَّذِينَ أَسْرَفُوا عَلَىٰ أَنفُسِهِمْ" وڌيڪ پياري آهي" احمد. عبد بن حميد. ابوداوءد ۽ ترمذي ان کي حسن چوندي، ابن المنذر. ابن الانباري المصاحب ۾. حاکم ۽ ابن مردويه بيبي اسماء کان روايت آندي آهي تہ: مون رسول الله صلی الله عليه وسلم جن کان ٻڌو تہ پاڻ مذکوره آيت پڙهي فرمايائون "الله کي ڪا پرواهہ ناهي ۽ اهو بخشڻهار. مهربان آهي" ابن جرير ابن سيرين کان روايت آندي آهي تہ حضرت علي (خدمت ۾ موجود ماڻهن کان پڇيو تہ) ڪهڙي آيت وسعت واري آهي؟ پوءِ ماڻهو مختلف آيتون "مَن يَعْمَلْ سُوءًا أَوْ يَظْلِمْ نَفْسَهُ" وغيرها پڙهڻ لڳا تہ پاڻ فرمايائون "يَا عِبَادِيَ الَّذِينَ أَسْرَفُوا عَلَىٰ أَنفُسِهِمْ" آيت کان وڌيڪ وسعت واري آيت ٻي ڪابہ ناهي" (١) "وَأَنِيبُوا إِلَىٰ رَبِّكُمْ وَأَسْلِمُوا لَهُ مِن قَبْلِ أَن يَأْتِيَكُمُ الْعَذَابُ ثُمَّ لَا تُنصَرُونَ" ۽ پنهنجي رب ڏانهن واپس ٿيو ۽ ان کان اڳي جو اوهان وٽ عذاب اچي ان کان بعد مدد نہ ڪيا وڃو ان جي لاءِ فرمانبردار ٿيو. يعني شرک کان توبہ ڪيو قبر ۽ قيامت جي عذاب کان اڳي مسلمان بڻجو. عذاب اچڻ کان پوءِ اسلام قبول ڪندؤ تہ اوهان مدد نہ ڪيا ويندؤ "وَاتَّبِعُوا أَحْسَنَ مَا أُنزِلَ إِلَيْكُم مِّن رَّبِّكُم" ۽ ان سهڻي جي اتباع ڪيو جيڪو اوهان ڏانهن اوهان جي رب جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي. يعني قرآن ڪريم جي حڪمن تي هلو اهو سڀني ڪلامن

(١) الدرالمنثور صـ٢٣٥-٢٣٦ جلد ٧ المظهري صـ٢٢٨ جلد ٨

ڪان سهڻو ڪلام آهي "مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَكُمُ الْعَذَابُ بَغْتَةً وَّاَنْتُمْ لَاتَشْعُرُوْنَ" ان ڪان اڳي جو اوهان وٽ اوچتو عذاب اچي ۽ اوهان کي شعور رکو. يعني اوهان کي عذاب جي خبر ئي نہ پوي تہ اچي وڃي "اَنْ تَقُوْلَ نَفْسٌ يّٰحَسْرَتٰى عَلٰى مَافَرَّطْتُّ فِيْ جَنْۢبِ اللّٰهِ وَاِنْ كُنْتُ لَمِنَ السّٰخِرِيْنَ" متان چوي ڪو نفس تہ اي افسوس! ان (زندگيءَ) تي جيڪا مون الله جي عبادت ۾ ڪوتاهي ڪندي گذاري حالانڪہ مان چٿر ڪندڙن مان هيس يعني هوا هوس، رسمن ۽ دنيوي لذتن ۾ پئجي الله عز شانه کي ڪجهہ نہ سمجهيم ان جي دين، نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ عذاب جي ڳالهين سان چٿرون ڪندو رهيس. " اَوْ تَقُوْلَ لَوْ اَنَّ اللّٰهَ هَدٰنِيْ لَكُنْتُ مِنَ الْمُتَّقِيْنَ" يا چوي تہ جيڪڏهن بلاشڪ الله مون کي هدايت ڪري ها تہ مان متقين مان هجان ها - جڏهن حسرت ۽ افسوس ڪرڻ سان ڪم نہ هلندو پانهو پنهنجي دل کي ٽيڪ ڏيڻ جي لاءِ هي بهانو بنائڻ جي ڪوشش ڪندو تہ چا چوان؟ الله عز وجل مون کي هدايت نصيب نہ ڪئي اهو هدايت ڪري ها تہ مان بہ اڄ متقين جي درجي کي پهتل هجان ها " اَوْ تَقُوْلَ حِيْنَ تَرَى الْعَذَابَ لَوْ اَنَّ لِيْ كَرَّةً فَاَكُوْنَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ" يا جڏهن عذاب ڏسندو تہ چوندو جيڪڏهن بلاشڪ منهنجي لاءِ (دنيا ۾) وري موٽڻ هجي ها تہ مان محسنن مان ٿيان ها - جڏهن سندس ڪابہ معذرت ڪم نہ ڏيندي ۽ اکين سان خداوندي عذاب ڏسندو تڏهن چوندو تہ ڪاش جيڪڏهن مون کي ڪنهن بہ طرح سان دنيا ۾ وري موٽايو وڃي تہ نهايت نيڪو ڪارن، صالحن، محسنن پانهن مان ٿيان ها " بَلٰى قَدْجَآءَتْكَ اٰيٰتِيْ فَكَذَّبْتَ بِهَا وَاسْتَكْبَرْتَ وَكُنْتَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ" هائو تو وٽ منهنجون آيتون آيون پوءِ تو انهن کي ڪوڙو چيو ۽ توتڪبر ڪيو ۽ تون ڪافرن مان هئين. يعني ان ٻانهي کي جواب ۾ چيو ويندو تہ تون ڪافرن مان هئين - يعني ان ٻانهي کي جواب ۾ چيو ويندو تہ تون غلط ٿو ڳالهائين مون الله (جل وعلا) جا پيغمبر عليهم الصلوة والسلام تو وٽ منهنجي طرفان نشانيون ۽ ڪيترا احڪام ڪٺي آيا پر تو انهنڪي ٻڌوئي نہ تو انهن کي ڪوڙو چيو ۽ وڏائي ڪري ڪافرن مان ٿئين هاڻي چوٽو بهانا تلاش ڪرين.

فائدا:

مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا.

١: قُلۡ يٰعِبَادِيَ الَّذِيۡنَ اَسۡرَفُوۡا عَلٰٓى اَنۡفُسِهِمۡ " الاية (فرماءِ تہ اي منهنجا اهي ٻانها جن پنهنجي مٿان زيادتي ڪئي الله جي رحمت مان نااميد نہ ٿيو) هتي " منهنجا ٻانها" ۾ متڪلم جي يا ء ڏي نسبت آهي- ڪنهن جا ٻانها مراد آهن؟ ان ۾ ٻہ قول آهن. "١" تہ ان مان مراد الله جا ٻانها آهن حضور پرنور عليه الصلوة والسلام جن کي حڪم ٿيو تہ اوهان مون الله جل شانه جي ٻانهن کي فرمايو "٢" تہ ان مان مراد آهي حضور عليه الصلوة والسلام جا ٻانها- ٻانهن مان مراد خادم ۽ غلام آهن ۽ ان قول مطابق عبد جي الله عز و جل کانسواءِ ٻئي ڏانهن نسبت ڪرڻ بہ جائز آهي. قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي " مِنۡ عِبَادِكُمۡ وَاِمَآئِكُمۡ" اوهان جي ٻانهن ۽ اوهان جي ٻانهين مان - هتي بہ غير الله ڏانهن عباد جي نسبت ڪيل آهي. حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما فرمايو تہ "كُنۡتُ عَبۡدَهٗ وَخَادِمَهٗ"- مان سندس غلام ۽ خادم هوس (١) اشرف علي ٿانوي صاحب بہ اها مراد لکي آهي (٢).

٢: (جن پنهنجي نفس تي ظلم ڪيو آهي) مان مراد مومن گنهگار آهن ڇوتہ ڪافرن جي لاءِ ڪنهن بہ قسم جي مغفرت ۽ بخشش ايمان آڻڻ کان سواءِ ناهي. ٣: " اِنَّ اللّٰهَ يَغۡفِرُ الذُّنُوۡبَ جَمِيۡعًا" (بلاشڪ الله سيئي گناهہ بخشي ٿو) هن مان معلوم ٿيو تہ اسلام جي برڪت سان ننڍا توڙي وڏا سڀ گناهہ معاف ٿي ويندا آهن پر مسلمان ٿيڻ جي ڪري الله جل شانه جي ٻانهن جا حقوق معاف نہ ٿيندا ان جي ڪري ڪافرکي مسلمان ٿيڻ کان پوءِ بہ ڪفر جي دوران جيڪي ان تي ماڻهن جا حقوق قرض وغيره هوندا ان کي ادا ڪرڻو پوندا.

وَيَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ تَرَى الَّذِيۡنَ كَذَبُوۡا عَلَى اللّٰهِ وُجُوۡهُهُمۡ

۽ قيامت جي ڏينهن ڏسندين انهنکي جن ڪوڙ هنيو الله تي تہ منهن انهن جا

مُّسۡوَدَّةٌ ؕ اَلَيۡسَ فِيۡ جَهَنَّمَ مَثۡوًى لِّلۡمُتَكَبِّرِيۡنَ (٦٠) وَيُنَجِّى اللّٰهُ

ڪارا هوندا ڇا ناهي جهنم ۾ جاءِ هٺيلن جي لاءِ ۽ ڇڏائيندو الله

(١) نور العرفان صہ ٧۴١ (٢) ڪليات امداديه صہ

الَّذِيْنَ اتَّقَوْا بِمَفَازَتِهِمْ لَا يَمَسُّهُمُ السُّوْءُ وَلَاهُمْ يَحْزَنُوْنَ (٦١)

انهن کي جيڪي پرهيزگار ٿيا انهن جي ڪاميابي جي جاءِ تي نہ پهچندو انهن کي عذاب ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا

تفسير:

جيئن اڳين آيتن ۾ مومن، مسلمانن ۽ ڪافرن جي حال جو بيان هو تيئن هن آيتن ۾ انهن جوئي بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي " وَيَوْمَ الْقِيٰمَةِ تَرَى الَّذِيْنَ كَذَبُوْا عَلَى اللّٰهِ وُجُوْهُهُمْ مُّسْوَدَّةٌ " ۽ قيامت جي ڏينهن انهن کي ڏسندي جن الله تي ڪوڙ هنيا تہ انهن جا منهن ڪارا هوندا - يعني اي محبوب ! (عليه الصلوة والسلام) قيامت جي ڏينهن انهن کي ڏسندؤ جن الله عز و جل تي ڪوڙ هٽي چيو تہ ان جو اولاد آهي يا ان جا ٻيا شريڪ آهن ۽ الله عز وجل ڪانسواءِ ٻين جي عبادت ڪيائون- انهن جا منهن بالڪل ڪارا هوندا. " اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْمُتَكَبِّرِيْنَ " ڇا هٺيلن جي لاءِ جهنم ۾ جاءِ ناهي؟ مطلب تہ جهنم انهن جي جاءِ آهي نهايت ذليل ۽ خوار ٿي ان ۾ داخل ٿيندا ۽ هميشه ان ۾ هوندا. " وَيُنَجِّى اللّٰهُ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا بِمَفَازَتِهِمْ " ۽ الله انهن کي سندن ڪاميابيءَ واري جاءِ تي ڇڏائيندو جيڪي متقي هوندا - يعني الله عز وجل متقي ٻانهن کي سندن ازلي، ابدي سعادت جي ڪري ڪاميابيءَ جي ان مقام تي پهچائيندو جتي هر قسم جي تڪليفن کان محفوظ ۽ هر طرح جي فڪر ۽ غم کان آزاد هوندا. " لَا يَمَسُّهُمُ السُّوْٓءُ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ " نہ انهن کي عذاب پهچندو ۽ نہ اهي غمگين ٿيندا. يعني نہ انهن کي جهنم جو عذاب ٿيندو ۽ نہ اهي دنيا وارين نہ ملندڙ نعمتن تي غمگين رهندا ڇوتہ انهن کي دائمي نعمتون. بهشت جا باغ ۽ بهارون نصيب ٿيون.(١)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ حاصل ٿين ٿا " كَذَبُوْا عَلَى اللّٰهِ " (الله تي ڪوڙ هنيائون) مان معلوم ٿيو تہ نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم جن کي نہ مڃڻ الله عز

(١) المراغي ص ٤٧ جزء ٢٤ جلد ٨

برهانه تي ڪوڙ هڻڻ آهي يا الله عز برهانه جي لاءِ لکڻ تہ اهو ڪوڙ هٽي سگهي ٿو. اهي سيئي الله تعالیٰ تي ڪوڙ هڻڻ جو صورتون آهن. ٢- "وُجُوهُهُمْ مُّسْوَدَّةٌ" (انهن جا منهن ڪارا هوندا) مان معلوم ٿيو تہ قيامت جي ڏينهن ڪافرن جي سڃاڻپ ان سان ٿيندي جو سندن منهن ڪارا هوندا ۽ مؤمن ڪٿي گناهن جي ڪري جهنم ۾ ويندا پر ايمان جي نور سان اهي سڃاتا ويندا.

١- "وَلَاهُمْ يَحْزَنُوْنَ" (۽ نہ اهي غمگين ٿيندا) مان معلوم ٿيو تہ مؤمن ڪي ڪنهن ڪافر سان ڇو نہ ڪٿي سندس پٽ يا پاء هجي محبت ٿهوندي. جيڪڏهن مؤمن کي انهن سان محبت هجي تہ انهن جي دوزخ ۾ وڃڻ جي ڪري ضرور غمگين ٿئي پر مومن کي ڪو غم نہ هوندو ۽ جنت غم جي جاءِ بہ ناهي.

اَللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ (٦٢)

الله پيدا ڪندڙ آهي هر شيء جو ۽ اهو هر شيء جي سنڀال ڪندڙ آهي

لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ

ان جون ئي آهن ڪنجيون آسمانن ۽ زمين جون ۽ جن ڪفر ڪيو الله جي آيتن جو

اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ (٦٣) قُلْ اَفَغَيْرَ اللّٰهِ تَاْمُرُوْٓنِّيْٓ

اهي ئي خساري وارا آهن فرماءِ تہ ڇا پوءِ الله جي غير جي لاءِ مون کي امر ڪيو ٿا تہ

اَعْبُدُ اَيُّهَا الْجٰهِلُوْنَ (٦٤) وَلَقَدْ اُوْحِيَ اِلَيْكَ

مان عبادت ڪيان اي جاهلو! ۽ البتہ تحقيق وحي ڪيو ويو توڏانهن

وَاِلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكَ لَئِنْ اَشْرَكْتَ لَيَحْبَطَنَّ

۽ انهن ڏانهن جيڪي توکان اڳي هئا تہ البتہ جيڪڏهن شرڪ ڪيو تو تہ البتہ ضرور ڪرندا

عَمَلُكَ وَلَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْخٰسِرِيْنَ (٦٥) بَلِ اللّٰهَ فَاعْبُدْ وَكُنْ

عمل تنهنجا ۽ البت ضرور ٿيندين تون خساري وارن مان بلڪ الله جي ٻوءِ عبادت ڪر ۽ هُج

مِّنَ الشّٰكِرِيْنَ (٦٦) وَمَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖ ۖ وَالْاَرْضُ جَمِيْعًا

شڪر ڪندڙن مان ۽ نه قدر ڪيا ٿُون الله جو قدرجو حق ۽ زمين سموري

قَبْضَتُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَالسَّمٰوٰتُ مَطْوِيّٰتٌۢ بِيَمِيْنِهٖ ۭ

مُٺ ان جي ۾ آهي ڏيا مت جي ڏينهن ۽ آسمان ويڙهيل هوندا ان جي (قدرتي) سڄي هٿ ۾

سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ (٦٧)

پاڪائي آهي ان جي ۽ مٿا هون ٿيو ان ڪان جو شريڪ بنائن ٿا .

تفسير.

اڳين آيتن ۾ اهل ايمان جي لاءِ جنت جو وعدو ۽ اهل شرڪ جي لاءِ جهنم جو وعدو بيان ٿيو ۽ هتي مالڪ مٺي جي الوهيت ۽ وحدانيت جا دلائل بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي" اَللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ " الله هر شيءِ جو پيدا ڪندڙ آهي ۽ اهوئي هر شيءِ جو سنڀاليندڙ آهي. هيءَ عبارت ۽ ان سان مشابه گهڻيون قرآن ڪريم جون آيتون دلالت ڪن ٿيون ته الله، ان جي اسماء ۽ صفات کان سواءِ سڀ شيون مخلوق آهن. ۽ الله هر شيءِ جو سنڀاليندڙ آهي ڇوته سندس علم هر شيءِ کي محيط آهي ۽ اها عبارت ان جي قدرت تدبير ۽ حڪمت جي ڪمالات تي دلالت ڪندڙ آهي. "لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ" آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون ان جون آهن. مقاليد جي معنىٰ ڪنجيون. حضرت ابن عباس حسن، قتادة وغيره جو اهو قول آهي ۽ انهن مان مراد آهي آسمانن ۽ زمين تي قادر هجڻ ۽ انهن جي حفاظت ڪرڻ، ابويعلي، السنن ۾ يوسف القاضي، المطولات ۾ ابوالحسن القطان،

عمل اليوم والليلة ۾ ابن السني، ابن المنذر، ابن ابي حاتم ۽ ابن مردويه حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه كان روايت آندي آهي تہ "لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" جي متعلق مون نبي كريم صلى الله عليه وسلم جن كان عرض كري پڇيو تہ پاڻ فرمايائون "لَآاِلٰهَ اِلَّااللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ. سُبْحَانَ اللهِ وَالْحَمْدُلِلّٰهِ. اَسْتَغْفِرُاللهَ الَّذِيْ لَآاِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْاَوَّلُ وَالْاٰخِرِ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ. يُحْيِيْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ حَيٌّ لَّايَمُوْتُ بِيَدِهِ الْخَيْرُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" هي كلمات آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون آهن. ۽ ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما كان روايت آندي آهي نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن حضرت عثمان بن عفان كي مذكوره كلمات ٻڌائڻ كان پوءِ فرمايو تہ اهي كلمات جنهن صبح جو ۽ شام جو ڏهہ ڀيرا پڙهيا تہ الله ان كي ڇهہ خصلتون ڏيندو.

١- شيطان ۽ ان جي لشكر كان محفوظ رهندو. ٢- اجر جو ڍير ڏنو ويندو. ٣- ان جي وڏين اکين وارين حورن سان شادي كرائي ويندي. ٤- ان جا گناهہ بخش كيا ويندا. ٥- (حضرت) ابراهيم (عليه السلام) سان گڏ رهندو. ٦- ان كي مرڻ وقت ٻارهن ملائڪ لهي جنت جي بشارت ڏيندا ۽ قبر مان اٿڻ وقت بہ ان سان گڏجي محشر جي ميدان ڏانهن هلندا ۽ جيڪڏهن ان كي كا تكليف ڏسڻ ۾ ايندي تہ چوندس ڊپ نہ كر تون امن وارن مان آهين پوءِ ان سان آسان طريقي حساب كيو ويندو ۽ ان جي جنت ۾ وڃڻ جو امر ٿيندو تہ اهي ملائڪ ان كي اهڙي نموني بهشت ڏانهن وٺي ويندا جهڙي نموني گهوٽ كي وٺي وڃبو آهي پوءِ ماڻهو حساب جي سختيءَ ۾ هوندا تہ اهو بهشت ۾ داخل كيو ويندو. انهن كلمات كي آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون ان جي كري سڏيو ويو آهي جو اهي جنت ۾ داخل ٿيڻ جو ائين ذريعو آهن جيئن ڪنجيون دروازي كولڻ جو ذريعو هونديون آهن. (١) "وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِ اللهِ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ع" ۽ جن الله جي آيتن جو انكار كيو اهي ئي خساري وارا آهن. يعني جن حق، يقين ۽ صراط مستقيم تي دلالت كندڙ آيتن جو انكار كيو اهي خساري ۾ آهن جو قلب جي اصلاح واريون شيون اخلاص ۽ الله جي محبت وڃائي وينا ۽ جن شين سان زبانن جي اصلاح

(١) روح المعاني صہ ٢٢ جزء ٢٤ جلد ٨

ٿـئي انهن کي الله جي ذکر ۾ مشغول رکڻ اهي بہ ضـايع کري ڇڏيائون "قُلْ أَفَغَيْرَ اللهِ تَأْمُرُوٓنِّيٓ أَعْبُدُ أَيُّهَا الْجَاهِلُوْنَ" فرماءِ تہ اي جاهلوا! ڇا اوهان مون کي امر ڪيو ٿا تہ الله جي غير جي عبادت ڪيان؟ يعني اوهان جاهل آهيو تڏهن ٿا مون کي امر ڪيو تہ مان الله کان سواءِ ٻئي جي عبادت ڪيان پر ڪڏهن بہ نہ ڪندس. ڇوتہ شرڪ ڪرڻ اعمال کي برباد ڪندڙ ۽ تباهہ ڪندڙ آهي. "وَلَقَدْ أُوْحِيَ إِلَيْكَ وَإِلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكَ لَئِنْ أَشْرَكْتَ لَيَحْبَطَنَّ عَمَلُكَ وَلَتَكُوْنَنَّ مِنَ الْخَاسِرِيْنَ" ۽ البتہ تحقيق توڏانهن ۽ توکان اڳين (نبين عليهم الصلواة والسلام) ڏانهن وحي ڪيو ويو آهي تہ البتہ جيڪڏهن تو شرڪ ڪيو تہ تنهنجا عمل ضرور ڪري پوندا ۽ البتہ ضرور نقصان وارن مان ٿيندين. يعني اوهان ڏانهن ۽ اوهان کان اڳين پيغمبرن عليهم السلام ڏانهن وحي ڪيو ويو هو تہ (اوهان کان شرڪ ممکن ناهي پر بالفرض) جيڪڏهن اوهان بہ شرڪ ڪيو تہ اوهان جا اعمال ڪري ڇٽ ٿي ويندا ۽ اوهان ضرور نقصان وارن مان هوندا. هتي خطاب جيتوڻيڪ نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سان آهي پر ان مان مراد غير نبي آهن سيدنا ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ هن ۾ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کي ادب جي تعليم ۽ ٻين کي تنبيه ڪئي وئي آهي ڇوتہ الله جل مجده نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي معصوم بنايو آهي. ڪاشفي فرمايو تہ هتي بظاهر خطاب انبياء ڪرام عليهم الصلواة والسلام سان آهي پر ان مان مراد سندن مسلمان امتي آهن. مطلب تہ جيڪڏهن اوهان شرڪ ڪندؤ تہ اوهان جا ايمان جي حالت ۾ ڪيل نيڪ اعمال بہ ڇٽ ٿي ويندا ۽ اوهان نقصان وارن مان ٿيندؤ. (١) "بَلِ اللهَ فَاعْبُدْ وَكُنْ مِّنَ الشَّاكِرِيْنَ" بلڪہ الله جي پوءِ عبادت ڪر ۽ شڪر ڪندڙن مان هج. يعني عبادت صرف هڪ الله وحده لاشريڪ لہ جي ڪريو ۽ ان جي شڪر ڪندڙن مان هجو جنهن اوهان تي اهي انعام، احسان ۽ مهربانيون ڪيون آهن.

"وَمَا قَدَرُوا اللهَ حَقَّ قَدْرِهِ" ۽ الله جو اهڙو قدر نہ ڪيائون جيئن ان جي قدر ڪرڻ جو حق آهي. يعني هن مشرڪن پنهنجي پالڻهار، الله جل شانہ جي نعمتن جو

(١) روح البيان صہ ١٣٢ جلد ٨

قدر نہ ڪيو ۽ نہ ان جي تعظيم جو حق ادا ڪيو بلڪ اهڙا شرڪ ۽ ڪفر جا ڪم ڪيائون جيڪي قدر ڪرڻ جي خلاف هئا "وَالْأَرْضُ جَمِيعًا قَبْضَتُهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ" ۽ سموري زمين قيامت جي ڏينهن ان جي مٺ ۾ هوندي "وَالسَّمٰوٰتُ مَطْوِيّٰتٌ بِيَمِينِهِ" ۽ آسمان ان جي سڄي هٿ ۾ ويڙهيل هوندا. هتي مٺ ۽ سڄي هٿ مان مراد عام مٺ ۽ سڄو هٿ ناهي ڇوتہ اهي جسم جو حصو آهن ۽ الله عز برهانه جسم ڪان پاڪ آهي ان مان مراد الله جي قدرت ۽ قبضو آهي. مطلب تہ جيڪو الله سموري زمين تي ائين قبضو رکندڙ آهي جيئن ڪا شيءِ ڪنهن جي مٺ ۾ هجي ۽ سڀئي آسمان ان جي قدرتي ڪنٽرول ۾ اهڙي طرح آهن جيئن ڪا شيءِ سڄي هٿ ۾ ويڙهي جهلجي اهو عبادت جو لائق آهي يا باطل معبود، بت؟ جن ۾ ڪابہ قوت ۽ طاقت ناهي.

"سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ" اهو پاڪ ۽ مٿانهون آهي انهن ڪان جيڪي (ان سان) شريڪ بنائين ٿا. يعني الله جلت صفاته شريڪ، نظير، زال، اولاد ۽ ٻين حادث صفتن ڪان هر طرح پاڪ آهي ۽ ان ڪان بہ پاڪ آهي جو ان جو ڪو شريڪ هجي.(١)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن نشين ٿين ٿا. ١- "اَللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ" (الله هر شيءِ جو پيدا ڪندڙ آهي) مان واضح ٿيو تہ حضرت عيسىٰ الله جو پٽ ناهي ۽ سيده مريم بہ (معاذالله) ان جي گهرواري ناهي ڇوتہ گهرواري ۽ پٽ جنهن جا هوندا اهي ان جا پيدا ڪيل نہ هوندا. الله عزبرهانه سڀني جو پيدا ڪندڙ آهي.

٢- "وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ وَّكِيْلٌ" (۽ اهو هر شيءِ سنڀاليندڙ آهي) ۾ انهن بدعقيده ماڻهن جي ترديد آهي جيڪي چوندا هئا تہ حضرت بيبي مريم ۽ حضرت عيسىٰ عليه السلام زال يا پٽ تہ ناهن پر الله پنهنجا سڀ معاملا انهن جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن پاڻ ڪجهہ نٿو ڪري، مالڪ مٿي فرمايو تہ مان سڀ ڪجهہ سنڀاليندڙ آهيان سڀ ڪجهہ منهنجي امر سان ٿي رهيو آهي.

(١) ايسرالتفاسير صـ ٦٢ جلد ٤

٣- "لَهٗ مَقَالِيْدُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ" (ان جون ئي آسمانن ۽ زمين جون ڪنجيون آهن) ان ۾ انهن ماڻهن جي ترديد ڪيل آهي جيڪي چوندا هئا تہ اسان جي روزي ۽ رزق انهن جي هٿ ۾ آهي. الله فرمايو تہ نہ ائين ناهي سڀ نعمتون منهنجي قدرتي هٿ ۾ آهن سڀني تي منهنجو تصرف ۽ قدرتي قبضو آهي. (١)

٤- "وَالْاَرْضُ جَمِيْعًا قَبْضَتُهٗ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ وَالسَّمٰوٰتُ مَطْوِيّٰتٌۢ بِيَمِيْنِهٖ" (۽ سموري زمين ان جي مٺ ۾ آهي ۽ آسمان ان جي سڄي هٿ ۾ ويڙهيل آهي). هن آيت جي معنیٰ مراد متاخرن مفسرن جيڪا ورتي آهي سا مٿي لکي آيا آهيون پر علامه ابن ڪثير لکيو آهي تہ هنن لفظن ۽ اهڙن ٻين جي متعلق سلف صالحن وارو طريقو وٺڻ گهرجي انهن جو چوڻ آهي تہ انهن مان مراد هٿ آهي پر ان جي ڪيفيت ۽ حقيقت اسان جي عقل کان مٿي آهي جيئن امام بخاري ۽ مسلم حديث آندي آهي ۽ لفظ امام بخاري وارا آهن تہ "يَقْبِضُ اللهُ تَعَالٰى الْاَرْضَ وَيَطْوِي السَّمَاءَ بِيَمِيْنِهٖ ثُمَّ يَقُوْلُ اَنَا الْمَلِكُ اَيْنَ مُلُوْكُ الْاَرْضِ" (٢) (قيامت ۾) الله زمين کي مٺ ۾ وٺندو ۽ آسمان کي سڄي هٿ ۾ ويڙهي جهليندو ان کان پوءِ فرمائيندو تہ مان (حقيقي) بادشاهہ آهيان زمين جا بادشاهہ ڪٿي آهن؟ علامه حقاني هيءَ حديث ذڪر ڪري لکيو آهي "تہ الله تعالیٰ هيئن فرمائي پنهنجي قدرت جو اظهار ڪندو." (٣)

وَنُفِخَ فِي الصُّوْرِ فَصَعِقَ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِي الْاَرْضِ

۽ ڦوڪ ڏني ويندي صور ۾ پوءِ بيهوش ٿي ڪرندا اهي جيڪي آسمانن ۾ هوندا ۽ اهي جيڪي زمين ۾ هوندا

اِلَّا مَنْ شَآءَ اللّٰهُ ثُمَّ نُفِخَ فِيْهِ اُخْرٰى فَاِذَا هُمْ قِيَامٌ

مگر جيڪي گهريو الله ان کان پوءِ ڦوڪ ڏني ويندي ان ۾ ٻيو ڀيرو پوءِ اوچتو ئي اهي بيهندڙ ٿي

(١) تفسير حقاني ص١٩٢ جلد ٦ (٢) صفوة التفاسير ص٨٧ جلد٣ (٣) تفسير حقاني ص١٩٣ جلد٦

يَنْظُرُوْنَ (٦٨) وَاَشْرَقَتِ الْاَرْضُ بِنُوْرِ رَبِّهَا وَوُضِعَ الْكِتٰبُ

ڏسندا رهندا ۽ روشن ٿيندي زمين پنهنجي رب جي نور سان ۽ رکيو ويندو ڪتاب

وَجِآىْءَ بِالنَّبِيّٖنَ وَالشُّهَدَآءِ وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْحَقِّ

۽ آندا ويندا انبياء ۽ شاهد ۽ فيصلو ڪيو ويندو انهن ۾ حق سان

وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ (٦٩) وَوُفِّيَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ

۽ اهي ظلم نہ ڪيا ويندا ۽ پورو بدلو ڏنو ويندو هر نفس ان جو جيڪو ڪيائين

وَهُوَ اَعْلَمُ بِمَا يَفْعَلُوْنَ ع (٧٠)

۽ اهو وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ان کي جيڪو ڪن ٿا.

تفسير

اڳين آيتن ۾ الله جل مجده جو خالق ۽ وڪيل هجڻ بيان ڪيو ويو ۽ هتي ان جي قدرتي ڪمال تي دلالت ڪندڙ ٻيا دلائل بيان ڪيا ويا آهن. فرمان گرامي آهي "وَنُفِخَ فِى الصُّوْرِ فَصَعِقَ مَنْ فِى السَّمٰوٰتِ وَمَنْ فِى الْاَرْضِ اِلَّا مَنْ شَآءَ اللهُ" ۽ صور ۾ ڦوڪ ڏني ويندي پوءِ جيڪي آسمانن ۾ هوندا ۽ جيڪي زمين ۾ هوندا سيئي بيهوش ٿي ڪرندا مگر جن کي الله گهريو. يعني جڏهن ملائڪ سڱورو صور ۾ پهرين ڦوڪ ڏيندو تہ انهن کان سواءِ جن کي الله گهريو باقي جيڪي بہ آسمانن ۽ زمين ۾ هوندا سڀ بيهوش ٿي ڪري پوندا. اهي ڪير هوندا جيڪي الله جل شانه جي مشيت سان بيهوش نہ ٿيندا. اهي چار مقرب ملائڪ. ١- جبريل. ٢-

ميڪائيل. ٣-اسرافيل. ۴- ملڪ الموت آهن ۽ بعضي روايتن جي مطابق عرش جا ڪٽندڙ ملائڪ بہ انهن ۾ شامل هوندا. انهن جي استثناء ڪرڻ جو مطلب آهي تہ ڦوڪ جي اثر جي ڪري انهن تي موت نہ ايندو پر پوءِ انهن تي بہ موت ايندو ۽ هڪ الله جل شانه کان سواءِ ڪير بہ ان وقت زندهہ نہ رهندو. (١) "ثُمَّ نُفِخَ فِيْهِ اُخْرٰى فَاِذَا هُمْ قِيَامٌ يَّنْظُرُوْنَ" ان کان پوءِ ان (صور) ۾ ٻي ڦوڪ ڏني ويندي تہ پوءِ اوچتو اهي بيهندڙ تي ڏسندا رهندا. مطلب تہ پهرين ڦوڪ سان جيڪي بيهوش ٿيا هوندا جڏهن ٻي ڦوڪ ايندي تہ اهي سڀ قبرن وارا بہ اٿي نهارڻ لڳندا تہ هائي الائي ڪهڙو امر ڪيو وڃي ٿو "وَاَشْرَقَتِ الْاَرْضُ بِنُوْرِ رَبِّهَا" ۽ زمين پنهنجي رب جي نور سان روشن ٿيندي. يعني محشر جي ميدان واري زمين قيامت جي ڏينهن الله جي نور سان روشن ٿيندي "وَوُضِعَ الْكِتٰبُ وَجِاْيْٓءَ بِالنَّبِيّٖنَ وَالشُّهَدَآءِ" ۽ ڪتاب رکيو ويندو ۽ انبياء ۽ شاهد آندا ويندا. يعني الله تعالىٰ نبين عليهم الصلواة والسلام کي ميدان محشر ۾ آڻي پڇندو تہ اوهان جي امتن اوهان کي ڪهڙو جواب ڏنو؟ ۽ ڪلهن تي ويٺل ڪراماً ڪاتبين ۽ ٻيا شاهد بہ پيش ڪيا ويندا جيڪي ماڻهن جي اعمال جي شاهدي ڏيندا. "وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْحَقِّ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ" ۽ انهن ۾ حق سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ اهي ظلم نہ ڪيا ويندا. يعني ان ڏينهن ٻانهن جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ ڪنهن سان بہ ظلم نہ ڪيو ويندو نہ انهن جو ثواب گهٽايو ويندو ۽ نہ هرو ڀرو عذاب ڪيا ويندا. "وَوُفِّيَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ وَهُوَ اَعْلَمُ بِمَا يَفْعَلُوْنَ" ۽ هر نفس جيڪو عمل ڪيو هوندو ان جو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ اهو ان کي وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي جيڪي ڪن ٿا. يعني سٺا يا برا اعمال جيڪو جيترا ڪندو اوترو ان کي ان جو بدلو ڏنو ويندو ۽ ماڻهو جيڪي اعمال ڪن ٿا الله اهي وڌيڪ ڄاڻي ٿو ان کان ڪوبہ عمل لڪل ناهي.

(١) معارف القرآن ص ۵٧٧ جلد ٧

فائدا.

مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- "وَنُفِخَ" (۽ ڦوڪ ڏني ويندي) هن مان مراد پهرين ڦوڪ آهي ٻي ڦوڪ چاليهہ سال گذرڻ کان پوءِ ڏني ويندي. قرآن ڪريم ۾ پنجن ڦوڪن جو بيان آهي. ١- الله جي طرفان حضرت آدم ۾ ڦوڪ. ٢- حضرت جبريل جي طرفان بيبي مريم سائڻ ڏانهن پٽ ڏيڻ جي لاءِ ڦوڪ. ٣- حضرت عيسىٰ عليه السلام جي مٽيءَ مان ٺاهيل پکين ۾ انهن کي زندگي ڏيڻ جي لاءِ ڦوڪ. ۴- ذوالقرنين جي طرفان لوهہ کي ڳارڻ جي لاءِ باهہ ڏئي ڦوڪ ڏيارڻ. ۵- اسرافيل جي صور ۾ ڦوڪ.

٢- "فَاِذَاهُمْ قِيَامٌ يَّنْظُرُوْنَ" (پوءِ اوچتو اهي بيهي ڏسندا رهندا) مان معلوم ٿيو تہ ٻي ڦوڪ سان سڀ پنهنجن قبرن مان اٿندا. مؤمن جي قبرن تي سواريون موجود هونديون اٿڻ کان پوءِ انهن تي سوار ٿي روانا ٿيندا. سڀني کان اول حضور پرنور صلى الله عليه وسلم جن قبر مبارڪ مان ٻاهر تشريف فرما ٿيندا. (١)

وَسِيْقَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى جَهَنَّمَ زُمَرًا ۭ حَتّٰٓى اِذَا جَاۗءُوْهَا فُتِحَتْ

۽ هڪليا ويندا ڪافر جهنم ڏانهن ٽولا ٽولا ڪري تانجو جڏهن ان وٽ ايندا تہ کوليا ويندا

اَبْوَابُهَا وَقَالَ لَهُمْ خَزَنَتُهَآ اَلَمْ يَاْتِكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ

ان جا دروازا ۽ چوندا انهن کي ان جا داروغا ڇا نہ آيا اوهان وٽ رسول اوهان مان

يَتْلُوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِ رَبِّكُمْ وَيُنْذِرُوْنَكُمْ لِقَاۗءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا ۭ

جو پڙهن پيا اوهان تي اوهان جي رب جون آيتون ۽ ڊيڄارين پيا اوهان کي ان جي هن ڏينهن جي اچڻ کان

قَالُوْا بَلٰى وَلٰكِنْ حَقَّتْ كَلِمَةُ الْعَذَابِ عَلَي الْكٰفِرِيْنَ (٧١)

چوندا هائو ۽ پر ثابت ٿي چڪو آهي حڪم عذاب جو ڪافرن تي

(١) نورالعرفان ص ٧۴٣

قِيْلَ ادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ۚ فَبِئْسَ مَثْوَى

چيو ويندو داخل ٿيو جهنم جي دروازن کان هميشه رهندڙ ان ۾ پوءِ بري آهي جاءِ

الْمُتَكَبِّرِيْنَ (٧٢) وَسِيْقَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ اِلَى الْجَنَّةِ

هٿيلن جي ءِ روانا ڪيا ويندا اهي جيڪي ڊڄندا پنهنجي رب کان جنت ڏانهن

زُمَرًا ۗ حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْهَا وَفُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَقَالَ لَهُمْ

ٽولا ٽولا ڪري تانجو جڏهن ان وٽ پهچندا ۽ کوليا ويندا ان جا دروازا ۽ چوندا انهن کي

خَزَنَتُهَا سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ طِبْتُمْ فَادْخُلُوْهَا خٰلِدِيْنَ (٧٣)

ان جا داروغا ته سلام آهي اوهان تي خوش ٿيو پوءِ انهن ۾ داخل ٿيو هميشه رهندڙ

وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ صَدَقَنَا وَعْدَهٗ

۽ چوندا سڀ ساراه الله جي لاءِ (ثابت) آهي جنهن سچو ڪيو اسان سان پنهنجو وعدو ۽

وَاَوْرَثَنَا الْاَرْضَ نَتَبَوَّاُ مِنَ الْجَنَّةِ حَيْثُ نَشَآءُ ۚ فَنِعْمَ

وارث ڪيائين اسان کي زمين جو رهون ٿا بهشت مان جتي گهرون پوءِ چڱو ٿيو

اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ (٧٤) وَتَرَى الْمَلٰٓئِكَةَ حَآفِّيْنَ مِنْ حَوْلِ الْعَرْشِ

اجورو عمل ڪندڙن جو ۽ ڏسندين ملائڪن کي گهيرو ڪندڙ چوڌاري عرش جي

يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ ۚ وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْحَقِّ

تسبيح پڙهندا آهن پنهنجي رب جي حمد سان گڏ ۽ فيصلو ڪيو ويندو انهن ۾ حق سان

وَقِيلَ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ (۷۵)

۽ چيو ويندو تہ سڀ ساراه الله. جهانن جي رب جي لاءِ (ثابت) آهي.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ قيامت وارن جو احوال اجمالي طور بيان ٿيو ۽ هتان کان انهن جو تفصيلي احوال بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَسِيْقَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى جَهَنَّمَ زُمَرًا" ۽ ڪافر جهنم ڏانهن ٽولا ٽولا ڪري هڪليا ويندا. يعني الله جا مقرر ٿيل غليظ، شديد ملائڪ انهن کي لڪڻ هڻندا، ايذاء ڏيندا ماريندا. ٽولن جي صورت ۾ جهنم ڏانهن هڪليندا. هر هڪ ٽولي ۾ هڪ جهڙا برا عمل ڪندڙ گڏ هوندا "حَتّٰىٓ اِذَا جَآءُوْهَا فُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَقَالَ لَهُمْ خَزَنَتُهَآ اَلَمْ يَاْتِكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَتْلُوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِ رَبِّكُمْ وَيُنْذِرُوْنَكُمْ لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا" تانجو جڏهن ان وٽ پهچندا تہ ان جا دروازا کوليا ويندا ۽ انهن کي ان جا داروغا چوندا ڇا اوهان وٽ اوهان مان رسول نہ آيا هئا جيڪي اوهان تي اوهان جي رب جون آيتون پڙهن ها ۽ اوهان کي اوهان جي هن ڏينهن جي ملڻ کان ڊيڄارين ها. يعني جڏهن محشر جي ميدان ۾ جهنم جي سامهون ايندا تہ انهن لاءِ ان جا دروازا کوليا ويندا تانتہ انهن مان اندر داخل ڪيا وڃن ۽ جهنم تي مقرر ڪيل ملائڪ انهن کي چوندا تہ ڇا اوهان وٽ اوهان جي جنس مان اهي رسول نہ آيا هئا جن کي اوهان سڃاڻو پيا، انهن جي امانت ۽ صداقت جا بہ اوهان اعتراف ڪندڙ هيا انهن سان آسانيءَ سان ملي سگهو پيا، اهي اوهان کي اوهان جي رب جي طرفان نازل ڪيل آيتون تلاوت ڪري ٻڌائين پيا ۽ اوهان کي هن ڏينهن جي ملڻ کان ڊيڄارين پيا. اوهان تي واجب هو تہ انهن جي اتباع ڪيو ها ۽ هن ڏينهن جي عذاب کان ڊڄو ها پر اوهان ان جي برخلاف رهيا. "قَالُوْا بَلٰى" چوندا هائو. يعني پنهنجي گناهہ جو اقرار ڪندا ۽ مڃيندا تہ واقعي اسان وٽ الله جي طرفان رسول (عليهم الصلواة والسلام) آيا هئا انهن اسان کي آيتون پڙهي ٻڌايون هيون ۽ حق واضح ڪري سمجهايو هو "وَلٰكِنْ حَقَّتْ كَلِمَةُ الْعَذَابِ عَلَى

اَلْكَافِرِيْنَ" ۽ پر ڪافرن تي عذاب جو حڪم ثابت ٿي ويو. يعني سندن ڪفر جي ڪري مٿن الاهي عذاب واجب ٿي ويو. "قِيْلَ ادْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خَالِدِيْنَ فِيْهَا" چيو ويندو تہ جهنم جي دروازن کان داخل ٿيو ان ۾ هميشہ رهندڙ هوندؤ. يعني انهن کي ذليل ۽ خوار ڪندي اهو امر ڪيو ويندو ۽ هر ٽولو ان جي لاءِ مناسب دروازي کان داخل ٿيندو. داخل ٿيڻ کان پوءِ ان مان نہ نڪرندا هميشہ ان ۾ هوندا. "فَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ" پوءِ هٺيلن جي جاءِ بري آهي. مقصد تہ تڪبر ڪرڻ جي ڪري جنهن باهہ ۾ داخل ٿيندا اها بري جاءِ آهي. "وَسِيْقَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ اِلَى الْجَنَّةِ زُمَرًا" ۽ جيڪي پنهنجي رب کان ڊڄن ٿا اهي بهشت ڏانهن ٽولا ٽولا ڪري روانا ڪيا ويندا. يعني جيڪي ايمان آڻي الله جي اطاعت ڪندي پنهنجي پاڪ پروردگار کان ڊڄندا اهي ٽولا ٽولا ڪري جنت ڏانهن روانا ڪيا ويندا. "حَتّٰٓى اِذَا جَآءُوْهَا وَفُتِحَتْ اَبْوَابُهَا وَقَالَ لَهُمْ خَزَنَتُهَا سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ طِبْتُمْ فَادْخُلُوْهَا خَالِدِيْنَ" تانجو جڏهن ان وٽ پهچندا ۽ ان جا دروازا کوليا ويندا ۽ ان تي مقرر ڪيل داروغا. (ملائڪ) انهن کي چوندا تہ اوهان تي سلام آهي خوش ٿيو ان ۾ هميشہ رهڻ جي لاءِ داخل ٿيو. يعني جڏهن بهشتي ڪشادن ميدانن جي سامهون ايندا ۽ سندن عزت ۽ اڪرام ڪندي انهن جي لاءِ بهشت جا دروازا کوليا ويندا ۽ بهشتي داروغا. انهن تي مقرر ٿيل ملائڪ کين چوندا تہ اوهان تي سلام آهي هر آفت ۽ برائيءَ کان سلامت ٿي ويئو. خوش ٿيو. اوهان الله جي محبت، معرفت، ان جي خشوع سان دليون خوش رکيون ۽ اوهان جون زبانون ان جي ذڪر سان مزا ماڻينديون رهيون. پوءِ ان خوشيءَ سان بهشت ۾ داخل ٿيو ان ۾ هميشہ رهندڙ هوندؤ اها پاڪ جاءِ پاڪ انسانن جي قرار لاءِ آهي. "وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ صَدَقَنَا وَعْدَهٗ وَ اَوْرَثَنَا الْاَرْضَ نَتَبَوَّاُ مِنَ الْجَنَّةِ حَيْثُ نَشَآءُ" ۽ چيائون تہ سڀ ساراهہ ان الله جي لاءِ ثابت آهي جنهن اسان سان وعدو سچو ڪيو ۽ اسان کي زمين جو وارث بڻايو جنت مان جتي بہ گهرون رهون. يعني جڏهن جنت ۾ داخل ٿيندا تہ الله جو حمد ڪندي چوندا الله اسان سان ڪيل وعدا سچا ڪري ڏيکاريا ۽ ان اسان کي جنت جي زمين جو اهڙو وارث بڻايو آهي جو جنت مان جتي بہ گهرون تہ رهون پيا ان مان جيڪو وٺي سو

ڪائون ڪابہ شيءِ اسان جي لاءِ منع ڪيل ناهي "فَنِعْمَ اَجْرُ الْعَامِلِيْنَ" پوءِ عمل ڪندڙن جو اجر ڀلو آهي يعني جن الله عزوجل جي عبادت ۾ محنت ڪئي، انهن جو اجر ڀلو آهي جو بهشت انهن جي منزل ۽ ان ۾ موجود نعمتون انهن جي مهماني آهن اهو بهشت الله جل مجده جي خاص ڀانهن جي رهائش آهي "وَتَرَى الْمَلَآئِكَةَ حَآفِّيْنَ مِنْ حَوْلِ الْعَرْشِ" ۽ ملائڪن کي عرش جي چوڌاري بيهندڙ ڏسندين. يعني اهي الله عز برهانه جي عرش جي چوڌاري ان جي جلال جي اڳيان جهڪندڙ، ان جي قدرت جي ڪمال کي مڃيندڙ، ان جي جمال جي انوار ۾ مستغرق ٿي بيٺا هوندا "يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ" پنهنجي رب جي حمد سان گڏ تسبيح پڙهندڙ هوندا. يعني هر ان شيءِ ڪان ان جي پاڪائي بيان ڪندا آهن جيڪا سندس شان جي لائق ناهي ان جو حمد ڪندي ان جي هر ان نسبت ڪان تقديس ڪندا آهن جيڪا مشرڪن ۽ ڪافرن ڪئي آهي. "وَقُضِيَ بَيْنَهُمْ بِالْحَقِّ" ۽ انهن جي وچ ۾ حق سان فيصلو ڪيو ويندو. يعني ٻنهي ڌرين ۽ ٻنهين سيني ۾ حق ۽ انصاف سان اهڙو فيصلو ڪيو ويندو جو ڪنهن کي بہ ان ۾ انڪار جي گنجائش نہ رهندي.

"وَقِيْلَ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ" ۽ چيو ويندو تہ هر حمد اللهءِ جهانن جي رب جي لاءِ (ثابت) آهي. يعني سڀ الله جي فضل، احسان، عدل ۽ حڪمت تي ان جو حمد ڪندا. (١)

فائدا.

مذڪوره آيتن جي تفسير مان هي فائدا ذهن ۾ ويهن ٿا. ١- "وَسِيْقَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اِلٰى جَهَنَّمَ زُمَرًا" (۽ ڪافر جهنم ڏانهن ٽولا ٽولا ڪري هڪليا ويندا) مفسرن لکيو آهي تہ اهي ڪافر پنهنجن ڪافرن پيشوائن ۽ مشرڪن سردارن سان گڏ جهنم ڏانهن جانورن وانگر هڪليا ويندا ڪي گوڏن تي ڪي منهن ڀر هلايا ويندا. ٢- "فُتِحَتْ اَبْوَابُهَا" (ان جا دروازا کوليا ويندا) مان معلوم ٿيو تہ جهنم جا دروازا آهن ۽ جيئن جيل جا دروازا بند رهندا آهن ۽ جيلن جي اچڻ وڃڻ لاءِ کوليا ويندا آهن تيئن هر ڪافر، مجرم ٽولي جا دروازا جدا جدا هوندا جيڪو ٽولو جنهن جي لائق هوندو اهو ان ڪان اندر موڪليو ويندو. ٣- "وَسِيْقَ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ اِلَى الْجَنَّةِ زُمَرًا" (۽ جيڪي پنهنجي پالڻهار ڪان ڊڄن ٿا ٽولا ٽولا ڪري جنت ڏانهن روانا ڪيا

(١) تيسير الكريم الرحمان ص ٣٢١ ڪان ص ٣٢٥ جلد ۴

ويندا) جيئن ڪافر پنهنجن ڪافرن اڳواڻن سان جهنم ڏانهن ويندا تيئن متقي پنهنجن صالحن پيشوائن سان گڏ بهشت ۾ ويندا. لهذا مومن کي گهرجي ته صالحن جي ٽولي ۾ رهي، صالحن سان صحبت ڪري ته انهن سان گڏ جنت ۾ داخل ٿئي.

۴- "وَفُتِحَتۡ أَبۡوَٰبُهَا" (۽ ان جا دروازا کوليا ويندا) جنت جا دروازا ته حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن لاءِ کلندا پيا سندن صدقي ۽ سندن پويان ويندا. عرب مفسر علامه عبدالرحمان بن ناصر سعيدي لکيو آهي ته "ومع ذالک فيحتا جون لدخولها الى الشفاعة عند اکرم الشفعاء عليه فلم تفتح لهم بمجرد ما وصلوا اليها بل يستشفعون الى الله بمحمد صلى الله عليه وسلم حتیٰ يشفع فشفعه الله تعالىٰ. (١) يعني ان مهرباني هوندي به جنت ۾ داخل ٿيڻ جي لاءِ سڀني شفاعت ڪندڙن ڪان الله وٽ وڏيڪ عزت واري شفاعت ڪندڙ جي شفاعت جا محتاج هوندا انهن جي لاءِ صرف اتي پهچڻ سان جنت نه کلندي بلڪه الله جل جلاله ڏانهن (مٿي) محمد صلى الله عليه وسلم جي شفاعت طلب ڪندا پاڻ شفاعت ڪندا الله سندن شفاعت قبول ڪندو. تڏهن جنت ۾ اندر ويندا.

۵- "وَتَرَى ٱلۡمَلَـٰٓئِكَةَ حَآفِّينَ مِنۡ حَوۡلِ ٱلۡعَرۡشِ" (۽ ملائڪن کي عرش جي چوڌاري بيهندڙ ڏسندين) مان معلوم ٿيو ته ملائڪ عرش جي چوڌاري ائين طواف ڪندا رهندا جيئن حاجي بيت الله جو طواف ڪندا آهن. (٢) ۽ اهو سڀ منظر حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن پنهنجن نوراني نظرن سان ڏسندا رهندا.

الحمدلله ثم الحمدلله جو مون عاجز الله عز اسمه جي خاص عنايت سان سورة الزمر جو تفسير اڄ ڇنڇر جي رات بوقت سوا ٩ بجي بمؤرخه ١۴ محرم الحرام ١۴٢۴ھ الموافق ۵-٣- ٢٠٠۴ع تي پنهنجي گهر ۾ پنهنجي آرام واري ڪمري ۾ لکي پورو ڪيو. رب العزة جل جلاله جي پاڪ بارگاهه ۾ عاجزانه، مخلصانه التجا آهي ته اهو پنهنجي حبيب، نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي طفيلي باقي رهيل تفسير به جلدي لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي.

آمين يا اله العالمين بوسيلة النبي الامين سيدنا ونبينا محمد عليه وعلیٰ آليه واصحابه وازواجه الصلوات والتسليمات الى يوم الدين

الفقير محمد ادريس الداهري
عفي عنه

(٢) ساڳيو حوالو ص٣٢۴ (٣) نورالعرفان ص٧۴۴

سورة المؤمن جو تعارف.

هن پاڪ سورة جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيون ذهن نشين ڪرڻ ضروري آهن.

نالو

هن سورة جو نالو "المؤمن" آهي جيڪو هن جي آيت عـ٢٨ مان ورتل آهي.

ان ڪان سواءِ هن کي سورة "غافر" بہ سڏيو ويندو آهي ڇوتہ الله جل شانه هن جي ابتداء ۾ پنهنجي ان سهڻي صفت کي بيان فرمايو آهي (١) ۽ هن کي سورة "الطول" بہ سڏيندا آهن. (٢)

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد.

هن سورة ۾ ٩ رڪوع پنجاسي آيتون، هڪ هزار هڪ سؤ نوانوي (١١٩٩) ڪلما ۽ چار هزار نو سؤ سٺ (۴٩٦٠) حرف آهن. (٣)

مڪيه آهي يا مدنيه؟

ابن مردويه حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي تہ هيءَ سورة مڪه (مڪرمه) ۾ نازل ٿي هئي (۴)

نزول جو زمانو.

هيءَ سورة حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي مڪي دؤر جي ان مرحلي ۾ نازل ٿي هئي جڏهن اسلام پنهنجي دلين کي موهيندڙ تعليم سان ماڻهن جي قلبن ۾ قرار وٺي رهيو هو هزارين مشڪلات جي باوجود سليم الطبع ماڻهو ان جي دعوت کي تيزيءَ سان قبول ڪرڻ لڳا هئا ڪافرن کي سندن پيرن جي هيٺان زمين سرڪندي نڪرندي نظر اچي رهئي هئي ۽ انهن ڪاوڙ ۾ اچي بي بنياد الزام هڻڻ جي مهم تيز ڪري ڇڏي هئي اهي گهرن پيا تہ ڪنهن بہ طرح ماڻهو اسلام ڪان بدظن ٿي وڃن ۽ زور سان وڌندڙ اسلامي تحريڪ ٺري وڃي. هن سورة ۾ انهن جي ئي اٿاريلن شڪن ۽ شبهن کي دور ڪيو ويو آهي.

(١) صفوة التفاسير صـ٩٢ جلد٣ (٢) روح المعاني صـ٣٩ جز ٢۴ جلد٨ (٣ خازن صـ٦٥ جلد ۴
(۴) الدرالمنثور صـ٦٦٨ جلد٧

مضمون.

هن سورة جو آغاز ايترو با رعب ۽ پر جلال آهي جو هن کي پڙهندڙ متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي. هن ۾ فرمان آهي ته هي ڪتاب ڪنهن انسان جي تصنيف ناهي بلڪه ان کي الله تعاليٰ نازل فرمايو آهي اهو الله جيڪو عزيز ۽ عليم به آهي ته "غَافِرِ الذَّنْبِ قَابِلِ التَّوْبِ" ۽ جود و ڪرم جو صاحب به آهي. ڇا اهڙي الله جل مجده جي نازل ڪيل ڪتاب ۾ ڪو نقص تلاش ڪري سگهجي ٿو. ٻين مضمونن کان سواءِ هن سورة ۾ ٻن امرن ڏانهن خصوصي توجه ڏياريل آهي. مڪه مڪرمه جا رهاڪو ڪافر هر ڳالهه تي نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سان جهيڙو ۽ تڪرار ڪندا هئا جنهن ڪان پاڻ غمگين ٿيندا هئا هن سورة ۾ الله عز اسمه ڪين تسلي ڏني آهي ته اڳين امتن جو به سندن طرف موڪليلن رسولن سان اهو رويو هوندو هو پوءِ جيئن اهي انبياء سڳورا علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام ڪم ڪندا رهيا تيئن اوهان به پنهنجو پيغام ڏيڻ جاري رکو ۽ اهو به بيان ٿيو آهي ته جيڪڏهن هي ڪافر مون کي پنهنجو سچو معبود تسليم نٿا ڪن ته ڇا ٿي پيو ڳڻڻ کان گهڻا نوري مخلوق ملائڪ جيڪي عرش کي ڪنيو بيٺا آهن ۽ ان جي چؤ طرف طواف ۾ مصروف آهن اهي هر وقت منهنجو حمد به ڪن ٿا ۽ منهنجي تسبيح به پڙهن ٿا ۽ اهي اوهان تي ايمان آڻڻ وارن. اوهان جي سچن امتين لاءِ مغفرت جي دعا به گهرندا رهن ٿا. ٻي اهم ڳالهه جيڪا هن سورة ۾ بيان ڪيل آهي اها هيءَ آهي ته: جڏهن حضرت موسىٰ عليه السلام فرعون کي حق جي دعوت ڏني ۽ پنهنجي قول جي صداقت کي روشن معجزن سان ثابت ڪيو ته ان پنهنجي حڪومت جي خاص ماڻهن جي گڏجاڻي گهرائي جنهن ۾ ان جو وزير هامان ۽ ٻيا اهم شخص شريڪ ٿيا. فرعون حضرت موسىٰ عليه السلام کي شهيد ڪرائڻ جي لاءِ انهن جي تعاون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهن کي حضرت موسىٰ عليه السلام جي دعوت جي خطرناڪ نتيجن کان واقف ڪندي چيائين ته جيڪڏهن ان کي ائين آزاد ڇڏي ڏنو ته اهو اوهان جي عقائد کي بگيڙي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ فتني جي باهه ٻاري ڇڏيندو. ڀلو آهي ته حالات جي ڪنٽرول مان ٻاهر نڪرڻ کان اڳي (حضرت) موسىٰ

(عليه السلام) کي ختم ڪيو وڃي ان وقت سندس قوم قبطين مان هڪ شخص جنهن اڃان ايمان ظاهر نہ ڪيو هو اٿي بيٺو ۽ اهڙي قوت سان حضرت موسىٰ عليه السلام جي طرفان دفاع ڪيائين جو فرعون لاجواب ٿي ويو ان حضرت موسىٰ عليه السلام جي دعوت جي برڪتن کي اهڙي وضاحت سان بيان ڪيو جو ٻڌندڙن تي خاموشي ڇانئجي وئي عاد ۽ ثمود جون حالتون ٻڌائي انهن کي عبرتناڪ انجام کان بچڻ جي هدايت ڪيائين جنهن سان فرعون جا سمورا منصوبا مٽيءَ ۾ ملي ويا هاٽي جڏهن فرعون جي خيالات جي تائيد نہ ٿي تہ انهيءَ بي چال هلندي هامان کي هڪ بلند مينار ٺاهڻ جي لاءِ آرڊر ڏنو تہ پاڻ ان تي چڙهي آسمان ڏانهن ڏسي تسلي ڪري تہ حضرت موسىٰ عليه السلام جو الله نہ زمين ۾ آهي نہ آسمان ۾ تہ هاٽي اسين ان کي ڪٿي ڳوليون؟ هن سورة ۾ بہ مختلف مقامات ۾ الله جي توحيد ۽ وڏائي جا تڪويني دلائل بيان ٿيل آهن تانتہ پڙهندڙن ۽ ٻڌڙن کي حق اليقين حاصل ٿئي تہ جنهن جي قدرت جا اهي ڪرشما آهن اهوئي وحده لاشريڪ له سچو معبود ۽ برحق آهي ۽ ڪافرن جو جيڪو قيامت جي ڏينهن حسرت ڀريو انجام ٿيندو ان جو بہ نقشو پيش ڪيل آهي تانتہ جيڪي ماڻهو ان هولناڪ انجام کان بچڻ گهرن اهي پاڻ سنڀالي ويهن.

اڳينءَ سورة سان ربط ۽ تعلق.

هن سورة جو سورة الزمر سان ربط ۽ تعلق هي آهي جو جيئن ان ۾ ڪافرن جي قيامت جي ڏينهن ٿيڻ واري حالت بيان ڪيل آهي تيئن هن ۾ بہ بيان ٿي آهي ۽ جيڪو مؤمن جو مقام ان ۾ ذڪر ٿيو اهو هتي بہ ذڪر ڪيل آهي.

ڀلايون ۽ برڪتون.

هن سورة پاڪ جو شان، ڀلايون ۽ برڪتون گهڻيون آهن ڇوتہ هي "حٰمٓ" سان شروع ڪيل آهي ۽ جيڪي سورتون "حٰمٓ" سان شروع ڪيل آهن انهن کي حوا ميم سڏبو آهي. حوا ميم جي فضائل ۾ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جا ڪجھ ارشادات لکجن ٿا.

١- شعب الايمان ۾ بيهقي خليل بن مره رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ

رسول الله جن فرمايو "حواميم ست آهن ۽ جهنم جا دروازا بہ ست آهن هر هڪ "حم" (سورة) جهنم جي هر هڪ دروازي ڪان اچي بيهندي ۽ دعا گهرندي تہ ياالله! هن دروازي ڪان ان ڪي داخل نہ ڪر جنهن مون تي ايمان آندو ۽ مون ڪي پڙهندو هو".

٢- ترمذي، بزار، محمد بن نصر، ابن مردويه ۽ شعب الايمان ۾ بيهقي حضرت ابوهريرة رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن حم (سورة مؤمن) "اليه المصير" تائين ۽ آيت الڪرسي صبح جو پڙهيون تہ شام تائين محفوظ رهندو ۽ جنهن شام جون پڙهيون تہ صبح تائين محفوظ رهندو.

ابوالشيخ، ابونعيم ۽ ديلمي حضرت انس رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "حواميم (سورتون) قرآن جو ديباج آهن". (١)

وَهِيَ خَمْسٌ وَّثَمَانُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ الْمُؤْمِنِ مَكِّيَّةٌ	وَتِسْعُ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها ٨٥ آيتون	سوره مومن مڪي آهي	۽ ٩ رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو، جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪرڻ وارو آهي

حٰمٓ (١) تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ (٢)

حا- ميم- نازل ڪرڻ آهي ڪتاب جو طرفان الله، غالب، ڄاڻندڙ جي

غَافِرِ الذَّنْۢبِ وَقَابِلِ التَّوْبِ شَدِيْدِ الْعِقَابِ ذِى الطَّوْلِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ

گناهہ بخشيندڙ ۽ توبہ قبول ڪندڙ سخت عذاب ڏيندڙ، طاقت وارو، ناهي ڪو سچو معبود مگر اهو

(١) الدرالمنثور صہ ٢٦٩ جلد ٧

اِلَيۡهِ الۡمَصِيۡرُ (٣) مَا يُجَادِلُ فِيۡٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ اِلَّا الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا

ان ڏانهن ئي موٽڻ آهي نٿا جهيڙو ڪن الله جي آيتن (جي باري) ۾ مگر اهي جن ڪفر ڪيو

فَلَا يَغۡرُرۡكَ تَقَلُّبُهُمۡ فِى الۡبِلَادِ (٤) كَذَّبَتۡ قَبۡلَهُمۡ قَوۡمُ نُوۡحٍ

پو نہ ڌوڪي ۾ وجهي توکي ڦرڻ انهن جو شهرن ۾ ڪوڙو ڄيو اڳي انهن کان نوح جي قوم

وَّالۡاَحۡزَابُ مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ وَهَمَّتۡ كُلُّ اُمَّةٍۢ بِرَسُوۡلِهِمۡ لِيَاۡخُذُوۡهُ

۽ (ٻين) ٽولن ان کان پوءِ ۽ پڪو پہ ڪيو هر امت پنهنجي رسول جي متعلق تانتہ ان کي گرفتار ڪن

وَجٰدَلُوۡا بِالۡبَاطِلِ لِيُدۡحِضُوۡا بِهِ الۡحَقَّ فَاَخَذۡتُهُمۡ فَكَيۡفَ

۽ جهيڙو ڪيائون ناحق تانتہ ختم ڪن ان سان حق کي پوءِ پڪڙيو مون انهن کي پوءِ ڪيئن

كَانَ عِقَابِ (٥) وَكَذٰلِكَ حَقَّتۡ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيۡنَ

هو منهنجو عذابءِ اهڙي طرح ثابت ٿيو حڪم رب تنهنجي جو انهن تي جن

كَفَرُوۡۤا اَنَّهُمۡ اَصۡحٰبُ النَّارِ (٦)

ڪفر ڪيو بيشڪ اهي جهنمي آهن.

تفسير

اڳين ۽ سورة جي آخر ۾ بيان ٿيو تہ "وَقُضِيَ بَيۡنَهُمۡ بِالۡحَقِّ" (۽ انهن ۾ حق سان فيصلو ڪيو ويندو) ۽ هن سورة جي ابتداء ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو حق سان فيصلو ڪندڙ الله عز برهانہ گناهہ بخشيندڙ، توبہ قبول ڪندڙ بہ آهي. فرمان مبارڪ آهي "حم" هي بہ مقطعات حروف آهن. اڪثر مفسرن وٽ انهن مان جيڪا مراد آهي سا الله وحده لاشريڪ لہ جي حوالي ڪرڻي آهي الله اعلم بمراده بذالڪ. جيئن اڳي

بيان ٿيندو آيو آهي ۽ بعض مفسرن وٽ هي سورة جو نالو آهي. بعض وٽ هي الله جل جلالة جي نالن مان هڪ نالو آهي. عڪرمه کان روايت آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "حٰمٓ اِسۡمٌ مِّنۡ اَسۡمَاءِ اللهِ تَعَالىٰ وَهِيَ مَفَاتِيۡحُ خَزَائِنِ رَبِّكَ" حم الله جي نالن مان هڪ نالو آهي ۽ اهي تنهنجي رب جي خزانن جون ڪنجيون آهن. علامه اسماعيل حقي لکيو آهي ته الله جو هر هڪ نالو ان جي خزانن مان ڪنهن نه ڪنهن خزاني جي ڪنجي هوندو آهي جڏهن ڪوبه شخص الاهي اسم جو ورد ڪندو آهي ته ان شخص جي روح ۽ ان اسم ۾ هڪ خاص مناسبت پيدا ٿيندي آهي جيڪا هلندي هلندي ٻانهي کي خداوند قدوس جي قريب ڪندي آهي ان وقت ان ٻانهي تي الاهي انوار جو ظهور ٿيڻ لڳندو آهي ۽ استعداد جي موافق اهو فيض حاصل ڪندو آهي ۽ الله جا سڀ نالا حقيقت ۾ اعظم آهن. (١) "تَنۡزِيۡلُ الۡكِتٰبِ مِنَ اللهِ الۡعَزِيۡزِ الۡعَلِيۡمِ" الله غالب، ڄاڻندڙ جي طرفان ڪتاب جو نازل ڪرڻ آهي. يعني هن ڪتاب جو نزول الله جي طرفان آهي جيڪو پنهنجي ملڪ ۾ غالب. پنهنجي مخلوق کي ڄاڻندڙ آهي. "غَافِرِ الذَّنۡۢبِ وَقَابِلِ التَّوۡبِ شَدِيۡدِ الۡعِقَابِ ذِي الطَّوۡلِ" گناهه بخشيندڙ ۽ توبه قبول ڪندڙ، عذاب ڪرڻ ۾ سخت، وڏي طاقت وارو آهي. هتي قرآن ڪريم نازل ڪندڙ الله جون ڇهن صفتون بيان ڪيون ويون آهن. ١- "غَافِرِ الذَّنۡۢبِ" گناهه بخش ڪندڙ آهي ڪو شخص ڪيترا به گناهه ڪري جڏهن اهو سچي دل سان توبه ڪري ٿو ته الله جل شانه ان کي بخشي ڇڏي ٿو. ٢- "قَابِلِ التَّوۡبِ" توبه قبول ڪندڙ. يعني ٻانهي جي توبه قبول ڪري ان کي گناهن کان اهڙو پاڪ صاف ڪري ٿو جو ڄڻ ته ان ڪڏهن گناهه ڪيو ئي نه هو.

٣- "شَدِيۡدِ الۡعِقَابِ" عذاب ڪرڻ ۾ سخت. مطلب ته ان جو عذاب به نهايت سخت آهي جيڪڏهن ڪنهن کي پڪڙي ٿو ته ان کي سخت سزا ڏي ٿو. ٤- "ذِي الطَّوۡلِ" طاقت وارو. معنىٰ فضل ۽ انعام جي بارش وسائڻ وارو. "لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ" ان کان سواءِ ڪوبه سچو معبود ناهي. يعني جيڪو الله مذڪوره صفات جليله. ڪامله جو مالڪ آهي اهوئي عبادت جو لائق آهي ان کان سواءِ باقي جيڪي به معبود سڏيا ويا اهي باطل آهن "اِلَيۡهِ الۡمَصِيۡرُ" ان ڏانهن ئي موٽڻ آهي. جتي پهچڻ سان هر

(١) ضياء القرآن ص ٢٨٩ جلد ٤

هڪ ڪي سندس ڪيل عمل جو بدلو ملندو. "مَا يُجَادِلُ فِيٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ اِلَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا" نٿا جهيڙو ڪن الله جي آيتن ۾ مگر ڪافر. يعني الله جون آيتون ۽ ان جي عظمت ۽ قدرت جا نشان اهڙا ناهن جن جي متعلق جهيڙو ڪجي مگر جن ماڻهن اهو ذهن پڪو ڪيو آهي ته روشن ڪان روشن دليلن ۽ ڪليلن ڳالهين جو به انڪار ڪيو وڃي اهي ئي هنن سچين ڳالهن ۾ جهيڙو ڪن ٿا "فَلَا يَغْرُرْكَ تَقَلُّبُهُمْ فِي الْبِلَادِ" پوءِ انهن جو شهرن ۾ ڦرڻ توکي ڌوکي ۾ نه وجهي. يعني اهي جيڪو شهرن ۾ گهمندي، ڦرندي، ڪائيندي، پيئندي نظر اچن ٿا اهو اوهان کي ڌوکي ۾ نه وجهي اها انهن کي ٿوري عرصي جي لاءِ مهلت مليل آهي جلد الاهي عذاب جي پڪڙ ۾ ايندا. "كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّالْاَحْزَابُ مِنْۢ بَعْدِهِمْ وَهَمَّتْ كُلُّ اُمَّةٍۢ بِرَسُوْلِهِمْ لِيَاْخُذُوْهُ وَجٰدَلُوْا بِالْبَاطِلِ لِيُدْحِضُوْا بِهِ الْحَقَّ فَاَخَذْتُهُمْ فَكَيْفَ كَانَ عِقَابِ" انهن کان اڳي نوح جي قوم ۽ (ٻين) ٽولن انهن کان پوءِ ڪوڙو ڄيو ۽ هر امت پنهنجي رسول لاءِ پڪو په ڪيو ته ان کي گرفتار ڪن ۽ باطل جي ذريعي جهيڙو ڪيائون تانته ان سان حق کي ختم ڪن پوءِ مون انهن کي پڪڙيو پوءِ منهنجو عذاب ڪيئن هو؟ يعني هر نبي عليه السلام جي امت مان شريرن پنهنجي پنهنجي نبي سڳوري کي گرفتار ڪري شهيد ڪرڻ يا ايذائڻ جو ارادو ڪيو هو حضرت نوح عليه السلام جي قوم ۽ انهن کان پوءِ ٻين ڪافرن ٽولن به الله عز اسمه جي نبين عليهم السلام کي ڪوڙو ڄيو هو ۽ باطل سان حق کي ختم ڪرڻ جو پروگرام بنايو هو. پوءِ انهن کي پڪڙيو انهن جو مڪر هلڻ نه ڏنو انهن کي سخت سزا ڏني پوءِ ڏسو ته منهنجي سزا ڪيئن هئي جو انهن جون پاڙون پٽجي ويون. "وَكَذٰلِكَ حَقَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ عَلَى الَّذِيْنَ كَفَرُوْٓا اَنَّهُمْ اَصْحٰبُ النَّارِ" اهڙي طرح ڪافرن تي تنهنجي رب جو حڪم ثابت ٿيو بلاشڪ اهي جهنمي آهن. يعني صرف دنيا ۾ ئي انهن تي عذاب نه ايندو پر الله جل شانه جو حتمي فيصلو آهي ته جيڪو ڪفر تي مرندو اهو هميشه جي لاءِ جهنم ۾ اڇلايو ويندو.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١- "غَافِرِ الذَّنْبِ وَقَابِلِ التَّوْبِ"

(گناهہ بخشيندڙ ۽ توبہ قبول ڪندڙ) جي اطلاق، ڪنهن قيد نہ لڳائڻ مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل هميشہ هر شخص جي هر قسم جي گناهن ڪي بخشيندڙ آهي توبہ قبول ڪندڙ آهي ڪافرن جي توبہ ايمان آڻڻ سان، مؤمن جي توبہ گناهن ڪان رجوع ڪرڻ سان هوندي آهي.

هڪ عجيب واقعو:

حضرت ثابت بناني عليه الرحمة جو قول آهي تہ مان حضرت مصعب بن عمير رضي الله عنه سان ڪوفي جي علائقي ۾ گڏ هوس ۽ مان هڪ باغ ۾ اندر گهڙي ويس تہ ٻہ رڪعتون نفل پڙهان. مون نماز ڪان اڳي سورة المؤمن جون پهريون آيتون "حٰمٓ" ڪان "وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ" تائين پڙهيون اوچتو ڏٺم تہ هڪ شخص سفيد خچر تي سوار منهنجي پويان بيٺو آهي جنهن جي بدن تي يمني ڪپڙا آهن ۽ ان مون کي چيو تہ جڏهن "غَافِرِالذَّنْبِ" لفظ پڙهين تہ دعا جا هي الفاظ چؤ "يَا غَافِرَالذَّنْبِ اغْفِرْلِيْ" (اي گناهن جا بخشيندڙ منهنجا گناهہ بخش ڪر). ۽ جڏهن "قَابِلِ التَّوْبِ" پڙهين تہ "يا قَابِلَ التَّوْبِ اِقْبَلْ تَوْبَتِي" (اي توبہ قبول ڪندڙ منهنجي توبہ قبول ڪر) چؤ. ۽ جڏهن "شَدِيْدِالْعِقَابِ" پڙهين تہ "يا شَدِيْدَالْعِقَابِ لَاتُعَاقِبْنِيْ" (اي عذاب ڪرڻ ۾ سختي ڪندڙ مون کي عذاب نہ ڪر). چؤ. ۽ جڏهن "ذِي الطَّوْلِ" پڙهين تہ "يَا ذَاالطَّوْلِ طُلْ عَلَيَّ بِخَيْرٍ" (اي طاقت وارا مون تي ڀلائيءَ جو ڀال ڪر). ثابت بناني فرمايو تہ مون اهي الفاظ ٻڌي اوڏانهن نهاريو تہ ڪير بہ نظر نہ آيو ۽ مان ان جي تلاش ۾ باغ جي دروازي تي پهتس ۽ اتي موجود ماڻهن ڪان پڇيم تہ هڪ ماڻهو هن نموني يمني لباس ۾ ڏٺيل هتان لنگهي تہ ڪونہ ويو؟ انهن چيو تہ اسان نہ ڏٺو. ثابت بناني عليه الرحمۃ جي هڪ قول مطابق اهو حضرت الياس عليه السلام هو. (١)

٢- آيت ع٦ مان واضح ٿيو تہ ڪافرن کي مهلت ملندي آهي پر انهن کي معافي نہ ملندي. ڪافرن کي عذاب ضرور ٿيندو. الله جي پڪڙ سخت آهي.

---

(١) تفسير ابن ڪثير ص ٧٠ جلد ٤

اَلَّذِيْنَ يَحْمِلُوْنَ الْعَرْشَ وَمَنْ حَوْلَهٗ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ

جيڪي ڪٽندڙ عرش جا آهن ۽ جيڪي ان جي چوڌاري آهن پنهنجي رب جي حمد سان گڏ تسبيح پڙهن ٿا

وَيُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَيَسْتَغْفِرُوْنَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ رَبَّنَا وَسِعْتَ

۽ ان تي ايمان آڻين ٿا ۽ مغفرت گهرن ٿا انهن جي لاءِ جن ايمان آندو اي اسان جا رب! ڪشادو

كُلَّ شَيْءٍ رَّحْمَةً وَّعِلْمًا فَاغْفِرْ لِلَّذِيْنَ تَابُوْا وَاتَّبَعُوْا

ٿئين تون هر شيءِ کان رحمت ۽ علم سان پوءِ بخش فرماءِ انهن کي جن توبه ڪئي ۽ تابع ٿيا

سَبِيْلَكَ وَقِهِمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ (٧) رَبَّنَا وَاَدْخِلْهُمْ

تنهنجي واٽ جا ۽ بچاءِ انهن کي عذاب جهنم جي کان اي اسان جا پالڻهار! ۽ داخل ڪر انهن

جَنّٰتِ عَدْنِ ِۨالَّتِيْ وَعَدْتَّهُمْ وَمَنْ صَلَحَ

کي بهشتن عدن جي ۾ جن جو انهن سان تو وعدو ڪيو آهي ۽ انهن کي جو صالح ٿيا

مِنْ اٰبَآئِهِمْ وَاَزْوَاجِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ ۭ اِنَّكَ اَنْتَ

انهن جي پيئرن مان ۽ انهن جي زالن مان ۽ انهن جي اولاد مان بلاشڪ تون ئي

الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۙ (٨) وَقِهِمُ السَّيِّاٰتِ ۭ وَمَنْ تَقِ السَّيِّاٰتِ

غالب. حڪمت وارو آهين ۽ بچاءِ انهن کي سختين کان ۽ جنهن کي سختين کان بچائيندي

يَوْمَئِذٍ فَقَدْ رَحِمْتَهٗ ۭ وَذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ۧ (٩)

ان ڏينهن پوءِ تحقيق رحم ڪيو تو ان تي ۽ اهائي ڪاميابي وڏي آهي

تفسير

اڳين آيتن ۾ مشرڪن جي طرفان نبين عليهم الصلواة والسلام سان باطل جي لاءِ جهيڙو ۽ مؤمنن سان عداوت بيان ڪئي وئي ۽ هن آيتن ۾ مؤمنن جي لاءِ عرش جي ڪڻندڙن جون مغفرت واريون دعائون ذڪر ڪندي فرمان آهي "اَلَّذِيْنَ يَحْمِلُوْنَ الْعَرْشَ وَمَنْ حَوْلَهٗ يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ وَيُؤْمِنُوْنَ بِهٖ وَيَسْتَغْفِرُوْنَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" جيڪي عرش کي کڻن ٿا ۽ جيڪي ان جي چوڌاري آهن پنهنجي رب جي حمد سان تسبيح پڙهن ٿا ۽ ان تي ايمان آڻين ٿا ۽ ايمان وارن جي لاءِ مغفرت طلب ڪن ٿا- عرش جهان جي تدبير جو مرڪز آهي. (١)

الله جل شانه ٻڌايو ته عرش کي کڻندڙ الله جا ملائڪ ۽ عرش جي چوڌاري بيهڻ وارا ڪروبين پنهنجي رب جي حمد سان گڏ تسبيح پڙهندا آهن ۽ ان جي بارگاهه ۾ خشوع ۽ خضوع ڪندا رهندا آهن ۽ زمين ۾ رهندڙن مؤمنن جي گناهن کي بخشرائڻ جي لاءِ دعائون گهرندا آهن ۽ مؤمن جڏهن پاڻ دعا گهرندو آهي ته ان تي آمين چوندا آهن. صحيح مسلم شريف ۾ نبوي ارشاد آهي ته "اِذَا دَعَا الْمُسْلِمُ لِاَخِيْهِ بِظَهْرِ الْغَيْبِ قَالَ الْمَلَكُ اٰمِيْنَ وَلَكَ بِمِثْلِهٖ" جڏهن (هڪ) مسلمان پنهنجي (مسلمان) ڀاءُ جي لاءِ غائبانه دعا گهرندو آهي ته ملائڪ آمين چوندي ان کي چوندو آهي ته تولاءِ به ان جي مثل آهي. علامه ابن ڪثير لکيو آهي ته هن وقت عرش کي کڻندڙ ملائڪ چار آهن ۽ قيامت جي ڏينهن اهي اٺ ٿيندا. (٢)

"رَبَّنَا وَسِعْتَ كُلَّ شَيْءٍ رَّحْمَةً وَّعِلْمًا" اي اسان جا رب! تون هر شيءِ کان رحمت ۽ علم ۾ وسيع آهين. يعني تنهنجي رحمت انهن جي گناهن ۽ خطائن کان وسيع آهي ۽ تنهنجو علم انهن سڀني جي اعمال، اقوال، حرڪات ۽ سڪنات کي محيط آهي "فَاغْفِرْ لِلَّذِيْنَ تَابُوْا وَاتَّبَعُوْا سَبِيْلَكَ وَقِهِمْ عَذَابَ الْجَحِيْمِ" پوءِ جن توبه ڪئي ۽ تنهنجي واٽ جا تابعدار ٿيا انهن کي بخش فرماءِ ۽ انهن کي جهنم جي عذاب کان بچاءِ. يعني جيڪي پنهنجا گناهن کان توبه ڪري تنهنجي رستي تي هلن انهن کان ٿيل گناهه ڪيئن بخش ڪري ڇڏ ۽ انهن کي جهنم جي عذاب کان بچاءِ.

(١) المراغي ص۴٦ جز٠ ۲۴ جلد٨ (٢) ابن ڪثير ص ٧١ جلد۴

"رَبَّنَا وَاَدْخِلْهُمْ جَنّٰتِ عَدْنِ الَّتِيْ وَعَدْتَّهُمْ وَمَنْ صَلَحَ مِنْ اٰبَآئِهِمْ وَاَزْوَاجِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ" اي اسان جا رب ۽ انهن کي عدن وارن انهن بهشتن ۾ داخل ڪر جن جو تو انهن سان وعدو ڪيو آهي ۽ انهن کي جيڪي سندن ابن ڏاڏن ۽ زالن ۽ اولاد مان صالح ٿيا. يعني اي اسان جا رب! انهن کي تہ انهن عدن جي بهشتن ۾ داخل ڪر جن جو تو انهن سان وعدو فرمايو آهي پر انهن جي ابن، ڏاڏن، انهن جي زالن ۽ انهن جي اولاد مان جيڪي اهي صلاحيت رکن انهن کي بہ جنت ۾ داخل ڪر. بعض مفسرن لکيو آهي تہ هتي صلاحيت مان مراد ايمان آهي ۽ مؤمن جنت ۾ داخل ٿيڻ جي صلاحيت رکي ٿو. (١)

عظيم خوشخبري.

بغوي سعيد بن جبير کان روايت آندي آهي تہ مؤمن جنت ۾ داخل ٿيندو پوءِ چوندو تہ منهنجو پيءُ ڪٿي آهي منهنجي ماء ڪٿي آهي منهنجو اولاد ڪٿي آهي منهنجي زال ڪٿي آهي؟ ان کي جواب ۾ چيو ويندو تہ "انهن تو جهڙا عمل نہ ڪيا هئا" اهو چوندو تہ مان پنهنجي لاءِ ۽ انهن جي لاءِ عمل ڪندو هوس، پوءِ چيو ويندو تہ انهن کي جنت ۾ داخل ڪيو. ۽ هيءَ روايت موقوف آهي پر مرفوع جي حڪم ۾ آهي ۽ ان ۾ اها صراحت آهي تہ آيت ۾ صلاحيت مان مراد ايمان آهي.
(٢) "اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ" بلاشڪ تون ئي غالب حڪمت وارو آهين. يعني تون هر شيءِ تي اهڙو قادر آهين جنهن لاءِ ڪا شيءِ ممتنع ناهي اهڙو حڪيم آهين جو حڪمت جي تقاضا کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ڪندو آهين ۽ ان حڪمت جي تقاضا وعدو وفا ڪرڻ بہ آهي "وَقِهِمُ السَّيِّاٰتِ وَمَنْ تَقِ السَّيِّاٰتِ يَوْمَئِذٍ فَقَدْ رَحِمْتَهٗ" ۽ انهن کي سختيءَ کان بچاءِ ۽ جنهن کي ان ڏينهن جي سختين کان بچائيندي پوءِ يقينا ان تي تو رحم ڪرڻ فرمايو. يعني يا الله! انهن کي برن عملن جي سخت سزائن کان بچاءِ ۽ جنهن کي بہ ان سخت سزائن کان قيامت جي ڏينهن بچائيندي يقينا ان تي تو خاص رحم فرمايو. "وَذٰلِكَ هُوَالْفَوْزُالْعَظِيْمُ" ۽ اهائي وڏي ڪاميابي آهي، جو سزا کان بچاء ٿئي ۽ نيڪن سان گڏ بهشت ۾ داخلا ملي.

(١) المظهري صہ٢٣٥ جلد٨ (٢) ساڳيو حوالو

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- "يُسَبِّحُوْنَ بِحَمْدِ رَبِّهِمْ" (پنهنجي رب جي حمد سان گڏ تسبيح پڙهن ٿا) هن مان معلوم ٿيو ته اول تسبيح پوءِ تحميد پڙهن ٿا. هيئن چون ٿا. "سُبْحٰنَکَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمْدِکَ لَکَ الْحَمْدُ عَلٰی حِلْمِکَ بَعْدَ عِلْمِکَ" اي الله تنهنجي حمد سان گڏ تولاءِ پاڪائي آهي تنهنجي ڄاڻڻ کان پوءِ تنهنجي بردباريءَ تي تنهنجي لاءِ حمد آهي. ٢- "وَيَسْتَغْفِرُوْنَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" (۽ مؤمنن جي لاءِ مغفرت طلب ڪن ٿا). هن مان معلوم ٿيو ته ملائڪن جي شفاعت به حق آهي جو اهي مؤمنن جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪن ٿا ۽ الله عز اسمه ان جو قرآن پاڪ ۾ بيان فرمايو آهي ۽ اهو به معلوم ٿيو ته مؤمن وڏي عزت وارا آهن جو الله جي قرب حضوريءَ ۾ جيڪي ملائڪ تسبيح ۽ تحميد ڪري رهيا آهن اهي انهن جي لاءِ مغفرت جون دعائون گهري رهيا آهن ۽ اهو به معلوم ٿيو ته مسلمانن جي لاءِ غائبانه مخلصانه دعا ڪرڻ ملائڪن جي سنت آهي ۽ ملائڪن جي طرفان عرش وٽ دعا گهرڻ مان اهو به معلوم ٿيو ته مقدس مقامات وٽ وڃي الله جي حمد سان گڏ دعا گهرڻ قبوليت کي زياده قريب آهي حاجي صاحبن کي گهرجي ته بيت الله شريف ۽ حضور پرنور صلي الله عليه وسلم جن جي مواجهي شريف وٽ سڀني مسلمانن جي لاءِ زياده دعائون گهرن ۽ اهو به معلوم ٿيو ته دعا کان اڳي الله جو حمد ڪرڻ ملائڪن جي سنت آهي. (١)

٣- آيت ع ٨ مان معلوم ٿيو ته الله عزبرهانه جڏهن ڪنهن ٻانهي کي ڪجهه ڏيڻ گهرندو آهي ته پنهنجن مقبول ٻانهن کان ان کي دعائون ڪرائيندو آهي. پنهنجي محبوب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي فرمايو اٿس "وصل عليهم" ۽ انهن تي نماز (جنازه) پڙهه. ۽ اهو به معلوم ٿيو ته الله جون رحمتون ان جي مقبول ٻانهن جي وسيلي سان ملنديون آهن. گنهگارن جي مغفرت ملائڪن سڳورن جي دعا جي ذريعي ۽ وسيلي سان ڪري رهيو آهي.

سوال.

جڏهن الله جل شانه مؤمنن سان جنت جو وعدو ڪيو آهي ۽ سندس وعدي

برخلافي محال آهي تہ پوءِ ملائڪن جي انهن جي جنت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ دعا مان ڪهڙو فائدو؟ ۽ اهڙي طرح مؤمنن جي نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن لاءِ دعا تہ "آتِ مُحَمَّدَ نِ الْوَسِيْلَةَ وَالْفَضِيْلَةَ وَالدَّرَجَةَ الرَّفِيْعَة وَابْعَثْهُ مَقَامًا مَّحْمُوْدَ نِ الَّذِيْ وَعَدْتَّهٗ" حالانڪہ اهي شيون حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي مليل آهن الله جو وعدو ٿيل آهي. ان مان بہ ڪهڙو فائدو؟

جواب.

ان دعا مان فائدو انهن جي لاءِ محبت جو اظهار ڪرڻ آهي جيڪا الله تعالیٰ دعا گهرندڙن جي لاءِ انهن ۾ پيدا فرمائي آهي ۽ جنهن لاءِ دعا گهري ٿي وڃي ان لاءِ زياده رحمت جي طلب ۽ الله جي رضا حاصل ڪرڻ جي خواهش جي دعا ڪئي وڃي ٿي. (٢)

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنَادَوْنَ لَمَقْتُ اللّٰهِ اَكْبَرُ مِنْ

بلاشڪ جن ڪفر ڪيو سڏيا ويندا تہ البتہ ڪاوڙجڻ الله جو تمام وڏو آهي اوهان جي

مَّقْتِكُمْ اَنْفُسَكُمْ اِذْ تُدْعَوْنَ اِلَى الْاِيْمَانِ فَتَكْفُرُوْنَ (١٠)

ڪاوڙجڻ کان اوهان جي سرن تي جڏهن سڏيا ٿي ويئو ايمان ڏانهن پوءِ ڪفر ڪندا هيئو

قَالُوْا رَبَّنَآ اَمَتَّنَا اثْنَتَيْنِ وَاَحْيَيْتَنَا اثْنَتَيْنِ

چيائون تہ اي اسان جا رب ماريو تو اسان کي بہ ڀيرا ۽ جيئرو ڪيو تو اسان کي بہ ڀيرا

فَاعْتَرَفْنَا بِذُنُوْبِنَا فَهَلْ اِلٰى خُرُوْجٍ مِّنْ سَبِيْلٍ (١١) ذٰلِكُمْ بِاَنَّهٗٓ

پوءِ مڃيا اسان گناهہ پنهنجا پوءِ نڪرڻ ڏانهن ڪا واٽ آهي؟ اهو ان سببان جو بلاشڪ

(١) نورالعرفان صہ ٧٤٦ (٢) المظهري صہ ٢٤٦ جلد ٨

إِذَا دُعِيَ اللهُ وَحْدَهُ كَفَرْتُمْ ۚ وَإِنْ يُشْرَكْ بِهِ

جڏهن سڏيو ويندو هو الله اڪيلو اهو تہ اوهان ڪفر ڪندا هيئو ۽ جيڪڏهن ان سان شرڪ ڪيو ويندو هو تہ

تُؤْمِنُوا ۚ فَالْحُكْمُ لِلَّهِ الْعَلِيِّ الْكَبِيرِ (١٢) هُوَ الَّذِي

مڃيندا هيئو پوءِ حڪم الله، مٿاهين وڏي جو آهي اهو (الله) ئي آهي

يُرِيكُمْ آيَاتِهِ وَيُنَزِّلُ لَكُمْ مِنَ السَّمَاءِ رِزْقًا ۚ

جيڪو ڏيکاري ٿو اوهان کي پنهنجون آيتون ۽ لاهي ٿو اوهان جي لاءِ آسمان کان رزق

وَمَا يَتَذَكَّرُ إِلَّا مَنْ يُنِيبُ (١٣) فَادْعُوا اللهَ مُخْلِصِينَ لَهُ الدِّينَ

۽ نٿو نصيحت حاصل ڪري مگر اهو جو ٿو موٽي پوءِ عبادت ڪيو الله جي خالص ڪندڙ ان لاءِ دين کي

وَلَوْ كَرِهَ الْكَافِرُونَ (١٤) رَفِيعُ الدَّرَجَاتِ ذُو الْعَرْشِ ۚ

جيتوڻيڪ نہ پسند ڪيو ڪافرن بلند درجن وارو، عرش جو مالڪ نازل ڪري ٿو وحي

يُلْقِي الرُّوحَ مِنْ أَمْرِهِ عَلَىٰ مَنْ يَشَاءُ مِنْ عِبَادِهِ لِيُنْذِرَ

پنهنجي امر مان ان تي جنهن کي گهري پنهنجن ٻانهن مان تانتہ ڊيڄاري

يَوْمَ التَّلَاقِ (١٥) يَوْمَ هُمْ بَارِزُونَ ۖ لَا يَخْفَىٰ عَلَى اللهِ

ڏينهن ملڻ جي کان ان ڏينهن جو اهي ٻاهر نڪري ظاهر ٿيندڙ هوندا نہ لڪندي الله کان

مِنْهُمْ شَيْءٌ ۚ لِمَنِ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ۖ لِلَّهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ (١٦)

انهن مان ڪا شيءِ ڪنهن جي لاءِ بادشاهي آهي اڄ ڏينهن الله، هڪ، غالب جي لاءِ

اَلْيَوْمَ تُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍۢ بِمَا كَسَبَتْ ۗ لَاظُلْمَ الْيَوْمَ ۗ

اڄ جزا ڏنو ويندو هر نفس ان جي جيڪو ڪمايائين ناهي ڪو ظلم

اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ (١٧)

اڄ بلاشڪ الله حساب جو تڪڙو آهي.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ مؤمنن جي لاءِ الله جل جلاله جي مهربانين جو بيان ٿيو ۽ هنن آيتن ۾ ڪافرن جي بري حال جو بيان ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنَادَوْنَ لَمَقْتُ اللّٰهِ اَكْبَرُ مِنْ مَّقْتِكُمْ اَنْفُسَكُمْ اِذْ تُدْعَوْنَ اِلَى الْاِيْمَانِ فَتَكْفُرُوْنَ" بلاشڪ جن ڪفر ڪيو سڏيا ويندا تہ اوهان جي پنهنجن نفسن تي ڪاوڙ ڪرڻ کان الله جو ڪاوڙجڻ گھڻو وڏو آهي جڏهن ايمان ڏانهن سڏيا ٿي ويئو پوءِ ڪفر ڪندا هيئو. يعني قيامت جي ڏينهن ملائڪ ڪافرن کي سڏي چوندا تہ هينئر باهہ ۾ سڙندي پاڻ تي جيڪا ڪاوڙ ڪيو ٿا اوهان تي الله جي ڪاوڙ ان کان بہ گھڻو وڌيڪ هئي جڏهن اوهان ايمان ڏانهن سڏيا ويندا هئا ۽ اوهان ڪفر ڪندا هئا. "قَالُوْا رَبَّنَآ اَمَتَّنَا اثْنَتَيْنِ وَاَحْيَيْتَنَا اثْنَتَيْنِ فَاعْتَرَفْنَا بِذُنُوْبِنَا فَهَلْ اِلٰى خُرُوْجٍ مِّنْ سَبِيْلٍ" چوندا تہ اي اسان جا رب! تو اسان کي ٻہ ڀيرا ماريو ۽ اسان کي ٻہ ڀيرا جيئرو ڪيو پوءِ اسان پنهنجا گناهہ مڃيا ڇا پوءِ نڪرڻ ڏانهن ڪو رستو آهي؟ يعني يالله! تو اسان کي پيئرن جي پٺين ۾ مٺل ڪري نطفي جي صورت ۾ وجود ڏنو اتان ڪڍي مائرن جي ڳڀيرڻين ۾ حياتي ڏني وري حياتيءَ جي مدت پوري ٿيڻ وقت موت طاري ڪيو ۽ وري جيئرو ڪري ميدان محشر ۾ آندو. ٻہ ڀيرا مارڻ ۽ ٻہ ڀيرا جيئرو ڪرڻ اهو آهي، حضرت ابن عباس، قتاده، ضحاڪ وغيرهم جو اهو قول آهي (١) ۽ جڏهن اسان اڪين سان اها حالت ڏني آهي تہ اسان پنهنجن گناهن جو اعتراف ڪيو آهي يا

(١) المظهري ص٢٤٦ جلد ٨

پوءِ دنيوي حياتيءِ ڏانهن موٽي وڃڻ جو ڪو رستو آهي تہ اتي پهچي ايمان آڻيون ۽ تو رب ڪريم جي توحيد مڃيون تنهنجي اطاعت ڪيون بي فرماني نہ ڪيون (١) " ذَالِكُمْ بِاَنَّهٗٓ اِذَا دُعِيَ اللّٰهُ وَحْدَهٗ كَفَرْتُمْ" اهو ان جي ڪري (نہ ٽيندو جو) جڏهن الله وحده جي عبادت ڪئي ويندي هئي تہ اوهان انڪار ڪندا هيئو. يعني لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ بڌي انڪار ڪندا هيئو ۽ چوندا هيئو تہ هن سڀني بتن کي ڇڏي هڪ الله بنايو آهي. "وَاِنْ يُّشْرَكْ بِهٖ تُؤْمِنُوْا" ۽ جيڪڏهن ان سان شرڪ ڪيو ويندو هو تہ مڃيندا هيئو. مطلب تہ اوهان شرڪ جي تصديق ۽ ان جو اقرار ڪندا هيئو. انهيءَ ڳالهہ اوهان کي هن منزل تي لاتو آهي. (٢)

"فَالْحُكْمُ لِلّٰهِ الْعَلِيِّ الْكَبِيْرِ" پوءِ حڪم الله، مٿاهين وڏي جو آهي. يعني هي حڪم خاص الله جو آهي جيڪو عبادت جو مستحق، شريڪ کان منزه آهي ۽ ان اوهان کي سخت عذاب ۾ رکڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ۽ اوهان جي عقيدي مطابق جيڪڏهن ان جو ڪو شريڪ هجي ها تہ اهو اوهان جي لاءِ ڪو رستو ڪڍي ها، الله اوهان جي ان سوچ کان گهڻو مٿاهون، وڏي شان وارو آهي جو ان سان ڪنهن کي شريڪ بنايو وڃي. "هُوَالَّذِيْ يُرِيْكُمْ اٰيَاتِهٖ وَيُنَزِّلُ لَكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ رِزْقًا" اهو (الله) ئي آهي جيڪو اوهان کي پنهنجي (قدرت جون) نشانيون ڏيکاري ٿو ۽ اوهان جي لاءِ آسمان کان رزق لاهي ٿو. يعني الله جل شانه اوهان کي پنهنجي توحيد، قدرت ۽ صنعت جون نشانيون ڏيکاري ٿو ۽ اوهان جي لاءِ آسمان کان مينهن وسائي ٿو جيڪو اوهان جي رزق جو ذريعو آهي اوهان ۽ اوهان جي چوپاين جو قوت ۽ غذا ان سان ڄمندي آهي. "وَمَايَتَذَكَّرُ اِلَّا مَنْ يُّنِيْبُ" ۽ نٿو نصيحت حاصل ڪري مگر اهو جيڪو موٽي ٿو. يعني الله عز اسمه جي ڏيکاريل نشانين مان صرف اهو نصيحت حاصل ڪندو جيڪو الله ڏانهن رجوع ڪندو ان سان محبت رکندو ان کان ڊڄندو، ان جي اطاعت ڪندو ۽ بي فرمانيءَ کان بچندو. "فَادْعُوااللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ وَلَوْ كَرِهَ الْكَافِرُوْنَ" پوءِ الله جي لاءِ دين کي سچو ڪندي ان جي عبادت ڪيو جيتوڻيڪ ڪافر پسند نہ ڪن. هي عبادت ۽ دعا ۾ اخلاص پنهي کي شامل آهي

(١) ايسرالتفاسير صہ ٧٢ جلد ٤ (٢) تيسيرالڪريم الرحمن صہ ٣٣٢ جلد ٤

مقصد تہ هر اها شيءِ جنهن سان الله جو قرب حاصل ٿئي ان ۾ اخلاص پيدا ڪيو اها ڪافرن کي ڀلي نہ وڻي تہ نہ وڻي. "رَفِيْعُ الدَّرَجَاتِ ذُوالْعَرْشِ" بلند درجن وارو، عرش جو مالڪ. يعني الله نهايت بلند ۽ بالا درجات وارو آهي ان لحاظ سان بہ مخلوق کان جدا آهي. عرش جو بہ اهو هڪ خالق ۽ مالڪ آهي "يُلْقِي الرُّوْحَ مِنْ اَمْرِهٖ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ" پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي گهري ٿو ان تي پنهنجي امر مان وحي القاء ڪري ٿو. "الرُّوْحُ" مان مرادو وحي آهي جيڪو ارواح ۽ قلوب جي لاءِ ائين آهي جيئن جسمن جي لاءِ روح. ۽ "عباده" پنهنجن ٻانهن مان جن کي گهري انهن مان مراد انبياء عليهم الصلواة والسلام آهن جن کي الله تعاليٰ پنهنجي فضل سان نبوت جي لاءِ مخصوص بنايو آهي.

"لِيُنْذِرَ يَوْمَ التَّلَاقِ" تانتہ ملڻ واري ڏينهن کان ڊيڄاري. ان ڏينهن مان مراد قيامت جو ڏينهن آهي جنهن ۾ آسمانن ۽ زمين ۾ رهندڙ مخلوق هڪ ٻئي سان ملندي ۽ مخلوق پنهنجي خالق جو بہ ديدار ڪندي. "يَوْمَ هُمْ بَارِزُوْنَ لَا يَخْفٰى عَلَى اللّٰهِ مِنْهُمْ شَيْءٌ" جنهن ڏينهن اهي ظاهر ٿيندا الله کان انهن مان ڪا شيءِ بہ نہ لڪندي. يعني قبرن مان نڪري ميدان ۾ ايندا انهن جي ڪابہ شيءِ اجسام، اعمال ۽ احوال الله کان نہ لڪندا. "لِمَنِ الْمُلْكُ الْيَوْمَ" اڄ ڪنهن جي بادشاهي آهي؟ هي اتي پڇيل ڳالهہ جو بيان آهي. جڏهن مخلوق فنا ٿيندي ۽ قبرن مان اٿڻ کان اڳي الله عز برهانه پڇندو ۽ جڏهن ڪوبہ جواب ڏيڻ وارو نہ هوندو تہ پاڻ جواب ڏيندو. "لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ" هڪ الله غالب جي (بادشاهي) آهي. مطلب تہ اڄ ان جي بادشاهي آهي جيڪو پنهنجي ذات جي جلال ۽ صفات جي ڪمال ۾ متوحد ۽ الوهيت ۾ شريڪ کان پاڪ ۽ منزه آهي. قهار آهي جنهن مخلوق کي موت سان ۽ پنهنجي ارادي مطابق تصرف سان مقهور ۽ مجبور بنايو آهي. الله جل شانه جي طرفان مخلوق جي فنا ٿيڻ کان پوءِ ۽ قبرن مان اٿڻ کان اڳي اهو سوال ۽ جواب حضرت ابوهريرة رضي الله عنه جي روايت سان المطولات ۾ طبراني، مسند ۾ ابويعليٰ، البعث ۾ بيهقي ۽ ابوداؤد آندو آهي. (١) "اَلْيَوْمَ تُجْزٰى كُلُّ نَفْسٍ بِمَا كَسَبَتْ لَا ظُلْمَ الْيَوْمَ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ

(١) المظهري ص ٢٤٩ جلد ٨

الحِسَابِ" اڄ هر نفس اهو بدلو ڏنو ويندو جيڪو ڪمايو هوندائين اڄ ظلم ناهي بلاشڪ الله حساب جو تڪڙو آهي. يعني هر نفس جيڪي دنيا ۾ ڀلا يا برا عمل ڪيا هوندا ان جو ڪيس بدلو ملندو اڄ ڪنهن سان بہ ان جون نيڪيون گهٽائي يا برايون وڌيڪ لکي ظلم نہ ڪيو ويندو. الله حساب جو تڪڙو آهي ان ڏينهن ڪي ڀري نہ سمجهو اچڻ وارو آهي.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- "اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا يُنَادَوْنَ" (بلاشڪ ڪافر سڏيا ويندا) هن مان بہ ڳالهيون معلوم ٿيون هڪ تہ ڪافرن جا جرم ۽ گناهہ ڪليل بيان ڪيا ويندا تانتہ ان ڏينهن ذليل ۽ خوار ٿين. ٢- مؤمن جون نيڪيون اعلانيہ ڏيکاريون ويندديون ۽ انهن جي گناهن جو حساب لڪ ۾ ڪيو ويندو ڇوتہ گناهن جو اعلان ڪافرن جي لاءِ عذاب هوندو. ٣- "وَيُنَزِّلُ لَكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ رِزْقًا" (۽ اوهان جي لاءِ آسمان مان رزق ٿو لاهي). مان معلوم ٿيو تہ رزق سڀني جي لاءِ ايندو آهي، ملندو آهي مگر هدايت ڪنهن ڪنهن ڪي نصيب ٿيندي آهي افسوس جو اسان کي رزق جو فڪر آهي هدايت جو ناهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ هدايت ان کي ملندي جنهن جو حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ڏانهن رجوع هوندو پاڻي کوهہ مان، روشني سج سان، ۽ هدايت حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کان ملندي. ٤- "رَفِيْعُ الدَّرَجَاتِ" (بلند درجن وارو) مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل پاڻ بہ مٿاهون آهي ۽ پاڻ جنهن کي رفعت ڏيندو اهوئي بلند ٿيندو ان جي قدرتي هٿن سان نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي بلندي ملي "وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ" ۽ نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن جي صدقي سندن غلامن کي بلندي ملندي آهي، جيئن مالڪ مٺي جو فرمان آهي "اَلْعِزَّةُ لِلّٰهِ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ" عزت الله جي لاءِ ۽ ان جي رسول ۽ مؤمن جي لاءِ آهي.

وَاَنْذِرْهُمْ يَوْمَ الْاٰزِفَةِ اِذِ الْقُلُوْبُ لَدَى الْحَنَاجِرِ كٰظِمِيْنَ ۬

۽ ڏيچار انهن کي قيامت جي ڏينهن کان جڏهن دليون نرگهٽن وٽ هونديون ڏک ۾ ڀريل

مَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ حَمِيْمٍ وَّلَا شَفِيْعٍ يُّطَاعُ ؕ (١٨)

ناهي ظالمن جي لاءِ ڪو دوست ۽ نه ڪو سفارش ڪندڙ جيڪو مڃيو وڃي

يَعْلَمُ خَآئِنَةَ الْاَعْيُنِ وَمَا تُخْفِى الصُّدُوْرُ (١٩) وَاللّٰهُ يَقْضِيْ بِالْحَقِّ ؕ

ڄاڻي ٿو خيانت ڪندڙ اکين کي ۽ جيڪي لڪائين ٿا سينا ۽ الله فيصلو ڪندو آهي حق جو

وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَقْضُوْنَ بِشَيْءٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ السَّمِيْعُ

۽ جن جي عبادت ڪن ٿا ان کان سواءِ نه فيصلو ڪندا ڪنهن شيءِ جو بيشڪ الله اهوئي ٻڌندڙ

الْبَصِيْرُ ؏ (٢٠) اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ

ڏسندڙ آهي ڇا نه گهميا زمين تي پوءِ ڏسن ها ته ڪهڙي طرح هئي پڇاڙي

الَّذِيْنَ كَانُوْا مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ كَانُوْا هُمْ اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً وَّ فِى الْاَرْضِ

انهن جي جيڪي هئا انهن کان اڳي. هئا اهي ڏاڍا انهن کان قوت ۽ نشانن سان زمين ۾

وَاٰثَارًا فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوْبِهِمْ ؕ وَمَا كَانَ لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ

پوءِ پڪڙيو انهن کي الله سبب گناهن انهن جي ۽ نه هو انهن جي لاءِ الله (جي عذاب) کان

مِنْ وَّاقٍ (٢١) ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ كَانَتْ تَّاْتِيْهِمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ

ڪو بچائيندڙ اهو ان سببان جو بلاشڪ اهي آيا هئا انهن وٽ انهن جا رسول روشن معجزن سان

٧ع ٢

فَكَفَرُوا فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ اِنَّهٗ قَوِيٌّ شَدِيْدُ الْعِقَابِ (٢٢)

پوءِ كفر كيائون پوءِ پكڙيو انهن کي الله بلاشڪ اهو قوت وارو سخت عذاب ڪرڻ وارو آهي.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ "يَوْمَ التَّلَاقِ" ملڻ واري ڏينهن جو ذڪر هو ۽ هتي به ان کان ڊيڄارڻ جي لاءِ ارشاد ٿي رهيو آهي "وَاَنْذِرْهُمْ يَوْمَ الْاٰزِفَةِ اِذِ الْقُلُوْبُ لَدَى الْحَنَاجِرِ كٰظِمِيْنَ" ۽ انهن کي قيامت جي ڏينهن کان ڊيڄار جڏهن دليون نرگهٽن وٽ هونديون غم ۾ ڀرجنديون. يعني اي پيارا حبيب! عليه الصلواة والسلام پنهنجي مشرڪ قوم کي قيامت جي ان ڏينهن کان ڊيڄار جڏهن دليون ان جي هيبت کان پنهنجين جاين کان نڪري نرگهٽ وٽ اچي بيهنديون ۽ اهي غم ۽ ڏک ۾ ڀريل هوندا. "مَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ حَمِيْمٍ وَّلَا شَفِيْعٍ يُّطَاعُ" ۽ ظالمن جو ڪوبه دوست ناهي ۽ نه اهڙو ڪو سفارش ڪرڻ وارو جنهن جي سفارش مڃي وڃي. هتي ظالمين مان مراد مشرڪ آهن جن شرڪ ڪري پنهنجن نفسن تي ظلم ڪيو هو. (١) "يَعْلَمُ خَآئِنَةَ الْاَعْيُنِ" خيانت ڪندڙ اکين کي ڄاڻي ٿو. "خائنة" اسم فاعل جو صيغو يا مصدر جي معنيٰ سان آهي ۽ هتي مراد غير محرم ڏانهن نهارڻ آهي حديث پاڪ ۾ آيو آهي ته: اي انسان پهرين نظر تنهنجي لاءِ آهي ٻيءِ کان سواءِ. (٢) مطلب ته ڪنهن به غير محرم تي اوچتو نظر پئي ته معاف آهي وري ٻيو ڀيرو قصدا نهارڻ معاف ناهي. "وَمَا تُخْفِي الصُّدُوْرُ" ۽ جيڪو سينا لڪائن ٿا. يعني ٻانها جيڪي ڀليون يا بريون سوچون ڪن ٿا الله جل شانه اهو به ڄاڻي ٿو. ان کان ڪا شيءِ لڪل ناهي. "وَاللّٰهُ يَقْضِيْ بِالْحَقِّ" ۽ الله حق جو فيصلو ڪندو آهي. ان جي بارگاهه ۾ عدل ۽ انصاف هلندو ڪنهن به بري يا ڀلي سان زيادتي نه ٿيندي. "وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَقْضُوْنَ بِشَيْءٍ" ۽ جن جي ان کان سواءِ عبادت ڪن ٿا اهي ڪنهن به شيءِ جو فيصلو نه ڪندا. يعني اهي بت جن جي ڪافر الله عز اسمه کان سواءِ عبادت ڪن ٿا اهي

(١) تفسيرالقاسمي صـ٢٢٨ جز٠ ١٤ جلد٨- المراغي صـ٥٦ جز٠ ٢٤ جلد٨ (٢) تنويرالاذهان صـ٤١٩ جلد٣

عاجز آهن ڪوبہ فيصلو ڪري نہ سگهندا ڇوتہ اهي نہ ڪجهہ ڏسن ٿا نہ ٻڌن ٿا انهن ڪي حق ۽ ناحق جي ڪهڙي خبر. "اِنَّهٗ هُوَالسَّمِيۡعُ الۡبَصِيۡرُ" بلاشڪ اهو (الله) ئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. ۽ حق جو فيصلو بہ اهوئي ڪندو جنهن جي پاڪ نظر کان ڪا ڏسڻ جهڙي شيءِ لڪل ناهي ۽ جنهن جي قدرتي ٻڌڻ واري قوت هر ٻڌڻ جهڙي شيءِ ڪي ٻڌي رهي آهي. ۽ جن ۾ اهي ٻئي صفتون ناهن اهي معبود ڪيئن ٿي سگهن ٿا؟ "اَوَلَمۡ يَسِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ فَيَنۡظُرُوۡا كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيۡنَ كَانُوۡا مِنۡ قَبۡلِهِمۡ" ڇا زمين ۾ سير نہ ڪيائون پوءِ ڏسن ها تہ انهن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي جيڪي انهن کان اڳي هئا. يعني مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن شام ۽ يمن ڏانهن تجارتي قافلن ۾ ويندي نہ ڏٺو آهي تہ جن قومن انهن کان اڳي الله عز برهانه جي نبين عليهم السلام ڪي نہ مڃيو، ڪوڙو ڇيو انهن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي جيئن عاد،ثمود ۽ اهڙين تباهہ ٿيل ٻين قومن جي ويران ڳوٺن کان ايندي ويندي لنگهندا هئا. "كَانُوۡا هُمۡ اَشَدَّ مِنۡهُمۡ قُوَّةً وَّ اٰثَارًا فِى الۡاَرۡضِ" اهي انهن کان قوت ۽ زمين ۾ نشانن جي لحاظ سان سخت هئا. يعني سخت قوت جا صاحب وڏن شهرن ۽ قلعن وارا هئا "فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ بِذُنُوۡبِهِمۡ" پوءِ الله انهن ڪي انهن جي ئي گناهن جي ڪري پڪڙيو. يعني سندن ئي ڪفر ۽ شرڪ جي سببان الله عز اسمه انهن ڪي عذاب ڏنو "وَمَا كَانَ لَهُمۡ مِّنَ اللّٰهِ مِنۡ وَّاقٍ" ۽ انهن جي لاءِ الله (جي عذاب) کان ڪو بچائيندڙ نہ هو. يعني جڏهن دنيا واري سزا کان بہ ڪين ڪنهن نہ بچايو تہ آخرت جي شديد ۽ سخت عذاب کان ڪيئن بچي سگهندا؟ "ذٰلِكَ بِاَنَّهُمۡ كَانَتۡ تَّاۡتِيۡهِمۡ رُسُلُهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ فَكَفَرُوۡا فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ اِنَّهٗ قَوِىٌّ شَدِيۡدُ الۡعِقَابِ" اهو ان جي ڪري جو بلاشڪ انهن وٽ انهن ڏانهن موڪليل انبياء (عليهم الصلواة والسلام) روشن دليلن سان ايندا هئا تہ ڪفر ڪندا هئا پوءِ الله انهن ڪي پڪڙيو بلاشڪ اهو قوت وارو، عذاب ڪرڻ ۾ سخت آهي. يعني انهن جي عذاب ڪرڻ جو سبب اهو بڻيو جو انهن وٽ انبياء ڪرام (عليهم الصلواة والسلام) روشن دليل معجزا ۽ واضح احڪام کڻي آيا پر انهن انڪار ڪندي پيغمبرن سڳورن ڪي ڪوڙو ڇيو تہ الله جل مجده ڪين تڪڙي عذاب سان هلاڪ ۽ برباد بنايو الله قوت وارو آهي ان جي قوت کان ڪوبہ ٻاهر ناهي مشرڪن

کي عذاب ڪرڻ ۾ ايترو سخت آهي جو ان جي عذاب جهڙو عذاب ڪنهن جو به ناهي. انهن جي تباهيءَ جا آثار ڏسڻ جي باوجود ڪافر ڇو نٿا فڪر ڪن؟ (١)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١- "مَا لِلظّٰلِمِيْنَ مِنْ حَمِيْمٍ وَّلَا شَفِيْعٍ يُّطَاعُ" ظالمن جي لاءِ نه ڪو دوست آهي ۽ نه ڪو اهڙو سفارشي جنهن جي سفارش مڃي وڃي. هتي ظالمين مان مراد ڪافر آهن انهن جي لاءِ ڪو به سفارشي ۽ ساٿي نه هوندو پر مسلمانن جي لاءِ ڪيترائي سفارش ڪندڙ هوندا. اول اول شفاعت حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن ڪندا. شفاعت جو دروازو کولائيندا ڪين چيو ويندو "قُلْ تُسْمَعْ وَاشْفَعْ تُشَفَّعْ" چئو ته اوهان جو چوڻ ٻڌو ويندو شفاعت ڪيو ته اوهان جي شفاعت قبول ڪئي ويندي. ذهن نشين ڪيو ته الله جل جلاله جنهن جي سفارش ٻڌي ٿو يا ٻڌندو ته محبوب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي واسطي ۽ وسيلي سان. پاڻ ڪريم صلى الله عليه وسلم جن خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ واسطو، برزخ اڪبر آهن. (٢) "وَمَا تُخْفِي الصُّدُوْرُ" (۽ جيڪي سينا لڪائن ٿا) هن مان واضح ٿيو ته دل ۾ لڪل بعضي ڳالهين تي به پڪڙ ٿيندي جيئن برا عقيدا ۽ برا اعمال. ها غير اختياري برن وسوسن تي پڪڙ نه آهي "لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا" ان جو دليل آهي. ٣- "فَيَنْظُرُوْا" (پوءِ ڏسن) هن مان معلوم ٿيو ته الله جل جلاله جي قدرتي نشانين جي ڏسڻ لاءِ سفر ڪرڻ بهتر آهي "قُلْ سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ" (فرماءِ ته زمين ۾ سير ڪيو) شاهد آهي ۽ اهو به معلوم ٿيو ته جڏهن ڪافرن جي بستين ۾ عبرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ وڃڻ پلو آهي ته الله جي پيارن جي دربارن ۾ رحمت، فيوضات ۽ برڪات حاصل ڪرڻ جي لاءِ وڃڻ به پلو ڪم آهي.

۴- "فَكَفَرُوْا فَاَخَذَهُمُ اللّٰهُ" (پوءِ ڪفر ڪيائون ته پوءِ انهن کي الله پڪڙيو) مان معلوم ٿيو ته ڪنهن به قوم تي انهن ڏانهن موڪليلن نبين عليهم الصلواة والسلام جي انڪار، ڪفر ۽ بي فرماني ڪرڻ جي ڪري عذاب ايندو آهي. ان کان سواءِ نه ايندو آهي فرعون چار سؤ (۴٠٠) سال خدا هجڻ جي دعوىٰ ڪئي پر ڪڏهن بيمار به نه ٿيو مگر جڏهن سيدنا موسىٰ عليه السلام جو دشمن ٿيو، انڪار

(١) ساڳيو حوالو ص ۴٢١ (٢) نورالعرفان ص ٧۴٨

کيائين تہ سموري لشکر سميت غرق کيو ويو.

وَلَقَدۡ اَرۡسَلۡنَا مُوۡسٰی بِاٰیٰتِنَا وَسُلۡطٰنٍ مُّبِیۡنٍ ۙ(۲۳)

۽ البتہ تحقيق موڪليو اسان موسىٰ کي پنهنجين نشانين سان ۽ پڌري حجت سان

اِلٰی فِرۡعَوۡنَ وَہَامٰنَ وَقَارُوۡنَ فَقَالُوۡا سٰحِرٌ کَذَّابٌ (۲۴)

فرعون ۽ هامان ۽ قارون ڏانهن پوءِ چيائون تہ جادوگر وڏو ڪوڙو آهي

فَلَمَّا جَآءَہُمۡ بِالۡحَقِّ مِنۡ عِنۡدِنَا قَالُوا اقۡتُلُوۡۤا اَبۡنَآءَ الَّذِیۡنَ

پوءِ جڏهن آيو انهن وٽ حق سان اسان وٽان تہ چيائون قتل ڪيو پٽن ايمان

اٰمَنُوۡا مَعَہٗ وَاسۡتَحۡیُوۡا نِسَآءَہُمۡ ؕ وَمَا کَیۡدُ الۡکٰفِرِیۡنَ

وارن جي کي ان سان گڏ ۽ جيئريون ڇڏيو انهن جون زالون ۽ ناهي ڪافرن جو فريب

اِلَّا فِیۡ ضَلٰلٍ (۲۵) وَقَالَ فِرۡعَوۡنُ ذَرُوۡنِیۡۤ اَقۡتُلۡ مُوۡسٰی وَلۡیَدۡعُ

مگر گمراهيءَ ۾ ۽ چيو فرعون تہ ڇڏيو مون کي تہ شهيد ڪيان موسىٰ کي ۽ پلي سڏي

رَبَّہٗ ۚ اِنِّیۡۤ اَخَافُ اَنۡ یُّبَدِّلَ دِیۡنَکُمۡ اَوۡ اَنۡ یُّظۡہِرَ

پنهنجي رب کي بلاشڪ مان ڊڄان ٿو تہ مٽائي ڇڏيندو اوهان جو دين يا ظاهر ڪندو

فِی الۡاَرۡضِ الۡفَسَادَ (۲۶) وَقَالَ مُوۡسٰۤی اِنِّیۡ عُذۡتُ بِرَبِّیۡ

زمين ۾ فساد ۽ چيو موسىٰ تہ بيشڪ مون پناهہ ورتي پنهنجي رب ۽

وَرَبِّکُمۡ مِّنۡ کُلِّ مُتَکَبِّرٍ لَّا یُؤۡمِنُ بِیَوۡمِ الۡحِسَابِ ع (۲۷)

اوهان جي رب سان هر هٽيلي کان جيڪو نٿو ايمان آڻي حساب جي ڏينهن تي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي تباه ٿيل ڳوٺن کي ڏسي سبق حاصل ڪرڻ جو ذڪر هو ۽ هتي هڪ مشهور ڪافر فرعون جي ڪجهه حالات کي بيان ڪيو ويو آهي. فرمان ايزدي آهي "وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَا وَسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ ۙ اِلٰى فِرْعَوْنَ وَهَامَانَ وَقَارُوْنَ فَقَالُوْا سَاحِرٌ كَذَّابٌ" ۽ البته تحقيق اسان موسىٰ کي پنهنجين آيتن ۽ روشن حجت سان فرعون ۽ هامان ۽ قارون ڏانهن موڪليو پوءِ (انهن) چيو ته جادوگر وڏو ڪوڙو آهي. الله عز برهانه پنهنجي نبي عليه الصلواة والسلام کي ٻڌايو آهي ته جيئن فرعون، هامان ۽ قارون حضرت موسىٰ عليه السلام کي سچو نه چيو پاڻ تباهه ٿيو ۽ موسىٰ عليه السلام کي فتح ۽ ڪاميابي ملي تيئن اوهان جا دشمن نه مڃڻ وارا پاڻ تباهه ٿيندا ۽ فتح اوهان جا قدم چمندي ۽ هتي فرعون، هامان، ۽ قارون جو ذڪر ان ڪري ڪيو ويو آهي جو اهي پنهنجن پوئلڳن جا وڏا، پيشوا ۽ اڳواڻ هئا اهي اول تڪذيب ڪندڙ هئا ٻيا سندن پويان هئا. "فَلَمَّا جَآءَهُمْ بِالْحَقِّ مِنْ عِنْدِنَا قَالُوا اقْتُلُوْٓا اَبْنَآءَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ وَاسْتَحْيُوْا نِسَآءَهُمْ" پوءِ جڏهن انهن وٽ اسان جي طرفان حق ڪٺي آيو ته چوڻ لڳا ته جن ان سان گڏ ايمان آندو آهي انهن جي پٽن کي قتل ڪيو ۽ انهن جي عورتن کي زنده ڇڏيو. يعني جڏهن انهن وٽ حضرت موسىٰ عليه السلام جن توحيد ۽ ان جي اطاعت جي وجوب تي دلالت ڪندڙ روشن دليل آندا ته ڪو جواب ڏيئي نه سگهڻ جي ڪري ڪاوڙ مان فيصلو ڪيائون ته بني اسرائيل مان جن ان سان گڏ ايمان آندو آهي انهن جي پٽن کي قتل ڪيو ۽ عورتن کي پنهنجي استعمال لاءِ زنده ڇڏيو. قتادة جو فرمان آهي ته هي ٻيو ڀيرو قتل جو آرڊر هو چوته فرعون حضرت موسىٰ عليه السلام جي ولادت کان پوءِ قتل بند ڪرايو هو. پر الله عز برهانه انهن تي مسلسل ايترا عذاب موڪليا جو انهن کان آزاد نه ٿي سگهيا ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام بني اسرائيل کي وٺي نڪري ويو "وَمَا كَيْدُ الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ" ۽ ڪافرن جي رٿ ناهي مگر گمراهيءَ ۾. يعني انهن جي رٿ ڪامياب نه ٿي ايترين سختين جي هوندي به ماڻهو ايندا رهيا ۽ مؤمن

جي فتح ۽ ڪاميابي رهي. "وَقَالَ فِرْعَوْنُ ذَرُوْنِيْٓ اَقْتُلْ مُوْسٰى وَلْيَدْعُ رَبَّهٗ ج" ۽ فرعون چيو تہ مون کي ڇڏيو تہ موسىٰ کي قتل ڪيان ۽ ڀلي پنهنجي رب کي سڏي. فرعون کي سندس ساٿي حضرت موسىٰ عليه السلام جي قتل کان جهليندا هئا تڏهن انهن کي چيائين تہ مون کي نہ جهليو مان ان کي قتل ٿو ڪيان ڀلي سندس رب کيس ڇڏائي. "اِنِّيْٓ اَخَافُ اَنْ يُّبَدِّلَ دِيْنَكُمْ اَوْ اَنْ يُّظْهِرَ فِى الْاَرْضِ الْفَسَادَ" مون کي اهو خوف ٿو ٿئي تہ اوهان جي دين کي ميٽي ڇڏيندو يا زمين تي فساد برپا ڪندو. يعني اوهان الله کان سواءِ جنهن جي بہ عبادت ڪيو ٿا اها ڇڏائي اوهان کي صرف الله وحده جي عبادت ڪرائيندو. اوهان کان اهو دين ڇڏائيندو جنهن تي هاڻي هلي رهيا آهيو يا اوهان ۾ تفريق ڪري زمين ۾ فتنو ۽ فساد برپا ڪندو. اوهان پاڻ ۾ وڙهندا رهندا ۽ اوهان جا باغ، ڪاروبار ۽ ڪمايون رهجي وينديون. "وَقَالَ مُوْسٰٓى اِنِّيْ عُذْتُ بِرَبِّيْ وَرَبِّكُمْ مِّنْ كُلِّ مُتَكَبِّرٍ لَّا يُؤْمِنُ بِيَوْمِ الْحِسَابِ ع" ۽ موسىٰ چيو تہ مون پنهنجي ۽ اوهان جي رب سان هر ان متڪبر کان پناهہ ورتي آهي جيڪو حساب جي ڏينهن تي ايمان نٿو آڻي. يعني مان هر بي ايمان، متڪبر جي شر کان بچڻ جي لاءِ الله کان پناهہ ورتي آهي جيڪو منهنجو ۽ اوهان سڀني جو رب آهي (۱)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا سمجهہ ۾ اچن ٿا.

۱- "وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَا" (۽ البتہ تحقيق اسان موسىٰ کي پنهنجين آيتن سان موڪليو) هتي حضرت موسىٰ ۽ ان کي عطا ڪيل نشانين (معجزن) جو ذڪر ٿيو ۽ حضرت هارون (عليه السلام) جو ذڪر ان جي ڪري نہ ٿيو جو حضرت موسىٰ بادشاهہ جي مثال هو ۽ حضرت هارون وزير جي مثال. ۽ اهي مخصوص معجزا بہ حضرت موسىٰ کي ئي مليل هئا (علىٰ نبينا وعليهماالصلواة والسلام). ۲- "وَقَارُوْنَ" (۽ قارون ڏانهن) هن مان معلوم ٿيو تہ قارون پهريان زڪواة ڏيڻ جو انڪار ڪيو پوءِ اصل نبوت جو ئي منڪر بڻجي ويو جنهن مان خبر پوي ٿي تہ ڪڏهن هڪ شرعي مسئلي جي مخالفت ڪفر تائين پهچائي ٿي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ اسلام جي هڪ رڪن جو انڪار ڪرڻ بہ اهڙو ئي ڪفر آهي، جهڙو سڀني

(۱) المراغي صہ۵۹- ڪان- ٦۲ جزء ۲۴ جلد۸

رڪڻ جو انڪار. قارون اول صرف زڪواة جي فرضيت جو انڪار ڪيو هو پر ان جو ذڪر فرعون سان ڪيل آهي. (۱)

وَقَالَ رَجُلٌ مُّؤْمِنٌ ۖ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَكْتُمُ اِيْمَانَهٗٓ

۽ چيو هڪ مرد فرعون جي مائٽن مان جيڪو لڪائي پيو پنهنجو ايمان ته

اَتَقْتُلُوْنَ رَجُلًا اَنْ يَّقُوْلَ رَبِّيَ اللّٰهُ وَقَدْ

ڇا قتل ڪيو ٿا ان مرد کي جو چوي ٿو ته منهنجو رب الله آهي ۽ تحقيق

جَآءَكُمْ بِالْبَيِّنٰتِ مِنْ رَّبِّكُمْ ۭ وَاِنْ يَّكُ كَاذِبًا

آيو اوهان وٽ روشن دليلن سان اوهان جي رب وٽان ۽ جيڪڏهن هوندو ڪوڙو

فَعَلَيْهِ كَذِبُهٗ ۚ وَاِنْ يَّكُ صَادِقًا يُّصِبْكُمْ

پوءِ ان تي ان جي ڪوڙ (جو وبال) آهي ۽ جيڪڏهن هوندو سچو ته پهچندو اوهان کي

بَعْضُ الَّذِيْ يَعِدُكُمْ ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ هُوَ مُسْرِفٌ

بعض ان جو جيڪو وعدو ڏي ٿو اوهان کي بيشڪ الله نٿو هدايت ڏي ان کي جو اهو حد کان لنگهندڙ

كَذَّابٌ (۲۸) يٰقَوْمِ لَكُمُ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ظٰهِرِيْنَ فِي الْاَرْضِ ۡ

وڏو ڪوڙو آهي اي منهنجي قوم! اوهان جي لاءِ بادشاهي آهي اڄ غالب ٿيندڙ آهيو زمين تي

فَمَنْ يَّنْصُرُنَا مِنْۢ بَاْسِ اللّٰهِ اِنْ جَآءَنَا ۭ

پوءِ ڪير مدد ڪندو اسان جي الله جي عذاب کان (بچڻ لاءِ) جيڪڏهن اسان وٽ ايندو

(۱) نورالعرفان صـ ۷۴۹

قَالَ فِرْعَوْنُ مَآ اُرِيْكُمْ اِلَّا مَآ اَرٰى وَمَآ

چيو فرعون تہ ٿنو ڏيکاريان مان اوھان کي مگر جيڪي مان ڏسان ٿو ۽ ٿنو

اَهْدِيْكُمْ اِلَّا سَبِيْلَ الرَّشَادِ (٢٩)

هدايت ڪيان مان اوھان کي مگر هدايت جي واٽ ڏانهن.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ فرعون جي طرفان ڌمڪي ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام جي طرفان الله جل جلاله کان پناهہ وٺڻ جو ذڪر هو ۽ هتي ان ٻانهي جي قول جو ذڪر آهي جنهن کي الله عز اسمه دل ۾ ايمان ڏنو ۽ ان حضرت موسىٰ عليه السلام جي دفاع ۾ ڳالهايو هو. فرمان مبارڪ آهي "وَقَالَ رَجُلٌ مُّؤْمِنٌ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَكْتُمُ اِيْمَانَهٗٓ اَتَقْتُلُوْنَ رَجُلًا اَنْ يَّقُوْلَ رَبِّيَ اللهُ وَقَدْ جَآءَكُمْ بِالْبَيِّنٰتِ مِنْ رَّبِّكُمْ" ۽ فرعون جي مائٽن مان هڪ مرد چيو جنهن پنهنجو ايمان لڪايو ٿي تہ ڇا ان مڙس کي قتل ڪيو ٿا جيڪو چوي ٿو تہ منهنجو رب الله آهي ۽ اوھان وٽ اوھان جي رب کان چٽن دليلن سان آيو آهي. آل فرعون مان مراد ۾ ٻہ قول آهن. ١- آل- اهل ۽ نسب جي معنىٰ سان آهي. سدي ۽ مقاتل جو قول آهي تہ اهو فرعون جو سؤٽ هو. ٢- آل مان مراد آهي قبيلو- اهو فرعون جي قبيلي مان قبطي هو. ان جو نالو ڇا هو؟ ان ۾ پنج قول آهن. ١- حضرت ابن عباس ۽ مقاتل فرمايو تہ: عزبيل نالو هوس. ٢- حبيب. اهو ڪعب جو قول آهي. ٣- سمعون. سين سان- اهو شعيب جبائيءَ جو قول آهي. ٤- جبريل. ٥- شمعان. اهي ٻئي ابن اسحاق جا قول آهن ان الله جي ٻانهي حضرت موسىٰ عليه السلام جي اچڻ کان اڳي ئي الله جل مجده جي توحيد ۽ معبود بالحق هجڻ تي ايمان آندو هو ۽ فرعون کان سؤ سال ايمان لڪايو ويٺو هو. قبطي هجڻ جي ڪري فرعون سندس چوڻ مڃيو ۽ حضرت موسىٰ عليه السلام کي قتل نہ ڪرايائين. مطلب تہ فرعون جي مائٽن مان جنهن ايمان ظاهر نہ ڪيو هو ان فرعون

ڪي سمجهايو تہ ان مرد ڪي قتل ڇا ڪيو جيڪو چوي ٿو تہ منهنجو الله رب آهي ۽ ان دعوىٰ جا ان اوهان وٽ روشن دلائل بہ آندا آهن؟ هي استفهام انڪاري آهي. مقصد تہ ان ڪي قتل نہ ڪيو. (١) "وَاِنْ يَّكُ كَاذِبًا فَعَلَيْهِ كَذِبُهٗ ۚ وَاِنْ يَّكُ صَادِقًا يُّصِبْكُمْ بَعْضُ الَّذِيْ يَعِدُكُمْ ۗ" ۽ جيڪڏهن ڪوڙو هوندو تہ ان تي ئي ان (جي) ڪوڙ (جو وبال) آهي ۽ جيڪڏهن سچو هوندو تہ جنهن جو اوهان ڪي وعدو ڏي ٿو اهو ڪجهہ اوهان ڪي پهچندو. ان مومن فرعون ۽ ان جي ساٿين ڪي چيو تہ جيڪڏهن بفرض محال اهو جيڪو ڪجهہ اوهان ڪي چوي ٿو ان ۾ ڪوڙو آهي تہ ان ڪوڙ تي ان ڪي الله ضرور سزا ڏيندو، الله جو دستور ناهي تہ اهو اهڙي ڪوڙي ڪي ڇڏي ڏي، اوهان ڪي ان جي رت سان هٿ ڀرڻ جي ڪا ضرورت ناهي ۽ جيڪڏهن واقعي اهو سچو آهي تہ اهو ڪيس ڪوڙو چوندڙن ڪي جنهن عذاب کان ڊيڄاري ٿو يقينًا اهو ڪجهہ نہ ڪجهہ اوهان ڪي ضرور پهچندو. ان جي ڪري ٻنهي صورتن ۾ اوهان ڪي مناسب ناهي جو ان ڪي تنگ ڪيو.

تنبيه.

هيءَ تقرير ان صورت ۾ آهي جڏهن ڪنهن بهتان هڻندڙ جو ڪوڙ صريحًا ظاهر نہ ٿئي ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو نبوت جي دعوىٰ ڪري ويهي جيئن مسيلمہ ڪذاب، مرزا قادياني لعنة الله عليهما ڪئي هئي تہ انهن جو ڪوڙ ۽ افتراء روشن دلائل ۽ واضح برهانن سان ثابت آهي ان جي ڪري اهي بلاشبہ واجب القتل آهن ڇوتہ انهن جي اها دعوىٰ قطعي الثبوت عقيدي ڪي ڪوڙو ٿي ڪري، ان جي ڪري انهن جي متعلق ڪنهن قسم جي تامل، تردد، مهلت ڏيڻ ۽ انتظار جي گنجائش ناهي. "اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ هُوَ مُسْرِفٌ كَذَّابٌ" بلاشڪ الله ان ڪي هدايت نٿو ڏي جيڪو حد کان لنگهندڙ، گهڻو ڪوڙو آهي. يعني ڪوڙي ۽ حد کان لنگهندڙ ڪي هدايت نصيب نہ ٿيندي. "يٰقَوْمِ لَكُمُ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ظٰهِرِيْنَ فِي الْاَرْضِ ۚ فَمَنْ يَّنْصُرُنَا مِنْۢ بَاْسِ اللّٰهِ اِنْ جَآءَنَا ۚ" اي منهنجي قوم! اڄ اوهان جي بادشاهي آهي زمين تي غالب آهيو. پوءِ اسان ڪي الله جي عذاب وقت جيڪڏهن آيو تہ ڪير مدد ڪندو؟ يعني پنهنجي لشڪر، سامان، قوت ۽ طاقت تي مغرور نہ ٿيو اڄ اوهان جو ملڪ ۾ غلبو

۽ سلطنت آهي پر جيڪڏهن سياڻي الله جي عذاب ورتو تہ ڪوبہ اسان جي مدد ڪري اسان ڪي بچائي نہ سگهندو. ”قَالَ فِرْعَوْنُ مَآ اُرِيْكُمْ اِلَّا مَآ اَرٰى وَمَآ اَهْدِيْكُمْ اِلَّا سَبِيْلَ الرَّشَادِ“ فرعون چيو تہ مان اوهان کي اها (واٽ) ڏيکاريان ٿو جيڪا مان ڏسان ٿو ۽ مان اوهان کي هدايت جي واٽ کان سواءِ رهنمائي نٿو ڪريان. يعني اوهان جي ان ڳالهہ جو مون تي ڪو اثر نٿو پوي منهنجي راءِ ۾ جيڪا ڳالهہ صحيح آهي اوهان کي بہ اها سمجهايان ٿو ۽ مان اوهان کي غلط رستو نٿو ڏسيان، سڌي واٽ وٺايان ٿو.

فائدا.

مذڪوره آيتن جي مطالعي مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا. ١- ”يَكْتُمُ اِيْمَانَهٗ“ (پنهنجو ايمان لڪائي پيو) مان معلوم ٿيو تہ خطري جي وقت ڪافرن جي اڳيان ايمان ظاهر نہ ڪرڻ پنهنجي جان بچائڻ جي لاءِ جائز آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ اهڙو مؤمن ڪافرن جي ڪفر وارن ڪمنِ ۾ بہ شريڪ نہ ٿئي ڇوتہ ان مؤمن حضرت موسىٰ عليه السلام جي قتل ڪرڻ جو مشورو تہ ڏنو پر دلائل سان انهن کي روڪيو. ان جي ڪري هيءَ آيت رافضين جي تقيہ جو دليل نہ آهي رافضين جو تقيہ هي آهي تہ دنيوي، نفساني خواهشات جي لاءِ ڪافرن ۾ رهي انهن جي حمايت ڪرڻ، انهن کي ڌوڪو ڏيڻ، دنيا حاصل ڪرڻ. جيئن اهي اهل بيت اطهار جي لاءِ چوندا آهن. الغرض تہ ايمان لڪائڻ ۽ تقيہ ۾ فرق آهي ٻئي شيون مختلف آهن. تقيہ ۾ ايمان لڪائڻ ۽ ڪفر ظاهر ڪرڻ آهي هي بہ خيال ۾ رهي تہ ساه جي خطري وقت زبان سان ڪفر جو ڪلمو چوڻ جائز آهي ان شرط سان تہ دل ۾ ايمان مضبوط رهي جيئن فرمان خداوندي آهي ”اِلَّا مَنْ اُكْرِهَ وَقَلْبُهٗ مُطْمَئِنٌّۢ بِالْاِيْمَانِ“ (مگر جيڪو مجبور ڪيو ويو ۽ ان جي دل ايمان سان مطمئن آهي) ۽ اهو بہ ضروري آهي تہ موقعي ملڻ تي اهڙي جاءِ تي نہ رهي اتان نڪري وڃي. ”جيئن قرآن ڪريم ۾ آيو آهي ”اَلَمْ تَكُنْ اَرْضُ اللّٰهِ وَاسِعَةً فَتُهَاجِرُوْا فِيْهَا“ ڇا الله جي زمين ڪشادي نہ هئي پوءِ ان ۾ هجرت ڪري وڃو ها. حضرت موسىٰ عليه السلام تي ايمان آڻيندڙ ايمان تہ لڪ ۾ رکيو هو پر ڪفر جو ڪلمو زبان تي نہ آندو هيائين. (١)

(١) نورالعرفان صہ ٧٥٠

٢- "اِنۡ جَآءَنَا" (جيڪڏهن اسان وٽ (عذاب) آيو. هن ۾ اهو مؤمن داخل ناهي جيڪو ڳالهائي رهيو هو. جيئن حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "اَنَا سَيِّدُ وُلۡدِ اٰدَمَ" (مان آدم جي اولاد جو سردار آهيان) پاڻ بہ اولاد ۾ داخل آهن پر پاڻ پنهنجا سردار ناهن پين جا سردار آهن وعظ ڪرڻ ۾ بہ اهو طريقو وڏيڪ مفيد آهي جو وعظ ڪندڙ پاڻ کي بہ ان ۾ شامل ڪري چوي تہ اسين بي نمازي ٿي ويا آهيون حالانڪہ پاڻ نمازي هوندو آهي.

وَقَالَ الَّذِيۡۤ اٰمَنَ يٰقَوۡمِ اِنِّيۡۤ اَخَافُ عَلَيۡكُمۡ

۽ چيو ان شخص جنهن ايمان آندو تہ اي منهنجي قوم! بلاشڪ مان ڊڄان ٿو (تہ اچي) اوهان تي

مِّثۡلَ يَوۡمِ الۡاَحۡزَابِ ۙ (٣٠) مِثۡلَ دَاۡبِ قَوۡمِ نُوۡحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوۡدَ

مثال ڏينهن (اڳين) ٽولين جو مثال حال قوم نوح جو ۽ عاد جو ۽ ثمود جو

وَالَّذِيۡنَ مِنۡۢ بَعۡدِهِمۡ ؕ وَمَا اللّٰهُ يُرِيۡدُ ظُلۡمًا لِّلۡعِبَادِ (٣١)

۽ انهن جو جيڪي انهن کان بعد هئا ۽ ناهي الله جو ارادو ظلم جو ٻانهن لاءِ

وَيٰقَوۡمِ اِنِّيۡۤ اَخَافُ عَلَيۡكُمۡ يَوۡمَ التَّنَادِ ۙ (٣٢) يَوۡمَ

۽ اي منهنجي قوم! بلاشڪ مان ڊڄان ٿو اوهان تي هڪ ٻئي جي سڏڻ واري ڏينهن کان جنهن ڏينهن

تُوَلُّوۡنَ مُدۡبِرِيۡنَ ۚ مَا لَكُمۡ مِّنَ اللّٰهِ مِنۡ عَاصِمٍ ۚ وَمَنۡ يُّضۡلِلِ اللّٰهُ

ڀڄندؤ پٺي ڏيندڙ ٿي ناهي اوهان جي لاءِ الله (جي عذاب) کان بچائيندڙ ۽ جنهن کي گمراه ٿو ڪري الله

فَمَا لَهٗ مِنۡ هَادٍ (٣٣) وَلَقَدۡ جَآءَكُمۡ يُوۡسُفُ مِنۡ قَبۡلُ بِالۡبَيِّنٰتِ

پوءِ ناهي ان لاءِ ڪو هدايت ڪندڙ ۽ البتہ تحقيق آيو اوهان وٽ يوسف اڳي هن کان معجزن سان

فَمَا زِلْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّمَّا جَآءَكُمْ بِهٖ حَتّٰٓى اِذَا هَلَكَ

پوءِ هميشه هيئو شڪ ۾ ان کان جو آندائين اوهان وٽ اهو تانجو جڏهن رحلت ڪيائين

قُلْتُمْ لَنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ مِنْۢ بَعْدِهٖ رَسُوْلًاؕ كَذٰلِكَ يُضِلُّ

ته اوهان چيو هرگز نه موڪليندو الله ان کان پوءِ ڪو رسول اهڙي طرح گمراهه

اللّٰهُ مَنْ هُوَ مُسْرِفٌ مُّرْتَابُۨ (٣٤) الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ

ٿو ڪري الله ان کي جيڪو حد کان لنگهندڙ، شڪ ڪندڙ آهي اهي جيڪي جهڳڙو ڪن ٿا

فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ بِغَيْرِ سُلْطٰنٍ اَتٰهُمْؕ كَبُرَ مَقْتًا

الله جي آيتن ۾ دليل کان سواءِ جو آيو انهن وٽ وڏو ٿيو ڪاوڙ جي لحاظ سان

عِنْدَ اللّٰهِ وَعِنْدَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْاؕ كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ

الله وٽ ۽ انهن وٽ جن ايمان آندو اهڙي طرح مهر هڻي ٿو الله هر ڪنهن

قَلْبِ مُتَكَبِّرٍ جَبَّارٍ (٣٥)

هٺ ڪندڙ، وڏائي ڪندڙ جي دل تي.

تفسير:

اڳين آيتن ۾ فرعون جي گهراڻي مان لڪ ۾ ايمان آڻيندڙ جي نصيحت جو بيان هو ۽ هتي به ان جي ئي نصيحت جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَقَالَ الَّذِيْٓ اٰمَنَ يٰقَوْمِ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ مِّثْلَ يَوْمِ الْاَحْزَابِ ۙ مِثْلَ دَاْبِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ وَالَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ۭ وَمَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعِبَادِ" ۽ جنهن ايمان آندو هو ان چيو ته اي منهنجي قوم وارا! مان ڊڄان ٿو ته اوهان تي اڳين ٽولن، (جي عذاب) جهڙو ڏينهن

نہ اچي جھڙو نوح جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود ۽ جيڪي انهن کان بعد آيا انهن جو حال هو. ۽ الله ٻانهن سان ظلم جو ارادو نٿو فرمائي. ان مرد مؤمن جڏهن ڏٺو تہ سندس نصيحت ڪافرن تي اثر انداز نٿي ٿئي تہ ان وڌيڪ کلي گفتگو شروع ڪئي ۽ گذريل دؤر ۾ پنهنجن بدعملن جي ڪري تباهہ ۽ برباد ٿيڻ وارين قومن جي حالات کي بيان ڪرڻ شروع ڪيو ۽ فرمايو تہ مون کي ڊپ ٿو ٿئي تہ الله جل جلالہ جي نبي حضرت موسیٰ عليه السلام کي نہ مڃڻ جي ڪري اوهان تي بہ اڳين ڪافرن ٽولن، حضرت نوح (عليہ السلام) جي قوم ۽ عاد ۽ ثمود قوم وانگر خداوندي عذاب نہ اچي ۽ الله انهن قومن کي بہ ظلم سان هلاڪ نہ ڪيو هو پر انهن جا اهڙا جرم هئا جنهن جي ڪري سزا ملي هئي "وَيٰقَوْمِ اِنِّيْٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ يَوْمَ التَّنَادِ" ۽ اي منهنجي قوم وارا! مان اوهان جي متان هڪ ٻئي کي سڏڻ واري ڏينهن کان ڊڄان ٿو. "يَوْمَ التَّنَادِ" (هڪ ٻئي کي سڏڻ) مان مراد اهو سڏڻ آهي جيڪو سورة الاعراف ۾ بيان ٿيو تہ: جنت وارا ۽ جهنم وارا هڪ ٻئي کي سڏيندا. ۽ اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ اتي پنهنجي هلاڪت جي لاءِ هڪ ٻئي کي سڏيندا. (١) "يَوْمَ تُوَلُّوْنَ مُدْبِرِيْنَ ۚ مَا لَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ عَاصِمٍ ۚ" جنهن ڏينهن پٺي ڏيندڙ ٿي ڀڄندؤ اوهان جي لاءِ الله (جي عذاب) کان ڪو بچائيندڙ نہ هوندو. يعني قيامت جي ڏينهن ڀڄي عذاب کان بچڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندؤ. يا اوهان کي دوزخ ڏانهن ڌڪا ڏيئي ڊوڙايو ويندو. ان ڏينهن اوهان کي خداوندي عذاب کان ڪير بہ بچائي نہ سگهندو. "وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ" ۽ الله جنهن کي گمراهہ ڪري ٿو ان کي ڪو بہ هدايت ڪندڙ ناهي. يعني مون اوهان کي هر طرح سمجهايو آهي پوءِ بہ اوهان نٿا مڃيو تہ پوءِ سمجهي ڇڏيو تہ اوهان جي سرڪشي غلط رويي جي ڪري الله ارادو ڪري ڇڏيو آهي تہ اوهان کي اوهان جي پسند ڪيل گمراهيءَ ۾ رهڻ ڏي. اوهان جي هدايت تي اچڻ جي ڪا اميد نہ رهي آهي، اوهان لاءِ ڪا هدايت بہ ناهي. "وَلَقَدْ جَآءَكُمْ يُوْسُفُ مِنْ قَبْلُ بِالْبَيِّنٰتِ فَمَا زِلْتُمْ فِيْ شَكٍّ مِّمَّا جَآءَكُمْ بِهٖ" ۽ البتہ تحقيق يوسف اوهان وٽ ان کان اڳي روشن دليلن سان آيو پوءِ جيڪو اوهان وٽ آندائين اوهان هميشہ ان (جي باري) ۾ شڪ ۾ رهيا. پهريان جن قومن جو ذڪر ٿيو اهي

(١) الڪشاف صـ٤٢٦ جلد٣

دور دراز علائقن ۾ رهندڙ هيون ۽ هتي ان نبي ڪريم عليه السلام جو ذڪر ٿي رهيو آهي جيڪو ٿورو عرصو اڳ ۾ ان ملڪ مصر جو رهاڪو هو جتي فرعون بادشاهي ڪري رهيو هو. مرد مؤمن ان جي ذڪر سان فرعون ۽ سندس سائين کي تنبيه ڪري رهيو هو ته اوهان وٽ ان نبي سڳوري روشن دليل آندا ته به اوهان مان ڪيترن ان کي نه مڃيو ان جي متعلق اوهان هميشه شڪ ۾ رهيا ته اهو نبي هو يا نه. "حَتّٰىٓ اِذَا هَلَكَ قُلْتُمْ لَنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ مِنْۢ بَعْدِهٖ رَسُوْلًا" تانجو جڏهن رحلت ڪيائين ته اوهان چيو ته ان کان بعد ڪڏهن الله ڪو رسول نه موڪليندو. مطلب ته پهريان ان جي نبوت جا انڪاري رهيئو جڏهن اِن دنيا تان رحلت فرمائي ۽ ملڪ مان اهي برڪتون ختم ٿيڻ لڳيون ته پوءِ چئو پيا ته اهو نهايت مبارڪ شخص هو هاڻي ان کان پوءِ الله عزوجل ڪوبه رسول نه موڪليندو. نه اوهان اول نبوت جا اقراري هئا ۽ نه ان کان بعد "كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ هُوَ مُسْرِفٌ مُّرْتَابُ" اهڙي طرح گمراهيءَ ۾ رکي ٿو الله ان کي جيڪو حد کان لنگهندڙ، شڪ ڪندڙ آهي. يعني جيئن اهي گمراهه رهيا تيئن جيڪو حد کان لنگهندڙ، شڪ ڪندڙ آهي الله ان کي به گمراهيءَ ۾ رکي ٿو. "اَلَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ بِغَيْرِ سُلْطٰنٍ اَتٰىهُمْ" جيڪي الله جي آيتن ۾ انهن وٽ ڪنهن دليل جي اچڻ کان سواءِ جهيڙو ڪن ٿا. "اَلَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ" "مُسْرِفٌ مُّرْتَابٌ" کان بدل آهي. ۽ اهو جيتوڻيڪ مفرد آهي پر جمع جي معنىٰ ۾ هجڻ جي ڪري ان کان بدل ڪيل جمع آهي. يعني هر مسرف مرتاب. يعني جيڪي وٽن ڪنهن حجت اچڻ کان سواءِ الله جي آيتن کي باطل قرار ڏيڻ ۽ دفع ڪرڻ جي لاءِ جهڳڙو ڪن ٿا. "كَبُرَ مَقْتًا عِنْدَ اللّٰهِ وَعِنْدَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" الله وٽ ۽ مؤمنن وٽ (اها ڳالهه) ڪاوڙ ڏيارڻ لاءِ وڏي آهي. "كَذٰلِكَ يَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ قَلْبِ مُتَكَبِّرٍ جَبَّارٍ" الله اهڙي طرح هر هٺيلي، سرڪش جي دل تي مهر هڻي ٿو. هتي هڪ اصول بيان ڪيو ويو آهي ته جنهن فرد يا قوم ۾ هي ٽي عيب هوندا. ١- "مُسْرِفٌ" حد کان لنگهندڙ. الله جي احڪام جي پابندي نه ڪندڙ. ٢- "مُرْتَابٌ" شڪ ڪندڙ، ان بيماريءَ ۾ مبتلا رهندڙ. ٣- "مَنْ يُّجَادِلُ" الله جي آيتن کي باطل قرار ڏيڻ جي لاءِ

جهيڙو ڪندڙ. تہ ان ڪي هدايت نہ ملندي ان متڪبر، سرڪش جي دل تي مهر لڳائي ويندي. هتي دل جي وصف تڪبر ۽ تجبر سان ان جي ڪري بيان ٿي جو انهن جي منبع ۽ اصل مرڪز دل هوندي آهي.(١)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ اچن ٿا.

١- "وَقَالَ الَّذِيٓ اٰمَنَ" (۽ مؤمن چيو) مان معلوم ٿيو تہ اهو مرد مؤمن وڏو مجاهد هو. حديث مبارڪ ۾ آيو آهي تہ: ظالم بادشاهہ جي سامهون حق جو ڪلمو چوڻ پلو جهاد آهي. ٢- "اِنِّيٓ اَخَافُ عَلَيْكُمْ مِّثْلَ يَوْمِ الْاَحْزَابِ" "الاية" مان اوهان جي مٿان (اڳين) ٽولن جهڙي (عذاب ڪان) ڊڄان ٿو. مان معلوم ٿيو تہ فرعون ۽ ان جي ساٿين کي انهن قومن جي تاريخ ياد هئي ۽ انهن جي هلاڪت جي بہ ڪين خبر هئي بي خبر نہ هئا. فرعون جو سؤٽ اهي واقعا بيان ڪري پيو ۽ اهي ماٺ ڪيو ٻڌن وينا. ٣- "وَمَا اللّٰهُ يُرِيْدُ ظُلْمًا لِّلْعِبَادِ" (۽ الله ٻانهن سان ظلم جو ارادو نٿو ڪري) مان واضح ٿيو تہ فرعون رب نہ آهي. ڇوتہ حقيقي ۽ سچو رب ظلم نہ ڪندو. فرعون ظلم ڪندو آهي. ٤- آيت ع ٣٢ ۽ ع ٣٣ مان معلوم ٿيو تہ اهو مؤمن مرد حضرت موسىٰ عليه السلام جي صحبت ۾ رهي اندرون طرح سڀ عقائد سمجهي چڪو هو. جن جي ٻين کي بہ سمجهائي ڏئي رهيو هو ۽ ان جو بہ اهو عقيدو هو تہ ڪافرو! اوهان جي لاءِ ڪو بچائيندڙ نہ هوندو. پر مو ءمن جي لاءِ شفاعت ڪرڻ سان گهڻا بچائيندڙ هوندا ڇوتہ بچائيندڙ نہ هجڻ ڪافرن جي لاءِ عذاب هوندو ۽ مؤمن ڪافر واري عذاب ڪان محفوظ رهندا، ان ۾ اهو اشارو بہ هو تہ حضرت موسىٰ عليه السلام جي دامن وٺو تہ اهو اوهان کي الله جل مجده جي اذن سان شفاعت ڪري عذاب ڪان بچائيندو.

(١) ساڳيو حوالو

وَقَالَ فِرْعَوْنُ يَاهَامٰنُ ابْنِ لِيْ صَرْحًا لَّعَلِّيْٓ اَبْلُغُ الْاَسْبَابَ ۙ (۳٦)

۽ چيو فرعون تہ اي هامان! ناهہ مون لاءِ بلند محل تانتہ مان پهچان رستن تائين

اَسْبَابَ السَّمٰوٰتِ فَاَطَّلِعَ اِلٰٓى اِلٰهِ مُوْسٰى

رستا آسمانن جا پوءِ لياکو پائي ڏسان مان موسىٰ جي معبود ڏانهن

وَاِنِّيْ لَاَظُنُّهٗ كَاذِبًا ۭ وَكَذٰلِكَ زُيِّنَ لِفِرْعَوْنَ

۽ بلاشڪ مان البتہ گمان ٿو ڪيان مان ان ڪي ڪوڙو ۽ اهڙي طرح سينگاريو ويو فرعون جي لاءِ

سُوْۗءُ عَمَلِهٖ وَصُدَّ عَنِ السَّبِيْلِ ۭ وَمَا كَيْدُ فِرْعَوْنَ اِلَّا فِيْ تَبَابٍ ۧ (۳۷)

برو عمل ان جو ۽ روڪيو ويو (سڌي) واٽ کان ۽ ناهي فرعون جو مڪر مگر هلاڪت ۾

وَقَالَ الَّذِيْٓ اٰمَنَ يٰقَوْمِ اتَّبِعُوْنِ

۽ چيو ان جنهن ايمان آندو هو تہ اي منهنجي قوم وارو! منهنجي تابعداري ڪيو تہ

اَهْدِكُمْ سَبِيْلَ الرَّشَادِ ۚ (۳۸) يٰقَوْمِ اِنَّمَا هٰذِهِ

رهنمائي ڪيان مان اوهان کي هدايت جي واٽ جي اي منهنجي قوم وارا! بلاشڪ هي

الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا مَتَاعٌ ۡ وَّاِنَّ الْاٰخِرَةَ هِيَ دَارُ الْقَرَارِ (۳۹)

حياتي دنيا واري ٿورو سامان آهي ۽ بلاشڪ آخرت اهائي قرار جي جاءِ آهي

مَنْ عَمِلَ سَيِّئَةً فَلَا يُجْزٰٓى اِلَّا مِثْلَهَا ۚ وَمَنْ عَمِلَ صَالِحًا

جنهن ڪئي برائي پوءِ نہ بدلو ڏنو ويندو مگر ان جي مثل ۽ جنهن ڪيو چڱو ڪم

مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ

مرد يا عورت ۽ اهو مؤمن آهي پوءِ اهي داخل ٿيندا بهشت ۾

يُرْزَقُوْنَ فِيْهَا بِغَيْرِ حِسَابٍ (۴۰) وَيٰقَوْمِ مَالِيْٓ

رزق ڏنا ويندا ان ۾ حساب کان سواءِ ۽ اي منهنجي قوم وارا! ڇا (ٿيو آهي) مون کي

اَدْعُوْكُمْ اِلَى النَّجٰوةِ وَتَدْعُوْنَنِيْٓ اِلَى النَّارِ ؕ (۴۱)

سڏيان ٿو اوهان کي ڇوٽڪاري ڏانهن ۽ سڏيو ٿا اوهان مون کي باهه ڏانهن

تَدْعُوْنَنِيْ لِاَكْفُرَ بِاللّٰهِ وَاُشْرِكَ بِهٖ مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ

سڏيو ٿا مون کي تانته کفر ڪيان مان الله سان ۽ شريڪ ڪيان ان سان اهو جو ناهي مون کي ان جو

عِلْمٌ ۡ وَّاَنَا اَدْعُوْكُمْ اِلَى الْعَزِيْزِ الْغَفَّارِ (۴۲) لَا جَرَمَ اَنَّمَا تَدْعُوْنَنِيْٓ

ڪو علم ۽ مان سڏيان ٿو اوهان کي غالب بخشڻهار ڏانهن بلاشڪ اوهان جنهن ڏانهن سڏيو ٿا مون کي

اِلَيْهِ لَيْسَ لَهٗ دَعْوَةٌ فِى الدُّنْيَا وَلَا فِى الْاٰخِرَةِ وَاَنَّ مَرَدَّنَآ

ناهي ان جي لاءِ سڏڻ (جو حق) دنيا ۾ ۽ نه آخرت ۾ ۽ بلاشڪ موٽڻ اسان جو

اِلَى اللّٰهِ وَاَنَّ الْمُسْرِفِيْنَ هُمْ اَصْحٰبُ النَّارِ (۴۳)

الله ڏانهن آهي ۽ بيشڪ حد کان لنگهندڙ اهي ئي جهنمي آهن

فَسَتَذْكُرُوْنَ مَآ اَقُوْلُ لَكُمْ ؕ وَاُفَوِّضُ اَمْرِيْٓ اِلَى اللّٰهِ

پوءِ جلد ياد ڪندؤ اهو جو چوان ٿو اوهان کي ۽ سونپيان ٿو مان امر پنهنجو الله ڏانهن

الضعف.

إِنَّ اللّٰهَ بَصِيْرٌ بِالْعِبَادِ (۴۴) فَوَقٰهُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِ مَا مَكَرُوْا

بيشڪ الله ڏسندڙ آهي ٻانهن کي پوءِ بچايو ان کي الله انهن براين کان جيڪي رٿيائون

وَحَاقَ بِاٰلِ فِرْعَوْنَ سُوْٓءُ الْعَذَابِ (۴۵) اَلنَّارُ يُعْرَضُوْنَ عَلَيْهَا

۽ گهيري ۾ رکيو فرعونين کي سخت عذاب. باهہ جو پيش ڪيا ويندا ان تي

غُدُوًّا وَّعَشِيًّا وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ اَدْخِلُوْٓا اٰلَ فِرْعَوْنَ

صبح ۽ شام ۽ جنهن ڏينهن قائم ٿيندي قيامت داخل ڪيو فرعونين کي

اَشَدَّ الْعَذَابِ (۴٦)

سخت عذاب ۾.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ فرعون جي تڪبر ۽ غرور جو بيان ٿيو ۽ هتي بہ ان جي سرڪشيءَ ۾ واڌاري جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي. ”وَقَالَ فِرْعَوْنُ يٰهَامٰنُ ابْنِ لِيْ صَرْحًا لَّعَلِّيْٓ اَبْلُغُ الْاَسْبَابَ اَسْبَابَ السَّمٰوٰتِ فَاَطَّلِعَ اِلٰٓى اِلٰهِ مُوْسٰى“ ۽ فرعون چيو تہ اي هامان! مون لاءِ مٿاهون محل تيار ڪر شايد مان پهچان رستن، آسمانن جي رستن تائين پوءِ موسیٰ جي معبود کي ليئاڪو پائي ڏسان. فرعون جڏهن هي محسوس ڪيو تہ ان مرد مؤمن جي گفتگو حاضرين مجلس کي متاثر ڪري رهي آهي تہ هڪدم ڳالهہ جو رخ بدلائي چيائين تہ: موسیٰ جي صداقت معلوم ڪرڻ ڪو مشڪل ڪم ناهي اي هامان! تون هڪ بلند، گهڻن طبقن وارو محل تيار ڪرائي وٺ تہ مان ان تي چڙهي ليئاڪو پائي ڏسي ٿو وٺان تہ موسیٰ جو معبود جيڪو زمين تي ڏسڻ ۾ نٿو اچي سو آسمان تي بہ آهي يا هرو ڀرو ٿو ان جي توحيد، عزت ۽ غلبو بيان ڪندو رهي. اسباب- جمع جو صيغو آهي ان جو واحد سبب آهي هر اها شيءِ جنهن

سان ڪنهن تائين رسائي حاصل ڪجي اها سبب آهي هتي اسباب مان مراد قتاده، زهري، سدي ۽ اخفش جي قول مطابق آسمانن جا دروازا آهن ۽ ابو صالح جي قول مطابق آسمانن جا رستا آهن ۽ اسباب جو لفظ ٻه ڀيرا آڻڻ مان مقصد انهن جو شان ۽ وڏائي ظاهر ڪرڻ آهي. (١) "وَإِنِّيْ لَأَظُنُّهٗ كَاذِبًا" بلاشڪ مان ان کي ڪوڙو ٿو خيال ڪيان. هن پنهنجو اهو خيال به ظاهر ڪيو ته موسىٰ (عليه السلام) ۾ منهنجي گمان مطابق ڪابه سچائي ناهي. ظن غالب گمان جي معنىٰ ۾ به هوندو آهي ته يقين جي معنىٰ سان به ايندو آهي. اهو صرف پنهنجي قوم کي ڪفر تي رهڻ لاءِ طريقو سوچي چيو هيائين نه ته ڪيس به اهو علم هو ته الله جل شانه کي ان طرح ڏسي نه سگهبو "وَكَذٰلِكَ زُيِّنَ لِفِرْعَوْنَ سُوْٓءُ عَمَلِهٖ وَصُدَّ عَنِ السَّبِيْلِ" ۽ فرعون جي لاءِ ان جو برو عمل ان طرح سينگاريو ويو ۽ (سڌي) واٽ کان روڪيو ويو. يعني شيطان فرعون جي لاءِ سندس برو عمل اهڙي نموني سينگاريو جو گمراهيءَ ۾ اوندو ٿي ڪري پيو ۽ صفا انڌو ٿي ويو ڪيس سڌي واٽ تي هلڻ نصيب ئي نه ٿيو "وَمَا كَيْدُ فِرْعَوْنَ اِلَّا فِيْ تَبَابٍ" ۽ فرعون جو مڪر نه رهيو مگ هلاڪت ۾. يعني فرعون ان ريت سان ته اي هامان! بلند محل نهرائي تيار ڪر ته مان موسىٰ جي خدا کي ڏسان نقصان ڪان سواءِ ڪجهه به حاصل نه ڪيو. "وَقَالَ الَّذِيْٓ اٰمَنَ يٰقَوْمِ اتَّبِعُوْنِ اَهْدِكُمْ سَبِيْلَ الرَّشَادِ" ۽ جنهن ايمان آندو ان چيو ته اي منهنجي قوم وارا! منهنجي اتباع ڪيو ته مان اوهان جي هدايت واري واٽ جي رهنمائي ڪيان. فرعون جي اجلاس ۾ موجود مرد مؤمن جڏهن ڏٺو ته سندس قوم سرڪشي ۽ عناد ۾ پئجي تباهه ٿي رهي آهي تڏهن انهن کي فرمايائين ته اي منهنجي قوم وارا! فرعون جي مڪر ۾ نه اچو اوهان منهنجي اتباع ڪيو ته مان ٿو اوهان کي هدايت جي واٽ ڏسيان. "يٰقَوْمِ اِنَّمَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا مَتَاعٌ وَّاِنَّ الْاٰخِرَةَ هِيَ دَارُ الْقَرَارِ" اي منهنجي قوم وارا! هيءَ دنيا واري حياتي ٿورو سامان آهي ۽ بلاشڪ آخرت ئي قرار جي جاءِ آهي. يعني هيءَ دنياوي زندگي فاني، زائل ۽ ٿورن ڏينهن جي عيش ۽ عشرت واري آهي ان ۾ مشغول ۽ محو ٿي قرار واري جاءِ آخرت کي نه وساريو. "مَنْ عَمِلَ سَيِّئَةً فَلَا يُجْزٰٓى اِلَّا مِثْلَهَا" جنهن برو ڪم ڪيو ته اهو ان جيتري سزا ڏنو ويندو. ان سان

(١) القرطبي صـ٣١۴ جلد١٥

به الله جل شانه ظلم نہ ڪندو. "وَمَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰٓئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ يُرْزَقُوْنَ فِيْهَا بِغَيْرِ حِسَابٍ" ۽ جنهن ٻہ مرد يا عورت صالح عمل ڪيا ۽ اهو ايمان وارو ٻہ آهي تہ اهي جنت ۾ داخل ٿيندا ان ۾ حساب ڪان سواءِ رزق ڏنا ويندا. هي اخروي زندگيءَ جو ٿورو تفصيل ٻڌايو ويو آهي تہ اها ڪيئن درست ٿيندي. ارشاد ٿيو تہ مرد يا عورت مؤمن ٿي صالح عمل ڪندا تہ اهي جنت ۾ داخل ٿيندا حساب ڪان سواءِ رزق بہ ڏنا ويندا. "وَيٰقَوْمِ مَالِيْٓ اَدْعُوْكُمْ اِلَى النَّجٰوةِ وَتَدْعُوْنَنِيْٓ اِلَى النَّارِ" ۽ اي منهنجي قوم وارا! مون ڪي ڇا ٿيو آهي جو مان اوهان ڪي ڇوٽڪاري ڏانهن پيو سڏيان ۽ اوهان مون ڪي جهنم جي باهہ ڏانهن سڏيو پيا. يعني مون ڪي اها ڳالهہ سمجهايو تہ مان پيو اوهان ڪي جهنم جي عذاب ڪان ڇوٽڪاري ڏانهن سڏيان ۽ اوهان مون ڪي جهنم ڏانهن پيا سڏيو مان اوهان جي ڪيتري خيرخواهي ٿو ڪيان ۽ ان جي بدلي ۾ اوهان مون ڪي جهنم ڏانهن پيا گهليو. "تَدْعُوْنَنِيْ لِاَكْفُرَ بِاللّٰهِ وَاُشْرِكَ بِهٖ مَا لَيْسَ لِيْ بِهٖ عِلْمٌ" مون ڪي ان جي لاءِ سڏيو ٿا تہ مان الله جو انڪار ڪيان ۽ ان سان اها شيءِ شريڪ بنايان جنهن جو مون ڪي ڪو علم ئي ناهي. يعني اوهان جي ڪوشش آهي تہ مون ڪي ڪافر بنايو ۽ مان الله سان اهڙيون شيون شريڪ ڪيان جن جي الله هجڻ لاءِ نہ ڪو دليل آهي نہ ڪا حجت نہ ڪو ثبوت نہ علم تہ اهي ڪيئن شريڪ بنايان اٿو. مون وٽ تہ الله وحده لاشريڪ لہ جي توحيد جا قطعيہ دلائل موجود آهن. "وَّاَنَا اَدْعُوْكُمْ اِلَى الْعَزِيْزِ الْغَفَّارِ" ۽ مان اوهان ڪي غالب، بخشڻهار ڏانهن سڏيان ٿو. يعني منهنجي دعوت جو مقصد اوهان ڪي ان غالب ڏانهن سڏڻ آهي جنهن ڪان ڪير بہ قوي ناهي ۽ ان بخشڻهار ڏانهن دعوت ڏيڻ آهي جيڪو وڏ ۾ وڏ گناهہ بخشڻ وارو آهي "لَا جَرَمَ اَنَّمَا تَدْعُوْنَنِيْٓ اِلَيْهِ لَيْسَ لَهٗ دَعْوَةٌ فِي الدُّنْيَا وَلَا فِي الْاٰخِرَةِ" تحقيق اوهان مون ڪي ان ڏانهن سڏيو ٿا جنهن جي لاءِ سڏڻ جو نہ دنيا ۾ حق آهي نہ آخرت ۾. "لَا جَرَمَ" جي معنىٰ تحقيق. مطلب تہ اوهان جن بتن ۽ ٻين باطل معبودن جي عبادت لاءِ مون ڪي سڏيو ٿا انهن ڪي دنيا ۽ آخرت ۾ سڏڻ جو ڪو حق ناهي نہ اهي ڪجهہ نفعو ڏئي ٿا سگهن نہ نقصان اهي پنهنجي سڏيندڙ ڪي نہ ڪو جواب ڏئي ٿا سگهن

نہ ان جي دعا قبول ڪري سگهن ٿا. (١)
"وَاَنَّ مَرَدَّنَآ اِلَى اللّٰهِ" ۽ بلاشڪ اسان جو الله ڏانهن موٽڻ آهي. يعني آخر تہ سڀئي الله ڏانهن موٽي هلندا پوءِ اهو ڪين سندن عمل جي مطابق جزا يا سزا ڏيندو. "وَاَنَّ الْمُسْرِفِيْنَ هُمْ اَصْحٰبُ النَّارِ" ۽ بلاشڪ حد ڪان لنگهندڙ اهي ئي جهنمي آهن. يعني انهن الله جل مجده سان ٻين کي شريڪ بنائي اسراف ڪيو ان جي ڪري اهي هميشہ جهنم ۾ هوندا. "فَسَتَذْكُرُوْنَ مَآ اَقُوْلُ لَكُمْ" پوءِ جيڪي مان اوهان کي چوان ٿو اهو جلد ياد ڪندؤ. مقصد تہ مون جيڪو ڪجهہ بہ اوهان کي چيو آهي نيڪيءَ جو امر ۽ برائيءَ کان نهي ڪري اوهان جي خيرخواهي ڪندي اوهان جي لاءِ هر ڳالهہ واضح ڪئي اٿم اوهان جلد ڄاڻندؤ تہ اهو سڀ سچ آهي "وَاُفَوِّضُ اَمْرِيْٓ اِلَى اللّٰهِ اِنَّ اللّٰهَ بَصِيْرٌۢ بِالْعِبَادِ" ۽ مان پنهنجو امر الله جي حوالي ڪيان ٿو بلاشڪ الله ٻانهن کي ڏسندڙ آهي. يعني مان اوهان سان قطع تعلقات ڪري، اوهان کان پري ٿي الله تي توڪل ڪري، ان ڪان مدد گهرندي سڀ ڪم ان جي حوالي ڪيان ٿو. بلاشڪ الله تقدست ذاته ٻانهن کي ڏسندڙ آهي اهو ان کي هدايت ڪري ٿو جيڪو هدايت جو مستحق آهي ۽ جيڪو گمراهيءَ ڏانهن دل رکي ٿو ان کي ور ڏيئي ڇڏي ٿو. ان جو امر نافذ آهي ان جي حجت بالغہ ۽ حڪمت تامہ آهي. "فَوَقٰىهُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِ مَامَكَرُوْا" پوءِ ان کي الله انهن جيڪا رٿ رٿي هئي ان جي تڪليفن ڪان بچايو. يعني دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ بچي ويو دنيا ۾ الله عزوجل ان کي حضرت موسىٰ عليہ السلام سان گڏ رکي ٻڏڻ ڪان ۽ فرعون ڪان ڇڏايو ۽ آخرت ۾ بہ جنت ۾ داخل ٿيندو. "وَحَاقَ بِاٰلِ فِرْعَوْنَ سُوْٓءُ الْعَذَابِ" ۽ فرعونين کي سخت عذاب گهيري ۾ ڪري ورتو. اهو سخت عذاب دنيا ۾ انهن کي غرق ڪري ڇڏڻ هو ۽ آخرت ۾ جهنم ۾ داخل ٿيندا. مفسرن ٻڌارن لکيو آهي تہ ان غرق ٿيڻ ڪان وٺي انهن جا ارواح صبح ۽ شام جو جهنم جي باهہ ۾ پيش ڪيا ويندا آهن ۽ قيامت جي ڏينهن تہ جسم ۽ روح گڏ جهنم ۾ وڌا ويندا، جيئن اڳتي بيان اچي رهيو آهي "اَلنَّارُ يُعْرَضُوْنَ عَلَيْهَا غُدُوًّا وَّعَشِيًّا" باهہ ان ۾ صبح ۽ شام پيش ڪيا وڃن ٿا. "وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ اَدْخِلُوْٓا اٰلَ فِرْعَوْنَ اَشَدَّ الْعَذَابِ" ۽ جنهن ڏينهن قيامت قائم ٿيندي تہ (چيو ويندو) فرعونين کي

(١) ابن ڪثير ص ٨٠ جلد ٤

شديد عذاب ۾ داخل ڪيو. يعني قيامت ۾ جهنم تي مقرر ڪيل ملائڪن ڪي حڪم ٿيندو تہ فرعونين ڪي شديد. عذاب ۾ داخل ڪيو.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

١- "فَاَطَّلِعَ اِلٰیٓ اِلٰهِ مُوْسٰی" (پوءِ موسيٰ جي معبود ڏانهن ليڪو پائي ڏسان) مان معلوم ٿيو تہ الله عزوجل کي ڪنهن مخصوص جاءِ ۾ سمجهڻ ۽ مڃڻ ڪافرن جو طريقو آهي اهو جاءِ ۾ هجڻ کان پاڪ آهي. آسمان اسان جي روزي ملڻ جي جاءِ آهي روزي ڏيڻ واري جي جاءِ ناهي. ٢- "وَقَالَ الَّذِیْٓ اٰمَنَ" (۽ جنهن ايمان آندو هو ان چيو) مان واضح ٿيو تہ فرعون جي دربار ۾ ويٺلن ۾ بہ هڪ مؤمن موجود هو. ان جو صحيح نالو شمعان هو. سهيليءَ جو قول اهو آهي (١) ٣- "اتَّبِعُوْنِ" (منهنجي تابعداري ڪيو) مان معلوم ٿيو تہ جيئن ڪنهن بہ نبي جي اطاعت الله عز برهانه جي اطاعت آهي تيئن علماء حق، اهل السنة والجماعت وارن ۽ مشائخن جي اطاعت ۽ اتباع نبي سڳوري صلي الله عليه وسلم جي اطاعت ۽ اتباع جي حڪم ۾ آهي ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ نبي سڳوري جي موجود هوندي بہ ان جي امتي علماء جي اتباع جائز آهي اهوئي وجه هو جو جيڪي اصحاب سڳورا فقيه نہ هوندا هئا اهي فقيهن اصحابن رضي الله عنهم جي اتباع ڪندا هئا. ان جي ڪري فقهاء ڪرام فرمايو تہ حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي ظاهري حياتيءَ ۾ اجماع امت تي اعتبار نہ هو پر فقيهن جي قياس تي اعتبار هو حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن معاذ بن جبل رضي الله عنه کي يمن جو حاڪم بنائي موڪليو تہ ان کان پڇيائون فيصلا ڪهڙي طرح ڪندين؟ عرض ڪيائين تہ الله جي ڪتاب (قرآن) سان. پاڻ فرمايائونس تہ "جيڪڏهن ان ۾ نہ لهين"؟ عرض ڪيائين تہ ان جي رسول (صلی الله عليه وسلم) جي سنت سان. فرمايائون تہ جيڪڏهن ان ۾ بہ نہ لهين؟ عرض ڪيائين تہ "پوءِ پنهنجي راءِ سان اجتهاد ڪندس. ان تي حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن خوشيءَ جو اظهار فرمايو. (٢) ۴- "وَهُوَ مُؤْمِنٌ" (۽ اهو ايمان وارو آهي) هن مان معلوم ٿيو تہ آيت ۾ جيڪو عمل صالح جو ذڪر ٿيو آهي اهو ايمان کان سواءِ

(١) القرطبي صـ ٣٠٦ جلد ۵ (٢) نورالعرفان صـ ۷۵۲

مقبول ناهي. جيئن وضوء کان سواءِ نماز منظور ناهي. ۽ اڳ ۾ عمل صالح جي ذڪر ڪرڻ سان اهو به معلوم ٿيو ته انسان ايمان آڻڻ ڪان پوءِ نيڪ اعمال کان بي نياز نٿو بڻجي سگهي ايمان سان گڏ صالح عمل به ضروري آهن.

٥- "اَلنَّارُ يُعْرَضُوْنَ عَلَيْهَا غُدُوًّا وَّعَشِيًّا" (باھ جو ان تي صبح ۽ شام پيش ڪيا وڃن ٿا). هن مان ٽي مسئلا معلوم ٿيا. ١- ته قبر جو عذاب حق آهي. ۽ متواتر روايات حديث ۽ امت جي اجماع سان به اهو ثابت آهي. (١) مفسرن لکيو آهي: "وهذه الاية اصل كبير في استدلال اهل السنة على عذاب البرزخ في القبور" ۽ هيءَ آيت اهل السنة جي ان عقيدي جي لاءِ ته قبرن ۾ عذاب ٿيندو آهي دليل وٺڻ جو وڏو اصل آهي، علامه ملا احمد جيون عليه الرحمة به ائين لکيو آهي. (٢)

وَاِذْ يَتَحَآجُّوْنَ فِى النَّارِ فَيَقُوْلُ الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا

۽ (ياد ڪر) جڏهن هڪ ٻئي سان جهيڙو ڪندا باھ ۾ پوءِ چوندا ڪمزورانهن کي جن تڪبر ڪيو ته

اِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ اَنْتُمْ مُّغْنُوْنَ عَنَّا نَصِيْبًا مِّنَ النَّارِ (٤٧)

بلاشڪ اسين هئاسين اوهان جا پوئلڳ پوءِ ڇا اوهان ٽاريندڙ آهيو اسان کان ڪو حصو باھ جو

قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُلٌّ فِيْهَآ ۙ اِنَّ اللّٰهَ قَدْ حَكَمَ

چوندا اهي جن تڪبر ڪيو بلاشڪ اسين سڀئي ان ۾ آهيون بيشڪ الله تحقيق فيصلو ڪيو

بَيْنَ الْعِبَادِ (٤٨) وَقَالَ الَّذِيْنَ فِى النَّارِ لِخَزَنَةِ جَهَنَّمَ

ٻانهن ۾ چوندا اهي جيڪي جهنم ۾ هوندا دوزخ جي داروغن کي ته

ادْعُوْا رَبَّكُمْ يُخَفِّفْ عَنَّا يَوْمًا مِّنَ الْعَذَابِ (٤٩) قَالُوْٓا

سڏيو پنهنجي رب کي ته هلڪو ڪري اسان تان هڪ ڏينهن عذاب مان چوندن ته

(١) تفسير ابن ڪثير ص ٨١ جلد ٤ (٢) التفسيرات الاحمدية ص ٦٤٨

اَوَلَمْ تَكُ تَاْتِيْكُمْ رُسُلُكُمْ بِالْبَيِّنٰتِ ۭ قَالُوْا بَلٰى ۭ قَالُوْا

ڇا نہ ايندا هئا اوهان وٽ اوهان جا پيغمبر چٽن دليلن سان؟ چوندا تہ هائو چوندن تہ

فَادْعُوْا ۚ وَمَا دُعٰۗؤُا الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ ؏ (۵۰)

رکوع ۵

پوءِ عرض ڪيو ۽ ناهي عرض ڪرڻ ڪافرن جو مگر گمراهيءَ ۾.

تفسير

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو تہ فرعونين کي قيامت جي ڏينهن سخت عذاب ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ هتي ٻڌايو وڃي ٿو تہ ڪافر جهنم جي باهہ ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ بہ هڪ ٻئي تي ڇوهہ ڇنڊيندا. فرمان مبارڪ آهي. "وَاِذْ يَتَحَاۗجُّوْنَ فِي النَّارِ فَيَقُوْلُ الضُّعَفٰۗؤُا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ اَنْتُمْ مُّغْنُوْنَ عَنَّا نَصِيْبًا مِّنَ النَّارِ" ۽ جڏهن باهہ ۾ هڪ ٻئي سان (ڪافر) جهيڙو ڪندا پوءِ ڪمزور هيٺلن کي چوندا تہ اسين اوهان جا پوئلڳ هئاسون پوءِ اوهان اسان کان عذاب جو ڪجهہ حصو ٽاريندؤ. يعني اسين اوهان کي تڪليف ۾ ڏسڻ نہ سهندا هئاسون اوهان جي اتباع ڪندي اوهان جي خدمت ڪندا هئاسون ڇا اوهان اڄ اسان تان ڪجهہ عذاب ٽاري سگهندؤ. "قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُلٌّ فِيْهَآ" تڪبر ڪندڙ چوندا تہ اسين سيئي ان ۾ آهيون. مطلب تہ رڳو اوهان عذاب ۾ ناهيو اسين ۽ اوهان سيئي ان عذاب ۾ مبتلا آهيون اسين اوهان تان عذاب ڪيئن ٽاري سگهنداسون. "اِنَّ اللّٰهَ قَدْ حَكَمَ بَيْنَ الْعِبَادِ" بلاشڪ الله ٻانهن ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. جيڪو جنهن جو حقدار آهي اهو ان کي مليو، مؤمن پنهنجي مقام آهر جنت جي درجات ۾ داخل ٿيا آهن ۽ ڪافر پنهنجن براين جي لائق جهنم جي درڪات ۾ داخل ٿيا. الله جل جلالہ جي حڪم کي مقابلو ڪندي ڪير بہ پوئتي ڪري نٿو سگهي. "وَقَالَ الَّذِيْنَ فِي النَّارِ لِخَزَنَةِ جَهَنَّمَ ادْعُوْا رَبَّكُمْ يُخَفِّفْ عَنَّا يَوْمًا مِّنَ الْعَذَابِ" ۽ جيڪي (دوزخ جي) باهہ ۾ هوندا اهي جهنم جي داروغن کي چوندا تہ پنهنجي رب کي عرض ڪيو تہ اسان تان هڪ

ڏينهن عذاب هلڪو ڪري. يعني ڪمزور ۽ هنيلا ٻئي گڏجي دوزخ تي مقرر ٿيل داروغن کي چوندا تہ اوهان اسان جي لاءِ الله عز برهانه کان دعا گھري هڪ ڏينهن عذاب هلڪو ڪرايو. ۽ هڪ ڏينهن جي ڳالهہ ان جي ڪري ڪندا جو انهن کي پڪ هوندي تہ مڪمل عذاب ختم ٿيڻ يا گھٽو وقت عذاب ٽرڻ ممڪن ئي ناهي. "قَالُوٓا اَوَلَمۡ تَکُ تَاۡتِيۡکُمۡ رُسُلُکُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ قَالُوۡا بَلٰی" چوندن تہ ڇا اوهان وٽ اوهان جا رسـول چٽن دليلن سـان نہ آيا هئـا چوندا تہ هائو. دوزخ جا داروغا انهن کي جواب ۾ چوندا تہ ڇا اوهان وٽ اوهان ڏانهن مـوڪليل الله جل شـانہ جا رسـول (عليهم الصلوٰة والسلام) روشن دليلن ۽ معجزن سـان نہ آيا هئا؟ اهي چوندا تہ بالڪل آيا هئـا پر اسـان انهن کي ڪوڙو چيو ۽ نہ مڃيـو. "قَالُوۡا فَادۡعُوۡا ۚ وَمَا دُعٰٓؤُا الۡکٰفِرِيۡنَ اِلَّا فِيۡ ضَلٰلٍ" چوندن تہ پوءِ اوهان (پاڻ) دعا گھرو ۽ ڪافرن جي دعا ناهي مگر گمراهيءَ ۾ يعني اهي داروغا چوندن تہ جيڪڏهن اوهان مالڪ مٺي جي پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام کي ڪوڙو چيو ۽ نہ مڃيو تہ پوءِ الله جل شانہ کان پاڻ دعا گھرو ۽ ائين چوڻ مان انهن جو مقصد ڪين مايوس ۽ نا اميد ڪرڻ آهي. ۽ ڪافرن جي دعا ڪامياب نہ ٿيندي اها هلاڪت ۽ تباهيءَ ۾ ويندي ان جو ڪوبہ اثر نہ ٿيندو ۽ اها مقبول نہ ٿيندي.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا.

١- "اِنَّ اللّٰهَ قَدۡ حَکَمَ بَيۡنَ الۡعِبَادِ" (بلاشڪ الله ٻانهن ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو آهي) مان واضح ٿيو تہ ڪافرن کي جيتري سزا ملڻ جو فيصلو ٿي چڪو هوندو اهو برقرار رهندو ۽ اها سزا انهن کي هميشہ نئين محسوس ٿيندي دنيا وانگر نمونو نہ هوندو جو سزا جي عادي ٿيڻ جي ڪري تڪليف گھٽ محسوس ٿئي. ٢- "وَقَالَ الَّذِيۡنَ فِی النَّارِ لِخَزَنَةِ جَهَنَّمَ ادۡعُوۡا رَبَّکُمۡ" (۽ باهہ وارا جهنم جي داروغن کي چوندا تہ پنهنجي رب کان دعا گھرو). هن مان معلوم ٿيو تہ جهنم ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ ڪافرن کي بہ اهو عقل ايندو تہ الله جل شانہ جي بارگاهہ ۾ دعا گھرڻ جي لاءِ ملائڪن کي عرض ڪيون. اهل السنة والجماعة وارا مالڪ مٺي جي پيارن کان دعا

گهرائيندا آهن انهن کي خبر آهي تہ پيارن جي دعا سان ٻيڙا پار ٿيندا آهن.

٣- "وَمَا دُعٰٓؤُ الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ" (۽ ڪافرن جي دعا تہ گمراهيءَ ۾ آهي) هن مان معلوم ٿيو تہ آخرت ۾ ڪافرن جي دعا مقبول نہ ٿيندي. باقيٰ دنيا ۾ انهن جي دعا ڪڏهن ڪڏهن قبول پوندي آهي. ڏسو شيطان پنهنجي وڏي زندگيءَ لاءِ دعا گهري تہ الله جل شانه ان کي وڏي حياتي ڏئي ڇڏي.

اِنَّا لَنَنْصُرُ رُسُلَنَا وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا

بلاشڪ اسين البتہ مدد ڪيون ٿا پنهنجن رسولن جي ۽ انهن جي جن ايمان آندو دنياوي حياتيءَ ۾

وَيَوْمَ يَقُوْمُ الْاَشْهَادُ ۙ (٥١) يَوْمَ لَا يَنْفَعُ الظّٰلِمِيْنَ مَعْذِرَتُهُمْ

۽ جنهن ڏينهن بيهندا شاهد جنهن ڏينهن نہ نفعو ڏيندو ظالمن کي انهن جو عذر پيش ڪرڻ

وَلَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ (٥٢) وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْهُدٰى

۽ انهن جي لاءِ لعنت آهي ۽ انهن جي لاءِ برو گهر آهي ۽ البتہ تحقيق ڏني اسان موسىٰ کي هدايت

وَاَوْرَثْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآئِيْلَ الْكِتٰبَ ۙ (٥٣) هُدًى وَّذِكْرٰى لِاُولِى

۽ وارث ڪيوسون بني اسرائيل کي ڪتاب جو هدايت ۽ نصيحت ٿي عقل وارن جي لاءِ

الْاَلْبَابِ (٥٤) فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ وَّاسْتَغْفِرْ لِذَنْبِكَ

پوءِ صبر ڪر بيشڪ الله جو وعدو حق آهي ۽ مغفرت گهر پنهنجي (امت جي) گناهہ لاءِ

وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ بِالْعَشِيِّ وَالْاِبْكَارِ (٥٥) اِنَّ الَّذِيْنَ

۽ تسبيح پڙهہ پنهنجي رب جي حمد سان شام جو ۽ صبح جو بلاشڪ اهي شخص

يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ بِغَيْرِ سُلْطٰنٍ اَتٰهُمْ ۙ

جيڪي جهيڙو ڪن ٿا الله جي آيتن (جي باري) ۾ دليل کان سواءِ جو آيو انهن وٽ

اِنْ فِيْ صُدُوْرِهِمْ اِلَّا كِبْرٌ مَّا هُمْ بِبَالِغِيْهِ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ

ناهي انهن جي سينن ۾ مگر وڏائي جو ناهن اهي پهچندڙ ان جا پوءِ پناهه وٺ الله سان

اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ (٥٦)

بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي.

تفسير.

سورة جي شروعات ۾ ٻڌايو ويو تہ الله جل شانه جي آيات ۾ جهيڙو ڪافر ڪندا ان کان بعد انهن جي ترديد ڪئي وئي ۽ هتي مٿي مالڪ پنهنجن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام ۽ انهن تي ايمان آڻيندڙن جي مدد ڪرڻ جو بيان ڪندي ارشاد فرمايو آهي"اِنَّا لَنَنْصُرُ رُسُلَنَا وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَيَوْمَ يَقُوْمُ الْاَشْهَادُ" بلاشڪ اسين پنهنجن پيغمبرن جي ۽ انهن جي جن ايمان آندو آهي دنيا جي حياتيءَ ۾ ۽ جنهن ڏينهن شاهد قائم ٿيندا مدد ڪنداسون. مطلب تہ اسين دنيوي حياتيءَ ۾ بہ انهن جي مدد ڪري انهن کي دشمنن تي غالب ڪنداسون ۽ قيامت جي ڏينهن جتي اولين ۽ آخرين گڏ ٿيندا ۽ هر هڪ جي عمل جا شاهد شاهدي ڏيڻ جي لاءِ بيهندا تہ انهن ٻانهن جي عزت، سربلندي ۽ شان ظاهر ڪنداسون ۽ دنيا ۾ جو ڪجهہ شڪ ۽ شبهو آهي تہ هنن جو آخرت ۾ ڇا حال ٿيندو اهو سڀ دفع ۽ دور ٿي ويندو. "يَوْمَ لَا يَنْفَعُ الظّٰلِمِيْنَ مَعْذِرَتُهُمْ وَلَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ" جنهن ڏينهن ظالمن کي سندن عذر پيش ڪرڻ نفعو نہ ڏيندو ۽ انهن جي لاءِ لعنت هوندي ۽ انهن جي لاءِ بڇڙي جاءِ هوندي. يعني انهن جي حالت بدتر هوندي الله جل شانه جي رحمت کان تڙيل لعنت ڪيل ۽ پري هوندا ۽ هنن جو گهر جهنم جي باهہ ۾ هوندو.(١)

"وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْهُدٰى وَاَوْرَثْنَا بَنِيْٓ اِسْرَآئِيْلَ الْكِتٰبَ هُدًى وَّذِكْرٰى لِاُولِى الْاَلْبَابِ" ۽ البتہ تحقيق اسان موسىٰ کي هدايت ڏني ۽ بني اسرائيل کي ڪتاب جو

(١) مدارڪ صہ ٨٢ جزء ٣ جلد ٢

وارث بنايوسون. (اهو) عقلمندن جي لاءِ هدايت ۽ نصيحت آهي. مطلب تہ دنيا ۾ ٿي ڏسو تہ طاقت ۽ قوت جي هوندي فرعون ۽ ان جي لشڪر جو ڪهڙو برو حال ٿيو ۽ اسان موسيٰ (عليه السلام) کي هدايت ڏني جنهن جي برڪت سان ان جا تابعدار عذاب کان بہ بچيا ۽ اسان انهن (بني اسرائيل) کي عظيم الشان ڪتاب. توراة جو وارث بنايو جيڪو عقلمندن جي لاءِ هدايت ۽ نصيحت حاصل ڪرڻ جو ذريعو بڻيو "فَاصْبِرْ إِنَّ وَعْدَ اللهِ حَقٌّ" پوءِ صبر ڪر يقيناً الله جو وعدو حق آهي. يعني اوهان بہ بي فڪر رهو ٿورو وقت صبر ڪرڻ فرمايو اوهان سان ڪيل وعدا سچا ۽ حق آهن ضرور پورا ٿيندا الله عزوجل ٻنهي جهانن ۾ اوهان کي ۽ اوهان جي طفيل اوهان جي تابعدارن کي سر بلند رکندو. "وَاسْتَغْفِرْ لِذَنْبِكَ" ۽ پنهنجي (امت جي) گناهہ لاءِ مغفرت طلب ڪندو رهہ. شبير احمد عثماني صاحب هن آيت جي تفسير ۾ لکيو آهي تہ "يہ حضور (ڪريم صلى الله عليه وسلم) ڪو سنا ڪر ساري امت ڪو سنايا" (۱) مطلب تہ ان ۾ خطاب حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن سان آهي پر جڏهن تہ پاڻ هر گناهہ کان هر طرح پاڪ آهن معصوم آهن گناهہ ڪرڻ تہ ڇا گناهہ جو سوچي بہ نٿا سگهن ان جي ڪري ان مان مراد آهي پنهنجي امت جي گناهن جي اوهان بہ مغفرت گهرو ۽ اهي بہ پنهنجن گناهن جي مغفرت گهرندا رهن. پير ڪرم شاهہ از هري عليه الرحمة لکيو آهي تہ "بعض علماء نہ اس عبارت مين امت ڪان لفظ مقدر مانا هہ اس صورت مين عبارت يون هوگي" "واستغفر لذنب امتک" يعني حضور (عليه الصلواة والسلام) اپني امت کي گناهون کي معافي طلب ڪرين. (۲) راقم التفسير محمد ادريس عفي عنه.

هن تفسير جي پڙهندڙن جي خدمت ۾ عرض گذار آهي تہ اهو قول ٿي مڃڻ گهرجي ان ۾ ٻين تاويلن کان بچي پئجي ٿو. اهائي مراد عام فهم سولي ۽ ادب ۽ محبت جي لاءِ ضروري آهي. علامه علي بغدادي المعروف بالخازن عليه الرحمة لکيو آهي تہ هڪ قول مطابق اهو تعبدي امر آهي، يعني استغفار جا الفاظ چوڻ هڪ قسم جي عبادت آهي نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي هر قسم جي هر گناهہ کان پاڪ هجڻ جي باوجود اهو امر ان لاءِ ڪيل آهي تہ پاڻ انهيءَ عبادت وارو بہ درجو

(۱) حاشيه عثمانيه ص ۶۲۹ (۲) ضيا القرآن ص ۳۱۲ جلد ۴

حاصل ڪن ۽ سندن اهو عمل ٻين جي لاءِ سنت نبوي بڻجي. (١) مفسر قرآن حافظ عمادالدين اسماعيل بن ڪثير دمشقي لکيو آهي تہ "هذا تهييج للامة على الاستغفار" (٢) هي امت کي استغفار پڙهڻ جو شوق ڏيارڻ لاءِ آهي. مفسر قرطبي اهو قول بہ ذڪر ڪيو آهي تہ ان مان مراد امت جي گناه جي لاءِ معافي طلب ڪرڻ آهي. (٣) علامه ابوالبرڪات عبدالله نسفي عليه الرحمتہ تہ ٻيو ڪوبہ قول نہ آندو آهي لکيو اٿس تہ "وَاسْتَغْفِرْ لِذَنْبِكَ" اي لذنب امتک (٤)

يعني (اي حبيب پاڪ! عليه الصلواة والسلام) پنهنجي امت جي گناهن جي لاءِ مغفرت طلب ڪرڻ فرمايو. "وَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ بِالْعَشِيِّ وَالْإِبْكَارِ" ۽ صبح ۽ شام پنهنجي رب جي حمد سان تسبيح پڙهندو رهہ. ان صبح ۽ شام واري تسبيح مان مراد ڇا آهي؟ ان ۾ ٽي قول آهن.

١- حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو قول آهي تہ ان مان مراد پنج نمازون آهن. ٢- قتادة جو قول آهي تہ ان مان مراد فجر ۽ عصر نمازون آهن. ٣- حضرت حسن بصري فرمايو تہ اهي ٻہ رڪعتون صبح جو ۽ ٻہ رڪعتون شام جو. پنجن نمازن جي فرضيت کان اڳي هيون انهن جو بيان آهي. (٥) "إِنَّ الَّذِينَ يُجَادِلُونَ فِي آيَاتِ اللَّهِ بِغَيْرِ سُلْطَانٍ أَتَاهُمْ" بلاشڪ جيڪي (شخص) الله جي آيتن جي متعلق انهن وٽ ڪنهن حجت جي اچڻ کان سواءِ جهيڙو ڪن ٿا. "يعني انهن وٽ اوهان سان جهيڙي جهگڙي ڪرڻ جو ٻيو ڪوبہ جواز ناهي تہ انهن وٽ انجي لاءِ ڪو دليل آهي. "إِنْ فِي صُدُورِهِمْ إِلَّا كِبْرٌ مَا هُمْ بِبَالِغِيهِ" انهن جي سينن ۾ صرف وڏائي آهي جنهن کي اهي پهچي سگهندڙ ناهن. يعني انهن جي سينن ۾ وڏائي آهي انهن جو ارادو آهي تہ رياست ۽ اڳواڻي صرف انهن جي هجي انهن کان مٿي ڪير بہ نہ هجي ان ڏپ کان اهي اوهان سان الله جل شانه جي آيتن جي باري ۾ جهيڙو ڪن ٿا تہ متان اوهان اڳواڻ بڻجي وڃو ۽ اهي پاڻ اوهان جي هٿ مبارڪ. امر ۽ نهي جي هيٺان هلن. ڇوتہ هر رياست ۽ بادشاهي نبوت جي هيٺان هوندي آهي. يا حسد ڪندي اهي ارادو ڪن ٿا تہ نبوت انهن وٽ هجي پر انهن خواهشن کي اهي پهچي

(١) تفسير خازن صـ٧٤ جلد۴ (٢) تفسير ابن ڪثير صـ٨۴ جلد۴ (٣) القرطبي صـ٣٢۴ جلد١٥
(۴) مدارڪ صـ٨٢ جلد٢ جز۴٠ (٥) زادالمسير صـ٢٣٢ جلد٧

نہ سگهندا. "فَاسْتَعِذْ بِاللهِ اِنَّهٗ هُوَالسَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ" پوءِ الله کان پناه وٺ بلاشڪ اهوئي ٻڌندڙ، ڏسندڙ آهي. يعني انهن دشمنن جي ڪيد ۽ مڪر کان الله جلت عظمته جي پناهہ وٺ ڪافر جيڪي ڪجهہ چون ٿا الله اهو ٻڌندڙ آهي ۽ جيڪو ڪجهہ ڪن ٿا ڏسندڙ آهي اهوئي اوهان جو مددگار ۽ انهن جي شر کان اوهان کي بچائيندڙ آهي.(١)

فائدا.

مذڪوره آيتن جي سمجهڻ سان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- "اِنَّا لَنَنْصُرُ رُسُلَنَا وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا" (بلاشڪ اسين پنهنجن رسولن ۽ مومنن جي مدد ڪنداسون) هن مان واضح ٿيو تہ حقيقي ۽ اصلي مدد انهن پيارن جي ٿيندي آهي ڪڏهن ڪڏهن امتحان طور يا ڪنهن قصور ۽ عملي ڪوتاهيءَ جي ڪري ڪافرن کي غلبو ملندو آهي پر اهو وقتي ۽ عارضي هوندو آهي، ٢- "يَوْمَ لَا يَنْفَعُ الظّٰلِمِيْنَ مَعْذِرَتُهُمْ" (جنهن ڏينهن ظالمن کي عذر پيش ڪرڻ نفعو نہ ڏيندو) هتي ظالمين مان مراد ڪافر آهن. (٢)

هن مان معلوم ٿيو تہ مسلمانن جو عذر پيش ڪرڻ انهن کي نفعو ڏيندو. ڪافرن جو مرڻ وقت ايمان آڻڻ قبول ناهي پر مسلمان جي مرڻ وقت توبہ قبول آهي، مؤمن جي لاءِ رحمت ۽ ڀلو گهڻو هوندو. ٣- "وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْهُدٰى" (۽ البتہ تحقيق اسان موسىٰ کي هدايت ڏني) هن مان معلوم ٿيو تہ سيني ماڻهن کي هدايت نبي سڳوري کان ملندي آهي ۽ نبي سڳوري کي الله جل شانه کان هدايت ملندي آهي.

لَخَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اَكْبَرُ مِنْ خَلْقِ النَّاسِ وَلٰكِنَّ

البتہ پيدا ڪرڻ آسمانن ۽ زمين جو وڏو آهي ماڻهن جي پيدا ڪرڻ کان ۽ پر

اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ (٥٧) وَمَا يَسْتَوِى الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ۙ وَالَّذِيْنَ

گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن ۽ نٿا برابر ٿين انڌو ۽ ڏسندڙ ۽ (نہ) اهي

(١) المدارڪ صہ ٧٢ جز ٤٠ جلد ٢ (٢) تنويرالاذهان صہ ٤٣١ جلد ٣

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَلَا الْمُسِیْٓءُ قَلِیْلًا مَّا تَتَذَكَّرُوْنَ (٥٨)

جن ايمان آندو ۽ صالح عمل كيائون ۽ نہ برائي كندڙ ٿوري نصيحت وٺو ٿا

اِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِیَةٌ لَّا رَیْبَ فِیْهَا وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ

بيشڪ قيامت البتہ اچڻ واري آهي ناهي ڪو شڪ ان ۾ پر گهڻا ماڻهو

لَا یُؤْمِنُوْنَ (٥٩)

ايمان نٿا آڻين.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ بيان ٿيو تہ ڪافر ڪنهن دليل کان سواءِ الله جي آيتن، قدرتي ڪمالات جي متعلق جهيڙو ڪن ٿا ۽ اهي جيئرو ٿي قبرن مان اٿڻ کي محال سمجهي ان جو انڪار ڪن ٿا ۽ هتي ان ڳالهہ جي ممڪن هجڻ جو اهڙو دليل ڏنو ويو آهي جنهن سان شڪ شبها ختم ٿي وڃن ٿا. فرمان ايزدي آهي "لَخَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اَكْبَرُ مِنْ خَلْقِ النَّاسِ" البتہ آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ ماڻهن جي پيدا ڪرڻ کان وڏو آهي. يعني ڪنهن مادي ۽ نموني جي هجڻ کان سواءِ آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪرڻ نفوس ۽ سينن ۾ ماڻهن جي پيدا ڪرڻ کان وڏو آهي انهن جا جسم بہ وڏا آهن انهن جو ٿنڀ کان سواءِ بيهڻ، افلاڪ ۾ ستارن جو هلڻ وڏيڪ حيران ڪندڙ آهي پوءِ جيڪو الله جل جلاله انهن کي وجود ڏيڻ تي قادر آهي اهو انسانن کي قبرن مان جيئرو ڪري اٿارڻ تي بہ قادر آهي "وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا یَعْلَمُوْنَ" ۽ پر گهڻا ماڻهو نٿا ڄاڻن. يعني اهي مشرڪ هن حجت کي تدبر ڪري نٿا ڄاڻن ۽ نہ اهو فڪر ڪن ٿا تہ الله عز اسمہ کي ڪابہ شيءِ عاجز بنائي نٿي سگهي. اهو جيئن بہ ڪري قادر آهي "وَمَا یَسْتَوِی الْاَعْمٰى وَالْبَصِیْرُ" ۽ انڌو ۽ ڏسندڙ برابر نٿا ٿين. انڌي مان مراد ڪافر ۽ ڏسندڙ مان مراد مؤمن آهن. مطلب تہ جيڪو ڪافر الله جل شانہ

جي حجتن کي اکين سان ڏسي غور، فکر ڪري، عبرت وٺي ان جي وحدانيت ۽ قدرت کي نٿو مڃي اهو انڌو آهي. اِهو ڪافر ۽ اهو مؤمن جيڪو اهي دليل ڏسي، فکر ڪري نصيحت وٺي الله جل جلاله جي توحيد ۽ قدرت تي ايمان آڻي ٿو برابر ناهن. "وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَلَا الْمُسِيْٓءُ" ۽ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا ۽ برا ڪم ڪندڙ (برابر) ناهن. فرمانبردار ۽ بي فرمان ۾ فرق آهي. "قَلِيْلًا مَّا تَتَذَكَّرُوْنَ" ٿوري تا نصيحت وٺو. يعني الله عز برهانه جي انهن قدرتي ڪمالات کي ڏسي اوهان ٿوري نصيحت پرايو ٿا جيڪڏهن صحيح نموني سان سوچيو ها ته اوهان کي مڃڻو پوي ها ته اوهان الله جل مجده جي قدرت ۽ وحدانيت جو انڪار ڪري وڏي غلطي ڪري رهيا آهيو.

"اِنَّ السَّاعَةَ لَاٰتِيَةٌ لَّا رَيْبَ فِيْهَا" بلاشڪ قيامت اچڻ واري آهي ان ۾ ڪو به شڪ ناهي. مطلب ته قيامت جو ڏينهن جنهن ۾ الله ڪريم عملن کي ثواب يا عذاب لاءِ جيئرو ڪندو. اهو ضرور ايندو ان ۾ ڪنهن به قسم جو شڪ ناهي. "وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ" ۽ پر گهڻا ماڻهو ايمان نٿا آڻين. يعني انهن قوي دليلن ۽ حجتن هوندي به ماڻهن مان اڪثر انهن ڳالهين کي نٿا مڃن ۽ نٿا ايمان وارا ٿين.(١)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

١- "لَخَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اَكْبَرُ مِنْ خَلْقِ النَّاسِ" (البته آسمانن ۽ زمين جو پيدا ڪرڻ ماڻهن جي پيدا ڪرڻ کان وڏو آهي) ان مان مراد آهي ته اهي شيون ماڻهن جي نظر ۾ وڏيون آهن پر الله جلت عظمته جي قدرت جي اڳيان هر شيءِ ننڍي هجي يا وڏي برابر آهي.

٢- "وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ" (۽ پر گهڻا ماڻهو ڄاڻن نه ٿا) مان واضح ٿيو ته هڪڙين شين تي ٻين کي قياس ڪري ديني دليل نه وٺڻ ڪافرن جو طريقو آهي. ۽ هڪڙين شين سان ٻين شين لاءِ استدلال مؤمن جو رستو آهي ان جي ڪري قياس شرعي تي اعتراض ڪرڻ غلط آهي. ٣- "وَمَا يَسْتَوِي الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ" "الاية" (۽ انڌو ۽ سڄو- ۽ صالح عمل ڪرڻ وارو مؤمن ۽ برا عمل ڪندڙ

(١) المراغي ص ٨٦ جز ٢٤ جلد ٨

برابر ناهن، جڏهن انڌو ۽ ڏسندڙ، بدڪار ۽ نيڪوڪار برابر ناهن ته نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم ۽ امت ڪيئن برابر ٿيندا. جيڪي ماڻهو چوندا آهن ته جهڙو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم تهڙا اسين. اهي هن آيت تي غور ڪن ۽ ان غلط سوچ ۽ گمراهيءَ کان سچي توبه ڪن.

وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُونِيٓ أَسْتَجِبْ لَكُمْ ۚ إِنَّ

۽ فرمايو اوهان جي رب مون کان دعا گهرو ته قبول ڪيان اوهان جي (دعا) بيشڪ

الَّذِيْنَ يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِيْ سَيَدْخُلُوْنَ جَهَنَّمَ

اهي ڄاڻها جيڪي وڏائي ڪن ٿا منهنجي عبادت کان جلد داخل ٿيندا جهنم ۾

دَاخِرِيْنَ ؏ (٦٠) اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ

ذليل ٿي الله اهو آهي جنهن ٺاهي اوهان جي لاءِ رات تانته آرام ڪيو ان ۾

وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا ۭ اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ

۽ ڏينهن کي روشن بيشڪ الله البته فضل ڪرڻ وارو آهي ماڻهن تي ۽ پر

اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ (٦١) ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ

گهڻا ماڻهو نٿا شڪر ڪن اهو الله اوهان جو رب آهي

خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ ۘ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۡ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ (٦٢)

هر شيءِ جو پيدا ڪندڙ آهي ناهي ڪوبه معبود ان کان سواءِ پوءِ ڪيڏانهن ڦيرايا وڃو ٿا

كَذٰلِكَ يُؤْفَكُ الَّذِيْنَ كَانُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ يَجْحَدُوْنَ (٦٣)

اهڙي طرح اونڌا ڪيرايا وڃن ٿا اهي جيڪي الله جي آيتن جو انڪار ڪندا آهن

ع ٢ ۱۱

وقف لازم

اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ قَرَارًا وَّالسَّمَآءَ بِنَآءً

الله اهو آهي جنهن ڪيو اوهان جي لاءِ زمين کي آرام جي جاءِ ۽ آسمان کي ڇت

وَّصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ وَرَزَقَكُمْ

۽ صورت ڏنائين اوهان کي پوءِ سهڻو بنايائين اوهان جي صورتن کي ۽ رزق ڏنائين اوهان کي

مِّنَ الطَّيِّبٰتِ ۭ ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ ښ فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ (۶۴)

پاڪ شين مان اهو الله اوهان جو رب آهي پوءِ برڪت وارو آهي الله پالڻهار جهانن جو

هُوَ الْحَيُّ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ

اهو زنده آهي ناهي ڪو معبود ان کان سواءِ پوءِ ان جي عبادت ڪيو سچو ڪندڙ ان جي لاءِ

الدِّيْنَ ۭ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ (۶۵)

دين کي سڀ ساراهه الله جهانن جي رب لاءِ ثابت آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ثابت ڪيو ويو ته قيامت جو ڏينهن حق آهي ۽ ان ۾ نفعو الله جي اطاعت سان ملندو ته هتي اطاعت جي ڪري ڪيل عبادت جي مغز دعا جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ" ۽ اوهان جي رب فرمايو ته مون کان دعا گهرو ته اوهان جي دعا قبول فرمايان. هتي دعا مان مراد ۾ ٻه قول آهن. ١- دعا مان مراد عبادت ڪرڻ آهي نعمان بن بشير رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کان ٻڌو پاڻ فرمايائون ته "اَلدُّعَاءُ هُوَالْعِبَادَةُ" عبادت ئي دعا آهي. ابو عيسىٰ (ترمذي) فرمايو ته هيءَ حديث حسن، صحيح آهي. ۽ اها ان تي دلالت ٿي ڪري ته دعا مان مراد عبادت آهي ۽

اڪثر مفسرن بہ ائين چيو آهي پوءِ آيت جي معنىٰ آهي تہ "مون کي هڪ مڃي منهنجي عبادت ڪيو تہ مان اوهان جي عبادت قبول ڪيان ۽ اوهان جا گناهہ بخشي ڇڏيان. ٢- ٻيو قول آهي تہ ان مان مراد آهي مون کي ياد ڪري دعا گهرو. مون کان سوال ڪيو تہ مان اوهان کي عطا فرمايان. حضرت انس رضي الله عنه روايت ڪئي آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو "لِيَسْأَلْ أَحَدُكُمْ رَبَّهُ حَاجَتَهُ كُلَّهَا حَتَّى يَسْأَلَهُ شِسْعَ نَعْلِيْهِ إِذَا انْقَطَعَ" مناسب آهي تہ اوهان مان هر هڪ پنهنجي سموري حاجت پنهنجي رب کان گهري تانجو جيڪڏهن ان جي جتيءَ جي وڌهي ڇڄي پوي تہ بہ ان کان گهري. (١) دعا گهرڻ ۾ تمام گهڻيون ڀلايون آهن. خصوصًا اهي دعائون گهرجن ۽ پڙهجن جيڪي سهڻي نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن پاڻ پڙهيون. ۽ ٻڌايون آهن. مون گنهگار انهن دعائن مان گهڻيون دعائون مستند حوالن مان گڏ ڪري هڪ ڪتاب نالي (محبوب جون محبوب دعائون) ڇپايو آهي جنهن جي دل گهري تہ اهو ڪتاب پڙهي اهي دعائون گهري برڪتون حاصل ڪري "إِنَّ الَّذِينَ يَسْتَكْبِرُونَ عَنْ عِبَادَتِي سَيَدْخُلُونَ جَهَنَّمَ دَاخِرِينَ" بلاشڪ جيڪي (ٻانها) اسان جي عبادت کان وڏائي ڪن ٿا جلد ذليل ٿي جهنم ۾ داخل ٿيندا. يعني جيڪي شخص منهنجي عبادت کان تڪبر ڪن ٿا يا وڏائي ڪندي مون کان دعا نٿا گهرن اهي ٿوري عرصي کان پوءِ ذليل ڪري جهنم ۾ داخل ڪيا ويندا. علامه رازي عليه الرحمۃ لکيو آهي تہ: هي الله تعالىٰ جي طرفان وڏو احسان آهي جو دعا نہ گهرڻ تي اهڙو سخت عذاب ٻڌايو اٿس.

سوال.

جيڪڏهن ڪو چوي تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن الله عز اسمه کان روايت آندي آهي: الله فرمايو تہ "جنهن کي منهنجي ذڪر مون کان دعا گهرڻ کان مشغول رکيو تہ مان ان کي (ٻين) سائلن کان وڌيڪ ڏيندس" ان مان معلوم ٿيو تہ دعا ڇڏڻ جي ڪري عذاب نہ ٿيڻ گهرجي.

جواب.

علامه موصوف لکيو تہ ان ۾ شڪ ناهي تہ جڏهن ٻانهي جو عقل الله جل شانه

(١) القرطبي ص٣٢٦-٣٢٧ جلد ١٥ تفسير ابن ڪثير ص٨٥ جلد ۴

جي ثناء ۾ مستغرق هوندو تہ اها ڪيفيت دعا کان ڀلي آهي ڇوتہ دعا ۾ ڪنهن نہ ڪنهن حظ (حصي) جي طلب هوندي آهي ۽ الله جل جلاله جي معرفت ۾ مستغرق رهڻ ان حظ جي طلب کان افضل آهي پر جنهن کي اهو استغراق حاصل نہ هوندو ان جي لاءِ دعا ۾ مشغول رهڻ ڀلو آهي. (١)

متڪبر جي لاءِ سزا.

امام احمد عمرو بن شعيب کان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو ”قيامت جي ڏينهن متڪبر “هنيلا” ننڍڙين ڪولين وانگر ماڻهن جي صورتن ۾ اٿاريا ويندا انهن جي ذليل ڪرڻ جي لاءِ هر شيءِ انهن کي لتاڙيندي تانجو جهنم جي ان جيل ۾ داخل ٿيندا جنهن کي بولس سڏيو ويندو انهن جي مٿان (اتي بہ) باهين جي باهہ ڇڙهندي ۽ طينة الخبال، جهنم وارن مان نڪرندڙ گندو پاڻي پياريا ويندا.“(٢) ”اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الَّيْلَ لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ وَالنَّهَارَ مُبْصِرًا“ الله اهو آهي جنهن اوهان جي لاءِ رات بنائي آهي تانتہ اوهان ان ۾ آرام ڪيو ۽ ان (اوهان جي لاءِ) ڏينهن کي روشن ڪيو آهي. يعني الله جل جلالہ جو هي بہ اوهان تي احسان آهي جنهن رات کي اوهان جي سڪون حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٺاهيو. اوهان ان ۾ سڪون حاصل ڪيو ڏينهن واري ڪم ڪار جون ٿڪاوٽون لاهيو ۽ انهيءَ اوهان جي لاءِ ڏينهن کي روشن بنايو تانتہ اوهان ان ۾ روزي ڪمايو ۽ ڪاروبار هلايو ”اِنَّ اللّٰهَ لَذُوْ فَضْلٍ عَلَى النَّاسِ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَشْكُرُوْنَ“ بلاشڪ الله البتہ ماڻهن تي فضل ڪرڻ وارو آهي ۽ پر گهڻا ماڻهو شڪر نٿا ڪن. يعني مالڪ مٿو تہ ماڻهن تي گهڻو مهربان آهي پر گهڻا ماڻهو ان جي نعمتن جو شڪر ادا نٿا ڪن.

”ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَاَنّٰى تُؤْفَكُوْنَ“ اهو الله اوهان جو رب آهي هر شيءِ جو خالق آهي ان کان سواءِ ڪوبہ عبادت جو لائق ناهي پوءِ ڪيڏانهن ٿا ڦيرايا وڃو. يعني اوهان تي مذڪور احسان جنهن فرمايو اهوئي الله اوهان جو رب آهي سڀ شيون ان پيدا ڪيون آهن ان جي مقدس ذات کان سواءِ ڪير بہ عبادت جو لائق نہ آهي. پوءِ ان کي ڇڏي ٻين جي عبادت ڪري ڪيڏانهن ٿا ڦيرايا وڃو؟ انهن جي پوڄا ڪيئن ڪيو ٿا جيڪي خالق ناهن مخلوق آهن

" كَذَالِكَ يُؤْفَكُ الَّذِيْنَ كَانُوْا بِاٰيٰتِ اللهِ يَجْحَدُوْنَ " اهڙي طرح اهي ڦيرايا ويا جيڪي الله جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا. يعني جيئن هي غيرالله جي عبادت ڪري گمراهه ٿيا آهن تيئن هنن کان اڳي اهي به گمراهه ٿي ڦيرايا ويا هئا جن ڪنهن دليل ۽ برهان کان سواءِ خالص جهل ۽ بي علميءَ جي ڪري غيرالله جي عبادت ڪئي هئي "اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ قَرَارًا وَّالسَّمَآءَ بِنَآءً" سچو معبود اهو آهي جنهن اوهان جي لاءِ زمين کي قرار جي جاءِ بنايو ۽ آسمان کي ڇت (بنايو). يعني عبادت جو حقدار، سچو معبود اهو آهي جنهن اوهان جي لاءِ زمين کي قرار وٺڻ جي جاءِ بنايو ان ۾ گذر ڪيو پيا هلو ڦرو، گهمو ٿا ان ۾ جبلن جون اهڙيون وزن دار ميخون هنيو اٿس جو لڏي ۽ چري به نٿي ۽ ان جي مٿان آسمان کي محفوظ ڇت بنايو اٿس. "وَّصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ" ۽ اوهان کي صورت ڏنائين پوءِ اوهان جي صورتن کي سهڻو بنايائين. مطلب ته اوهان کي نهايت ڪامل ۽ سهڻين صورتن ۾ پيدا فرمايائين. "وَرَزَقَكُمْ مِنَ الطَّيِّبٰتِ" ۽ اوهان کي پاڪ شين مان رزق ڏنائين. کائڻ ۽ پيئڻ جون پاڪ صاف شيون عنايت ڪيائين اهوئي اوهان جو رازق آهي. " ذٰلِكُمُ اللهُ رَبُّكُمْ فَتَبٰرَكَ اللهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ" اهو الله ئي اوهان جو رب آهي پوءِ الله جهانن جو رب برڪت وارو آهي. يعني اوهان جي پرورش ڪرڻ وارو، اوهان جي لاءِ سڀ انتظام ڪندڙ، سيني جهانن جو پالڻهار ئي اوهان جو سچو معبود آهي. " هُوَ الْحَيُّ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ" اهوئي زنده آهي ان کان سواءِ ڪوبه عبادت جو لائق ناهي. مقصد ته اهو هميشه هو، آهي ۽ رهندو، ازلي، ابدي، اول آخر، لم يزل ولا يزال، ظاهر ۽ باطن اهو آهي زنده آهي ٻين کي به زندگي ڏيندڙ آهي "فَادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ" پوءِ ان جي لاءِ دين کي خالص بنائيندي صرف ان جي عبادت ڪيو. مطلب ته ان جي توحيد مڃيندي، ان هڪ لاءِ سچي معبود هجڻ جو اقرار ڪندي ان جي پوڄا ڪيو "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ" سڀ ساراهه جهانن جي رب، الله جي لاءِ ثابت آهي.

سعيد بن جبير جو قول آهي ته جڏهن "فَادْعُوا اللهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ" پڙهين ته ان جي پويان "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ" پڙهندو ڪر. (١)

(١) تفسير ابن ڪثير ص ٨٦-٨٧ جلد ۴

فائدا.

مذكوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. "وَقَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ" (۽ اوهان جي رب فرمايو ته مون کان دعا گهرو ته مان اوهان جي دعا قبول ڪيان) مان معلوم ٿيو ته الله عز اسمه کان دعا سان هر ننڍي يا وڏي شيءِ گهرڻ عبادت آهي ڇوته ان جو حڪم آيو آهي ۽ خيال ۾ رکڻ گهرجي ته هتي جنهن عبادت يا دعا جي قبول ڪرڻ جو وعدو آيو آهي ان مان مراد اها آهي جيڪا قبول ڪرڻ جي لائق آهي ۽ هتي دعا جي قبوليت جو وعدو آهي وقت جي تقرر جو وعدو ناهي ڪنهن دعا جو اثر جلد ظاهر ٿيندو آهي ته ڪنهن جو دير سان ڪنهن جو اثر دنيا ۾ ظاهر ٿيندو آهي ته ڪنهن جو آخرت ۾ ڪڏهن دعا سان ڪا بي اچڻ واري مصيبت ٽري ويندي آهي.

٢- "لِتَسْكُنُوْا فِيْهِ" (تانته اوهان ان ۾ آرام ڪيو) مان معلوم ٿيو ته رات انسان جي سڪون ۽ راحت حاصل ڪرڻ جي لاءِ آهي. مفسرن ڀلارن فرمايو آهي ته رات جي پهرئين حصي ۾ آرام ڪري بدن جي ٿڪاوٽ لاهجي ۽ پوئين حصي ۾ اٿي الله جي بارگاهه ۾ روئي جسماني ۽ روحاني راحت حاصل ڪجي. رات کي راندين ۽ تماشن ۾ گذارڻ گناهه آهي هرو ڀرو جاڳڻ به مناسب ناهي.

قُلْ اِنِّيْ نُهِيْتُ اَنْ اَعْبُدَ الَّذِيْنَ

فرماءِ ته بيشڪ مان روڪيو ويو آهيان هن کان ته عبادت ڪيان انهن جي جن جي

تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَمَّا جَآءَنِيَ الْبَيِّنٰتُ مِنْ رَّبِّيْ

اوهان عبادت ڪيو ٿا الله کان سواءِ جڏهن مون وٽ روشن دليل آيا منهنجي رب وٽان

وَاُمِرْتُ اَنْ اُسْلِمَ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ (٦٦)

۽ امر ڪيو ويو آهيان مان ته ڪنڌ جهڪايان مان جهانن جي رب جي لاءِ

هُوَالَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ

اهوئي آهي جنهن پيدا ڪيو اوهان کي مٽيءَ مان ان کان پوءِ منيءَ جي ڦڙي مان

ثُمَّ مِنْ عَلَقَةٍ ثُمَّ يُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ

ان کان پوءِ رت جي دڳ مان ان کان پوءِ ڪڍي ٿو اوهان کي ٻار ڪري ان کان پوءِ

لِتَبْلُغُوْٓا اَشُدَّكُمْ ثُمَّ لِتَكُوْنُوْا شُيُوْخًا ج

تانته پهچو پنهنجي جوانيءَ کي تنهن کان پوءِ تانته ٿيو اوهان پوڙها

وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّتَوَفّٰى مِنْ قَبْلُ وَلِتَبْلُغُوْٓا اَجَلًا

۽ اوهان مان ڪو وفات ڪرايو وڃي ٿو اڳ ۾ تانته پهچو مدي

مُّسَمًّى وَّلَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ (٦٧) هُوَالَّذِيْ يُحْيٖ

مقرر ڪيل کي ۽ مان اوهان سمجهو. اهوئي آهي جيڪو جيئرو ڪري ٿو

وَيُمِيْتُ فَاِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ

۽ ماري ٿو پوءِ جڏهن حڪم ڪندو آهي ڪنهن امر جو پوءِ رڳو فرمائي ٿو ان لاءِ

كُنْ فَيَكُوْنُ ع (٦٨). ١٢

ٿيءُ پوءِ ٿي پوي ٿو.

تفسير

اڳين آيتن ۾ رب العزة جلت صفاته پنهنجي صفات جلاليه ۽ جماليه جو ذڪر فرمايو ۽ هتي پنهنجي پياري رسول صلى الله عليه وسلم جن کي حڪم ڪيو ته

"اوهان چئو تہ مان غيرالله جي عبادت کان منع ڪيو ويو آهيان" فرمان مبارڪ آهي "قُلْ اِنِّيْ نُهِيْتُ اَنْ اَعْبُدَالَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللهِ لَمَّا جَآءَنِيَ الْبَيِّنٰتُ مِنْ رَّبِّيْ"؛ فرماءِ تہ جڏهن مون وٽ منهنجي رب وٽان روشن دليل آيا آهن تہ مان انهن جي عبادت کان روڪيو ويو آهيان جن جي اوهان الله کان سواءِ عبادت ڪيو ٿا. يعني اي حبيب پاڪ! صلي الله عليہ وسلم اوهان پنهنجي قريشي قوم جي مشرڪن ۽ ٻين کي فرمايو تہ مون وٽ منهنجي پروردگار وٽان، روشن دليل آيا آهن مان انهن بتن ۽ ٻين باطل معبودن جي عبادت کان روڪيل آهيان. آيات مان مراد قرآن ڪريم جون آيتون آهن جيڪي عقلي دليلن جون تائيد ڪندڙ آهن ۽ اهي تڪويني ۽ انفسي آيات جو تفسير آهن. "وَاُمِرْتُ اَنْ اُسْلِمَ لِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ" ۽ مان امر ڪيل آهيان تہ پنهنجو ڪنڌ (صرف) جهانن جي رب جي لاءِ جهڪايان. صرف ان جي عبادت ڪيان جڏهن ان جي سچي معبود هجڻ جي لاءِ قرآني آيتون ۽ آفاقي ۽ انفسي دلائل موجود آهن تہ صرف ان جي اڳيان عبادت جي لاءِ جهڪان ٿو نہ ڪنهن ٻئي جي لاءِ.

"هُوَالَّذِيْ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ مِنْ نُّطْفَةٍ ثُمَّ مِنْ عَلَقَةٍ ثُمَّ يُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوْٓا اَشُدَّكُمْ ثُمَّ لِتَكُوْنُوْا شُيُوْخًا ۚ وَمِنْكُمْ مَّنْ يُّتَوَفّٰى مِنْ قَبْلُ وَلِتَبْلُغُوْٓا اَجَلًا مُّسَمًّى وَّلَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ" اهوئي (الله) آهي جنهن اوهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو ان کان بعد منيءَ جي ڦڙي مان ان کان بعد رت جي دڳ مان ان کان بعد اوهان کي ٻار ناهي ٻاهر ڪڍي ٿو ان کان بعد تانتہ اوهان پنهنجي جوانيءَ کي پهچو ان کان بعد تانتہ اوهان پوڙها ٿيو ۽ اوهان مان ڪو اهڙو آهي جيڪو اڳي وفات ڪرايو وڃي ٿو ۽ تانتہ مقرر ڪيل مدي کي پهچو ۽ تانتہ اوهان سمجهو. هتي انسان جي شروعات کان پڇاڙيءَ تائين ان تي اچڻ وارن دورن جو ذڪر ڪيو ويو آهي تہ الله عز برهانہ اوهان جو اصل مٽيءَ مان پيدا فرمايو. ڇوتہ هر انسان مني مان خلقيل آهي مني رت مان، رت غذائن مان ٺهي ٿو، غذائون سلن مان ۽ سلا مٽيءَ ۽ پاڻيءَ مان پيدا ٿين ٿا. ان جي ڪري هر انسان جو اصل مٽي آهي ۽ اهي سڀ مرحلا طي ڪري انسان ٻار جي صورت ۾ ماءُ جي پيٽ مان ٻاهر نڪري ٿو. نڪرڻ کان پوءِ ان جي عمر جا

تي مرحلا آهن جيڪي قرآن ڪريم بيان فرمايا. ١- ٻار هجڻ. ٢- جوان هجڻ. ٣- پوڙهوٿيڻ. ۽ ڪي تہ اڳ ۾ وفات ڪري وڃن ٿا ۽ اهو سڀ ڪجھہ ان جي لاءِ ڪيو اٿس تہ اوهان مقرر ڪيل مدي تائين پهچو ۽ اهو قيامت جو ڏينهن آهي ۽ اوهان سمجهو تہ جيڪو قادر ڪريم انسان کي انهن سڀني مرحلن مان اڳتي آڻڻ تي قدرت رکي ٿو اهو قبرن مان اٿارڻ تي بہ قوت ۽ قدرت رکي ٿو.

"هُوَالَّذِيْ يُحْيٖ وَيُمِيْتُ فَاِذَا قَضٰٓى اَمْرًا فَاِنَّمَا يَقُوْلُ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ" اهوئي جياري ٿو ۽ ماري ٿو، پوءِ جڏهن ڪنهن امر جو حڪم ڪندو آهي پوءِ رڳو فرمائي ٿو تي ۽ تہ ٿي پوي ٿو. يعني الله جل شانه جي قدرت جو ڪمال آهي جو جنهن کي گهري تہ مرڻ کان پوءِ جيئرو ڪري ۽ جنهن کي جيئرن مان مارڻ گهري تہ ماري ڇڏي ۽ جنهن بہ امر جو ارادو ڪندو آهي ان جي لاءِ صرف چوندو آهي تيءِ تہ ٿي پوندو آهي ان ۾ ڪيس ڪا تڪليف يا رڪاوٽ سامهون نہ ايندي آهي.

فائدا.

مذڪوره آيات مان هي ڳالهيون سامهون اچن ٿيون. ١- "قُلْ اِنِّيْ نُهِيْتُ" (فرماءِ تہ مان روڪيو ويو آهيان الخ) هن آيت مان معلوم ٿيو تہ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن قرآن ڪريم جي نزول کان پهريان ئي غيرالله جي عبادت کان روڪيل ۽ بچايل هئا. تڏهن تہ پاڻ نبوت جي اظهار ۽ قرآن پاڪ جي نزول کان پهريان بہ غيرالله جي عبادت کان پاڪ ۽ صاف رهيا هئا.

٢- "جَآءَنِيَ الْبَيِّنٰتُ مِنْ رَّبِّيْ" (مون وٽ منهنجي رب وٽان روشن دليل آيا) مان مراد صرف قرآن ڪريم جون آيتون ناهن انهن ۾ الله جي توحيد جا اهي دلائل بہ داخل آهن جيڪي رب ڪريم نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي پهريان ئي سمجهائي ڇڏيا هئا چوتہ پاڻ شروع کان ئي دين فطرت تي قائم رب جا عابد ۽ ساجد محبوب هئا ان جي ڪري آيت جي اها معنىٰ ناهي تہ جڏهن قرآن پاڪ نازل ٿيو تہ پوءِ مون بتن جي پوڄا ڇڏي ڏني.

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ ۭ اَنّٰى يُصْرَفُوْنَ ۚ (٦٩)

ڇا نہ ڏٺو تو انهن ڏانهن جيڪي جهيڙو ڪن ٿا الله جي آيتن سان ڪٿانهن ڦيرايا وڃن ٿا

الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِالْكِتٰبِ وَبِمَآ اَرْسَلْنَا بِهٖ رُسُلَنَا ڜ

جن ڪوڙو ڄاتو ڪتاب کي ۽ ان کي جو موڪليو اسان ان سان پنهنجن رسولن کي

فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ۙ (٧٠) اِذِ الْاَغْلٰلُ فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ وَالسَّلٰسِلُ ۭ

پوءِ سگهو ئي ڄاڻندا جڏهن ڳٽ انهن جي ڳچين ۾ هوندا ۽ زنجير

يُسْحَبُوْنَ ۙ (٧١) فِي الْحَمِيْمِ ڏ ثُمَّ فِي النَّارِ يُسْجَرُوْنَ ۚ (٧٢)

گهليا ويندا ٽهڪندڙ پاڻيءَ ۾ ان کان پوءِ باھ ۾ تڇڪايا ويندا

ثُمَّ قِيْلَ لَهُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ تُشْرِكُوْنَ ۙ (٧٣)

ان کان پوءِ چيو ويندو انهن کي تہ ڪٿي آهن اهي جن کي شريڪ بنائيندا هيئو

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۭ قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا بَلْ لَّمْ نَكُنْ نَّدْعُوْا مِنْ قَبْلُ شَيْــــًٔا ۭ

الله کان سواءِ چوندا تہ گم ٿي ويا اسان کان بلڪہ نہ ٿي پوڄيو اسان اڳي ڪنهن شيءِ کي

كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ الْكٰفِرِيْنَ (٧٤) ذٰلِكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَفْرَحُوْنَ

اهڙي طرح گمراھ ڪندو آهي الله ڪافرن کي اهو ان سببان جو خوشيون ڪندا هيئو

فِي الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ تَمْرَحُوْنَ ۚ (٧٥) اُدْخُلُوْٓا

زمين تي ناحق ۽ ان سببان جو ناز ڪندا هيئو داخل ٿيو

اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خَالِدِيْنَ فِيْهَا ۚ فَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ (٧٦)

دروازن جهنم جي مان هميشه رهندڙ ان ۾ پوءِ بڇڙي آهي جاءِ هٺيلن جي.

تفسير.

جيئن هن کان اڳي انهن ڪافرن جو حال بيان ٿيو جيڪي الله عز برهانه جي شان ۽ ان جي آيتن جي باري ۾ جهڳڙو ڪندا هئا تيئن هتي به انهن جي حال تي عجب ڪندي بيان ڪيو ويو آهي فرمان عالي شان آهي "اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يُجَادِلُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِ اللّٰهِ ۭ اَنّٰى يُصْرَفُوْنَ" ڇا نه ڏٺو تو انهن ڏانهن جيڪي الله جي آيتن ۾ جهيڙو ڪن ٿا ڪيڏانهن ڦيرايا وڃن ٿا. يعني انهن کي ڏسو ۽ انهن جي حال مان عجب وٺو جو انهن صاف ۽ روشن دليلن هوندي به اهي هدايت قبول نٿا ڪن الله عز اسمه جي آيتن ۾ جهڳڙو، جهيڙو ڪرڻ. انهن تي خواه مخواه اعتراض ڪرڻ انهن جي عادت بڻجي وئي آهي. هدايت جي دليلن هوندي اهي ڪيڏانهن ڦيرايا وڃن ٿا "اَلَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِالْكِتٰبِ وَبِمَآ اَرْسَلْنَا بِهٖ رُسُلَنَا" جن ڪتاب کي ۽ ان کي ڪوڙو ڇيو جنهن سان اسان پنهنجن رسولن کي موڪليو هو. يعني اهي ئي آهن جن قرآن ڪريم ۽ ان پيغام کي به ڪوڙو ڇيو جنهن سان اسان پنهنجن رسولن کي موڪليو هو. اهو پيغام هو اخلاص سان الله وحده لاشريڪ له جي عبادت ڪرڻ ۽ غيرالله جي عبادت کان پري رهڻ "فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ اِذِ الْاَغْلٰلُ فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ وَالسَّلٰسِلُ ۭ يُسْحَبُوْنَ فِي الْحَمِيْمِ ۙ ثُمَّ فِي النَّارِ يُسْجَرُوْنَ" پوءِ جلد ڄاڻندا جڏهن انهن جي ڳچين ۾ ڳٽ ۽ زنجير هوندا (جهنم جي) ٽهڪندڙ پاڻيءَ ۾ گهليا ويندا ان کان پوءِ باهه ۾ تڇڪايا ويندا. يعني جيڪي خبرون اسين هنن کي ٻڌايون ٿا ۽ هي انهن کي ڪوڙو چون ٿا انهن جي حقيقت جي سچائي تڏهن ڄاڻندا جڏهن قيامت جي ڏينهن سندن ڳچين ۾ ڳٽ ۽ زنجير پيل هوندا گرم، ٽهڪندڙ پاڻيءَ ۾ داخل ڪري گهليا ويندا ته سندن هڏن تان سندن کلون ۽ گوشت ڇڄي ڪري پوندو وري جهنم جي باهه ۾ ٽهڪايا ويندا. (العياذ بالله) "ثُمَّ قِيْلَ لَهُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ تُشْرِكُوْنَ ۙ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۭ قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا

بَلْ لَّمْ نَكُنْ نَّدْعُوْا مِنْ قَبْلُ شَيْئًا: ان کان پوءِ انهن کي چيو ويندو تہ جن کي الله کان سواءِ شريڪ بنائيندا هيئو اهي ڪٿي آهن؟ چوندا تہ اسان کان گم ٿي ويا بلڪہ اسين اڳي ڪنهن بہ شيءِ کي نہ پوڄيندا هئاسين. مطلب 'تہ انهن کي ملامت ڪندي شرمائيندي چيو ويندو تہ جن بتن کي الله کان سواءِ پوڄيندا هيئو الله سان شريڪ بنائيندا هيئو اهي اوهان کي هينئر ڇو نٿا ڇڏائين؟ جواب ۾ چوندا تہ اهي اسان کان غائب ٿي ويا اسان کي مصيبتن ۾ ڦاسائي هليا ويا. نہ. بلڪہ حق هي آهي تہ اسين هن کان اڳي ڪنهن بہ اهڙي شيءِ کي نہ پوڄيندا هئاسون جنهن تي اعتماد ڪيو وڃي. ۽ هي ائين آهي جيئن محاوري ۾ چيو ويندو آهي تہ مون سمجهيو تہ فلاڻو ڪا شيءِ آهي پر اهو تہ ڪا شيءِ ناهي. (١)

"كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللّٰهُ الْكٰفِرِيْنَ" اهڙي طرح الله ڪافرن کي گمراهہ ڪندو آهي. هي انهن جي هدايت جي نور کان محروم هجڻ جو وجہ بيان ڪيو ويو آهي "ذٰلِكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَفْرَحُوْنَ فِى الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ تَمْرَحُوْنَ" اهو ان جي ڪري آهي جو اوهان زمين ۾ ناحق خوشي ڪندا هيئو ۽ ان جي ڪري جو اوهان ناز ڪندا هيئو. مقصد تہ هينئر اوهان سان جيڪو ڪجهہ سخت عذاب وغيره ڪيو پيو وڃي اهو اوهان جي انهن خوشين جي ڪري آهي جيڪي اوهان شرڪ ۽ گناهن جي سببان ڪندا هيئو ۽ دنيوي لذتن سان نفعي وٺڻ تي ناز ڪندا هيئو "اُدْخُلُوْٓا اَبْوَابَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا فَبِئْسَ مَثْوَى الْمُتَكَبِّرِيْنَ" جهنم جي دروازن مان داخل ٿيو ان ۾ هميشہ هوندؤ، پوءِ متڪبرن جي جاءِ بري آهي. مطلب تہ جهنم جا ست ئي دروازا اوهان لاءِ کليل آهن انهن مان اندر گهڙندا وڃو ان ۾ اوهان کي هميشہ رهڻو آهي ۽ جيڪي دنيا ۾ وڏائي ڪندي الله کي هڪ نہ مڃيندا هئا ۽ ان جي پيارن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام تي ايمان نہ آڻيندا هئا انهن جي لاءِ جهنم تمام گهٽي بري جاءِ آهي.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- آيت عـ ٧١ ۽ عـ ٧٢ ۾ بيان ٿيل عذاب، ڳچيءَ ۾ ڳٽ ۽ پيرن ۾ زنجير وجهي گهلي دوزخ ۾ اڇلائڻ هي ٽئي قسم

(١) المراغي صـ٩٤ جز٠ ٢٤ جلد٨

عذاب ڪافرن جي لاءِ هوندا. ۽ اها تخصيص. "اَيْنَمَا كُنْتُمْ تُشْرِكُوْنَ" (اهي ڪٿي آهن جن کي شريڪ بنائيندا هيئو) مان معلوم ٿي رهي آهي. ۲- "قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا" (چوندا ته اسان کان غائب ٿي ويا آهن) معلوم ٿيو ته ڪافرن جا باطل معبود بت وغيره به جهنم ۾ هوندا پر انهن جي ڪا مدد ڪري نه سگهندا بلڪ سج. چنڊ. پٿر وغيره سان ته ڪين وڏيڪ ڏنبي ڏنا ويندا. ۳- "كَذٰلِكَ يُضِلُّ اللهُ الْكَافِرِيْنَ" (اهڙي طرح الله ڪافرن کي گمراهه ڪري ٿو). هن جو مطلب اهو ناهي ته الله انهن کي مجبور ڪري ڪافر بنائي ٿو ته پوءِ ٻانهي جو ڪهڙو قصور. پر مطلب هي آهي ته ڪافرن جي ڪافرانه رويه جي ڪري انهن ۾ گمراهي پيدا ڪري ٿو جيئن ڪنهن جانور کي ڪهڻ جي ڪري ان ۾ موت پيدا ڪري ٿو "يُضِلُّ اللهُ" ۾ پيدا ڪرڻ جي نسبت آهي. (۱) ذرا غور ڪري پڙهو.

فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَ اللهِ حَقٌّ ۚ فَاِمَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِيْ

پوءِ صبر ڪر بلاشڪ الله جو وعدو حق آهي پوءِ جيڪڏهن ڏيکاريون توکي ڪجهه ان مان

نَعِدُهُمْ اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِلَيْنَا يُرْجَعُوْنَ (۷۷)

جيڪو وعدو ڏيون ٿا انهن کي يا رحلت ڪرايون اسين توکي پوءِ اسان ڏانهن ئي موٽايا ويندا

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّنْ قَبْلِكَ مِنْهُمْ مَّنْ قَصَصْنَا عَلَيْكَ

۽ البته تحقيق موڪلياسون ڪيترا رسول اڳي توکان ڪي انهن مان اهي آهن جو بيان ڪياسون توسان

وَمِنْهُمْ مَّنْ لَّمْ نَقْصُصْ عَلَيْكَ ۗ وَمَا كَانَ لِرَسُوْلٍ اَنْ يَّاْتِيَ

۽ ڪي انهن مان اهي آهن جو نه بيان ڪياسون توسان ۽ ناهي ڪنهن رسول جي لاءِ ته آڻي

بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللهِ ۚ فَاِذَا جَآءَ اَمْرُ اللهِ قُضِيَ بِالْحَقِّ

معجزو مگر الله جي اذن سان پوءِ جڏهن ايندو امر الله جو ته فيصلو ڪيو ويندو حق سان

(۱) نورالعرفان صہ ۷۵۸

وَخَسِرَ هُنَالِكَ الْمُبْطِلُوْنَ (۷۸)

۽ نقصان وارا ٿيندا اتي باطل وارا.

تفسير.

سورة جي شروعات کان وٺي هيستائين الله جي آيتن ۾ جهيڙو ڪندڙن جو بيان هو ۽ هتي نبي پاڪ صلی الله عليه وسلم جن کي انهن جي تڪليفن ۽ ايذائن تي صبر ڪرڻ جو حڪم ڏيندي فرمان ٿي رهيو آهي. "فَاصْبِرْ اِنَّ وَعْدَاللهِ حَقٌّ" پوءِ صبر ڪر بلاشڪ الله جو وعدو حق آهي. يعني اي محبوب! صلی الله عليه وسلم اوهان سان الله جل جلاله جيڪو ڪافرن کي هلاڪ ڪرڻ جو وعدو ڪيو آهي اهو حق آهي ضرور پورو ٿيندو. اوهان ڪجهہ وقت صبر ڪيو. "فَاِمَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِيْ نَعِدُهُمْ" پوءِ جيڪڏهن توکي ڪجهہ ان مان ڏيکاريون جيڪو انهن کي وعدو ڏيون ٿا. هتي اصل عبارت "فَاِنْ نُرِيَكَ" آهي مازائدي شرط جي تاڪيد لاءِ آيل آهي ۽ ان جي ڪري ئي فعل ۾ نون آندو ويو آهي. (١) "اَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَاِلَيْنَا يُرْجَعُوْنَ" يا اوهان کي رحلت ڪرايون پوءِ اسان ڏانهن موٽايا ويندا. مطلب تہ انهن جي لاءِ بہ حالتون آهن يا تہ انهن کي دنيا ۾ ئي اوهان جي ظاهري زندگيءَ ۾ وعدي مطابق ڪجهہ سزا ڏئي اوهان کي ڏيکاريندا سون جيئن بدر جي ڏينهن کي قتل ڪيا ويا تہ کي قيدي بنايا ويا: يا تہ اوهان کي اڳ ۾ دنيا مان رحلت ڪرائيندا سون پوءِ اهي اسان ڏانهن موٽايا ويندا ۽ قيامت جي ڏينهن اسين انهن کي سندن اعمال جي مطابق سزا ڏينداسون ۽ انهن کان سخت انتقام وٺنداسون. "وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّنْ قَبْلِكَ مِنْهُمْ مَّنْ قَصَصْنَا عَلَيْكَ وَمِنْهُمْ مَّنْ لَّمْ نَقْصُصْ عَلَيْكَ" ۽ البتہ تحقيق اسان اوهان کان اڳي ڪيترا رسول موڪليا انهن مان کي اوهان سان بيان ڪيا اٿئون کي بيان نہ ڪيا اٿئون. يعني اوهان کان اڳي بہ رسول ۽ نبي عليهم الصلواة والسلام پنهنجين پنهنجين امتن ڏانهن موڪليا هئاسون جن اسان جو پيغام پهچايو هو. انهن مان کي اهڙا

(١) المدارڪ ص۷۴ جز ۴ جلد ۲

آهن جن جا نالا مبارڪ ۽ سندن کي پيش آيل حالتون اوهان کي قرآن پاڪ ۾ ٻڌايون اٿئون ۽ ڪن جو ذڪر نہ ڪيو اٿئون. پر جيئن انهن جي امتن ڪائڻ هرو ڀرو معجزا طلب ڪيا هئا اوهان جا مخاطبين بہ اوهان ڪان بار بار معجزا طلب ڪن ٿا تہ اوهان پريشان نہ ٿيو ڪافرن جي اها پراڻي عادت رهي آهي جو بيهوده مطالبا ڪندا وتندا آهن. (١)

انبياء ۽ مرسلين عليهم الصلواة والسلام جو تعداد.

حضرت ابو ذر رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ مون رسول الله صلی الله عليه وسلم جن ڪان عرض ڪري پڇيو تہ نبين جو تعداد ڪيترو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ "هڪ لک چوويهہ (١٢٤٠٠٠) هزار انهن مان ٽي سوء پندرهن (٣١۵) مرسل وڏي جماعت آهن" رواه الامام احمد. (٢) "وَمَا كَانَ لِرَسُوْلٍ اَنْ يَّاْتِيَ بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ" ۽ ناهي مناسب ڪنهن رسول جي لاءِ تہ الله جي اذن ڪان سواءِ ڪو معجزو آڻي. مطلب تہ ڪوبہ رسول سڳورو الله جي اذن ڪان سواءِ صرف ڪافرن جي مطالبي سان معجزا نہ ڏيکاريندو آهي "فَاِذَا جَآءَ اَمْرُ اللّٰهِ قُضِيَ بِالْحَقِّ وَخَسِرَ هُنَالِكَ الْمُبْطِلُوْنَ" پوءِ جڏهن الله جو امر ايندو تہ حق سان فيصلو ڪيو ويندو ۽ اتي باطل وارا نقصان ۾ ويندا. يعني جڏهن الله جي طرفان ڪافرن کي گهيري ۾ وٺندڙ عذاب جو امر ايندو تہ حق جو فيصلو ايندو ۽ الله جي دين کي باطل سمجهندڙ ۽ باطل چوندڙ نقصان ۾ ويندا. سخت عذاب جي حالت ۾ رهندا.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ملن ٿا. ١- "فَاِمَّا" (پوءِ جيڪڏهن) هتي جيڪڏهن جو لفظ رب جي علم جي لحاظ سان ناهي جو ان ۾ ڀڪ نہ هجي الله تعالیٰ تہ عليم خبير آهي مطلب هي آهي تہ ڪافرن تي ڪجهہ عذاب اوهان جي ظاهري حياتيءَ ۾ ايندو جيئن ڪيترين جنگين ۾ ڪٺا ويا ۽ قيدي بنايا ويا يا اوهان جي ظاهري رحلت ڪان پوءِ جيئن اصحابن سڳورن خصوصًا حضرت عمر رضي الله عنهم اجمعين جي دؤر ۾ فتوحات ٿيون ۽ ڪافرن کي ظاهري سزا سان گڏ ذهني پريشانيون عذاب جهڙيون آيون ۽ ڏيکارڻ مان مراد بہ ظاهري اکين سان ڏسڻ آهي

(١) ضياء القرآن ص ٣٢٢ جلد ٤ (٢) المراغي ص ٩٦ جزء ٢٤ جلد ٨

نہ تہ پاڻ هاڻي بہ ساري جهان کي ڏسي رهيا آهن هر ميت قبر جي پڇاڻي وقت حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي ڏسي ٿو تہ ڪيئن ممڪن آهي جو پاڻ ان کي نہ ڏسن. (١)

٢- "مِنْهُمْ مَّنْ قَصَصْنَا عَلَيْكَ" انهن ۾ ڪي اهڙا آهن جن جو اوهان سان بيان ڪيو اٿئون. مطلب تہ قرآن ڪريم ۾ صراحتًا ڪنهن جو ذڪر ڪيو اٿئون. خيال ۾ رهي تہ قرآن پاڪ ۾ ڪجهہ نبين عليهم الصلواة والسلام جا نالا مبارڪ صراحت سان ذڪر ٿيا پر انهن جو ڪوبہ واقعو ذڪر نہ ٿيو آهي جيئن حضرت يسع عليه السلام بعض نبين على نبينا وعليهم الصلواة والسلام جا واقعا مذڪور ٿيا پر نالو مبارڪ نہ آيو آهي بعضي نبين جا نالا مبارڪ بہ ذڪر ٿيا آهن تہ واقعا بہ بيان ٿيا آهن جيئن حضرت موسىٰ ۽ حضرت عيسىٰ عليهما السلام. بعضي نبين جو نہ نالو مبارڪ ذڪر ٿيو آهي نہ ڪو واقعو. جيئن حضرت دانيال وغيره. مگر اجمالي ذڪر نبي يا رسول جي لحاظ سان تہ سڀني جو ٿي ويو آهي (على نبينا وعليهم الصلواة والسلام)

٣- "وَمِنْهُمْ مَّنْ لَّمْ نَقْصُصْ عَلَيْكَ" (۽ انهن مان ڪي اهي آهن جن جو اوهان سان ذڪر نہ ڪيو اٿئون) هتي ڪجهہ نبين عليهم الصلواة والسلام جي قرآن ڪريم ۾ ذڪر ڪرڻ جي نفي آهي، حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي علم جي نفي ناهي الله جل شانه جو فرمان آهي "كُلًّا نَّقُصُّ عَلَيْكَ مِنْ اَنْبَاءِ الرُّسُلِ" (اسين اوهان کي رسولن جون سڀ خبرون بيان ڪري ٻڌايون ٿا) پاڻ معراج واري رات سڀني نبين على نبينا وعليهم الصلواة والسلام سان ملاقات ڪيائون انهن کي نماز پڙهايائون. پاڻ انهن سان گفتگو بہ فرمايائون جيئن ارشاد خداوندي آهي "وَاسْئَلْ مَنْ اَرْسَلْنَا قَبْلَكَ مِنْ رُّسُلِنَا" ۽ انهن کان پڇو جن رسولن (عليهم الصلواة والسلام) کي اوهان کان اڳي اسان موڪليو هو.

٤- "وَمَا كَانَ لِرَسُوْلٍ اَنْ يَّاْتِيَ بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ" (۽ ڪنهن رسول جي لاءِ مناسب ناهي جو الله جي اذن کان سواءِ ڪو معجزو آڻي) مڪه مڪرمه جارحاڪو ڪافر رات ڏينهن نوان نوان معجزا طلب ڪندا هئا ڏنلن معجزن تي اڪتفانہ ڪندا

(١) نورالعرفان صہ ٧٥٨

هئا چوندا هئا تہ اسان کي جبل سونا ڪري ڏي وغيره وغيره. انهن جي ترديد ۾ هيءَ آيت نازل ٿي جنهن مان معلوم ٿيو هر معجزو الله جل جلاله جي اذن سان ظاهر ٿيندو آهي پر ڪنهن ڪنهن معجزي ۾ نبي سڳوري کي اختيار مليل هوندو آهي جيئن حضرتِ موسىٰ عليه السلام جي لٺ جو نانگ بڻجڻ جو جڏهن بہ اڇلائيندو هو تہ نانگ ٿي پوندي هئي ۽ ڪنهن معجزي ۾ اختيار نہ ڏنو ويندو آهي جيئن قرآن ڪريم جي آيتن جو نزول وغيره. هر معجزي ڏيکارڻ جي لاءِ هر ڀيري اجازت وٺڻ ضروري ناهي، بعضي معجزن ۾ انهن کي اذن مليل هوندو آهي. جيئن اسان جون اکيون الله جي اذن سان ڏسن ٿيون پر انهن ۾ اسان کي اذن مليل آهي جيڏانهن بہ نهاريون جڏهن نهاريون.

اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَنْعَامَ لِتَرْكَبُوْا مِنْهَا

الله اهو آهي جنهن پيدا ڪيا اوهان جي لاءِ چوپايا تانتہ سواري بنايو انهن مان

وَمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ (٧٩) وَلَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ وَلِتَبْلُغُوْا عَلَيْهَا

۽ انهن مان ڪائو ٿا ۽ اوهان جي لاءِ انهن ۾ نفعا آهن ۽ تانتہ پهچو انهن تي

حَاجَةً فِيْ صُدُوْرِكُمْ وَعَلَيْهَا وَعَلَى الْفُلْكِ تُحْمَلُوْنَ (٨٠)

(سوار ٿي) حاجت کي جيڪا اوهان جي سينن ۾ آهي ۽ انهن تي ۽ ٻيڙين تي کنيا وڃو ٿا

وَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ ۖ فَاَيَّ اٰيٰتِ اللّٰهِ تُنْكِرُوْنَ (٨١)

۽ ڏيکاري ٿو اوهان کي پنهنجون نشانيون پوءِ الله جي ڪهڙين آيتن جو انڪار ڪيو ٿا

اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ

ڇا پوءِ نہ سير ڪيائون زمين ۾ پوءِ ڏسن تہ ڪهڙي طرح هئي پڇاڙي انهن جي

مِنْ قَبْلِهِمْؕ كَانُوْٓا اَكْثَرَ مِنْهُمْ وَاَشَدَّ قُوَّةً

جيڪي انهن کان اڳي هئا. هئا گهڻا انهن کان ۽ مضبوط قوت ۾

وَّاٰثَارًا فِى الْاَرْضِ فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ (٨٢)

نشانين جي ڪري زمين ۾ پوءِ نہ فائدو ڏنائين انهن جي طرفان انهن عملن جيڪي ڪيا هيائون

فَلَمَّا جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَرِحُوْا بِمَا

پوءِ جڏهن آيا انهن وٽ انهن جا پيغمبر چٽن دليلن سان تہ خوش ٿيا ان سان جيڪو

عِنْدَهُمْ مِّنَ الْعِلْمِ وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ (٨٣)

انهن وٽ آهي علم ۽ گهيري ۾ ورتو انهن کي ان جنهن سان چٿر ڪندا هئا

فَلَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗ

پوءِ جڏهن ڏٺائون اسان جو عذاب تہ چيائون اسان ايمان آندو الله وحده تي

وَكَفَرْنَا بِمَا كُنَّا بِهٖ مُشْرِكِيْنَ (٨٤) فَلَمْ يَكُ

۽ اسان انڪار ڪيو ان جو جنهن کي ان سان شريڪ ڪندا هئاسون پوءِ نہ هو

يَنْفَعُهُمْ اِيْمَانُهُمْ لَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا ؕ سُنَّتَ اللّٰهِ الَّتِيْ

جو نفعو ڏي انهن کي انهن جو ايمان آٽڻ جڏهن ڏٺائون اسان جو عذاب الله جو طريقو

قَدْ خَلَتْ فِيْ عِبَادِهٖ ۚ وَخَسِرَ هُنَالِكَ الْكٰفِرُوْنَ ؏ (٨٥)

جيڪو تحقيق گذريو ان جي ٻانهن ۾ ۽ نقصان ۾ پيا اتي ڪافر.

١٤ع ٥

تفسير

اڳين آيتن ۾ باطل پرستن کي سخت تنبيه ڪئي وئي جنهن ۾ قلب سليم جي صاحبن جي لاءِ عبرت هئي ۽ هتي وري الله جي وجود ۽ وحدانيت جا ان جي اڻ ڳڻ نعمتن مان هڪ نعمت جي ذڪر ڪرڻ سان دلائل بيان ڪيا ويا آهن. فرمان مبارڪ آهي "اَللّٰهُ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَنْعَامَ لِتَرْكَبُوْا مِنْهَا وَمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ" الله اهو آهي جنهن اوهان جي لاءِ چوپايا پيدا فرمايا ته ڪن تي سوار ٿيو ۽ ڪن مان کائو. الانعام مان مراد اٺ آهن. (۱) يعني هي به الله مٿي جو احسان آهي جنهن اوهان جي فائدي جي لاءِ اٺ پيدا فرمايا جو انهن تي سوار ٿي ڏڪيا پنڌ آسانيءَ سان طي ڪيو ٿا ۽ انهن جو گوشت به کائو ٿا "وَلَكُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ" ۽ اوهان جي لاءِ انهن ۾ گهڻا فائدا آهن. مثلاً انهن جي کل، ان وغيره مان طرح طرح جا فائدا حاصل ڪيو ٿا. "وَلِتَبْلُغُوْا عَلَيْهَا حَاجَةً فِيْ صُدُوْرِكُمْ" ۽ تانته اوهان انهن تي (سوار ٿي) پنهنجن سينن ۾ موجود حاجت تائين پهچو. مطلب ته انهن تي سوار ته ٿيو ٿا پر ان سواريءَ سان اوهان پنهنجا ڪيترا سينن ۾ سانديل ۽ سوچيل ڪم به ڪيو ٿا. "وَعَلَيْهَا وَعَلَى الْفُلْكِ تُحْمَلُوْنَ" ۽ انهن تي ۽ ٻيڙين تي کنيا وڃو ٿا. يعني سڪيءَ جي پنڌ ۾ جانورن تي ۽ دريائن ۽ ڍنڍن ۾ ٻيڙين تي پاڻ به چڙهو ٿا ۽ وڏا وڏا وزن به ڪٽي پري پري پڄايو ٿا "وَيُرِيْكُمْ اٰيٰتِهٖ فَاَيَّ اٰيٰتِ اللّٰهِ تُنْكِرُوْنَ" ۽ اوهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاري ٿو پوءِ الله جي ڪهڙين آيتن جو انڪار ڪيو ٿا. الغرض ته اوهان کي پنهنجي قدرت، توحيد ۽ صنعت جون ڪئين نشانيون ڏيکاري ٿو پوءِ اهڙين ڪليل نشانين مان ڪهڙين نشانين جو انڪار ڪندا ڦرندؤ. "اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ" ڇا پوءِ زمين ۾ سير نه ڪيائون پوءِ ڏسن ها ته جيڪي انهن کان اڳي گذريا انهن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي. يعني هي قريشي ڪافر شام ۽ يمن ڏانهن واپاري سلسلي ۾ ويندي ڪونه ٿا ڏسن ته انهن کان اڳ امتن تي ڪهڙي نموني عذاب آيا ۽ اهي امتون نبين عليهم الصلواة والسلام کي نه مڃڻ جي ڪري ڪيئن تباهه ۽ ويران ٿي ويون. "كَانُوْا اَكْثَرَ مِنْهُمْ وَاَشَدَّ قُوَّةً وَّاٰثَارًا

(۱) القرطبي صـ۳۳۴ جلد ۱۵

فِى الْاَرْضِ" اهي هنن کان گهڻا ۽ قوت ۾ وڏيک ۽ زمين ۾ نشانن جي لحاظ سان به شديد هئا. مقصد ته اهي تعداد ۾ گهڻا ۽ قوت ۽ زمين تي نشانن قائم ڪرڻ ۾ به سخت مضبوط هئا. "فَمَآ اَغْنٰى عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ" پوءِ انهن کي جيڪي عمل ڪيائون انهن کو نفعو نه ڏنو. مطلب ته جڏهن انهن تي خداوندي قهر ڪڙڪيو ان زور ۽ طاقت، ساز ۽ سامان کين ڪو ڪم نه ڏنو ۽ نه فائدو پهچايو. "فَلَمَّا جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَرِحُوْا بِمَا عِنْدَهُمْ مِّنَ الْعِلْمِ" پوءِ جڏهن انهن وٽ انهن جا (انهن ڏانهن موڪليل) رسول آيا ته جيڪو انهن وٽ علم هو ان تي خوش رهيا. مقصد ته معاش جي ذريعن ۽ مادي ترقيات جو جيڪو انهن وٽ علم هو ۽ جن ڪفريه ۽ شرڪيه عقائد تي اهي دل ٻڌيو وينا هئا ان تي مضبوط رهندي خوش ٿيندي انبياء عليهم الصلواة والسلام جي علوم ۽ هدايتن کي حقارت جي نظر سان ڏسندي ٺڪرائيندا رهيا "وَحَاقَ بِهِمْ مَّا كَانُوْا بِهٖ يَسْتَهْزِءُوْنَ" ۽ جنهن سان ٺٺول ڪندا هئا ان کين گهيري ۾ وٺي ڇڏيو. ۽ نيٺ اهو وقت آيو جو ٺٺر ۽ مذاق کين الاهي عذاب ۾ جڪڙي ڇڏيو. "فَلَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا قَالُوْٓا اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗ وَكَفَرْنَا بِمَا كُنَّا بِهٖ مُشْرِكِيْنَ" پوءِ جڏهن اسان جو عذاب ڏٺائون ته چيائون اسان الله وحده تي ايمان آندو آهي ۽ انهن جو انڪار ڪيو آهي جن کي ان سان شريڪ بنائيندا هئاسون. يعني جنهن جنهن وقت الله جو عذاب سندن اکين اڳيان آيو تڏهن هوش آين ۽ چوڻ لڳا ته اسان هڪ الله تي ايمان آندو آهي ۽ جن ٻين باطل معبودن کي الله جو شريڪ بنائيندا هئاسون انهن سڀني جو انڪار ڪيون ٿا "فَلَمْ يَكُ يَنْفَعُهُمْ اِيْمَانُهُمْ لَمَّا رَاَوْا بَاْسَنَا" جڏهن اسان جو عذاب ڏٺائون ته پوءِ انهن کي سندن ايمان نفعو نه ڏنو. يعني هاڻي پڇتائڻ ۽ ڪوتاهيءَ جي مڃڻ مان ڪو فائدو نه پوندو، عذاب ڏسي هر ڪنهن کي بي اختيار يقين ايندو آهي پر اهو يقين نجات جو سبب نه بڻجندو آهي. "سُنَّتَ اللّٰهِ الَّتِيْ قَدْ خَلَتْ فِيْ عِبَادِهٖ" الله جو طريقو جيڪو ان جي ٻانهن ۾ گذريو. الغرض ته هي الله جل جلاله جو هميشه طريقو رهيو آهي جيڪو سندس گذريل دؤر دوران ٻانهن ۾ گذريو آهي ته ماڻهو اول انڪار ۽ ٺٺول ڪندا آهن ۽ جڏهن عذاب ڏسندا آهن ته پوءِ ايمان آڻيندا آهن الله جو دستور اهو آهي ته ان وقت واري توبه

قبول نہ ڪندو آهي "وَخَسِرَ هُنَالِكَ الْكَافِرُوْنَ" ۽ اتي ڪافر خساري ۾ پوندا. مطلب تہ نيٺ انڪار ڪندڙ نہ مڃيندڙ پنهنجن گناهن جي سزا ۾ برباد ۽ ويران ٿيندا آهن.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ملن ٿا. "اَلْاَنْعَامَ" (چوپايا) هن مان مراد اٺ آهن جيئن لکي آيا آهيون پر بعض مفسرن ان مان مراد عام ورتي آهي. يعني الله اوهان جي فائدي لاءِ جانور پيدا فرمايا بعضي اهي آهن جن تي اوهان صرف سوار ٿيندا آهيو کائيندا ناهيو. جيئن گهوڙا، خچر، گڏهہ وغيره بعضي اهي آهن جن کي صرف کائيندا آهيو. سوار نہ ٿيندا آهيو جيئن ٻڪري وغيره بعضي اهڙا آهن جن کي کائو بہ تا سواريءَ ۾ استعمال بہ ڪيو ٿا جيئن اٺ، ڏاند وغيره. ٢- "اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ" (ڇا پوءِ زمين ۾ سير نہ ڪيائون) هن مان ٻہ مسئلا معلوم ٿين ٿا. هڪ تہ زمين ۾ سير ڪري ڪافرن جون ويران بستيون ڏسي عبرت حاصل ڪرڻ نہ صرف جائز بلڪ بهتر عمل آهي ٻيو تہ الله عزوجل جي صالحن ٻانهن جي مزارات لاءِ وڃڻ ۽ انهن جي مثان رب ڪريم جي مهربانين مان سبق پرائڻ ۽ فيض حاصل ڪرڻ بہ سٺو عمل آهي رهيو سوال ان حديث پاڪ جو جنهن ۾ آيل آهي تہ ٽن مسجدن کان سواءِ ٻي ڪنهن ڏانهن سفر نہ ڪيو ويندو ان مان مراد آهي تہ ٻيءَ ڪنهن مسجد ڏانهن ان ۾ عبادت جو ثواب وڌيڪ سمجهي وڃڻ نہ گهرجي. ان جي ڪري آيت ۽ حديث پاڪ ۾ ٽڪر ناهي نہ تہ تجارت ۽ طلب علم جي لاءِ سفر ڪرڻ بہ ناجائز ٿيندو.(١)

الحمد لله جو مون گنهگار اڄ ڇنڇر جي رات بوقت ساڍي ٩ بجي بمؤرخہ ٢٨ محرم ١٤٢٥هہ الموافق ١٩-٣-٢٠٠٤ع پنهنجي رهڻ واري ڪمري ۾ سورة المؤمن جو تفسير لکي پورو ڪيو الله عز برهانه جي بارگاهہ ۾ دل سان دعا آهي تہ باقي رهيل تفسير بہ جلدي لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين يا الہ العالمين بوسيلة النبي الامي الامين عليه وعلىٰ آلہ واصحابه التسليمات والتكريمات الىٰ يوم الدين

وانا الفقير الي الله المغيث
محمد ادريس الداهري عفي عنه
ماڪان اويڪون منه.

(١) نورالعرفان صہ ٧٥٩

سورة حٰم السجده جو تعارف.

هن سورة مباركه جي تعارف ۾ هي ست (٧) ڳالهيونَ ذهن ۾ وهارڻ ضروري آهن.

نالا مبارڪ

هن سورة جا نالا مبارڪ ۵ آهن ١- حم السجدة سمجهڻ گهرجي تہ قرآن ڪريم جون ست سورتون آهن جن جي ابتدا ء "حٰمٓ" سان ٿيل آهي جن کي آل حم يا حواميم سڏيندا آهن ۽ انهن جي هڪ ٻئي ۾ فرق ڪرڻ جي لاءِ انهن سان گڏ نالي لاءِ ڪجهہ جدا الفاظ بہ شامل ڪيا ويندا آهن ان جي ڪري هن کي "حٰمٓ السَّجْدَةَ" سڏيو ويندو آهي ڇوتہ ان جي آيت عـ٣٨ ۾ سجدو آهي. ٢- فصلت. اهو ڪلمه هن سورة جي آيت عـ٣ ۾ موجود آهي. (١) ٣- المصابيح. (٢) ۴- سورة السجدة. (٣) ۵- سورة الاقرات (۴).

رڪوعن، آيتن، ڪلمن ۽ حرفن جو تعداد:

هن سورة پاڪ ۾ ڇهہ (٦) رڪوع چوونجاهہ (۵۴) آيتون. ست سئو ڇهانوي (٧٩٦) ڪلما. ٽي هزار ٽي سوء پنجاهہ (٣٣۵٠) حرف آهن. (۵)

مڪيه آهي يا مدنيه؟

ابن مردويه حضرت ابن عباس ۽ حضرت ابن الزبير رضي الله عنهما کان روايت آندي تہ هيءَ سورة مڪيه آهي. (٦)

اڳينءَ سورة سان ربط ۽ مناسبت.

اڳينءَ سورة سان هن جي مناسبت هن طرح آهي تہ ان ۾ "اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ" (ڇا پوءِ زمين ۾ سير نہ ڪيائون) سان ڪافرن کي متنبه ڪيو ويو تہ اهي هلاڪ ڪيل قومن جي ويران ڪيل ڳوٺن کي ڏسي پاڻ بہ الله عز شانه جي عذاب کان ڊڄن ۽ هتي "فَاِنْ اَعْرَضُوْا فَقُلْ اَنْذَرْتُكُمْ صَاعِقَةً مِّثْلَ صَاعِقَةِ عَادٍ وَّثَمُوْدَ" (پوءِ جيڪڏهن منهن موڙين تہ پوءِ (انهن کي) فرماءِ تہ مون اوهان کي عاد ۽ ثمود تي اچڻ واري ڪڙڪي وانگر ايندڙ ڪڙڪي کان ڊيڄاريو آهي) سان انهن کي ڊپ

(١) معارف القرآن صـ٦٢٦ جلد٧ (٢) زادالمسير صـ۴٠ جلد٧ (٣) الصاوي صـ١٦ جزء ۴ (۴) روح المعاني صـ٩۴ جزء ٢۴ جلد٨ (۵) الخازن صـ٧٩ جلد۴ (٦) الدرالمنثور صـ٣٠٨ جلد٧ (٧) روح المعاني صـ٩۴ جزء ٢۴ جلد٨

ڏياريو ويو آهي. مناسبت جا اهڙا ٻيا به ڪيترا وجه آهن. (٧)

نزول جو زمانو.

هن جي نزول جي زماني کي متعين ڪرڻ ۾ مفسرن لکيو آهي ته هيءَ سورة حضرت حمزه رضي الله عنه جي مسلمان ٿيڻ کان پوءِ ۽ حضرت عمر رضي الله عنه جي مسلمان ٿيڻ کان اڳي نازل ٿي هئي. (١)

مضمون.

مکه مڪرمه جي رهاڪو قريشين جي سخت مخالفت ۽ مزاحمت جي باوجود اسلام آهستي آهستي مگر نهايت مضبوطيءَ سان وڌي رهيو هو ۽ هر ايندڙ ڏينهن ۾ ڪنهن نه ڪنهن اهڙي شخصيت اسلام قبول ٿي ڪيو جنهن جي ڪري ڪافرن تي غم ۽ درد جا جبل ٽٽي ٿي پيا ۽ اسلام جي خلاف انهن جي انتقامي ڪاروائين ۾ گهٽي سختي پيدا ٿيندي هئي حضرت حمزه رضي الله عنه جيڪو پنهنجي بهادريءَ ۽ نامور هجڻ ۾ بي مثال هو جڏهن مسلمان ٿيو ته ڪافرن کي سخت صدمو پهتو ۽ انهن بيت الله شريف جي حرم ۾ هڪ ميٽنگ منعقد ڪئي قريشين جي ٻين رئيسن سان گڏ عقبه بن ربيعه به اتي موجود هو ۽ گفتگو دوران ان چيو ته اهو حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ وڃي ٿو ۽ ڪيس سمجهائي اسلام کان هٽائي ٿو جنهن جو تفصيلي ذڪر اوهان آيت عـ۱۴ جي تفسير ۾ پڙهندا (انشاءالله العزيز) اهو جڏهن حضور پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ آيو ۽ ان پنهنجي ڊگهي گفتگو ختم ڪئي ته پاڻ ان جي جواب ۾ هيءَ سورة مبارڪه تلاوت ڪيائون جنهن کي ٻڌي اهو خاموشي اختيار ڪري واپس موٽيو. نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن تي ڪافرن جا اهي ئي اڳيان اعتراض هئا جن کي اهي هر موقعي تي وڏي شد ۽ مد سان پيش ڪندا هئا انهن جو پهريون اعتراض قرآن ڪريم جي الاهي ڪلام هجڻ تي هو ۽ انهن جي ذهن ۾ اها ڳالهه نٿي آئي ڪڏهن چوندا هئا ته هي پنهنجو ڪلام ٺاهي پڙهي ٿو ته ڪڏهن چوندا هئا ڪنهن کان سکي پوءِ ٿو پڙهي ٻڌائي ۽ سندن اهو اعتراض اهڙو لغو هو جو ان کي ذڪر ڪرڻ به مناسب نه ٿي لڳو. قرآن ڪريم پنهنجي لاءِ زبردست حتمي ۽ قطعي انداز

(١) ضياءالقرآن صـ ۳۲۷ جلد ۴

۾ فرمايو تہ "اهو ان رب جو ڪلام آهي جيڪو رحمان ۽ رحيم آهي" ۽ ان ارشاد سان اهي شڪ ۽ شبها خودبخود ختم ٿي ويا جيڪي ڪافرن جي ذهن ۾ پيدا ٿيندا هئا. ڪافرن جو ٻيو اعتراض الله جل شانه جي توحيد تي هو اهي الله عزوجل جي هڪ هجڻ کي تسليم نہ ڪندا هئا انهن پنهنجا ڪيترا ئي معبود ٺاهي رکيا هئا. هن سورة ۾ انهن جي انهن باطل خيالات جي ترديد لاءِ تڪويني دلائل جو ذڪر ڪيو ويو آهي جنهن جي آئيني ۾ الله تعاليٰ جي ڪامل قدرت، علم محيط ۽ ڪبريائي جا جلوا صاف صاف نظر اچي رهيا آهن. ۽ انهن کي متنبه بہ ڪيو ويو آهي تہ: اوهان منهنجي محبوب عليه الصلواة والسلام جي خلاف جيڪو رويو رکيو آهي ان جا نتيجا نهايت خطرناڪ نڪرندا اوهان ڪان پهريان بہ وڏيون طاقتور قومون گذريون آهن جن جي مادي ترقي ۽ خوشحالي ٻڌي اڄ بہ اوهان حيران ٿي وڃو ٿا مگر انهن جڏهن سندن ڏانهن موڪليلن رسولن علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام سان صحيح سلوڪ نہ رکيو تہ انهن کي تباهہ ۽ برباد ڪيو ويو. اوهان بہ جيڪڏهن باز نہ آيا تہ اوهان جو بہ اهڙو حال ڪيو ويندو. هن سورة ۾ قيامت جو ذڪر ڪري انهن کي ٻڌايو ويو آهي تہ اوهان جيڪي ڪجهہ ڪيو پيا اوهان جي جسم ۾ هوندڙ اوهان جا عضوا اڪين ڏٺي جا سرڪاري شاهد بڻجي اوهان جي خلاف شاهدي ڏيندا. ان وقت اوهان پنهنجي گناهن تي ڪهڙي طرح پردو وجهي سگهندؤ. ڪافر پنهنجا سڀ حيلا هلائي چڪا هئا تانتہ اسلام جي پيش قدمي روڪي سگهن پر قرآن ڪريم جي تاثير انهن جا سڀ منصوبا مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيا هئا ان جي ڪري انهن هي پروگرام طي ڪيو هو تہ جڏهن بہ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪئي وڃي تہ ايترو گوڙ ۽ شور ڪيو جو ڪوبہ قرآن ٻڌي نہ سگهي. پر سندن اها تدبير بہ ڪامياب نہ وئي. هن سورة مبارڪه ۾ حق وارن جي استقامت تي هجڻ واري شان کي بہ بيان ڪيو ويو آهي ۽ ان ڪان پوءِ اهڙن ٻانهن تي ٿيڻ وارن انعامن ۽ نوازشن جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي تہ گڏوگڏ انهن سهڻن اخلاقن جو بہ ذڪر ٿيو جن سان اهي سينگاريل آهن آخر ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي ڪلام جو پاڻ محافظ ۽ نگهبان آهي - باطل کي ان ۾ داخل ٿيڻ جي ڪا قوت ۽ جرات ناهي.

ڀلائي ۽ برڪت.

هيءَ سورة پاڪ ايتري شاندار آهي جو حضور اڪرم صلى الله عليه وسلم جن هر روز تلاوت ڪندا هئا. بيهقي شعب الايمان ۾ حضرت خليل بن مرة رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن تيستائين ننڊ نہ فرمائيندا هئا جيستائين سورة "تبارڪ" ۽ سورة "حم السجدة" نہ پڙهندا هئا (١) علماء عاملين جو قول آهي تہ جنهن تي وقت جو حاڪم ناراض هجي اهو هن سورة کي صبح ۽ شام جو ڏهہ ڏهہ ڀيرا پڙهي تہ اهو حاڪم ان تي راضي ٿي پوندو ۽ جنهن شخص جي اک ۾ ڪو عارضو هجي اهو هيءَ سورة لکي ڌوئي اهو پاڻي اک ۾ لڳائي يا ان پاڻيءَ ۾ سرمو وجهي سڪائي پيهي اکين ۾ وجهي تہ باذن الله ومشيته شفاياب ٿيندو.

وَهِيَ اَرْبَعٌ وَّخَمْسُوْنَ اٰيَةً	سُوْرَةُ حٰمٓ السَّجْدَةَ	وَسِتُّ رُكُوْعَاتٍ
۽ اها چوونجاهہ آيتون	سوره حم السجده مڪيه آهي	۽ ڇهہ رڪوع آهي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

الله جي نالي سان شروع ڪيان ٿو جيڪو گهڻو مهربان، هميشه رحم ڪندڙ آهي

حٰمٓ (١) تَنْزِيْلٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ (٢) كِتٰبٌ فُصِّلَتْ

حا- ميم نازل ڪرڻ آهي گهڻي مهربان، نهايت ٻاجهاري وٽان ڪتاب جو تفصيل سان بيان ڪيون ويون

اٰيٰتُهٗ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ (٣) بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا

ان جون آيتون قرآن عربي ان قوم جي لاءِ جيڪي ڄاڻن ٿا بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ

فَاَعْرَضَ اَكْثَرُهُمْ فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ (٤) وَقَالُوْا قُلُوْبُنَا

پوءِ منهن موڙيو گهڻن انهن مان پوءِ اهي نٿا ٻڌن ۽ چيائون تہ اسان جون دليون

(١) الدرالمنثور صہ ٣١٢ جلد ٧

فِيْٓ اَكِنَّةٍ مِّمَّا تَدْعُوْنَآ اِلَيْهِ وَفِيْٓ اٰذَانِنَا وَقْرٌ

پردن ۾ آهن ان ڪان جو سڏين ٿو اسان کي ان ڏانهن ۽ اسان جي ڪنن ۾ گهرائي آهي

وَّمِنْۢ بَيْنِنَا وَبَيْنِكَ حِجَابٌ فَاعْمَلْ اِنَّنَا عٰمِلُوْنَ (٥)

۽ اسان جي ۽ تنهنجي وچ ۾ پردو آهي پوءِ تون (پنهنجو) عمل ڪر بيشڪ اسين به عمل ڪندڙ آهيون

الثالثة

تفسير

هن سورة جي اڳين ۽ سورة سان مناسبت هن جي تعارف ۾ بيان ٿي آئي آهي، وري لکڻ جي ضرورت ناهي. فرمان الاهي آهي. "حٰمٓ" هي مقطعات حروف آهن جن جي وضاحت اڳي به ٿيندي رهي آهي. سعيد بن جبير عطاء خراساني ۽ جو قول آهي تہ: ح- الله عز اسمه جي نالن حڪيم، حميد، حي، حليم ۽ حنان جو مخفف آهي ۽ م- الله جي نالن ملڪ، مجيد ۽ منان جو مخفف آهي (١) "تَنْزِيْلٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" (هي ڪتاب) رحمٰن رحيم جي طرفان نازل ڪيل آهي ڪافر ان ڳالهہ تي ضد ڪيو بيٺا هئا تہ قرآن ڪريم الله جل شانه جو ڪلام ناهي انهن جي ان ڳالهہ کي رد ڪندي ارشاد ٿيو آهي تہ: اوهان مڃيو يا نہ مڃيو هي رشد ۽ هدايت جو صحيفو ڪنهن انسان جي دماغ جي تخليق ناهي بلڪہ اهو رحمٰن، رحيم، الله عز اسمه جيَ طرفان نازل ڪيل آهي. اڄ نٿا مڃيو پر سڀاڻي اوهان کي بہ مڃڻو پوندو. هتي رحمٰن ۽ رحيم اهي بہ مبارڪ اسم ذڪر ڪيل آهن جيڪي ان جي بي پايان رحمت ۽ بي انداز عنايت تي دلالت ڪندڙ آهن تانتہ ٻڌندڙن جي دل ۾ ان جي محبت پيدا ٿئي ۽ اهي خود بخود ان ڏانهن ڇڪجي اچن. "كِتٰبٌ فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ" ڪتاب آهي جنهن جون آيتون کولي کولي بيان ڪيون ويون آهن. مطلب تہ ان ڪتاب جي وڏي خوبي اها آهي تہ اهو بالڪل واضح ۽ عام فهم آهي ان ۾ ڪا بہ پيچيدگي ناهي. "قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا لِّقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ" قرآن عربي ٻوليءَ ۾- ان قوم جي لاءِ

(١) حاشيه ماجديه صـ٩٣٥

جيڪي ڄاڻن ٿا. يعني هي الاهي ڪلام ان ٻوليءَ ۾ آهي جيڪا عربي ۽ اوهان جي مادري زبان آهي جيڪي ماڻهو علم ۽ فهم جي صفت سان موصوف آهن اهي هن مان پورو پورو فائدو وٺي سگهن ٿا. "بَشِيْرًا وَّ نَذِيْرًاۚ" خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ. هي ٻئي صفتون قرآن ڪريم جون آهن. يعني هي ڪتاب ان جي احڪام کي بجا آڻيندڙن جي لاءِ خوشخبري ڏيندڙ ان جي هدايتن تي نہ هلندڙ کي بري انجام کان ڊيڄاريندڙ آهي تانتہ اهي پنهنجي اصلاح ڪن. "فَاَعْرَضَ اَكْثَرُهُمْ فَهُمْ لَا يَسْمَعُوْنَ" پوءِ انهن مان گهڻن منهن موڙيو پوءِ اهي ٻڌن نٿا. هي ڪافرن جي هٺ ڌرمي ۽ تعصب جو ذڪر ٿي رهيو آهي تہ اهي قرآن ڪريم کان منهن موڙي ان جي احڪام کي نہ ٻڌن ٿا نہ قبول ڪري عمل ڪن ٿا.

"وَقَالُوْا قُلُوْبُنَا فِيْٓ اَكِنَّةٍ مِّمَّا تَدْعُوْنَآ اِلَيْهِ" ۽ چيائون تہ اسان جون دليون ان کان جنهن ڏانهن تون اسان کي سڏين ٿو پردن ۾ آهن. "اكنة" "كنان" جو جمع آهي ان مان مراد اهو ڪپڙو يا غلاف آهي جنهن ۾ ڪنهن شيءِ کي چڱيءَ طرح ويڙهي رکبو آهي "وَفِيْٓ اٰذَانِنَا وَقْرٌ" ۽ اسان جي ڪنن ۾ گهٻرائي آهي. يعني ٻوڙائپ آهي اسين ٻڌون نٿا. "وَّمِنْۢ بَيْنِنَا وَبَيْنِكَ حِجَابٌ" ۽ اسان ۽ تنهنجي وچ ۾ حجاب آهي. مطلب تہ اسان ۽ تنهنجي وچ ۾ اهڙي شيءِ حائل آهي جو تنهنجي حق جو نور ان مان لنگهي اسان تائين نٿو پهچي. "فَاعْمَلْ اِنَّنَا عٰمِلُوْنَ" پوءِ تون عمل ڪر اسين بہ عمل ڪندڙ آهيون. يعني اوهان پنهنجي طريقي تي ڪم ڪندا رهو اسين پنهنجي طريقي تي ڪم ڪري رهيا آهيون اسين اوهان جي اتباع نہ ڪنداسون. (۱)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ۱- "تَنْزِيْلٌ مِّنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" (رحمٰن رحيم وٽان نازل ڪيل آهي) مان معلوم ٿيو تہ قرآن پاڪ ٿورو ٿورو ٿي لٿو آهي ۽ اهو الله عزوجل جي شان، جمالي صفات جو مظهر آهي رحمت خداوندي جي ملڻ جو مرڪز آهي.

۲- "قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا" (عربي ٻوليءَ ۾ قرآن) مان معلوم ٿيو تہ قرآن ان جي عربي عبارت پڙهڻ جو نالو آهي. صرف ترجمي کي اها اهميت ناهي جيڪا اصل الفاظ کي

(۱) تفسير ابن ڪثير صـ ۹۰ جلد ۴

آهي صرف ترجمو پڙهڻ تي قرآن ڪريم جي عربي الفاظ پڙهڻ وارو حڪم جاري نہ ٿيندو. نہ ان جي پڙهڻ سان تلاوت جو سجدو پوندو نہ صرف ترجمو پڙهڻ سان نماز ادا ٿيندي. (۱)

قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰۤى اِلَيَّ

فرماءِ تہ مان تہ رڳو بشر آهيان اوهان جي مثل (ظاهر ۾) وحي ڪيو ٿو وڃي مون ڏانهن

اَنَّمَآ اِلٰهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَاسْتَقِيْمُوْٓا اِلَيْهِ

بيشڪ معبود اوهان جو معبود هڪ آهي پوءِ پورو توجہ ڏيو ان ڏانهن ۽

وَاسْتَغْفِرُوْهُ ۭ وَوَيْلٌ لِّلْمُشْرِكِيْنَ ۙ (٦) الَّذِيْنَ لَا يُؤْتُوْنَ

مغفرت طلب ڪيو ان کان ۽ ويل آهي مشرڪن جي لاءِ جيڪي نٿا ڏين

الزَّكٰوةَ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ (٧) اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

زڪواة ۽ اهي ئي آخرت جا انڪار ڪندڙ آهن بيشڪ جن ايمان آندو

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ۧ (٨) قُلْ

۽ ڪيائون صالح عمل انهن جي لاءِ ثواب اڻ کٹ آهي فرماءِ تہ

اَئِنَّكُمْ لَتَكْفُرُوْنَ بِالَّذِيْ خَلَقَ الْاَرْضَ فِيْ يَوْمَيْنِ

ڇا بلاشڪ اوهان البتہ ڪفر ڪيو ٿا ان جو جنهن پيدا ڪئي زمين ٻن ڏينهن ۾

وَتَجْعَلُوْنَ لَهٗٓ اَنْدَادًا ۭ ذٰلِكَ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ۚ (٩) وَجَعَلَ فِيْهَا

۽ ڪيو ٿا ان جي لاءِ شريڪ اهو جهانن جو رب آهي ۽ ڪيائين ان ۾

(۱) نورالعرفان ص ۷۶۰

۱۵ ع ۸ ۱

رَوَاسِيَ مِنْ فَوْقِهَا وَبَارَكَ فِيْهَا وَقَدَّرَ فِيْهَآ اَقْوَاتَهَا

جبل ان جي مٿان ۽ برڪت وڌائين ان ۾ ۽ مقرر ڪيائين ان ۾ قوت انهن جا

فِيْ اَرْبَعَةِ اَيَّامٍ سَوَآءً لِّلسَّآئِلِيْنَ (١٠) ثُمَّ اسْتَوٰٓى اِلَى السَّمَآءِ

چئن ڏينهن ۾ برابر ٿي پڇندڙن جي لاءِ ان کان پوءِ توجہ فرمايائين آسمان ڏانهن

وَهِيَ دُخَانٌ فَقَالَ لَهَا وَلِلْاَرْضِ ائْتِيَا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا

۽ اهو دونهون هو پوءِ فرمايائين ان کي ۽ زمين کي تہ اچو خوشيءَ سان يا نا خوشيءَ سان

قَالَتَآ اَتَيْنَا طَآئِعِيْنَ (١١) فَقَضٰهُنَّ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ

چيائين تہ آياسون خوشيءَ سان پوءِ بنايائين انهن کي ست آسمان

فِيْ يَوْمَيْنِ وَاَوْحٰى فِيْ كُلِّ سَمَآءٍ اَمْرَهَا وَزَيَّنَّا السَّمَآءَ

ٻن ڏينهن ۾ ۽ حڪم موڪليائين هر آسمان ۾ ان جي ڪم جو ۽ سينگاريوسون آسمان

الدُّنْيَا بِمَصَابِيْحَ وَحِفْظًا ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ (١٢)

دنيا واري کي ڏيئن سان ۽ حفاظت لاءِ اها تقدير غالب ڄاڻندڙ جي آهي.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جو قول ذڪر ڪيو ويو تہ اسان جون دليون پردن ۾ آهن ۽ هتي انهن جو جواب بيان ٿي رهيو آهي تہ "قُلْ اِنَّمَآ اَنَا بَشَرٌ مِّثْلُكُمْ يُوْحٰٓى اِلَيَّ اَنَّمَآ اِلٰـهُكُمْ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ فَاسْتَقِيْمُوْٓا اِلَيْهِ وَاسْتَغْفِرُوْهُ" (فرماءِ تہ مان تہ اوهان جي مثل (ظاهر ۾) بشر آهيان مون ڏانهن وحي ڪيو ٿو وڃي تہ تحقيق اوهان جو معبود (صرف) هڪ معبود بالحق آهي پوءِ ان ڏانهن متوجہ ٿيو ۽ ان کان مغفرت طلب ڪيو. مطلب

تہ اي پيارا رسول! (صلى الله عليه وسلم) اوهان انهن کي فرمايو تہ مان جنس، صورت ۽ هيئت ۾ اوهان جهڙو بشر آهيان نہ ملائڪ آهيان نہ جن جو اوهان کي مون سا ملڻ ممڪن ناهي ۽ نہ مان اوهان کي اهڙي ڳالهہ ڏانهن ٿو سڏيان جيڪا عقل ۽ سمجهہ ۾ نہ اچي، مون تہ اوهان کي اهو ٻڌايو آهي تہ مون ڏانهن وحي موڪليو وڃي ٿو تہ اوهان جو سچو معبود هڪ آهي ان جي توحيد عقلي ۽ نقلي، آفاقي ۽ انفسي دليلن سان ثابت آهي پوءِ ان ڏانهن ئي متوجہ ٿي ان هڪ جي عبادت ڪيو ۽ ان ڪان پنهنجن ڪيلن گناهن جي مغفرت طلب ڪيو. "وَوَيْلٌ لِّلْمُشْرِكِيْنَ الَّذِيْنَ لَا يُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ هُمْ كٰفِرُوْنَ" ۽ انهن مشرڪن جي لاءِ ويل آهي جيڪي زڪواة نٿا ڏين ۽ اهي ئي آخرت جا انڪار ڪندڙ آهن. هتي زڪواة مان مراد حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جي بقول شهادت جو ڪلمو نہ پڙهڻ آهي ۽ عڪرمه جو بہ قول اهو آهي. جيئن "قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰهَا" يا "قَدْ اَفْلَحَ مَنْ تَزَكّٰى" ۾ ارشاد آهي ۽ اتي زڪواة مان مراد نفس کي گندن اخلاقن کان پاڪ ڪرڻ آهي ۽ ان ۾ اهم شرڪ کان پاڪائي آهي (١) اڪثر مفسرن ان مان مراد مال جي زڪواة ورتي آهي پر علامه ابن ڪثير لکيو آهي تہ ان تي اعتراض آهي ڇو تہ هيءَ آيت مڪيه آهي ۽ زڪواة سن ٢ هجري ۾ مدينه منوره ۾ فرض ٿي هئي. ها هن طرح اختلاف ختم ڪري سگهجي ٿو تہ زڪواة ۽ صدقي جو امر بعثت جي ابتداء ۾ ٿيو هو پر ان جو نصاب ۽ مقدار جو بيان ۽ فرضيت جو امر مدينه منوره ۾ آيو هو جيئن شروعات ۾ نماز سج ايرڻ ۽ لهڻ کان اڳي پڙهي ويندي هئي ۽ هجرت کان ڏيڍ سال اڳي الله عزوجل پنهنجي رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم جن تي پنج نمازون فرض ڪيون ۽ انهن جا شرائط ۽ ارڪان تفصيل سان بيان ڪيا. والله اعلم.(٢)

"اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ" بلاشڪ جن ايمان آندو ۽ صالح عمل ڪيا انهن جي لاءِ اڻ ڪٽ اجر آهي. مطلب تہ جن ٻانهن ايمان آندو ان جي نور سان منور ٿيا ۽ سٺا. سهٺا ۽ صالح اعمال ڪيائون الله عزوجل وٽان انهن کي جيڪو اجر ملندو اهو ڪڏهن ڪٽندو ڪونہ. "قُلْ اَئِنَّكُمْ لَتَكْفُرُوْنَ بِالَّذِيْ خَلَقَ

(١) تفسير ابن ڪثير صـ٩٢ جلد٤ (٢) تفسير ابن ڪثير صـ٩٢ جلد٤

اَلْاَرْضَ فِیْ یَوْمَیْنِ وَتَجْعَلُوْنَ لَهٗۤ اَنْدَادًا ؕ ذٰلِكَ رَبُّ الْعٰلَمِیْنَ ۚ فرماءِ تہ ڇا بلاشڪ اوهان ان (الله) جو انڪار ڪيو ٿا جنهن زمين کي ٻن ڏينهن ۾ پيدا ڪيو ۽ ان جي لاءِ شريڪ بنايو ٿا، اهوئي جهانن جو رب آهي. يعني هي زمين جنهن تي اوهان آباد آهيو جنهن جي فضا ۾ اوهان ساهہ کڻو پيا ان کي اوهان جي ڪنهن بت يا ديوتا پيدا نہ ڪيو آهي اها تہ اوهان جي بتن کان بہ اڳي پيدا ڪيل آهي ڇا اوهان ان سچي معبود جو انڪار ڪيو ٿا جنهن ان زمين کي ٻن ڏينهن ۾ وجود ڏنو ۽ اوهان ان الله جل شانه جا پيا شريڪ بنايو ٿا؟ ڇا انهن ۾ ڪابہ اهڙي طاقت آهي جو ڪجهہ پيدا ڪيو اٿن. جڏهن نہ پيدا ڪيو اٿن ۽ نہ پيدا ڪري سگهندا تہ پوءِ انهن کي ڇڏي ڏيو. جنهن اهي پيدا ڪيا اهوئي سڀني جهانن جو رب آهي. ٻن ڏينهن مان مراد موجود ڏينهن ناهن بلڪ بہ دور آهن يا مطلق وقت. (١) علامه احمد بن محمد مالڪي خلوتي حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو قول لکيو آهي تہ: الله سبحانه وتعالیٰ هڪ ڏينهن پيدا ڪيو ان جو نالو "يَوْمُ الْاَحَد" (آچر جو ڏينهن) رکيائين. ٻيو ڏينهن پيدا ڪري ان جو نالو "يوم الاثنين" (سومر جو ڏينهن) رکيائين.

ٽيون ڏينهن پيدا ڪري ان جو نالو "يوم الثلاثاء (اڱاري جو ڏينهن) رکيائين.

چوٿون ڏينهن پيدا ڪري ان جو نالو "يوم الاربعاء" (اربعاء جو ڏينهن) رکيائين.

پنجون ڏينهن پيدا ڪري ان جو نالو "يوم الخميس" (خميس جو ڏينهن) رکيائين.

ڇهون ڏينهن پيدا ڪري ان جو نالو "يوم الجمعة" (جمعي جو ڏينهن) رکيائين.

ستون ڏينهن پيدا ڪري ان جو نالو "يوم السبت" (ڇنڇر جو ڏينهن) رکيائين.

پوءِ زمين آچر ۽ سومر جي ڏينهن پيدا فرمايائين ۽ جبل اڱاري جي ڏينهن ۽ نهرون، وڻ ۽ ڳوٺن جا علائقا اربعاء جي ڏينهن، ۽ پکي، جانور، زمين تي چرندڙ جيت وغيره خميس جي ڏينهن ۽ انسان جمعي جي ڏينهن ۽ باقي خلق کان ڇنڇر

(١) ضياءالقرآن صہ٣٢

جي ڏينهن فارغ ٿيو. ۽ اهو قول صحيح آهي. (١) والله اعلم.

وڌيڪ آسمانن ۽ زمين جي تخليق جي متعلق مفصل بحث وڏن تفسيرن ۾ لکيل آهي اتي ڏسي سگهجي ٿو "وَجَعَلَ فِيْهَا رَوَاسِيَ مِنْ فَوْقِهَا" ۽ ان ۾ ان جي مٿان جبل پيدا ڪيائين. يعني الله عزوجل زمين جي توازن کي درست رکڻ جي لاءِ ان جي مٿان جبل رکيا جيئن قرآن ڪريم جي متعدد آيتن ۾ آيو آهي. ضروري نہ هو تہ جبل زمين جي مٿان رکيا وڃن زمين ۾ اندر بہ رکيا وڃن ها تہ اهو فائدو حاصل ٿئي ها پر زمين جي مٿان رکي ۽ انهن جي بلنديءَ کي عام انسانن ۽ ٻين جانورن جي پهچ کان پري رکڻ ۾ هزارين بلڪہ بي شمار فائدا آهن ان جي ڪري هن آيت ۾ "مِنْ فَوْقِهَا" جي لفظ سان ان خاص نعمت ڏانهن اشارو ڪيل آهي. "وَبَارَكَ فِيْهَا وَقَدَّرَ فِيْهَآ اَقْوَاتَهَا فِيْٓ اَرْبَعَةِ اَيَّامٍ سَوَآءً لِّلسَّآئِلِيْنَ" ۽ ان ۾ برڪتون وڌائين ۽ ان ۾ انهن جا قوت چئن ڏينهن ۾ مقرر ڪيائين. پڇڻ وارن جي لاءِ برابر آهي. يعني الله جل شانہ زمين ۾ برڪت پيدا فرمائي قسم قسم جون ڪاٺيون، وڻ ميوا، اناج وغيره ان مان نڪرن ٿا ۽ مالڪ مٿي ان زمين ۾ رهندڙن جي لاءِ انهن جي غذا ۽ کاڌي جو انتظام ڪيو سر ملڪ ۽ علائقي ۾ اتي جي رهاڪن جي طبيعتن ۽ ضرورتن جي موافق خوراڪ مهيا ڪئي. اهي سڀ ڪم چئن ڏينهن جي وقت ۾ ٿيا. ٻن ڏينهن جيتري وقت ۾ زمين پيدا ڪئي وئي ۽ ٻن ڏينهن جيتري وقت ۾ ان جي متعلقات جو بندوبست ڪيو ويو. هتي ڏينهن مان مراد اڄ ڪلهہ وارا ڏينهن ناهن ڇوتہ سج ۽ چنڊ جي پيدائش کان اڳي انهن جو وجود تصور ۾ ئي نہ هو ان جي ڪري ان مان مراد انهن ڏينهن جو مقدار هوندو. (٢) ۽ "اها پڇندڙن جي لاءِ برابر آهي" جو مطلب تہ الله اهو سڀ انتظام سائلن جي لاءِ تہ برابر ٿاهيو پر غير سائلن جي لاءِ بہ اهوئي آهي. (٣) "ثُمَّ اسْتَوٰٓى اِلَى السَّمَآءِ وَهِيَ دُخَانٌ" ان کان پوءِ آسمان ڏانهن توجہ فرمايائين ۽ اهو دونهون هو. "اسْتَوٰى" جو صلہ جڏهن الي هجي تہ ان جي معنيٰ توجہ ڪرڻ ٿيندي آهي. ان جي ڪري هتي معنيٰ ٿيندي تہ پوءِ الله تعاليٰ آسمان جي طرف توجہ فرمايو ۽ اهو ٻهريان دونهون هو. ڪڪرن ۽ دونهين جو ماده هو جنهن مان ان پنهنجي ڪامل قدرت سان ست آسمان پيدا ڪيا. "فَقَالَ لَهَا وَلِلْاَرْضِ ائْتِيَا طَوْعًا اَوْ كَرْهًا"

(١) الصاوي ص ١٨ جز ٤٠ جلد ٢ (٢) حاشيه عثمانيه ص ٦٢٥ (٣) القرطبي ص ٣٤٣ جلد ١٥

پوءِ ان کي ۽ زمين کي فرمايائين تہ ٻئي خوشيءَ يا نا خوشيءَ سان اچو. يعني آسمان ۽ زمين ٻنهي کي حڪم فرمايائين تہ جنهن فرض جي سر انجام ڏيڻ لاءِ اوهان پيدا ڪيا ويا آهيو ان جي پوري ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيو ان ۾ اوهان جي مرضيءَ جو ڪوبہ دخل ناهي اوهان پسند ڪيو يا نہ ڪيو اوهان کي اسان جي فرمان تي عمل ڪرڻو آهي "قَالَتَآ اَتَيۡنَا طَآئِعِيۡنَ" چيائون تہ اسين خوشيءَ سان حاضر ٿيا آهيون. يعني زمين ۽ آسمان ٻنهي عرض ڪيو تہ اسين نهايت خوشيءَ سان اوهان جي حڪم جي تعميل ڪرڻ جي لاءِ حاضر آهيون "فَقَضٰهُنَّ سَبۡعَ سَمٰوَاتٍ" پوءِ انهن کي ٻن ڏينهن ۾ ست آسمان بنايائين. مطلب تہ الله جل شانه ٻن ڏينهن (جي مدت) ۾ ستئي آسمان ٺاهيا ۽ هر آسمان جي حال موافق اتي احڪام ۽ هدايتون جاري ڪيائين تانتہ انهن ۾ رهندڙ مخلوق الله عزوجل جي منشا مطابق عمر گذاري. "وَاَوۡحٰى فِىۡ كُلِّ سَمَآءٍ اَمۡرَهَا" ۽ هر آسمان ۾ پنهنجو حڪم وحي ڪري موڪليائين. "وَزَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنۡيَا بِمَصَابِيۡحَ ۖ" اسان ويجهي آسمان کي تارن سان سينگاريو آهي، جو جڏهن سج لهندو آهي رات جو انڌيرو ڇائجندو آهي تہ آسمان جا تارا چمڪڻ شروع ڪندا آهن ۽ رات جي اوندهہ انهن جي چمڪاٽ سان گهٽجندي آهي. "وَحِفۡظًا" ۽ حفاظت جي لاءِ. هي فعل محذوف جو مفعول مطلق آهي، يعني اسان جيترو آسمان کي خوبصورت بنايو آهي اوترو ئي ان کي محفوظ ۽ مستحڪم بہ رکيو اٿئون ان ۾ ڪو ڦاٽ نظر نٿو اچي هر طرح جي ٻاهرين مداخلت کان محفوظ آهي "ذٰلِكَ تَقۡدِيۡرُ الۡعَزِيۡزِ الۡعَلِيۡمِ" اها غالب، ڄاڻندڙ جي تقدير آهي. يعني هي سارو نقشو، هر شيءِ جي لاءِ مناسب محل ۽ مقام جو تعين، هر وڏي ۽ ننڍي شيءِ جي لاءِ فرائض ۽ واجبات جو تقرر، هي عقلن کي حيران ڪندڙ انتظام، اها سموري منصوبہ بندي ۽ ان منصوبا بنديءَ جي عملي تطبيق ان خداوند قدوس جي قدرت جو ڪرشمو آهي جيڪو سيني کان غالب، هر شيءِ ڄاڻندڙ آهي. (١)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

١- "قُلۡ اِنَّمَاۤ اَنَا بَشَرٌ مِّثۡلُكُمۡ يُوۡحٰۤى اِلَىَّ" (فرماءِ تہ مان تہ رڳو اوهان جي مثل

(١) ضياء القرآن صہ ٣٣٤ جلد ۴

بشر آهيان مون ڏانهن وحي ڪيو وڃي ٿو). هن مان مراد حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي ظاهري بشريت آهي سندن حقيقت نور آهي جيئن سيرت مبارڪ جي موضوع تي لکيل ڪيترن ئي ڪتابن ۾ سيدنا امام زين العابدين کان روايت آهي ان پنهنجي پيءُ حضرت سيدالشهداء امام حسين کان ان پنهنجي والد حضرت علي رضي الله عنهم کان صحيح سند سان روايتِ آندي آهي ته رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "مان آدم جي خلقت کان چوڏهن هزار (١٤٠٠٠) سال اڳي پنهنجي رب جي اڳيان نور هوس" (هيءَ حديث ٻين سيرت نگارن کان سواءِ اشرف علي صاحب ديوبندي پنهنجي لکيل ڪتاب نشرالطيب جي شروعات ۾ آندي آهي ۽ هيٺان حاشيي ۾ لکيو اٿس ته هن سند کي سلسلة الذهب (سون جي زنجير) سڏيو ويندو آهي. (١) جڏهن پاڻ پهرين بشر حضرت آدم عليه السلام کان به اڳي هئا ته پوءِ حقيقت ۾ نور آهن ان جو انڪار ڪرڻ غلط آهي. ٢- "لَهُمْ أَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُونٍ" (انهن جي لاءِ اڻ ڪٽ اجر آهي) مان معلوم ٿيو ته صالحن مومنن جي لاءِ جنت جون نعمتون اڻ ڪٽ هونديون يا جيڪو مؤمن مسلمان جوانيءَ ۾ صالح عمل گهڻا ڪندڙ هوندو هاڻي پوڙهائپ جي ڪري نٿو ڪري سگهي ته ان کي پوڙهائپ جي حالت ۾ به عمل نه ڪرڻ جي باوجود جوانيءَ جي عملن وارو ثواب ملندو رهندو گهٽ نه ٿيندو. ٣- "ذَٰلِكَ تَقْدِيرُ الْعَزِيزِ الْعَلِيمِ" (اها غالب، ڄاڻندڙ جي تقدير آهي) ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته قرآن حڪيم اهڙو ڪتاب ناهي جنهن ۾ رڳو ڪائنات جي تخليق، تخليق جي دؤر ۽ مدارج جو تعين مقصود هجي. البته جهان جي پيدائش جي متعلق ڪٿي ڪٿي قرآن ڪريم ۾ جيڪي اشارا آهن سائنس جي تحقيقات به اوڏانهن موٽي رهي آهي. علامه آلوسي عليه الرحمته لکيو آهي ته: زمين ۽ آسمان جي پيدائش کان اڳي الله تعالىٰ جو عرش پاڻيءَ تي هو الله جل جلاله ان پاڻيءَ ۾ حرارت پيدا ڪئي ته ان مان ڳجي ۽ دونهون بلند ٿيو ڳجي پاڻيءَ جي سطح تي بيٺي رهي ۽ الله عزوجل ان ۾ خشڪي پيدا ڪري ان مان زمين ناهي ۽ جيڪو دونهون بلند ٿيو هو ان مان آسمان پيدا ڪيائين. (٢) سائنس جي جديد تحقيقات به ان نظريي جي تمام گهڻو ويجهو اچي رهي آهي.

(١) نشرالطيب صہ (٢) روح المعاني صہ١٠٢ جز ٢٤ جلد ٨

فَاِنْ اَعْرَضُوْا فَقُلْ اَنْذَرْتُكُمْ صٰعِقَةً
پوءِ جيڪڏهن منهن موڙين تہ پوءِ فرماءِ تہ ڊيڄاريو مون اوهان کي عذاب کان
مِّثْلَ صٰعِقَةِ عَادٍ وَّثَمُوْدَ ؕ (١٣) اِذْ جَآءَتْهُمُ الرُّسُلُ
مثال عذاب عاد ۽ ثمود جي جڏهن آيا انهن وٽ رسول
مِنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ وَمِنْ خَلْفِهِمْ اَلَّا تَعْبُدُوْٓا اِلَّا اللّٰهَ ؕ
اڳيان انهن جي ۽ پويان انهن جي هن لاءِ تہ نہ عبادت ڪيو مگر الله جي
قَالُوْا لَوْشَآءَ رَبُّنَا لَاَنْزَلَ مَلٰٓئِكَةً
چيائون تہ جيڪڏهن گهري ها اسان جو رب تہ البتہ لاهي ها ملائڪ
فَاِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ (١٤)
پوءِ بيشڪ اسين ان جو جنهن سان اوهان موڪليا ويا آهيو ڪفر ڪندڙ آهيون
فَاَمَّا عَادٌ فَاسْتَكْبَرُوْا فِى الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَقَالُوْا
پوءِ پر عاد (وارن) پوءِ تڪبر ڪيائون زمين ۾ ناحق ۽ چيائون
مَنْ اَشَدُّ مِنَّا قُوَّةً ؕ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِىْ
ڪير وڌيڪ ڏاڍو آهي اسان کان قوت ۾ ڇا نہ ڏٺائون تہ بيشڪ الله جنهن
خَلَقَهُمْ هُوَ اَشَدُّ مِنْهُمْ قُوَّةً ؕ وَكَانُوْا بِاٰيٰتِنَا
پيدا ڪيو انهن کي اهو وڌيڪ ڏاڍو آهي انهن کان قوت ۾ ۽ اسان جي آيتن جو

يَجۡحَدُوۡنَ (١٥) فَاَرۡسَلۡنَا عَلَيۡهِمۡ رِيۡحًا صَرۡصَرًا فِىۡۤ اَيَّامٍ

انڪار ڪندا هئا پوءِ موڪليوسون انهن تي واءُ سخت نحس

نَّحِسَاتٍ لِّنُذِيۡقَهُمۡ عَذَابَ الۡخِزۡىِ فِى الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا ؕ

ڏينهن ۾ تانته چکايون انهن کي خواريءَ وارو عذاب دنيا واري حياتيءَ ۾

وَلَعَذَابُ الۡاٰخِرَةِ اَخۡزٰى وَهُمۡ لَا يُنۡصَرُوۡنَ (١٦)

۽ البته آخرت جو عذاب وڏيڪ خوار ڪندڙ آهي ۽ اهي نه مدد ڪيا ويندا

وَاَمَّا ثَمُوۡدُ فَهَدَيۡنٰهُمۡ فَاسۡتَحَبُّوا الۡعَمٰى

۽ پر ثمود (وارن کي) پوءِ هدايت ڪئي سون انهن کي پوءِ پسند ڪيائون انڌائپ کي

عَلَى الۡهُدٰى فَاَخَذَتۡهُمۡ صٰعِقَةُ الۡعَذَابِ الۡهُوۡنِ بِمَا كَانُوۡا

هدايت تي پوءِ پڪڙيو انهن کي ڪڙڪي عذاب، خوار ڪندڙ جي ان سببان جو

يَكۡسِبُوۡنَ (١٧) وَنَجَّيۡنَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا وَكَانُوۡا يَتَّقُوۡنَ ؑ (١٨)

ڪيائون ٿي ۽ ڇڏايوسون انهن کي جن ايمان آندو ۽ ڊڄندا هئا.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جي منهن موڙڻ جو بيان هو ۽ هتي انهن کي منهن موڙڻ جي ڪري ايندڙ عذاب کان ڊيڄارڻ جو حڪم ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "فَاِنۡ اَعۡرَضُوۡا فَقُلۡ اَنۡذَرۡتُكُمۡ صٰعِقَةً مِّثۡلَ صٰعِقَةِ عَادٍ وَّ ثَمُوۡدَ ؕ اِذۡ جَآءَتۡهُمُ الرُّسُلُ مِنۡۢ بَيۡنِ اَيۡدِيۡهِمۡ وَمِنۡ خَلۡفِهِمۡ اَلَّا تَعۡبُدُوۡۤا اِلَّا اللّٰهَ ؕ" پوءِ جيڪڏهن منهن موڙين ته پوءِ فرماءِ مون اوهان کي عاد ۽ ثمود جي عذاب جهڙي عذاب کان ڊيڄاريو آهي جڏهن انهن وٽ

انهن جي اڳيان ۽ انهن جي پويان رسول آيا ته هڪ سچي معبود کان سواءِ ڪنهن جي عبادت نه ڪيو.

يعني اي محبوب! (ڪريم صلى الله عليه وسلم) اوهان پنهنجي قوم جي مشرڪن کي فرمايو ته جيڪڏهن اوهان الله عزوجل جي حڪم کان روگرداني ڪئي ته اوهان تي به عاد ۽ ثمود جي قومن وارا عذاب ڪڙڪندا جن انهن وٽ مسلسل اچڻ وارن نبين علىٰ نبينا وعليهم الصلواة والسلام کي نه مڃيو هو. انهن کين اها هدايت ڪئي هئي ته هڪ الله جل شانه کان سواءِ ڪنهن جي به عبادت نه ڪيو.

" قَالُوْا لَوْشَآءَ رَبُّنَا لَاَنْزَلَ مَلٰٓئِكَةً فَاِنَّا بِمَآ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ" چيائون ته جيڪڏهن اسان جو رب گهري ها ته ملائڪ لاهي ها پوءِ اسان ان ڳالهه جا جنهن سان اوهان موڪليا ويا آهيو انڪار ڪندڙ آهيون. يعني انهن حق جي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندي چيو ته جيڪڏهن الله عزوجل اسان کي هدايت ڪرڻ گهري ها ته ڪو ملائڪ موڪلي ها. اوهان کي رسول نه بنائي ها اسين اوهان جي رسالت کي ڪونه ٿا مڃيون. "فَاَمَّا عَادٌ فَاسْتَكْبَرُوْا فِى الْاَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَقَالُوْا مَنْ اَشَدُّ مِنَّا قُوَّةً" پوءِ پر عاد (جي قوم وارن) پوءِ زمين تي ناحق وڏائي ڪئي ۽ چيائون ته قوت ۾ اسان کان وڌيڪ ڪير آهي؟ يعني عاد قوم وارن انهن ڏانهن موڪليل الله جل شانه جي پياري رسول (علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام) کي نه مڃيندي انڪار ڪندي چيو ته ڪير اسان کان وڌيڪ قوت وارو آهي جيڪو اسان کي سزا ڏيندو؟ اهي قد ۾ ڊگها ۽ جسماني لحاظ سان مضبوط هوندا هئا تڏهن حضرت هود عليه السلام کي ائين چيو هيائون (١) الله عزوجل انهن جو رد ڪندي فرمايو "اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ الَّذِىْ خَلَقَهُمْ هُوَ اَشَدُّ مِنْهُمْ قُوَّةً" ڇا نه ڏٺائون ته بيشڪ الله جنهن انهن کي پيدا ڪيو اهو انهن کان قوت ۾ گهڻو وڌيڪ آهي. يعني اهو نٿا ڏسن ته ڪنهن سان ٿا عداوت رکن جنهن کين وجود ڏنو آهي سو ڪائنات هر لحاظ سان قوت ۾ وڌيڪ آهي ان جي پڪڙ به شديد آهي جنهن ڳالهه تي اهو قادر آهي پيا قادر ناهن. (٢) "وَكَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ" ۽ اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا. يعني اسان جيڪي آيتون پنهنجن پيغمبرن عليهم الصلوٰة والسلام تي نازل فرمايون انهن کي سمجهندا به هئا

(١) خازن صـ ٨٣ جلد ٤ (٢) الكشاف صـ ٤٤٩ جلد ٣

سجاڻندا بہ هئا ان هوندي بہ هرو پرو انهن جو انڪار ڪري پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جي بي فرماني ڪندا هئا ۽ انهن آيتن مان هي مراد بہ ٿي سگهي ٿي تہ اسان جيڪي تڪويني نشانيون دنيا ۾ قائم ڪيون آهن ۽ دليل بيهاريا آهن انهن جو انڪار ڪندا هئا (١)

"فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا صَرْصَرًا فِيْٓ اَيَّامٍ نَّحِسَاتٍ لِّنُذِيْقَهُمْ عَذَابَ الْخِزْيِ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا" پوءِ اسان انهن تي منحوس ڏينهن ۾ ڪڙڪيدار هوا موڪلي تانتہ انهن کي دنيوي حياتيءَ ۾ خوار ڪندڙ عذاب چکايون. "صرصرا" ڪڙڪيدار ۽ سخت ٿڌي هوا کي سڏيو ويندو آهي. الله جل شانه انهن تي اهڙي سخت ٿڌي ۽ آواز ڪندڙ هوا موڪلي جنهن جي شور سان ڪنن جا پردا ڦاٽي ٿي پيا اها اٺ راتيون ۽ ست ڏينهن هلي ان هوا سندن جاين کي پاڙان پٽي اڇلائي ڇڏيو هو ۽ ان جي شدت برداشت نہ ڪندي اهي ائين ٿي ڪريا جيئن کجين جا پراڻا ٿڙ پاڙان پٽجي وڃي ڪرن. اهو عذاب انهن تي هڪ اربعاء جي ڏينهن کان شروع ٿيو ٻئي اربعاء جي ڏينهن (۽ خميس جي رات تائين) هلي پورو ٿيو. (٢) "وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَخْزٰى وَهُمْ لَا يُنْصَرُوْنَ" ۽ البتہ آخرت جو عذاب وڌيڪ خوار ڪندڙ آهي ۽ اهي مدد نہ ڪيا ويندا. يعني خوار ۽ ذليل ڪرڻ جي لحاظ سان آخرت وارو عذاب دنيا جي عذاب کان وڌيڪ آهي ۽ انهن ڪافرن جي اتي ڪو مدد نہ ڪري سگهندو. "وَاَمَّا ثَمُوْدُ فَهَدَيْنٰهُمْ فَاسْتَحَبُّوا الْعَمٰى عَلَى الْهُدٰى" ۽ پر ثمود (جي قوم وارن) کي پوءِ اسان هدايت ڏني انهن هدايت جي بجاءِ انڌائپ سان محبت رکي. يعني اسان ثمود جي قوم وارن ڏانهن سندن نبي حضرت صالح عليه السلام جي ذريعي هدايت موڪلي پر انهن هدايت جي بجاءِ انڌائپ، گمراهي پسند ڪئي هدايت جي نور سان روشن نہ ٿيا. تڪويني توڙ تشريعي دلائل نہ ڏٺائون "فَاَخَذَتْهُمْ صٰعِقَةُ الْعَذَابِ الْهُوْنِ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ" پوءِ انهن کي خواري واري عذاب جي ڪڙڪي سندن ئي ڪمائيءَ جي ڪري پڪڙيو. يعني الله جل شانه جي توحيد کي نہ مڃڻ، ان جي پيارن پيغمبرن عليهم الصلواة والسلام جي بي فرماني ڪرڻ، انهن کي ڪوڙو.چوڻ جي ڪري ڪين سخت ۽ خوار ڪرڻ واري عذاب پڪڙيو. "وَنَجَّيْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ ع" ۽

(١) المراغي صـ١١٧ جز٠ ٢۴ جلد٨ (٢) المدارڪ صـ٩٠ جز٠ ۴ جلد٢

اسان انهن کي ڇڏايو جن ايمان آندو ۽ پرهيزگار بڻيا هئا. يعني ان عذاب کان اسان مؤمنن ۽ متقين کي محفوظ رکيو.

فائدا.

مذکوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١- "اِذۡ جَآءَتۡهُمُ الرُّسُلُ" (جڏهن انهن وٽ رسول آيا) مان معلوم ٿيو تہ ڪنهن بہ قوم تي عذاب تڏهن آيو جڏهن انهن رسولن عليهم الصلواة والسلام جو انڪار ڪيو. مگر اسان جي آقا نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي امت تي دنيا ۾ آسمان کان عام عذاب نہ آيو ۽ نہ انشا ءالله عزوجل ايندو ها خاص ماڻهن تي اچي سگهي ٿو۽ آخري زماني ۾ تہ ايندو. ٢- "فَاسۡتَكۡبَرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ بِغَيۡرِ الۡحَقِّ" (پوءِ زمين ۾ ناحق تڪبر ڪيائون) مان معلوم ٿيو تہ تڪبر حق بہ آهي ناحق بہ آهي، ناحق تڪبر برو آهي جيئن ڪافرن ڪيو. حق تڪبر ڀلو آهي جيئن مؤمن ڪافر جي مقابلي ۾ ڪري جو دين ۽ ايمان جي لحاظ سان پاڻ کي ان کان ڀلو سمجهي پر نبين عليهم الصلواة والسلام ۽ الله جي مقبول ٻانهن ولين جي مقابلي ۾ پاڻ کي ڀلو سمجهڻ، ڪفر آهي يا حرام. ٣- "فِىۡۤ اَيَّامٍ نَّحِسَاتٍ" منحوس ڏينهن ۾. سمجهڻ گهرجي تہ اسلامي اصول ۽ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي حديثن مان ثابت آهي تہ ڪوبہ ڏينهن يا رات پنهنجي ذات ۾ منحوس ناهي، عاد قوم تي جن ڏينهن ۾ عذاب آيو انهن کي "نحسات" چوڻ جو مطلب آهي تہ اهي ڏينهن ان قوم جي حق ۾ مٿن عذاب اچڻ جي ڪري منحوس هئا ان مان اهو لازم ناهي تہ اهي ڏينهن هر ڪنهن جي لاءِ منحوس آهن. (١) علامہ آلوسي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ: هي ائين ناهي جيئن ماڻهو سمجهندا آهن تہ ڪي وقت منحوس آهن. (٢) علامہ محمد بن عبدالله المعروف بابن عربي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ "عاد جي قوم تي اربعاء کان اربعاء ڏينهن تائين عذاب اچڻ جي ڪري ماڻهو اربعاء جي ڏينهن کي منحوس سمجهندا آهن ۽ ان ۾ سفر ڪرڻ کي پسند نہ ڪندا آهن پر اهو صحيح ناهي. اربعاء جو ڏينهن عجيب ڏينهن آهي. ان ڏينهن ۾ الله تعالىٰ نور پيدا ڪيو ۽ حديث (مبارڪ) ۾ آهي تہ "الله تعالىٰ اربعاء جي ڏينهن مضبوطيءَ جو مادو پيدا فرمايو جنهن سان

(١) معارف القرآن صہ۶۴۴ جلد٧ (٢) روح المعاني صہ١١٢ جزء ٢۴ جلد٨

هر شيءِ کي مضبوط ڪيائين يعني سون، چاندي، ٽامي، لوهہ ۽ ڪٽ جون ڪاٺيون. پوءِ جنهن ڏينهن ۾ تڪليفون پيدا ٿيون ماڻهو ان کي برو نٿا سمجهن ۽ جن ڏينهن ۾ نور ۽ مضبوط ڪندڙ شيون پيدا ٿيون ماڻهو ان کي برو سمجهن ٿا. هي ڪليل جهالت آهي ۽ مغازي ۾ آهي تہ نبي پاڪ صلی الله عليه وسلم جن احزاب جي جنگ وقت ڪافرن تي فتح حاصل ڪرڻ جي لاءِ سومر ڪان اربعاء تائين ظهر ڪان عصر جي وچ ۾ دعا گهرندا رهيا ۽ اها سندن دعا مستجاب ٿي. هيءَ نهايت ڀلي گهڙي آهي. صحيح روايتون هن ڏينهن جي ڀلائيءَ تي دلالت ڪندڙ آهن. اهڙي ڏينهن کي غير صحيح حديثن سان منحوس چوڻ ڪيئن ٿو ٺهي ۽ ڪن ماڻهن شمسي حساب سان ڪيترن ڏينهن کي ڪرامت وارو قرار ڏيئي نقشو ٺاهيو آهي. ان ۾ نهارڻ بہ مسلمان جي لاءِ حلال ناهي ۽ نہ ان ۾ مشغول ٿيڻ گهرجي. (١) والله اعلم.

وَيَوْمَ يُحْشَرُ اَعْدَآءُ اللّٰهِ اِلَى النَّارِ فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ (١٩)

۽ جنهن ڏينهن اٿاريا ويندا الله جا دشمن باهہ ڏانهن پوءِ اهي (هڪ ٻئي لاءِ) ترسايا ويندا

حَتّٰٓى اِذَا مَا جَآءُوْهَا شَهِدَ عَلَيْهِمْ سَمْعُهُمْ وَاَبْصَارُهُمْ

تانجو جڏهن ايندا ان وٽ تہ شاهدي ڏيندا انهن تي ڪن انهن جاءِ اکيون انهن جون

وَجُلُوْدُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ (٢٠) وَقَالُوْا لِجُلُوْدِهِمْ لِمَ شَهِدْتُّمْ

۽ کلون انهن جون جيڪي ڪندا هئا ۽ چوندا پنهنجين کلن کي تہ ڇو شاهدي ڏني اوهان

عَلَيْنَا ۭ قَالُوْٓا اَنْطَقَنَا اللّٰهُ الَّذِيْٓ اَنْطَقَ كُلَّ شَيْءٍ

اسان تي تہ چونديون ڳالهرايو اسان کان الله جنهن ڳالهرايو هر شيءِ کي

وَّهُوَ خَلَقَكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ (٢١)

۽ انهيءَ پيدا ڪيو اوهان کي پهرئين ڀيري ۽ ان ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ

(١) احڪام القرآن لابن عربي صہ١٦٦٠ جلد ٤

وَمَا كُنْتُمْ تَسْتَتِرُوْنَ اَنْ يَّشْهَدَ عَلَيْكُمْ سَمْعُكُمْ وَلَآ اَبْصَارُكُمْ

۽ نڪي پردو ڪيو اوهان هن ڪان تہ شاهدي ڏيندا اوهان تي ڪن اوهان جا ۽ نہ اکيون اوهان جون

وَلَاجُلُوْدُكُمْ وَلٰكِنْ ظَنَنْتُمْ اَنَّ اللّٰهَ لَايَعْلَمُ كَثِيْرًا مِّمَّا

۽ نہ کلون اوهان جون ۽ پر گمان ڪيو اوهان تہ بيشڪ الله نٿو ڄاڻي گهڻو ان مان

تَعْمَلُوْنَ (٢٢) وَذٰلِكُمْ ظَنُّكُمُ الَّذِيْ ظَنَنْتُمْ بِرَبِّكُمْ

جيڪي ڪيو پيا ۽ اهو اوهان جو (اهو) گمان آهي جيڪو گمان ڪيو اوهان پنهنجي رب ۾

اَرْدٰىكُمْ فَاَصْبَحْتُمْ مِّنَ الْخَاسِرِيْنَ (٢٣) فَاِنْ يَّصْبِرُوْا

هلاڪ ڪيائين اوهان کي پوءِ ٿي پيئو نقصان وارن مان پوءِ جيڪڏهن صبر ڪندا

فَالنَّارُ مَثْوًى لَّهُمْ ۚ وَاِنْ يَّسْتَعْتِبُوْا فَمَاهُمْ مِّنَ الْمُعْتَبِيْنَ (٢٤)

پوءِ باهہ جاءِ آهي انهن جي لاءِ ۽ جيڪڏهن معافي طلب ڪندا پوءِ ناهن اهي معافي ڏنلن مان

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن کي دنيا ۾ ملندڙ عذاب جو بيان هو ۽ هتي انهن کي پيش اچڻ واري آخرت جي عذاب جو بيان ڪندي فرمان ٿي رهيو آهي "وَيَوْمَ يُحْشَرُ اَعْدَآءُ اللّٰهِ اِلَى النَّارِ فَهُمْ يُوْزَعُوْنَ" ۽ (ياد فرماءِ) جڏهن الله جا دشمن باهہ ڏانهن اٿاريا ويندا پوءِ (اهي پوين جي پهچڻ لاءِ) ترسايا ويندا. مطلب تہ الله جي دشمن ڪافرن جون مختلف جماعتون جڏهن اٿاري جهنم ڏانهن روانيون ڪيون وينديون تہ اهي پويان اچڻ وارن جي انتظار ۾ جهنم جي ويجهو روڪيون وينديون "حَتّٰٓى اِذَا مَا جَآءُوْهَا شَهِدَ عَلَيْهِمْ سَمْعُهُمْ وَاَبْصَارُهُمْ وَجُلُوْدُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" تانجو جڏهن ان وٽ ايندا تہ انهن تي سندن ڪن ۽ سندن اکيون ۽ سندن کلون انهن

عملن جي شاهدي ڏينديون جيڪي ڪندا هئا. مطلب تہ انهن جي ڪيلن عملن جي شاهدي سندن ڪن ۾ اکيون ۾ کلون ڏينديون اسان جي زندگيءَ جو هر ڪم ٽيپ ٿي رهيو آهي اسان جي اعمال جو ناقابل ترديد رڪارڊ تيار ٿي رهيو آهي قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن ڪو انڪار ڪندي ڪرامًا ڪاتبين جي شاهدي نہ مڃيندو تہ سندس مذڪوره اعضاء کي ڳالهائڻ جو اذن ملندو ۽ جڏهن اهي شاهدي ڏيندا تڏهن وري ڪنهن بہ ڳالهہ جو انڪار نہ ڪندو "وَقَالُوْا لِجُلُوْدِهِمْ لِمَ شَهِدْتُّمْ عَلَيْنَا قَالُوْٓا اَنْطَقَنَا اللّٰهُ الَّذِيْٓ اَنْطَقَ كُلَّ شَيْءٍ وَّهُوَ خَلَقَكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ" ۽ پنهنجين کلن کي چوندا تہ اسان تي اوهان شاهدي ڇو ڏني؟ چونديون اسان کان ان الله ڳالهرايو جنهن هر شيءِ کان ڳالهرايو آهي. يعني اهي پنهنجين کلن کان پڇا ڪندا تہ اوهان اسان تي شاهدي ڇو ڏني؟ اوهان کي ڪهڙي ضرورت پئي هئي؟ اهي ڪين جواب ڏينديون تہ اسان تي ڪاوڙ نہ ڪيو اسان جو ان ۾ ڪهڙو ڏوهہ آهي جيڪو الله هر شيءِ کي ڳالهائڻ جي قوت ڏي ٿو ان اسان کي ڳالهائڻ ۽ شاهدي ڏيڻ جو حڪم ڪيو تڏهن اسان شاهدي ڏني آهي.

امام مسلم الافراد ۾ حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آندي آهي تہ اسين رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي خدمت عاليہ ۾ ويٺا هئاسون تہ پاڻ کلي ڏنائون ۽ فرمايائون تہ "اوهان سمجهو ٿا تہ مان ڇو ٿو کلان؟ اسان عرض ڪيو تہ "الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ ڄاڻن ٿا" فرمايائون تہ (مان) الله سان ٻانهي جي خطاب تان (کلي رهيو آهيان) ٻانهو عرض ڪندو تہ: اي منهنجا پالڻهار! ڇا تو مون کي ظلم کان پناهہ نہ ڏني؟ الله فرمائيندو تہ "هائو" اهو ٻانهو عرض ڪندو تہ: مون تي منهنجي وجود مان ڪنهن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ شاهد منظور ناهي. الله فرمائيندو تہ اڄ تون پنهنجو پاڻ ئي شاهد ڪافي آهين ۽ ڪرامًا ڪاتبين بہ شاهد آهن. پوءِ ان جي منهن (وات) تي مهر لڳائي ويندي، سندس عضون کي چيو ويندو تہ ڳالهايو پوءِ اهي انهن جا اعمال بيان ڪندا بعد ۾ ان کان انهن جي ڳالهہ ٻولهہ روڪي ويندي پوءِ چوندو تہ: اوهان جي لاءِ دوري ۽ عذاب آهي، مان اوهان جي پاران تہ جهيڙا ڪندو هوس" (١) ۽ ان اوهان کي پهرين ٻيري پيدا

(١) زادالمسير صہ ٢٥١ جلد ٧

فرمايو ۽ اهو هر شيءِ ڳالهائڻ جي لائق آهي. آيت مبارڪ جو هي حصو ڪلن جي جواب ۾ ناهي، نئون جملو آهي. (١) مطلب ته الله عزوجل جيئن اوهان کي پيدا ڪيو آهي ۽ ان ڏانهن ئي اوهان حساب وغيره جي لاءِ موٽايا ويندؤ تيئن ڪلن ڪان به اهوئي ڳالهرائي سگهي ٿو ۽ اهي ڳالهائي شاهديون ڏينديون.

"وَمَا كُنْتُمْ تَسْتَتِرُوْنَ اَنْ يَّشْهَدَ عَلَيْكُمْ سَمْعُكُمْ وَلَآ اَبْصَارُكُمْ وَلَا جُلُوْدُكُمْ" ۽ نه ٿي پردو ڪيو اوهان هن ڪان ته شاهدي ڏيندا اوهان تي اوهان جا ڪن ۽ نه اوهان جو اکيون ۽ نه اوهان جون کلون. يعني اوهان لڪي گناهه ڪندا هيئو پر اوهان کي اها خبر نه هئي ته اوهان جا عضوا اوهان تي شاهد ٿي بيهندا. انهن کان ته لڪ ڪري نٿي سگهيئو. "وَلٰكِنْ ظَنَنْتُمْ اَنَّ اللّٰهَ لَا يَعْلَمُ كَثِيْرًا مِّمَّا تَعْمَلُوْنَ" ۽ پر اوهان گمان ڪيو هو ته اوهان جيڪي ڪيو ٿا الله ان مان گهڻا عمل ڪونه ٿو ڄاڻي. مطلب ته اوهان جي عمل مان معلوم ٿئي ٿو ته اوهان کي الله جي علم محيط جو يقين ئي نه هو. ته ڪو اهو اوهان جي هر عمل کي ڄاڻي ٿو. اوهان کي جيڪڏهن پڪو يقين هجي ها ته الله عزوجل اوهان جي چرپر ڪان چڱيءَ طرح واقف آهي ۽ اسان جي اعمال جو رڪارڊ ان وٽ پوري طرح محفوظ آهي ته پوءِ اهڙيون شرارتون ڪڏهن به نه ڪيو ها. "وَذٰلِكُمْ ظَنُّكُمُ الَّذِيْ ظَنَنْتُمْ بِرَبِّكُمْ اَرْدٰىكُمْ فَاَصْبَحْتُمْ مِّنَ الْخٰسِرِيْنَ" ۽ اوهان جي انهيءَ گمان جيڪو اوهان پنهنجي رب سان ڪيو هو اوهان کي هلاڪ ڪيو پوءِ ٿي پيئو نقصان وارن مان. يعني اوهان کي اها سموري تڪليف اوهان جي ان بدگمانيءَ جي ڪري پهتي آهي. (٢) "فَاِنْ يَّصْبِرُوْا فَالنَّارُ مَثْوًى لَّهُمْ وَاِنْ يَّسْتَعْتِبُوْا فَمَا هُمْ مِّنَ الْمُعْتَبِيْنَ" پوءِ جيڪڏهن صبر ڪندا ته پوءِ سندن جاءِ باهه آهي ۽ جيڪڏهن عذر پيش ڪرڻ گهرندا ته پوءِ اهي عذر ٻڌل ناهن. هتي ٻڌايو ٿو وڃي ته جڏهن قيامت ۾ ڪافر ۽ مشرڪ جهنم جي ڪناري تي آڻي بيهاريا ويندا ۽ ان جا شعلا ڏسندا ته ان وقت الله تعالىٰ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي وڏا عذر پيش ڪندا پر انهن جا اهي عذر قبول نه ڪيا ويندا ۽ ان عذاب ۾ وڌا ويندا.

(١) خازن صـ ٨٤ جلد ۴ (٢) مدارڪ صـ ٩٢ جز ۴٠ جلد ٢

فائدا.

مذڪوره آيات مان هي فائدا ذهن ۾ ويهن ٿا.

١- "شَهِدَ عَلَيۡهِمۡ سَمۡعُهُمۡ وَأَبۡصَٰرُهُمۡ وَجُلُودُهُم" (انهن تي سندن ڪن، اکيون ۽ کلون شاهدي ڏينديون) هن مان معلوم ٿيو تہ قيامت جي ڏينهن ڪافرن جي زبان ڪوڙ هٽندي باقي عضوا سچ ڳالهائيندا ۽ وري اها زبان ٿي انهن عضون کي چوندي تہ اوهان شاهدي ڇو ڏني؟ ان جي باوجود اهي سڀ عضوا جهنم ۾ داخل ٿيندا ڇوتہ جرم ڪرڻ ۾ اهي بہ زبان جا ساٿي بڻيا هئا ۽ اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪنهن مقدمي ۾ شاهدن جا بيان وٺڻ حاڪم جي بي خبر يا ان ڪان بي علم هجڻ جو دليل ناهي الله عزوجل کي سڀ علم ۽ خبر آهي ان هوندي بہ شاهدن جا بيان وٺي ٿو. ان جي ڪري ام المومنين سيده عائشه رضي الله عنها مٿان لڳايل الزام ۽ بهتان جي حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جي طرفان تحقيق ڪرڻ سندن بي علمي جو دليل ناهي "أَنطَقَنَا ٱللَّهُ" (اسان کان الله ڳالهرايو آهي) هن مان معلوم ٿيو تہ اهي عضوا فصيح زبان سان ظاهر ظهور ڳالهائيندا. دنيا ۾ بہ وڻ، پٿر وغيره ڳالهائن ٿا. حضرت رومي عليه الرحمتہ جو شعر آهي.

نطق آب ونطق خاک ونطق گل
هست محسوس حواس اهل دل

يعني اهل دل، الله جي ولين کي پاڻي ۽ مٽيءَ جو ڳالهائڻ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي اهي انهن سان ڳالهائيندا آهن.

وَقَيَّضۡنَا لَهُمۡ قُرَنَآءَ فَزَيَّنُواْ لَهُم مَّا بَيۡنَ أَيۡدِيهِمۡ

۽ مقرر ڪيا اسان انهن جي لاءِ ساٿي پوءِ سينگاريائون انهن جي لاءِ جيڪو انهن جي اڳيان آهي

وَمَا خَلۡفَهُمۡ وَحَقَّ عَلَيۡهِمُ ٱلۡقَوۡلُ فِيٓ أُمَمٖ

۽ جيڪو سندن پويان آهي ۽ ثابت ٿيو انهن تي فرمان (عذاب) ٽولين ۾

قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنَ الْجِنِّ وَالْإِنْسِ ۚ إِنَّهُمْ كَانُوا

جيڪي گذريون انهن کان اڳي جنن مان ۽ انسانن مان بلاشڪ اهي هئا

خٰسِرِيْنَ (٢٥) وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَاتَسْمَعُوْا لِهٰذَا الْقُرْاٰنِ ٣ ع ١٤

نقصان وارا ۽ چيو انهن جن ڪفر ڪيو تہ نہ ٻڌو هي قرآن

وَالْغَوْا فِيْهِ لَعَلَّكُمْ تَغْلِبُوْنَ (٢٦) فَلَنُذِيْقَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

۽ لُڙڪيو ان ۾ شايد اوهان غالب ٿيو پوءِ البتہ ضرور چکائينداسون ڪافرن کي

عَذَابًا شَدِيْدًا ۙ وَّلَنَجْزِيَنَّهُمْ اَسْوَاَ الَّذِيْ

عذاب سخت ۽ البتہ ضرور بدلو ڏينداسون انهن کي برو ان جو

كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ (٢٧) ذٰلِكَ جَزَآءُ اَعْدَآءِ اللّٰهِ النَّارُ ج

جيڪي ڪندا هئا اهو بدلو آهي الله جي دشمنن جو باهہ

لَهُمْ فِيْهَا دَارُ الْخُلْدِ ؕ جَزَآءً ۢ بِمَا كَانُوْا

انهن جي لاءِ ان ۾ هميشہ رهڻ جي جاءِ آهي بدلو ٿي ان جو جيڪو

بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ (٢٨) وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا رَبَّنَآ

اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا ۽ چوندا ڪافر تہ اي اسان جا پالڻهار!

اَرِنَا الَّذَيْنِ اَضَلّٰنَا مِنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ

ڏيکار اسان کي اهي جن اسان کي گمراهہ ڪيو هو جنن ۽ انسانن مان

نَجۡعَلۡهُمَا تَحۡتَ أَقۡدَامِنَا لِيَكُونَا مِنَ ٱلۡأَسۡفَلِينَ (٢٩)

تہ ڪيون اسين انهن کي هيٺان پيرن پنهنجي تانتہ هجن هيٺين مان.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ ڪافرن جو ڪفر تي سختيءَ سان قائم رهڻ جو ذڪر هو ۽ هتي ان جو سبب ٻڌائيندي ارشاد ٿي رهيو آهي "وَقَيَّضۡنَا لَهُمۡ قُرَنَآءَ فَزَيَّنُواْ لَهُم مَّا بَيۡنَ أَيۡدِيهِمۡ وَمَا خَلۡفَهُمۡ" ۽ اسان انهن جي لاءِ ساٿي، مقرر ڪيا پوءِ انهن سندن جي لاءِ جيڪي سندن اڳيان ۽ سندن پويان هو ان کي سينگاريو. يعني اسان انهن جي لاءِ اهڙا ساٿي جنّ شيطان ۽ انسان مقرر ڪيا هئا جو ڪين سندن پهريان يا پويان ڪيل برا عقائد ۽ بڇڙا اعمال سينگاري ڏيکارين پيا. ۽ انهن شيطانن جو مقرر ڪرڻ بہ سندن طرفان الله جل شانه جي ذڪر کان منهن موڙڻ جي ڪري هو جيئن ٻي آيت ۾ رباني ارشاد آهي "وَمَن يَعۡشُ عَن ذِكۡرِ ٱلرَّحۡمَٰنِ نُقَيِّضۡ لَهُۥ شَيۡطَٰنٗا فَهُوَ لَهُۥ قَرِينٞ" (١) (۽ جيڪو رحمٰن جي ذڪر کان منهن مٽيندو ان جي لاءِ اسين شيطان مقرر ڪنداسون پوءِ اهو ان جو ساٿي هوندو) "وَحَقَّ عَلَيۡهِمُ ٱلۡقَوۡلُ فِيٓ أُمَمٖ قَدۡ خَلَتۡ مِن قَبۡلِهِم مِّنَ ٱلۡجِنِّ وَٱلۡإِنسِ" ۽ انهن تي ڪائنن اڳي جنن ۽ انسانن مان گذريلن ٽولين ۾ (عذاب جو) قول ثابت ٿي چڪو هو. يعني جيئن اڳين تي عذاب واجب ٿي چڪو هو تيئن هنن لاءِ بہ عذاب واجب ٿي چڪو آهي "إِنَّهُمۡ كَانُواْ خَٰسِرِينَ" بلاشڪ اهي هئا نقصان وارا. مطلب تہ اهي سيئي نقصان ۽ هلاڪت ۾ برابر آهن "وَقَالَ ٱلَّذِينَ كَفَرُواْ لَا تَسۡمَعُواْ لِهَٰذَا ٱلۡقُرۡءَانِ وَٱلۡغَوۡاْ فِيهِ لَعَلَّكُمۡ تَغۡلِبُونَ" ۽ چيو ڪافرن تہ هي قرآن نہ ٻڌو ۽ ان ۾ گُڙ ڪيو تانتہ اوهان غالب رهو. مقصد تہ جڏهن نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم قرآن ڪريم تلاوت ڪري تہ اوهان اهڙو لڙ مچايو جو قرآن ڪريم ٻڌڻ ۾ نہ اچي ۽ ان طريقي سان اوهان غلبو حاصل ڪيو. قرآن ڪريم هڪدم دلين ۾ اثر ڪندو هو ان جي ڪري اهو رستو اختيار ڪيو هيائون. ابن ابي حاتم حضرت

(١) سورة زخرف آيت ع٣٦

عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن مڪه مڪرمه جي رهڻ دوران جڏهن وڏي آواز سان قرآن پاڪ پڙهندا هئا تہ مشرڪ اتي موجود ماڻهن کي تڙيندا هئا ۽ سيٽون ۽ تاڙيون وڄائيندي وڏو شور ۽ لڙ مچائيندا هئا تہ جيئن ڪير بہ قرآن ڪريم ٻڌي نہ سگهي. (١) ۽ جڏهن ماڻهو نہ ٻڌندا ۽ نہ سمجهندا تہ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن تي ايمان نہ آڻيندا ۽ ان طريقي سان اوهان مسلمانن تي غالب رهندؤ. (٢) "فَلَنُذِيْقَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَذَابًا شَدِيْدًا ۙ وَّلَنَجْزِيَنَّهُمْ اَسْوَاَ الَّذِيْ كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ" پوءِ البتہ اسين ضرور ڪافرن کي سخت عذاب چکائينداسون ۽ انهن کي جيڪي عمل ڪندا هئا انهن جو نهايت برو بدلو ڏينداسون. مطلب تہ ڪين سندن انهيءَ بدڪردار جي سزا نهايت سخت ملندي. "ذٰلِكَ جَزَآءُ اَعْدَآءِ اللّٰهِ النَّارُ ۚ لَهُمْ فِيْهَا دَارُ الْخُلْدِ ۭ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ" اهو الله جي دشمنن جو بدلو آهي، باهہ- انهن جي لاءِ ان ۾ هميشہ رهڻ جي جاءِ آهي ان جي بدلي ۾ جيڪو اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا. يعني اها باهہ واري سزا الله جي دشمنن جي آهي ان ۾ سندن رهائش هميشہ هوندي اهي دل ۾ قرآن پاڪ کي حق سمجهندا هئا پر عناد ۽ سرڪشيءَ جي ڪري اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا." "وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا رَبَّنَآ اَرِنَا الَّذَيْنِ اَضَلّٰنَا مِنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ نَجْعَلْهُمَا تَحْتَ اَقْدَامِنَا لِيَكُوْنَا مِنَ الْاَسْفَلِيْنَ" ۽ ڪافر چوندا تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان کي جنن ۽ انسانن مان اهي ڏيکار جن اسان کي گمراهہ ڪيو هو تہ اسين انهن کي پنهنجن قدمن جي هيٺان ڪيون تانتہ اهي هيٺين مان هجن. يعني قيامت جي ڏينهن ڪافر چوندا تہ يالله! اسين تہ عذاب ۾ آهيون پر جنن ۽ ماڻهن مان جن اسان کي گمراهہ ڪري هن مصيبت ۾ ڦاسايو اهي اسان کي ڏيکار تہ اسين انهن کي پنهنجن پيرن جي هيٺان آڻي لتاڙيون ۽ ڪين جهنم جي هيٺين طبقي ۾ ڌڪي ڇڏيون.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ اچن ٿا.

١- "وَقَيَّضْنَا لَهُمْ قُرَنَآءَ" (۽ اسان انهن جي لاءِ ساٿي مقرر ڪيا) مان معلوم ٿيو تہ برا ساٿي الله جل شانه جو عذاب آهن ۽ سٺا ساٿي الله جل مجده جي نعمت

(١) روح المعاني صـ١١٩ جزء ٢٤ جلد٨ (٢) التفسيرالكبير صـ١٢٠ جزء ٢٨

آهن. ۲- "مِنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ" (جنن ۽ انسانن مان)هن مان معلوم ٿيو تہ ڪافر جن بہ جهنم ۾ ويندا ۽ اتي هميشہ سزا ڪائيندا رهندا. ۳- "وَالْغَوْا فِيْهِ" (۽ ان ۾ لڙ مچايو) مان واضح ٿيو تہ قرآن ڪريم جي تلاوت وقت شور ڪرڻ جنهن سان تلاوت ۾ دشواري ٿئي يا ٻڌندڙن کي ٻڌڻ ۾ نہ اچي حرام ۽ ڪافرن جو طريقو آهي. ان جي ڪري نماز باجماعت جي وقت دهل، رڪارڊنگ وغيره هلائڻ بہ قطعًا جائز ناهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا

بيشڪ اهي ڀانها جن چيو تہ اسان جو رب الله آهي ان کان پوءِ استقامت ڪيائون

تَتَنَزَّلُ عَلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا

لهندا انهن تي ملائڪ تہ نہ ڊڄو ۽ نہ غمگين ٿيو

وَاَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ (۳۰) نَحْنُ

۽ خوش ٿيو بهشت سان جنهن جو وعدو ڏنا ٿي ويئو اسين

اَوْلِيٰٓـؤُكُمْ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِى الْاٰخِرَةِ ج

دوست اوهان جا هئاسون حياتيءَ دنيا جيءَ ۾ ۽ آخرت ۾ (بہ آهيون)

وَلَكُمْ فِيْهَا مَا تَشْتَهِيْٓ اَنْفُسُكُمْ وَلَكُمْ

۽ اوهان جي لاءِ آهي ان ۾ جيڪي ڪجهہ خواهش ڪن ٿا سر اوهان جا ۽ اوهان جي لاءِ ٿي

فِيْهَا مَا تَدَّعُوْنَ ط (۳۱) نُزُلًا مِّنْ غَفُوْرٍ رَّحِيْمٍ ع (۳۲)

ان ۾ آهي جيڪي گهرندؤ مهماني ٿي بخشڻهار، مهربان وٽان

منزل ۶

وَمَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَآ اِلَى اللّٰهِ

۽ ڪير وڌيڪ سهڻو آهي ڳالهائڻ ۾ ان ڪان جنهن سڏيو الله ڏانهن

وَعَمِلَ صَالِحًا وَّقَالَ اِنَّنِيْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ (٣٣)

۽ ڪيائين صالح عمل ۽ چيائين تہ بيشڪ مان مسلمانن مان آهيان

وَلَا تَسْتَوِى الْحَسَنَةُ وَلَا السَّيِّئَةُ ؕ اِدْفَعْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ

۽ نٿي برابر ٿئي نيڪي ۽ نہ برائي دفع ڪر ان سان جو اها گهڻو ڀلي آهي

فَاِذَا الَّذِيْ بَيْنَكَ وَبَيْنَهٗ عَدَاوَةٌ كَاَنَّهٗ

پوءِ ان وقت اهو (شخص) جو تنهنجي ۽ ان جي وچ ۾ دشمني آهي ڄڻ تہ اهو

وَلِيٌّ حَمِيْمٌ (٣٤) وَمَا يُلَقّٰهَآ اِلَّا الَّذِيْنَ صَبَرُوْا ۚ وَمَا

دوست گهاٽو آهي ۽ نہ نصيب ڪيا ويندا اها (ڳالهہ) مگر جن صبر ڪيو ۽ نہ نصيب ڪيو

يُلَقّٰهَآ اِلَّا ذُوْ حَظٍّ عَظِيْمٍ (٣٥) وَاِمَّا يَنْزَغَنَّكَ

ويندو اها (ڳالهہ) مگر وڏي ڀاڳي وارو ۽ جيڪ ڏهن پهچي توکي

مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ هُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ (٣٦)

شيطان ڪان ڪو جهٽڪو تہ پوءِ پناهہ وٺ الله سان بيشڪ اهوئي ٻڌندڙ، ڄاڻندڙ آهي.

تفسير

اڳين آيتن ۾ ڪافرن سان سخت عذاب جو وعيد بيان ٿيو ۽ هتان ڪان مؤمنن جي لاءِ خصوصي انعامن جو ذڪر ڪندي ارشاد ٿي رهيو آهي "اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا

رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا تَتَنَزَّلُ عَلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ" بلاشڪ جن چيو تہ اسان جو رب الله آهي ان کان پوءِ استقامت ڪيائون انهن وٽ ملائڪ لهي ايندا تہ ڪو ڊپ نہ ڪيو ۽ نہ غمگين ٿيو ۽ ان جنت (جي ملڻ) تي خوش ٿيو جنهن جو وعدو ڏنا ويا هيئو. مطلب تہ جن ٻانهن الله جل جلالہ جي ربوبيت جو دل جي خلوص سان اقرار ڪيو ان کان پوءِ مرڻ تائين خوشيءَ يا غميءَ، هر حال ۾ ان تي مضبوط ۽ مستحڪم رهيا تہ الله جل شانہ جي طرفان انهن ٻانهن تي ملائڪ لهي ايندا ۽ انهن کي چوندا تہ ڪو غم ۽ فڪر نہ ڪيو. جنهن جنت جو اوهان سان وعدو ڪيو ويو هو ان جي اوهان کي بشارت آهي. ان جا دروازا اوهان جي لاءِ کليل آهن "نَحْنُ اَوْلِيٰٓؤُكُمْ فِى الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِى الْاٰخِرَةِ" اسين اوهان جا دنيوي حياتيءَ ۽ آخرت ۾ دوست آهيون. يعني دنيوي زندگيءَ ۾ بہ اسين اوهان جا دوست هئاسون جو اوهان جي دلين ۾ چڱن ڪمن ڪرڻ جو الهام ڪندا هئاسون ۽ جنهن ۾ اوهان جي ڀلائي هوندي هئي ان جي اوهان کي رهنمائي ڪندا هئاسون. ۽ آخرت ۾ اوهان جي لاءِ بارگاهہ ايزديءَ ۾ شفاعت ڪري اوهان جي مدد ڪنداسون "وَلَكُمْ فِيْهَا مَا تَشْتَهِيْٓ اَنْفُسُكُمْ وَلَكُمْ فِيْهَا مَا تَدَّعُوْنَ" ۽ اوهان جي لاءِ ان ۾ اها (هر شيءِ) آهي جنهن جي اوهان جا سر خواهش ڪندا ۽ اوهان لاءِ ان ۾ اها (هر شيءِ) آهي جيڪا اوهان گهرندا. يعني آخرت ۾ جيڪي لذتون طلب ڪندؤ يا تمنا ڪندؤ اهي سڀ اوهان کي ملنديون "نُزُلًا مِّنْ غَفُوْرٍ رَّحِيْمٍ" مهربان، بخشڻهار جي طرفان (اوهان جي لاءِ اها) مهماني هوندي. يعني اهي سڀ انعام اوهان کي ان غفور مالڪ وٽان ملندا جيڪو وڏا گناهہ بخشيندڙ، برايون ميٽي انهن جاين تي ڀلايون لڪائيندڙ آهي. مومن تي سندن درجات بلند ڪري، سندن مقام قرب ۾ اضافو ڪندڙ آهي. وَمَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَآ اِلَى اللّٰهِ وَعَمِلَ صَالِحًا وَّقَالَ اِنَّنِيْ مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ" ۽ ان کان قول ۾ وڌيڪ سهڻو ڪير آهي؟ جنهن الله ڏانهن سڏيو ۽ صالح عمل ڪيا ۽ چيائين تہ بلاشڪ مان مسلمانن مان آهيان. يعني ان کان وڌيڪ ڳالهہ ۾ سهڻو ڪير آهي؟ جنهن الله جل شانہ جي توحيد ۽ اطاعت ڏانهن سڏيو ۽ ان جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ دل جي

خلوص سان صالح عمل ڪيا ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪندي ڪليل نموني چيو تہ بلاشڪ مان مسلمان آهيان. ان جهڙو قول ۾ سهڻو ڪير بہ ناهي. "وَلَا تَسْتَوِي الْحَسَنَةُ وَلَا السَّيِّئَةُ" ۽ نٿي برابر ٿئي نيڪي ۽ نہ برائي. مطلب تہ عاقبت ۽ بدلي جي لحاظ سان نيڪي ۽ برائي برابر ناهن. نيڪيءَ جو بدلو ڀلو آهي ۽ برائي جو بدلو بہ برو آهي "اِدْفَعْ بِالَّتِي هِيَ اَحْسَنُ" جيڪو تمام سهڻو آهي ان سان دفع ڪرڻ فرماءِ. مطلب تہ برائيءَ ڪي ڀلائيءَ سان دفع ڪر. جيڪڏهن ڪو توسان ڀلائي نہ ڪري تہ بہ تون ان سان ڀلائي ڪندو رهہ. جيئن حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جو فرمان مبارڪ آهي تہ "صِلْ مَنْ قَطَعَكَ وَاعْفُ عَمَّنْ ظَلَمَكَ وَاَحْسِنْ اِلٰى مَنْ اَسَاءَ اِلَيْكَ" (١) جيڪو توڪي ڇني ان ڪي ڳنڍ ۽ جيڪو توتي ظلم ڪري ان ڪي معاف ڪر ۽ جيڪو توسان برائي ڪري ان سان احسان ڪر. "فَاِذَا الَّذِي بَيْنَكَ وَبَيْنَهُ عَدَاوَةٌ كَاَنَّهُ وَلِيٌّ حَمِيْمٌ" پوءِ ان وقت اهو شخص جو تنهنجي ۽ ان جي وچ ۾ عداوت آهي چڻ تہ اهو گهاٽو دوست آهي، هي بري سان ڀلائي ڪرڻ جو نتيجو بيان ٿي رهيو آهي. مطلب تہ بري سان ڀلائي ڪرڻ جي ڪري اهو اوهان جو گهاٽو دوست بڻجي ويندو. ۽ ان طريقي سان جيڪي دين جا دشمن هوندا اهي نہ صرف دينار پر دين تان شاهہ سر صدقي ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويندا.

شان نزول.

هن آيت جي شان نزول ۾ بہ قول آهن. ١- تہ اها ابو سفيان بن حرب جي باري ۾ نازل ٿي هئي جيڪو نبي پاڪ صلی الله عليه وسلم جن کي ايذائيندو هو ۽ پوءِ سندن شفقت، محبت ۽ خوش خلقي ڏسي سندن محبت وارو بڻجي اصحابي ٿيو هو. ٢- تہ اها ابوجهل بن هشام جي متعلق لٿي هئي حضرت حبيب پاڪ صلی الله عليه وسلم جن کي ان سان نرمي رکڻ جو ارشاد ٿيو هو پر پهريون قول وڌيڪ صحيح ۽ اظهر آهي ڇوتہ ابوسفيان ولي، حميم بڻيو هو ابوجهل نہ بڻيو هو. سيدنا علي المرتضیٰ رضي الله عنه جي غلام قنبر کي ڪنهن گار ڏني ۽ حضرت علي سائين ٻڌي رهيو هو تہ پاڻ پنهنجي غلام قنبر کي سڏي فرمايائون تہ "اي قنبر! ان گاريون ڏيندڙ کي ڇڏي ڏي ۽ اها ڳالهہ ئي وساري ڇڏ تہ ان سان الله کي راضي

(١) تنويرالاذهان صہ ٤٦٢-٤٦٤ جلد ٣

ڪندين. شيطان کي ڪاوڙائينديءَ پنھنجي گاريون ڏيندڙ کي سزا ڏيندين. بيوقوف جي اهائي سزا آهي تہ ان سان الجهڻ جي بجاءِ خاموشي اختيار ڪئي وڃي. (١) "وَمَا يُلَقّٰىهَآ اِلَّا الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَمَا يُلَقّٰىهَآ اِلَّا ذُوْحَظٍّ عَظِيْمٍ" ۽ نہ نصيب ڪيا ويندا اها (ڳالهہ) مگر جن صبر ڪيو ۽ نہ نصيب ڪيو ويندو اها مگر وڏي ڀاڳي وارو. مطلب تہ اها نصيحت اهي قبول ڪندا جيڪي صابر هوندا. ڇوتہ ائين ڪرڻ نفس تي تمام ڳرو گذري ٿو ۽ ان کي اهو قبول ڪندو جيڪو ڀلي ڀاڳ وارو هوندو ۽ جنهن کي دنيا ۽ آخرت جي سعادت مان صحيح ۽ وڏو حصو مليو هوندو. "وَاِمَّا يَنْزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيْطٰنِ نَزْغٌ فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ" ۽ جيڪڏهن توکي شيطان کان ڪو جهٽڪو پهچي تہ پوءِ الله سان پناهہ وٺ. مطلب تہ انسانن مان جيڪي شيطان آهن انهن کان سائڻ احسان ڪرڻ سان بچاءِ حاصل ڪري سگهجي ٿو پر جيڪي جنن مان شيطان آهن اهي جيڪڏهن دل ۾ وسوسو وجهن تہ انهن کان بچاءِ وٺڻ جي لاءِ الله عزوجل سان پناهہ وٺ ۽ جڏهن ان کان پناهہ وٺندين تہ اهو شيطان کي دفع ڪري تنهنجي حفاظت ڪرڻ فرمائيندو. (٢)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن ۾ ويهن ٿا.

١- "ثُمَّ اسْتَقَامُوْا" (ان کان پوءِ استقامت ڪيائون) "اِسْتَقَامُوْا" استقامت کان ورتل آهي ان مان مراد اڪثر اصحابن ۽ تابعن رضي الله عنهم جي قول مطابق صالح اعمال ڪرڻ آهن. (٣) ترمذي، نسائي، بزار، ابويعلي، ابن جرير، ابن ابي حاتم، ابن عدي ۽ ابن مردويه روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلي الله عليه وسلم جن هيءَ آيت پڙهي فرمايو تہ: گهڻن ماڻهن چيو تہ: اسان جو رب الله آهي ان کان پوءِ ڪفر ڪري ويٺا. جنهن اهي الفاظ چيا ۽ مرڻ تائين انهن تي مضبوط رهيو اها استقامت آهي. ابن المبارڪ، سعيد بن منصور، الزهد ۾ امام احمد، عبد بن حميد، ترمذي ۽ ابن المنذرحضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه کان هن آيت جي مراد ۾ روايت آندي آهي تہ: استقامت الله جي مهربانيءَ سان ملندي. جيڪي لومڙيءَ وانگر ٽپ ڏيئي

(١) القرطبي ص٣٦٢ جلد١٥ (٢) تفسير ابن ڪثير ص١٠١ جلد٤ (٣) التفسير الڪبير ص١٢٣ جز٢٨

پڄندا انهن کي استقامت نصيب نہ ٿيندي. (١) "تَتَنَزَّلُ عَلَيۡهِمُ ٱلۡمَلَٰٓئِكَةُ" (انهن تي ملائڪ لهندا) هتي ملائڪن جو نزول ڪهڙي وقت ٿيندو. ان ۾ ٽي قول آهن. ١- حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ "مرڻ وقت" ٢- قتاده فرمايو تہ "قبرن مان نڪرڻ وقت". ٣- وڪيع بن جراح فرمايو تہ "مرڻ وقت" قبرن ۾ اندر. قبرن مان اٿڻ وقت ۽ مفسر ابو حيان فرمايو تہ: مان چوان ٿو تہ مؤمنن تي ملائڪ هر وقت لهن پيا جن جا آثار ۽ برڪتون هر وقت انهن جي اعمال مان ظاهر آهن ها انهن جو مشاهدو ۽ انهن جو ڳالهائڻ ٻڌڻ انهن موقعن تي حاصل ٿيندو. (٢) ٣- "وَمَنۡ أَحۡسَنُ قَوۡلٗا مِّمَّن دَعَآ إِلَى ٱللَّهِ" (۽ ان کان قول ۾ وڌيڪ ڪير سهڻو آهي جنهن الله ڏانهن سڏيو). الله جل شانه ڏانهن سڏيندڙ سهڻو نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن جي ذات عالي صفات آهي. عبد بن حميد ۽ ابن ابي حاتم حضرت حسن بصري رضي الله عنه کان اها روايت آندي آهي ۽ حضرت عڪرمة جو قول آهي تہ ان مان مراد بانگ ڏيڻ وارو آهي. (٣)

علامه صابوني لکيو آهي تہ: الله جل شانه ڏانهن سڏڻ جا مختلف مرتبا آهن. ١- انبياء ڪرام عليهم الصلواة والسلام جو سڏڻ - اهي الله جل شانه ڏانهن معجزات، برهانن ۽ تلوار سان سڏيندا آهن هيءَ آيت انهن ڏانهن اشارو ڏيئي رهي آهي پهريون قول جيڪو انبياء عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياء ڪرام جو آهي اهو سندن طرفان الله عزوجل ڏانهن سڏڻ آهي ۽ (اسان جا سهڻا) نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ان صفت سان خصوصي طرح موصوف آهن "وَدَاعِيًا إِلَى ٱللَّهِ بِإِذۡنِهِۦ" (۽ الله ڏانهن ان جي اذن سان سڏيندڙ) سندن ٿي متعلق فرمان مبارڪ اهي "وَعَمِلَ صَٰلِحٗا" (۽ صالح عمل ڪيائين) سان ٻڌايو ويو تہ پاڻ جيئن زبان مبارڪ سان الله عزوجل ڏانهن سڏين ٿا تيئن عمل ۽ ڪردار سان بہ سڏي رهيا آهن. ٢- علماء دين جو سڏڻ. اهي الله جل جلاله ڏانهن حجتن ۽ برهانن قائم ڪرڻ سان سڏيندا آهن ۽ علماء ٽي قسم آهن. ١- عالم بالله. ٢- عالم بامرالله. ٣- عالم بالله وبامرالله. الله جو علم رکندڙ. ٢- الله جي امر جو علم رکندڙ. ٣- الله جو ۽ ان جي امر نهي جو علم رکندڙ. ٣- ٽيون تلوار سان سڏڻ. اهو خاص انهن جي لاءِ آهي جيڪي ڪافرن

(١) الدرالمنثور ص ٣٢٢ جلد ۴ (٢) معارف القرآن ص ٦٥١ جلد ٧ (٣) الدرالمنثور ص ٣٢٣ جلد ٧

سان الله جي دين ۾ داخل ٿيڻ ۽ ان جي اطاعت ڪرڻ لاءِ جهاد ڪندا آهن. ۴- بانگن جو نماز لاءِ سڏڻ - اهو دعوت الي الله جي مرتبن ۾ نهايت ضعيف درجو آهي. ۽ اهو ان جي ڪري جو بانگ جا ڪلمات جيتوڻيڪ نماز لاءِ سڏ آهن پر بانگ ڏيڻ وارا اهي الفاظ شريف چوڻ وقت نہ انهن جي معنىٰ جو احاطو ڪن ٿا ۽ نہ الله ڏانهن سڏڻ جو ارادو هوندو اٿن پوءِ جيڪڏهن وقف جي مال جو ارادو نہ ڪندي، اذان جي ظاهري ۽ باطني شرطن جي رعايت ڪندي صحيح مقصد رکندا تہ اهي بہ پين وانگر الله جل مجده ڏانهن سڏيندڙن ۾ شامل هوندا. (١)

نبوي احاديث علىٰ قائلها الصلواة والسلام مان مؤذن (بانگ ڏيندڙ) جا فضائل.

١- مسلم شريف ۾ حضرت امير معاويہ رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ: مون رسول الله صلى الله عليه وسلم جن ڪان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ "اَلْمُؤَذِّنُوْنَ اَطْوَلُ النَّاسِ اَعْنَاقًا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ". قيامت جي ڏينهن سيني ماڻهن ڪان بانگن جا ڪنڌ ڊگها هوندا.

٢- امام المحدثين بخاري عليه الرحمتہ حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو تہ "ڪي بہ جن، انسان ۽ ٻي شيءِ بانگي جو بانگ وارو آواز ٻڌن ٿا تہ اهي ان جي لاءِ قيامت جي ڏينهن شاهدي ڏيندا."

٣- امام احمد، ابو داؤد، ترمذي ۽ شافعي عليهم الرحمتہ حضرت ابوهريرة رضي الله عنه ڪان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "امام (نماز پڙهائيندڙ) ضامن آهي ۽ مؤذن امانت رکيل آهي ياالله! امامن کي هدايت ڏي ۽ بانگن کي مغفرت عطا فرماءِ."

۴- ترمذي، ابن ماجه، ابوداؤد حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ڪان روايت آندي آهي تہ: رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو "جنهن ست سال ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ اذان ڏني ان جي لاءِ جهنم جي باهہ ڪان آزادي لکجي ويندي آهي." (٢)

(١) تنويرالاذهان صہ ۴٦٢-۴٦٣ جلد ٣ (٢) المظهري صہ ٢٩٥ جلد ٨

ٻانگ جي اجابت جو حڪم ۽ فضيلت.

ٻانگ ٻڌڻ وارو جيئن ٻانگو چوي تيئن چوندو وڃي ان ڪي ٻانگ جي اجابت سڏبو آهي. اها واجب آهي يا مستحب آهي؟ ان ۾ اختلاف آهي. فقهاء ڪرام فرمايو ته ”ٻانگ ٻڌندڙ ٻانگ جي دوران هٿ، پير ۽ زبان سان جيڪو به پيو ڪم ڪندو هجي روڪي ڇڏي تانجو جيڪڏهن مسجد کان ٻاهر آهي ته قرآن پاڪ جي تلاوت به بند ڪري ٻانگ جي اجابت ڪري. پر جيڪڏهن مسجد ۾ آهي ته تلاوت ڪندو رهي پر اجابت به ڪندو رهي (وقفي وقفي سان) اذان ٻڌڻ کان پوءِ ٻانگ واري دعا پڙهي پر جيڪڏهن سانجهيءَ واري نماز آهي ته پوءِ هي الفاظ به دعا ۾ چوي ”اَللّٰهُمَّ هٰذَا اِقْبَالُ لَيْلِكَ وَاِدْبَارُ نَهَارِكَ وَاَصْوَاتُ دُعَاتِكَ فَاغْفِرْلِيْ“ (اي منهنجا الله! هي تنهنجي رات جي اچڻ جو ۽ تنهنجي ڏينهن جي وڃڻ جو وقت آهي ۽ توڏانهن سڏيندڙن ٻانهن جا آواز آهن پوءِ مون کي بخش فرماءِ) ۽ مستحب آهي ته ٻانگ ۾ ٻهرئين ”اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللهِ“ ٻڌڻ وقت صَلَّى اللهُ تَعَالىٰ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ اللهِ! ۽ ٻئي ڀيري ٻڌڻ وقت ”قُرَّةُ عَيْنِيْ بِكَ يَارَسُوْلَ اللهِ! چوندي ٻئي آڱوٺا (اشهد آگر سان ملائي چمي) اکين تي رکي ”اَللّٰهُمَّ مَتِّعْنِيْ بِالسَّمْعِ وَالْبَصَرِ“ چوي ۽ آسمان ۾ بيت المعمور وٽ اول ٻانگ جبريل ڏني ۽ امامت ميڪائيل (عليهماالسلام) ڪرائي ۽ اسلام ۾ اول ٻانگ حضرت بلال حبشي ڏني ۽ ٻانگ جي شروعات صبح واري نماز ۾ ٿي ۽ اول اقامت (تڪبير) حضرت عبدالله بن زيد چئي هئي ۽ حضرت بلال فجر جي نماز ۾ ”حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ“ کان پوءِ ”اَلصَّلٰوةُ خَيْرٌ مِّنَ النَّوْمِ“ ٻه ڀيرا چيو ته حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن ان کي برقرار رکيو. ۽ انهن لفظن جي ٻڌڻ وقت اجابت ڪندڙ ”صَدَقْتَ وَبِالْخَيْرِ نَطَقْتَ“ چوندو اقامت (تڪبير) چوڻ وقت ”قَدْ قَامَتِ الصَّلٰوةُ قَدْ قَامَتِ الصَّلٰوةُ“ ٻڌي ”اَقَامَهَا اللهُ وَاَدَامَهَا“ چوندو ۽ ٻانگ ڏيڻ وارو ئي اقامت (تڪبير) چوندو. ٻيو ان جي موڪل کان سوا نه چوندو ۽ بعضي روايتن ۾ آهي ته نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن هڪ دفعو سفر جي دوران پنهنجي ڏاچي مبارڪ تي سواري ڪندي اذان ڏني هئي. (١) والله اعلم. اذان جي اجابت جي ثواب متعلق نبي ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جا ڪجهه ارشاد هي آهن. ١- امام

(١) روح البيان ص ٢٦٠ جلد ٨

مسلم حضرت عبدالله بن عمرو بن العاص رضي الله عنه کان روايت آندي تہ: رسول الله صلی الله عليه وسلم جن فرمايو "جڏهن بانگي جي بانگ ٻڌو تہ جيئن اهو چوي تيئن اوهان بہ چئو پوءِ مون تي صلواة پڙهو بلاشڪ جنهن مون تي هڪ ڀيرو صلواة پڙهي الله ان تي ڏهہ درود موڪلي ٿو ان کان پوءِ مون لاءِ الله کان وسيلي جي طلب ڪيو بلاشڪ اهو (وسيلو) جنت ۾ هڪ منزل آهي جيڪو الله جي هڪ ٻانهي کان سواءِ ٻئي ٻانهيءَ جي لاءِ لائق ناهي ۽ مان اميد رکان ٿو تہ اهو مان هوندس پوءِ جنهن منهنجي لاءِ وسيلو طلب ڪيو ان جي لاءِ منهنجي شفاعت ثابت آهي." ٢- مسلم شريف ۾ حضرت عمر رضي الله عنه کان روايت ۾ اها ساڳي ڳالهہ روايت ڪيل آهي پر هي وڌيڪ ارشاد آهي تہ بانگ ٻڌندڙ "حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ" ۽ "حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ" ٻڌڻ وقت" لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ" چوي. (ءِائين چوندڙ) جنت ۾ داخل ٿيندو. ٣- محدث ابو داؤد حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آندي آهي تہ: هڪ مرد حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ يارسول الله! بانگ ڏيندڙ اسان کان وڌيڪ فضيلت وارا ٿيا ٿا آپ ڄاڻ فرمايائون تہ: جيئن اهي چون تون بہ چؤ جڏهن چئي پورو ڪرين تہ پوءِ (الله تعالىٰ کان) سوال ڪر تہ عطا ڪيو ويندين". (١)

٤- "فَاسْتَعِذْ بِاللّٰهِ" (پوءِ الله کان پناهہ وٺ) هن ۾ حڪم تہ حضور ڪريم صلی الله عليه وسلم جن کي آهي پر پاڻ جڏهن تہ شيطان جي هر مڪر. فريب ۽ ڌوڪي کان معصوم آهن شيطان کي مٿن ڪابہ دسترس ۽ طاقت ناهي ان جي ڪري ان مان مراد سندن امت کي تعليم ڏيڻ آهي تہ اهي الله جل شانه جي دربار ۾ خلوص دل سان دعا گهري هر وقت شيطان جي مڪر کان پناهہ وٺندا رهن علامه اسماعيل حقي عليه الرحمتہ لکيو آهي تہ "هٰذا تعليم لامته" ٿور اڳتي لکيو اٿس. "اجمعت الامة علىٰ عصمة النبي صلي الله عليه وسلم من الشيطان" (٢) هي امت کي تعليم آهي ۽ امت جو اجماع آهي تہ نبي ڪريم صلی الله عليه وسلم جن شيطان کان هر طرح معصوم آهن.

(١) المظهري صـ٢٩٦ جلد٨ (٢) روح البيان صـ٢٦٤ جلد ٨ نورالعرفان صـ٧٦٦

وَمِنْ اٰيٰتِهِ الَّيْلُ وَالنَّهَارُ وَالشَّمْسُ وَالْقَمَرُ ط لَاتَسْجُدُوْا

۽ ان جي نشانين مان رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ آهن نہ سجدو ڪيو

لِلشَّمْسِ وَلَا لِلْقَمَرِ وَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَهُنَّ اِنْ كُنْتُمْ

سج کي ۽ نہ چنڊ کي ۽ سجدو ڪيو الله جو جنهن پيدا ڪيو انهن کي جيڪڏهن آهيو

اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ (٣٧) فَاِنِ اسْتَكْبَرُوْا فَالَّذِيْنَ عِنْدَ رَبِّكَ

خاص ان جي عبادت ڪيو تہ پوءِ جيڪڏهن تڪبر ڪن پوءِ جيڪي تنهنجي رب وٽ آهن

يُسَبِّحُوْنَ لَهٗ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَهُمْ لَا يَسْئَمُوْنَ السجدة (٣٨)

تسبيح پڙهن ٿا ان جي رات جو ۽ ڏينهن جو ۽ اهي نہ ٿڪبا آهن

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنَّكَ تَرَى الْاَرْضَ خَاشِعَةً فَاِذَآ

۽ ان جي نشانين مان آهي تہ بيشڪ تون ڏسندين زمين کي وسائل پوءِ جڏهن

اَنْزَلْنَا عَلَيْهَا الْمَآءَ اهْتَزَّتْ وَرَبَتْ ط اِنَّ الَّذِيْٓ

لاٿا سين ان تي پاڻي تہ تازي ٿي ۽ وڌي بيشڪ اهو (الله)

اَحْيَاهَا لَمُحْيِي الْمَوْتٰى ط اِنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ (٣٩)

جنهن آباد ڪيو ان کي البتہ جيئرو ڪندڙ آهي مئلن جو بيشڪ اهو هر شيءِ تي قادر آهي

اِنَّ الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا لَا يَخْفَوْنَ عَلَيْنَا ط

بلاشڪ اهي شخص جيڪي ڏنگائي ڪن ٿا اسان جي آيتن ۾ نٿا ڳجها رهن اسان کان

السجدة ١١

اَفَمَنْ يُّلْقٰي فِي النَّارِ خَيْرٌ اَمْ مَّنْ يَّاْتِيْٓ اٰمِنًا

ڇا پوءِ جيڪو اڇلايو ويندو باهہ ۾ ڀلو آهي يا جيڪو ايندو امن وارو ٿي

يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ اِعْمَلُوْا مَا شِئْتُمْ ۙ اِنَّهٗ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ (٤٠)

قيامت جي ڏينهن ڪيو جيڪي گهرو بلاشڪ اهو جيڪي ڪيو ٿا ڏسندڙ آهي

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالذِّكْرِ لَمَّا جَاۗءَهُمْ ۚ وَاِنَّهٗ لَكِتٰبٌ

بيشڪ جن انڪار ڪيو قرآن جو جڏهن آيو انهن وٽ ۽ بلاشڪ اهو البتہ ڪتاب

عَزِيْزٌ ۙ (٤١) لَّا يَاْتِيْهِ الْبَاطِلُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَلَا مِنْ خَلْفِهٖ ۭ

عزت وارو آهي نٿو اچي باطل ان جي اڳيان ۽ نہ ان جي پويان

تَنْزِيْلٌ مِّنْ حَكِيْمٍ حَمِيْدٍ (٤٢)

نازل ڪرڻ آهي حڪمت واري ساراهيل جي طرفان.

تفسير.

اڳين آيتن ۾ الله جل شانه ڏانهن سڏڻ کي سهڻو عمل ۽ سهڻو قول قرار ڏنو ويو تہ هتان کان وري ان ئي مالڪ مٺي جي وجود، قدرت ۽ حڪمت جا دلائل بيان ڪندي ارشاد ٿيو آهي "وَمِنْ اٰيٰتِهِ الَّيْلُ وَالنَّهَارُ وَالشَّمْسُ وَالْقَمَرُ" ۽ ان جي نشانين مان رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ آهن. يعني رات ۽ ڏينهن جو هڪ ٻئي جي پويان اچڻ سج ۽ ان جي روشنائي، چنڊ ۽ ان جي چمڪ ۽ انهن جو پنهنجن مدارن ۾ منزلن کي طي ڪرڻ جنهن سان راتين ۽ ڏينهن جا مقدار، هفتن مهينن ۽ سالن جي سڃاڻپ ٿيندي آهي جن سان معاملات طي ڪرڻ ۽ عبادت جا اوقات مقرر ٿيندا آهن اهي سڀ الله جل شانه جي قدرت جون نشانيون آهن ۽ جڏهن عالم علوي ۽ سفلي

اندر مشاهدي ۾ ايندڙ اهي وڏا اجسام الله جل مجده جا پيدا ڪيل. ان جي امر تحت هلندڙ آهن تہ انهن جي عبادت نہ ڪيو انهن جي خالق جي عبادت ڪيو جيئن اڳتي ارشاد ٿي رهيو آهي "لَا تَسْجُدُوْا لِلشَّمْسِ وَلَا لِلْقَمَرِ وَاسْجُدُوْا لِلّٰهِ الَّذِيْ خَلَقَهُنَّ اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ" نہ سج کي سجدو ڪيو ۽ نہ چنڊ کي ۽ ان الله کي سجدو ڪيو جنهن انهن کي پيدا ڪيو آهي جيڪڏهن خاص ان (الله) جي عبادت ڪيو ٿا. يعني جڏهن سج ۽ چنڊ الله جل جلالہ اوهان جي فائدي لاءِ پيدا ڪيا آهن تہ انهن جي عبادت نہ ڪيو انهن کي وجود ڏيندڙ الله عزوجل جي عبادت ڪيو خالق کي ڇڏي مخلوق جي عبادت ڪرڻ ڪهڙي عقلمندي آهي؟ هن آيت ۾ سج ۽ چنڊ جي پوڄارين صابئين جو رد آهي.

"فَاِنِ اسْتَكْبَرُوْا فَالَّذِيْنَ عِنْدَ رَبِّكَ يُسَبِّحُوْنَ لَهٗ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَهُمْ لَا يَسْئَمُوْنَ" پوءِ جيڪڏهن وڏائي ڪن تہ پوءِ جيڪي تنهنجي رب وٽ آهن ان جي رات ڏينهن تسبيح پڙهن ٿا ۽ اهي ٿڪبا ناهن. مطلب تہ جيڪڏهن اهي سج، چنڊ ۽ تارن جا پوڄاري وڏائي ڪندي الله جي عبادت کان انڪار ڪن تہ الله عزوجل کي انهن جي ڪا پرواهہ ناهي جيڪي ان جي بارگاهہ قدس ۾ رهڻ وارا ملائڪ آهن ۽ اهي هنن کان ڀلا آهن اهي الله جل شانہ جي عبادت ڪرڻ کان وڏائي نٿا ڪن ان جي رات ڏينهن تسبيح پڙهن ٿا ان جي بارگاهہ ۾ سجدا ڪن ٿا ۽ اهي ان عبادت ۾ ٿڪبا ئي ناهن. "وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنَّكَ تَرَى الْاَرْضَ خَاشِعَةً فَاِذَآ اَنْزَلْنَا عَلَيْهَا الْمَآءَ اهْتَزَّتْ وَرَبَتْ" ۽ ان جي نشانين مان آهي هي ڳالهہ تہ تون زمين کي وساٽل ڏسندين پوءِ جڏهن اسان ان تي پاڻي لاٿو تہ تازي ٿي ۽ وڌي. يعني مئلن کي جيئرو ڪري قبرن مان اٿارڻ تي اهي بہ دلائل آهن تہ اوهان ويران ۽ وساٽل زمين ڏسندؤ. ان ۾ ڪو سائو تيلو نہ هوندو آهي جڏهن اسين پنهنجي لطف وڪرم سان ان تي مينهن وسائي ان ۾ سلا ۽ ساوڪ پيدا ڪندا آهيون ۽ قسمين قسمين رنگ برنگي گل ڄمائيندا آهيون تہ اها تازي ۽ وڌندڙ ٿيندي آهي "اِنَّ الَّذِيْٓ اَحْيَاهَا لَمُحْيِ الْمَوْتٰى" بلاشڪ جنهن ان کي آباد ڪيو البتہ مئلن کي زنده ڪندڙ آهي. يعني ان ويران زمين مان سلا ڪڍڻ وارو ئي مئلن کي جيئرو ڪري قبرن مان ڪڍندڙ آهي "اِنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ" بلاشڪ اهو هر

شيءِ تي قادر آهي. ڪهڙو بہ ڪم ان جي لاءِ ناممڪن ناهي. "اِنَّ الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اٰيٰتِنَا لَا يَخْفَوْنَ عَلَيْنَا ؕ" بلاشڪ جيڪي اسان جي آيتن ۾ ڏنگائي ڪن ٿا اهي اسان کان لڪل ناهن. يعني جيڪي اسان جي آيتن کي ڪوڙو چئي انڪار ڪري ڏنگا ٻڏي حق کان روگرداني ڪن ٿا اهي اسان کان لڪل ناهن جڏهن اسان وٽ حساب لاءِ پيش ٿيندا تڏهن انهن کي سخت سزا ڏينداسون. "اَفَمَنْ يُّلْقٰى فِي النَّارِ خَيْرٌ اَمْ مَّنْ يَّاْتِيْٓ اٰمِنًا يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ" ڇا پوءِ جيڪو باهہ ۾ اڇلايو ويندو ڀلو آهي يا جيڪو قيامت جي ڏينهن امن وارو ٿي ايندو؟ يعني جيڪو الاهي آيتن ۾ الحاد جي ڪري ۽ رسول پاڪ صلی الله عليه وسلم کي ڪوڙو چوڻ جي ڪري جهنم ۾ اڇلايو ويندو اهو ڀلو آهي يا جيڪو مؤمن هجڻ جي ڪري قيامت جي ڏينهن امن ۾ رهندي هر قسمَ جي خطري کان محفوظ هوندو اهو ڀلو آهي؟ ظاهر آهي تہ امن ۾ رهندڙ ڀلو آهي. مفسرن ڀلارن لکيو آهي تہ جهنم ۾ اڇلايل مان مراد ابوجهل آهي ۽ امن ۾ رهندڙ مان مراد سيدنا حمزه، يا سيدنا عثمان يا سيدنا عمار بن ياسر آهي. (١) (رضي الله عنهم) "اِعْمَلُوْا مَا شِئْتُمْ ۙ" جيڪي گهرو ڪندا رهو. هن ۾ الله عزوجل انهن کي تنبيہ ڪندي فرمايو تہ اوهان کي برائي ڪندڙ ۽ ڀلائي ڪندڙ جي عاقبت معلوم ٿي هاڻي جيڪي وڻيو ڪيو ۽ جهڙي پوکيندؤ اهڙي لڻندؤ. "اِنَّهٗ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ" بلاشڪ اوهان جيڪي ڪيو ٿا اهو ڏسندڙ آهي. يعني اهو اوهان جي هر عمل کي ڏسي ٿو. جهڙو عمل ڪندؤ اهڙو اوهان کي بدلو ڏيندو. "اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِالذِّكْرِ لَمَّا جَآءَهُمْ ۚ" بلاشڪ جن قرآن جو انڪار ڪيو جڏهن انهن وٽ آيو. هتي "اِنَّ" تحقيق جي ۽ "الَّذِيْنَ" کان پڇاڙي تائين، صلہ ۽ موصول گڏجي "اِنَّ" جو اسم ٿيندو ۽ ان جي خبر "هَالِكُوْنَ يا مُعَذَّبُوْنَ" محذوف آهي. (٢) مطلب تہ جن وٽ الله جل شانہ جو قرآن پاڪ آيو ۽ هنن مڃڻ جي بجاءِ ان جو انڪار ڪيو اهي هلاڪ ٿيندا. عذاب ۾ ويندا. "وَاِنَّهٗ لَكِتٰبٌ عَزِيْزٌ لَّا يَاْتِيْهِ الْبَاطِلُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَلَا مِنْ خَلْفِهٖ ؕ" ۽ بلاشڪ اهو عزت وارو ڪتاب آهي ان کي سندس اڳيان ۽ پويان باطل نہ ايندو. مطلب تہ قرآن ڪريم اهڙو عزت، شرف ۽ شان وارو ڪتاب آهي ڪنهن شيطان کي مجال ناهي جو ان ۾ گهٽ وڌائي ڪري يا ان ۾ ڪنهن قسم جي مداخلت ڪري

(١) تفسير خازن صہ ٨٧ جلد ٤ (٢) مدارڪ صہ ٩٦ جز ٤٠

سگهي هي اهڙو مضبوط قلعو آهي جيڪو هر طرف کان هر طرح محفوظ آهي مڪه مڪرمه جي رهاڪو مشرڪن قرآن ڪريم ۾ گڙٻڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هميشه ناڪام رهيا. سيد پير ڪرم شاهه الازهري لکيو آهي ته رافضين به قرآن پاڪ جي آيتن ۾ ردو بدل جي وڏي ڪوشش ڪئي پر انهن کي به ڪنهن قسم جي ڪاميابي حاصل نه ٿي. (١) "تَنْزِيْلٌ مِّنْ حَكِيْمٍ حَمِيْدٍ" حڪمت واري ساراهيل جي طرفان نازل ڪرڻ آهي. مطلب ته قرآن پاڪ جو نزول ان الله، حڪمت واري جي طرفان آهي جيڪو پنهنجن ٻانهن جا ڪم پنهنجي حڪمت ۽ تدبير سان ٺاهيندو آهي، جيڪو ٻانهن تي انعام ۽ احسان ڪرڻ جي ڪري ساراهيل آهي. (٢)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا حاصل ٿين ٿا. ١- "لَا تَسْجُدُوْا لِلشَّمْسِ وَلَا لِلْقَمَرِ" (سج ۽ چنڊ کي سجدو نه ڪيو) مان معلوم ٿيو ته سجدو ڪرڻ صرف ئي صرف ڪائنات جي خالق جو حق آهي اهوئي حقيقي معبود، مقصود ۽ مسجود آهي. ان کان سواءِ ڪنهن ستاري يا، انسان ڀلي چو نه ڪيڏو ڪامل ولي يا خود نبي عليه الصلاة والسلام هجي ان کي سجدو ڪرڻ چاهي عبادت جي نيت سان هجي يا تعظيم جي نيت سان هرگز جائز ناهي. بلڪ جيڪڏهن ڪو عبادت جي نيت سان الله کان سواءِ ڪنهن کي سجدو ڪري ٿو ته ڪافر ٿي ويندو ۽ عبادت جي نيت سان سجدو ڪنهن به شريعت ۽ ملت ۾ الله جل شانه کان سواءِ ڪنهن جي لاءِ به حلال نه هو ۽ نه آهي ڇوته اهو شرڪ ۾ داخل آهي ۽ ڪنهن به نبي سڳوري عليه الصلواة والسلام جي شريعت ۾ شرڪ جي اجازت نه رهي آهي. ها تعظيم جو سجدو اڳين شريعتن ۾ جائز هو جيئن ملائڪن حضرت آدم علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي سجدو ڪيو هو يا حضرت يوسف علىٰ نبينا وعليه الصلواة والسلام کي سندس والد ۽ ڀائرن سجدو ڪيو هو پر امت جي فقهاء جو اجماع آهي ته اسلام ۾ ان تعظيم واري سجدي جي به ڪنهن لاءِ اجازت ناهي غيرالله کي سجدو ڪرڻ مطلق حرام آهي. ٢- "وَهُمْ لَا يَسْئَمُوْنَ" (۽ اهي ٿڪبا ناهن) هن ڳالهه تي ته امت

(١) ضياءالقرآن صہ ٣٥١ جلد٤ (٢) المراغي صہ١٣٨ جز٢٤ جلد٨

جو اجماع آهي تہ هن سورة ۾ تلاوت جو سجدو واجب آهي پر کهڙي مقام تي سجدو ڏجي ان ۾ اختلاف آهي.

علامه ابن العربي لکيو آهي تہ حضرت علي ۽ حضرت ابن مسعود. "اِنْ كُنْتُمْ اِيَّاهُ تَعْبُدُوْنَ" پڙهي سجدو ڏيندا هئا. امام مالک عليه الرحمت جو قول بہ اهو آهي ۽ حضرت عبدالله بن عباس "وَهُمْ لَايَسْئَمُوْنَ" پڙهي پوءِ سجدهء تلاوت ڏيندو هو ابن وهب، امام شافعي، مسروق، ابو عبدالرحمن سلمي، ابراهيم نخعي، ابو صالح، يحيٰ بن واب، طلحة، حسن بصري، ابن سيرين ابو وائل، قتادة، بکر بن عبدالله بہ انهن لفظن کي پڙهي پوءِ سجدو ڏيندا هئا. حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما جو بہ اهو ارشاد آهي. (۱) اهوئي مذهب سيني حنفي امامن جو آهي ۽ احتياط بہ ان ۾ آهي ڇوتہ "وَهُمْ لَا يَسْئَمُوْنَ" پويان آهي اتي سجدي ڏيڻ سان پهريون بہ ادا ٿي ويندو. ٻي صورت ۾ نہ ٿيندو. (۲)

۳- اِنَّ الَّذِيْنَ يُلْحِدُوْنَ فِيْٓ اٰيَاتِنَا" (بلاشک جيڪي شخص اسان جي آيتن ۾ الحاد کن ٿا) مان معلوم ٿيو تہ کفر جو هک قسم الحاد آهي. ان جي معنیٰ آهي هک طرف مائل هجڻ. قبر واري لحد کي بہ لحد ان جي کري سڏجي ٿو جو اها بہ قبر جي هک پاسي هوندي آهي قرآن کريم ۽ حديث مبارک جي اصطلاح ۾ قرآن پاک جي آيتن کان عدول ۽ انحراف کي الحاد چئبو آهي. ۽ لغوي معنیٰ جي لحاظ سان تہ اهو عام آهي سڌو سنئون انکار کري يا کو بهانو بنائي فاسد تاويل سان انحراف کري. مگر عام طور الحاد چئبو آهي ان کي جو ظاهر ۾ قرآن پاک تي ايمان ۽ تصديق جو اقرار کري پر ان جون معنائون اهڙيون ناهي جيڪي قرآن ۽ سنت جي نصوص ۽ جمهور امت جي خلاف هجن جن سان قرآن پاک جي نزول جو مقصد ئي ميتجي وڃي. حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان الحاد جي معنیٰ اها بيان ٿيل آهي. الحاد هک قسم جو کفر گمراهي ۽ نفاق آهي. هن هلندڙ دؤر ۾ اهڙا ماڻهو گهڻا آهن جيڪي يورپ جي علم جي دعوی دارن کان متاثر ٿي الحاد کندي قرآن ۽ حديث جي صحيح مفهوم ۽ مراد بيان کرڻ جي بجاءِ پنهنجا عقلي ٻول ٻوليندا آهن انهن جي ان کافرانه ۽ ملحدانه مکر و فريب کان محفوظ رهڻ جي لاءِ

(۱) احکام القرآن لابن عربي صـ۱۶۶۴ جلد۴ (۲) معارف القرآن صـ۶۵۵ جلد۷

قرآن ۽ حديث جي مراد اها پڪي ڪجي جيڪا جمهور مفسرن ۽ محدثن بيان ڪئي آهي.

مَا يُقَالُ لَكَ اِلَّا مَا قَدْ قِيْلَ لِلرُّسُلِ مِنْ قَبْلِكَ ؕ

تو کي چيو وڃي ٿو مگر جيڪو تحقيق چيو ويو رسولن جي لاءِ اڳي تو کان

اِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ مَغْفِرَةٍ وَّ ذُوْ عِقَابٍ اَلِيْمٍ (٤٣)

بلاشڪ تنهنجو رب البت بخشش وارو آهي ۽ دردناڪ عذاب ڏيڻ وارو آهي

وَلَوْ جَعَلْنٰهُ قُرْاٰنًا اَعْجَمِيًّا لَّقَالُوْا لَوْلَا

۽ جيڪڏهن ڪيون ها اسان ان کي قرآن عجمي ٻوليءَ ۾ ته البت چون ها ته ڇو نه

فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ ؕ ءَاَعْجَمِيٌّ وَّعَرَبِيٌّ ؕ قُلْ هُوَ لِلَّذِيْنَ

کولي بيان ڪيون ويون ان جون آيتون ڇا (ڪتاب) عجمي ۽ (نبي) عربي؟ فرماءِ ته اهو انهن جي لاءِ

اٰمَنُوْا هُدًى وَّشِفَآءٌ ؕ وَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ

جن ايمان آندو هدايت ۽ شفا آهي ۽ جيڪي ايمان نٿا آڻين ڪن انهن جي ۾

وَقْرٌ وَّهُوَ عَلَيْهِمْ عَمًى ؕ اُولٰٓئِكَ يُنَادَوْنَ مِنْ مَّكَانٍ ۭ بَعِيْدٍ ع (٤٤) ع ٥/١٢ ١٩

ٻوڙائپ آهي ۽ اهو انهن تي انڌائي آهي اهي سڏيا وڃن ٿا پر انهين هنڌ کان

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَاخْتُلِفَ فِيْهِ ؕ وَلَوْلَا

۽ البت تحقيق ڏنو اسان موسيٰ کي ڪتاب پوءِ اختلاف ڪيو ويو ان ۾ ۽ جيڪڏهن نه هجي ها

كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ

حڪم جيڪو اڳي ٿيو تنهنجي رب جي طرفان ته البت فيصلو ڪيو وڃي ها انهن ۾

وَاِنَّهُمْ لَفِيْ شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيْبٍ (۴۵) مَنْ عَمِلَ صَالِحًا

۽ بلاشڪ اهي البتہ شڪ ۾ آهن ان ڪان ڏوڪي ۾ وجهندڙ جنهن ڪيا ڀلا ڪم

فَلِنَفْسِهٖ وَمَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ (۴۶)

پوءِ پنهنجي لاءِ ۽ جنهن برائي ڪئي پوءِ ان جي مٿان آهي ۽ ناهي رب تنهنجو ظلم ڪندڙ ٻانهن تي.

تفسير.

هن ڪان اڳ۾ الله جل شانه جي آيتن ۾ الحاد ڪندڙن ڪي تنبيه ۽ تهديد ڪئي وئي ۽ هتان ڪان نبي پاڪ صلي الله عليه وسلم جن ڪي تسلي ڏيندي فرمان ٿي رهيو آهي "مَا يُقَالُ لَكَ اِلَّا مَا قَدْ قِيْلَ لِلرُّسُلِ مِنْ قَبْلِكَ" توڪي نٿو چيو وڃي مگر اهو جيڪو توڪان اڳي آيلن رسولن ڪي چيو ويو هو.

يعني ڪافر جيڪي اعتراض اوهان تي ڪن ٿا بعينه اهي اعتراض اوهان ڪان اڳي آيلن رسولن عليهم الصلواة والسلام تي بہ سندن بي فرمان قومون ڪنديون هيون. هنن ڪي انهن قومن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي؟ اُهو ڏسي عبرت وٺڻ گهرجي نہ تہ ڪين بہ اهي سزائون ملنديون. "اِنَّ رَبَّكَ لَذُوْ مَغْفِرَةٍ وَّذُوْ عِقَابٍ اَلِيْمٍ" بلاشڪ تنهنجو رب مغفرت وارو ۽ دردنا عذاب ڏيڻ وارو آهي. يعني مؤمنن ڪي مغفرت سان نوازيندڙ ۽ ڪافرن ڪي دردناڪ عذاب ڏيندڙ آهي. (۱) "وَلَوْ جَعَلْنٰهُ قُرْاٰنًا اَعْجَمِيًّا لَّقَالُوْا لَوْلَا فُصِّلَتْ اٰيٰتُهٗ" ۽ جيڪڏهن اسين ان ڪي عجمي (ٻوليءَ ۾) قرآن ڪيون ها تہ البتہ چون ها تہ ان جون آيتون کولي کولي بيان ڇو نہ ڪيون ويون. مڪه مڪرمه جي رهاڪو ڪافرن هڪ بهانو هي بہ ٺاهيو تہ اسين قرآن ڪريم ڪي معجزو ڪيئن مڃيون؟ معجزو تڏهن هجي ها جو اهو غير عربي، عجمي زبان ۾ لهي ها. انهن ڪي جواب ۾ ارشاد ٿيو آهي تہ: جيڪڏهن اسين قرآن پاڪ ڪي عجمي ٻوليءَ ۾ لاهيون ها تہ اهي ساڳيا ڪافر چون ها تہ: هن جون آيتون کولي کولي بيان ڪيل

(۱) المظهري صہ ۳۰۱ جلد ۸

ناهن "أَعْجَمِيٌّ وَّعَرَبِيٌّ" ڇا (ڪتاب) عجمي ۽ (نبي) عربي. مطلب تہ اهي وري چون ها تہ هي ڪهڙو هدايت جو رستو آهي جو رسول عربي، ان جي پهرين مخاطب قوم بہ عربي پر ان تي ڪتاب اهڙي زبان ۾ لٿو آهي جو عرب ان جو هڪ حرف بہ نہ سمجهي سگهن. "قُلْ هُوَ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هُدًي وَّشِفَاۗءٌ" فرماءِ تہ اهو ايمان وارن جي لاءِ هدايت ۽ شفا آهي. مطلب تہ اجايا اعتراض ڪندڙن کي ڪجهہ نہ ملندو پر جيڪي ان تي ايمان آڻيندا هي ڪتاب انهن جي حق ڏانهن ۽ سڌي واٽ ڏانهن رهبري ڪندو ۽ سندن سينن ۾ جيڪا شڪوڪ و شبهات جي بيماري آهي انهن کي دور ڪري شفا ڏيندڙ آهي يا جيڪا سينن ۾ تنگي آهي ان جي لاءِ پڙهڻ ۾ حاصل ٿيندڙ نعمت ۽ فڪر ۾ ملندڙ نعمت سان ۽ آخرت ۾ ٿيندڙ لطف جي وعدن سان قلبن جي لاءِ شفا آهي (١)

"وَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَقْرٌ" ۽ جيڪي ايمان نٿا آڻين انهن جي ڪنن ۾ ٻوڙائپ آهي. وقر جي معنيٰ (ٻوڙائپ) آهي مطلب تہ اهي نہ قبول ڪرڻ جي ڪري ٻوڙا آهن ٻڌن ئي ڪونہ ٿا. (٢)

"وَّهُوَ عَلَيْهِمْ عَمًى" ۽ اهو انهن تي انڌائپ آهي. يعني جيئن چمڙي جون اکيون سج جي روشنيءَ ۾ انڌيون ٿي وينديون تيئن هنن ڪافرن جون اکيون قرآن ڪريم جي روشنيءَ ۾ انڌيون ٿين ٿيون ان ۾ قرآن پاڪ جو ڪهڙو قصور آهي منڪرن ڪي پنهنجي نگاهہ جو قصور محسوس ڪندي ان جي علاج ڏانهن متوجہ ٿيڻ گهرجي. "اُولٰۗىِٕكَ يُنَادَوْنَ مِنْ مَّكَانٍۢ بَعِيْدٍ" اهي پر انهيءَ جاءِ کان سڏيا وڃن ٿا. هن ۾ انهن ڪافرن جو حال بيان ڪيو ويو آهي تہ اهي جڻ تہ هڪ پرانهين پنڌ کان سڏيا وڃن ٿا جو نہ ٻڌن ٿا ۽ نہ سمجهن ٿا. ۽ ضحاڪ جو قول آهي تہ اهي قيامت جي ڏينهن برن لقبن يا فاسق، يا منافق وغيره سان نهايت پرانهين جاءِ اعليٰ عليين کان سڏيا ويندا ۽ پاڻ اسفل السافلين ۾ هوندا. (٣) "وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَاخْتُلِفَ فِيْهِ" ۽ البتہ تحقيق اسان موسيٰ کي ڪتاب ڏنلو پوءِ ان ۾ اختلاف ڪيو ويو. يعني جيئن هاڻي قرآن ڪريم جي متعلق مڃڻ وارن ۽ نہ مڃڻ وارن ۾ اختلاف آهي حضرت موسيٰ (عليٰ نبينا وعليه الصلوٰة والسلام) کي اسان جيڪو ڪتاب (توراة) ڏنو هو

(١) تنويرالاذهان صـ٤٦٨ جلد ٣ (٢) زادالمسير صـ٢٦٢ جلد ٧ (٣) روح البيان صـ٢٧٤ جلد ٩٨

ان ۾ ان وقت وارن ائين اختلاف ڪيو هو "وَلَوْلَا كَلِمَةٌ سَبَقَتْ مِنْ رَّبِّكَ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ" ۽ جيڪڏهن تنهنجي رب وٽان حڪم اڳي نہ ٿئي ها تہ انهن ۾ فيصلو ڪيو وڃي ها. يعني الله جل شانه جي طرفان عذاب ڪي پوئتي ڪرڻ جو فيصلو ٿيل نہ هجي ها تہ انهن کي مڪمل طرح هلاڪ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو وڃي ها يا مراد آهي تہ جيڪڏهن فيصلن جي لاءِ آخرت جو ڏينهن مقرر ڪيل نہ هجي ها تہ دنيا ۾ ئي سڀ ڪجهہ ڪيو وڃي ها پر ان ڏينهن جي اچڻ لاءِ هنن کي ڪجهہ مهلت ڏنل آهي. (١) "وَإِنَّهُمْ لَفِي شَكٍّ مِّنْهُ مُرِيبٍ" ۽ بلاشڪ اهي ان کان ڌوڪي ڏيندڙ شڪ ۾ آهن. مطلب تہ اهي ايمان ۽ يقين جي دولت کان محروم هجڻ جي ڪري سڪون ۽ اطمينان کان محروم، ڌوڪي ڏيندڙ شڪ جي مرض ۾ مبتلا آهن. "مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهِ وَمَنْ أَسَاءَ فَعَلَيْهَا" جنهن صالح عمل ڪيا ان پنهنجي لاءِ (ڪيا) ۽ جنهن برا (عمل) ڪيا ان (جو وبال ان) تي آهي يعني جيڪو ڀلا عمل ڪندو سو پنهنجي فائدي لاءِ ڪندو ۽ جيڪڏهن برا عمل ڪندو تہ انهن جي سزا ان کي ملندي "وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيدِ" ۽ تنهنجو رب ٻانهن تي ظلم ڪندڙ ناهي. جو ڪنهن جي ڪيل نيڪي شمار ۾ نہ آڻي يا ڪنهن جو نہ ڪيل گناهہ ان جي لاءِ لکرائي ڇڏي. (٢)

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا بہ ذهن ۾ ويهن ٿا. ١- "مَا يُقَالُ لَكَ إِلَّا مَا قَدْ قِيلَ لِلرُّسُلِ مِنْ قَبْلِكَ" (اوهان کي نٿو چيو وڃي مگر جيڪو تحقيق اوهان کان اڳين رسولن (عليهم الصلواة والسلام) کي چيو ويو هو) جي هڪ مراد اها بہ آهي تہ جيئن اوهان کان اڳين نبين عليهم الصلواة والسلام کي ايمان جي تبليغ جو حڪم ٿيل هو اوهان کي بہ اهوئي حڪم آهي. باقي احڪام ۾ تہ وڏو فرق آهي. ۽ حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن جا القاب ۽ سندن صفات حسنه تہ سڀني نبين عليهم الصلواة والسلام کان اعلىٰ آهن. ٢- "أَعْجَمِيٌّ وَعَرَبِيٌّ" (ڇا عجمي ۽ عربي) هن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيو تہ قرآن ڪريم عربي ٻوليءَ ۾ ان جي ڪري نازل ٿيو جو محبوب عليه الصلواة والسلام جن جي ٻولي عربي آهي جيڪڏهن اهو ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ وارو ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ هجي ها تہ قرآن پاڪ بہ ان زبان ۾ نازل ٿئي ها.

(١) مدارڪ صہ٩٧ جز ٤٠ (٢) حاشيه ماجديه صہ٩٦٢

٣- "هُدًى وَّ شِفَآءٌ" (هدايت ۽ شفاء) مان معلوم ٿيو تہ قرآن ڪريم هدايت ۽ روحاني شفاء صرف مومنن جي لاءِ آهي مگر الله ڌانهن سڏيندڙ ۽ ظاهري جسماني شفاء سيني جهانن جي لاءِ آهي. ان جي ڪري ان سان ڦيٽو وجهڻ مومنن سان گڏ مشرڪن لاءِ بہ مفيد رهيو جيئن سورة فاتحہ جي فضائل ۾ آيل آهي. ٤- "وَمَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا" ۽ جنهن برائي ڪئي پوءِ ان (جو وبال ان) تي آهي) مان معلوم ٿيو تہ اسلام ۾ هر شخص پنهنجي عمل جو ذميدار آهي وڏن بزرگن جي اولاد هجڻ جي ڪري ڪوبہ گناهہ ڪرڻ جو مجاز نہ آهي ۽ اها سوچ رکڻ غلط آهي تہ مقبول ٻانهن سان نسبي تعلق رکڻ ڪافي آهي.

اِلَيْهِ يُرَدُّ عِلْمُ السَّاعَةِ ؕ وَمَا تَخْرُجُ مِنْ ثَمَرٰتٍ مِّنْ اَكْمَامِهَا

ان ڌانهن ئي موٽايو وڃي ٿو قيامت جو علم ۽ نہ نڪرن ڪي ميوا پنهنجين ڳيڀن مان

وَمَا تَحْمِلُ مِنْ اُنْثٰى وَلَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلْمِهٖ ؕ وَيَوْمَ يُنَادِيْهِمْ

۽ نڪي حمل واري ٿئي ڪا مادي ۽ نڪي ڄڻي مگر ان جي علم ۾ آهي ۽ جنهن ڏينهن سڏيندو انهن کي تہ

اَيْنَ شُرَكَآءِيْ ۙ قَالُوْٓا اٰذَنّٰكَ ۙ مَا مِنَّا مِنْ شَهِيْدٍ ۚ (٤٧)

ڪٿي آهن منهنجا شريڪ (بنايل) چوندا تہ عرض ڪيو اسان توکي تہ ناهي اسان مان ڪو شاهد

وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَدْعُوْنَ مِنْ قَبْلُ وَظَنُّوْا مَا لَهُمْ

۽ گم ٿيندا انهن کان اهي جن جي عبادت ڪندا هئا اڳ ۾ ۽ ڀائيندا تہ ناهي انهن لاءِ

مِّنْ مَّحِيْصٍ (٤٨) لَا يَسْئَمُ الْاِنْسَانُ مِنْ دُعَآءِ الْخَيْرِ ۫ وَاِنْ مَّسَّهُ

ڪا ڇوٽڪاري جي جاءِ نڪو ٿڪجي انسان خير جي دعا کان ۽ جيڪڏهن پهچي ٿي ان کي

الشَّرُّ فَيَئُوْسٌ قَنُوْطٌ (٤٩) وَلَئِنْ اَذَقْنٰهُ رَحْمَةً

تڪليف پوءِ آسرو لاهيندڙ نا اميد ٿيندڙ آهي ۽ البتہ جيڪڏهن چکائيندا آهيون ان کي رحمت

مِّنَّا مِنْ بَعْدِ ضَرَّآءَ مَسَّتْهُ لَيَقُوْلَنَّ هٰذَا لِيْ

پاڻ وٽان ڀڄاڻان تڪليف جي جيڪا پهتي ان کي تہ البتہ ضرور چوندو هي مون لاءِ آهي

وَمَآ اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً وَّلَئِنْ رُّجِعْتُ اِلٰى رَبِّيْٓ

۽ نٿو ڀانيان مان قيامت کي قائم ٿيڻ واري ۽ البتہ جيڪڏهن موٽايو ويس پنهنجي رب ڏانهن تہ

اِنَّ لِيْ عِنْدَهٗ لَلْحُسْنٰى فَلَنُنَبِّئَنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا

بيشڪ مون لاءِ ان وٽ البتہ چڱائي آهي پوءِ البتہ ضرور خبر ڏينداسون انهن کي جن ڪفر ڪيو

بِمَا عَمِلُوْا وَلَنُذِيْقَنَّهُمْ مِّنْ عَذَابٍ غَلِيْظٍ (٥٠)

ان جي جيڪي ڪيائون ۽ البتہ ضرور چکائينداسون انهن کي سخت عذاب مان

وَاِذَآ اَنْعَمْنَا عَلَى الْاِنْسَانِ اَعْرَضَ وَنَاٰ بِجَانِبِهٖ

۽ جڏهن نعمت ڪندا آهيون انسان تي تہ منهن ڦيرائيندو آهي ۽ ڦيرائيندو آهي پاسو پنهنجو

وَاِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ فَذُوْ دُعَآءٍ عَرِيْضٍ (٥١) قُلْ اَرَءَيْتُمْ

۽ جڏهن پهچي ٿي ان کي ڪا تڪليف پوءِ وڏي دعا جو صاحب آهي فرماءِ تہ خبر ڏيو

اِنْ كَانَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ ثُمَّ كَفَرْتُمْ بِهٖ مَنْ اَضَلُّ

جيڪڏهن هوندو الله وٽان ان کان پوءِ ڪفر ڪندؤ ان جو تہ ڪير وڌيڪ گمراهہ آهي

مِمَّنْ هُوَ فِيْ شِقَاقٍ بَعِيْدٍ (٥٢) سَنُرِيْهِمْ اٰيَاتِنَا

ان کان جو اهو اختلاف پرانهين ۾ آهي جلد ڏيکارينداسون انهن کي نشانيون پنهنجون

فِي الْاٰفَاقِ وَفِيْٓ اَنْفُسِهِمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُ الْحَقُّ ؕ اَوَلَمْ

ملڪن ۾ ۽ سندن سرن ۾ تانجو ظاهر ٿئي انهن جي لاءِ حق ڇا نہ

يَكْفِ بِرَبِّكَ اَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ (۵۳) اَلَآ اِنَّهُمْ

ڪافي ٿيو رب تنهنجو تہ بلاشڪ اهو هر شيءِ تي حاضر آهي خبردار بلاشڪ اهي

فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْ لِّقَآءِ رَبِّهِمْ ؕ اَلَآ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيْطٌ ع (۵۴)

شڪ ۾ آهن پنهنجي رب جي ملڻ ۾ خبردار بيشڪ اهو هر شيءِ کي گهيري ۾ رکندڙ آهي.

تفسير.

اِڳين آيتن ۾ ڪافرن ڪي تنبيہ ۽ تهديد ڪندي ٻڌايو ويو تہ اوهان کي قيامت جي ڏينهن برن عقيدن ۽ بد عملن جي سزا ملندي ۽ هتي ٻڌايو ويو آهي تہ قيامت جي ڏينهن جي اچڻ جو علم الله جل شانہ کي آهي. فرمان مبارڪ آهي ”اِلَيْهِ يُرَدُّ عِلْمُ السَّاعَةِ ؕ“ ان ڏانهن ئي قيامت جو علم حوالي ڪيو وڃي ٿو. يعني جيڪڏهن قيامت جي اچڻ واري ڏينهن جي متعلق سوال ڪيو ويندو آهي تہ ان کي الله جل شانہ جي حوالي ڪري ڇئبو تہ الله جل شانہ کي ان جي خبر آهي ”وَمَا تَخْرُجُ مِنْ ثَمَرَاتٍ مِّنْ اَكْمَامِهَا وَمَا تَحْمِلُ مِنْ اُنْثٰى وَلَا تَضَعُ اِلَّا بِعِلْمِهٖ ؕ“ ۽ جيڪي ميوا پنهنجين ڳيين مان نڪرن ۽ نہ ڪا مادي ڳُڪي ٿئي ٿي ۽ نہ ڪا ڄڻي ٿي مگر سڀ ان جي علم ۾ آهي. ”اڪمام“ ڪم جو جمع آهي ”ڪم“ ميوي تي شامل ٿيندڙ انهن سنهن پردن جو نالو آهي جيڪي ان جي ڪلڻ ڪان اڳي ان تي چڙهيل هوندا آهن (۱) مطلب تہ الله جل جلالہ جو علم سڀني شين کي محيط آهي ڪو ميوو پنهنجن پردن مان ان جي علم کان سواءِ نٿو نڪري ۽ نہ ڪا مادي ان جي علم کان سواءِ حامله ٿئي ٿي يا ٻار ڄڻي ٿي. اهي سڀ شيون ۽ سڀ حالتون الله جي علم کان ٻاهر ناهن. ”وَيَوْمَ

(۱) تنويرالاذهان صہ۴٦۸ جلد ۳

يُنَادِيۡهِمۡ اَيۡنَ شُرَكَآءِيۡ قَالُوۡۤا اٰذَنّٰكَ مَا مِنَّا مِنۡ شَهِيۡدٍ ۽ جنهن ڏينهن انهن کي سڏي (پڇندو) تہ منهنجا شريڪ ڪٿي آهن؟ چوندا تہ اسان توکي عرض ڪري ڇڏيو آهي تہ اسان مان ڪوبہ شاهدي ڏيندڙ ناهي. مطلب تہ قيامت جي ڏينهن الله جل شانه ڪافرن ۽ مشرڪن کي سڏي فرمائيندو تہ جن کي بہ اوهان منهنجو شريڪ بنايو هو اهي ڪٿي آهن. انهن کي سڏي وٺي اچو تہ اهي ان ڳالهہ کان ڦري ويندا ۽ چوندا تہ اسان تہ پهريائين عرض ڪري چڪا آهيون تہ اسان مان ڪوبہ انهن جي معبود هجڻ جي شاهدي ڏيڻ لاءِ تيار ناهي، يا هن حصي جو مطلب آهي تہ اهي اڄ هتي اسان مان ڪنهن کي بہ نظر نٿا اچن. (١) "وَضَلَّ عَنۡهُمۡ مَّا كَانُوۡا يَدۡعُوۡنَ مِنۡ قَبۡلُ وَظَنُّوۡا مَا لَهُمۡ مِّنۡ مَّحِيۡصٍ" ۽ جن جي اهي اڳ ۾ عبادت ڪندا هئا اهي انهن کان گم ٿي ويندا ۽ اهي ڀائيندا تہ انهن جي لاءِ ڪابہ ڇوٽڪاري جي جاءِ ناهي. يعني دنيا ۾ جن کي الله جو شريڪ بنائي انهن جي عبادت ڪندا هئا اهي اتي لڀندن بہ ڪونہ ۽ اتي اها ڳالهہ ڪين ذهن نشين ٿيندي تہ انهن جي لاءِ ڪابہ ڇوٽڪاري جي جاءِ نہ رهي آهي "لَا يَسۡـَٔمُ الۡاِنۡسَانُ مِنۡ دُعَآءِ الۡخَيۡرِ" انسان خير جي دعا کان ٿڪجي نٿو. يعني الله جل شانه کان صحت، عافيت، رزق جي ڪشادگي گهرندي انسان ٿڪجندو ناهي، ڪيترو بہ ملندو اٿس تہ اڃا وڌيڪ گهرندو بس نہ ڪندو. "وَاِنۡ مَّسَّهُ الشَّرُّ فَيَـُٔوۡسٌ قَنُوۡطٌ" ۽ جيڪڏهن ان کي تڪليف پهچندي آهي تہ پوءِ آسرو لاهيندڙ، نا اميد ٿيندو آهي. يعني جيڪڏهن ان کي مال رزق جي تنگي ملندي آهي يا ڪنهن مرض ۾ مبتلا ٿيندو آهي تہ الله عزوجل جي رحمت مان آسرو لاهي صفا نا اميد ٿي ويهندو آهي "وَلَئِنۡ اَذَقۡنٰهُ رَحۡمَةً مِّنَّا مِنۡۢ بَعۡدِ ضَرَّآءَ مَسَّتۡهُ لَيَقُوۡلَنَّ هٰذَا لِيۡ" ۽ البتہ جيڪڏهن اسان ان کي پهچڻ واري تڪليف کان پوءِ پنهنجي طرفان رحمت چکائي تہ البتہ ضرور چوندو تہ هيءَ منهنجي (لائق) آهي مطلب تہ جيڪڏهن ان کان بيماري لاهي يا تنگدستي دور ڪري جنهن ۾ ڦاٿل هو ان کي پنهنجي رحمت سان صحت يا خوشحالي ڏيندا آهيون تہ ڦنڊندي چوندو آهي تہ هي تہ منهنجو حق آهي جيڪو مون کي مليو مون ۾ جيڪي ڀلايون آهن انهن جي ڪري مون کي اهو ملڻو ئي هو "وَمَآ اَظُنُّ السَّاعَةَ قَآئِمَةً" ۽ مان قيامت کي قائم ٿيڻ واري (شيءِ) نٿو ڀانيان.

(١) ضياء القرآن صہ ٣٥٣ جلد ٤

مطلب تہ منهنجي خيال ۾ قيامت قائم نہ ٿيندي ۽ نہ ڪو **حساب يا عذاب ٿيندو.** "وَّلَئِنۡ رُّجِعۡتُ اِلٰى رَبِّيۡۤ اِنَّ لِيۡ عِنۡدَهٗ لَلۡحُسۡنٰىۚ" ۽ البتہ جيڪڏهن مان پنهنجي رب ڏانهن موٽايو ويندس تہ بلاشڪ مون لاءِ ان وٽ البتہ چڱائي آهي. يعني قيامت ٿيندي تہ ڪانہ پر جيڪڏهن مان ڪٿي خدا تعالیٰ ڏانهن واپس ڪيو وڃان تہ بہ مون ڪي فڪر ناهي جيئن دنيا ۾ ان جي نعمتن سان مالا مال آهيان تيئن آخرت ۾ بہ منهنجي لاءِ هر يلائي ۽ چڱائي هوندي. "فَلَنُنَبِّئَنَّ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بِمَا عَمِلُوۡا وَلَنُذِيۡقَنَّهُمۡ مِّنۡ عَذَابٍ غَلِيۡظٍ" پوءِ البتہ ڪافرن کي جيڪي عمل ڪيائون انهن جي خبر ضرور ڏينداسون ۽ انهن کي سخت عذاب ضرور چکائينداسون. يعني قيامت جي ڏينهن ڪافرن کي سندن برن عقيدن ۽ برن عملن جي خبر ڏينداسون جن ۾ رهندي سرڪشي ڪندا هئا ۽ ڪين انهن جي بدلي ۾ نهايت سخت سزا ڏيندي سخت عذاب چکائينداسون. "وَاِذَاۤ اَنۡعَمۡنَا عَلَى الۡاِنۡسَانِ اَعۡرَضَ وَنَاٰ بِجَانِبِهٖۚ وَاِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ فَذُوۡ دُعَآءٍ عَرِيۡضٍ" ۽ جڏهن انسان تي نعمت ڪندا آهيون تہ منهن موڙيندو ۽ پنهنجو پاسو ڦيرائيندو آهي. يعني اسان انسان تان بيماريون لاهي. تنگدستي دور ڪري جڏهن ان کي صحت ۽ ڪشادگيءَ جي نعمتن سان نوازيندا آهيون تہ اسان جي اطاعت کان منهن موڙي، وڏائي ڪري پاسو ورائي هليو ويندو آهي ۽ جڏهن ان کي سخت سجائي ۽ سخت بيماري ونندي آهي تہ پوءِ ڊگهي ڊگهي دعا گهرندو ۽ عرض ڪندو رهندو آهي "قُلۡ اَرَءَيۡتُمۡ اِنۡ كَانَ مِنۡ عِنۡدِ اللّٰهِ ثُمَّ كَفَرۡتُمۡ بِهٖ مَنۡ اَضَلُّ مِمَّنۡ هُوَ فِيۡ شِقَاقٍۢ بَعِيۡدٍ" فرماءِ تہ خبر ڏيو جيڪڏهن (هي قرآن پاڪ) الله وٽان آهي ان کا پوءِ بہ اوهان ان جو انڪار ڪيو تہ ان کان وڌيڪ گمراهہ ڪير آهي جيڪو پرانهين اختلاف ۾ آهي؟ يعني اي محبوب! ڪريم صلی الله عليه وسلم اوهان انهن کي فرمايو تہ هي ڪتاب جيڪڏهن اللهجل مجده جي طرفان نازل ڪيل آهي ۽ اوهان ان کي ڪوڙو چيو تہ پوءِ ان کان وڌيڪ گمراهہ ڪير آهي؟ جيڪو (هرو ڀرو) پرانهين اختلاف ۾ آهي ۽ قرآن پاڪ کي ٺٺو مجي مطلب تہ نہ مڃڻ وارو صفا گمراهہ آهي. "سَنُرِيۡهِمۡ اٰيٰتِنَا فِى الۡاٰفَاقِ وَفِيۡۤ اَنۡفُسِهِمۡ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَهُمۡ اَنَّهُ الۡحَقُّ" ۽ جلد اسين انهن کي پنهنجيون نشانيون ملڪن ۾ ۽ سندن سرن ۾ ڏيکارينداسون تانجو انهن جي لاءِ ظاهر ٿئي تہ بيشڪ اهو حق

آهي. مطلب تہ جلد اهو وقت ايندو جو اسين انهن ڪافرن کي پنهنجي قدرت جون نشانيون ملڪن، مڪه مڪرمه ۽ ٻين شهرن ۾ ڏيکاريندا سون جو اهي اسان جي نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم ۽ ان جي خليفن رضي الله عنهم جي هٿن تي فتح ٿيندا، جنهن مان اسلام ۽ مسلمانن جي قوت ظاهر ٿيندي ۽ اهڙي طرح انهن جي لاءِ اها ڳالهہ کلي سامهون ايندي تہ بلاشڪ اهو قرآن پاڪ حق آهي. (١) ”اَوَلَمۡ يَكۡفِ بِرَبِّكَ اَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيۡءٍ شَهِيۡدٌ“ ڇا تنهنجو رب ڪافي ناهي تہ بيشڪ اهو هر شيءِ تي حاضر آهي. يعني قرآن ڪريم جي حقانيت جي لاءِ تنهنجي رب جو بيان ڪافي ناهي جيڪو بلاشڪ وشبه هر شيءِ تي حاضر، شاهد آهي ۽ هر شيءِ ۾ غور ڪرڻ سان ان جي شاهد هجڻ جو ثبوت ملندو آهي. ”اَلَاۤ اِنَّهُمۡ فِىۡ مِرۡيَةٍ مِّنۡ لِّقَآءِ رَبِّهِمۡ“ خبردار بيشڪ اهي پنهنجي رب سان ملڻ ۾ شڪ ۾ آهن. يعني انهن کي شڪ آهي پڪ ناهي تہ اهي مرڻ کان پوءِ الله عزوجل سان ملندا. ”اَلَاۤ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيۡءٍ مُّحِيۡطٌ“ خبردار بلاشڪ اهو هر شيءِ کي گهيري ۾ وٺندڙ آهي. ڪابہ شيءِ ان جي قدرتي احاطي کان ٻاهر ناهي جيڪڏهن مرڻ کان پوءِ انهن جي بدن جا ذرا، مٽيءَ ۾ ملي وڃن يا پاڻيءَ ۾ وهي وڃن يا هوا ۾ اڏامي وڃن تہ بہ الله جل شانه جو علم هر هڪ ذري کي محيط آهي ان جي لاءِ انهن کي گڏ ڪري زنده ڪرڻ مشڪل ناهي.

فائدا.

مذڪوره آيتن مان هي فائدا ذهن نشين ٿين ٿا. ١- ”اِلَيۡهِ يُرَدُّ عِلۡمُ السَّاعَةِ“ (ان ڏانهن ئي قيامت جو علم موٽايو وڃي ٿو) يعني سڀئي انبياء عليهم الصلواة والسلام ۽ اولياء عظام قيامت جي علم کي الله عز اسمه جي حوالي ڪن ٿا جڏهن انهن کان پڇيو وڃي ٿو تہ قيامت ڪڏهن ايندي؟ تہ چون ٿا الله تعالىٰ ڄاڻي ٿو تہ ڪڏهن ايندي. يا مطلب آهي تہ قيامت جو علم الله جل شانه جي ٻڌائڻ کان سواءِ ڪنهن کي نہ ملندو آهي ان ۾ حساب، اٽڪل وغيره جو ڪو دخل ناهي- مفسر قرآن علامه صاوي لکيو آهي تہ: فلا ينافي ان رسول الله صلى الله عليه وسلم لم يخرج من الدنيا حتىٰ اطلع على ماكان وما يكون وما هو كائن ومن جملته وقت الساعة ولكن امر بكتمانه فلا يفيد السائل عنه شيئا. (١)

(١) الصاوي صہ ٢٧ جزء ٤ جلد ٢

يعني اها آيت ان جي خلاف ناهي تہ حضرت نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کي دنيا مان رحلت ڪرڻ کان اڳہِ ئي ماڪان ومايڪون وما هو ڪائن (جيڪي ٿيو. ٿئي پيو يا ٿيندڙ آهي ان جو اطلاع ڏنل هو ۽ ان مان قيامت اچڻ جي وقت جو علم بہ آهي پر ڪين ان جي لڪ ۾ رکڻ جو امر ڪيل هو پوءِ ان جي متعلق سوال ڪندڙ کي ڪوبہ فائدو نہ ڏيندا هئا. علامہ موصوف جي عبارت مان واضح ٿيو تہ نبي پاڪ صلى الله عليه وسلم جن کي قيامت جي اچڻ واري ڏينهن جو علم مليل آهي. ۽ ان جي ڪري پاڻ قيامت جون نشانيون، ان جي تاريخ ۽ ڏينهن بہ بيان ڪيائون تہ اها ڏهين محرم جمعي جي ڏينهن ٿيندي. جيڪڏهن ڪين ڪوبہ ان جو علم نہ هجي ها تہ اهي ڳالهيون نہ ٻڌائن ها. البتہ اهو بيان نہ فرمايائون تہ ڪيتري عرصي کان پوءِ ايندي ڇوتہ اهو اسرار الاهي مان آهي. تفسير روح البيان ۾ آهي " مشائخ صوفيه فرمايو آهي تہ، الله عزوجل پنهنجي محبوب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي قيامت جي اچڻ جو علم عطا ڪيو آهي" (١)

٢- "إِلَّا بِعِلْمِهِ" (مگر ان جي علم سان) مان معلوم ٿيو تہ ميون جي پردن مان نڪرڻ کان اڳي بہ الله انهن کي ڄاڻي ٿو تہ پورو پچي نڪرندو يا اڳ ۾ ڪري پوندو ۽ ماديءَ جي حمل جي حالات کي بہ اهوئي ڄاڻي ٿو تہ ٻچو ڪڏهن پيدا ٿيندو. ڪهڙو ٿيندو، ڪيترو وقت زنده رهندو. ڇا ڪائيندو ڇا ڪندو.

سوال:-

هي ڳالهيون تہ نجومي بہ ٻڌائيندا آهن گهڻا وقت اولياء سڳورا ۽ ڪشف وارا بزرگ بہ بيان ڪندا آهن؟

جواب:-

نجومين ۽ پنڊتن جون خبرون تہ اٽڪل ۽ گمان تي ٻڌل هونديون آهن گهڻو ڪري غلط ڪڏهن ڪڏهن صحيح بيهنديون آهن.

اوليائن سڳورن جون خبرون بالڪل صحيح هونديون آهن پر انهن جو علم ذاتي نہ هوندو آهي الله جل شانه جي ٻڌائڻ سان هوندو آهي. (٢)

الحمد لله جو مون گنهگار اڄ بروز خميس ٢٣ صفرالمظفر ١٤٢٥هـ الموافق ٨

(١) نورالعرفان صـ٧٦٩ (٢) ساڳيو حوالو

اپريل ٢٠٠۴ع تي شام جو ۵ بجي پنهنجي گهرواري لائبريريءَ ۾ سورة حم السجده جو تفسير لکي پورو ڪيو الله جل شانه جي بارگاه بي ڪس پناهہ ۾ دل سان دعا آهي تہ باقي رهيل تفسير بہ جلدي لکي پورو ڪرڻ نصيب فرمائي. آمين يا الله العالمين بحرمة النبي الامين عليه وعلیٰ آله واصحابه الصلوات والتسليمات الیٰ يوم الدين.

الفقير الي الله المغيث
محمد ادريس الداهري
غفر الله لـه ولوالديه.



رهبرِ رهنما

القرآن الكريم — باري تعالىٰ جو كلام

كتاب جو نالو	مصنف	ڇاپيل
۱: خازن	علامه علي بن محمد بن ابراهيم بغدادي	دار المعرفة - بيروت - لبنان
۲: الدرالمنثور	علامه جلال الدين سيوطي	دارالفكر - بيروت
۳: تفهيم القرآن	ابوالاعلىٰ مودودي	اداره ترجمان القرآن لاهور
۴: ضياءُ القرآن	علامه پير محمد كرم شاه الازهري	ضياءُ القرآن پبلي كيشنز لاهور
۵: روح المعاني	شهاب الدين آلوسي	دار الفكر بيروت
٦: روح البيان	محمد اسماعيل حقي عليه الرحمة	دارالفكر بيروت
۷: حاشيہ دريابادي	علامه عبدالماجد دريابادي	تاج كمپني كراچي
۸: المراغي	احمد مصطفىٰ المراغي	دارالفكر بيروت
۹: القرطبي	محمد بن احمد انصاري	دارالباز - المكة المكرمة .
۱۰: المظهري	ثناءُ الله پاني پتي عليه الرحمة	اشاعة العلوم حيدرآباد دكن انديا
۱۱: صفوة التفاسير	محمد علي صابوني	دارالقرآن بيروت
۱۲: تفسير ابن كثير	علامه اسماعيل بن كثير دمشقي	مكتبہ تجاريہ مصر
۱۳: نور العرفان	مفتي احمد يار خان نعيمي	سني دارالاشاعت لاهور
۱۴: ايسر التفاسير	ابوبكر بن جابر الجزائري	سعوديہ عربيہ
۱۵: معارف القرآن	مفتي محمد شفيع صاحب	دارالقلم كراچي
۱٦: التفسير الكبير	علامه فخرالدين رازي عليه الرحمة	دارالكتب العلمية طهران
۱۷: الصاوي	احمد بن محمد الصاوي المالكي عليه الرحمة	شركة مكتب ومطبع مصطفىٰ البابي واولاد بمصر
۱۸: حاشيہ عثمانيه	علامه شبير احمد عثماني	مملكة عربيہ سعودية
۱۹: حقاني	علامه عبدالحق	شيخ غلام علي اينڊ سنز كشمير بازار لاهور
۲۰: ترجمہ امروٽي	سيد تاج محمود امروٽي	تاج كمپني كراچي

٢١: ترجمہ فارسي	شـــــاهـ ولـي الله دهـلـوي عليه الرحمة	السعودية العربية
٢٢: زاد المسير	علامه عبدالرحمـٰـن ابن الجوزي	المكتبة الاسلامية بيروت
٢٣: موضح القرآن	شاهـ عبدالقادر محدث دهلوي	مطبع كراچي، لاهور
٢٤: تنويرالاذهان	محمد علي صابوني	دارالقلم - دمشق سوريا
٢٥: الكشاف	محمود بن عمر زمخشري	دارالباز عباس احمد الباز بمكة المكرمة
٢٦: تفسير ابي السعود	محمد بن محمد عمادي	دار احياء التراث العربي، بيروت
٢٧: البحر المحيط	ابوحيان اندلسي	دار الفكر بيروت
٢٨: بحر العلوم	فقيه ابوالليث سمرقندي عليه الرحمة	دار الكتب العلمية بيروت
٢٩: الوجيز	علي بن احمد - الواحدي	دارالقلم دمشق
٣٠: القاسمي	جمال الدين القاسمي	دارالفكربيروت
٣١: فتح القدير	محسن بن علي شوكاني	احياء التراث العربي - بيروت
٣٢: كمالين شرح اردو جلالين	محمد نعيم ديوبندي	الشركة العلمية بيرون بوهڑگيت ملتان
٣٣: تفسير وبيان كلمات القرآن الكريم	الشيخ حسنين محمد محلوف	دارالمنار الاسلامي بيروت
٣٤: محاسن التاويل	جمال الدين قاسمي	دارالفكر بيروت
٣٥: حاشيہ محمد جونا ﮔڑهي	محمد جوناﮔڑهي	مطبع المملكة العربية السعودية
٣٦: الفتوحات الالـٰهية	سليمان بن عمر الشهير بالجمل	مكتبة تجاريہ مصر
٣٧: البيضاوي كامل	عبدالله بن عمر شيرازي عليه الرحمة	دارالفكر بيروت
٣٨: مدارك التنزيل بهامش الخازن	عبدالله بن احمد نسفي	دارالمعرفة بيروت
٣٩: كتاب الروح	ابن القيم الجوزي	دارالكتب العربي بيروت
٤٠: بشريٰ الكئيب مع شرح الصدور	علامه جلال الدين سيوطي	دارالكتب العلمية بيروت
٤١: فتح الملهم شرح صحيح المسلم	شبير احمد عثماني	مطبع مكتب الحجازشمالي ناظم آباد كراچي
٤٢: فيض الباري شرح صحيح البخاري	شاهـ محمد انور شاهـ كشميري	مكتبة محمد يعقوب الفراهي

۴۳: مدارج النبوة	شیخ عبدالحق محدث دهلوي	مدینه پبلشنگ کمپني کراچي
۴۴: مشکواة المصابیح	ولي الدین الخطیب	ادب منزل پاکستان چوک کراچي
۴۵: مرقاة شرح مشکواة	علامه علي قاري	دار احیاء التراث - بیروت
۴۷: اسباب النزول للواحدي	علي بن احمد واحدي نیشاپوري	مکتبہ تجاریہ مصر
۴۷: تفسیر الحسن البصري	ڈاکٹر محمد عبدالرحیم	دارالمعرفة بیروت
۴۸: تنویر الایمان	محمد عثمان نورنگ زاده	مولوي محمد عظیم شکارپور
۴۹: تیسیر الکریم الرحمان	عبدالرحمٰن سعدي	
۵۰: سیرت ابن هشام	محمد عبدالملك بن هشام	عالم المکتب بیروت
۵۱: اسد الغابة	علي بن محمد المعروف ابن الاثیر	دارالباز مکہ مکرمہ
۵۲: الروض الانف	عبدالرحمٰن بن عبدالله السهیلي	دارالباز مکہ مکرمہ
۵۳: مروج الذهب	علي بن حسین مسعودي	دارالباز مکہ مکرمہ
۵۴: تاج التفاسیر	السید عثمان بن ابوبکر امي غني	مطبع دار الباز مکہ مکرمہ
۵۵: تنویر المقیاس	سیدنا ابن عباس رضي الله تعالیٰ عنهما	دارالمعرفة - بیروت
۵۶: المفردات	امام راغب اصفهاني	اصح المطابع کراچي
۵۷: جامع البیان	ابوجعفر محمد بن جریر طبري	دارالمعرفة بیروت - لبنان
۵۸: التفسیرات الاحمدیة	علامه ملا احمد جیون دهلوي	مکتبہ حقانیه محلہ جنگي - پشاور
۵۹: خزائن العرفان (مترجم سنڌي)	سنڌیکار مفتي محمد رحیم سکندري	ضیاءُ القرآن پبلیکیشنز لاهور
۶۰: لباب النقول	جلال الدین سیوطي	
۶۱: ترجمان السنة	محمد بدرعالم	سعید ایچ ایم کمپني کراچي
۶۲: تحذیر الناس	مولوي محمد قاسم نانوتوي	
۶۳: تفسیر ابو السعود	محمد بن محمد عمادي	دار احیاء التراث العربي - بیروت
۶۴: البحر الرائق	زین الدین ابن نجیم	المطبعة العلمیة بیروت
۶۵: النهایة	المبارک بن محمد الجزري ابن الاثیر	دارالفکر بیروت
۶۶: تفسیر حسیني فارسي	کمال الدین حسین الواعظ	مطبوعہ هندستان
۶۷: التفسیر الواضح المیسر	محمد علي صابوني	مطبع المکتبة العصریة بیروت
۶۸: کشف المحجوبین حاشیة الجلالین	محمد سعد الله قندهاري	کتب خانہ مجیدیه ملتان

الجلالين		
٦٩: احكام القرآن لابن عربي	محمد بن عبدالله	دارالمعرفة بيروت
٧٠: البداية والنهاية	حافظ ابن كثير	مكتبه المعارف بيروت
٧١: الجواهر في تفسير القرآن	الشيخ طنطاوي جوهري	دارالفكر بيروت
٧٢: جلالين مع الصاوي	جلال الدين محلي جلال الدين سيوطي	مطبع مصر
٧٣: فتوحات مكية		
٧٤: ترجمہ و حاشیہ شاہ عبدالقادر	شاہ عبدالقادر محدث دہلوي	مطبع كراچي، لاهور
٧٥: مختصر تفسير ابن كثير	محمد علي صابوني	مطبوعہ سعوديہ عربيہ
٧٦: كليات امدادية	شيخ العرب حاجي امدادالله صاحب	مكتبہ ثانوي دفتر رسالہ الابقاء بندر روڈ كراچي









